# يسعياه

## يسعياه نبيءَ جو ڪتاب

### تعارف

”يسعياه“ نالي هي مقدس ڪتاب هڪ عظيم نبي حضرت يسعياه جي نالي سان منسوب ٿيل آهي، جيڪو اٺين صدي قبل مسيح جي پوئين اڌ ۾ يروشلم ۾ رهندو هو. هن ڪتاب کي ٽن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو.

1. باب 1 کان 39 تائين انهيءَ وقت جو ذڪر ٿيل آهي، جڏهن ڏاکڻي بادشاهت يهوداہ کي طاقتور پاڙيسري اشورين کان حملي جو خطرو محسوس ٿيو. يسعياه نبيءَ ڏٺو تہ يهوداہ ملڪ کي اصل ۾ خطرو اشورين جي طاقت کان نہ هو، بلڪ اهو خطرو قوم جي گناهن، سندن خدا جي نافرمانيءَ ۽ خدا ۾ ڀروسو نہ هجڻ ڪري هو. حضرت يسعياه واضح لفظن ۾ عملن سان ماڻهن ۽ سندن اڳواڻن کي خبردار ڪيو تہ هو سچائيءَ ۽ انصاف تي قائم رهن ۽ جيڪڏهن هو ائين نہ ڪندا تہ مٿن تباهي ۽ بربادي نازل ٿيندي. حضرت يسعياه اها اڳڪٿي پڻ ڪئي تہ سڄي جهان ۾ امن ٿيندو ۽ حضرت دائود جو اهڙو جاءِنشين ايندو، جيڪو هڪ بهترين بادشاهہ هوندو.

2. باب 40 کان 55 تائين انهيءَ وقت جو ذڪر ٿيل آهي، جڏهن يهوداہ ملڪ جا ڪيترائي ماڻهو بابل ۾ جلاوطن هئا، جتي هنن کي پريشانيون ۽ تڪليفون سهڻيون پيون ٿي. يسعياه نبيءَ اها بہ اڳڪٿي ڪئي تہ جلد ئي خدا پنهنجي قوم کي آزادي ڏياريندو ۽ کين موٽائي يروشلم ۾ آڻيندو، تہ جيئن اهي نئين زندگيءَ جي شروعات ڪن. هنن بابن جو هڪ اهم مٿن اهو آهي تہ خدا تواريخ جو مالڪ آهي ۽ هن جي پنهنجي قوم لاءِ جوڙيل منصوبي ۾ ٻين قومن جي بہ ڀلائي آهي، جن تي بني اسرائيل جي وسيلي برڪتون نازل ڪيون وينديون. هن حصي جا باب جن جو مضمون ”خداوند جو ٻانهو“ آهي، سي پراڻي عهدنامي جي مشهور بابن مان آهن.

3. باب 56 کان 66 تائين وارو حصو گهڻو ڪري انهن ماڻهن لاءِ خطاب آهي، جيڪي يروشلم ۾ جلاوطنيءَ کان بچي ويا هئا ۽ جن کي خدا جي انهيءَ يقين‌دهانيءَ جي ضرورت هئي تہ خدا پنهنجي قوم سان ڪيل واعدي کي ضرور پاڙيندو. ڪتاب جو گهڻو زور سچائيءَ ۽ انصاف تي آهي، ان کان علاوه سبت ملهائڻ، قرباني ڪرڻ ۽ دعا تي پڻ آهي. باب 61 جي 1 ۽ 2 آيتن جا لفظ خاص آهن ۽ اهي عيسيٰ مسيح پنهنجي شروعاتي تبليغ ۾ چيا آهن (ڏسو لوقا 4:18–19).

### سِٽاءُ


تنبيهون ۽ واعدا 1:1–6:12

قوم جي سزا 1:13–18:23

خدا جو دنيا سان عدل 1:24–13:27

وڌيڪ تنبيهون ۽ واعدا 1:28–10:35

يهوداہ جي بادشاهہ حزقياه جو اشورين سان مقابلو 1:36–8:39

واعدي ۽ اميد جا پيغام 1:40–13:55

تنبيهون ۽ واعدا 1:56–24:66

# 1

1 هن ڪتاب ۾ يسعياه ولد آموص جي رويا بيان ڪيل آهي،
جيڪا هن يهوداه جي بادشاهن عُزياه، يوتام، آخز ۽ حزقياه جي
ڏينهن ۾ يروشلم، بلڪ سڄي يهوداه بابت ڏٺي.

## خدا جو پنهنجي قوم کي ڇينڀ

2 خداوند فرمايو تہ
”اي زمين ۽َ آسمان! اوهين ڪن ڏيئي ٻڌو.
جنهن قوم کي مون خداوند پنهنجي ٻارن وانگر پالي وڏو ڪيو،
سا مون کان باغي ٿي ويئي آهي.
3 جڏهن تہ ڍڳو بہ پنهنجي مالڪ کي سڃاڻي ٿو،
۽ گڏهہ بہ پنهنجي آهر کي ڄاڻي ٿو،
پر بني اسرائيل کي تہ اها بہ خبر ڪانهي،
هائو، منهنجي قوم اهو سمجهي ئي نہ ٿي.“

4 اي گنهگار ۽ خطائن سان پريل قوم!
اي بدڪار ۽ خراب ڪم ڪندڙ نسل!
ويل آهي اوهان جي لاءِ!
جو اوهان خداوند کي ڇڏي ڏنو آهي.
اوهان بني اسرائيل جي پاڪ معبود کي حقير ڄاتو آهي،
۽ ڪانئس پٺيرا ٿي ويا آهيو.
5 ڇو اوهين اجا بہ بغاوت ڪندا ٿا اچو؟
ڇا اوهين اجا وڌيڪ سزا چاهيو ٿا؟
اي بني اسرائيل!
اوهان جو مٿو اڳي ئي زخمن کان چُور آهي،
۽ اوهان جي دل ۽َ دماغ بيماريءَ ۾ ورتل آهن.
6 پيرن جي ترِيءَ کان وٺي مٿي جي چوٽيءَ تائين
اوهان جي بدن ۾ ڪا تندرستي ڪانهي،
بلڪ رڳو زخم، گهاءَ ۽ رت ڳاڙيندڙ ڦٽ آهن،
جن کي نہ زور ڏيئي صاف ڪيو ويو آهي،
نہ پٽي ٻڌي ويئي اٿن،
۽ نہ وري مٿن ڪا ملم ئي لڳائي ويئي آهي.

7 اوهان جا شهر ساڙيا ويا آهن،
بلڪ اوهان جي ملڪ کي ويران ڪيو ويو آهي.
اوهان جي هوندي ڌارين ماڻهن
اوهان جي ملڪ کي قبضي هيٺ آڻي ڇڏيو آهي.
بلڪ اوهان جي ملڪ کي انهن اجاڙي ويران ڪري ڇڏيو آهي.
8 رڳو يروشلم شهر ئي باقي وڃي بچيو آهي،
جيڪو دشمنن جي گهيري هيٺ آيل لاچار شهر جيان آهي،
جيئن انگورن جي باغ ۾ ڪا جهوپڙي،
يا جيئن ونگن جي واڙيءَ ۾ ڪا جهُڳي هجي.
9 جيڪڏهن قادرِمطلق خداوند
هنن ٿورن ماڻهن کي باقي نہ بچائي ها،
تہ جيڪر يروشلم بہ سدوم ۽ عموراه شهرن جيان
برباد ٿي وڃي ها.

10 اي يروشلم جا حڪمرانئو ۽ رهاڪئو!
اوهين بہ سدوم جي حڪمرانن،
۽ عموراه جي رهاڪن جهڙا گنهگار آهيو،
هاڻي اوهين خداوند جو ڪلام ٻڌو،
هائو، اوهين خدا جي فرمانن تي ڌيان ڏيو.
11 خداوند فرمائي ٿو تہ
”اوهان جون هيتريون ساريون قربانيون
منهنجي ڪنهن ڪم جون نہ آهن.
هائو، آءٌ گهٽن جي ساڙڻ وارين قربانين کان،
توڙي پليل ڍورن ڍڳن جي سٿڀي مال کان بيزار آهيان.
مون کي ڍورن ڍڳن ۽ رڍن ٻڪرين جي رت مان
ڪا خوشي حاصل نہ ٿي ٿئي.
12 اوهان کي ڪير ٿو چوي تہ
اوهين منهنجي عبادت ڪرڻ لاءِ
هيڪل ۾ اچي اهڙي قسم جا ڪم ڪريو؟
ائين ڪري منهنجي مقدس هيڪل جي بيحرمتي نہ ڪريو.
13 اڳتي اوهين اجايا نذرانا مون وٽ نہ آڻيو.
اوهان جي لوبان ساڙڻ توڙي نئين چنڊ، سبت،
۽ عيد جي گڏجاڻين کان بہ مون کي نفرت آهي،
ڇالاءِجو مذهبي گڏجاڻين سان گڏ بدڪاريءَ کي
آءٌ ڪڏهن بہ برداشت نہ ٿو ڪري سگهان.
14 اوهان جي نئين چنڊ وارين گڏجاڻين،
توڙي مقرر ڪيل عيدن کان منهنجي دل کي ڪراهت ٿي اچي.
اهي مون لاءِ ايڏو تہ بار آهن جو
آءٌ انهن کان بيزار ٿي پيو آهيان.
هاڻي آءٌ اهو برداشت ڪري نہ ٿو سگهان.
15 سو اڳتي جڏهن اوهين دعا لاءِ پنهنجا هٿ ڊگهيريندا،
تڏهن آءٌ اوهان کان پنهنجو منهن ڦيري ڇڏيندس.
هائو، اوهين جيتريون بہ گهڻيون دعائون گهرندا،
آءٌ اهي بلڪل نہ ٻڌندس،
ڇالاءِجو اوهان جا هٿ رت سان پريل آهن.

---

1:1 2.با 15:1–7، 15:32–16:20، 18:1–20:21، 2.توا 26:1–32:33   9:1 پيد 19:24، رو 9:29   1:11–14 عا 5:21–22

16 سو اوهين وهنجو ۽ پاڻ کي پاڪ صاف ڪريو.
اوهين بڇڙا ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏيو،
جيڪي آءٌ اوهان ۾ ڏسان ٿو.
هائو، بڇڙائيءَ کان توبهہ‌تائب ٿيو.
17 اوهين چڱا ڪم ڪرڻ سکو،
انصاف جا طلبگار ٿيو،
مظلومن جي مدد ڪريو،
يتيمن کي سندن حق ڏياريو،
۽ رنن‌زالن سان انصاف ڪريو.“

18 خداوند فرمائي ٿو تہ
”هاڻي اچو تہ انهيءَ معاملي کي نبيريون،
پوءِ جيتوڻيڪ اوهين گناهن جي ڪري
رت جي ڳاڙهاڻ سان پريل هوندا،
تڏهن بہ آءٌ اوهان کي برف جهڙو شفاف ڪري ڇڏيندس.
هائو، توڙي جو اوهين گناهن سبب
رت جهڙا لال ڳاڙها هوندا،
تہ بہ آءٌ اوهان کي کير جهڙو اڇو ڪري ڇڏيندس.
19 جيڪڏهن اوهين دل وَ جان سان منهنجي فرمانبرداري ڪندا،
تہ پوءِ اوهين پنهنجي زمين جي چڱي اپت کائيندا.
20 پر جيڪڏهن اوهين نافرمان ۽ باغي ٿيندا،
تہ پوءِ اوهان جي دشمنن جي تلوار اوهان کي ڳڙڪائي ويندي.“
اهو مون خداوند جو فرمان آهي.

## گنهگار شهر يروشلم

21 آه! جيڪو شهر ڪڏهن باوفا هو،
سو هاڻي ڪيئن نہ هڪ زناڪار عورت جهڙو ٿي پيو آهي!
اڳ اهو انصاف سان پريل هو،
۽ منجهس سچائي رهندي هئي،
پر هاڻي انهيءَ ۾ رڳو قاتل ۽ خوني ٿا رهن.
22 افسوس! اي يروشلم!
ڪڏهن تہ تنهنجا رهاڪو چانديءَ جهڙا هئا،
پر هاڻي اهي ڪين جهڙا ٿي پيا آهن.
افسوس! ڪڏهن تہ اهي سني مئي جهڙا هئا،
پر هاڻي اهي لذت وڃائي رڳو پاڻيءَ جهڙا ٿي پيا آهن.
23 تنهنجا سردار فسادي ۽ چورن جا سنگتي ٿي پيا آهن.
انهن مان هر ڪو رشوت جو طالبو آهي،
۽ پيسي جي پٺيان پيو ڊوڙي.
اهي يتيمن جو انصاف نہ ٿا ڪن،
نڪي رنن‌زالن جو فرياد ئي سندن ڪنن تائين ٿو پهچي.
24 تنهنڪري اسان جو رب، قادرِمطلق خداوند،
بني اسرائيل جو قادر خدا يروشلم جي رهاڪن کي فرمائي ٿو تہ
”ويل آهي اوهان لاءِ، اي منهنجا مخالفؤ!
آءٌ ضرور اوهان کان بدلو وٺندس.
اوهين منهنجا دشمن آهيو،
هاڻي اوهين مون کي وڌيڪ تڪليف ڏيئي نہ سگهندا.
25 آءٌ اوهان جي خلاف پنهنجو هٿ کڻندس،
۽ اوهان کي ائين صاف ڪندس،
جيئن چانديءَ تان ڪَسُ صاف ڪبي آهي.
هائو، آءٌ اوهان کي سزا ڏيئي
اوهان جي ناپاڪي دور ڪري ڇڏيندس.
26 آءٌ اوهان جي مٿان اهڙا ئي حاڪم توڙي مشير مقرر ڪندس،
جهڙا مون شروع ۾ مقرر ڪيا هئا.
تڏهن يروشلم کي سچار ۽ وفادار شهر ڪري سڏيو ويندو.“

27 اي يروشلم شهر! تون تڏهن بچي وينديئن،
جڏهن تو ۾ انصاف پيدا ٿيندو.
هائو، جڏهن تو ۾ رهندڙ ماڻهو گناهن کان باز ايندا،
تڏهن اهي پنهنجي سچائيءَ جي ڪري بچي ويندا.
28 پر سيني بدڪارن ۽ گنهگارن کي ناس ڪيو ويندو،
۽ جن خداوند کي ڇڏي ڏنو سي نيست وَ نابود ڪيا ويندا.

29 اي يروشلم وارؤ! اوهين نهايت خوار خراب ٿيندا،
ڇالاءِجو اوهان شاهه‌بلوط وڻن کي
خوشيءَ سان پئي پوڄيو آهي،
۽ ديوتائن جي پوڄا لاءِ اوهان باغ پئي لڳايا آهن.
30 بيشڪ اوهين انهيءَ شاهه‌بلوط وانگر ٿيندا،
جنهن جا پن ڇڻي ويا هجن،
اوهين انهيءَ باغ جيان ٿيندا،
جيڪو پاڻي نہ ملڻ ڪري ويران ٿي ويو هجي.
31 اوهان جا زورآور بہ ڪکن کانن جهڙا ڪمزور ٿي ويندا،
۽ انهن جا ڪم چڻنگ مثل ٿيندا.
اهي پنهنجن ڪمن سان گڏ باهہ ۾ پيا سڙندا،
۽ ڪوبہ انهيءَ کي اجهائڻ وارو ڪونہ هوندو.

## دائمي امن وَ سلامتي

(ميڪاه 4:1–3)

2 1 هي انهيءَ رويا جو بيان آهي، جيڪا يسعياه ولد آموص
يروشلم شهر بلڪ سڄي يهوداه ملڪ بابت ڏٺي هئي.

2 ايندڙ ڏينهن ۾ هيئن ٿيندو جو

خداوند جي هيڪل وارو جبل صيئون،
سڀني جبلن کان مٿاهون ڪيو ويندو.
هائو، اهو سڀني جبلن کان بلند ڪيو ويندو،
۽ سڀني قومن جو وهڪرو انهيءَ ڏانهن هوندو.
3 اهي قومون ائين چونديون اينديون تہ
”هلو تہ خداوند جي جبل ڏانهن هلون،
يعني بني يعقوب جي خدا جي گھر ڏانهن.
هو اسان کي پنهنجي واٽ تي هلڻ سيکاريندو،
تان‌تہ اسين سندس انهيءَ ٻڌايل واٽ تي هلون،
ڇالاءِجو صيئون تان ئي خداوند جو فرمان جاري ڪيو ويندو.
هائو، انهيءَ تي اڏيل شهر يروشلم مان
سندس ڪلام ظاهر ٿيندو.“
4 خداوند قومن جي وچ ۾ عدالت ڪندو،
هائو، هو قومن جا جهڳڙا نبيري ڇڏيندو.
تڏهن اهي پنهنجون تلوارون ٽپي انهن مان هر ڦار،
۽ پنهنجن نيزن مان ڏاٽا ناهيندا.
پوءِ ڪا بہ قوم ٻيءَ قوم تي تلوار نہ کڻندي،
۽ نہ وري اڳتي اهي ڪڏهن جنگ جي تربيت وٺندا.

5 اي يعقوب جو اولاد! اچو تہ
اسين خداوند جي ڏنل روشن تعليم مطابق زندگي گذاريون.

## غرور کي ناس ڪيو ويندو

6 اي خدا! تو پنهنجي قوم،
يعني يعقوب جي اولاد کي ڇڏي ڏنو آهي،
ڇالاءِجو منجهن اڀرندي وارين قومن،
۽ فلستين وانگر جادوگر ۽ نجومي پيدا ٿي ويا آهن،
۽ هنن ڌارين سان ويجها لاڳاپا قائم ڪيا آهن.
7 سندن ملڪ چانديءَ ۽ سون سان مالامال آهي،
۽ خزانن ۾ ڪا کوٽي ڪين اٿن.
سندن ملڪ گهوڙن سان ڀريل آهي،
۽ سندن جنگي گهوڙي گاڏين جو ڪو شمار ئي ڪونهي.
8 ان جي باوجود هنن جو ملڪ بتن سان ڀريل آهي،
اهي پنهنجن هٿن سان ناهيل انهن شين جي پوڄا ٿا ڪن.
9 هائو، پنهنجن ئي هٿن جي ڪاريگريءَ آڏو
اهي ڪنڌ جهڪائين ٿا.
ائين ڪرڻ سان انسان پنهنجو پاڻ کي ذليل وَ خوار ٿا ڪن.
سو اي خداوند! تون کين هرگز معاف نہ ڪج.

10–11 اهو ڏينهن اچڻ وارو آهي،
جڏهن اهي خداوند جي غضب،
۽ سندس جلال جي تجليءَ کان ڊڄي،
ٻهاڙن جي غارن ۽ کڏن کوہن ۾ وڃي لڪندا.
ان وقت انساني غرور کي ٽوڙيو ويندو،
۽ بني آدم جي وڏائيءَ کي برباد ڪيو ويندو.
انهيءَ ڏينهن رڳو خداوند ئي سربلند هوندو.
12 بيشڪ قادرِمطلق پنهنجي مقرر ڪيل ڏينهن تي،
سڀني مغرورن، اوچي ڳاٽ وارن ۽ وڏائي خورن تي
اچي ڪڙڪندو ۽ کين هيٺ ڪيرائي وجهندو.
13 هو لبنان جي سڀني اوچن ديال جي وڻن،
۽ بسن جي سڀني بلند شاهہ‌بلوط وڻن کي برباد ڪري ڇڏيندو.
14 هو سڀني اوچن جبلن،
۽ اوچين ٽڪرين کي ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيندو.
15 هو هر اوچي مناري ٽوڙي هر ڪوٽ کي ڪيرائي وجهندو.
16 هو ترسيس جي سڀني ساموندي جهازن،
ٽوڙي سڀني سهڻين ٻيڙين کي ٻوڙي ڇڏيندو.
17–18 ماڻهن جو هٺ ڀڳو ويندو.
هائو، انسان جي غرور کي ناس ڪيو ويندو،
۽ سڀ جو سڀ بت بلڪل فنا ڪيا ويندا.
انهيءَ ڏينهن رڳو خداوند ئي سربلند هوندو.

19 جڏهن خداوند ڌرتيءَ وارن کي سزا ڏيڻ لاءِ اٿي کڙو ٿيندو،
تڏهن ماڻهو سندس جلال جي تجليءَ ۽ غضب کان ڊڄي
ٻهاڙن جي غارن ۽ کڏن کوہن ۾ وڃي لڪندا.
20 انهيءَ ڏينهن ماڻهو
پنهنجون سون ۽ چانديءَ جون ٺهيل مورتيون،
جيڪي هنن پنهنجي پوڄڻ لاءِ ٺاهيون هيون،
سي ويرانن ۾ اڇلائي ڇڏيندا،
جن ۾ ڪوئا ۽ چمڙا پنهنجا گهر ڪري ويهندا.
21 جڏهن خداوند ڌرتيءَ وارن کي سزا ڏيڻ لاءِ اٿي کڙو ٿيندو،
تڏهن اهي سندس غضب ۽ سندس جلال جي تجليءَ کان ڊڄي،
ٽڪرن جي غارن ۽ ٻهاڙن جي وٿين ۾ وڃي لڪندا.

22 سو فاني انسان تي ڀروسو ڪرڻ ڇڏي ڏيو،
ڇالاءِجو جنهن انسان جو ساهہ
ڪنهن بہ وقت نڪري سگهي ٿو،
تنهن مان مدد جي ڪهڙي اميد رکي ٿي سگهجي؟

4:2 يوا 10:3، ميڪ 3:4    11–10:2 مڪا 15:6، 2.ٿس 9:1

## يهوداه ۾ وڳوڙ

3 ①ڏسو، اسان جو رب، قادرِمطلق خداوند،
يروشلم بلڪ سڄي يهوداه مان
هر اها شيءِ يا هستي هٽائي ڇڏيندو،
جنهن تي ماڻهو دارومدار رکن ٿا.
هو هنن جي کاڌي ۽ پاڻيءَ سان گڏوگڏ
②سندن بهادر، جنگي جوان، جج، نبي، فال وجهڻ وارا، اڳواڻ،
③لشڪرن جا سالار، معزز، مشير، ماهر جادوگر،
۽ هوشيار ساحر ڪانئن دور ڪري ڇڏيندو.
④اٿلندو خداوند انهن جي مٿان ٻارن کي اڳواڻ مقرر ڪندو،
هائو، انهن تي ننڍڙا ٻار حڪومت ڪندا.
⑤هر ڪو هڪ ٻئي تي ظلم ڪندو.
ٻار وڏي عمر وارن جي عزت نه ڪندا،
۽ ڪميڻا ماڻهو شريفن سان گستاخي ڪندا.

⑥حالات اهڙا ته خراب هوندا جو ماڻهو
پنهنجي ڪنهن مائٽ کي چونڊي ڪيس چوندا ته
”تو کي گهٽ ۾ گهٽ پائڻ لاءِ ته ڪجهه هوندو،
سو اچ ۽ اسان جو حاڪم ٿيءُ،
۽ هن اجڙيل ملڪ تي حڪمراني ڪر.“
⑦پر اهو ماڻهو ڪين وراڻيندو ته
”نه، آءٌ اوهان جي ڪا مدد ڪري نه ٿو سگهان.
اوهين مون کي قوم جو حاڪم نه بڻايو،
ڇالاءِجو منهنجي گهر ۾ به نه کاڌو آهي ۽ نه ڪپڙو.“

⑧بيشڪ يروشلم جا حالات خراب ٿي ويا آهن،
بلڪ سڄو يهوداه سخت بدحاليءَ جي ڪڌ ۾ وڃي ڪريو آهي.
اهو سڀ انهيءَ ڪري ٿيو آهي جو اتي جي رهاڪن جو ڳالهائڻ،
۽ سندن چال چلت خداوند جي خلاف آهي.
هائو، هنن عظمت واري خداوند کان بغاوت ڪئي آهي.
⑨هنن جي بي‌انصافي سندن ئي خلاف شاهدي ٿي ڏئي،
اهي ماڻهو سدوم ۽ عموراه جي رهاڪن وانگر
ظاهر ظهور گناهه ڪن ٿا،
۽ لڪائين نه ٿا.
سو ويل آهي انهن لاءِ!
ڇالاءِجو هنن پاڻ پنهنجي سر تي بڇڙائي آندي آهي.
⑩جڏهن ته سچار ماڻهو ڇاٽي ڇڏين ته ساڻن ڀلائي ٿيندي،
بيشڪ سندن چڱن ڪمن جو کين اجر ملندو.
⑪پر ويل آهي بدڪارن لاءِ!
ڇالاءِجو هنن جي بڇڙائي سندن آڏو ايندي.
هائو، هنن جيڪي ٻين سان ڪيو آهي سو ئي ساڻن ڪيو ويندو.

⑫خداوند فرمائي ٿو ته
”اي منهنجي قوم! تنهنجا رهبر ئي تو کي گمراهه ٿا ڪن،
۽ تنهنجون راهون بگاڙيو ٿا ڇڏين.
اهي بي‌سمجهه ٻارن جيان تو تي ظلم ڪن ٿا،
۽ نادان عورتن جيان تو تي حڪمراني ٿا ڪن.“

## خداوند جو پنهنجي قوم سان انصاف

⑬خداوند مقدمو هلائڻ لاءِ اٿي کڙو ٿيو آهي.
هائو، هو قومن جي عدالت ڪرڻ لاءِ اٿي کڙو ٿيو آهي.
⑭خداوند پنهنجي قوم جي اڳواڻن،
۽ سردارن کان عدالت شروع ٿو ڪري.
خداوند قادرِمطلق مٿن الزام ٿو هڻي ته
”اوهين اهي آهيو جن منهنجي قوم کي
انگورن جي باغ جيان کائي چٽ ڪري ڇڏيو آهي.
اوهان غريبن کي لٽي ڦري پنهنجا گهر ڀريا آهن.
⑮آءٌ خداوند قادرِمطلق اوهان کي چوان ٿو ته
ڇو اوهين منهنجي قوم کي پيڙيو ٿا،
۽ غريبن کي ستايو ٿا؟“

## يروشلم جي عورتن کي تاڪيد

⑯خداوند فرمائي ٿو ته
”ڏسو، يروشلم جون عورتون ڪيڏيون نه مغرور آهن!
اهي ڪنڌ اَڪڙائي شوخ نظرن سان اشارا ڪنديون ٿيون وتن.
اهي ناز نخرا ڪندي،
۽ پيرن ۾ پازيب جي جهنڪار ڪندي ٿيون هلن.
⑰تنهنڪري آءٌ پروردگار
يروشلم جي عورتن جا مٿا گنجا ڪري ڇڏيندس،
هائو آءٌ سندن وار ڪوڙي ڇڏيندس.“

⑱بيشڪ اهو ڏينهن اچڻ وارو آهي، جڏهن پروردگار يروشلم جي
عورتن کان سينگار جي هر شيءِ کسي وٺندو، جنهن تي هو فخر
ٿيون ڪن، يعني پازيبون، ٽِڪا ۽ هار، ⑲پنڙا، ڪنگڻ ۽ روءِبند،
⑳تاج، ٻانهن جا زيور، ڪمربند، عطردانيون ۽ تعويذ، ㉑منڊيون ۽
نٿون، ㉒عمديون پوشاڪون، پهراڻ، روا ۽ ٻٽون، ㉓جاريءَ واريون
قميصون، سنهي وٽيل سٽيءَ جو عمدو ڪپڙو، سربند ۽ سنها نقاب.

3:9 پيد 13:12–13

24 انهن عورتن لاءِ خوشبوءِ جي بدران بدبوءِ هوندي،
ڪمربند جي بجاءِ رسو هوندن،
سينگاريل وارن جي بدران گنجو مٿو هوندن،
عمدين پوشاڪن جي بجاءِ ڪٿو هوندن،
۽ سونهن جي بجاءِ منهن تي داغ هوندن.

25 يروشلم جا ماڻهو تلوار سان ماريا ويندا،
بيشڪ انهيءَ جا بهادر مرد به جنگ ۾ قتل ڪيا ويندا.
26 شهر جا دروازا پنهنجي ويرانيءَ تي جڻ ته روئندا رڙندا.
هائو، يروشلم اهڙيءَ عورت وانگر ٿيندو،
جيڪا اجڙي وڃي خاڪ ۾ ويٺي هجي.

4 1 جڏهن اهو وقت ايندو،
تڏهن هڪڙي مرد کي ست ست عورتون پڪڙي چونديون ته
”اسين پنهنجي هڙان کائينديون سين ۽ پهرينديون سين،
تون رڳو ايترو ڪر جو اسان کي پنهنجون زالون سڏجڻ ڏي،
ائين اسان تان مڙس واريون نه هجڻ جي خواري لاهه.“

## يروشلم وري بحال ٿيندو

2 اهو وقت اچڻ وارو آهي جڏهن خداوند جي چونڊيل زمين
خوبصورت ۽ شاندار ٿي پوندي ۽ بني اسرائيل مان جيڪي بچي ويل
هوندا تن لاءِ انهيءَ جو ڦل لذيذ ۽ وڻندڙ ٿي پوندو. 3 صيئون جبل
جي شهر يروشلم ۾ خداوند جن ماڻهن کي مرڻ کان بچايو هوندو تن
سيني کي پاڪ سڏيو ويندو. 4 چالاءِجو ان وقت پروردگار يروشلم
جي سيني رهاڪن جا گناهه ڌوئي ڇڏيندو. بيشڪ هو پنهنجي جلال
واري باهه ۾ تپائي يروشلم کي هر ڪنهن خون ۽ بڇڙائيءَ کان پاڪ
صاف ڪندو. 5 تڏهن خداوند صيئون جبل جي هر جاءِ کي ۽ ان
تي رهندڙ سندس قوم کي ڏينهن جي وقت ڪڪر ۽ رات جي وقت
دونهين ۽ شعلي واري باهه سان ڍڪيل رکندو. خدا جو جلوو پوري
شهر تي ڇانيل رهندو ۽ انهيءَ جي حفاظت ڪندو. 6 سندس جلوو
ڏينهن جي وقت گرميءَ کان ڇانوَ ڪندو ۽ آنڌيءَ ۽ برسات ۾ ڍڪ ۽
پناهه ثابت ٿيندو.

## يهوداه وارا انگورن جي هڪ باغ مثل

5 1 ٻڌو، هاڻي آءٌ پنهنجي محبوب جو گيت ڳائيندس.
هائو، آءٌ سندس انهيءَ محبت جو گيت ڳائيندس،
جيڪا هن کي پنهنجي انگورن جي باغ سان آهي.
هڪڙي زرخيز ٽڪريءَ تي
منهنجي محبوب جو انگورن جو باغ هو.
2 هن ٽڪريءَ کي کيڙيو،
۽ انهيءَ جا پٿر ڪڍي زمين صاف ڪيائين.
اتي هن انگورن جون عمديون وليون لڳايون،
جنهن جي پهري لاءِ هن هڪ ٻُلهه به نهرايو.
هن اتي رس ڪڍڻ جو هڪڙو چيچڙو به ٺاهيو.
پوءِ هو انتظار ڪرڻ لڳو ته باغ ۾ عمدا انگور ٿين.
پر انهيءَ ۾ رڳو ڪتا انگور پيدا ٿيا.
3 تڏهن منهنجي محبوب چيو ته
”ٻڌو، اي يروشلم بلڪ سڄي يهوداه جا رهاڪئو!
آءٌ اوهان کي عرض ٿو ڪريان ته
منهنجي ۽ انگورن جي باغ جي وچ ۾ اوهين ئي فيصلو ڪريو.
4 آءٌ پنهنجي انگورن جي باغ لاءِ
وڌيڪ ڇا ٿي ڪري سگهيس جيڪو مون نه ڪيو؟
هاڻي جڏهن آءٌ عمدن انگورن جي انتظار ۾ هيس ته
باغ ۾ هي ڪتا انگور چو پيدا ٿيا؟
5 ڏسو، آءٌ اوهان کي ٻڌايان ٿو ته
هاڻي آءٌ انگورن جي باغ سان ڇا ڪندس.
آءٌ انهيءَ جو لوڙهو ڪڍي ڇڏيندس،
۽ اهو چراگاهه بڻجي ويندو.
آءٌ انهيءَ جي پٽ پيچي ڇڏيندس،
۽ اهو لتاڙيو ويندو.
6 آءٌ انهيءَ کي بلڪل ويران ڪري ڇڏيندس،
نه انهيءَ جي ڇانگ ٿيندي ۽ نه گُڏ ڪئي ويندي،
بلڪ انهيءَ ۾ ڪنڊا ۽ ڪانڊيرا پيدا ٿيندا.
آءٌ ڪڪرن کي به حڪم ڏيندس ته مٿس مينهن نه وسائين.“
7 اهو محبوب قادرِمطلق خداوند آهي،
۽ سندس اهو انگورن وارو باغ بني اسرائيل آهي،
جنهن جون وڻندڙ وليون بني يهوداه آهن.
خداوند انصاف جي اميد رکي پر ڇا ڏسي ته
اتي خونريزي ئي خونريزي آهي.
هن حق سچ جي اميد رکي پر ڇا ڏسي ته
اتي مظلومن جي دانهن ۽ ڪوڪ آهي.

## ويل آهي گنهگارن لاءِ!

8 ويل آهي اوهان لاءِ! جيڪي لالچ وچان
گهر سان گهر ۽ ٻنيءَ سان ٻني ملائيندا ٿا وڃو،
ايتري تائين جو ڪابه جاءِ ٻين لاءِ باقي نه بچي،
۽ ٻيا ماڻهو ملڪ ۾ بيگهر ۽ بيدر ٿي رهن.
9 پر قادرِمطلق خدا منهنجي ڪن ۾ قسم کڻي چيو ته

---

5:4 خر21:13، 16:24    5:1–2 مت 33:21، مر 1:12، لو 9:20

"يقيناً گهڻا گهر ويران ٿيندا،
هائو، وڏن ۽ عمدن گهرن ۾ ڪوبه رهڻ وارو نه هوندو.
10 ڏهن ايڪڙن جي انگورن جي باغ مان
ڏهه ليٽر مئي به نه نڪرندي،
هڪ ٻوري اناج جي ٻج مان
هڪڙي تغاري به اناج پيدا نه ٿيندو."

11 ويل آهي اوهان لاءِ!
جيڪي صبح جو سوير اٿي نشيبازيءَ جي پٺيان ٿا لڳو،
۽ رات جو دير تائين ٿا جاڳو،
جيستائين اوهان تي مئي جو نشو نه ٿو چڙهي.
12 اوهين پنهنجي محفلن ۾ خوشيون ملهائيندي
دنبورا، سارنگيون، دف ۽ بانسريون ٿا وڄايو،
۽ مئي جا جام پيئندا ٿا رهو.
پر اوهين انهن ڪمن تي ڪو ڌيان نه ٿا ڏيو،
جيڪي خداوند ڪري ٿو.
13 تنهنڪري اڻڄاڻ هجڻ سبب اوهين جلاوطن ڪيا ويندا.
اوهان جا امير بک ۾ پاهه ٿيندا،
۽ عام ماڻهو اڃ ۾ پيا تڙپندا.
14 سو پاتال پنهنجو حرص وڌائيندو،
۽ پنهنجو وات حد کان وڌيڪ کوليندو،
۽ اوهان شور شرابو ڪندڙ عياشن،
توڙي اوهان جي سردارن کي ڳهي ويندو.

15 گهٽ درجي وارن ماڻهن کي اڃا به گهٽايو ويندو،
جڏهن ته وڏي مرتبي وارن کي بلڪل حقير ڪيو ويندو،
۽ مغرورن کي خوار خراب ڪيو ويندو.
16 بيشڪ قادرِمطلق خداوند عدل ڪرڻ سان
پنهنجي عظمت کي ظاهر ڪري ٿو.
هائو، هن جي انصاف وارن ڪمن مان
سندس پاڪائي پڌري ٿئي ٿي.
17 تڏهن دولتمندن جا گهر بلڪ پورا شهر ويران ٿي ويندا،
جن ۾ رڍون ٻڪريون توڙي ڌارين جا ڌڻ ائين پيا چرندا،
جڻ ته پنهنجي چراگاهن ۾ پيا چرندا هجن.

18 ويل آهي اوهان لاءِ!
جيڪي ڪوڙ ڳالهائي بدڪاري وڌائيندا ٿا وڃو.
هائو، جيئن ڪو ماڻهو پنهنجي قيمتي سامان کي
مضبوط رسن سان ٻڌي هلي ٿو،
تيئن ئي اوهين پنهنجي گناهن کي
پنهنجو پاڻ سان ٻڌي ٿا هلو.

19 اوهين گستاخي ڪندي چئو ٿا ته
"ڀل خداوند جلدي اچي پنهنجو ڪم ڪري ڏيکاري،
ڀل بني اسرائيل جي پاڪ معبود جي عدالت جو ڏينهن
ويجهو ٿئي بلڪ اچي پهچي،
ته پوءِ اسان کي به يقين ايندو."

20 ويل آهي اوهان لاءِ!
جيڪي بڇڙائيءَ کي چڱائي ۽ چڱائيءَ کي بڇڙائي ٿا سڏيو،
جيڪي روشنيءَ جي بدران اونداهي،
۽ اونداهيءَ جي بدران روشني ٿا ڪري ڇڏيو،
جيڪي ڪؤڙي کي مٺو ۽ مٺي کي ڪؤڙو ٿا ڪري ڇڏيو.

21 ويل آهي اوهان لاءِ!
چالاڪِجو ائين ڪرڻ سان اوهين پاڻ کي ڏاهو ٿا سمجهو،
۽ پنهنجي خيال مطابق پاڻ کي عقلمند ٿا ڄاڻو.

22 ويل آهي اوهان لاءِ!
جيڪي مئي پيئڻ جا شير آهيو،
۽ پاڻ کي نشي وارين شين ٺاهڻ جا ماهر ٿا سمجهو.
23 اوهين رشوت وٺي بدڪارن کي سچار ٿا ٺهرايو،
۽ سچارن کي ڏوهي.
24 تنهنڪري جهڙيءَ طرح باهه ٻُهه کي ساڙي ڇڏيندي آهي،
۽ جيئن باهه جو شعلو سڪل گاهه کي رک ڪري ڇڏيندو آهي،
تهڙيءَ طرح اوهين به هڪ اهڙي ٻوٽي جيان
تباهه وَ برباد ٿي ويندا،
جنهن جي پاڙ ڳري سڙي ويئي هجي،
۽ جنهن جو ٻور دز وانگر اڏامي ويو هجي.
جيئن ته اوهان قادرِمطلق جي شريعت کي ڇڏي ڏنو آهي،
۽ بني اسرائيل جي پاڪ معبود جي ڪلام کي ٺڪرايو آهي،
25 تنهنڪري خداوند کي اوهان تي ڏاڍي ڪاوڙ آئي آهي،
سو هن پنهنجو هٿ اوهان تي کنيو آهي.
هو اوهان ۾ ايترو ته ڪوس وجهندو،
جو اوهان جا لاش گهٽين ۾ غلاظتن وانگر پيا هوندا.
اها سزا ايڏي ته سخت هوندي جو جبل به ڏڪي ويندا،
انهيءَ جي باوجود سندس قهر جهڪو نه ٿيندو،
بلڪ سندس هٿ کين سزا ڏيڻ لاءِ اڃا به ڏگهيريل رهندو.

26 ڏسو، خداوند پري واري هڪڙي قوم کي سڏ ڪيو آهي،
هن ڌرتيءَ جي ڇيڙي تائين سيٽي وڄائي کين سڏيو آهي.
سو اهي تمام تيزيءَ سان هلندا ٿا اچن.
27 انهن مان ڪوبه نه ٿڪبو ۽ نه وري ٿاٻڙبو،

نڪي ڪو جهوٽو کائيندو ۽ نہ وري ڪو سمهندو.
نہ انهن جي چيلهہ جا ڪمربند ڪلي پوندا،
نہ وري سندن جتين جا تسما ٽٽندا.
28 انهن جا تير تکا آهن،
۽ سندن تيرڪمانن تي زِهُون چڙهيل آهن.
انهن جي گهوڙن جا سنب لوهہ جهڙا سخت آهن،
۽ سندن گاڏين جا ڦيٿا واچوڙي وانگر تيز آهن.
29 هنن جي گجڪار شينهن جهڙي آهي،
هائو، هو ببر شينهن جيان گجندا ٿا اچن.
اهي شينهن وانگر پنهنجو شڪار ڪري
بنا روڪ ٽوڪ جي کڻي هليا ويندا،
۽ ڪوبہ کانئن ڇڏائڻ وارو ڪونہ هوندو.
30 جڏهن اهو ڏينهن ايندو،
تڏهن اهي بني اسرائيل مٿان
اهڙي گجگوڙ ڪندي اچي ڪڙڪندا،
جيئن سمنڊ جي گجگوڙ هوندي آهي.
ملڪ ۾ هر طرف رڳو اونداهي ۽ مصيبت ڏسڻ ۾ ايندي،
ڇالاءِجو سندن قدمن سان اٿيل مٽيءَ جي ڪڪرن جي ڪري
روشني بہ اونداهيءَ ۾ بدلجي ويندي.

## خداوند جو يسعياه کي ڏيکاري ڏيڻ

6 1 جنهن سال عُزياه بادشاهہ وفات ڪئي تنهن سال مون يسعياه
ڏٺو تہ پروردگار هڪڙي تمام اوچي ۽ مٿاهين تخت تي ويٺو
آهي، مون ڏٺو تہ سندس قبا جو دامن سڄي هيڪل تي پکڙيل هو.
2 هن جي چوڌاري شعلي جيان ڦڙڪندڙ مخلوق بيٺي هئي. انهن مان
هر هڪ کي ڇهہ ڇهہ پر هئا، جن مان ٻن پرن سان هنن منهن لڪايا،
ٻن پرن سان پنهنجا پير ڍڪيائون ۽ ٻہ پر سندن اڏامڻ لاءِ هئا. 3 اهي
هڪ ٻئي کي سڏي چون پيا تہ
"پاڪ، پاڪ، پاڪ،
قادرِمطلق خداوند بلڪل پاڪ آهي،
ساري ڌرتي سندس جلال سان ڀرپور آهي."

4 انهن جي پڪار تي هيڪل جا بنياد لڏي ويا ۽ پورو هيڪل دونهين
سان ڀرجي ويو.
5 تڏهن مون ڪان رڙيون نڪري ويون تہ "آه! مون سان تہ ويل ٿي
ويو، آءٌ تہ ناس ٿي ويس. آه! آءٌ جيڪي بہ ڳالهايان ٿو سو گناهن
سان ڀريل آهي، بلڪ منهنجي پوري قوم جو ڳالهائڻ ٻولهائڻ گناهہ
سان ڀريل آهي. پر تنهن هوندي بہ مون پنهنجي اکين سان ابدي
بادشاهہ، خداوند قادرِمطلق کي ڏٺو آهي." 6 تڏهن انهيءَ شعليدار
مخلوق مان هڪڙو اڏاميو ۽ چمٽي سان قربان‌گاهہ تان هڪڙو ٽانڊو
کڻي مون وٽ آيو. 7 هن اهو آڻي منهنجي وات تي رکيو ۽ چوڻ لڳو
تہ "ڏس، هي تنهنجي چپن کي لڳو آهي. سو هاڻي تنهنجا قصور
معاف ڪيا ويا آهن ۽ تنهنجي گناهن جو ڪفارو ڏنو ويو آهي."
8 پوءِ مون پروردگار جو آواز ٻڌو، جنهن فرمايو تہ "هتي ڪير
آهي، جنهن کي آءٌ موڪليان؟ ڇا ڪو اسان جي لاءِ ويندو؟" تڏهن
مون چيو تہ "اِجهو، آءٌ حاضر آهيان. مون کي موڪليو." 9 تڏهن
خداوند فرمايو تہ "وڃ، هن قوم کي منهنجو هي پيغام ٻڌاءِ تہ
'بيشڪ اوهين منهنجو پيغام ٻڌو تہ ٿا پر سمجهو نہ ٿا،
بيشڪ اوهين منهنجا ڪم ڏسو تہ ٿا پر پروڙيو نہ ٿا.'
10 اي يسعياه! تون هن قوم کي منهنجو پيغام ٻڌائڻ سان
سندن دماغن کي تالو هڻ،
هنن جا ڪن گهرا ڪر ۽ سندن اکيون بند ڪر،
نہ تہ متان هو پنهنجي اکين سان ڏسن ۽ ڪنن سان ٻڌن،
۽ پنهنجي دماغ سان سوچي سمجهي توبهہ‌تائب ٿين،
۽ آءٌ کين ڇٽائي ڇڱو ڀلو ڪريان."
11 تڏهن مون چيو تہ
"اي پروردگار! هي ڪيستائين ٿيندو رهندو؟"
هن ورندي ڏني تہ
"جيستائين شهر اجڙي وڃن،
۽ گهر ويران ٿي وڃن،
۽ منجهن ڪوبہ رهڻ وارو نہ هجي،
۽ زمين بلڪل غير آباد ٿي وڃي.
12 آءٌ خداوند هنن ماڻهن کي
ڏورانهن علائقن ڏانهن تڙي ڇڏيندس،
پوءِ سڄو ملڪ ويران ٿي ويندو.
13 جيڪڏهن انهن مان
ڏهين حصي جيترا بہ ملڪ ۾ رهجي ويندا،
تہ اهي بہ ناس ٿي ويندا.
اهي تاريين يا شاهہ‌بلوط وڻن جي ٽُڙ وانگر وڃي بچندا،
جنهن کي بہ ساڙيو وڃي ٿو."

تنهن هوندي بہ انهيءَ ٽُڙ مان ئي خداوند لاءِ مخصوص نسل جي
نئين سر پيدا ٿيڻ جو اشارو ملي ٿو.

1:6 2.با 7:15، 2.توا 23:26 3:6 مڪا 8:4 4:6 مڪا 8:15 9:6–10 مت 13:14–15، مر 4:12، لو 8:10، يو 12:40، رس 28:26–27

## آخز بادشاهہ لاءِ خداوند جو پيغام

7 1 يهوداه جو بادشاهہ آخز ولد يوتام ولد عُزياه، جيڪو دائود جي
نسل مان هو تنهن جي ڏينهن ۾ هيئن ٿيو جو *ارام ملڪ جي
بادشاهہ رضين ۽ بني اسرائيل جي بادشاهہ فقحہ ولد رملياه يروشلم
تي چڙهائي ڪئي، پر اهي غالب ٿي نہ سگهيا. 2 يروشلم تي سندن
حملي کان اڳ آخز بادشاهہ کي اها خبر ڏني ويئي تہ ارام ۽ اسرائيل
پاڻ ۾ ٻڌي ڪئي آهي، تنهن تي آخز ۽ سندس قوم جي دل خوف
وچان ائين لڏي ويئي جيئن جهنگ جا وڻ واءُ لڳڻ ڪري لڏندا آهن.
3 تڏهن خداوند يسعياه کي فرمايو تہ ”تون ۽ تنهنجو پٽ
†شياریاشوب نڪري وڃي مٿين ڍنڍ، جيڪا ڌوٻي گهاٽ جي شاهي
رستي تي آهي، تنهن جي موريءَ جي آخري ڇيڙي وٽ آخز سان
ملو. 4 اتي تون کيس چئُہ تہ ’سنڀالي هل، حوصلو رک ۽ رضين،
سندس ارامي فوج ۽ اسرائيل جي بادشاهہ فقحہ جي مخالفت کان
نہ ڊڄ. تنهنجي خلاف هنن جي ڪاوڙ ڇڻ تہ رڳو دونهون ڪيندڙ
انهن ٻن اُماڙين جيان آهي، جيڪي وسامڻ تي آهن. سو تون هنن کان
نہ گهٻراءِ. 5 بيشڪ ارام ۽ اسرائيل جي بادشاهن تنهنجي خلاف
بڇڙائيءَ جو منصوبو ٺاهيو آهي تہ 6 هو تنهنجي ملڪ يهوداه تي
چڙهائي ڪن ۽ اتي وارن کي ڌڪائي سندن ملڪ تي قبضو ڪن،
پوءِ انهيءَ منجهہ طابيل جي پٽ کي بادشاهہ ڪري ويهارين.

7 پر آءٌ خداوند واعدو ٿو ڪريان تہ
ائين ڪڏهن بہ نہ ٿيندو.
8–9 چالاءِجو ارام ملڪ جي طاقت
ان جي شهر دمشق کان وڌيڪ ناهي،
۽ دمشق جي طاقت رڳو ان جي بادشاهہ رضين ۾ آهي.
ساڳيءَ طرح اسرائيل ملڪ جي طاقت
ان جي شهر سامريہ کان وڌيڪ ناهي،
۽ سامريہ جي طاقت رڳو ان جي بادشاهہ فقحہ ۾ آهي.
جڏهن تہ پنجهٺ سالن اندر
اسرائيل وارا پڇي اهڙا تہ پورا پورا ٿيندا،
جو هڪڙي قوم ٿي نہ رهندا.
پر اي آخز بادشاهہ!
جيڪڏهن مون سان تنهنجي وفاداري قائم نہ رهي،
تہ تون پاڻ بہ قائم نہ رهندين.‘“

## عمانوايل جي نشاني

10 پوءِ خداوند آخز ڏانهن وري پيغام موڪليو تہ 11 ”مون خداوند
پنهنجي خدا کان منهنجي واعدي جي سچائيءَ جي ڪا نشاني گهُر،
پوءِ اها هيٺ پاتال ۾ هجي يا مٿي عرش عظيم تي.“ 12 پر آخز وراڻيو
تہ ”آءٌ ڪين گهرندس، آءٌ خداوند کي نہ آزمائيندس.“ 13 تنهن تي
يسعياه آخز کي چيو تہ ”اي دائود جو اولاد! هاڻي تون ٻڌ. ڇا تنهنجي
نظر ۾ اها ڪا معمولي ڳالهہ آهي جو تون ماڻهن جي صبر کي
آزمائين ٿو ۽ وري هاڻي تون منهنجي خدا جي صبر کي بہ آزمائڻ
چاهين ٿو! 14 تنهن هوندي بہ پروردگار پاڻ تو کي هڪڙي نشاني
ڏيکاريندو. ڏس، هڪ نوجوان عورت پيٽ سان ٿيندي، جنهن کي پٽ
ڄمندو. هوءَ انهيءَ جو نالو ‡’عمانوايل‘ رکندي. 15–16 هن جو پٽ
¶آسودگي ۽ خوشحاليءَ ۾ گذاريندو ۽ جيستائين سندس عمر بديءَ
کان انڪار ڪرڻ ۽ نيڪيءَ کي پسند ڪرڻ جي ڄاڻ رکڻ تائين پهچي،
تنهن کان اڳ يقيناً انهن ٻنهي بادشاهن جي ملڪن کي تباهہ وَ برباد
ڪيو ويندو جن کان تون ڊڄين ٿو.
17 تنهن هوندي بہ اي آخز! تو تي، تنهنجي پوري شاهي گهراڻي
تي بلڪ سڀني يهوداه وارن تي خداوند اهڙا تہ مصيبت جا ڏينهن
آڻيندو، جهڙا اسرائيل ۽ يهوداه ملڪن جي هڪ ٻئي کان جدا ٿيڻ
واري ڏينهن کان وٺي هيستائين نہ آيا آهن، يعني اشور جو شهنشاهہ
اوهان جي ملڪ يهوداه تي ڪاهہ ڪري ايندو.
18 انهيءَ ڏينهن هيئن ٿيندو جو خداوند سينڌ وڄائيندو تہ مصر
جي نيل نديءَ مان نڪرندڙ ڏورانهين نهرن وٽان مکين وانگر ۽ اشور
جي ملڪ مان ماکيءَ جي مکين وانگر دشمن لشڪر ڪاهي ايندا.
19 اهي ڪٽڪن جي صورت ۾ اچي ڪڙڪندا ۽ سڪل برساتي نهرن
توڙي ٽڪرين جي چرن ۾، ايتري قدر جو سڀني چراگاهن توڙي ڪنڊن
ڪانديرن تي بہ ڇانئجي ويندا.
20 انهيءَ ڏينهن پروردگار فرات نديءَ جي اپرندي پاسي کان يعني
اشور ملڪ جي شهنشاهہ کي هڪ حجم جي صورت ۾ آڻي حاضر
ڪندو، جيڪو اوهان کي پڪڙي اوهان جي مٿي ۽ ٽنگن جا وار
ڪوڙيندو، بلڪ ڏاڙهي بہ ڇٽ ڪري ڇڏيندو.
21–22 جڏهن اهو وقت ايندو تڏهن جنهن ماڻهوءَ وٽ رڳو هڪڙي
ڳئون ۽ بہ ٻڪريون پاليل هونديون، سو بہ انهن مان مليل کير کي
ايترو تہ جهجهو سمجهندو جو انهن جو مکڻ کائڻ کي پنهنجي

*ارام: ان دور ۾ هي علائقو موجوده شام ملڪ جي ڪجهہ حصي تي مشتمل هو.

†شياریاشوب: عبراني ٻوليءَ ۾ انهيءَ نالي جي معنيٰ آهي ”ڪي ٿورا موٽندا“.

‡عمانوايل: عبراني ٻوليءَ ۾ هن نالي جي معنيٰ آهي ”خدا اسان سان گڏ آهي“.

¶آسودگي ۽ خوشحاليءَ: هي هڪڙي ممڪن معنيٰ آهي. اصلي عبراني مسودي ۾ هن جاءِ تي ”ماکي ۽ مکڻ“ استعمال ٿيل آهي، جنهن جون بہ معنائون ممڪن آهن، هڪڙي شاهي طعام ۽ ٻي اهو عام کاڌو جيڪو بني اسرائيل پنهنجي شروعاتي دور ۾ کائيندا هئا.

1:7 2.با 5:16، 2.توا 28:5–6 14:7 مت 1:23

خوش‌نصيبي چاڻيندو. هائو، انهيءَ ملڪ ۾ بچي ويلن منجهه اهڙي
قسم جي حالت کي بہ نهايت *آسودگي ۽ خوشحالي سمجهيو ويندو.
23 جڏهن اهو وقت ايندو تڏهن هر باغ ۾ جتي اڳ ۾ هڪ هزار
انگورن جون وليون هيون ۽ جن جي قيمت هڪ هزار چانديءَ جا سڪا
هئي، اتي انهن ولين جي بجاءِ رڳو ڪنڊا ۽ ڪانڊيرا هوندا. 24 هائو،
سارو ملڪ ڪنڊن ۽ ڪانڊيرن سان ڀريل هوندو، جتي ماڻهو رڳو شڪار
ڪرڻ لاءِ ايندا. 25 جن ٽڪرين تي هينئر اوهين فصل پوکيو ٿا، تن تي
ڪنڊن ۽ ڪانڊيرن جي ڊپ کان ڪوبہ ماڻهو وڃي نہ سگهندو، بلڪ
اهو هنڌ رڳو ڍورن ڍڳن ۽ رڍن ٻڪرين جو چراگاهہ هوندو.“

## يسعياه جو پٽ يهوداه وارن لاءِ هڪڙي نشاني

8 1–2 خداوند مون يسعياه کي فرمايو تہ ”تون اورياه ڪاهن ۽
زڪرياه بن يبرڪياه کي شاهد بڻاءِ، جيڪي ڀروسي جوڳا آهن،
پوءِ هڪڙي وڏي تختي کڻ ۽ انهيءَ تي صاف اکرن ۾ هي لک تہ
’فوري حملو، تڪڙ ۾ لٽ جو مال.‘“ 3 ڪجهہ عرصي بعد منهنجي
زال پيٽ سان ٿي ۽ پٽ ڄڻيائين. تڏهن خداوند مون کي فرمايو تہ
”انهيءَ جو نالو † ’مهيرشالالحاش‌باز‘ رک. 4 ڇالاءِجو انهيءَ کان
اڳ جو اهو ٻار بابا ۽ امان چوڻ سگهي، اشور جو شهنشاهہ اوهان
جي دشمنن يعني دمشق ۽ سامريہ وارن تي حملو ڪري اتان جو مال
ملڪيت لٽي ڦري پاڻ سان کڻي ويندو.“

## عمانوايل يعني خدا اسان سان

5 خداوند وري مون کي فرمايو تہ 6 ”جيئن تہ يهوداه وارن
‡شيلوخ جي نرميءَ سان وهندڙ پاڻيءَ کي رد ڪري ڇڏيو آهي ۽
ارام جي بادشاهہ رضين ۽ اسرائيل جي بادشاهہ فقحہ ڏانهن راضي
خوشيءَ مائل ٿيا آهن، 7 تنهنڪري هاڻي ڏس، آءٌ پروردگار ارام
۽ اسرائيل ملڪن تي اشور جو شهنشاهہ سندس پوري لشڪر سان
چاڙهي آڻيندس. اهي فرات نديءَ جي تمام زور واري سيلابي پاڻيءَ
جيان اچي مٿن ڪڙڪندا، جيڪو پاڻي پنهنجي سيني نهرن جا ڪنارا
ٽپي ڏوڪيندو ايندو آهي. 8 پوءِ اهو لشڪر سڄي يهوداه ملڪ تي
پڻ ائين ڇانئجي ويندو، جيئن ڪا ٻوڏ چڙهي اچي ۽ ماڻهوءَ جي
ڳچيءَ تائين وڃي پهچي.“
پر ¶خدا اسان سان گڏ آهي. سو اهو حفاظت لاءِ پنهنجا پر اسان
جي سڄي يهوداه ملڪ تي پکيڙي ڇڏيندو.

9 اي غير قومون! ڀلي اوهين جنگ لاءِ پاڻ ۾ گڏجي وڃو،
پر ياد رکو، اوهان سڀني کي ڇيهاڙيو ويندو.
ڪن ڏيئي ٻڌو، اي ڏورانهن ملڪن جا رهاڪؤ!
اوهين سڀيئي ڀلي جنگ لاءِ سندرو ٻڌو،
پر اوهين دهشت ۾ ورتجي ويندا.
هائو، اوهين ڀلي جنگ لاءِ سندرو ٻڌو،
پر ياد رکو، دهشت اوهان کي وڪوڙي ويندي.
10 ڀلي اوهين گڏجي خوب صلاح مصلحت ڪريو،
پر اها ڪنهن ڪم جي نہ ٿيندي.
اوهين جيڪو بہ منصوبو جوڙيندا، سو ناڪام ٿي ويندو،
ڇالاءِجو خدا اسان سان گڏ آهي.

## خداوند کان ڊڄڻ

11 تڏهن خداوند مون يسعياه ۾ پنهنجو طاقتور روح ڀريندي تاڪيد
فرمايو تہ آءٌ بني اسرائيل قوم جي رستي تي نہ هلان. خداوند مون
سان ڳالهائيندي فرمايو تہ 12 ”جن سڀني ڳالهين کي هيءَ قوم سازش
چوي ٿي، تن کي اوهين سازش نہ چئو. جن ڳالهين کان هو ڊڄن ٿا،
تن کان اوهين نہ ڊڄو. هائو، اوهين بلڪل نہ گهٻرايو. 13 ياد رکو،
اوهين رڳو مون قادرِمطلق خداوند کي پاڪ ڄاڻو، مون کان ئي ڊڄو ۽
منهنجو ئي خوف رکو. 14 منهنجي اها عظيم پاڪيزگي يروشلم جي
رهاڪن لاءِ ڦندو ۽ دام ثابت ٿيندي، بلڪ سڄي يهوداه ۽ اسرائيل
جي رهاڪن لاءِ ٿاٻو ڏيڻ وارو پٿر ۽ ٿاٻڙائڻ وارو ٽڪر بڻبي. 15 هائو،
انهن مان گهڻا ئي ٿاٻڙجي ڪرندا ۽ ڇيهاڄجي ويندا ۽ گهڻا ئي پڪڙي
جلاوطن ڪيا ويندا.“

## مُڙدن کان پڇڻ خلاف تنبيهہ

16 اي منهنجا شاگردؤ! اوهين خدا جي ڏنل پيغامن ۽ تعليم کي
مُهر لڳائي محفوظ ڪري رکو. 17 ڇالاءِجو هن وقت خداوند بني
اسرائيل کان منهن موڙي ڇڏيو آهي. پر آءٌ خداوند تي ڀروسو ٿو رکان
۽ منهنجي اميد آهي تہ اڳتي هلي انهن تي عمل ڪيو ويندو.
18 ڏسو، آءٌ ۽ منهنجا اهي ٻار جيڪي خداوند مون کي عطا ڪيا
آهن، سي بني اسرائيل لاءِ قادرِمطلق خداوند جي طرفان جيئريون

*آسودگي ۽ خوشحالي: ڏسو آيت 15–16.
†مهيرشالالحاش‌باز: عبراني ٻوليءَ ۾ هن نالي جي معنيٰ آهي ”فوري حملو، تڪڙ ۾ لٽ جو مال“.
‡شيلوخ: يروشلم جي اوڀر پاسي هڪ چشمو هو، جنهن مان شيلوخ نهر وهندي هئي. انهيءَ جي بيان مان گهٽو ڪري خداوند جي حفاظت ڏانهن اشارو ملي ٿو.
¶خدا اسان سان گڏ آهي: هن کان علاوه آيت 10 ۾ پڻ اهو ساڳيو جملو استعمال ٿيل آهي، جيڪو عبراني لفظ ”عمانوايل“ جو ترجمو آهي. ڏسو 7:14.

8:12–13 1.پط 3:14–15   8:14–15 1.پط 2:8   8:17 عبر 2:13   8:18 عبر 2:13

جاڳنديون *نشانيون ۽ پيغام آهيون، هائو، انهيءَ خداوند جا جنهن
جو تخت صيئون جبل تي آهي.
19 جڏهن ماڻهو اوهان کي مڻ مڻ ۽ پُڻ پُڻ ڪندڙ پوپن ۽ مئل
ماڻهن جي روحن سان ڳالهائيندڙن بابت چون ته ”اچو ته انهن کان
پڇون. اسان لاءِ اهو مناسب آهي ته اسين روحن جا طلبگار ٿيون.
ڇا جيئرن بابت مئلن کان پڇا ڪرڻ بهتر نه آهي؟“ 20 تڏهن اوهين
کين تاڪيد ڪري چئجو ته ”هرگز نه، بلڪ رڳو خدا جي شريعت
۽ هدايت تي عمل ڪريو.“ يقيناً جيڪي مئلن جي باري ۾ ڳالهيون
ڪن ٿا، تن لاءِ صبح نه ٿيندو.

## مصيبت جو وقت

21 اهو وقت ايندو جڏهن ماڻهو سڄي ملڪ ۾ بک ۽ بدحاليءَ ۾
پيا ڦرندا وتندا. جڏهن کين بک ستائيندي تڏهن اهي جان کان بيزار
ٿي ويندا ۽ پنهنجي بادشاهه ۽ معبودن تي لعنتون وجهندا. پوءِ اهي
مدد لاءِ پنهنجا منهن کڻي آسمان ڏانهن 22 توڙي هيٺ زمين ڏانهن
نهاريندا، پر کين هر طرف مصيبت، اونداهي ۽ ڏک جي پيڙا ئي نظر
ايندي. آخرڪار مصيبتن جي گهُگهُه اونداهي مٿن اچي غالب پوندي.
9 1 پر جيڪي اڳي ڏک ۾ هئا تن لاءِ ڪا اونداهي نه هوندي.

## مستقبل جو بادشاهه

اڳ ۾ خدا زبولون ۽ نفتالي قبيلن جي علائقن کي حقارت جهڙو
ڪيو هو. پر ايندڙ زماني ۾ پونوچ سمنڊ کان وٺي اردن درياءَ جي
اوپر پاسي تائين، بلڪ گليل واري علائقي سميت جتي غير قومون
رهن ٿيون، يعني سڄي اسرائيل ملڪ کي هو عزت وارو ڪندو.

2 بيشڪ جيڪا قوم مصيبت جي اونداهيءَ ۾ ٿي هلي،
سا خوشحاليءَ جي وڏي روشنائي ڏسندي.
هائو، اها روشنائي انهن سڀني تي چمڪندي،
جيڪي موت جي ڇاپي واري هنڌ رهن ٿا.
3 اي خداوند! تون پنهنجي قوم جي شادماني وڌائيندين،
۽ انهن جي خوشي زياده ڪندين.
هو تنهنجي اڳيان اهڙي خوشي ڪندا،
جهڙي فصل لهڻ مهل ڪبي آهي،
يا جهڙي خوشي لٽ جي مال ورهائڻ مهل ٿيندي آهي.
4 ڇالاءِجو سندن بار واري پاڃاريءَ کي،
سندن ڪلهن تي وسائڻ واري لٺ کي،
هائو، تون پنهنجي قوم تي
ظلم ڪندڙ دشمنن جي لڪڻ کي ڀڃي ڇڏيندين،
جيئن تو مديانن جي شڪست واري ڏينهن ڪيو.
5 تنهنجي قوم انهيءَ ڪري خوشي ڪندي جو
سندن دشمنن جي لاشن جا رت ۾ ٻريل ڪپڙا ساڙيا ويندا،
۽ انهن ملڪ لتاڙيندڙ لشڪر وارن جا بوٽ باهه جو کاڄ بڻبا.

6 اسان جي لاءِ هڪڙو ٻار پيدا ٿيندو.
هائو، اسان جي قوم تي حڪمراني ڪرڻ لاءِ
اسان کي هڪڙو پٽ عطا ڪيو ويندو.
جنهن تي هي نالا رکيا ويندا:
بهترين صلاحڪار، قادر خدا،
قائم وَ دائم ابو ۽ سلامتيءَ جو شهزادو.
7 هن جي بادشاهيءَ جي
اقبالمنديءَ ۽ سلامتيءَ جو ڪڏهن به خاتمو نه ٿيندو.
هو دائود جي تخت تي بادشاهي ڪندو،
۽ انهيءَ ڏينهن کان وٺي هميشه تائين
انهيءَ کي انصاف ۽ سچائيءَ سان قائم رکندو.

سڀ قادرِمطلق خداوند جي غيرت ائين ڪري.

## اسرائيل وارن جي سزا

8 پروردگار يعقوب جي اولاد مان
انهن تي سزا جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي،
جيڪي اسرائيل ملڪ ۾ رهن ٿا.
9 گاديءَ واري شهر سامريه وارن سميت
اسرائيل جي ٻين سڀني ماڻهن کي اهو معلوم ٿي ويو آهي.
پر مغروريءَ ۽ هٺ وچان چيو اٿائون ته
10 ”سرن واريون عمارتون ڪري پيون ته ڇا ٿيو،
اسين تراشيل پٿرن سان وڌيڪ بهتر عمارتون اڏينداسين.
انجير جا شهتير وڍيا ويا آهن ته ڇا ٿيو،
اسين انهن جي جاءِ تي ديال جو مضبوط ڪاٺ لڳائينداسين.“
11 انهيءَ ڪري خداوند انهن جي خلاف
سندن مخالفن کي اٿاري ڪڙو ڪيو.
هائو، هن سندن دشمنن کي مٿن چاڙهي آندو.
12 سندن اوڀر ۾ ارامي آهن ته اولهه ۾ فلستي،
جيڪي اسرائيل وارن کي ڳهي وڃڻ لاءِ وات ڦاڙيو ويٺا آهن.

---

*نشانيون ۽ پيغام: يسعياه نبيءَ ۽ سندس پٽن جا نالا بني اسرائيل قوم لاءِ جڻ ته هڪ پيغام هئا، جيئن يسعياه جي معنيٰ آهي ”خداوند بچائي ٿو،“ جڏهن ته سندس
ٻن پٽن جي نالن ۽ ان جي معنيٰ آيت 3:7 ۽ 3:8 ۾ بيان ڪيل آهي.

8:19–20 شر 18:10–12 9:1 مت 4:15 9:2 مت 4:16، لو 1:79 9:4 رهم 8:28 9:7 لو 1:32–33

انهيءَ جي باوجود خداوند جو قهر جهڪو نہ ٿيندو،
بلڪ سندس هٿ کين سزا ڏيڻ لاءِ اجا بہ ڏگهيريل رهندو.

13 اسرائيل وارا ماڻهو اجا بہ
پنهنجي انهيءَ سيڪت ڏيڻ واري آڏو توبهہ‌تائب نہ ٿيا آهن،
نڪي انهيءَ قادرِمطلق خداوند جا طالبو ئي بڻيا آهن.
14 سو خداوند هڪڙي ئي ڏينهن ۾ اسرائيل وارن مان
سيني اڳواڻن کي ناس ڪري ڇڏيندو،
هائو، هو مٿي ۽ پُڇ کي هڪ ئي ڏينهن وڍي ڇڏيندو.
15 بزرگ ۽ معزز ماڻهو مٿي مثل آهن،
۽ نبي سڏائيندڙ جيڪي ڪوڙ ڳالهائين ٿا، سي پڇ مثل آهن،
16 بلڪ هن قوم جا سڀ رهنماءَ ئي قوم کي گمراهہ ٿا ڪن.
هائو، هو پنهنجي پيروي ڪندڙن کي مونجهاري ۾ ٿا وجهن.
17 پروردگار انهن جي جوانن مان ڪنهن کي بہ نہ بخشيندو،
نڪي هو سندن يتيمن ۽ رنن‌زالن تي رحم ڪندو،
ڇالاءِجو سڀ جو سڀ خدا کي رد ڪندڙ ۽ بدڪار آهن.
هر ڪنهن جي وات مان بڇڙائيءَ جون ڳالهيون ٿيون نڪرن.
انهن سيني سزائن جي باوجود خداوند جو قهر جهڪو نہ ٿيندو،
بلڪ سندس هٿ کين سزا ڏيڻ لاءِ اجا بہ ڏگهيريل رهندو.

18 جهڙيءَ طرح باهہ ڪنڊن ۽ ڪانڊيرن کي ساڙي ٿي ڇڏي،
تهڙيءَ طرح ماڻهن جي بدڪاري
سندن ملڪ کي ساڙي ناس ڪري ٿي ڇڏي،
هائو، اهڙي باهہ وانگر،
جيڪا ٻيلي جي گهاٽن وڻن منجهہ ڀڙڪي اٿي ٿي،
۽ جنهن جو دونهون
گهاٽن ڪڪرن جي صورت ۾ مٿي چڙهي وڃي ٿو.
19 سو اهو قادرِمطلق خداوند جو قهر ئي آهي،
جيڪو ماڻهن جي بدڪاريءَ جي ڪري ملڪ کي ساڙي ڇڏي ٿو،
۽ انهيءَ جا رهاڪو باهہ جو ٻارڻ بڻجي وڃن ٿا،
ايتري قدر جو سڀ ماڻهو هڪ ٻئي جي خلاف ٿي وڃن ٿا.
20 سو ملڪ اندر جتي ڪٿي ماڻهو ڦر مار ڪن ٿا.
هو جهنگلي جانورن وانگر حملو ڪري،
هر طرف چيرڦاڙ ڪندا ٿا وتن،
ايتري قدر جو
اهي پنهنجي ئي مٽن مائٽن کي بہ ڳڙڪايو ٿا وڃن،
پر تڏهن بہ سندن بک ختم نہ ٿي ٿئي.
21 اسرائيل ملڪ جا منسي
۽ افرائيم قبيلا هڪ ٻئي تي حملا ٿا ڪن،
۽ ٻئي گڏجي وري يهوداہ تي حملو ڪن ٿا.
ايتري سزا ڏيڻ جي باوجود خداوند جو قهر جهڪو نہ ٿو ٿئي،
بلڪ سندس هٿ کين سزا ڏيڻ لاءِ اجا بہ ڏگهيريل ٿو رهي.

10
1 ويل آهي انهن لاءِ!
جيڪي بي‌انصافيءَ سان فيصلو ڪن ٿا،
هائو، جيڪي ظلم وارا قانون جاري ٿا ڪن.
2 انهيءَ لاءِ تہ اهي غريبن کي انصاف کان محروم رکن،
خداوند جي قوم جي محتاجن جو حق کسي وٺن،
۽ رنن‌زالن ۽ يتيمن جي مال ملڪيت کي لٽين ڦرين.
3 سو اي اسرائيل جا اڳواڻؤ!
اوهين پنهنجي سزا واري ڏينهن ڇا ڪندا؟
هائو، جڏهن ڪنهن ڏورانهين ملڪ جو لشڪر
اچي اوهان تي ڪڙڪندو،
تڏهن اوهين ڪيڏانهن ڀڄي سگهندا؟
اوهين پنهنجو شان وَ شوڪت ڪيئن بچائي رکندا؟
4 ياد رکو، اوهين لڙائيءَ ۾ قتل ڪيا ويندا،
۽ اوهان مان جيڪي بچي ويندا،
سي قيدي بڻائي جلاوطن ڪيا ويندا.
انهيءَ جي باوجود خداوند جو قهر جهڪو نہ ٿيندو،
بلڪ سندس هٿ اوهان کي سزا ڏيڻ لاءِ اجا بہ ڏگهيريل رهندو.

## اشور قوم کي سزا

5 خداوند فرمائي ٿو تہ
”ويل آهي اشور قوم لاءِ!
جيڪا منهنجي لٺ مثل آهي،
جنهن سان آءٌ انهن کي سزا ٿو ڏيان جن تي آءٌ ڪاوڙ ٿو ڪريان.
6 جيڪا قوم مون کي رد ٿي ڪري،
تنهن تي حملي ڪرڻ لاءِ آءٌ اشور وارن کي موڪليان ٿو.
هائو، پنهنجي غضب نازل ڪرڻ لاءِ
آءٌ اشور وارن کي اهو حڪم ٿو ڏيان،
تہ اهي انهيءَ قوم جو مال ملڪيت لٽين ڦرين،
بلڪ کين گهٽين جي گپ وانگر لتاڙي ڇڏين.“

7 پر اشور جو شهنشاهہ خداوند جي اها ڳالهہ نہ ٿو سمجهي،
انهيءَ جي ابتڙ هو پنهنجي دل ۾ ڏاڍائيءَ جا منصوبا پيو جوڙي،
تان‌تہ گهڻين ئي قومن کي ماري ڇٽ ڪري ڇڏي.
8 اهو ئي سبب آهي جو هو ٻٽاڪ هڻي چوي ٿو تہ
”منهنجي لشڪر جو هر هڪ سالار بادشاهہ مثل آهي.

5:10–34 يس 14:24–27، ناح 1:1–3:19، صف 2:13–15

9 مون اڳ ۾ ئي ڪلنه توڙي ڪرڪميس شهر،
۽ حمات توڙي ارفاد شهر فتح ڪري ورتا آهن.
انهن کان علاوه سامريه توڙي دمشق پڻ فتح ڪيو اٿم.
10 مون پنهنجو هٿ وڌائي
انهن بت‌پرست بادشاهتن کي شڪست ڏني آهي،
جن جون تراشيل مورتيون يروشلم،
توڙي سامريه شهرن جي مورتين کان گهڻو بهتر هيون.
11 سو جهڙو حشر مون سامريه ۽ ان جي بتن جو ڪيو،
تهڙو ئي حشر آءٌ يروشلم ۽ ان جي بتن جو ڪندس.“

12 پر پروردگار فرمائي ٿو ته ”جڏهن آءٌ صيئون جبل تي، يروشلم
شهر ۾ پنهنجا سمورا ڪم پورا ڪري ڇڏيندس، تڏهن آءٌ اشور
جي شهنشاهه کي سندس ساري مغروريءَ ۽ ٻٽاڪن جي سزا ضرور
ڏيندس.“ 13 اشور جو شهنشاهه هي ٻٽاڪون ٿو هڻي ته
”مون هي سڀ پنهنجي طاقت ۽ ڏاهپ سان ڪيو آهي،
ڇالاءِجو آءٌ سياڻو ۽ چالاڪ آهيان.
مون قومن کي شڪست ڏيئي سندن سرحدون متائي ڇڏيون آهن،
۽ انهن جا خزانا لٽي هٿ ڪيا اٿم.
مون جهنگلي سانَ جيان اتي جي رهاڪن کي،
پنهنجي پيرن هيٺ لتاڙي ڇڏيو آهي.
14 دنيا جون قومون مون لاءِ پکين جي آکيري مثل هيون،
۽ جيئن ڪو آسانيءَ سان انهيءَ ۾ پيل انڊا کڻي ٿو وٺي،
تيئن مون سندن ساري زمين ۽ پوري ملڪيت قبضي ڪئي آهي.
انهن مان ڪنهن کي اها به جرئت نه ٿي جو
ڪو ڪنڀ چوري سگهي يا وات پٽي چُون به ڪري.“

15 پر خداوند هن جي باري ۾ فرمائي ٿو ته
”ڇا ڪهاڙي انهيءَ ماڻهوءَ اڳيان ٻٽاڪ هڻي ٿي سگهي،
جيڪو ان کي هٿ ۾ کڻي استعمال ٿو ڪري؟
يا ڪارائي انهيءَ سان وڏائي ڪري ٿي سگهي،
جيڪو ان کي هٿ ۾ کڻي هلائي ٿو؟
ڀلا لٺ پنهنجي کڻڻ واري کي ڪيئن ٿي لوڏي سگهي؟
يا لڪڻ ماڻهوءَ کي ڪيئن ٿو کڻي سگهي؟“

16 اشور جي شهنشاهه جي ٻٽاڪن سبب
خداوند، قادرِمطلق خدا،
سندس ٿلهن متارن جوانن کي سزا ڏيڻ لاءِ
منجهن ڳاري ڇڏيندڙ بيماريون موڪليندو.
هو سندس شان وَ شوڪت جي بجاءِ،
هن جي بادشاهت ۾
ساڙي رک ڪري ڇڏڻ واري باهه ڀڙڪائي ڇڏيندو.
17 خدا، جيڪو بني اسرائيل جو نور آهي سو باهه ٻڻجي ويندو،
هائو، بني اسرائيل جو پاڪ معبود شعلو ٻڻجي ويندو.
پوءِ هڪڙي ئي ڏينهن ۾ هو سندس هر شيءِ کي
ڪنڊن ۽ ڪانڊيرن جيان ساڙي ناس ڪري ڇڏيندو.
18 تڏهن شهنشاهه جا گهاٽا ٻيلا ۽ سرسبز ٻنيون
انهيءَ مريض وانگر بلڪل فنا ٿي وينديون،
جنهن کي موتمار بيماري چٽ ڪيو ڇڏي.
19 انهيءَ جي ٻيلي جا وڻ ايترا ته ٿورا باقي وڃي بچندا،
جو انهن کي ڪو ننڍو ٻار به ڳڻي سگهندو.

## باقي بچيل اسرائيل وارا

20 اهو وقت ايندو جڏهن يعقوب جي نسل مان اسرائيل جا باقي
بچيل ماڻهو انهيءَ قوم تي وڌيڪ ڀروسو نه ڪندا جنهن کين ذري
گهٽ برباد ڪري ڇڏيو آهي، بلڪ اهي دل جي سچائيءَ سان خداوند،
بني اسرائيل جي پاڪ معبود تي ڀروسو ڪندا. 21 هائو، بني يعقوب
مان اهڙا باقي بچيل ماڻهو هوندا، جيڪي قادر خدا تي ئي توڪل
رکندا. 22 ڇالاءِجو اي بني اسرائيل! توڙي جو اوهين هاڻي سمنڊ جي
واريءَ جيترا گهڻا آهيو، پر پوءِ اوهان مان ڪي ٿورا ئي جلاوطنيءَ
مان موٽي پنهنجي وطن ايندا. بيشڪ اوهان لاءِ جيڪا بربادي مقرر
ڪئي ويئي آهي، سا پوري انصاف تي ٻڌل آهي. 23 بيشڪ خداوند،
قادرِمطلق خدا جيئن فرمايو آهي تيئن پوري ملڪ تي مقرر ڪيل
بربادي آڻي پوري ڪندو.

## اشورين کي ناس ڪرڻ جو واعدو

24 هاڻي خداوند، قادرِمطلق خدا يهوداه وارن کي فرمائي ٿو ته
”اي منهنجي قوم! جيڪي *صيئون جبل تي رهو ٿا، اوهين اشور
وارن کان نه ڊڄو، توڙي جو اهي لڪڻ يا لٺ سان اوهان تي ظلم
ڪن، جيئن مصر وارا ڪندا هئا. 25 ڏسو، هاڻي آءٌ ٿوريءَ ئي دير ۾
پنهنجي غضب کي ڍرو ڪري اوهان کي سزا ڏيڻ بند ڪندس ۽ پوءِ
آءٌ انهن اشورين تي پنهنجو قهر نازل ڪري کين ناس ڪندس. 26 آءٌ
قادرِمطلق خداوند انهن تي هڪڙو چهبڪ ڪڍندس، جيئن عوريب جي
ٽڪر تي مديان جي خونريزيءَ وقت ڪنيو هوم. هائو، آءٌ پنهنجي لٺ
ائين ئي کڻندس جيئن مصر ۾ سمنڊ جي مٿان کنئي هيم. 27 جڏهن
اهو وقت ايندو ته آءٌ اشور جو بار اوهان جي ڪلهن تان لاهي ڦٽو

*صيئون جبل: هن جبل تي يروشلم شهر ۾ خداوند جو مقدس هيڪل اڏيل آهي. هن مان سڄي يهوداه وارن ڏانهن اشارو ملي ٿو.

10:22–23 رو 9:27   10:26 خر 14:15–18، رهه 7:24–25

ڪندس. هائو، اوهان جي ڳچيءَ مان سندن ظلم جي پاڃاري ڀڃي
ٽڪرا ڪري ڇڏيندس.“

## ڪاهہ ڪندڙن جو حملو

دشمن لشڪر وارن *رمون جي ٽڪر وٽان ٿيندي
28 عئي شهر تي اچي قبضو ڪيو آهي،
۽ مجرون مان لنگهي ويا آهن.
هنن مڪماس ۾ پنهنجو سامان رکيو آهي.
29 هو لنگهہ کان گذري ويا آهن،
۽ گبع شهر ۾ رات رهي پيا آهن.
رامہ جا رهاڪو خوف وچان ڏڪي رهيا آهن،
بادشاهہ سائول جي شهر گبعت جا ماڻهو ڀڄي نڪتا آهن.
30 گليم شهر جي رهاڪن جون رڙيون ٻڌڻ ۾ پيون اچن.
سو اي ليس جا رهاڪؤ! ٻڌو،
اي عنتوت جا رهاڪؤ! اوهين بہ هوشيار ٿيو.
31 مدمينہ ۽ گيبيم جا رهاڪو
پنهنجي حياتي بچائڻ لاءِ ڀڄندا ٿا وتن.
32 اڄ دشمن نوب شهر ۾ اچي خيما کوڙيا آهن،
۽ اتان هو صيئون جبل،
يعني يروشلم شهر تي پنهنجو هٿ اُلاري ٿو.

33 پر ڏسو، اسان جو رب، قادرِمطلق خداوند،
انهن دشمنن کي وڻ جي ٽارين جيان وڏي زور سان اڇلائيندو.
هو هر ڊگهي قد واري وڻ کي وڍي ڪيرائيندو.
هائو، هر ڪنهن مضبوط وڻ کي
وڍي خداوند پٽ ڪري ڇڏيندو.
34 خداوند انهن کي ٻيلي جي گهاٽن وڻن جيان
ڪهاڙي سان وڍي ڪيرائيندو.
هائو، جهڙيءَ طرح لبنان جا وڏا وڻ وڍي ڪيرايا ويندا آهن،
تهڙيءَ طرح خدا دشمن لشڪر کي ڪيرائي ناس ڪندو.

## سلامتيءَ واري بادشاهت

11 1 جيئن وڻ جي وڍيل ٿُڙ مان نوان ڏار ڦٽي نڪرندا آهن،
۽ اهي وڏي ڦلدار ٿيندا آهن،
تيئن دائود جي اولاد مان هڪڙو نئون بادشاهہ پيدا ٿيندو.
2 انهيءَ تي خداوند جو روح نازل ٿيندو،
يعني ڏاهپ ۽ سمجهہ جو روح،
مصلحت ۽ طاقت جو روح،
علم ۽ خداوند جي خوف جو روح.
3 خداوند جي تابع رهڻ مان ئي ڪيس خوشي حاصل ٿيندي.
هن جون اکيون
ڪيس انصاف واري رستي کان هٽائي ڪين سگهنديون،
نڪي سندس ڪن ڪيس بي‌انصافيءَ ڏانهن مائل ڪري سگهندا.
4 بلڪ هو سچائيءَ سان غريبن جو انصاف ڪندو،
۽ دنيا جي لاچارن جي حقن جي حفاظت ڪندو.
هن جي حڪم سان گنهگارن کي سزا ملندي.
هائو، سندس چپن چورڻ سان بدڪار ماڻهو فنا ٿي ويندا.
5 هو ماڻهن تي انصاف ۽ سچائيءَ سان حڪمراني ڪندو.

6 هن جي حڪومت ۾ ايترو تہ امن وَ سڪون هوندو جو
بگهڙ گهيٽي سان گڏ رهندو،
شينهن ٻڪري گڏ چرندا،
گابو ۽ چيتو گڏ گذاريندا،
۽ ننڍڙا ٻار انهن کي پيا چاريندا ڦيرائيندا.
7 هائو، ڳئون ۽ رڇڻيون گڏ چرنديون،
۽ انهن جا ٻچا پاڻ ۾ گڏجي سمهندا.
شينهن بہ ڏاند وانگر گاهہ کائيندو.
8 ايترو امن هوندو جو
کير پياڪ ٻار نانگن جي ٻرن وٽ پيا کيڏندا،
۽ ٿڃ ڇڏايل ٻار ڪاريهر جي ٻرن ۾ هٿ وجهندا،
تہ بہ ڪين ڪو نقصان نہ پهچندو.
9 هائو، خداوند جي پاڪ جبل صيئون تي
نہ ڪنهن کي ڪو ايذاءُ رسندو ۽ نہ وري ڪو ماريو ويندو،
۽ جيئن پاڻي سمنڊ کي پري ڇڏي ٿو،
تيئن پوري ڌرتي خداوند کي سڃاڻڻ وارن سان ڀريل هوندي.

10 انهيءَ وقت دائود جي نسل مان اهو بادشاهہ اٿي کڙو ٿيندو،
جنهن جي جهنڊي هيٺ سڀيئي قومون اچي گڏ ٿينديون ۽ سندس
شاهي شهر وڏي شان وارو ٿيندو.

## جلاوطنن جي واپسي

11 انهيءَ ڏينهن پروردگار وري پنهنجو قدرت وارو هٿ وڌائيندو،
تہ جيئن پنهنجي قوم جي باقي رهيل ماڻهن کي جلاوطنيءَ مان
موٽائي وطن آڻي، جيڪي اشور، مصر ۽ ان جي ڏاکڻي علائقي

*رمون جي ٽڪر ... عئي شهر ... مجرون ... مڪماس: هي شهر جيڪي يهوداہ جي اتر واري علائقي ۾ آهن ۽ انهن کان علاوہ آيت 32 تائين جن ٻين جاين جو ذڪر ڪيل آهي سي پڻ اشوري لشڪر جي رستي ۾ هيون، جڏهن اهو لشڪر اتر طرف کان يروشلم ڏانهن پئي آيو.

1:11 مڪا 5:5، 16:22 4:11 2.تس 8:2 5:11 اف 14:6 9–6:11 يس 25:65 9:11 حبق 14:2 10:11 رو 12:15

فتروس، *سوڊان، عيلام، شِنعار ۽ حمات جي ملڪن کان علاوه
پونوچ سمنڊ جي ڪناري وارن علائقن ۾ باقي بچيا هوندا.
12 خداوند غير قومن کي ڏيکارڻ لاءِ
انهيءَ بادشاهہ جو جهنڊو کڙو ڪندو،
جنهن بعد اسرائيل توڙي سچي يهوداه ملڪ جي
جلاوطن ٿيل ماڻهن کي موٽائي آڻي گڏ ڪندو،
جيڪي ڌرتيءَ جي چئني پاسن تي ٽڙيل پکڙيل هوندا.
13 تڏهن اسرائيل وارا يهوداه وارن سان اڳتي حسد نہ ڪندا،
نڪي يهوداه وارا اسرائيل وارن سان دشمني رکندا.
هائو، اسرائيل وارن مان حسد وَ ڪينو هليو ويندو،
۽ يهوداه وارن جي دشمني بلڪل ختم ٿي ويندي.
14 انهيءَ جي بجاءِ هو پاڻ ۾ متحد ٿي رهندا،
۽ گڏجي اولهہ طرف فلستين جي مٿان وڃي ڪڙڪندا.
جڏهن تہ اهي اوڀر طرف ادومين،
موآبين ۽ بني عمون کي وڃي شڪست ڏيندا.
هو انهن سڀني تي حڪمراني ڪندا،
۽ جيڪو چاهيندا سو کانئن ڪسي وٺندا.

15 خداوند مصر واري ڳاڙهي سمنڊ کي
سڪائي خشڪ ڪري ڇڏيندو،
۽ پنهنجي ساڙيندڙ واءُ سان فرات نديءَ تي اُلر ڪندو،
۽ انهيءَ کي ستن ننڍڙين واهين ۾ ورهائي ڇڏيندو،
جن مان ماڻهو جتيءَ سان پار لنگهي سگهندا.
16 سو سندس قوم مان جيڪي اشور ۾ باقي بچيا هوندا،
تن جي لاءِ هڪڙو اهڙو ڪليل رستو هوندو،
جهڙو بني اسرائيل جي لاءِ انهيءَ ڏينهن تي هو،
جڏهن اهي مصر ملڪ مان نڪري آيا هئا.

## شڪرگذاريءَ جو گيت

12 1 انهيءَ وقت هر ڪو ماڻهو ڳائي چوندو تہ
"اي خداوند! آءٌ تنهنجو شڪرگذار آهيان،
ڇالاءِ جو جيتوڻيڪ اڳ تون مون کان ناراض هئين،
پر هاڻي تنهنجي ڪاوڙ مون تان لهي ويئي آهي،
۽ تو مون کي تسلي ڏني آهي.
2 بيشڪ اي خداوند! تو ئي مون کي بچايو آهي.
منهنجي توڪل تو تي ئي آهي، سو مون کي ڪو ڊپ ڪونهي.
ڇالاءِ جو اي خداوند! تون ئي تہ منهنجي طاقت ۽ قوت آهين.
هائو، تون ئي منهنجو بچائيندڙ آهين."

3 جهڙيءَ طرح تازو پاڻي اڃايل کي خوشي ٿو بخشي، تهڙيءَ
طرح خدا جي قوم کي خوشي حاصل ٿيندي جڏهن هو کين بچائيندو.
4 انهيءَ ڏينهن تي ماڻهو ڳائي چوندا تہ
"خداوند جو شڪرانو بجا آڻيو،
هن جي نالي کي ساراهيو.
سڀني قومن ۾ سندس ڪمن کي پڌرو ڪريو.
ماڻهن کي ٻڌايو تہ هن جو نالو ڪيڏو نہ بلند وَ بالا آهي!
5 خداوند جي واکاڻ ڳايو،
ڇالاءِ جو هن عظيم ڪم ڪيا آهن.
شل اها ڳالهہ ساري ڌرتيءَ تي مشهور ٿئي.
6 اي †صيئون جبل جا رهاڪؤ!
خوشيءَ منجهان نعرا هڻو ۽ واکاڻ ڳايو،
ڇالاءِ جو بني اسرائيل جو پاڪ معبود جيڪو عظيم آهي،
سو اوهان منجهہ ٿو رهي."

## بابل جي بربادي

13 1 هي پيغام بابل بابت آهي، جيڪو يسعياه ولد آموص کي
خدا رويا ۾ ڏنو.
2 خداوند بابل تي حملو ڪندڙن کي فرمائي ٿو تہ
"اوهين ويران جبل جي چوٽيءَ تان جنگ جو جهنڊو بلند ڪريو.
اوهين وڏي آواز سان حڪم جاري ڪريو،
۽ پنهنجو هٿ بلند ڪري اشارو ڏيو تہ
جنگي جوڌا مغرورن جي شهر بابل جي دروازن تي
حملو ڪري منجهس گهڙي وڃن.
3 اهي ئي منهنجا چونڊيل ماڻهو آهن،
جن کي آءٌ خداوند حڪم ڏيان ٿو.
هائو، مون پنهنجي انهن بهادرن کي سڏيو آهي،
تانتہ هنن جي وسيلي پنهنجو غضب نازل ڪريان،
اهي فخر سان للڪاري وڙهن ٿا."

4 جبلن تي هڪ وڏي انبوه جو شور ٻڌو.
اهو هڪ وڏي لشڪر جو گوڙ شور آهي،
هائو، اهو مختلف ملڪن مان آيل قومن جو هل هنگامو آهي.
ڏسو، قادرِمطلق جنگ جي لاءِ اهو لشڪر گڏ ڪري ٿو.
5 اهي ڌرتيءَ جي ڇيڙي وارن ڏورانهن ملڪن مان اچن ٿا.

*سوڊان: عبرانيءَ ۾ "ڪُوش" لکيل آهي. انهن ڏينهن ۾ هي علائقو موجوده ايٿوپيا ۽ سوڊان ملڪن جي ڪُجھ حصي تي مشتمل هو.
†صيئون جبل: يعني يروشلم شهر.

11:15 مڪا 16:12    12:2 خر 15:2، زب 118:14    13:1–14:23 يس 47:1–15، ير 50:1–51:64

هائو، خداوند پنهنجي غضب جي انهن هٿيارن کي آڻي ٿو،
انهيءَ لاءِ تہ هو سڄي دنيا کي برباد ڪري ڇڏي.

6 هاءِ اوهين روئو ۽ رڙيون ڪريو.
ڇالاءِجو خداوند جو سزا وارو ڏينهن ويجهو اچي پهتو آهي.
اهو ڏينهن قادرِمطلق طرفان تباهيءَ وارو ڏينهن هوندو.
7 تنهنڪري هر ڪنهن جا ڍِڍر ڍرا ٿي ويندا،
۽ همت پاڻيءَ جيان وهي ويندن.
8 هر ڪنهن کي دهشت وٺي ويندي،
۽ عذاب ۽ درد کين وڪوڙي ويندا.
هائو، کين ويم واري عورت جهڙا سور اچي لڳندا.
هو خوف وچان هڪ ٻئي جو منهن پيا ڏسندا،
۽ سندن چهرا دهشت ۾ وڪوڙيل هوندا.
9 ڏسو، خداوند جو ڏينهن اچڻ وارو آهي،
اهو غضب ۽ قهر جي ڀڙڪڻ وارو بي‌رحم ڏينهن هوندو،
انهيءَ لاءِ تہ ڌرتيءَ کي ويران ڪري ڇڏي،
۽ سڀني گنهگارن کي ناس ڪري ڇڏي.
10 آسمان جي ستارن،
۽ ان جي برجن ۾ روشني نہ رهندي،
سج اڀرڻ سان ئي اونداهو ٿي ويندو،
۽ چنڊ پنهنجي روشنائي وڃائي ويهندو.

11 خداوند فرمائي ٿو تہ
”آءٌ دنيا تي تباهي آڻيندس،
۽ سڀني بدڪارن کي سندن گناهن جي ڪري سزا ڏيندس.
آءٌ مغرورن جي غرور کي ٽوڙي ڇڏيندس،
۽ ظالمن جي تڪبر کي ناس ڪري ڇڏيندس.
12 باقي بچيل ماڻهو ايترا تہ ٿورا هوندا جيترو دنيا ۾ سون،
هائو، جيترو اوفير جو نج سون اڻلڀ آهي،
ايترو ئي اهي چند ماڻهو وڃي بچندا.
13 آءٌ قادرِمطلق خداوند جنهن ڏينهن
پنهنجو غضب ۽ خوفناڪ قهر نازل ڪندس،
تنهن ڏينهن آسمان ڏڪي ويندا،
۽ ڌرتي ڌُڏي ويندي.“

14 انهيءَ ڏينهن بابل ۾ رهندڙ سڀيئي ڌاريا ماڻهو
پنهنجين قومن ۽ پنهنجن ملڪن ڏانهن ائين ڀڄي نڪرندا،
جيئن ڪا هرڻي شڪاريءَ کان ڀڄي نڪري.

هائو، اهي نڌڻڪين رڍن وانگر ٽڙي پکڙي ويندا.
15 پوءِ جيڪو بہ پڪڙيو ويندو،
تنهن کي تلوار جي منهن ۾ ڏنو ويندو.
هائو، جيڪو بہ گرفتار ڪيو ويندو تنهن کي قتل ڪيو ويندو.
16 انهن جي ڪير ڀياڪ ٻارن کي
سندن روبرو هيٺ اڇلائي ماريو ويندو.
سندن گهرن کي لٽيو ڦريو ويندو،
۽ سندن عورتن سان زوري ڪئي ويندي.

17 خداوند فرمائي ٿو تہ
”ڏسو، آءٌ مادئي قوم وارن کي بابلين تي چاڙهي آڻيندس،
جن کي نہ چانديءَ ۽ نہ وري سون جي لالچ ئي،
ڪو چڙهائي ڪرڻ کان روڪي سگهندي.
18 اهي پنهنجن تيرن سان جوان ماڻهن کي پروڻ ڪري ڇڏيندا.
هنن کي ڪير ڀياڪن تي بہ ڪو ترس نہ ايندو،
هائو، هو ننڍن ٻارن تي بہ ڪو رحم نہ ڪندا.“

19 بابل جيڪو سڀني بادشاهتن جي سونهن،
۽ پنهنجي رهاڪن جو فخر ۽ شان آهي،
تنهن جو حال سدوم ۽ عموراه جهڙو ٿيندو،
جن کي خدا اونڌو ڪري ڇڏيو هو.
20 اهو وري ڪڏهن بہ آباد ڪين ٿيندو،
۽ نہ وري ڪو اچي اتي رهندو،
نڪي ڪو خانہ‌بدوش ماڻهو اتي پنهنجو خيمو کوڙيندو،
۽ نہ وري ڪو ڌنار پنهنجو ڌڻ اتي ويهاريندو.
21 بلڪ اهو جهنگلي جانورن جي جُوءِ بڻجي ويندو،
۽ انهيءَ جا گهر اُلو پکين جي آکيرن سان ڀرجي ويندا.
اتي شتر مرغ اچي آباد ٿيندا،
۽ بدروح اتي پيا نچندا.
22 انهيءَ جي قلعن ۾ بگهڙ پيا روڄان ڪندا،
۽ انهيءَ جي خوبصورت محلن ۾ گدڙ پيا اونائيندا.

بيشڪ بابل جي تباهيءَ جو وقت ويجهو اچي پهتو آهي.
انهيءَ جي ڏينهن پوري ٿيڻ ۾ هاڻي ڪا دير ڪانهي.

## خداوند جي قوم جي وطن واپسي

14

1 پر خداوند بني اسرائيل تي رحم فرمائيندو ۽ هڪ دفعو
وري کين پنهنجي چونڊيل قوم بڻائيندو. هو کين وري سندن

6:13 يوا 15:1   10:13 حز 7:32، مت 29:24، مر 24:13–25، لو 25:21، مڪا 6:12–13، 12:8   19:13 پيد 24:19
21:13 يس 34:14، صف 14:2، مڪا 2:18

وطن ۾ موٽائي آڻي آباد ڪندو. ڌاريا به اچي ساڻن گڏبا ۽ بني
اسرائيل جو حصو ٿي رهندا. 2 گھڻيون ئي قومون بني اسرائيل کي
خداوند جي ڏنل ملڪ ۾ موٽائي آڻڻ ۾ سندن مدد ڪنديون. پوءِ اهي
قومون ٻانھا ۽ ٻانھيون بڻجي سندن خدمت ڪنديون. اهڙيءَ طرح بني
اسرائيل اڳ جن جا قيدي هئا تن کي قيد ڪندا ۽ انھن تي حڪمراني
ڪندا جيڪي مٿن ظلم ڪندا هئا.

## بابل جي بادشاهه تي مرثيو

3 اهڙيءَ طرح خداوند بني اسرائيل کي ڏکن ۽ تڪليفن کان ۽ انھيءَ
سخت پورهئي کان آرام بخشيندو، جيڪو ڪانئن زور زبردستيءَ سان
ڪرايو ويندو هو. 4 جڏهن اهو سڀ ڪجھه ٿيندو تڏهن بابل جي
بادشاهه تي هي ٺٺوليون ڪري چيو ويندو ته
”ظالم بادشاهه ڪيئن نه نيست وَ نابود ٿي ويو آهي!
هاڻي هو وري ڪنھن تي به ظلم نه ڪندو.
5 خداوند بابل جي حاڪمن جي شاهي لٺ ڀڃي ڇڏي آهي،
هائو، هن انھن بدڪار حاڪمن جي طاقت ٽوڙي ڇڏي آهي.
6 اهي غصي وچان غير قوم وارن کي پيا ماريندا ڪٽيندا هئا،
۽ غضبناڪ بڻجي مٿن حڪومت ڪندا هئا.
اهي انھن ماڻھن تي ظلم پيا ڪندا هئا،
جن تي فتح حاصل ڪندا هئا.
7 پر هاڻي ساري دنيا آرام ۽ سڪون ۾ آهي،
۽ هر ڪو خوشيءَ جا گيت پيو ڳائي.
8 هائو، هاڻي لبنان جا صنوبر توڙي ديال جا وڻ به
انھيءَ ڪريل بادشاهه مٿان خوشيون ڪندي چون ٿا ته
’جڏهن کان تون ڪيرايو ويو آهين،
تڏهن کان ڪوبه اسان کي وڍي ڪيرائڻ ڪونه آيو آهي.‘

9 پاتال جيڪو بابل جي بادشاهه جي اچڻ تي
سندس استقبال ڪرڻ لاءِ بيچين هو،
تنھن هن جي خاطر اڳين زماني جي
مئل حڪمرانن جي روحن کي جاڳايو.
هائو، هن ملڪن جي سڀني بادشاهن کي
سندن تخت تان اٿاري کڙو ڪيو.
10 بادشاهه جي اچڻ تي انھن سڀني روحن
مٿس ٺٺوليون ڪندي چيو ته
’واه! نيٺ تون به اسان وانگر عاجز ٿي پئين!
هاڻي ته تون به اسان جھڙو ٿي ويو آهين.
11 تو کي تنھنجي شان وَ شوڪت
۽ تنھنجي واکاڻ ۾ وڄندڙ سارنگين سميت
آڻي پاتال جي تري ۾ اڇلايو اٿن.
هتي ته ڪينئان ئي تنھنجو بسترو ٿيندا،
۽ ڪيڙا ئي تنھنجي چادر بڻبا.‘

12 واه! اي بابل جا بادشاهه!
تون جيڪو صبح جو روشن ستارو هئين،
هاڻي ڏس، ڪيئن نه آسمان مان هيٺ اچي ڪريو آهين!
اي قومن کي پست ڪرڻ وارا!
تو کي ڪيئن نه هاڻي زمين تي اڇلائي پست ڪيو ويو آهي!
13 تون ته پنھنجيءَ دل ۾ چوندو هئين ته
’آءٌ عرش عظيم تي چڙهي ويندس،
آءٌ پنھنجو تخت خدا جي ستارن کان به مٿاهون ڪندس،
۽ عرش تي معبودن جي گڏجاڻيءَ واري جبل تي
بادشاهه بڻجي ويھندس.‘
14 تو سوچيو ٿي ته
’آءٌ بادلن جي اوچائيءَ کان به مٿي چڙهي ويندس،
آءٌ خدا تعاليٰ جھڙو ٿيندس.‘
15 مگر انھيءَ جي بجاءِ تون ته قبر ۾،
بلڪ پاتال جي تمام هيناهين پاڳي ۾ لاٿو ويو آهين.
16 اتي مئل ماڻھو تو کي چتائي ڏسن ٿا،
۽ حيرت وچان چون ٿا ته
’هي اهو ئي ماڻھو آهي ڇا، جنھن ڌرتيءَ کي ٿي ڌڪايو،
۽ بادشاهتن کي لوڏي ٿي ڇڏيائين؟
17 هي اهو ئي ماڻھو آهي ڇا،
جنھن شھرن کي ڊاهي ويران ڪري ڇڏيو هو،
۽ دنيا کي بيابان بڻائي ڇڏيو هئائين،
جنھن قيدين کي آزاد نه ڪيو هو،
تان‌ته اهي پنھنجن گھرن ڏانھن وڃن؟‘

18 ڌرتيءَ جا سمورا بادشاهه،
هائو، انھن مان سڀڪو پنھنجيءَ وفات بعد
عزت سان پنھنجي مقبري ۾ دفن ڪيو ويو.
19 پر اي بابل جا بادشاهه! تو لاءِ ته ڪو مقبرو ئي ڪونھي،
بلڪ تون ائين اڇلايو ويو آهين،
جيئن ڪو ڪراهت جھڙو مردار هجي.
هائو، جيئن جنگ ۾ مارجي ويلن جا ڪپڙا ڦٽي ڪيا ويندا آهن،
جيئن دشمنن جا لاش پهاڙي کڏ جي تري ۾ اڇلايا ويندا آهن،
۽ جيئن ڍونڍ پيرن هيٺ لتاڙيو ويندو آهي،
تيئن ئي تنھنجي لاش کي به ڦٽو ڪيو ويو آهي.

12:14 مڪا 10:8، 1:9   13:14–15 مت 23:11، لو 15:10

20 تون ٻين بادشاهن وانگر قبر ۾ وڃي آرامي نہ ٿيو آهين،
ڇالاءِجو تو پنهنجي ملڪ کي ناس ڪري ڇڏيو هو،
۽ پنهنجي رعيت کي ڪهي ڇڏيو هوءِ.
سو اي بدڪارن جا نسل!
تنهنجو نالو نشان بہ باقي نہ رهندو.
21 هائو، تنهنجي اولاد لاءِ بہ قتل جو سامان تيار آهي،
اهي پنهنجن ابن ڏاڏن جي گناهن جي ڪري ماريا ويندا.
اهي وري دنيا جا مالڪ نہ بڻجي سگهندا،
۽ نہ ئي روءِزمين تي ڪو شهر آباد ڪري سگهندا.“

## بابلين لاءِ سزا

22 خداوند قادرِمطلق فرمائي ٿو تہ ”آءٌ بابل وارن جي خلاف اٿي
کڙو ٿيندس ۽ سندن نالو نشان مٽائي ڇڏيندس. پوءِ ننڍو هجي توڙي
وڏو منجهس ڪوبہ باقي جيئرو نہ رهندو. 23 آءٌ قادرِمطلق خداوند
بابل کي فنا جي ٻهاريءَ سان مِٽائي صاف ڪري ڇڏيندس. انهيءَ
کي آءٌ ويران ڪري پير ٻوڙ پاٽيءَ ۽ گپ واري زمين ۾ تبديل ڪري
ڇڏيندس، جتي ٻگهہ پيا رهندا. اهو مون خداوند جو فرمان آهي.“

## اشورين لاءِ سزا

24 خداوند قادرِمطلق قسم کڻي فرمائي ٿو تہ
”جيئن مون رٿيو آهي، تيئن ضرور ٿيندو.
هائو، جيڪو ارادو مون ڪيو آهي، سو ضرور پورو ٿيندو.
25 آءٌ پنهنجي ملڪ يهوداہ ۾ اشورين کي شڪست ڏيندس.
هائو، آءٌ پنهنجن جبلن تي کين پيرن هيٺ لتاڙيندس.
تڏهن منهنجي قوم جي ڳچين مان
اشورين جي غلاميءَ جي پاڃاري نڪرندي.
هائو، تڏهن سندن ڪلهن تان بار لهي ويندو،
26 ڇالاءِجو هر قوم منهنجي ظابطي ۾ آهي،
بلڪ سڄيءَ دنيا ۾ منهنجي منصوبن تي عمل پيو ٿئي.
27 هائو، مون قادرِمطلق خداوند ئي اهي منصوبا جوڙيا آهن،
هاڻي ڪنهن کي طاقت آهي جو مون کي روڪي سگهي؟
اهڙو ڪوبہ ڪونهي،
جيڪو منهنجي وڌيل هٿ کي پوئتي هٽائي سگهي.“

## فلستين لاءِ سزا

28 جنهن سال بادشاهہ آخز وفات ڪئي، تنهن سال خداوند فلستين
لاءِ هي پيغام ڏنو تہ
29 ”اي فلستيءَ جا رهاڪؤ!
اوهين سڀيئي انهيءَ ڳالهہ تي خوش نہ ٿيو تہ
اوهان کي مار ڏيڻ وارو دشمن ختم ٿي ويو آهي.
يا کٽي ائين چئجي تہ جيتوڻيڪ نانگ تہ مري ٿو وڃي،
پر انهيءَ جي نسل مان وري ڪاريهر نانگ ٿو نڪري،
جنهن مان وري باهہ جا اُلا ڪيندڙ
هڪڙي اُڏامندڙ ازدها بلا پيدا ٿئي ٿي.
30 آءٌ خداوند هڪ ريڍار جيان پنهنجي قوم جي
غريبن ۽ محتاجن جي سار سنڀال لهندس،
۽ اهي امن وَ سلامتيءَ سان پيا گذاريندا.
مگر اوهان فلستين جي نسل کي آءٌ ڏڪار سان ماريندس،
اهو ڏڪار اوهان مان ڪنهن کي بہ جيئرو نہ ڇڏيندو.
31 اي فلستي شهرن جا دروازؤ! اوهين واءِويلا مچايو،
اي فلستي شهرؤ! اوهين رڙيون ڪريو.
هائو، اي فلستيءَ جا سڀيئي رهاڪؤ! اوهين ڊڄو ۽ ڏڪو،
ڇالاءِجو اتر طرف کان هڪڙو لشڪر
مٽيءَ جو طوفان اٿاريندو ايندو،
انهن جي صفن ۾ ڪوبہ پٺتي هٽڻ وارو نہ هوندو.“

32 تڏهن فلستي ملڪ کان ايندڙ قاصدن کي
اسين ڪهڙو جواب ڏيون؟
هنن لاءِ جواب هي آهي تہ
خداوند ئي صيئون جبل کي کڙو ڪيو آهي،
جنهن ۾ سندس قوم جا ڏکويل ماڻهو پناهہ وٺندا.

## موآب تي مرثيو

15 1 موآب جي باري ۾ هي پيغام آهي تہ
”بيشڪ هڪڙيءَ ئي رات ۾
موآب جا شهر عار ۽ قير ويران ۽ نابود ٿي ويا.
هائو، هڪڙيءَ ئي رات ۾ موآب ملڪ تي بربادي اچي ڪڙڪي.
2 سو ديبون شهر جا رهاڪو
ٽڪر تي ٺهيل پنهنجي معبودن جي پوڄا گهرن ۾
وڃي روئڻ پٽڻ لڳا،
بلڪ سڄي موآب ملڪ جا ماڻهو
پنهنجي شهرن نبو ۽ ميدبا تي واءِويلا ٿا ڪن.
سوڳ وچان سڀني جا مٿا ڪوڙيل آهن،
۽ سڀني جون ڏاڙهيون ڪتريل آهن.
3 هو گهٽين ۾ پنهنجي چيلهہ سان ڪٿا ٻڌيو پيا گهمن.
هو سڀ پنهنجن گهرن جي ڇتين تي ۽ چونڪن ۾

---

27–24:14 يس 5:10–34، ناح 1:1–19:3، صف 13:2–15 28:14 2.با 20:16، 2.توا 27:28 31–29:14 ير 1:47–7، حز 15:25–17، يوا 4:3–8،
عا 6:1–8، صف 4:2–7، زڪ 5:9–7 14:16–1:15 يس 10:25–12، ير 1:48–47، حز 8:25–11، عا 1:2–3، صف 8:2–11

واءِويلا ڪندي روئندا رڙندا ٿا وتن.
4 حشبون ۽ العالي شهرن جا ماڻهو روئن رڙن ٿا،
سندن رڙين جو آواز تمام پري يهض تائين پيو ٻڌڻ ۾ اچي.
انهيءَ ڪري موآب جا سپاهي به خوف وچان دانهون ٿا ڪن.
هائو، موآب جا جنگي جوڌا همت هاري ويٺا آهن.

5 مون کي موآب وارن جي حال تي روئڻ ٿو اچي.
ان جا ماڻهو ضغر شهر ۽ عجلت شليشياه ڏانهن ڀڄي ويا آهن،
جن مان ڪي لوحيت شهر جي چاڙهيءَ تي چڙهندي
روئندا رڙندا پيا وڃن،
۽ ڪي وري حورونايم شهر جي رستي سان ويندي
تباهيءَ تي روئندا دانهون ڪندا ٿا وڃن.
6 سندن ملڪ ۾ ايتري ته تباهي وَ بربادي آئي آهي جو
نمريم جون نهرون به خشڪ ٿي ويون آهن،
۽ گاهه ۽ ٻوٽا سڪي سڙي ويا آهن.
ايتري قدر جو ساوڪ جو نالو نشان ئي نه رهيو آهي.
7 تنهنڪري وٽن جيڪو جهجهو مال آهي،
۽ جيڪي ڪجهه گڏ ڪري رکيو اٿائون،
تنهن مان جيڪي به هو کڻي سگهيا آهن،
سو بچائڻ لاءِ لئي واري ماٿريءَ جي هن پار
پاڻ سان کنيو ٿا وڃن.
8 بيشڪ موآب جي سڄي ملڪ ۾ رڙيون پئجي ويون آهن،
ايتري قدر جو سندن واءِويلا جو آواز
اجلائم توڙي بيرايليم شهرن تائين پڻ ٻڌڻ ۾ پيو اچي.
9 ديمون شهر وٽان گذرندڙ نديون رت سان ڀرجيو پيون وهن،
بلڪ خداوند ديمون تي اڃا به وڌيڪ مصيبتون آڻيندو.
هائو، موآب مان ڀڄي آيلن،
۽ انهيءَ ملڪ جي باقي بچيل سڀني ماڻهن کي
هو شينهن جيان حملو ڪري چيري ڦاڙي ڇڏيندو.”

## موآب تي ايندڙ وڌيڪ مصيبتون

16
1 اي موآب جا بادشاهه!
يروشلم جي حڪمران ڏانهن تحفي طور گهيٽا موڪل،
اهي پنهنجي شهر سلح کان
بيابان جي رستي صيئون جبل تي پيش ڪر.
2 ڪيس اهو به چوائي موڪل ته
”موآب جون عورتون برساتي نهر ارنون جي گهاٽن تي
ملڪ کان ڀڄڻ لاءِ ائين پيون ڦرنديون وتن،
جيئن پکي پنهنجن آکيرن مان اڏاريا ويا هجن.
3 سو اوهين صلاح ڏيو ته اسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي.
اوهين انهيءَ وڻ وانگر اسان کي پناهه ڏيو،
جيڪو ٽاڪ منجهند جو به ٿڌي ڇانوَ ڏئي ٿو.
اسان جلاوطنن کي پنهنجي پناهه ۾ لڪايو،
۽ اسان کي دشمنن جي هٿ ۾ نه ڏيو.
4 اسان موآب کان جلاوطن ڪيلن کي
پنهنجي علائقي ۾ رهڻ ڏيو،
۽ اسان کي برباد ڪندڙن کان پناهه ڏيو.“

اي موآب وارؤ!
جڏهن اوهان تي ظلم ڪندڙ ناس ڪيا ويندا،
۽ تباهي وَ بربادي بند ٿي ويندي،
هائو، جڏهن سڀني ظالمن کي
اوهان جي ملڪ مان ناس ڪيو ويندو،
5 تڏهن دائود جي اولاد مان هڪڙو بادشاهه ٿيندو،
جيڪو سچائيءَ ۽ شفقت سان ماڻهن تي حڪمراني ڪندو.
اهو اهڙو عادل هوندو جيڪو پورو پورو انصاف ڪندو.
هائو، اهو عدل وَ انصاف ڪرڻ ۾ دير نه ڪندو.

6 اسان يهوداه وارن
موآب جي رهاڪن جي مغروريءَ بابت ٻڌو آهي،
اهي تمام مغرور ٿي ويا آهن.
اسين سندن هٺ، تڪبر ۽ وڏائيءَ کان واقف آهيون.
پر سندن ٻٽاڪون فضول آهن،
7 چالاءِجو هاڻي موآب جا ماڻهو
پاڻ تي آيل مصيبتن تي واءِويلا ڪن ٿا.
اهي سڀ قيرحراست شهر ۾ کاڌل
ڪشمش جي خاص ٽڪين کي ياد ڪري واءِويلا ٿا ڪن.
بيشڪ اهي سڀيئي بدحال ٿي ويا آهن.
8 سندن شهر حشبون جون ٻنيون،
۽ سبماه شهر جي انگورن جا باغ سڪي سڙي ويا آهن.
غير قومن جي سردارن
انگورن جي عمدين ولين کي ناس ڪري ڇڏيو آهي.
هائو، موآب ملڪ اهڙي عمدي ول مثل هو،
جيڪا ڪنهن وقت
ڏورانهين شهر يعزير تائين ٿي پهتي.
هائو، اها اوڀر ۾ بيابان تائين،
۽ اولهه ۾ سمنڊ کان پار تائين ٿي پهتي.
9 آه! هاڻي آءٌ سبماه جي انگورن جي باغن لاءِ ائين ٿو روئان،
جيئن يعزير لاءِ روئندو ٿو رهان.
اي حشبون ۽ العالي شهرؤ!
آءٌ اوهان جي لاءِ لڙڪ وهائيندو ٿو رهان.
چالاءِجو اوهان جي ميون ۽ اناج جي فصلن تي

جنگ جي تباهي اچي پيئي آهي.
10 سرسبز ٻنين مان خوشيون ختم ٿي ويون آهن،
انگورن جي باغن مان
خوشيءَ جي راڳن ڳائڻ جو آواز بند ٿي ويو آهي،
۽ انگورن جي چيچڙن مان رس نہ ٿي ڪڍي وڃي.
هائو، انگورن جي فصل جي سموري خوشي
۽ شادماني ختم ٿي ويئي آهي.
11 تنهنڪري قيرحارست شهر بلڪ سڄي موآب جي لاءِ
غم وچان آءٌ ائين آهون ۽ دانهون ٿو ڪريان،
ڄڻڪ منهنجي اندر ۾ سُرندو پيو وڄي.

12 هاڻ جيتوڻيڪ موآب جا ماڻهو ٽڪر تي ٺهيل پنهنجي معبودن
جي پوڄا ڪرن تي حاضريون ڀريندي ڀريندي ٿڪجي بہ پون يا اتي
ڪيتريون ئي دعائون ڇو نہ ڪرن، تہ بہ ڪين ڪو فائدو نہ ٿيندو.
13 هي ئي اهو ڪلام آهي، جيڪو خداوند موآب جي خلاف اڳ ۾
فرمايو هو. 14 هاڻي انهيءَ بابت خداوند وڌيڪ فرمائي ٿو تہ ”جيئن
مزدورن جي ڪم ڪرڻ لاءِ وقت مقرر هوندو آهي، تيئن ٽن سالن جي
وقت اندر ئي موآب جو شان وَ شوڪت انهيءَ جي رهاڪن سميت
ختم ڪيو ويندو. انهيءَ جا اڪثر ماڻهو ختم ٿي ويندا ۽ باقي ڪي
ٿورا ماڻهو وڃي بچندا، سي بہ نہ هجڻ جي برابر هوندا.“

## ارام ۽ اسرائيل لاءِ سزا

17 1 ارام جي گاديءَ واري شهر دمشق بابت خداوند هي پيغام
ڏنو تہ
”ڏسو، هاڻي ڪان پوءِ دمشق شهر نہ رهندو،
بلڪ اهو رڳو بربادِيءَ جو ڍير بڻجي ويندو.
2 هائو، ارام ملڪ جا سڀ شهر
هميشہ جي لاءِ ويران ٿي ويندا.
اهي رڍن ٻڪرين جون چراگاهون ۽ وٿاڻ بڻجي ويندا،
جتي اهي سلامتيءَ سان رهنديون،
۽ انهن کي ڪوبہ ڊپ ڊاءُ نہ هوندو.
3 باقي بچيل ارامين جي شان وَ شوڪت جو حشر بہ
بني اسرائيل جي شان وَ شوڪت جهڙو ئي ٿيندو،
ڇالاءِجو اسرائيل ۾ ڪوبہ ڪوٽ يا قلعو باقي نہ رهندو،
جڏهن تہ ارام جي شهر دمشق مان بادشاهي ختم ٿي ويندي.
اهو مون خداوند جو فرمان آهي.“
4 خداوند فرمايو تہ
”اهو ڏينهن ايندو،
جڏهن اسرائيل وارن جو شان وَ شوڪت ختم ڪيو ويندو،
۽ انهن جي خوشحالي مفلسيءَ ۾ بدلجي ويندي.
5 تڏهن اسرائيل ملڪ جو حال اهڙي ٻنيءَ جهڙو ٿيندو،
جنهن ۾ بيٺل فصل جو اهڙيءَ طرح لاٻارو ڪيو ويو هجي،
جو ان ۾ هڪڙو سنگ بہ نہ ڇڏيو ويو هجي.
هائو، ان جو حال رفائين جي ماٿريءَ جي
اهڙي سڪٽي ٻنيءَ جهڙو ٿيندو،
جنهن مان سنگ ميڙي ان کي خالي ڪيو ويو هجي.
6 پر جيڪڏهن ان ۾ ڪي ماڻهو بچي بہ ويا تہ
اهي ايترا تہ ٿورا هوندا،
جيئن ڪنهن ڌوٿو ڏنل زيتون جي وڻ ۾
ڪي ٿورا زيتون وڃي بچندا آهن،
بہ ٽي داڻا مٿاهين ٽارين ۾،
۽ هيٺاهين ڦلدار ٽارين ۾ رڳو چار پنج داڻا بس.
اهو مون خداوند، بني اسرائيل جي خدا جو فرمان آهي.“
7 انهيءَ ڏينهن ماڻهو پنهنجي خالق آڏو ٻاڏائيندا، هائو، سندن
اکيون بني اسرائيل جي پاڪ معبود ڏانهن مدد لاءِ واجهائينديون.
8 پوءِ اهي انهن غير معبودن جي قربانگاهن ڏانهن نہ نهاريندا،
جيڪي پنهنجي هٿن سان ٺاهيون اٿائون. نڪي هو انهن بتپرستيءَ
وارين شين کي مان ڏيندا، جيڪي سندن آڱرين جوڙيون هونديون، پوءِ
اهي يسيره ديويءَ جا ٿنڀا هجن يا لوبان ساڙڻ واريون قربانگاهون.
9 جڏهن اهو ڏينهن ايندو تڏهن ماڻهن جا ٺهيل قلعن وارا مضبوط
شهر برباد ڪري ويران ڪيا ويندا. پوءِ اهي انهن شهرن جيان وڻن ۽
ٻوٽن سان ڀرجي ويندا جن کي پراڻي وقت ۾ بني اسرائيل جي اڳيان
ماڻهو ڇڏي ڀڄي نڪتا هئا.

10 اي اسرائيل وارؤ! اهو سڀ انهيءَ ڪري ٿيندو،
جو اوهان پنهنجي بچائيندڙ خدا کي وساري ڇڏيو آهي،
جنهن مضبوط ٽڪر جيان اوهان جي حفاظت ٿي ڪئي.
انهيءَ جي بدران ديوتائن جي پوڄا لاءِ
اوهان باغ پٽي لڳايا آهن.
11 جيتوڻيڪ اوهان جا پوکيل ٻوٽا
انهيءَ ڏينهن وڌي وڻ ٿي وڃن،
۽ صبح جو گل جهلين،
تہ بہ اوهان کي انهيءَ مان ڪوبہ فصل نہ ملندو،
اٽلندو اوهين ڏک ۽ سخت مصيبت ۾ مبتلا هوندا.

## دشمن قومن جي بربادي

12 آه! گهڻين قومن جو گوڙ شور ٻڌڻ ۾ پيو اچي،
جيڪي سمنڊ جي گجگوڙ وانگر گجن ٿيون.

17:1–3 ير 49:23–27، عا 1:3–5، زڪ 9:1    10:17 يس 29:1

آه! اهي وڏي ٻوڏ وانگر شور مچائينديون ٿيون اچن.
13 هائو، غير قومون پاڻيءَ جي وڏي وهڪري وانگر
ڌوڪينديون ٿيون اچن.
پر خدا انهن تي عتاب نازل ڪندو،
۽ اهي ڀڄي وينديون.
هائو، اهي ڇڻ تيز هوا جي اڳيان جبلن جي مٽيءَ وانگر،
۽ طوفاني واچوڙي جي اڳيان ٻُهه وانگر اڏامي ويندا.
14 شام جي وقت اهي دهشت ڀڄي اچي ڪڙڪندا،
مگر صبح ٿيڻ کان اڳ ئي نابود ٿي ويندا.
انهن دشمنن جو اهو ئي مقدر آهي،
جيڪي ڪاهه ڪري اچي اسان کي لٽين ڦرين ٿا.

## *سوڊان لاءِ سزا

18 1 آه! ويل آهي سوڊان جي انهيءَ علائقي لاءِ!
جيڪو ان جي ندين جي هُن پار آهي،
۽ جنهن ۾ پرن وارن جيتن جي ڦڙڦڙ جو آواز ٻڌڻ ۾ ٿو اچي.
2 اتان سمنڊ جي رستي ايلچي ٿا اچن،
يعني پاڻيءَ ۾ تيزيءَ سان هلندڙ ڪانن جي جهازن ۾.
اي تيز رفتار قاصدؤ!
اوهين خداوند جو پيغام کڻي موٽي پنهنجي قوم وٽ وڃو،
جنهن جا ماڻهو قداور ۽ خوبصورت آهن.
اها زبردست ۽ فاتح قوم آهي،
جيڪا شروع کان وٺي اڄ ڏينهن تائين خوفناڪ رهندي آئي آهي.
انهيءَ جي ملڪ ۾ گهڻيون ئي نديون آهن.
3 دنيا وارن کي ڏنل هن پيغام ۾ اوهان جي قوم به شامل آهي،
سو ڌرتيءَ جا سمورا رهاڪو اهو ڌيان سان ٻڌن،
۽ جڏهن جبلن تي جهنڊو کڙو ڪيو وڃي ته
اوڏانهن نظر ڪن.
هائو، جڏهن جنگ جي نفيل وڄائي وڃي ته
انهيءَ ڏانهن ڌيان ڏنو وڃي.
4 ڇالاءِجو خداوند مون يسعياه کي پيغام ڏيندي فرمايو ته
”آءٌ پنهنجي عرش عظيم تان
ائين سڪون سان هيٺ نظر ڪندس،
جيئن ڏينهن جو گرميءَ ۾ سج جي تپش
ماٺ ۾ محسوس ٿيندي آهي،
يا جيئن اونهاري ۾ لاباري جي ڏينهن ۾
رات جو ماڪ خاموشيءَ ۾ پوندي آهي.
5 جڏهن ٻور مان گل ۽ گلن مان انگور مس ٿين ٿا،
تڏهن فصل جي پچڻ کان اڳ
جيئن ولين کي ڏاٽي سان وڍي ناس ڪيو وڃي،
تيئن ئي دشمنن جا منصوبا پورا ٿيڻ کان اڳ
آءٌ کين برباد ڪري ڇڏيندس.
6 پوءِ اهي سڀ شڪاري پکين،
۽ جهنگلي جانورن لاءِ ڇڏيا ويندا.
هائو، اونهاري ۾ شڪاري پکي انهن تي گذران ڪندا،
۽ سياري ۾ جهنگلي جانور.“

7 انهيءَ کان پوءِ ان قوم جا ماڻهو پنهنجا نذرانا کڻي قادرِمطلق
خداوند جي نالي واري جاءِ ۾، يعني صيئون جبل تي قادرِمطلق
خداوند آڏو آڻيندا، هائو، انهيءَ ئي قوم وارا جن جي ملڪ ۾ گهڻيون
ئي نديون آهن ۽ جن جا ماڻهو قداور ۽ خوبصورت آهن. اها زبردست
۽ فاتح قوم آهي، جيڪا شروع کان وٺي اڄ ڏينهن تائين خوفناڪ
رهندي آئي آهي.

## مصر لاءِ سزا

19 1 مصر بابت خداوند هي پيغام ڏنو ته
”ڏسو، آءٌ خداوند هڪ تيز رفتار بادل تي سوار ٿي
مصر ڏانهن اچي رهيو آهيان.
منهنجي اچڻ تي مصر وارن جا ديوتا ڏڪڻ لڳندا،
۽ ماڻهو همت هاري ويهندا.
2 هائو، آءٌ مصر ۾ اهڙي ته گهرو لڙائي ڇيڙي ڇڏيندس،
جو ڀاءُ ڀاءُ سان وڙهندو ۽ پاڙيسري پاڙيسريءَ سان.
شهر شهر جي خلاف اٿي کڙو ٿيندو،
۽ حڪمران هڪ ٻئي جي خلاف ٿي ويندا.
3 جڏهن آءٌ مصرين جي منصوبن کي ناڪام بڻائي ڇڏيندس،
تڏهن اهي همت هاري ويهندا.
پوءِ هو پنهنجن بتن کان، جادوگرن کان، ڀوڀن کان،
۽ مئل ماڻهن جي روحن سان ڳالهائيندڙن کان پيا پڇائون ڪندا.
4 آءٌ مصرين کي هڪڙي جابر
۽ ظالم حاڪم جي هٿن ۾ ڏيئي ڇڏيندس.
جيڪو مٿن حڪمراني ڪندو.
اهو مون خداوند قادرِمطلق جو فرمان آهي.“

5 نيل نديءَ جو پاڻي گهٽجي ويندو،
بلڪ اها سڪي ٺوٺ ٿي ويندي.
6 انهيءَ مان نڪرندڙ نهرن جي سُڪندڙ پاڻيءَ مان

*سوڊان: عبرانيءَ ۾ ”ڪُوش“ لکيل آهي. انهن ڏينهن ۾ هي علائقو موجوده ايٿوپيا ۽ سوڊان ملڪن جي ڪُجھ حصي تي مشتمل هو.

7–1:18 صف 12:2    25–1:19 ير 26–2:46، حز 32:32–1:29

بدبوءِ پيئي ايندي،
بلڪ نيل مان نڪرندڙ سڀ واهه سڪي خشڪ ٿي ويندا،
۽ ڪانا ۽ سَرَ ڪومائجي ويندا.
7 نيل نديءَ جي ڪناري واريون پوکون ۽ چراگاهون
ويندي سمنڊ جي چوڙ تائين سڀ سڪي سڙي نابود ٿي وينديون.
8 نيل نديءَ جي مڇيءَ تي گذران ڪندڙ مهاڻا روئندا رڙندا،
ڇالاءِجو سندن ڪُنڍيون توڙي ڄار بيڪار پيا هوندا.
9 انهيءَ جو اثر صاف ڪيل سڻيءَ جي ڪاريگرن تي بہ پوندو،
هائو، عمدي سڻيءَ مان ڪپڙو اڻڻ وارا نااميد ٿي ويندا.
10 بيشڪ مصر جا ڪپڙو اُڻيندڙ ڪاريگر دل‌شڪستہ ٿيندا،
۽ سپيئي مزدور غمگين ۽ ملول ٿي پوندا.

11 مصر جي شهر ضُعن جا اڳواڻ بلڪل بي‌وقوف آهن.
*فرعون جي سيني کان عقلمند مشيرن جي صلاح بہ
احمقانہ ليکجي ٿي،
پوءِ بہ اهي پنهنجي لاءِ چون ٿا تہ
”اسين ڏاهن جو اولاد ۽ شاهاڻي نسل مان آهيون.“
12 اي فرعون! هاڻي تنهنجي انهن ڏاهن جي ڏاهپ ڪٿي آهي؟
جڏهن تہ اهي ٻڌائي ئي نہ ٿا سگهن تہ
قادرِمطلق خداوند جو مصر جي باري ۾ ڪهڙو ارادو آهي؟

13 ضُعن شهر جا اڳواڻ بي‌وقوف ٿي پيا آهن،
نوف شهر جا شاهي عملدار ٺڳجي ويا آهن.
هائو، جن تي مصري قبيلن کي پروسو هو،
تن ئي کين گمراهہ ڪيو آهي.
14 اهو خداوند ئي آهي،
جنهن مصرين منجهہ مونجهارو وجهي ڇڏيو آهي.
ايتري قدر جو سندن ئي اڳواڻن
کين سيني ڪمن ۾ گمراهہ ڪري ڇڏيو آهي.
هائو، اهي انهيءَ نشئي ماڻهوءَ وانگر ٿي پيا آهن،
جيڪو پنهنجي الٽيءَ تان پاڻ ئي ترڪي پوي.
15 مصر ۾ ڪوبہ اهڙو نہ هوندو،
جيڪو ملڪ لاءِ مددگار ثابت ٿي سگهي،
پوءِ اهو شاهوڪار هجي توڙي غريب،
خاص هجي توڙي عام.

## مصرين جو خداوند ڏانهن لاڙو

16 جڏهن خداوند قادرِمطلق پنهنجي زورآور هٿ سان مصرين کي
سزا ڏيندو، تڏهن اهي ڊپ وچان ڏڪندا ۽ کين دهشت وٺي ويندي.
هائو، اهي عورتن جهڙا ڊڄڻا ٿي پوندا. 17 ان وقت يهوداہ جو ملڪ
مصر جي لاءِ دهشت جو سبب بڻبو. هائو، جنهن وٽ بہ يهوداہ جو
ذڪر ڪيو ويندو، سو ڊڄي ويندو. اهو سڀ خداوند قادرِمطلق جي
انهيءَ ارادي جي ڪري ٿيندو، جيڪو هن مصر جي خلاف رٿيو آهي.
18 انهن ڏينهن ۾ مصر ملڪ جي پنجن شهرن ۾ عبراني ٻولي
ڳالهائي ويندي ۽ انهن مان هڪڙي شهر کي ”سج جو شهر“ سڏيو
ويندو. انهن شهرن جا ماڻهو عهد اقرار ڪندي خداوند قادرِمطلق جا
ٻانها بڻجي ويندا.
19 انهن ڏينهن ۾ مصر ملڪ جي وچ ۾ خداوند جي هڪڙي
قربان‌گاهہ قائم ڪئي ويندي ۽ ملڪ جي سرحد تي ٿنڀي جيان خداوند
جي نالي جو هڪڙو نشان کڙو ڪيو ويندو. 20 اهي ٻئي شيون مصرين
لاءِ انهيءَ ڳالهہ جي ثابتي هونديون تہ قادرِمطلق خداوند ساڻن
گڏ موجود آهي. پوءِ اهي جڏهن ڪنهن مصيبت ۾ ڦاسي پوندا،
تڏهن خداوند جي حضور ۾ مدد لاءِ ٻاڏائيندا تہ هو سندن لاءِ ڪو
بچائيندڙ ۽ مددگار موڪليندو، جيڪو اچي کين دشمنن کان ڇڏائيندو.
21 اهڙيءَ طرح خداوند پنهنجو پاڻ کي مصر وارن تي ظاهر ڪندو ۽
پوءِ مصرين ۾ خداوند جي سڃاڻ ايندي. سو اهي قربانين ۽ نذرانن
پيش ڪرڻ سان خداوند جي عبادت ڪندا. هو خداوند جي حضور ۾
باسون باسيندا ۽ اهي پوريون ڪندا. 22 پوءِ جڏهن بہ اهي ڦرندا تڏهن
خداوند کين سزا ڏيندو ۽ اهي سندس آڏو توبهہ‌تائب ٿيندا. پوءِ هو
کين بچائيندو. هائو، هو سندن دعائون ٻڌندو ۽ هنن تان مصيبتون
ٽاري ڇڏيندو.
23 انهن ڏينهن ۾ مصر کان اشور تائين اچ وڃ جو رستو کليل
هوندو، سو اشور وارا مصر ۾ ايندا ۽ مصر وارا اشور ڏانهن ويندا.
اهي ٻئي قومون گڏجي خداوند جي عبادت ڪنديون. 24 تڏهن بني
اسرائيل مصر ۽ اشور جي ٻنهي ملڪن سان گڏجي ويندا ۽ اهي
ٽيئي قومون پوريءَ دنيا لاءِ برڪت جو باعث ٿينديون. 25 ڇالاءِجو
قادرِمطلق خداوند انهن کي هي چوندي برڪت وارو ڪندو تہ
”اي مصر وارؤ! منهنجي قوم،
اي اشور وارؤ! منهنجي ڪاريگري،
۽ اي بني اسرائيل! منهنجي چونڊيل قوم،
آءٌ اوهان کي برڪتون عطا ڪريان ٿو.“

## نبيءَ جو اگهاڙو ٿيڻ هڪ نشانيءَ طور

20 1 اشور جي شهنشاهہ سرگون پنهنجي لشڪر جي
سپهہ‌سالار اعليٰ کي فلستين جي شهر اشدود تي حملو
ڪري شهر فتح ڪرڻ جو حڪم ڏنو. سو هن انهيءَ شهر تي ڪاهہ
ڪئي. 2 انهيءَ کان ٽي سال اڳ ۾ خداوند يسعياہ ولد آموص کي
فرمايو هو تہ ”اي يسعياہ! جتيءَ سميت پنهنجي بدن تان هر شيءِ

*فرعون: هي مصر ملڪ جي بادشاهن جو لقب هو، وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو ”خاص لفظن جي سمجهاڻي“.

لاهي ڇڏ.” يسعياه ائين ئي ڪيو ۽ ٽن سالن تائين بلڪل اگھاڙو
گھمندو ڦرندو رهيو. 3 اشورين جڏهن اشدود شهر فتح ڪيو تڏهن
خداوند فرمايو ته ”جيئن ته منهنجو ٻانهو يسعياه ٽن سالن تائين
بلڪل اگھاڙو رهيو آهي، سو اها مصر ۽ سوڊان وارن جي لاءِ هڪڙي
نشاني ۽ عبرت آهي ته ساڻن ڇا ڪيو ويندو. 4 اهڙي ئي نموني
اشور جو شهنشاهه مصر ۽ سوڊان وارن کي پڪڙي جلاوطن ڪري
وٺي ويندو، پوءِ اهي ننڍا هجن توڙي وڏا، ڪين بلڪل انگ اگھاڙو
پنهنجي ملڪ ڏانهن وٺي ويندو، جنهن ڪري مصري خوار خراب
ٿيندا. 5 پوءِ اهي جيڪي سوڊان ۽ مصر کي پنهنجي اميد ۽ فخر
سمجھندا هئا، سي پريشان ۽ مايوس ٿي ويندا. 6 انهيءَ ڏينهن سمنڊ
جي ڪناري رهندڙ فلستي چوندا ته ’ڏسو، جنهن ملڪ کي اسين
پنهنجي اميد سمجھي ڏانهس مدد لاءِ ٿي ڊوڙياسين ته هو اسان کي
اشور جي شهنشاهه کان بچائي، تنهن جو ئي هھڙو حال ٿيو آهي،
ته پوءِ اسين ڪيئن بچي نڪرنداسين؟‘“

## بابل جي بربادي‌ءَ بابت اڳڪٿي

21 1 هي پيغام مون کي سمنڊ جي ڀر واري بيابان ۾ ڏنو ويو.
جھڙيءَ طرح ڏکڻ کان واچوڙا ملڪ ٻهاريندا لنگھندا آهن،
تھڙيءَ طرح انهيءَ خوفناڪ بيابان ۾
هڪڙي رويا اچي مون تي ڪڙڪي.
2 هائو، مون کي ڪيڏي نه هيبتناڪ رويا ڏيکاري ويئي،
جنهن ۾ دغاباز دغابازي ٿا ڪن ۽ برباد ڪندڙ بربادي ٿا آڻين.
انهيءَ رويا ۾ خداوند فرمايو ٿي ته
”اي عيلام جا لشڪر! بابل وارن تي ڪاهه ڪر،
اي مادئيءَ جا لشڪر! سندن شهرن جو گھيرو ڪر.
آءٌ خداوند بابل وارن جا ظلم ختم ٿو ڪريان،
تان‌ته مظلومن جون آهون ۽ دانهون بند ٿي وڃن.“

3 سو مون رويا ۾ جيڪي ڪجھه ڏٺو ۽ ٻڌو،
تنهن مون کي دهشت وٺائي ڇڏي،
۽ آءٌ اهڙن سورن ۾ مبتلا ٿي ويس،
جھڙا ڪنهن ويم واري عورت کي ٿيندا آهن.
4 سو هاڻ ته منهنجو مٿو ئي ڦري ويو آهي،
خوف مون کي ڪنبائي ڇڏيو آهي.
شام جو سڪون، جنهن لاءِ آءٌ سڪندو رهندو هوس،
سو بدلجي منهنجي لاءِ دهشت ٿي پيو آهي.

5 مون رويا ۾ ڏٺو ته
هڪ وڏي دعوت جي لاءِ غاليچا وڇايا ويا آهن،
جن تي بابل جي لشڪرن جا سالار ويٺا کائين پيئن ٿا.
تڏهن اوچتو ڪنهن رڙ ڪري چيو ته
”اي سالارؤ! اٿي کڙا ٿيو،
پنهنجون ڍالون ڪڍي تيار ٿيو.“

6 پوءِ پروردگار مون کي فرمايو ته
”وڃ، وڃي هڪڙو چوڪسي ڪندڙ بيهار،
جيڪو ڪنهن کي به ايندو ڏسي ته اطلاع ڏئي.
7 ڪيس چئُه ته جڏهن هو ڪن ٻن ٻن ماڻهن کي گڏ ايندي ڏسي،
پوءِ پيلي اهي گھوڙن، گڏهن يا اٺن تي سوار هجن،
تڏهن هو انهن سوارن کي نهايت ئي غور سان ڏسي.“
8 سو هيئن ٿيو جو
منهنجي بيهاريل چوڪسي ڪندڙ رڙ ڪري چيو ته
”اي منهنجا آقا! آءٌ سڄو ڏينهن توڙي سڄي رات
پهري واري ٽُلهه تي چوڪس بيٺو رهيو آهيان.
9 هاڻي اِجھو،
آءٌ هڪڙو ماڻهو ايندي ڏسي رهيو آهيان،
جنهن جي گاڏيءَ کي به گھوڙا ڇڪي رهيا آهن.
اهو ماڻهو رڙيون ڪري چوي ٿو ته
’بابل ڪري پيو آهي،
هائو، اهو تباهه وَ برباد ٿي ويو آهي.
انهيءَ جي معبودن جي سيني اُڪريل مورتين کي
زمين تي ڪيرائي ٽڪرا ٽڪرا ڪيو ويو آهي.‘“

10 اي منهنجي مظلوم قوم بني اسرائيل!
بيشڪ اوهين ڪٽڪ جي فصل وانگر ڳاهيا ويا آهيو.
پر هاڻي اوهان جي لاءِ هڪڙي خوشخبري آهي،
جيڪا قادرِمطلق خداوند،
بني اسرائيل جي خدا کان مون ٻڌي آهي.

## ادوم ملڪ وارن جو سوال

11 هي پيغام *سنسان رات بابت آهي.
ادوم جي جابلو علائقي مان ڪنهن مون کي پڪاري چيو ته
”اي پهريدار! رات ڪڏهن پوري ٿيندي؟
ٻڌاءِ ته رات ڪڏهن ختم ٿيندي؟“

*سنسان رات: عبرانيءَ ۾ لفظ ”دومه“ لکيل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ”سنسان.“ پر انهيءَ سان گڏوگڏ اهو ادوم ملڪ ڏانهن اشارو پڻ سمجھي سگھجي ٿو يا وري دومه نالي هڪڙي پراڻي تلاءُ ڏانهن، جيڪو عرب جي بيابان ۾ هو.

9:21 مڪا 8:14، 2:18

12 مون ورندي ڏني تہ
”هينئر صبح ٿيڻ وارو آهي،
پر رات وري ٻيهر ايندي.
جيڪڏهن اوهين ٻيهر پڇڻ چاهيو ٿا،
تہ پلي وري موٽي اچي پڇو.“

## عرب جي خيابان بابت پيغام

13 هي پيغام عرب جي خيابان بابت آهي.
ڏسو، ددانين پناهگيرن جو قافلو
عرب جي خيابان ۾ تنبو هنيو ويٺو آهي.
14 سو اي تيما جي علائقي جا رهاڪؤ!
اوهين انهن اڃايلن کي پاڻي آڻي ڏيو،
۽ انهن بکايل پناهگيرن کي کاڌو آڻي ڏيو.
15 اهي ماڻهو تلوارن جي قتلام کان،
۽ تيرن جي وسڪاري کان ڀڄي نڪتا آهن.
هائو، اهي جنگ جي خطرن کان بچي آيا آهن.

16 پوءِ پروردگار مون کي فرمايو تہ ”ڏس، اڄ کان هڪ سال جي
اندر اندر سندن دشمن قيدار جو سمورو شان وَ شوڪت ختم ڪيو
ويندو. 17 هائو، سندن تيراندازن بلڪ سڀني جنگي جوڌن مان ڪي
ٿورا وڃي بچندا. اهو مون خداوند، بني اسرائيل جي خدا جو فرمان
آهي.“

## يروشلم بابت پيغام

22 1 هي پيغام رويا واري واديءَ بابت آهي.
اي يروشلم وارؤ! اوهان کي ڇا ٿيو آهي؟
اوهين سڀ پنهنجي گهرن جي ڇتين تي
ڇو خوشيون پيا ملهايو؟
2 اوهان جي شهر ۾ ڇو خوشيءَ جا نعرا،
گوڙ شور ۽ هل هنگامو لڳو پيو آهي،
جڏهن تہ جنگ ۾ اوهان جا قتل ٿيل ماڻهو،
وڙهيا ئي ڪين هئا تہ بہ مارجي ويا.
3 بلڪ اوهان جا سڀيئي اڳواڻ ڀڄي نڪتا هئا،
۽ انهن سڀني کي بنا تير هڻڻ جي قيد ڪيو ويو آهي.
توڙي جو اهي تمام پري نڪري ويا هئا،
تہ بہ ڪين پڪڙي گڏ ڪيو ويو.
4 اهو سڀ ڏسي مون چيو تہ
”آه! مون کي اڪيلو ڇڏي ڏيو،
تان‌تہ آءٌ پنهنجي قوم جي بربادي‌ءَ تي
زاروزار روئان رڙان.
اوهين مون کي ڪا تسلي ڏيڻ جي ڪوشش نہ ڪريو.“

5 خداوند، قادرِمطلق خدا هي وقت
رويا واري واديءَ جي لاءِ جنگ جي شور،
دهشت ۽ هراس واسطي چونڊيو آهي.
يروشلم شهر جون ديوارون ڊاهي ڪيرايون ويون آهن.
پهاڙن ۾ مدد جي پڪارن جو پڙاڏو پيو گونجي.
6 عيلام ۽ قير جي تيراندازن حملي لاءِ جنگي گهوڙي گاڏين
۽ سوارن سان گڏ تيرن سان ترڪش ڀري کنيا آهن،
۽ پنهنجي ڍالن تان پوش هٽائي ڇڏيا اٿائون.
7 يهوداه جون سرسبز واديون
انهن جي جنگي گهوڙي گاڏين سان ڀرجي ويون آهن.
سندن گهوڙي سوار سپاهي يروشلم جي دروازن اڳيان
صفون ٻڌيو بيٺا آهن.
8 سڄي يهوداه جو دفاع ڀڄي پورا پورا ٿي ويو آهي.

اي يروشلم وارؤ! انهيءَ وقت اوهان پنهنجي خدا تي ڀروسو نہ
ڪيو، بلڪ پنهنجي لبنان جي ٻيلي واري ڪاٺ مان ٺهيل محل جي
اسلحہ خاني مان وڃي هٿيار ڪڍيا. 9-10 اوهان ڏٺو تہ يروشلم شهر
جي ڀتين جا گهڻا حصا ڀڳل هئا. سو اوهان يروشلم جي گهرن جي
جانچ پڙتال ڪئي ۽ انهن مان ڪن گهرن کي ڊاٺو، تان‌تہ شهر جي ڀڳل
ڀتين جي مرمت ڪرڻ لاءِ انهن مان پٿر حاصل ڪريو. اوهان هيٺاهين
تلاءَ ۾ پاڻي گڏ ڪيو. 11 اوهان اندرين ٻنهي ڀتين جي وچ ۾ هڪڙو
وڏو حوض تعمير ڪيو، تہ جيئن پراڻي تلاءَ کان وهندڙ پاڻي ڪٺو
ڪيو وڃي. پر جنهن خدا اهو سڀ ڪرڻ لاءِ گهڻو اڳي رٿي ڇڏيو هو،
تنهن کان اوهان منهن موڙي ڇڏيو ۽ انهيءَ ڏانهن ڪو ڌيان نہ ڏنو.

12 انهيءَ وقت خداوند، قادرِمطلق خدا اوهان کي روئڻ رڙڻ،
۽ سوڳ طور مٿي جا وار ڪوڙائڻ ۽ ڪٿو ڍڪڻ جو حڪم ڏنو.
13 پر ڏسو، انهيءَ جي بدران اوهان خوشيون ۽ شادمانا ڪيا،
ڍور ڍڳا ۽ رڍون ٻڪريون ذبح ڪيون،
۽ هيئن چوندي گوشت کائڻ ۽ مئي پيئڻ ۾ مشغول ٿي ويا تہ
”اچو تہ کائي پي عيش ڪريون،
ڇالاءِجو سڀاڻي شايد اسين مري وڃون.“
14 تڏهن قادرِمطلق خداوند
پنهنجو فيصلو ٻڌائيندي مون کي فرمايو تہ
”يقيناً جيستائين هي جيئرا آهن،
تيستائين هنن جون اهي بڇڙايون

22:8 1.با 7:2 22:13 1.ڪر 15:32

هرگز معاف نہ ڪيون وينديون.
اهو مون خداوند قادرِمطلق جو فرمان آهي.”

## شبناه کي تنبيهہ

15 پوءِ خداوند قادرِمطلق خدا مون يسعياه کي شاهي محل جي
ناظم شبناه ڏانهن پنهنجو هي پيغام ٻڌائڻ لاءِ موڪليو تہ 16 “اي
شبناه! تو کي ڪهڙو حق آهي جو تون پهاڙ جي بلنديءَ تي شاهي
قبرستان ۾ پنهنجي دفن ٿيڻ لاءِ مقبرو ٿو ٺهرائين؟ تنهنجو ڪهڙو
مائٽ هتي دفن آهي جو تون پنهنجي لاءِ بہ هتي قبر ٿو کوٽائين؟ 17 ياد
رک، ڀلي تون ڪيترو بہ طاقتور هجين، مگر آءٌ خداوند تو کي پڪڙي
تمام زور سان پري اڇلائي ڇڏيندس. 18 بيشڪ آءٌ تو کي مروڙي
سروڙي کينهوءَ وانگر هڪ ڏورانهين وڏي ملڪ ۾ اڇلائيندس. اتي
تون مرندين ۽ اهي جنگي گهوڙي گاڏيون جن تي تون فخر ٿو ڪرين
سي اتي ئي رهجي وينديون. اهڙيءَ طرح تون پنهنجي آقا جي گهر
جي خواريءَ جو سبب ٿيندين. 19 آءٌ خداوند تو کان تنهنجو عهدو
کسي وٺندس. هائو، آءٌ تو کي تنهنجي اعليٰ مرتبي تان هيٺ ڪيرائي
ڇڏيندس.

20 انهيءَ ڏينهن آءٌ خداوند پنهنجي ٻانهي الياقيم ولد خلقياه کي
سڏيندس 21 ۽ تنهنجي خلعت انهيءَ کي ڍڪائيندس. آءٌ تنهنجو
ڪمربند انهيءَ کي ٻڌندس ۽ تو وارا اختيار انهيءَ جي هٿ ۾
ڏيئي ڇڏيندس. الياقيم يروشلم جي رهاڪن توڙي يهوداہ جي شاهي
گهراڻي جي ابي ڏاڏي جيان ٿيندو. 22 آءٌ خداوند دائود جي گهراڻي
جون سموريون چاٻيون انهيءَ جي حوالي ڪري ڇڏيندس. سو هو
پوري اختيار سان هر ڪم ڪندو. هو جيڪا شيءِ کوليندو سا ڪوبہ
بند ڪري نہ سگهندو ۽ جيڪا شيءِ هو بند ڪندو تنهن کي ڪوبہ
کولي نہ سگهندو. 23 آءٌ خداوند کيس اهڙيءَ طرح قائم ڪندس،
جيئن ڪنهن مضبوط جاءِ تي ڪلي کوڙبي آهي. سو الياقيم پنهنجي
ابي ڏاڏي جي گهراڻي لاءِ شان وَ شوڪت جو باعث ٿيندو. 24 الياقيم
جو اولاد توڙي مٽ مائٽ سڀيئي سندس محتاج ٿيندا. هائو، اهي مٿس
ائين ٽنگيل هوندا، جيئن ننڍا وڏا ٿانوَ پيالن کان مٽڪن تائين ڪليءَ
۾ ٽنگيل هوندا آهن. 25 تنهن هوندي بہ جيڪا ڪلي هاڻي مضبوطيءَ
سان لڳائي ويندي، سا ڪنهن ڏينهن مون قادرِمطلق جي فرمان موجب
لوڏي لوڏي ڍلي ڪري هيٺ ڪيرائي ويندي. پوءِ انهيءَ تي ٽنگيل هر
ڪا شيءِ ڪري ناس ٿي ويندي. اهو ئي مون خداوند جو فرمان آهي.”

## صور ۽ صيدا شهرن بابت پيغام

23 1 هي پيغام صور ۽ صيدا شهر بابت آهي.
اي اوهين! جيڪي ترسيس کان
ساموندي جهازن رستي موٽي ٿا اچو،
سي واءِويلا ڪريو،
ڇالاءِجو اوهان جو بندرگاهہ وارو شهر صور
اهڙو تہ برباد ڪيو ويو آهي،
جو اتي اوهان لاءِ ڪوبہ گهر يا در سلامت ڪونهي.
اها خبر اوهان کي قبرص جي ٻيٽ تي پهچڻ وقت ملندي.
2 اي سمنڊ جي ڪناري واري شهر صيدا جا واپاريؤ!
اوهين روئو رڙو.
اوهين سوداگرن کي سمنڊ جي هُن پار موڪليندا هئا،
3 تہ جيئن اوهين سڀني قومن سان واپار ڪري سگهو.
هنن ٻين قومن سان واپار ڪندي
اوهان کي دولتمند بڻائي ڇڏيو آهي.
اوهين سيحور مان اناج خريد ڪري اڇي وڪرو ٿا ڪريو،
جيڪو مصر ۾ پوکيو وڃي ٿو.
4 پر اي صيدا شهر وارؤ! اوهين تہ هاڻي خوار خراب ٿيا آهيو،
ڇالاءِجو هاڻ سمنڊ اوهان کي
پنهنجي اولاد جيان پناهہ نہ ٿو ڏئي.
هائو، سمنڊ هڪ سنڍ عورت جيان
اوهان کي ڏڪاريندي چوي ٿو تہ
“مون تہ ويم جا سور ڏٺا ئي نہ آهن،
پوءِ اوهين ڪٿان منهنجو اولاد ٿيڻجي آيا آهيو؟”

5 سو جڏهن مصر وارا انهيءَ شهر جي تباهيءَ بابت ٻڌندا،
تڏهن کين اهڙو ئي ڏک ٿيندو،
جهڙو کين صور جي بربادِيءَ تي ٿيو هو.
6 اي سمنڊ جي ڪناري وارن انهن شهرن جا رهاڪؤ!
اوهين زاروزار روئندي ترسيس ڏانهن ڀڄي وڃو.
7 ڇالاءِجو اوهان جا خوشين ڀريا شهر،
جيڪي قديم زمانن کان قائم هئا،
سي هاڻي برباد ٿي ويا آهن.
ڪڏهن تہ انهن جا رهاڪو لڏي وڃي
پري پري وارن ملڪن ۾ شان سان رهندا هئا.

8 ڀلا اهو ڪير آهي،
جنهن صور شهر کي برباد ڪرڻ جو منصوبو رٿيو؟
هائو، انهيءَ شهر کي ڪنهن ناس ڪيو،
جيڪو بادشاهن کي تاج پهرائيندڙ هو،
جنهن جا واپاري امير هئا،
۽ جنهن جا سوداگر پوريءَ دنيا ۾ معزز ليکيا ٿي ويا؟
9 اهو منصوبو قادرِمطلق خداوند ئي رٿيو،

22:22 مڪا 7:3 1:23–18 حز 26:1–28:19، يوا 3:4–8، عا 1:9–10، زڪ 9:1–4، مت 11:21–22، لو 10:13–14

انهيءَ لاءِ تہ هو انهيءَ شهر جي
مغرورن جي شان وَ شوڪت کي چٽ ڪري ڇڏي،
جيڪي سڄيءَ دنيا ۾ معزز سمجهيا ٿي ويا.

10 هاڻي اي ترسيس جا رهاڪؤ!
اوهين ڀلي پنهنجي ملڪ ۾ آزاديءَ سان گهمو ڦرو،
جيئن نيل نديءَ جو پاڻي سڄي مصر ۾ وهندو ٿو رهي،
ڇالاءِجو اوهان تان
صور وارن جي روڪ ٽوڪ ختم ٿي ويئي آهي.

11 خداوند جو هٿ سمنڊ تي اچي پيو آهي،
بلڪ هن بادشاهتن کي بہ لوڏي ڇڏيو آهي.
خداوند *صور ۽ صيدا جي ملڪ خلاف حڪم ڏنو آهي تہ
انهيءَ جي قلعن کي ڊاهي ناس ڪيو وڃي.
12 خداوند صيدا جي رهاڪن کي فرمايو تہ
”اي صيدا جا رهاڪؤ!
اڄ تائين اوهان جي شهر کي ڪنهن هٿ بہ نہ لاتو آهي،
پر هاڻي اوهان جون خوشيون ختم ٿي وينديون.
هائو، اوهين مظلوم ٿي قبرص ڏانهن ڀڄي نڪرندا،
جتي بہ اوهين امن وَ سلامتيءَ سان رهي نہ سگهندا.“

13 بابل ملڪ اهڙي تباهيءَ جو هڪڙو مثال آهي، جنهن جي قوم کي
اشورين ناس ڪري ڇڏيو ۽ سندن سڄي ملڪ کي جهنگلي جانورن
جي جُوءِ بڻائي ڇڏيائون. هنن شهرن تي حملي ڪرڻ لاءِ ٽُلهم ڪڙا
ڪيا ۽ پوءِ انهن جي محلاتن کي ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيائون. ايتري
قدر جو بابل ملڪ ويران ٿي ويو.

14 اي اوهين! جيڪي ترسيس کان
سامونڊي جهازن رستي موٽي ٿا اچو،
سي واءِ ويلا ڪريو،
ڇالاءِجو اوهان جو قلعي وارو شهر صور بہ
اهڙيءَ طرح ئي برباد ڪيو ويو آهي.

15 انهيءَ ڏينهن کان وٺي صور شهر کي ستر سالن تائين وساريو
ويندو، جيڪو ڪنهن بادشاهہ جي ڄمار جيترو وقت آهي. ستر سالن
جي پوري ٿيڻ کان پوءِ صور جو حال هن گيت واري ڪيريءَ جهڙو
ٿيندو تہ
16 ”اي ڪيري! تون جيڪا وساري ويئي آهين،
هاڻ تون هڪڙو دنبورو کڻي شهر ۾ گهم ڦر،
خوب ڳاءِ ۽ وڄاءِ،
تہ من ڪو تو کي وري ياد ڪري.“

17 جڏهن اهي ستر سال پورا ٿيندا، تڏهن خداوند صور شهر جي
سار سنڀار لهندو. ان وقت جيئن ڪا ڪيري پيهر ساڳئي نموني
پنهنجي ڪمائي ڪري، تيئن ئي صور شهر وري دنيا جي هر قوم
سان پنهنجو واپار ڪندو. 18 پر انهيءَ جي تجارت ۽ اُجوري واري
رقم خداوند جي لاءِ مخصوص هوندي. اها ڪنهن بہ خزاني ۾ ميڙي
گڏ ڪري نہ رکي ويندي، بلڪ انهيءَ جي تجارت جو نفعو خداوند
جي عبادت ڪندڙ قوم لاءِ ئي هوندو، تانتہ اهي ڍءُ ڪري کائين
پيئن ۽ عمدي پوشاڪ پهرين.

## ڌرتيءَ لاءِ سزا

24 1 ڏسو، خداوند ڌرتيءَ کي خالي ۽ ويران ڪرڻ وارو آهي.
هو انهيءَ کي اٿلائي اونڌو ڪندو،
۽ ان جي رهاڪن کي ڇڙوڇڙ ڪري ڇڏيندو.
2 تڏهن سڀني جو حال هڪجهڙو ٿيندو،
جهڙو عام ماڻهوءَ جو تهڙو ڪاهن جو،
جهڙو نوڪر جو تهڙو مالڪ جو،
جهڙو ٻانهيءَ جو تهڙو سائڻ جو،
جهڙو خريدار جو تهڙو وڪڻندڙ جو،
جهڙو اڌاري وٺندڙ جو تهڙو اڌاري ڏيندڙ جو،
جهڙو وياج ڏيندڙ جو تهڙو وياج وٺندڙ جو.
3 ڌرتي بلڪل ويران ٿي ويندي،
هائو، اها بلڪل لٽيل ڦريل حالت ۾ هوندي،
اهو خداوند جو فرمان آهي جيڪو ضرور پورو ٿيندو.

4 ڌرتي سُڪي نوٽ ٿي ويندي،
سو سڄي دنيا بيتاب ۽ ڏکي ٿي ويندي.
هائو، دنيا جا زورآور اڳواڻ بہ زبون حال هوندا.
5 بيشڪ ڌرتي پنهنجي رهاڪن جي ڪري پليت ٿي آهي،
ڇالاءِجو هو شريعت جون حدون لنگهي ويا آهن.
هنن خدا جي حڪمن جي نافرماني ڪئي آهي،
۽ سندس ڪيل دائمي عهد ٽوڙي ڇڏيو اٿائون.
6 تنهنڪري خداوند ڌرتيءَ کي لعنت سان پري ڇڏيندو.
انهيءَ جا رهاڪو پنهنجي گناهن جي ڪري مرندا ڳرندا ويندا،
۽ رڳو ڪي ٿورا ماڻهو باقي وڃي بچندا.

7 انگورن جون وليون سڪي سڙي وينديون،

*صور ۽ صيدا جي ملڪ: اصلي مواد ۾ ڪنعان ملڪ جو نالو لکيل آهي، شايد ڪنهن وقت انهن کي ڪنعان جا شهر سمجهيو ويندو هو، ڇالاءِجو اهي ڪنعان کان پري نہ آهن.

سو مئي اڻلڀ ٿي ويندي.
تڏهن جيڪي اڳ ۾ مئي پي خوشيون ڪندا هئا،
سي سڀ هاڻي غمگين ٿي ويندا.
8 دڦن ۽ سارنگين جا خوشين ڀريا آواز بلڪل بند ٿي ويندا،
هائو، شادمانا ڪندڙن جا آواز ختم ٿي ويندا.
9 مئي پيئڻ وارن جي خوشيءَ جا گيت ڳائڻ ۾ نہ ايندا،
بلڪ نشي واري ڪابہ شيءِ پيئڻ واري کي ڪو مزو نہ ڏيندي.
10 شهر ويران ۽ ناس ٿي ويندا،
سڀ گهر مضبوطيءَ سان بند ڪيا ويندا،
تانتہ انهن ۾ ڪوبہ داخل ٿي نہ سگهي.
11 مئي نہ ملڻ جي ڪري ماڻهو گهٽين ۾ رڙندا وتندا.
خوشيون هميشہ جي لاءِ موڪلائي وينديون،
۽ سرهائي ڌرتيءَ تان ئي گم ٿي ويندي.
12 شهرن کي ڊاهي بلڪل کنڊر بڻايو ويندو،
۽ انهن جا دروازا ڀڃي ناس ڪيا ويندا.
13 بيشڪ ڌرتيءَ تي رهندڙ قومن جو اهڙو حال ٿيندو،
جهڙو ميوو ڇاڻڻ کان پوءِ زيتون جي وڻ جو،
يا جهڙو انگور چونڊجڻ کان پوءِ خالي ول جو.

## عادل خدا جي واکاڻ

14 ماڻهو خوشيءَ وچان وڏي آواز ۾ ڀيا ڳائين.
هائو، الهندي وارا خداوند جي حشمت جي واکاڻ ٿا ڪن،
15 اڀرندي وارا خداوند جي ساراهہ پيا ڳائين،
۽ سمنڊ جي ٻيٽن وارا سڀيئي ماڻهو پڻ
خداوند، بني اسرائيل جي خدا جي وڏائي بيان پيا ڪن.
16 بيشڪ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ کان
عادل خدا جي واکاڻ جا گيت ڳائڻ ۾ ٿا اچن.
پر ويل آهي مون لاءِ!
ڇالاءِجو منهنجا حالات تمام خراب آهن،
بلڪ آءٌ ڳرندو ٿو وڃان،
هائو، جڏهن آءٌ ڏسان ٿو تہ
دغابازي ڪندڙ دغابازيءَ جي هلت کان باز نہ ٿا اچن،
بلڪ سندن دغابازي ڏينهون ڏينهن وڌندي ٿي وڃي.

## ڌرتيءَ جي تباهي

17 ياد رکو، اي ڌرتيءَ جا رهڻ وارؤ!
دهشت، کڏ ۽ ڦندو،
اهي اوهان سڀني جي انتظار ۾ آهن.
18 هائو، جيڪي دهشت واري آواز کان ڀڄندا،
سي کڏ ۾ وڃي ڪرندا.
جيڪي کڏ مان نڪري ٻاهر ايندا،
سي ڦندي ۾ ڦاسايا ويندا.
مطلب تہ اوهان مان ڪوبہ بچي نہ نڪرندو.
ڇالاءِجو آسمان مان برسات جو وهڪرو اچي نازل ٿيندو،
۽ ڌرتيءَ جا بنياد لوڏيا ويندا.
19 زمين کي ايڏو تہ سختيءَ سان لوڏيو ويندو،
جو اها ڦاٽي پوندي ۽ ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويندي.
20 ان وقت ڌرتي نشئي ماڻهوءَ وانگر ٿڙندي ٿاٻڙندي،
اها طوفان ۾ لڏندڙ جهوپڙيءَ وانگر هيڏي هوڏي لڏندي.
سندس گناهن جو مٿس ايترو تہ ڳرو بار هوندو،
جو اها اهڙي ڪرندي جو وري اٿي نہ سگهندي.

21 اهو ڏينهن ايندو،
جڏهن خداوند آسماني طاقتن کي آسمان ۾،
۽ ڌرتيءَ جي حڪمرانن کي ڌرتيءَ تي سزا ڏيندو.
22 خدا بادشاهن جي ميڙ کي قيدين وانگر گڏي
آڻي کڏ ۾ وجهندو.
هائو، انهن کي سندن سزا جي ڏينهن تائين
قيدخاني منجهہ بند رکيو ويندو.
23 انهيءَ وقت قادرِمطلق خداوند جي ئي بادشاهي هوندي،
هو صيئون جبل تي اڏيل يروشلم شهر مان حڪم هلائيندو،
۽ سندس قوم جا حاڪم سندس جلوو پيا پسندا.
خداوند جو جلوو ايترو تہ تجليءَ وارو هوندو جو
سج چنڊ بہ سندس آڏو لڄي ۽ شرمسار هوندا.

## شڪرگذاريءَ جو گيت

25 1 اي خداوند! تون منهنجو خدا آهين.
آءٌ تنهنجي وڏائي بيان ڪندس،
۽ تنهنجي نالي جي واکاڻ ڪندس،
ڇالاءِجو تو اهي عجيب وَ غريب ڪم
بلڪل ساڳئي نموني پورا ڪري ڏيکاريا آهن،
جيئن تو قديم زمانن کان رٿي ڇڏيا هئا.
2 تو اسان جي دشمنن جي شهرن کي
مٽيءَ جي ڍڙن ۾ تبديل ڪري ڇڏيو،
۽ انهن جي مضبوط قلعن ۽ محلاتن کي
ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيو.
ايتري قدر جو اهي ابد تائين وري نہ اڏجي سگهندا.
3 تنهنڪري زورآور ۽ ظالم قومن وارا
تو کان ڊڄندا ۽ تنهنجي تعظيم ڪندا.

4-5 تون غريبن ۽ لاچارن جي لاءِ هڪ مضبوط قلعو آهين.
هائو، سندن مصيبتن ۾ تون هڪ پناهہ‌گاهہ آهين.

ظالم دشمن اسان تي ائين ٿا اچي ڪڙڪن،
جيئن طوفاني برسات اچيو ڪڙڪي،
يا جيئن ٿاڪ منجهند جي اُس ساڙيو ڇڏي.
پر تون انهيءَ طوفان کان اسان جي جاءِپناهہ،
۽ انهيءَ اُس کان بچائڻ لاءِ ڇانوَ آهين.
جهڙيءَ طرح ڪڪرن جي ڇانوَ ۾ گرمي گهٽجي ٿي وڃي،
تهڙيءَ طرح تون زورآورن جي شادمانن کي ختم ڪري ڇڏيندين.

## خداوند، اسان جو بچائيندڙ

6 قادرِمطلق خداوند هن صيئون جبل تي
دنيا جي سڀني قومن لاءِ هڪ وڏي دعوت ڪندو،
هائو، اهڙي دعوت جنهن ۾ سڀ‌يا،
۽ عمدا شاهي طعام ۽ عمدي خالص مئي هوندي.
7 اتي هو ڏکن جا اهي ڪڪر هٽائي ڇڏيندو،
جيڪي دنيا جي سڀني قومن مٿان ڇانيل آهن.
8 هائو، قادرِمطلق خداوند
موت کي هميشہ لاءِ ماري مات ڪري
سڀني جي اکين مان ڳوڙها اُگهي ڇڏيندو.
هو سڄيءَ دنيا مان پنهنجي قوم جي خواري مٽائي ڇڏيندو.
اهو خداوند جو فرمان آهي.

9 انهيءَ ڏينهن ماڻهو هيئن چوندا تہ
”ڏسو، اهو ئي اسان جو خدا آهي،
جنهن ۾ اسان جي اميد هئي تہ
هو اسان کي بچائيندو.
سو هن اسان جي توڪل موجب اسان کي بچايو آهي،
هاڻي اسين خوش ۽ سرها آهيون.“
10 بيشڪ خداوند هن جبل صيئون جي حفاظت ڪندو رهندو.
مگر موآب جا ماڻهو پنهنجي جاءِ تي
ائين لتاڙي ناس ڪيا ويندا،
جيئن سڪل گاهہ لتاڙجي ڇيٽي سان ملي ويندو آهي.
11 پوءِ اهي ڪنهن ٻڏندڙ ماڻهوءَ جيان
پاڻ کي بچائڻ لاءِ هٿوراڙيون هڻندا،
پر سندن هر طرح جي ڪوشش جي باوجود
خدا سندن غرور کي خاڪ ۾ ملائي ڇڏيندو.
12 هو موآب جي مضبوط قلعن وارين ڀتين کي ڊاهي ڇڏيندو،
هائو، هو انهن کي ڌرتيءَ تي ڪيرائي
مٽيءَ سان ڳڏ مٽي ڪري ڇڏيندو.

## فتحمنديءَ جو گيت

26 1 انهيءَ ڏينهن يهوداہ جا ماڻهو هي گيت ڳائيندا تہ
”اسان جو شهر يروشلم هڪ محفوظ شهر آهي،
جنهن جي ڪوٽ جي حفاظت خدا پاڻ ٿو ڪري.
2 شهر جا دروازا کوليو،
تہ جيئن اهي ماڻهو اندر اچن،
جيڪي خدا سان وفادار آهن،
۽ حق جي راهہ تي قائم ٿا رهن.
3 بيشڪ خداوند انهن کي پوري پوري سلامتي بخشي ٿو،
جيڪي هر حال ۾ مٿس ئي توڪل رکندڙ آهن.
4 تنهنڪري هميشہ خداوند خدا تي ئي توڪل رکو،
ڇالاءِجو هو ئي ابد تائين اسان جو طاقتور محافظ آهي.
5 پر هن انهن کي بلڪل پست ڪري ڇڏيو آهي،
جيڪي جبل واري مضبوط شهر ۾ فخر سان ٿي رهيا.
هن سندن شهر جي ڪوٽ کي ڪيرائي
خاڪ ۾ ملائي ڇڏيو آهي.
6 هاڻي اهي جيڪي مسڪين ۽ مظلوم هئا،
سي انهن جي شهر کي پنهنجي پيرن هيٺ لتاڙين ٿا.

7 سچارن جي رستي ۾ ڪو ڪڏو ڪوبہ ڪونهي،
هائو، اي خداوند! تون ئي سندن رستو سنئون سڌو بڻائين ٿو.
8 اي خداوند! اسين بہ تنهنجي ئي فيصلن مطابق هلون ٿا،
۽ تو ۾ ئي اميد رکون ٿا.
تنهنجو نالو ۽ تنهنجي ياد ئي اسان جي تمنا آهي.
9 سڄي رات اسين پنهنجي پوريءَ دل سان
تنهنجا مشتاق ٿا رهون.
هائو، اسين هميشہ تنهنجا طالبو ٿا رهون،
ڇالاءِجو جڏهن تنهنجا فيصلا هن ڌرتيءَ تي نازل ٿين ٿا،
تڏهن سڄي دنيا وارا سچائيءَ جي ڄاڻ حاصل ڪن ٿا.

10 بدڪارن سان ڪيڏو بہ رحم وارو سلوڪ ڪيو وڃي،
پر تڏهن بہ اهي حق جي راهہ تي نہ هلندا.
اي خداوند! اهڙن ماڻهن کي
تنهنجي عظمت جو بہ ڪو لحاظ ڪونهي،
اهي تنهنجي هن انصاف واري ملڪ ۾ بہ
بڇڙائي ڪندا ٿا وتن.
11 اي خداوند! تنهنجا دشمن ڪين ٿا ڄاڻن تہ
ڪين سزا ڏيڻ لاءِ تنهنجو هٿ بلند ٿيو آهي.

8:25 1.ڪر 54:15، مڪا 17:7، 4:21 12–10:25 يس 1:15–14:16، ير 1:48–47، حز 8:25–11، عا 1:2–3، صف 8:2–11 11:26 عبر 27:10

تون کين ڏيکار تہ تو کي پنهنجيءَ قوم لاءِ
ڪيڏي نہ غيرت آهي.
هائو، تون انهن کي خوار خراب ڪر،
۽ کين انهيءَ باهہ ۾ ساڙي رک ڪري ڇڏ،
جيڪا تو پنهنجي دشمنن لاءِ پڙڪائي آهي.

12 اي خداوند! تون ئي اسان کي سلامتي بخشيندين،
ڇالاءِجو جيڪي ڪجهہ اسان کي حاصل ٿئي ٿو،
سو سڀ تنهنجي ڪمن جو ئي نتيجو آهي.
13 اي خداوند، اسان جا خدا!
بيشڪ ٻين حڪمرانن بہ اسان تي حڪم پئي هلايو آهي،
پر تو کان سواءِ اسين ڪنهن ٻئي جا تابعدار ناهيون.
14 هاڻي اهي دشمن حڪمران مري کپي ويا آهن،
۽ وري جيئرا ڪين ٿيندا.
هائو، اهي مئلن جي دنيا مان اٿي ڪين ايندا،
ڇالاءِجو تو کين سزا ڏيئي اهڙو ناس ڪري ڇڏيو آهي،
جو سندن نالو نشان بہ هميشہ لاءِ مٽجي ويو آهي.
15 پر اي خداوند! تو پنهنجي قوم کي وڌايو آهي.
هائو، تو اسان کي ۽ اسان جي ملڪ کي
اڳي کان گهڻو وڌايو آهي،
جنهن مان تنهنجي عظمت ظاهر ٿئي ٿي.

16 اي خداوند!
مصيبت جي وقت اسين تنهنجا تابعدار ٿياسين.
هائو، جڏهن تو اسان کي اهڙي سيکت ڏني،
تڏهن اسان تو آڏو اچي ٻاڏايو.
17 اي خداوند! تنهنجي ڏنل تڪليفن جي ڪري
اسين اهڙيءَ ويم واري عورت جهڙا ٿياسين،
جنهن جي ٻار ڄڻڻ جو وقت ويجهو هجي،
۽ اها سورن وچان لڇي ڦٿڪي ۽ دانهون پيئي ڪري.
18 هائو، اسين پيٽ سان ٿياسين،
۽ اسان کي ويم جا سور بہ ٿيا.
پر اسان ڇا ڄڻيوسين؟ ڪجهہ بہ نہ.
اسان ڌرتيءَ تي ڪا سوڀ نہ ماڻينسين،
هائو، دنيا ۾ اسان ڪنهن تي بہ فتح حاصل نہ ڪئيسين."

19 خداوند ٿو فرمائي تہ
"اوهان جي قوم وارا جيڪي مري ويا آهن،
سي وري جيئرا ٿي اٿندا.
هائو، منهنجي ماڻهن جا لاش وري جيئرا ٿي اٿندا.
سو اي قبر ۾ وڃي سمهڻ وارؤ!
اوهين جاڳي اٿو ۽ خوشيءَ وچان ڳايو.
هائو، جيئن چمڪندڙ ماڪ جي وسيلي
آءٌ خداوند ڌرتيءَ کي تازو توانو ٿو ڪريان،
تيئن ئي آءٌ انهن مري ويلن کي نئين سر جيئرو ڪندس."

## ڌرتيءَ ۽ سمنڊ وارن لاءِ سزا

20 اي منهنجي قوم وارؤ!
پنهنجي گهرن اندر گهڙي وڃو،
۽ پنيان دروازا بند ڪري ڇڏيو.
ٿوريءَ دير لاءِ پاڻ کي لڪايو،
جيستائين خدا جي ڪاوڙ لهي وڃي.
21 ڇالاءِجو ڏسو،
خداوند پنهنجي عرش عظيم کان لهي اچڻ وارو آهي،
انهيءَ لاءِ تہ ڌرتيءَ جي رهاڪن کي
سندن بدڪاريءَ جي سزا ڏئي.
ان وقت ڌرتيءَ تي ڪيل خونن جو حساب ڪتاب ورتو ويندو،
۽ تڏهن ڌرتي ڪنهن بہ خون کي نہ لڪائيندي.

27 1 انهيءَ ڏينهن خداوند ور وڪڙ ڏيئي تيزيءَ سان ڀڄندڙ
*ازدها بلا کي پنهنجي تيز ۽ موتمار تلوار سان ماري
ڇڏيندو. هو انهيءَ اجگر نانگ کي بہ قتل ڪري ڇڏيندو جيڪو
سمنڊ ۾ آهي.

## بني اسرائيل جي بحالي

2 خداوند فرمائي ٿو تہ
"انهيءَ ڏينهن اوهين گيت ڳائجو،
هائو، اوهين منهنجي انهيءَ قوم بابت گيت ڳائجو،
جيڪا وٽندڙ انگورن جي باغ مثل آهي.
3 آءٌ خداوند انهيءَ باغ جي نگهباني ڪريان ٿو،
۽ انهيءَ کي پاڻي ڏيندو رهان ٿو.
آءٌ رات ڏينهن انهيءَ جي حفاظت ڪريان ٿو،
تہ متان ڪو انهيءَ کي نقصان پهچائي.
4 آءٌ انگورن جي انهيءَ باغ سان اڳتي ڪاوڙ نہ ڪندس.
پر منهنجي قوم کي نقصان پهچائيندڙ،
جيڪي ڪنڊن ۽ ڪانڊيرن مثل آهن،

---

*ازدها بلا ۽ اجگر نانگ: هنن بلائن جو انهن قومن ڏانهن اشارو آهي جيڪي بني اسرائيل تي ظلم ڪنديون هيون.

26:19 دان 12:2   27:1 ايو 41:1، زب 74:14، 104:26

شل اهي انهيءَ باغ ۾ وري ظاهر ٿين،
تہ جيڪر آءٌ اڳتي وڌي انهن کي ساڙي رک ڪري ڇڏيان!
5 تنهن هوندي بہ جيڪڏهن منهنجي قوم کي اهي نقصان ڏيندڙ
مون وٽ امن وَ سلامتيءَ سان رهڻ چاهين،
تہ پوءِ منهنجي طاقت جي پناهہ ۾ اچڻ لاءِ
پهريائين مون سان صلح ڪن.“

6 ايندڙ ڏينهن ۾ يعقوب جو اولاد
بني اسرائيل انگورن جي ول وانگر پاڙ هڻندا،
ٻور جهليندا ۽ گل ڪندا،
۽ ساريءَ دنيا کي ميون سان پري ڇڏيندا.

7 ڇا خداوند بني اسرائيل کي اهڙي سزا ڏني،
جهڙي سندن دشمنن کي ڏني اٿائين؟
يا ڪين ائين قتل ڪيائين،
جيئن سندن قاتلن کي قتل ڪيو اٿائين؟
8 تنهن هوندي بہ خداوند پنهنجي قوم کي
جلاوطنيءَ جي سزا بيشڪ ڏني.
هائو، هن سخت آنڌيءَ جيان اوڀر جا لشڪر آڻي،
کين پري ڏکي ڪيڏي ڇڏيو.
9 پر بني اسرائيل جي ڏوهن ۽ گناهن کي
پوريءَ طرح معاف ڪرڻ جو رڳو هڪڙو ئي رستو آهي،
تہ اهي غير معبودن جي قربانگاهہ جا
سڀ پٿر پيچي پورا پورا ڪري ڇڏين،
۽ يسيره ديويءَ جي ٿنين ۽ لوبان ساڙڻ وارين قربانگاهن جو
نالو نشان بہ نہ رهڻ ڏين.

10 هن وقت ڪوٽن وارا شهر ويران ڪيا ويا آهن.
هائو، اهي ڪنهن اجڙي ويل گهر ۽ بيابان وانگر
ويران ۽ سڃا ٿي ويا آهن.
اهي چوپائي مال جا چراگاهہ بڻجي ويا آهن،
جتي ڏڻ آرام ٿا ڪن ۽ وڻن جي ڏارن مان چرندا ٿا وتن.
11 جڏهن وڻن جا اهي ڏار سڪي سڙي پيچي پون ٿا،
تڏهن عورتون انهن کي ميڙي ٻارڻ جي ڪم ٿيون آڻين.
پر هيءَ قوم انهن ڳالهين کي سمجهي ئي ڪونہ ٿي،
تنهنڪري سندن خالق مٿن ڪو رحم نہ ٿو ڪري.
هائو، سندن جوڙيندڙ مٿن مهربان نہ ٿو ٿئي.

12 اي بني اسرائيل! اهو ڏينهن ايندو جڏهن خداوند فرات نديءَ
کان وٺي مصر جي سرحد واري برساتي نهر تائين اوهان کي داڻو داڻو
ڪري چونڊي گڏ ڪندو، جيئن ٻُهہ مان ڪٽڪ چونڊي الڳ ڪئي
ويندي آهي. 13 انهيءَ ڏينهن وڏي آواز سان نفيل وڄائي ويندي،
تانتہ اشور ۽ مصر ملڪ ۾ جلاوطن ٿيل سڀيئي بني اسرائيل موٽي
اچن. سو اهي موٽي ايندا ۽ پاڪ جبل تي اڏيل شهر يروشلم ۾ اچي
خداوند جي عبادت ڪندا.

## اسرائيل ملڪ لاءِ تنبيهہ

28 1 ويل آهي اسرائيل جي مئيخوار حاڪمن جي
مغروريءَ واري تاج لاءِ!
هائو، ويل آهي انهن جي شاندار ۽ خوبصورت شهر سامريہ لاءِ!
اهو اهڙي گل مثل آهي جيڪو ڪومائجي ٿو وڃي.
زرخيز ماٿريءَ جي مٿان اڏيل
انهيءَ شهر سامريہ جي حاڪمن تي مئي غالب آهي.
2 ياد رکو،
پروردگار وٽ هڪڙو اهڙو طاقتور
۽ زبردست *شخص موجود آهي،
جيڪو ڳڙن واري طوفان، برباد ڪندڙ واچوڙن،
۽ ٻوڏ جي جهجهي پاڻيءَ جي وهڪري وانگر
سامريہ وارن کي زور سان ڌرتيءَ تي اڇلائي وجهندو.
3 اسرائيل وارن جي مدهوش حاڪمن جي مغروريءَ وارو تاج
پيرن هيٺ لتاڙيو ويندو.
4 سندن شهر جيڪو شاندار ۽ خوبصورت آهي،
۽ زرخيز ماٿريءَ جي مٿان آهي،
سو اهڙي گل مثل آهي جيڪو جلد ڪومائجي ٿو وڃي.
هائو، اهو موسم کان اڳي پهرين پڪل انجير وانگر ٿيندو،
جنهن تي ڪنهن جي نظر پوي تہ انهيءَ کي
هٿ ۾ ڪٽندي ئي اهو ڳڙڪايو ڇڏي.

5 پر اهو ڏينهن ايندو،
جڏهن قادرِمطلق خداوند ئي
پنهنجيءَ قوم جي باقي بچي ويلن لاءِ
شاندار ۽ خوبصورت تاج هوندو.
6 هو عدالت جي ڪرسيءَ تي ويهڻ وارن کي
انصاف وارو روح عطا ڪندو،
۽ شهر جي دروازن تي حملي کان بچاءُ ڪندڙن کي
طاقت عطا ڪندو.

*طاقتور ۽ زبردست شخص: هي گهڻو ڪري اشور جي شهنشاهہ ڏانهن اشارو آهي.

7 ڪاهن توڙي نبي سڏائيندڙ بہ
مئي جي ڪري پلجي ويا آهن.
اهي نشي وارين شين ۾ غرق ٿي ٿاٻڙبا ٿا وتن.
سو اهي رويا ڏسڻ ۾ پلجن ٿا،
۽ انصاف ڪرڻ ۾ ٿاٻڙجن ٿا.
8 انهن جا سڀ دسترخوان الٽيءَ ۽ گندگيءَ سان پريل آهن،
ايتري قدر جو ڪابہ جاءِ صاف سٿري ڪانهي.
9 اهي مون بابت شڪايت ڪندي چون ٿا تہ
”يسعياه ڪنهن کي ٿو علم سيکارڻ چاهي؟
هو ڪنهن کي ٿو پيغام سمجهائڻ چاهي؟
ڇا اسين ٻار آهيون جن کان هينئر ئي ٿڃ ڇڏائي وئي هجي،
يا جيڪي ٿڻن کان هن وقت ئي پري ڪيا ويا هجن؟
10 هائو، جيئن ننڍڙا ٻارڙا
’امان ابا، امان ابا،‘
چوندي ڳالهائڻ سکندا آهن،
تيئن ئي هو اسان کي بي‌مقصد لفظن سان پيو سمجهائي.“

11 اي مئي‌خوارؤ! جيڪڏهن اوهين مون کي ٻڌڻ نہ ٿا چاهيو،
تہ ياد رکو، خدا اوهان کي سبق سيکارڻ لاءِ
ڌارين ماڻهن جي وسيلي سندن ٻوليءَ ۾ اوهان سان ڳالهائيندو،
جيڪا اوهان لاءِ بلڪل عجيب هوندي.
12 هن تہ اوهان سان پوري امن وَ سلامتيءَ،
۽ آرام وَ سڪون جو واعدو ٿي ڪيو،
پر اوهان سندس هڪ بہ نہ ٻڌي.
13 سو هاڻي هو پاڻ اوهان کي ”امان ابا، امان ابا،“
جهڙو سبق سيکاريندو،
اهو هي هوندو جو اوهين وک وک تي ٿاٻو کائي ڪرندا،
زخمي ٿيندا، ڦاسايا ويندا ۽ گرفتار ڪيا ويندا.

## صيئون ۾ خداوند جو پيڙهہ جو پٿر رکڻ

14 تنهنڪري اي ٺٺوليبازؤ!
جيڪي هتي يروشلم ۾ رهندي قوم تي حڪمراني ٿا ڪريو،
سي خداوند جو ڪلام ٻڌو.
15 جيئن تہ اوهين ٻٽاڪون ٿا هڻو تہ
اوهان *موت سان ٺاهہ ڪري ڇڏيو آهي،
۽ عالم ارواح سان عهد اقرار ڪري ڇڏيو اٿوَ،
تنهنڪري جڏهن دشمن لشڪر
سزا واري طوفاني ٻوڏ جيان ايندو،
تہ اهو اوهان تائين نہ پهچندو.
ائين ڪرڻ سان اوهان ڪوڙ کي پنهنجي پناهہ‌گاهہ بڻايو آهي،
۽ دغا جي آڙ ۾ لڪي وينا آهيو.
16 تنهنڪري خداوند خدا هيئن ٿو فرمائي تہ
”ڏسو، آءٌ صيئون ۾ بنياد رکڻ لاءِ
هڪڙو مضبوط پيڙهہ جو پٿر رکان ٿو،
جيڪو نهايت اهم ۽ ڀروسي جهڙو هوندو.
جيڪو بہ انهيءَ تي يقين ڪندو،
تنهن کي ڪڏهن بہ لوڏو نہ ايندو.
17 عدالت ۽ سچائي اهڙيءَ ڏور ۽ شاهل مثل هونديون،
جن کي آءٌ انهيءَ اڏاوت ۾ ڪم آڻيندس.“

سو ڳڙا اوهان جي ڪوڙ واري پناهہ‌گاهہ کي ٻهاري ويندا،
۽ اوهان جي لڪڻ واري جاءِ کي ٻوڏ لوڙهي ويندي.
18 اوهان موت سان جيڪو ٺاهہ ڪيو آهي،
سو رد ڪيو ويندو.
۽ عالم ارواح سان اوهان جو عهد اقرار قائم نہ رهندو.
تنهنڪري جڏهن دشمن لشڪر
سزا واري طوفاني ٻوڏ جيان ايندو،
تڏهن اوهين انهيءَ ۾ غرق ٿي ويندا.
19 جنهن بہ وقت اها ٻوڏ ايندي تہ اوهان کي لوڙهي ويندي.
هائو، اها بار بار ايندي،
پوءِ صبح هجي توڙي منجهند يا رات.

جڏهن اوهين خدا جو هي پيغام سمجهندا،
تڏهن اوهان کي تمام گهڻي دهشت وٺي ويندي.
20 ياد رکو، اوهان جو ڪيل عهد اقرار
هن چوڻيءَ جيان اڻپورو ثابت ٿيندو تہ
”ڪو ماڻهو اهڙي ننڍڙي کٽولي تي ستل هجي،
جنهن تي ٽنگون بہ ڊگهيون نہ ڪري سگهي،
۽ سوڙ اهڙي سوڙهي هجيس جو
ان ۾ پاڻ کي ويڙهي بہ نہ سگهي.“
21 ڇالاءِجو خداوند اهڙو تہ ڪم ڪندو،
جيڪو اوهان جي سمجهہ کان بلڪل ٻاهر هوندو،
هائو، هو پنهنجو حيرت انگيز ڪم عمل ۾ آڻيندو.
خداوند اهڙو وڙهندو جهڙو پراضيم جبل تي وڙهيو هو،

*موت ۽ عالم ارواح: هن مان گهڻو ڪري اها مراد آهي تہ يسعياه يهوداه جي حڪمرانن تي ٽوڪ ٿو ڪري تہ هنن اشورين کان بچڻ لاءِ جيڪو معاهدو مصر سان ڪيو آهي، سو بلڪل فضول آهي.

28:11–12 1.ڪر 14:21 28:16 زب 118:22–23، رو 9:33، 10:11، 1.پط 2:6 28:21 يش 10:10–12، 2.سمو 5:20، 1.توا 14:11

۽ هو اهڙو غضبناڪ ٿيندو جهڙو گبعون جي ماٿريءَ ۾ ٿيو هو.
22 تنهنڪري هاڻي اوهين
انهيءَ تنبيهه تي ٺوڪبازي نه ڪريو،
متان اوهان کي قيد ٿيڻ وقت
اجا وڌيڪ مصيبت جو منهن ڏسڻو پوي.
ڇالاءِجو خداوند قادرِمطلق کان مون ٻڌو آهي ته
هُن سڄي ملڪ کي تباهه ڪرڻ جو پڪو ارادو ڪيو آهي.

## خدا جي ڏاهپ جو مثال

23 اوهين ڪن ڏيو ۽ منهنجي ڳالهه ٻڌو،
هائو، ڌيان ڏيئي منهنجي ڳالهه ٻڌو.
24 ڇا پوک ڪرڻ لاءِ هاري هميشه
هر ئي هلائيندا رهن ٿا؟
ڇا هو هر وقت رڳو زمين کي کيڙيندا،
۽ انهيءَ جا پٽر ئي پڃندا رهن ٿا؟
25 نه، بلڪ جڏهن هو زمين کي پوک لاءِ تيار ٿا ڪن،
تڏهن هو ان ۾ جاڻ ۽ زيرو ٿا ڇٽين.
هو اوڙون ڪڻي ڪڻڪ ۽ جَوَ ٿا ڇٽين،
۽ زمين جي ڪناري سان ٻاجهري ٿا پوکين.
26 هو ڄاڻين ٿا ته ڪين پنهنجو ڪم ڪيئن ڪرڻو آهي،
ڇالاءِجو خدا کين اها سمجهه عطا ڪئي آهي.
27 سو هو جاڻ ۽ زيري جهڙين نازڪ شين کي
ڳاهڻ وارن تيز اوزارن يا گاڏيءَ جي ڦيٿن سان نه ٿا ڳاهين،
بلڪ جاڻ لٺ سان ڇاٽين ٿا ۽ زيرو لڪڻ سان.
28 هو اناج کي حد کان وڌيڪ ڳاهي ناس نه ٿا ڪن،
بلڪ هو ڄاڻين ٿا ته ڪيتري وقت تائين
انهيءَ تي گاڏي يا ڍڳا ڦيرائجن،
تان‌ته اناج ڇٽجي نه وڃي.
29 اها سموري ڏاهپ قادرِمطلق خداوند وٽان ئي ملي ٿي.
بيشڪ انهيءَ جي مصلحت عجيب ۽ ڏاهپ عظيم آهي.

## يروشلم جو گهيرو

29 1 خداوند فرمائي ٿو ته
”ويل آهي يروشلم لاءِ!
جنهن کي منهنجي قربان‌گاهه سڏيو ٿو وڃي.
اهو يروشلم شهر،
جنهن جي ڇوڏاري دائود پنهنجا خيما کوڙي اچي ويٺو.
يلي ته سال به سال گذرن ۽ عيدون ملهايون وڃن.
2 پر ان کان پوءِ آءٌ انهيءَ شهر تي اهڙي مصيبت آڻيندس،
جو اهو حقيقي قربان‌گاهه بڻجي ويندو.
هائو، اهو شهر، جنهن کي منهنجي قربان‌گاهه سڏيو وڃي ٿو،
سو رت سان ڀرجي ويندو،
۽ اتي روج راڙو پئجي ويندو.
3 آءٌ انهيءَ جي چوڌاري گهيرو ڪندس،
۽ ان جي چئني طرفن کان دڪا ٻڌي،
مٿس حملي جي تياري ڪندس.
4 بيشڪ، يروشلم کي پست ڪيو ويندو،
۽ هيٺان پاتال مان ڊري آواز سان اهو مدد لاءِ پڪاريندو.
هائو، انهيءَ جو آواز مئل ماڻهوءَ جي
روح جي آواز وانگر جهيڻو هوندو،
جيڪو زمين جي اندران ڪان ٻڌڻ ۾ ايندو،
بلڪ انهيءَ جو آواز مٽيءَ مان آيل ڀڻڪي وانگر هوندو.

5 پر اي يروشلم وارؤ! اوهان جي دشمنن جو ڪٽڪ
ناس ٿي سنهيءَ دز وانگر ٿي ويندو.
هائو، اهو خوفناڪ لشڪر
طوفان ۾ اُڏامندڙ بُهه وانگر غائب ٿي ويندو.
ڇالاءِجو هڪ لحظي ۾ ۽ اوچتو ئي اوچتو
6 آءٌ قادرِمطلق خداوند اوهان کي بچائڻ لاءِ،
گجگوڙ سان، زلزلي سان، وڏي آواز سان،
واچوڙي سان، طوفان سان،
۽ تباهه ڪندڙ باهه جي شعلي سان اچي نازل ٿيندس.
7 تڏهن انهن سڀني قومن جا ڪٽڪ،
جيڪي منهنجي قربان‌گاهه واري
ان شهر سان اچي جنگ جوٽيندا.
هائو، اهي دشمن جيڪي انهيءَ شهر جو گهيرو ڪري
سندس قلعي تي اچي حملو ڪري ان کي مصيبت ۾ وجهندا،
سي سڀ هڪڙي خواب مثل گم ٿي ويندا.
8 جيڪي به قومون
يروشلم تي حملي ڪرڻ لاءِ گڏ ٿيون هونديون،
تن جو حال انهيءَ بکايل ماڻهوءَ جهڙو ٿيندو،
جيڪو خواب ۾ ته ماڻ کي کاڌو کائيندي ڏسي ٿو،
پر جاڳڻ تي معلوم ٿيس ٿو ته سندس پيٽ خالي آهي.
هائو، اهي قومون انهيءَ اڃايل ماڻهوءَ جيان هونديون،
جيڪو خواب ۾ ته پاڻ کي پاڻي پيئندي ڏسي ٿو،
پر جاڳڻ تي معلوم ٿيس ٿو ته هو اڃايل ۽ ساڃو آهي.“

29:1 2. سم. 5:6–10

## نظرانداز ڪيل تنبيهون

9 اوهين پاڻ کي بيوقوف بڻايو،
پلي اوهين بيوقوف ٿي گذاريو،
پنهنجو پاڻ کي انڌو بڻايو،
پلي اوهين ڏسڻ ڇڏي ڏيو.
ڏسو، اوهين بنا مئي پيئڻ جي ديوانا ٿي ويا آهيو،
اوهين بنا ڪنهن نشي ڪرڻ جي ٿاٻڙجو ٿا.
10 خداوند اوهان تي گهري روحاني ننڊ موڪلي آهي.
هن اوهان جي اکين يعني اوهان جي نبين کي انڌو ڪيو آهي،
هائو، هن ڄڻ اوهان جي ڇهري تي چادر وجهي ڇڏي آهي،
جو اوهان جي انهن غيبدانن کي ڏسڻ کان محروم ڪيو اٿس.

11 اوهان جي لاءِ هن رويا جون سڀيئي ڳالهيون هڪڙي مهربند
دستاويز وانگر ٿي ويون آهن. هاڻ جيڪڏهن اهو دستاويز عالم شخص
کي ڏيئي چيو وڃي ته ”مهرباني ڪري هي پڙهي ٻڌايو،“ جنهن تي
هو چوندا ته ”اسين هي پڙهي نه ٿا سگهون، ڇوته هن تي مهر
لڳل آهي.“ 12 وري جيڪڏهن اهو اڻپڙهيلن کي ڏيئي چيو وڃي ته
”مهرباني ڪري هي پڙهي ٻڌايو،“ ته هو چوندا ته ”اسان کي ته
پڙهڻ ئي ڪونه ٿو اچي.“
13 پروردگار اوهان بابت فرمائي ٿو ته
”هي ماڻهو منهنجي عبادت جي دعويٰ ته ڪن ٿا،
پر سندن لفظ بيمعنيٰ ۽ سندن دليون ڪنهن ٻئي طرف آهن.
هنن جو دين انهن انساني دستورن،
۽ روايتن کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ناهي،
جن کي هو رڳو رواجي طور ياد ڪري ٿا ڇڏين.
14 تنهنڪري ڏسو،
آءٌ هن قوم ۾ هڪڙو عجيب ڪم ڪندس،
بلڪل عجيب ۽ حيرت جهڙو ڪم.
ان وقت انهن جي ڏاهن ماڻهن جي ڏاهپ ڇٽ ٿي ويندي،
۽ سندن عقلمندن جو عقل خطا ٿي ويندو.“

## مخلوق جي خالق سان ڪهڙي ڀيٽ؟

15 ويل آهي انهن لاءِ!
جيڪي خداوند سان ويساگهاتي ڪندي
پنهنجا منصوبا هن کان لڪائڻ جي ڪوشش ٿا ڪن.
اهي ڳجهيءَ طرح منصوبا جوڙي سمجهن ٿا ته
”اسان کي ڪوبه نه ٿو ڏسي ۽ ڪوبه نه ٿو ڄاڻي.“
16 اهڙيءَ طرح اهي حقيقت کي ابتو ڪري ٿا ڇڏين.
ڀلا ڇا ڪنڀر کي مٽيءَ جي برابر ليکيو ويندو؟
ڇا ڪنهن جي جوڙيل شيءِ پنهنجي جوڙيندڙ بابت چوندي ته
”هن مون کي نه جوڙيو آهي“؟
ڇا مخلوق پنهنجي خالق کي چوندي ته
”تون مون بابت ڪجهه به نه ٿو ڄاڻين“؟

17 سو هاڻي خداوند ٿوريءَ دير ۾ ئي ابتڙ ڪم ڪندي،
لبنان جي ٻيلن کي مٽائي هڪڙي آباد ٻني ٺاهيندو،
۽ آباد ٻنيءَ کي بدلائي هڪڙو ٻيلو ڪري ڇڏيندو.
18 هائو، جڏهن اهو ڏينهن ايندو، تڏهن ٻوڙا به
دستاويز جون پڙهيون ويندڙ ڳالهيون ٻڌي سگهندا،
۽ انڌا، جيڪي اونداهيءَ دنيا ۾ ٿا گذارين،
تن جون اکيون روشن ٿينديون ۽ اهي ڏسي وائسي سگهندا.
19 تڏهن غريب ۽ مسڪين ماڻهو
خداوند، بني اسرائيل جي پاڪ معبود جي ڪري
وڌيڪ خوشيون ۽ شادمانا ملهائيندا.

20 ڇالاءِجو ظالم ۽ ٺوڪباز هميشه لاءِ نابود ٿي ويندا.
هائو، بدڪاريءَ ۾ زندگي گذاريندڙ
سڀيئي نيست وَ نابود ڪيا ويندا.
21 خدا انهن کي برباد ڪري ڇڏيندو،
جيڪي بيگناهن کي مقدمي ۾ ڏوهاري ٿا ٺهرائين،
۽ شهر جي دروازي وٽ ويهي عدالت ڪندڙ کي
ڦندي ۾ ٿا ڦاسائين،
۽ سچار کي پنهنجي ڪوڙين ڳالهين سان
انصاف کان دور ٿا رکن.

22 تنهنڪري خداوند، بني اسرائيل جو خدا جنهن ابراهيم کي
مصيبت مان ڇڏايو هو، سو بني اسرائيل کي فرمائي ٿو ته
”اي منهنجي قوم!
هاڻي اوهين وڌيڪ شرمندا نه ٿيندا.
نڪي اوهان کي خوار ڪيو ويندو.
23 بلڪ جڏهن اوهين پنهنجي اولاد کي ڏسندا،
جنهن کي آءٌ هڪ عظيم قوم بڻائيندس،
تڏهن اوهين منهنجي نالي کي پاڪ مڃيندا.
هائو، اوهين مون خداوند،
بني يعقوب جي خدا کي پاڪ ڪري ڄاڻيندا،
۽ مون بني اسرائيل جي خدا جي تعظيم ڪندا.
24 تڏهن ڀلجي ويل ماڻهن کي به سمجهه ايندي،

10:29 رو 11:8   13:29 مت 15:8–9، مر 7:6–7   14:29 1.ڪر 1:19   16:29 يس 45:9، رو 9:20

۽ جيڪي هميشہ ڪِرڪِر ڪندا ٿا رهن،
سي خوشيءَ سان تعليم حاصل ڪندا.“

## مصر سان بيڪار معاهدو

# 30

1 خداوند فرمائي ٿو تہ
”ويل آهي يهوداہ جي انهن باغي ماڻهن لاءِ!
جيڪي منهنجي منصوبن جي بجاءِ پنهنجا منصوبا ٿا جوڙين،
جيڪي منهنجي مرضيءَ جي خلاف معاهدا ٿا ڪن،
اهڙيءَ طرح اهي گناهن مٿان گناهہ ڪندا ٿا وڃن.
2 اهي مون کان پڇڻ کان سواءِ ئي،
مدد لاءِ مصر ڏانهن ٿا وڃن،
انهيءَ لاءِ تہ فرعون سندن حفاظت ڪري،
۽ هو مصر جي ڇانوَ ۾ پناهہ حاصل ڪن.

3 مگر فرعون جي طاقت کان
ڪين مايوسيءَ کان سواءِ ڪجهہ بہ هٿ حاصل نہ ٿيندو.
هائو، مصر جي ڇانوَ ۾ پناهہ وٺڻ
سندن لاءِ ذلت جو باعث بڻبو.
4 جيتوڻيڪ سندن ايلچي اڳ ۾ ئي
مصر جي شهرن ضُعن ۽ حنيس ۾ پهچي چڪا آهن،
5 مگر اُنهيءَ هلي يهوداہ وارا پڇتائيندا تہ
هنن هڪ اهڙي بيپروسي قوم تي توڪل ڪئي آهي،
جيڪا ڪين ذلت ۽ خواريءَ کان سواءِ
ڪو فائدو پهچائي نہ ٿي سگهي.“

6 ڏاکڻي بيابان جي جانورن بابت خداوند فرمائي ٿو تہ
”يهوداہ جا ايلچي اهڙي خطرناڪ
۽ مصيبت واري بيابان مان سفر ٿا ڪن،
جنهن ۾ ببر شينهن ۽ ڪاريهر ۽ اڏامندڙ زهريلا نانگ آهن.
اهي پنهنجي گڏهن ۽ اٺن جي پٺين تي
قيمتي تحفا ۽ پنهنجا خزانا
هڪڙي اهڙي قوم ڏانهن کڻي ٿا وڃن،
جنهن مان ڪين ڪوبہ فائدو نہ رسندو.
7 ڇالاءِجو انهيءَ مصري قوم جي مدد اجائي ۽ بيفائدي آهي.
اهو ئي سبب آهي جو مون مصر کي
’لاچار ازدها‘ سڏيو آهي.“

## نافرمان قوم

8 پوءِ خداوند مون کي فرمايو تہ
”اي يسعياہ! هاڻي تون منهنجو اهو پيغام
منهنجي قوم آڏو هڪڙي دستاويز ۾ لکي ڇڏ،
تان‌تہ اهو هنن لاءِ هميشہ جي شاهدي رهي.
9 ڇالاءِجو اها هڪ باغي قوم آهي.
هائو، اهي هميشہ ڪوڙ ڳالهائيندڙ
۽ مون خداوند جي شريعت ٻڌڻ کان انڪار ڪندڙ آهن.
10 اهي غيبدانن ۽ نبين کي
پيغام ٻڌائڻ کان منع ڪندي چون ٿا تہ
’اوهين رويائن ڏانهن ڌيان ڏيندي
اسان کي حق سچ جون ڳالهيون ٻڌائڻ بجاءِ،
رڳو اسان جي پسند جون ڳالهيون ٻڌايو،
توڙي اهي ڪوڙيون ئي ڇو نہ هجن.
11 اوهين پيغام ٻڌائڻ جي رستي کان هٽي پري ٿيو،
هائو، انهيءَ راهہ کان بلڪل هٽي وڃو.
اوهان جو بني اسرائيل وارو پاڪ معبود جيڪي چوي ٿو،
سو اسين ٻڌڻ نہ ٿا چاهيون.‘“

12 سو هاڻي بني اسرائيل جو پاڪ معبود سندن جواب ۾ هيئن ٿو فرمائي تہ
”اوهان منهنجي پيغام کي رد ڪري ڇڏيو آهي،
۽ ظلم ۽ ڪوڙ تي ڀروسو ٿا رکو،
۽ انهن تي ئي اوهان جو دارومدار آهي.
13 تنهنڪري اوهان جي اها بڇڙائي
اوهان جي قوم لاءِ اهڙي ثابت ٿيندي،
جيئن ڪنهن وڏي ڀت ۾ ڏار پئجي وڃي،
۽ اها پاسي تي لڙي وڃي،
۽ پوءِ اها اوچتو ئي اوچتو هڪ لحظي ۾ ڪري ناس ٿي پوي.
14 هائو، اوهين ٺڪر جي ٿانوَ وانگر پڃي پورا پورا ٿي ويندا،
ايتري قدر جو انهن ٺڪرن ۾ ڪوبہ اهڙو ٺڪر نہ ملندو،
جنهن ۾ چلهہ مان ڪو ٽانڊو کڻي سگهجي،
يا جنهن سان حوض مان پاڻي ڪڍي سگهجي.“

15 خداوند، بني اسرائيل جو پاڪ معبود ڪين اهو بہ ٿو فرمائي تہ
”جيڪڏهن اوهين مون آڏو توبهہ‌تائب ٿيندا،
۽ اطمينان رکندي مون تي ڀروسو ڪندا تہ اوهين بچي ويندا.
هائو، بيفڪري ۽ توڪل ۾ ئي اوهان جي مضبوطي آهي.“

پر اوهان ائين ڪرڻ نہ گهريو،
16 بلڪ اوهان چيو تہ
”نہ، اسين گهوڙن تي چڙهي ڀڄي وينداسين.“
سو اوهين ڀڄي ضرور ويندا پر بچي ڪين سگهندا.
اوهان هي بہ چيو تہ
”اسين تيز رفتار جانورن تي سوار ٿي

دشمن کان بچي ويندا‌سين.“
پر ياد رکو، اوهان جو پيڇو ڪندڙ دشمن
اوهان کان وڌيڪ تيز رفتار هوندا.
17 هڪڙي دشمن سپاهيءَ جي دڙڪي سان
اوهان جا هڪ هزار ماڻهو پٺي نڪرندا.
پنجن دشمنن جي دڙڪي سان اوهين سڀ ڀڄي ويندا.
ايتري قدر جو اوهان مان ڪوبه باقي نه رهندو،
سواءِ ڪنهن هڪ اڌ جي،
جيڪو جڻ ويران ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي
ڪنهن ٿنڀي يا جهنڊي جيان ڏسڻ ۾ اچي.
18 تڏهن به خداوند کي اهو انتظار آهي،
ته هو اوهان تي رحم ڪري.
هائو، هو اوهان تي مهربان ٿيڻ لاءِ اٿي کڙو ٿيندو.
بيشڪ خداوند عادل آهي،
۽ جيڪي مٿس ڀروسو ڪن ٿا تن کي برڪتن سان نوازي ٿو.

## پنهنجي قوم لاءِ خدا جون برڪتون

19 اي صيئون جبل تي يروشلم ۾ رهندڙ قوم وارؤ! اڳتي اوهان کي
ڪڏهن به روئڻو نه پوندو. خداوند اوهان جي فرياد جو آواز ٻڌڻ سان
ئي اچي اوهان تي رحم ڪندو. هائو، هو اوهان جي ٻڌندو ۽ هڪدم
وراڻي ڏيندو. 20 جيتوڻيڪ پروردگار اوهان کي تنگي ۽ ڏکيائيءَ ۾
وڌو آهي، پر هاڻي اهو سيکاريندڙ خدا، جيڪو اوهان کان ڳجهو
آهي سو وري اوهان جي رهنمائي ڪندي اوهان کي ڏسڻ ۾ ايندو.
21 هائو، جڏهن اوهين ساڄي يا کاٻي پاسي مڙڻ چاهيندا، ته اوهان
کي پنهنجي پٺيان هڪڙو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو ته ”سڌو رستو هي آهي،
اوهين انهيءَ تي هلو.“ 22 پوءِ اوهين پنهنجي سون ۽ چانديءَ وارن
بتن کي گند ڪچري جيان اڇلائي ڇڏيندا. هائو، اوهين انهن کي
حيض واري ناپاڪ ڪپڙي وانگر پري اڇلائي ڇڏيندا، بلڪ اوهان جي
نظر ۾ اهي پاخاني جي گند مثل هوندا.
23 خداوند اوهان جي ٻنين ۾ پوکيل ٻج کي پاڻي ڏيڻ لاءِ مينهن
وسائيندو ۽ ٻنيءَ جي فصل مان اوهان کي عمدو ۽ جهجهو رزق
عطا ڪندو. انهيءَ وقت اوهان جو چوپايو مال ڪشادين چراگاهن
۾ چرندو. 24 جيڪي ڏاند ۽ گڏهه اوهان جي ٻنين ۾ هر ٿا ڪاهين،
تن کي ڇڄ سان واڇيل عمدو ۽ بهترين اناج چاري ۾ ڏنو ويندو.
25 انهيءَ ڏينهن جڏهن اوهان جي دشمنن جا قلعا فتح ڪري سندن
قتلام ڪيو ويندو، تڏهن هر جبل ۽ هر ٽڪريءَ تان پاڻيءَ جا چشما ۽
نهرون وهي هلنديون. 26 انهيءَ ڏينهن جڏهن خداوند پنهنجيءَ قوم
جي ڦٽن تي پٽي ٻڌندو ۽ سندن ڌڪن جا زخم ڇٽائيندو، تڏهن چنڊ
جي روشنائي سج جي روشنائيءَ جهڙي ٿيندي ۽ سج جي روشنائي
ستوڻي، بلڪ ستن ڏينهن جي روشنائيءَ جهڙي پُر نور ٿيندي.

## اشورين لاءِ سزا

27 ڏسو، خداوند خود پري کان ڏسڻ ۾ ايندو.
سندس ڪاوڙ باهه ۽ گهاٽي دونهين وانگر هوندي.
هن جو ڳالهائڻ قهر جهڙو هوندو،
هائو، سندس لفظ باهه وانگر ساڙيندڙ هوندا.
28 هن جي ڦوڪ اٿل ڪائيندڙ اهڙيءَ ٻوڏ وانگر هوندي،
جيڪا هر شيءِ کي لوڙهيو ڇڏي.
هو غير قومن کي تباهيءَ واري ڇاڻيءَ ۾ ڇاڻي ناس ڪندو،
۽ سندن ڄاڙين ۾ لغام وجهي کين قيد ڪرائيندو.

29 ان وقت اوهين اي خدا جي قوم! ائين خوشيءَ جا گيت ڳائيندا،
جيئن عيد جي رات گيت ڳايا آهن. اوهان جي دل ايتري ته خوش
هوندي، جيتري انهن ماڻهن جي جيڪي بانسرين جي آواز پٺيان بني
اسرائيل جي محافظ خداوند جي هيڪل ڏانهن جبل تي چڙهندا ويندا
هجن. 30 ڇالاءِجو جڏهن خداوند جوش ۾ ايندو تڏهن سندس جلال
وارو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو ۽ سندس هٿ ڌڪ هڻندي ڏسڻ ۾ ايندو. هائو،
هن جو سخت قهر ساڙي رک ڪندڙ باهه جي شعلن جي صورت ۾
ٻوڏ، طوفان ۽ ڳڙن سان اچي اشورين تي ڪڙڪندو. 31 خداوند جي
آواز ٻڌڻ سان ۽ سندس لٺ جي ڌڪ کان اشورين کي دهشت وٺي
ويندي. 32 خداوند جيئن جيئن لٺ سان انهن کي ڌڪ هڻندو، تيئن
تيئن سندس قوم دف ۽ سارنگيءَ تي هٿ هڻندي اهي وڄائيندي. خدا
پنهنجي زورآور هٿ سان اشورين جي خلاف سخت جنگ وڙهندو.
33 خداوند قديم زماني کان ئي اشور جي شهنشاهه کي ساڙڻ لاءِ
هڪڙي جاءِ تيار ڪري رکي آهي، جنهن ۾ هو وڏو آڙاهه ٻاري سندس
لاش اڇلائيندو. آڙاهه واري اها جاءِ بيحد اونهي ۽ ويڪري آهي،
جنهن ۾ ڪاٺين جا ڍڳ لڳل آهن. خداوند جي ڦوڪ جا غضبناڪ
شعلا انهيءَ ۾ باهه ڀڙڪائي ڇڏيندا.

## خدا، يروشلم جو محافظ

31 1 ويل آهي انهن لاءِ!
جيڪي مدد گهرڻ لاءِ مصر ڏانهن ٿا ڊوڙن.
اهي مصر جي بي‌شمار گهوڙن،
۽ جنگي گهوڙي گاڏين تي ياڙي ويهن ٿا،
۽ انهن جي سوارن تي اهو سمجهندي ڀروسو ٿا ڪن
ته اهي نهايت طاقتور آهن.
پر اهي خداوند، بني اسرائيل جي پاڪ معبود تي
ڀروسو نه ٿا ڪن ۽ انهيءَ کان مدد نه ٿا گهرن.
2 پر سياڻو ته رڳو خداوند آهي.
هو پنهنجو قول ضرور پورو ڪندو آهي.
سو هو بدڪارن تي مصيبت آڻيندو،

ءِ سندن حمايت ڪندڙن کي بہ ناس ڪري ڇڏيندو.
3 مصري تہ رڳو فاني انسان آهن،
اهي خدا جيان غير فاني نہ آهن.
انهن جا گهوڙا بہ رڳو هڏ ماس جا ٺهيل آهن،
اهي روح جيان لازوال نہ آهن.
جڏهن خداوند سزا لاءِ پنهنجو هٿ وڌائيندو،
تڏهن مدد گهرڻ وارن سان گڏ
سندن مدد ڪرڻ وارا بہ نابود ٿي ويندا.
هائو، اهي سڀ جو سڀ گڏ چٽ ٿي ويندا.

4 خداوند مون يسعياه کي فرمايو تہ
”جهڙيءَ طرح ڌنار ڪيترين بہ رڙيون ڪن
تان‌تہ شينهن کي سندس شڪار کان ڀڄائي ڪين،
پر اهو پنهنجي شڪار تي بيهي گجڪار ٿو ڪري،
تهڙيءَ ئي طرح صيئون جبل وارن جي حفاظت ڪرڻ کان
مون قادرِمطلق خداوند کي ڪوبہ ڀڄائي نہ ٿو سگهي.
5 هائو، جيئن پکي پنهنجي آکيري مٿان ٻچن جي حفاظت لاءِ
لامارا ڏيندو رهندو آهي،
تيئن ئي آءٌ قادرِمطلق خداوند
يروشلم جي حفاظت ڪندس ءِ انهيءَ کي بچائيندس.“

6 خداوند فرمائي ٿو تہ ”اي بني اسرائيل وارؤ! اوهان منهنجي
خلاف سخت بغاوت پئي ڪئي آهي، پر هاڻي مون آڏو توبہ‌تائب
ٿيو. 7 ڏسو، اهو ڏينهن ايندو جڏهن اوهين پنهنجي گنهگار هٿن
سان ٺاهيل سون ءِ چانديءَ وارن بتن کي ڪٽي اڇلائي ڇڏيندا.
8 تڏهن اشوري جنگ ۾ قتل ڪيا ويندا،
پر انساني طاقت سان نہ.
هائو، اهي لڙائيءَ ۾ ماڻهن جي هٿان نہ ماريا ويندا.
هو جنگ کان ڀڄندا رهندا،
پر سندن نوجوانن کي پڪڙي غلام بڻايو ويندو.
9 انهن جو محافظ شهنشاهہ دهشت وچان ڀڄي ويندو،
ءِ سندن لشڪر جا سالار اهڙا تہ ڊڄي ويندا،
جو پنهنجا جنگي جهنڊا بہ اڇلائي ڀڄي نڪرندا.“
اهو خداوند جو فرمان آهي.
انهيءَ خداوند جو، جنهن جو خوفناڪ قهر،
ٻرندڙ تنور جي باهہ جيان يروشلم ۾ ٿو ڀڙڪي.

## عدل واري حڪومت

32 1 ڏسو، يهوداہ ۾ هڪڙو اهڙو شخص بادشاهہ ٿيندو،
جيڪو سچائيءَ سان بادشاهي ڪندو.
اتي جا قومي اڳواڻ پڻ انصاف سان حڪومت ڪندا.
2 انهن مان هر ڪو جهولي کان لڪڻ جي جاءِ وانگر،
ءِ طوفانن کان پناهہ جيان هوندو.
اهي بيابان مان وهندڙ نهرن وانگر،
ءِ ويران زمين مٿان وڏي ٽڪر جي ڇانوَ مثل هوندا.
3 پوءِ ڪابہ اک ءِ ڪوبہ ڪن بند رهڻ جي بجاءِ،
سچائيءَ ڏانهن ڌيان ڏيڻ لڳندو.
4 تڏهن ماڻهو اُبهرائيءَ جي بجاءِ،
سوچي سمجهي ڪم ڪندا،
ءِ ڇپن ۾ ڳالهائڻ جي بجاءِ،
صاف ءِ چٽيءَ طرح ڳالهائڻ لڳندا.
5 تنهن بعد ڪنهن بہ ڀٽڪيل کي نيڪ نہ سمجهيو ويندو،
نڪي ڪنهن دوکيباز کي ايماندار ڄاتو ويندو.
6 تڏهن هر ڪو ڄاڻي وٺندو تہ
ڀٽڪيل ماڻهو بي‌وقوفيءَ واريون ڳالهيون ڪن ٿا،
ءِ بڇڙائيءَ جا منصوبا جوڙي خدا کي رد ٿا ڪن.
هو خداوند بابت ڪوڙيون ڳالهيون ٿا ڪن،
ءِ پنهنجو مطلب پورو ڪرڻ لاءِ
بکايل جي پيٽ تي لت ٿا ڏين،
ءِ اڃايل کي پاڻيءَ کان محروم ٿا رکن.
7 جڏهن تہ دوکيباز ڪوڙ ٿا ڳالهائين،
ءِ بڇڙائيءَ جون رٿون ٿا رٿين،
تان‌تہ حق جون ڳالهيون ڪندڙ مسڪينن ءِ محتاجن کي
پنهنجي ڪوڙين ڳالهين سان برباد ڪري ڇڏين.
8 پر نيڪ ماڻهو نيڪيءَ وارا منصوبا ٿا جوڙين.
بيشڪ اهي پنهنجي انهن نيڪ منصوبن تي قائم رهندا.

## سزا ءِ بحالي

9 اي آرام طلب عورتون!
اوهين اٿي منهنجي ڳالهہ ٻڌو.
هائو، اي لاپرواهہ عورتون!
منهنجون ڳالهيون ڌيان سان ٻڌو.
10 ياد رکو، جيتوڻيڪ هينئر اوهين مطمئن آهيو،
پر هڪ سال جي اندر اندر اوهان کي ڏکٽي وٺي ويندي،
ڇالاءِجو اوهان جو انگورن جو فصل چٽ ٿي ويندو،
بلڪ اوهان کي ڪوبہ فصل حاصل ٿي نہ سگهندو.
11 سو اي آرام طلب عورتون!
اوهين خوف وچان ڏڪو.
اي لاپرواهہ عورتون!
اوهين ڊپ وچان ڪنبڻ لڳو.
هائو، اوهين پنهنجي بدن جا ڪپڙا ڦاڙي ڦٽا ڪريو،
ءِ سوڳ ڪندي ڪٿا ڍڪيو.

12 اوهين پنهنجي زرخيز پنين،
۽ انگورن جي باغن جي بربادي تي
ڏک وچان پنهنجون ڇاتيون پٽيو.
13 هائو، اوهين پنهنجي خوشحال شهر جي
سيني گهرن لاءِ روئو رڙو،
ڇالاءِجو اسان جي قوم جي سرزمين ۾،
رڳو ڪنڊا ۽ ڪانڊيرا اپري ايندا.
14 يروشلم جو شاهي محل پڻ اجاڙيو ويندو،
۽ وڏي آباديءَ وارو اهو شهر بلڪل ويران ڪيو ويندو.
ٽڪر وارو قلعو ۽ اهي نُلهہ جن تي پهرو ڏنو ٿو وڃي،
سي هميشہ جي لاءِ ڪنڊر بڻجي ويندا.
اهي جهنگلي گڏهن جي جُوءِ،
۽ رڍن ٻڪرين جو چراگاهہ بڻجي ويندا.

15 اهو سڀ تيستائين ٿيندو رهندو،
جيستائين خدا وري اسان تي پنهنجو پاڪ روح نازل ڪري.
تڏهن بيڪار زمين سرسبز ٿي پوندي،
۽ سرسبز زمين ۾ بيحد جهجها فصل ٿيندا.
16 تڏهن ملڪ اندر بيابان ۾ توڙي آباد سرزمين ۾
هر هنڌ سچائي ۽ انصاف قائم ٿي ويندو.
17 جيئن تہ هر ڪو سچائيءَ وارا ڪم ڪرڻ لڳندو،
تنهنڪري هميشہ جي لاءِ سلامتي ۽ آرام وَ اطمينان ٿي ويندو.
18 هائو، تڏهن اسان جي قوم ڳٽين کان آزاد ٿي ويندي،
۽ پنهنجن گهرن ۾ امن وَ سلامتيءَ
۽ آرام وَ آسائش جي زندگي گذاريندي.

19 پر اڳ مصيبت جي وقت جڏهن ڳڙا وسيا هوندا،
۽ ٻيلن ۽ شهرن کي ڇيپي ڇڏيو هوندائون،
20 تڏهن اهي ئي ماڻهو سڀاڳا هوندا،
جن ٻهراڙين ۾ رهي ندين جي پرسان فصل پوکيا هوندا،
جتي سندن گڏهن ۽ ڍورن ڍڳن جا چراگاهہ هوندا.

## مدد لاءِ دعا

33 1 ويل آهي اوهان لاءِ اي دشمنؤ!
جيڪي ٻين کي تہ برباد ڪريو ٿا،
پر پاڻ برباد نہ ڪيا ويا آهيو،
هائو، اوهين جيڪي ٻين سان تہ ٺڳي ڪريو ٿا،
پر اوهان سان ٺڳي نہ ڪئي ويئي آهي.
مگر هاڻ جڏهن اوهين ٻين کي برباد ڪري بس ڪندا،
تڏهن پاڻ برباد ڪيا ويندا.
هائو، جڏهن اوهين ٻين سان ٺڳي ڪري بس ڪندا،
تڏهن ماڻهو اوهان سان ٺڳي ڪندا.

2 اي خداوند! اسان تي رحم فرماءِ.
اسان جي توڪل تو تي ئي آهي.
تون هر روز اسان جي حفاظت ڪر،
۽ اسان جي مشڪلاتن جي وقت اسان کي اچي بچاءِ.
3 جڏهن تون گجڪار ٿو ڪرين،
۽ پنهنجو جلال ٿو ڏيکارين،
تڏهن غير قومن ۾ ڀاڄ پئجي ٿي وڃي.
4 پوءِ اسين مٿن حملو ڪري ڪين ائين لٽيون ڦريون ٿا،
جيئن ماڪڙ جا ڪٽڪ فصل کائي چٽ ڪري ڇڏين.

5 خداوند جيڪو عرش تي تخت‌نشين آهي،
سو ڪيڏو نہ عظيم آهي!
هو ئي يروشلم کي انصاف ۽ سچائيءَ سان ڀري ڇڏيندو،
6 ۽ انهيءَ کي مضبوطيءَ سان قائم رکندو.
هو اسان جي قوم جي هميشہ حفاظت ٿو ڪري،
۽ اسان کي حقيقي ڏاهپ ۽ علم عطا ڪري ٿو.
خداوند جو خوف ئي اسان جو وڏي ۾ وڏو سرمايو آهي.

7 ڏسو، اسان جا بهادر سپاهي
گهٽين ۾ ڊوڙندي مدد لاءِ رڙندا ٿا وتن.
اسان جا ايلچي جيڪي امن وَ سلامتيءَ جي اميد کڻي ويا هئا،
سي زارو زار روئندا موٽيا آهن.
8 شاهي رستا ويران ٿي ويا آهن،
خوف وچان ڪوبہ انهن تي سفر نہ ٿو ڪري.
عهد شڪني ڪئي وڃي ٿي،
شاهدي ڏيڻ وارن تي ڪو يقين ڪونہ ٿو ڪري
۽ ماڻهو هڪ ٻئي جي عزت نہ ٿا ڪن.
9 ٻنيون سڪي سڙي ويران ٿي ويون آهن،
لبنان جا ٻيلا ڪومائجي سڪي ويا آهن.
شارون جي سرسبز ماٿري بيابان بڻجي ويئي آهي،
۽ بسن جي علائقي ۽ ڪرمل جبل جي ٻيلن جا پن ڇڻي ويا آهن.

## دشمنن کي خداوند جي تنبيهہ

10 خداوند غير قومن کي فرمائي ٿو تہ
”هاڻي آءٌ اٿي کڙو ٿيندس،
هائو، هاڻي آءٌ پنهنجو ڪم ڪندس،
۽ پنهنجو پاڻ کي ظاهر ڪندس.
11 اوهان جون تباهيءَ واريون ڳالهيون ٻاهہ مثل آهن،
اهڙيءَ ٻاهہ مثل جيڪا خود

اوهان کي ساڙي رک ڪري ڇڏيندي.
هائو، اوهان جا بيڪار منصوبا ٻُهه جيان،
۽ اوهان جا فضول ڪم سڪل گاهه جيان سڙي ناس ٿيندا.
12 اوهان کي ائين ساڙيو ويندو،
جيئن ڪنڊا سڙي رک ٿي ويندا آهن.
هائو، اوهين تيستائين باهه ۾ سڙندا رهندا،
جيستائين اوهان جون هڏيون سڙي رک ٿي نہ وڃن.
13 پلي تہ اوري ۽ پري وارا سڀ ٻڌن،
تہ مون ڇا ڇا ڪيو آهي.
تڏهن اهي منهنجي طاقت کي ڄاڻي وٺندا."

14 صيئون جي يروشلم شهر جا گنهگار ڊپ وچان ڏڪن ٿا.
هائو، خدا جا اهي نافرمان خوف وچان ڪنبندي چون ٿا تہ
"خدا جو قهر ڀڙڪندڙ باهه وانگر آهي،
سو اسان مان ڪير اهڙيءَ ساڙيندڙ باهه ۾ رهي سگهي ٿو؟
اسان مان ڪير انهن ابدي شعلن وٽ گذاري سگهي ٿو؟"
15 پر اي يروشلم وارؤ! اوهين تڏهن بچي سگهو ٿا،
جڏهن اوهان جا قول ۽ فعل حق تي ٻڌل هوندا،
جڏهن اوهين ظلم جي وسيلي
نفعو حاصل ڪرڻ کان نفرت ڪندا،
جڏهن اوهين رشوت کي ٺُڏي ڇڏيندا،
جڏهن اوهين خونريزيءَ جي منصوبن ۾ شريڪ نہ ٿيندا،
۽ هر قسم جي بڇڙاين کان پري رهندا.
16 پوءِ اوهين اتي امن وَ سلامتيءَ سان رهندا.
هائو، اوهين خدا جي حضور ۾ اهڙا تہ محفوظ هوندا،
جيئن ڇڻ ڪنهن مضبوط جابلو قلعي ۾ هجو.
اتي اوهان کي جهجهو کاڌو خوراڪ ۽ پاڻي عطا ڪيو ويندو.

## خداوند يروشلم جو شان وارو بادشاهه

17 پوءِ اوهين هڪ دفعو ٻيهر
وڏي شان واري بادشاهه کي ملڪ تي بادشاهي ڪندي ڏسندا.
سندس بادشاهت هر طرف پري پري تائين پکڙيل هوندي.
18 پوءِ اوهان جي دل مان پراڻو خوف نڪري ويندو،
۽ اوهين انهن کي ياد ڪندي چوندا تہ
"اهي غير قوم جا عملدار ڪيڏانهن هليا ويا،
جيڪي اسان کي ڍيڄاريندا هئا،
۽ ڳرا محصول اُڳاڙڻ لاءِ اسان جو سامان توريندا هئا،
۽ اسان جي قلعن کي مضبوط ٿيڻ نہ ڏيندا هئا؟"
19 اوهين اها وحشي قوم وري نہ ڏسندا،
جيڪي عجيب وَ غريب ٻولي ڳالهائيندا هئا،
۽ انهن جي اها مڻ مڻ اوهين سمجهي نہ سگهندا هئا.
20 *صيئون جبل ڏانهن نهاري ڏسو،
جتي اسين مخصوص عيدون ملهائيندا آهيون.
هائو، اوهين يروشلم ڏانهن نهاريو،
جيڪو امن وَ سلامتيءَ جي جاءِ آهي.
اهو اهڙي مضبوط تنبوءَ مثل آهي جنهن کي هٽائي نہ سگهبو،
جنهن جا ڪِلا ڪڏهن بہ پٽي نہ سگهبا،
۽ جنهن جي رسن مان هڪڙو رسو بہ نہ ڇڄندو.
21 اتي خداوند اسان کي پنهنجو جلوو پسائيندو،
۽ خداوند جي حضوري اسان لاءِ
خوشحاليءَ واري وڏي ندي ۽ نهر مثل هوندي،
جتان دشمنن جي ٻيڙين
۽ وڏن سامونڊي جهازن جو گذر ئي نہ ٿيندو.
22 خداوند، جيڪو اسان جو منصف،
اسان جو حاڪم ۽ اسان جو بادشاهه آهي،
سو ئي اسان کي بچائيندو.

23 تڏهن اسان کي وڏي ملڪيت حاصل ٿيندي،
ڇالاءِجو دشمن جي جهنڊي جي ڪاٺي پگهل هوندي،
۽ سندن جهنڊو ڪريل هوندو.
اسين دشمنن جي دولت مان جيڪي وٺندو،
سو لٽي ڦري وٺنداسين.
اها ايتري تہ گهڻي هوندي
جو منڊو ماڻهو بہ ان مان لٽي وٺندو.
24 اسان جي ملڪ ۾ رهندڙ ڪوبہ ماڻهو
وري بيمار ٿيڻ جي شڪايت نہ ڪندو.
انهن جا سمورا گناهه معاف ڪيا ويندا.

## ادوم لاءِ سزا

34 1 اچو، اي سموريون قومون! چوڌاري اچي گڏ ٿيو ۽ ٻڌو.
اچو اي سڀ امتون! ڪن ڏيو.
هائو، سڄي ڌرتيءَ تي رهندڙ هر مخلوق هتي اچي ۽ ٻڌي.
2 ٻڌو، سڀني قومن تي خداوند سخت ناراض آهي،
سندن سمورن لشڪرن تي سندس غضب نازل ٿيڻو آهي.
هو قتل ڪرڻ لاءِ کين دشمنن جي حوالي ڪرڻ وارو آهي،
هائو، هن انهن کي بلڪل تباهه ٿيڻ لاءِ مقرر ڪري ڇڏيو آهي.
3 انهن جا قتل ٿيل دفن نہ ٿيندا بلڪ ڦٽا ڪيا ويندا،
سندن لاشن مان بدبوءِ نڪرندي.

*صيئون جبل: هن جبل تي يروشلم شهر ۾ خداوند جو مقدس هيڪل هو.

انهن جو رت جبلن تان وهي هلندو.
4 سج، چنڊ ۽ تارا پُري دز ٿي ويندا.
آسمان ڪاغذ جي ويڙهوٽي وانگر ويڙهجي ويندو،
۽ ان مان ستارا ائين ڇڻي ڪرندا،
جيئن انگورن جي ول ۽ انجير جي وڻ مان
پن سڪي ڇڻي پوندا آهن.

5 خداوند فرمائي ٿو تہ
”مون پنهنجي تلوار کي آسمان ۾ تيار ڪري ڇڏيو آهي.
هاڻي اها ادوم تي اچي ڪڙڪندي،
جنهن جي رهاڪن لاءِ مون تباهي مقرر ڪئي آهي.
6 مون خداوند جي تلوار انهن جي رت،
۽ چربيءَ سان ائين ڀرجي ويندي،
جيئن قربانگاهہ گھيٽن ۽ ٻڪرين جي رت سان
۽ گھٽن جي بڪين جي چربيءَ سان ڀرجي ويندي آهي.
آءٌ خداوند بُصراہ شهر ۾ اهڙي قرباني ڪندس،
بلڪ ادوم جي سڄي ملڪ ۾ اهڙو وڏو قتلام ڪندس.
7 ادوم جا جهنگلي سانَهہ ماڻهن سان گڏ ماريا ويندا.
بلڪ سندن طاقتور ڏاند پڻ ماريا ويندا.
انهن جي ملڪ کي سندن رت سان ريج اچي ويندو،
۽ هنن جي چربي سندن ٻنين کي ڀري ڇڏيندي.“

8 خداوند اهو وقت مقرر ڪري ڇڏيو آهي،
جڏهن هو *صيئون وارن سان انصاف ڪرڻ ايندو،
۽ سندن دشمنن کان بدلو وٺندو.
9 ادوم جي ندين جو پاڻي ڏامر جي صورت ۾ تبديل ٿي ويندو،
ان جي مٽي گندرف ٻڻجي ويندي،
۽ سڄو ملڪ ٽهڪندڙ ڏامر ٿي پوندو.
10 اهو رات ڏينهن ٽهڪندو رهندو،
جنهن جو دونهون زماني جي آخر تائين پيو اٿندو رهندو.
ادوم جو ملڪ پيڙهي بہ پيڙهي ويران رهندو،
۽ انهيءَ مان وري ڪوبہ سفر نہ ڪندو.
11 اهو ملڪ رڳو بازن ۽ چاهن جي حوالي ٿي ويندو،
جتي رڳو چبرن ۽ ڪانوَن جا آکيرا هوندا.
خدا انهيءَ ملڪ کي بلڪل ڪنبر ٻٽائي ڇڏيندو.
هائو، اتي رڳو پٿرن جا ڍير نظر ايندا.
12 ملڪ تي حڪمراني ڪرڻ لاءِ ڪوبہ بادشاهہ ڪونہ هوندو،
بلڪ انهيءَ جو ڪو اڳواڻ ئي نہ رهندو،
جنهن کي بادشاهہ چوندي سگھجي.
13 انهيءَ جي محلاتن ۽ ڪوٽ وارن شهرن ۾
ڪنڊا ۽ ڪانڊيرا اپري ايندا.
ملڪ رڳو گدڙن ۽ اُلو پکين جي جُوءِ ٻڻجي ويندو.
14 جهنگلي جانور اچي اتي پيا پٽڪندا،
ڀوت پيا هڪ ٻئي کي پڪاريندا.
†رات جو راڪاس اتي پيو گھمندو،
۽ پنهنجي آرام جي جاءِ ڳولهي لهندو.
15 اتي چبرا پنهنجا آکيرا ٺاهيندا،
اهي آنا لاهيندا ۽ آرو ڪري ٻچا ڦوڙيندا،
۽ انهن جي سار سنڀال ڪندا.
ڳجھون جوڙو جوڙو ٿي اتي اچي گڏ ٿينديون.

16 اوهين خداوند جي ڪتاب کي جاچي پڙهي ڏسو،
انهيءَ لاءِ تہ ڪابہ سٽ رهجي نہ وڃي،
بلڪ هر ڪا سٽ ٻيءَ سٽ سان گڏ پڙهي وڃي.
اهي سڀ خداوند جون ئي فرمايل ڳالهيون آهن،
جيڪي هن پاڻ هڪ ڪتاب ۾ محفوظ ڪري ڇڏيون آهن.
17 اهو خداوند ئي آهي،
جنهن انهن زنده مخلوقات کي علائقا ورهائي ڏنا آهن،
۽ هر ڪنهن کي سندس حصو عطا ڪيو اٿس.
اهي پيڙهي بہ پيڙهي اتي رهندا،
۽ اهو علائقو هميشہ جي لاءِ انهن جو رهندو.

## خداوند جي قوم لاءِ پاڪيزگيءَ وارو رستو

35 1 اجايل بيابان سرهو ٿيندو،
۽ سڪل ڌرتي خوشيون ملهائيندي،
هائو، ان ۾ گل ٽڙي نڪرندا.
2 بيابان ۾ هر طرف گل ئي گل ٽڙندا،
۽ انهيءَ مان خوشيءَ جي گيتن ۽ شادمانن جا آواز پيا ايندا.
اهو اهڙو شاندار ٿي پوندو جهڙو لبنان جبل.
اهو اهڙو تہ زرخيز ٿي پوندو،
جهڙو ڪرمل جبل ۽ شارون جي ماٿري.
تڏهن هر ڪو خداوند اسان جي خدا جي

*صيئون وارن: هن مان مراد سڄي بني اسرائيل قوم آهي.

†رات جو راڪاس: هن مان مراد هڪڙي جنڙي آهي، جيڪا ماڻهن جي خيال مطابق ويران جاين ۾ رهندي هئي. عبراني ٻوليءَ ۾ انهيءَ جو نالو ”للت“ لکيل آهي.

4:34 مت 29:24، مر 25:13، لو 26:21، مڪا 6:13–14

5:34–17 يس 1:63–6، ير 7:49–22، حز 12:25–14، 1:35–15، عا 1:11–12، عبد 1–14، ملا 1:2–5 10:34 مڪا 11:14، 3:19

عظمت ۽ قدرت ڏسندو.

3 اي خداوند جي قوم!
اوهين جيڪي ڪمزور ٿي پيا آهيو سي همت وارا ٿيو،
۽ جيڪي خوف وچان ڏڪو ٿا سي دلجاءِ ڪريو.
4 اوهين ڊڄڻيءَ دل وارن کي هي چئي همٿايو تہ
”اوهين ڊڄو نہ، بلڪ همت ڌاريو،
ڇالاءِجو خدا اسان کي بچائڻ جي لاءِ اچي رهيو آهي.
هائو، هو اچي رهيو آهي تہ جيئن اسان جي دشمنن کي
سزا ڏيئي ڪانئن اسان جو پورو پورو بدلو وٺي.“

5 ان وقت انڌا ڏسي سگهندا،
۽ ٻوڙا ٻڌي سگهندا.
6 تڏهن منڊا ماڻهو هرڻ وارا چال ڏيندا،
۽ گونگا خوشيءَ وچان نعرا هڻندا.
بيابان مان چشما ڦٽي نڪرندا،
۽ رڻپٽ منجهان نديون وهڻ لڳنديون.
7 رُڃ بدلجي ڍنڍ ٿي پوندي،
۽ سڪل ٿوٽ زمين منجهان پاڻيءَ جا چشما جاري ٿيندا.
جنهن بيابان ۾ ڪڏهن گدڙن جي جُوءِ هوندي هئي،
اتي ندين جي ڪناري ٻُوڙا ۽ ڪانا اڀري ايندا.

8 اتي هڪڙو شاهي رستو هوندو،
جنهن کي ”پاڪيزگيءَ وارو رستو“ سڏيو ويندو.
ڪوبہ پليت ماڻهو انهيءَ رستي تان گذري نہ سگهندو.
رڳو خدا جا ماڻهو انهيءَ رستي سان هلندا،
۽ بيوقوف بدڪار انهيءَ تي گهمي ڦري نہ سگهندا.
9 ڪوبہ شينهن يا ڪو ٻيو خونخوار جانور
انهيءَ رستي جي ويجهو بہ نہ ايندو.
جن ماڻهن کي خداوند بچايو آهي،
سي ئي انهيءَ رستي تان گذري سگهندا.
10 هائو، جن ماڻهن کي خداوند بچايو آهي،
سي خوشيءَ جا گيت ڳائيندي موٽي يروشلم ۾ داخل ٿيندا.
اهي هميشہ خوش رهندا،
۽ خوشيون ۽ شادمانا ملهائيندا رهندا.
ڏک ۽ غم انهن جي ويجهو بہ ڪونہ ايندو.

## اشورين جي يهوداه تي ڪاهہ
(2.بادشاهہ 18:13–27، 2.تواريخ 32:1–19)

36 1 بادشاهہ حزقياه جي بادشاهيءَ جي چوڏهين سال، اشور
جو شهنشاهہ سنحيرب يهوداه جي سڀني ڪوٽ وارن شهرن
تي ڪاهہ ڪري آيو ۽ مٿن قبضو ڪري ورتائين. 2 تڏهن اشور جي
شهنشاهہ پنهنجي اعليٰ عملدار کي هڪڙي وڏي لشڪر سان لڪيس
شهر کان يروشلم ڏانهن موڪليو تہ هو حزقياه بادشاهہ کي پيش
پوڻ لاءِ چوي. هو اوڏانهن ويو ۽ ڌوٻي گهاٽ واري شاهي رستي تي
مٿئين تلاءَ جي موريءَ وٽ اچي بيٺو. 3 تڏهن الياقيم ولد خلقياه،
جيڪو محل جو انتظام سنڀاليندو هو، شبناه جيڪو شاهي محرر هو ۽
يوآخ ولد آسف جيڪو شاهي منتظم هو، سي نڪري وٽن آيا. 4 اشور
جي اعليٰ عملدار انهن ماڻهن هٿان بادشاهہ حزقياه ڏانهن هي پيغام
موڪليو تہ ”شهنشاهہ اعظم، اشور جو بادشاهہ فرمائي ٿو تہ ’تو
کي ڇا تي هيڏو ڀروسو آهي؟ 5 تون سمجهين ٿو تہ تو کي سٺي
حڪمت عملي ۽ فوجي طاقت آهي، اهي تہ رڳو لفظ آهن. آخر تو
ڪنهن جي آسري تي مون سان بغاوت ڪئي آهي؟ 6 تون مصر تي
ڀاڙيو ويٺو آهين جيڪو هڪ ڀڳل ڪاني مثل آهي ۽ جيڪو ماڻهو ان
تي اَهل ڏيئي هلندو آهي تہ اهو ڪانو سندس هٿ ۾ چُڀي پوندو آهي!
مصر جو فرعون انهن سڀني سان اهڙو ئي سلوڪ ڪري ٿو جيڪي
مٿس ڀروسو ڪن ٿا.’“
7 اعليٰ عملدار انهن ماڻهن کي وڌيڪ چيو تہ ”پر جيڪڏهن اوهين
مون کي چوندا تہ ’اسان جو ڀروسو خداوند پنهنجي خدا تي آهي،‘
تہ پوءِ هو اهو ساڳيو معبود نہ آهي ڇا جنهن جون عبادتگاهون
۽ قربانگاهون حزقياه ختم ڪرائي ڇڏيون؟ بلڪ هن يروشلم وارن
توڙي سڀني يهوداه وارن کي چيو تہ ’اوهين رڳو يروشلم واري
قربانگاهہ تي قربانيون چاڙهيو.‘ 8 سو هاڻ آءٌ پنهنجي مالڪ اشور
جي شهنشاهہ طرفان تو سان هڪ شرط ٿو رکان تہ آءٌ تو کي ٻہ
هزار گهوڙا ڏيندس، پر انهيءَ شرط سان تہ تو وٽ انهن تي سواري
ڪرڻ لاءِ ماڻهو بہ هجن. 9 پر تو وٽ تہ اهي بہ نہ هوندا، تہ پوءِ
تون ڪيئن منهنجي مالڪ جي خسيس عملدار کي بہ پوئتي هٽائي
سگهندين؟ جڏهن تہ تون جنگي گهوڙي گاڏين ۽ گهوڙي سوارن لاءِ
بہ مصر تي ڀروسو رکيو ويٺو آهين؟ 10 ٻيو تہ آءٌ هن شهر کي حملو
ڪري برباد ڪرڻ لاءِ خداوند جي چوڻ کان سواءِ ئي آيو آهيان ڇا؟
خداوند پاڻ مون کي چيو تہ ’هن ملڪ تي چڙهائي ڪري ڪيس تباهہ
وَ برباد ڪر.‘“
11 تڏهن عملدار اعليٰ کي الياقيم، شبناه ۽ يوآخ چيو تہ ”سائين!
مهرباني ڪري اسان سان ارامي ٻوليءَ ۾ ڳالهايو ڇوتہ اسين اُها

3:35 عبر 12:12 5:35–6 مت 5:11، لو 22:7 6:36 حز 6:29–7

سمجهون ٿا. *يهوداه وارن جي ٻوليءَ ۾ اسان سان نہ ڳالهايو ڇوتہ
پٽ تي ويٺل ماڻهو ٻڌن ٿا.“ 12 تنهن تي عملدار اعليٰ هنن کي چيو
تہ ”منهنجي مالڪ مون کي رڳو توهان جي مالڪ ۽ توهان ڏانهن ئي
ڪونہ موڪليو آهي، بلڪ هن مون کي پٽ تي ويٺل ماڻهن ڏانهن بہ
موڪليو آهي. هو بہ اوهان وانگر ئي پاخاني جو گند ڪچرو کائيندا،
جهڙيءَ طرح اوهين کائيندا.“
13 پوءِ اعليٰ عملدار اٿي بيٺو ۽ يهوداه وارن جي ٻوليءَ ۾ وڏي
واڪي ڇوڻ لڳو تہ ”اوهين شاهہِ عظيم، اشور جي شهنشاهہ جون
ڳالهيون ٻڌو. 14 حزقياه جي دوکي ۾ نہ اچو. هو اوهان کي اسان جي
هٿن مان ڇڏائي نہ سگهندو. 15 حزقياه جي انهيءَ ڳالهہ تي يقين
نہ ڪجو تہ اوهان جو خداوند اوهان کي ضرور ڇڏائيندو ۽ هي شهر
اشور جي شهنشاهہ جي قبضي ۾ نہ ڏيئي ڇڏيندو. 16 حزقياه ڏانهن
ڌيان نہ ڏيو. اشور جو شهنشاهہ اوهان کي چوي ٿو تہ ’پنهنجي
شهر مان نڪري اچي مون وٽ پيش پئو. اوهان مان هر ڪنهن کي
اها اجازت هوندي تہ هو ايستائين پنهنجي ئي انگورن جي ول مان
انگور کائي، پنهنجي ئي انجير جي وڻ مان انجير کائي ۽ پنهنجي
ئي کوهہ مان پاڻي پيئي، 17 جيستائين آءٌ نہ اچان. آءٌ اوهان کي وٺي
اوهان جي ئي ملڪ جهڙي انهيءَ ملڪ ۾ آباد ڪندس جتي اناج
۽ مئي آهي، ماني ۽ انگور آهن، زيتون جو تيل ۽ ماکي آهي. سو
منهنجي ڳالهہ مڃيندا تہ مرڻ کان بچي ويندا. 18 حزقياه ڏانهن ڌيان
نہ ڏيو. چالاڪِجو هو ائين چئي اوهان کي گمراهہ ٿو ڪري تہ اوهان
جو خداوند اوهان کي ڇڏائيندو. ٻين قومن جي معبودن مان ڪنهن بہ
هڪڙي پنهنجو ملڪ مون اشور جي شهنشاهہ جي هٿن مان ڪڏهن
ڇڏايو آهي ڇا؟ 19 حمات ۽ ارفاد جا معبود ڪٿي آهن؟ سفروائم جا
معبود ڪٿي آهن؟ ڇا انهن سامريہ کي منهنجي هٿن مان ڇڏايو؟
20 انهن ملڪن جي سڀني معبودن مان ڪير آهي جنهن پنهنجو ملڪ
منهنجي هٿن مان ڇڏايو؟ تہ پوءِ خداوند ڪيئن يروشلم کي منهنجي
هٿن مان ڇڏائيندو؟‘“
21 پر ماڻهن ماٺ ڪيو پئي ٻڌو ۽ جواب ۾ هڪڙو اکر بہ نہ
ڪڇيائون، ڇالاءِجو بادشاهہ حزقياه کين اهو حڪم ڏيئي ڇڏيو هو
تہ هن کي ڪوبہ جواب نہ ڏنو وڃي. 22 پوءِ الياقم، شبناه ۽ يوآخ
ڏک ۾ پنهنجا ڪپڙا ڦاڙيا ۽ اچي بادشاهہ حزقياه کي اعليٰ عملدار
واريون ڳالهيون ٻڌايائون.

## حزقياه بادشاهہ جو يسعياه نبيءَ کان صلاح وٺڻ

(2.بادشاهہ 19:1–7)

37 1 جڏهن بادشاهہ حزقياه اهو ٻڌو، تڏهن پنهنجا ڪپڙا
ڦاڙيائين ۽ ڪٿو ڍڪي هيڪل ۾ ويو. 2 هن محل جي منتظم
الياقيم، شبناه شاهي محرر ۽ وڏن ڪاهنن کي ڪٿا ڍڪائي آموص جي
پٽ يسعياه نبيءَ ڏانهن موڪليو. 3 هنن وڃي يسعياه کي حزقياه جو
هي پيغام ڏيئي چيو تہ ”اڄوڪو ڏينهن اسان لاءِ مصيبت، ملامت ۽
خواريءَ ڀريو ڏينهن آهي. اسان انهيءَ عورت مثل آهيون جيڪا ٻار
ڄڻڻ واري آهي، پر ڪمزوريءَ سبب ڄڻي نہ ٿي سگهي. 4 اشور جي
شهنشاهہ پنهنجو جيڪو عملدار اعليٰ موڪليو آهي سو جيئري خدا
جي خلاف ڪفر ٿو بڪي. خداوند خدا جنهن جا اوهين خاص ٻانها
آهيو، سو شل انهيءَ عملدار اعليٰ جون اهي ڳالهيون ٻڌي ۽ اشورين
کي انهيءَ جي سزا ڏئي. تنهنڪري اسان مان باقي بچيل ماڻهن جي
حق ۾ تون خدا کان دعا گهر.“
5 جڏهن عملدارن بادشاهہ حزقياه جو اهو پيغام يسعياه کي ٻڌايو
6 تڏهن يسعياه کين چيو تہ ”وڃي پنهنجي مالڪ کي خداوند جو
هي فرمان ٻڌايو تہ ’اشور جي شهنشاهہ جي چاڙتن منهنجي باري ۾
جيڪا بڪواس ڪئي آهي، تن ڳالهين جي ڪري تون نہ ڊڄ. 7 ڌيان
سان ٻڌ، آءٌ هنن ۾ هڪڙو افواهہ ڦهلائيندس جنهن جي ٻڌندي ئي
شهنشاهہ پريشان ٿي پنهنجي ملڪ ڏانهن موٽي ويندو. پوءِ اتي آءٌ
کيس ڪنهن جي هٿان مارائي ڇڏيندس.‘“

## اشورين جي ٻي ڌمڪي

(2.بادشاهہ 19:8–13)

8 جڏهن عملدار اعليٰ ٻڌو تہ اشور جو شهنشاهہ لڪيس شهر
مان روانو ٿي ويو آهي ۽ لبناه شهر وارن سان جنگ جوٽيو بيٺو آهي،
تڏهن هو وٽس صلاح مشوري لاءِ ويو.
9 ساڳئي وقت اشور جي شهنشاهہ کي نياپو مليو تہ مصر جو
†سوڊاني بادشاهہ ترهاقہ مٿن حملي ڪرڻ لاءِ پنهنجو لشڪر وٺيو ٿو
اچي. جڏهن هن اها خبر ٻڌي تڏهن هن وري بہ ڌمڪيءَ وارو خط لکي
قاصدن جي هٿان يهوداه جي بادشاهہ حزقياه ڏانهن ڏياري موڪليو تہ
10 ”جنهن خدا تي تون ڀروسو ٿو ڪرين سو تو کي ائين چئي دوکي ۾
ٿو رکي تہ تنهنجو يروشلم شهر مون اشور جي شهنشاهہ جي هٿن
۾ نہ ڏنو ويندو. 11 بيشڪ، تو کي معلوم آهي تہ اسان اشور وارن
سڀني ملڪن سان ڇا ڇا ڪيو آهي ۽ ڪيئن نہ کين برباد ڪيو اٿئون.
تہ پوءِ ڇا تون بچي سگهندين؟ 12 جڏهن منهنجي ابن ڏاڏن تلسار
منجهہ رهندڙ بني عدن ۽ گوزان، هاران ۽ رصف شهرن کي ناس
ڪري ڇڏيو تڏهن سندن معبود کين ڪو بچائي سگهيا ڇا؟ 13 ڀلا
حمات، ارفاد، سفروائيم، هينع ۽ عوا شهرن جا بادشاهہ ڪٿي آهن؟“

*يهوداه وارن جي ٻولي: يعني عبراني ٻولي.
†سوڊاني: عبرانيءَ ۾ ”ڪُوشي“ لکيل آهي، انهن ڏينهن ۾ هنن ماڻهن جو علائقو موجوده ايٿوپيا ۽ سوڊان ملڪن جي ڪجهہ حصي تي مشتمل هو.

## حزقياه جي دعا

(2.بادشاهه 19:14-19)

14 قاصدن اهو خط حزقياه کي آڻي ڏنو ۽ هُن اهو پڙهيو. پوءِ حزقياه
هيڪل ۾ ويو ۽ اهو خط خداوند جي آڏو کولي رکيائين. 15 تڏهن
خداوند جي حضور ۾ دعا گهرندي چيائين ته 16 ”اي قادرِمطلق
خداوند، بني اسرائيل جا خدا! تون جو *پردار آسماني مخلوق جي ٻن
مجسمن مٿان تخت تي ويٺو آهين، فقط تون ئي ڌرتيءَ جي سڀني
بادشاهتن جو خدا آهين. تون ئي آسمان ۽ زمين جو خلقيندڙ آهين.
17 هاڻي اي خداوند! ڌيان ڏيئي اسان جي ٻڌ. اي خداوند! اسان ڏانهن
نهاري ڏس ته اسان سان ڇا ٿو وهي واپري. سنحيرب جون اهي سڀيئي
ڳالهيون ٻڌ، جيڪي هن تو زنده خدا جي خلاف ڪفر بڪندي چيون
آهن. 18 اي خداوند! اهو سچ آهي ته اشور جي شهنشاهن ڪيترين ئي
قومن کي سندن ملڪن سميت برباد ڪري ڇڏيو آهي. 19 هنن سندن
معبودن کي باهه ۾ اڇلائي تباهه ڪري ڇڏيو آهي، ڇالاءِجو اهي
حقيقي معبود نه هئا، بلڪ ماڻهن جي هٿن جا جوڙيل رڳو ڪاٺ ۽
پٿر جا بوتا هئا. 20 هاڻ، اي خداوند اسان جا خدا! اسان کي هن جي
هٿن مان ڇڏاءِ، تان‌ته دنيا جون سڀ قومون ۽ بادشاهه ڄاڻي وٺن ته
رڳو تون ئي خدا آهين.“

## حزقياه کي يسعياه معرفت خدا جي ورندي

(2.بادشاهه 19:20-37)

21 تڏهن يسعياه نبيءَ حزقياه بادشاهه ڏانهن چوائي موڪليو ته
”خداوند، بني اسرائيل جي خدا اشور جي شهنشاهه سنحيرب خلاف
تنهنجي دعا ٻڌي آهي. 22 تنهن جي جواب ۾ هو سنحيرب کي فرمائي
ٿو ته

’اي سنحيرب! يروشلم شهر وارا تو کان نفرت ٿا ڪن،
۽ ٺٺوليون ڪندي تو تي کلن ٿا.
23 خبر اٿيئي ته اهو ڪير آهي جنهن بابت تو ڪفر بڪيو آهي،
۽ سندس خلاف بڪواس ڪئي اٿيئي؟
خبر اٿيئي ته ڪنهن ڏانهن غرور سان اکيون کنيون اٿيئي؟
اهو آءٌ بني اسرائيل جو پاڪ معبود آهيان.
24 تو پنهنجن نوڪرن هٿان
مون پروردگار جي توهين ڪرائي آهي.
تو ٻٽاڪ هڻي چوايو آهي ته
”آءٌ پنهنجي بي‌شمار جنگي گهوڙي گاڏين سان
لبنان جي جبلن جي چوٽين،
بلڪ لبنان جي آخر تائين اچي پهتو آهيان.
هائو، آءٌ لبنان جي ٻيلي منجهه
اندرين پاڳن تائين اچي پهتو آهيان،
جتي مون انهيءَ ٻيلي جا ديال
۽ صنوبر جا ڊگها ۽ عمدا وڻ وڍي ڇڏيا آهن.
25 ڌارين ملڪن ۾ مون کوهه کوٽرائي
پنهنجي لشڪر لاءِ پاڻي حاصل ڪيو آهي.
منهنجي لشڪر جي پيرن هينان لتاڙجي
مصر جون سڀ نديون سڪي ويون آهن.“

26 اي سنحيرب! هاڻي مون خداوند جي ٻڌ،
هي سڀ مون گهڻو اڳ رٿي ڇڏيو هو.
تون نه ٿو ڄاڻين ته اهو آءٌ ئي آهيان،
جنهن فيصلو ڪري ڇڏيو هو ته
اهو سڀ ڪجهه تو کي ڪرڻو آهي.
مون ئي تو کي چوندي ڪيو هو ته
تون انهن ڪوٽ وارن شهرن کي ڊٺائي ويران دڙا بڻائي ڇڏين.
27 اتي جا ماڻهو ڪمزور ثابت ٿيا،
۽ خوف وچان سندن ڪنڌ جهڪي ويا.
اهي ٻنيءَ جي ٻوٽن، ساون نازڪ سلن
۽ ڇت تي ڦٽندڙ گاهه وانگر هئا،
جيڪو جهولي واري گرم هوا لڳڻ سان سڪي سڙي وڃي ٿو.
28 پر مون کي تنهنجي سڀ خبر آهي ته تون ڪٿي رهين ٿو،
ڪيڏانهن اچين وڃين ٿو،
۽ منهنجي خلاف ڪهڙي بڪواس ڪرين ٿو.
29 تنهنجي انهيءَ بڪواس ۽ گستاخيءَ جي ڪري،
آءٌ تنهنجي نڪ ۾ ناڪيلي،
۽ تنهنجي وات ۾ لغام وجهندس،
۽ جنهن رستي کان تون آيو آهين،
ساڳي ئي رستي سان تو کي لوٽي روانو ڪندس.‘“

30 پوءِ يسعياه نبيءَ حزقياه بادشاهه کي وڌيڪ چيو ته ”اي حزقياه!
تنهنجي لاءِ هيءَ نشاني ٿيندي ته هن سال جيڪو ڪجهه پاڻيهي
ڦٽندو سو اوهين کائيندا ۽ ٻئي سال به اُهو ئي کائيندا جيڪو وري اُن
مان پاڻيهي ڦٽي نڪرندو. پر ٽئين سال ۾ اوهين پاڻ پوکيندا، لڻندا،
انگورن جا باغ لڳائيندا ۽ پوءِ انهن جو ڦر کائيندا. 31 هڪ دفعو وري
يهوداه وارن مان باقي بچيل ماڻهو ٻوٽي وانگر وري هيٺ پاڙ هڻندا
۽ مٿي اپري ڦر جهليندا. 32 ڇالاءِجو يروشلم، هائو، صيئون جبل ۾

---

*پردار آسماني مخلوق جي ٻن مجسمن: اهي ٻه مجسما عهد واري صندوق جي مٿان ٺهيل هئا، جيڪا خداوند خدا جي موجودگيءَ جي نشاني هئي.

16:37 خر 22:25

باقي بچي ويل نڪري نروار ٿيندا. قادرِمطلق خداوند جي غيرت اهو
سڀ ڪجهہ ڪري ڏيکاريندي.
33 تنهنڪري خداوند اشور جي شهنشاهه بابت هيئن ٿو فرمائي تہ
'هو هن شهر ۾ داخل ٿي نہ سگهندو، نڪي شهر تي ڪو تير هلائي
سگهندو. سندس ڪوبہ سپاهي ڍال کڻي شهر جي ويجهو نہ ايندو، ۽
نہ وري هو انهيءَ جي چوڌاري دِڪا ئي ٺاهي سگهندا. 34 بلڪ جنهن
رستي کان هو آيو هوندو، تنهن ساڳي ئي رستي کان هو موٽي ويندو
۽ شهر ۾ داخل ڪين ٿي سگهندو. 35 ڇالاءِجو آءٌ خود هن شهر جي
حفاظت ڪندس ۽ پنهنجي خاطر ۽ پنهنجي ٻانهي دائود جي خاطر
انهيءَ شهر کي بچائيندس. اهو مون خداوند جو فرمان آهي.''
36 سو خداوند جو هڪڙو ملائڪ اشورين جي لشڪرگاهه ۾ ڪاهي
پيو ۽ اٽڪل هڪ لک پنجاسي هزار ماڻهن کي ماري ڇڏيائين. صبح
جو سوير ماڻهو ڇا ڏسن تہ رڳو لاش ئي لاش پيا آهن. 37 اها حالت
ڏسي اشور جو شهنشاهه سنحيرب پنهنجي منزل پٽي اتان هلي پيو.
هو نينواه شهر ڏانهن موٽي آيو ۽ اتي ئي رهي پيو. 38 پوءِ هڪ ڏينهن
جڏهن هو پنهنجي معبود نسروڪ جي پوڄا گهر ۾ پوڄا ڪري رهيو
هو تہ سندس ٻن پٽن ادرملڪ ۽ شراضر کيس تلوار هڻي ماري وڌو
۽ اراراط جي علائقي ڏانهن ڀڄي ويا. تنهن بعد سندس ٽيون پٽ
اسرحدون هن جي جاءِ تي شهنشاهه بڻيو.

## حزقياه بادشاهه جي بيماري ۽ صحتيابي

(2.بادشاهه 20:1–11، 2.تواريخ 32:24–26)

38 1 انهن ئي ڏينهن ۾ حزقياه بادشاهه سخت بيمار ٿي پيو
۽ مرڻ کي وڃي پهتو. تڏهن يسعياه نبي وٽس ويو ۽ کيس
چيائين تہ ''خداوند فرمائي ٿو تہ 'پنهنجي گهر جي باري ۾ تو کي
جيڪو ڪجهہ ڪرڻو آهي، سو ڪري ڇڏ، ڇالاءِجو تون مرڻ وارو
آهين ۽ وري صحتياب نہ ٿيندين.''' 2 تڏهن حزقياه پنهنجو منهن
ڦيري پٽ ڏانهن ڪيو ۽ خداوند کان دعا گهريائين تہ 3 ''اي خداوند!
ياد ڪر تہ آءٌ ڪيئن نہ تنهنجي اڳيان وفاداريءَ ۽ دل وَ جان سان هليو
آهيان ۽ اُهي ئي ڪم ڪيا اٿم جيڪي تنهنجي نظر ۾ چڱا آهن.''
ائين چئي حزقياه زاروزار روئڻ لڳو.
4 تڏهن خداوند يسعياه کي حڪم ڏنو تہ 5 هو موٽي وڃي حزقياه
کي سندس هي پيغام ٻڌائي تہ ''مون خداوند، تنهنجي ابي ڏاڏي
دائود جي خدا تنهنجي دعا ٻڌي ورتي آهي ۽ تنهنجا لڙڪ ڏٺا اٿم. سو
ڏس، آءٌ تنهنجيءَ عمر ۾ پندرهن سالن جو اضافو ٿو ڪريان. 6 آءٌ
تو کي ۽ هن شهر يروشلم کي اشور جي شهنشاهه کان بچائيندس
۽ شهر جي حفاظت ڪندو رهندس.''
* 21 پوءِ يسعياه حزقياه جي نوڪرن کي چيو تہ ''انجير جي هڪڙي
ٽڪي آڻي بادشاهه جي ڦرڙيءَ تي رکو تہ هو چڱو ڀلو ٿي ويندو.''
22 تڏهن حزقياه يسعياه کان پڇيو تہ ''مون لاءِ ڪهڙي نشاني آهي
تہ آءٌ اتي وري هيڪل ۾ عبادت لاءِ وڃي سگهندس؟'' 7 يسعياه
کيس وراڻيو تہ ''جيڪا ڳالهہ خداوند فرمائي آهي سا هو ضرور پوري
ڪندو. ڏس، انهيءَ جي ثابتيءَ لاءِ خداوند وٽان تنهنجي واسطي
هيءَ نشاني هوندي تہ 8 آخر بادشاهه جي ڌوپ گهڙيءَ تان جيڪو
سج جو پاڇو هيٺ لهي ويندو آهي، تنهن کي خداوند ڏهہ قدم پٺتي
موٽائي ڇڏيندو.'' سو ڌوپ گهڙيءَ تان جيڪو سج جو پاڇو هيٺ لهي
ويو هو، سو ڏهہ قدم پٺتي موٽي ويو.

## حزقياه جو خداوند جي شڪرگذاري ڪرڻ

9 يهوداه جي بادشاهه حزقياه بيماريءَ مان شفاياب ٿيڻ بعد
شڪرگذاريءَ لاءِ هي لکيو تہ
10 ''مون سوچيو ٿي تہ
منهنجي حياتيءَ جا باقي رهيل سال مون کان کسيا ويا آهن،
سو آءٌ پنهنجي ڦوهہ جوانيءَ ۾ ئي مري وڃي
عالم ارواح ۾ داخل ٿيندس.
11 هائو، مون سوچيو ٿي تہ جيئرن جي هن جهان ۾،
آءٌ پاڻ جهڙن انسانن کي وري ڪين ڏسندس،
نڪي وري خداوند جي هيڪل ۾ وڃي
سندس آڏو حاضر ٿيندس.
12 منهنجي حياتيءَ جا ڏينهن چڻ تہ
خانہ‌بدوش جي تنبوءَ وانگر
وقت کان اڳ ڊاهي پٽ ڪيا ويا آهن.
اي خداوند! مون سمجهيو ٿي تہ
تو انهيءَ ڪوريءَ وانگر
منهنجي حياتي ويڙهي رکي ڇڏي آهي،
جيڪو اُڏاڻي مان تاني اڌ ۾ چنيو ڇڏي.
هائو، مون سمجهيو ٿي تہ تو منهنجي حياتي
ڏينهن کان رات ٿيڻ وارين چند گهڙين تائين
پوري ڪري ڇڏي آهي.

13 ساري ساري رات آءٌ تڪليف وچان رڙندو رهندو هوس،
چڻ ڪنهن شينهن وانگر
تو منهنجا سڀ هڏ گڏ ڀڃي ڇڏيا هجن.
مون سمجهيو ٿي تہ تو منهنجي حياتي
ڏينهن کان رات ٿيڻ وارين چند گهڙين تائين
پوري ڪري ڇڏي آهي.
14 آءٌ ابابيلن ۽ ڪنگن جهڙي جهيڻي آواز ۾ رڙندو ٿي رهيس،
مون ڳيري وانگر اوسارا پئي ڪڍيا.

*آيت 21–22: اصلي مسودي ۾ هي ٻيئي آيتون هن باب جي آخر ۾ آهن، پر موضوع جي لحاظ کان هتي رکيون ويون آهن.

منهنجون اکيون عرش ڏانهن نهاري نهاري
ساٽيون ٿي پيون هيون.
سو مون چيو تہ ’اي خداوند! آءٌ ستايل آهيان،
تون اچي منهنجو ساٿي ٿيءُ.
15 اي خداوند! آءٌ تہ ڪجهہ چئي بہ نہ ٿو سگهان،
ڇالاءِجو مون سان هي سڀ تو ئي تہ ڪيو آهي.
جيتوڻيڪ منهنجي حياتي زهر ٿي پيئي آهي،
تنهن هوندي بہ مون کي پنهنجا ڏينهن پورا ڪرڻا آهن.’

16 اي پروردگار! تنهنجون ڳالهيون ۽ تنهنجا ڪم
مون سميت هر ڪنهن کي حياتي ٿا بخشين.
سو تو ئي مون کي چڱو ڀلو ڪيو آهي،
۽ نئين حياتي بخشي اٿيئي.
17 بيشڪ تو منهنجي سخت تڪليفن کي
مون لاءِ راحت جو سبب بڻايو آهي.
تو منهنجي جان تي مهربان ٿي
مون کي بربادي‌ءَ جي کڏ مان بچائي ورتو آهي،
ڇالاءِجو تو منهنجي سڀني گناهن کي
نظرانداز ڪري ڇڏيو آهي.
18 مئلن جي دنيا ۾ ڪوبہ تنهنجي شڪرگذاري
يا واکاڻ نہ ٿو ڪري سگهي،
نڪي اهي قبر وارا
تنهنجي رحمتن کي ڏسڻ جي ڪا اميد رکي ٿا سگهن.
19 جيئرا، هائو، جيئرا ئي تنهنجي واکاڻ ڪندا،
جيئن آءٌ اڄ ڪري رهيو آهيان.
هر پيڙهي پنهنجي ايندڙ پيڙهي‌ءَ کي
تنهنجي وفا جا ڪم بيان ڪري ٻڌائيندي.
* 20 اي خداوند! تو ئي مون کي بچايو آهي.
تنهنڪري اسين سڀيئي پنهنجي ساري عمر تنهنجي هيڪل ۾
تار وارن سازن تي تنهنجي واکاڻ ڳائيندا رهنداسين.“

## بابل جا ايلچي
(2.بادشاهہ 20:12–19)

39 1 هيڏانهن جڏهن بابل جي بادشاهہ مرودڪ بلہ‌دان ولد
بلہ‌دان ٻڌو تہ بادشاهہ حزقياه بيماري‌ءَ مان ڇٽي چڱو ڀلو
ٿيو آهي، تڏهن هن پنهنجي ايلچين هٿان ڏانهس خط ۽ سوکڙيون
پاکڙيون موڪليون. 2 حزقياه انهن ايلچين جو آڌرڀاءُ ڪيو ۽ هنن کي
پنهنجي قيمتي شين جا سڀ گدام ڏيکاريائين، جن ۾ چاندي، سون،
مصالحا ۽ قيمتي عطر موجود هئا. هن کين پنهنجا اسلحہ خانا ۽ ٻيو
جيڪي ڪجهہ سندس خزانن ۾ موجود هو سو سڀ ڏيکاريو. مطلب
تہ شاهي محل توڙي سڄي‌ءَ بادشاهت ۾ ڪابہ اهڙي شيءِ ڪانہ
رهي جيڪا هنن کي ڏيکاري نہ وئي. 3 تڏهن يسعياه نبي حزقياه
بادشاهہ وٽ آيو ۽ کانئس پڇيائين تہ ”اهي ماڻهو ڪٿان آيا هئا ۽
تو کي ڇا چيائون؟“ حزقياه وراڻيو تہ ”اهي ماڻهو تمام ڏورانهين
ملڪ بابل کان مون وٽ آيا هئا.“ 4 يسعياه کانئس پڇيو تہ ”هنن
تنهنجي محل ۾ ڇا ڇا ڏٺو؟“ حزقياه وراڻيو تہ ”منهنجي محل ۾
جيڪي ڪجهہ آهي سو سڀ هنن ڏٺو آهي. منهنجي خزانن ۾ اهڙي
ڪابہ شيءِ ڪانهي، جيڪا مون هنن کي نہ ڏيکاري هجي.“
5 تڏهن يسعياه حزقياه کي چيو تہ ”ٻڌ، قادرِمطلق خداوند فرمائي
ٿو تہ 6 يقيناً اُهو وقت ايندو جڏهن جيڪي تنهنجي گهر ۾ آهي ۽
جيڪي تنهنجي ابن ڏاڏن اڄ ڏينهن تائين گڏ ڪري رکيو آهي، سو
سڀ بابل ملڪ ڏانهن کڄي ويندو ۽ ڪابہ شيءِ پٺ تي نہ ڇڏي
ويندي. 7 تنهنجي پنهنجي اولاد مان ڪيترن ئي کي قيد ڪري نيو
ويندو ۽ کين کدڙو ڪري بابل جي بادشاهہ جي محل ۾ غلام ڪري
رکيو ويندو. اهو خداوند جو فرمان آهي.“
8 تڏهن حزقياه بادشاهہ يسعياه کي وراڻيو تہ ”خداوند جو جيڪو
ڪلام تو ٻڌايو آهي سو نيڪ آهي.“ هن اهو انهي‌ءَ ڪري چيو جو
سوچيائين تہ گهٽ ۾ گهٽ سندس حياتي‌ءَ جي ڏينهن ۾ تہ امن وَ
سلامتي رهندي.

## اميد ڀريو ڪلام

40 1 اسان جو خدا فرمائي ٿو تہ
”تسلي ڏيو، منهنجي قوم کي تسلي ڏيو.
2 يروشلم جي رهاڪن کي دلاسو ڏيو.
هنن منجهہ اعلان ڪريو تہ
سندن غلامي‌ءَ واري مصيبت جا ڏينهن ختم ٿي ويا.
هائو، مون خداوند سندن بدڪاري معاف ڪري ڇڏي آهي،
ڇالاءِجو آءٌ سندن سڀني گناهن جي
کين ٻيڻي سزا ڏيئي چڪو آهيان.“

3 پڪارڻ وارو وڏي واڪي چوي ٿو تہ
”بيابان ۾ خداوند جي لاءِ رستو تيار ڪريو.
هائو، ريگستان ۾ اسان جي خدا لاءِ رستو سڌو ڪريو.
4 هر هڪ هيٺاهين‌ءَ کي ڀري هڪ ڪرو ڪيو ويندو،
هر هڪ جبل ۽ ٽڪري‌ءَ کي ڀڃي هموار ڪيو ويندو.
هائو، هر ڏنگي‌ءَ شيءِ کي سڌو،

*آيت 20: هن آيت کان پوءِ آيت 21 ۽ 22 آهن، پر اهي موضوع جي لحاظ کان هن ئي باب جي آيت 6 کان پوءِ رکيون ويون آهن.

39:7 دان 1:1–7، 2.با 24:10–16، 2.توا 36:10    40:3 مت 3:3، مر 1:3، يو 1:23    40:3–5 لو 3:4–6

۽ هر ڪڏي ڪوہي کي سنئون ڪيو ويندو.
5 پوءِ خداوند جو جلوو ظاهر ٿيندو،
۽ سڀيئي قومون اهو ڏسنديون.
هائو، خداوند پاڻ ائين فرمايو آهي.“

6 تڏهن هڪڙو آواز آيو تہ ”اعلان ڪر.“ مون پڇيو تہ ”ڪهڙو
اعلان ڪريان؟“ تڏهن مون کي چيو ويو تہ
”اعلان ڪر تہ هر بشر گاهہ مثل آهي،
انهن جو جٽاءُ جهنگلي گلن جيترو آهي.
7 جڏهن انهن تي خداوند پنهنجو واءُ گهلائي ٿو،
تڏهن گاهہ سڪي وڃي ٿو ۽ جهنگلي گل ڪومائجي ٿو.
بيشڪ انسان گاهہ کان وڌيڪ جٽادار ناهي.
8 هائو، گاهہ سڪي وڃي ٿو ۽ گل ڪومائجي وڃي ٿو،
پر اسان جي خدا جو ڪلام ابد تائين قائم رهندو.“

9 اي يروشلم وارؤ!
مٿاهين جبل تي چڙهي وڃي خوشخبريءَ جو اعلان ڪريو.
هائو، اي صيئون وارؤ!
وڏي آواز سان پڪاري خوشخبريءَ جو اعلان ڪريو.
بلند آواز سان پڪاريو، ڊڄو نہ.
يهوداه جي شهرن کي ٻڌايو تہ
”اِجهو، اوهان جو خدا اچي رهيو آهي.“

10 ڏسو، خداوند خدا پنهنجي وڏي قدرت سان اچي ٿو.
هو وڏيءَ طاقت سان حڪمراني ڪندو.
ڏسو، هو پنهنجي قوم لاءِ پاڻ سان جزا ۽ اجر کنيو پيو اچي.
11 هو ڌنار وانگر پنهنجي ڌڻ جي سار سنڀال لهندو.
هو گهيٽن کي گڏ ڪري پنهنجي ڀاڪر ۾ کڻي هلندو.
انهن جي کير پيارينڌڙ مائرن کي
هو آهستي آهستي پاڻ سان وٺي هلندو.

## بني اسرائيل جو بي‌مثل خدا

12 ڇا ڪو سمنڊ کي پنهنجي ٻڪ سان ماپي ٿو سگهي؟
يا آسمان کي پنهنجي گرانٺ سان ڪڇي ٿو سگهي؟
ڇا ڪو زمين جي مٽيءَ کي ڪنهن ٿانوَ ۾ ماپي ٿو سگهي؟
يا ڪو جبلن ۽ ٽڪرن کي تارازيءَ ۾ توري ٿو سگهي؟
13 تڏهن ڇا ڪنهن کي طاقت آهي جو
خداوند جي ارادن کي ماپي سگهي؟
يا ڪو سندس مشير بڻجي کيس ڪا صلاح ڏئي سگهي؟
14 ڇا خدا ڪنهن کان صلاح مصلحت ورتي آهي،
جو اهو خدا کي عدل ۽ علم سيکاري؟
ڇا ڪنهن خدا کي حڪمت جي راهہ کان آگاهہ ڪيو آهي؟
15 ڄاڻي ڇڏيو تہ خدا جي آڏو سموريون قومون
ٻاٽيءَ جي هڪڙي ڦڙي مثل آهن.
هائو، اهي تارازيءَ جي پلڙي ۾
مٽيءَ جي هڪ سنهي ذري مثل آهن.
ڏسو، سمورا ٻيٽ هن لاءِ رڳو واريءَ جي ذري مثل آهن.
16 لبنان جي ٻيلن جا سمورا جانور
خدا لاءِ ساڙڻ واري قربانيءَ واسطي ناڪافي آهن،
۽ انهن ٻيلن جا سمورا وڻ انهيءَ جي ٻارڻ لاءِ ناڪافي آهن.
17 سموريون قومون خدا جي نظر ۾ ڪين جهڙيون آهن.
هائو، اهي سندس آڏو ڪين کان بہ گهٽ،
بلڪ ڪجهہ بہ نہ آهن.

18 سو اوهين خدا کي ڪنهن سان ڀيٽي سگهو ٿا؟
ڪهڙيءَ شيءِ سان اوهين سندس مشابهت ڪندا؟
19 ڇا ڪنهن بي‌جان مورتيءَ سان؟
جڏهن تہ انساني هٿن جي ڪاريگريءَ سان
اها اُڪري ٺاهي وڃي ٿي،
جنهن تي سونارو سون مڙهي ٿو،
۽ انهيءَ لاءِ چانديءَ جون زنجيرون پلٽي ٺاهي ٿو.
20 پر جنهن کي سون يا چاندي ناهي،
سو وري ڪنهن اهڙي وڻ جي ڳولها ٿو ڪري
جيڪو ڳري سڙي ڪنو نہ ٿئي.
پوءِ هو انهيءَ جي ڪاٺي اهڙي هوشيار ڪاريگر کي ٿو ڏئي،
جيڪو انهيءَ مان
اهڙي اُڪريل مورتي جوڙڻ جي ڪوشش ٿو ڪري
جيڪا اونڌي ٿي نہ ڪري.

21 ڇا اوهين نہ ٿا ڄاڻو؟
ڇا اوهين نہ ٿا ٻڌو؟
ڇا اها ڳالهہ اوهان کي شروع کان ئي نہ ٻڌائي ويئي آهي؟
ڇا اوهان نہ ٻڌو آهي تہ دنيا جي شروعات ڪيئن ٿي؟
22 هي سڀ انهيءَ ئي جوڙيو آهي،
جيڪو زمين وَ آسمان کان مٿي پنهنجي تخت تي ويٺو آهي.
هيٺ زمين جا رهاڪو کيس ڪِولين جيترا ننڍڙا نظر اچن ٿا.

---

8–6:40 يع 1:10–11، 1.پط 1:24–25 10:40 يس 11:62، مڪا 12:22 11:40 حز 15:34، يو 11:10 13:40 رو 11:34، 1.ڪر 16:2
19–18:40 رس 29:17

هو اهو ئي آهي جيڪو آسمان کي پردي وانگر تاڻي ٿو،
۽ رهڻ لاءِ تنبوءَ وانگر انهيءَ کي پکيڙي ٿو.
23 هو دنيا جي طاقتور حڪمرانن کي هيٺ ڪيرايو ڇڏي،
۽ ڪين ڪين جهڙو ڪريو ڇڏي.
24 اهي اهڙن پوٽن مثل آهن،
جيڪي ٽُڏن وانگر اجا لڳايا ئي مس ويا،
هائو، اهي اجا پوکيا ئي مس ويا،
۽ هنن جي ٽُڙ اجا زمين ۾ پاڙ ئي نہ هنئي
تہ خدا جي ڦوڪ سان اهي سڪي سڙي ويا،
۽ واچوڙو انهن کي بُهہ وانگر اڏائي کڻي ويو.

25 سو پاڪ خدا فرمائي ٿو تہ
”هاڻي اوهين ڪنهن سان منهنجي ڀيٽ ڪندا؟
ڇا ڪو منهنجي برابر ٿي سگهي ٿو؟“
26 اي انسانؤ! پنهنجون اکيون آسمان ڏانهن کڻي ڏسو تہ
انهن سڀني ستارن ۽ سيارن جو خالق ڪير آهي؟
رڳو اهو ئي آهي، جيڪو انهن کي هڪ لشڪر وانگر هلائي ٿو.
اهو ئي انهن جو تعداد ڄاڻي ٿو،
۽ انهن مان هر هڪ کي سندس نالو وٺي سڏي ٿو.
هن جي قدرت ايڏي تہ عظيم آهي،
جو انهن مان ڪو هڪڙو بہ گم نہ ٿو ٿئي!

27 تنهنڪري اي بني يعقوب! اوهين ڇو شڪايت ٿا ڪريو؟
هائو، اي بني اسرائيل! اوهين ڇو اهڙي ڳالهہ ٿا ڪريو تہ
خدا اوهان جي تڪليفن کي نہ ٿو ڄاڻي،
يا هو اوهان سان ٿيندڙ ناانصافيءَ ۾
اوهان جي سار سنڀال نہ ٿو لهي؟
28 ڇا اوهين نہ ٿا ڄاڻو يا اوهان نہ ٻڌو آهي تہ
خداوند ئي هميشہ قائم رهندڙ خدا آهي،
جيڪو سڄيءَ دنيا جو خالق آهي.
اهو نہ ٿڪجي ٿو ۽ نڪي ساٿو ٿو ٿئي.
هن جي حڪمت سمجهڻ کان ٻاهر آهي.
29 بلڪ هو تہ خود ٿڪجي پيلن کي قوت عطا ڪري ٿو،
۽ ڪمزورن کي طاقت بخشي ٿو.
30 جيتوڻيڪ نوجوان ٿڪجي پوندا،
۽ اهي ساٿا ٿي پوندا،
بلڪ جوڌا جوان بہ بلڪل ڪري پوندا.
31 مگر جيڪي خداوند تي توڪل ٿا رکن،
سي نئين سر طاقت حاصل ڪندا.
اهي عقابن وانگر پرن سان اوچائيءَ تي اڏامندا.
اهي ڊوڙندا، ليڪن ٿڪبا ڪين،
اهي هلندا، ليڪن ماندا ڪين ٿيندا.

## خدا جو بني اسرائيل کي پڪ ڏيارڻ

41 1 خدا فرمائي ٿو تہ
”اي ڏورانهن ملڪن وارؤ!
ماٺ ڪري منهنجي ڳالهہ ٻڌو.
اوهين پنهنجو مقدمو عدالت ۾ پيش ڪرڻ لاءِ تيار رهو.
اوهان کي بہ ڳالهائڻ جو موقعو ملندو.
سو اچو تہ گڏجي عدالت ۾ هلون،
۽ ڏسون تہ ڪير ٿو سچو ثابت ٿئي.

2 اهو ڪير آهي جنهن *اڀرندي کان فاتح کي آندو،
۽ کيس هر قدم تي ڪاميابي عطا ڪئي؟
هائو، ڪنهن کيس بادشاهن ۽ قومن تي فتح بخشي آهي،
جو سندس تلوار انهن کي دز وانگر،
۽ سندس تيرڪمان
انهن کي هوا ۾ اڏامندڙ بُهہ وانگر ڪريو ڇڏي؟
3 اهو فاتح انهن جي پٺيان پوي ٿو،
۽ انهيءَ رستي تان ايترو تہ جلدي
۽ سلامتيءَ سان گذري وڃي ٿو،
جو ڄڻ تہ سندس پير زمين کي لڳن ئي نہ ٿا.
4 هي ڪم ۽ انتظام ڪنهن جو آهي؟
ڪير شروعات کان وٺي
انساني واقعات کي پنهنجي ضابطي ۾ ٿو رکي؟
اهو آءٌ خداوند آهيان،
هائو، آءٌ ئي اهو سڀ ڪجهہ ڪريان ٿو.
آءٌ ئي اول آهيان ۽ آءٌ ئي آخر.

5 ڏورانهن ملڪن جا ماڻهو اهو سڀ ڏسي ڊڄي وڃن ٿا.
هائو، ڌرتيءَ جي ڇيڙن وارا خوف وچان ڏڪن ٿا،
۽ گڏجي عدالت ۾ اچن ٿا.
6 اهي بتن جا پوڄاري هڪ ٻئي کي تسلي ٿا ڏين تہ
’همت نہ هاريو، ديوتا اسان کي فتح ڏياريندا.‘
7 اهڙيءَ طرح بت ٺاهيندڙ واڍا، سونارا ۽ ٻيا ڪاريگر
هڪ ٻئي کي همٿائي چون ٿا تہ
’ديوتا جي مورتيءَ تي ٽاڪو مضبوط لڳل آهي. دلجاءِ ڪريو.‘
سو اهي انهن بتن کي ڪلين سان سوگهو ٿا ڪن،

*اڀرندي کان فاتح: هن مان مراد فارس جو شهنشاهہ خورس آهي. ڏسو يسعياه 45:1.

تہ جيئن اهي اونڌا ٿي نہ ڪرن.

8 پر اي منهنجا ٻانها بني اسرائيل وارؤ!
هائو، اي منهنجا چونڊيل بني يعقوب وارؤ!
اوهين منهنجي دوست ابراهيم جي نسل مان آهيو.
9 مون اوهان کي ڌرتيءَ جي ڇيڙن کان هٿ ڪري آندو.
هائو، مون اوهان کي دنيا جي ڏورانهن ڪنارن کان گهرايو،
۽ چيم تہ اوهين منهنجا ٻانها آهيو.
مون اوهان کي پسند ڪيو آهي ۽ وساريو نہ اٿم.
10 تنهنڪري اوهين ڊڄو نہ،
ڇالاءِجو آءٌ اوهان سان گڏ آهيان.
اوهين خوف وچان گهٻرايو نہ،
ڇالاءِجو آءٌ اوهان جو خدا آهيان.
آءٌ اوهان کي طاقت عطا ڪندس ۽ اوهان جي مدد ڪندس.
هائو، آءٌ اوهان جي پوري حفاظت ڪندس،
۽ اوهان کي بچائيندس.
11 ڏسو، جيڪي اوهان سان نفرت ٿا ڪن،
سي سڀ ذليل وَ خوار ۽ شڪست‌خورده ٿيندا.
جيڪي اوهان سان وڙهن ٿا،
سي حقير بڻائي ناس ڪيا ويندا.
12 هائو، جيڪي اوهان سان وڙهن ٿا،
تن کي اوهين وري هن دنيا ۾ نہ ڏسندا،
ڇالاءِجو اهي نيست وَ نابود ٿي ويندا.
13 آءٌ خداوند اوهان جو خدا آهيان.
آءٌ اوهان کي طاقت عطا ڪندي چوان ٿو تہ
ڊڄو نہ، آءٌ اوهان جي مدد ڪندس.”

14 خداوند وڌيڪ فرمائي ٿو تہ
“اي بني اسرائيل وارؤ! اوهين جيتوڻيڪ ٿورا ۽ ڪمزور آهيو،
تہ بہ اوهين نہ ڊڄو، ڇالاءِجو آءٌ اوهان جو مددگار آهيان.
هائو، آءٌ اوهان جو ڇڏائيندڙ ۽ پاڪ معبود آهيان.
15 ڏسو، آءٌ اوهان کي ڳاهڻ واري هڪ نئين
۽ تکي اوزار جهڙو بڻائيندس.
اوهين جبلن کي بہ پيهي پورا پورا ڪري ڇڏيندا.
هائو، اوهين ٽڪرين کي بہ دز بڻائي ڇڏيندا.
16 اوهين انهن کي ڳاهي واءُريندا،
۽ طوفاني هوا انهن کي اُڏائي ڪٿو ڪٿو ڪري ڇڏيندي،
پوءِ اوهين مون خداوند جي واکاڻ ڪندي خوشيون ڪندا.
هائو، مون بني اسرائيل جي پاڪ معبود جي
اوهين تعريف ڪندا.

17 جڏهن غريب ۽ محتاج ماڻهو پاڻي پيا ڳولهيندا،
پر پاڻي نہ ملڻ ڪري
سندن زبانون اڃ سببان خشڪ ٿي ويون هونديون،
تڏهن آءٌ خداوند انهن جون دعائون ٻڌندس.
آءٌ بني اسرائيل جو خدا کين وساري نہ ڇڏيندس.
18 آءٌ ويران ٽڪرين تان نديون،
۽ ماٿرين مان چشما وهائيندس.
آءٌ بيابان کي پاڻيءَ جي ڍنڍ،
۽ سڪيءَ زمين کي پاڻيءَ جون نهرون بڻائي ڇڏيندس.
19 آءٌ بيابان ۾ ديال توڙي ٻير جا وڻ،
۽ مينديءَ توڙي زيتون جا وڻ لڳائيندس.
آءٌ رڻپٽ ۾ صنوبر، چيل ۽ شمشاد جي وڻن جا ٻيلا لڳائيندس.
20 پوءِ ماڻهو اهي ڏسي ڄاڻي وٺندا،
هائو، اهي سڀيئي ويچار ڪري سمجهي وٺندا تہ
اهو سڀ مون خداوند،
بني اسرائيل جي پاڪ معبود جي هٿن جي ڪاريگري آهي.”

## ڪوڙا معبود

21 خداوند، بني اسرائيل جو بادشاهہ فرمائي ٿو تہ
“اوهين اي غير قومن جا معبودؤ! پنهنجي دعويٰ پيش ڪريو،
اچو پنهنجا مضبوط دليل پيش ڪريو.
22 اوهين اچو ۽ جيڪي ڳالهيون اڳي ٿي گذريون آهن،
تن بابت اسان کي ٻڌايو تہ اسين انهن کي سمجهي سگهون،
۽ انهن جو انجام ڄاڻي سگهون.
ايندڙ وقت ۾ بہ جيڪي ٿيندو،
تنهن کان پڻ اسان کي آگاهہ ڪريو،
تہ جيئن اهي ڏسي اسين اوهان جي قوت مڃي سگهون.
23 هائو، اوهين اسان کي ٻڌايو تہ اڳتي ڇا ٿيندو،
تہ پوءِ اسين سمجهون تہ اوهين سچا معبود آهيو.
اوهين چڱائي يا بڇڙائي ڪجهہ تہ ڪري ڏيکاريو،
تہ جيئن اسين سڀ ڏسون ۽ ڊڄي وڃون.
24 اي بتؤ! اوهين ڪجهہ بہ نہ آهيو،
اوهين ڪجهہ بہ نہ ٿا ڪري سگهو.
جيڪي اوهان جي پوڄا ٿا ڪن سي نفرت جي قابل آهن.

8:41 2.توا 7:20، يع 23:2

25 مون خداوند *اتر اوڀر واري ملڪ ۾
هڪڙو حڪمران چونڊيو آهي.
هاڻي هو اچي رهيو آهي،
مون اوڀر کان سندس نالو وٺي ڪيس سڏيو آهي.
هو بادشاهن کي ائين گپ وانگر لتاڙيندو،
جيئن ڪو ڪنير مٽيءَ کي ڳوهيندو آهي.
26 اي غير قومن جا معبودؤ!
ڇا اوهان مان ڪنهن اڳڪٿي ڪري ٻڌايو آهي ته
ڇا ٿيڻ وارو آهي؟
ڇا اوهان مان ڪنهن اهڙي خبر ٻڌائي آهي،
جو اسين اوهان کي سچو سمجهون؟
اوهان مان ڪنهن به اهڙي ڳالهه نه ٻڌائي آهي،
نه ئي ڪو اهڙو لفظ ئي ڳالهايو آهي.
27 مون خداوند ئي سڀ کان پهريائين
صيئون کي خوشخبري ڏني هئي.
هائو، مون ئي يروشلم ڏانهن بشارت ڏيندڙ موڪليو هو ته
’ڏسو، اوهان جا جلاوطن ٿيل موٽي وطن اچي رهيا آهن.‘

28 پر مون نهاري ڏٺو ته
انهن غير قومن جي معبودن مان
ڪوبه صلاح مصلحت ڏيڻ جي لائق ئي نه هو،
نه ئي ڪو منهنجي سوالن جا جواب ڏيئي ٿي سگهيو.
29 ڏسو، اهي سڀ غير معبود بيڪار آهن،
۽ ڪجهه به نه ٿا ڪري سگهن.
اهي رڳو بيجان مورتيون آهن،
جيڪي ڪين جهڙيون، بلڪ ڪجهه به نه آهن.“

## خداوند جو چونڊيل ٻانهو

42 1 خداوند فرمائي ٿو ته
”اِجهو، منهنجو پيارو ٻانهو ڏسو،
جنهن کي مون طاقت بخشي آهي.
هي منهنجو چونڊيل آهي،
جنهن کان آءٌ بيحد خوش آهيان.
مون پنهنجو روح انهيءَ تي نازل ڪيو آهي،
سو هو هر قوم کي فوري انصاف مهيا ڪندو.
2 هو نڪي رڙيون ڪندو ۽ نه وري هل مچائيندو،
۽ نه ئي وري هن جو آواز بازارن ۾ ٻڌڻ ۾ ايندو.
3 هو ڦٽل ڪاني کي به نه ڀڃندو،
نڪي اُجهامندڙ ڏيئي کي ئي وسائيندو،
بلڪ هو سچي دل سان ديانتداريءَ سان فوري انصاف مهيا ڪندو.
4 جيستائين هو ڌرتيءَ تي انصاف قائم نه ڪندو،
تيستائين نه هو ٿڪبو، نڪي همت هاريندو.
ڏورانهن ملڪن واريون قومون به
سندس تعليم لاءِ پيون واجهائينديون.“

5 خداوند خدا آسمانن کي پيدا ڪيو آهي،
۽ انهن کي مٿان ڇڪيڙي ڇڏيو اٿائين.
هن ڌرتيءَ کي ۽ انهيءَ مان جيڪي ڦٽي نڪري ٿو،
تنهن کي ڇڪيڙي ڇڏيو آهي.
هن ڌرتيءَ تي رهندڙ انسان کي ساهه عطا ڪيو آهي،
هائو، هر ڪنهن کي حياتي بخشي اٿائين.
هاڻ اهو خداوند خدا پنهنجي انهيءَ ٻانهي کي فرمائي ٿو ته
6 ”مون خداوند تو کي انهيءَ لاءِ چونڊي ڪڍيو آهي،
۽ طاقت عطا ڪئي اٿم،
ته جيئن تون ڌرتيءَ تي انصاف قائم ڪرين.
تنهنجي وسيلي آءٌ قومن سان عهد ٻڌندس،
۽ تنهنجي وسيلي آءٌ قومن کي روشني عطا ڪندس.
7 تون انڌن جون اکيون روشن ڪندين،
۽ انهن قيدين کي زندان مان ڪيندين،
جيڪي اونداهين ۾ قيد آهن.
8 آءٌ ئي اڪيلو خداوند تنهنجو خدا آهيان.
ڪوبه ٻيو معبود منهنجي عظمت ۾ حصيدار نه آهي،
نڪي ڪا تراشيل مورتي
منهنجي واکاڻ ۾ شريڪ ٿي سگهي ٿي.
9 ڏسو، منهنجون اڳ ۾ ٻڌايل ڳالهيون
هاڻي اچي پوريون ٿيون آهن.
اهڙيءَ طرح آءٌ اوهان کي نيون ڳالهيون ظاهر ڪري ٻڌائيندس،
جيڪي ايندڙ وقت ۾ ٿينديون.“

## خداوند جي واکاڻ جو گيت

10 اي سڄيءَ دنيا وارؤ! خداوند جي لاءِ نئون گيت ڳايو.
هائو، سندس واکاڻ ڳايو.
اي سامونڊي جهازرانؤ!
اي سامونڊي مخلوق!

---

*اتر اوڀر واري ملڪ ۾ هڪڙو حڪمران: ڏسو 2:41.

1:42 مت 17:3، 5:17، مر 11:1، لو 22:3، 35:9 1:42–4 مت 18:12–21 5:42 رس 24:17–25
6:42 يس 6:49، لو 32:2، رس 47:13، 23:26

اي ڏورانهن ملڪن وارؤ!
اوهين سڀ سندس واکاڻ ڳايو.
11 اي بيابان ۾ ۽ انهيءَ جي ڳوٺن ۾ رهڻ وارؤ!
بلند آواز سان سندس واکاڻ ڪريو.
اي قيدار قبيلي وارؤ!
اي سلع شهر جا رهاڪؤ!
اوهين گيت ڳايو ۽ جبلن جي چوٽين تان خوشيءَ جا نعرا هڻو.
12 اي ڏورانهن ملڪن وارؤ!
اوهين سڀ خداوند جي عظمت جي واکاڻ ڪريو،
۽ سندس وڏائي بيان ڪريو.

## خداوند جو پنهنجي قوم سان مدد جو واعدو

13 خداوند بهادر مرد وانگر وڙهڻ لاءِ نڪرڻ وارو آهي،
هو جنگي جوڌي وانگر
پنهنجي قوم لاءِ غيرت ڏيکارڻ وارو آهي.
هو جنگ لاءِ للڪارڻ ۽ نعرو بلند ڪرڻ وارو آهي.
هو پنهنجي دشمنن تي غالب اچڻ وارو آهي.

14 ڇالاءِجو خداوند فرمائي ٿو تہ
”آءٌ گهڻي وقت کان وٺي ماٺ ڪيو ويٺو هوس،
مون صبر ڪري پاڻ کي پئي روڪيو.
پر هاڻ جيئن ڪنهن پيٽ واري عورت کي
ويم جا سور شروع ٿين ۽ هوءَ رڙيون ڪندي،
سهڪندي ۽ ٽڪڙا ساهہ کڻندي ٻار ڄڻي ٿي وجهي،
تيئن ئي آءٌ اٿي کڙو ٿيندس ۽ گهڻو ڪجهہ ڪري ڏيکاريندس.
15 آءٌ جبلن ۽ ٽڪرين کي ويران ڪري ڇڏيندس،
۽ انهن تي اڀريل گاهہ ۽ ٻوٽا سڀيئي سڪائي ڇڏيندس.
آءٌ ندين توڙي ڍنڍن کي سڪائي بيابان بڻائي ڇڏيندس.
16 پر آءٌ پنهنجي قوم جي انڌن کي انهيءَ رستي سان وٺي هلندس،
جنهن جي انهن کي خبر ڪانهي.
آءٌ کين انهن واٽن تي هلائيندس جن جي کين ڪا سڌ ڪانهي.
انهن جي اڳيان آءٌ اونداهيءَ کي روشني،
۽ هيٺ مٿاهينءَ جاءِ کي سنئون سڌو ڪري ڇڏيندس.
انهن ڪمن جو آءٌ ساڻن واعدو ٿو ڪريان،
آءٌ کين ڪڏهن بہ وساري نہ ڇڏيندس.
17 پر جيڪي تراشيل مورتين تي ڀروسو ٿا رکن،
۽ انهن بتن کي پنهنجو خدا ٿا سڏين،
سي ڏاڍا خوار خراب ۽ بيعزت ٿيندا.“

## خدا جي قوم جي نافرماني

18 خداوند فرمائي ٿو تہ
”اي منهنجي قوم بني اسرائيل وارؤ!
اي ٻوڙؤ! اوهين ٻڌو،
اي انڌؤ! اوهين نظر ڪريو ۽ ڏسو.
19 اوهين منهنجا ٻانها ۽ منهنجا موڪليل قاصد آهيو،
پر اوهان کان وڌيڪ ڪو انڌو يا ڪو ٻوڙو آهي ڇا؟
اوهين جيڪي مون خداوند جا عهد ڪيل ٻانها آهيو،
تن جهڙو ڪو ٻيو انڌو نہ آهي.
20 اوهان جي نظر تہ گهڻين ئي شين تي پوي ٿي،
پر اوهين انهن کي سمجهڻ نہ ٿا چاهيو.
اوهان جا ڪن تہ بلڪل کليل آهن،
پر اوهين ڪنهن ڳالهہ تي ڌيان ڏيڻ نہ ٿا چاهيو.
21 جڏهن تہ آءٌ خداوند جنهن جي هر ڳالهہ سچي آهي،
تنهن جو اهو ارادو هو تہ
منهنجي قوم منهنجي ڏنل شريعت کي وڏو مان ڏئي.“

22 پر اوهين خداوند جي اهڙي قوم آهيو،
جيڪا ڦرجي ۽ لٽجي ويئي آهي.
اوهين سڀ زندانن ۾ ڦاٿل ۽ قيد خانن ۾ بند ٿيل آهيو.
اوهان کي ڦريو ويو آهي،
۽ ڪوبہ ناهي جيڪو اوهان کي ڇڏائي سگهي،
هائو، اوهان کي لٽيو ويو آهي،
۽ ڪوبہ ناهي جيڪو اوهان کي موٽائي ڏئي سگهي.
23 تہ بہ ڇا اوهان ۾ ڪو اهڙو آهي،
جيڪو انهيءَ تي ڌيان ڏئي ۽ ايندڙ وقت بابت غور سان ٻڌي؟
24 ڀلا اوهان بني يعقوب کي لٽ جو مال بڻائڻ وارو ڪير هو؟
هائو، ڪنهن اوهان بني اسرائيل وارن کي
ڦورن جي حوالي ڪيو؟
بيشڪ اهو سڀ خداوند ئي ڪيو،
جنهن جو اسان گناهہ ڪيو آهي،
ڇالاءِجو سندس واٽ تي اسان هلڻ نہ گهريو،
۽ سندس شريعت جي تابعداري نہ ڪئي سون.
25 تنهنڪري هن پنهنجي غضب جو جوش،
۽ جنگ جو زور اسان تي نازل ڪيو.
خدا جي غضب اسان جي پوري بني اسرائيل قوم کي
باهہ وانگر ساڙي ڇڏيو.
تنهن هوندي بہ اسان اهو بلڪل نہ ڄاتو تہ
اهو ڇا ٿي رهيو آهي.
هائو، باهہ اسان کي ساڙي ڇڏيو،
پر اسين بلڪل نہ سڌريا سون.

## خداوند، بني اسرائيل جو مددگار

43 1 پر هاڻي خداوند فرمائي ٿو تہ
”اي بني يعقوب!
مون خداوند اوهان کي پيدا ڪيو آهي،
۽ مون ئي اوهان جي قوم کي قائم ڪيو آهي.
هائو، اي بني اسرائيل! ڊڄو نہ،
ڇالاءِ جو مون اوهان کي ڇڏايو آهي،
مون اوهان جو نالو وٺي اوهان کي سڏيو آهي،
اوهين منهنجا ئي آهيو.
2 جڏهن اوهان تي ڪا ٻوڏ اچي ڪڙڪندي،
تڏهن آءٌ اوهان سان ساڻ ٿيندس.
هائو، جڏهن اوهين ڪنهن تڪليف مان گذرندا،
تہ آءٌ اها اوهان تي غالب پوڻ نہ ڏيندس.
يا وري جڏهن اوهين ڪنهن باهہ ۾ ڦاسي پوندا،
تڏهن ڪو شعلو اوهان کي نہ ساڙيندو.
هائو، جڏهن اوهين ڪنهن مصيبت ۾ ڦاسندا،
تہ اوهان کي ڪو نقصان نہ رسندو.
3 ڇالاءِ جو آءٌ خداوند اوهان جو خدا آهيان.
آءٌ اوهان بني اسرائيل جو پاڪ معبود
۽ اوهان جو بچائيندڙ آهيان.
مون اوهان جي عيوض ۾ مصر،
سوڊان ۽ صبا *ڏيئي ڇڏيا آهن.
4 جيئن تہ اوهان منهنجيءَ نظر ۾ بيحد قيمتي ۽ معزز آهيو،
۽ منهنجي اوهان سان محبت آهي،
تنهنڪري آءٌ اوهان جي بدلي ۾ امتون،
۽ اوهان جي حياتيءَ جي عيوض قومون ڏيئي ٿو ڇڏيان.

5 اوهين بلڪل نہ ڊڄو،
ڇالاءِ جو آءٌ اوهان سان گڏ آهيان.
آءٌ اوهان جي نسل کي اڀرندي توڙي الهندي جي
ڏورانهن ملڪن کان موٽائي وطن ۾ آڻي گڏ ڪندس.
6 آءٌ اتر توڙي ڏکڻ کي پڻ حڪم ڪندس،
تہ اهي واپس ايندڙ ماڻهن کي نہ روڪين،
جيڪي مون لاءِ پٽن ۽ ڌيئرن جي مثل آهن،
تان‌تہ اهي ڏورانهن ملڪن
۽ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ کان موٽي پنهنجي وطن ۾ اچن.
7 اهي سڀ منهنجي نالي سان ٿا سڏجن.
مون ئي انهن کي پيدا ڪيو آهي،
تہ جيئن اهي منهنجي تعظيم ڪن.“

## خداوند اڪيلو خدا

8 خداوند فرمائي ٿو تہ
”منهنجي قوم جي ماڻهن کي ڪڍي عدالت ۾ آندو وڃي،
هنن کي اکيون تہ آهن پر اهي ڏسي نہ ٿا سگهن،
هنن کي ڪن تہ آهن پر اهي ٻڌي نہ ٿا سگهن.
9 سڀني قومن ۽ قبيلن کي بہ سڏايو وڃي،
تہ عدالت ۾ اچي حاضر ٿين.
انهن جي معبودن مان ايندڙ وقت ۾ ٿيڻ وارين ڳالهين بابت
ڪير اڳڪٿي ڪري ٻڌائيندو؟
ڇا انهن مان ڪنهن ٻڌايو هو تہ
هن وقت ڇا ٿي رهيو آهي؟
پلي تہ سندن معبود
پاڻ کي سچو ثابت ڪرڻ لاءِ پنهنجا شاهد آڻين،
پلي تہ اهي ماڻهن کي بيان ڪري ٻڌائين،
جيڪي ٻڌي چون تہ ’هي سچ آهي.‘

10 اي بني اسرائيل وارؤ! اوهين مون خداوند جا گواهہ آهيو.
هائو، اي بني اسرائيل! تون منهنجو ٻانهو آهين،
جنهن کي مون چونڊي ڪڍيو آهي.
آءٌ چاهيان ٿو تہ اوهين مون کي ڄاڻو،
مون تي ايمان آڻيو،
۽ سمجهو تہ رڳو آءٌ ئي خدا آهيان.
مون کان سواءِ ٻيو ڪوبہ خدا ناهي،
نہ مون کان اڳ ۾ ڪو خدا هو،
۽ نہ مون کان پوءِ ڪو ٿيڻو آهي.
11 آءٌ ئي، هائو، فقط آءٌ ئي اڪيلو خداوند آهيان،
۽ مون کان سواءِ ڪوبہ بچائڻ وارو ناهي.
12 جيئن مون چيو هو تيئن ڪري ڏيکاريو.
ٻئي ڪنهن بہ ڌارئي معبود نہ،
بلڪ مون ئي اوهان کي پنهنجي واعدي موجب بچايو.
سو آءٌ خداوند چوان ٿو تہ
اوهين منهنجا شاهد آهيو تہ آءٌ ئي خدا آهيان.
13 ياد رکو، اڄ بہ آءٌ اهو ئي خدا آهيان.
اهڙو ڪوبہ ڪونهي جيڪو منهنجي هٿان ڇڏائي سگهي.
ڪنهن کي طاقت آهي
جيڪو منهنجي ڪم ۾ رڪاوٽ وجهي سگهي؟“

*عيوض ۾ ڏيئي ڇڏيا: هن مان مراد گهڻو ڪري اها ورتي وڃي ٿي تہ خداوند جيڪو انساني واقعات کي ضابطي ۾ رکي ٿو، سو خورس شهنشاهہ کي برپا ڪري ٿو ۽ پنهنجي قوم بني اسرائيل کي انهيءَ جي هٿ کان بچائڻ لاءِ سندن عيوض اهي ملڪ ڪيس قبضي ۾ ڏئي ٿو.

14 خداوند، اوهان جو بچائيندڙ، بني اسرائيل جو پاڪ معبود فرمائي
ٿو تہ
”منهنجو واعدو آهي تہ اوهان کي بچائڻ خاطر
بابل جي خلاف آءٌ هڪڙو لشڪر موڪليندس.
آءٌ شهر جا دروازا ڀڃي ڪيرائيندس،
۽ انهيءَ جي رهاڪن جي خوشيءَ وارن نعرن کي
دانهن ڪوڪن ۾ بدلائي ڇڏيندس.
15 آءٌ خداوند اوهان جو پاڪ معبود آهيان.
اي بني اسرائيل وارؤ!
آءٌ ئي اوهان جو خالق ۽ بادشاهہ آهيان.
16 آءٌ خداوند ئي آهيان،
جيڪو طاقتور سمنڊ کي بہ اڌ ڪري،
پاڻين جي وچ مان خشڪ رستو ٺاهيان.
17 آءٌ ئي جنگي گهوڙي گاڏين،
۽ گهوڙن وارن طاقتور لشڪرن کان ڪاهہ ٿو ڪرايان،
۽ آءٌ ئي انهن کي اهڙو تباهہ وَ برباد ٿو ڪريان،
جو اهي مري وڃي اهڙا ٿا سمهن جو وري ڪڏهن بہ نہ اٿندا.
اهي ائين گم ٿيو وڃن،
جيئن ڪو ڏيئو اجهامي وڃي.“

## خدا جو نين ڳالهين ڏانهن ڌيان ڇڪائڻ

18 خداوند ٿو فرمائي تہ
”اوهين گذريل ڳالهين کي وساري ڇڏيو.
هائو، جيڪي ڪجهہ ماضيءَ ۾ ٿي گذريو،
تنهن تي غور نہ ڪريو.
19 فقط انهن ڳالهين ڏانهن ڌيان ڏيو،
جيڪي آءٌ هاڻي ڪرڻ وارو آهيان.
اهي هاڻي عمل ۾ اينديون،
اوهين انهيءَ ڳالهہ تي ڌيان نہ ٿا ڏيو ڇا؟
ڏسو، آءٌ بيابان ۾ هڪ رستو جوڙيان ٿو،
۽ اتان ئي نديون وهايان ٿو.
20 گدڙ ۽ اٺ پکي، بلڪ سڀ جهنگلي جانور،
منهنجي تعظيم ۽ واکاڻ ڪرڻ لڳندا،
ڇالاءِجو آءٌ پنهنجي چونڊيل قوم جي پيئڻ لاءِ
بيابان ۾ نديون جاري ٿو ڪريان.
21 اها قوم مون پنهنجي لاءِ خلقي آهي،
تانتہ اهي منهنجي واکاڻ ڳائين.

22 پر اي بني يعقوب! اوهان مون کي نہ پڪاريو.
هائو، اي بني اسرائيل! اوهان مون کان بيزار ٿي
منهنجي عبادت ڇڏي ڏني آهي.
23 منهنجي تعظيم خاطر
اوهان پنهنجون قربانيون پيش نہ ڪيون آهن.
هائو، اوهان پنهنجي ساڙڻ وارين قربانين لاءِ
ڪا رڍ ٻڪري بہ منهنجي حضور ۾ نہ آندي آهي،
ڀلا مون اوهان کي نذرانن آڻن لاءِ مجبور ڪيو آهي ڇا؟
يا لوبان ساڙڻ لاءِ اوهان کي ڪا تڪليف ڏني اٿم ڇا؟
24 اوهان منهنجي لاءِ پيسا خرچ ڪري لوبان ڪونہ ورتو،
نڪي پنهنجن جانورن جي قربانيءَ واري سٽيي مال سان
مون کي راضي ڪيو اٿوَ.
اٽلندو اوهان پنهنجي گناهن سان مون کي تڪليف ڏني،
۽ پنهنجي بدڪارين سان مون کي بيزار ڪري ڇڏيو.
25 پر آءٌ، هائو، آءٌ اهو ئي خدا آهيان،
جيڪو پنهنجي خاطر اوهان جي گناهن کي مٽائي ٿو ڇڏيان.
هائو، آءٌ اوهان جي خطائن کي وساري ڇڏيندس.

26 مون سان گڏ عدالت ۾ هلو،
۽ هلي پنهنجا دليل پيش ڪريو.
اوهين پنهنجو مقدمو بيان ڪريو،
تہ جيئن ثابت ڪري سگهو تہ اوهين حق تي آهيو.
27 اوهان جي *ڀهرين ابي ڏاڏي گناهہ ڪيو،
۽ اوهان جي اڳواڻن منهنجي نافرماني ڪئي.
28 تنهنڪري مون مخصوص ٿيل ڪاهنن کي ناپاڪ ٺهرايو.
مون بني يعقوب تي لعنت آندي،
هائو، مون بني اسرائيل کي ملامت جوڳو بڻايو.“

## بني اسرائيل سان خداوند جو واعدو

44
1 پر هاڻي خداوند فرمائي ٿو تہ
”اي بني يعقوب!
هائو، اوهين اي بني اسرائيل وارؤ!
جن کي مون پنهنجي قوم ڪري چونڊيو آهي، سي ٻڌو.
2 آءٌ خداوند آهيان جنهن اوهان کي خلقيو آهي.
اوهان جي ڄمڻ واري ڏينهن کان ئي
مون اوهان جي سنڀال پئي ڪئي آهي.
سو اي بني اسرائيل! اوهين ڊڄو نہ،
اوهين منهنجا ٻانها آهيو،
منهنجي چونڊيل قوم،
جنهن سان آءٌ پيار ٿو ڪريان.

*ڀهرين ابي ڏاڏي: هن مان مراد گهڻو ڪري يعقوب آهي، جنهن جي نالي سان سندس نسل سڏيو وڃي ٿو، پر ڪي انهيءَ مان مراد ابراهيم يا آدم وٺن ٿا.

3 جهڙيءَ طرح آءٌ ڏرتيءَ تي برڪت نازل ڪندي
انهيءَ جي سڪيءَ زمين تي نهرون وهايان ٿو،
تهڙيءَ طرح آءٌ اوهان تي برڪت نازل ڪندي
اوهان جي نسل تي پنهنجو حياتي بخشيندڙ روح نازل ڪندس.
4 سو اهي جهجهي پاڻيءَ واري زمين ۾ ڦٽندڙ گاهه وانگر،
۽ وهندڙ نهرن جي ڪنارن تي ڦٽندڙ لئيءَ جي وڻن وانگر ٿيندا.
5 انهن مان ڪي پنهنجي سڃاڻپ ظاهر ڪندي چوندا تہ
’اسين خداوند جا آهيون،‘
ڪي چوندا تہ ’اسين بني اسرائيل جا آهيون.‘
جڏهن تہ ڪي پنهنجي پنهنجي هٿ تي لکندا ’خداوند جو‘،
۽ پاڻ ڪي فخر سان منهنجي قوم بني اسرائيل جو سڏائيندا.“

6 خداوند، بني اسرائيل جو بادشاهہ ۽ سندن بچائيندڙ، قادرِمطلق
خداوند فرمائي ٿو تہ
”آءٌ ئي اول آهيان ۽ آءٌ ئي آخر آهيان،
مون کان سواءِ ٻيو ڪوبہ خدا ڪونهي.
7 جيڪڏهن ڪو مون جهڙو آهي تہ پُڪاري چوي،
هائو، اهو اعلان ڪري،
۽ شين کي ترتيبوار ڪري مون آڏو پيش ڪري.
قديم زماني کان پلا ٻيو ڪير آهي،
جنهن هاڻي پيش ايندڙ ڳالهيون،
يا جيڪي هاڻي کان پوءِ پيش اينديون تن جي خبر ڏني آهي؟
8 اي منهنجي قوم وارؤ! اوهين نہ ڊڄو،
نڪي خوف وچان ڏڪو.
اوهان کي خبر آهي تہ قديم زمانن کان هاڻي تائين،
جيڪي ڪجهہ ٿيڻ وارو هو سو مون اڳ ۾ بيان پئي ڪيو آهي،
جنهن لاءِ اوهين منهنجا شاهد آهيو.
مون کان سواءِ ڪو ٻيو خدا آهي ڇا؟
هرگز نہ، اهڙو ڪوبہ ٻيو محافظ ڪونهي،
جنهن کي آءٌ نہ ڄاڻيندو هجان.“

## بت‌پرستي هڪ نڳيءَ جو ناهہ

9 جيڪي بہ ماڻهو بت اُڪري ٺاهين ٿا، سي سڀ دوکيباز آهن ۽
جن بتن کي اهي پنهنجي لاءِ خزانو ٿا سمجهن، سي بلڪل بي‌فائده
آهن. جيڪي انهن بتن جي پوڄا ٿا ڪن، سي انڌا ۽ جاهل آهن، اهي
خوار خراب ٿيندا. 10 پنهنجي ئي هٿ سان مورتي ٺاهي ان کي خدا
سمجهي پوڄا ڪرڻ وارو پلا ڪو سياڻو ماڻهو آهي ڇا؟ 11 ياد رکو،
اهي سڀيئي خوار خراب ٿيندا، جيڪي انهن جي پوڄا ٿا ڪن، ڇالاءِجو
انهن جا جوڙيندڙ رڳو انسانذات آهن. ڀلي تہ اهي سڀ اچن ۽ گڏجي
عدالت ۾ بيهن. بيشڪ اهي ڊڄي ويندا ۽ گڏجي خوار خراب ٿيندا.
12 لوهر لوهہ جو هڪڙو ٽڪرو ڪٽي ٿو ۽ انهيءَ کي ٽانڊن ۾
پگهرائي هٿوڙن سان هڪڙي شڪل ۾ ڍالي ٿو. هائو، هو انهيءَ کي
پنهنجي طاقتور ٻانهن سان گهڙي تيار ڪري ٿو. ڪم ڪندي هو اڃ
۽ بک ۾ ونجي وڃي ٿو ۽ ٿڪجي پوي ٿو ۽ منجهس طاقت باقي نہ
ٿي رهي.
13 واڍو ڏور سان ڪاٺيءَ جي ماپ وٺي ٿو ۽ انهيءَ تي نشان ڪري
ٿو. پوءِ انهيءَ ڪاٺيءَ کي رندو هڻي لسو ڪري ٿو، پرڪار سان
انهيءَ تي نقش ڪڍي ٿو ۽ پوءِ انساني صورت موجب هڪڙي سهڻي
شڪل بڻائي ٿو، انهيءَ لاءِ تہ اها پوڄا گهر ۾ رکي وڃي. 14 هو ئي
ديال جا وڻ پنهنجي استعمال لاءِ وڍي ٿو يا وري سِرو ۽ شاهہ‌بلوط
جا وڻ ٻيلي مان چونڊي ڪٽي ٿو. هو چاهي تہ پاڻ صنوبر جا وڻ
لڳائي سگهي ٿو ۽ مينهن انهن کي زور وٺائي وڏو ڪري ٿو، جڏهن
تہ وڻ پاڻ ڪجهہ بہ نہ ٿو ڪري سگهي. 15 هاڻ ماڻهو وري انهيءَ
ساڳي وڻ کي باهہ ۾ ٻارڻ واسطي ڪم آڻين ٿا، جن مان ڪجهہ
ٻاري هو پاڻ کي گرم رکن ٿا ۽ ڪجهہ ٻاري انهن تي رڌپچاءُ ڪن
ٿا. وري ڏسو تہ اهي ساڳي ئي وڻ جي ڪجهہ حصي مان هو بت
ٺاهي انهن جي پوڄا ڪن ٿا! هائو، انهيءَ وڻ جي ڪاٺ کي اُڪري
انهيءَ مان مورتيون ٺاهي انهن آڏو پنهنجو سر ٿا جهڪائين. 16 هائو،
جنهن ڪاٺ کي هو پاڻ ساڙي ٻاري ان تي گوشت پُچي ۽ ڪباب
پچائي کائي ڍءُ ڪن ٿا ۽ پنهنجو پاڻ کي گرم ڪري چون ٿا تہ ”واه
واه! آءٌ گرم ٿي ويو آهيان، باهہ ڪيتري تہ ڀلي آهي!“ 17 هاڻ ساڳي
ئي ڪاٺ جي باقي حصي مان هو پنهنجي لاءِ معبود يعني اُڪريل
مورتيون ٺاهين ٿا، ۽ انهن جي اڳيان جهڪي ڪين سجدو ڪن ٿا. پوءِ
وري انهن جي پوڄا ڪري ڪانئن دعا گهري چون ٿا تہ ”مون کي
ڇڏاءِ، ڇالاءِجو تون منهنجو خدا آهين.“
18 اهڙا ماڻهو بي‌وقوف آهن ڇالاءِجو اهي نہ ٿا سمجهن تہ اهو
ڪم فضول آهي. ائين ٿو لڳي تہ هنن پنهنجون اکيون ٻوٽي ڇڏيون
آهن، ڇوتہ اهي ڏسي نہ ٿا سگهن تہ اهو ڪم نڳيءَ جو ناهہ آهي.
هنن پنهنجي عقل کي ڄڻ تہ تالو هڻي ڇڏيو آهي، ڇوتہ اهي سمجهي
نہ ٿا سگهن تہ اهي بت ڪوڙا معبود آهن. 19 انهن بتن ٺاهڻ وارن
مان ڪوبہ پنهنجيءَ دل ۾ خيال نہ ٿو ڪري، نہ ڪو ايترو ڄاڻي يا
سمجهي ٿو، جو چوي تہ ”انهيءَ ڪاٺ مان ڪجهہ حصو مون باهہ
۾ ساڙيو ۽ انهيءَ جي ٽانڊن تي رڌپچاءُ ڪيو ۽ گوشت، ڪباب پچائي
کاڌم. جڏهن تہ باقي بچيل ڪاٺ مان آءٌ ڪراهت جهڙي شيءِ ڇو
جوڙيان؟ ڇو آءٌ وڻ جي هڪڙي بنڊ کي جهڪي سجدو ڪريان؟“
20 سو بت‌پرستي ڪرڻ وارن کي رڳو رک ئي رک حاصل ٿئي ٿي،
ڇالاءِجو انهن جا بي‌وقوف خيال کين گمراهہ ٿا ڪري ڇڏين. اهي

6:44 يس 12:48، مڪا 17:1، 8:2، 13:22

بتن ٺاهڻ واري بي وقوفيءَ کان پاڻ کي بچائي نہ ٿا سگهن، ڇالاءِجو
هو مڃن ئي ڪونہ ٿا تہ اهي بت، جن کي هو پنهنجن هٿن ۾ کنيو
وتن، سي حقيقي معبود نہ آهن.

## خداوند، خالق ۽ بچائيندڙ

21 خداوند فرمائي ٿو تہ
”اي بني يعقوب! اوهين منهنجا ٻانها آهيو،
سو اهي ڳالهيون ياد رکو.
هائو، اي بني اسرائيل وارؤ! مون ئي اوهان کي خلقيو آهي،
اوهين تہ منهنجا ٻانها آهيو،
آءٌ اوهان کي ڪڏهن بہ نہ وساريندس.
22 مون اڳ ئي اوهان جا گناهہ ڌوئي ٻاڦ وانگر اُڏائي ڇڏيا آهن.
سو هاڻي اوهين مون آڏو اچي توبهہ‌تائب ٿيو،
ڇالاءِجو آءٌ ئي آهيان جنهن اوهان کي بچايو آهي.

23 اي آسمانؤ! خوشيءَ منجهان ڳايو،
ڇالاءِجو مون خداوند هي سڀ ڪيو آهي.
اي ڌرتيءَ جون اونهايون! اوهين نعرا هڻو.
اي جبل پهاڙؤ! ۽ اي ٻيلي جا هر هڪ وڻ!
اوهين خوشيءَ منجهان ڳايو.
ڇالاءِجو مون خداوند پنهنجي قوم بني اسرائيل کي بچائي
پنهنجي عظمت ظاهر ڪئي آهي.

24 اي بني اسرائيل وارؤ!
آءٌ اوهان جو خداوند ۽ بچائيندڙ آهيان.
مون ئي اوهان کي خلقيو آهي،
بلڪ هر شيءِ جو خالق آءٌ خداوند ئي آهيان.
آءٌ اڪيلو ئي آسمانن کي پکيڙڻ وارو
۽ ڌرتيءَ کي وڇائڻ وارو آهيان.
25 آءٌ ئي اڳڪٿي ڪندڙن جي نشانين کي باطل ٺهرايان ٿو،
۽ فال وجهڻ وارن جي فال کي باطل بڻائي
کين بي وقوف ثابت ٿو ڪريان.
ماڻهن جي نظر ۾ جيڪا سياڻپ آهي تنهن کي آءٌ رد ٿو ڪريان،
۽ اهڙن جي سياڻپ کي بي وقوفيءَ ۾ ٿو بدلايان.
26 آءٌ پنهنجي ٻانهي جي ڪلام کي سچو ثابت ٿو ڪريان،
۽ پنهنجي موڪليل پيغمبرن جي ذريعي
ٻڌايل رٿن کي پورو ٿو ڪريان،
جو آءٌ يروشلم بابت چوان ٿو تہ اهو وري آباد ٿيندو،
۽ يهوداہ جا ٻيا شهر ٻيهر اڏيا ويندا.
انهن شهرن جي ويراني آباديءَ ۾ بدلجي ويندي.
27 هاڻ ڀلي ڪٿي سمنڊ يا نديون انهيءَ ۾ رڪاوٽ بڻجن،
تہ بہ آءٌ هڪڙي ئي لفظ سان انهن کي بہ سڪائي ڇڏيندس.“

## خداوند جو خورس کي چونڊڻ

28 خداوند فرمائي ٿو تہ
”مون *خورس کي حڪم ڏيئي ڇڏيو آهي تہ
اهو منهنجي پاران دنيا تي حڪمراني ڪندو.
هو منهنجي سموري مرضي پوري ڪندي
يروشلم شهر کي وري اڏائيندو،
۽ هيڪل جا بنياد رکائيندو.“

45 1 خداوند خورس کي شهنشاهہ ٿيڻ لاءِ چونڊيو.
هن ڪيس قومن تي فتح حاصل ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيو،
۽ بادشاهن جي طاقت کي ڪچلڻ لاءِ ڪيس موڪليائين.
هائو، خداوند هن جي لاءِ شهرن جا دروازا کولي ڇڏيندو،
۽ هن لاءِ ڪابہ رڪاوٽ نہ رهندي.

2 خداوند خورس کي فرمائي ٿو تہ
”آءٌ پاڻ تنهنجي اڳيان هلندس،
تہ جيئن جبلن ۽ ٽڪرين کي تنهنجي لاءِ هموار ڪريان.
آءٌ پتل جا دروازا ڀڃي ٽڪرا ٽڪرا ڪندس،
۽ انهن جا لوهہ جا گز ٽوڙي ڇڏيندس.
3 آءٌ تو کي لڪل خزانا،
۽ ڳجهين جاين ۾ پوريل دولت عطا ڪندس.
پوءِ تون ڄاڻيندين تہ آءٌ ئي خداوند، بني اسرائيل جو خدا آهيان،
جنهن تنهنجو نالو وٺي تو کي سڏيو آهي.
4 اي خورس! مون تو کي پنهنجي چونڊيل ٻانهن،
بني اسرائيل وارن جي مدد ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيو آهي.
مون تو کي وڏي عزت عطا ڪئي آهي،
جيتوڻيڪ تو مون کي ڪين ٿي ڄاتو.
5 آءٌ ئي خداوند آهيان، ٻيو ڪوبہ ڪونهي.
هائو، مون کان سواءِ ٻيو ڪو خدا ڪونهي.
مون ئي تو کي طاقت عطا ڪئي آهي،
جيتوڻيڪ تو مون کي ڪين ٿي ڄاتو.
6 هاڻي اڀرندي کان وٺي ويندي الهندي تائين،
هر ڪو ماڻهو ڄاڻي وٺندو تہ آءٌ ئي خداوند آهيان،

*خورس: هي فارس ملڪ جو شهنشاهہ هو.

25:44 1.ڪر 20:1    28:44 2.توا 23:36، عز 2:1

۽ مون کان سواءِ ٻيو ڪوبہ ڪونهي.
7 آءٌ ئي روشني ۽ اونداهي ٺهڻي جو خالق آهيان.
آءٌ ئي سلامتي ڏيندڙ ۽ مصيبت آڻيندڙ آهيان.
آءٌ ئي خداوند اهي سڀ ڪم ڪندڙ آهيان.

8 جيئن آسمان مان برسات ٿي وسي،
تيئن آءٌ فتح جو مينهن وسائيندس.
جيئن مينهن پوڻ بعد زمين مان سلا ڦٽي نڪرندا آهن،
تيئن آءٌ خورس جي هٿان انصاف ۽ سچائيءَ جو ڦل اپائيندس.
آءٌ خداوند ئي اهو سڀ ڪجهہ ڪرڻ وارو آهيان.“

## خداوند قادرِمطلق

9 ويل آهي انهن لاءِ!
جيڪي پنهنجي خالق سان مقابلو ٿا ڪن،
ڇالاءِجو اهي رڳو مٽيءَ مان جڙيل ٺانون مثل آهن.
ڀلا مٽي ڪنڀر کان پڇندي ڇا تہ
”تون ڇا ٿو جوڙين؟“
يا سندس ٺاهيل ٺانءُ اها شڪايت ڪندو ڇا تہ
سندس ٺاهيندڙ ڪيس ڪاريگريءَ سان نہ ٺاهيو آهي؟
10 ويل آهي انهن لاءِ! جيڪي ايتري جرئت ٿا ڪن،
جو پنهنجي والدين کان پڇاڻو ٿا ڪن تہ
”توهان مون کي ههڙو ڇو ڄڻيو آهي؟“

11 خداوند، بني اسرائيل جو پاڪ معبود ۽ خالق فرمائي ٿو تہ
”مون کان ايندڙ وقت جي ڳالهين بابت پڇڻ جي
اوهان کي جرئت ڪيئن ٿي؟
منهنجي ٻارن ۽ منهنجي هٿن جي ڪاريگريءَ بابت
مون کان پڇڻ جي اوهان جرئت ڪيئن ڪئي؟
12 آءٌ ئي آهيان جنهن ڌرتيءَ کي جوڙيو آهي،
۽ انهيءَ تي رهڻ لاءِ انسانذات کي پيدا ڪيو اٿم.
مون ئي، هائو، منهنجي ئي هٿن آسمانن کي تاڻيو آهي،
۽ سج، چنڊ ۽ تارن مٿان منهنجو ئي حڪم هلي ٿو.
13 مون پنهنجي سچائيءَ موجب ئي
خورس کي اٿاري ڪڙو ڪيو آهي.
آءٌ هن جا سڀ رستا سنواريندس.
هو منهنجي شهر يروشلم کي وري تعمير ڪرائيندو،
۽ منهنجي قوم جي جلاوطن ٿيلن کي
ڪنهن قيمت يا رشوت کان سواءِ ئي ڇڏائيندو.
اهو مون قادرِمطلق خداوند جو فرمان آهي.“

14 خداوند بني اسرائيل کي فرمائي ٿو تہ
”مصر جي دولت ۽ سوڊان جي تجارت اوهان جي ٿيندي،
۽ سبا جا قداور ماڻهو اوهان جا غلام بڻبا.
اهي زنجيرن ۾ ٻڌل اوهان جي پنيان ٿي هلندا.
اهي اوهان کي مڃيندي ۽ جهڪي تعظيم ڏيندي چوندا تہ
’يقيناً خدا اوهان سان ئي آهي،
۽ انهيءَ ھڪڙي خدا کان سواءِ ٻيو ڪوبہ ڪونهي.‘“
15 بيشڪ بني اسرائيل جو خدا،
جيڪو اڪيلي سر پنهنجيءَ قوم کي بچائي سگهي ٿو،
سو هڪ راز ئي راز آهي.
16 جيڪي بہ بت جوڙين ٿا،
سي سڀ پريشان ۽ خوار خراب ٿيندا.
هائو، اهي سڀ گڏجي ذليل وَ خوار ٿيندا.
17 پر بني اسرائيل کي خداوند بچايو آهي،
بلڪ هميشہ جي لاءِ بچائي ورتو آهي.
سو اهي ابد تائين ڪڏهن بہ پريشان يا خوار خراب نہ ٿيندا.

18 بيشڪ خداوند، جنهن آسمان پيدا ڪيا آهن،
سو ئي خدا آهي.
هن ئي ڌرتي جوڙي تيار ڪئي آهي،
۽ انهيءَ کي هميشہ لاءِ قائم ڪيو اٿس.
هن انهيءَ کي ويران ڪرڻ لاءِ نہ،
بلڪ آباد ڪرڻ لاءِ جوڙيو آهي. سو ئي خداوند فرمائي ٿو تہ
”آءٌ ئي خداوند آهيان،
۽ مون کان سواءِ ٻيو ڪوبہ ڪونهي.
19 مون نڪي ڳجهہ ڳوهہ ۾،
۽ نڪي وري ڌرتيءَ جي ڪنهن اونداهيءَ جاءِ مان،
بلڪ کليو کلايو ڳالهايو آهي.
مون يعقوب جي نسل کي ڪين چيو آهي تہ
’اوهين منهنجي ڳولها ڪنهن ويران بيابان ۾ ڪريو.‘
آءٌ خداوند سچ ٿو ڳالهايان،
آءٌ سچائيءَ جون ڳالهيون بيان ٿو ڪريان.“

## قومن کي خداوند جو سڏ

20 خداوند فرمائي ٿو تہ
”اي غير قومن وارؤ!
اوهين جيڪي بابل جي تباهيءَ کان بچي نڪتا آهيو،
سي منهنجي عدالت ۾ اچي گڏ ٿيو.
اوهين بلڪل بيسمجهہ آهيو،

9:45 يس 16:29، رو 20:9

چالاڪِجو اوهين جيڪي ڪاٺ جا بت کنيو ٿا وتو،
۽ اهڙن معبودن کان دعا ٿا گهرو،
سي اوهان کي بچائي نہ ٿا سگهن.
21 اوهين عدالت ۾ اچو ۽ پنهنجي باري ۾ صفائي پيش ڪريو،
ڀلي هڪ ٻئي سان صلاح مصلحت ڪري ٻڌايو تہ
ڇا ڪو اهڙو معبود اٿوَ،
جنهن گهڻو اڳي اڳڪٿي ڪري ٻڌايو هجيوَ،
تہ انهيءَ وقت اوهان سان ڇا ٿيندو؟
ڇا اهو سڀ مون خداوند ئي نہ ڪيو هو،
جنهن کان سواءِ ٻيو ڪو معبود ڪونهي؟
هائو، مون کان سواءِ ٻيو ڪوبہ عادل ۽ بچائيندڙ خدا ڪونهي.
22 اي ڌرتيءَ جا سمورا رهاڪؤ!
اوهين سڀ مون آڏو توبہ‌تائب ٿيو
۽ امن وَ سلامتي حاصل ڪريو،
چالاڪِجو آءٌ ئي خداوند آهيان، ڪو ٻيو ڪونهي.
23 مون پنهنجي ذات جو قسم کڻي واعدو ڪيو آهي،
جيڪو بلڪل سچو ۽ ڪڏهن بہ تبديل نہ ٿيندڙ آهي تہ
هر ڪو منهنجي اڳيان گوڏا کوڙيندو،
۽ قسم کڻي اقرار ڪندو تہ هو منهنجو ئي آهي.

24 هر ڪو مون بابت چوندو تہ
’بيشڪ خداوند ئي فتح ۽ طاقت بخشيندڙ آهي.‘
پر جيڪي مون کان ڦريل هوندا،
سي سڀ مون آڏو خوار خراب ٿيندا.
25 بني اسرائيل جي ساري نسل کي
آءٌ فتح ۽ ڪاميابي بخشيندس.
اهي مون خداوند تي ئي فخر ڪندا.“

## بابل جي معبودن جي شڪست

46 1 خداوند فرمائي ٿو تہ
”بابل جي معبودن شڪست کاڌي آهي،
۽ هاڻي گوڏن ڀر جهڪيل آهن.
ڪڏهن تہ *مردوڪ ۽ نبو ديوتا جي پوڄا ڪئي ويندي هئي،
پر هاڻي ڍڳندڙ انهن کي کنيو پيا وتن،
انهن جون مورتيون گڏهن تي لڏيل آهن.
هائو، اهي ٿڪل جانورن تي لڏيل بوجهہ مثل آهن.
2 بابل جي معبودن شڪست کاڌي آهي،
۽ هاڻي گوڏن ڀر جهڪيل آهن.
اهي پاڻ کي بچائي بہ نہ سگهيا آهن،
بلڪ کين قيد ڪري ٻين ملڪن ڏانهن نيو ويو آهي.

3 اي يعقوب جو اولاد!
هائو، اوهين باقي بچي ويل بني اسرائيل وارؤ!
اوهين مون خداوند جي ڳالهہ ٻڌو.
مون ئي شروع کان وٺي اوهان کي ٻئي سنڀاليو آهي،
ائين ئي جيئن ڪنهن ٻار کي ڄمڻ کان وٺي پالي نپايو وڃي.
4 آءٌ اوهان جي ٻڍاپي ۽ اڇن وارن تائين ساڳيو ئي رهندس،
هائو، قوم جي پڇاڙيءَ تائين آءٌ اوهان کي سنڀاليندو رهندس.
مون اوهان کي خلقيو آهي،
سو آءٌ اوهان جي مدد ڪندس،
۽ اوهان کي بچائيندو رهندس.

5 هاڻي منهنجي ڀيٽ ڪنهن ٻئي سان ڪري ٿي سگهجي؟
يا ڪنهن ٻئي سان منهنجي برابري ڪري ٿي سگهجي؟
ڇا مون جهڙو ڪو ٻيو آهي؟
6 ڪي ماڻهو پنهنجي ٿيلهين مان سون ڪڍي،
۽ چاندي تارازيءَ ۾ توري آڻي سوناري کي ٿا ڏين.
پوءِ ڇا ٿو ٿئي جو
اهو سونارو سندن لاءِ
انهيءَ مان هڪڙو معبود جوڙي تيار ٿو ڪري،
جنهن جي آڏو هو سجدو ڪري ڪيس پوڄين ٿا.
7 اهي ان کي پنهنجن ڪلهن تي کڻن ٿا،
۽ کڻي وڃي سندس جاءِ تي کوڙي ٿا ڇڏين.
پوءِ اهو بيٺو ئي رهي ٿو،
۽ پنهنجيءَ جاءِ تان چري بہ نہ ٿو سگهي.
جيڪڏهن ڪو انهيءَ کي پڪاري ٿو تہ
هو انهيءَ کي ورندي بہ نہ ٿو ڏيئي سگهي،
نڪي ڪيس مصيبت مان بچائي ٿو سگهي.

8 اي گنهگارؤ! منهنجي ڳالهين تي ڌيان ڏيو ۽ سمجهہ ڌاريو.
هنن ڳالهين تي چڱيءَ طرح سوچ ويچار ڪريو.
9 قديم زماني جون اڳوڻيون ڳالهيون ياد ڪريو،
۽ ڄاڻي ڇڏيو تہ آءٌ اڪيلو خدا آهيان، ٻيو ڪوبہ ڪونهي.
هائو، مون جهڙو ٻيو ڪوبہ ڪونهي.
10 اهو آءٌ ئي آهيان جيڪو ڪنهن ڳالهہ جي شروعات ۾ ئي
انهيءَ جي پڇاڙيءَ بابت آگاهہ ٿو ڪريان.

*مردوڪ: هي بابلين جو وڏو معبود هو. اصلي عبرانيءَ ۾ ”بيل“ لکيل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ”مالڪ“.

23:45 رو 11:14، فل 2:10–11

جيڪي ڳالهيون اڃا ٿيون ئي ڪين آهن،
تن بابت شروعات ۾ ئي مون ٻڌائي ڇڏيو آهي.
آءٌ چوان ٿو تہ منهنجا منصوبا ناڪام نہ ويندا،
بلڪ جيڪو آءٌ چاهيندس سو ضرور ٿيندو.
11 آءٌ اڀرندي جي ڏورانهين ملڪ کان
*هڪڙي شخص کي سڏيندس،
اهو عقاب وانگر لامارو ڏيئي
منهنجي منصوبي کي پورو ڪندو.
هائو، مون اوهان کي ٻڌائي ڇڏيو آهي،
۽ آءٌ ائين ئي ڪندس.
12 اي اوهين سخت دل وارؤ! اوهين جيڪي سمجهو ٿا تہ
منهنجي سڏيل شخص جو
بابل کي فتح ڪرڻ وارو ڏينهن پري آهي،
سي منهنجي ڳالهہ ٻڌو.
13 آءٌ پنهنجي انهيءَ عدالت واري ڏينهن کي ويجهو ٿو آڻيان،
اهو پري بلڪل نہ آهي.
هاڻ پنهنجي قوم کي ڇڏائڻ لاءِ
منهنجي اچڻ ۾ دير ڪانہ لڳندي.
آءٌ يروشلم کي بچائيندس،
تڏهن بني اسرائيل وارا منهنجي عظمت جو نشان بڻبا.”

## بابل لاءِ سزا

47 1 خداوند فرمائي ٿو تہ
“اي بابل جي وسندي!
تون جيڪا هڪ ڪنواري ڇوڪريءَ مثل آهين،
۽ ڪنهن تو کي هٿ بہ نہ لاتو آهي،
سا هيٺ لهي مٽيءَ تي ويهہ.
هائو، تون تخت تان لهي پٽ تي ويهہ،
ڇالاءِجو آئينده تو کي نازڪ،
۽ نازنين ڪنواري ڪڏهن بہ نہ سڏيو ويندو،
بلڪ هاڻي تون غلام ٿيندينءَ.
2 سو جنڊ ڪڻي ويهي اَنُ پيهہ.
پاڻ تان پردو هٽاءِ ۽ پنهنجا عمدا ڪپڙا لاهي ڇڏ.
پنهنجو اوڇڻ مٿي ڪري
اُگهاڙين ٽنگن سان نديءَ مان لنگهي وڃ.
3 ماڻهو تنهنجي اوگهڙ ڏسندا.
هائو، تنهنجي شرمندگي ڏسڻ ۾ ايندي.
آءٌ بدلو وٺندس ۽ ڪوبہ مون کي روڪي نہ سگهندو.”

4 بيشڪ بني اسرائيل جو پاڪ معبود
اسان جو ڇڏائيندڙ آهي،
جنهن جو نالو قادرِمطلق خداوند آهي.

5 خداوند بابل شهر وارن کي فرمائي ٿو تہ
“اي بابل جي قوم! تون ماٺ ڪري اوندهہ ۾ ويهہ،
ڇالاءِجو تون اڳتي بادشاهتن جي راڻي نہ سڏبينءَ.
6 آءٌ پنهنجي قوم سان ڪاوڙيل هوس،
سو انهن کي خوار خراب ڪري
سندن ملڪ سميت تنهنجي حوالي ڪيم.
تو انهن تي ڪو رحم نہ ڪيو،
بلڪ تون ٻڍن تي بہ ظلم ڪرڻ کان باز نہ آئينءَ.
7 تو سمجهيو تہ تون هميشہ راڻي رهندينءَ.
تنهنڪري جيڪي ڪجهہ مون ڪيو،
تنهن تي تو ڪو ڌيان نہ ڏنو،
۽ نہ ئي تو انهيءَ تي ڪو غور ڪيو تہ آخر ۾ آءٌ ڇا ڪندس.

8 تنهنڪري هاڻي هيءَ ڳالهہ ٻڌ.
تون جيڪا عيش عشرت ۾ ٻڏل آهين،
۽ بي‌پرواهيءَ سان ٿي گذارين،
۽ پنهنجيءَ دل ۾ چوين ٿي تہ
‘آءٌ ئي عظيم آهيان،
۽ مون جهڙو ٻيو ڪوبہ ڪونهي،’
۽ تون جيڪا سوچين ٿي تہ ڪڏهن بہ رن‌زال نہ ٿيندينءَ،
۽ نڪي وري تنهنجو اولاد ئي مرندو،
9 سا ياد رک، تو تي اهي ٻئي ڳالهيون،
يعني اولاد جو نقصان ۽ ڏهاڳ،
هڪڙي ئي ڏينهن بلڪ هڪڙي لحظي ۾ اچي ڪڙڪنديون.
هائو، تنهنجي گهڻين جادوگرين ۽ بي‌انداز منترن هوندي بہ
تون پنهنجو مڙس ۽ اولاد وڃائي ويهندينءَ.
10 جيئن تہ تو پنهنجي بڇڙائيءَ تي ڀروسو رکيو،
۽ سمجهيو تہ ڪو ئي تو کي ڏسي نہ ٿو سگهي،
بلڪ تنهنجي دانائيءَ ۽ تنهنجي علم تو کي گمراهہ ڪيو،
ايتري قدر جو تو پنهنجيءَ دل ۾ چيو تہ
‘رڳو آءٌ ئي آهيان، مون کان سواءِ ٻيو ڪوبہ ڪونهي،’
11 تنهنڪري تو تي آفت ايندي،
جنهن کي تون ڪنهن بہ جادوءَ سان هٽائي نہ سگهندينءَ.
هائو، تو تي اهڙي تہ مصيبت اچي ڪڙڪندي،

*هڪڙي شخص: هن مان مراد فارس جو شهنشاهہ خورس آهي. ڏسو يسعياه 2:41.

15–1:47 يس 1:13–23:14، ير 1:50–64:51 9–8:47 مڪا 7:18–8

جو تون انهيءَ کي ٽاري نه سگهندينءَ.
اوچتو ئي اوچتو تو مٿان تباهي اچي نازل ٿيندي،
جنهن بابت تو ڪڏهن سوچيو ئي نه هوندو.

12 هاڻ ڀلي تون پنهنجي انهن جادوگرين،
۽ بي‌انداز منترن تي ڀروسو ڪندي قائم رهه،
جن کي تون ننڍپڻ کان وٺي ورجائيندي پيئي رهي آهين.
پوءِ ڏسون ته انهن مان تو کي ڪهڙو ٿو فائدو رسي؟
ڏسون ته تنهنجا دشمن تو کان ڪيئن ٿا ڊڄن؟
13 پر تو ته پنهنجي جادوگر مشيرن سان
صلاحون ڪري ڪري پاڻ کي ٿڪائي وڌو آهي.
هاڻ ڀلي ته اهي نجومي، ستارا ڏسندڙ،
۽ هر مهيني بابت فالون وجهندڙ تنهنجي پاران اٿي کڙا ٿين،
۽ ڏسون ته جيڪي ڳالهيون تو تي اچڻيون آهن،
تن کان اهي تو کي بچائي سگهن ٿا؟
14 پر ڏس، اهي ته پاڻ کي ئي
شعلن جي پڪڙ کان ڇڏائي نه سگهندا.
اهي ٻُهه جي ذرڙن وانگر ٿيندا،
جن کي باهه ساڙي رک ڪري ڇڏيندي.
انهن جي سڙڻ سان ڪو ٽانڊو ئي نه ٺهندو،
جو ڪو ماڻهو پاڻ کي گرم ڪري سگهي.
هائو، انهيءَ ۾ ڪا تپش ئي نه رهندي،
جو ڪو ماڻهو انهيءَ جي اڳيان ويهي گرمائش وٺي سگهي.
15 اهي آهن اُهي نجومي،
جن سان تو پنهنجي سڄي زندگي پيئي مشورو ڪيو.
هائو، جن سان تو ننڍپڻ کان وهنوار ٿي ڪيو،
تن مان هر ڪو پنهنجي راهه وٺي هليو ويندو،
ڪوبه تو کي بچائڻ وارو ڪونه رهندو.”

## خداوند جي باغي قوم

48 1-2 اي اوهين! جيڪي بني اسرائيل جي نالي سان سڏجو ٿا،
۽ *يهوداه جي قبيلي مان آهيو.
اوهين فخر ڪندي چئو ٿا ته
“اسين پاڪ شهر يروشلم جا رهاڪو آهيون،
۽ بني اسرائيل جي خدا، قادرِمطلق خداوند تي
ڀروسو ٿا رکون.”
هاڻ جيتوڻيڪ اوهين خداوند جي نالي جو قسم کڻو ٿا،
۽ بني اسرائيل جي خدا جي عبادت ڪرڻ جي دعويٰ ٿا ڪريو،
پر ڏسو، اوهين رياڪار آهيو ۽ ڪوڙ ٿا ڳالهايو.
اي يعقوب جا گهراڻؤ! ٻڌو.

3 خداوند فرمائي ٿو ته
“مون گهڻو اڳي ئي
مستقبل ۾ ٿيندڙ ڳالهين بابت اڳڪٿي ڪئي هئي.
هائو، اهي مون ئي چيون هيون،
۽ پوءِ اوچتو ئي اوچتو مون انهن کي عمل ۾ آندو،
۽ اهي پوريون ٿيون.
4 جيئن ته آءٌ ڄاڻان ٿو ته اوهين ضدي آهيو،
اوهان جي ڪنڌ ۾ ڪلي آهي،
۽ اوهين پنهنجي هوڏ تي قائم ٿا رهو.
5 انهيءَ سبب مون گهڻو اڳي ئي
اوهان کي اهي ڳالهيون ٻڌائي ڇڏيون هيون.
هائو، انهن ڳالهين جي پوري ٿيڻ کان اڳي ئي
مون اوهان تي اهي ظاهر ڪري ڇڏيون هيون،
انهيءَ لاءِ ته اوهين ائين چئي نه سگهو ته
‘اهي ڪم اسان جي ديوتائن ڪيا آهن،
اهي ڪم اسان جي اُڪريل
۽ ڍلتيل مورتين جي حڪم سان ٿيا آهن.’
6 مون جيڪي ڪجهه چيو هو سو اوهان ٻڌو،
۽ اوهان اهو سڀ ٿيندي به ڏٺو آهي.
ڇا اوهين انهيءَ ڳالهه جو اقرار نه ڪندا؟

هاڻي آءٌ اوهان کي نيون ڳالهيون ٻڌايان ٿو.
هائو، آءٌ اوهان کي اهڙيون لڪل شيون ڏيکاريان ٿو،
جن جي اوهان کي اڳ ۾ ڪا خبر ڪانه هئي.
7 اهي مون بلڪل هاڻي ئي پيدا ڪيون آهن.
قديم زماني کان نه آهن،
بلڪ اڄ کان اڳي اوهان انهن جو ذڪر به نه ٻڌو هو،
انهيءَ لاءِ ته اوهين ائين چئي نه سگهو ته
‘انهيءَ جي ته اسان کي اڳي ئي خبر هئي.’
8 مون ڄاتو ٿي ته اوهان جي هلت تمام دغابازيءَ واري آهي،
۽ ڄمڻ کان وٺي اوهين باغي ٿا سڏجو.
تنهنڪري مون جيڪي ڪجهه چيو ٿي،
سو اوهان ڪڏهن به ٻڌڻ ۽ ڄاڻڻ نه چاهيو،
بلڪ قديم وقت کان ئي اوهان جا ڪن بند هئا.

9 جيئن ته ماڻهو منهنجي نالي جي واکاڻ ڪندا،
سو آءٌ پنهنجي ڪاوڙ کي ڍرو ڪندس.

*يهوداه جي قبيلي: بابل ۾ جلاوطنن جي گهڻي اڪثريت يهوداه قبيلي مان هئي، پر هي پيغام پوري بني اسرائيل جي لاءِ آهي.

انهيءَ جي ڪري ئي آءٌ اوهان ڪان مڙي ويندس،
۽ اوهان کي تباهہ نہ ڪندس.
10 ڏسو، مون اوهان کي مصيبت جي ڪوري ۾ آزمايو آهي،
جيئن چاندي باهہ ۾ تپائي صاف ڪبي آهي.
11 اهو سڀ مون پنهنجي خاطر،
هائو، رڳو پنهنجي ئي خاطر ڪيو آهي،
انهيءَ لاءِ تہ متان ڪو منهنجي خلاف ڪفر بڪي.
آءٌ پنهنجي عظمت ۾ ڪنهن ٻئي کي
شريڪ ٿيڻ ڪونہ ڏيندس."

## خورس، خداوند جو چونڊيل اڳواڻ

12 خداوند فرمائي ٿو تہ
"اي بني يعقوب! هائو، اي بني اسرائيل!
جن کي مون چونڊي ڪڍيو آهي، اوهين منهنجي ڳالهہ ٻڌو.
رڳو آءٌ ئي خدا آهيان،
هائو، آءٌ ئي اول ۽ آءٌ ئي آخر آهيان.
13 مون ئي ڌرتيءَ جا بنياد وڌا آهن،
۽ آسمانن کي ڦهلايو آهي.
جڏهن بہ آءٌ انهن کي حڪم ٿو ڪريان،
تہ اهي هڪدم منهنجي حڪم جي تعميل ڪن ٿا.

14 اوهين سڀ اچي گڏ ٿيو ۽ منهنجي ڳالهہ ٻڌو.
ڇا اوهان جي معبودن مان ڪنهن بہ
انهن ڳالهين جي ٿيڻ جي اڳڪٿي ڪئي هئي؟
ڇا انهن اهو ٻڌايو هو تہ
*جنهن کي آءٌ خداوند پيار ٿو ڪريان،
سو ئي بابل تي منهنجي مرضي پوري ڪندو،
۽ هو ئي بابلين جي خلاف اٿي کڙو ٿيندو؟
15 آءٌ، هائو، آءٌ ئي آهيان،
جنهن هن کي چونڊي ڪڍيو آهي،
۽ پري کان ڪيس گهرايو اٿم.
آءٌ هن کي ڪاميابي عطا ڪندس.
16 هاڻي اوهين منهنجي ويجهو اچو،
۽ منهنجي هيءَ ڳالهہ ٻڌو تہ
شروعات کان ئي وٽي مون ڳجهہ ڳوهہ ۾ نہ،
بلڪ کليو کلايو ڳالهايو آهي.
جڏهن کان اهي ڳالهيون عمل ۾ اچن ٿيون،
تڏهن کان آءٌ پاڻ اتي موجود آهيان."

## خداوند جي حڪمن تي هلڻ ۾ ئي ڀلائي آهي

هاڻي قادرِمطلق خداوند مون تي پنهنجو روح نازل ڪري مون کي
هي پيغام ڏيئي اوهان ڏانهن موڪليو آهي تہ
17 "اي بني اسرائيل!
آءٌ اوهان جو پاڪ معبود ۽ بچائيندڙ آهيان.
هائو، آءٌ ئي خداوند اوهان جو خدا آهيان،
جيڪو اوهان کي فائديمند ڳالهيون ٿو سيکاريان،
۽ اوهان کي انهيءَ راهہ تي هلڻ جي هدايت ٿو ڪريان،
جنهن تي اوهان کي هلڻ گهرجي.
18 ڪاش! اوهين منهنجا حڪم ٻڌو ها تہ چڱو هو،
پوءِ جيڪر اوهان جي سلامتي نديءَ وانگر
هميشہ وهندي رهي ها،
۽ اوهان جي فتح ۽ ڪاميابي سمنڊ جي ڇولين وانگر
ڪڏهن نہ رڪجن ها.
19 تڏهن اوهان جو اولاد واريءَ وانگر لاتعداد هجي ها،
هائو، سمنڊ جي ڪناري جي واريءَ جي ذرن وانگر.
آءٌ يقين سان چوان ٿو تہ
اهي مون آڏو ڪڏهن بہ تباهہ وَ برباد نہ ٿين ها."

20 اي بني اسرائيل وارؤ!
هاڻي اوهين بابل شهر مان نڪري وڃو.
هائو، بابلين وٽان نڪري آزاد ٿيو.
اوهين خوشيءَ سان ڳائيندي هن ڳالهہ کي پڌرو ڪندا وڃو،
هائو، اوهين دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾
هن ڳالهہ کي مشهور ڪري ڇڏيو تہ
"خداوند پنهنجن ٻانهن بني اسرائيل وارن کي
بلڪل ائين ڇڏائي وٺي آيو آهي،
21 جيئن گهڻو اڳ هو اسان جي ابن ڏاڏن کي
گرم ۽ خشڪ بيابان مان سنڀالي وٺي ٿي ويو."
هن ڪين اڄ جي ڪا تڪليف نہ ڏيکاري،
ڇالاءِجو انهن لاءِ ٽڪر مان پاڻي وهايائين.
هائو، هن ٽڪريءَ کي چيريو تہ پاڻي ٻڙڪا ڏيئي نڪري آيو.
22 پر بدڪارن بابت خداوند جو فرمان آهي تہ
هنن لاءِ ڪا سلامتي ڪانهي.

*جنهن کي آءٌ خداوند پيار ٿو ڪريان: گهڻو ڪري انهيءَ مان مراد فارس جو شهنشاهہ خورس آهي. ڏسو 44:28، 45:1.

48:12 يس 44:6، مڪا 1:17، 22:13 48:20 مڪا 18:4 48:21 خر 17:1–7 48:22 يس 57:21

## بني اسرائيل، خداوند جو ٻانهو

49 1 اي ٻيٽن جا رهاڪؤ! منهنجي ٻڌو.
اي پري جون قومون! ڪن ڏيو.
جڏهن آءٌ اڃا پيٽ ۾ ئي هوس،
تہ خداوند مون کي چونڊيو.
هائو، آءٌ ماءُ جي پيٽ ۾ ئي هوس،
تہ هن مون کي پنهنجو خاص ٻانهو ٿيڻ لاءِ مقرر ڪيو.
2 هن منهنجي زبان کي تکي تلوار وانگر ڪيو آهي،
۽ مون کي پنهنجي مياڻ ۾ حفاظت سان رکيو اٿس.
هن مون کي چمڪندڙ تير وانگر ڪيو آهي،
۽ مون کي پنهنجي ترڪش ۾ رکي ڇڏيو اٿس.
3 هن مون کي فرمايو آهي تہ
”اي بني اسرائيل! تون منهنجو ٻانهو آهين.
تنهنجي ڪري ماڻهو منهنجي واکاڻ ڪندا.“
4 پر تڏهن بہ مون دل ۾ چيو تہ
”منهنجي محنت جو تہ ڪو فائدو نہ ٿيو،
مون پنهنجي طاقت اجائي ۽ ناحق وڃائي آهي.“
انهيءَ هوندي بہ مون کي يقين آهي تہ
خداوند منهنجو انصاف ڪندو،
۽ منهنجو خدا مون کي اجر ڏيندو.

## بني اسرائيل لاءِ خاص ٻانهي جي چونڊ

5 خدا مون کي منهنجي ماءُ جي پيٽان ئي
پنهنجو خاص ٻانهو ٿيڻ لاءِ چونڊيو آهي،
تان‌تہ آءٌ سندس قوم بني يعقوب کي وٽس موٽائي آڻيان.
هائو، جيئن تہ خداوند مون کي مان مرتبو بخشيو آهي،
۽ پنهنجي طاقت عطا ڪئي اٿائين،
تہ جيئن آءٌ سندس انهيءَ ٽڙيل پکڙيل قوم بني اسرائيل کي
آڻي وٽس گڏ ڪريان.

6 هاڻ اهو ئي خداوند مون کي فرمائي ٿو تہ
”تون نہ رڳو انهيءَ لاءِ منهنجو ٻانهو بڻيو آهين،
جو بني اسرائيل جي باقي بچيلن کي موٽائي آڻين،
۽ سندن قبيلن کي نئين سر آباد ڪرين،
بلڪ انهيءَ کان وڌيڪ
مون تہ تو کي غير قومن لاءِ بہ روشني بڻايو آهي،
انهيءَ لاءِ تہ تون پوريءَ دنيا جي لاءِ
منهنجي طرفان امن وَ خوشحاليءَ جو سبب بڻجين.
7 ماڻهو تو کي بيحد حقير ٿا ڄاڻين،
۽ تون سڀني قومن ۾ نفرت جوڳو،
۽ حڪمرانن جو نوڪر آهين.
پر هاڻي آءٌ خداوند، بني اسرائيل جو پاڪ معبود،
۽ انهن جو ڇڏائيندڙ فرمايان ٿو تہ
اهي بادشاهہ ۽ حڪمران
تنهنجي پيرن ۾ جهڪي تو کي تعظيم ڏيندا.
آءٌ خداوند پنهنجو واعدو پورو ڪندس.
آءٌ خداوند بني اسرائيل جو پاڪ معبود آهيان،
جنهن جو تون چونڊيل ٻانهو آهين.“

## يروشلم جي بحالي

8 خداوند پنهنجي قوم کي فرمائي ٿو تہ
”جڏهن اوهان کي بچائڻ جو وقت ايندو،
تڏهن آءٌ اوهان جون دعائون قبول ڪندس،
۽ اوهان جي مدد ڪندس.
هائو، آءٌ اوهان جي حفاظت ڪندس،
۽ اوهان جي وسيلي ٻين قومن سان عهد ٻڌندس.
اوهين پنهنجي تباهہ ٿيل ملڪ کي وري اڏيندا،
۽ انهن ويران ٿيل ورثي وارين جاين کي
اڃا نئين سر آباد ڪندا.
9 آءٌ قيدين کي چوندس تہ
’هاڻي اوهين آزاد آهيو،‘
۽ جيڪي اونداهيءَ ۾ آهن تن کي چوندس تہ
’ٻاهر نڪري روشنيءَ ۾ اچو.‘
اهي اهڙين رڍن وانگر ٿيندا،
جيڪي رستي ۾ هر هنڌ چرنديون وتنديون آهن،
۽ سڀيئي ٽڪريون انهن لاءِ چراگاهون هونديون.
10 انهن کي نہ بک لڳندي، نہ اڃ،
نڪي گرمي ۽ نہ اُس ئي ڪين ڪو نقصان پهچائيندي،
ڇالاءِجو جنهن هستيءَ جي مٿن رحمت آهي،
سو ئي سندن رهنما ٿيندو،
۽ پاڻيءَ جي چشمن ڏانهن ڪين وٺي ويندو.
11 آءٌ جبلن کي سڌو ڪري رستو بڻائيندس،
۽ پنهنجي قوم جي سفر ڪرڻ لاءِ شاهي رستو تيار ڪندس.
12 ڏسو، منهنجي قوم وارا تمام پري کان ايندا،
ڪي اتر کان ايندا تہ ڪي اولهہ کان،
۽ ڪي وري مصر جي ڏکڻ واري علائقي اسوان کان ايندا.“

---

1:49 ير 5:1   2:49 عبر 12:4، مڪا 1:16   6:49 يس 6:42، لو 32:2، رس 47:13، 23:26   8:49 2.ڪر 2:6   10:49 مڪا 16:7–17

13 اي آسمانؤ! گيت ڳايو،
اي زمين! تون خوشي ملهاءِ،
اي پهاڙؤ! اوهين زور سان ڳايو،
ڇالاءِجو خداوند پنهنجي قوم کي تسلي بخشي ٿو.
هائو، هو پنهنجي ڏکويل بندن تي رحم ڪندو.

14 پر يروشلم جي ماڻهن چيو تہ
"خداوند اسان کي ڇڏي ڏنو آهي،
اسان جي ڌڻيءَ اسان کي وساري ڇڏيو آهي."

15 سو خداوند وراڻيو تہ
"ڇا ائين ٿي سگهي ٿو تہ
ڪا ماءُ پنهنجي کيرپياڪ ٻار کي وساري ڇڏي،
۽ پنهنجي پيٽان ڄڻيل ٻچي تي ترس نہ کائي؟
توڙي جو ڪا ماءُ پنهنجي ٻار کي وساري بہ ڇڏي،
پر آءٌ اوهان کي ڪڏهن ڪين وساريندس.
16 ڏسو، اي يروشلم وارؤ!
آءٌ ڪيئن ٿو اوهان کي وساري سگهان؟
مون تہ اوهان جي شهر کي ڄڻ
پنهنجي ٻنهي هٿن جي ترين تي اُڪري ڇڏيو آهي.
هائو، انهيءَ جو ڪوٽ هميشہ منهنجي اکين آڏو آهي.
17 ڏسو، اوهان جي شهر کي اجاڙڻ ۽ برباد ڪرڻ وارا
شهر مان نڪرندا ٿا وڃن،
جڏهن تہ اوهان جي شهر کي نئين سر تعمير ڪرڻ وارا
جلد اچي رهيا آهن.
18 پنهنجون اکيون کڻي چئني پاسن ڏانهن نهاريو.
ڏسو تہ اوهان جي قوم وارا سڀيئي گڏجي
واپس اوهان وٽ اچي رهيا آهن.
آءٌ جيئرو خداوند قسم کڻي چوان ٿو تہ
يقيناً اوهين پنهنجي قوم وارن تي ائين فخر ڪندا،
جيئن ڪا ڪنوار پاڻ کي زيورن سان سينگاري
فخر ڪندي آهي."

19 خداوند فرمائي ٿو تہ
"اي يروشلم جي وسندي!
جيڪا هاڻي اجڙيل ۽ تباهہ وَ برباد لڳي پيئي آهين،
سا جلد ئي وري تعمير ڪئي ويندينءَ.
تو کي برباد ڪرڻ وارا تو کان پري هليا ويندا،
۽ تون پنهنجي رهاڪن جي گهٽائيءَ جي ڪري
سوڙهي ٿي پوندينءَ.
20 هائو، تنهنجا ٻار جيڪي جلاوطنيءَ دوران پيدا ٿيا هئا،
سي اڳتي هلي تو کي چوندا تہ
'هيءَ زمين تمام ٿوري آهي،
اسان کي رهڻ لاءِ وڌيڪ جاءِ کپي.'
21 تڏهن تون خوش ٿي پنهنجيءَ دل ۾ چوندينءَ تہ
'هيترا سارا ٻار مون لاءِ ڪيئن پيدا ٿيا؟
جڏهن تہ آءٌ بي‌اولاد، سنڍ، جلاوطن ۽ قيدي هئس،
پوءِ ڪنهن هنن کي پالي وڏو ڪيو؟
ڏسو، آءٌ تہ بلڪل اڪيلي ڇڏي ويئي هيس،
پوءِ هي سڀ ڪٿان آيا؟'"

22 قادرِمطلق خداوند وڌيڪ فرمائي ٿو تہ
"اي يروشلم جي وسندي!
آءٌ غير قومن کي اشارو ڏيڻ لاءِ پنهنجو هٿ بلند ڪندس،
تڏهن اهي تنهنجي پٽن کي هنج ۾ کنيو ايندا،
۽ تنهنجي ڌيئرن کي ڪلهن تي کڻي آڻي تو وٽ پهچائيندا.
23 انهن جا بادشاهہ تنهنجي پٽن جا سنڀاليندڙ ابا ٿيندا،
۽ راڻيون تنهنجي ڌيئرن جون پاليندڙ مائرون ٿينديون.
اهي گوڏن ڀر جهڪي تنهنجي تعظيم ڪندا.
هائو، اهي تنهنجي پيرن جي مٽي چٽيندا.
تڏهن تون ڄاڻيندينءَ تہ آءٌ ئي خداوند آهيان،
۽ جيڪي مون تي ڀروسو ٿا ڪن،
سي ڪڏهن بہ شرمندا نہ ٿيندا."

24 جيئن زورآورن کان سندن شڪار نہ ٿو کسي سگهجي،
تيئن فتحمندن کان سندن قيدي نہ ٿو ڇڏائي سگهجي.
25 پر خداوند فرمائي ٿو تہ
"يقيناً آءٌ زورآورن کان سندن قيدي،
۽ ظالمن کان سندن شڪار ڇڏائيندس،
ڇالاءِجو اي يروشلم! جيڪو تو سان وڙهي ٿو،
تنهن سان آءٌ وڙهندس ۽ تنهنجي رهاڪن کي بچائيندس.
26 جيڪي تو تي ظلم ٿا ڪن،
تن کي آءٌ سندن ئي ماس کارائيندس.
هائو، اهي مني مئي وانگر پنهنجو ئي رت پي مست ٿيندا.
تڏهن هر بشر ڄاڻي وٺندو تہ
آءٌ خداوند، بني اسرائيل جو قادر خدا،
تنهنجو نجات ڏيندڙ ۽ تنهنجو بچائيندڙ آهيان."

50

1 خداوند فرمائي ٿو تہ
"اي يروشلم وارؤ!
جڏهن مون اوهان جي ماءُ صيئون کي رد ڪري ڇڏيو هو،
تڏهن مون پنهنجي طرفان کيس طلاق ڪين ڏني هئي.

پر جي اوهين ائين سمجهو ٿا تہ پوءِ اهو طلاق نامو ڪٿي آهي؟
جڏهن اوهين غلاميءَ ۾ وڪامي قيد ٿي ويا هئا،
تڏهن مون اوهان کي
پنهنجي ڪنهن قرض لاهڻ لاءِ ڪين وڪيو هو.
مون هرگز ائين ڪين ڪيو هو،
بلڪ اوهين تہ پاڻ پنهنجين بدڪارين جي ڪري وڪاڻا هئا.
هائو، اوهان جي ڏوهن جي ڪري ئي
اوهان جي ماءُ رد ڪئي ويئي هئي.
2 جڏهن آءٌ يروشلم ۾ آيس،
تڏهن ڇو اتي ڪوبہ ڪونہ هو؟
جڏهن مون اوهان کي سڏيو،
تڏهن ڇا جي ڪري ڪوبہ جواب ڏيڻ وارو ڪونہ مليو؟
ڇا آءٌ ايترو ڪمزور ٿي ويو آهيان،
جو اوهان کي جلاوطنيءَ کان بچائي نہ سگهيس؟
ياد رکو،
آءٌ تہ هڪڙي ئي حڪم سان سمنڊ کي بہ سڪائي ٿو سگهان،
۽ ندين کي رڻپٽ ۾ تبديل ڪري ٿو سگهان.
ايتري قدر جو پاڻي نہ ملڻ ڪري
ان ۾ موجود مڇي گهري سڙي وڃي ۽ بدبوءِ ڪري.
3 آءٌ آسمانن کي اونداهيءَ جي پوشاڪ ٿو پهرايان،
جيئن ڪنهن جي مرڻ جي سوڳ ۾ ڪٿو ڍڪبو آهي."

## خداوند جي ٻانهي جو فرمانبرداري ڪرڻ

4 خداوند خدا مون کي تسلي ڏيڻ جا لفظ سيکاريا،
انهيءَ لاءِ تہ آءٌ ڄاڻان تہ
ڪنهن ٿڪل ماڻهوءَ کي ڪهڙيءَ طرح همٿائي ٿو سگهان.
هو مون کي هر روز صبح جو جاڳائي ٿو،
۽ مون ۾ اها خواهش ٿو پيدا ڪري،
تہ جيئن آءٌ سندس ڳالهيون ٻڌندو رهان.
5 جيڪي ڳالهيون خداوند خدا مون کي سيکاري ٿو،
تن کان آءٌ نہ باغي ٿو ٿيان، نڪي پٺي ڀري ٿيان ٿو.
6 بلڪ آءٌ تہ پنهنجي پٺي مار ڏيڻ وارن جي حوالي ٿو ڪريان،
۽ منهنجي ڏاڙهي پٽڻ وارن کي آءٌ ڪين ٿو روڪيان.
آءٌ بيعزت ٿيڻ ۽ ٿڪون جهلڻ کان پنهنجو منهن نہ ٿو لڪايان.
7 جيئن تہ خداوند خدا منهنجو مددگار آهي،
تنهنڪري انهن جون بيعزتيون
مون کي ڪو نقصان پهچائي نہ ٿيون سگهن.
مون هر بيعزتيءَ کي برداشت ڪرڻ سکيو آهي،
۽ ڄاڻان ٿو تہ آءٌ ڪڏهن بہ شرمسار نہ ٿيندس.
8 ڇالاءِجو منهنجي تصديق ڪندڙ منهنجي ويجهو آهي.
سو ڪير مون سان مقابلو ڪندو؟
ڪنهن ۾ همت آهي جو منهنجي خلاف الزام هڻي؟
جيڪڏهن ڪو آهي تہ ڀلي عدالت ۾ مون سان گڏجي هلي.
هائو، ڀلي هو سامهون اچي مون سان مقابلو ڪري.
9 ڏسو، خداوند خدا منهنجو مددگار آهي،
پوءِ ڪير مون کي ڏوهاري ٺهرائيندو؟
ياد رکو، منهنجا سڀ مخالف نيست ۽ نابود ٿي ويندا.
هائو، اهي تڏ ڪاڏل ڪپڙي وانگر ناس ٿي ويندا.

10 اي اوهين سڀ! جيڪي خداوند جو خوف ٿا رکو،
۽ سندس ٻانهي جو حڪم ٿا مڃو،
جيتوڻيڪ اوهين روشنيءَ جي بجاءِ اونداهيءَ ۾ ٿا هلو،
تڏهن بہ خداوند پنهنجي خدا تي پوري توڪل رکو.
11 پر اي اوهين سڀ! جيڪي ٻين جي لاءِ باهہ ٿا ٻاريو،
سي پاڻ ئي پنهنجي باهہ جي شعلن ۾ برباد ٿي ويندا.
خداوند وٽ اوهان لاءِ اهو ئي ڪجهہ آهي.
هائو، اوهان جي نصيب ۾ عذاب ئي عذاب آهي.

## يروشلم لاءِ دلداري

51 1-2 خداوند فرمائي ٿو تہ
"اوهين جيڪي سچائيءَ تي هلڻ چاهيو ٿا،
۽ مون خداوند جا طالبو آهيو،
سي منهنجي ڳالهہ ٻڌو.
اوهين پنهنجي وڏي ابراهيم ۽ سندس زال ساره بابت سوچو،
جن مان اوهين پيدا ٿيا آهيو.
ابراهيم هڪ ٽڪر هو جنهن منجهان اوهين ٽُڪيا ويا آهيو.
هائو، اهو پهڻ جي هڪ کاڻ هو،
جنهن مان اوهين کوٽيا ويا آهيو.
اهو پهريائين بياولاد هو،
پر جڏهن مون خداوند کيس چوندي برڪت عطا ڪئي،
تڏهن منجهانئس بيشمار نسل پيدا ٿيو.

3 آءٌ خداوند يقيناً يروشلم تي رحم ڪندس.
هائو، ان جي برباد ٿيل جاين ۾ رهڻ وارن سيني تي
آءٌ رحم ڪندس،
بلڪ آءٌ انهيءَ جي آسپاس بيابان کي بہ باغِ عدن جهڙو،
۽ رڻپٽ کي خداوند جي باغ جهڙو ڪندس.
پوءِ اتي خوشي ۽ سرهائي هوندي،

50:6 مت 26:67، مر 14:65    50:8–9 رو 8:33–34

۽ شڪرگذاريءَ ۽ واڪاڻ جا گيت پيا گونجندا.

4 اي منهنجي قوم وارؤ! مون ڏانهن ڌيان ڏيو.
هائو، مون ڏانهن ڪن ڏيو.
ڏسو، مون وٽان قومن کي تعليم حاصل ٿيندي،
۽ منهنجو عدل انهن لاءِ روشنيءَ مثل هوندو.
5 منهنجي عدالت وارو ڏينهن ويجهو آهي،
سو آءٌ جلدي اچي پهچندس ۽ انهن کي بچائيندس.
آءٌ پاڻ قومن مٿان حڪمراني ڪندس.
ڏورانهن ملڪن وارا منهنجي اچڻ جا منتظر رهندا.
هائو، اهي پنهنجي بچاءَ جي اميد رکي منهنجا منتظر رهندا.
6 اوهين پنهنجون اکيون مٿي آسمان ڏانهن کڻو،
۽ هيٺ زمين ڏانهن پڻ نهاريو.
ڇالاءِجو آسمان دونهين وانگر گم ٿي ويندو،
۽ ڌرتي ڳري ويل ڪپڙي وانگر ختم ٿي ويندي،
۽ انهيءَ جا رهاڪو مڇرن وانگر مري کپي ويندا.
پر منهنجو ڇوٽڪارو ابد تائين رهندو،
۽ منهنجي بچائڻ واري قدرت ڪڏهن ختم نہ ٿيندي.
7 اي اوهين سڀ!
جيڪي سچائيءَ واري رستي تي هلڻ ٿا چاهيو،
۽ جن منهنجي تعليم کي دل سان هنڊايو آهي،
سي ڌيان ڏيئي ٻڌو.
اوهين ماڻهن جي ملامت کان نہ گهبرايو،
نڪي انهن جي طعنن کان ڊڄو.
8 ڇالاءِجو اهي اُئين ناس ٿي ويندا،
جيئن تڏ ڪپڙي کي ڪائي چٽ ڪريو ڇڏي،
جيئن ڪينئون اناج کي ڪائي ناس ڪندو آهي.
پر منهنجو انصاف پيڙهي بہ پيڙهي قائم رهندو،
۽ آءٌ پنهنجي قوم کي هميشہ بچائيندو رهندس.”

9 اي خداوند! جاڳ، اٿي ڪڙو ٿيءُ،
زور وٺ ۽ ڪجهہ ڪري ڏيکار.
هائو، جاڳ ۽ اهو ئي ڪجهہ ڪري ڏيکار،
جيڪو تو گذريل ڏينهن ۾ ۽ قديم زمانن ۾
پنهنجيءَ قوم لاءِ ڪيو هو.
ڇا تون اهو ئي ناهين،
جنهن *ساموندي بلا رهب کي ٽڪرا ٽڪرا ڪيو هو؟
هائو، تو ئي ازدها نانگ کي چيري ڇڏيو هو.
10 ڇا تون اهو ئي ناهين، جنهن سمنڊ کي،
هائو، اونهي بحر جي پاڻيءَ کي سڪائي ڇڏيو هو؟
تو سمنڊ جي تري کي رستو بڻائي ڇڏيو هو،
انهيءَ لاءِ تہ جن کي تو ڇڏايو هو سي پار لنگهي وڃن.
11 هاڻي بہ جن کي تون ڇڏائيندين،
سي خوشيءَ وچان ڳائيندا وڄائيندا،
۽ نعرا هڻندا يروشلم ۾ موٽي ايندا.
اهي هميشہ هميشہ لاءِ خوش رهندا،
۽ خوشيون ۽ شادمانا پيا ملهائيندا.
غم ۽ رنج سندن ويجهو بہ نہ ايندو.

12 خداوند پنهنجي قوم کي فرمائي ٿو تہ
“آءٌ، هائو، آءٌ ئي اوهان کي دلداري ڏيندڙ آهيان.
پوءِ اوهين ڇو ڪنهن فاني انسان ۽ بني آدم کان ٿا ڊڄو،
جيڪو گاهہ جيان سڪي سڙي ويندو؟
13 اوهان مون خداوند پنهنجي خالق کي وساري ڇڏيو آهي،
جنهن آسمان کي ڦهلايو ۽ زمين جو بنياد وڌو هو.
اوهين سارو ڏينهن انهن ظالمن جي غضب کان ڊڄندا ٿا رهو،
جيڪي اوهان کي برباد ڪرڻ جون تياريون ٿا ڪن.
پر هاڻي اڳتي انهن جو غضب اوهان جي ويجهو بہ ڪين ايندو،
14 ڇالاءِجو مظلومن کي جلد ئي ظالمن جي هٿان ڇڏايو ويندو.
اهي موت کان بچي ويندا،
۽ ڪڏهن بہ بکيا ڪونہ رهندا.
15 ياد رکو، آءٌ خداوند اوهان جو خدا آهيان،
جيڪو سمنڊ کي اٿڙو ٿو ولوڙيان،
جو هن جون ڇوليون گجگوڙ ٿيون ڪن.
هائو، قادرِمطلق خداوند منهنجو ئي نالو آهي.
16 مون آسمانن کي ڦهلائي سندن جاءِ تي قائم ڪيو آهي،
۽ زمين جا بنياد وڌا اٿم.
آءٌ يروشلم وارن کي چوان ٿو تہ
‘اوهين منهنجي قوم آهيو،
مون ئي اوهان کي علم ڏيڻ سيکاريو آهي،
۽ پنهنجي هٿ هيٺ اوهان کي پناهہ ڏني اٿم.’”

## يروشلم جي مصيبتن جي خاتمي جو واعدو

17 اي يروشلم!
تو خداوند جي هٿان سندس غضب جو پيالو پيتو آهي.
تو سخت نشو ڏيندڙ پريل پيالو پي خالي ڪيو آهي.

---

*ساموندي بلا رهب: گهڻو ڪري هي انهيءَ وقت جي مصر ملڪ ڏانهن اشارو آهي، جڏهن بني اسرائيل قوم مصر جي غلاميءَ مان نڪري ٿي آيا.

10:51 خر 14:21–22   17:51 مڪا 10:14، 19:16

سو هاڻ اي يروشلم! جاڳ، جاڳي پئُہ ۽ اٿي کڙو ٿيءُ.
18 جيڪي تو منجهہ ڄاوا آهن،
تن مان اهڙو ڪوبہ ڪونهي جيڪو تنهنجي رهبري ڪري.
هائو، جيڪي تو منجهہ پلي وڏا ٿيا آهن،
تن مان اهڙو ڪوبہ ڪونهي جيڪو مدد لاءِ تنهنجو هٿ وٺي.
19 تو تي ٻٽيون مصيبتون اچي پيون آهن.
هائو، تنهنجو ملڪ نہ رڳو جنگ ۾ برباد ٿي رهيو آهي،
بلڪ تنهنجي قوم ڏڪار سبب مري رهي آهي.
ڪوبہ ناهي جيڪو تو سان غمخواري ڪري،
ڪوبہ ناهي جيڪو تو کي دلداري ڏئي.
20 سو تنهنجا رهاڪو هر گهٽيءَ جي منهن ۾،
ائين بيھوش پيا آهن،
جيئن ڪا هرڻي ڄار ۾ ڦاٿل پيئي هجي.
اهو خداوند تنهنجي خدا جي عتاب جي ڪري آهي.

21 تنهنڪري هاڻي اي يروشلم جا ڏکويل رهاڪؤ!
اوهين جيڪي مئي جو پيالو نہ،
بلڪ خداوند جي غضب جو پيالو پي نشي ۾ مست ٿيا پيا آهيو،
سي منهنجي هيءَ ڳالهہ ٻڌو.
22 اوهان جو ڌڻي خداوند، هائو، اوهان جو خدا،
جيڪو پنهنجي قوم جو بچاءُ ڪندڙ آهي،
سو فرمائي ٿو تہ
”ڏسو، آءٌ اوهان جي هٿ مان سخت نشي وارو پيالو،
يعني پنهنجي غضب وارو وڏو پيالو وٺي رهيو آهيان.
هاڻي اوهين اهو وري نہ پيئندا.
23 بلڪ آءٌ اهو پيالو انهن جي هٿن ۾ ڏيندس،
جيڪي اوهان کي ڏکوئين ٿا،
۽ جن اوهان جي پٺيءَ کي ڌرتي،
بلڪ لنگهي وڃڻ وارن لاءِ سڙڪ بڻائي ڇڏيو آهي.
هائو، اهو پيالو آءٌ انهن کي پيئاريندس،
جيڪي اوهان کي چون ٿا تہ
’هيٺ جهڪو تہ اسين اوهان جي مٿان لنگهي وڃون.‘“

## يروشلم لاءِ اميد جو پيغام

52 1 جاڳ، اي صيئون! جاڳ،
اُٿي کڙو ٿيءُ ۽ زور وٺ.
هائو، اي يروشلم! اي پاڪ شهر!
هاڻ شان وَ شوڪت کي پنهنجي پوشاڪ بڻاءِ،
ڇالاءِجو اڄ کان پوءِ ڪوبہ غير قوم جو لشڪر،
هائو، ڪوبہ ناپاڪ سپاهي ڪاهہ ڪري تو ۾ اندر نہ گهڙندو.
2 اي قيدي يروشلم! پنهنجي ڳچيءَ مان زنجير لاهي ڦٽو ڪر.
هائو، اي صيئون! پاڻ تان مٽي ڇنڊي
اٿي پنهنجي تخت تي ويهہ.

3 خداوند فرمائي ٿو تہ ”اي منهنجي قوم وارؤ! جڏهن اوهين
غلام بڻايا ويا هئا، تڏهن مفت وڪاڻا هئا، سو هاڻي ڇڏايا بہ بنا پيسن
ويندا. 4 ڏسو، گهڻو عرصو اڳي جڏهن اوهان جا ابا ڏاڏا مصر ۾
ڌارين وانگر رهندا هئا، تڏهن اشورين بنا ڪنهن ڏيتي ليتيءَ جي ڪين
زبردستيءَ ڪٽي وجي مٿن ظلم ڪيا. 5 هاڻي اها ساڳي ڳالهہ بابل
۾ ٿي رهي آهي، جو اوهان کي قيد ڪيو پيو وڃي. اوهان جي مٿان
حڪمراني ڪندڙ هر روز گهڙيءَ گهڙيءَ ٻٽاڪ ۽ لٻاڙ هڻندي منهنجي
نالي تي ڪفر ٿا بڪن. 6 تنهنڪري اي منهنجي قوم وارؤ! ايندڙ
وقت ۾ جڏهن اوهان کي بچايو ويندو تڏهن اوهين ڄاڻي وٺندا تہ مون
خداوند ئي اوهان سان واعدو ڪيو هو. اِجهو، اهو آءٌ ئي آهيان.“

7 ڏسو، ڪيترو نہ خوبصورت نظارو آهي،
جو خوشخبري ڏيندڙ جبلن تان لهي اچي
يروشلم وارن کي اعلان ڪري ٻڌائي ٿو تہ
”ٻڌو، اوهان لاءِ ڀلائيءَ جي خوشخبري آهي،
اوهين بچايا ويا آهيو.
هاڻي اوهين امن وَ سلامتيءَ سان رهندا،
ڇالاءِجو هاڻي اوهان جو خدا پاڻ بادشاهي ٿو ڪري.“
8 شهر جي پهريدارن جو تمام جوشيلو آواز ٻڌڻ ۾ اچي ٿو.
هائو، اهي خوشيون ملهائيندي گڏجي ڳائين ٿا،
ڇالاءِجو اهي خداوند کي يروشلم ڏانهن موٽندي
پنهنجي اکين سان ڏسن ٿا.

9 اي يروشلم جون کنڊر بڻجي ويل جايون!
اوهين گڏجي خوشيءَ جا گيت ڳايو،
ڇالاءِجو خداوند پنهنجي قوم کي دلداري ڏئي ٿو،
تہ هو يروشلم کي بچائڻ وارو آهي.
10 خداوند سڀني قومن کي
پنهنجي زور واري طاقت ڏيکارڻ وارو آهي.
هاڻي ڌرتيءَ تي رهندڙ هر ڪو ماڻهو
اسان جي خدا جي بچائڻ واري قدرت ڏسندو.
11 اي خداوند جي هيڪل جو سامان کڻي هلڻ وارؤ!
روانا ٿيو، هائو، اوهين بابل شهر مان نڪري وڃو.
اوهين ڪنهن بہ ناپاڪ شيءِ کي نہ ڇُهو،

1:52 مڪا 2:21، 27    5:52 رو 24:2    7:52 ناح 15:1، رو 15:10، اف 15:6    11:52 2.ڪر 17:6

بلڪ پاڪيزگيءَ سان انهيءَ منجهان نڪري وڃو.
12 هن دفعي اوهين تڙ تڪڙ ۾ نه نڪرندا،
نڪي ڪو اوهان جي پٺيان هوندو جو اوهين ڀڄي نڪرو،
بلڪ خداوند، بني اسرائيل جو خدا اوهان جي رهنمائي ڪندو،
۽ هر طرف کان اوهان جي حفاظت ڪندو.

## ڏک سهندڙ خدا جو ٻانهو

13 خداوند فرمائي ٿو ته
”ڏسو، منهنجو ٻانهو ڪامياب ٿيندو.
هو سرفراز ۽ سربلند ڪيو ويندو،
۽ وڏي درجي کي رسندو.
14 پهريائين هن کي ڏسي گهڻن ماڻهن کي هيبت وٺي ٿي ويئي،
ڇالاءِجو مصيبتون سهڻ ڪري
هن جي شڪل ايتري ته بگڙي ويئي هئي،
جو هن کي ڪو مشڪل سان ئي انسان سمجهي ٿي سگهيو.
15 پر هاڻ گهڻيون ئي قومون هن کي ڏسي
عجب ۾ پئجي وينديون.
هن جي آڏو بادشاهه پنهنجو وات بند ڪري ڇڏيندا،
ڇالاءِجو هو اهو ڪجهه ڏسندا،
جيڪو هنن ٻڌو ئي نه هو،
هائو، هو اهو ڪجهه ڏسندا،
جيڪو هنن ڪڏهن ڄاتو ئي نه هو.“

53 1 تڏهن ماڻهو چوڻ لڳا ته
”جيڪو پيغام اسان خدا جي انهيءَ ٻانهي بابت ٿي ڏنو،
تنهن تي ڪير يقين ڪري ٿي سگهيو؟
ڪير انهيءَ ۾ خداوند جي زور واري طاقت کي
سمجهي ٿي سگهيو؟
2 پر ٿيو ائين ئي جيئن خدا جي مرضي هئي ته
سندس ٻانهو هڪڙي خسيس ٻوٽي وانگر
مشڪلاتن جي خشڪ زمين مان پاڙ هڻي ڦٽي نڪري.
سو انهيءَ ۾ نه ڪا حشمت هئي،
۽ نه وري ڪا سونهن هئي جو اسين ڏانهس ڌيان ڏيون.
منجهس ڪا خوبصورتي ئي ڪانه هئي،
جو اسين سندس مشتاق بڻجون.
3 هو ماڻهن ۾ حقير ۽ رد ٿيل هو.
هن جي زندگي ڏکن ۽ مشڪلاتن سان اهڙي ته ڀريل هئي،
جو اسان به ڏانهس ڏسڻ گوارا نه ٿي ڪيو.
هن کي ڌڪاريو ويو،
۽ اسان به سندس ڪو قدر نه ڪيو.

4 يقيناً هن اسان جا ڏک سٺا،
۽ اسان جا غم پاڻ تي کنيا.
پر اسان هن جي تڪليفن کي
خدا جي طرفان مليل سزا سمجهيو.
5 جڏهن ته هو اسان جي ئي گناهن جي ڪري زخمي ڪيو ويو،
۽ اسان جي ئي بڇڙاين جي ڪري چٿيو ويو.
اسان جي سلامتيءَ لاءِ هن تي سزا آئي،
۽ هن جي ئي مار کائڻ ڪري اسين ڇٽي چڱا ڀلا ٿياسين.
6 اسين سڀ اهڙين رڍن وانگر آهيون،
جيڪي پنهنجي رستي کان ڀٽڪي ٿيون وڃون.
اسان مان هر ڪو پنهنجي پنهنجي رستي ڏانهن ڦري ٿو وڃي.
پر خداوند اها سزا هن جي مٿان آندي،
جڏهن ته انهيءَ سزا جا حقدار اسين ئي هئاسين.
7 هن تي ظلم ڪيو ويو پر هن اهو برداشت ڪيو،
۽ واتان ٻڙڪ به نه ڪڇيائين.
هائو، جيئن ڪو گهيٽو ڪهڻ واري جي اڳيان،
يا ڪا رڍ اُن ڪترڻ واري جي اڳيان ماٺ ڪيو بيهندي آهي،
تيئن هن به هڪ لفظ نه ڪڇيو.
8 هن کي گرفتار ڪيو ويو،
۽ مٿس سزا جي فتويٰ مڙهي ڪيس مارڻ لاءِ نيو ويو.
هن جي انجام جي ڪنهن به پرواهه نه ڪئي.
ڪيس جيئرن جي جهان مان ڪڍيو ويو.
هائو، هو اسان جي گناهن جي ڪري قتل ڪيو ويو.
9 جيتوڻيڪ هن ڪوبه ظلم نه ڪيو هو،
۽ نه وري سندس زبان مان ڪا ٺڳيءَ جي ڳالهه نڪتي هئي،
تنهن هوندي به ڪيس بدڪارن سان گڏ دفنايو ويو،
۽ دولتمندن سان گڏ قبر ۾ رکيو ويو.“

10 خداوند فرمائي ٿو ته
”اها منهنجي مرضي هئي ته هو ڏک سهي،
بيشڪ هن جو موت گناهن جي معافيءَ واسطي ڪفارو هو.
سو هاڻ هو وڏي عمر ماڻيندو ۽ پنهنجو نسل ڏسندو.
هن جي وسيلي منهنجي مرضي پوري ٿيندي.
11 هو پنهنجي ڏکن واري زندگيءَ کان پوءِ وري خوشيون ڏسندو.
هن کي مون بابت وڏو عرفان حاصل هوندو،

---

15:52 رو 21:15 | 1:53 يو 38:12، رو 16:10 | 4:53 مت 17:8 | 5:53 1.پط 24:2 | 6:53 1.پط 25:2 | 7:53 مڪا 6:5
7:53–8 رس 32:8–33 | 9:53 1.پط 22:2

سو منهنجو اهو سچار ٻانهو گھڻن ئي کي سچار ٺهرائيندو،
۽ انهن جون خطائون پنهنجي سر تي کڻندو.
هائو، هن جي خاطر آءٌ گھڻن ئي کي معاف ڪري ڇڏيندس.
12 جيئن ته هن پنهنجي جان موت جي حوالي ڪئي،
تنهنڪري آءٌ خداوند هن کي عزت ۽ طاقت عطا ڪندس.
ماڻهن هن کي گنهگار سمجھيو،
جڏهن ته هن گھڻن جا گناهه پنهنجي سر تي کنيا،
۽ بدڪارن جي شفاعت ڪيائين."

## بني اسرائيل لاءِ خداوند جي محبت

54 1 اي *يروشلم جي وسندي!
تون جيڪا هڪ سنڍ عورت وانگر هئينءَ،
جنهن کي ڪو ٻار ئي نه ٿي ٿيو،
سا خوشيءَ وچان ڳاءِ.
هائو، تون جنهن ويم جا سور ئي نه سٺا هئا،
سا وڏي آواز سان خوشيءَ وچان ڳاءِ،
ڇالاءِجو تو بابت خداوند جو واعدو آهي ته
ڏهاڳڻ جو اولاد سهاڳڻ جي اولاد کان گھڻو ٿيندو.
2 جيئن ماڻهو اولاد جي وڌڻ ڪري
پنهنجي تنبوءَ جي جاءِ ڪشادي ٿا ڪن،
انهيءَ جا رسا ڊگها ٿا ڪن ۽ انهيءَ جا ڪِلا مضبوط ٿا ڪن،
تيئن ئي تون به ڍرائي نه ڪر.
هائو، پنهنجي آباديءَ جي حدن کي وڌائي ڇڏ.
3 هن ڪري جو تنهنجون سرحدون
چئني طرفن ڏانهن وڌي وينديون.
هائو، تنهنجو نسل پنهنجا اهي علائقا واپس وٺندو،
جيڪي ٻين قومن جي قبضي هيٺ آهن.
تنهنجو نسل ويران شهرن کي وري آباد ڪندو.

4 ڊڄ نه، ڇالاءِجو تون وري شرمسار نه ٿيندينءَ.
پريشان نه ٿيءُ، ڇوجو تون وري خوار نه ٿيندينءَ،
بلڪ تون پنهنجي جوانيءَ جي شرمندگي وساري ڇڏيندينءَ،
۽ پنهنجي رن‌زال هجڻ جو مهڻو وري نه ٻڌندينءَ.
5 ڇالاءِجو تنهنجو خالق ئي تنهنجو مڙس آهي،
جنهن جو نالو قادرِمطلق خداوند آهي.
هو تنهنجو بچائيندڙ ۽ بني اسرائيل جو پاڪ معبود آهي،
اهو ئي سڄيءَ دنيا جو حاڪم آهي.
6 تون هڪ اهڙي جوان زال وانگر هئينءَ،
جنهن کي مڙس ڇڻ ڇڏي ڏنو هجي،
۽ جنهن جي دل ڏکايل هجي.
پر هاڻي خداوند تو کي وري زال سڏيندي فرمائي ٿو ته
7 "مون تو کي هڪڙي لحظي لاءِ ڇڏي ڏنو هو،
پر هاڻ گھڻيءَ ٻاجهه سان
آءٌ تو کي وري پنهنجي سيني سان لائيندس.
8 آءٌ خداوند تنهنجو بچائيندڙ چوان ٿو ته
تمام گھڻيءَ ڪاوڙ سبب مون هڪ لحظي واسطي
تو کان پنهنجو منهن موڙيو هو.
پر هاڻي ابدي شفقت سان آءٌ تو تي رحم ڪندس.
9 جهڙيءَ طرح مون نوح جي ڏينهن ۾ واعدو ڪيو هو ته
نوح جي طوفان جهڙي ٻوڏ وري ڌرتيءَ تي نه ايندي،
تهڙيءَ طرح هاڻي آءٌ تو سان واعدو ٿو ڪريان ته
آءٌ وري تو تي نه ڪاوڙبس،
نڪي تو کي سزا ڏيندس.
10 آءٌ خداوند تو تي رحم ڪرڻ وارو چوان ٿو ته
توڙي جو جبل لُڏي وڃن ۽ ٽڪريون هٽجي وڃن،
تڏهن به منهنجي رحمت تو تان نه هٽندي،
نڪي منهنجي سلامتيءَ واري عهد ۾ ئي ڪا ڦيرڦار ايندي."

## نئون يروشلم

11 خداوند فرمائي ٿو ته
"اي مصيبت ۽ طوفان جي ماريل يروشلم جي وسندي!
جيڪا امن وَ سڪون کان محروم آهين،
ڏس، آءٌ قيمتي پٿر جَڙي وري تو کي اڏيندس.
آءٌ تنهنجا بنياد نيلم جا،
12 تنهنجا منارا لعلن جا،
تنهنجا دروازا شب‌چراغ جا،
۽ تنهنجون سڀيئي ديوارون هيرن جواهرن جون جوڙيندس.
13 تنهنجي سيني رهاڪن کي آءٌ پاڻ تعليم ڏيندس،
۽ کين خوشحالي ۽ امن وَ سلامتي عطا ڪندس.
14 انصاف ۽ سچائي تو کي قائم وَ دائم رکنديون.
ظلم ۽ دهشت تنهنجي ويجهو به نه ايندي،
۽ تون بلڪل نه ڊڄندينءَ.
15 ڏس، جيڪڏهن تو تي ڪو حملو ڪندو،
ته اهو منهنجي طرفان نه هوندو.
بلڪ تو تي حملو ڪندڙ تنهنجي ڪري قتل ڪيا ويندا.
16 ڏس، مون لوهار خلقيو آهي،

*يروشلم جي وسندي: هن شاعريءَ ۾ يروشلم شهر کي خداوند جي زال ۽ بني اسرائيل جي ماءُ سڏيو ويو آهي.

12:53 مر 28:15، لو 37:22 — 1:54 گل 27:4 — 9:54 پيد 8:9–17 — 11:54–12 مڪا 18:21–21 — 13:54 يو 45:6

جيڪو ٽانڊن کي ڦوڪي باهہ ٻاري ٿو،
۽ هٿيار گهڙي تيار ڪري ٿو.
مون لشڪر بہ پيدا ڪيا آهن،
جيڪي انهن هٿيارن کي استعمال ڪري تباهي ٿا آڻين.
17 پر انهن مان ڪوبہ هٿيار تو کي نقصان پهچائي نہ سگهندو.
عدالت ۾ جيڪي تنهنجي خلاف ڳالهائيندا،
تن کي تون ڪوڙو ثابت ڪندينءَ.
اهڙيءَ ئي طرح آءٌ پنهنجن ٻانهن جي حفاظت ٿو ڪريان،
۽ کين فتحيابي عطا ٿو ڪريان.
اهو مون خداوند جو فرمان آهي.“

## چوٽڪاري جو سڏ

55 1 خداوند فرمائي ٿو تہ
”اي سمورا اڃايلؤ! اچو، اچي پاڻي پيئو.
اوهين جن وٽ پيسو ڪونهي، سي بہ اچو،
اچي اناج وٺو ۽ کائو.
هائو، اچو ۽ اڻمُلهو ۽ بنا پيسي مئي ۽ کير وٺو.
2 جيڪا شيءِ صحيح ڪاڏي طور استعمال نہ ٿي ٿئي،
تنهن لاءِ پنهنجو پيسو ڇو ٿا ضايع ڪريو؟
هائو، جنهن شيءِ مان ڍءُ نہ ٿو ٿئي،
تنهن لاءِ پورهيو ڇو ٿا ڪريو؟
اوهين غور سان منهنجي ڳالهہ ٻڌو،
جيڪا چڱي شيءِ هجي سا کائو،
۽ عمدي کاڌي مان لذت حاصل ڪريو.
3 اي منهنجي قوم وارؤ!
هاڻي منهنجي ويجهو اچو ۽ ڪن ڏيئي ٻڌو.
هائو، ٻڌو تہ جيئن اوهين جيئرا رهو.
آءٌ اوهان سان اهو ئي دائمي شفقت وارو عهد ڪندس،
جيڪو مون دائود سان ڪيو هو.
4 ڏسو، مون هن کي قومن جو اڳواڻ ۽ حڪمران مقرر ڪيو.
هن جي وسيلي مون قومن کي پنهنجي قدرت ڏيکاري.
5 ڏسو، جيڪي غير قومون
اوهان کي ڪا اهميت نہ ڏينديون هيون،
تن کي هاڻي اوهين سڏيندا تہ
اهي مون خداوند اوهان جي خدا،
يعني بني اسرائيل جي پاڪ معبود جي ڪري
اوهان وٽ ڊوڙنديون اينديون.
ڇالاءِجو آءٌ اوهان کي عظمت ۽ شان عطا ڪندس.“

6 سو خداوند آڏو توبهہ‌تائب ٿيو ۽ ڪانئس دعا گهرو.
هائو، خدا کي پڪاريو، جو هي سندس قبوليت جو وقت آهي.
7 شرير ماڻهو پنهنجو رستو تبديل ڪن،
۽ بدڪار ماڻهو پنهنجا خيال بدلائين.
اهي خداوند، اسان جي خدا آڏو توبهہ‌تائب ٿين،
تہ هو مٿن رحم ڪندو.
بيشڪ اهو بيحد معاف ڪندڙ آهي.

8 خداوند فرمائي ٿو تہ
”منهنجا خيال اوهان جي خيالن جهڙا ناهن،
۽ منهنجا رستا اوهان جي رستن کان مختلف آهن.
9 جيئن آسمان زمين کان اوچو آهي،
تيئن ئي منهنجا رستا اوهان جي رستن کان،
۽ منهنجا خيال اوهان جي خيالن کان بلند آهن.
10 جهڙيءَ طرح آسمان مان مينهن وسي ٿو،
۽ ڳڙو پوي ٿو،
۽ اهي وري اوڏانهن موٽي نہ ٿا وڃن،
بلڪ زمين کي ريج ٿا ڏين،
۽ انهيءَ ۾ ساوڪ ۽ فصل پيدا ڪرڻ جو سبب ٿا بڻجن،
انهيءَ لاءِ تہ پوکڻ لاءِ ٻج ۽ کائڻ لاءِ کاڌو ملي،
11 تهڙيءَ ئي طرح منهنجو ڪلام بہ هوندو،
جيڪو منهنجي واتان ٿو نڪري.
اهو مون ڏانهن خالي نہ موٽندو،
بلڪ جيڪي آءٌ چاهيان ٿو سو پورو ڪندو،
۽ جنهن ڳالهہ لاءِ مون هن کي موڪليو هوندو،
تنهن ۾ اهو ڪامياب ٿيندو.

12 هاڻي اوهين بابل مان خوشيون ڪندي نڪري ايندا،
۽ سلامتيءَ سان روانا ڪيا ويندا.
جبل ۽ ٽڪريون اوهان جي اڳيان گيت ڳائڻ لڳندا،
۽ سڀيئي وڻ تاڙيون وڄائيندا.
13 پوءِ جتي هاڻي ڪنڊيون اپريل آهن،
اتي صنوبر جا وڻ ڦٽندا،
۽ ڪانڊيرن جي جاءِ تي مُر جا وڻ نڪري ايندا.
اهي وڻ مون خداوند جي پاران
هڪڙي اهڙي نشانيءَ طور قائم ٿيندا،
جيڪا ڪڏهن بہ فنا نہ ٿيندي.“

## هر قوم خداوند جي قوم ۾ شامل ٿيندي

56 1 خداوند پنهنجي قوم کي فرمائي ٿو ته
"اوهين انصاف کي قائم رکو،
۽ سچائيءَ تي عمل ڪندا رهو،
ڇالاءِجو آءٌ جلد ئي اوهان کي ڇڏائڻ لاءِ اچي رهيو آهيان،
اوهان کي ڇڏائڻ مان منهنجي سچائي ظاهر ٿيندي.
2 سڀاڳا آهن اهي انسان جيڪي انهن ڳالهين تي عمل ٿا ڪن!
۽ اهي به جيڪي *سبت جي ڏينهن کي ملهائين ٿا،
۽ انهيءَ جي بي‌حرمتي نه ٿا ڪن.
سڀاڳا آهن اهي انسان! جيڪي پنهنجن هٿن کي
هر طرح جي برائيءَ وارن ڪمن کان روڪي ٿا رکن."

3 جيڪو به غير قوم وارو
خداوند جي قوم سان اچي شامل ٿيو آهي،
سو ائين نه چوي ته
"شايد آءٌ خداوند جي قوم کان الڳ ليکيو ويندس."
نه ئي وري ڪو †نامرد ائين چوي ته
"ڏسو، آءٌ ته هڪڙي سڪل وڻ جيان
برڪتن کان محروم آهيان."
4 ڇالاءِجو خداوند اهڙن ماڻهن لاءِ هيئن ٿو فرمائي ته
"جيڪي به اهڙا ماڻهو منهنجي سبت وارا ڏينهن ملهائين ٿا،
منهنجي پسند واريون ڳالهيون اختيار ڪن ٿا،
۽ منهنجي عهد تي قائم ٿا رهن،
5 تن جي يادگار لاءِ آءٌ پنهنجي گهر ۽ پنهنجي چوديواريءَ اندر،
سندن نالي جو چٽ هڪ ٿنڀو کڙو ڪندس،
۽ اهو يادگار انهيءَ کان وڌيڪ بهتر هوندو،
جو ٻارن جي نالي سان ياد ڪيو وڃي.
هائو، آءٌ انهن مان هر هڪ جو نالو اهڙو قائم ڪندس،
جيڪو ڪڏهن به مٽجي نه سگهندو.

6 جيڪي به غير قوم وارا
مون خداوند جي قوم سان شامل ٿي وڃن ٿا،
منهنجي بندگي ڪن ٿا،
منهنجي نالي سان محبت رکن ٿا،
منهنجا ٻانها ٿي رهن ٿا،
۽ جيڪي سبت جو ڏينهن ملهائين ٿا،
۽ انهيءَ جي بي‌حرمتي نه ٿا ڪن،
۽ منهنجي عهد تي قائم ٿا رهن،
7 تن کي آءٌ يروشلم واري پاڪ جبل صيئون تي آڻيندس،
۽ دعا واري پنهنجي گهر ۾ کين شادمان ڪندس.
انهن جون ساڙڻ واريون قربانيون،
بلڪ سڀيئي قربانيون منهنجي قربان‌گاهه تي قبول پونديون،
ڇالاءِجو منهنجو هيڪل سڀني قومن لاءِ دعا جو گهر سڏبو."

8 خداوند خدا، جيڪو بني اسرائيل جي جلاوطن ٿيلن کي
وري وطن ۾ آڻي گڏ ٿو ڪري،
سو فرمائي ٿو ته
"آءٌ غير قوم وارن کي به
پنهنجي قوم ۾ آڻي اوهان سان گڏ ڪندس."

## بدڪار اڳواڻن کي نندڻ

9 خداوند غير قوم وارن کي حڪم ٿو ڏئي ته
"اچو، جهنگلي جانورن وانگر منهنجي قوم کي ڳڙڪائي وڃو.
10 ڇالاءِجو منهنجي قوم جا سڀيئي نگهبان انڌا آهن.
انهن سڀني کي ڪا ڄاڻ نه آهي.
هائو، اهي سڀ اهڙن بيڪار پهريدار ڪتن مثل آهن،
جيڪي گونگا آهن ۽ ڀونڪي به نه ٿا سگهن.
اهي خوابن ۾ گم رهڻ وارا آهن،
جن کي سستيءَ مان ليٽيو رهڻ ئي پسند آهي.
11 هائو، اهي لالچي ڪتن مثل آهن،
جيڪي ڪڏهن به نه ٿا ڍاپجن.
اهي اهڙا اڳواڻ آهن جن کي ڪابه سمجهه ڪانهي.
انهن مان هر ڪو پنهنجو پنهنجو مفاد پيو سوچي،
۽ پنهنجي فائدي لاءِ ماڻهن سان زيادتيون پيو ڪري.
12 اهي سڀ هڪ ٻئي کي چون ٿا ته
'اچو ته مئي پيئون ۽ نشا ڪري مست ٿيون،
سڀاڻي جو ڏينهن به اڄوڪي ڏينهن وانگر ٿيندو،
بلڪ انهيءَ کان به وڌيڪ بهتر ٿيندو.'"

---

*سبت: يعني آرام جو ڏينهن.

†نامرد: موسيٰ جي شريعت مطابق ڪوبه نامرد نڪي ڪاهن ٿي سگهيو ٿي ۽ نه وري خداوند جي قوم ۾ حق حقوق رکندڙ فرد ٿي سگهيو ٿي. ڏسو لاو 21:18–21، شر 23:1.

56:2 شر 5:12–15    56:7 مت 21:13، مر 11:17، لو 19:46

## بتپرستيءَ کي ننڊڻ

57

1 سچار ماڻهو ماريا ٿا وڃن،
۽ ڪوبہ انھيءَ ڳالھہ کي ڌيان ۾ نہ ٿو آڻي.
نيڪ ماڻهو هن دنيا مان ختم ٿيندا ٿا وڃن،
۽ ڪوبہ انھيءَ بابت نہ ٿو سوچي.
هائو، هت سچار ماڻهو قيد ٿيو وڃن،
جڏهن تہ بڇڙا ماڻهو ڇٽيو وڃن.
2 پر اهي نيڪيءَ واري زندگي گذارڻ وارا
مرڻ بعد سلامتي ۽ آرام ٿا حاصل ڪن.

3 خداوند بتپرستن کي فرمائي ٿو تہ
”اي گنهگارؤ! اوهين جادوگرن جو اولاد،
۽ زناڪارن ۽ ڪسب ڪندڙن جو نسل آهيو.
هاڻي اوهين عدالت ۾ اچي صفائي ڏيو تہ
4 اوهين ڪنهن تي ٺٺوليون ٿا ڪريو؟
اوهين ڪنهن تي ايڏو وات ڦاڙيو ٿا ۽ زبان ڪڍو ٿا؟
اوهين تہ پاڻ بدڪار ۽ ڪوڙا آهيو.
5 اوهين شاهبلوط وڻن وٽ،
بلڪ هر سائي وڻ هيٺ بتن جي پوڄا ڪندي
زناڪاريءَ ۾ غرق ٿي ٿا وڃو،
۽ برساتي نهرن ۾ ٽڪرين جي ڇاڙن وٽ
قربانيءَ طور پنھنجي ٻارن کي ڪهو ٿا.
6 اوهين برساتي نهرن مان لسا پٿر کڻي
انهن کي معبود بڻائي سندن پوڄا ٿا ڪريو.
هائو، انهن لاءِ ئي اوهين اوتڻ واري قرباني
۽ نذرانا پيش ٿا ڪريو.
ڇا اوهين سمجهو ٿا تہ انهن ڳالهين ڪان آءٌ خوش ٿيندس؟
7 اوچي ۽ مٿاهين جبل تي وڃي
اوهين بتن آڏو قربانيون پيش ٿا ڪريو.
اتي اوهين انهن جي نالي زناڪاري ڪرڻ لاءِ پڻ
هنڌ وڇائي پئجي ٿا رهو.

8 اي منهنجي قوم! تو پنھنجي دروازن ۽ چوڪائين جي پٺيان
گندا بت ڪوڙي ڇڏيا آهن.
هائو، اي بيوفا زال! تو مون کي ڇڏي ٻين معبودن جي اڳيان
پاڻ کي اگهاڙو ڪيو آهي،
۽ پنھنجي زناڪاري وڌائي آهي.
پوءِ جڏهن تو کي پنھنجي يارن کان پري ڪيو ويو،
تڏهن بہ تون هنن جي بسترن تي
اگهاڙي ٿي سمهڻ لاءِ مشتاق رهينءَ.

9 تون پاڻ کي زيتون جو تيل ۽ هر قسم جون سرهاڻيون مکي
مولڪ ديوتا وٽ ويندي رهي آهين.
تو اهڙن ٻين بہ يارن جي ڳولها لاءِ
پري پري تائين ماڻهو موڪليا،
هائو، تو غير معبودن جي ڳولها لاءِ
پاتال تائين پئي ماڻهو موڪليا آهن.
10 جيتوڻيڪ تو اهڙن يارن جي پٺيان ڊوڙندي
پاڻ کي ٿڪائي وڌو آهي،
تڏهن بہ تون انهن مان سوس نہ ٿي پلين.
تنهنجي بڇڙي خواهش تو کي تازگي ٿي بخشي،
سو تون ڪڏهن بہ بيدل نہ ٿي ٿئين.

11 اي بني اسرائيل! ڀلا اوهين ڪنهن کان ٿا ڊڄو،
۽ ڪنهن جي ڊپ جي ڪري ڪوڙن معبودن کي ٿا پوڄيو،
۽ مون کي ياد بہ نہ ٿا ڪريو،
نڪي پنهنجيءَ دل ۾ مون بابت سوچو ٿا؟
ڇا اهو سڀ هن ڪري نہ آهي
جو آءٌ گهڻي عرصي کان ماٺ ۾ آهيان،
۽ اوهان کي ڪا سزا ڪانہ ڏني اٿم؟
اهو ئي سبب آهي جو اوهين مون کان نہ ٿا ڊڄو.
12 توڙي جو آءٌ کڻي اوهان جون نيڪيون،
۽ چڱايون ظاهر بہ ڪريان،
پر انهن مان بہ اوهان کي ڪو فائدو نہ ٿيندو.
13 مصيبت جي وقت جڏهن اوهين مدد لاءِ دانهون ڪندا،
تڏهن ڀلي تہ اوهان جا معبودن وارا گڏ ڪيل اهي بت
اچي اوهان کي بچائين.
ياد رکو، انهن سڀني کي تہ هڪڙي ڦوڪ ئي اُڏائي ڇڏيندي.
پر جيڪڏهن اوهين پنهنجي حفاظت لاءِ مون وٽ ايندا،
تہ پوءِ منهنجي پاڪ جبل،
بلڪ هن سڄي ملڪ جا اوهين وارث ٿيندا.“

## ٽٽل دلين لاءِ دلداري

14 خداوند فرمائي ٿو تہ
”سڌو ڪريو، سڌو ڪريو، رستو ٺاهي تيار ڪريو،
هائو، منهنجي قوم جي رستي مان هر رڪاوٽ دور ڪري ڇڏيو،
تانتہ اها توبہتائب ٿي مون ڏانهن موٽي اچي.

15 آءٌ ئي عظيم ۽ سربلند خدا آهيان،
جيڪو سدائين قائم وَ دائم آهيان،
۽ منهنجو نالو پاڪ آهي.
جيتوڻيڪ آءٌ عرش عظيم تي پاڪ جاءِ ۾ رهان ٿو،

تڏهن بہ آءٌ شڪستہ دل ۽ نماڻن سان گڏ آهيان،
انهيءَ لاءِ تہ نماڻن جي روح کي
۽ شڪستہ دلين کي وري تازو توانو ڪريان.
16 آءٌ پنهنجي قوم سان سدائين جهيڙو نہ ڪندس،
نڪي مٿن هميشہ غضبناڪ رهندس،
نہ تہ سندن روح ۽ جانيون،
جن کي مون پيدا ڪيو آهي،
سي منهنجي اڳيان بيتاب ٿي ويندا.
17 آءٌ سندن لالچ واري بڇڙائيءَ تي ڪاوڙيو هوس،
سو مون کين سزا ڏني،
۽ ڪاوڙجي هنن کان منهن موڙي ڇڏيو هوم.
پر اهي پنهنجي هوڏ تي قائم رهيا،
۽ پنهنجي دلپسند رستي تي هلندا رهيا.

18 آءٌ هنن جي فطرت کان پوريءَ طرح واقف آهيان،
تنهن هوندي بہ آءٌ کين بحالي عطا ڪندس،
۽ سندن رهبري ڪندس.
آءٌ هنن کي ۽ سندن غمخوارن کي وري دلداري ڏيندس.
19 جنهن جو قول پنهنجو پاڻ فعل جي صورت اختيار ٿو ڪري،
آءٌ اهو ئي خداوند فرمايان ٿو تہ
آءٌ سيني کي سلامتي بخشيندس،
توڙي اهي ويجهو هجن يا پري.
هائو، آءٌ پنهنجي قوم کي ضرور بحالي عطا ڪندس.
20 جڏهن تہ بدڪار ماڻهو
چوليون هڻندڙ انهيءَ سمنڊ وانگر آهن،
جيڪو هميشہ بيقرار ٿو رهي،
۽ جنهن جون چوليون گپ ۽ گندگي ٿيون اڇلائين.
21 انهن بدڪار ماڻهن لاءِ ڪا سلامتي ڪونهي.
اهو مون خداوند جو فرمان آهي."

## حقيقي روزو

58 1 خداوند مون کي فرمايو تہ
"پڪار، ايترو وڏي آواز سان پڪار،
جيترو پڪاري سگهين ٿو.
نفيل وانگر پنهنجو آواز بلند ڪر،
۽ منهنجي قوم بني اسرائيل کي سندن گناهہ ظاهر ڪري ٻڌاءِ.
2 بيشڪ اهي اهڙي قوم جو ڏيکاءُ ڪن ٿا
جيڪا سچائيءَ وارا ڪم ٿي ڪري،
۽ پنهنجي خدا جي شريعت کان منهن نہ ٿي موڙي.
اهي روز بروز منهنجي عبادت ڪندا رهن ٿا،
۽ دعويٰ ٿا ڪن تہ
'اسين خداوند جي رستن کي ڄاڻڻ چاهيون ٿا،
اسين ڪانئس سچائيءَ وارا حڪم طلب ڪريون ٿا،
۽ سندس عبادت ڪرڻ ۾ خوش ٿيون ٿا.'
3 تڏهن بہ اهي ائين چوندا ٿا رهن تہ
'اسين چو روزا رکون،
جڏهن تہ خداوند انهن تي ڪو ڌيان ئي نہ ٿو ڏئي؟
اسين چو پنهنجي جان کي ڏک ڏيون،
جڏهن تہ هو انهيءَ جي خبر ئي نہ ٿو رکي؟'"

خداوند کين ورندي ڏيئي چوي ٿو تہ
"حقيقت هيءَ آهي جو پنهنجي روزي جي ڏينهن
اوهين رڳو پنهنجو مطلب پورو ٿا ڪريو،
۽ پنهنجي نوڪرن کان سخت ڪم ٿا وٺو.
4 ڏسو، اوهين جهيڙي ۽ تڪرار لاءِ روزو ٿا رکو،
۽ دنگي ۽ فساد کان باز نہ ٿا اچو.
ڇا اوهين سمجهو ٿا تہ اهڙي قسم جو روزو رکي
اوهين پنهنجون دعائون مون تائين پهچائي سگهو ٿا؟
5 ڇا اهڙو روزو مون کي پسند آهي؟
ڇا اوهان جي نظر ۾ روزو اهو ئي آهي تہ
ماڻهو پنهنجي جان کي ڏک ڏئي،
ڪاني وانگر پنهنجو مٿو جهڪائي ويهي،
۽ پنهنجي هيٺان ڪٿو وڇائي مٿي ۾ رک وجهي ويهي؟
ڀلا انهيءَ کي روزو چئي سگهجي ٿو ڇا؟
هائو، انهيءَ کي اوهين مون خداوند وٽ
قبول پوڻ وارو روزو چوندا ڇا؟

6 پر جيڪو روزو مون کي پسند آهي سو هي آهي تہ
ظلم جا زنجير ٽوڙيا وڃن،
غلاميءَ جي پاڃاريءَ جا رسا ڇوڙيا وڃن،
مظلومن کي آزاد ڪيو وڃي،
بلڪ هر قسم جي غلاميءَ جي پاڃاري ڀڃي ڇڏجي.
7 اهو ئي تہ حقيقي روزو آهي جو
اوهين پنهنجي ماني بکين کي ڏيو،
۽ جيڪي غريب دربدر آهن تن کي پنهنجي گهر وٺي اچو.
جڏهن ڪو اگهاڙو ڏسو تہ انهيءَ کي اوهين ڪپڙا ڍڪايو،
۽ پنهنجي مٽن مائٽن جي مدد ڪرڻ کان انڪار نہ ڪريو.
8 تڏهن منهنجو راضپو

19:57 اف 17:2   21:57 يس 22:48   7:58 مت 35:25–36

اوهان جي مٿان سج جي ڪرڻن وانگر چمڪڻ لڳندو،
۽ جلد ئي اوهان جا هر طرح جا لاڳاپا بحال ٿي ويندا.
اوهان کي بچائڻ لاءِ آءٌ هميشه اوهان سان گڏ هوندس،
۽ منهنجي موجودگي هر طرف کان اوهان جي حفاظت ڪندي.
9 پوءِ جڏهن اوهين مون کان دعا گهرندا،
تہ آءٌ اوهان جي دعا قبول ڪندس.
اوهين مون کي پڪاريندا تہ آءٌ چوندس تہ
’اِجهو، آءٌ اوهان وٽ آهيان.‘

جيڪڏهن اوهين پاڻ منجهان ظلم کي،
ٻين تي طعنا ۽ الزام هڻڻ کي،
۽ ٻين جي گلا ڪرڻ کي ڪڍي ڇڏيندا،
10 جيڪڏهن اوهين دل سان بکين جي سار لهندا،
۽ ڏکويلن جي دلجوئي ڪندا،
تہ پوءِ اونداهيءَ ۾ بہ اوهان لاءِ روشني چمڪڻ لڳندي،
هائو، اوهان جا ڏک ۽ مصيبتون خوشحاليءَ ۾ بدلجي ويندا.
11 آءٌ خداوند هميشه اوهان جي رهنمائي ڪندس،
۽ رڻپٽ ۾ بہ اوهان کي ڍاول رکندس.
آءٌ اوهان کي مضبوط ۽ تندرست ڪندس.
هائو، آءٌ اوهان کي اهڙي باغ وانگر ڪندس،
جنهن کي جهجهو پاڻي ملندو هجي.
اوهين اهڙي چشمي وانگر ٿيندا،
جنهن جو پاڻي ڪڏهن بہ نہ ٿو سُڪي.
12 اوهين زمانن کان ويران پيل اهي جايون وري جوڙيندا،
جيڪي ڪيترين ئي پيڙهين کان ويران رهنديون اچن.
سو اوهين ’ڊٺل ديوارن کي وري اڏيندڙ‘
۽ ’برباد ٿيل گهرن جي مرمت ڪندڙ‘ جي نالن سان ڄاتا ويندا.“

## سبت ملهائڻ جو انعام

13 خداوند فرمائي ٿو تہ
”جيڪڏهن اوهين سبت، يعني منهنجي پاڪ ڏينهن تي
پنهنجي مرضيءَ موجب ڪم ڪرڻ کان پنهنجا پير روڪيندا،
سبت جي ڏينهن کي پنهنجي خوشين جو ڏينهن سمجهندا،
۽ انهيءَ کي مون خداوند جو پاڪ،
۽ تعظيم وارو ڏينهن ڪري سڏيندا،
۽ انهيءَ جو اهڙيءَ طرح احترام ڪندا،
جو نہ انهيءَ ڏينهن پنهنجو ڪو ڪاروبار يا سفر ڪندا،
نڪي وري پنهنجي خوشيءَ
يا پنهنجي مطلب جون ڳالهيون ڪندا،
14 تہ پوءِ مون وٽان اوهان کي حقيقي خوشي حاصل ٿيندي،
۽ آءٌ اوهان کي پوريءَ دنيا ۾ نهايت اعليٰ مقام عطا ڪندس.
آءٌ اوهان کي اوهان جي ابي ڏاڏي يعقوب جي ملڪ ۾
برڪتن سان نوازيندس.
اهو مون خداوند جو واعدو آهي.“

## سماجي ناانصافيءَ کي ننڊڻ

59 1 ائين نہ سمجهو تہ خداوند ايترو ڪمزور آهي،
جو اوهان کي بچائي نہ ٿو سگهي،
يا هو ڪو ٻوڙو آهي جو اوهان جو فرياد ٻڌي نہ ٿو سگهي.
2 بلڪ اهي اوهان جا گناهہ ئي آهن،
جن اوهان جي ۽ خدا جي وچ ۾ جدائي وجهي ڇڏي آهي.
اوهان جي بدڪارين جي ڪري ئي
هن اوهان کان منهن موڙيو آهي،
جو هو اوهان جي نہ ٿو ٻڌي.
3 اوهان جا هٿ خون سان ڀريل آهن،
۽ اوهان جا پير بدڪاريءَ ڏانهن ٿا ڊوڙن.
اوهان جا چپ ڪوڙ ٿا ڳالهائين،
۽ اوهان جون زبانون بڇڙائيءَ جون ڳالهيون ٿيون ڪن.

4 عدالت ۾ اوهين سچائيءَ سان وڪالت نہ ٿا ڪريو،
نڪي وري اوهان جا دليل سچ تي ٻڌل آهن،
بلڪ اوهين ڪوڙ ٿا ڳالهايو،
۽ رڳو هوائي ڳالهيون ٿا ڪريو.
جيئن تہ اوهان جي دلين ۾ دغا آهي،
سو اوهين ٻين کي نقصان رسائڻ جون سازشون پيا ڪريو.
5–6 اوهان جا منصوبا ڪوريئڙي جي انهيءَ ڄار مثل آهن،
جنهن کي اوهين اُڻو ٿا پر انهيءَ مان ڪپڙو نہ ٿو ٺهي سگهي.
هائو، اوهين پنهنجي اعمالن سان پاڻ کي ڍڪي نہ سگهندا.
بلڪ اوهان جا منصوبا نانگ جي بيضن جيان آهن،
جن کي ڦوڙڻ لاءِ اوهين مٿن آرو ٿا ڪريو.
انهن بيضن مان جيڪو بہ کائي ٿو سو مريو ٿو پوي،
ڇالاءِ جو جڏهن انهن مان ڪو ٽوڙيو ٿو وڃي،
تہ منجهانئس ڪاريهر نانگ ٿو نڪري.
بيشڪ اوهان جا اعمال بدڪاريءَ وارا آهن،
۽ اوهان جا هٿ ظلم جي ڪم ۾ رڌل آهن.
7 اوهان جا قدم هميشه برائيءَ ڏانهن ڊوڙن ٿا.
اوهين بي‌گناهہ جو رت وهائڻ ۾ ڪا دير نہ ٿا ڪريو.
اوهان جا خيال بدڪاريءَ وارا خيال آهن،

59:7–8 رو 3:15–17

۽ اوهين تباهي ۽ بربادي ڦهلائيندا ٿا وتو.
8 اوهان جي موجودگيءَ ۾
ڪنهن کي بہ سلامتي حاصل نہ ٿي ٿئي.
ڇالاءِجو اوهان جي هلت چلت ۾ انصاف تہ آهي ئي ڪونہ.
هائو، اوهان پنهنجي لاءِ ڏنگيون واٽون جوڙيون آهن،
سو جيڪو بہ انهن واٽن تي هلي ٿو،
تنهن لاءِ سلامتي بلڪل ناهي.

## ماڻهن جو پنهنجا ڏوهہ باسڻ

9 تڏهن ماڻهن چيو تہ
”هاڻي اسان ڄاتو تہ اسان جي پنهنجي بڇڙائيءَ جي ڪري
انصاف اسان کان پري آهي،
۽ اسان جن پنهنجن گناهن جي ڪري
خدا اسان کي ظالمن هٿان نہ ٿو بچائي.
اسين سوجهري لاءِ نهاريون پيا،
پر ڇا ڏسون؟ رڳو اونداهي ئي اونداهي آهي.
هائو، اسين روشنائيءَ لاءِ واجهايون پيا،
پر گهُگهُہ اونداهي ئي اسان جو مقدر آهي.
10 اسين انڌن وانگر هٿوراڙيون ٿا هڻون.
هائو، اسين ائين هٿوراڙيون ٿا هڻون،
ڄڻ تہ اسان کي اکيون آهن ئي ڪونہ.
اسين ٻنپهرن جي روشنيءَ ۾ بہ ائين ٿاٻا ٿا کائون،
جيئن رات جو اونداهيءَ ۾.
اسين ڇٽڪ مئلن جي اونداهي دنيا ۾ پيا رهون.
11 اسين سڀ پريشانيءَ وچان رڇن وانگر روڙون ٿا ڪريون،
۽ ڳيرن وانگر اوساريون ٿا.
اسين انصاف جي واٽ ڳولهيون ٿا،
پر اها نہ ٿي لڀي.
اسين انتظار ۾ آهيون تہ اسان کي بچايو وڃي،
پر اسان جو بچاءُ اسان کان دور آهي.

12 اي خداوند!
اسان جون بدڪاريون تو آڏو گهڻيون وڌي ويون آهن.
اسان جا اهي گناهہ اسان جي خلاف شاهدي ٿا ڏين،
جيڪي اسان کان ڪونہ ٿا وسرن.
هائو، اسين پنهنجي بدڪارين کان پوريءَ طرح واقف آهيون.
13 بيشڪ اسان تو خدا جو قصور ڪيو آهي،
تنهنجا باغي بڻيا آهيون،
۽ تنهنجي حڪمن جي پيرويءَ کان پاسو ڪيو اٿئون.
هن ڪري جو اسين ظلم ۽ فساد جون ڳالهيون ٿا ڪريون.
اسين ڪوڙيون ڳالهيون دل ۾ رٿيون ٿا،
۽ اهي ئي زبان تي آهن.
14 سو انصاف اسان کان پري هليو ويو آهي،
۽ اسان جو بچاءُ اسان کي ڏسڻ ۾ ئي نہ ٿو اچي.
ڇالاءِجو سچائي ۽ ايمانداري اسان ۾ رهي ئي ڪانهي،
اهي ڄڻ ڪنهن چونڪ تي ٿاٻو کائي ڪري پيون آهن.
15 هائو، سچائي گم ٿي ويئي آهي.
هاڻ جيڪو بديءَ کان پري پڄڻ جي ڪوشش ٿو ڪري،
سو انهيءَ جو شڪار بڻجيو وڃي.“

## خداوند پنهنجي قوم کي بچائيندو

جڏهن خداوند اهو سڀ ڏٺو تہ
سندس قوم سان انصاف نہ ٿو ٿئي،
تڏهن سندس نظر کي اهو برو لڳو.
16 بلڪ هو اهو ڏسي حيران ٿي ويو،
تہ اهڙو ڪوبہ ڪونهي جيڪو انهن مظلومن جي مدد ڪري.
تڏهن ارادو ڪيائين تہ
هو پنهنجي زورآور هٿ سان انهن کي بچائيندو،
۽ پنهنجي سچائيءَ مطابق ڪين سوڀ ڏياريندو.
17 سو خداوند سچائيءَ کي زرهہ وانگر ڍڪيندو،
۽ بچاءُ وارو لوهي ٽوپ مٿي تي رکندو.
هو انتقام کي پوشاڪ جيان پهريندو،
۽ غيرت کي جبي وانگر پائيندو.
18 پوءِ جيڪو جيتري سزا جو مستحق هوندو،
تنهن کي بدلي ۾ خداوند اوتري ئي سزا ڏيندو.
هائو، پنهنجي مخالفن تي هو غضب نازل ڪندو،
۽ پنهنجي دشمنن کان انتقام وٺندو،
پوءِ اهي ڪٿي ڪيترو بہ پري ڇو نہ هجن.
19 هو زوردار انڌاريءَ ۾ هڪ وڏي ٻوڏ جيان مٿن اچي ڪڙڪندو.
تڏهن اولهہ توڙي اوڀر جون قومون
سندس جلال واري نالي کان ڏڄي وينديون.

20 خداوند پنهنجي قوم وارن کي فرمائي ٿو تہ ”اي بني اسرائيل!
آءٌ يروشلم ۾ اوهان جي بچاءَ لاءِ ايندس ۽ انهن سڀني ماڻهن کي
ڇڏائيندس، جيڪي پنهنجن گناهن کان پشيمان آهن. 21 اوهان سان
منهنجو هي عهد آهي تہ آءٌ پنهنجي قدرت ۽ پنهنجو ڪلام اوهان
کي هميشہ هميشہ جي لاءِ عطا ڪريان ٿو. سو هاڻي کان وٺي اوهين
پنهنجي اولاد کي ۽ اولاد جي اولاد کي انهيءَ ڪلام واريون ڳالهيون

---

16:59 يس 5:63 — 17:59 اف 14:6، 17، 1.ٿس 8:5 — 20:59 رو 26:11

سيڪاريندا رهندا، تہ جيئن اوهين ابد تائين منهنجا فرمانبردار رهو.
اهو مون خداوند جو فرمان آهي.“

## يروشلم جو نئون شان وَ شوڪت

60 1 اُٿ، اي يروشلم جي وسندي! روشن ٿيءُ،
چالاءِجو تو تي نور چمڪيو آهي.
هائو، خداوند جي تجلي تنهنجي مٿان چمڪي رهي آهي.
2 ڏس، هيءَ ڌرتي ۽ ٻيون قومون
اونداهيءَ سان ڍڪجي وينديون،
مگر تو تي خداوند جو نور چمڪڻ لڳندو.
سندس موجودگيءَ جي تجلي تو مٿان هوندي.
3 قومون تنهنجي روشنيءَ ڏانهن هليون اينديون،
۽ بادشاهہ تنهنجي تجليءَ جي چمڪ ڏانهن ڇڪجي ايندا.

4 پنهنجون اکيون کڻي چوڌاري نهار،
تنهنجي ماڻهن جا ميڙ تو ڏانهن موٽي پيا اچن.
ڏس، تنهنجا پٽ پري پري کان پيا اچن،
۽ جيئن ٻارن کي ڪڇ تي کڻي هلبو آهي،
تيئن تنهنجي ڌيئرن کي آرام سان کڻي آندو پيو وڃي.
5 انهن سڀني کي تون پاڻ وٽ ڏسي بيحد خوش ٿينديننءَ،
۽ خوشيءَ وچان تنهنجي دل ڌڙڪڻ لڳندي.
قومن جي دولت پڻ تو وٽ آندي ويندي،
هائو، سمنڊ رستي خزانا تو ڏانهن ايندا.
6 اٺن جي قافلن سان تنهنجي ڌرتي ڀرجي ويندي.
هائو، عيفاه قبيلي وارن، بلڪ سڀني مديانين وٽان
گهڻا ئي ڪنواٺ تو وٽ ايندا.
شبا ملڪ مان بہ قافلا ايندا،
جيڪي پاڻ سان سون ۽ لوبان کڻي ايندا.
جڏهن اهي سڀ ايندا تہ
خداوند جي ڪمن جي واکاڻ بيان ڪندا.
7 قيدار ۽ نبايوت جون سڀ رڍون ٻڪريون،
قربانيءَ لاءِ تو وٽ آڻي گڏ ڪيون وينديون.
اهي خداوند جي قربان‌گاهہ تي قبول پونديون.
بيشڪ خداوند پنهنجي هيڪل کي
وڌيڪ عظمت ۽ شان وَ شوڪت بخشيندو.

8 ڏس، اي يروشلم جي وسندي! اهي ڇا آهن،
جيڪي تو ڏانهن ائين ٿا اچن جيئن بادل هوا ۾ ترندا اچن؟
هائو، جيئن ڪبوتر پنهنجي واهيري ڏانهن اچن.

9 بيشڪ اهي ساموندي جهاز آهن،
جيڪي ڏورانهن ملڪن کان پيا اچن،
۽ تنهنجي رهاڪن کي سندن سون ۽ چانديءَ سميت
پنهنجي شهر ڏانهن موٽائي پيا آڻين.
انهن ۾ سڀني کان پهريائين ترسيس جا جهاز آهن.
انهيءَ مان خداوند، تنهنجي خدا جو نالو روشن ٿئي ٿو.
هائو، بني اسرائيل جي پاڪ معبود جي تعظيم ٿئي ٿي،
چالاءِجو هن تو يروشلم جو شان وَ شوڪت بحال ڪيو آهي.

10 خداوند يروشلم جي وسنديءَ کي فرمائي ٿو تہ
”غير قوم وارا ماڻهو تنهنجون ڀتيون وري اڏيندا،
۽ سندن بادشاهہ تنهنجي خدمت ڪندا.
جيتوڻيڪ مون ڪاوڙ ۾ تو کي سزا ڏني،
پر هاڻي پنهنجي ٻاجهہ سبب آءٌ تو تي رحم ڪندس.
11 هاڻي ڏينهن رات تنهنجا دروازا کليل رهندا،
بند ڪڏهن نہ ٿيندا.
انهيءَ لاءِ تہ قومن جي دولت تو وٽ آندي وڃي،
۽ انهيءَ سان گڏ سندن بادشاهہ اچي حاضري ڀرين.
12 باقي جيڪي قومون ۽ بادشاهہ تنهنجي خدمت نہ ڪندا،
سي تباهہ وَ برباد ٿي ويندا.
هائو، اهي قومون بلڪل ڇٽ ڪيون وينديون.
13 لبنان جي ٻيلن جو نهايت عمدو ڪاٺ تو وٽ آندو ويندو،
يعني صنوبر، چيل ۽ شمشاد جي وڻن جو ڪاٺ.
انهيءَ لاءِ تہ انهن سان منهنجي پاڪ گهر کي سينگاريو وڃي.
هائو، اهو هيڪل، جيڪو منهنجي پيرن جي صندلي آهي،
تنهن کي آءٌ رونق بخشيندس.
14 اي يروشلم جي وسندي! جن تو کي ستايو آهي،
تن جو اولاد عاجزيءَ وچان سر جهڪائي تو وٽ ايندو.
جن تنهنجي تحقير ڪئي آهي،
سي سڀ تنهنجي پيرن ۾ جهڪي تنهنجي تعظيم ڪندا.
اهي تو کي ’بني اسرائيل جي پاڪ معبود جو شهر صيئون‘ ،
۽ ’خداوند جو شهر‘ ڪري سڏيندا.
15 بيشڪ تو کي ڇڏي ڏنو ويو هو،
۽ تو کان نفرت ڪئي ويئي هئي،
ايتري قدر جو ڪو ماڻهو تو منجهان لنگهيو بہ ڪين ٿي.
پر هاڻ آءٌ تو کي هميشہ جي لاءِ اعليٰ مرتبو بخشيندس،
۽ پيڙهي بہ پيڙهي تو کي خوشين جو باعث بڻائيندس.
16 قومون ۽ بادشاهہ تنهنجي ائين سار سنڀال لهندا،
جيئن ماءُ پنهنجي ٻار جي سار سنڀال لهندي آهي.

---

11:60 مڪا 21:25–26 14:60 مڪا 3:9

پوءِ تون ڄاڻين ونديءَ تہ
آءٌ خداوند ئي تنهنجو بچائيندڙ آهيان،
هائو، بني اسرائيل جو اهو قادر خدا جنهن تو کي ڇڏايو آهي.

17 آءٌ ڪاٺ ۽ پٿرن جي بدران پتل ۽ لوهہ آڻيندس،
بلڪ پتل ۽ لوهہ جي بدران آءٌ سون ۽ چاندي آڻيندس.
آءٌ تنهنجي حڪمرانن کي انصاف ۽ سلامتيءَ وارا بڻائيندس.
18 تنهنجي سرزمين تي وري ظلم،
۽ زبردستيءَ جو آواز بہ ٻڌڻ ۾ نہ ايندو،
نڪي تنهنجي سرحدن ۾
تباهي ۽ بربادي‌ءَ جي ڳالهہ ٻڌڻ ۾ ايندي.
پوءِ تنهنجي ڀتين کي 'خداوند جو بچاءُ' سڏيو ويندو،
۽ تنهنجي دروازن کي 'خداوند جي واکاڻ' چيو ويندو.

19 اڳتي وري تو کي ڏينهن جي سوجهري لاءِ
سج جي ضرورت نہ پوندي،
نڪي رات جي روشنيءَ لاءِ چنڊ جي،
بلڪ آءٌ خداوند ئي تو لاءِ ابدي روشني ٿيندس.
هائو، منهنجو جلوو ئي تنهنجي تجليءَ جو سبب بڻبو.
20 هاڻ تنهنجي مصيبتن جا ڏينهن ختم ٿي ويندا،
ڇالاءِجو مون خداوند جو جلوو
تنهنجي اهڙي ابدي روشني بڻبو،
جيڪا سج ۽ چنڊ جي گم ٿيندڙ روشنيءَ جي ڀيٽ ۾
هميشہ قائم وَ دائم رهندي.

21 تنهنجا سڀيئي ماڻهو سچائيءَ وارا ڪم ڪندا،
۽ هميشہ لاءِ ملڪ جا وارث ٿي رهندا.
اهي منهنجي هٿن جي ڪاريگري آهن،
جن کي مون پوکيل وڻ وانگر ملڪ ۾ ڄمائي ڇڏيو آهي،
انهيءَ لاءِ تہ هنن مان منهنجي عظمت ظاهر ٿئي.
22 سو ننڍي ۾ ننڍو گهراڻو هڪ وڏو قبيلو بڻبو،
۽ خسيس ۾ خسيس ڪٽنب بہ هڪ زبردست قوم بڻبو.
مقرر وقت تي آءٌ اهو سڀ جلد کان جلد ڪري وٺندس.
آءٌ خداوند آهيان."

## بچائڻ جي خوشخبري

61 1 خداوند خدا مون کي پنهنجي روح سان ڀري ڇڏيو آهي.
هن مون کي چونڊيو آهي تہ
آءٌ وڃي مسڪينن کي خوشخبري ٻڌايان.
هائو، هن مون کي موڪليو آهي تہ
آءٌ دلشڪستن جي دلجوئي ڪريان،
۽ قيدين کي آزاديءَ جي
۽ باندين کي سندن بند کلڻ جي بشارت ڏيان.
2 هن مون کي موڪليو آهي تہ آءٌ اهو اعلان ڪريان تہ
اهو وقت اچي ويو آهي،
جڏهن خداوند پنهنجي قوم وارن کي بچائيندو،
۽ سندن دشمنن کان انتقام وٺندو.
هن مون کي موڪليو آهي تہ
آءٌ سيني دلگيرن کي دلاسو ڏيان.
3 خاص طور *صيئون جي حالات تي ماتم ڪرڻ وارن کي
ڏک ۽ غم جي بدران خوشي ۽ شادماني،
۽ ماتم جي بدران واکاڻ جو گيت ڏيان.
اهي انهن وڻن وانگر ٿيندا
جيڪي خداوند پنهنجي هٿن سان پوکيا هجن.
اهي سچائيءَ وارا ڪم ڪندا،
تان‌تہ خداوند جي عظمت ظاهر ٿئي.
4 اهي قديم ڊٺل ڊاين کي وري اڏيندا.
هائو، اهي انهن اجڙيل شهرن جي مرمت ڪندا،
جيڪي پيڙهين کان اجاڙيل آهن.

5 اي منهنجا همقوم!
غير قومن وارا ماڻهو اچي اوهان جي خدمت ڪندا.
هائو، اهي اوهان جا ڌڻ چاريندا،
اوهان جي ٻنين ۾ هاريو ڪندا،
۽ اوهان جي باغن جي سنڀال ڪندا.
6 جڏهن تہ اوهين پاڻ خداوند جا ڪاهن سڏبا.
ماڻهو اوهان کي "اي خدا جا خادمؤ!"
چئي مخاطب ٿيندا.
اوهين قومن جي دولت مان مزو ماڻيندا،
۽ سندن شان وَ شوڪت جا مختيار بڻجي فخر ڪندا.
7 هاڻ اوهين پنهنجي ملڪ ۾ رهندا،
۽ اوهان کي مليل ٻيڻي سزا واري خواري ۽ بي‌عزتي
هاڻ ختم ٿي ويندي،
بلڪ اوهين ٻيڻي دولت جا مالڪ بڻبا،
۽ اوهان جون خوشيون هميشہ قائم رهنديون.

*صيئون جي حالات تي ماتم ڪرڻ وارن کي: هي اهي ماڻهو هئا جيڪي پنهنجي جلاوطنيءَ کان موٽي برباد ٿيل شهر يروشلم ۾ آيا.

19:60 مڪا 23:21، 5:22 1:61 مت 5:11، لو 22:7 2–1:61 لو 18:4–19 2:61 مت 4:5 7:61 ير 18:16، يس 1:40–2

8 خداوند فرمائي ٿو تہ
”آءٌ خداوند انصاف کي پسند ٿو ڪريان،
۽ ظلم ۽ ناانصافيءَ کان نفرت ٿو ڪريان.
آءٌ پنهنجي قوم وارن کي سچائيءَ سان سندن عيوضو ڏيندس،
۽ ساڻن ابدي عهد ٻڌندس.
9 انهن جو اولاد قومن ۾ ايڏو تہ مشهور ٿيندو،
جو جيڪو بہ انهن کي ڏسندو سو کين سڃاڻي چوندو تہ
’هي انهيءَ قوم وارا آهن،
جنهن کي خداوند برڪت ڏني هئي.‘“

10 خداوند جي ڪيل ڪمن سبب آءٌ بيحد خوش ٿيندس،
۽ منهنجي جان پنهنجي خدا کان راضي رهندي.
ڇالاءِجو جيئن گهوٽ کي تاج سان سينگاريو وڃي،
يا جيئن ڪنهن ڪنوار جو زيورن سان سينگار ڪيو وڃي،
تيئن هن اسان کي بچاءُ جڻ پوشاڪ وانگر پهرائي ڇڏيو آهي،
۽ حق سچ جڻ اسان کي هڪ جبي وانگر ڍڪايو اٿس.
11 جيئن زمين پنهنجا سلا ڪڍي ٿي،
۽ جيئن باغ ۾ جيڪي پوکجي ٿو،
سو اهو اپاري ڪڍي ٿو،
تيئن ئي خداوند خدا سيني قومن آڏو
اسان منجهہ حق سچ ۽ واکاڻ کي اپاري ظاهر ڪندو.

## نبيءَ جو يروشلم جي بحاليءَ بابت پيغام

62 1 اي يروشلم جي وسندي!
تنهنجي خاطر آءٌ ماٺ ڪري نہ ويهندس.
هائو، تنهنجي خاطر آءٌ آرام نہ ڪندس،
جيستائين تنهنجي خوشحالي روشنيءَ وانگر ظاهر نہ ٿيندي،
۽ تنهنجي بحالي روشن مشعل وانگر ڏسڻ ۾ نہ اچي.
2 تڏهن تنهنجي اها خوشحالي ڏسي
قومن ۽ بادشاهن تي تنهنجي شان وَ شوڪت ظاهر ٿيندي.
تون هڪڙي نئين نالي سان سڏبينءَ،
جيڪو خداوند پاڻ تو تي رکندو.
3 تون خداوند پنهنجي خدا لاءِ عظمت وارو ڇٽ ٿيندينءَ.
هائو، تون خداوند لاءِ شاهي تاج ٿيندينءَ.
4 تون اڳتي ”ڇڏي ڏنل“ نہ سڏبينءَ،
نڪي تنهنجي ملڪ کي ”ويرانو“ سڏبو،
بلڪ تو کي ”خداوند جي خوشي“،
۽ تنهنجي ملڪ جي زمين کي ”مڙس واري“ سڏيو ويندو.
ڇالاءِجو خداوند تو مان خوش آهي،
سو تنهنجي ملڪ کي خداوند پنهنجي ڪنوار سڏيندو.
5 تنهنجا رهاڪو ملڪ کي اهڙيءَ طرح پنهنجو ڪندا،
جيئن ڪو جوان ماڻهو ڪنهن ڪنواري ڇوڪريءَ کي
پنهنجي ڪنوار بڻائيندو آهي.
جيئن ڪو گهوٽ پنهنجي ڪنوار سان خوش هوندو آهي،
تيئن ئي تنهنجو خدا تو مان خوش ٿيندو.

6 اي يروشلم!
مون تنهنجي ڀتين تي پهريدار بيهاري ڇڏيا آهن،
ڏينهن هجي توڙي رات اهي ڪڏهن بہ ماٺ ڪري نہ ٿا ويهن،
اهي خداوند کي سندس واعدا ياد ڏياريندا ٿا رهن.
7 هائو، جيستائين هو تو يروشلم کي بحال نہ ڪري،
۽ روءِزمين تي تو کي تعريف جي لائق نہ بڻائي،
تيستائين هو بنا آرام ڪرڻ جي
سندس ڪيل واعدا کيس ياد ڏياريندا رهندا.

8 خداوند پنهنجي زورآور هٿ جي قدرت جو قسم کڻي
واعدو ڪيو آهي تہ
”اڳتي آءٌ اوهان جو اناج
اوهان جي دشمنن کي کائڻ لاءِ نہ ڏيندس،
نڪي اوهان جي مئي ڌارين کي پيئڻ ڏيندس،
جنهن لاءِ اوهان محنت ڪئي آهي.
9 بلڪ جن اهو اناج گڏ ڪيو آهي سي ئي اهو کائيندا،
۽ مون خداوند جي واکاڻ ڪندا،
۽ جن اها مئي گڏ ڪئي آهي،
سي ئي منهنجي مقدس هيڪل جي اڱڻ ۾ اها پيئندا.“

10 لنگهي وڃو، اي يروشلم جا رهاڪؤ!
اوهين شهر جي دروازن مان ٻاهر نڪري وڃو،
۽ وطن موٽندڙ پنهنجي قوم وارن لاءِ سڙڪ اڏيو.
هائو، انهن لاءِ شاهي رستو تيار ڪريو،
۽ انهيءَ تان پٿر هٽائي صاف ڪري ڇڏيو.
اوهين رستي تي نشان کڙا ڪري ڇڏيو،
تہ جيئن ٻيون قومون بہ رستو لهي سگهن.
11 ڏسو، خداوند پوريءَ دنيا ۾ اعلان ڪري ڇڏيو آهي تہ
”يروشلم جي ماڻهن کي ٻڌائي ڇڏيو تہ
آءٌ خداوند کين بچائڻ لاءِ اچي رهيو آهيان،
ڏسو، آءٌ پنهنجي قوم لاءِ
پاڻ سان گڏ جزا ۽ اجر کنيو پيو اچان.“

10:61 مڪا 2:21   11:62 يس 10:40، مڪا 12:22

12 تڏهن اوهان يروشلم وارن کي "خدا جي چونڊيل قوم"
۽ "خداوند جا ڇڏايل ماڻهو" سڏيو ويندو.
ساڳيءَ طرح يروشلم کي "خداوند جو پيارو شهر"
۽ "اهو شهر جنهن کي خدا وساريو ناهي" سڏيو ويندو.

## قومن تي خداوند جي فتح

63 1 اهو ڪير آهي جيڪو ڳاڙهو لباس پهريو
ادوم جي شهر بُصراه کان پيو اچي؟
هائو، اهو جنهن جي پوشاڪ شاندار آهي،
۽ جيڪو پنهنجي قدرت ۽ طاقت سان هلندو پيو اچي؟

خداوند فرمائي ٿو ته
"اهو آءٌ خداوند آهيان،
جيڪو بچائڻ جي قدرت رکان ٿو
۽ پنهنجي فتح جو بيان ٿو ڪريان."

2 اي خداوند! تنهنجو لباس ڳاڙهو ڇو آهي؟
۽ تنهنجا ڪپڙا انهيءَ ماڻهوءَ جهڙا ڇو آهن،
جيڪو انگورن کي چيچڙي ۾ لتاڙيندو آهي؟

3 خداوند وراڻيو ته
"مون اڪيلي سر قومن کي انگورن وانگر لتاڙيو آهي،
۽ مون سان ڪوبه ماڻهو شامل نه هو.
هائو، مون پنهنجي غصي ۽ غضب وچان
انهن کي پيرن هيٺ لتاڙيو آهي.
سو انهن جي رت جا ڇنڊا منهنجي ڪپڙن تي پيا آهن،
جنهن سبب منهنجو سارو لباس ڳاڙهو ٿي ويو آهي.
4 مون فيصلو ڪري ڇڏيو هو ته
منهنجي قوم کي بچائڻ جو وقت اچي پهتو آهي.
هائو، اهو سندن دشمنن کان انتقام وٺڻ جو وقت هو.
5 آءٌ اهو ڏسي حيران ٿي ويو هوس ته
اتي منهنجي مدد ڪرڻ يا هٿي ڏيڻ وارو ڪوبه ڪونه هو.
تڏهن منهنجي غصي مون کي هٿي ڏني،
۽ مون پنهنجي قدرت سان اها جنگ کٽي ورتي.
6 پنهنجي غصي ۾ مون سيني قومن کي لتاڙيو.
مون غضب وچان ڪين متوالو بڻائي ڇڏيو،
۽ سندن رت زمين تي وهائي ڇڏيم."

## بني اسرائيل سان خدا جي ڀلائي

7 آءٌ خداوند جي ابدي شفقت جو ذڪر ڪندس،
آءٌ سندس انهن بيشمار نعمتن لاءِ سندس واکاڻ ڪندس،
جيڪي هن اسان کي عطا ڪيون آهن،
۽ انهيءَ وڏي ڀلائيءَ لاءِ به،
جيڪا هن پنهنجي رحمتن ۽ ابدي شفقتن موجب
بني اسرائيل جي ماڻهن کي ڏيکاري آهي.
8 ڇالاءِجو خداوند فرمايو ته
"بيشڪ اهي منهنجي قوم، يعني منهنجا اهڙا ٻار آهن،
جيڪي مون سان بي‌وفائي نه ڪندا."

تنهنڪري هن ڪين بچايو.
9 هائو، هن ڪين هر ڏک مان ڪڍيو،
نه ڪنهن پيغمبر ۽ نه ملائڪ،
بلڪ خداوند پاڻ هنن کي بچايو.
هن پنهنجي محبت ۽ شفقت سان ڪين ڇڏايو.
گذريل وقت ۾ هن هميشه سندن سنڀال پئي ڪئي آهي.
10 پر هنن ساڻس بغاوت ڪئي،
۽ سندس پاڪ روح کي رنجايائون.
تنهنڪري هو ڦري سندن دشمن بڻيو،
۽ پاڻ انهن سان وڙهيو.

11 پوءِ هنن گذريل وقت کي ياد ڪيو ته
خداوند جي ٻانهي موسيٰ جي ڏينهن ۾ ڇا ڇا ٿيو هو.
تڏهن چوڻ لڳا ته
"هاڻي اهو خداوند ڪٿي آهي،
جنهن پنهنجي قوم کي اڳواڻن سميت
سمنڊ مان بچائي ڪڍي آندو هو؟
اهو خداوند ڪٿي آهي،
جنهن انهن تي پنهنجو پاڪ روح نازل ڪيو هو؟
12 هائو، ڪٿي آهي اهو خداوند،
جنهن جي جلالي قدرت موسيٰ سان گڏ هلندي رهي،
۽ جنهن پنهنجو نالو هميشه قائم رکڻ لاءِ
سندن اڳيان سمنڊ جي پاڻيءَ کي چيري ٻه اڌ ڪيو؟
13 هو انهن کي اونهن پاڻين مان ائين وٺي هليو،
جيئن ڪو گهوڙو بنا ڪنهن ٺوڪر کائڻ جي
سڌي ميدان تي هلي ٿو.

---

6–1:63 يس 5:34–17، ير 7:49–22، حز 12:25–14، 1:35–15، عا 1:11–12، عبد 1–14، ملا 2:1–5    3:63 مڪا 20:14، 13:19، 15
5:63 يس 16:59    12:63 خر 21:14

14 خداوند جي روح انهن کي اهڙو آرام ڏنو،
جهڙو سرسبز ماٿريءَ ۾ چوپائي مال کي ملندو آهي.
اهڙيءَ طرح هن پنهنجي قوم جي رهنمائي ڪئي،
انهيءَ لاءِ تہ سندس نالي جي تعظيم ڪئي وڃي.”

## رحم ۽ مدد لاءِ دعا

15 اي خداوند! عرش عظيم تان اسان تي نگاهہ ڪر.
هائو، پنهنجي پاڪ ۽ عظمت واري جاءِ مان ڏس.
اسان لاءِ تنهنجي غيرت ڪٿي آهي؟
تنهنجي قدرت ڪٿي آهي؟
تنهنجي دلي محبت ۽ شفقت ڪٿي آهي؟
انهن کي تو اسان کان ڇو روڪي رکيو آهي؟
16 تون اسان جو پيءُ آهين.
توڙي جو ابراهيم ۽ يعقوب جيڪي اسان جا وڏا آهن،
سي بہ اسان کي وساري سگهن ٿا،
پر تون، اي خداوند! تون تہ اسان جو پيءُ آهين،
اهو ئي جيڪو اسان کي هميشہ بچائيندو ٿو رهين.
17 اي خداوند!
ڇو تو اسان کي پنهنجين واٽن کان گمراهہ ٿيڻ ڏنو،
۽ اسان جي دلين کي اهڙو سخت ڪيئہ جو
اسين تو کان ڦري وياسون؟
موٽي اچ، اي خداوند! اسان پنهنجي انهن ٻانهن جي خاطر،
جيڪي تنهنجي بندگي ڪندا ٿا رهون،
هائو، پنهنجي انهيءَ قوم جي خاطر،
جيڪا هميشہ لاءِ تنهنجي ئي آهي.

18 تنهنجو مقدس هيڪل اسان جي هٿ هيٺ هو،
پر ائين ٿو لڳي ڄڻ اهو گهڙي پلڪ لاءِ هو،
تنهن کان پوءِ اسان جي دشمنن اسان کي اتان ڀڄائي ڪڍيو،
۽ هاڻي انهن دشمنن انهيءَ کي پائمال ڪري ڇڏيو آهي.
19 تون اسان سان اهڙي هلت ٿو ڪرين،
ڄڻڪ تون ڪڏهن بہ اسان جو حاڪم نہ رهيو آهين،
۽ ڄڻڪ اسين ڪڏهن بہ تنهنجي قوم نہ رهيا آهيون.

64 1 ڪاش! تون آسمان کي ڦاڙي هيٺ لهي اچين،
تہ تو کي ڏسي جبل بہ خوف وچان ڪنبي وڃن.
2 هائو، اهي ائين ڏڪڻ لڳن،
جيئن سڪل ڪاٺين واري باهہ مٿان پاڻي ٽهڪندو آهي.
اچ ۽ پنهنجي دشمنن کي اچي پنهنجي قدرت ڏيکار،
تہ اهي تو کي ڄاڻي وٺن.
هائو، پاڻ اچ ۽ قومن کي اچي ڏهڪاءِ.
3 بيشڪ تو اهڙا تہ خوفناڪ ڪم ڪيا آهن،
جيڪي اسان جي وهم وَ گمان ۾ بہ نہ هئا.
تنهنجي هيٺ لهي اچڻ سان تہ جبل بہ ڏڪيو ٿي ويا.
4 بيشڪ قديم وقت کان وٺي ڪنهن بہ ماڻهوءَ
تو جهڙو خدا نہ ڪڏهن ٻڌو آهي ۽ نہ ڏٺو آهي،
جيڪو انهن لاءِ اهڙا ڪم ڪري ڏيکاري،
جيڪي مٿس ڀروسو ٿا رکن.
5 تون انهن جي مدد ڪرين ٿو،
جيڪي خوشيءَ سان تنهنجي فرمانبرداري ٿا ڪن،
۽ اهي ئي ڪم ٿا ڪن جيڪي تو کي پسند آهن.
اسين بہ جيڪڏهن انهن تي قائم رهون ها،
تہ جيڪر بچي سگهون ها.
پر ڏس، هاڻ تون اسان تي ڪاوڙيو آهين،
ڇالاءِجو اسين گناهن ۾ غرق ٿي ويا آهيون.
6 اسين سڀ جو سڀ گناهہ ڪرڻ ڪري پليت ٿي پيا آهيون.
ايتري قدر جو اسان جا سمورا ڪم
جيڪي سچائيءَ وارا سمجهيا ٿا وڃن،
سي بہ حيض لڳل ڪپڙي وانگر پليت ٿي پيا آهن.
اسين سڀ سڪل پنن وانگر ڪومائجي ڪري ٿا پئون،
۽ اسان جون بدڪاريون اسان کي هوا وانگر اُڏايو ڇڏين.
7 انهن بدڪارين جي ڪري تو اسان کي ڇڏي ڏنو آهي،
بلڪ اسان کان منهن موڙي ڇڏيو اٿيئي.
هاڻ ڪوبہ اهڙو ڪونهي،
جيڪو تنهنجو نالو وٺي تو کان دعا گهري،
نہ ئي ڪو اهڙو آهي جيڪو تنهنجي عبادت ڪري.

8 پر اي خداوند! تون تہ اسان جو پيءُ آهين.
اسين رڳو مٽي آهيون ۽ تون اسان جو ڪنڀر آهين،
جنهن اسان سڀني کي پنهنجي هٿن سان جوڙيو آهي.
9 سو اي خداوند! ڏس، اسين سڀ تنهنجي ئي قوم آهيون،
اسين تو کي رحم لاءِ منٿ ٿا ڪريون.
اسان تي ايڏي وڏي ڪاوڙ نہ ڪر،
نہ ئي اسان جي بدڪارين کي هميشہ تائين ياد ڪر.
10 ڏس، تنهنجي چونڊيل ملڪ جا شهر بيابان بڻجي ويا آهن،
صيئون بہ اجڙي ويو آهي،
هائو، يروشلم ويران ٿي ويو آهي.
11 اسان جو پاڪ ۽ خوبصورت هيڪل،

3:64 خر 19:16–18 4:64 1.ڪر 2:9

جنهن ۾ اسان جا ابا ڏاڏا تنهنجي واکاڻ ڪندا هئا،
تنهن کي باهہ ڏيئي ساڙيو ويو آهي.
اسان جون خوبصورت جايون جڳهون
هاڻي مٽيءَ جا ڍير بڻجي ويون آهن.
12 اي خداوند! اهي سڀ ڳالهيون ڏسڻ جي باوجود بہ
تون ڪجهہ نہ ڪندين ڇا؟
ڇا تون ماٺ ڪيو ويٺو رهندين،
۽ اسان جي سهڻ کان وڌيڪ اسان کي مصيبت ۾ پيو وجهندين؟

## فسادين لاءِ خداوند جي سزا

65 1 خداوند فرمائي ٿو تہ
”آءٌ پنهنجي قوم وارن جون دعائون
قبول ڪرڻ لاءِ تيار هوس،
پر هنن دعا ئي نہ گهري.
آءٌ تيار هوس تہ هو منهنجي مرضي معلوم ڪن،
پر هنن تہ اهڙي ڪوشش ئي نہ ڪئي.
اها ئي قوم هئي،
جنهن منهنجي عبادت کان انڪار ڪري ڇڏيو هو،
جيتوڻيڪ مون کين چيو هو تہ
’اِجهو، آءٌ اوهان جي ويجهو آهيان، آءٌ اوهان جي مدد ڪندس.‘
2 آءٌ پنهنجي قوم جو آڌرڀاءُ ڪرڻ لاءِ هميشہ تيار رهيو آهيان.
پر اهي فسادي آهن،
۽ پنهنجي خيالن جي پيروي ڪندي خراب رستي تي ٿا هلن.
3 اها هڪ اهڙي بي‌شرم قوم آهي،
جيڪا هر وقت مون کي چڙ ڏياريندي ٿي رهي.
اهي ديوتائن جي پوڄا وارن باغن ۾ قربانيون ٿا پيش ڪن،
۽ بتن جي قربان‌گاهن تي لوبان ٿا ساڙين.
4 رات جو اهي غارن ۽ مقبرن ۾ وڃي
مئلن جي روحن سان صلاح مشورا ٿا ڪن.
اهي سوئر جو گوشت ٿا کائين،
۽ پنهنجن ٿانون ۾ اهڙو شوربو ٿا پيئن،
جيڪو بتن تي قربان ڪيل ڪراهت جهڙين شين مان ٺهيل آهي.
5 جڏهن تہ اهي ٻين کي چون ٿا تہ
’پري ٿي بيهو، اسان جي ويجهو نہ اچو،
ڇالاءِجو اسين اوهان کان پاڪ آهيون.‘
اهي ماڻهو منهنجي نڪ ۾ اهڙي دونهين مثل چڙ ڏياريندڙ آهن،
جيڪو ڪنهن دکندڙ باهہ مان نڪرندي
ماڻهن کي تنگ ڪرڻ کان بس نہ ٿو ڪري.
6 ڏسو، مون اڳ ۾ ئي سندن سزا جو فيصلو ڪري ڇڏيو آهي،
۽ سندن لاءِ فتويٰ مون لکي ڇڏي آهي.
آءٌ سندن ڪيل ڪمن کان چشم‌پوشي نہ ڪندس،
بلڪ کين انهن جو بدلو ڏيندس.
7 هائو، آءٌ خود سندن بدڪارين،
۽ سندن ابن ڏاڏن جي بدڪارين جو بدلو گڏي ڏيندس.
هنن سيني جبل وارين غير معبودن جي پوڄا گهرن ۾
سندن لاءِ قربانيون پيش ٿي ڪيون،
۽ ٽڪرين تي منهنجي خلاف بڪواس پئي ڪئي.
سو آءٌ هنن کي سندن ڪيل ڪمن مطابق سزا ڏيندس.“

8 خداوند وڌيڪ فرمائي ٿو تہ
”جهڙيءَ طرح سٺن انگورن کي برباد نہ ٿو ڪيو وڃي،
بلڪ انهن مان مئي ٿي ٺاهي وڃي،
تهڙيءَ طرح آءٌ بہ پنهنجي پوري قوم کي برباد نہ ڪندس،
بلڪ آءٌ انهن کي بچائيندس جيڪي منهنجي بندگي ٿا ڪن.
9 منهنجا اهڙا چونڊيل ماڻهو
منهنجي جابلو علائقي جا وارث ٿيندا.
هائو، جيڪي منهنجي عبادت ٿا ڪن سي ئي اتي آباد ٿيندا.
آءٌ يهوداہ قبيلي وارن،
بلڪ سڄي بني اسرائيل مان اهڙن ماڻهن کي
گهڻي اولاد سان نوازيندس.
هائو، آءٌ انهن کي پنهنجي ملڪ جو وارث بڻائيندس.
10 منهنجي قوم مان جيڪي منهنجي عبادت ٿا ڪن،
تن جي رڍن ٻڪرين ۽ ڍورن ڍڳن لاءِ اولهہ ۾ شارون جو ميدان،
۽ اوڀر ۾ عڪور جي وادي چراگاهہ بڻبي،
جتي اهي چرندا ۽ آرام ڪندا.

11 پر اي اوهين! جن مون خداوند کي ڇڏي ڏنو آهي،
۽ جن منهنجي پاڪ جبل صيئون کي وساري ڇڏيو آهي،
هائو، اوهين جيڪي بتن کي نصيب ۽ قسمت جا ديوتا سڏيو ٿا،
۽ سندن پوڄا ڪندي هنن لاءِ دسترخانا وڇايو ٿا،
۽ مئي جو پيالو پري نذراني طور رکي ٿا ڇڏيو،
سي ياد رکو، اوهان جي نصيب ۾ هي لکيو ويو آهي تہ
12 اوهان سڀني کي ڪُنو ويندو،
جڏهن آءٌ اوهان کي ڳٽي ڳٽي تلوار جي حوالي ڪندس.
ڇالاءِجو جڏهن مون اوهان کي سڏيو،
تڏهن اوهان ڪو جواب نہ ڏنو،
جڏهن مون ڳالهايو، تڏهن اوهان ڪو ڌيان نہ ڏنو.

1:65 رو 20:10 2:65 رو 21:10 10:65 يش 24:7–26

جيڪي منهنجي نظر ۾ خراب هو سو اوهان ڪيو،
بلڪ جيڪي مون نہ ٿي چاهيو سو اوهان پسند ڪيو.

13 تنهنڪري آءٌ خداوند خدا اوهان کي ٻڌايان ٿو تہ
ڏسو، جيڪي منهنجي عبادت ۽ فرمانبرداري ڪندا،
سي جهجهو کائيندا ۽ پيئندا،
پر اي فسادي! اوهين بکيا ۽ اڃيا رهندا.
هائو، منهنجا اهي ٻانها خوشيون ملهائيندا،
پر اوهين خوار خراب ٿيندا.
14 ڏسو، منهنجا عبادتگذار ٻانها
دل جي خوشيءَ وچان گيت ڳائيندا،
پر اوهين دل جي ڏک ڪري دانهون ڪندا،
۽ روح جي رنج ڪري واءِويلا مچائيندا.
15 آءٌ خداوند خدا اوهان کي قتل ڪرائي ڇڏيندس،
تڏهن منهنجا اهي چونڊيل ٻانها
اوهان جو نالو لعنت طور استعمال ڪندا.
پر پنهنجي ٻانهن کي آءٌ برڪت واري نئين نالي سان سڏيندس.
16 پوءِ سندن ملڪ ۾ جيڪو بہ پنهنجي لاءِ برڪت گهرندو،
سو مون سچي خدا جي نالي سان گهرندو.
هائو، اتي جيڪو بہ قسم کڻندو،
سو مون سچي خدا جي نالي سان کڻندو.
اڳيون مصيبتون آءٌ ختم ڪري ڇڏيندس،
۽ اوهان کان اهي وسري وينديون.“

## نئين تخليق

17 خداوند فرمائي ٿو تہ
”ڏسو، آءٌ هڪ نئين زمين ۽ نوان آسمان پيدا ٿو ڪريان.
هائو، گذريل وقت جي هر ڳالهہ بلڪل وساري ويندي.
18 سو اي انسانؤ! اوهين خوش ٿيو،
۽ جيڪي آءٌ پيدا ٿو ڪريان
تنهن تي هميشہ خوشيون ملهائيندا رهو،
ڇالاءِجو نئون يروشلم جيڪو آءٌ ٺاهيان ٿو،
سو شادمانن سان ڀرپور هوندو،
۽ انهيءَ جا ماڻهو ٻين لاءِ بہ خوشين جو باعث بڻبا.
19 آءٌ پاڻ بہ يروشلم جي ڪري خوش ٿيندس،
۽ پنهنجي قوم جي ڪري شادمان ٿيندس.
هن کان پوءِ انهيءَ ۾ روئڻ ۽ فرياد ڪرڻ جو آواز
وري ڪڏهن بہ ٻڌڻ ۾ نہ ايندو.
20 اتي ڪوبہ ننڍڙو ٻار وري ننڍپڻ ۾ ڪونہ مرندو،
نڪي ڪو پوڙهو
پنهنجي حياتيءَ جا ڏينهن پورا ڪرڻ کان اڳ مرندو.
جنهن ماڻهوءَ جي عمر سؤ سال هوندي،
سو نوجوان سمجهيو ويندو.
جيڪو انهيءَ کان اڳ مرندو،
سو لعنتي سمجهيو ويندو.
21 منهنجي قوم وارا گهر اڏيندا ۽ انهن ۾ پاڻ رهندا.
اهي انگورن جا باغ لڳائيندا ۽ انهن جو ميوو پاڻ کائيندا.
22 ائين بلڪل نہ ٿيندو جو اهي گهر اڏين ۽ ٻيا اچي انهن ۾ رهن،
يا اهي باغ لڳائين ۽ ٻيا اچي انهن جو ميوو کائين.
منهنجي قوم وارن جي عمر وڻ جي عمر جيتري ٿيندي.
هائو، منهنجا اهي چونڊيل
پنهنجن هٿن جي ڪمن مان گهڻي وقت تائين فائدو وٺندا.
23 انهن جو پورهيو اجايو نہ ويندو،
نڪي سندن اولاد تي ڪا موتمار آفت ايندي.
آءٌ خداوند انهن تي ۽ سندن نسل تي
برڪتون نازل ڪندو رهندس.
24 اهي اڃا مون کان دعا گهري بس ئي نہ ڪندا،
تہ آءٌ ڪين سندن دعائن جو جواب ڏيندس.
25 بگهڙ ۽ گهيٽو گڏ چرندا،
شينهن ڍڳي وانگر گاهہ کائيندو،
۽ نانگ بہ بيضرر هوندو،
۽ سندس گذران رڳو مٽيءَ تي هوندو.
منهنجي پاڪ جبل صيئون تي
اهي ڪنهن کي بہ نہ ڪو نقصان رسائيندا،
۽ نہ وري برباد ڪندا.
اهو مون خداوند جو فرمان آهي.“

## جزا ۽ سزا

66 1 خداوند فرمائي ٿو تہ
”آسمان منهنجو تخت
۽ زمين منهنجي پيرن جي صندلي آهي.
پوءِ اوهين منهنجي لاءِ ڪهڙي قسم جو گهر جوڙيندا؟
هائو، منهنجي رهڻ لاءِ اوهين ڪهڙي قسم جي جاءِ اڏيندا؟
2 هيءَ پوري ڪائنات مون خداوند جي هٿن ئي جوڙي آهي،
۽ انهيءَ جي هر شيءِ منهنجي ڪري ئي آهي.
آءٌ انهن ماڻهن مان خوش آهيان،
جيڪي نماڻا ۽ توبهہتائب ٿيندڙ آهن،
۽ جيڪي مون کان ڊڄندي منهنجي تابعداري ٿا ڪن.

3 سيئي ماڻهو پنهنجي پسند جا رستا اختيار ٿا ڪن،
۽ پنهنجي دل کي ڪراهت وارين شين سان بيحد خوش ٿا رکن.
هو کو فرق ئي محسوس نہ ٿا ڪن جو
هڪڙي پاسي اهي ڏڳيءَ جي قرباني ٿا ڪن،
تہ ٻئي پاسي وري انسانن جو قتل ٿا ڪن،
هڪڙي پاسي اهي گهيٽي جي قرباني ٿا ڪن،
تہ ٻئي پاسي وري ڪتن جون سسيون ٿا وڍين،
هڪڙي پاسي اهي اناج جي قرباني ٿا پيش ڪن،
تہ ٻئي پاسي وري سوئر جو رت ٿا پيش ڪن،
هڪڙي پاسي اهي منهنجي نالي لوبان ٿا ساڙين،
تہ ٻئي پاسي وري ڪنهن بت جي پوڄا ٿا ڪن.
4 انهيءَ ڪري آءٌ بہ پنهنجي مرضيءَ سان
هنن لاءِ مصيبتون چونڊي وٺندس،
۽ جن ڳالهين کان هو ڊڄن ٿا سي مٿن آڻيندس.
ڇالاءِجو جڏهن مون سڏيو تہ ڪنهن بہ جواب ڪونہ ڏنو،
جڏهن مون ڳالهايو تڏهن ڪنهن بہ نہ ٻڌو.
جيڪي منهنجي نظر ۾ خراب هو سو هنن ڪيو،
بلڪ جيڪي مون نہ ٿي چاهيو سو ئي هنن پسند ڪيو.“

5 جيڪي خداوند کان ڊڄندي سندس تابعداري ٿا ڪن، تن کي خداوند فرمائي ٿو تہ
”جيئن تہ اوهين مون سان وفادار آهيو،
تنهنڪري اوهان جا ڪي پنهنجا ماڻهو
اوهان سان نفرت ٿا ڪن،
۽ اوهان کي برادريءَ مان ڪڍي ڇڏيو اٿن.
اهي اوهان تي ٺٺوليون ڪندي چون ٿا تہ
’ڀلي تہ خداوند پنهنجي قدرت ڏيکاري اوهان کي بچائي.
اسين بہ ڏسون تہ هو ڪيئن ٿو اوهان کي خوشي ڏئي.‘
بيشڪ اهڙيون ڳالهيون ڪرڻ وارا سخت خوار خراب ٿيندا.
6 ٻڌو، شهر مان وڏي شور وَ غل،
۽ هيڪل مان وڏي هل هنگامي جو آواز ٻڌڻ ۾ پيو اچي.
اهو مون خداوند جو پنهنجي دشمنن کي سزا ڏيڻ جو آواز آهي.

7 منهنجو پاڪ شهر يروشلم هڪ اهڙي عورت وانگر آهي،
جنهن ويم جي سورن کائڻ کان سواءِ اوچتو ئي ٻار ڄڻيو هجي.
8 ڇا اهڙي ڳالهہ ڪنهن ٻڌي آهي؟
ڇا اهڙيون شيون ڪنهن ڏٺيون آهن؟
ڇا ڪو ملڪ هڪڙي ئي ڏينهن ۾ ٺهي پوندو آهي؟
يا ڪا قوم هڪڙيءَ ئي گهڙيءَ ۾ پيدا ٿي پوندي آهي؟
پر ڏسو، صيئون هڪ اهڙو شهر آهي،
هائو، اهو هڪ اهڙيءَ ماءُ وانگر آهي،
جنهن کي سورن ٿيڻ شرط ئي ٻار ڄاوا هجن.
9 ڇا آءٌ ويم جا سور پيدا ڪري ٻار پيدا ٿيڻ نہ ڏيان؟
هائو، ڇا آءٌ پنهنجي قوم کي
نئين سر پيدا ٿيڻ جي مرحلي تي آڻي
کين سندن ملڪ ۾ قائم نہ ڪريان؟
اهو آءٌ خداوند ٿو فرمايان.“

10 يروشلم سان خوشيون ملهايو،
۽ انهيءَ جي ڪري شادماني ڪريو.
اي انهيءَ شهر سان محبت ڪرڻ وارؤ!
اوهين جيڪي ڪڏهن هن لاءِ ماتم ڪندا هئا،
سي هاڻي ساڻس گڏ خوشيون ملهايو.
11 يروشلم جي وسندي اوهان جي ائين پالنا ڪندي،
جيئن ڪا ماءُ پنهنجي ٻار کي ٿڃ پيئاري ڍءُ ڪرائيندي آهي.
هائو، اوهين انهيءَ شهر جي خوشحاليءَ مان
خوب لطف ماڻيندا،
ايستائين جو اوهين اطمينان حاصل ڪريو.

12 خداوند پنهنجي قوم کي فرمائي ٿو تہ
”ڏسو، آءٌ يروشلم ۾
هميشہ واري خوشحالي نديءَ وانگر وهائيندس،
۽ قومن جي دولت کي ٺمتار نهر وانگر اوهان ڏانهن وهائيندس،
جيڪا ڪڏهن بہ نہ سڪندي.
اوهين ٻارن وانگر هوندا
۽ يروشلم جي وسندي ماءُ جيان اوهان کي ٿڃ پيئاريندي.
اها اوهان کي ڇڄ پنهنجي چيلهہ تي کڻي هلندي،
۽ پنهنجي گوڏن تي پيار مان کُڏائيندي.
13 آءٌ يروشلم ۾ اوهان کي اهڙي تسلي ڏيندس،
جهڙي ڪنهن ٻار کي پنهنجي ماءُ کان ملندي آهي.
14 جڏهن اوهين اهو سڀ ٿيندو ڏسندا،
تڏهن اوهين بيحد خوش ٿيندا.
اوهان جي طاقت ۽ صحت ايترو تہ تيزيءَ سان وڌندي،
جيئن گاهہ وڌندو آهي.
تڏهن هر ڪو ڄاڻي وٺندو تہ
آءٌ خداوند پنهنجي فرمانبردار ٻانهن سان گڏ آهيان،
پر پنهنجي دشمنن کان بيحد ناراض آهيان.“

7:66 مڪا 5:12

15 ڏسو، خداوند، جنهن جون جنگي گهوڙي گاڏيون
واچوڙي جهڙيون هونديون،
سو باهہ سان ايندو،
انهيءَ لاءِ تہ هو پنهنجي غضب جي باهہ سان
پنهنجي دشمنن کي سزا ڏئي.
16 هو پنهنجي باهہ ۽ تلوار سان
دنيا جي هر ڏوهاري ماڻهوءَ کي سزا ڏيندو.
هائو، گهڻن ئي کي قتل ڪيو ويندو.

17 انهيءَ ڪري خداوند فرمائي ٿو تہ ”اهي ماڻهو جيڪي پاڻ کي
پاڪ صاف بڻائي ديوتائن جي پوڄا وارن باغن ۾ وڃن ٿا ۽ جيڪي
سوئر، ڪوئا ۽ ٻيون ڪراهت جهڙيون شيون کائين ٿا، تن سڀني کي آءٌ
خداوند ڇٽ ڪري ڇڏيندس، 18 ڇالاءِ جو آءٌ انهن جي ڪمن ۽ خيالن
کي ڄاڻان ٿو. سو اهو وقت اچي پهتو آهي، جڏهن آءٌ انهن سڀني
قومن ۽ مختلف ٻولين وارن کي اٽي گڏ ڪندس. اهي ايندا ۽ منهنجو
جلال ڏسي 19 ڇاڪي ونندا تہ آءٌ ئي آهيان، جيڪو کين سزا ٿو ڏيان.
پر آءٌ انهن مان ڪن کي بچائي ٻين قومن جي شهرن ڏانهن
موڪليندس، جتان جي ماڻهن منهنجي شهرت نہ ٻڌي آهي ۽ منهنجو
جلال نہ ڏٺو اٿائون. آءٌ ترسيس، پُول، لود، جنهن جا تيرانداز مشهور
آهن، توبل ۽ يونان واري ياوان شهر ڏانهن، بلڪ ڏورانهن ٻيٽن ڏانهن
کين موڪليندس. منهنجا اهي موڪليل ماڻهو انهن قومن ۾ وڃي
منهنجو جلال بيان ڪندا. 20 اهي بني اسرائيل جي سڀني ماڻهن کي
سڀني قومن منجهان موٽائي، مون خداوند لاءِ هڪ سوکڙيءَ طور
آڻيندا. اهي کين منهنجي پاڪ جبل تي يروشلم ۾ گهوڙن تي، گاڏين
۾، ڏولين ۾، خچرن تي ۽ تکن وهٽن تي چاڙهي اهڙيءَ طرح آڻيندا،
جهڙيءَ طرح بني اسرائيل پاڪ صاف ٿانون ۾ پنهنجون اناج جون
قربانيون کڻي منهنجي هيڪل ۾ آڻيندا آهن. 21 آءٌ خداوند انهن موٽي
آيلن مان ڪن کي ڪاهن ۽ لاوي ٿيڻ لاءِ چونڊيندس.“
22 خداوند پنهنجي قوم کي فرمائي ٿو تہ
”جهڙيءَ طرح نئون آسمان ۽ نئين زمين جيڪي آءٌ جوڙيندس،
سي منهنجي حضور ۾ قائم رهندا،
تهڙيءَ طرح اوهان جو نسل ۽ اوهان جو نالو بہ قائم رهندو.
23 هر نئين چنڊ جي عيد ۽ هر سبت جي ڏينهن تي،
هر قوم جا ماڻهو مون خداوند جي عبادت ڪرڻ واسطي
يروشلم ۾ منهنجي حضور ۾ اچي حاضر ٿيندا.

24 جڏهن اهي يروشلم مان ٻاهر نڪرندا تہ انهن ماڻهن جا لاش
ڏسندا، جن مون سان سرڪشي ڪئي هئي. انهن کي کائڻ وارا
ڪينئان ڪڏهن نہ مرندا، نڪي اها باهہ وسامندي جيڪا کين
ساڙيندي. اهي پوري انسانذات لاءِ قابلِ نفرت ٿيندا.“

---

22:66 يس 17:65، 2.پط 3:13، مڪا 1:21    24:66 مر 48:9

# يرمياه

## يرمياه نبيءَ جو ڪتاب

### تعارف

”يرمياه“ نالي هي مقدس ڪتاب انهيءَ نبيءَ جي نالي سان منسوب آهي، جيڪو ستين صدي قبل مسيح جي آخري ۽ ڇهين صدي قبل مسيح جي شروعاتي دور ۾ هو. هن گھڻو عرصو خدمت ڪئي ۽ ماڻهن کي خدا جي انهيءَ قهر ۽ غضب کان خبردار ڪندو رهيو، جيڪو سندن بت‌پرستي ۽ گناهن جي ڪري مٿن نازل ٿيڻ وارو هو. هن جي ئي ڏينهن ۾ سندس اها پيشنگوئي پوري ٿي جو بابل جي بادشاهه نبوڪدنضر جي هٿان يروشلم کي شڪست ملي ۽ شهر توڙي هيڪل کي تباهه وَ برباد ڪيو ويو. ان کان علاوه يهوداه جي بادشاهه سميت ڪيترن ئي ماڻهن کي قيد ڪري بابل ڏانهن جلاوطن ڪيو ويو. هن اها به پيشنگوئي ڪئي ته ڪنهن وقت اهي جلاوطن ٿيل ماڻهو وري موٽي پنهنجي وطن ايندا ۽ قوم وري بحال ۽ آباد ٿي ويندي.

حضرت يرمياه جو مقدس ڪتاب هيٺين چئن حصن ۾ ورهائي سگھجي ٿو: 1. يهوداه جي ماڻهن ۽ سندن بادشاهن يوسياه، يهويقيم، يهوياڪين ۽ صدقياه ڏانهن خدا جو پيغام. 2. حضرت يرمياه جي نائب باروڪ جون ياداشتون، ان کان علاوه خداوند جا مختلف پيغام ۽ اهم واقعا جيڪي حضرت يرمياه جي ڏينهن ۾ ٿيا. 3. مختلف غير قومن لاءِ خداوند جا پيغام. 4. تواريخي حصو جنهن ۾ يروشلم جي تباهيءَ ۽ يهوداه وارن جي بابل ڏانهن جلاوطنيءَ جو بيان آهي.

يرمياه نبي هڪ حساس ماڻهو هو، جيڪو پنهنجيءَ قوم سان تمام گھڻو پيار ڪندو هو. ماڻهن کي سزا جو پيغام ٻڌائڻ سان کيس ڏاڍو ڏک ٿيندو هو. ان کان علاوه هن ڪتاب ۾ ڪيترن ئي هنڌن تي هن جذباتي ٿي انهن تڪليفن جي باري ۾ ٻڌايو، جيڪي نبي ٻڌڻ ڪري کيس سهڻيون ٿي پيون. خدا جو ڪلام حضرت يرمياه جي دل ۾ اهڙيءَ باهه مثل هو جو اهو ماڻهن کي ٻڌائڻ هن لاءِ ضروري هو.

حضرت يرمياه جي هن ڪتاب ۾ هڪ اهم ۽ وڏي خوشخبري بيان ڪيل آهي ته يرمياه نبيءَ جي ڏکئي دور کان پوءِ اهڙو وقت ايندو جڏهن نئون عهد ٿيندو ۽ خدا جي قوم کي سکيا ڏيندڙن جي ضرورت نه هوندي، ڇالاءِجو اهو عهد سندن دلين تي لکيو ويندو (31:31-34).

### سِٽاءُ

حضرت يرمياه جو سڏ 1:1-19
يوسياه، يهويقيم، يهوياڪين ۽ صدقياه بادشاهن جي حڪومتن ۾ ڏنل پيغام 1:2-38:25
حضرت يرمياه جي ڏينهن جا واقعا 1:26-5:45
غير قومن جي خلاف پيغام 1:46-64:51
يروشلم جي تباهي 1:52-34

## يرمياه جي خدمت جو دور

1 ① هي ڳالهيون يرمياه ولد خلقياه جون چيل آهن، جيڪو بني
بنيامين جي علائقي واري ڳوٺ عنتوت جي ڪاهنن مان هو.
② يهوداه ملڪ جي بادشاهہ يوسياه ولد امُون جي بادشاهيءَ جي
تيرهين سال خداوند جو ڪلام يرمياه تي نازل ٿيو. ③ يهوداه جي
بادشاهہ يهويقيم ولد يوسياه جي بادشاهيءَ دوران خداوند جو ڪلام
مٿس وري وري نازل ٿيندو رهيو. انهيءَ کان پوءِ يهوداه جي پوئي
بادشاهہ صدقياه ولد يوسياه جي بادشاهيءَ جي دوران بہ يرمياه تي
خداوند جو ڪلام نازل ٿيندو رهيو. صدقياه جي بادشاهيءَ جي يارهين
سال جي پنجين مهيني ۾ يروشلم جا ماڻهو جلاوطن ڪيا ويا.

## يرمياه جو نبيءَ طور چونڊجڻ

④ خداوند مون يرمياه کي فرمايو تہ
⑤ ”جڏهن مون تو کي ماءُ جي پيٽ ۾ خلقيو،
تنهن کان اڳ ئي مون تو کي چونڊي ڇڏيو هو.
تنهنجي جمڻ کان اڳ
مون تو کي مخصوص ڪري دنيا کان ڌار ڪيو هو
۽ تو کي قومن جو نبي مقرر ڪري ڇڏيو هو.“

⑥ تڏهن مون چيو تہ ”هاءِ! اي خداوند خدا! مون کي تہ ڳالهائڻ
جي بہ خبر ناهي، آءٌ تہ اڃا ٻار آهيان.“ ⑦ تنهن تي خداوند مون کي
فرمايو تہ
”ائين نہ چئُہ تہ ’آءٌ تہ اڃا ٻار آهيان،‘
بلڪ جنهن ڏانهن بہ آءٌ تو کي موڪليان،
تنهن ڏانهن تو کي وڃڻو آهي،
۽ جيڪي حڪم آءٌ تو کي ڏيان سو پهچائڻو آهي.
⑧ تون انهن کي ڏسي ڪائڻ هرگز نہ ڊڄ،
ڇاڪاڻ تہ آءٌ تو سان گڏ آهيان ۽ تنهنجي حفاظت ڪندس.
اهو مون خداوند جو فرمان آهي.“
⑨ پوءِ خداوند پنهنجو هٿ ڊگهيري منهنجي وات کي ڇهيو ۽ مون
کي چيائين تہ
”مون پنهنجو ڪلام تنهنجي وات ۾ وڌو آهي.
⑩ ياد رک، اڄ مون تو کي قومن ۽ حڪومتن تي اختيار ڏنو آهي
تہ تون ڪين پاڙؤن پٽين، پٽين ڊاهين، اونڌو يا ناس ڪرين،
يا وري ڪين اڏائين ۽ آباد ڪرين.“

## ٻہ رويائون

⑪ پوءِ خداوند مون کان پڇيو تہ ”اي يرمياه! تون ڇا ٿو ڏسين؟“
مون ڪيس وراڻيو تہ ”آءٌ بادام جي وڻ جي هڪڙي ٽاري ٿو ڏسان.“
⑫ تڏهن خداوند مون کي فرمايو تہ ”تو صحيح ڏٺو آهي، ڇالاءِجو
آءٌ پنهنجي ڪلام کي پوري ڪرڻ لاءِ *سجاڳ ٿو رهان.“
⑬ پوءِ خداوند ٻيو ڀيرو مون کان پڇيو تہ ”تون ڇا ٿو ڏسين؟“ مون
وراڻيو تہ ”آءٌ هڪڙي ٽهڪندڙ ديڳ ٿو ڏسان، جنهن جو منهن اتر
طرف کان هيڏانهن جهڪيل آهي.“ ⑭ تڏهن خداوند مون کي چيو تہ
”هن ملڪ تي اتر کان مصيبت اچي ڪڙڪندي. ⑮ هائو، آءٌ ئي اتر
وارين بادشاهتن جي سڀني ماڻهن کي سڏائڻ وارو آهيان. انهن جا
بادشاهہ ڪاهہ ڪري ايندا ۽ ڪوٽ واري شهر يروشلم ۽ يهوداه جي
ٻين سڀني شهرن کي چوڌاري گهيرو ڪندا. هو يروشلم جي ڪوٽ
واري هر دروازي تي پنهنجو شاهي اختيار قائم ڪندا. ⑯ آءٌ پنهنجي
قوم جي بڇڙائيءَ سبب مٿن پنهنجي فتويٰ جاري ڪندس، ڇاڪاڻ تہ
هنن مون کي ڇڏي ڏنو آهي، غير معبودن آڏو قربانيون پيش ڪيون
اٿائون ۽ پنهنجي هٿن سان ٺاهيل شين جي پوڄا ڪئي اٿائون.
⑰ سو تون سندرو ٻڌي تيار ٿيءُ! جيڪو حڪم آءٌ تو کي ڏيان سو
وڃي انهن کي ٻڌاءِ. انهن کان نہ ڊڄ، نہ تہ آءٌ تو کي انهن اڳيان
گهٽو ڊنل بڻائيندس. ⑱ ڏس، اڄ مون تو کي هن سڄي ملڪ جي
سامهون يعني يهوداه جي بادشاهن، ان جي عملدارن، ان جي ڪاهنن
۽ ملڪ جي ماڻهن جي مقابلي ۾ هڪڙو ڪوٽ وارو شهر، لوهہ جو
ٿنڀو ۽ پتل جي ڀت ڪري بڻايو آهي. ⑲ هو تو سان وڙهندا، پر تو مٿان
غالب پئجي نہ سگهندا، ڇاڪاڻ تہ آءٌ تو سان گڏ آهيان ۽ تنهنجي
حفاظت ڪندس. اهو مون خداوند جو فرمان آهي.“

## خدا جو بني اسرائيل جي سار سنڀال لهڻ

2 ① خداوند مون کي فرمايو تہ ② ”وڃ، وڃي يروشلم ۾ منادي
ڪري مون خداوند جو هي فرمان ٻڌاءِ تہ
’مون کي اوهان جي اُها بي‌انتها محبت ياد آهي،
جيڪا اوهين شروعات ۾ مون سان ڪندا هئا،
هائو، ڪنوار جهڙي اوهان جي اُها محبت ياد اٿم،
جيڪا اوهين مون سان ڪندا هئا.
اهو بہ ياد اٿم تہ ڪيئن اوهين
غير آباد رڻپٽ ۾ منهنجي پٺيان هلندا هئا.
③ اي بني اسرائيل! ان وقت اوهين منهنجا ئي هئا،
اوهين منهنجي لاءِ ئي مخصوص،

*سجاڳ ٿو رهان: عبراني ٻوليءَ ۾ لفظ ’بادام‘ ۽ ’سجاڳ‘ گهڻي حد تائين هڪجهڙي اچار وارا لفظ آهن.

1:3 2.با 22:3–23:27، 2.توا 34:8–35:19 3:1 2.با 23:36–24:7، 24:18–25:21، 2.توا 36:5–8، 36:11–21

۽ *فصل جي پهرين پيداوار جيان هئا.
مون انهن سڀني کي مصيبت ۽ ڏک ۾ وڌو،
جيڪي اوهان کي ايذائيندا هئا.
اهو مون خداوند جو فرمان آهي.''

## بني اسرائيل جي ابن ڏاڏن جو گناهہ

4 اي يعقوب جو اولاد! اي بني اسرائيل جا قبيلؤ! اوهين خداوند
جو پيغام ٻڌو. 5 خداوند فرمائي ٿو تہ
''اوهان جي ابن ڏاڏن مون وٽ ڪهڙي ڪمي ڏٺي هئي،
جو هو مون کان ڦري ويا؟
هو بيڪار بتن جي پوڄا ڪري پاڻ بہ بيڪار بڻيا.
6 هنن کي تہ منهنجي يادگيري ئي ناهي رهي،
توڙي جو مون کين مصر ملڪ مان ٻاهر ڪڍي آندو،
بلڪ کين ويران بيابان مان پڻ ٻاهر وٺي آيس،
يعني رڻپٽ ۽ کڏن کوہن جي علائقي مان ڪڍي آيس،
هڪ اهڙي علائقي مان جيڪو خشڪ ۽ انڌيري وارو هو.
اهو اهڙو علائقو هو جنهن مان نہ ڪو لنگهندو هو
۽ نہ وري منجهس ڪو رهندو هو.
7 مون هنن کي زرخيز زمين ۾ آندو
تہ جيئن هو ان جو ميوو ۽ چڱي پيداوار کائين.
پر هنن ان ۾ داخل ٿي منهنجي انهيءَ ملڪ کي پليت ڪيو،
يعني منهنجي ڏنل ميراث کي برباد ڪري ڇڏيائون.
8 ڪاهنن بہ مون خداوند کي ياد نہ ڪيو،
جن جو واسطو شريعت سان آهي تن بہ مون کي ڪين ڄاتو.
اڳواڻن بہ منهنجي خلاف بغاوت ڪئي.
نبي سڏائيندڙن بعل ديوتا جي نالي سان پيغام ڏنا،
۽ بيڪار بتن جي پوڄا ۾ لڳي ويا.''

## خداوند جو پنهنجي قوم خلاف مقدمو

9 ''تنهنڪري آءٌ خداوند
پنهنجي قوم جي خلاف مقدمو اٿلائيندس،
هائو، آءٌ وري سندن اولاد جي خلاف مقدمو هلائيندس.
10 اي منهنجي قوم!
اولهہ ۾ قبرص جي ٻيٽن تائين پار وڃي ڏس،
اوڀر ۾ قيدار تائين ماڻهو موڪلي جاچ ڪري ڏس،
تون جتي بہ وينديءَ ڪٿي بہ ائين نظر نہ ايندءِ جو
11 اڳ ڪڏهن ڪنهن قوم پنهنجا معبود بدلايا هجن،
جڏهن تہ حقيقت ۾ اهي معبود ئي ناهن.
پر اي منهنجي قوم! تو مون حقيقي خدا کي ڇڏي،
بيڪار بتن جي ڪري پنهنجو شان وَ شوڪت متائي ڇڏيو آهي.

12 سو اي آسمانؤ! هيبت وچان ڪنبڻ لڳو،
عجب کائو ۽ ششدر ٿيو.
13 ڇالاءِجو منهنجي قوم ٻہ گناهہ ڪيا آهن:
هڪ تہ هو زندگيءَ جي چشمي يعني مون کان ڦري ويا آهن،
ٻيو پنهنجي لاءِ ڀڳل حوض ناهيا اٿائون،
جن ۾ پاڻي ڪونہ ٿو ٽڪي سگهي.''

## بني اسرائيل جي بي‌وفائيءَ جو نتيجو

14 ''بني اسرائيل قوم نہ تہ زرخريد ٻانهي آهي،
۽ نہ وري اها پيدائشي غلام هئي،
تہ پوءِ ڪهڙي سبب ڪري انهيءَ کي لٽيو ڦريو ويو؟
15 غير قوم وارا جوان شينهن جيان مٿس رڙيا ۽ گجيا،
۽ سندس ملڪ کي ويران ڪري ڇڏيائون.
سندس شهر ساڙيا ويا،
ايتري قدر جو انهن ۾ ڪو رهڻ وارو نہ بچيو.
16 هائو، بني نوف ۽ بني تحفنيس
بني اسرائيل قوم جي کوپڙي ڏاري وڌي آهي.
17 اي بني اسرائيل!
ڇا اهو سڀ ڪجهہ تو پنهنجي مٿان پاڻ نہ آندو آهي؟
ڇوجو تو مون خداوند پنهنجي خدا کي ڇڏي ڏنو،
جڏهن تہ مون تنهنجي رهنمائي پئي ڪئي.

18 هاڻي نيل نديءَ جي پاڻي پيئڻ لاءِ
مصر ڏانهن وڃڻ مان تو کي ڪهڙو فائدو آهي؟
يا فرات نديءَ جي پاڻي پيئڻ لاءِ
اشور ملڪ ڏانهن وڃڻ مان تو کي ڪهڙو فائدو آهي؟
19 ٻڌ، آءٌ خداوند قادرِمطلق خدا تو کي کولي ٿو ٻڌايان تہ
تنهنجي اها بڇڙائي ئي تو کي سزا ڏيندي،
تنهنجي اها سرڪشي تو کي ملامت ڪندي.
سو تو کي خبر پئجي ويندي تہ
مون خداوند پنهنجي خدا کي ڇڏي
تو ڪيڏي نہ خراب ۽ غلط ڳالهہ ڪئي آهي،
ڇالاءِجو تو کي منهنجو ڪو ڊپ ئي نہ رهيو آهي.''

## بني اسرائيل جو خداوند کي ڇڏي ڏيڻ

20 خداوند خدا فرمائي ٿو تہ
''اي اسرائيل ملڪ ۾ رهندڙ قوم!

*فصل جي پهرين پيداوار: شريعت مطابق ڪنهن بہ فصل جي پهرين پيداوار خداوند لاءِ ئي مخصوص هوندي هئي (ڏسو خروج 23:19).

گھڻو اڳي مون تنهنجي غلاميءَ جي پاڃاري ڀڃي ڇڏي هئي،
۽ تنهنجا قيد وارا رسا ٽوڙي ڇڏيا هئا.
پر تو چيو تہ ’آءٌ خدا جي تابعداري نہ ڪنديس،‘
جڏهن تہ تون ٻُتن جي پوڄا ۾ هر ڪنهن اوچي ٽڪريءَ تي
۽ ڇانوري واري هر وڻ هيٺ
ڪڃريءَ وانگر ٽنگون ٽيڙيو پيئي آهين.
21 مون تہ تو کي سٺي ۾ سٺي ٻج مان
انگورن جي ول جو عمدو ٻوٽو ڪري پوکيو هو،
پوءِ تون ڪيئن منهنجي لاءِ
جهنگلي ۽ ڪريل ول وانگر ٿي پيئينءَ؟
22 هاڻ تون ڪيتري بہ صابڻ سان غسل ڪرين،
۽ ڪٽي ڪيترو ئي پاڻ کي کار سان ڌوئين،
تہ بہ منهنجي نظر ۾
تنهنجي بدڪاريءَ جو ڇُٽو تو تان ڪين لهندو.
23 تون ڪيئن ٿي چوين تہ ’مون پاڻ کي ناپاڪ نہ ڪيو آهي،
نڪي بعل ديوتائن جي پوڄا ڪئي اٿم‘؟
ياد ڪر، تو *ماٿريءَ ۾ ڇا ڇا ڪيو.
تون هڪڙي وهريل ڏاچيءَ وانگر آهين، جيڪا ڀَل پئي ڀوڙي.
24 تون بيابان جي هِريل انهيءَ گڏهِہ جيان آهين،
جيڪا پنهنجي شهوت جي پورائي لاءِ نوسيندي وتندي آهي،
جڏهن وهر ڪٽيس ٿي تہ پوءِ ڪير تو کيس روڪي سگهي؟
ڪوبہ نر ان جي پنيان لڳي پاڻ کي ڪين ٿڪائيندو،
ڇوتہ لڳ جي وقت تي اُها پنهنجو پاڻ کيس هٿ اچي ويندي.
25 اي اسرائيل ملڪ ۾ رهندڙ قوم!
ڌارين معبودن پنيان لڳي پنهنجن پيرن ۾ لڦون نہ وجهہ،
نڪي سندن پنيان لڳي سهڪندي پنهنجي نڙي سڪاءِ.
پر تون چوين ٿي تہ ’نہ، آءٌ هرگز نہ مڙنديس.
مون کي ڌارين معبودن سان عشق آهي
۽ آءٌ انهن جي ئي پوڄا ڪنديس.‘“

## اسرائيل وارا سزا جا حقدار

26 خداوند خدا فرمائي ٿو تہ
”جيئن ڪو چور پڪڙجي پوڻ تي خوار خراب ٿيندو آهي،
تيئن ئي اوهان بني اسرائيل وارا پنهنجن بادشاهن ۽ اميرن،
ڪاهنن ۽ نبي سڏائيندڙن سميت خوار خراب ٿيا آهيو.
27 اوهين ڪاٺ کي چئو ٿا تہ ’تون اسان جو پيءُ آهين،‘
۽ پٿر کي چئو ٿا تہ ’تو اسان کي ڄڻيو آهي.‘
اوهان مون ڏانهن منهن نہ پر پٺي ڪئي آهي،
پر جڏهن اوهين مصيبت ۾ پئو ٿا
تڏهن مون کي چئو ٿا تہ ’اچ، اچي اسان کي بچاءِ.‘
28 ڀلا، ان وقت اوهان جا اهي معبود ڪٿي هوندا آهن،
جيڪي اوهان پنهنجي لاءِ جوڙيا آهن؟
جيڪڏهن اُهي اوهان کي مصيبت مان بچائي سگهن
تہ ڀلي اچي اوهان کي بچائين.
اي يهوداہ! جيترا تنهنجا شهر آهن
اوترا ئي تو ۾ معبود آهن.“

29 خداوند فرمائي ٿو تہ
”اي بني اسرائيل وارؤ! اوهين مون تي الزام ڇو ٿا هڻو؟
جڏهن تہ اوهان سڀيئي پاڻ
منهنجي خلاف بغاوت ڪري چڪا آهيو.
30 مون اجايو اوهان کي سزا ڏني،
جڏهن تہ اوهين سڌريا ئي ڪونہ.
اوهين پاڻ پنهنجن نبين کي
شڪاري شينهن وانگر چيري ڦاڙي ڇڏيو آهي.
31 اي هن پيڙهيءَ وارؤ!
مون خداوند جي ڳالهين تي غور ڪريو.

ڇا آءٌ سار سنڀال لهندي بہ
اوهان بني اسرائيل لاءِ رڻپٽ مثل آهيان؟
ڇا آءٌ رهنمائي ڪندي بہ
اوهان لاءِ گهُگهُہ اوندهہ واري زمين جيان آهيان؟
تہ پوءِ اي منهنجي قوم! اوهين ائين ڇو ٿا چئو تہ
’اسان کي جيئن وڻندو تيئن ڪنداسين
۽ خداوند جي واٽ تي موٽي نہ ايندا سين.‘
32 ڀلا ڪا ڪنواري پنهنجا زيور
يا ڪا ڪنوار پنهنجي سهاڳ جو جوڙو وساري ڇڏيندي آهي؟
پر منهنجي قوم بي‌شمار ڏينهن کان مون کي وساري ڇڏيو آهي.
33 اي منهنجي قوم!
عاشقن کي ڳولهي لهڻ ۾ تون ڪيڏي نہ ماهر آهين.
بيشڪ بدڪار عورتون بہ تو کان ئي سکيون آهن.
34 ان کان علاوہ تنهنجي ڪپڙن تي رت جا داغ
بي‌گناهہ غريبن جا آهن نڪي ڪاٺ هڻندڙن جا.
35 انهيءَ هوندي بہ تون چوين ٿي تہ
’آءٌ بي‌گناهہ آهيان،
يقيناً خداوند جي ڪاوڙ مون تان ٽري ويئي آهي.‘
پر ياد رک، آءٌ خداوند تو کي سزا ڏيندس،
ڇاڪاڻ‌تہ تون انڪاري آهين تہ تو گناهہ نہ ڪيو آهي.

*ماٿريءَ ۾: گهڻو ڪري هي هنوم جي ماٿري آهي، جتي بني اسرائيل بت‌پرستي ڪندا هئا (ڏسو يرمياہ 7:31، 35:32 ۽ 2.بادشاهہ 10:23).

36 تون پنهنجا رستا بدلائيندي بدلائيندي
ڪيتري نہ گمراهہ ٿي ويئي آهين!
جيئن اشور کان تو کي نااميدي ملي هئي
تيئن مصر کان بہ نااميدي ئي ملندءِ.
37 تون پنهنجي وطن مان بہ قيد ٿي نڪرندينءَ،
ڇاڪاڻتہ جن تي تنهنجو ڀروسو آهي
تن کي مون خداوند رد ڪيو آهي.
انهن کان تو کي ڪابہ مدد ڪانہ ملندي.”

## اسرائيل ملڪ جي نافرمان قوم

3 1 خداوند فرمائي ٿو تہ
“جيڪڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي زال کي طلاق ڏيئي ڪڍي ڇڏي
۽ اُها وڃي ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ سان پرڻجي،
تہ پوءِ ڇا سندس پهريون مڙس وري وٽس ويندو؟
ائين ڪرڻ سان ڇا ملڪ بلڪل پليت نہ ٿيندو؟
ساڳئيءَ طرح اي منهنجي قوم! تون بہ هڪ ڪيريءَ وانگر
گهڻن ئي يارن سان رهي آهين،
انهيءَ حالت ۾ آءٌ تو کي ڪيئن ٿو قبول ڪري سگهان؟
2 ٽڪر تي نهيل جاين ڏانهن پنهنجون اکيون کڻي نهاري ڏس
تہ اتي ڪابہ اهڙي جاءِ آهي جتي تو سان ڪو ستو نہ هجي؟
تون بيابان جي رستن جي ڪناري
پنهنجن يارن لاءِ ائين انتظار ۾ ويٺي آهين،
جيئن بدوي رستن تي ويهي ايندڙ ويندڙ سان وهنوار ڪندا آهن.
تو هن ملڪ کي پنهنجي اهڙي زناڪاري
۽ بدڪاريءَ سان ناپاڪ ڪيو آهي.
3 اهو ئي سبب آهي جو مينهن جهلجي ويو آهي،
۽ بهار وارو وسڪارو بہ ناهي ٿيو.
انهيءَ هوندي بہ تنهنجي چالُ چلت ڪيريءَ جهڙي آهي،
۽ شرم وچان ٻڏي بہ نہ ٿي مرين.

4 پنهنجي اهڙيءَ حالت ۾ تون مون کي چوين ٿي تہ
‘اي منهنجا ابا!
تو منهنجي ننڍپڻ کان وٺي مون سان پيار ڪيو آهي.
5 پوءِ تون هميشہ لاءِ مون سان ڪاوڙيل رهندين ڇا؟’
اي اسرائيل ملڪ جي قوم! تو ائين بہ چيو آهي،
پر تو کان جيڪا بڇڙائي پڄي آهي سا بہ ڪندي رهي آهين.”

## بتپرست بني اسرائيل ڪيريءَ جيان بي‌وفا

6 يوسياہ بادشاهہ جي بادشاهيءَ دوران خداوند مون يرمياہ کي
فرمايو تہ “ڏٺئہ، اسرائيل ملڪ جي بي‌وفا قوم ڇا ڇا ڪيو؟ هن
ٽڪر تي نهيل هر ڪنهن جاءِ تي ۽ ڇانوري واري هر وڻ هيٺ وڃي
بتپرستي ڪندي ڪيريءَ وانگر زناڪاري ڪئي آهي. 7 مون سوچيو
تہ هوءَ اهو سڀ ڪجهہ ڪرڻ کان پوءِ بہ توبهہ‌تائب ٿي مون ڏانهن
موٽي ايندي، پر ائين نہ ٿيو. سندس بي‌وفا ڀيڻ يهوداہ ملڪ جي قوم
اهو سڀ ڪجهہ پئي ڏٺو آهي. 8 مون اسرائيل ملڪ جي بي‌وفا قوم
کي سندس زناڪاريءَ جي ڪري طلاق‌نامو ڏيئي ڪڍي ڇڏيو. اهو
ڏسندي بہ سندس بي‌وفا ڀيڻ يهوداہ ملڪ جي قوم ڪانہ ڊني، اٽلندو
اها بہ وڃي زناڪاري ڪرڻ لڳي. 9 ڪيس ڪوبہ شرم نہ آيو. هن
پٿرن ۽ وٽن جي پوڄا ڪندي ڄڻ زناڪاري ڪري ملڪ کي پليت ڪيو
آهي. 10 انهن سڀني ڳالهين جي باوجود سندس بي‌وفا ڀيڻ يهوداہ
ملڪ جي قوم مون ڏانهن پوريءَ دل سان موٽ نہ ڪئي آهي، رڳو
رياڪاري ڪئي اٿن. اهو آءٌ خداوند ٿو فرمايان.”
11 خداوند مون کي فرمايو تہ “اهو ئي سبب آهي جو اسرائيل ملڪ
جي بي‌وفا قوم پنهنجو پاڻ کي يهوداہ ملڪ جي بي‌وفا قوم کان
وڌيڪ سچو ثابت ڪيو آهي. 12 سو تون وڃ ۽ اترادي ملڪ اسرائيل
۾ وڃي مون خداوند جو هي فرمان وڏي واڪي ڇئي ٻڌاءِ تہ ‘اي
اسرائيل ملڪ جا بي‌وفا رهاڪؤ! موٽي اچو. آءٌ خداوند اوهان جو خدا
اوهان تي وڌيڪ غضب نازل نہ ڪندس، ڇاڪاڻتہ آءٌ رحيم آهيان،
آءٌ هميشہ ڪاوڙيل نہ رهندس. 13 اوهين رڳو پنهنجو گناهہ باسيو تہ
اوهان منهنجي خلاف بغاوت ڪئي آهي ۽ ڇانوري واري هر وڻ هيٺ
ڌارين معبودن ڏانهن رجوع ڪيو اٿوَ ۽ منهنجي فرمانبرداري ڪانہ
ڪئي اٿوَ.
14 اي مون کان ڦري ويل قوم وارؤ! موٽي اچو، ڇالاءِجو اوهين
منهنجا ئي آهيو. آءٌ اوهان جي هر شهر مان هڪ هڪ ۽ هر قبيلي مان
ٻہ ٻہ نمائندا ڪري چونڊيندس ۽ ائين *صيئون جبل سان اوهان جو
رابطو ڳنڍي ڇڏيندس. 15 آءٌ اوهان کي اهڙا حڪمران ڏيندس جيڪي
منهنجي مرضيءَ تي هلندڙ هوندا. اهي علم ۽ سمجهہ سان اوهان
جي اڳواڻي ڪندا.
16 پوءِ جڏهن اوهين پنهنجي ملڪ اندر تعداد ۾ وڌي ويندا، تڏهن
اوهين منهنجي عهد واري صندوق جي باري ۾ ڳالهائڻ ئي ڇڏي
ڏيندا. اوهين ان متعلق سوچيندا بہ نہ ۽ نہ وري اُها اوهان کي ياد
ئي رهندي. اوهان کي نہ انهيءَ جي ڪا ضرورت هوندي ۽ نہ وري
اوهين ڪا ٻي اهڙي عهد واري صندوق ٺاهيندا. 17 ڇالاءِجو انهيءَ
وقت اوهين يروشلم کي “خداوند جو تخت” سڏيندا ۽ سڀ قومون

*صيئون جبل: يروشلم شهر جي هن جبل تي مقدس هيڪل اڏيل هو.

1:3 شر 24:1–4 6:3 2.با 22:1–23:30، 2.توا 34:1–35:27

مون خداوند جي نالي کي تعظيم ڏيڻ لاءِ يروشلم ۾ گڏ ٿينديون،
۽ اڳتي اوهين پنهنجي شرير دل جي هوڏ مطابق نہ هلندا. 18 انهن
ڏينهن ۾ اوهين اسرائيل جا رهاڪو يهوداہ جي رهاڪن سان ملي
ويندا ۽ گڏجي اُتر واري ملڪ جي جلاوطنيءَ مان نڪري انهيءَ ملڪ
۾ ايندا جيڪو مون اوهان جي ابن ڏاڏن کي ميراث ڪري ڏنو آهي.‘ ”

## بني اسرائيل جي بي‌وفائي

19 خداوند فرمائي ٿو تہ
”اي منهنجي قوم!
منهنجو ارادو هو تہ آءٌ تو کي پنهنجي اولاد جو رتبو ڏيان،
۽ تو کي سٺو ملڪ،
يعني ٻين قومن کان چڱي ۾ چڱو ملڪ ورثو ڪري ڏيان.
مون سوچيو هو تہ تون مون کي پنهنجو پيءُ ڪري سڏيندينءَ،
۽ منهنجي فرمانبرداري ڪرڻ کان ڦري نہ ويندينءَ.
20 پر ان جي بدران اي منهنجي قوم!
تو هڪ بي‌وفا زال وانگر مون سان بي‌وفائي ڪئي آهي.
آءٌ خداوند ائين ٿو فرمايان.“

21 جيئن تہ بني اسرائيل پنهنجي رستي کان هٽي ويا آهن،
۽ خداوند پنهنجي خدا کي وساري ڇڏيو اٿن،
سو سندن روئڻ ۽ منٿن ڪرڻ جو آواز
ٻهاڙن تائين ٻڌڻ ۾ اچي ٿو.
22 اي ڦري ويل قوم وارؤ! خداوند آڏو توبهہ‌تائب ٿيو،
هو اوهان جي گمراهيءَ جو علاج ڪندو.

اوهين هي چئو تہ ”اسين خداوند آڏو توبهہ‌تائب ٿا ٿيون، ڇاڪاڻ‌تہ
هو ئي خداوند، اسان جو خدا آهي. 23 سچ آهي تہ بت‌پرستيءَ واريون
ٽڪريون ۽ جبل دوکو آهن. سچ‌پچ بني اسرائيل جو ڇوٽڪارو خداوند
اسان جي خدا ۾ ئي آهي. 24 پر بدڪاريءَ جي پتلي بعل ديوتا جي
پوڄا، جيڪا اسان جي قوم شروعات کان ئي پيئي ڪئي، سا اسان
جي ابن ڏاڏن جو پورهيو، سندن ڍور ڍڳا، رڍون ٻڪريون ۽ سندن پٽ
۽ ڌيئرون بہ کائي ويئي آهي. 25 اسان کي خواريءَ سبب شرم ۾ ٻڏي
مرڻ گهرجي، ڇالاءِجو اسان ۽ اسان جي ابن ڏاڏن شروعات کان وٺي
اڄ ڏينهن تائين خداوند پنهنجي خدا جو گناهہ ۽ نافرماني پئي ڪئي
آهي.“

## توبهہ جو سڏ

4 1 خداوند ٿو فرمائي تہ
”اي اسرائيل وارؤ! جيڪڏهن اوهين توبهہ ڪندءُ،
هائو، جيڪڏهن اوهين مون آڏو توبهہ‌تائب ٿيندءُ،
جيڪڏهن اوهين انهن نفرت ڏياريندڙ بتن کي
پنهنجي اڳيان هٽائي ڇڏيندءُ،
منهنجا فرمانبردار ٿيندءُ،
2 ۽ حق سچ، عدالت ۽ سچائيءَ ۾
مون جيئري خداوند جو قسم کڻندءُ،
تہ پوءِ سڀ قومون منهنجي نالي جي ڪري
برڪت حاصل ڪنديون ۽ مون تي فخر ڪنديون.“

3 خداوند يروشلم شهر بلڪ سڄي يهوداہ جي ماڻهن کي فرمائي
ٿو تہ
”جيئن خالي پيل زمين کي کيڙي تيار ڪبو آهي،
تہ جيئن ٻج ڪنڊن جي بجاءِ انهيءَ ۾ پوکجي،
تيئن اوهين پنهنجي دلين کي تيار ڪريو.
4 اي يروشلم بلڪ سڄي يهوداہ وارؤ!
اوهين مون خداوند سان پنهنجو ڪيل عهد قائم رکو،
۽ پنهنجي دلين تان ڪٽ لاهي اجلائي ڇڏيو.
جيڪڏهن ائين نہ ڪندءُ،
تہ پوءِ اوهان جن بڇڙن ڪمن جي ڪري
منهنجي ڪاوڙ باهہ وانگر ڀڙڪو کائي اٿندي،
۽ اها اهڙي تہ ڀڙڪي اٿندي
جو ڪوبہ ان کي وسائي نہ سگهندو.“

## يهوداہ ملڪ تي ڪاهہ جو خطرو

5 يروشلم ۾ بلڪ ساري يهوداہ ملڪ ۾ اعلان ڪرايو وڃي،
هائو، ڍڳا ڏياري ۽ نفيلون وڄائي وڏي واڪي پڪاريو وڃي تہ
”اچو تہ گڏجي ڪوٽ وارن شهرن ڏانهن ڀڄي هلون.“
6 *صيئون ڏانهن وڃڻ لاءِ جهنڊو کڻو،
بنا دير پناهہ لاءِ ڀڄو!
ڇالاءِجو خداوند اتر پاسي کان
آفت بلڪ تباهي آڻيندڙ لشڪر آڻڻ وارو آهي.
7 اهو شينهن جيان پنهنجي چر مان نڪري چڪو آهي،
قومن کي ناس ڪندڙ روانو ٿي چڪو آهي.
اوهان جي ملڪ کي ويران ڪرڻ لاءِ

*صيئون: يعني يروشلم شهر.

3:4 هوس 12:10

هو پنهنجي هنڌان هلي چڪو آهي.
توهان جا شهر ڪنڊر بڻجي ويندا
۽ منجهن ڪوبہ رهڻ وارو نہ بچندو.
8 انهيءَ ڪري اوهين ڪٿو چيلهہ سان ٻڌو،
روئو رڙو ۽ واءِويلا ڪريو،
ڇالاءِجو خداوند جي خوفناڪ ڪاوڙ
اسان يهوداہ وارن تان ٽري ناهي.

9 خداوند فرمائي ٿو تہ ”انهيءَ ڏينهن بادشاهہ ۽ امير بيهمت
ٿي پوندا، ڪاهن کي دهشت وٺي ويندي ۽ نبي دهلجي ويندا.“
10 تڏهن مون يرمياہ چيو تہ ”اي خداوند خدا! تو ڪيئن نہ هن قوم
۽ يروشلم کي صفا دوکو ڏنو آهي، ڇالاءِجو تو چيو هو تہ ’اوهين
سلامت رهندا،‘ پر هاڻي تہ تلوار اسان جي ڪنڌ تي اچي پهتي آهي.“
11 انهيءَ وقت هن قوم ۽ يروشلم کي خداوند جو هي پيغام ٻڌايو
ويندو تہ ”بيابان مان واريا سن دڙن کان منهنجي قوم ڏانهن تباهيءَ
جو واءُ گهُلندو، جيڪو نہ تہ واءِ ڪرڻ لاءِ هوندو ۽ نہ صفائيءَ
لاءِ، 12 پر اهو هڪڙو سخت واءُ هوندو جيڪو منهنجي طرفان هوندو.
انهن تي اها فتويٰ آءٌ خداوند ڏيان ٿو.“

13 ڏسو، دشمن ڪڪرن وانگر وڌندو ٿو اچي.
هن جون جنگي گهوڙي گاڏيون واچوڙي وانگر آهن،
۽ سندن گهوڙا عقابن کان بہ تيز آهن.
اسان تباهہ ٿي وياسين، اسان برباد ٿي وياسين.

14 اي يروشلم وارؤ!
پنهنجي دلين کي بڇڙائيءَ کان پاڪ صاف ڪريو،
تہ جيئن اوهان جو بچاءُ ٿئي.
ڪيستائين اوهين برا خيال پچائيندا رهندءُ؟
15 دان شهر ۽ افرائيم جي جابلو علائقي مان آيل قاصد
مصيبت جو اعلان ڪن ٿا.
16 هائو، هو قومن کي آگاهہ ٿا ڪن
۽ يروشلم ۾ هن ڳالهہ جي منادي ٿا ڪن تہ
”ڏورانهين ملڪ مان هڪ گهيرو ڪندڙ لشڪر
يهوداہ جي شهرن خلاف جنگي نعرا هڻندو اچي ٿو.“
17 اهو لشڪر يروشلم کي چوڌاري ائين وڪوڙي ڇڏيندو
جيئن ڪنهن جاءِ جي چوڌاري پهريدار بيٺا هوندا آهن،
ڇاڪاڻتہ يهوداہ خداوند خلاف بغاوت ڪئي آهي.
خداوند ائين فرمايو آهي.

18 اي يهوداہ وارؤ!
اوهان جي پنهنجي هلت ۽ اوهان جن پنهنجن افعالن
اها مصيبت اوهان جي سر تي آندي آهي.
اها اوهان جي بڇڙاين جي سزا آهي.
اها ڪيڏي نہ سخت آهي! اها ڪيڏي نہ دل ۾ چيندڙ آهي!

## يرمياہ کي ڏک

19 هاءِ منهنجي دل! هاءِ منهنجي دل!
منهنجي دل ڏاڍي تڪليف ۾ آهي.
منهنجي دل ڏاڍي تڙپي ٿي!
مون کان ماٺ ٿي نہ ٿي سگهي،
ڇالاءِجو آءٌ نفيلن جو آواز ۽ جنگ جا نعرا ٻڌان ٿو.
20 مصيبت پٺيان مصيبت ٿي اچي،
۽ سارو ملڪ ويران ٿي ويو آهي.
اوچتو ئي اوچتو اسان جا گهر، اسان جا جهُڳا،
هڪ پل ۾ پورا پورا ٿي ويا آهن.
21 آءٌ ڪيستائين جنگ جو جوش ڏسان
۽ ڪيستائين نفيلن جا آواز ٻڌان؟

22 خداوند فرمائي ٿو تہ
”بيشڪ منهنجي قوم بيعقل آهي،
اها مون کي نہ ٿي سڃاڻي.
اهي بيسمجهہ ٻارن جيان آهن، جن کي ڪابہ سمجهہ ڪونهي.
اُهي بڇڙائي ڪرڻ ۾ تہ ماهر آهن، پر نيڪي ڪرڻ نہ ٿا ڄاڻن.“

## يرمياہ جي رويا

23 مون ڌرتيءَ ڏانهن نهاريو،
ڇا ڏسان تہ اُها ويران ۽ سڃي لڳي پيئي آهي.
آسمان ڏانهن نهاريم،
ڇا ڏسان تہ ان ۾ ڪا روشني ئي ڪانهي.
24 جبلن ڏانهن نهاريم،
ڇا ڏسان تہ اهي ڏڪن ٿا پيا.
ٽڪرين ڏانهن نهاريم،
ڇا ڏسان تہ اهي سڀ هيڏي هوڏي پيون لرزن.
25 مون هيڏي هوڏي نهاريو،
ڇا ڏسان تہ ڪو ماڻهو ئي نظر نہ ٿي آيو،
پکي بہ اُڏامي هليا ويا هئا.
26 مون وري نهاريو،
ڇا ڏسان تہ سرسبز ٻنيون بيابان لڳيون پيون آهن،
۽ ان ملڪ جا سمورا شهر
خداوند جي سخت غضب ڪري ڊهي ڍير ٿيا پيا آهن.

27 ڇالاءِجو خداوند فرمائي ٿو تہ

”سڄي دنيا ويران ٿي ويندي،
جيتوڻيڪ اڃا مون ان کي صفا تباهيءَ تي نہ پهچايو آهي.
28 انهيءَ سبب ڌرتي ماتم ڪندي
۽ آسمان ڪاراٽجي ويندو.
آءٌ اهو فيصلو ڪري چڪو آهيان
۽ پنهنجو ارادو نہ بدلائيندس.“

29 مون ڏٺو تہ گهوڙي سوارن ۽ تيراندازن جي گوڙ شور تي
سڀني شهرن وارا ڀڄندا ٿا وڃن.
ڪي گهاٽن جهنگن ۾ گهڙيا ٿا وڃن
تہ ڪي ٽڪرين تي چڙهندا ٿا وڃن.
سمورن شهرن ۾ سڃ لڳي پيئي آهي.
منجهن ڪوبہ رهڻ وارو باقي نہ بچيو آهي.
30 اي يروشلم جي بستي! تنهنجي مقدر ۾ بربادي لکيل آهي،
پوءِ تون هي ڇا ٿي ڪرين؟
تون ڇو ٿي ڪھنبا ڪپڙا ڍڪين
۽ ڇو ٿي سونا زيور پائين؟
ڇو ٿي ڪجريءَ جيان ڪجل سان پنهنجون اکيون سينگارين؟
تنهنجو سينگار اجايو آهي،
ڇالاءِجو تنهنجا عاشق تو کان نفرت ڪن ٿا
۽ تنهنجي حياتيءَ جي پٺيان آهن.
31 آءٌ هڪڙو آواز ٻڌان ٿو،
جيڪو ڄڻ تہ ڪنهن ويم جي سورن واري عورت جو آهي،
هڪ اهڙي عورت جو آواز،
جيڪا ڄڻ تہ پهريون ٻار ڄڻيندي هجي.
اهو آواز يروشلم جي وسنديءَ جو آهي
جيڪا سهڪي ٿي پيئي،
۽ پنهنجا هٿ ڪڍي چوي ٿي تہ
”هاءِ! آءٌ تہ برباد ٿي ويس!
خوني منهنجو خون ڪرڻ لاءِ اچن ٿا.“

## يروشلم جو گناهہ

5 1 خداوند فرمائي ٿو تہ
”اوهين يروشلم جون گهٽيون گهمي جاچي ڏسو،
چونڪن ۾ تلاش ڪري ڏسو.
جيڪڏهن اوهان کي ڪو هڪڙو اهڙو ماڻهو ملي،
جيڪو ايمانداريءَ واري هلت ڪندو هجي
۽ حق سچ جو ڳولهائو هجي،
تہ پوءِ آءٌ يروشلم شهر کي معاف ڪري ڇڏيندس.
2 جيتوڻيڪ اوهين مون جيئري خدا جو قسم کڻندا آهيو،
تہ بہ اوهان جو اهو قسم بلڪل ڪوڙو هوندو آهي.“

3 اي خداوند! بيشڪ تنهنجون اکيون
ماڻهن ۾ سچائيءَ کي تلاش ڪنديون رهن ٿيون.
تو يروشلم وارن کي سٽي وڌو،
پر مٿن ڪو اثر نہ ٿيو.
تو کين ڇٽيو تہ بہ هو نہ سڌريا.
هنن هوڏ ڪئي ۽ توبهہتائب ٿيڻ کان انڪار ڪيائون.
4 تڏهن مون سوچيو تہ
”هو ويچارا نادان آهن.
هو نہ ٿا ڄاڻن تہ خداوند جو رستو ڪهڙو آهي،
۽ سندن خدا ڪائن ڪهڙي تقاضا ڪري ٿو.
5 سو آءٌ اڳواڻن ڏانهن ويندس،
۽ ساڻن ڳالهائيندس.
يقيناً هنن کي خداوند جي رستي
۽ پنهنجي خدا جي تقاضا جي خبر هوندي.“
پر هنن سڀني تنهنجي پاڃاري ڀڃي ڇڏي آهي،
تان‌تہ تنهنجي فرمانبرداري ڪرڻ کان آجا ٿي وڃن.
6 اهو ئي سبب آهي جو ٻيلي مان هڪڙو شينهن
هنن تي حملو ڪري کين چٽ ڪندو،
بيابان مان هڪڙو بگهڙ اچي کين ڪائيندو،
هڪڙو چيتو سندن شهرن جي ويجهو چپ هڻي ويهندو،
تہ جيئن جيڪو اتان ٻاهر نڪري
تنهن کي چيري ڦاڙي ڇڏي.
اهو انهيءَ ڪري جو هنن جي بغاوت وڌي وئي آهي،
۽ سندن قصور گهڻا ٿي ويا آهن.

7 خداوند پنهنجي قوم کي فرمايو تہ
”اهڙين ڳالهين تي آءٌ اوهان کي ڇو معاف ڪريان؟
اوهان مون کي ڇڏي ڏنو آهي
۽ ڪوڙن معبودن جي پوڄا ڪندا رهيا آهيو.
مون اوهان کي آسودگي عطا ڪئي تہ بہ اوهان وڃي زنا ڪئي،
۽ ڪنجرين جي گهرن ۾ وڃي ڳاهٽ ٿيو ٿا.
8 اوهين ڍيٽ ڀريل شهوتي گهوڙا ٿي پيا آهيو،
هر ڪو ٻئي جي زال جي پٺيان هڻڪار ڪندو ٿو ڦري.
9 انهن ڳالهين جي ڪري ڇا آءٌ اوهان کي سزا نہ ڏيان؟
ڇا آءٌ اوهان جهڙي قوم کان وير نہ وٺان؟
10 ٻلي تہ دشمن اچي منهنجي قوم کي
انگورن جي باغ جيان وڍي اجلائين،
پر کين صفا ناس نہ ڪن.
آءٌ کين چوندس تہ ’انهن کي ٽارين وانگر ڇانگي ڇڏيو،
ڇاڪاڻ‌تہ اهي مون خداوند جون ناهن.‘
11 اسرائيل ۽ يهوداہ وارن

منهنجي ڏاڍي نافرماني ڪئي آهي.
آءٌ خداوند ائين فرمايان ٿو.“

## خداوند جو پنهنجي قوم کي رد ڪرڻ

12 بني اسرائيل خداوند بابت ڪوڙ ڳالهايو آهي. چيو اٿائون تہ
”هو ڪجهہ بہ نہ ڪندو. اسان کي ڪوبہ نقصان نہ پهچندو. اسان
ڪڏهن بہ جنگ يا ڏڪار نہ ڏسنداسين. 13–14 هائو، سندس نبي
بہ رڳو هوا وانگر آهن ۽ وٽن خدا جو ڪو ڪلام ڪونهي.“ سو
قادرِمطلق خداوند مون کي فرمايو تہ ”اي يرمياه! جيئن تہ ماڻهن
اهڙي ڳالهہ ڪئي آهي، تنهنڪري آءٌ پنهنجي ڪلام کي تنهنجي
وات ۾ باهہ بڻائيندس ۽ هنن ماڻهن کي ٻارڻ بڻائيندس. پوءِ اها باهہ
هنن کي ساڙي رک ڪري ڇڏيندي.“
15 خداوند فرمائي ٿو تہ ”اي يهوداه وارؤ! آءٌ هڪڙي ڏورانهين قوم
اوهان تي ڪاهي آڻيندس. اُها زورآور ۽ قديم قوم آهي. اُها هڪڙي
اهڙي قوم آهي جنهن جي ٻولي اوهين نہ ٿا ڄاڻو، نہ وري انهن جون
ڳالهيون سمجهي سگهو ٿا. 16 هنن جا سڀ جوڌا جوان اهڙا آهن،
جن جي تيرن ۾ موت ئي موت آهي. 17 هو اوهان جي فصلن ۽ کاڌ
خوراڪ کي ڳڙڪائي ويندا ۽ اوهان جي پٽن ۽ ڌيئرن کي قتل ڪري
ڇڏيندا. نہ رڳو ايترو پر هو اوهان جا ڍور ڍڳا ۽ رڍون ٻڪريون کهي
ڇڏيندا ۽ اوهان جا انگورن جا باغ ۽ انجير جا وڻ پڻ ناس ڪري
ڇڏيندا. اوهان جا ڪوٽن وارا شهر جن تي اوهين ڀاڙيون ويٺا آهيو،
تن تي هو ڪاهہ ڪري انهن کي برباد ڪري ڇڏيندا.“
18 خداوند ٿو فرمائي تہ ”انهيءَ هوندي بہ انهن ڏينهن ۾ آءٌ
پنهنجي قوم کي پوريءَ طرح ناس نہ ڪندس. 19 جڏهن ماڻهو پڇن
تہ ’خداوند اسان جي خدا اهو سڀ ڪجهہ اسان سان ڇو ڪيو آهي؟‘
تڏهن اي يرمياه! تون کين ٻڌائج تہ جيئن هنن مون کي ڇڏي پنهنجي
ئي ملڪ ۾ ڌارين معبودن جي پوڄا ڪئي آهي، تيئن ئي هاڻ هو بہ
ڌارئي ملڪ ۾ ڌارين جي غلامي ڪندا.“

## سزا ڏيڻ بابت خداوند جي آگاهي

20 خداوند فرمائي ٿو تہ
”جيڪي بني اسرائيل يهوداه ۾ رهن ٿا،
تن کي ٻڌائي ڇڏ تہ
21 ’اي بي‌عقل ۽ نادانؤ!
اوهين جيڪي اکين جي هوندي بہ ڏسو نہ ٿا
۽ ڪنن جي هوندي بہ ٻڌو نہ ٿا،
اوهين هيءَ ڳالهہ ڪن ڏيئي ٻڌو.
22 اوهين مون خداوند کان ڇو نہ ٿا ڊڄو؟
اوهين منهنجي سامهون ڇو نہ ٿا ڏڪو؟
مون سمنڊ کي واريءَ جو ڪنارو ڏنو آهي.
اهو اهڙو تہ مستقل ڪنارو آهي،
جنهن کان هو ٽپي نہ ٿو سگهي.
ان جون ڇوليون ڀل اٿلون کائين،
پر اُهي ڪناري کان ٽپي نہ ٿيون سگهن،
اُهي ڀل تہ گجگوڙون ڪن پر ان کي اورانگهي نہ ٿيون سگهن.
23 پر اوهان جون دليون اهڙيون تہ فسادي ۽ سرڪش آهن،
جو اوهين حدون اورانگهي ويا آهن.
24 هائو، اوهان اهو ڪڏهن بہ نہ سوچيو آهي تہ
اوهان کي مون خداوند اوهان جي خدا جو خوف رکڻ گهرجي،
جيڪو سرءُ ۽ بهار ۾ پوري وقت تي مينهن وسايان ٿو
۽ هر سال لاباري جي مقرر موسم ڏيان ٿو.
25 اوهان جي بدڪاريءَ اهي شيون
اوهان کان روڪي رکيون آهن،
هائو، اوهان جي گناهن اوهان کي
انهن چڱين شين کان محروم ڪري ڇڏيو آهي.‘

26 بيشڪ، منهنجي قوم ۾ شرير ماڻهو بہ موجود آهن،
جيڪي پکين کي ڦاسائيندڙن وانگر لڪيا ويٺا آهن.
هائو، اهي دوکيبازيءَ سان ماڻهن کي ڦندي ۾ ڦاسائيندا آهن.
27 جيئن ڪو پڃرو پکين سان ڀريل هوندو آهي،
تيئن ٺڳيءَ ڪندي هنن پنهنجا گهر ڀريا آهن،
انهيءَ ڪري هو شاهوڪار ۽ طاقتور ٿي ويا آهن.
28 هو ٿلها متارا ۽ چوڪا ٿي پيا آهن.
سندن شرارت وارن ڪمن جي تہ حد ئي ڪانهي.
هو نڪي يتيمن سان انصاف ڪن ٿا،
نہ وري غريبن جي حقن جو تحفظ ڪن ٿا.

29 انهن ڳالهين جي ڪري آءٌ خداوند کين سزا ڏيندس،
آءٌ اهڙيءَ قوم کان بدلو وٺندس.
30 ملڪ ۾ عجيب ۽ ڪراهت جهڙا ڪم ٿين ٿا.
31 نبي سڏائيندڙ ڪوڙي پيشن‌گوئي ڪن ٿا،
۽ ڪاهن انهن جي وسيلي حڪم هلائين ٿا،
جيڪي ڳالهيون منهنجي قوم کي پسند آهن.
پر منهنجي قوم آخرڪار ڇا ڪندي؟“

## يروشلم گهيري هيٺ

6 1 اي بني بنيامين! ڀڄو، ڀڄو،
يروشلم مان ڀڄي جان بچايو.

5:21 يس 6:9–10، حز 12:2، مر 8:18    5:22 ايو 38:8–11

تقوع شهر ۾ نفيل وڄائي آگاهي ڏيو.
بيت‌هڪرم شهر ۾ دونهون بلند ڪري خطري جو اشارو ڪريو.
انهيءَ ڪري جو اتر کان هڪڙي آفت،
بلڪ وڏي تباهي ايندي نظر اچي ٿي.
2 صيئون جي خوبصورت ۽ نازنين بستي يروشلم
جيڪا هڪ چراگاهہ مثل آهي،
سا ناس ٿي ويندي،
3 ڇالاءِ‌جو بادشاهہ لالچي ريڍارن وانگر
پنهنجي لشڪرن سان مٿس ڪاهي ايندا.
اهي انهيءَ جي چوڌاري پنهنجا خيما کوڙيندا.
هائو، هر ڪو چڻ تہ
پنهنجي مرضيءَ واري جاءِ تي چراگاهہ ٺاهي ويهندو.
4 هو چوندا تہ ”يروشلم تي حملي لاءِ تياري ڪريو.
اٿو، اسين منجهند جو ئي مٿس حملو ڪنداسون.“
پر دير ٿيڻ تي هو چوندا تہ ”افسوس صد افسوس!
ڏينهن ختم ٿيڻ وارو آهي
۽ شام جا پاڇا وڌندا ٿا وڃن.
5 پر خير، ڀلي رات ڇو نہ ٿئي اسين رات جو ئي حملو ڪري
سندس ڪوٽ ڪيرائي وجهنداسون.“

6 قادرِمطلق خداوند هيئن ٿو فرمائي تہ
”يروشلم تي حملي ڪرڻ لاءِ
وڻ وڍي انهن سان شهر جي ڪوٽ تائين دِڪو ٻڌو وڃي.
هن شهر کي ضرور سزا ملڻ گهرجي،
اهو ظلم سان ڀرجي ويو آهي.
7 جهڙيءَ طرح کوهہ جو پاڻي هر وقت تازو هوندو آهي،
تهڙيءَ طرح يروشلم بہ پنهنجي بڇڙائيءَ کي
هر وقت تازو رکيو ٿو اچي.
انهيءَ مان ڏاڍ ۽ بربادي‌ءَ جا واڪا مون تائين پهچن ٿا.
مظلومن جا ڏک سور ۽ زخم هر وقت منهنجي آڏو آهن.
8 اي يروشلم! ڪجهہ سمجهہ کان ڪم وٺ،
نہ تہ آءٌ تو کان منهن موڙي ڇڏيندس
۽ تو کي اجڙو تہ ويران ڪري ڇڏيندس
جو تو ۾ ڪوبہ رهڻ وارو نہ هوندو.“

## اسرائيل وارا خداوند جي رستي جا انڪاري

9 قادرِمطلق خداوند مون کي فرمايو تہ
”اسرائيل ملڪ جي باقي بچيلن کي
انگورن جي داڻن وانگر چونڊي پٽيو ويندو.
سو تون پنهنجو هٿ وڌائي جيترن کي بچائي سگهين بچاءِ.“
10 مون ڪيس وراڻيو تہ
”آءٌ جو ساڻن ڳالهايان تہ منهنجي ڪير ٻڌندو؟
آءٌ ڪنهن کي تاڪيد ڪريان؟
هنن جي ڪنن ۾ ٻجا ڀيل آهن سو هو ڪونہ ٿا ٻڌن.
تو خداوند جي ڪلام کان هنن کي چڙ آهي.
هنن کي انهيءَ ۾ ڪابہ خوشي حاصل نہ ٿي ٿئي.
11 پر اي خداوند! انهيءَ سبب هنن خلاف تنهنجي ڪاوڙ
مون ۾ ايتري تہ ڀرجي ويئي آهي،
جو هاڻ آءٌ انهيءَ ڪاوڙ کي وڌيڪ روڪي نہ ٿو سگهان.“

تنهن تي خداوند مون کي فرمايو تہ
”وڃي گهٽين ۾ گڏ ٿيل ٻارن،
۽ جوان ماڻهن جي مجلسن تي اُها اُٿلاءِ،
مرد توڙي عورتون، پوڙها توڙي عمررسيده،
سڀ انهيءَ ۾ ڦاسي پوندا،
ڪوبہ انهيءَ کان بچي نہ سگهندو.
12 هنن جا گهر سندن زالن ۽ ٻنين سميت ٻين کي ڏنا ويندا،
ڇالاءِ‌جو انهيءَ ملڪ جي رهاڪن تي
آءٌ پنهنجو هٿ ڪڻڻ وارو آهيان.
13 منجهن ننڍو هجي توڙي وڏو
سڀني کي دولت ڪمائڻ جو حرص آهي.
نبي سڏائيندڙ کان وٺي ڪاهن تائين
سڀ ٺڳيءَ جا ڪم ڪن ٿا.
14 منهنجي قوم جا ڦٽ بہ هنن کي
معمولي رهڙون نظر اچن ٿا،
اهو ئي سبب آهي جو هو ’خير آهي، خير آهي،‘ چوندا وتن ٿا،
جڏهن تہ ڪوبہ خير ڪونهي.
15 ڇا هو پنهنجن ڪراهت جهڙن ڪمن کان شرمندا آهن؟
نہ، هنن کي بلڪل شرم ڪونهي آيو،
ڪين اها بہ خبر ڪانهي تہ شرم ڪهڙي شيءِ آهي.
سو برباد ٿيندڙن سان گڏ هو بہ برباد ٿيندا.
جڏهن آءٌ کين سزا ڏيندس تڏهن سندن پڇاڙي ٿي ويندي.
اهو مون خداوند جو فرمان آهي.“
16 خداوند پنهنجي قوم کي فرمائي ٿو تہ
”اوهين چوواٽن تي بيهي ڏسو،
۽ اصلي رستي جي پڇا ڪريو،
هائو، پڇا ڪريو تہ اهو چڱو رستو ڪٿي آهي.

---

12:6–15 ير 8:10–12  14:6 حز 13:10

انهيءَ تي ئي هلو ته اوهين سڪون حاصل ڪندا.
پر اوهين چئو ٿا ته ’اسين انهيءَ تي ڪونه هلنداسون.‘
17 مون آڳاهه ڪرڻ لاءِ اوهان ڏانهن نبي موڪليا،
جن اوهان کي چيو ته ’نفيلن وسيلي خطري جو آواز ٻڌو،‘
پر اوهان جواب ڏنو ته ’اسين ڪين ٻڌنداسين.‘
18 تنهنڪري اي قومون! ٻڌو،
اي شاهدؤ! ڏسو، ته هن قوم سان ڇا ٿيڻ وارو آهي.
19 اي دنيا وارؤ! ٻڌو،
آءٌ هن قوم تي مصيبت آڻڻ وارو آهيان،
جيڪا سندن تدبيرن جو نتيجو آهي،
ڇالاءِجو هنن منهنجون ڳالهيون نه ٻڌيون آهن،
۽ منهنجي شريعت کي رد ڪري ڇڏيو اٿن.
20 مون کي ان لوبان جي ڪهڙي پرواهه آهي
جيڪو شبا ملڪ مان ٿو آندو وڃي،
۽ انهن مصالحن جي ڪهڙي پرواهه اٿم،
جيڪي منهنجي لاءِ ڏورانهن ملڪن مان آندا ٿا وڃن؟
هنن جا ساڙڻ وارا نذرانا قابلِ قبول ناهن،
نه ئي وري سندن جانورن جون قربانيون مون کي وڻن ٿيون.
21 تنهنڪري آءٌ هن قوم جي اڳيان
طرح طرح جون ٿاٻو ڏيندڙ شيون رکندس.
انهن تي پيئر ۽ پٽ هڪجهڙو ٿاٻڙبا
۽ پاڙيسري ۽ دوست سڀ گڏ ناس ٿيندا.
اهو مون خداوند جو فرمان آهي.“

## اتر کان لشڪر جو حملو

22 خداوند فرمائي ٿو ته
”ڏسو، ڌرتيءَ جي ڇيڙي کان
هڪڙي وڏي قوم کي اٿاريو پيو وڃي،
يعني اتر واري ملڪ کان هڪ لشڪر اچي ٿو.
23 اهي تيرڪمانن ۽ تلوارن سان مسلح آهن.
اهي ظالم آهن ۽ منجهن ڪوبه رحم ڪونهي.
جڏهن هو گهوڙن تي سوار ٿي اوهان سان وڙهڻ لاءِ اچن ٿا،
تڏهن سندن لشڪر جو آواز ائين ٿو لڳي،
جيئن سمنڊ گجگوڙ ڪندو هجي.
اي يروشلم! اهي جنگي جوڌا
تو سان جنگ ڪرڻ لاءِ هٿيار ٻڌي اچن پيا.“

24 يروشلم وارا چون ٿا ته
”اسان هنن جي هاڪ ٻڌي آهي،
ان ڪري اسان جا ڍڍر ڍرا ٿي ويا آهن.
اسان کي ذهني پريشانيءَ اچي وڪوڙيو آهي
۽ ويم ڪندڙ عورت جيان سورن اچي ورايو آهي.
25 اسين شهر کان ٻاهر وڃي نه ٿا سگهون،
نڪي رستن تي نڪري ٿا سگهون،
ڇالاءِجو دشمنن جي تلوار ۽ خوف
اسان کي هر طرف کان وڪوڙي ڇڏيو آهي.“

26 خداوند فرمائي ٿو ته
”اي منهنجي قوم وارؤ! ڪٿا ڍڪيو،
۽ خاڪ تي ليٽڙيون پايو،
زاروزار روئو ۽ رڙو،
جيئن ڪنهن سڪيلڌي پٽ لاءِ روئبو آهي،
ڇالاءِجو تباهه ڪندڙ اوچتو اچي اوهان تي ڪڙڪندو.“

27 خداوند مون کي فرمايو ته
”اي يرمياه! تون منهنجي قوم کي پرک،
جيئن ڪو ڌاتو پرکيو ويندو آهي.
هائو، ڪين پرکي ڏس ته هو ڪيئن آهن.
28 هو سڀ پٿر دل فسادي آهن،
جيڪي گلائون ڪندا ٿا وتن.
هو پنهنجي ضد ۾ پتل ۽ لوهه جيان سخت آهن.
هو سڀ بدديانتيءَ واري هلت ٿا هلن.
29 منهنجي قوم اهڙي شيهي مثل آهي،
جنهن کي جيترو به تيز ڌوٽي هٽي ڳاريو وڃي،
ته به انهيءَ مان مير نه نڪرندي،
ڇالاءِجو اها قوم بڇڙن ماڻهن کان پاڪ نه ٿي ٿئي.
30 ماڻهو هنن کي کوٽو سڪو ڪري سڏيندا،
ڇالاءِجو مون خداوند کين رد ڪري ڇڏيو آهي.“

## *هيڪل ۾ يرمياه جي تبليغ

7 1-2 خداوند مون يرمياه کي فرمايو ته آءٌ سندس گهر جي
دروازي وٽ بيهي يهوداه جي رهاڪن، جيڪي سندس عبادت
ڪرڻ لاءِ هنن دروازن کان اندر لنگهي ايندا آهن، تن سڀني کي سندس
هي ڪلام ٻڌايان ته 3 ”آءٌ قادرِمطلق خداوند، بني اسرائيل جو خدا
چوان ٿو ته اوهين پنهنجا رستا ۽ پنهنجا ڪم سڌاريو ته آءٌ اوهان کي
هن ملڪ ۾ آباد ڪري ڇڏيندس. 4 باقي اوهين پنهنجي حفاظت جو

*هيڪل ۾ يرمياه جي تبليغ: هن موقعي جو وڌيڪ تفصيل باب 26 ۾ بيان ڪيل آهي.

22:6 ير 50:41‏-43

يقين ڪندي ائين چئي پاڻ کي نہ ٺڳيو تہ ’هيءُ خداوند جو هيڪل
آهي، هيءُ خداوند جو هيڪل آهي، هيءُ خداوند جو هيڪل آهي.‘
5 جيڪڏهن اوهين واقعي پنهنجا رستا ۽ پنهنجا ڪم سڌاريندا ۽ هڪ
ٻئي سان انصاف سان هلندا، 6 جيڪڏهن اوهين يتيم ۽ رن‌زال توڙي
پاڻ وٽ رهندڙ ڌارئي تي ظلم نہ ڪندا، نڪي هن جاءِ تي
بي‌ڏوهين جو رت وهائيندا، ۽ نہ وري غير معبودن جي پوڄا ڪندي
پاڻ کي نقصان پهچائيندا، 7 تہ پوءِ آءٌ اوهان کي هن هنڌ تي آباد
ڪري ڇڏيندس، يعني هن ملڪ ۾ جيڪو مون اوهان جي ابن ڏاڏن
کي هميشہ هميشہ لاءِ ڏيئي ڇڏيو هو.
8 پر ان جي ابتڙ اوهين تہ انهن ڪوڙين ڳالهين تي ڀروسو رکو ٿا
جن مان ڪوبہ فائدو رسي نہ ٿو سگهي. 9 اوهين چوري، خون ۽
زنا ٿا ڪريو. اوهين ڪوڙا قسم ٿا کڻو، بعل ديوتا آڏو قربانيون پيش
ڪريو ٿا ۽ انهن ڪوڙن معبودن جي پوڄا ٿا ڪريو، جن کان اوهين
اڳي واقف بہ نہ هئا. 10 توڙي جو اوهين اهڙا ڪم ڪريو ٿا جن
کان مون کي سخت نفرت آهي، تڏهن بہ منهنجي نالي تي سڏجڻ
واري هن هيڪل ۾ اچي منهنجي اڳيان بيهي اوهين چئو ٿا تہ ’اسين
محفوظ آهيون.‘ 11 اوهين ڇا ٿا سمجهو تہ هي گهر جيڪو منهنجي
نالي تي ٿو سڏجي سو چورن ۽ ڌاڙيلن جو اڏو آهي؟ اوهين جيڪي
ڪجهہ ڪريو ٿا ڇا آءٌ اهو نہ ٿو ڏسان؟
12 هاڻ اوهين ان هنڌ ڏانهن وڃو جيڪو *سيلا ۾ آهي، جتي مون
پنهنجي نالي سان پهرين رهائش اختيار ڪئي هئي. اوهين وڃي ڏسو
تہ اُتي پنهنجي قوم بني اسرائيل سان مون سندن بڇڙائيءَ جي ڪري
ڇا ڇا ڪيو. 13 جڏهن اوهان هي سڀ بڇڙا ڪم ڪيا پئي تڏهن مون
اوهان سان بار بار پئي ڳالهايو، پر اوهان منهنجي هڪ بہ نہ ٻڌي.
مون اوهان کي سڏيو، پر اوهان جواب ڪونہ ڏنو. 14 تنهنڪري آءٌ
پنهنجي نالي تي سڏجندڙ هن گهر جو، جنهن تي اوهان جو ڀروسو
آهي ۽ انهيءَ جاءِ جيڪا مون اوهان کي ۽ اوهان جي ابن ڏاڏن کي
ڏني هئي، تنهن جو بہ اهڙو ئي حال ڪندس جهڙو مون سيلا جو
ڪيو هو. 15 آءٌ اوهان کي ائين پنهنجي حضور مان ڪڍي اڇلائيندس،
جيئن مون اوهان جي همقوم †بني افرائيم کي اڇلائي ڇڏيو هو.“

## غير معبودن جي پوڄا جي سزا

16 خداوند فرمايو تہ ”اي يرمياه! تون انهيءَ قوم لاءِ دعا نہ گهر،
نڪي انهن جي لاءِ آواز اٿار ۽ نہ عرض ڪر، نڪي مون وٽ انهن جي
سفارش ڪر، ڇالاءِجو آءٌ تنهنجي نہ ٻڌندس. 17 تون نہ ٿو ڏسين ڇا
تہ هو ڪليو ڪلايو يروشلم جي گهٽين ۾ بلڪ پوري يهوداه جي شهرن
۾ ڇا ٿا ڪندا وتن؟ 18 ٻار ڪاٺيون گڏ ڪن ٿا، پيئر باهہ ٻارين ٿا ۽
مائرون اٽو ڳوهين ٿيون تہ جيئن انهيءَ ديويءَ لاءِ لوليون پچائين،
جنهن کي هو آسمان جي راڻيءَ ٿا سڏين. هو غير معبودن لاءِ اوتڻ
واريون قربانيون ٿا پيش ڪن تہ جيئن مون کي چڙ ڏيارين. 19 پر ڇا
ائين ڪرڻ سان هو واقعي ئي مون کي ڪو نقصان پهچائين ٿا؟ هرگز
نہ، هو پاڻ کي ئي نقصان پهچائي خوار خراب ڪن ٿا. 20 تنهنڪري
آءٌ خداوند خدا فرمايان ٿو تہ منهنجو قهر ۽ غضب هن هيڪل تي،
انسان ۽ حيوان تي، جهنگلي وڻن ۽ زمين جي پيداوار تي نازل ٿيندو
۽ اهو ٻيو پرندو ۽ اُجهامندو ئي ڪين.“
21 قادرِمطلق خداوند، بني اسرائيل جو خدا فرمائي ٿو تہ ”اي
منهنجي قوم وارؤ! اوهين قاعدي مطابق ڪي قربانيون مون لاءِ
مخصوص ڪري قربان‌گاهہ تي ساڙي ڇڏيندا آهيو ۽ ڪي کائيندا
آهيو. پر هاڻي انهن جي ڪابہ اهميت ناهي. سو ڀلي تہ اوهين سڀ
جون سڀ کائي ڇڏيو. 22 ڇالاءِجو جنهن ڏينهن مون اوهان جي ابن
ڏاڏن کي مصر ملڪ مان ڪڍي آندو هو، تنهن ڏينهن ساڙڻ وارين
قربانين يا جانورن جي قربانين بابت مون انهن کي ڪوبہ حڪم ڪونہ
ڏنو هو. 23 پر مون کين اهو حڪم ڏنو هو تہ ’منهنجي فرمانبرداري
ڪريو تہ آءٌ اوهان جو خدا هوندس ۽ اوهين منهنجي قوم هوندا.
جنهن رستي جو آءٌ اوهان کي حڪم ڏيان، تنهن تي هلو تہ جيئن
اوهان جو ڀلو ٿئي.‘ 24 پر هنن منهنجي اها ڳالهہ نہ ٻڌي ۽ نہ ڪو
ڌيان ئي ڏنائون، اُٽلندو هو پنهنجي بڇڙي دل جي هوڏ تي هليا. اهڙيءَ
طرح اهي سڌرڻ بجاءِ وڌيڪ بڇڙا ٿي ويا. 25 جنهن ڏينهن اوهان جا
ابا ڏاڏا مصر ملڪ مان نڪري آيا تنهن ڏينهن کان وٺي اڄ تائين،
هميشہ بروقت مون پنهنجا ٻانها نبي اوهان ڏانهن موڪليا آهن. 26 پر
اوهان مان ڪنهن بہ منهنجي نہ ٻڌي ۽ ڪوبہ ڌيان نہ ڏنو. اوهان
هٺ کان ڪم وٺندي پنهنجن ابن ڏاڏن کان بہ وڌيڪ بڇڙائي ڪئي.“
27 سو خداوند فرمايو تہ ”اي يرمياه! تون جيتوڻيڪ اهي سڀ
ڳالهيون هنن کي ٻڌائيندين تہ بہ هو تنهنجي نہ ٻڌندا. تون جڏهن
کين سڏيندين تڏهن هو تو کي ڪوبہ جواب نہ ڏيندا. 28 تنهنڪري
تون کين چئُہ تہ ’اوهين اهڙي قوم آهيو جنهن خداوند پنهنجي خدا
جي فرمانبرداري نہ ڪئي آهي ۽ نہ وري سڌرڻ قبوليو اٿوَ. وفاداري
اوهان مان ايتري قدر تہ ختم ٿي ويئي آهي جو اوهان جي وات مان
انهيءَ بابت ڪا ڳالهہ ئي نہ ٿي نڪري.‘“

## ڪوس جي ماتري

29 اي يروشلم وارؤ!

*سيلا ۾: هي اهو شهر هو جتي عيلي ڪاهن جي دور ۾ عهد واري صندوق رکيل هئي (ڏسو 1.سموئيل باب 1). بعد ۾ فلستين انهيءَ شهر کي ناس ڪري ڇڏيو هو.

†بني افرائيم: سيلا شهر بني افرائيم جي علائقي ۾ هو. جيتوڻيڪ بني اسرائيل جي بادشاهن جي دور کان اڳ ۾ ان ۾ خداوند جو مقدس خيمو موجود هو، تنهن هوندي بہ اتر واري اسرائيل ملڪ جي ٻين قبيلن سان گڏ خدا افرائيم قبيلي کي بہ جلاوطن ڪري ڇڏيو هو ۽ سيلا شهر دشمنن جي قبضي هيٺ اچي ويو هو.

7:11 مت 21:13، مر 11:17، لو 19:46 7:12‏–14 يش 18:1، زب 78:60، ير 26:6 7:18 ير 44:17‏–19

سوڳ وچان پنهنجا وار ڪوڙي اڇلايو،
ٽڪرين تي آهہ وَ زاري ڪريو،
ڇاڪاڻتہ اوهان جي موجوده پيڙهي
خداوند جي ڪاوڙ هيٺ آهي،
جنهن کي هن رد ڪري ڇڏي ڏنو آهي.

30 خداوند فرمائي ٿو تہ ”يهوداہ وارن اُهي ئي ڪم ڪيا آهن
جيڪي منهنجي نظر ۾ برا آهن. هنن ڪراهت جهڙيون شيون يعني
بت ٺاهي منهنجي نالي پٺيان سڏجندڙ هيڪل ۾ رکي ان کي پليت
ڪيو آهي. 31 هنوم ماٿريءَ ۾ توفت نالي جڳهہ تي هنن پوڄا جون
جايون ٺاهيون آهن، انهيءَ لاءِ تہ اتي پنهنجن پٽن ۽ ڌيئرن جي قرباني
پيش ڪن. پر مون ڪين اهڙو ڪوبہ حڪم نہ ڏنو هو ۽ نہ ئي وري
منهنجي ڌيان ۾ ڪا اهڙي ڳالهہ هئي. 32 تنهنڪري آءٌ خداوند چوان
ٿو تہ ياد رکو، اُهو ڏينهن اچي رهيو آهي جنهن ڏينهن ماڻهو ان کي
آئينده *’توفت‘ يا ’هنوم ماٿري‘ نہ سڏيندا پر ’ڪوس جي ماٿري‘
ڪري سڏيندا، ڇاڪاڻتہ قتل ٿي ويلن جي لاشن پورڻ جي جاءِ نہ
هئڻ سبب توفت بہ قبرستان بڻجي ويندو. 33 پوءِ هن قوم جا لاش
پکين ۽ جهنگلي جانورن جو کاڄ بڻجي پوندا ۽ ڪوبہ اهڙو ماڻهو نہ
هوندو جيڪو انهن پکين ۽ جهنگلي جانورن کي اتان هڪالي ڪڍي.
34 اهڙيءَ طرح آءٌ يروشلم جي گهٽين مان بلڪ يهوداہ جي سيني
شهرن مان خوشيءَ ۽ سرهائيءَ جي آواز ۽ شادين جي آواز جو خاتمو
آڻي ڇڏيندس، ڇالاءِجو ملڪ ويران ٿي ويو هوندو.

8 1 انهيءَ وقت يهوداہ جي بادشاهن ۽ سندن عملدارن جا هڏا،
ڪاهنن ۽ نبي سڏائيندڙن جا هڏا ۽ يروشلم جي رهاڪن جا هڏا
سندن قبرن مان ڪڍيا ويندا. 2 سندن اهي هڏا سج، چنڊ ۽ آسمان
جي ستارن اڳيان پکيڙيا ويندا، جن سان کين محبت هئي ۽ جن جي
خدمت ۽ پوڄا ڪندا هئا ۽ جن جي پٺيان لڳي کين سجدا ڪندا هئا.
اهي هڏا دفن ڪرڻ لاءِ ميڙي گڏ نہ ڪيا ويندا بلڪ گند ڪچري
وانگر زمين تي پکڙيا پيا هوندا. 3 انهيءَ خراب قوم مان جيڪي
باقي بچندا ۽ جيڪي انهن سيني هنڌن تي رهندڙ هوندا جتي مون
هنن کي هڪالي ڪڍي ڇڏيو هوندو، سي سڀيئي حياتيءَ کان موت
کي وڌيڪ پسند ڪندا. آءٌ قادرِمطلق خداوند ائين ٿو فرمايان.“

## گناهہ ۽ سزا

4 خداوند مون کي پنهنجي قوم لاءِ هي پيغام ڏنو تہ
”جيڪڏهن ڪو ڪري پوندو آهي
تہ اهو وري اٿندو ناهي ڇا؟
جيڪڏهن ڪو پنهنجو رستو وڃائي ويهندو آهي
تہ هو وري ان تي موٽندو ناهي ڇا؟
5 تہ پوءِ اي منهنجي قوم وارؤ!
اوهين ڦري وڃڻ بعد مون ڏانهن موٽي چونہ آيا آهيو؟
اوهين بتن کي چنبڙي پيا آهيو
۽ وري مون ڏانهن توبهہتائب نہ ٿا ٿيو.
6 مون ڌيان سان ٻڌو آهي،
پر اوهان مان ڪوبہ سچ نہ ٿو ڳالهائي.
ڪوبہ ماڻهو پنهنجي بڇڙائيءَ کان باز نہ ٿو اچي
۽ ائين نہ ٿو چوي تہ ’هاءِ! هي مون ڇا ڪيو؟‘
بلڪ هر ڪو پنهنجي بڇڙائيءَ واري واٽ وٺيو پيو ٿو هلي،
جيئن ڪو گهوڙو جنگ ۾ ڊوڙندو ئي رهندو آهي.
7 لقلق پکي بہ
پنهنجي لاءِ مقرر ڪيل موسم کان باخبر هوندو آهي.
گيرا، ابابيل ۽ ڪنگ بہ پنهنجي لڏپلاڻ جي مند ڄاڻن ٿا.
مگر اوهان منهنجي قوم کي اها خبر ئي ناهي
تہ مون خداوند اوهان کي ڪهڙا قاعدا قانون ڏنا آهن.
8 اوهين ڪيئن ٿا چئو تہ ’اسين تہ داناءَ آهيون
۽ اسان وٽ خداوند جي شريعت آهي‘؟
پر ڏسو، عالمن پنهنجي ڪوڙي قلم سان
شريعت جي سچائيءَ کي ڦيرائي ڇڏيو آهي.
9 سو داناءَ شرمندا ڪيا ويندا.
اهي نراس ڪيا ويندا ۽ پنهنجي دام ۾ پاڻ ڦاسندا.
جيئن تہ هنن مون خداوند جي ڪلام کي رد ڪري ڇڏيو آهي،
تہ پوءِ وٽن ڪهڙي دانائي باقي بچي آهي؟
10 انهيءَ ڪري آءٌ سندن زالون ٻين کي ڏيئي ڇڏيندس،
۽ هنن جون پنيون ٻين جي قبضي ۾ ڏيندس،
ڇالاءِجو ننڍو هجي توڙي وڏو
سيني کي دولت ڪمائڻ جو حرص آهي.
نبي سڏائيندڙ کان وٺي ڪاهن تائين
سڀ ٺڳيءَ جا ڪم ڪن ٿا.
11 منهنجي قوم جا ڦٽ بہ هنن کي
معمولي رهڙون نظر اچن ٿا،
اهو ئي سبب آهي جو هو ’خير آهي، خير آهي،‘ چوندا ٿا وتن،
جڏهن تہ ڪوبہ خير ڪونهي.
12 ڇا هو پنهنجن ڪراهت جهڙن ڪمن کان شرمندا آهن؟
نہ، هو بلڪل شرمندا ڪونهن.

* ’توفت‘: هنوم ماٿريءَ ۾ توفت نالي هن جڳهہ تي غير معبودن لاءِ هڪ قربانگاهہ ٺهيل هئي جتي ماڻهو پنهنجن ٻارن کي قربانيءَ طور پيش ڪندا هئا ۽ ڪنهن زماني ۾ گهڻو ڪري هن ئي جاءِ تي يروشلم شهر جو گند ڪچرو ساڙيو ويندو هو.

31:7 لاو 18:21، 2.با 23:10، ير 19:5–7، 32:35 34:7 ير 16:9، 25:10، مڪا 18:23 8:10–12 ير 6:12–15 8:11 حز 13:10

کين اها بہ خبر ڪانهي تہ شرم ڪهڙي شيءِ آهي.
سو برباد ٿيندڙن سان گڏ هو بہ برباد ٿيندا.
جڏهن آءٌ کين سزا ڏيندس تڏهن سندن پڇاڙي ٿي ويندي.
اهو مون خداوند جو فرمان آهي.“
13 خداوند وڌيڪ فرمائي ٿو تہ
”آءٌ پنهنجي قوم کي بلڪل ڇٽ ڪري ڇڏيندس.
اهي انگور جي اهڙي ول جيان ٿيندا،
جنهن ۾ ڪو انگور نہ بچيو هجي.
اهي انجير جي اهڙي وڻ جيان ٿيندا،
جنهن ۾ ڪو انجير نہ بچيو هجي
۽ جنهن جا پن بہ سڪي سڙي ويندا.
جيڪي ڪجهہ مون کين ڏنو آهي،
سو سڀ ڪانئن کسيو ويندو.“

14 تڏهن ماڻهو هڪ ٻئي کي چوڻ لڳا تہ
”جيئن تہ خداوند اسان جي خدا
اسان لاءِ ناس ٿيڻ مقرر ڪري ڇڏيو آهي،
۽ اسان کي زهريلو پاڻي پيئڻ لاءِ ڏنو اٿس،
چوتہ اسين هن جا ڏوهاري آهيون،
پوءِ اسين ڇو هتي ماٺ ڪري ويٺا آهيون؟
پاڻ ۾ گڏ ٿيو ۽ هلو
تہ ڪوٽن وارن شهرن ڏانهن ڀڄي هلون،
پوءِ ڀلي اتي ناس ٿيون.
15 اسين سلامتيءَ جا طلبگار هئاسون،
پر ڪا چڱائي ڪونهي ملي.
اسين ڇٽي چڱا ڀلا ٿيڻ جا منتظر هئاسون،
پر رڳو دهشت ئي دهشت آهي.
16 ڇالاءِجو ٻڌڻ ۾ ٿو اچي تہ
دشمنن جا گهوڙا دان شهر ۾ پهچي ڦوڪارين پيا.
هائو، هنن جي جنگي گهوڙن جي هڻڪار جي آواز تي
سڄي ملڪ کي ڏڪڻي وٺي وڃي ٿي.
اهي دشمن ان لاءِ آيا آهن
تہ اهو ملڪ ۽ جيڪي منجهس آهي
۽ شهر ۽ جيڪي منجهن رهن ٿا تن سڀني کي ڳهي وڃن.“

17 خداوند ٿو فرمائي تہ
”خبردار ٿجو،
آءٌ اوهان منجهہ اهڙا زهريلا نانگ موڪليندس،
جن تي ڪو منتر اثر نہ ڪندو،
۽ اُهي اوهان کي ڏنگي وجهندا.“

## يرمياه جو پنهنجي قوم لاءِ افسوس ڪرڻ

18 منهنجو ڏک حد کان ٻاهر آهي،
منهنجي دل اندر ۾ ماندي ٿي ٿئي!
19 ٻڌو، منهنجي قوم جي دانهن جو آواز
پوري ملڪ ۾ گونجي ٿو تہ
”ڇا خداوند *صيئون مان هليو ويو آهي؟
ڇا هاڻي هو صيئون جو بادشاهہ ناهي رهيو؟“

خداوند ورندي ٿو ڏئي تہ
”مون اوهان کي ان ڪري ڇڏي ڏنو آهي،
جو اوهين پنهنجين اُڪريل مورتين ۽ ڌارين بيڪار بتن کي پوڄي
مون کي چڙ ٿا ڏياريو.“

20 ماڻهو دانهون ڪندي چون ٿا تہ
”بهار ۽ اونهارو آيا بہ،
۽ اهي گذري بہ ويا،
پر اجا تائين اسان کي ڇڏايو نہ ويو آهي.“

21 منهنجي قوم کي ايذاءُ رسيو آهي،
جڻ تہ آءٌ ايذايو ويو آهيان.
آءٌ ڏکويل ٿي پيو آهيان
۽ منهنجي دل ٽٽي پيئي آهي.
22 †گلعاد ۾ ڪا دوا ڪانهي ڇا؟
اتي ڪو حڪيم ڪونهي ڇا؟
پر منهنجي قوم جا زخم انهن کان ڇٽڻ جا ناهن.

9
1 ڪاش، منهنجي اندر ۾ لڙڪن جو کوهہ هجي ها،
۽ منهنجون اکيون ڳوڙهن جو چشمو هجن ها!
انهيءَ لاءِ تہ آءٌ رات ڏينهن
پنهنجي قوم جي ڪوس تي روئندو رهان ها.
2 ڪاش، بيابان ۾ منهنجي لاءِ
ڪو مسافرخانو هجي ها،
تہ جيئن آءٌ پنهنجي قوم کي ڇڏي
ڪانئن پري وڃي اتي رهان ها،

---

*صيئون: يروشلم شهر جي صيئون جبل تي خداوند جو مقدس هيڪل اڏيل هو.
†گلعاد: هي علائقو اردن درياءَ جي اوڀر ۾ آهي، جتي مختلف جڙي ٻوٽين مان هر طرح جون دوائون تيار ڪيون وينديون هيون.

15:8 يرمياه 19:14

چاڪاڻ تہ اُهي سڀ خدا سان بي‌وفائي ڪندڙ
۽ دغابازن جو ٽولو آهن.

3 خداوند فرمائي ٿو تہ
”هو پنھنجي زبان کي ڪُوڙ ڳالهائڻ لاءِ
ائين تيار ٿا رکن،
جيئن ڪو تيرڪمان تير وسائڻ لاءِ تيار رکبو آهي.
هو سچ جي ذريعي نہ،
بلڪ ڪوڙ جي ذريعي ملڪ ۾ زور وٺندا وڃن ٿا.
هو گناهن پٺيان گناهہ ڪن ٿا پيا
۽ منهنجي سڃاڻ ڇڏي ڏني اٿائون.
4 ياد رکو، پنھنجن دوستن کان خبردار رهو،
پنھنجن ڀائرن تي بہ اعتبار نہ رکو،
چاڪاڻ تہ ڀاءُ ڀاءُ سان دغا ٿو ڪري
۽ دوست دوست جي گلا ٿو ڪري.
5 هر دوست پنھنجي دوست سان دوکو ٿو ڪري،
ڪوبہ سچ ڪونہ ٿو ڳالهائي.
هر ڪو پنھنجي زبان کي ڪوڙ ڳالهائڻ ٿو سيکاري.
هو ٿيستائين گناهہ ڪندا رهن ٿا،
جيستائين منجهن گناهہ ڪرڻ جي ٿوري بہ طاقت آهي.
6 اي يرمياہ! تون ٺڳن جي وچ ۾ رهين ٿو،
جن پنھنجي ٺڳيءَ جي ڪري
منهنجي سڃاڻ ڇڏي ڏني آهي.
آءٌ خداوند ائين ٿو فرمايان.“

7 سو قادرِمطلق خداوند فرمائي ٿو تہ
”آءٌ پنھنجي قوم کي ڌاتوءَ وانگر پگهاريندس،
هائو، آءٌ پنھنجي بڇڙي قوم کي سيکت ڏيندس،
انهيءَ کان سواءِ ٻيو ڪوبہ رستو ڪونهي.
8 هنن جي زبان هڪ موتمار تير مثل آهي،
اُها ٺڳيءَ جون ڳالهيون ٿي ڪري.
هر ماڻهو پنھنجي وات سان
تہ ٻئي سان خير وَ سلامتيءَ جون ڳالهيون ٿو ڪري،
پر دل ۾ اُن لاءِ منڊائي اٿس.
9 ڇا انهن ڳالهين جي ڪري آءٌ کين سزا نہ ڏيان؟
ڇا آءٌ اهڙيءَ قوم کان وير نہ وٺان؟
آءٌ خداوند ائين ٿو فرمايان.“

10 مون يرمياہ چيو تہ
”آءٌ جبلن جي ويرانيءَ تي روئندس رڙندس،
۽ چراگاهن جي بربادیءَ تي مرثيہ چوندس.
ڪوئي اتان گذري بہ ڪين ٿو،
۽ نہ اتي ڍورن جي ڍڪَڻ جو آواز ٻڌجي ٿو،
ڇالاءِ‌جو پکي توڙي جانور سڀ اتان هليا ويا آهن.“

11 تڏهن خداوند وراڻيو تہ
”آءٌ يروشلم کي مٽيءَ جو ڍير ۽ گدڙن جي جُوءِ بڻائيندس،
بلڪ يهوداہ جي سڀني شهرن کي اهڙو تہ ويران ڪندس،
جو اتي ڪوبہ رهڻ وارو ڪونہ هوندو.“

12 مون خداوند کان پڇيو تہ ”ڇو اهو ملڪ برباد ٿيو ۽ سڪي
سڙي اهڙو ٿوٽ ٿي ويو آهي جو ڪوبہ انهيءَ مان نہ ٿو لنگهي؟
ڪهڙو ڏاهو ماڻهو آهي جو اِها ڳالهہ سمجهي سگهي؟ اُهو ڪير آهي
جنهن کي ٿو خداوند طرفان اها ڳالهہ سمجهائڻ سيکاريو ويو آهي؟“
13 خداوند فرمايو تہ ”اهو انهيءَ ڪري جو هنن انهيءَ شريعت کي
ڇڏي ڏنو آهي جيڪا مون کين ڏني هئي. هنن منهنجي نافرماني ڪئي
آهي ۽ شريعت تي عمل نہ ڪيو اٿائون. 14 اٽلندو هنن پنھنجي دلين
جي هوڏ موجب بعل ديوتائن کي پوڄيو آهي، جيئن کين سندن ابن
ڏاڏن سيکاريو هو. 15 سو ڏس تہ آءٌ قادرِمطلق خداوند، بني اسرائيل
جو خدا ڇا ڪرڻ وارو آهيان. آءٌ هن قوم کي کائڻ لاءِ ٿوهہ ۽ پيئڻ
لاءِ زهريلو پاڻي ڏيندس. 16 آءٌ کين اهڙين قومن منجهہ ڪٽو ڪٽو
ڪري ڇڏيندس، جن کان نہ هو ۽ نہ ئي وري سندن ابا ڏاڏا واقف
هئا. آءٌ سندن پٺيان لشڪر موڪليندس جيڪي تلوار سان کين ناس
ڪري ڇڏيندا.“

## يروشلم ۾ واءِويلا

17 قادرِمطلق خداوند فرمائي ٿو تہ
”سوچيو تہ هاڻ ڇا ٿيندو!
ماتمي عورتن کي گهرايو،
بلڪ انهيءَ ڪم ۾ اچا بہ وڌيڪ ماهر عورتن کي گهرايو.“

18 ماڻهن وراڻيو تہ
”بيشڪ اهي جلدي اچن ۽ اچي اسان تي ويڻ ڪن،
تان جو اسان جون اکيون ڳوڙهن سان اٽلي پون
۽ اسان جي پنبڻين مان نير جاري ٿين.
19 ڇالاءِ‌جو *صيئون منجهان
واءِويلا جو آواز ٿو اچي تہ
’اسين ڪيئن نہ لٽجي ويا آهيون!

*صيئون: يعني يروشلم.

اسين ڪيڏا نہ خوار خراب ٿيا آهيون!
اسان کي هي ملڪ ڇڏي وڃڻ گهرجي،
ڇالاءِجو اسان جا گهر مٽيءَ جو ڍير بڻجي ويا آهن.''

20 مون يرمياه چيو تہ
"اي عورتون! خداوند جي ڳالهہ ٻڌو،
سندس لفظن ڏانهن ڌيان ڏيو.
اوهين پنهنجين ڌيئرن کي ويڻ ڪرڻ
۽ هڪ ٻئي کي واءِويلا ڪرڻ سيکاريو،
21 ڇالاءِجو موت اسان جي درين منجهان ٽپي
اسان جي قلعن اندر گهڙي آيو آهي،
ان ننڍڙن ٻارن کي گهٽين ۾
۽ نوجوانن کي چونڪن تي وڍي اڇلائي ڇڏيو آهي.
22 خداوند مون کي هي اعلان ڪرڻ لاءِ چيو تہ
'ماڻهن جا لاش کليل ميدان ۾
گند ڪچري وانگر پکڙيا پيا هوندا،
جيئن ڪنهن لاباري ڪندڙ جي پويان
اناج جا ٿِيلا ڪريا پيا هوندا آهن،
جن کي ڪوبہ گڏ ڪرڻ وارو نہ هوندو آهي.' "

23 خداوند فرمائي ٿو تہ
"ڏاهو ماڻهو پنهنجي ڏاهپ تي فخر نہ ڪري،
نہ ئي ڪو زورآور پنهنجي زور تي فخر ڪري،
نہ وري دولتمند ماڻهو پنهنجي دولت تي فخر ڪري،
24 پر فخر ڪندڙ رڳو انهيءَ ڳالهہ تي فخر ڪري تہ
هو مون خداوند کي سڃاڻي ٿو،
۽ مون کي ئي پنهنجو مالڪ سمجهي ٿو،
ڇالاءِجو آءٌ ئي آهيان جيڪو ڌرتيءَ تي لافاني شفقت،
انصاف ۽ سچائي قائم ڪريان ٿو،
بيشڪ، انهن ڳالهين ۾ ئي منهنجي خوشي آهي."

25–26 خداوند فرمائي ٿو تہ "اُهي ڏينهن اچڻ وارا آهن جڏهن آءٌ
هنن سڀني کي سزا ڏيندس، يعني مصر، يهوداه، *ادوم، عمون ۽
موآب وارن کي ۽ بيابان ۾ رهڻ وارن کي جيڪي †لونڊڙيون ڪوڙائي
ٻچي ڏاڙهي رکن ٿا. اهي سڀ ماڻهو طهريل تہ آهن پر رڳو نالي جا،
ڇالاءِجو هنن منهنجي عهد کي ٽوڙي ڇڏيو آهي. منهنجي عهد کي
نڪي انهن قومن ۽ نہ ئي وري بني اسرائيل قائم ڪيو آهي."

## خداپرستي ۽ بت‌پرستي

10 1 اي اسرائيل وارؤ! ٻڌو، خداوند اوهان کي ڇا ٿو فرمائي.
2 خداوند فرمائي ٿو تہ
"اوهين ٻين قومن وارا طور طريقا نہ سکو
۽ آسمان وارين نشانين کان خوف‌زده نہ ٿيو،
جن کان ٻيون قومون خوف‌زده ٿين ٿيون.
3 انهيءَ ڪري جو انهن قومن جا
مذهبي رسم وَ رواج باطل آهن.
هو ٻيلي مان وڻ وڍين ٿا
۽ پوءِ ڪو ڪاريگر ان کي واهوليءَ سان
گهڙي ڪا شڪل ناهي ٿو.
4 ان کي هو سون ۽ چانديءَ سان سينگارين ٿا.
هو انهيءَ کي مترڪن سان ڪوڪا هڻي
قابو ڪن ٿا تہ جيئن لڇڪي نہ.
5 واڙيءَ ۾ فصل جي حفاظت لاءِ ڪوڙيل بوتي جيان
هنن جا بت ڳالهائي نہ ٿا سگهن.
اهي گهمي ڦري نہ ٿا سگهن،
تنهنڪري ضروري آهي تہ ڪين کڻي هلجي.
سو اوهين انهن کان نہ ڊڄو،
هو ڪوبہ نفعو يا نقصان پهچائي نہ ٿا سگهن."

6 بيشڪ اي خداوند! تنهنجو ثاني ڪوبہ ڪونهي،
تون عظيم آهين،
۽ تنهنجو نالو وڏيءَ قدرت وارو آهي.
7 اي قومن جا بادشاهہ!
ڪير نہ تنهنجو خوف رکندو؟
ڇوتہ رڳو تون ئي انهيءَ لائق آهين.
قومن جي سڀني دانائن ۾،
۽ انهن جي سڀني بادشاهتن ۾
تو جهڙو ٻيو ڪوبہ ڪونهي.
8 جڏهن تہ هي سڀ بي‌عقل ۽ بي‌وقوف آهن،
هي ڪاٺ جي بتن مان ڪهڙي تعليم ٿا پرائي سگهن!
9 هنن جي بتن تي نج سون

*ادوم، عمون ۽ موآب: اهي علائقا اسرائيل ملڪ جي اوير ۾ هئا.

†لونڊڙيون ڪوڙائي ٻُچي ڏاڙهي رکن ٿا: بيابان ۾ رهڻ وارا پنهنجي معبودن جي تعظيم خاطر پنهنجي لونڊڙين جا وار ڪوڙائيندا هئا. بني اسرائيل لاءِ غير قومن واري انهيءَ رسم جي منع هئي، ڏسو لاوي سرشتو 27:19.

24:9 1.ڪر 31:1، 2.ڪر 17:10    7:10 مڪا 4:15

۽ عمدي چانديءَ جا پترا چڙهيل آهن،
جيڪي ڪاريگرن ۽ سونارن جي هٿن جي ڪاريگري آهن.
انهن کي نيري ۽ واڱڻائي رنگ جي پوشاڪ پهرائي وجي ٿي،
جيڪا ماهر ڪاريگر جي هٿ جو ڪم آهي.
10 پر اي خداوند! تون سچو خدا آهين،
تون جيئرو خدا ۽ قائم وَ دائم بادشاهه آهين.
جڏهن تون ڪاوڙجين ٿو ته دنيا ڪنبي ٿي وڃي،
۽ قومون تنهنجي ڪاوڙ سهي نه ٿيون سگهن.

11 (*اوهين انهن کي ٻڌايو ته اهي معبود، جن آسمان ۽ زمين پيدا
نه ڪيو آهي سي روءِزمين تان ناس ٿي ويندا).

## خدا جي واکاڻ جو گيت

12 خداوند پنهنجي قدرت سان زمين جوڙي آهي،
هن پنهنجي حڪمت سان دنيا خلقي آهي،
۽ پنهنجي دانائيءَ سان آسمان تاڻي ڇڏيا اٿس.
13 هن جي هڪل تي
آسمان جي مٿان واري پاڻيءَ ۾ گجگوڙ ٿئي ٿي.
ڌرتيءَ جي ڇيڙن کان هو بادل اٿاري آڻي ٿو،
مينهن سان گڏ هو وڄ موڪلي ٿو،
۽ پنهنجي گدام مان آنڌي اماڻي ٿو.
14 اهو ڏسندي هر بت‌پرست ماڻهو
بي‌سمجهه ۽ اڻڄاڻ ثابت ٿئي ٿو.
هر سونارو پنهنجي اُڪريل مورت مان نااميد ٿئي ٿو،
ڇوته سندس اُڪريل مورتيون دوکو آهن،
منجهن ساهه ئي ڪونهي.
15 اهي مورتيون باطل ۽ ٺٺيءَ جو ٺاهه آهن،
جڏهن انهن جي سزا جو وقت ايندو تڏهن اُهي ناس ٿي وينديون.
16 يعقوب جو خدا، جنهن جو نالو قادرِمطلق خداوند آهي،
سو انهن جهڙو ناهي،
ڇالاءِجو هو هر شيءِ جو خالق آهي
۽ بني اسرائيل قوم کي
هن پنهنجي ملڪيت ٿيڻ لاءِ چونڊيو آهي.

## جلاوطنيءَ جي وقت جو ويجهو اچڻ

17 اي يروشلم جا رهاڪؤ! اوهين جيڪي گهيري هيٺ آهيو، پنهنجو
وطن ڇڏي وڃڻ جي تياري ڪندي پنهنجي مڏي ميڙي گڏ ڪريو.
18 ڇالاءِجو خداوند فرمائي ٿو ته ”ڏسو، جيڪي هن ملڪ ۾ رهن ٿا
تن کي آءٌ ڪانپاڻيءَ ۾ پيل پٿر وانگر اڇلائڻ وارو آهيان. آءٌ مٿن اهڙي
مصيبت آڻيندس جو پاڻهي ياد ڪندا.“
19 يروشلم جا رهاڪو دانهون ڪري چون ٿا ته
”هاءِ! اسان جي خسته‌حالي! اسان جا زخم لاعلاج آهن!
اسان ته سمجهي ورتو آهي ته
اها مصيبت برداشت ڪرڻ کان سواءِ
اسان کي ٻيو ڪوبه رستو ڪونهي.
20 اسان جا گهر ڊاهي تباهه ڪيا ويا آهن.
اسان جا ٻار اسان کان کسيا ويا آهن،
ڪوبه ڪونهي جيڪو اسان جي پناهه لاءِ وري گهر جوڙي.“

21 مون کين وراڻيو ته
”اسان جا اڳواڻ بي‌سمجهه آهن،
ڇوجو خداوند کان ڪابه پڇا نه ٿا ڪن.
تنهنڪري ئي هو ناڪام ٿي ويا آهن،
۽ اسين رڍن وانگر ڇڙوڇڙ ٿي ويا آهيون.
22 ٻڌو، خبر آئي آهي ته
اتر واري قوم ۾ وڏو هل هنگامو آهي!
انهيءَ جو لشڪر يهوداه جي شهرن کي ويران ڪري
گدڙن جي جوءِ بنائي ڇڏيندو.“

## يرمياه جي دعا

23 اي خدواند! مون کي خبر آهي
ته انسان جو رستو سندس وس ۾ ناهي.
اهو سندس اختيار ۾ ناهي ته
جيڏانهن وڻيس تيڏانهن پنهنجون وکون کڻي.
24 اي خداوند! جيتري سيکت جا اسين لائق آهيون سا ڀلي ڏي،
پر پنهنجي ڪاوڙ سان نه، متان اسين ناس ٿي وڃون.
25 بلڪ پنهنجو غضب تون انهن قومن تي نازل ڪر،
جيڪي تو کي نه ٿيون مڃين،
هائو، انهن پيڙهين تي جيڪي تنهنجو نالو نه ٿيون وٺن،
ڇالاءِجو انهن تنهنجي قوم کي ماري ڇڏيو آهي.
هائو، انهن اسان کي بلڪل تباهه ڪري ڇڏيو آهي
۽ اسان جي ملڪ کي مٿيءَ جا ڍير ڪري ڇڏيو اٿن.

## عهد جي ڀڃڪڙيءَ جي سزا

11 1-3 خداوند خدا يروشلم وارن بلڪ سڄي يهوداه وارن
کي ٻڌائڻ لاءِ مون يرمياه تي هي ڪلام نازل ڪيو ته ”آءٌ

*اوهين انهن کي ٻڌايو: اصلي مسودي ۾ هيءَ آيت ارامي ٻوليءَ ۾ لکيل آهي، جيڪا گهڻو ڪري بني اسرائيل جي جلاوطن ماڻهن کي مخاطب ڪندي لکي ويئي آهي.

13:10 پيد 1:6–8، زب 7:135

خداوند، بني اسرائيل جو خدا انهن سڀني تي لعنت ٿو ڪريان جيڪي
منهنجي عهد جي ڳالهين تي عمل نہ ٿا ڪن. سو انهيءَ عهد جي
ڳالهين تي اوهين ڌيان ڏيو. 4 هائو، انهن ڳالهين تي جن جو مون
اوهان جي ابن ڏاڏن کي حڪم ڏنو هو، جڏهن آءٌ کين لوهہ جي بٺيءَ
مان يعني مصر جي ملڪ مان ٻاهر ڪڍي آيو هوس. مون کين چيو
هو تہ هو منهنجي فرمانبرداري ڪن ۽ منهنجي هر حڪم جي تعميل
ڪن، تہ پوءِ هو منهنجي قوم هوندا ۽ آءٌ سندن خدا هوندس. 5 پوءِ
آءٌ ساڻن اهو قسم پورو ڪندس جيڪو مون سندن ابن ڏاڏن سان ڪنيو
هو تہ 'آءٌ اوهان کي هڪ آسودو ۽ خوشحال ملڪ ڏيندس.' سو اهو
ملڪ هي ئي آهي جنهن ۾ اڄ اوهين رهيا پيا آهيو."
تڏهن مون يرمياہ ورندي ڏيئي چيو تہ "برحق، اي خداوند!"
6 خداوند مون کي وري فرمايو تہ "هنن سڀني ڳالهين جو يروشلم
جي گهٽين ۾ بلڪ يهوداہ جي سڀني شهرن ۾ اعلان ڪر ۽ کين چئُہ
تہ 'اوهين هن عهد جي ڳالهين تي ڌيان ڏيو ۽ انهن تي عمل ڪريو.
7 جنهن ڏينهن مون اوهان جي ابن ڏاڏن کي مصر جي ملڪ مان ڪڍي
آندو، تنهن ڏينهن کان وٺي اڄ تائين آءٌ کين بار بار تنبيهہ ڪندو
رهيس تہ هو منهنجي فرمانبرداري ڪن. 8 پر هنن ڪو ڌيان ڪونہ
ڏنو، اٽلندو هو پنهنجي بڇڙين دلين جي هوڏ تي قائم رهيا. تنهنڪري
مون مٿن انهيءَ عهد جون سڀ لعنتون آنديون جنهن عهد جي تعميل
ڪرڻ لاءِ مون کين حڪم ڪيو هو، پر هنن تعميل نہ ڪئي.'"
9 خداوند مون کي فرمايو تہ "يروشلم جي رهاڪن ۾، بلڪ ساري
يهوداہ جي ماڻهن ۾ هڪ سازش ٿي رهي آهي. 10 هو پنهنجن ابن
ڏاڏن جي گناهن ڏانهن موٽي ويا آهن، جن منهنجي ڳالهين کي مڃڻ
کان انڪار ڪيو هو. اهي غير معبودن جي پٺيان لڳي سندن پوڄاري
بڻيا. اسرائيل ۽ يهوداہ ٻنهي ملڪن جي گهراڻن منهنجو اهو عهد
ٽوڙيو آهي، جيڪو مون سندن ابن ڏاڏن سان ڪيو هو. 11 تنهنڪري
هاڻ، آءٌ خداوند مٿن اهڙي مصيبت آڻيندس، جنهن کان هو بچي نہ
سگهندا. توڙي جو هو دانهون ڪري مون کي پڪاريندا تہ بہ آءٌ
سندن دانهون نہ ٻڌندس. 12 تڏهن يروشلم جا رهاڪو بلڪ يهوداہ
جي سڀني شهرن وارا انهن معبودن وٽ وڃي دانهون ڪندا جن جي
آڏو هو پنهنجا نذرانا پيش ڪن ٿا. پر سندن مصيبت جي وقت ۾ اهي
سندن بلڪل مدد ڪري نہ سگهندا. 13 يهوداہ ۾ ايترا تہ معبود آهن
جيترا سندن ڳوٺ آهن ۽ جيتريون يروشلم ۾ گهٽيون آهن اوتريون ئي
اوهان انهيءَ ڪراهت جهڙي شيءِ بعل ديوتا جي واسطي قربانگاهون
ٺاهيون آهن. 14 تنهنڪري، اي يرمياہ! تون انهيءَ قوم جي لاءِ دعا
نہ گهرجانءِ، ۽ نہ وري انهن جي لاءِ ميڙ منٿون ڪجانءِ، ڇاڪاڻتہ
جڏهن هو پنهنجي مصيبت جي وقت مون کي پڪاريندا تڏهن آءٌ هنن
جي ڪابہ نہ ٻڌندس.
15 جنهن قوم سان آءٌ پيار ٿو ڪريان سا ڇا ٿي ڪري؟ ايتري گهڻي
بدڪاري ڪرڻ بعد منهنجي هيڪل ۾ اچڻ جو کين ڪهڙو حق آهي؟
ڇا هو سمجهن ٿا تہ جانورن جون قربانيون ڪرڻ ۽ واعدن ڪرڻ سان
هو پاڻ تان مصيبت ٽاري سگهندا؟ 16 مون خداوند کين سهڻن ميون
سان سينگاريل سرسبز زيتون جي وڻ جو نالو ڏنو. پر هاڻ هڪڙي
وڏي گجگوڙ سان آءٌ انهيءَ وڻ جي پنن کي ساڙي وجهندس ۽ ان
جون ٽاريون ٽوڙي ڇڏيندس. 17 سو مون قادرِمطلق خداوند، جنهن
انهيءَ وڻ کي زمين ۾ پوکيو هو، تنهن انهيءَ تي مصيبت جو حڪم
جاري ڪيو آهي. هائو، اسرائيل ۽ يهوداہ وارن جي مصيبت جو سبب
سندن اُها بڇڙائي آهي جيڪا هنن پنهنجي لاءِ ڪئي آهي، جو بعل
ديوتا آڏو نذرانا پيش ڪري مون کي چڙ ڏياري اٿائون."

## يرمياہ نبيءَ جي قتل جي سازش

18 اهو خداوند ئي هو جنهن مون يرمياہ خلاف
دشمنن جي سازش کي مون تي ظاهر ڪيو.
19 مون کي اها خبر ڪونہ هئي
تہ ڪو منهنجي خلاف سازش سٽي ويئي آهي.
آءٌ تہ هڪڙي غريب گهيٽي وانگر هوس،
جنهن کي ڪهڻ لاءِ وٺي وڃبو آهي.
هنن پاڻ ۾ صلاحون پئي ڪيون تہ
"اچو تہ هن کي وڻ وانگر
سندس ڦوهُہ جوانيءَ ۾ ئي وڍي ڇڏيون
۽ کيس جيئرن جي دنيا مان ناس ڪري ڇڏيون،
تانتہ جيئن هن جو نالو نشان ئي نہ رهي."

20 پر مون دعا گهري تہ
"اي قادرِمطلق خداوند!
تون جيڪو سچائيءَ سان انصاف ڪندڙ آهين،
۽ دل وَ دماغ کي پرکڻ وارو آهين،
سو هنن کان منهنجو وير وٺ تہ آءٌ ڏسان،
ڇوتہ مون پنهنجو معاملو تنهنجي اڳيان رکيو آهي."

21 منهنجي شهر عنتوت جي رهاڪن مون کي مارڻ تي گهريو ۽
انهن مون کي چيو هو تہ "تون پنهنجو پيغام خداوند جي نالي سان
نہ ٻڌائيندو ڪر، نہ تہ اسين تو کي ماري ڇڏينداسين." 22 تنهنڪري
قادرِمطلق خداوند فرمايو تہ "ڏس، آءٌ هنن کي اها سزا ڏيندس جو
هنن جا جوان جنگ ۾ مرندا ۽ سندن ٻار ڏڪار سببان مرندا. 23 هنن
مان ڪوبہ ڪونہ بچندو، ڇالاءِجو آءٌ سزا واري مقرر ڪيل وقت تي
عنتوت وارن مٿان آفت نازل ڪندس."

## يرمياہ جو فرياد ۽ خدا جي ورندي

12 1 اي خداوند! جيڪڏهن آءٌ تو سان بحث ڪريان
تہ تون ئي سچو ثابت ٿيندين.
تنهن هوندي بہ آءٌ تو سان

تنهنجي انصاف بابت ڳالهائڻ ٿو گهران
تہ بڇڙائي ڪندڙ ڇو خوشحال رهن ٿا؟
سمورا دغابازي ڪندڙ ڇو آرام ۾ ٿا گذارين؟
2 تو هنن کي وڻ وانگر پوکيو آهي ۽ هاڻي هو پاڙ هڻي ويا آهن.
هو وڌن ويجهن ٿا ۽ ڦر جهلين ٿا.
تون هنن جي چپن تي تہ آهين، پر سندن دلين کان دور آهين.
3 پر اي خداوند! تون مون کي ڄاڻين ٿو.
تون مون کي ڏسين ٿو ۽ منهنجي دل کي پرکين ٿو
تہ اها تو سان ئي آهي.
سو تون انهن بڇڙن کي رڍن وانگر ڪهڻ لاءِ ڇڪي ٻاهر ڪڍ.
انهن کي ذبح ڪرڻ جي ڏينهن لاءِ الڳ ڪري بيهار.
4 هيءَ زمين ڪيستائين سڪي سڙي پيئي هوندي
۽ سڄي ملڪ جي ساوڪ ڪومايل رهندي؟
منجهس رهندڙ بدڪارن جي ڪري
پکي ۽ جانور بہ ناس ٿي ويا آهن.
اهي بدڪار ائين بہ چون ٿا پيا تہ
”اسين جيڪي ڪجهہ ڪريون ٿا سو خدا نہ ٿو ڏسي.“

5 خداوند ورندي ڏيندي چيس تہ
”اي يرمياه! جيڪڏهن تون پيادن سان ڊوڙيو آهين
۽ انهن تو کي ٿڪائي وڌو آهي،
تہ پوءِ تون گهوڙيسوارن سان ڪيئن مقابلو ڪري سگهندين؟
جيڪڏهن تون کليل ميدان ۾ ئي ٿاٻڙجين ٿو،
تہ پوءِ تون اردن درياءَ جي ٻيلن ۾ ڪيئن ڪندين؟
6 سو تون ان شڪايت کي ڇڏ ۽ پنهنجي مائٽن ڏانهن نهار،
جيڪي تنهنجي ابي جو اولاد آهن تن بہ تو سان دغا ڪئي آهي.
انهن بہ تنهنجي خلاف وڏيون دانهون ڪيون آهن.
سو انهن تي اعتبار نہ ڪر،
توڙي جو هو تو سان مٺو ٿا ڳالهائين.“

## نافرمانيءَ جي سزا

7 خداوند فرمائي ٿو تہ
”مون يهوداہ وارن کي ڇڏي ڏنو آهي،
هائو، پنهنجي چونڊيل قوم کي وساري ڇڏيو اٿم.
مون پنهنجي پياري قوم کي
سندس دشمنن جي هٿن ۾ ڏيئي ڇڏيو آهي.
8 منهنجي چونڊيل قوم منهنجي خلاف ٿي پيئي آهي،
اها ٻيلي جي شينهن جيان مون تي گجگوڙ ٿي ڪري.
تنهنڪري مون کي ساڻس نفرت ٿي پيئي آهي.
9 هاڻ منهنجي چونڊيل قوم جو ملڪ
جڻ تہ گدڙن جي جُوءِ بڻجي ويو آهي،
جنهن جي چوڌاري مردار خور پکي لامارا ڏيندا ٿا وتن.
سو وڃ، وڃي جهنگ جي سڀني جانورن کي سڏي اچ،
تہ اهي اچي هنن گدڙن جو شڪار کائي چٽ ڪري ڇڏين.
10 جيئن ڌنار انگورن جي باغ کي ٻيلي ٿا ڇڏين،
۽ ٻنيءَ کي لتاڙي ناس ٿا ڪن،
تيئن ڪيترن ئي ڌارين بادشاهن
منهنجي قوم جي سرسبز ملڪ کي
اجڙيل بيابان بڻائي ڇڏيو آهي.
11 هنن ان کي ويران ڪري ڇڏيو آهي،
ويران ٿي اهو منهنجي اڳيان دانهون پيو ڪري.
سڄو ملڪ بيابان بڻجي ويو آهي،
پر ڪنهن کي بہ انهيءَ جي پرواهہ ڪانهي.
12 تباهي مچائڻ وارا حملي ڪرڻ لاءِ
بيابان ۾ کليل ٽڪرين تي اچي پهتا آهن.
اهي مون خداوند جي موتمار تلوار بڻجي
هڪڙيءَ ڪنڊ کان ٻيءَ ڪنڊ تائين ملڪ کي ڳڙڪائي ڇڏيندا،
۽ ملڪ ۾ ڪوبہ سلامت نہ رهندو.
13 منهنجي قوم ڪڻڪ پوکي،
پر لڻڻ لاءِ وٽن ڪنڊا ئي رهيا آهن،
هنن سخت پورهيو ڪيو، پر حاصل ڪجهہ بہ نہ ڪيو اٿائون.
منهنجي سخت ڪاوڙ جي ڪري
اهي پنهنجي پيداوار کان نااميد ٿيا آهن.“

## آس‌پاس وارين قومن بابت اڳڪٿي

14 خداوند هيئن ٿو فرمائي تہ ”ڏس، آس‌پاس جي بڇڙن غير قوم
وارن ان ملڪ کي نقصان رسايو آهي، جيڪو مون پنهنجي قوم بني
اسرائيل کي ميراث ڪري ڏنو هو. سو آءٌ انهن سڀني کي سندن
ملڪن مان وڻ وانگر پاڙان پٽي ڪڍندس ۽ يهوداہ وارن کي ڪانئن
بچائي وٺندس. 15 کين ائين جلاوطن ڪري ڇڏڻ کان پوءِ، آءٌ وري
مٿن رحم ڪندس ۽ منجهائن هر قوم کي سندس ورثي واري ملڪ
۾ موٽائي آڻيندس. 16 جيڪڏهن هو پوريءَ دل وَ جان سان منهنجي
قوم جا رستا سکندا ۽ منهنجي نالي جو قسم کڻي چوندا تہ ’خداوند
جيئري جو قسم آهي،‘ جيئن هنن منهنجي قوم کي بعل ديوتا جو
قسم کڻڻ سيکاريو هو، تہ پوءِ هو منهنجي قوم منجهہ قائم ٿي
ويندا. 17 پر جيڪڏهن ڪا قوم منهنجي نہ ٻڌندي تہ پوءِ آءٌ خداوند
چوان ٿو تہ ان کي پٽي آءٌ بلڪل ناس ڪري ڇڏيندس.“

## سٽيءَ جو پوتڙو

13 1 خداوند مون يرمياه کي فرمايو تہ ”وڃي پنهنجي لاءِ
هڪڙو پوتڙو خريد ڪر ۽ اهو چيلهہ سان ٻڌ. پر ڏس، انهيءَ

تي پاڻي نہ لڳي.“ 2 سو مون خداوند جي حڪم موجب هڪڙو پوتڙو
خريد ڪري پنهنجي چيلهہ سان ٻڌي ڇڏيو.
3 پوءِ ٻيو ڀيرو خداوند مون کي فرمايو تہ 4 ”جيڪو پوتڙو تو خريد
ڪيو آهي ۽ تنهنجي چيلهہ سان ٻڌل آهي، سو لاهي فرات نديءَ
ڏانهن کڻي وڃ ۽ اتي ٽڪريءَ جي ڪنهن سوراخ ۾ اهو لڪائي ڇڏ.“
5 سو مون خداوند جي حڪم موجب اهو کڻي وڃي فرات نديءَ وٽ
لڪايو.
6 گهڻن ڏينهن کان پوءِ خداوند مون کي فرمايو تہ ”اٿ، فرات
نديءَ ڏانهن وڃ ۽ جيڪو پوتڙو مون تو کي لڪائڻ لاءِ چيو هو سو
وڃي اتان ڪڍي اچ.“ 7 سو آءٌ فرات نديءَ ڏانهن ويس ۽ جتي اهو
پوتڙو لڪايو هوم سو اتان کوٽي ڪڍيم. مون ڏٺو تہ اهو پوتڙو اهڙو
تہ خراب ٿي پيو هو جو ڪنهن بہ ڪم جو ڪين رهيو هو.
8 تڏهن خداوند مون کي فرمايو تہ 9 ”انهيءَ پوتڙي وانگر آءٌ
يروشلم وارن، بلڪ سڄي يهوداہ وارن جي وڏي مغروريءَ کي ناس
ڪري ڇڏيندس. 10 هيءَ خراب قوم، جيڪا منهنجين ڳالهين ٻڌڻ کان
انڪار ٿي ڪري ۽ پنهنجي دل جي هوڏ سببان غير معبودن جي پٺيان
لڳي انهن جي پوڄا ٿي ڪري، سا بہ انهيءَ پوتڙي جهڙي ٿيندي،
جيڪو ڪنهن بہ ڪم جو ناهي رهيو. 11 ڇالاءِ جو جيئن پوتڙو ماڻهوءَ
جي چيلهہ سان ٻڌل هوندو آهي، تيئن مون بہ اسرائيل ۽ يهوداہ وارن
کي پاڻ سان ٻڌو هو تہ جيئن هو منهنجي ئي قوم رهندي منهنجي
نالو جي واکاڻ ڪن ۽ منهنجي عظمت ظاهر ڪن. پر هنن ان پاسي
ڪو ڌيان ئي ڪونہ ڏنو.“

## مئي جا مَٽَ

12 خداوند مون کي چيو تہ ”بني اسرائيل کي ٻڌاءِ تہ هو مئي جو
هر مٽ مئي سان پري رکن. جيڪڏهن هو تو کي چون تہ ’اسان کي
خبر ناهي ڇا تہ هر مٽ مئي سان پربو آهي؟‘ 13 تڏهن تون کين مون
خداوند جو هي پيغام ٻڌاءِ تہ آءٌ سندن ملڪ يهوداہ جي سڀني رهاڪن
کي، يعني جيڪي بادشاهہ دائود جي تخت تي ويهن ٿا تن کي،
ڪاهنن کي، نبي سڏائيندڙن کي ۽ يروشلم جي سڀني رهاڪن کي ڇڻ
تہ *نشو پيئاري مدهوش ڪري ڇڏيندس. 14 آءٌ هنن مان سڀني کي
پوءِ اهي توڙي جو پيئر هجن يا پٽ، مَٽن جيان هڪ ٻئي مٿان اڇلائي
پڄي پورا پورا ڪري ڇڏيندس، انهن تي ڪو قياس نہ ڪندس، نڪي
ترس کائيندس. ڪين ناس ڪرڻ وقت رحم نہ ڪندس.“

## مغروريءَ خلاف يرمياہ جو چتاءُ

15 اي بني اسرائيل! خداوند جو فرمان ٻڌو، هٺيلا نہ ٿيو،
بلڪ انهيءَ تي عمل ڪريو.
16 اوهين خداوند پنهنجي خدا جي تعظيم ڪرڻ سکو،
انهيءَ کان اڳ جو هو اونداهي آڻي
۽ اوهان جا پير اونداهين ٽڪرين تي ٿاٻڙجڻ لڳن.
هائو، انهيءَ کان اڳ جو
جڏهن اوهين روشنائيءَ جا منتظر هجو،
تڏهن هو ان کي موت جي پاڇي ۾ بدلائي
گهُگهُہ اونداهيءَ ۾ ڦيرائي ڇڏي.
17 پر جيڪڏهن اوهين نہ ٻڌندا،
تہ پوءِ آءٌ اوهان جي مغروريءَ جي ڪري لڪي لڪي روئندس.
هائو، ان وقت منهنجون اکيون
زار وَ قطار روئنديون ۽ ڳوڙها ڳاڙينديون،
جڏهن خداوند جي پياري قوم قيد ڪئي ويندي.

18 خداوند مون کي فرمايو تہ
”تون يهوداہ جي بادشاهہ ۽ سندس والدہ راڻيءَ کي چئُہ تہ
’پنهنجي پنهنجي تخت تان هيٺ لهو،
ڇوتہ اوهان جو شان وَ شوڪت وارو تاج
اوهان جي مٿي تان لٿو وڃي ٿو.
19 اوهان جا ڏکڻ وارا شهر گهيري ۾ اچي ويا آهن،
۽ ڪوبہ اندر اچي يا ٻاهر وڃي نہ ٿو سگهي.
سڄي يهوداہ کي قيد ڪيو ٿو وڃي،
انهن مان ڪوبہ باقي نہ بچندو.‘“

20 اي يروشلم! پنهنجون اکيون کڻي
اتر کان چڙهائي ڪري آيل پنهنجي دشمنن کي ڏس.
هاڻ ٻڌاءِ تہ تنهنجي ملڪ جو پاليل ڌڻ ڪٿي آهي،
هائو، تنهنجا اهي رهاڪو جن تي تو کي وڏو ناز هو؟
21 هاڻي تون ڇا ٿو چوين جو اها قوم
تو تي حڪمراني ڪرڻ لاءِ ڪاهہ ڪيو ٿي اچي،
جنهن کي تو پنهنجو سڄڻ ٿي سمجهيو؟
هاڻ تہ تون ڪنهن ويم ڪندڙ عورت جهڙن سورن ۾ هوندين.
22 پوءِ جي تون پنهنجيءَ دل ۾ چوندين تہ
”مون سان ائين ڇو ٿيو آهي؟“
تہ پوءِ ٻڌ،
اهو سڀ ڪجهہ تنهنجي گناهن جي گهڻائيءَ ڪري آهي،
جو ڪپڙا ڦاڙي تو کي اگهاڙو ڪيو ويو آهي،
۽ تو سان زوريءَ زنا ڪئي ويئي آهي.
23 ڇا ڪو حبشي پنهنجي کل جو رنگ بدلائي سگهي ٿو؟

*نشو پيئاري: بائيبل مقدس ۾ نشي پيئارڻ مان مراد خدا جو غضب نازل ڪرڻ ورتي وڃي ٿي. ڏسو يرمياہ 25:15–16.

18:13–19 2.با 24:15–17

يا ڪو چيتو پاڻ تان دٻڪن جا نشان مٽائي سگهي ٿو؟
ساڳيءَ طرح تون به نيڪي ڪري نه ٿو سگهين،
جيڪو بڇڙائيءَ جو عادي آهين.

24 خداوند ٿو فرمائي ته
”آءٌ تنهنجي رهاڪن کي ان ٻُهه وانگر تيزي پکيڙي ڇڏيندس،
جيڪو بيابان جي هوا سان اڏامي ڪٿو ڪٿو ٿي ويندو آهي.
25 اهو ئي تنهنجي رهاڪن جو مقدر آهي،
اهو ئي هنن جو حصو آهي،
جيڪو مون سندن لاءِ مقرر ڪيو آهي.
ڇالاءِجو هنن مون کي وساري ڇڏيو آهي،
۽ باطل معبودن تي ڀروسو ڪيو اٿائون.“

26 سو اي يروشلم! خداوند پاڻ تنهنجا ڪپڙا لاهيندو،
۽ تنهنجو شرم اُگهاڙيندو.
27 اي يروشلم!
خدا تنهنجي رهاڪن کي اهي ئي ڪم ڪندي ڏٺو آهي،
جن ڪراهت جهڙن ڪمن کان هن کي نفرت آهي.
هن کين ٽڪرين ۽ ٻنين ۾ ڌارين معبودن پٺيان ويندي ڏٺو آهي،
جيئن ڪو زناڪار ماڻهو
پنهنجي پاڙيسريءَ جي زال جي پٺيان پوندو آهي،
يا جيئن ڪو سانهِي گهوڙو گهوڙيءَ جي پٺيان پوندو آهي.
اي يروشلم وارؤ! اوهان لاءِ ويل آهي!
ڪيستائين اوهين ناپاڪ رهندءُ.

## خوفناڪ خشڪ سالي

14 1 خداوند مون يرمياه کي خشڪ ساليءَ جي باري ۾ فرمايو
ته
2 ”يهوداه جا رهاڪو روڄ راڙو ڪن ٿا.
خشڪ ساليءَ سبب سندن شهرن تي ويراني ڇانيل آهي.
هو ڪارا ڪپڙا پهريو خاڪ تي پيا آهن
۽ يروشلم مان دانهون ٿيون اٿن.
3 امير امراءَ پنهنجن نوڪرن کي پاڻي ڀرڻ لاءِ موڪلين ٿا.
اهي تلائن ڏانهن وڃن ٿا پر پاڻي هٿ ڪونه ٿو اچين.
سو اهي پنهنجا ٿانوَ خالي موٽايو ٿا اچن.
پريشاني ۽ نااميديءَ سببان سندن ڪنڌ جهڪيل آهن.
4 زمين سڪي ٺوٺ ٿي پيئي آهي،
ڇالاءِجو ملڪ ۾ مينهن ڪونهي پيو.
نااميديءَ سببان هارين جا ڪنڌ جهڪيل آهن.
5 هرڻي ٻنيءَ ۾ ٻچو ڄڻي ٿي،
پر گاهه نه هئڻ ڪري پنهنجي ٻچي کي به ڇڏي هلي وڃي ٿي.
6 جهنگلي گڏهه ويران ٽڪرين تي گدڙن وانگر سهڪن ٿا پيا،
گاهه نه ملڻ ڪري سندن نظر به ڪمزور ٿي ويئي آهي.

7 منهنجي قوم مون کي پڪاري چوي ٿي ته
’جيتوڻيڪ اسان جا گناهه اسان تي شاهدي ٿا ڏين،
تہ به اي خداوند! پنهنجي نالي خاطر ڪجهه ڪر.
بيشڪ اسان جون نافرمانيون وڌي ويون آهن،
۽ اسين تنهنجا گنهگار آهيون.
8 اي بني اسرائيل جي اميد! اي مصيبت ۾ اسان کي بچائيندڙ!
ڇو تون پنهنجي ملڪ ۾ ڌارين وانگر ٿو رهين؟
ڇو تون انهيءَ مسافر وانگر ٿو رهين،
جنهن کي رڳو هڪڙي رات رهڻي هجي؟
9 ڇو تون حيرت ۾ ورتل ماڻهوءَ وانگر ٿيو آهين؟
يا وري هڪ اهڙي بهادر وانگر
جيڪو طاقت رکڻ جي باوجود به
ڪنهن کي بچائي نه ٿو سگهي؟
اي خداوند! تون ته اسان منجهه ٿو رهين،
۽ اسين تنهنجا ئي ٿا سڏجون،
سو اسان کي ڇڏي نه ڏي.‘

10 پر آءٌ خداوند هن قوم بابت چوان ٿو ته
هنن کي منهنجي راهه کان ڀٽڪڻ تمام گهڻو پسند آيو آهي،
هنن پنهنجن پيرن کي رُلڻ کان نه روڪيو آهي.
تنهنڪري آءٌ خداوند هنن کي قبول نه ٿو ڪريان.
هاڻ آءٌ هنن جي بدڪارين کي ياد ڪري
کين ڪيل گناهن جي سزا ڏيندس.“

11 پوءِ خداوند مون کي فرمايو ته ”اي يرمياه! تون هن قوم جي
ڇڱائيءَ لاءِ دعا نه گهر. 12 جيتوڻيڪ هو روزا رکندا ته به آءٌ سندن
دانهن نه ٻڌندس. توڙي جو هو ساڙڻ واريون قربانيون ۽ اناج جون
قربانيون پيش ڪندا ته به آءٌ اهي ڪانئن قبول نه ڪندس. اٽلندو آءٌ
جنگ، ڏڪار ۽ وبا سان کين ناس ڪري ڇڏيندس.“

## نبي سڏائيندڙن جو ڪوڙ هڻڻ

13 تڏهن مون چيو ته ”هاءِ! اي خداوند خدا! اهي نبي سڏائيندڙ
آهن جيڪي تنهنجو نالو کڻي ماڻهن کي چوندا رهندا آهن ته ’نه ڪو
اوهان سان جنگ ڪرڻ ايندو ۽ نه ئي اوهين ڏڪار ۾ ڦاسندا. بلڪ
هن ملڪ ۾ اوهين خير ۽ سلامتيءَ سان گذاريندا.‘“
14 تڏهن خداوند مون کي وراڻي ڏني ته ”اهي نبي سڏائيندڙ
منهنجي نالي تي ڪوڙو پيغام ڏين ٿا. مون انهن کي نڪي موڪليو
آهي، نڪي کين ڪو حڪم ڏنو اٿم ۽ نه وري مون ساڻن ڳالهايو ئي

آهي. اهي ماڻهن کي ڪوڙيون رويائون، ڪوڙيون فالون ۽ پنهنجون
نڳيءَ سان ٺاهيل ڳالهيون ٻڌائين. 15 تنهنڪري هي نبي سڏائيندڙ،
جن کي مون ڪين موڪليو آهي ۽ جيڪي منهنجي نالي تي ماڻهن
کي چون ٿا تہ ’ڪابہ جنگ يا ڏڪار هن ملڪ ۾ ڪين ايندو،‘ تن
بابت مون خداوند جو فرمان آهي تہ اهي ساڳيا نبي سڏائيندڙ پڻ
جنگ ۽ ڏڪار ذريعي ناس ڪيا ويندا. 16 جن ماڻهن کي هو اهو
پيغام ٻڌائين ٿا، تن جا لاش ڏڪار ۽ جنگ جي سببان يروشلم جي
گهٽين ۾ اڇلايا ويندا. ڪوبہ ڪين دفنائڻ وارو نہ هوندو، نہ انهن
کي، نہ انهن جي زالن کي ۽ نہ وري انهن جي پٽن يا ڌيئرن کي.
آءٌ مٿن اها مصيبت آڻيندس جنهن جا هو حقدار آهن.“
17 خداوند مون کي حڪم ڏنو تہ آءٌ يهوداہ وارن بابت پنهنجي ڏک
جو اظهار ڪريان تہ

”منهنجون اکيون رات ڏينهن لڳاتار ڳوڙها ٿيون ڳاڙين،
چالاءِجو منهنجي قوم،
جيڪا خداوند جي ڪنواري ڌيءَ مثل آهي،
تنهن کي هڪ وڏو زخم، هڪ وڏي چوٽ رسي آهي.
18 جڏهن آءٌ ٻهراڙيءَ ڏانهن نڪري ٿو وڃان تہ
آءٌ انهن کي ڏسان ٿو جيڪي جنگ ۾ ماريا ويا آهن.
جڏهن آءٌ شهر ۾ اچان ٿو تہ
ڏڪار سبب مرڻ ڪنديءَ تي پهتلن کي ڏسان ٿو.
نبي سڏائيندڙ ۽ ڪاهن واٽڙن وانگر
پنهنجي پنهنجي ڪم ۾ رڌل آهن،
ڪين ڪابہ خبر نہ ٿي پوي تہ قوم سان هي ڇا ٿي رهيو آهي.“

## ماڻهن جو خدا کي منٿ ڪرڻ

19 يهوداہ وارا پڪاري چون ٿا تہ
”اي خداوند! ڇا تو يهوداہ کي بلڪل رد ڪري ڇڏيو آهي؟
ڇا تون *صيئون کان نفرت ٿو ڪرين؟
ڇو تو اسان کي اهڙو زخم رسايو آهي
جيڪو ڇٽي ئي نہ ٿو سگهي؟
اسين سلامتيءَ جا طلبگار هئاسون،
پر ڪا ڇڱائي ڪونهي ملي.
اسين ڇٽي ڇڱا ڀلا ٿيڻ جا منتظر هئاسون،
پر رڳو دهشت ئي دهشت آهي.
20 اي خداوند! اسين پنهنجي ڪيل بڇڙائي قبول ڪريون ٿا،
۽ پنهنجي ابن ڏاڏن جي بدڪاري پڻ قبول ٿا ڪريون،
بيشڪ اسين تنهنجا ڏوهاري آهيون.
21 اسان کي نہ ڌڪار، مٿان تنهنجي نالي جي گهٽتائي ٿئي.
تون يروشلم شهر ۾
پنهنجي عظمت واري تخت جي توهين ٿيڻ نہ ڏي.
اسان سان ڪيل پنهنجي عهد کي ياد ڪر ۽ انهيءَ کي نہ ٽوڙ.
22 ڇا غير قومن جا بيڪار بت مينهن وسائي ٿا سگهن؟
ڇا آسمان پنهنجو پاڻ وسڪارو ڪري ٿا سگهن؟
هرگز نہ، اي خداوند! اسان جا خدا!
ائين رڳو تون ئي ڪري سگهين ٿو.
تنهنڪري اسان جي اميد تو ۾ ئي آهي،
چالاءِجو اهو سڀ ڪجهہ رڳو تنهنجي وس ۾ آهي.“

## يهوداہ وارن لاءِ تباهي

15 1 پوءِ خداوند مون يرمياہ کي چيو تہ ”توڙي جو موسيٰ
۽ سموئيل بہ ڪٿي مون وٽ اچن، تہ بہ هن قوم ڏانهن
منهنجي دل ڪين ورندي. سو تون هنن کي منهنجي اکين اڳيان
ٽاري ڇڏ. 2 جيڪڏهن هو تو کان پڇن تہ ’اسين ڪيڏانهن وڃون؟‘
تہ پوءِ تون کين مون خداوند جو هي فرمان ٻڌاءِ تہ

’جن جي مقدر ۾ وبا لکيل آهي،
سي انهيءَ موتمار بيماريءَ سان وڃي مرن،
جن جي مقدر ۾ تلوار لکيل آهي،
سي جنگ ۾ وڃي مرن،
جن جي مقدر ۾ ڏڪار لکيل آهي،
سي اڃ ۽ بک ۾ وڃي مرن،
۽ جن جي مقدر ۾ قيد لکيل آهي،
سي ڌارين ملڪن ۾ قيد ٿي وڃن.‘

3 آءٌ خداوند کين چئن مختلف قسمن جون سزائون ڏيندس. هو
جنگ ۾ قتل ڪيا ويندا، سندن لاشن کي ڪتا ڇيريندا ڦاڙيندا، سندن
ماس ڳجهون پيون کائينديون ۽ سندن هڏا جهنگلي جانور ڇپاڙي ناس
ڪري ڇڏيندا. 4 يهوداہ جي بادشاهہ منسي ولد حزقياہ جي يروشلم
۾ نهايت ڪڌن ڪمن ڪرڻ جي ڪري آءٌ کين اهي سزائون ڏيندس،
جن کي ڏسي دنيا جي سڀني قومن کي هيبت وٺي ويندي.“
5 خداوند فرمائي ٿو تہ
”اي يروشلم وارؤ! ڪنهن کي اوهان تي رحم ايندو؟
ڪير اچي اوهان جو همدرد ٿيندو؟
ڪير پنهنجي راهہ کان لڙي اچي اوهان کان خير عافيت پڇندو؟
6 اوهان مون کي رد ڪيو آهي.
اوهان مون کي پٺي ڏني آهي.
سو آءٌ اوهان ۾ پنهنجا هٿ وجهي

*صيئون: يعني يروشلم شهر، جنهن ۾ خداوند جو هيڪل آهي.

19:14 ير 15:8 1:15 خر 32:11–14، ڳا 14:13–19، 1.سم 7:5–9 2:15 مڪا 10:13 4:15 2.با 1:21–16، 2.توا 1:33–9

اوهان کي ناس ڪري ڇڏيندس،
ڇالاءِجو آءٌ اوهان تي ترس ڪائي ڪائي بيزار ٿي پيو آهيان.
7 آءٌ هر شهر مان اوهان کي واٽُري
بُهه وانگر واءُ ۾ اُڏائي ڇڏيندس.
هائو، اوهين جيڪي منهنجي قوم آهيو،
تن کي آءٌ بي‌اولاد ڪندس
۽ اوهان تي تباهي آڻيندس،
ڇالاءِجو اوهان پاڻ کي ڪين سڌاريو آهي.
8 اوهان جي ملڪ ۾ رنن‌زالن جو تعداد
سامونڊي ڪناري جي واريءَ جي ذرن کان به گهڻو ٿي ويندو.
آءٌ اوهان جا جوان ڦوهه جوانيءَ ۾ ئي قتل ڪرائي
سندن مائرن تي عذاب آڻيندس.
هائو، آءٌ اوچتو انهن تي مصيبت ۽ دهشت آڻيندس.
9 ست پٽيتي ماءُ پنهنجا ست ئي پٽ وڃائي غش ڪائي ڪرندي.
هن جي اميد جي روشني اونداهيءَ ۾ بدلجي ويندي.
هائو، ست ئي پٽ وڃائي
هوءَ عزت ۽ شان کان محروم ٿي ويندي.
قوم مان باقي بچي ويندڙن کي
آءٌ سندن دشمنن هٿان جنگ ۾ مارائي ڇڏيندس.
اهو مون خداوند جو فرمان آهي.“

## يرمياه جي آهه وَ زاري

10 ويل آهي مون لاءِ، اي منهنجي امڙ! ڪاش، آءٌ پيدا ئي نه ٿيان
ها! سڄي ملڪ وارن جي نظر ۾ آءٌ جهيڙاڪ ۽ تڪراري بڻيو آهيان.
آءٌ نه ڪنهن کان ڪجهه وٺان نه ڪنهن کي ڪجهه ڏيان، تنهن
هوندي به هر ڪنهن جو لعنتاڻو مون تي ئي آهي.
11 تڏهن خداوند مون کي وراڻيو ته ”يقيناً نيڪيءَ جي ڪمن لاءِ آءٌ
تو کي قوت بخشيندس. جڏهن مصيبت ۽ تنگيءَ جو وقت ايندو ته
آءٌ تنهنجي مخالفن کان تنهنجي اڳيان نيزاريون ڪرائيندس، 12 هائو،
جڏهن *اتر واري ملڪ کان لشڪر اچي حملو ڪندا. اهي اهڙي لوهه
وانگر هوندا جنهن ۾ پتل مليل هجي، جنهن کي پيچي نه ٿو سگهجي.
13 يهوداه ملڪ جي سرحدن اندر ماڻهن جو جيڪو به مال ملڪيت
۽ خزانا آهن، نه رڳو سي سڀ آءٌ سندن گناهن جي ڪري لٽائي
ڦرائي ڇڏيندس. 14 بلڪ آءٌ هنن کي سندن دشمنن جو غلام بڻائي
هڪڙي اهڙي ملڪ ۾ موڪليندس، جنهن بابت هو ڪجهه نه ٿا ڄاڻن.
منهنجي ڪاوڙ اهڙي باهه مثل آهي، جيڪا هرگز نه وسامندي.“
15 پوءِ مون چيو ته
”اي خداوند! تون منهنجي تڪليفن کي ڄاڻين ٿو.
سو مون کي نه وسار ۽ منهنجي سار لهه.
ڏس، مون تنهنجي خاطر ڪيڏا نه طعنا ۽ مهڻا سٺا آهن.
تون منهنجي مخالفن سان ايتري صبر ۽ تحمل سان پيش نه اچ،
بلڪ انهن کان منهنجو بدلو وٺ،
ان کان اڳ جو هو مون کي ماري وجهن.
16 تو جيڪي چيو سو مون ڌيان سان ٻڌو.
تنهنجون ڳالهيون منهنجي لاءِ
خوشي ۽ سرهائيءَ جو باعث هيون،
ڇالاءِجو اي خداوند، قادرِمطلق خدا! آءٌ تنهنجو ئي آهيان.
17 آءٌ ڪل خوشيءَ وارين محفلن ۾ نه ٿو وڃان،
نڪي پنهنجو وقت تفريح ڪندي ٿو گذاريان.
اٽلندو آءٌ تنهنجي ڏنل ذميوارين جي ڪري
پنهنجي منهن ٿو گذاريان،
ڇالاءِجو هن قوم تي تنهنجي ناراض هجڻ ڪري
آءٌ به ساڻن ڏاڍو ڪاوڙيل آهيان.
18 چو منهنجو ڏک سور ختم ئي نه ٿو ٿئي
هائو، منهنجي دل جو زخم سخت ۽ لاعلاج چو آهي؟
ڇا تون منهنجي لاءِ انهيءَ فريب ڏيندڙ نهر وانگر ٿيندين،
جنهن وٽ آءٌ اڄ اجهائڻ لاءِ اچان،
پر منجهس پاڻي ئي نه ڏسان؟“

19 تنهن تي خداوند ورندي ڏني ته
”جيڪڏهن تون توبهه ڪندين ته
آءٌ به تو کي وري بحال ڪندس،
ته جيئن تون پيهر منهنجو پيغام ٻڌائي سگهين.
جيڪڏهن تون بيڪار ڳالهيون ڪرڻ ڇڏي
ڪارائتيون ڳالهيون ڪندين،
ته آءٌ تو کي وري پنهنجو نبي بڻائيندس.
تون يهوداه جي ماڻهن جي ڳالهين کان دور رهه،
اٽلندو هو تنهنجي ٻڌايل ڳالهين کي قبول ڪري وٺندا،
20 آءٌ تو کي هن قوم جي اڳيان
پتل جي هڪڙي مضبوط پٽ بڻائيندس.
تنهنجا مخالف تو سان وڙهندا پر تو تي غالب اچي نه سگهندا،
ڇالاءِجو آءٌ تو کي ڇڏائڻ ۽ بچائڻ واسطي تو سان گڏ آهيان.
21 آءٌ تو کي شريرن جي هٿ کان بچائيندس،
هائو، انهن ظالمن جي پڪڙ مان آءٌ تو کي ڇڏائيندس.
اهو مون خداوند جو فرمان آهي.“

*اتر واري ملڪ کان لشڪر: گهڻو ڪري هي بابلي آهن، جيڪي ايندڙ وقت ۾ يهوداه ملڪ تي حملو ڪري ان تي فتح حاصل ڪرڻ وارا هئا.

## مصيبت جو ڏينهن

16 1 خداوند مون کي فرمايو تہ 2 "اي يرمياه! تون هرگز شادي
نہ ڪر ۽ نہ وري يهوداه جي ملڪ ۾ تو کي ڪو ٻار ٿئي پيدا
ٿئي. 3 ڇالاءِجو هن ملڪ ۾ ڄاول پٽن ۽ ڌيئرن ۽ انهن جي پيئرن
۽ مائرن بابت آءٌ خداوند ٻڌايان ٿو تہ 4 اهي موتمار بيمارين وگهي
مرندا. هنن تي نہ تہ ڪو روئڻ پٽڻ وارو هوندو ۽ نہ وري ڪين ڪو
دفن ڪرڻ وارو هوندو، بلڪ اهي زمين تي گند ڪچري وانگر پيا
هوندا. هو جنگ ۽ ڏڪار سان ناس ٿي ويندا ۽ سندن لاش پکين ۽
جهنگلي جانورن جو کاڄ بڻبا.
5 آءٌ خداوند تو کي حڪم ٿو ڏيان تہ تون ڪنهن بہ اهڙي گهر
۾ داخل نہ ٿيءُ جتي ڪو مري ويو هجي. تون اتي افسوس ڪرڻ
۽ همدردي ڏيکارڻ لاءِ نہ وڃ، ڇالاءِجو مون هن قوم تان سلامتي،
شفقت ۽ رحمت کڻي ورتي آهي. 6 تنهنڪري هن ملڪ جا غريب
تونگر امير مري ويندا. انهن کي نہ دفن ڪيو ويندو ۽ نہ مٿن رنو پٽيو
ويندو. ڪوبہ سندن سوڳ ۾ پاڻ کي نہ زخمي ڪندو، نہ وري مٿو
ڪوڙائيندو. 7 سوڳوارن کي سندن مئلن جي تسليءَ واسطي ڪوبہ
ويلو نہ کارائيندو، نہ وري سندن پيءُ ماءُ جي غم ۾ ڪو تسلي
ڏيندي ڪين پاڻيءَ ڍڪ ئي پياريندو.
8 اي يرمياه! تون خوشيءَ جي مجلس واري گهر ۾ بہ داخل نہ ٿج
جو هنن سان گڏ ويهي کائين پيئين. 9 تون يهوداه وارن کي خبردار
ڪري ڇڏ تہ آءٌ قادرِمطلق خداوند، بني اسرائيل جو خدا هن ملڪ مان
شادين مرادين بلڪ خوشيءَ ۽ سرهائيءَ جي هر طرح جي محفلن جو
خاتمو آڻي ڇڏيندس. اهو سڀ هي ماڻهو پنهنجي اکين سان ڏسندا.
10 جڏهن تون انهيءَ قوم کي اهي ڳالهيون ٻڌائين ۽ هو تو کان
پڇن تہ 'ڇو خداوند هيڏي ساري مصيبت اسان تي آندي آهي؟ اسان
ڪهڙو غلط ڪم ڪيو آهي؟ اسان خداوند پنهنجي خدا جو ڪهڙو
ڏوهہ ڪيو آهي؟' 11 تڏهن تون کين مون خداوند جو هي فرمان
ٻڌائجانءِ تہ 'اهو سڀ انهيءَ ڪري آهي جو اوهان جي ابن ڏاڏن
مون کي ڇڏي ڏنو ۽ غير معبودن جي پٺيان لڳي سجدا ڪري ڪين
پوڄيائون. اهڙيءَ طرح هنن مون کي ڇڏي ڏنو ۽ منهنجي شريعت
تي نہ هليا. 12 اوهان تہ وري پنهنجن ابن ڏاڏن کان بہ ليڪو لنگهي
ويا آهيو. ڏسو تہ اوهين ڪيئن نہ منهنجي فرمانبرداري ڪرڻ بدران
پنهنجي شرير دل جي هوڏ تي ٿا هلو. 13 سو آءٌ اوهان کي هن ملڪ
مان ڪڍي ڪنهن اهڙي ملڪ ۾ اڇلائيندس، جنهن بابت نہ اوهان
جي ابن ڏاڏن کي ڪا ڄاڻ هئي نہ وري اوهين ئي ان بابت ڪجهہ
ڄاڻو ٿا. اتي اوهين ڏينهن رات غير معبودن جي پوڄا ۾ لڳا رهندا،
ڇالاءِجو آءٌ اوهان تي ڪابہ عنايت نہ ڪندس.'"
14 خداوند ٿو فرمائي تہ "انهيءَ هوندي بہ اهي ڏينهن اچن ٿا جڏهن
اوهين اڳتي منهنجي نالي جو هيئن قسم نہ کڻندا تہ 'انهيءَ جيئري
خداوند جو قسم، جنهن اسان بني اسرائيل کي مصر جي ملڪ مان
ڪڍي آندو.' 15 بلڪ اوهين هن طرح قسم کڻندا تہ 'انهيءَ جيئري
خداوند جو قسم، جنهن اسان بني اسرائيل کي اتر واري ملڪ مان ۽
انهن ملڪن مان ڪڍي آندو جيڏانهن اسان کي جلاوطن ڪري ڇڏيو
هئائين.' اهو انهيءَ ڪري جو آءٌ اوهان کي وري پنهنجي وطن ۾
موٽائي آڻيندس جيڪو مون اوهان جي ابن ڏاڏن کي ڏنو هو."
16 خداوند فرمائي ٿو تہ "پر هاڻ آءٌ گهڻن ئي لشڪرن کي اوهان
تي چاڙهي موڪليندس، جيڪي اوهان کي هر هڪ جبل تان، هر
هڪ ٽڪريءَ تان ۽ ٽڪرن جي چُرن مان ائين ڦاسائي وٺندا جيئن
مڇي ڦاسائبي آهي، يا جيئن ڪو شڪاري شڪار ڪري وٺندو آهي.
17 ڇالاءِجو اوهين جيڪي ڪجهہ ڪريو ٿا تنهن تي منهنجي نظر
آهي. ڇا اوهان جا ڪم مون کان ڳجها آهن؟ ڇا اوهان جي ڪا
بدڪاري مون کان لڪل آهي؟ 18 ياد رکو، آءٌ اوهان کي اوهان جي
بدڪاريءَ ۽ گناهہ جي ٻيڻي سزا ڏيندس، ڇاڪاڻتہ اوهان پنهنجي
ڪراهت جهڙن ديوتائن جي بيجان مورتين سان منهنجو ملڪ پليت
ڪيو آهي. هائو، اوهان منهنجي ملڪ کي پنهنجي انهن نفرت جهڙين
شين سان پري ڇڏيو آهي."

## يرمياه جي دعا

19 اي خداوند! تون منهنجي طاقت،
منهنجو قلعو ۽ مصيبت جي وقت منهنجي پناهہگاهہ آهين.
تو وٽ ڌرتيءَ جي ڪنڊ ڪڙڇ کان قومون اينديون ۽ چونديون تہ
"اسان جي ابن ڏاڏن کي ورثي ۾ رڳو ڪوڙا معبود مليا،
هائو، هنن کي بيڪار بت مليا جن کين ڪوبہ فائدو نہ ڏنو.
20 ڀلا ماڻهن جي هٿن جا ٺاهيل معبود بہ
حقيقي معبود ٿي سگهن ٿا ڇا؟"

21 تڏهن خداوند وراڻيو تہ "اهو ئي سبب آهي جو آءٌ هنن کي
پنهنجي طاقت ۽ قدرت ڏيکارڻ ٿو گهران. تڏهن تہ کين خبر پوندي
تہ آءٌ ئي خداوند آهيان."

## يهوداه وارن جو گناهہ ۽ سزا

17 1 خداوند فرمائي ٿو تہ "اي يهوداه وارؤ! اوهان جو گناهہ
مِٽجي نہ ٿو سگهي، ڇالاءِجو اهو اوهان جي دلين تي ائين
اُڪريو ويو آهي جيئن لوهہ جي قلم سان پٿر جي تختيءَ تي. هائو،
اوهان جي قربانگاهن جي ڪُنڊن وارن سڱن تي اوهان جي ڪفاري
بدران ڇڻ تہ اهو گناهہ هيري جي نوڪ سان اُڪريو ويو آهي. 2 اوهين

6:16 لاو 5:21   9:16 ير 7:34، 10:25، مڪا 23:18   15–14:16 ير 7:23–8

عبادت ڪرڻ لاءِ تہ نڪرو ٿا پر يسيره ديويءَ جي ٿنڀن ۽ قربان‌گاهن
وٽ اچي پوڄا ڪريو ٿا جيڪي هر سائي وڻ، ٽڪرين جي چوٽين 3 ۽
کليل ميدان ۾ دڙن تي ٺهيل آهن. آءٌ اوهان جي گناهہ جي ڪري اوهان
جي سڄي ملڪ مان اوهان جي دولت ۽ اوهان جا سڀ خزانا اوهان جي
دشمنن هٿان لٽائي ڦرائي ڇڏيندس. 4 اوهين پنهنجي انهيءَ بڇڙائيءَ
جي ڪري اهو ملڪ وڃائي ويهندا، جيڪو مون اوهان کي ڏنو آهي.
آءٌ اوهان کي هڪ اهڙي ملڪ ۾ اوهان جي دشمنن جو غلام بڻائيندس
جنهن بابت اوهان کي ڪابہ ڄاڻ ڪانهي، ڇالاءِجو اوهان منهنجي
ڪاوڙ کي ڀڙڪايو آهي، جيڪا هميشہ ڀڙڪندي رهندي."

## خداوند تي ڀروسو رکڻ

5 خداوند فرمائي ٿو تہ
"لعنتي آهن اهي ماڻهو،
جن جي دل مون خداوند کان ڦري ٿي وڃي،
هائو، جيڪي مون کي ڇڏي ڪنهن انسان تي ڀروسو ٿا رکن،
۽ هڪ فاني بشر کي پنهنجي طاقت ٿا بڻائين.
6 اهي انهيءَ سڪل ٻوٽي وانگر ٿيندا،
جيڪو برپٽ ۾ هوندو آهي.
اهي بيابان جي سڪل ٿوٽ هنڌن ۾،
کلراٺي ۽ ويران زمين ۾ ئي رهندا.
هائو، اهي ڪڏهن بہ خوشحالي نہ ڏسندا.
7 پر سڀاڳا آهن اهي ماڻهو
جن جي توڪل خداوند تي آهي،
۽ جن جي اميد آسرو خداوند ئي آهي.
8 اهي انهيءَ وڻ وانگر ٿيندا،
جيڪو نديءَ جي ڀرسان پوکيل هجي،
۽ جنهن جون پاڙون هيٺ پاڻيءَ تائين ٿيون پهچن.
ان کي گرميءَ جي اچڻ جو ڪوبہ خوف نہ هوندو آهي،
انهيءَ جا پن سدائين ساوا رهندا آهن.
اهو سدائين ميوو ڏيندو رهندو آهي،
سو خشڪ ساليءَ ۾ بہ انهيءَ کي ڪا ڳڻتي نہ هوندي آهي."

9 خداوند فرمائي ٿو تہ
"دل سڀني شين کان وڌيڪ پُرفريب آهي،
انهيءَ جي ٺڳي لاعلاج آهي،
انهيءَ جي ڳُجهہ کي ڪير سمجهي سگهي ٿو؟
10 آءٌ خداوند ئي دلين کي ڇڪاسيان ٿو،
۽ دماغن کي پرکيان ٿو،
انهيءَ لاءِ تہ هر ڪنهن ماڻهوءَ کي سندس چال چلت
۽ سندس ڪمن موجب بدلو ڏيان."

11 جيڪي ماڻهو ناجائز طريقن سان دولت گڏ ڪن ٿا،
سي ان تتر وانگر آهن، جيڪو ٻين جي آنن مان ٻچا ڦوڙي ٿو،
پر پوءِ اهي ٻچا ڪيس ڇڏي هليا ٿا وڃن.
ساڳيءَ طرح انهن ماڻهن جي هٿ ڪيل دولت بہ
سندن اڌ عمر ۾ ئي ساٿ ڇڏي ويندي،
۽ پڇاڙيءَ ۾ اهي بيوقوفن مان ليکبا.

## يرمياه جي دعا

12 اي خداوند!
تنهنجو پاڪ گهر شروع کان وٺي جبل تي قائم آهي.
هائو، تنهنجو مقدس هيڪل هڪڙو عاليشان تخت آهي.
13 تون جيڪو بني اسرائيل جي اميد
۽ سندن آب حيات جو چشمو آهين!
تنهن کي جيڪي ڇڏي ٿا ڏين سي سڀ ذليل وَ خوار ٿيندا.
هائو، جيڪي تو کان ڦري ويندا
سي انهن اکرن جيان مِٽجي ويندا،
جيڪي واريءَ تي لکيا ويا هجن.

14 اي خداوند!
تنهنجي ئي شفا بخشڻ سان آءٌ چٽي چڱو ڀلو ٿيندس.
تنهنجي ئي بچائڻ سان آءٌ بلڪل بچي ويندس،
بيشڪ اهو تون ئي آهين جنهن جي آءٌ واکاڻ ٿو ڪريان.

15 ڏس، يهوداه جا ماڻهو مون کي چون ٿا تہ
"اي يرمياه!
تون خداوند جون جيڪي ڌمڪيون اسان کي ٻڌائيندو هئين،
سي پوريون ڇو نہ ٿيون ٿين؟"
16 پر اي خداوند! مون تہ ڪڏهن بہ تو تي زور نہ ڏنو آهي تہ
"تون هنن تي ڪا مصيبت آڻ."
مون تہ ڪڏهن بہ
هنن لاءِ مصيبت جي ڏينهن جي خواهش نہ ڪئي آهي.
جيڪي منهنجي واتان نڪتو هو سو تون ڄاڻين ٿو.
17 مصيبت جي ڏينهن تون ئي تہ منهنجي پناهہ آهين،
سو تون منهنجي لاءِ دهشت جو سبب نہ بڻج،
18 بلڪ جيڪي مون کي ستائن ٿا تن کي ذليل وَ خوار ڪر،
پر مون کي انهيءَ حالت کان بچاءِ.
هائو، تون هنن کي دهشت ۾ وجهي ڇڏ،

8:17 زب 3:1   10:17 زب 12:62، مڪا 23:2

پر مون کي دهشت کان بچاءِ.
هنن تي مصيبت جو ڏينهن آڻ
۽ مٿن تباهيءَ مٿان تباهي نازل ڪر.

## سبت، يعني آرام جو ڏينهن

19 خداوند مون کي فرمايو تہ ”تون يروشلم جي ٻين سڀني دروازن
سان گڏوگڏ عام ماڻهن واري انهيءَ دروازي ڏانهن پڻ وڃ، جنهن
مان يهوداہ جا بادشاهہ ايندا ويندا آهن. 20 اتي وڃي ماڻهن کي مون
خداوند جو هي فرمان ٻڌاءِ تہ ’اي يهوداہ جا بادشاهؤ! اي يروشلم
بلڪ سڄي يهوداہ جا رهاڪؤ! جيڪي هنن دروازن مان لنگهو ٿا سي
سڀ ٻڌو تہ آءٌ خداوند ڇا ٿو چوان. 21 خبردار ٿيو، متان سبت جي
ڏينهن ڪو بار کنيو اٿوَ، يا اهو يروشلم جي دروازن کان اندر ڍُڪائي
آندو اٿوَ، پوءِ پنهنجي حياتيءَ جو خير نہ سمجهجو. 22 سبت جي
ڏينهن ڪنهن بہ قسم جو بار پنهنجي گهر کان ٻاهر نہ ڪڍي وڃو ۽
نہ وري ان ڏينهن تي ڪو ڪم ڪار ڪريو، بلڪ سبت جي ڏينهن کي
اوهين مون خداوند لاءِ وقف ڪريو، جيئن مون اوهان جي ابن ڏاڏن کي
حڪم ڪيو هو. 23 پر هنن نڪي ٻڌو ۽ نہ وري ڌيان ئي ڏنائون، بلڪ
هٺ کان ڪم وٺندي پنهنجو سڌارو قبول نہ ڪيائون. 24 پر جيڪڏهن
اوهين خبرداريءَ سان منهنجي فرمانبرداري ڪندا ۽ سبت جي ڏينهن
هن شهر جي دروازن مان ڪوبہ بار نہ آڻيندا، بلڪ انهيءَ ڏينهن
ڪوبہ ڪم ڪار نہ ڪري ان ڏينهن کي خداوند لاءِ وقف ڪندا،
25 تہ پوءِ اوهان جي شهر تي دائود جي جاءِنشينن جي بادشاهي قائم
رهندي ۽ هي شهر هميشہ لاءِ آباد رهندو. تڏهن بادشاهہ پنهنجن
عملدارن سميت هن شهر جي دروازن مان پيا لنگهندا. هائو، اهي
پنهنجن عملدارن سميت جنگي گهوڙي گاڏين ۽ گهوڙن تي سوار ٿي
يروشلم بلڪ سڄي يهوداہ جي رهاڪن جي همراهيءَ ۾ شهر ۾ پيا
ايندا ويندا. 26 تڏهن سڄي يهوداہ وارا يعني يروشلم جي آس‌پاس
وارن ڳوٺن ۽ يهوداہ جي ٻين شهرن، بنيامين جي علائقي، الهندي
جي هيٺاهينءَ وارين زمينن وٽان ۽ جابلو علائقي ۽ ڏکڻ واري بيابان
وارا ماڻهو پيا يروشلم ۾ ايندا. اهي پاڻ سان ساڙڻ واريون قربانيون،
جانورن جون ٻيون قربانيون، اناج جون قربانيون، شڪرگذاريءَ جون
قربانيون ۽ لوبان ساڙڻ لاءِ مون خداوند جي گهر ۾ آڻيندا. 27 پر
جيڪڏهن اوهين منهنجي نافرماني ڪندي سبت جي ڏينهن يروشلم
جي دروازن مان بار کڻي اندر لنگهي اچڻ سان منهنجي پاڪ سبت
جي ڏينهن جي بي‌حرمتي ڪندا، تہ پوءِ آءٌ يروشلم جي دروازن کي
اهڙي باهہ ڏيئي ڇڏيندس جيڪا يروشلم جا سڀ محل ساڙي رک
ڪري ڇڏيندي، ۽ ڪوبہ ان باهہ کي وسائي نہ سگهندو.‘“

## ڪنڀر جي ڪم جو مثال

18 1 خداوند جو ڪلام مون يرمياہ تي نازل ٿيو تہ 2 ”ڪنڀر
جي گهر وڃ، اتي آءٌ تو کي پنهنجو پيغام ڏيندس.“ 3 سو
آءٌ ڪنڀر جي گهر ويس، جتي ڏٺم تہ هو چڪ تي ڪم ڪري رهيو
هو. 4 ڏٺم تہ جيڪو ٿانوُ هن مٽيءَ مان ٺاهيو ويٺي، سو جيڪڏهن
صحيح نہ ٿي ٺهيو تہ هن انهيءَ ئي مٽيءَ مان پنهنجي پسند جو
ٻيو ٿانوُ ٿي ٺاهيو.
5 تڏهن خداوند مون کي يهوداہ وارن لاءِ هي پيغام ڏنو تہ 6 ”اي
يهوداہ وارؤ! ڇا آءٌ اوهان سان اهڙو سلوڪ نہ ٿو ڪري سگهان جيئن
هي ڪنڀر ڪري ٿو؟ ياد رکو، جيئن مٽي ڪنڀر جي هٿ ۾ آهي تيئن
اوهين بہ منهنجي هٿ ۾ آهيو. 7 جيڪڏهن ڪنهن وقت آءٌ اهو اعلان
ڪريان تہ فلاڻي قوم يا فلاڻي حڪومت جون پاڙون پٽجڻ واريون
آهن يا اها ڊهڻ ۽ تباهہ ٿيڻ واري آهي، 8 تڏهن جنهن قوم کي مون
مصيبت کان آگاهي ڏني هوندي، سا جيڪڏهن پنهنجي بڇڙائيءَ کان
باز ايندي تہ آءٌ مٿس اها مصيبت نہ آڻيندس جيڪا مون رٿي هوندي.
9 جيڪڏهن ڪنهن ٻئي وقت آءٌ اهو اعلان ڪريان تہ ڪا قوم يا ڪا
حڪومت ٺهڻي ۽ قائم ٿيڻي آهي، 10 تہ پوءِ جي اها قوم منهنجي نظر
۾ بڇڙائي ڪندي ۽ منهنجو حڪم نہ مڃيندي تہ آءٌ بہ ان چڱائيءَ
ڪرڻ کان باز ايندس جيڪا مون ساڻس ڪرڻ چاهي هوندي.
11 تنهنڪري هاڻي اوهان يروشلم بلڪ سڄي يهوداہ جي رهاڪن
کي آءٌ خداوند خبردار ٿو ڪريان تہ ڏسو، آءٌ اوهان تي هڪ مصيبت
آڻڻ لاءِ پيو سوچيان ۽ اوهان جي خلاف هڪ رٿ وينو رٿيان. سو
اوهين سڀ پنهنجي پنهنجي بڇڙائيءَ کان باز اچو ۽ پنهنجا طور
طريقا ۽ عمل سڌاريو. 12 پر هو وراڻيندا تہ ’تون جيڪي چوين ٿو تنهن
جي اسان کي ڪا پرواهہ ڪانهي. اسين پنهنجين تجويزن کي جاري
رکنداسين. اسان مان هر ڪو پنهنجي شرير دل جي هوڏ تي هلندو.‘“

## خداوند جي قوم جو ڪراهت جهڙو ڪم

13 تنهنڪري خداوند فرمائي ٿو تہ
”اوهين قومن کان پڇا ڳاڇا ڪري ڏسو
تہ ڪنهن اهڙيون ڳالهيون ڪڏهن ٻڌيون آهن؟
منهنجي قوم جيڪا هڪ ڪنواريءَ مثل آهي،
تنهن تمام ڪراهت جهڙو ڪم ڪيو آهي.
14 ڇا لبنان جي وڏن پهاڙن تي
منهنجي ڪيرايل برف ڪڏهن غائب ٿئي ٿي؟
ڇا ان تان منهنجا وهايل ٿڌا پاڻي ڪڏهن سڪي وڃن ٿا؟
15 تنهن هوندي بہ منهنجي قوم مون کي وساري ڇڏيو آهي.
هو بيڪار بتن جي اڳيان قربانيون پيش ٿا ڪن.

21:17 نحم 13:15–22 22:17 خر 20:8–10، شر 5:12–14

هو منهنجي اصلي واٽ کان گمراهہ ٿي ويا آهن
۽ بتن جي پوڄا ڪندي پنهنجي لاءِ سوڙهن
۽ ڪچن رستن کي چونڊيو اٿائون.
16 انهيءَ ڪري سندن ملڪ اجڙي برباد ٿي ويندو،
۽ هميشہ لاءِ هڪڙي ڦٽڪار واري شيءِ بڻيل رهندو.
اتان لنگهندڙ ماڻهو انهيءَ کي ڏسي دهلجي ويندا
۽ حيرت جو اظهار ڪندا.
17 سو جڏهن دشمن مٿن حملو ڪندا
تہ آءٌ کين ائين پکيڙي ڇڏيندس،
جيئن تيز هوا مٽيءَ کي پکيڙي ڇڏيندي آهي.
سندن انهيءَ مصيبت جي ڏينهن
آءٌ هنن کان منهن ڦيري ڇڏيندس.“

## يرمياه جي خلاف سازش سٽڻ

18 تڏهن ماڻهن چيو تہ ”اچو تہ يرمياه جي خلاف ڪي منصوبا جوڙيون، ڇالاءِجو هن جي نہ هجڻ سان اسان جي ڪاهنن وٽان خدا جي شريعت هلي کين ويندي، نڪي اسان جي ڏاهن وٽان صلاح مصلحت ۽ نبين وٽان خداوند جو ڪلام ختم ٿي ويندو. تنهنڪري اچو تہ سندس ڳالهين تي ڌيان ڏيڻ بدران کو ڏوهہ ڏيئي کيس ڦاسايون.“
19 سو مون خداوند کان دعا گهري تہ
”اي خداوند! مون ڏانهن ڌيان ڏي،
۽ ٻڌ تہ مون تي الزام هڻندڙ ڇا ٿا چون.
20 مون تہ هنن سان ڀلائي ڪئي آهي،
پر انهيءَ جي عيوض ۾ هنن مون لاءِ کڏ کوٽي آهي.
ياد ڪر تہ ڪيئن نہ مون تنهنجي اڳيان بيهي
هنن لاءِ سفارش ڪئي هئي،
تہ جيئن هنن تان تنهنجو ڏمر هٽي وڃي.
21 پر هاڻ منهنجو عرض آهي تہ
تون سندن اولاد کي ڏڪار منجهہ وجهي ڇڏ،
۽ دشمن جي تلوار جي حوالي ڪري ڇڏين.
هنن جون زالون سنڍ ۽ بيوه بڻائي ڇڏ،
هنن جا مرد وبا جي حوالي ڪري ماري ڇڏ،
۽ سندن نوجوان جنگ ۾ تلوار سان ڪهائي ڇڏ.
22 مٿن اوچتو ڪو لشڪر آڻي ڪڙڪاءِ،
تہ سندن گهرن مان دانهون ۽ ڪوڪون ٻڌڻ ۾ اچن،
ڇالاءِجو هنن مون کي ڦاسائڻ لاءِ هڪ کڏ کوٽي آهي،
۽ منهنجي راهن ۾ ڪوڙڪي اڏائي اٿن.
23 پر اي خداوند! تون هنن جون اهي سڀ سازشون ڄاڻين ٿو،
جيڪي مون کي مارڻ لاءِ رٿيون اٿائون.
سو تون هنن جي بدڪاري کين معاف نہ ڪر،
هائو، سندن گناهن کي نظرانداز نہ ڪر،
بلڪ هنن کي پنهنجي آڏو اونڌو ڪري ڪيراءِ.
هائو، پنهنجو غضب نازل ڪري کين سزا ڏي.“

## ڀڳل گهُگهيءَ جو مثال

19 1 خداوند مون يرمياه کي چيو تہ ”وڃ ۽ ڪنڀر وٽان ٺڪر جي
هڪڙي گهُگهي خريد ڪر. قوم جي اڳواڻن ۽ وڏن ڪاهنن
مان بہ ڪن کي تون پاڻ سان وٺي وڃ. 2-3 پوءِ ٺڪراٺي جي دروازي
جي سامهون هنوم ماٿريءَ ڏانهن نڪري وڃ. اتي مون قادرِمطلق
خداوند، بني اسرائيل جي خدا جو هي پيغام ماڻهن کي ٻڌاءِ تہ ’اي
يهوداہ جا بادشاهؤ! اي يروشلم جا رهاڪؤ! ياد رکو، آءٌ خداوند هن
ماٿريءَ تي اهڙي مصيبت آڻڻ وارو آهيان جو جيڪو بہ انهيءَ جي
باري ۾ ٻڌندو تنهن جا لڱ ڪانڊارجي ويندا. 4 ڇالاءِجو اوهان مون
کي ڇڏي ڏنو آهي ۽ هن ماٿريءَ کي ديوتائن جو مرڪز بڻايو اٿوَ. هن
هنڌ تي اوهان انهن غير معبودن لاءِ قربانيون پئي پيش ڪيون آهن،
جن معبودن کي نہ تہ اوهان پاڻ ٿي ڄاتو ۽ نڪي اوهان جي ابن ڏاڏن
۽ يهوداہ جي بادشاهن ئي ٿي ڄاتو. هن هنڌ کي اوهان بي‌گناهن جي
رت سان ڀري ڇڏيو آهي. 5 اوهان بعل ديوتا جي واسطي قربان‌گاهون
ٺهرايون آهن تہ جيئن پنهنجن پٽن کي ساڙڻ واري قربانيءَ طور اتي
بعل جي اڳيان باهہ ۾ ساڙيو. اهو هڪ اهڙو ڪم آهي جنهن جو مون
ڪڏهن بہ حڪم ناهي ڏنو، نہ ڪو ذڪر ڪيو اٿم ۽ نہ وري اهڙو ڪو
خيال بہ منهنجي دل ۾ آيو. 6 سو ڄاڻي ڇڏيو تہ اهي ڏينهن اچن ٿا
جڏهن ڪوبہ ماڻهو اڳتي هن هنڌ کي *”توفت“ يا ”هنوم ماٿري“ نہ
سڏيندو، بلڪ انهيءَ کي ”ڪوس جي ماٿري“ ڪري سڏيو ويندو.
7 آءٌ هن هنڌ اوهان يروشلم بلڪ سڄي يهوداہ وارن جا منصوبا
ناس ڪري ڇڏيندس. آءٌ اوهان کي اوهان جي جاني دشمنن جي
هٿان تلوار سان مارائي ڇڏيندس. آءٌ اوهان جا لاش پکين ۽ جهنگلي
جانورن کي کاڌي طور ڏيئي ڇڏيندس. 8 آءٌ هن شهر کي اجاڙي
ڇڏيندس ۽ ان کي ڦٽڪار واري شيءِ بڻائيندس. اتان لنگهندڙ ماڻهو
انهيءَ کي ڏسي دهلجي ويندا ۽ حيرت جو اظهار ڪندا. 9 آءٌ اوهان
جي هن شهر تي اوهان جا جاني دشمن موڪليندس جن جي گهيري
۾ تنگ اچي اوهان بک وچان هڪ ٻئي جو بلڪ پنهنجن پٽن ۽ ڌيئرن
جو بہ گوشت کائيندا.‘

*”توفت“: هنوم ماٿريءَ ۾ توفت نالي هن جڳهہ تي غير معبودن لاءِ هڪ قربان‌گاهہ ٺهيل هئي جتي ماڻهو پنهنجن ٻارن کي قربانيءَ طور پيش ڪندا هئا ۽ ڪنهن زماني ۾ گهٽو ڪري هن ئي جاءِ تي يروشلم شهر جو گند ڪچرو ساڙيو ويندو هو.

18:18 ير 8:8-9، 14:13-16 19:2-3 2.با 23:10، ير 7:30-32، 32:34-35 19:5 لاو 18:21 19:5-7 ير 7:31-33

10 اي يرمياه! اهو پيغام ٻڌائڻ کان پوءِ جيڪي ماڻهو تو سان گڏ
هنوم ماٽريءَ ۾ آيا هجن تن جي روبرو تون اها گهُگهي ڀڃي ڇڏ 11 ۽
انهن کي منهنجو هي فرمان به ٻڌاءِ ته ’آءٌ قادرِمطلق خداوند هن
قوم ۽ هن شهر کي ائين پورا پورا ڪري ڇڏيندس جيئن هيءَ گهُگهي
پورا پورا ڪئي وئي آهي، جنهن کي وري نه ٿو جوڙي سگهجي.
اوهان جي قتل ٿي ويلن جي لاشن پورڻ جي جاءِ نه هئڻ سبب توفت
به قبرستان بڻجي ويندو. 12–13 آءٌ خداوند هن شهر يروشلم کي لاشن
سان پري توفت جيان پليت ڪري ڇڏيندس. هن هنڌ سان ۽ هتان
جي رهاڪن سان آءٌ ائين ئي ڪندس، ڇالاءِجو يهوداه جي بادشاهن
جي محلن توڙي يروشلم جي انهن سڀني گهرن جي ڇتين تي اوهان
آسماني ستارن لاءِ لوبان ساڙيو آهي ۽ غير معبودن لاءِ اوتڻ واريون
قربانيون پيئڻيون اٿوَ.‘“
14 پوءِ آءٌ يرمياه توفت ۾ خداوند جو پيغام ٻڌائي موٽي هيڪل
۾ آيس، جتي اڱڻ ۾ بيهي مون سڀني ماڻهن کي چيو ته 15 ”ٻڌو،
قادرِمطلق خداوند، بني اسرائيل جي خدا ڪجهه وقت اڳ اوهان کي
آگاهه ڪيو هو ته هو يروشلم جي رهاڪن ۽ آس‌پاس جي ڳوٺن وارن
تي آفتون نازل ڪندو. پر اوهان پنهنجي هوڏ تي قائم رهيا ۽ خداوند
جي ڳالهين تي ڌيان نه ڏنوَ. سو هاڻي خداوند اوهان تي اهي آفتون
آڻڻ وارو آهي.“

## فشحور ڪاهن جو يرمياه نبيءَ خلاف قدم کڻڻ

20 1 تڏهن هيڪل جي مک عملدار ۽ ڪاهن فشحور ولد امير
منهنجون اهي اڳڪٿيون ٻڌي 2 مون کي مار ڏياري ۽ پوءِ
پڪڙي هيڪل ۾ بنيامين نالي مٿئين دروازي وٽ مون کي زنجيرن
۾ ٻڌرائي ڇڏيائين. 3 ٻئي ڏينهن صبح جو جڏهن فشحور مون کي
زنجيرن مان آزاد ڪرايو، تڏهن مون کيس خداوند جو هي فرمان ٻڌايو
ته ”اڄ کان وٺي مون تنهنجو نالو فشحور نه بلڪ ’خوف ۾ وڪوڙيل‘
رکيو آهي. 4 آءٌ تو کي تنهنجي لاءِ ۽ تنهنجي دوستن لاءِ خوف
جو سبب بڻائيندس. تون پنهنجين اکين سان هنن کي سندن دشمنن
جي تلوار سان ڪرندو ڏسندين. آءٌ سڀني يهوداه وارن کي بابل جي
بادشاهه جي حوالي ڪري ڇڏيندس، جيڪو ڪن کي تلوار سان قتل
ڪرائي ڇڏيندو ۽ ڪن کي قيد ڪري بابل ڏانهن وٺي ويندو. 5 هن
شهر جي سڄي دولت، ان ۾ تيار ٿيندڙ هر شيءِ، ان جون سڀ قيمتي
شيون ۽ يهوداه جي بادشاهن جا سڀ خزانا پڻ آءٌ سندن دشمنن جي
حوالي ڪري ڇڏيندس. هو انهن شين کي لٽ جي مال جيان هٿ
ڪري بابل ڏانهن کڻي ويندا. 6 هاڻ اي فشحور! تون به بابل ڏانهن
قيد ڪري نيو ويندين. تون اتي مرندين ۽ اتي ئي دفن ٿيندين، نه
رڳو تون پر تنهنجو گهراڻو بلڪ تنهنجا اهي سڀئي دوست به جن
جي اڳيان تو منهنجي نالي سان ڪوڙا پيغام ٻڌايا آهن.“

## يرمياه جي خداوند سان شڪايت

7 اي خداوند!
تو پنهنجو ڪلام ٻڌائڻ جي مون کي ترغيب ڏني،
جيڪا مون مڃي.
تون مون کان طاقتور هئين، سو مون تي غالب ٿئين.
هاڻ سارو ڏينهن مون تي کل ٺٺولي ٿئي ٿي،
هر ڪو مون تي چٿرون ٿو ڪري.
8 ڇالاءِجو جنهن به وقت آءٌ ڳالهايان ٿو ته،
ظلم ۽ تباهيءَ جو ئي اعلان ٿو ڪريان.
اهڙيءَ طرح تو خداوند جو ڪلام سارو ڏينهن مون لاءِ
بي‌عزتي ۽ کل ٺٺوليءَ جو سبب ٿو بڻجي.
9 پر جيڪڏهن آءٌ چوان ٿو ته آءٌ تو بابت ڪوبه ذڪر نه ڪندس،
۽ تنهنجي نالي سان اڳتي وري ڪجهه به نه چوندس،
ته پوءِ تنهنجو ڪلام منهنجي دل ۾
ڄڻ ته هڪڙي اهڙي باهه وانگر پڙڪي ٿو
جيڪا منهنجي هڏن منجهه لڪل آهي.
آءٌ انهيءَ کي برداشت ڪرڻ جي ڪوشش ته ڪريان ٿو،
پر ڪري نه ٿو سگهان.
10 آءٌ ٻڌان ٿو ته هر ڪو اها سس‌پس پيو ڪري ته
”يرمياه هر ڪنهن کي خوف ۾ وڪوڙي ڇڏيو آهي،
سو هي موقعو آهي ته
اسين سندس خلاف ڪا شڪايت ڪريون.“
جن کي مون پنهنجو دوست ٿي سمجهيو
سي به منهنجي ٺوڪر کائي ڪرڻ جا منتظر آهن،
بلڪ هو سازش ٿا ڪن ۽ چون ٿا ته ”پل ته هي ٺڳجي وڃي،
پوءِ اسين مٿس غالب ايندا سين
۽ هن کان پنهنجو بدلو وٺندا سين.“

11 پر اي خداوند!
تون هڪڙي زورآور بهادر جيان مون سان گڏ آهين.
تنهنڪري منهنجا ستائيندڙ ٿاٻڙجي پوندا،
۽ مون تي غالب نه ايندا.
هو ناڪام ٿيندا ۽ تمام گهڻو خوار خراب ٿيندا.
هنن جي خواري هميشه تائين رهندي
۽ ڪڏهن به نه وساري ويندي.
12 سو اي قادرِمطلق خداوند! تون جيڪو سچارن کي آزمائين ٿو،
۽ هر دل وَ دماغ کي پرکين ٿو،
تنهن جي آڏو مون پنهنجي دانهن آندي آهي،
سو تون منهنجي دشمنن کان منهنجو بدلو وٺ ته آءٌ ڏسان.

13 بيشڪ اي خداوند! آءٌ تنهنجي واکاڻ ٿو ڳايان،
اي خداوند! آءٌ تنهنجي ساراهہ ٿو ڪريان.
تون ئي تہ آهين،
جيڪو مظلومن جي جان بدڪارن جي هٿان ڇڏائين ٿو.

14 لعنت هجي انهيءَ ڏينهن تي
جنهن ڏينهن آءٌ ڄائو هيس.
جنهن ڏينهن منهنجي ماءُ مون کي ڄڻيو،
سو ڏينهن شل برڪت وارو هرگز نہ ٿئي.
15 لعنت هجي انهيءَ ماڻهوءَ تي
جنهن منهنجي پيءُ کي اها خوشخبري ٻڌائي تہ
”تو کي پٽ ڄائو آهي.“
16 اهو ماڻهو شل انهن شهرن وانگر ٿئي،
جن تي ڪو رحم نہ ڪندي
تو خداوند ڪين اونڌو ڪري ڇڏيو آهي.
شل صبح جي مهل هو ظلم وَ ستم جا آواز ٻڌي،
۽ منجهند جي مهل جنگ جا نعرا.
17 هائو، مٿس لعنت هجي،
جو هن مون کي ماءُ جي پيٽ ۾ ئي ڪهي نہ ڇڏيو،
تان‌تہ منهنجي ماءُ منهنجي قبر ٿئي ها!
۽ آءٌ هميشہ سندس پيٽ ۾ ئي پيو رهان ها!
18 آءٌ پيدا ئي ڇو ٿيس جو تڪليفون ۽ ڏک ڏسان،
۽ منهنجي حياتيءَ جا سڀيئي ڏينهن خواريءَ ۾ گذرن.

## بادشاهہ صدقياه جو يرمياه کي عرض

21 1 فشحور ولد ملڪياه ۽ صفنياه ولد مسعياه ڪاهن جي
هٿان يهوداه جي بادشاهہ صدقياه مون يرمياه ڏانهن چوائي
موڪليو تہ 2 ”جيئن تہ بابل جي بادشاهہ نبوڪدنضر اسان تي حملو
ڪيو آهي، سو مهرباني ڪري اسان جي باري ۾ خداوند کان دعا
گهرو، تہ جيئن خداوند ماضيءَ وانگر اسان لاءِ ڪي معجزا ڪري
تان‌تہ بابل جو بادشاهہ اسان جي پچر ڇڏي هليو وڃي.“
3 تڏهن مون يرمياه تي خداوند جو ڪلام نازل ٿيو. سو مون ڪين
خداوند، بني اسرائيل جي خدا جو هي فرمان بادشاهہ صدقياه کي
وڃي ٻڌائڻ لاءِ چيو تہ 4 ”جنگ جا جيڪي هٿيار تنهنجي لشڪر
جي هٿن ۾ آهن ۽ جن سان اهي ڪوٽ جي ٻاهران گهيرو ڪري ويٺل
بابل جي بادشاهہ ۽ سندس لشڪر سان وڙهن ٿا، سي ڦيرائي آءٌ
اوهان تي استعمال ڪرائيندس. آءٌ اوهان جا هٿيار هن شهر جي وچ
۾ ڍير ڪرائيندس. 5 آءٌ پاڻ پنهنجي زورآور هٿ ۽ وڏيءَ قدرت سان
۽ غصي، جوش ۽ ڏاڍي ڪاوڙ ۾ تو سان وڙهندس. 6 آءٌ هن شهر
جي گهڻن ئي رهاڪن کي وبا ۾ مبتلا ڪري ماري ڇڏيندس، پوءِ
اهي ماڻهو هجن توڙي جانور. 7 تنهن کان پوءِ آءٌ تو کي، تنهنجي
عملدارن کي ۽ وبا، جنگ ۽ ڏڪار کان بچي ويل تنهنجي رعيت
کي تنهنجي جاني دشمن بابل جي بادشاهہ نبوڪدنضر جي هٿن ۾
ڏيئي ڇڏيندس. بابل جو بادشاهہ اوهان سڀني کي تلوار جي ڌار سان
مارائي ڇڏيندو ۽ اوهان تي ڪو ترس، ڪو قياس ۽ ڪابہ ڪهل نہ
آڻيندو. اهو مون خداوند جو فرمان آهي.“
8 پوءِ مون هنن کي خداوند جو هي فرمان ٻڌايو تہ ”اي يروشلم
وارؤ! ڏسو، آءٌ خداوند اوهان کي زندگي يا موت ٻنهي مان هڪڙي
جي چونڊ ڪرڻ جو موقعو ڏيان ٿو. 9 جيڪو بہ هن شهر ۾ رهندو
سو جنگ، ڏڪار ۽ وبا سان مري ويندو. پر جيڪو اتان نڪري اوهان
کي گهيرو ڪري ويٺل بابلين آڏو وڃي پيش پوندو سو بچي ويندو،
اهڙيءَ طرح سندس جان تہ بچي پوندي. 10 مون پڪو ارادو ڪري
ڇڏيو آهي تہ هن شهر کي فائدي جي بدران نقصان رسايان. هي شهر
بابل جي بادشاهہ جي هٿن ۾ ڏنو ويندو ۽ هو انهيءَ کي باهہ ڏيئي
ساڙي ڇڏيندو. اهو مون خداوند جو فرمان آهي.“
11 انهيءَ کان سواءِ يهوداه جي شاهي گهراڻي بابت خداوند هي
پيغام ڏنو تہ
12 ”اي دائود جا گهراڻا! مون خداوند جو حڪم آهي تہ
هر روز انصاف ڪريو.
جنهن تي ظلم ٿئي تنهن کي ظالم جي چنبي مان ڇڏايو،
نہ تہ منهنجي ڪاوڙ باهہ وانگر ڀڙڪي اٿندي
۽ اوهان جن بڇڙن ڪمن جي ڪري
اهڙي ٻرڻ لڳندي جو ڪوبہ انهيءَ کي وسائي نہ سگهندو.“

13 خداوند فرمائي ٿو تہ
”اي يروشلم وارؤ! اوهين جيڪي جبل جي چوٽيءَ تي رهو ٿا
۽ هيٺ ماترين ڏانهن نهاري سمجهو ٿا تہ اوهين محفوظ آهيو.
سو اوهين چئو ٿا تہ ’ڪير اسان تي ڪاهہ ڪري ايندو؟
ڪير اسان جي گهرن ۾ گهڙندو؟‘
پر ياد رکو، آءٌ اوهان جي خلاف آهيان.
14 آءٌ اوهان کي اوهان جي عملن مطابق سزا ڏيندس.
آءٌ اوهان جي ديال وارن محلن ۾ اهڙي باهہ ڀڙڪائيندس
جو جيڪي ڪجهہ انهن جي آس‌پاس آهي
سو سڀ بہ سڙي ڇٽ ٿي ويندو.
اهو مون خداوند جو فرمان آهي.“

<u>18–14:20</u> ايو 3:1–19 <u>16:20</u> پيد 19:24–25 <u>2:21</u> 2.با 25:1–11، 2.توا 36:17–21

## يهوداه جي بادشاهه خلاف خداوند جو پيغام

22 ①پوءِ خداوند مون کي يهوداه جي بادشاهه جي محل ڏانهن
وڃڻ جو حڪم ڏنو، تہ جيئن اتي وڃي ②”آءٌ دائود جي
تخت تي ويٺل يهوداه جي بادشاهه، سندس عملدارن ۽ سندس سيني
درٻارين کي خداوند جو هي فرمان ٻڌايان تہ ③”ڌيان سان ٻڌو، آءٌ
اوهان کي حڪم ٿو ڏيان تہ اوهين رڳو اهو ڪم ڪريو جيڪو حق سچ
۽ انصاف وارو هجي. جنهن تي ظلم ٿيندو هجي تنهن کي ظالم جي
چنبي مان ڇڏايو. يتيمن، رنن‌زالن ۽ پاڻ وٽ رهندڙ ڌارين سان ظلم
۽ ڏاڍ نہ ڪريو، نہ وري هن شهر ۾ ڪنهن بيگناهہ جو رت وهايو.
④جيڪڏهن اوهين هنن حڪمن تي عمل ڪندا، تہ پوءِ اوهان جي شهر
تي دائود جي جاءِنشينن جي بادشاهي قائم رهندي. تڏهن بادشاهه
پنهنجن عملدارن ۽ رعيت سان گڏ جنگي گهوڙي گاڏين ۽ گهوڙن تي
سوار ٿي هن محل جي درن مان پيا لنگهندا. ⑤پر جيڪڏهن اوهان
انهن حڪمن کي نہ مڃيندا تہ پوءِ آءٌ خداوند پنهنجي ذات جو قسم
کڻي چوان ٿو تہ هي محل ويران ٿي ويندو.“
⑥خداوند يهوداه جي بادشاهه جي محل جي باري ۾ فرمائي ٿو تہ
”جيتوڻيڪ اهو محل گلعاد جي پيلن جيان عاليشان،
۽ لبنان جي جبلن وانگر مضبوط آهي،
تہ بہ آءٌ يقيناً انهيءَ کي اهڙو بڻائي ڇڏيندس،
جهڙو بيابان يا ڪو اجڙيل شهر.
⑦آءٌ انهيءَ تي هٿياربند لشڪر موڪليندس،
جيڪو ان کي پيچي تباهه ڪري ڇڏيندو.
انهيءَ محل جا عمدا عمدا ديال جا شهتير
وڍي باهه ۾ اڇلايا ويندا.

⑧ٻين ڪيترين ئي قومن جا ماڻهو هن شهر وٽان لنگهندا ۽ هڪ
ٻئي کان پڇندا تہ ’خداوند چو هن وڏي شهر جو ههڙو حال ڪيو
آهي؟‘ ⑨پاڻ ئي وري جواب ڏيندا تہ ’انهيءَ ڪري جو هنن خداوند
پنهنجي خدا جو عهد وساري ڇڏيو آهي ۽ غير معبودن جي پوڄا
ڪندي ڪين سجدو ڪيو اٿائون.‘“

## بادشاهه يهوآخز بابت يرمياه جو پيغام

⑩اي يهوداه وارؤ!
اوهين مري ويل بادشاهه يوسياه جي لاءِ نہ روئو
۽ نہ انهيءَ جي لاءِ ماتم ڪريو،
بلڪ سندس پٽ يهوآخز جي لاءِ زاروزار روئو،
جيڪو جلاوطن ٿي ويو آهي،
ڇاڪاڻ‌تہ هو وري موٽي پنهنجو وطن نہ ڏسندو.

⑪ڇالاءِجو يهوداه جي بادشاهه يوسياه جي مرڻ کان پوءِ سندس
پٽ يهوآخز سندس جاءِ تي بادشاهه بڻيو، پر هو قيد ٿي ٻئي ملڪ
ڏانهن جلاوطن ڪيو ويو، تنهن جي باري ۾ خداوند فرمائي ٿو تہ
”هو وري ڪڏهن بہ پنهنجي وطن موٽي ڪونہ ايندو. ⑫پر جيڏانهن
کيس قيد ڪري وٺي ويا آهن اتي ئي مري کپي ويندو. هو وري هي
ملڪ نہ ڏسندو.“

## بادشاهه يهويقيم بابت يرمياه جو پيغام

⑬ويل آهي ان لاءِ!
جيڪو پنهنجو گهر بي‌ايمانيءَ سان ٺهرائي ٿو،
۽ ظلم ڪندي ماڙيون تعمير ٿو ڪرائي،
هائو، جيڪو پنهنجي هم‌وطنن کان بيگار جو ڪم وٺي ٿو،
۽ کين مزوري نہ ٿو ڏئي.
⑭هو چوي ٿو تہ
”آءٌ پنهنجي لاءِ ڪشادين ماڙين سان
هڪ وڏو محل تعمير ڪرائيندس.“
سو هو ان ۾ وڏيون دريون وجهرائي ٿو
۽ پوري محل کي اندران ديال جي ڪاٺي لڳرائي
۽ ڳاڙهو رنگ ڏياري سينگاري ٿو.

⑮اي يهويقيم! پنهنجي ديال واري محل جي ڪري
تون پنهنجي پيءُ کان ڪو وڌيڪ بهتر بادشاهه آهين ڇا؟
ڀلا تنهنجي پيءُ وٽ کاڌي پيتي جي ڪا ڪمي هئي ڇا؟
تنهن هوندي بہ هو هميشہ ڀلائيءَ وارا ڪم ڪندي
غريبن سان ايمانداريءَ ۽ انصاف سان ٿي هليو.
⑯هن غريبن ۽ محتاجن جو طرف کڻي پنهنجي لاءِ ڀلو ڪيو.
اهو ئي تہ خداوند کي سڃاڻڻ آهي.
⑰پر تنهنجون اکيون ۽ تنهنجي دل رڳو حرام جي مال،
بيگناهہ جي رت وهائڻ ۽ ظلم ۽ زبردستي ڪرڻ تي ڪتل آهن.

⑱خداوند فرمائي ٿو تہ
”تنهنڪري يهوداه جي بادشاهه
يهويقيم ولد يوسياه جي دفن ٿيڻ وقت
ماڻهو انهيءَ لاءِ هڪ ٻئي کي هي چئي سوڳ نہ ڪندا تہ
’هاءِ منهنجا ادا! اسان جو بادشاهه چو اسان کي ڇڏي ويو!‘
يا ’هاءِ منهنجي ادي!
اسان جي بادشاهه جو شان وَ شوڪت ڪيڏانهن ويو!‘
⑲بلڪ هن کي اهڙيءَ طرح دفن ڪيو ويندو،
جيئن مئل گڏهہ کي يروشلم جي دروازن مان

5:22 مت 23:38، لو 13:35    11:22 2.با 23:31–34، 2.توا 36:1–4    18:22 2.با 23:36–24:6، 2.توا 36:5–7

گھلِي ٻاهر ڪڍ ۾ اڇلايو وڃي ٿو.“

## يروشلم بابت يرمياہ جو پيغام

20 خداوند فرمائي ٿو تہ
”اي يروشلم وارؤ! اوهان جا سڀ اتحادي ناس ٿي ويا آهن،
سو وڃو، اوهين لبنان جي جبلن ڏانهن وڃي روئو رڙو،
بسن جي جابلو علائقي ڏانهن وڃي رڙيون ڪريو،
موآب واري عباريم جبل تان وڃي دانهون ڪريو.
21 جڏهن اوهين پوريءَ طرح خوشحال هئا،
تڏهن مون اوهان کي خبردار ڪيو هو،
پر اوهان منهنجي ڳالهہ نہ مڃي.
شروعات کان ئي اوهان جي اها عادت رهي آهي،
جو اوهان منهنجي فرمانبرداري نہ ڪئي آهي.
22 اوهان جي اتحادين ۽ اڳواڻن کي قيد ڪري
جلاوطن ڪيو ويندو.
هائو، سندن دشمن کين واءُ جيان ٻُهاري کڻي ويندا.
تڏهن اوهين پنهنجين بڇڙاين جي ڪري ڏاڍو خوار خراب ٿيندا.
23 اي اوهين! جيڪي لبنان جي ديال وارين عمارتن ۾ ٿا گذاريو،
جڏهن اوهان کي ڏک ۽ تڪليفون اچي ورائينديون،
تڏهن اوهين ويم جي سورن واري عورت جيان روئندا رڙندا.“

## خداوند جو يهوياڪين خلاف فيصلو

24 خداوند فرمائي ٿو تہ ”اي يهوداہ جا بادشاهہ يهوياڪين ولد
يهويقيم! آءٌ جيئرو خداوند قسم کڻي چوان ٿو تہ جيتوڻيڪ تون
منهنجي شاهي اختياريءَ جي نشان طور منڊيءَ مثل آهين تہ بہ آءٌ
تو کي پنهنجي آڱر مان لاهي ڦٽو ٿو ڪريان. 25 بلڪ آءٌ تو کي انهن
جي حوالي ڪري ٿو ڇڏيان جيڪي تنهنجا جاني دشمن آهن، يعني
بابل جو بادشاهہ نبوڪدنضر ۽ سندس لشڪر، جن کان تون ڊڄين ٿو.
26 تون ۽ تنهنجي ماءُ يهوداہ ۾ ڄاوا هئا، پر آءٌ اوهان ٻنهي کي ڪنهن
ٻئي ملڪ ۾ اڇلائي ٿو ڇڏيان، جتي اوهين مري کپي ويندا. 27 اوهين
پنهنجي وطن ڏانهن موٽڻ چاهيندا پر ڪڏهن بہ موٽي نہ سگھندا.“
28 ماڻهو چون ٿا تہ ”ڇا اسان جو بادشاهہ يهوياڪين هڪ بيڪار
ڀڳل ٺانوَ مثل آهي يا هڪ اهڙي ٺانوَ مثل آهي جنهن جي ڪنهن کي
بہ گھرج ناهي؟ هن کي ۽ سندس اولاد کي ڪهڙي سبب هڪ اهڙي
ملڪ ۾ اڇلايو ٿو وڃي جنهن بابت هي ڪجھہ بہ نہ ٿا ڄاڻن؟“

29 سو اي ملڪ! ملڪ، اي يهوداہ جا ملڪ!
تون ٻڌ تہ خداوند ڇا ٿو فرمائي.
30 خداوند جو فرمان آهي تہ
”يهوياڪين جي اولاد جا نالا شاهي دفتر مان خارج ڪيا وڃن،
ڄڻ تہ ڪيس اولاد ئي ڪونہ هو.
هاڻ هو پنهنجي حياتيءَ ۾ ڪڏهن بہ بادشاهي نہ ماڻيندو،
نڪي سندس اولاد مان ئي ڪو
دائود جو جاءِنشين بڻجي يهوداہ ۾ بادشاهي ڪندو.“

## مستقبل جي اميد

23 1-2 خداوند، بني اسرائيل جو خدا پنهنجي قوم جي
اڳواڻن، جيڪي ڌڻ جي ڌڻيءَ مثل آهن تن جي باري ۾
فرمائي ٿو تہ ”ويل آهي انهن اڳواڻن لاءِ! جيڪي منهنجي قوم کي
تباهہ ۽ ڇڙوڇڙ ڪري ڌڪي ٿا ڪڍن ۽ انهن جي سار سنڀال نہ ٿا
لهن. ائين هو جيڪا بڇڙائي ڪن ٿا، تنهن جي آءٌ کين سزا ڏيندس.
3 جن جن ملڪن ڏانهن مون پنهنجيءَ قوم کي هڪالي ڪڍيو آهي،
تن مان باقي بچيلن کي آءٌ ئي گڏ ڪري سندن وطن ڏانهن موٽائي
آڻيندس. اتي هو گھڻا ٻار ڄڻيندا ۽ تعداد ۾ وڌي ويندا. 4 پوءِ آءٌ
انهن تي اهڙا اڳواڻ مقرر ڪندس جيڪي انهن جي سار سنڀال لهندا.
منهنجي قوم وارا اڳتي وري نہ ڊڄندا ۽ نہ وري ڪو خوف ڪندا،
نہ ئي وري آءٌ انهن کي سزا ڏيندس.“
5 خداوند فرمائي ٿو تہ
”ڏسو، اهي ڏينهن اچن ٿا جڏهن دائود جي اولاد مان
آءٌ هڪڙي سچار کي بادشاهہ ڪري چونڊيندس.
اهو بادشاهہ ڏاهپ سان راڄ ڪندو،
۽ سڄي ملڪ ۾ انصاف ۽ سچائيءَ وارا ڪم ڪندو.
6 انهيءَ جي بادشاهيءَ جي ڏينهن ۾
يهوداہ توڙي اسرائيل جا ماڻهو محفوظ رهندا
۽ سلامتيءَ سان گذاريندا.
تڏهن اهو بادشاهہ هن نالي سان سڏبو تہ
’خداوند اسان سان سچو آهي.‘“

7 خداوند فرمائي ٿو تہ ”تنهنڪري ڏس، اهي ڏينهن اچن ٿا جڏهن
اوهين اڳتي منهنجي نالي جو هيئن قسم نہ کڻندا تہ ’انهيءَ جيئري
خداوند جو قسم، جنهن اسان بني اسرائيل کي مصر جي ملڪ مان
ڪڍي آندو.‘ 8 بلڪ اوهين هيئن قسم کڻندا تہ ’انهيءَ جيئري
خداوند جو قسم، جنهن اسان بني اسرائيل کي اتر واري ملڪ مان ۽
انهن ملڪن مان ڪڍي آندو جيڏانهن اسان کي جلاوطن ڪري ڇڏيو
هئائين.‘ پوءِ اهي پنهنجي ئي ملڪ ۾ رهندا.“

## نبي سڏائيندڙن بابت يرمياہ جو پيغام

9 نبي سڏائيندڙن جي ڳالهين جي ڪري

---

24:22 2.با 8:24-15، 2.توا 9:36-10    5:23-6 ير 14:33-16    7:23-8 ير 14:16-15

منهنجي دل ٽٽي پيئي آهي،
ڇوته خداوند جي ڪاوڙ ۽ سندس پاڪ ڪلام ۾ ٻڌايل سزا سبب
منهنجا سمورا لڱ ڏڪن ٿا.
آءٌ انهيءَ ماڻهوءَ جيان مدهوش ٿي ويو آهيان،
جيڪو مئي ۾ الوٽ هجي.
10 جيئن ته ملڪ
خداوند سان بي وفائي ڪندڙن سان ڀرجي ويو آهي،
جن بڇڙائيءَ جو رستو اختيار ڪيو آهي
۽ پنهنجي طاقت کي سچائيءَ جي خلاف استعمال ڪن ٿا.
سو خدا جي لعنت جي ڪري ملڪ سڙي ٿوٺ ٿي ويو آهي
۽ چراگاهه سڪي سڙي ويا آهن.

11 خداوند فرمائي ٿو ته
”نبي سڏائيندڙ ۽ ڪاهن ٻيئي مڪار آهن.
آءٌ پنهنجي هيڪل ۾ به هنن جي بڇڙائي ڏسان ٿو.
12 انهيءَ ڪري آءٌ مٿن مصيبت آڻيندس.
هائو، هنن جي سزا جو وقت اچي رهيو آهي.
انهن جون راهون اونداهيون ۽ ترڪڻيون ٿي پونديون،
ڪين اوڏانهن ڌڪيو ويندو جتي هو ڪري پوندا.
اهو مون خداوند جو فرمان آهي.
13 مون سامريه جي نبي سڏائيندڙن ۾ اهو گناهه ڏٺو آهي
جو هنن بعل ديوتا جي نالي سان پيغام ڏيئي
منهنجي قوم بني اسرائيل کي گمراهه ڪيو آهي.
14 يروشلم جي نبي سڏائيندڙن ۾
مون وري انهن کان وڌيڪ ڪراهت جهڙي ڳالهه ڏٺي آهي
جو هو زناڪاري ٿا ڪن،
۽ ڪوڙ تي ٿا گذر ڪن.
هو بدڪارن جا هٿ مضبوط ٿا ڪن،
تان جو ڪوبه پنهنجي بڇڙائيءَ کان باز نه ٿو اچي.
سو سڀئي يروشلم وارا منهنجي نظر ۾
سدوم ۽ عموراه جي بدڪارن جهڙا آهن.

15 تنهنڪري آءٌ قادرِمطلق خداوند
يروشلم جي نبي سڏائيندڙن جي باري ۾ چوان ٿو ته
آءٌ هنن کي کائڻ لاءِ ٿوهر ۽ پيئڻ لاءِ زهريلو پاڻي ڏيندس،
ڇالاءِجو يروشلم جي نبي سڏائيندڙن جي وسيلي
سڄي ملڪ ۾ بدڪاري پکڙجي ويئي آهي.“

16 سو قادرِمطلق خداوند يروشلم وارن کي فرمائي ٿو ته ”جيڪي
نبي سڏائيندڙ اوهان جي اڳيان پيغام ڏين ٿا تن جي ڳالهين ڏانهن
ڌيان نه ڏيو. اهي اوهان کي ڪوڙين اميدن سان پرپور ڪن ٿا. اهي
مون خداوند جون چيل ڳالهيون نه، بلڪ پنهنجي دل جا خيال وَ خواب
ئي اوهان کي ٻڌائين ٿا. 17 جيڪي مون خداوند جي ڪلام جي توهين
ٿا ڪن، تن کي هو چوندا ٿا وتن ته ’خداوند فرمايو آهي ته اوهان
وٽ خير وَ سلامتي هوندي،‘ هائو، جيڪي پنهنجي هوڏ تي هلندڙ
آهن، تن کي هو چون ٿا ته ’اوهان تي ڪابه آفت ڪانه ايندي.‘“

18 آءٌ يرمياه چوان ٿو ته
هنن نبي سڏائيندڙن مان
ڪوبه خداوند جي بارگاهه ۾ نه ويو آهي
جو سندس ڳجهي مصلحت کي سمجهي سگهي،
نڪي هنن مان ڪنهن ڪيس ڳالهائيندي ٻڌو آهي
تان‌ته وٽائس ڪو پيغام حاصل ڪري.
19 خبردار، جيڪي به بدڪار آهن تن جي مٿان
خداوند جي غضب جو طوفان اچي نازل ٿيندو،
هائو، هنن مٿان واچوڙو اچي ڪڙڪندو.
20 خداوند جي ڪاوڙ تيستائين نه هٽندي،
جيستائين هو پنهنجو ارادو پورو نه ڪندو.
اچڻ وارن ڏينهن ۾
اوهين اها ڳالهه چڱيءَ طرح سمجهي ويندا.

21 خداوند فرمائي ٿو ته
”مون انهن نبي سڏائيندڙن کي نه موڪليو آهي،
بلڪ مون ته ساڻن ڳالهايو ئي ناهي،
ته به هو پنهنجن ذاتي پيغامن کي
منهنجي نالي سان ڊوڙيو پيا پهچائين.
22 جيڪڏهن هو منهنجي بارگاهه ۾ اچي
منهنجي ڳالهين کي جاڻين ها،
ته جيڪر منهنجو ئي پيغام منهنجي قوم کي پهچائين ها،
۽ انهن کان خراب رستو ۽ سندن برا ڪم ڇڏرائي ڇڏين ها.“

23 خداوند فرمائي ٿو ته ”آءٌ خدا جتي ڪٿي موجود آهيان، ويجهو
توڙي ڏور. 24 هائو، آءٌ آسمان ۾ توڙي زمين تي هر هنڌ موجود
آهيان، ته پوءِ ڇا ڪو انسان پاڻ کي ڪنهن اهڙي ڳجهي هنڌ لڪائي
سگهي ٿو جتي آءٌ ڪيس ڏسي نه سگهان؟ 25 منهنجي نالي ۾ هو
جيڪو ڪوڙو پيغام ڏين ٿا سو مون ٻڌو آهي. هنن مان هر ڪو
چوي ٿو ته ’مون کي خواب ۾ خدا جو پيغام مليو آهي! مون کي

14:23 پيد 20:18، حز 49:16

رويا ملي آهي!‘ 26 اهي نبي سڏائيندڙ ڪيستائين منهنجي قوم کي
انهن ڪوڙين ڳالهين سان گمراهه ڪندا رهندا، جيڪي پنهنجي دل
مان گهڙيون اٿائون؟ 27 هو سمجهن ٿا ته جيڪي خواب هو ٻين کي
ٻڌائين ٿا تن جي وسيلي منهنجي قوم کان منهنجو نالو ئي وسارائي
ڇڏيندا، بلڪل ائين جيئن سندن وڏن بعل ديوتا جي پوڄا ڪري منهنجو
نالو وساري ڇڏيو هو. 28 جنهن وٽ خواب آهن سو پنهنجن خوابن
کي منهنجو پيغام نه چوي، پر جنهن وٽ منهنجو پيغام آهي سو
ايمانداريءَ سان منهنجو ٻڌايل پيغام ئي بيان ڪري. ڀلا اناج جي
ڀيٽ ۾ ٻُهه جي ڪهڙي اهميت آهي؟ 29 منهنجو ڪلام باهه وانگر
آهي، هائو، ان هٿوڙي وانگر آهي جيڪو پهڻ کي پچي پورا پورا
ڪري ڇڏيندو آهي. اهو آءٌ خداوند ٿو فرمايان.“
30 خداوند فرمائي ٿو ته ”سو ڏس، آءٌ انهن نبي سڏائيندڙن جي
خلاف آهيان، جيڪي هڪ ٻئي وٽان هٿ ڪيل ڳالهيون منهنجون ڪري
ٻڌائين ٿا. 31 آءٌ انهن نبي سڏائيندڙن جي به خلاف آهيان، جيڪي
پنهنجي طرفان ڳالهيون گهڙي پوءِ چون ٿا ته اهي خداوند جي طرفان
آهن. 32 آءٌ سچ‌پچ انهن جي به خلاف آهيان، جيڪي پنهنجن ڪوڙن
خوابن کي منهنجو پيغام ڪري ٻڌائين ٿا. هو انهن ڪوڙن خوابن
جو تعبير ٻڌائي ۽ ٻٽاڪون هڻي منهنجي قوم کي گمراهه ڪن ٿا،
جڏهن ته مون هنن کي ڪين موڪليو آهي ۽ نه ئي وري مون ڪين
مقرر ڪيو آهي. سو انهن مان هن قوم کي ڪوبه فائدو هرگز نه ٿو
ملي سگهي. اهو آءٌ خداوند ٿو فرمايان.“

## ”خدائي پيغام جو بار“ لفظن جي استعمال جي منع

33 پوءِ خداوند مون کي فرمايو ته ”اي يرمياه! جيڪڏهن منهنجي
قوم مان ڪو نبي سڏائيندڙ، ڪو ڪاهن يا ڪو ٻيو ماڻهو تو کان
پڇي ته ’اسان تي *خدائي پيغام جو ڪهڙو بار رکيو ويو آهي؟‘
تڏهن تون کين چئج ته ’اوهين ته پاڻ خدا تي بار آهيو، جنهن کي
هو لاهي ڦٽو ڪندو.‘ 34-36 هاڻ مون خداوند جو حڪم آهي ته انهن
مان ڪوبه نبي سڏائيندڙ، ڪاهن يا ڪو ٻيو ماڻهو ’خدائي پيغام جو
بار‘ جا لفظ هرگز استعمال نه ڪري. جيڪڏهن ڪو ’خدائي پيغام
جو بار‘ جا اهي لفظ چوندو ته هن لاءِ اهو سزا جو بار ٿي پوندو.
هائو، آءٌ انهيءَ شخص ۽ سندس گهراڻي کي سزا ڏيندس، ڇالاءِجو
هر ڪو ماڻهو پنهنجن لفظن کي ’خدائي پيغام جو بار‘ چئي پنهنجي
قادرِمطلق خداوند جيئري خدا جي ڪلام کي ٿوڙيو مروڙيو ڇڏي. سو
جيڪڏهن ڪو خداوند جي پيغام کي ڳولهڻ چاهي ٿو ته هو اهي لفظ
استعمال نه ڪري. بلڪ هاڻ انهن مان هر ڪو هڪ ٻئي کان هن طرح
پڇي ته ’خداوند ڪهڙو جواب ڏنو آهي؟‘ يا ’خداوند ڇا ٿو فرمائي؟‘
37 پوءِ اي يرمياه! تون نبي سڏائيندڙن مان هر هڪ کان آزمائش
وٺندي پڇ ته ’تو کي خداوند ڪهڙو جواب ڏنو آهي؟ خداوند ڇا
فرمايو اٿيئي؟‘ 38 هاڻ جيڪڏهن هو منهنجو حڪم نه مڃن ۽ اڃا به
’خدائي پيغام جو بار‘ جا لفظ استعمال ڪن، 39 ته آءٌ انهن کي پڪ
پنهنجي حضور مان ڪڍي اڇلائي ڇڏيندس ۽ انهيءَ شهر کي به،
جيڪو مون انهن کي ۽ سندن ابن ڏاڏن کي ڏنو هو. 40 آءٌ هنن تي
هميشه جي خواري ۽ هميشه جي شرمندگي آڻيندس، جيڪا ڪنهن
کان به ڪين وسرندي.“

## سٺن ۽ خراب انجيرن جو مثال

24 1 بابل جو بادشاهه نبوڪدنضر، يهوداه جي بادشاهه
يهوياڪين ولد يهويقيم کي سندس عملدارن، ڪاريگرن ۽
هنرمندن سميت يروشلم مان قيد ڪري بابل ڏانهن وٺي ويو. انهيءَ
ڳالهه کان بعد خداوند مون کي هڪ رويا ڏيکاري، جنهن ۾ مون
انجيرن جون به ٽوڪريون خداوند جي هيڪل جي اڳيان رکيل ڏٺيون.
2 هڪڙي ٽوڪريءَ ۾ آڳاٽن پڪل انجيرن جهڙا نهايت عمدا انجير
هئا ۽ ٻي ٽوڪريءَ ۾ اهڙا ته خراب انجير هئا جو کائڻ جهڙا بلڪل
نه هئا. 3 تڏهن خداوند مون کان پڇيو ته ”اي يرمياه! تون ڇا ٿو
ڏسين؟“ مون وراڻيو ته ”انجير. چڱا انجير تمام سٺا آهن، پر خراب
انجير اهڙا ته خراب آهن، جو کائڻ جي لائق ئي ناهن.“
4 تڏهن خداوند جو ڪلام مون تي نازل ٿيو ته 5 ”آءٌ خداوند، بني
اسرائيل جو خدا يهوداه جي انهن جلاوطن ٿيل ماڻهن کي هنن چڱن
انجيرن وانگر سمجهان ٿو، جن کي مون هن هنڌان ڪڍي بابل ڏانهن
موڪليو آهي. 6 آءٌ هنن تي چڱائيءَ جي نظر ڪندس ۽ موٽائي کين
هن ملڪ ۾ آڻيندس. آءٌ هنن کي نه ڍاهيندس، نڪي پاڙان پٽيندس
بلڪ کين اڏائيندس ۽ آباد ڪندس. 7 آءٌ انهن کي اهڙي دل ڏيندس
جو هو مون کي سڃاڻين ته آءٌ خداوند آهيان. تڏهن هو منهنجي قوم
هوندا ۽ آءٌ ئي هنن جو خدا هوندس، ڇالاءِجو هو پنهنجي پوريءَ دل
وَ جان سان مون آڏو توبه‌تائب ٿيندا.
8 پر يهوداه جو بادشاهه صدقياه، سندس عملدار ۽ يروشلم ۾ باقي
بچي ويل ماڻهو، پوءِ اهي هن ئي ملڪ ۾ يا مصر ۾ رهندا هجن،
تن کي آءٌ خداوند انهن خراب انجيرن وانگر ٿو سمجهان، جيڪي
کائڻ جي لائق ناهن. 9 آءٌ انهن کي اهڙو ته برباد ڪري ڇڏيندس،
جو انهن جو حال ڏسي دنيا جي سڀني قومن کي هيبت وٺي ويندي.

*خدائي پيغام جو بار: هي عبراني ٻوليءَ جو هڪ خاص لفظ آهي جيڪو خدا جي مليل پيغام جي باري ۾ نبي استعمال ڪندا هئا. عبراني ٻوليءَ ۾ هن لفظ جي هڪڙي ٻئي معنيٰ به ٿئي ٿي يعني ’بار‘. هنن آيتن ۾ انهيءَ لفظ جون ٻئي معنائون ورتيون وڃن ٿيون، جيتوڻيڪ ڪلام جي ٻين آيتن ۾ صرف ’پيغام‘ معنيٰ ورتي ويئي آهي. ڏسو ناحوم 1:1.

1:24 2.با 24:12–16، 2.توا 10:36

جن جن ملڪن ڏانهن آءٌ انهن کي هڪالي ڪيندس، اتي هو ملامت،
پهاڪي، طعني ۽ ڦٽڪار جو سبب بڻبا رهندا. 10 آءٌ انهن کي جنگ،
ڏڪار ۽ وبا سان ستي وجهندس، تان جو جيڪو ملڪ مون هنن کي
۽ سندن ابن ڏاڏن کي ڏنو آهي تنهن مان هو مٽجي ويندا.“

## ستر سال جلاوطنيءَ جي اڳڪٿي

25 1 يهوداہ جي بادشاهہ يهويقيم ولد يوسياہ جي بادشاهيءَ
جي چوٿين سال سڄي يهوداہ جي رهاڪن جي باري ۾ مون
يرمياہ نبيءَ تي خدا جو ڪلام نازل ٿيو. بابل جي بادشاهہ نبوڪدنضر
جي بادشاهيءَ جو اهو پهريون سال هو. 2 سو مون يروشلم، بلڪ
سڄي يهوداہ وارن کي چيو تہ 3 ”هن ملڪ جي بادشاهہ يوسياہ ولد
امُون جي بادشاهيءَ جي تيرهين سال کان وٺي اڄ ڏينهن تائين جيڪي
ٽيويهہ سال گذريا آهن تن ۾ خداوند جو ڪلام مون تي نازل ٿيندو
رهيو آهي، جيڪو مون اوهان کي بار بار پئي ٻڌايو آهي. پر اوهان
ٻڌو اڻٻڌو پئي ڪيو آهي. 4 جيتوڻيڪ خداوند اوهان ڏانهن بار بار
پنهنجا ٻانها يعني نبي پئي موڪليا آهن، پر اوهان انهن کي ناهي
ٻڌو، نہ وري انهن ڏانهن ڪو ڌيان ئي ڏنو اٿوَ. 5 انهن نبين چيو
تہ ’اوهان مان هر ڪو پنهنجي خراب رستي ۽ بڇڙن ڪمن کان باز
اچي تہ جيئن اوهين انهيءَ ملڪ ۾ رهي سگهو، جيڪو ملڪ خداوند
پراڻي زماني کان هميشہ هميشہ لاءِ اوهان کي ۽ اوهان جي ابن ڏاڏن
کي ڏنو آهي. 6 اوهين غير معبودن يا پنهنجي هٿن سان ٺاهيل بتن
جا پوڄارڳ بڻجي انهن جي پوڄا نہ ڪريو، نڪي انهن کي سجدو
ڪري خداوند کي چڙ ڏياريو. تڏهن خداوند اوهان کي ڪوبہ ايذاءُ
نہ رسائيندو.‘ 7 پر خداوند جو فرمان آهي تہ اوهان ڏانهنس ڪو
ڌيان نہ ڏنو آهي، اٽلندو پنهنجي هٿن سان ٺاهيل بتن جي پوڄا ڪري
سندس ڪاوڙ کي ڀڙڪايو اٿوَ ۽ پنهنجو پاڻ کي نقصان رسايو اٿوَ.
8 تنهنڪري ٿي قادرمطلق خداوند فرمائي ٿو تہ ’اي يهوداہ وارؤ!
جيئن تہ اوهان منهنجين ڳالهين ڏانهن ڌيان نہ ڏنو آهي، 9 سو
ڏسو، بابل جو بادشاهہ نبوڪدنضر، جنهن کي مون هن ڪم لاءِ
چونڊيو آهي سو اتر وارين سڀني قومن سميت هن ملڪ ۽ ان جي
سڀني رهاڪن تي ۽ آس‌پاس وارين سڀني قومن تي چاڙهي آڻيندس.
آءٌ اوهان سڀني کي بلڪل ناس ڪري ڇڏيندس ۽ حيرت ۽ عبرت جو
سبب بڻائيندس. هائو، آءٌ اوهان کي ۽ اوهان جي آس‌پاس وارن کي
هميشہ لاءِ برباد ڪري ڇڏيندس. 10 آءٌ هنن مان خوشيءَ ۽ سرهائيءَ
جي آواز ۽ شادين جي آواز جو خاتمو آڻي ڇڏيندس، بلڪ اتي جي
چڪيءَ جو آواز ۽ ڏيئي جو سوجهرو بہ ڪڍي ڇڏيندس. 11 هي سڄو
ملڪ ويرانو ۽ حيرت جو سبب بڻجي ويندو ۽ هي قومون ستر سالن
تائين بابل جي بادشاهہ جي غلامي ڪنديون.‘
12 خداوند وڌيڪ فرمائي ٿو تہ ’پوءِ جڏهن اهي ستر سال پورا
ٿيندا تڏهن آءٌ بابل جي بادشاهہ ۽ سندس سڄي قوم کي سندن
بدڪاريءَ جي سزا ڏيندس ۽ آءٌ سندن ملڪ کي هميشہ لاءِ ويران
ڪري ڇڏيندس. 13 آءٌ انهيءَ ملڪ تي اهي سڀ بربادين آڻيندس
جيڪي انهيءَ جي خلاف آءٌ اڳي ئي چئي چڪو آهيان، يعني اهي
سڀ جيڪي يرمياہ نبيءَ سڀني قومن جي خلاف پيشن‌گوئيون ڪري
ٻڌايون هيون ۽ جيڪي سندس ڪتاب ۾ لکيل آهن. 14 اهي پاڻ گهڻين
ئي قومن ۽ وڏن بادشاهن طرفان غلام بڻايا ويندا. آءٌ انهن کي سندن
عملن ۽ هٿن جي ڪم موجب بدلو ڏيندس.‘“

## خدا جي غضب جي پيالي جو مثال

15 خداوند، بني اسرائيل جي خدا مون کي هڪ رويا ڏيکاري، جنهن
۾ هن فرمايو تہ ”اي يرمياہ! منهنجي هٿان مئي جو هي پيالو وٺ،
جيڪو منهنجي غضب سان ڀريل آهي. اهو انهن سڀني قومن کي
وجي پيئار، جن ڏانهن آءٌ تو کي موڪليان ٿو. 16 تڏهن اهي مست
ٿي پوندا ۽ ٽيڙ ڪائڻ لڳندا، انهيءَ جنگ جي سبب جيڪا آءٌ منجهن
موڪليندس.“
17 سو مون رويا ۾ خداوند جي هٿان اهو پيالو ورتو ۽ جن جن
قومن ڏانهن خداوند مون کي موڪليو هو تن سڀني کي مون انهيءَ
مان پيئاريو. 18 شروعات مون يروشلم شهر ۽ يهوداہ جي ٻين شهرن،
انهيءَ جي بادشاهن ۽ عملدارن کان ڪئي، تان‌تہ اهي شهر ويران ٿي
حيرت، ڪراهت ۽ لعنت جو سبب بڻجن، جيئن اهي اڄوڪي ڏينهن
آهن. 19 انهن کان علاوہ مون غضب جو اهو پيالو هنن کي پيئاريو:
مصر جو بادشاهہ *فرعون، سندس نوڪر، سندس عملدار، ان جي
سڄي قوم 20 ۽ مصر ۾ رهندڙ سڀيئي ڌاريا ماڻهو، عُوض ملڪ جا
سڀ بادشاهہ، فلستين جي ملڪ جي شهرن اسقلون، غزہ، عقرون جا
سڀ بادشاهہ ۽ اشدود جا باقي بچي ويل ماڻهو، 21 ادوم ۽ موآب
ملڪن جا ماڻهو، بني عمون، 22 صور ۽ صيدا جا سڀ بادشاهہ،
يُونوچ سمنڊ جي پرينءَ پر جا سڀ بادشاهہ، 23 ددان، تيما ۽ بُوز شهر
۾ توڙي ٻين هنڌن تي رهڻ وارا اهي ماڻهو جيڪي †لونڊڙيون ڪوڙائي
ٻُچي ڏاڙهي رکن ٿا، 24 عربستان جا سڀ بادشاهہ ۽ بيابان ۾ رهندڙ
قبيلن جا سڀ بادشاهہ، 25 زمري، عيلام ۽ مادئين جا سڀ بادشاهہ،
26 اترادي اوريان ۽ پريان سڀ بادشاهہ. مطلب تہ روءِزمين جي سڀني

*فرعون: هي مصر ملڪ جي بادشاهن جو لقب هو، وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو ”خاص لفظن جي سمجهاڻي“.

†لونڊڙيون ڪوڙائي ٻُچي ڏاڙهي رکن ٿا: بيابان ۾ رهڻ وارا اهي ماڻهو پنهنجي معبودن جي تعظيم خاطر پنهنجي لونڊڙين جا وار ڪوڙائيندا هئا. بني اسرائيل لاءِ انهيءَ غير قومن واري رسم جي منع هئي، ڏسو لاوي سرشتو 27:19.

1:25 2.با 1:24، 2.توا 5:36–7، دان 1:1–2 10:25 ير 34:7، 9:16، مڪا 22:18–23 11:25 2.توا 21:36، ير 10:29، دان 2:9

بادشاهتن کي هڪ ٻئي پٺيان خدا جي غضب جو اهو پيالو پياريم.
انهن سڀني کان آخر ۾ بابل جي بادشاهه کي به اهو پيالو پيئڻو پيو.
27 اهو پيالو پيئارڻ وقت مون هر هڪ کي قادرِمطلق خداوند، بني
اسرائيل جي خدا جو هي فرمان به ٻڌايو ته ”منهنجي غضب جو پيالو
پيئو، مست ٿيو ۽ الٽي ڪري ڪريو ۽ مدهوش ٿي اهڙا ڪِرو، جو
جيڪا جنگ آءٌ اوهان منجهه موڪليان ٿو تنهن سببان وري ڪڏهن
به نه اٿو.“ 28 خداوند مون کي هي به فرمايو هو ته ”جيڪڏهن
هو تنهنجي هٿان پيالو وٺي پيئڻ کان انڪار ڪن ته پوءِ کين مون
قادرِمطلق خداوند جو هي حڪم ٻڌائي ڇڏج ته ’اوهان کي اهو ضرور
پيئڻو پوندو. 29 ڇالاءِ جو ڏسو، جيڪو شهر منهنجي نالي تي سڏجي،
تنهن ۾ ئي آءٌ مصيبت آڻڻ وارو آهيان ته پوءِ اوهين ڪير ٿيندا آهيو
جو سزا کائڻ کان ڇٽي سگهو! اوهين سزا کائڻ کان هرگز بچي
نه سگهندا. ڇالاءِ جو آءٌ روءِزمين تي رهندڙن مٿان جنگ آڻڻ وارو
آهيان. مون قادرِمطلق خداوند جو اهو فرمان آهي.‘“
30 پوءِ خداوند مون کي فرمايو ته ”تون انهن سڀني جي خلاف هنن
ڳالهين جي پيشن‌گوئي ڪر ۽ کين چئُه ته

’خداوند آسمان مان گجندو،
هو پنهنجي پاڪ مڪان مان پنهنجو آواز بلند ڪندو.
هائو، هو نه رڳو پنهنجي قوم جي خلاف وڏي زور سان گجندو،
بلڪ ڌرتيءَ جي سڀني رهاڪن تي اهڙي هڪل ڪندو،
جهڙي انگورن لتاڙڻ وارا جوش وچان ڪندا آهن.
31 ڌرتيءَ جي ڇيڙن تائين هڪ هڪل واڪا ڪندي،
ڇاڪاڻ‌ته خداوند قومن کي ڏوهي ٺهرائيندو.
هو پوري انسانذات جي عدالت ڪندو
۽ شريرن کي تلوار جي حوالي ڪندو.
اهو خداوند جو فرمان آهي.‘“

32 قادرِمطلق خداوند فرمائي ٿو ته
”ڏسو، مصيبت هڪڙيءَ قوم کان ٻي قوم تائين
پکڙبي ٿي وڃي.
هائو، اها ڌرتيءَ جي ڏورانهن ڇيڙن کان
هڪڙي وڏي طوفان وانگر پکڙبي ٿي اچي.“

33 انهيءَ ڏينهن ڌرتيءَ جي هڪڙي ڪناري کان وٺي ٻئي ڪناري
تائين خداوند جا ڪُٺل پکڙيا پيا هوندا. انهن تي ماتم ڪرڻ وارو يا
کين گڏ ڪري دفنائڻ وارو ڪوبه نه هوندو، بلڪ اهي زمين تي گند
ڪچري وانگر پيا هوندا.

## يهوداه جي اڳواڻن لاءِ سزا

34 اي اڳواڻؤ! واءِويلا ڪريو ۽ روئو رڙو.
هائو، اوهين جيڪي خداوند جي قوم،
يعني سندس ڌڻ جا ڌنار آهيو،
سي مٽيءَ ۾ ليٽڙيون پايو،
ڇالاءِ جو اوهان جي ڪسجڻ جا ڏينهن اچي پهتا آهن.
اوهان کي ٺاڪُئين ٿانوَ جيان ڀڃي ڀورا ڀورا ڪيو ويندو.
35 هاڻ اي ڌنارؤ! اوهان کي ڀڄڻ جو ڪو رستو ئي نه ملندو،
هائو، اي قوم جا اڳواڻؤ!
اوهان کي بچڻ لاءِ ڪابه پناهه‌گاهه نه ملندي.
36–37 هاڻ چراگاهن جي تباهه ٿيڻ تي
ڌنارن جون رڙيون ٻڌڻ ۾ ٿيون اچن،
هائو، ملڪ جي تباهه ٿيڻ تي
قوم جي اڳواڻن جو روئڻ رڙڻ ٿو ٻڌجي.
ڇالاءِ جو سندن ملڪ جيڪو سلامتيءَ واري چراگاهه مثل هو،
سو خداوند جي خوفناڪ غضب سبب ويران ٿي ويو آهي.
38 جيئن ڪو شينهن پنهنجي ڏر کي ڇڏي هليو وڃي،
تيئن خداوند به پنهنجي قوم کي ڇڏي ڏنو آهي.
ڇالاءِ جو حملو ڪندڙن جي ظلم،
۽ خداوند جي خوفناڪ ڪاوڙ سببان،
هنن جو ملڪ ويران ٿي ويو آهي.

## هيڪل ۾ يرمياه جي تبليغ

26 1 يهوداه جي بادشاهه يهويقيم ولد يوسياه جي بادشاهيءَ
جي شروع ۾ مون يرمياه تي خداوند وٽان هي ڪلام نازل
ٿيو ته 2 ”اي يرمياه! مون خداوند جو حڪم آهي ته منهنجي هيڪل
جي اڱڻ ۾ بيهي تون يهوداه جي ڳوٺن مان عبادت لاءِ ايندڙ سڀني
ماڻهن سان ڳالهاءِ. منهنجي ٻڌايل هر ڳالهه کان کين آگاهه ڪر،
انهن مان هڪڙو لفظ به نه گهٽائجانءِ. 3 ٿي سگهي ٿو ته هو انهن
ڳالهين ڏانهن ڌيان ڏين ۽ پنهنجي پنهنجي خراب رستي کان باز
اچن، ته پوءِ هنن جي بڇڙن ڪمن جي ڪري جيڪا مصيبت مون هنن
تي آڻڻ جو ارادو ڪيو آهي تنهن کان آءٌ مڙي ويندس.
4 سو تون کين مون خداوند جو هي فرمان ٻڌاءِ ته ’اوهان
منهنجيون ڳالهيون نه ٻڌيون آهن ۽ نه ئي منهنجي ڏنل شريعت تي
هليا آهيو. 5 اوهان منهنجي ٻانهن يعني نبين جون ڳالهيون به نه
مڃيون آهن جن کي بار بار مون اوهان ڏانهن موڪليو آهي. هاڻي آءٌ
اوهان کي خبردار ٿو ڪريان ته جيڪڏهن منهنجي ٻڌايل واٽ تي نه

1:26 2.با 23:36–24:6، 2.توا 36:5–7

هلندا، 6 تہ پوءِ آءٌ پنهنجي هن گھر کي *سيلا شهر جھڙو ڪندس ۽
هن شهر کي دنيا جي سڀني قومن ۾ ڦٽ لعنت جو باعث بڻائيندس.‘ ”
7 ڪاهن، نبي سڏائيندڙن ۽ سڀني ماڻهن مون يرمياه کي خداوند
جي گھر ۾ †اهي ڳالهيون ڪندي ٻڌو. 8 پر جڏهن مون اهي سڀ
ڳالهيون ماڻهن کي ٻڌائي بس ڪئي جن جي ٻڌائڻ جو خداوند مون
کي حڪم ڪيو هو، تڏهن انهن سڀني اچي مون کي پڪڙي سوگهو
ڪيو ۽ چيائون تہ ”هاڻ تو کي جيئرو نہ ڇڏينداسين. 9 تون خداوند
جي نالي ۾ اڳڪٿي ڪري ڇو چوين ٿو تہ هي هيڪل سيلا شهر جھڙو
ٿي ويندو ۽ هي شهر اجڙو ويران ڪيو ويندو جو ڪوبہ منجھس رهڻ
وارو ڪونہ هوندو؟“ تڏهن خداوند جي گھر ۾ موجود سڀيئي ماڻهو
منهنجي چوڌاري اچي گڏ ٿيا.
10 جڏهن بادشاهہ جي عملدارن اهي ڳالهيون ٻڌيون تڏهن اهي
شاهي محل کان خداوند جي گھر اچي پهتا ۽ هيڪل جي ”نئون
دروازو“ نالي در جي لنگھہ وٽ منهنجي فيصلي ڪرڻ لاءِ ويهي
رهيا. 11 تڏهن ڪاهن ۽ نبي سڏائيندڙن انهن عملدارن ۽ سڀني ماڻهن
کي مخاطب ٿيندي چيو تہ ”هن ماڻهوءَ کي موت جي سزا ملڻ
گھرجي، ڇاڪاڻ تہ هن يروشلم شهر جي خلاف اڳڪٿي ڪئي آهي.
جيئن تہ اها ڳالهہ اوهان پاڻ پنهنجن ڪنن سان ٻڌي آهي.“
12 تڏهن يرمياه سڀني عملدارن ۽ ماڻهن کي مخاطب ٿيندي چيو
تہ ”خداوند پاڻ مون کي موڪليو آهي تہ هن هيڪل ۽ هن شهر جي
خلاف اهي ڳالهيون اڳڪٿي ڪري ٻڌايان جيڪي اوهان هاڻ ٻڌيون.
13 سو هاڻ اوهين پنهنجا طور طريقا ۽ پنهنجا عمل سڌاريو ۽ خداوند
پنهنجي خدا جي فرمانبرداري ڪريو. پوءِ خداوند پنهنجو خيال تبديل
ڪندو ۽ اوهان تي اها مصيبت نہ آڻيندو جنهن جي آڻڻ جو هن اظهار
ڪيو آهي. 14 باقي رهيس آءٌ، سو آءٌ تہ اوهان جي هٿ ۾ آهيان، اوهين
جيئن مناسب سمجھو تيئن مون سان ورتاءُ ڪريو. 15 رڳو ايتري پڪ
ڄاڻجو تہ جيڪڏهن اوهين مون کي ماري وجهندءُ تہ اوهين پنهنجي ۽
يروشلم شهر جي سڀني رهاڪن جي سر تي هڪڙي بي‌گناهہ جو خون
آڻيندءُ، ڇالاءِجو سچپچ خداوند ئي مون کي اوهان ڏانهن موڪليو
آهي تہ اهي سڀ ڳالهيون اوهان کي ٻڌايان.“
16 تڏهن ڪاهن ۽ نبي سڏائيندڙن کي عملدارن ۽ اتي موجود سڀني
ماڻهن چيو تہ ”هن ماڻهوءَ کي موت جي سزا نہ ڏيڻ گھرجي،
ڇالاءِجو هن خداوند اسان جي خدا جي نالي سان اسان کي اهي
ڳالهيون ٻڌايون آهن.“
17 تڏهن ملڪ جي مکيہ ماڻهن مان ڪي اتي بيٺا ۽ اتي گڏ ٿيل
ماڻهن کي مخاطب ٿي چوڻ لڳا تہ 18 ”يهوداه جي بادشاهہ حزقياه
جي ڏينهن ۾ ميڪاه مورشتي اڳڪٿي ڪئي هئي. هن يهوداه جي
سڀني رهاڪن کي قادرِمطلق خداوند جو هي فرمان ٻڌايو هو تہ
‘صيئون جبل تي ٻنيءَ وانگر هر هلايو ويندو.
هائو، يروشلم مٽيءَ جو ڍير ٿي ويندو،
۽ اُتي جتي هيڪل اڏيل آهي سو جهنگ ئي جهنگ ٿي ويندو.‘
19 پر يهوداه جي بادشاهہ حزقياه يا يهوداه جي ڪنهن بہ ماڻهوءَ
ميڪاه کي قتل نہ ڪيو. اٽلندو حزقياه خداوند کان ڊڄندي ڪانئس
رحم جي طلب ڪئي هئي. تڏهن خداوند انهن تي اها مصيبت آڻڻ
کان مڙي ويو هو، جنهن بابت ڪين ٻڌايو هئائين. سو هاڻ اي يهوداه
وارؤ! جيڪڏهن اسان يرمياه کي قتل ڪيو تہ پاڻ تي هڪ خوفناڪ
مصيبت آڻينداسون.“
20–24 انهن کان علاوه اخيقام ولد سافن نالي هڪڙي مکيہ ماڻهوءَ
جي حمايت ڪرڻ ڪري مون کي قتل ڪرڻ لاءِ ماڻهن جي حوالي نہ
ڪيو ويو.

## اورياه نبيءَ جو قتل

يهويقيم جي بادشاهيءَ جي ڏينهن ۾ ئي اورياه ولد سمعياه نالي
هڪڙو نبي پنهنجي شهر قريت‌يعريم کان يروشلم ۾ اچي خداوند
جي نالي سان اڳڪٿي ڪرڻ لڳو. هن بہ انهن ساڳين ئي ڳالهين
جي اڳڪٿي ٿي ڪئي جيڪي مون يرمياه هن شهر ۽ ملڪ جي خلاف
ڪيون هيون. جڏهن يهويقيم بادشاهہ، سندس لشڪرن جي سمورن
سالارن ۽ عملدارن هن جون ڳالهيون ٻڌيون تڏهن بادشاهہ هن کي
مارڻ جو حڪم جاري ڪيو. پر اورياه نبيءَ کي اهو پتو پئجي ويو سو
هو ڊڄي مصر ملڪ ڏانهن ڀڄي ويو. پوءِ بادشاهہ يهويقيم الناتن
ولد عڪبور سان گڏ ڪجھہ ٻيا ماڻهو مصر ڏانهن موڪليا، جيڪي
اورياه کي مصر مان پڪڙي يهويقيم بادشاهہ وٽ وٺي آيا. بادشاهہ
هن کي تلوار سان قتل ڪرائي ڇڏيو ۽ سندس لاش عام ماڻهن جي
قبرستان ۾ ڦٽو ڪيو ويو.

## يرمياه جو پاڃاري پائڻ

27 1 يهوداه جي بادشاهہ صدقياه ولد يوسياه جي بادشاهيءَ
جي شروعات ۾ ئي خداوند وٽان مون يرمياه تي ڪلام نازل
ٿيو. 2 خداوند مون کي حڪم فرمايو تہ ”اي يرمياه! پنهنجي لاءِ
ڪاٺيءَ جي هڪڙي پاڃاري ٺاهہ، جيڪا پنهنجي ڳچيءَ ۾ وجهي
چمڙي جي پٽن سان ٻڌي ڇڏ. 3 تنهن کان پوءِ جيڪي قاصد يهوداه
جي بادشاهہ صدقياه وٽ يروشلم ۾ آيا آهن تن کي چئُہ تہ هو
پنهنجي آقائن يعني ادوم، موآب، عمون، صور ۽ صيدا جي بادشاهن

*سيلا شهر: هي اهو شهر هو جتي عيلي ڪاهن جي دور ۾ عهد واري صندوق رکيل هئي، بعد ۾ فلسطين انهيءَ شهر کي ناس ڪري ڇڏيو هو.
† اهي ڳالهيون: يرمياه جي ٻڌايل پيغام جو تفصيل باب 7:1–15 ۾ بيان ٿيل آهي.

6:26 يش 1:18، زب 60:78، ير 12:7–14 18:26 ميڪ 12:3 1:27 2.با 18:24–20، 2.توا 11:36–13

کي وڃي ④مون قادرمطلق خداوند، بني اسرائيل جي خدا جو هي
فرمان ٻڌائين تہ ⑤ ’مون خداوند هيءَ پوري دنيا پنهنجيءَ قدرت
سان خلقي آهي. مون پنهنجي زورآور هٿ سان ان جا ماڻهو، جانور ۽
جيڪي ڪجهہ روءِزمين تي آهي سو سڀ جوڙيو آهي. سو اها زمين
آءٌ جنهن کي چاهيندو آهيان تنهن کي ڏيندو آهيان. ⑥هاڻ آءٌ ئي آهيان
جيڪو توهان جا سڀ ملڪ نبوڪدنضر جي حوالي ٿو ڪريان، بلڪ
جهنگ جا سڀ جانور بہ آءٌ هن جي تابع ٿو ڪريان، جنهن کي مون
انهيءَ ڪم لاءِ چونڊيو آهي. ⑦سموريون قومون هن جي، سندس
پٽ جي ۽ سندس پوٽي جي تابعداري ڪنديون، ايستائين جو خود
سندس ملڪ جو زوال اچي. پوءِ هن جي قوم ٻين زورآور قومن ۽
وڏن وڏن بادشاهن جي تابعداري ڪندي. ⑧پر جيڪا قوم ۽ حڪومت
بابل جي بادشاهہ نبوڪدنضر جي تابعداري نہ ڪندي ۽ پنهنجي
ڳچي ان جي غلاميءَ جي پاڃاريءَ ۾ نہ وجهندي، تنهن قوم کي
آءٌ خداوند جنگ، ڏڪار ۽ وبا سان سٽي وجهندس، جيستائين انهيءَ
جي هٿان هنن کي بلڪل نابود ڪري نہ ڇڏيان. ⑨تنهنڪري اوهين
پنهنجن انهن نبي سڏائيندڙن، غيبدانن، خواب جو تعبير ڪندڙن،
فال وجهندڙن يا جادوگرن جي ڳالهہ نہ ٻڌجو، جيڪي اوهان کي
اڳڪٿي ڪري ٻڌائين ٿا تہ ”اوهين بابل جي بادشاهہ جي تابعداري
نہ ڪندا.“ ⑩اهي اڳڪٿيون بلڪل ئي ڪوڙيون آهن، جن تي يقين
ڪرڻ سان اوهين پنهنجن ملڪن مان پري ڌڪجي هليا ويندا. هائو،
آءٌ اوهان کي هڪالي ڪڍندس ۽ اوهين ناس ٿي ويندا. ⑪پر جيڪا
قوم پنهنجي ڳچي بابل جي بادشاهہ جي غلاميءَ واري پاڃاريءَ
۾ آڻي وجهندي، يعني سندس تابعداري ڪندي، تنهن قوم کي ئي
آءٌ سندس سرزمين ۾ رهڻ ڏيندس. اها قوم اتي ئي آباد رهندي ۽
پنهنجيون ٻنيون ٻارا سنڀاليندي رهندي. اهو آءٌ خداوند ٿو فرمايان.‘“
⑫مون اهي ئي ڳالهيون يهوداہ جي بادشاهہ صدقياہ کي بہ چيون
تہ ”اي صدقياہ! جيڪڏهن تون ۽ تنهنجي قوم زنده رهڻ گهرو ٿا
تہ پوءِ اوهين پنهنجون ڳچيون بابل جي بادشاهہ جي غلاميءَ واري
پاڃاريءَ ۾ آڻي وجهو ۽ انهيءَ جي ۽ سندس قوم جي تابعداري
ڪريو. ⑬ڇو تون ۽ تنهنجي قوم جنگ، ڏڪار ۽ وبا ۾ مرڻ ٿا گهرو؟
جهڙيءَ طرح خداوند، بابل جي بادشاهہ جي تابعداري نہ ڪرڻ واري
قوم بابت فرمايو آهي. ⑭سو اوهين انهن نبي سڏائيندڙن جي ڳالهين
ڌانهن ڌيان نہ ڏيو، جيڪي اڳڪٿي ڪري اوهان کي چون ٿا تہ ’اوهين
بابل جي بادشاهہ جي تابعداري نہ ڪندا.‘ اهي اوهان کي ڪوڙيون
اڳڪٿيون ڪري ٿا ٻڌائين. ⑮ڇالاءِجو خداوند پاڻ فرمائي ٿو تہ ’مون
هنن کي ڪونہ موڪليو آهي. هو منهنجي نالي تي ڪوڙيون اڳڪٿيون
ٿا ڪن. سو جيڪڏهن اوهين انهن تي يقين ڪندا تہ آءٌ اوهان کي
هڪالي ڪڍي ڇڏيندس ۽ اوهين انهن نبي سڏائيندڙن سان گڏ ناس
ٿي ويندا، جيڪي اوهان کي اڳڪٿيون ڪري ٻڌائين ٿا.‘“
⑯پوءِ مون يرمياہ وڃي ڪاهنن ۽ ٻين سڀني ماڻهن کي خداوند
جو هي فرمان ٻڌايو تہ ”اوهين انهن نبي سڏائيندڙن جي ڳالهين
ڌانهن ڌيان نہ ڏيو، جيڪي اڳڪٿي ڪري چون ٿا تہ ’هاڻ سگهو
ئي خداوند جي هيڪل جو سامان بابل مان موٽائي آندو ويندو.‘ اهي
اوهان کي ڪوڙيون اڳڪٿيون ڪري ٿا ٻڌائين. ⑰اوهين انهن ڌانهن
ڌيان نہ ڏيو، بلڪ بابل جي بادشاهہ جي تابعداري ڪريو تہ جيئن
اوهان جو بچاءُ ٿئي. ڀلا ڇو هي شهر مٽيءَ جو ڍير ٿي وڃي؟ ⑱پر
جيڪڏهن هو سچ پچ نبي آهن ۽ وٽن مون خداوند جو ڪلام آهي، تہ
پوءِ اهڙيون اڳڪٿيون ڪرڻ بدران کين مون قادرمطلق خداوند وٽ اهو
عرض ڪرڻ گهرجي تہ جيڪو سامان منهنجي هيڪل ۾، يهوداہ جي
بادشاهہ جي محل ۾ ۽ يروشلم ۾ باقي بچيل آهي سو بابل ڌانهن نہ
کڄي وڃي. ⑲-㉑ڇالاءِجو منهنجي هيڪل ۾، يهوداہ جي بادشاهہ
جي محل ۾ ۽ يروشلم شهر ۾ جيڪو باقي بچيل سامان يعني پتل جا
ٿنڀا، پتل جو حوض، پتل جون ريڙهيون ۽ ٻيو سامان، بابل جو بادشاهہ
نبوڪدنضر کڻي نہ ويو هو، جڏهن هو يهوداہ جي بادشاهہ يهوياڪين
ولد يهويقيم کي ۽ يروشلم بلڪ سڄي يهوداہ جي سڀني اميرن کي
بابل ڌانهن قيد ڪري وٺي ويو هو، تنهن سامان بابت آءٌ قادرمطلق
خداوند، بني اسرائيل جو خدا چوان ٿو تہ ㉒اهو سامان بابل ڌانهن
کڄي ويندو ۽ ان ڏينهن تائين اتي رهندو جيستائين آءٌ پاڻ اهو موٽائي
آڻڻ جو فيصلو نہ ڪريان. تڏهن آءٌ اهو اتان موٽائي آڻي يروشلم ۾
سندس جاءِ تي رکائي ڇڏيندس. اهو مون خداوند جو فرمان آهي.“

## يرمياہ ۽ نبي سڏائيندڙ حننياہ

28 ①ساڳئي سال، يعني يهوداہ جي بادشاهہ صدقياہ جي
بادشاهيءَ جي چوٿين سال جي پنجين مهيني ۾ گبعون جي
رهاڪو نبي سڏائيندڙ حننياہ ولد عزور خداوند جي گهر ۾ ڪاهنن
۽ اتي موجود سڀني ماڻهن جي روبرو مون يرمياہ کي چيو تہ
②”قادرمطلق خداوند، بني اسرائيل جو خدا فرمائي ٿو تہ ’مون بابل
جي بادشاهہ جي غلاميءَ واري پاڃاري ڀڃي ڇڏي آهي. ③ٻن سالن
اندر آءٌ هيڪل جو اهو سڄو سامان هن هنڌ موٽائي آڻيندس، جيڪو
بابل جو بادشاهہ نبوڪدنضر هتان بابل ڌانهن کڻي ويو هو. ④آءٌ
يهوداہ جي بادشاهہ يهوياڪين ولد يهويقيم کي بابل ڌانهن جلاوطن
ڪيل يهوداہ جي ٻين سڀني ماڻهن سميت موٽائي هن هنڌ آڻيندس،
ڇاڪاڻتہ آءٌ بابل جي بادشاهہ جي پاڃاري ڀڃي ڇڏيندس. اهو مون
خداوند جو فرمان آهي.‘“
⑤تڏهن مون ڪاهنن ۽ خداوند جي گهر ۾ بيٺل ٻين ماڻهن جي
روبرو نبي سڏائيندڙ حننياہ کي چيو تہ ⑥”آمين! شل خداوند ائين ئي
ڪري! جيڪي ڳالهيون اڳڪٿي ڪري تو ڪيون آهن سي شل خداوند
پوريون ڪري ۽ هيڪل جو سامان ۽ سڀ جلاوطن ڪيل ماڻهو بابل

1:28 2.با 18:24–20، 2.توا 11:36–13

مان موٽائي هن هنڌ آڻي. 7 تنهن هوندي بہ هاڻي منهنجي ڳالهہ
ٻڌ، جيڪا آءٌ تنهنجي ۽ هنن سڀني ماڻهن جي روبرو ڪريان ٿو.
8 مون کان ۽ تو کان اڳي جيڪي نبي قديم زماني کان ٿي گذريا
آهن، تن گهڻن ئي ملڪن ۽ وڏين بادشاهتن جي خلاف اڪثر ڪري
جنگ، مصيبت ۽ وبا بابت اڳڪٿيون پئي ڪيون هيون. 9 پر جيڪو
امن امان بابت اڳڪٿي ڪري ٿو، تنهن کي خداوند جو موڪليل نبي
تڏهن ئي تسليم ڪبو جڏهن ان جي اڳڪٿي سچي ثابت ٿئي.“
10 تڏهن نبي سڏائيندڙ حننياه منهنجي ڳچيءَ مان پاڃاري ڪڍي
ڀڃي ڇڏي. 11 پوءِ حننياه سڀني ماڻهن کي مخاطب ٿي چيو تہ
”خداوند فرمائي ٿو تہ ’انهيءَ ئي طرح آءٌ ٻن سالن اندر بابل جي
بادشاهہ نبوڪدنضر جي غلاميءَ جي پاڃاري سڀني قومن جي ڳچيءَ
مان ڪڍي ڀڃي ڇڏيندس.‘“ پوءِ آءٌ پنهنجي واٽ وٺي هليو ويس.
12 جڏهن حننياه منهنجي ڳچيءَ مان پاڃاري ڪڍي ڀڃي ڇڏي،
تنهن کان ٿوري دير پوءِ خداوند جو ڪلام مون تي نازل ٿيو تہ 13 ”وڃ،
تون حننياه کي وڃي مون خداوند جو هي پيغام ٻڌاءِ تہ ’تو ڪاٺيءَ
جي پاڃاري ڀڳي آهي، پر هاڻ ان جي عيوض آءٌ لوهہ جي پاڃاري
جوڙيندس. 14 آءٌ قادرِمطلق خداوند، بني اسرائيل جو خدا چوان ٿو تہ
آءٌ هنن سڀني قومن جي ڳچيءَ ۾ لوهہ جي پاڃاري وجهندس، تہ
جيئن هو بابل جي بادشاهہ نبوڪدنضر جي تابعداري ڪن، يقيناً هو
ائين ئي ڪندا. آءٌ جهنگ جا جانور بہ هن جي تابع ڪري ڇڏيندس.‘“
15 سو مون وڃي حننياه کي اهو پيغام ٻڌائيندي وڌيڪ چيو تہ ”اي
حننياه! ٻڌ، جيئن تہ خداوند تو کي ڪونہ موڪليو آهي، تہ بہ تو
هن قوم کي ڪوڙ مٿان يقين ڪرڻ تي قائل ڪيو آهي. 16 تنهنڪري
خداوند تو بابت فرمائي ٿو تہ ’آءٌ تو کي روءِزمين تان مٿائڻ وارو
آهيان. هن ئي سال تون مري ويندين، ڇاڪاڻتہ تو منهنجي خلاف
بغاوت جي ٻاهہ ڀڙڪائي آهي.‘“
17 سو انهيءَ ساڳئي سال جي ستين مهيني ۾ نبي سڏائيندڙ حننياه
مري ويو.

## جلاوطنن ڏانهن يرمياه جو خط

29 1 مون يرمياه يروشلم مان قيد ڪيل باقي اڳواڻن ڏانهن ۽
ڪاهنن، نبي سڏائيندڙن ۽ انهن سڀني ماڻهن ڏانهن هڪ خط
لکي موڪليو جن کي نبوڪدنضر جلاوطن بڻائي يروشلم مان بابل
ملڪ ڏانهن وٺي ويو هو. 2 هي ان کان پوءِ جي ڳالهہ آهي جڏهن
يهوياڪين بادشاهہ، سندس راڻي ماءُ، سندس درٻاري عملدار ۽
يروشلم بلڪ سڄي يهوداه جا اڳواڻ ڪاريگرن ۽ رازن سميت يروشلم
مان جلاوطن ڪيا ويا هئا. 3 مون اهو خط العاسہ ولد سافن ۽ گمرياه
ولد خلقياه جي حوالي ڪيو، جن کي يهوداه جي بادشاهہ صدقياه
بابل جي بادشاهہ نبوڪدنضر ڏانهن موڪليو. ان خط ۾ لکيل هو تہ
4 ”قادرِمطلق خداوند، بني اسرائيل جي خدا جن ماڻهن کي
يروشلم مان جلاوطن ڪري بابل ڏانهن موڪليو هو، تن سڀني کي
هو فرمائي ٿو تہ 5 ’اوهين اتي ئي پنهنجي لاءِ گهر ٺاهي رهي پئو،
باغ پوکيو ۽ انهن جا ميوا کائو. 6 اوهين شاديون ڪريو ۽ پٽ ۽ ڌيئر
ڄڻيو. اڳتي هلي پنهنجن پٽن ۽ ڌيئرن جون شاديون ڪرايو تہ جيئن
انهن کي بہ پٽ ۽ ڌيئر ڄمن. اهڙيءَ طرح اوهين تعداد ۾ وڌندا وڃو
۽ گهٽجو نہ. 7 جن شهرن ۾ مون اوهان کي جلاوطن بڻائي موڪليو
آهي، تن جي خير وَ سلامتي طلبيندا رهو ۽ انهن لاءِ مون خداوند
کان دعا گهرو، ڇالاءِجو انهن جي خير وَ سلامتيءَ ۾ اوهان جي خير
وَ سلامتي آهي. 8 آءٌ قادرِمطلق خداوند، بني اسرائيل جو خدا انهيءَ
ڪري ائين چوان ٿو تہ جيئن اوهين پاڻ منجهہ رهندڙ نبي سڏائيندڙن
۽ غيب دانن کان نہ ٺڳجو. جلدي وطن واپس موٽڻ وارين سندن
اڳڪٿين ۽ خوابن کي اوهين قبول نہ ڪجو. 9 ڇالاءِجو هو منهنجي
نالي تي ڪوڙيون اڳڪٿيون ڪن ٿا، جڏهن تہ مون انهن کي ڪين
موڪليو آهي. اهو آءٌ خداوند ٿو فرمايان.‘
10 خداوند وڌيڪ فرمائي ٿو تہ ’بابل جي بادشاهت جا ستر سال
پورا ٿيڻ بعد آءٌ اوهان جي خبر چار لهندس ۽ اوهان کي پنهنجي
وطن ۾ موٽائي آڻڻ وارو اوهان سان ڪيل پنهنجو سهڻو سخن پورو
ڪندس. 11 آءٌ ئي آهيان، جنهن اوهان لاءِ جيڪي رٿيو آهي تنهن کي
چڱيءَ طرح ڄاڻان ٿو. منهنجي اها رٿ خرابيءَ واري نہ، بلڪ خير
وَ سلامتيءَ واري آهي، هائو، هڪ اهڙي رٿ جنهن سان اوهان جي
آئينده جي اميد پوري ٿيندي. 12 تڏهن اوهين مون کي پڪاريندا ۽
مون کان دعائون گهرندا تہ آءٌ اوهان جون اهي دعائون اگهائيندس.
13 اوهين منهنجا طالبو ٿيندا، هائو، جڏهن اوهين پوريءَ دل وَ جان
سان منهنجا طالبو ٿيندا، تڏهن آءٌ اوهان سان پرڇي پوندس. 14 هائو،
آءٌ اوهان سان راضي ٿيندس ۽ اوهان جي خوشحالي بحال ڪندس.
آءٌ انهن سڀني قومن مان ۽ انهن سڀني هنڌن کان، جن ڏانهن مون
اوهان کي هڪالي ڪڍي ڇڏيو هو اوهان کي موٽائي پنهنجي وطن ۾
آڻيندس. اهو مون خداوند خدا جو فرمان آهي.‘
15 اوهين چئو ٿا تہ ’خداوند اسان جي لاءِ بابل ۾ نبي موڪليا
آهن.‘ 16 پر حقيقت ۾ جيڪو شخص بادشاهہ دائود جي تخت تي
ويٺو آهي ۽ جيڪي ماڻهو هن شهر يروشلم ۾ رهن ٿا، يعني اوهان
جا هم‌وطن جيڪي جلاوطن نہ ڪيا ويا هئا تن سڀني بابت خداوند جو
فرمان هي آهي. 17 قادرِمطلق خداوند فرمائي ٿو تہ ’آءٌ هنن منجهہ
جنگ، ڏڪار ۽ وبا موڪليندس ۽ ڪين اهڙن ڳريل سڙيل انجيرن جهڙو
ڪندس، جيڪي کائڻ جي لائق نہ هوندا آهن. 18 آءٌ جنگ، ڏڪار
۽ وبا کي سندن پٺيان لڳائي ڇڏيندس ۽ ڪين ڏسي دنيا جي سڀني
بادشاهتن کي هيبت وٺي ويندي. جن جن قومن ۾ آءٌ ڪين هڪالي
ڇڏيندس تن سڀني ۾ هو لعنت، عبرت، طعني ۽ ڦٽڪار جو سبب

29:1–2 2.با 24:12–16، 2.توا 36:10    29:10 2.توا 36:21، ير 25:11، دان 9:2    29:13 شر 4:29

بٽيا. 19 ان جو سبب هي آهي جو هنن منهنجي انهن ڳالهين ڏانهن
کو ڌيان نه ڏنو آهي، جيڪي مون پنهنجن ٻانهن نبين جي وسيلي
بار بار کين ٻڌائيندو رهيو آهيان. هنن ته اهي ڳالهيون ٻڌڻ ئي گوارا
نه ڪيون. اهو آءٌ خداوند ٿو فرمايان.
20 تنهنڪري هاڻي اي جلاوطنؤ! اوهين جن کي مون يروشلم کان
بابل ڏانهن موڪلي ڇڏيو آهي، سي سڀ مون خداوند جو ڪلام ڌيان
سان ٻڌو. 21 آءٌ قادرِمطلق خداوند، بني اسرائيل جو خدا اخي‌اب ولد
قولاياه ۽ صدقياه ولد معسياه، جيڪي منهنجي ناليِ تي اوهان اڳيان
ڪوڙيون اڳڪٿيون ڪن ٿا، تن بابت چوان ٿو ته آءٌ هنن کي بابل جي
بادشاهه نبوڪدنضر جي حوالي ڪري ڇڏيندس، جيڪو کين اوهان
جي اکين اڳيان قتل ڪرائي ڇڏيندو. 22 انهيءَ ڪري اوهين يهوداه
جا سڀ جلاوطن جيڪي بابل ۾ آهيو سي هيءَ لعنت مثال طور ڪم
آڻيندا ته ”شل خداوند تو کي صدقياه ۽ اخي‌اب جهڙو ڪري، جن کي
بابل جي بادشاهه باهه ڏيئي ساڙائي ڇڏيو.“ 23 ڇالاءِجو هنن مون کي
ڪاوڙائڻ جهڙا ڪم ڪيا، يعني ٻين ماڻهن جي زالن سان زناڪاري
ڪيائون ۽ منهنجي ناليِ تي ڪوڙيون ڳالهيون ڪيائون جيڪي مون
کين نه چيون هيون. مون کي اها سچي خبر آهي ۽ آءٌ خداوند پاڻ ان
جو گواهه آهيان.“

## هڪڙي نبي سڏائيندڙ جو يرمياه خلاف خط

24-25 قادرِمطلق خداوند، بني اسرائيل جي خدا مون يرمياه کي
سمعياه نخلاميءَ بابت هڪ پيغام ڏنو، جنهن پنهنجي ناليِ سان
يروشلم جي سڀني ماڻهن توڙي صفنياه ولد معسياه ڪاهن ۽ ٻين
سڀني ڪاهنن ڏانهن خط موڪليو. انهيءَ خط ۾ هن صفنياه کي
لکيو ته 26 ”خداوند تو کي يهويدع ڪاهن جي جاءِ تي ڪاهن مقرر
ڪيو آهي، انهيءَ لاءِ ته تون خداوند جي گهر جو نگران ٿئجي هر
انهيءَ چرئي ماڻهوءَ کي جيڪو پاڻ کي نبي چوائي، تنهن کي ڪاٺ
۾ وجهي زنجيرن سان جڪڙي ڇڏين. 27 سو ڇو تو يرمياه عنتوتيءَ
کي اهڙي سزا نه ڏني آهي جيڪو اوهان منجهه پاڻ کي نبي ٻڌايو
ٿو وتي؟ 28 هن اسان ڏانهن بابل ۾ هي پيغام موڪليو آهي ته ’هن
جلاوطنيءَ جي مدت ڊگهي آهي. تنهنڪري اتي ئي گهر ٺاهي رهي
پئو، باغ پوکيو ۽ انهن جو ميوو کائو.‘“
29 صفنياه ڪاهن اهو خط مون يرمياه کي پڙهي ٻڌايو. 30 تڏهن مون
تي خداوند جو ڪلام نازل ٿيو ته 31 ”سڀني جلاوطن ماڻهن ڏانهن
سمعياه نخلاميءَ بابت مون خداوند جو هي پيغام ڏياري موڪل ته
’جيئن ته سمعياه اوهان اڳيان نبيءَ جي حيثيت ۾ ڳالهيون ڪيون
آهن، توڙي جو مون کيس نه موڪليو آهي ۽ اوهان کي ڪوڙ تي
يقين ڪرايو اٿس، 32 تنهنڪري مون خداوند جو اهو فرمان آهي ته آءٌ
سمعياه نخلاميءَ ۽ سندس نسل کي اهڙي سزا ڏيندس جو قوم مان
سندن نالو نشان ئي متجي ويندو. هو اهي چڱا ڪم ئي نه ڏسندو
جيڪي آءٌ پنهنجي قوم لاءِ ڪندس، ڇالاءِجو هن مون خداوند جي
خلاف بغاوت جي باهه ڀڙڪائي آهي.‘“

## بني اسرائيل جي بحالي

30 1 خداوند طرفان مون يرمياه تي هي ڪلام نازل ٿيو ته 2 ”آءٌ
خداوند، بني اسرائيل جو خدا چوان ٿو ته جيڪي ڳالهيون
مون تو سان ڪيون آهن سي سڀ هڪڙي ڪتاب ۾ لک. 3 ڇالاءِجو
ڏس، اهي ڏينهن اچن ٿا جڏهن آءٌ پنهنجي قوم يعني اسرائيل وارن
۽ يهوداه وارن جي خوشحالي بحال ڪندس. آءٌ کين انهيءَ ملڪ ۾
موٽائي آڻيندس، جيڪو مون سندن ابن ڏاڏن کي ڏنو هو. هو انهيءَ
ملڪيت جا وارث ٿيندا. اهو مون خداوند جو فرمان آهي.“
4 خداوند اسرائيل ۽ يهوداه وارن بابت هي فرمائي ٿو ته
5 ”ڊپ جو آواز ٻڌجي پيو،
يعني دهشت جو، نه امن وَ سلامتيءَ جو.
6 سوچي سمجهي ٻڌايو ته ڇا ڪو مرد ٻه ٻار ڄڻيندو آهي؟
ته پوءِ چو آءٌ ڏسان ٿو ته
هر مرد کي پنهنجي ڍاڪن تي هٿ آهن،
جيئن ڪا سورن واري عورت ڪندي آهي؟
چو هر چهرو خوف وچان ڦري ڦڪو ٿي پيو آهي؟
7 آه! اهو ڏينهن ڪيڏو نه هيبتناڪ هوندو!
ان جهڙو ڏينهن نه ڪڏهن ٿيو آهي ۽ نه ٿيندو.
اهو ڏينهن منهنجي قوم لاءِ مصيبت جو ڏينهن هوندو،
پر هو انهيءَ منجهان بچي نڪرندا.“

8 قادرِمطلق خداوند فرمائي ٿو ته ”انهيءَ ڏينهن آءٌ سندن ڳچين
مان غلاميءَ جي پاڃاري ڪڍي ڀڃي ڇڏيندس ۽ سندن قيد جا رسا
توڙي ڇڏيندس. پوءِ ڌاريا ماڻهو وري اڳتي کين پنهنجو غلام بڻائي
نه سگهندا. 9 ان جي برعڪس هو مون خداوند پنهنجي خدا جي ۽
دائود جي نسل واري بادشاهه جي خدمت ڪندا، جنهن کي آءٌ هنن
لاءِ کڙو ڪندس.

10 سو، اي منهنجي قوم بني اسرائيل! اوهين نه ڊڄو،
نڪي اوهين پريشان ٿيو.
آءٌ اوهان کي يقيناً ڏورانهن هنڌن کان بچائيندس،
يعني اوهان جي نسل کي
جلاوطنيءَ وارن ملڪن کان موٽائي آڻيندس.
آءٌ اوهان کي وري امن ۽ سلامتي عطا ڪندس،
۽ ڪوبه اوهان کي ديڄاري نه سگهندو.

11 ڇالاءِجو آءٌ اوهان سان آهيان ۽ اوهان کي بچائيندس.
جن قومن ۾ مون اوهان کي ٽيڙي پکيڙي ڇڏيو آهي،
تن جو آءٌ پوريءَ طرح خاتمو آڻيندس.
آءٌ اوهان کي ختم نہ ڪندس،
پر اوهان کي صفا بي‌سزا بہ نہ ڇڏيندس.
آءٌ اوهان کي سيکت ڏيندس، پر انصاف سان.
اهو مون خداوند جو فرمان آهي."
12 خداوند پنهنجي قوم کي وڌيڪ فرمائي ٿو تہ
"اوهان جو زخم لاعلاج آهي،
اوهان جو ڦٽ ڇٽڻ محال آهي.
13 اوهان جو اهڙو ڪوبہ حمايتي ڪونهي،
جيڪو اوهان جي ملم پٽي ڪري،
اوهان جي دردن جو دارون ڪونهي،
هائو، اوهان لاءِ شفا آهي ئي ڪونہ.
14 اوهان جي سيني اتحادين اوهان کي وساري ڇڏيو آهي،
اهي اوهان جي سار ڪين ٿا لهن.
مون اوهان کي اهڙو ڌڪ هنيو آهي،
جهڙو ڪو دشمن ڪنهن کي هڻي،
۽ اهڙي سزا ڏني اٿم جهڙي ڪو ظالم ڪنهن کي ڏئي،
ڇاڪاڻ‌تہ اوهان جون بدڪاريون تمام گهڻيون آهن،
۽ اوهان جا گناهہ بي‌شمار آهن.
15 اوهين پنهنجي انهن زخمن تي ڇو ٿا روئو رڙو،
جيڪي ڇٽي ئي نہ ٿا سگهن؟
اوهان جي وڏي بدڪاريءَ ۽ بي‌شمار گناهن جي ڪري ئي
مون اوهان سان ائين ڪيو آهي.
16 پر هاڻي اڳتي جيڪي اوهان کي ڳڙڪائيندا،
سي پاڻ ڳڙڪجي ويندا،
اوهان جا سڀ دشمن جلاوطن ٿي ويندا.
جيڪي اوهان کي لٽين ٿا سي پاڻ لٽجي ويندا.
جيڪي اوهان کي شڪار بڻائين ٿا،
تن کي آءٌ شڪار بڻائي ڇڏيندس.
17 پر اوهان کي آءٌ وري تندرست ڪندس
۽ اوهان جا ڦٽ ڇٽائيندس،
انهيءَ لاءِ تہ اڳتي دشمن ائين نہ چون تہ
'اي *صيئون! تون تہ رد ڪيل آهين،
ڪنهن کي بہ تنهنجي پرواهہ ناهي.'"

18 خداوند فرمائي ٿو تہ
"آءٌ پنهنجي قوم، يعني يعقوب جي نسل تي رحم ڪندس،
۽ سندن گهرن ۾ وري خوشحالي آڻيندس،
يروشلم شهر پنهنجي دڙي تي وري اڏيو ويندو،
۽ انهيءَ جو قلعو پنهنجي اصلي هنڌ تي وري قائم ٿيندو.
19 ماڻهو شڪرگذاري ڪندا ۽ خوشيون ملهائيندا.
آءٌ انهن جو تعداد وڌائيندس، سو هو گهٽبا ئي ڪين.
آءٌ انهن کي عزت وارو ڪندس، سو هو ذليل نہ ڪيا ويندا.
20 آءٌ انهن جو ٽڙيل پکڙيل اولاد پهريان وانگر گڏ ڪندس،
۽ اهي منهنجي حضور ۾ عبادت ڪندا رهندا.
جيڪي انهن کي ستائيندا تن کي آءٌ سزا ڏيندس.
21–22 انهن جو اڳواڻ انهن منجهان ئي هوندو.
هائو، انهن جو حاڪم سندن منجهان ئي ٿيندو.
آءٌ هن کي سڏيندس تڏهن هو منهنجي ويجهو ايندو.
ڇالاءِجو ڪنهن جي مجال آهي جو
ڪو پاڻ منهنجي ويجهو اچي سگهي؟
سو آءٌ ئي سندن خدا هوندس ۽ اهي منهنجي قوم هوندا.
اهو مون خداوند جو فرمان آهي."

23 خبردار، جيڪي بہ بدڪار آهن تن جي مٿان
خداوند جي غضب جو طوفان اچي نازل ٿيندو،
هائو، هنن مٿان واچوڙو اچي ڪڙڪندو.
24 خداوند جو خوفناڪ غضب تيستائين نہ هٽندو،
جيستائين هو پنهنجو ارادو پورو نہ ڪندو.
اچڻ وارن ڏينهن ۾ اوهين اها ڳالهہ سمجهي ويندا.

## اسرائيل وارن جي وطن واپسي

31 1 خداوند فرمائي ٿو تہ "ان وقت آءٌ بني اسرائيل جي ٻارهن
ئي قبيلن جو خدا هوندس ۽ هو منهنجي قوم هوندا."
2 خداوند اسرائيل وارن کي فرمائي ٿو تہ
"جيڪي ماڻهو قتل ٿيڻ کان بچي ويا،
تن کي †بيابان ۾ منهنجو فضل حاصل ٿيو.
جيئن تہ گهڻو اڳي بيابان ۾ بني اسرائيل آرام جي ڳولها ۾ هئا،
3 سو مون خداوند اتي ڪين ڏيکاري ڏني.
اي اسرائيل وارؤ!
مون دائمي شفقت سان اوهان سان پيار ڪيو آهي،
جيڪو هميشہ قائم وَ دائم رهندو.
4 آءٌ اوهان کي وري بحال ڪندس ۽ اوهين خوشحال ٿيندا.
تڏهن اوهان اڳي وانگر

*صيئون: يروشلم شهر صيئون جبل تي اڏيل آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن سڄي ملڪ ۽ بني اسرائيل قوم لاءِ اهو نالو استعمال ڪيو ويندو آهي.

†بيابان: هن مان مراد آهي تہ اسرائيل ملڪ جي اتر وارن قبيلن يعني اسرائيل وارن جي ڀيٽ انهن بني اسرائيل وارن سان ڪئي ٿي وڃي جڏهن پراڻي زماني ۾ اهي مصر مان نڪري بيابان مان سفر ڪري رهيا هئا. ڏسو خروج 12:33–17.

پنهنجا دڦ ڪٽي خوشيءَ وچان نچندا ٽپندا.
5 اوهين وري سامريه جي جبلن تي انگورن جا باغ لڳائيندا.
هائو، هاري انهن کي پوکيندا ۽ انهن جو ميوو کائيندا.
6 هڪڙو ڏينهن اهڙو ايندو،
جڏهن نگهباني ڪندڙ افرائيم جي ٽڪرين تان پڪاري چوندا ته
'اچو ته *صيئون ڏانهن خداوند پنهنجي خدا ڏي هلون.''

7 خداوند فرمائي ٿو ته
''يعقوب جي نسل لاءِ خوشيءَ جا گيت ڳايو،
قومن جي هن سردار قوم لاءِ نعرا هڻو.
هائو، نعرا هڻو ۽ واکاڻ ڪندي چئو ته
'اي خداوند! تون ئي پنهنجي قوم
بني اسرائيل جي باقي بچي ويلن کي ڇڏائڻ وارو آهين.'
8 ڏسو، آءٌ هنن کي اتر طرف کان موٽائي آڻيندس،
بلڪ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ کان آڻي کين گڏ ڪندس.
انهن منجهه انڌا ۽ منڊا هوندا،
پيٽ واريون ۽ ويم جي سورن واريون عورتون پڻ شامل هونديون.
هائو، هڪ وڏو هجوم موٽي ايندو.
9 هو ڳوڙها ڳاڙيندا ۽ منٿون ڪندا ايندا،
تڏهن آءٌ سندن رهنمائي ڪندس.
آءٌ کين مٺي پاڻيءَ وارين نهرن وٽان هموار رستي تان آڻيندس،
جتي هو ڪو ٿاٻو نه کائيندا،
ڇالاءِجو آءٌ اسرائيل وارن جو ابو آهيان،
هائو، بني افرائيم منهنجو پهريتو ٻار آهي.''

10 خداوند فرمائي ٿو ته
''اي قومون! اوهين منهنجي ڳالهه ٻڌو،
۽ ڏورانهن ساحلي علائقن ۾ وڃي اهو اعلان ڪريو ته
'جنهن خداوند بني اسرائيل کي ڪٿو ڪٿو ڪيو
سو ئي کين وري گڏ ڪندو،
۽ انهن جي ائين سنڀال ڪندو،
جيئن ڪو ڌنار پنهنجي ڌڻ جي سنڀال ڪندو آهي.'
11 مون خداوند اسرائيل وارن کي آزاد ڪرائي ورتو آهي،
هائو، جيڪو کانئن ڏاڍو هو تنهن جي هٿان کين ڇڏايو اٿم.
12 سو هو ايندا،
۽ صيئون جبل جي چوٽيءَ تي خوشيءَ وچان گيت ڳائيندا،
ڇوجو منهنجي ڏنل هنن نعمتن جي ڪري بيحد خوش هوندا:
اناج، مئي، زيتون جو تيل، رڍن ٻڪرين ۽ ڍورن ڍڳن جا ڌڻ.
هو سرسبز باغ جيان ٿيندا ۽ کين وري ڏک نه پهچندو.
13 تڏهن ڪنواريون ڇوڪريون نچنديون ۽ خوشيون ڪنديون،
بلڪ جوان مرد توڙي پوڙها پڻ.
آءٌ انهن جي غم کي خوشيءَ ۾ بدلائي ڇڏيندس.
هائو، آءٌ کين غم جي عيوض خوشي ۽ راحت عطا ڪندس.
14 آءٌ ڪاهنن کي سکيو ستابو ڪري ڇڏيندس،
۽ منهنجي قوم منهنجي نعمتن سان مالا مال ٿي ويندي.
اهو آءٌ خداوند ٿو فرمايان.''

## اسرائيل وارن تي خداوند جو رحم

15 خداوند فرمائي ٿو ته
''رامه شهر مان روئڻ ۽ رڙڻ جو هڪڙو آواز ٿو ٻڌجي،
هائو، †راخل پنهنجي اولاد لاءِ روئي ٿي،
ڇالاءِجو اهو وٽس موجود ناهي،
سو هن کي ڪابه تسلي نه ٿي ملي.
16 اي راخل! تون روئڻ بند ڪر،
۽ لڙڪ وهائڻ ڇڏي ڏي،
ڇاڪاڻته آءٌ خداوند تو سان واعدو ٿو ڪريان ته
تو کي پنهنجي ٻارن ڄڻڻ جو اجر ضرور ملندو،
جو تنهنجو اولاد دشمنن جي ملڪن مان موٽي تو وٽ ايندو.
17 مستقبل ۾ آءٌ انهن بابت تنهنجون اميدون پوريون ڪندس.
بيشڪ تنهنجو اولاد موٽي پنهنجي وطن ۾ ايندو.
اهو مون خداوند جو فرمان آهي.

18 يقيناً مون اسرائيل وارن کي
روئندي رڙندي ۽ هي چوندي ٻڌو آهي ته
'اي خداوند! تو اسان کي اهڙي سيکت ڏني آهي،
جهڙي جڙ ڳابي کي ڏبي آهي،
۽ اسين سکي ويا آهيون.
سو تون اسان کي توفيق ڏي ته
هاڻ اسين تو آڏو توبهه‌تائب ٿيون،
ڇاڪاڻته تون خداوند اسان جو خدا آهين.
19 گمراهيءَ کان پوءِ اسان توبهه ڪئي.
سمجهي وٺڻ کان پوءِ اسان پنهنجي ڳوڏن تي هٿ هنيا.

---

*صيئون: يعني يروشلم شهر جنهن ۾ خداوند جو هيڪل اڏيل هو.

†راخل: هيءَ يعقوب جي زال هئي، جيڪا يوسف ۽ بنيامين جي ماءُ ۽ يوسف جي ٻن پٽن افرائيم ۽ منسيءَ جي ڏاڏي هئي. ڏسو پيدائش 19:46–22. اسرائيل ملڪ وارن جي مصيبتن کي ظاهر ڪرڻ لاءِ خدا هتي راخل جو روئڻ هڪ مثال طور استعمال ڪيو آهي.

15:31 پيد 35:16–19، مت 18:2

اسين شرمندا ٿياسين ۽ ڪنڌ ڪٽي هيٺ ڪيوسين،
ڇاڪاڻتہ اسان جي قوم شروع کان ئي ذلت ڪنئي هئي.‘
20 ڇا اسرائيل وارا مون کي پٽ جيان پيارا نہ آهن؟
هائو، جيئن ڪو سڪيلڌو فرزند هوندو آهي،
تيئن ئي اهي مون لاءِ آهن.
توڙي جو آءٌ اڪثر هنن جي خلاف ڳالهائيندو آهيان،
تہ بہ هو منهنجي دل کي ويجهو آهن.
بيشڪ منهنجي دل هنن لاءِ سڪي ٿي،
سو آءٌ مٿن بيحد رحم ڪندس.
اهو مون خداوند جو فرمان آهي.”

21 سو اي پيارا اسرائيل وارؤ!
پنهنجي لاءِ رستي جا نشان کڙا ڪريو،
رستي جي سڃاڻپ لاءِ اوهين ٿنڀا لڳايو.
شاهي رستي ڏانهن ڌيان ڏيو،
يعني اهو رستو جنهن تان اوهان کي هلي اچڻو آهي.
هاڻي اوهين پنهنجن شهرن ڏانهن موٽي اچو.
22 اي اوهين! جيڪي نٽر ڌيءَ مثل آهيو،
ڪيستائين پيا رلندا رهندا؟
خداوند دنيا ۾ هڪڙي نئين ڳالهہ پيدا ڪئي آهي،
جيڪا هن مثال جهڙي آهي جو
عورت کي مرد جو محافظ بڻايو وڃي.

## خدا جي قوم جو روشن مستقبل

23 قادرِمطلق خداوند، بني اسرائيل جو خدا فرمائي ٿو تہ ”جڏهن آءٌ
اوهان جي خوشحالي بحال ڪندس، تڏهن ماڻهو يهوداه جي شهرن،
بلڪ سڄي ملڪ ۾ وري هيئن چوندا تہ ’اي پاڪ جبل صيئون! جيڪو
سچائيءَ سان ڀرپور آهين، شل خداوند تو کي برڪتون عطا ڪندو
رهي.‘ 24 تڏهن سڀ ماڻهو هاري توڙي ڌنار پنهنجن ڌڻن سميت
يهوداه جي شهرن بلڪ سڄي ملڪ ۾ آباد ٿي ويندا. 25 آءٌ ٿڪجي
پيلن کي آرام ڏيندس ۽ ساڻو ٿي پيلن کي سگهہ عطا ڪندس.
26 تڏهن اهي مٺڙي ننڊ ڪندا ۽ تازا توانا ٿي اٿندا.”
27 خداوند فرمائي ٿو تہ ”ڏسو، اهي ڏينهن اچن ٿا جڏهن آءٌ يهوداه
توڙي اسرائيل ملڪ کي انسانن توڙي ڍورن ڍڳن سان ڀري ڇڏيندس.
28 جهڙيءَ طرح مون مٿن چوڪسي رکندي سندن پاڙون پٽيون، کين
ٽڪرا ٽڪرا ڪيم، سندن تختو اونڌو ڪيم ۽ کين تباهہ وَ برباد ڪيم،
تهڙيءَ ئي طرح آءٌ انهن کي پوکڻ ۽ نئين سر اڏڻ ۾ مٿن چوڪسي
رکندس. 29 انهن ڏينهن ۾ ماڻهو وري ائين نہ چوندا تہ

’ڪٽا انگور کاڌا ابن ڏاڏن،
ڏند ڪٽا ٿي پيا وري سندن اولاد جا.‘

30 پر جيئن تہ جيڪو ڪٽا انگور کائيندو آهي تنهن جا ئي ڏند ڪٽا
ٿيندا آهن، تيئن ئي هر ڪو پنهنجي گناهن جي ڪري ئي مرندو،
نڪي پنهنجي وڏن جي گناهن ڪري.”
31 خداوند ٿو فرمائي تہ ”ڏسو، اهو وقت اچي ٿو جڏهن آءٌ اسرائيل
توڙي يهوداه جي سڀني قبيلن سان هڪڙو نئون عهد ڪندس. 32 اهو
عهد انهيءَ عهد جهڙو نہ هوندو، جيڪو مون هنن جي ابن ڏاڏن سان
ان وقت ڪيو هو، جڏهن آءٌ سندن رهنمائي ڪندي کين مصر مان ٻاهر
ڪڍي آيو هوس. هنن اهو عهد ٽوڙي ڇڏيو هو، توڙي جو آءٌ سندن
مالڪ هوس. 33 اهو نئون عهد هي آهي، جيڪو آءٌ بني اسرائيل سان ان
وقت ڪندس: آءٌ پنهنجي شريعت هنن جي ذهنن ۾ وجهندس ۽ سندن
دلين تي پڻ لکي ڇڏيندس. آءٌ هنن جو خدا هوندس ۽ هو منهنجي قوم
هوندا. 34 هنن مان ڪوبہ وري اڳتي پنهنجي ڪنهن همقوم کي ائين
چئي نہ سمجهائيندو تہ ’خداوند کي سڃاڻ‘، ڇاڪاڻتہ آءٌ خداوند
چوان ٿو تہ ننڍي کان وٺي وڏي تائين هر ڪو مون کي سڃاڻيندو
هوندو. آءٌ هنن جون بدڪاريون معاف ڪندس ۽ سندن گناهن کي
وري ڪڏهن بہ ياد نہ ڪندس. اهو مون خداوند جو فرمان آهي.”

35 اهو جنهن سج کي ڏينهن جي روشنيءَ لاءِ
۽ چنڊ ۽ تارن کي رات جي روشنيءَ لاءِ مقرر ڪيو آهي،
اهو، جيڪو سمنڊ ۾ هلچل پيدا ٿو ڪري،
جنهن سان ان جون ڇوليون گجگوڙ ڪن ٿيون،
تنهن جو ئي نالو قادرِمطلق خداوند آهي،
36 هاڻ اهو ئي پنهنجي قوم سان واعدو ٿو ڪري تہ
”جيستائين منهنجو اهو مقرر ڪيل نظام قائم رهندو،
تيستائين بني اسرائيل جو اولاد بہ
منهنجي آڏو هميشہ قائم رهندو.
37 جهڙيءَ طرح ڪو آسمان جي ماپ ڪري نہ ٿو سگهي،
۽ نڪي زمين جو بنياد ئي ڪو لهي ٿو سگهي،
تهڙيءَ طرح آءٌ بني اسرائيل کي
سندن ڪيل گناهن جي باوجود بہ
هرگز رد نہ ڪندس.
اهو مون خداوند جو فرمان آهي.”
38 خداوند ٿو فرمائي تہ ”ڏسو، اهي ڏينهن اچن ٿا جڏهن حننايل
ٽُلهہ کان وٺي اولهہ پاسي جي ڪنڊ واري دروازي تائين مون خداوند
جي نالي سان سڏيو ويندڙ شهر يروشلم وري تعمير ٿي ويندو. 39 شهر

---

29:31 حز 2:18 31:31 مت 28:26، مر 24:14، لو 20:22، 1.ڪر 25:11، 2.ڪر 6:3 31:31–34 عبر 8:8–12 33:31 عبر 16:10
34:31 عبر 17:10

جي حد اجا بہ گاريب جي ٽڪريءَ تائين اڳتي سڌي سنئين هلي
ويندي ۽ ڦري گوعاتھ تائين ايندي. 40 اها سڄي ماٿري جتي لاش ۽
رک اڇلائي ويندي آهي ۽ اڀرندي ۾ سڀ پوٺا قدرون جي برساتي نهر
تائين، ويندي اوڀر طرف گهوڙي واري دروازي جي ڪنڊ تائين، مون
خداوند جي نالي مخصوص ٿيندي. اهو شهر وري ڪڏهن بہ پاڙان
نہ پٽبو، نہ وري ڪڏهن ڊاٺو ويندو."

## يرمياه نبيءَ جو ٻني خريد ڪرڻ

32 1 يهوداه جي بادشاهہ صدقياه جي بادشاهيءَ جي ڏهين
سال جيڪو بابل جي بادشاهہ نبوڪدنضر جي بادشاهيءَ جو
ارڙهون سال هو، خداوند جو ڪلام مون يرمياه تي نازل ٿيو. 2 ان
وقت بابل جي بادشاهہ جو لشڪر يروشلم کي گهيرو ڪيو ويٺو هو
۽ آءٌ يهوداه جي بادشاهہ جي شاهي محل جي اڱڻ واري ڪمري ۾
قيد ٿيل هوس. 3 بادشاهہ صدقياه مون کي هي چئي قيد ڪرايو هو
تہ "تون منهنجي خلاف خداوند جي نالي جو پيغام ڇو ٿو ٻڌائيندو
وتين؟" ڇالاءِجو مون خداوند جو هي فرمان ٻڌايو هو تہ "آءٌ هي
يروشلم شهر بابل جي بادشاهہ جي حوالي ڪرڻ وارو آهيان، جيڪو ان
تي قبضو ڪري وٺندو. 4 بادشاهہ صدقياه بابلين جي هٿان بچي نہ
سگهندو، پر يقيناً بابل جي بادشاهہ جي حوالي ڪيو ويندو. صدقياه
کي پڪڙي سندس آڏو آندو ويندو، جتي هو ساڻس ڳالهائيندو. 5 پوءِ
هو صدقياه کي بابل ڏانهن وٺي ويندو، جتي اهو تيستائين رهندو
جيستائين آءٌ هن بابت ڪو فيصلو ڪريان. سو جيڪڏهن صدقياه
بابلين سان وڙهندو بہ تہ ڪامياب نہ ٿيندو."

6 خداوند جو ڪلام هي هو تہ 7 "اي يرمياه! تنهنجي چاچي
سلوم جو پٽ حنمايل تو وٽ اچي تو کي چوندو تہ 'منهنجي ٻني
جيڪا عنتوت شهر ۾ آهي، سا پنهنجي لاءِ خريد ڪر، ڇالاءِجو اباڻي
ٻني هجڻ ڪري اها خريد ڪرڻ جو تنهنجو ئي حق آهي.'"

8 سو خداوند جي ڪلام موجب منهنجو سوٽ حنمايل انهيءَ اڱڻ
واري ڪمري ۾ مون وٽ آيو ۽ مون کي چيائين تہ "منهنجي جيڪا
ٻني بنيامين جي علائقي ۾ عنتوت شهر ۾ آهي، سا تون پنهنجي
لاءِ خريد ڪر، ڇاڪاڻتہ اها اباڻي ٻني خريد ڪرڻ جو حق تنهنجو
ئي آهي."

مون ڄاتو ٿي تہ اهو خداوند جو حڪم آهي، 9 سو مون عنتوت
شهر واري اها ٻني پنهنجي سوٽ کان *چانديءَ جي سترهن سڪن
۾ خريد ڪئي. 10 مون دستاويز تي صحيح ڪئي ۽ ان تي مهر هنئي،
شاهد لکرايم ۽ سڪا توري ڏنم. 11 پوءِ مون خريداريءَ وارو پڪو
دستاويز ڪنيو جنهن تي مهر لڳل هئي ۽ منجهس شرط شروط تحرير
هئا ۽ انهيءَ سان گڏ ان جو نقل بہ جيڪو مهر بند نہ هو. 12 پوءِ
مون پنهنجي سوٽ حنمايل، دستاويز ۾ ڄاڻايل شاهدن ۽ اڱڻ واري
ڪمري ۾ ويٺل ٻين يهوداه وارن جي روبرو خريداريءَ واري دستاويز
جون ٻئي ڪاپيون باروڪ ولد نيرياه ولد محسياه کي ڏيئي ڇڏيون.

13 مون انهن سڀني جي روبرو باروڪ کي هي نصيحتون ڪيون تہ
14 "قادرِمطلق خداوند، بني اسرائيل جي خدا جو تو لاءِ حڪم آهي تہ
'مهر ٿيل ۽ بغير مهر وارو، اهي ٻئي دستاويز کڻي هڪڙي ٺڪر جي
ٿانو ۾ وجهي ڇڏ، تہ جيئن اهي گهڻن سالن تائين محفوظ رهن.'
15 ڇالاءِجو قادرِمطلق خداوند، بني اسرائيل جي خدا فرمايو آهي تہ
'اڳتي هلي هن ملڪ ۾ گهرن، ٻنين ۽ انگورن جي باغن جي وري
خريد وَ فروخت ڪئي ويندي.'"

## يرمياه جو خدا کان ٻنيءَ جي خريد ڪرڻ بابت پڇڻ

16 باروڪ ولد نيرياه کي خريداريءَ وارا دستاويز ڏيڻ کان پوءِ مون
خداوند کان دعا گهري تہ 17 "آه! اي خداوند منهنجا خدا! تو پنهنجي
وڏي قدرت ۽ زورآور هٿ سان آسمان ۽ زمين ٻيئي بڻايا آهن! تنهنجي
لاءِ ڪوبہ ڪم مشڪل ناهي. 18 تون هزارين پيڙهين تائين لافاني
شفقت ڪندو آهين، پر ابن ڏاڏن جي گناهن جو بدلو انهن کان پوءِ تون
سندن اولاد کان وٺندو آهين. تنهنجو نالو عظيم ۽ قادر خدا آهي،
تون قادرِمطلق خداوند آهين. 19 تنهنجا مقصد اعليٰ آهن ۽ تنهنجا
ڪم عظيم آهن. انسان جون سڀيئي واٽون تنهنجين نظرن اڳيان آهن.
تون هر ڪنهن کي سندن ڪمن موجب بدلو ڏيندو آهين، جنهن جا هو
مستحق هوندا آهن. 20 تو مصر ۾ هيبتناڪ ڪم ۽ معجزا ڏيکاريا،
بلڪ اڄ ڏينهن تائين تو بني اسرائيل ۾ توڙي سڄي انسانذات ۾
معجزا ۽ هيبتناڪ ڪم جاري رکيا آهن. تو نالو ڪمايو آهي جيئن
اڄوڪي ڏينهن آهي. 21 تو پنهنجي قوم بني اسرائيل کي زورآور هٿ
۽ وڏيءَ قدرت سان معجزن ۽ هيبتناڪ ڪمن جي وسيلي وڏي دٻدٻي
سان مصر ملڪ مان ٻاهر ڪڍي آندو. 22 تو کين هي ملڪ ڏنو جنهن
جي ڏيڻ جو تو سندن ابن ڏاڏن سان قسم کنيو هو، جيڪو هڪ آسودو
۽ خوشحال ملڪ آهي. 23 هنن اچي هن ملڪ تي قبضو تہ ڄمايو،
پر تنهنجي فرمانبرداري نہ ڪيائون ۽ نہ وري هو تنهنجي شريعت
تي هليا. جيڪي حڪم تو کين ڏنا تن مان ڪوبہ حڪم هنن بجا نہ
آندو. تنهنڪري تو هي آفتون هنن تي آنديون آهن.

24 ڏس، ڪيئن نہ يروشلم تي قبضي ڪرڻ لاءِ شهر جي ديوار
سان لڳولڳ دِڪا ٺاهيا ويا آهن. جنگ، ڏڪار ۽ وبا هيٺ آيل شهر
بابلين جي حوالي ڪيو ويندو، جيڪي مٿس حملو ڪري آيا آهن.
جيئن تو چيو هو تيئن ٿيڻ وارو آهي، تون پاڻ ئي ڏسي سگهين ٿو.
25 جيتوڻيڪ شهر بابلين جي حوالي ڪيو وڃڻو هو، تہ بہ اي خداوند

*چانديءَ جي سترهن سڪن: اٽڪل بہ سؤ گرام.

1:32 2.با 25:1–7

خدا! تو مون کي چيو تہ ’پيسا ڏيئي هيءَ ٻني خريد ڪر ۽ ان سودي
جا شاهد رک.‘ “
26 تڏهن خداوند مون کي وراڻيو تہ 27 ”آءٌ خداوند سڀني انسانذات
جو خدا آهيان. ڇا منهنجي لاءِ ڪو ڪم مشڪل آهي؟ 28 تنهنڪري
آءٌ خداوند چوان ٿو تہ آءٌ هي شهر بابل جي بادشاهہ نبوڪدنضر ۽
سندس لشڪر جي هٿ ۾ ڏيڻ وارو آهيان، جيڪو هن تي قبضو ڪري
وٺندو. 29 بابلي شهر تي حملو ڪري انهيءَ ۾ اندر داخل ٿيندا ۽
شهر کي باهہ ڏيئي ساڙيندا. انهن گهرن کي بہ ساڙيو ويندو، جن
جي ڇتين تي بعل ديوتا جي لاءِ لوبان ساڙيو ويندو آهي ۽ ٻين غير
معبودن جي لاءِ اوتڻ واريون قربانيون پيتيون وينديون آهن، جنهن
ڪري مون کي ڪاوڙ آئي آهي.
30 اسرائيل وارن توڙي يهوداہ وارن پنهنجي قوم جي شروعات
کان وٺي اهي ئي ڪم ڪيا آهن جيڪي منهنجي نظر ۾ خراب آهن.
حقيقت ۾ بني اسرائيل قوم پنهنجي هٿن جي ڪيل ڪمن سان مون
کي رڳو پئي ڪاوڙايو آهي، 31 ڇالاءِجو جنهن ڏينهن يروشلم شهر
ٺهيو ويو هو تنهن کان وٺي اڄ ڏينهن تائين هن شهر منهنجي ڪاوڙ
کي ايترو تہ پئي اڀاريو آهي جو هاڻ ضروري آهي تہ آءٌ انهيءَ شهر
کي مٽائي ڇڏيان. 32 هائو، بني اسرائيل جون بدڪاريون ايتريون ئي
وڏي ويون آهن. يروشلم وارن، بلڪ سڀني يهوداہ وارن پنهنجي
بادشاهن، عملدارن، ڪاهن ۽ نبي سڏائيندڙن سميت مون کي ڪاوڙ
پئي ڏياري آهي. 33 هنن مون کان پنهنجا منهن ڦيرائي مون ڏانهن
پٺي ڪئي آهي. جيتوڻيڪ مون کين بار بار تعليم پئي ڏني آهي، تہ
بہ هنن منهنجي تربيت ڏانهن ڪو ڌيان ڪونہ ڏنو آهي، نڪي ڪا
سيکت ئي قبول ڪئي اٿائون. 34 هيڪل، جيڪو منهنجي نالي سان
ٿو سڏجي، تنهن ۾ هنن پنهنجا ڪراهت جهڙا بت ڪوڙي ان کي پليت
ڪيو آهي. 35 هنن بعل ديوتا جي پوڄا لاءِ هنوم ماٿريءَ ۾ پوڄا گهر
ٺاهيا، جتي پنهنجن پٽن ۽ ڌيئرن کي مولڪ ديوتا جي لاءِ باهہ ۾
قربان ڪيائون. انهيءَ ڳالهہ جو مون نہ هنن کي حڪم ڏنو، نہ وري
اها ڳالهہ منهنجي دل ۾ آئي تہ هو اهڙو ڪراهت جهڙو ڪم ڪن ۽
اهڙيءَ طرح سڀ يهوداہ وارا گناهن ۾ غرق ٿي وڃن.“

## بحاليءَ جو واعدو

36 يروشلم شهر بابت چيو وڃي ٿو تہ ”جنگ، ڏڪار ۽ وبا هيٺ
آيل اهو شهر بابل جي بادشاهہ جي هٿ ۾ ڏنو ويندو.“ تنهن هوندي
بہ خداوند، بني اسرائيل جو خدا وڏيڪ فرمائي ٿو تہ 37 ”جن ملڪن
ڏانهن مون بني اسرائيل کي پنهنجي سخت غضب ۾ هڪالي ڪڍيو
هوندو، تن سڀني مان آءٌ يقيناً اُٿي کين گڏ ڪندس. آءٌ هنن کي هن
هنڌ موٽائي وٺي ايندس ۽ کين سلامتيءَ سان آباد ڪندس. 38 پوءِ
هو منهنجي قوم هوندا ۽ آءٌ سندن خدا هوندس. 39 آءٌ کين وفادار
دل عطا ڪندس تہ جيئن هو منهنجي سڌي رستي تي ئي هلن ۽
پنهنجي ڀلائيءَ ۽ پاڻ کان پوءِ پنهنجي اولاد جي ڀلائيءَ لاءِ هميشہ
مون کان ڊڄندا رهن. 40 آءٌ ساڻن هڪڙو دائمي عهد ڪندس، ۽ پوءِ
آءٌ ساڻن چڱائي ڪرڻ کان ڪڏهن بہ باز نہ ايندس. آءٌ هنن جي دل
۾ پنهنجو خوف پيدا ڪندس، تہ جيئن هو مون کان ڦري نہ وڃن.
41 هنن سان چڱائي ڪري آءٌ خوشي محسوس ڪندس ۽ يقيناً آءٌ هنن
کي هن ملڪ ۾ پنهنجي پوريءَ دل وَ جان سان ڄمائي ڇڏيندس.“
42 خداوند فرمائي ٿو تہ ”جيئن مون ئي هيءَ وڏي مصيبت هن
قوم تي آندي آهي، تيئن آءٌ ئي آهيان جيڪو هنن کي پوريءَ طرح
اها خوشحالي عطا ڪندس، جنهن جو مون ساڻن واعدو ڪيو آهي.
43 جيتوڻيڪ هن ملڪ بابت چيو وڃي ٿو تہ ’اهو ويران ٿي ويو آهي،
منجهس ڪوبہ ماڻهو يا جانور ڪونهي، بلڪ اهو بابلين جي حوالي
ڪيو ويو آهي،‘ تنهن هوندي بہ هن ملڪ ۾ هڪ دفعو وري ٻنين
جي خريد وَ فروخت ڪئي ويندي. 44 پيسن سان ٻنيون خريد ڪيون
وينديون، دستاويزن تي صحيحون ٿينديون، انهن تي مهرون لڳنديون
۽ شاهدن جون شاهديون لکبيون. جهڙو بنيامين جي علائقي ۾، تهڙو
يروشلم جي آس‌پاس ۽ يهوداہ جي ٻين شهرن ۾، جهڙو جابلو علائقي
۾ تهڙو هيٺاهين زمين ۾ ۽ ڏکڻ وارن شهرن ۾ ائين ئي ٿيندو،
ڇاڪاڻ‌تہ آءٌ پنهنجي قوم کي سندن وطن ۾ موٽائي اُٿي خوشحال
ڪندس. اهو مون خداوند جو فرمان آهي.“

## جلاوطنن جي واپسيءَ جو واعدو

33 1 آءٌ يرمياہ جڏهن اڃا محل جي اڱڻ واري ڪمري ۾ قيد
هوس، تڏهن خداوند جو ڪلام ٻيو ڀيرو مون تي نازل ٿيو.
2 خداوند جيڪو ڌرتيءَ جو خلقيندڙ، ان کي پنهنجي هٿن سان
ٺائيندڙ ۽ ان جو قائم ڪندڙ آهي ۽ جنهن جو نالو خداوند آهي، سو
فرمائي ٿو تہ 3 ”مون کي پڪاريو تہ آءٌ اوهان کي جواب ڏيان ۽
وڏيون ۽ ڳجهيون ڳالهيون ٻڌايان، جن جي اوهان کي خبر ئي ناهي.
4 ڏسو، هن شهر جي گهرن ۽ يهوداہ جي بادشاهن جي محلاتن،
جيڪي ڊاهي ڍير ڪيل آهن تن بابت آءٌ خداوند، بني اسرائيل جو
خدا چوان ٿو تہ انهن جي بچاءَ لاءِ دِڪا ڊاهڻ ۽ جنگ ڪندڙن سان
وڙهڻ فضول آهي. 5 جيتوڻيڪ يروشلم وارا بابلين سان وڙهڻ لاءِ
نڪتا آهن، پر سندن گهر ۽ محل سندن ئي لاشن سان ڀرجي ويندا.
هائو، انهن کي آءٌ پنهنجي قهر ۽ غضب سان ماري ڇڏيندس. شهر
وارن جي تمام گهٽي بڇڙائيءَ جي ڪري مون هن شهر کان منهن
موڙي ڇڏيو آهي. 6 تنهن هوندي بہ ڪو وقت ايندو جڏهن آءٌ انهيءَ
کي وري اڏيندس ۽ ان جي رهاڪن کي بحال ڪندس. آءٌ پنهنجي
قوم کي خوشحالي بخشيندس ۽ کين دائمي امن ۽ سلامتي عطا
ڪندس. 7 آءٌ يهوداہ ۽ اسرائيل ملڪن کي وري خوشحال ٺائيندس

28:32 2.با 1:25–11، 2.توا 17:36–21    34:32 2.با 10:23، ير 7:30–31، 19:1–6    35:32 لاو 21:18، 2.با 10:23، ير 7:31–33، 19:5–7

۽ انهن کي اڳي وانگر نئين سر آباد ڪندس. 8 آءٌ پنهنجي قوم
کي سندس ڪيل سمورن گناهن کان پاڪ ڪندس. آءٌ سندس اهي
سڀ گناهہ معاف ڪندس جن سان هن منهنجي خلاف بغاوت ڪئي
آهي. 9 تڏهن يروشلم شهر منهنجي لاءِ دنيا جي سڀني قومن اڳيان
خوشيءَ، واکاڻ ۽ فخر جو باعث بڻبو. سو جيڪي چڱيون ڳالهيون
آءٌ هن شهر لاءِ ڪندس ۽ انهيءَ کي بيحد خوشحالي ۽ امن عطا
ڪندس، تن بابت ٻڌي اهي قومون خوف وچان ڏڪڻ لڳنديون.“
10-11 خداوند فرمائي ٿو تہ ”هن ملڪ بابت چيو وڃي ٿو تہ
’اهو ويران ٿي ويو آهي، منجهس ڪوبہ انسان يا جانور ڪونهي.‘
جيتوڻيڪ يروشلم جون گهٽيون ۽ يهوداہ جا ٻيا شهر ويران آهن ۽
منجهن نہ ڪو ماڻهو آهي ۽ نہ وري ڪو جانور، تنهن هوندي بہ
انهن مان هڪ دفعو وري خوشي ۽ سرهائيءَ جو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو.
هائو، اتي گهوٽ ۽ ڪنوار جو آواز ۽ انهن جو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو
جيڪي منهنجي هيڪل ڏانهن شڪرگذاريءَ جا نذرانا هي ڳائيندي
آڻيندا آهن تہ

’قادرِمطلق خداوند جي شڪرگذاري ڪريو،
ڇاڪاڻ تہ خداوند ڀلو آهي.
سندس شفقت لافاني آهي.‘

آءٌ هن ملڪ جي خوشحالي اڳي وانگر بحال ڪندس. اهو مون خداوند
جو فرمان آهي.“
12 قادرِمطلق خداوند فرمائي ٿو تہ ”هي ملڪ جيڪو ويران آهي ۽
منجهس ڪوبہ ماڻهو يا جانور ڪونہ ٿو رهي، تنهن جي سڀني شهرن
وٽ وري بہ ڌنارن کي ڌڻن جي چارڻ لاءِ چراگاهہ هوندا. 13 هائو،
جابلو علائقي جي شهرن، الهندي وارين هيٺاهين زمينن، ڏکڻ وارن
شهرن ۽ بنيامين جي علائقي ۾ توڙي يروشلم جي آس‌پاس وارن
ڳوٺن ۽ يهوداہ جي ٻين سڀني شهرن وٽ ڌنار پنهنجا ڌور ڀيا ڳڻيندا
رهندا. اهو مون خداوند جو فرمان آهي.“
14 خداوند ٿو فرمائي تہ ”اهي ڏينهن اچن ٿا جڏهن آءٌ پنهنجو اهو
واعدو پورو ڪندس، جيڪو مون اسرائيل توڙي يهوداہ جي رهاڪن
سان ڪيو آهي.
15 انهن ڏينهن ۾
آءٌ دائود جي نسل مان هڪڙو سچار بادشاهہ پيدا ڪندس،
جيڪو هر هنڌ انصاف ۽ سچائيءَ وارا ڪم ڪندو.
16 انهن ڏينهن ۾
يروشلم بلڪ سڄي يهوداہ جا ماڻهو محفوظ رهندا،
۽ سلامتيءَ سان گذاريندا.
تڏهن يروشلم شهر هن نالي سان سڏبو تہ
’خداوند اسان سان سچو آهي.‘

17 ڇاڪاڻ تہ مون خداوند اهو واعدو ڪيو آهي تہ بني اسرائيل جي
تخت تي ويهڻ لاءِ دائود جي نسل ۾ مردن جي کوٽ نہ ٿيندي. 18 نہ
ئي وري لاوي قبيلي ۾ ڪاهنن جي ڪا کوٽ ٿيندي جيڪي هميشہ
منهنجي اڳيان ساڙڻ واريون قربانيون، اناج جون قربانيون ۽ ٻيا نذرانا
پيش ڪن.“
19 خداوند جو ڪلام مون يرمياہ تي نازل ٿيو تہ 20 ”جهڙيءَ طرح
مون خداوند ڏينهن ۽ رات جو اٽل نظام قائم ڪيو آهي ۽ اهو
ممڪن ئي ناهي جو ڏينهن ۽ رات پنهنجي مقرر وقت تي نہ ٿين،
21 تهڙيءَ طرح اهو بہ ممڪن ناهي جو جيڪو عهد مون پنهنجي
ٻانهي دائود سان ڪيو آهي سو ٽٽي پوي ۽ دائود جو ڪوبہ اولاد باقي
نہ رهي جيڪو سندس تخت تي ويهي بادشاهي ڪري. ساڳيءَ طرح
اهو بہ ناممڪن آهي جو منهنجو لاوين سان ڪيل عهد ٽٽي سگهي
۽ منجهن ڪو ڪاهن نہ هجي جيڪو منهنجو خدمتگار ٿئي. 22 سو
جيئن آسمان جا ستارا شمار ڪري نہ ٿا سگهجن، ۽ نہ ئي سمنڊ جي
ڪناري جي واري ماپي ٿي سگهجي، تيئن آءٌ پنهنجي ٻانهي دائود
جي اولاد کي ۽ پنهنجي خدمتگار لاوين کي وڌائيندس. اهو مون
خداوند جو فرمان آهي.“
23 خداوند جو ڪلام يرمياہ تي نازل ٿيو تہ 24 ”ڇا تو هن ڳالهہ
ڏانهن ڌيان نہ ڏنو آهي جو ماڻهو چون ٿا تہ ’خداوند اسرائيل ۽ يهوداہ
کي رد ڪري ڇڏيو آهي، جن کي چونڊي پنهنجي قوم بڻايو هئائين‘؟
هو ائين چوندي منهنجي قوم کي ڌڪارين ٿا ۽ ڪيس قوم ئي نہ ٿا
سمجهن. 25 مون خداوند جهڙيءَ طرح ڏينهن ۽ رات توڙي زمين ۽
آسمان جو هڪ اٽل نظام ۽ قاعدو قانون مقرر ڪيو آهي، 26 تهڙيءَ
طرح يعقوب جي نسل ۽ پنهنجي ٻانهي دائود جي اولاد کي آءٌ ڪڏهن
بہ رد نہ ڪندس. دائود جي نسل مان ڪو نہ ڪو ضرور هوندو جيڪو
ابراهيم، اسحاق ۽ يعقوب جي اولاد تي حڪمراني ڪري. بيشڪ آءٌ
هنن تي ٻاجهہ ڪري سندن خوشحالي بحال ڪندس.“

## صدقياہ کي تنبيهہ

34 1-2 بابل جو بادشاهہ نبوڪدنضر ۽ سندس سڄو لشڪر
دنيا جي انهن بادشاهتن جي لشڪرن سميت، جيڪي سندس
ئي راڄ هيون، يروشلم ۽ ان جي آس‌پاس وارن ڳوٺن سان جنگ
ڪري رهيو هو. ان وقت خداوند، بني اسرائيل جي خدا مون يرمياہ
کي يهوداہ جي بادشاهہ صدقياہ لاءِ هي پيغام ڏنو تہ ”آءٌ هي شهر
يروشلم بابل جي بادشاهہ جي هٿ ۾ ڏيڻ وارو آهيان، جيڪو ان کي
باهہ ڏيئي ساڙي ڇڏيندو. 3 تون بہ هن جي هٿان بچي نہ سگهندين،
بلڪ يقيناً پڪڙيو ويندين ۽ ان جي حوالي ڪيو ويندين. تو کي بابل

---

33:10–11 1.توا 16:34، 2.توا 5:13، 7:3، عز 3:11، زب 100:5، 106:1، 107:1، 118:1، 136:1 33:14–16 يr 23:5–6
33:17 2.سمر 7:12–16، 1.با 2:4، 1.توا 17:11–14 33:18 ڳا 3:5–10 34:1–2 2.با 25:1–11، 2.توا 36:17–21

جي بادشاهہ آڏو آندو ويندو ۽ هو تو سان ڳالهائيندو. پوءِ تو کي
بابل ڏانهن نيو ويندو.
④تنهن هوندي بہ، اي يهوداہ جا بادشاهہ صدقياہ! تون منهنجي
هن ڳالهہ تي ڌيان ڏي تہ آءٌ خداوند تو سان اهو واعدو ٿو ڪريان تہ
تون تلوار سان نہ ماريو ويندين، ⑤بلڪ تون طبعي موت مرندين.
پوءِ جيئن تنهنجي ابن ڏاڏن يعني تو کان اڳوڻن بادشاهن جي مان ۾
لوبان ساڙيو ويندو هو، تيئن تنهنجي لاءِ بہ ساڙيو ويندو. تنهنجي
لاءِ هيئن چئي رنو رڙيو ويندو تہ 'هاءِ! اسان جا آقا!' آءٌ خداوند
پاڻ اهو واعدو ڪريان ٿو." ⑥تڏهن مون يرمياہ اهي سڀ ڳالهيون
يروشلم ۾ يهوداہ جي بادشاهہ صدقياہ کي اچي ٻڌايون. ⑦ان وقت
بابل جي بادشاهہ جي لشڪر يهوداہ جي شهرن يروشلم، لڪيس ۽
عزيقہ سان جنگ پئي ڪئي، ڇاڪاڻ تہ يهوداہ جي شهرن مان فقط
اِهي ئي ڪوٽن وارا شهر باقي وڃي بچيا هئا.

## غلامن بابت ڪيل عهد جي ڀڃڪڙي

⑧بادشاهہ صدقياہ يروشلم جي سڀني ماڻهن سان گڏجي عهد
ڪندي اعلان ڪيو هو تہ ⑨"هر ڪو پنهنجي *عبراني ٻانهن ۽
ٻانهين کي آزاد ڪري ڇڏي، ڪوبہ پنهنجي همقوم يهوداہ وارن کي
غلاميءَ ۾ نہ رکي." ⑩سو سڀ عملدار ۽ سڀيئي ماڻهو ان عهد
۾ شامل ٿيا تہ هو پنهنجا ٻانها ۽ ٻانهيون آزاد ڪندا ۽ اڳتي انهن
کي غلاميءَ ۾ نہ رکندا. هنن اها ڳالهہ قبول ڪندي انهن کي آزاد
ڪري ڇڏيو. ⑪پر بعد ۾ هو ڦري ويا ۽ جن ٻانهن ۽ ٻانهين کي آزاد
ڪيو هئائون تن کي موٽائي وري غلام بڻايائون.
⑫تڏهن ئي خداوند جو ڪلام مون يرمياہ تي نازل ٿيو تہ ⑬"آءٌ
خداوند، بني اسرائيل جو خدا چوان ٿو تہ جنهن ڏينهن مون اوهان جي
ابن ڏاڏن کي مصر جي ملڪ مان يعني غلاميءَ واري جاءِ مان ٻاهر
ڪڍي آندو هو، تنهن ڏينهن مون انهن سان عهد ڪيو هو. مون ڪين
چيو هو تہ ⑭'هر ستين سال اوهان مان هر ڪو پنهنجي هر انهيءَ
همقوم عبرانيءَ کي ضرور آزاد ڪري، جنهن پنهنجو پاڻ کي اوهان
وٽ وڪيو هجي. هائو، ڇهن سالن جي خدمت چاڪريءَ کان پوءِ
اوهين ان کي لازماً آزاد ڪريو.' پر اوهان جي ابن ڏاڏن منهنجي نہ
ٻڌي ۽ مون ڏانهن ڪو ڌيان نہ ڏنائون. ⑮تازو ئي اوهان توبہ‌تائب
ٿيا ۽ اهو ڪي ڪيوَ جيڪو منهنجي نظر ۾ چڱو هو. هائو، اوهان
مان هر ڪنهن پنهنجي همقوم کي آزاد ڪرڻ جو اعلان ڪيو. نہ
رڳو ايترو پر اوهان منهنجي نالي سان سڏجڻ واري گهر ۾ منهنجي
اڳيان اهڙو عهد بہ ڪيو. ⑯پر هاڻ اوهين وري ڦري ويا آهيو ۽
منهنجي نالي جي بي‌ادبي ڪئي اٿوَ. اوهان مان هر ڪنهن پنهنجي
آزاد ڪيل ٻانهي ۽ ٻانهيءَ کي وري موٽائي آندو آهي. سو جيڪي
ٻانها ۽ ٻانهيون پنهنجي مرضيءَ جا مالڪ ٿيڻ لاءِ آزاد ٿيا هئا تن کي
اوهان وري غلام بڻجڻ تي مجبور ڪيو آهي. ⑰تنهنڪري آءٌ خداوند
چوان ٿو تہ جيئن تہ اوهان پنهنجي قوم وارن کي آزاديءَ جي نعمت
کان محروم رکندي منهنجي نافرماني ڪئي آهي، سو مون خداوند
وٽ اوهان لاءِ آزاديءَ جي هيءَ نعمت آهي تہ هاڻ ڀلي اوهين جنگ،
وبا ۽ ڏڪار سان وڃي منهن ڏيو. اوهان جي اهڙي حالت ٿيندي جو
اوهان کي ڏسي دنيا جي سڀني بادشاهتن کي هيبت وٺي ويندي. ⑱-
⑲يروشلم بلڪ سڄي يهوداہ جي سڀني اڳواڻن منهنجي اڳيان درٻاري
عملدارن ۽ ڪاهنن سميت هڪ عهد ڪيو هو، جڏهن هو ڳابو ڪهي
بہ ٽڪر ڪري انهن جي وچان لنگهي ويا هئا. پر هاڻي هنن اهو عهد
ٽوڙيو آهي ۽ ان عهد جي ڳالهين تي قائم نہ رهيا آهن. سو آءٌ هنن
سان بہ ائين ئي ڪندس جيئن ان ڳابي سان ڪيو ويو. ⑳آءٌ هنن کي
سندن دشمنن جي حوالي ڪندس جيڪي سندن جانين جي پٺيان آهن.
انهن جا لاش پکين ۽ جهنگلي جانورن جو کاڄ ٿيندا. ㉑آءٌ يهوداہ
جي بادشاهہ صدقياہ ۽ سندس عملدارن کي پڻ انهن جي حوالي
ڪري ڇڏيندس، جيڪي سندن جانين جي پٺيان آهن. هائو، آءٌ ڪين
بابل جي بادشاهہ جي لشڪر جي حوالي ڪري ڇڏيندس، جيتوڻيڪ
اهو اوهان سان جنگ ڪرڻ کان هٽي پاسي ٿيو آهي. ㉒ڇالاءِجو آءٌ
حڪم ڏيئي لشڪر کي هن شهر ڏانهن ٻيهر موٽائي وٺي ايندس. هو
هن شهر سان جنگ ڪري مٿس قبضو ڪندا ۽ ان کي ساڙي ڇڏيندا.
آءٌ يهوداہ جي شهرن کي اهڙو تہ ويران ڪري ڇڏيندس جو منجهن
ڪوبہ رهڻ وارو ڪونہ هوندو. اهو مون خداوند جو فرمان آهي."

## ريڪابي گهراڻي جي وفاداري

35 ①يهوداہ جي بادشاهہ يهويقيم ولد يوسياہ جي بادشاهيءَ
جي ڏينهن ۾ مون يرمياہ تي خداوند جو هي ڪلام نازل ٿيو
تہ ②"تون ريڪابي گهراڻي وارن وٽ وڃ ۽ ڪين چئُہ تہ هو منهنجي
هيڪل جي ڪوٺين مان هڪڙي ڪوٺيءَ ۾ اچي گڏ ٿين ۽ پوءِ تون
ڪين مئي پيئڻ لاءِ ڏي."
③تڏهن آءٌ يازنياہ ولد يرمياہ ولد حبصنياہ ۽ سندس سڀني ڀائرن
۽ پٽن، يعني سڄي ريڪابي گهراڻي کي ساڻ ڪري ④خداوند جي
گهر ۾ خدا جي ٻانهي حنان ولد يگدلياہ جي مريدن واري ڪوٺيءَ ۾
وٺي آيس. اها ڪوٺي عملدارن جي ڪوٺيءَ جي پرسان ۽ دربانن جي
نگران مسعياہ ولد سلوم جي ڪوٺيءَ جي مٿان هئي. ⑤پوءِ مون
ريڪابي گهراڻي جي ماڻهن جي اڳيان مئي سان ڀريل گهُگهيون ۽
پيالا رکيا ۽ ڪين چيم تہ "مئي پيئو."
⑥پر هنن وراڻيو تہ "اسين مئي نہ پيئنداسين، ڇالاءِجو اسان جي
وڏي يهوناداب ولد ريڪاب اسان کي حڪم ڏنو هو تہ 'اوهين يا

*عبراني: بني اسرائيل کي "عبراني" بہ سڏيو ويندو آهي.

34:14 خر 21:2، شر 15:12 34:18–19 پيد 15:9–18 35:1 2.با 36:23–24:6، 2.توا 36:5–7

اوهان جو اولاد ڪڏهن بہ مئي نہ پيئي. 7 نڪي اوهين گهر تعمير
ڪجو، نہ وري پوک ڪرڻ يا انگورن جا باغ لڳائڻ لاءِ اوهان وٽ ڪا
زمين هجي. اوهان کي انهن مان ڪابہ ملڪيت نہ هجي، بلڪ اوهين
هميشہ تنبن ۾ پيا رهجو. تڏهن اوهين جنهن ملڪ ۾ مسافر طور
رهو ٿا تنهن ۾ اسان جو گهراڻو وڏي ڄمار ماڻيندو.' 8 سو اسان جي
وڏي يهوناداب جن ڳالهين جو اسان کي حڪم ڏنو هو، تن تي عمل
ڪندي اسان، اسان جي زالن، پٽن ۽ ڌيئرن ڪڏهن بہ مئي نہ پيتي
آهي، 9 نڪي ڪڏهن رهڻ لاءِ گهر تعمير ڪيا آهن، نہ وري انگورن
جا باغ لڳائڻ يا فصل پوکڻ لاءِ پنيون رکيون آهن. 10 اسان تنبن ۾ ئي
پئي رهيا آهيون ۽ پنهنجي وڏي يهوناداب جي هر حڪم تي چڱيءَ
طرح عمل ڪيو آهي. 11 پر جڏهن بابل جي بادشاهہ نبوڪدنضر هن
ملڪ تي ڪاهہ ڪئي تڏهن اسان فيصلو ڪيو تہ بابلين ۽ *ارامين
جي لشڪرن کان بچي پري يروشلم شهر ڏانهن هليو وڃجي. ائين
اسين يروشلم ۾ اچي رهڻ لڳاسون."
12-13 تڏهن قادرِمطلق خداوند، بني اسرائيل جي خدا مون کي
يروشلم بلڪ سڄي يهوداہ جي رهاڪن ڏانهن پنهنجي هي فرمان
پهچائڻ لاءِ موڪليو تہ "ڇا اوهان اجا تائين سبق نہ سکيو آهي
جو منهنجي فرمانبرداري ڪريو؟ 14 يهوناداب ولد ريڪاب، جنهن
پنهنجي اولاد کي حڪم ڏنو هو تہ 'مئي نہ پيئجو،' تنهن جي
حڪم تي عمل ڪيو ٿو وڃي. اڄ ڏينهن تائين هو مئي نہ ٿا پيئن،
ڇاڪاڻ تہ هو پنهنجي وڏي جي حڪم تي عمل ڪندا ٿا اچن. پر مون
بار بار اوهان کي هميشہ تاڪيد پئي ڪيو آهي، تنهن هوندي بہ اوهان
منهنجي فرمانبرداري نہ ڪئي آهي. 15 مون بار بار اوهان ڏانهن
پنهنجا ٻانها يعني نبي پئي موڪليا آهن. اهي اوهان کي منهنجو
پيغام پهچائيندا رهيا آهن تہ 'اوهان مان هر ڪو پنهنجي بڇڙي واٽ
کان باز اچي ۽ پنهنجا عمل سڌاري ۽ غير معبودن جي ڪڏ لڳي
انهن جي پوڄا نہ ڪري. تڏهن ئي اوهين انهيءَ ملڪ ۾ هميشہ
رهندا جيڪو مون اوهان کي ۽ اوهان جي ابن ڏاڏن کي ڏنو آهي.'
پر اوهان مون ڏانهن ڪو ڌيان نہ ڏنو، نہ وري اوهان منهنجي ڪا
ٻڌي. 16 يهوناداب ولد ريڪاب جي اولاد پنهنجي وڏي جو ڏنل حڪم
بجا آندو، پر اوهان منهنجي حڪم کي رد ڪري ڇڏيو. 17 تنهنڪري
ياد رکو، آءٌ قادرِمطلق خداوند، بني اسرائيل جو خدا چوان ٿو تہ آءٌ
يروشلم بلڪ سڄي يهوداہ جي ماڻهن تي اُهي سڀ مصيبتون آڻڻ
وارو آهيان جن جي آڻڻ بابت آءٌ اڳي ئي ٻڌائي چڪو آهيان. مون
اوهان سان ڳالهايو پر اوهان نہ ٻڌو. مون اوهان کي سڏيو پر اوهان
جواب نہ ڏنو."
18 پوءِ مون قادرِمطلق خداوند، بني اسرائيل جي خدا جو هي پيغام
ريڪابي گهراڻي کي ڏنو تہ "جيئن تہ اوهان پنهنجي وڏي يهوناداب
جو حڪم پوريءَ طرح مڃيو آهي ۽ سندس سڀني نصيحتن تي عمل
ڪيو اٿوَ، 19 تنهنڪري آءٌ قادرِمطلق خداوند، بني اسرائيل جو خدا
چوان ٿو تہ يهوناداب ولد ريڪاب جي گهراڻي ۾ ڪڏهن بہ اهڙي
ماڻهوءَ جي کوٽ نہ ٿيندي جيڪو منهنجو خدمتگار ٿي رهي."

## باروڪ جو هيڪل ۾ ڪلام پڙهڻ

36 1 يهوداہ جي بادشاهہ يهويقيم ولد يوسياہ جي بادشاهيءَ
جي چوٿين سال خداوند وٽان مون يرمياہ تي هي ڪلام نازل
ٿيو تہ 2 "تون ڇمڙي جو هڪڙو ويڙهوٽو ڪڻ ۽ ان تي اهي سڀ
ڳالهيون لک، جيڪي مون تو سان يوسياہ جي بادشاهيءَ کان وٺي
اڄ تائين اسرائيل ۽ يهوداہ وارن ۽ ٻين سڀني قومن متعلق ڪيون
آهن. 3 ٿي سگهي ٿو جڏهن يهوداہ وارا ان ساريءَ مصيبت بابت
ٻڌن جيڪا آءٌ مٿن آڻڻ جو ارادو رکان ٿو، تڏهن اهي سڀيئي پنهنجي
بڇڙين واٽن کان مڙي پون. پوءِ آءٌ انهن جي بڇڙائي ۽ گناهہ معاف
ڪري ڇڏيندس."
4 سو مون باروڪ ولد نيرياہ کي سڏايو ۽ اهي سڀ ڳالهيون باروڪ
کي چوندو ويس جيڪي خداوند مون کي فرمايون هيون. باروڪ انهن
کي ڇمڙي جي ويڙهوٽي تي لکندو ويو. 5 پوءِ مون باروڪ کي هدايت
ڪئي تہ "جيئن تہ مون کي منع ڪئي وئي آهي، سو آءٌ خداوند جي
گهر ۾ نہ ٿو وڃي سگهان، 6 تنهنڪري خداوند جون ڳالهيون جيڪي
مون تو کي لکرايون آهن سي تون خداوند جي هيڪل ۾ وڃي روزي
واري ڏينهن ماڻهن کي اهڙيءَ طرح پڙهي ٻڌاءِ، جو خداوند جي گهر
۾ موجود مقامي ماڻهو توڙي يهوداہ جي مختلف شهرن کان آيل
ماڻهو بہ چڱيءَ طرح ٻڌي سگهن. 7 ٿي سگهي ٿو تہ هو خداوند
اڳيان آزي نيزاري ڪن ۽ انهن مان هر ڪو پنهنجي غلط رستي کان
باز اچي وڃي، ڇاڪاڻ تہ جيڪا ڪاوڙ ۽ جيڪو غضب خداوند انهيءَ
قوم خلاف ظاهر ڪيو آهي سو تمام شديد آهي."
8 باروڪ ائين ئي ڪيو جيئن مون کيس چيو هو. هو خداوند
جون ڳالهيون پڙهي ٻڌائڻ لاءِ ڇمڙي جو اهو ويڙهوٽو کڻي هيڪل
ڏانهن روانو ٿيو. 9 اهو يهوداہ جي بادشاهہ يهويقيم ولد يوسياہ جي
بادشاهيءَ جي پنجين سال جو نائون مهينو هو، جڏهن يروشلم جي
سڀني ماڻهن توڙي يهوداہ جي ٻين شهرن کان يروشلم ۾ آيل سڀني
ماڻهن خداوند جي راضپي حاصل ڪرڻ لاءِ روزو رکيو. 10 تڏهن
باروڪ هيڪل جي "نئون دروازو" نالي در جي لنگهہ وٽ بالا اڱڻ
۾ شاهي محرر سافن جي پٽ گمرياہ جي ڪمري مان سڀني ماڻهن
کي ڇمڙي جي ويڙهوٽي مان خداوند جون مون کي ٻڌايل ڳالهيون
پڙهي ٻڌايون.

*ارامين: ان دور ۾ انهن جو علائقو موجوده شام ملڪ جي ڪجهہ حصي تي مشتمل هو.

1:36 2.با 1:24، 2.توا 5:36–7، دان 1:1–2

## باروڪ جو عملدارن آڏو ڪلام پڙهڻ

11 جڏهن ميڪاياه ولد گمرياه ولد سافن چمڙي جي انهيءَ ويڙهوٽي
مان خداوند جون سڀ ڳالهيون ٻڌيون، 12 تڏهن هو لهي شاهي محل
۾ شاهي محرر اليسمع جي ڪمري ۾ ويو، جتي شاهي محرر سان
گڏ گهڻا عملدار گڏجاڻي ڪري رهيا هئا. انهن ۾ دلاياه ولد سمعياه،
الناتن ولد عڪبور، گمرياه ولد سافن، صدقياه ولد حننياه ۽ ٻيا
عملدار شامل هئا. 13 جڏهن ميڪاياه اهي سڀ ڳالهيون هنن کي
ٻڌايون جيڪي هن باروڪ کان ماڻهن کي پڙهي ٻڌائيندي ٻڌيون هيون،
14 تڏهن سڀني عملدارن يهودي ولد نتنياه ولد سلمياه ولد ڪوشيءَ
هٿان باروڪ ڏانهن چوائي موڪليو ته ”چمڙي وارو اهو ويڙهوٽو
جنهن مان تو ماڻهن کي پڙهي ٻڌايو آهي سو پاڻ سان کڻي اچ.“ سو
باروڪ اهو ويڙهوٽو پنهنجي هٿ ۾ کڻي هنن وٽ آيو. 15 هنن کيس
چيو ته ”مهرباني ڪري ويهي اسان کي اهو پڙهي ٻڌاءِ.“ سو باروڪ
اهو کين پڙهي ٻڌايو.
16 جڏهن هنن اهي سڀ ڳالهيون ٻڌيون تڏهن خوف وچان هڪ ٻئي
ڏانهن نهارڻ لڳا ۽ باروڪ کي چوڻ لڳا ته ”اسين هي سڀ ڳالهيون
ضرور بادشاهه کي ٻڌائينداسين.“ 17 پوءِ هنن باروڪ کان پڇيو ته
”ٻڌاءِ ته اهي سڀ ڳالهيون تو ڪيئن لکيون؟ ڇا يرمياه تو کي
لکرايون؟“ 18 باروڪ کين وراڻيو ته ”هائو، هن مون کي لکرايون ۽
مون اهي مس سان چمڙي جي ويڙهوٽي تي لکيون.“ 19 پوءِ عملدارن
باروڪ کي چيو ته ”تون ۽ يرمياه وڃي لڪو ۽ ڪنهن کي به خبر نه
پوي ته اوهين ڪٿي آهيو.“

## يهويقيم جو چمڙي جو ويڙهوٽو ساڙڻ

20 پوءِ انهن عملدارن چمڙي جو اهو ويڙهوٽو شاهي محرر اليسمع
جي ڪوٺيءَ ۾ رکي ڇڏيو ۽ پاڻ بادشاهه وٽ دربار ۾ آيا ۽ کيس
اهي ڳالهيون ٻڌايائون. 21 تڏهن بادشاهه يهودي نالي انهيءَ ماڻهوءَ
کي موڪليو ته وڃي چمڙي جو اهو ويڙهوٽو کڻي اچي. يهودي وڃي
شاهي محرر اليسمع جي ڪوٺيءَ مان اهو کڻي آيو ۽ بادشاهه ۽
ان جي پر ۾ بيٺل عملدارن کي اهو پڙهي ٻڌايائين. 22 جيئن ته اها
سياري جي موسم هئي، سو بادشاهه پنهنجي محل جي سياري واري
رهائش‌گاهه جي درٻار ۾ ويٺو هو ۽ سندس اڳيان مچ پئي ٻريو.
23 جڏهن يهوديءَ ويڙهوٽي مان ٽي يا چار صفحا پڙهيا ته بادشاهه
نندي ڇري کڻي اهي صفحا ڪٽي مچ ۾ اڇلائي ڇڏيا، ائين جيڪي
صفحا هو پڙهندو ويو بادشاهه انهن کي ڪٽي باهه ۾ اڇلائيندو ويو،
ايستائين جو سڄو ويڙهوٽو سڙي رک ٿي ويو. 24 پر بادشاهه توڙي
ان جي عملدارن کي خداوند جون اهي ڳالهيون ٻڌي نه ڪو خوف
ٿيو، نه ئي وري ڪو ڏک جو اظهار ڪيائون. 25 البت الناتن، دلاياه
۽ گمرياه نالي عملدارن بادشاهه کي منٿ ڪئي ته ويڙهوٽي کي نه
ساڙيو وڃي، پر هن سندن هڪ به نه ٻڌي. 26 اٽلندو بادشاهه پنهنجي
شهزادي يرحمئيل ۽ شراياه ولد عزري ايل ۽ سلمياه ولد عبدي ايل
نالي عملدارن کي حڪم ڏنو ته ”وڃو، باروڪ ڪاتب ۽ يرمياه کي
گرفتار ڪري اچو.“ پر خداوند اسان کي لڪائي ڇڏيو هو.

## يرمياه جو ٻيهر ويڙهوٽو لکرائڻ

27 جڏهن بادشاهه اُهو ويڙهوٽو ساڙي ڇڏيو جنهن تي اهي ڳالهيون
لکيل هيون جيڪي مون يرمياه باروڪ کان لکرايون هيون، تڏهن مون
تي خداوند جو ڪلام نازل ٿيو ته 28 ”تون چمڙي جو ٻيو ويڙهوٽو
کڻ ۽ انهيءَ ۾ ان پهرين ويڙهوٽيءَ واريون سڀيئي ڳالهيون لکراءِ،
جيڪو ويڙهوٽو يهوداه جي بادشاهه يهويقيم ساڙي ڇڏيو آهي. 29 ٻيو
ته بادشاهه يهويقيم کي منهنجو هي فرمان ٻڌاءِ ته ’چمڙي جو اهو
ويڙهوٽو ساڙڻ جي تو کي ڪيئن جرئت ٿي ۽ تو يرمياه جي لکت کي
ڇو رد ڪيو، جنهن ۾ لکيل هو ته بابل جو بادشاهه ضرور اچي هن
ملڪ کي ناس ڪندو ۽ اتي جي ماڻهن توڙي جانورن کي نيست وَ
نابود ڪري ڇڏيندو؟ 30 تنهنڪري هاڻي، آءٌ خداوند تو يهوداه جي
بادشاهه يهويقيم بابت چوان ٿو ته دائود جي تخت تي ويهڻ لاءِ
تو وٽ ڪوبه ڪونه رهندو. تنهنجو لاش ٻاهر ڪڍي اڇلايو ويندو،
جيڪو ڏينهن جو اُس ۾ ته رات جو پاري ۾ پيو هوندو. 31 آءٌ تو کي،
تنهنجي اولاد کي ۽ تنهنجي عملدارن کي اوهان جي ڪيل بدڪاريءَ
جي سزا ڏيندس. آءٌ اوهان تي، يروشلم جي رهاڪن تي، بلڪ سڄي
يهوداه جي ماڻهن تي هر اها مصيبت آڻيندس جنهن جي آڻڻ بابت
مون اڳ ۾ ئي ٻڌائي ڇڏيو آهي، ڇاڪاڻ‌ته اوهان مان ڪنهن به
منهنجي نه ٻڌي آهي.‘“
32 تڏهن مون يرمياه ٻيو ويڙهوٽو کڻي باروڪ ولد نيرياه ڪاتب کي
ڏنو ۽ انهيءَ ۾ هن کان پهرين ويڙهوٽي واريون سڀ ڳالهيون لکرايم،
جيڪو ويڙهوٽو يهوداه جي بادشاهه يهويقيم باهه ۾ ساڙي ڇڏيو هو.
انهيءَ کان علاوه انهن جهڙيون ٻيون به گهڻيون ئي ڳالهيون ان ۾
شامل ڪيون ويون.

## صدقياه جو دعا لاءِ يرمياه کي عرض

37 1 بابل جي بادشاهه نبوڪدنضر صدقياه ولد يوسياه کي
يهوداه جو بادشاهه مقرر ڪيو، جيڪو يهوياڪين ولد
يهويقيم جي جاءِ تي بادشاهي ڪرڻ لڳو. 2 هاڻ نه صدقياه، نڪي
سندس عملدارن ۽ نه وري سندس عوام ئي انهن ڳالهين ڏانهن ڪو
ڌيان ڏنو، جيڪي منهنجي معرفت خداوند فرمايون هيون.
3 تنهن هوندي به صدقياه بادشاهه يهوڪل ولد سلمياه ۽ ڪاهن
صفنياه ولد معسياه جي معرفت مون ڏانهن هي پيغام موڪليو ته

1:37 2.با 17:24، 2.توا 10:36

”اسان جي قوم لاءِ خداوند اسان جي خدا کان دعا گهر.“ 4 ان وقت
تائين آءٌ آزاديءَ سان ماڻهن منجهه ايندو ويندو هوس، ڇاڪاڻ‌ته اجا
مون کي قيد نہ ڪيو ويو هو. 5 فرعون جو لشڪر مصر مان نڪري
چڪو هو، سو يروشلم کي گهيري هيٺ رکيو ويٺل بابلين جڏهن اها
ڳالهہ ٻڌي، تڏهن هو يروشلم کي ڇڏي هليا ويا.
6 تڏهن مون تي خداوند جو ڪلام نازل ٿيو 7 ۽ جن کي صدقياه
بادشاهہ خدا کان دعا گهرڻ لاءِ مون ڏانهن موڪليو هو، تن جي
معرفت مون صدقياه بادشاهہ کي خداوند، بني اسرائيل جي خدا جو
هي فرمان چوائي موڪليو تہ ”فرعون جو لشڪر جيڪو تنهنجي مدد
لاءِ نڪتو آهي سو موٽي پنهنجي ملڪ مصر ڏانهن هليو ويندو. 8 پوءِ
بابلي واپس اچي هن شهر يروشلم تي ڪاهہ ڪندا. هو انهيءَ تي
قبضو ڪري ان کي ساڙي ڇڏيندا.
9 آءٌ خداوند اوهان کي آگاهہ ٿو ڪريان تہ اوهين هي سوچيندي پاڻ
کي نہ ٺڳيو تہ ’هاڻي بابلي يقيناً اسان تي موٽي ڪاهہ نہ ڪندا.‘
پر اهي ضرور موٽي ايندا. 10 پوءِ بابلين جو لشڪر جيڪو اوهان تي
حملو ڪري ايندو، تنهن کي جيڪڏهن اوهين شڪست بہ ڪٽي ڏيو
۽ سندن خيمي‌گاهہ ۾ رڳو زخمي ئي وڃي بچن، تہ بہ اهي ٻاهر
نڪري هن شهر کي ضرور ساڙي ڇڏيندا.“

## يرمياه جو قيد ٿيڻ

11 جڏهن فرعون جي لشڪر جي ڊپ کان بابلين جو لشڪر يروشلم
ڇڏي پڇي هليو ويو، 12 تڏهن آءٌ يروشلم مان نڪري بنيامين جي
علائقي ۾ وڃڻ وارو هوس، انهيءَ لاءِ تہ اتي مائٽن وٽ جيڪو
منهنجي ملڪيت جو حصو هو سو انهن کان وٺان، 13 پر جڏهن آءٌ اجا
يروشلم شهر جي بنيامين دروازي وٽ مس پهتس، تڏهن ارياه ولد
سلمياه ولد حننياه نالي پهريدارن جي سالار مون کي روڪي ورتو ۽
چيائين تہ ”تون غداري ڪري بابلين ڏانهن ڀڄو ٿو وڃين!“
14 مون وراڻيو تہ ”اهو ڪوڙ آهي، آءٌ بابلين ڏانهن ڀڄو ڪونہ ٿو
وڃان.“ پر ارياه منهنجي هڪ بہ نہ ٻڌي، اٽلندو مون کي گرفتار
ڪري عملدارن وٽ پيش ڪيائين. 15 هو مون تي ڏاڍا ڪاوڙيا ۽ مون
کي ڇهبڪ هڻائي شاهي محرر يونتن جي گهر ۾ ڪٽي قيد ڪيائون.
ان وقت يونتن جو گهر قيدخاني ۾ تبديل ڪيو ويو هو. 16 سو مون کي
ان قيدخاني جي تهہ‌خاني ۾ رکيو ويو، جتي آءٌ گهڻو عرصو رهيس.
17 پوءِ بادشاهہ صدقياه مون کي پنهنجي محل ۾ گهرائي ورتو
جتي ڳجهيءَ طرح مون کان پڇيائين تہ ”خداوند وٽان ڪو پيغام آيو
آهي يا نہ؟“ مون وراڻيو تہ ”هائو، تون بابل جي بادشاهہ جي هٿ
۾ ڏنو ويندين.“ 18 پوءِ مون بادشاهہ صدقياه کان پڇيو تہ ”مون
تنهنجو يا تنهنجي عملدارن جو يا تنهنجي رعيت جو ڪهڙو گناهہ
ڪيو آهي جو تو مون کي قيد ۾ وڌو آهي؟ 19 تون پنهنجي انهن نبي
سڏائيندڙن کي تہ ڪا سزا نہ ٿو ڏين، جن ڪوڙي اڳڪٿي ڪري تو
کي چيو هو تہ ’بابل جو بادشاهہ تو تي يا هن ملڪ تي ڪاهي نہ
ايندو.‘ 20 پر هاڻي، اي بادشاهہ سلامت! منهنجي ڳالهہ تي ڪجهہ
ڌيان ڏيو، منهنجو هي عرض قبول ڪريو جو مون کي موٽائي شاهي
محرر يونتن جي گهر نہ موڪليو، نہ تہ آءٌ اتي مري ويندس.“
21 تڏهن صدقياه بادشاهہ حڪم جاري ڪيو تہ مون کي محل جي
اڱڻ واري ڪمري ۾ قيد ڪيو وڃي ۽ روزانو نانوائين جي بازار مان
مون کي ماني ڏني وڃي. پوءِ جيستائين شهر مان ماني بلڪل کپي
نہ ويئي، تيستائين آءٌ محل جي اڱڻ واري ڪمري ۾ قيد ٿيل هوس.

## يرمياه جو کوهہ ۾ اڇلائجڻ

38 1 صدقياه بادشاهہ جي عملدارن سفطياه ولد متان، گدلياه
ولد فشحور، يهوڪل ولد سلمياه ۽ فشحور ولد ملڪياه اهي
ڳالهيون ٻڌيون، جيڪي مون سڀني ماڻهن کي پئي ٻڌايون. 2 مون
خداوند جو هي فرمان پئي ٻڌايو تہ ”جيڪو بہ هن شهر يروشلم
۾ ترسندو سو جنگ، ڏڪار ۽ وبا سان مري ويندو، پر جيڪو هتان
نڪري بابلين ڏانهن هليو ويندو سو بچي ويندو، اهڙيءَ طرح سندس
جان تہ بچي پوندي.“ 3 خداوند جا هي لفظ بہ مون ٻڌايا پئي تہ
”هي شهر ضرور بابل جي بادشاهہ جي لشڪر جي هٿ ۾ ڏنو ويندو
۽ اهو مٿس قبضو ڪري وٺندو.“
4 تڏهن انهن عملدارن بادشاهہ کي چيو تہ ”هن ماڻهوءَ کي ماري
ڇڏڻ گهرجي، ڇالاءِجو هو پنهنجي ڳالهين سان انهن سپاهين کي
بي‌همت ٿو ڪري جيڪي هن شهر ۾ باقي وڃي بچيا آهن، بلڪ سڄي
قوم کي پڻ. هي ماڻهو هن قوم جي خيرخواهي نہ پر بدخواهي ٿو
چاهي.“ 5 تنهن تي صدقياه بادشاهہ کين وراڻيو تہ ”هو اوهان جي
حوالي آهي، آءٌ اوهان جي راءِ جي مخالفت ڪري نہ ٿو سگهان.“
6 سو هنن مون کي شهزادي ملڪياه جي اونهي کوهہ ۾ وڌو، جيڪو
محل واري اڱڻ ۾ هو. مون کي رسن جي ذريعي کوهہ ۾ هيٺ لاٿو
ويو. کوهہ ۾ پاڻي ڪونہ هو، رڳو گپ هئي، جنهن ۾ آءٌ گپجي پيس.
7 عبدملڪ سوڊاني، جيڪو بادشاهہ جي محل ۾ ملازم هو، تنهن
جڏهن ٻڌو تہ مون کي کوهہ ۾ اڇلايو ويو آهي، انهيءَ وقت بادشاهہ
شهر جي بنيامين دروازي وٽ درٻار لڳايو ويٺو هو. 8 تڏهن عبدملڪ
محل مان نڪري وڃي بادشاهہ کي عرض ڪيو تہ 9 ”اي منهنجا آقا
بادشاهہ! هنن ماڻهن يرمياه نبيءَ سان ڏاڍي خراب هلت ڪئي آهي.
هن کي کوهہ ۾ ڪٽي اڇلايو اٿن، جتي هو بک وگهي مري ويندو،
ڇالاءِجو شهر ۾ ڪو کاڌو نہ آهي.“ 10 تڏهن عبدملڪ کي بادشاهہ
حڪم ڏنو تہ ”تون هتان پاڻ سان ٽي ماڻهو وٺي وڃ ۽ يرمياه نبيءَ
کي مرڻ کان اڳ ۾ ئي کوهہ مان ٻاهر ڪڍي وٺ.“
11 سو عبدملڪ سوڊاني پاڻ سان ماڻهو وٺي بادشاهہ جي محل
۾ خزاني واري ڪمري جي هيٺان ويو. اتان هن پراڻا ڦاٽل ڪپڙا ۽
پراڻيون اڳريون ڪڍيون ۽ اهي رسن ذريعي هيٺ لاهي مون کي ڏنائين.
12 عبدملڪ مون کي چيو تہ ”اهي پراڻيون اڳريون ۽ ڦاٽل ڪپڙا رسن
۽ پنهنجي بغلن جي وچ ۾ رک.“ مون ائين ئي ڪيو. 13 اهڙيءَ طرح

هنن مون کي رسن سان مٿي ڪنيو ۽ کوهه مان ڪڍي ٻاهر آنديائون.
پوءِ مون کي وري محل جي اڱڻ واري ڪمري ۾ رکيو ويو.

## يرمياه نبيءَ کان پيهر پڇا ڳاڇا

14 پوءِ صدقياه بادشاهه ماڻهو موڪلي مون يرمياه کي خداوند
جي گهر جي ٽئين دروازي وٽ پاڻ وٽ گهرايو. بادشاهه مون کي
چيو تہ ”آءٌ تو کان هڪڙي ڳالهه پڇان ٿو، مون کان ڪجهه بہ نہ
لڪائجانءِ.“ 15 تڏهن مون صدقياه کي چيو تہ ”جيڪڏهن آءٌ تو کي
صحيح جواب ڏيان تہ تون مون کي مارائي تہ نہ ڇڏيندين؟ ڇالاءِجو
جيتوڻيڪ آءٌ تو کي چڱي صلاح ڏيندس، تہ بہ تون منهنجي نہ
ٻڌندين.“ 16 پر صدقياه بادشاهه ٻين کان لڪ ۾ مون سان هي قسم
کنيو تہ ”جيئري خداوند جو قسم آهي، جنهن اسان ۾ ساهه وڌو
آهي تہ نڪي آءٌ تو کي مارائيندس ۽ نہ وري آءٌ تو کي انهن جي
حوالي ڪندس جيڪي تنهنجي حياتيءَ جي پٺيان آهن.“
17 تڏهن مون صدقياه کي چيو تہ ”قادرِمطلق خداوند، بني اسرائيل
جو خدا فرمائي ٿو تہ ’جيڪڏهن تون بابل جي بادشاهه جي سالارن
اڳيان آڻ مڃيندين تہ پوءِ تو کي جيئدان ملندو ۽ تون ۽ تنهنجو
خاندان جيئرا رهندءُ. تڏهن هن شهر کي بہ نہ ساڙيو ويندو. 18 پر
جيڪڏهن تون بابل جي بادشاهه جي سالارن اڳيان آڻ نہ مڃيندين،
تہ پوءِ جڏهن بابلي هن شهر تي قبضو ڪري وٺندا تڏهن انهيءَ کي
ساڙي ڇڏيندا ۽ تون بہ انهن جي هٿان بچي نہ سگهندين.‘“
19 بادشاهه صدقياه مون کي چيو تہ ”آءٌ انهن يهوداه وارن کان
ڊڄان ٿو، جيڪي غداري ڪري بابلين سان وڃي مليا آهن، ڇاڪاڻتہ
ٿي سگهي ٿو تہ بابلي مون کي انهن جي حوالي ڪن ۽ اهي مون
سان خراب هلت هلن.“ 20 تنهن تي مون کيس وراڻيو تہ ”هو تو کي
انهن جي حوالي نہ ڪندا. تون خداوند جو هي حڪم مڃ، جيڪو
آءٌ تو کي ٻڌايان ٿو. پوءِ تنهنجو ڀلو ٿيندو ۽ تو کي جيئدان ملندو.
21 پر جيڪڏهن تون بابلين جي آڏو آڻ مڃڻ کان انڪار ڪندين تہ پوءِ
ٻڌ، خداوند مون تي ظاهر ڪيو آهي تہ 22 جيڪي عورتون تو يهوداه
جي بادشاهه جي محل ۾ بچيل آهن سي سڀ بابل جي بادشاهه جي
سالارن جي حوالي ڪيون وينديون. انهيءَ وقت اهي عورتون تو تي
ٺٺوليون ڪري چونديون وينديون تہ

’تنهنجي خيرخواهن کان تو کي دوکو مليو،
هو تو تي غلبو حاصل ڪري وٺندا هئا.
سو هاڻي جڏهن تنهنجا پير گپ ۾ گهچي ويا آهن،
تڏهن اهي تو کي ڇڏي پڇي ويا آهن.‘

23 پوءِ تنهنجون سڀ زالون ۽ ٻار بابلين وٽ آندا ويندا. تون پاڻ بہ
انهن کان بچي ڪين نڪرندين ۽ هي شهر ساڙيو ويندو.“

24 تڏهن صدقياه مون کي چيو تہ ”هن گفتگوءَ متعلق ڪنهن کي
بہ خبر نہ پوي، نہ تہ ٿي سگهي ٿو جو تون ماريو وڃي. 25 جيڪڏهن
عملدارن کي معلوم ٿي ويو تہ مون تو سان ڪا ڳالهہ ٻولهہ ڪئي
آهي، تہ پوءِ اهي تو وٽ اچي تو کان پڇندا تہ ’اسان کي ٻڌاءِ تہ تو
بادشاهه کي ڇا چيو آهي ۽ بادشاهه تو کي ڇا چيو آهي. تون اسان
کان ڪجهہ بہ نہ لڪاءِ، نہ تہ اسين تو کي ماري ڇڏينداسين.‘
26 تڏهن تون کين ٻڌائج تہ ’مون بادشاهه کي منٿ ميڙ پيئي ڪئي تہ
مون کي يونتن جي گهر واري قيدخاني ۾ واپس نہ موڪليو وڃي،
جو آءٌ اتي مري ويندس.‘“
27 سو جڏهن سمورا عملدار واقعي مون وٽ آيا ۽ مون کان پڇا
ڳاڇا ڪيائون، تڏهن مون کين اهو سڀ ڪجهہ ٻڌايو، جيڪو بادشاهه
مون کي ٻڌائڻ جو حڪم ڏنو هو. سو هنن مون کي وڌيڪ ڪي بہ
ڪين چيو، ڇوتہ بادشاهه سان ٿيل منهنجو گفتگو ڪنهن بہ نہ ٻڌو
هو.
28 اهڙيءَ طرح آءٌ ان ڏينهن تائين شاهي محل جي اڱڻ واري ڪمري
۾ قيد رهيس، جيستائين يروشلم تي ٻين جو قبضو ٿي ويو.

## يروشلم جو زوال

(2.بادشاهه 25:1–7)

39 1 يروشلم تي هيئن قبضو ٿيو جو يهوداه جي بادشاهه
صدقياه جي بادشاهيءَ جي نائين سال جي ڏهين مهيني ۾،
بابل جو بادشاهه نبوڪدنضر پنهنجو سڄو لشڪر ساڻ ڪري يروشلم
تي ڪاهي آيو ۽ ان کي گهيرو ڪري ويهي رهيو. 2 هنن صدقياه
جي بادشاهيءَ جي يارهين سال، چوٿين مهيني جي نائين تاريخ تي
شهر جي ڀت ڀڃي وڌي. 3 تڏهن بابل جي بادشاهه جا سڀ علمدار
جن ۾ نيرگلسراضر، سمگرنبو، سرسڪيم، ٻيو نيرگلسراضر نالي
اعليٰ عملدار پڻ شامل هئا، سي اندر لنگهي آيا ۽ شهر جي وچين
دروازي وٽ انتظام سنڀالي ويهي رهيا.
4 جڏهن يهوداه جي بادشاهه صدقياه ۽ سڄي لشڪر بابلين کي
شهر اندر گهڙندي ڏٺو تڏهن وٺي ڀڳا. هو رات جي وگڙي ۾ بادشاهه
جي باغ واري رستي کان ٻن ڀتين جي وچ واري دروازي مان ٻاهر
نڪري شهر ڇڏي هليا ويا ۽ اردن ماٿري ڏانهن ڪٽي رخ رکيائون. 5 پر
بابلي لشڪر هنن جي پٺيان پيو ۽ يريحو جي بيابان ۾ صدقياه کي وڃي
پهتو. هو صدقياه کي پڪڙي حمات جي علائقي ۾ ربلہ شهر منجهہ
بابل جي بادشاهه نبوڪدنضر وٽ وٺي آيا، جتي هن صدقياه لاءِ سزا
جو اعلان ڪيو. 6 تڏهن اتي ربلہ شهر ۾ صدقياه جي پٽن کي بابل
جي بادشاهه سندس اکين اڳيان قتل ڪرائي ڇڏيو ۽ يهوداه جا سڀ
امير بہ مارائي ڇڏيائين. 7 پوءِ هن صدقياه جون اکيون ڪڍائي کيس
زنجيرن ۾ بند ڪرايو تہ جيئن کيس بابل ڏانهن نيو وڃي.

---

28:38 حز 21:33

8 بابلين عام ماڻهن جي گهرن سان گڏ بادشاهہ جي محل کي بہ
باهہ ڏيئي ساڙي ڇڏيو ۽ يروشلم جون ڀتيون ڀڃي ڇڏيائون. 9 شهر
۾ جيڪي ماڻهو باقي بچيا هئا ۽ جيڪي اڳي پڇي بابلين سان وڃي
مليا هئا، تن سڀني کي بابل جي شاهي محافظن جو سالار نبوزرادان
قيد ڪري بابل ڏي وٺي ويو. 10 پر يهوداہ جا ڪجهہ غريب ماڻهو،
جن کي ڪابہ ملڪيت ڪانہ هئي، تن کي هن اتي ئي ڇڏي ڏنو ۽
انهيءَ کان علاوه کين انگورن جا باغ ۽ ٻنيون بہ ڏنائين.

## يرمياه نبيءَ جو قيد مان آزاد ٿيڻ

11 ان وقت بابل جي بادشاهہ نبوڪدنضر شاهي محافظن جي سالار
نبوزرادان کي هي حڪم ڏنو تہ 12 "تون يرمياه کي قيد مان ڪڍي
وڃي سندس سنڀال ڪر، ڪيس ڪوبہ ايذاءُ نہ رسائج. هو تو کي
جيڪي چوي سو سندس لاءِ ڪج." 13 سو نبوزرادان، نبوشزبان، ٻيو
نيرگل‌سراضر ۽ بابل جي بادشاهہ جي ٻين اعليٰ علمدارن پنهنجا
ڪي ماڻهو موڪلي 14 مون کي شاهي محل جي اڱڻ واري ڪمري
مان گهرائي گدلياہ ولد اخيقام ولد سافن جي حوالي ڪيو ۽ ڪيس
حڪم ڪيائون تہ "يرمياه کي موٽائي سندس گهر ڇڏي اچ." اهڙيءَ
طرح آءٌ پنهنجي قوم وارن سان گڏ رهڻ لڳس.

## عبدملڪ لاءِ خدا جو واعدو

15 جڏهن آءٌ شاهي محل جي اڱڻ واري ڪمري ۾ قيد هوس، تڏهن
مون تي خداوند جو ڪلام نازل ٿيو تہ 16 "اي يرمياه! تون وڃي
عبدملڪ سوڊانيءَ کي مون قادرِمطلق خداوند، بني اسرائيل جي خدا
جو هي فرمان ٻڌاءِ تہ 'آءٌ پنهنجون چڱائيءَ واريون ڳالهيون نہ، بلڪ
اڳ مقرر ڪيل مصيبت واريون ڳالهيون هن شهر تي آڻي پوريون ڪرڻ
وارو آهيان. هائو، اهي مقرر ڏينهن تي تنهنجي اکين اڳيان پوريون
ٿينديون. 17 پر انهيءَ ڏينهن آءٌ تو کي ڇڏائيندس ۽ جن ماڻهن کان
تون ڊڄين ٿو، تن جي هٿن ۾ وڃڻ کان تو کي بچائيندس. 18 هائو،
آءٌ تو کي محفوظ رکندس. سو تون قتل نہ ڪيو ويندين ۽ تنهنجي
جان بچي ويندي، ڇاڪاڻتہ تون مون تي ڀروسو رکندڙ آهين. اهو
مون خداوند جو فرمان آهي.'"

## يرمياه نبيءَ جو يهوداہ ۾ ئي رهڻ

40 1 جڏهن يروشلم بلڪ سڄي يهوداہ جي قيدين سان گڏ مون
يرمياه کي بہ زنجيرن ۾ ٻڌي اتان ڪان بابل ڏانهن جلاوطن
ڪري نيو پئي ويو، تڏهن شاهي محافظن جي سالار نبوزرادان مون
کي رامہ شهر ۾ ئي آزاد ڪرائي ڇڏيو. تڏهن مون تي خداوند جو
ڪلام نازل ٿيو. 2 آزاد ڪرڻ وقت محافظن جي سالار مون کي
سڏائي چيو هو تہ "هن ملڪ ۾ جيڪا آفت آئي آهي تنهن جو فرمان
خداوند تنهنجي خدا جاري ڪيو هو. 3 هاڻ خداوند اها آفت آڻي
پوري ڪئي آهي ۽ جيئن چيو هئائين تيئن ئي ڪيو اٿس. اهو سڀ
انهيءَ ڪري ٿيو آهي جو اوهان خداوند جو گناهہ ڪيو آهي ۽ ان جي
نافرماني ڪئي آهي. 4 پر اڄ آءٌ تو کي انهن زنجيرن مان آزاد ٿو
ڪريان جيڪي تنهنجي ٻانهن ۾ ٻڌل آهن. جيڪڏهن تون مون سان گڏ
بابل ملڪ ڏانهن هلڻ چاهين تہ ڀلي هل، آءٌ تنهنجي سنڀال ڪندس.
پر جيڪڏهن تون هلڻ نہ چاهين تہ پوءِ ڀلي نہ هل. ڏس، سڄو ملڪ
تنهنجي اڳيان آهي، جيڏانهن تو کي وڻي تيڏانهن هليو وڃ." 5 آءٌ
اڃا اتان روانو ئي نہ ٿيو هوس تہ نبوزرادان مون کي وڌيڪ چيو تہ
"چڱو تہ ائين آهي جو تون موٽي گدلياہ ولد اخيقام ولد سافن وٽ
وڃ، جنهن کي بابل جي بادشاهہ يهوداہ جي شهرن تي گورنر مقرر
ڪيو آهي. تون پنهنجي قوم منجهہ ئي وٽس وڃي رهہ، يا جتي تو
کي وڻي اتي وڃي رهہ."
پوءِ انهيءَ سالار مون کي کاڌو ۽ سوکڙيون ڏيئي روانو ڪيو.
6 سو آءٌ مصفاہ شهر ۾ گدلياہ ولد اخيقام وٽ آيس ۽ وٽس باقي
بچيل ماڻهن منجهہ رهڻ لڳس.

## گدلياہ جو يهوداہ وارن کي پاڻ وٽ آباد ڪرڻ
(2.بادشاهہ 25:22–24)

7 يهوداہ جي لشڪر جي سالارن ۽ يهوداہ جي انهن ماڻهن جيڪي
اڃا ٻاهر وڙهي رهيا هئا، تن جڏهن ٻڌو تہ گدلياہ ولد اخيقام کي بابل
جي بادشاهہ يهوداہ ملڪ جو گورنر مقرر ڪيو آهي ۽ ان کي ملڪ
جي بچيل سڀني ماڻهن، يعني اهي غريب ماڻهو جيڪي قيدي بڻائي
بابل ڏانهن نہ موڪليا ويا هئا، تن جو نگران بڻايو اٿائين، 8 تڏهن
اهي مصفاہ شهر ۾ گدلياہ وٽ آيا. جيڪي آيا سي هي هئا: اسماعيل
ولد نتنياہ، قريح جا پٽ يوحنان ۽ يونتن، سراياہ ولد تنحومت، عيفي
نطوفاتيءَ جو اولاد ۽ معڪاتيءَ جو پٽ يازنياہ. اهي سڀ پنهنجن
ماڻهن سميت وٽس آيا. 9 تڏهن گورنر گدلياہ انهن سڀني ماڻهن سان
واعدو ڪندي کين چيو تہ "بابل جي بادشاهہ ۽ سندس لشڪر جي
تابعداري ڪرڻ کان نہ گهٻرايو. اهو اوهان لاءِ چڱو ٿيندو، اهڙيءَ
طرح اوهين پنهنجي ئي ملڪ ۾ آباد ٿي ويندا. 10 ڏسو، آءٌ پاڻ مصفاہ
شهر ۾ رهندس، انهيءَ لاءِ تہ جيڪي بابلي اسان وٽ اچن تن اڳيان
آءٌ اوهان جي نمائندگي ڪريان. پر اوهين مئي، اونهاري جا ميوا ۽
زيتون جو تيل ڪٺو ڪريو ۽ انهن جو پاڻ وٽ ذخيرو ڪريو ۽ انهن
ئي شهرن ۾ رهي پئو جيڪي اوهان هٿ ڪيا آهن."
11 ساڳيءَ طرح سڀيئي يهوداہ وارا جيڪي موآب، عمون، ادوم ۽
ٻين ملڪن ۾ هئا، تن جڏهن ٻڌو تہ بابل جو بادشاهہ ڪن ماڻهن کي
ڇڏي ويو آهي ۽ انهن تي گدلياہ ولد اخيقام ولد سافن کي گورنر
مقرر ڪيو اٿس، 12 تڏهن اهي جن هنڌن ڏانهن ڇڙوڇڙ ڪيا ويا هئا

---

40:7–9 2.با 25:22–24

اتان موٽي يهوداه ملڪ جي مصفاه شهر ۾ گدلياه وٽ آيا، جتي هنن
مئي ۽ اونهاري جا ميوا جهجهي مقدار ۾ گڏ ڪيا.
(13) ڪجهه ڏينهن بعد يوحنان ولد قريح ۽ يهوداه جي لشڪر جا
سڀ سالار جيڪي اڃا تائين ٻاهر وڙهي رهيا هئا، سي مصفاه ۾
گدلياه وٽ آيا. (14) هنن اچي کيس چيو ته ”ڇا اوهان کي خبر ناهي
ته اسماعيل ولد نتنياه نالي هڪ ماڻهوءَ کي بني عمون جي بادشاهه
بعليس اوهان کي قتل ڪرڻ لاءِ موڪليو آهي؟“ پر گدلياه کي انهن
جي ڳالهه تي يقين نه آيو. (15) تڏهن يوحنان گدلياه کي ڳجهه ڳوهه
۾ چيو ته ”مون کي اجازت ڏيو ته آءٌ اسماعيل ولد نتنياه کي قتل
ڪريان، انهيءَ ڳالهه جي ڪنهن کي به خبر نه پوندي. ڇالاءِجو آءٌ
نه ٿو چاهيان ته هو اوهان جي جان وٺي ۽ پوءِ جيڪي يهوداه وارا
اوهان وٽ اچي گڏ ٿيا آهن سي وري ڇڙوڇڙ ٿي وڃن ۽ يهوداه جا
باقي بچيل ماڻهو پڻ ناس ٿي وڃن.“ (16) پر گورنر گدلياه يوحنان کي
چيو ته ”اهڙو ڪم هرگز نه ڪجانءِ! ڇالاءِجو اسماعيل بابت جيڪي
ڪجهه تون چوين ٿو سو سچ ناهي.“

## گدلياه جو قتل ٿيڻ

(2.بادشاهه 25:25–26)

41 (1) پر انهيءَ سال جي ستين مهيني ۾ اسماعيل ولد نتنياه ولد
اليسمع جيڪو شاهي نسل جو هو ۽ بادشاهه جي عملدارن
مان هڪڙو هو، سو ڏهن ماڻهن سميت گدلياه ولد اخيقام وٽ مصفاه
شهر ۾ آيو. گدلياه جي دعوت تي جڏهن اهي سڀ ساڻس گڏ ماني
کائي رهيا هئا، (2) تڏهن اسماعيل پنهنجي ڏهن ئي ساٿين سميت
اٿي گدلياه کي تلوار جا وار ڪري ماري ڇڏيو، ڇالاءِجو اهو بابل
جي بادشاهه طرفان مٿن گورنر مقرر ڪيو ويو هو. (3) پوءِ اسماعيل
۽ سندس ساٿين اتي موجود بابلي سپاهين توڙي انهن سڀني يهوداه
وارن کي به قتل ڪري ڇڏيو، جيڪي گدلياه سان مصفاه شهر ۾ رهڻ
لڳا هئا.
(4) گدلياه جي قتل ٿي وڃڻ کان هڪ ڏينهن پوءِ جڏهن اڃا ڪنهن
کي انهيءَ ڳالهه جي خبر ئي نه هئي، (5) تڏهن سڪم، سيلا ۽
سامريه شهرن مان اسي ڄڻن جو هڪڙو ٽولو يروشلم وڃڻ لاءِ مصفاه
شهر وٽان لنگهي رهيو هو. هنن ڏک وچان پنهنجون ڏاڙهيون ڪوڙي
ڇڏيون هيون، ڪپڙا ڦاڙي ڇڏيا هئا ۽ پاڻ کي زخم رسايا هئائون.
هنن خداوند جي هيڪل ۾ نذر ڪرڻ لاءِ اناج جون قربانيون ۽ لوبان
پاڻ سان کنيا هئا. (6) انهيءَ وقت اسماعيل هنن سان ملڻ لاءِ مصفاه
شهر مان نڪري آيو ۽ هو به ڏک جو اظهار ڪندي ساري واٽ رئندو
آيو. جڏهن هو ساڻن مليو تڏهن کين چيائين ته ”مون سان گڏ هلي
گورنر گدلياه ولد اخيقام سان ملو.“ (7) پوءِ جيئن ئي اهي شهر جي
وچ ۾ اچي پهتا ته اسماعيل ۽ سندس ساٿين انهن کي قتل ڪري
هڪڙي کوهه ۾ اڇلائي ڇڏيو. (8) پر ڪين مارڻ وقت انهن مان ڏهن
ڄڻن اسماعيل کي منٿون ڪيون ته ”اسان کي نه مار! اسان وٽ
ڪڻڪ، جَوَ، زيتون جي تيل ۽ ماکي جو ذخيرو آهي جيڪي هڪ ٻنيءَ
۾ لڪائي رکيا اٿئون.“ تڏهن هن انهن ڏهن ئي ڄڻن کي ڇڏي ڏنو
۽ کين قتل نه ڪيائين. (9) اهو کوهه جنهن ۾ اسماعيل انهن سڀني
ماڻهن جا لاش اڇلايا هئا سو ساڳيو وڏو کوهه هو جيڪو يهوداه
جي بادشاهه آسا اسرائيل جي بادشاهه بعشا جي گهيري جي ڊپ
کان کوٽرايو هو. اسماعيل ولد نتنياه ان کي لاشن سان پري ڇڏيو.
(10) تڏهن اتي جيڪي ماڻهو باقي بچيا هئا تن سڀني کي اسماعيل قيد
ڪري مصفاه مان وٺي ويو. قيد ٿي وڃڻ وارن ۾ يهوداه جي بادشاهه
صدقياه جون ڌيئر ۽ اتي رهندڙ اهي سڀ ماڻهو شامل هئا، جن مٿان
محافظن جي سالار نبوزرادان گدلياه ولد اخيقام کي گورنر مقرر ڪيو
هو. اسماعيل انهن کي وٺي بني عمون جي علائقي ڏانهن روانو ٿيو.
(11) هيڏانهن جڏهن يوحنان ولد قريح ۽ ساڻس گڏ لشڪر جي وڏن
سالارن اسماعيل ولد نتنياه جي ڪيل انهيءَ ساري شرارت بابت ٻڌو،
(12) تڏهن هو پنهنجا سمورا ماڻهو ساڻ ڪري اسماعيل سان وڙهڻ لاءِ
نڪتا. هو گبعون واري پهاڙي کوهه وٽ اچي کيس پهتا. (13) اسماعيل
جن ماڻهن کي قيد ڪري وٺي وڃي رهيو هو، تن سڀني جڏهن يوحنان
ولد قريح ۽ ساڻس گڏ لشڪر جي سالارن کي ڏٺو، تڏهن هو ڏاڍا
خوش ٿيا. (14) پوءِ هو اسماعيل وٽان ڀڄي يوحنان ولد قريح سان اچي
مليا. (15) جڏهن ته اسماعيل پاڻ به پنهنجي اٺن ساٿين سميت يوحنان
وٽان کسڪي نڪتو ۽ بني عمون جي علائقي ڏانهن ڀڄي ويو.

## مصر ڏانهن ڀاڄ

(16) پوءِ يوحنان ولد قريح ۽ ساڻس گڏ لشڪر جا سالار انهن ماڻهن
کي ساڻ ڪري هليا، جن کي گورنر گدلياه جي قتل ڪرڻ کان پوءِ
اسماعيل مصفاه مان قيد ڪري وٺي ٿي ويو، يعني اهي جنگي جوڌا،
عورتون، ٻار ۽ درٻاري عملدار. (17–18) جيئن ته يوحنان ۽ سندس لشڪر
وارا بابلين کان ڊنا ٿي، ڇاڪاڻ‌ته اسماعيل گدلياه ولد اخيقام کي قتل
ڪيو هو، جنهن کي بابل جي بادشاهه انهيءَ ملڪ تي گورنر مقرر
ڪيو هو، سو هو بابلين کان بچڻ لاءِ ماڻهن کي وٺي مصر ڏانهن
روانا ٿيا. واٽ تي اهي بيت‌لحم جي ويجهو گيروت‌ڪمهام ۾ ترسيا.
42 (1) تڏهن اتي لشڪر جا سڀ سالار ۽ يوحنان ولد قريح، عزرياه
ولد هوسعياه ۽ ٻيا سڀ ننڍا توڙي وڏا ماڻهو (2) مون يرمياه
وٽ آيا ۽ مون کي چيائون ته ”اسان جو عرض آهي ته اوهين مهرباني
ڪري خداوند خدا جنهن جا اوهين خاص ٻانها آهيو، تنهن کان هنن
باقي بچيلن لاءِ دعا گهرو. اوهين پاڻ ڏسو ٿا ته ڪڏهن ته اسين
گهڻا هئاسين پر هاڻ ٿورڙا وڃي بچيا آهيون. (3) سو اوهين دعا گهرو
ته خداوند خدا اسان جي رهنمائي ڪري ته اسين ڪيڏانهن وڃون

41:1–3 2.با 25:25

۽ ڇا ڪريون.“ 4 مون کين وراڻيو تہ ”مون اوهان جي ڳالهہ ٻڌي
آهي. آءٌ پڪ ئي پڪ خداوند اسان جي خدا کان دعا گهرندس، جيئن
اوهان عرض ڪيو آهي. آءٌ اوهان کي اهو سڀ ٻڌائيندس، جيڪي
خداوند اوهان بابت ٻڌائيندو. آءٌ اوهان کان ڪجهہ بہ نہ لڪائيندس.“
5 تڏهن هنن مون کي چيو تہ ”خداوند اسان جو خدا اوهان جي
معرفت جيڪو بہ حڪم اسان کي ڏيندو، جيڪڏهن اسين ان تي عمل
نہ ڪريون تہ پوءِ سچو ۽ وفا ڪندڙ خداوند شل اسان جي خلاف
ٿئي. 6 اهو اسان جي لاءِ ڀلو هجي يا برو، پر اسين خداوند اسان
جي خدا، جنهن کان دعا گهرڻ لاءِ اسين اوهان کي عرض ڪري رهيا
آهيون تنهن جي فرمانبرداري ڪنداسين، تانتہ جڏهن اسين خداوند
پنهنجي خدا جي تابعداري ڪريون تہ اسان جو ڀلو ٿئي.“

## مصر وڃڻ کان خداوند جي منع

7 ڏهن ڏينهن کان پوءِ مون تي خداوند جو ڪلام نازل ٿيو. 8 سو
مون يوحنان ولد قريح ۽ لشڪر جا جيڪي سالار ساڻس گڏ هئا تن
سيني کي ۽ ٻين ننڍن توڙي وڏن ماڻهن کي پاڻ وٽ سڏايو. 9 مون
کين چيو تہ ”خداوند، بني اسرائيل جو خدا، جنهن کان دعا گهرڻ
لاءِ اوهان مون کي عرض ڪيو هو، سو فرمائي ٿو تہ 10 ’جيڪڏهن
اوهين هن ملڪ يهوداہ ۾ ئي آباد رهندا تہ آءٌ اوهان کي اڏيندس،
ڊاهيندس نہ، آءٌ اوهان جا پير ڄمائيندس، اُکيڙيندس نہ، ڇاڪاڻتہ
جيڪا مصيبت مون اوهان تي آندي تنهن کان مون کي ڏک پهتو آهي.
11 جنهن بابل جي بادشاهہ کان اوهين ڊڄو ٿا تنهن کان هاڻ نہ ڊڄو.
ان کان ڪوبہ خوف نہ ڪريو، ڇوتہ آءٌ خداوند اوهان سان گڏ آهيان.
آءٌ اوهان کي بچائيندس ۽ هن جي هٿان ڇڏائيندس. 12 آءٌ اوهان تي
مهربان ٿيندس، تہ جيئن هو اوهان تي رحم ڪري اوهان کي پنهنجن
پنهنجن گهرن ۾ آباد ٿيڻ ڏئي. اهو مون خداوند جو فرمان آهي.‘
13 پر جيڪڏهن اوهين خداوند پنهنجي خدا جي نافرماني ڪندا ۽
چوندا تہ ’اسين هن ملڪ ۾ نہ رهنداسين، 14 هرگز نہ. بلڪ اسين
مصر جي ملڪ ۾ وڃي رهنداسين، جتي نہ اسين جنگ ڏسنداسين،
نکي انهيءَ جي نفيلن جو آواز ئي ٻڌنداسين ۽ نہ وري مانيءَ
لاءِ بکايل رهنداسين،‘ 15 تہ پوءِ خداوند جو ڪلام ٻڌي ڇڏيو، اي
يهوداہ جا باقي بچيل رهاڪؤ! قادرِمطلق خداوند، بني اسرائيل جو
خدا فرمائي ٿو تہ ’جيڪڏهن مصر ۾ وڃي رهڻ جو اوهان جو ارادو
پڪو آهي ۽ واقعي اتي وڃي رهندا تہ پوءِ 16 ياد رکو، جنهن جنگ
کان اوهين ڊڄو ٿا سا اتي اوهان تي اچي ڪڙڪندي ۽ جنهن ڏڪار
کان اوهين خوفزده آهيو سو مصر ۾ بہ اوهان جو پيڇو ڪندو ۽ اوهين
اتي ئي مري کپي ويندا. 17 يقيناً ائين ئي ٿيندو جو جن مصر ۾ وڃي
رهي پوڻ جو پڪو ارادو ڪري ڇڏيو آهي، سي اتي جنگ، ڏڪار ۽
وبا سان مري کپي ويندا. انهن مان ڪوبہ انهيءَ مصيبت کان بچي
ڪين سگهندو جيڪا آءٌ مٿن آڻيندس. 18 سو جيڪڏهن اوهين مصر ۾
وڃي رهندا، تہ پوءِ جهڙيءَ طرح منهنجي ڪاوڙ ۽ منهنجو غضب
يروشلم تي نازل ٿيو آهي، تهڙيءَ طرح منهنجو غضب اوهان تي
بہ نازل ٿيندو. اوهين لعنت، عبرت، پٽ پاراتي ۽ ملامت جو ڪارڻ
بڻجي پوندا. پوءِ اوهين هي هنڌ وري ڪڏهن بہ نہ ڏسندا. اهو مون
قادرِمطلق خداوند، بني اسرائيل جي خدا جو فرمان آهي.‘
19 اي يهوداہ جا باقي بچيل رهاڪؤ! خداوند اوهان کي مصر ڏانهن
وڃڻ جي منع فرمائي آهي. ياد رکو، اڄ مون اوهان کي آگاهہ ڪري
ڇڏيو آهي. 20 حقيقت ۾ اوهان پنهنجو پاڻ سان دوکو ڪيو آهي جو
مون کي خداوند اسان جي خدا کان دعا گهرڻ لاءِ عرض ڪري چيو
اٿوَ تہ جيڪي ڪجهہ هو چوندو سو ئي اوهين ڪندا. 21 اڄ مون اوهان
کي اهو سڀ ڪجهہ ٻڌائي ڇڏيو آهي، جيڪي خداوند اسان جي خدا
اوهان کي ٻڌائڻ لاءِ مون کي فرمايو. پر اوهين انهن سيني ڳالهين
جي نافرماني ڪري رهيا آهيو. 22 سو هاڻي پڪ ڄاڻو تہ اوهين جنهن
هنڌ وڃي رهڻ جو ارادو رکو ٿا، اتي اوهين جنگ، ڏڪار ۽ وبا سان
مري کپي ويندا.“

## ماڻهن جو يرمياہ نبيءَ کي مصر ڏانهن وٺي وڃڻ

43
1 جڏهن مون يرمياہ ماڻهن کي خداوند اسان جي خدا جون
فرمايل اهي سڀ ڳالهيون ٻڌائي بس ڪئي، 2 تڏهن عزرياہ
ولد هوسعياہ، يوحنان ولد قريح ۽ ٻين سيني هٺيلن ماڻهن مون کي
چيو تہ ”تون ڪوڙ ٿو ڳالهائين! خداوند اسان جي خدا تو کي اسان
لاءِ ائين ڪونہ چيو آهي تہ ’اوهين مصر ۾ رهڻ لاءِ هرگز نہ وڃو.‘
3 پر باروڪ ولد نيرياہ تو کي اسان جي خلاف ڀڙڪائي ٿو، انهيءَ
لاءِ تہ اسان کي بابلين جي حوالي ڪيو وڃي تہ جيئن هو اسان کي
ماري ڇڏين يا وري اسان کي قيد ڪري بابل ڏانهن وٺي وڃن.“
4 اهڙيءَ طرح يوحنان، لشڪر جي سيني سالارن ۽ سيني ماڻهن
يهوداہ ملڪ ۾ ئي رهي پوڻ واري خداوند جي حڪم کي نہ مڃيو.
5 اتلندو يوحنان ۽ لشڪر جي سالارن يهوداہ جي انهن سيني باقي
بچيل ماڻهن کي پاڻ سان ساڻ کنيو، جيڪي انهن سيني قومن مان
يهوداہ ملڪ ۾ رهڻ لاءِ موٽي آيا هئا، جتي کين هڪالي ڪڍيو ويو
هو. 6 هن انهن مردن، عورتن، ٻارن، بادشاهہ جي ڌيئرن ۽ هر انهيءَ
ماڻهوءَ، جنهن کي بابلي محافظن جو سالار نبوزرادان گورنر گدلياہ
وٽ ڇڏي ويو هو، تن سان گڏ مون کي ۽ باروڪ ولد نيرياہ کي بہ
ساڻ کنيو. 7 سو هو خداوند جي نافرماني ڪندي مصر جي ملڪ ۾
داخل ٿيا ۽ تحفنيس شهر تائين اچي پهتا.
8 تحفنيس شهر ۾ مون تي وري خداوند جو ڪلام نازل ٿيو تہ
9 ”تون وڏا وڏا پٿر کڻي تحفنيس واري فرعون جي محل جي دروازي
جي سامهون رستي واري فرش ۾ يهوداہ وارن جي روبرو چوني سان

43:5–7 2.با 25:26

هٽي ڇڏ. 10 پوءِ ڪين مون قادرِمطلق خداوند، بني اسرائيل جي خدا جو
هي فرمان ٻڌاءِ تہ ’آءٌ بابل جي بادشاهہ نبوڪدنضر کي گهرائيندس،
جنهن کي مون هن ڪم لاءِ چونڊيو آهي. آءٌ سندس تخت انهن پٿرن
تي قائم ڪندس، جيڪي مون هتي هٽايا آهن. هو پنهنجو شاهي
شاميانو انهن جي مٿان پکيڙيندو. 11 هو اچي مصر جي ملڪ کي
شڪست ڏيندو. پوءِ جن جي نصيب ۾ موتمار بيماري هوندي، سي
وبا ۾ مري کپي ويندا، جن جي نصيب ۾ قيد هوندو، سي پڪڙي
قيد ڪيا ويندا ۽ جن جي نصيب ۾ قتل ٿيڻ هوندو، سي تلوار جي
حوالي ڪيا ويندا. 12 آءٌ مصر جي بتخانن ۾ باهيون پڙڪائيندس ۽
بابل جو بادشاهہ انهن کي ساڙي ڇڏيندو ۽ انهن جي بتن کي قبضي
۾ آڻي پاڻ سان کڻي ويندو. جهڙيءَ طرح ڪو ڌنار پنهنجي چادر
مان جيت ڪيڏي انهيءَ کي بلڪل صاف ٿو ڪري، تهڙيءَ ئي طرح
بابل جو بادشاهہ مصر ملڪ مان سڄو مال ملڪيت لٽي ڦري ملڪ
کي خالي ڪري ڇڏيندو ۽ پوءِ پنهنجي مرضيءَ سان صحيح سلامت
هليو ويندو. 13 سج ديوتا جو پوڄا جو گهر، جيڪو مصر ۾ آهي، تنهن
جا ٿنڀي جيان ڪوڙيل مجسما هو ڀڃي ڇڏيندو ۽ مصر جي بتخانن
کي باهيون ڏيئي ساڙي ڇڏيندو.‘”

## مصر ۾ رهندڙ بني اسرائيل لاءِ خداوند جو پيغام

44 1 خدا جو اهو ڪلام جيڪو اتر مصر جي شهرن مگدال،
تحفنيس، نوف ۽ ڏکڻ مصر جي علائقي ۾ رهندڙ سڀني
يهوداه وارن متعلق مون يرمياه تي نازل ٿيو سو هي هو تہ 2 ”آءٌ
قادرِمطلق خداوند، بني اسرائيل جو خدا چوان ٿو تہ جيڪا مصيبت
مون يروشلم تي ۽ يهوداه جي ٻين سڀني شهرن تي آندي آهي سا
سڄي اوهان ڏٺي آهي. ڏسو، اڄ اهي شهر اجڙيا ويران آهن جو ڪوبہ
ماڻهو انهن ۾ نہ ٿو رهي. 3 اهو اتان جي رهاڪن جي ڪيل بڇڙائيءَ
سببان ٿيو. هنن غير معبودن جي پوڄا ڪري ۽ انهن لاءِ قربانيون پيش
ڪري مون کي ڪاوڙ ڏياري. انهن معبودن کي نہ هنن ٿي ڄاتو، نہ
اوهان ۽ نہ وري اوهان جي ابن ڏاڏن. 4 مون بار بار پنهنجا ٻانها نبي
اوهان ڏانهن پئي موڪليا جن اوهان کي ٻڌايو تہ ’اهو ڪراهت جهڙو
ڪم نہ ڪريو جنهن کان خداوند کي نفرت آهي.‘ 5 پر اوهان نہ ٻڌو
۽ نہ وري ڪو ڌيان ئي ڏنوَ. اوهين غير معبودن لاءِ قربانيون پيش
ڪرڻ واري پنهنجي شرارت کان باز نہ آيا. 6 انهيءَ ڪري يروشلم
جي گهٽين توڙي يهوداه جي ٻين شهرن تي منهنجو قهر ۽ غضب نازل
ٿيو، سو مون انهن کي ويران دڙا بڻائي ڇڏيو، جيئن اهي اڄ آهن.
7 هاڻ آءٌ قادرِمطلق خداوند، بني اسرائيل جو خدا چوان ٿو تہ ڇو
اوهين پنهنجين جانين تي هيءَ وڏي مصيبت ٿا آڻيو، جنهن سبب
اوهين مرد، عورتون، ٻار ۽ کير پياڪ ناس ٿي وڃو ۽ اوهان يهوداه
وارن مان ڪوبہ جيئرو نہ بچي؟ 8 مصر ملڪ جتي اوهين رهڻ لاءِ آيا
آهيو، اتي ڇو غير معبودن جي پوڄا ڪندي سندن اڳيان قربانيون پيش
ڪري اوهين مون کي ڪاوڙ ٿا ڏياريو؟ اهڙيءَ طرح اوهين پاڻ کي برباد
ڪري دنيا جي سڀني قومن منجهہ لعنت ۽ ملامت جوڳو بڻائيندا.
9 ڇا اوهان اهي بڇڙايون وساري ڇڏيون آهن جيڪي اوهان جي ابن
ڏاڏن، يهوداه جي بادشاهن ۽ راڻين، اوهان پاڻ ۽ اوهان جي زالن ڪليو
ڪلايو يروشلم جي گهٽين ۾ توڙي سڄي يهوداه ملڪ ۾ ڪيون آهن؟
10 اڄ ڏينهن تائين اوهين نہ پشيمان ٿيا آهيو، نڪي منهنجي تعظيم
ڪئي اٿوَ، نہ وري منهنجي شريعت ۽ منهنجي حڪمن تي هليا آهيو،
جيڪي مون اوهان جي اڳيان ۽ اوهان جي ابن ڏاڏن اڳيان رکيا هئا.
11 تنهنڪري آءٌ قادرِمطلق خداوند، بني اسرائيل جو خدا چوان ٿو
تہ مون اوهان تي مصيبت آڻڻ ۽ سڄي يهوداه کي تباهہ ڪرڻ جو
پڪو ارادو ڪري ڇڏيو آهي. 12 آءٌ اوهان يهوداه جي باقي بچيلن کي
هرگز نہ ڇڏيندس، جن مصر ۾ وڃي رهي پوڻ جو پڪو ارادو ڪيو
هو. هائو، اوهين سڀ مصر ۾ ناس ٿي ويندا. اوهين ننڍا توڙي وڏا
سڀ جنگ ۾ يا وري ڏڪار سان ماريا ويندا. اوهين لعنت، عبرت،
پٽ پاراتي ۽ ملامت جو سبب بڻبا. 13 هائو، جيئن مون يروشلم وارن
کي سزا ڏني هئي، تيئن آءٌ اوهان کي مصر ۾ جنگ، ڏڪار ۽ وبا سان
سزا ڏيندس. 14 اوهان مان ڪوبہ نہ بچندو جيڪو مصر کان موٽي
اچي يهوداه جي ملڪ ۾ رهي، جتي رهڻ جا اوهين خواهشمند آهيو.
اوهان ڀاڄوڪڙن مان ڪن ٿورڙن کان سواءِ ٻيو ڪوبہ ڪونہ موٽندو.“
15 تڏهن اهي سڀ مرد جن کي خبر هئي تہ سندن زالون غير معبودن
لاءِ قربانيون پيش ڪنديون آهن ۽ اهي سڀ عورتون جيڪي وڏي
انبوهہ جي صورت ۾ اتي موجود هيون ۽ ساڻن گڏ اهي سڀ موجود
ماڻهو پڻ جيڪي ڏکڻ توڙي اتر مصر ۾ رهندا هئا، تن مون يرمياه
کي چيو تہ 16 ”جيڪي ڳالهيون تو اسان کي خداوند جي نالي سان
ٻڌايون آهن، سي اسين هرگز نہ مڃينداسين. 17 بلڪ اسان جيڪي
چيو آهي تنهن تي ضرور عمل ڪنداسين، يعني اسين انهيءَ ديويءَ،
جيڪا آسمان جي راڻيءَ آهي تنهن لاءِ قربانيون پيش ڪنداسين ۽
ان لاءِ اوتڻ واريون قربانيون پيئينداسين. جيئن اسان، اسان جي ابن
ڏاڏن، اسان جي بادشاهن، اسان جي عملدارن ڪليو ڪلايو يروشلم
جي گهٽين ۽ يهوداه جي ٻين شهرن ۾ پئي ڪيو آهي. تنهن وقت
اسان وٽ گهڻو ڪاڌو خوراڪ موجود هو ۽ اسين خوشحال هئاسين ۽
ڪوبہ نقصان برداشت نہ ڪيو هوسين. 18 پر جڏهن کان اسان آسمان
جي انهيءَ راڻي ديويءَ لاءِ قربانيون پيش ڪرڻ ۽ ان جي لاءِ اوتڻ
واريون قربانيون پيئڻ ڇڏي ڏنيون آهن، تڏهن کان وٺي اسين هر شيءِ
جا محتاج ٿي پيا آهيون ۽ جنگ ۽ ڏڪار سان ناس پيا ٿيون.“
19 انهن ۾ موجود عورتن وڌيڪ چيو تہ ”جڏهن اسان آسمان جي
انهيءَ راڻي ديويءَ لاءِ قربانيون پيش ڪنديون هيونسين ۽ انهيءَ
لاءِ اوتڻ واريون قربانيون پيئينديون هيونسين، تڏهن اسان جا مرد بہ
انهيءَ ۾ راضي هئا تہ اسين ان جي لاءِ سندس شڪل واريون لوليون
پچايون ۽ اوتڻ واريون قربانيون پيئيون.“
20 تڏهن اهڙيون ورنديون ڏيندڙ انهن مردن خواهہ عورتن کي مون
چيو تہ 21 ”ڇا خداوند کي اهي قربانيون ياد ناهن جيڪي اوهين،

اوهان جا ابا ڏاڏا، اوهان جا بادشاهہ، اوهان جا عملدار بلڪ اوهان
جا سڀيئي ماڻهو يروشلم جي گهٽين ۽ يهوداه جي ٻين شهرن ۾ پيش
ڪندا هئا؟ چا اهي خداوند کان وسري ويون آهن؟ 22 هرگز نہ، بلڪ
جڏهن خداوند اوهان جا بڇڙا عمل ۽ اوهان جا ڪيل ڪراهت جهڙا
ڪم وڌيڪ برداشت نہ ڪري سگهيو، تڏهن اوهان جي ملڪ کي
ويران ۽ عبرت وَ لعنت جو سبب بڻايائين، ايتري قدر جو منجهس
ڪوبہ رهڻ وارو ڪونهي، جيئن اڄوڪي ڏينهن آهي. 23 سو جيئن تہ
اوهان غير معبودن لاءِ قربانيون پيش ڪري خداوند جو گناهہ ڪيو
آهي ۽ هن جي فرمانبرداري نہ ڪئي اٿوَ ۽ نہ وري سندن شريعت ۽
قاعدن قانونن تي هليا آهيو، تنهنڪري هيءَ ساري مصيبت اوهان تي
آئي آهي، جيئن هاڻ اوهين پوڳيو ٿا.“
24 پوءِ مون انهن سڀني کي، خاص طور عورتن کي چيو تہ ”اي
يهوداه وارؤ! اوهين جيڪي مصر ملڪ ۾ ٿا رهو، سي سڀ خداوند جو
هي ڪلام ٻڌو. 25 قادرِمطلق خداوند، بني اسرائيل جو خدا فرمائي
ٿو تہ ’اوهان ۽ اوهان جي زالن جيڪي چيو هو سو ئي ڪري ڏيکاريو
آهي تہ اوهين پنهنجون باسيل باسون پوريون ڪندا، آسمان جي راڻيءَ
لاءِ قربانيون پيش ڪندا ۽ اوتڻ واريون قربانيون پيئيندا. سو ڀلي
وڃي پنهنجي مرضيءَ موجب پنهنجا قول پورا ڪريو ۽ اوتڻ واريون
قربانيون پيئيو. 26 پر اي مصر ۾ رهندڙ سڀ يهوداه وارؤ! مون خداوند
جو هي ڪلام ٻڌي ڇڏيو. آءٌ پنهنجي عظيم نالي جو قسم کڻي چوان
ٿو تہ مصر جي سڄي ملڪ ۾ اوهان جو ڪوبہ ماڻهو پنهنجي واتان
اڳتي وري منهنجو نالو وٺي هيئن نہ چوندو تہ ”خداوند جيئري خدا
جو قسم آهي.“ 27 ڇالاءِجو منهنجي اوهان تي چوڪسيءَ واري نظر
آهي چڱائيءَ لاءِ نہ، پر مندائيءَ لاءِ. هائو، مصر ملڪ ۾ اوهين
سڀ يهوداه وارا جنگ ۽ ڏڪار جو منهن ڏسندا، ايستائين جو اوهين
بلڪل ناس ٿي وڃو. 28 البت اوهان مان ڪي ٿورا ماڻهو جنگ کان
بچي مصر ملڪ مان نڪري يهوداه جي ملڪ ۾ موٽي ايندا. پوءِ
اوهان جيڪي مصر ۾ رهڻ لاءِ آيا هئا، تن مان انهن باقي بچيل
يهوداه وارن کي ئي خبر پوندي تہ ڪنهن جي ڳالهہ پوري بيٺي،
منهنجي يا اوهان جي. 29 آءٌ خداوند اوهان کي هن ئي هنڌ سزا
ڏيندس. اوهان لاءِ هيءَ هڪ نشاني هوندي تہ جيئن اوهين ڄاڻي وٺو
تہ اوهان کي ڇيهو رسائڻ واريون منهنجون آگاهيون ضرور پوريون
ٿينديون. 30 ڏسو، اها نشاني هيءَ آهي جو آءٌ مصر جي حفرع نالي
فرعون کي سندس مخالفن ۽ جاني دشمنن جي حوالي ڪرڻ وارو
آهيان، جهڙيءَ طرح مون يهوداه جي بادشاهہ صدقياه کي بابل جي
بادشاهہ نبوڪدنضر جي حوالي ڪيو هو، جيڪو صدقياه جو مخالف
۽ جاني دشمن هو. اهو مون خداوند جو فرمان آهي.‘“

## خداوند جو باروڪ سان واعدو

45 1 يهوداه جي بادشاهہ يهويقيم ولد يوسياه جي بادشاهيءَ
جي چوٿين سال جڏهن مون باروڪ ولد نيرياه کي چمڙي
جي هڪڙي ويڙهوٽي ۾ خداوند جو پيغام لکرايو، تڏهن مون يرمياه
کيس هي چيو تہ 2 ”اي باروڪ! خداوند، بني اسرائيل جي خدا تو
لاءِ هڪڙو پيغام ڏنو آهي. 3 جيئن تہ تون چوين ٿو تہ ’مون سان
ويل آهي. خداوند منهنجي درد کي وڌايو آهي. آءٌ دانهون ڪري
ڪري ٿڪجي پيو آهيان ۽ آرام ڪونہ ٿو مليم،‘ 4 سو خداوند تو
کي فرمائي ٿو تہ ’جيڪي مون اڏيو آهي تنهن کي ڊاهي ٿو ڇڏيان ۽
جيڪي مون پوکيو آهي سو پاڙان پٽي ٿو ڪڍان. سو آءٌ سڄي دنيا ۾
ائين ئي ڪندس. 5 تہ پوءِ اي باروڪ! ڇو تون پنهنجي لاءِ عمديون
شيون ڳولهيندو ٿو وتين؟ ياد رک، انهن پٺيان نہ پئُہ، ڇاڪاڻتہ آءٌ
خداوند اعلان ٿو ڪريان تہ هر بني بشر تي آفت اٽيندس. پر تون جتي
بہ ويندين اتي تو کي جيئدان ملندو.‘“

## مصر متعلق پيغام

46 1 هي آهي خداوند جو اهو ڪلام جيڪو قومن جي باري ۾
مون يرمياه تي نازل ٿيو، 2 جنهن جي شروعات مصر جي
باري ۾ ٿئي ٿي. هائو، اهو مصر جي نڪوه نالي فرعون جي لشڪر
جي باري ۾ آهي، جنهن کي ڪرڪميس شهر ۾ فرات نديءَ جي
ڪناري بابل جي بادشاهہ نبوڪدنضر شڪست ڏني هئي. اهو يهوداه
جي بادشاهہ يهويقيم ولد يوسياه جي بادشاهيءَ جي چوٿين سال ٿيو.
3 خداوند فرمائي ٿو تہ
”مصر جا سالار پنهنجي لشڪر کي حڪم ٿا ڪن تہ
’پنهنجون ڍالون تيار ڪريو ۽ جنگ لاءِ نڪري هلو.
4 گهوڙن تي سنج وجهي مٿن سوار ٿيو.
پنهنجا لوها ٽوپ پائي جنگ لاءِ صفون ٻڌي بيهو.
پنهنجن نيزن کي تيز ڪريو ۽ زرهون پائي ڇڏيو.‘

5 پر آءٌ هي ڇا ٿو ڏسان؟
مصر جي لشڪر وارا تہ خوف ۾ وٺجي ويا آهن،
هو پٺ تي هٽي ويا آهن.
هنن جا جوڌا جوان شڪست کائي ويا آهن.
هو پٺ تي نهارڻ بنا ڀڳا ٿا وڃن.
هر طرف ڏهڪاءُ ئي ڏهڪاءُ پکڙيل آهي.
6 جيڪي ڀڄڻ ۾ تکا آهن سي ڀڄڻ کان قاصر آهن،
بهادر بہ بچي نڪرڻ جي سگهہ کان محروم آهن.
اتر ۾ فرات نديءَ جي ڪناري تي هو ٿاٻڙبا ڪرندا ٿا وڃن.

30:44 2.با 1:25–7    1:45 2.با 1:24، 2.توا 5:36–7، دان 1:1–2    2:46–26 يس 1:19–25، حز 1:29–32:32

7–8 مصر وارن سوچيو ٿي ته
'اسين ٻوڏ وانگر چڙهندا ويندا‌سين،
۽ ڌرتيءَ کي ڍڪي ڇڏينداسين.
اسين شهرن کي سندن رهاڪن سميت ناس ڪري ڇڏينداسين.'
هو ڪيئن نه نيل نديءَ جي پاڻيءَ وانگر مٿي چڙهندا ٿي آيا،
۽ درياءَ جي ڇولين جيان سندن لشڪر اٿل ٿي کاڌي.
9 سندن سالارن حڪم ٿي ڪيو ته
'اي گهوڙي سوارؤ! اوهين گهوڙن کي ڌوڪيندا هلو.
اي جنگي گهوڙي گاڏين وارؤ! طوفاني رفتار سان هلو.
اوهين اي *سوڊان ۽ لبيا وارؤ! جيڪي ڍالون کڻندڙ آهيو،
۽ اوهين اي لود وارؤ! جيڪي تيرڪمان کڻندڙ آهيو،
هائو، اي جوڌا جوانؤ! اوهين اڳتي وڌندا هلو.'"

10 اهو ڏينهن خداوند قادرِمطلق خدا جو ڏينهن آهي،
اهو وير وٺڻ جو ڏينهن آهي.
انهي ڏينهن هو پنهنجي دشمنن کان وير وٺندو.
سندس تلوار دشمنن کي ڳڙڪائي ڍءُ ڪندي،
ايستائين جو اها هنن جو رت پيئندي پيئندي مست ٿي پوندي.
ڇالاءِجو خداوند، قادرِمطلق خدا اتر واري ملڪ بابل ۾
فرات نديءَ جي ڪناري تي هڪڙي قرباني پيش ڪندو.

11 اي مصر وارؤ! اوهين هڪ ڪنواري ڇوڪريءَ مثل آهيو،
جيڪا پلي پنهنجي لاءِ دوا وٺڻ واسطي
†گلعاد ڏانهن پيئي ڊوڙي.
هائو، هوءَ طرح طرح جون دوائون ڪم ٿي آڻي،
جيڪي بلڪل بي‌فائدي آهن،
ڇالاءِجو هن لاءِ شفا ته آهي ئي ڪونه.
12 قومن ۾ هن جي خواري مشهور ٿي ويندي،
۽ دنيا هن جي روڄ راڙي سان ڀرجي ويندي.
اي مصر وارؤ!
اوهان جا جنگي جوڌا هڪ ٻئي مٿان ٿاٻڙجي ٿا ڪِرن.

## نبوڪدنضر جي مصر تي ڪاهه

13 هي آهي اهو پيغام جيڪو خداوند مون يرمياه کي ٻڌايو ته بابل
جو بادشاهه نبوڪدنضر ڪيئن اچي مصر ملڪ کي شڪست ڏيندو.
14 خداوند ٿو فرمائي ته
"اي يرمياه! تون مصر ۾ هي اعلان ڪر،
بلڪ ان جي شهرن مگدال، نوف ۽ تحفنيس ۾ پڌرائي ڪر ته
'اوهين جنگ لاءِ سنبري بيهو ۽ تيار ٿيو،
ڇالاءِجو جنگ توهان جي آس‌پاس وارن کي
ڳڙڪائيندي ٿي اچي.
15 ڇو توهان جو معبود حف هيٺ ڪري پيو آهي؟
ڇو توهان جو اهو زورآور بيهي ڪونه سگهيو آهي؟
ڇالاءِجو خداوند کيس ڇماٽ هڻي هيٺ ڪيرايو آهي.'
16 پر مصري لشڪر وارا ٿوڪرون کائي
هڪ ٻئي تي ڪرن ٿا ۽ چون ٿا ته
'اٿو ته ظالم جي تلوار کان ڀڄي
پنهنجي قوم ۽ پنهنجي وطن ڏانهن هلون.'
17 پوءِ مصر جي فرعون کي
'ٻٽاڪي فرعون' جي لقب سان سڏيو ويندو،
ڇالاءِجو هن پنهنجي هٿان اهو موقعو وڃائي ڇڏيو آهي."

18 اُهو بادشاهه،
جنهن جو نالو قادرِمطلق جيئرو خداوند آهي،
سو قسم کڻي فرمائي ٿو ته
"جيئن تبور جبل سيني جبلن کان مٿاهون آهي،
۽ جيئن ڪرمل جبل سمنڊ کان تمام اوچو آهي،
تيئن ئي اهو شخص اوهان کان زورآور آهي،
جيڪو اوهان تي حملو ڪرڻ اچي ٿو.
19 سو اي مصر جا رهاڪؤ!
قيد ٿي جلاوطن ٿيڻ لاءِ پنهنجا هنڌ ٿپڙ ٻڌي رکو،
ڇالاءِجو نوف شهر ويران ٿيندو،
۽ منجهس ڪوبه رهڻ وارو ڪونه بچندو.
20 مصر هڪڙي ڏاڍي سهڻي گابيءَ مثل آهي،
پر اتر مان هڪڙي ڏنگيندڙ مک مٿس حملو ڪرڻ لاءِ اچي ٿي.
21 مصر جا پاڙي ڪيل سپاهي به پليل گابن وانگر آهن،
سي به پٺ ڏيئي ڀڄي وڃن ٿا.
اهي ميدان ۾ بيهي نه ٿا سگهن،
ڇالاءِجو سندن مصيبتن جو ڏينهن مٿن اچي ٻيٺو آهي،
يعني سندن سزا جو وقت.
22 مصر وارا ائين ٿا ڀڄن،
جيئن ڪو ڀڄندڙ نانگ سرڙاٽ ڪندو ويندو آهي،
ڇالاءِجو دشمن لشڪر هنن ڏانهن وڌندا ٿا اچن،
هائو، اهي ڪاٺيرن وانگر ڪهاڙا کڻي مٿن ڪاهيو ٿا اچن.

*سوڊان: عبرانيءَ ۾ "ڪُوش" لکيل آهي. انهن ڏينهن ۾ هي علائقو موجوده ايٿوپيا ۽ سوڊان ملڪن جي ڪجھ حصي تي مشتمل هو.
†گلعاد: هي علائقو اردن درياءَ جي اوڀر ۾ آهي، جتي مختلف جڙي ٻوٽين مان هر طرح جون دوائون تيار ڪيون وينديون هيون.

13:46 ير 43:10–13

㉓هو کين ائين وڍي اڇلائين ٿا،
جيئن ٻيلي ۾ واڍي وڍي ويندي آهي.
پوءِ اهو ٻيلو ڪيترو به گھاٽو ڇو نه هجي.
ڇالاءِجو اهي دشمن مڪڙن جي ڪٽڪن کان به گھڻا آهن،
بلڪ بيشمار آهن.
㉔مصر وارا خوار خراب ڪيا ويندا،
اهي اتر وارن ماڻهن جي هٿ ۾ ڏنا ويندا.
اهو مون خداوند جو فرمان آهي.“
㉕قادرِمطلق خداوند، بني اسرائيل جو خدا فرمائي ٿو ته ”ڏسو، آءٌ
نوآمون نالي شهر واري معبود آمون کي توڙي فرعون، مصر وارن،
سندن معبودن، سندن اتحادي بادشاهن ۽ جيڪي فرعون تي ڀاڙين ٿا
تن سڀني کي سزا ڏيندس. ㉖آءٌ انهن کي سندن جاني دشمنن، يعني
بابل جي بادشاهه نبوڪدنضر ۽ سندس لشڪر وارن جي هٿن ۾ ڏيئي
ڇڏيندس. پر بعد ۾ مصر ملڪ وري آباد ٿي ويندو جيئن اهو قديم
زماني ۾ هوندو هو. اهو مون خداوند جو فرمان آهي.“

## خداوند جو پنهنجي قوم کي بچائڻ

㉗خداوند ٿو فرمائي ته
”پر اي منهنجي قوم بني يعقوب! اوهين ڊڄو نه،
هائو، اي بني اسرائيل وارؤ! اوهين کو خوف نه ڪريو.
يقيناً آءٌ پنهنجي قوم کي ڏورانهن ملڪن مان بچائي وٺندس،
يعني اوهان جي اولاد کي
سندن جلاوطنيءَ وارن ملڪن مان بچائي آڻيندس.
اهي موٽي پنهنجي وطن ۾ ايندا.
اهي امن وَ سلامتي ماڻيندا ۽ کوبه کين نه ڊيڄاريندو.
㉘اي منهنجي قوم بني يعقوب! اوهين ڊڄو نه،
ڇالاءِجو آءٌ اوهان سان گڏ آهيان.
توڙي جو آءٌ انهن سڀني قومن کي صفا ناس ڪري ڇڏيندس،
جن ۾ اوهان کي ڪٿو ڪٿو ڪري ڇڏيو اٿم،
پر اوهان کي آءٌ ختم نه ڪندس،
تنهن هوندي به اوهان کي صفا بيسزا به نه ڇڏيندس.
آءٌ اوهان کي سيڪت ڏيندس، پر انصاف سان.
اهو مون خداوند جو فرمان آهي.“

## فلستين بابت پيغام

47 ①فلستي شهر غزه تي فرعون جي ڪاهه کان اڳ فلستين
بابت خداوند جو ڪلام مون تي نازل ٿيو ته
②”ڏس، اتر کان لشڪر ڪيئن نه پوڏ جيان چڙهندا ٿا اچن!
اهي هڪ طوفاني پوڏ بڻجي ويندا
۽ اٿلي فلستي ملڪ جي هر شهر ۽ ان جي هر رهاڪوءَ،
بلڪ جيڪي ڪجھه منجھس آهي تنهن کي ٻوڙي ڇڏيندا.
ان وقت ملڪ جا سڀ رهاڪو دانهون ڪندا ۽ روئندا رڙندا،
③هائو، دشمن جي جنگي گھوڙن جي سنبن جي آواز تي،
جنگي گھوڙي گاڏين جي ڪڙڪي تي،
۽ انهن جي ڦيٿن جي ڪڙڪي تي،
خوف وچان پيئرن جا هٿ لولا لنگڙا ٿي پوندا،
ايتري قدر جو هو ڀڄندي ڀڄندي
پنهنجن ٻارن جي مدد لاءِ به نه موٽندا.
④سڀني فلستين کي ناس ڪرڻ جو ڏينهن اچي ويو آهي،
هائو، اهي جيڪي صور ۽ صيدا جي مدد ڪن ٿا.
آءٌ خداوند فلستين کي،
يعني ڪريت ٻيٽ جي اصلي رهاڪن کي ناس ڪرڻ وارو آهيان.
⑤اي فلستيؤ! اوهين جيڪي تباهيءَ کان بچي ويندا
سي ڪيستائين پيا ماتم ڪندا؟
هائو، اي غزه ۽ اسقلون شهر وارؤ!
اوهين ڪيستائين سوڳ ۾
پنهنجا مٿا ڪوڙائي ماٿ ڪري ويهندا؟
⑥اوهين رڙيون ڪري چوندا ته
’اي خداوند جي تلوار!
تون ڪيستائين پئي قتلام ڪندي رهندينءَ؟
هاڻ، پنهنجي مياڻ ۾ موٽي وڃ، خاموش رهه ۽ آرام وٺ.‘
⑦پر اُها قتلام کان ڪيئن ٿي رڪجي سگھي،
جڏهن ته مون خداوند ان کي سمنڊ ڪناري فلستي ملڪ تي
يعني اسقلون ۽ ٻين شهرن تي حملي جو حڪم ڏنو آهي؟
هائو، مون انهيءَ کي اتي مقرر ڪيو آهي.“

## موآب متعلق پيغام

48 ①قادرِمطلق خداوند، بني اسرائيل جو خدا فرمائي ٿو ته
”ويل آهي نبو شهر وارن لاءِ!
ڇالاءِجو سندن شهر ويران ٿي ويندو.
قريتائم شهر جا رهاڪو پڻ خوار خراب ٿيندا،
ڇالاءِجو سندن شهر جو ڪوٽ ڪيرايو ويندو،
۽ شهر قبضي هيٺ اچي ويندو.
②موآب ملڪ جو شان وَ شوڪت ختم ٿي ويندو،
سندس شهر حشبون تي قبضو ڪري
دشمن موآبين خلاف هيءَ سازش سٽيندا ته

46:27–28 ير 30:10–11 47:1–7 يس 14:29–31، حز 25:15–17، يوا 3:4–8، عا 1:6–8، صف 2:4–7، زڪ 9:5–7
48:1–47 يس 15:1–16:14، 25:10–12، حز 25:8–11، عا 2:1–3، صف 2:8–11

'اڇو ته انهيءَ قوم جو خاتمو آڻي ڇڏيون.'
اي مدمين شهر وارؤ! اوهان جو به خاتمو آندو ويندو،
هائو، اوهين جنگ جي حوالي ڪيا ويندا.
3 حورونايم شهر مان رڙين جو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو ته
'هاءِ! اسين برباد ٿي وياسين. هاءِ! اسين تباهه ٿي وياسين.'
4 موآب ٽڪرا ٽڪرا ڪيو ويندو،
انهيءَ ملڪ جي ٻارڙن جون رڙيون پيون ٻڌبيون.
5 لوحيت واري چاڙهيءَ کان هو روئندا مٿي چڙهندا ويندا،
حورونايم واري لاهيءَ تائين
تباهيءَ وارين رڙين جو ڏک ڀريو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو.
6 اهي ڊوڙندا ويندا ته 'ڀڄو، ڀڄو، پنهنجا سر بچايو،
هائو، جهنگلي گڏهه جيان تيز ڀڄو.'

7 اي موآب وارؤ! جيئن ته اوهين پنهنجن ڪوٽن
۽ پنهنجن خزانن تي ڀروسو ٿا رکو،
سو اوهين به قيدي بڻايا ويندا.
اوهان جو معبود ڪموس پنهنجي مذهبي اڳواڻن
۽ عملدارن سميت جلاوطن ڪيو ويندو.
8 تباهي مچائيندڙ لشڪر هر شهر توڙي ڳوٺ تي ڪاهي ايندو،
۽ ڪابه وسندي بچي ڪين سگهندي.
پوءِ ماٿري هجي توڙي ميدان سڀ ناس ٿي ويندا،
ڇاڪاڻ‌ته اهو مون خداوند جو فرمان آهي.
9 هاڻ ڀلي اوهين پنهنجي ملڪ موآب تي لوڻ ڇٽي ڇڏيو،
ڇالاءِجو ان جا شهر اهڙا ته ويران ٿي ويندا،
جو ڪوبه انهن ۾ رهڻ وارو ڪونه هوندو."

10 هاڻ جيڪو خداوند جي انهيءَ ڪم ۾ غفلت ڪندو سو لعنتي
ٿيندو. هائو، جيڪو پنهنجيءَ تلوار کي خون وهائڻ کان روڪيندو سو
لعنتي ٿيندو.

## موآب جي شهرن لاءِ بربادي‌ءَ جي اڳڪٿي

11 خداوند فرمائي ٿو ته
"موآب وارا پنهنجي قوم جي شروعات کان وٺي
امن وَ سلامتيءَ سان رهيا آهن،
اهي ڪڏهن به جلاوطن نه ڪيا ويا آهن.
هائو، موآب وارا مئي جي اهڙي پيالي مثل آهن،
جنهن ۾ ڪا هلچل نه اچڻ ڪري
ان جي مئي آنرجي صاف ٿي وڃي.
اها هڪڙي ٿانو مان ٻئي ٿانو ۾ ڪڏهن به نه اوتي وئي آهي،
جنهن سبب هن جو سواد قائم آهي،
۽ ان جي خوشبوءِ نه بدلي آهي.
12 پر ياد رکو، اهي ڏينهن اچڻ وارا آهن،
جڏهن آءٌ خداوند موآب ملڪ ڏانهن تباهي آڻيندڙ موڪليندس،
جيڪي انهيءَ کي تباهه وَ برباد ڪري ڇڏيندا.
هائو، جڻ ته انهيءَ مئي کي هاري وهايو ويندو،
۽ ان جون صراحيون ڀڃي ڀورا ڀورا ڪيون وينديون.
13 پوءِ موآب وارا پنهنجي معبود ڪموس جي ڪري
اهڙا ته خوار خراب ٿيندا،
جيئن اسرائيل وارا بيت‌ايل واري معبود جي ڪري ٿيا هئا،
جنهن تي هنن توڪل رکيو هو.

14 اي موآب وارؤ! اوهين ڪيئن ٿا چئو ته
'اسين جوڌا جوان ۽ جنگي سورما آهيون'؟
15 تباهي مچائيندڙ لشڪر موآب جي شهرن تي ڪاهي ايندو،
۽ انهيءَ جي چونڊ جوان مردن کي قتل ڪيو ويندو.
آءٌ ئي بادشاهه آهيان، جنهن جو نالو قادرِمطلق خداوند آهي،
۽ هي سڀ آءٌ ئي ٿو فرمايان.
16 موآب جو زوال اچي پهتو آهي،
هائو، ان جي تباهي تمام تيزيءَ سان وڌندي پئي اچي.
17 اوهين سڀ جيڪي ان جي آس‌پاس رهيا پيا آهيو،
يعني اهي جن سندس هاڪ ٻڌي آهي،
سي ان لاءِ روڄ راڙو ڪري چئو ته
'آه! اها مضبوط ۽ شاندار شاهي لٺ ڪيئن نه ڀڄي پيئي آهي!'

18 اي موآب جي شهر ديبون جا رهاڪؤ!
اوهين پنهنجو مان مرتبو ڇڏي،
ڌرتيءَ جي خاڪ تي اچي ويهو.
ڇالاءِجو موآب ۾ تباهي مچائيندڙ لشڪر
اوهان تي به اچي ڪڙڪندو،
۽ اوهان جا مضبوط ڪوٽ قلعا ڪيرائي ناس ڪري ڇڏيندو.
19 اي عروعير شهر جا رهاڪؤ!
رستي جي ڀر ۾ بيهي نظر ڦيرايو.
موآب ملڪ کان ڀڄي نڪرندڙ هر مرد ۽ عورت کان پڇو ته
'ڇا ٿيو آهي؟'
20 هو اوهان کي ٻڌائيندا ته
'موآب خوار خراب ڪيو ويو آهي.
اهو بلڪل ناس ڪيو ويو آهي.
سو اسان سان گڏ روئو رڙو.
اوهين موآب جي سرحد واري
برساتي نهر ارنون جي ڪناري تي هلندي
پڙهو گهمايو ته موآب برباد ڪيو ويو آهي.'

21 موآب جي مٿاهين ميدان وارن هنن شهرن تي سزا نازل ٿيڻ
واري آهي: حولون، يهصاه، مفعت، 22 ديبون، نبو، بيت‌دبلتايم،
23 قريتائم، بيت‌گمول، بيت‌معون، 24 قريوت ۽ بُصراه. موآب جي
سيني ويجهن توڙي ڏورانهن شهرن تي اها سزا نازل ٿيندي. 25 موآب
جو لشڪر قتل ڪيو ويندو ۽ انهيءَ جي طاقت ختم ڪئي ويندي.
اهو مون خداوند جو فرمان آهي.“

## موآب جو خوار خراب ٿيڻ

26 شل تہ موآب کي ايستائين سزا ڏني وڃي، جيستائين هو ڪنهن
شرابيءَ جيان ڏت نہ ٿي وڃي، ڇالاءِجو هن خداوند کان پاڻ کي
مٿاهون ڪيو آهي. پلي تہ موآب ڇڻ پنهنجي الٽيءَ ۾ پاڻ ليٽڙيون
پائي ۽ پلي تہ ان تي کل ٺٺولي ٿئي. 27 اي موآب وارؤ! ڇا خداوند
جي قوم اوهان جي لاءِ کل ٺٺوليءَ جو باعث ڪين هئي؟ انهيءَ قوم
کي چورن سان گڏ ڏٺو ويو هو ڇا، جو اوهين جيترا ڀيرا هن جو ذڪر
ٿا ڪريو اوترا ڀيرا اوهين منهن کي موڙو ٿا ڏيو؟

28 اي موآب جا رهاڪؤ!
شهرن کي ڇڏي وڃي ٽڪرن منجهہ رهو.
هائو، انهيءَ ڪبوتر جيان پنهنجي حفاظت ڪريو،
جيڪو غار واري پناهہ‌گاهہ ۾ پنهنجو آکيرو ٺاهيندو آهي.
29 اسان اوهان جي مغروريءَ بابت ٻڌو آهي،
تہ اوهين ڏاڍا مغرور ٿي ويا آهيو.
هائو، اسان اوهان جي وڏائيءَ، مغروريءَ، گستاخيءَ
۽ اوهان جي دل جي هٺ بابت ٻڌو آهي.

30 تڏهن تہ خداوند فرمائي ٿو تہ
”مون کي موآب وارن جي مغروريءَ جي خبر آهي،
پر اها فضول آهي.
هنن جي ٻٽاڪن مان ڪي بہ ڪين ورندو.
31 تنهنڪري قيرحراست شهر،
بلڪ سڄي موآب جي ماڻهن جي تباهيءَ تي
مون کي ايترو تہ ڏک ٿيندو جو مون کي روئڻ اچي ويندو.
32 اي موآب جي شهر سبماه جا رهاڪؤ!
آءٌ اوهان جي تباهيءَ تي انهيءَ کان بہ وڌيڪ روئندس،
جيترو يعزير شهر لاءِ رنو هوس.
اوهين انگورن جي اهڙيءَ ول جيان آهيو،
جنهن جون ٽاريون کاري سمنڊ کان ٽپي ويون هجن،
۽ يعزير شهر تائين وڃي پهتيون هجن.
۽ ان ول ۾ انگورن جو قيمتي فصل پيدا ٿيل هجي.
هاڻي ان تي تباهي مچائيندڙ هڪ لشڪر اچي ڪڙڪندو.
33 موآب جي زرخيز سرزمين مان
خوشي ۽ سرهائي نڪري وينديون.
آءٌ انگورن جي چيچڙن مان مئي ڪيڻ بند ڪرائي ڇڏيندس.
ڪوبہ خوشيءَ جا آواز ڪيندي
چيچڙي ۾ انگور لتاڙي مئي نہ ڪيندو.

34 حشبون ۽ العالي شهرن وارا رڙيون ڪندا. سندن رڙيون يهض
شهر تائين، بلڪ ضغر کان وٺي حورونايم ۽ عجلت شليشياهہ شهرن
تائين پيون ٻڌبيون، ڇالاءِجو برباديءَ سبب نمريم نهر جو پاڻي بہ
سڪي ويندو. 35 موآب ۾ غير معبودن جي پوڄا گهرن ۾ قربانيون
ساڙڻ ۽ سندن معبودن لاءِ نذرانا پيش ڪرڻ کي آءٌ بند ڪرائي
ڇڏيندس. اهو مون خداوند جو فرمان آهي.
36 منهنجي دل قيرحراست بلڪ سڄي موآب جي ماڻهن لاءِ سرندي
جي ماتمي سر وانگر ٿي روئي، ڇالاءِجو سندن هر طرح جو گڏ ڪيل
مال متاع ڇٽ ٿي ويندو. 37–38 موآب جي سيني گهرن جي ڇتين تي
۽ ان جي سيني چونڪن تي ماتم متل هوندو. انهيءَ ڪري هر مٿو
ڪوڙيل هوندو ۽ هر ڪا ڏاڙهي ڪتريل هوندي. هر ڪنهن پنهنجي
هٿن کي زخمي ڪيو هوندو ۽ پنهنجي چيلهہ تي کٿو ٻڌو هوندو.
ڇالاءِجو آءٌ موآب کي ردي ٿانو وانگر ڀڃي ڀورا ڀورا ڪري ڇڏيندس.
39 آه! اهو ڪيئن نہ ڀڃي ڀورا ڪيو ويندو! موآب وارا ڪيئن نہ
واءِويلا ڪري روئندا. آه! موآب ڪيئن نہ خوار خراب ڪيو ويندو!
موآب تي اهڙي تہ ڀيانڪ بربادي اچي ڪڙڪندي، جو سندس سڀئي
آس‌پاس واريون قومون مٿس کِلَ ٺٺوليون ڪنديون. اهو مون خداوند
جو فرمان آهي.“

## موآب جي پڇاڙي

40 خداوند ٿو فرمائي تہ
”دشمن لشڪر عقاب وانگر اڏامندو،
موآب ملڪ مٿان پنهنجا پر پکيڙيندو.
41 ان جا سڀ شهر قبضي هيٺ اچي ويندا،
۽ مضبوط قلعا دشمن هٿ ڪري وٺندا.
انهيءَ ڏينهن موآب جي بهادر مردن جي دلين ۾
اهڙي تہ دهشت هوندي،
جهڙي ويم جي سورن واري عورت جي دل ۾ هوندي آهي.
42 موآب وارا قوم جي حيثيت ۾ وري نہ اُسرندا،
ڇالاءِجو هنن مون خداوند کان پاڻ کي مٿاهون ڪيو آهي.
43 اي موآب جا رهاڪؤ!
آءٌ خداوند ٿو فرمايان تہ دهشت، کڏ ۽ ڦندو،
اهي سڀ اوهان جا منتظر آهن.
44 جيڪي دهشت کان ڀڄي نڪرندا سي کڏ ۾ ڪري پوندا،
۽ جيڪي کڏ مان مٿي نڪري ايندا سي ڦندي ۾ ڦاسي پوندا.
ڇالاءِجو مون خداوند اوهان موآب وارن لاءِ

سزا جو وقت مقرر ڪري ڇڏيو آهي.
45 تڏهن جيڪي ڀاڄوڪڙ هوندا،
سي سيحون بادشاهه جي شهر حشبون جي پناهه ۾
بيتابيءَ جي حالت ۾ اچي بيهي رهندا،
پر حشبون شهر به ساڙي رک ڪيو ويندو،
سو اها باهه فسادين جي ملڪ موآب کي
هڪ ڇيڙي کان وٺي ٻئي ڇيڙي تائين ساڙي رک ڪري ڇڏيندي.
46 اي موآب وارؤ! ويل آهي اوهان لاءِ!
اي ڪموس معبود جا پوڄاريؤ!
اوهين نيست وَ نابود ٿي ويندا،
جڏهن ته اوهان جا پٽ توڙي ڌيئرون
قيد ڪري جلاوطن ڪيا ويندا.“

47 انهي هوندي به ايندڙ وقت ۾ خداوند موآب جي خوشحالي وري
بحال ڪندو. سو موآب جي سزا بابت خداوند جو فرمان هتي پورو ٿيو.

## بني عمون بابت پيغام

49 1 بني عمون بابت خداوند فرمائي ٿو ته
”اسرائيل ملڪ جا مرد ڪٿي آهن؟
ان جو ڪو وارث ڪونهي ڇا؟
پوءِ ڇو مولڪ ديوتا جا پوڄاري
گد قبيلي ۽ سندس علائقي تي قبضو ڪري
ان جي شهرن ۾ آباد ٿي ويا آهن؟
2 هاڻي ڏسو، اهي ڏينهن اچن ٿا،
جڏهن بني عمون جي گاديءَ واري شهر ربه وارا
جنگ جي للڪار ٻڌندا.
پوءِ اهو شهر هڪڙو ويران دڙو ٿي پوندو،
۽ ان جي آس‌پاس وارا ڳوٺ باهه ڏيئي ساڙيا ويندا.
ان کان پوءِ اسرائيل وارا موٽي بني عمون کي
پنهنجي علائقي مان هڪالي ڪڍي ڇڏيندا،
جتان اڳ ۾ بني عمون کين هڪالي ڪڍيو هو.
3 جڏهن دشمن اچي عمونين جي ڳوٺ عئيءَ کي تباهه ڪندا،
تڏهن اي حشبون وارؤ! اوهين واءِويلا مچائيندا.
اي ربه جا رهاڪؤ! اوهين به رڙيون ڪري روئندا،
ڪٿا ڍڪيندا ۽ سوڳ ڪندا.
اوهين ڊپ وچان ڪوٽ اندر هيڏانهن هوڏانهن پيا ڊوڙندا.
چالاءِجو اوهان جو معبود مولڪ پنهنجي مذهبي اڳواڻن
۽ سيني عملدارن سميت جلاوطن ڪيو ويندو.
4 اي سرڪش عمونيؤ! ڊاڙون ڇو ٿا هڻو؟
اوهان مان طاقت نڪرندي ٿي وڃي.
اوهان کي پنهنجي طاقت تي ايترو ڀروسو ڇو آهي
جو چئو ٿا ته ’ڪير اسان تي حملو ڪري سگهندو؟‘
5 ٻڌو، آءٌ خداوند، قادرِمطلق خدا اوهان کي ٻڌائي ٿو ڇڏيان ته
آءٌ اوهان جي چئني طرفن کان اوهان تي دهشت آڻيندس.
اوهان سيني کي هڪ هڪ ڪري هڪالي ڪڍيو ويندو،
۽ اهڙو ڪوبه نه هوندو جيڪو اوهان کي وري اٿي گڏ ڪري.

6 پر بعد ۾ آءٌ اوهان بني عمون وارن جي خوشحالي وري بحال
ڪندس. اهو مون خداوند جو فرمان آهي.“

## ادوم بابت پيغام

7 ادوم بابت قادرِمطلق خداوند فرمائي ٿو ته
”ڇا ادوم ملڪ جي رهاڪن مان ڏاهپ نڪري ويئي آهي؟
ڇا سندن ڏاهن مان صلاح مصلحت ختم ٿي ويئي آهي؟
ڇا منجهن ڏاهپ اصل رهي ئي ڪونهي؟
8 اي ددان شهر جا رهاڪؤ! موٽو، ڀڄي وڃي غارن ۾ لڪو.
چالاءِجو آءٌ اوهان عيسوءَ جي اولاد کي ناس ڪرڻ وارو آهيان،
هائو، اوهان کي سزا ڏيڻ جو وقت اچي پهتو آهي.
9 جڏهن ڪنهن باغ ۾ انگور چونڊيندڙ ايندا آهن،
تڏهن هو ڪي ٿورا داڻا ول ۾ ڇڏي ويندا آهن.
جڏهن رات جو چور ايندا آهن،
تڏهن اهي رڳو پنهنجون وڻندڙ شيون ئي
چورائي ڪٽي ويندا آهن.
10 پر آءٌ اوهان ادومين کي بلڪل اگهاڙو ڪري ڇڏيندس،
آءٌ اوهان کي
اوهان جي ڳجهين پناهه‌گاهن مان به ڪڍي ٻاهر ڪندس.
اوهين پنهنجي مٽن مائٽن توڙي سڄي نسل سميت
ناس ٿي ويندا.
اوهان ۾ ڪو اهڙو رهندو ئي ڪين
جيڪو ڪنهن ٻئي کي چئي سگهي ته
11 ’آءٌ اوهان جي يتيم ٻارن جي سنڀال لهندس،
۽ اوهان جي رنن‌زالن جي حفاظت ڪندس.‘“

12 خداوند فرمائي ٿو ته ”جڏهن ته بي‌ڏوهي قومون به سزا کان
نه بچي سگهيون آهن، ته پوءِ اوهين ڏوهي سزا کان ڪيئن بچندا!
اوهين ڪين بچندا، بلڪ اوهان کي ضرور سزا ملندي. 13 آءٌ خداوند

---

1:49–6 حز 21:28–32، 25:1–7، عا 1:13–15، صف 2:8–11
7:49–22 يس 34:5–17، 63:1–6، حز 25:12–14، 35:1–15، عا 1:11–12، عبد 1–14، ملا 1:2–5

پنهنجي ذات جو قسم کڻي چوان ٿو تہ ادوم جو گاديءَ وارو شهر
بُصراه برباد ٿيندو ۽ عبرت، ملامت، ويرانيءَ ۽ لعنت جو سبب بڻبو
۽ ان جي آس‌پاس وارا سڀئي ڳوٺ هميشہ لاءِ ويران ٿي ويندا.“

14 اي ادوم وارؤ! خداوند مون يرمياه کي ٻڌايو آهي تہ
هن اوهان جي دشمن قومن ڏانهن ايلچي موڪليو آهي تہ
اهي جنگ لاءِ اٿي کڙا ٿين ۽ گڏ ٿي اوهان تي حملو ڪن.
15 هاڻ هو اوهان کي هڪڙي ڪمزور قوم بڻائيندو،
۽ ڪوبہ اوهان جي عزت نہ ڪندو.
16 اوهين مغروريءَ وچان اهو سمجهي پاڻ کي ٺڳيو ٿا تہ
ٻين قومن وارا اوهان کان ڊڄن ٿا.
هائو، اوهين جيڪي ٽڪرن جي چرن ۾ رهو ٿا،
۽ ٽڪرن جي چوٽين تي قبضا ڪري پاڻ کي محفوظ ٿا سمجهو.
پر جيتوڻيڪ اوهين عقاب جيان گهڻو مٿي رهو ٿا،
تہ بہ خداوند اوهان کي اتان هيٺ ڪيرائي ڇڏيندو.
اهو خداوند جو فرمان آهي.

17 خداوند فرمائي ٿو تہ ”آءٌ ادوم ملڪ کي اجاڙي ڇڏيندس.
مٿس اهڙي مصيبت آڻيندس جو اتان لنگهندڙ ماڻهو انهيءَ کي ڏسي
دهلجي ويندا ۽ حيرت جو اظهار ڪندا. 18 جهڙيءَ طرح سدوم،
عموراه ۽ انهن جي آس‌پاس وارن شهرن کي تباهہ ڪيو ويو هو
تهڙيءَ طرح ئي ادوم سان بہ ٿيندو ۽ منجهس ڪوبہ رهڻ وارو نہ
هوندو. 19 جهڙيءَ طرح شينهن اردن درياءَ وارن گهاٽن ٻيلن مان ٻاهر
نڪري ساون چراگاهن ڏانهن چڙهي ايندو آهي، تهڙيءَ طرح آءٌ بہ
اچي ادومين کي اک ڇنڀ ۾ سندن ملڪ مان ڀڄائي ڪڍندس. پوءِ
جنهن کي آءٌ چونڊي ڪڍندس، تنهن کي ان ملڪ تي بادشاهي ڪرڻ
لاءِ مقرر ڪندس. ڇالاءِجو ڪير مون جهڙو آهي ۽ ڪير مون کي
للڪاري سگهي ٿو؟ ڪهڙو حڪمران منهنجي آڏو بيهي سگهي ٿو؟“
20 تنهنڪري خداوند تيمان شهر ۾ رهڻ وارن بلڪ ادوم ملڪ جي
سڀني رهاڪن خلاف جيڪي رٿيو آهي سو ٻڌو. اوهان جا ٻارڙا اوهان
مان ائين ڇڪي ڪڍيا ويندا جيئن ڪنهن ڌڻ مان رڍن جا ٻچا گهلي
ڪڍيا آهن. يقيناً ائين ئي ٿيندو، جنهن کي ڏسي اوهان مان هر ڪنهن
کي دهشت وٺي ويندي. 21 ادوم جي تباهيءَ جو شور ٻڌي سڄي
ڌرتي ڏڪي ويندي. اتي جي رهاڪن جي رڙين جو آواز ڳاڙهي سمنڊ
تائين ٻڌو ويندو. 22 ڏسو، دشمن لشڪر عقاب وانگر اڏامندو ۽ بُصراه
مٿان پنهنجا پر پکيڙيندو. انهيءَ ڏينهن ادوم جي بهادر مردن جي
دل ۾ اهڙي تہ دهشت هوندي، جهڙي ويم جي سورن واري عورت
جي دل ۾ هوندي آهي.

## ارام جي گاديءَ واري شهر دمشق بابت پيغام

23 دمشق بابت خداوند فرمائي ٿو تہ
”حمات ۽ ارفاد شهرن جا رهاڪو فڪرمند ٿيندا،
اهي پريشان ٿي ويندا،
۽ سندن دلين ۾ بي‌قرار سمنڊ وانگر هلچل مچي ويندي،
ڇاڪاڻتہ اهي هيءَ بري خبر ٻڌندا تہ
24 ’دمشق وارا هيڻا ٿي پيا آهن،
۽ دشمن لشڪر اڳيان ڀڄي نڪتا آهن.
خوف وچان ڪين ڏڪڻيءَ اچي ورايو آهي.
سو ڪين اهڙي تڪليف ۽ درد اچي سوگهو ڪيو آهي،
جيئن ڪا عورت ويم جي سورن ۾ هجي.‘
25 هائو، اهو مشهور شهر،
جنهن تي آءٌ خداوند راضي رهندو هوس،
سو هاڻي ويران ٿيڻ وارو آهي.
26 انهيءَ ڏينهن ان جا نوجوان ماري گهٽين ۾ ڊير ڪيا ويندا،
۽ ان جا سڀ جنگي جوڌا قتل ڪيا ويندا.
27 آءٌ دمشق جي ڪوٽ ۾ اهڙي باهہ ڀڙڪائيندس،
جيڪا بادشاهہ بن‌هدد جي محلاتن کي
ساڙي ڇٽ ڪري ڇڏيندي.
اهو مون قادرِمطلق خداوند جو فرمان آهي.“

## بيابان ۾ رهندڙ قبيلن بابت پيغام

28 خداوند جو هي پيغام قيدار قبيلي وارن ۽ حصور علائقي جي
سردارن بابت آهي، جن کي بابل جي بادشاهہ نبوڪدنضر شڪست
ڏني. خداوند نبوڪدنضر کي فرمايو هو تہ
”اُٿ، تون قيدار قبيلي تي چڙهائي ڪر،
هائو، اڀرندي جي انهن ماڻهن کي ناس ڪر.
29 انهن جا تنبو ۽ انهن جا ڌڻ لٽي ڦري وٺ،
سندن سڀني تنبن جا پردا،
سڀ اٺ ۽ سندن سمورو سامان پنهنجي لاءِ ڪڻ.
تون اعلان ڪرائي کين ڊيڄار تہ
’هر طرف خطرو ئي خطرو آهي.‘

30 اي حصور وارؤ! آءٌ خداوند اوهان کي آگاهہ ٿو ڪريان تہ
ڀڄو، جلدي ڀڄي وڃو! وڃي ڳجهين جاين ۾ لڪو.
ڇالاءِجو بابل جي بادشاهہ نبوڪدنضر اوهان جي خلاف
هڪڙو منصوبو ٺاهي پنهنجي لشڪر کي حڪم ڏنو آهي تہ
31 ’اٿو تہ هن قوم تي چڙهائي ڪريون،

18:49 پيد 19:24–25 23:49–27 يس 17:1–3، عا 1:3–5، زڪ 9:1

جيڪا بي‌فڪريءَ ۽ اطمينان سان ٿي رهي.
اها هڪ اهڙي قوم آهي،
جنهن جي شهرن کي نہ ڪوٽ قلعا آهن ۽ نہ در دروازا،
نہ ئي وري ڪا ٻي قوم سندن حمايتي آهي.
32 انهن جا اٺ اسان لاءِ لٽ جو مال ٿيندا،
۽ سندن وڏا وڏا ڌڻ اسان لاءِ مالِغنيمت ٿيندا.' ''

خداوند فرمائي ٿو تہ
''حصور وارا،
جيڪي پنهنجون *لونڊڙيون ڪوڙائي ٻچي ڏاڙهي رکن ٿا،
تن کي آءٌ هوا وانگر ڇڙوڇڙ ڪري ڇڏيندس.
انهن تي آءٌ هر طرف کان مصيبت آڻيندس.
33 حصور گدڙن جي جوءِ ٿيندو
۽ هميشہ لاءِ هڪ ويران جڳهہ ٿيندو.
ڪوبہ انسان اتي نہ رهندو،
هائو، ڪوبہ بني بشر اتي ڏسڻ ۾ نہ ايندو.''

## عيلام ملڪ بابت پيغام

34 يهوداہ جي بادشاهہ صدقياہ جي بادشاهيءَ جي شروعات ۾
عيلام ملڪ بابت مون يرمياہ تي خداوند جو ڪلام نازل ٿيو تہ 35 ''آءٌ
قادرِمطلق خداوند فرمايان ٿو تہ جيئن تہ عيلام ملڪ جي مکيہ طاقت
تيرڪمان آهي، سو آءٌ سندن اها طاقت ٽوڙي ڇڏيندس. 36 آءٌ عيلام
ملڪ تي چئني طرفن کان جنگ جون هوائون گهلائيندس ۽ ان جي
رهاڪن کي دنيا جي چئني پاسن ڏانهن ڪٽو ڪٽو ڪرائي ڇڏيندس.
دنيا ۾ ڪابہ اهڙي قوم نہ هوندي، جنهن ۾ عيلام جا جلاوطن ٿيل
ماڻهو نہ پهچندا. 37 آءٌ عيلام وارن تي سندن جاني دشمنن ۽ مخالفن
جي روبرو خوف نازل ڪندس. آءٌ پنهنجي شديد غضب وچان مٿن
مصيبت آڻيندس. آءٌ سندن پٺيان جنگ لڳائي ڇڏيندس، جيستائين
ڪين فنا نہ ڪري ڇڏيان. 38 آءٌ خداوند عيلام ملڪ جي بادشاهن ۽
سندن عملدارن کي تباهہ ڪري ڇڏيندس ۽ اتي پنهنجي بادشاهي
قائم ڪندس. 39 تنهن هوندي بہ آءٌ ايندڙ ڏينهن ۾ عيلام وارن جي
خوشحالي وري بحال ڪندس. اهو مون خداوند جو فرمان آهي.''

## بابل تي قبضو

50 1 بابل ملڪ ۽ سندس رهاڪن بابت مون يرمياہ تي خداوند
جو ڪلام نازل ٿيو تہ
2 ''تون قومن منجهہ ظاهر ڪر ۽ منجهن اعلان ڪر،
هڪڙو جهنڊو کڙو ڪري پڌرائي ڪر ۽ ڪجهہ بہ نہ لڪاءِ،
چئُہ تہ 'بابل قبضي هيٺ اچي ويو آهي،
ان جي رهاڪن جو معبود †مردوڪ خوار خراب ڪيو ويو آهي.
هائو، سندن انهيءَ ديوتا کي ڊاهي ڪيرايو ويو آهي،
۽ سندس ڪراهت جهڙا بت پيچي پورا پورا ڪيا ويا آهن.'
3 چالاءِجو اتر مان انهيءَ ملڪ تي هڪڙي قوم ڪاهي ايندي،
جيڪا انهيءَ کي ويران ڪري ڇڏيندي،
ايتري قدر جو اتي ڪوبہ رهڻ وارو ڪونہ هوندو.
ماڻهو توڙي جانور اتان ڀڄي ٻاهر نڪري ويندا.''

## بني اسرائيل جي واپسي

4 خداوند فرمائي ٿو تہ ''انهن ئي ڏينهن ۾ اسرائيل ۽ يهوداہ وارا
ٻئي گڏجي روئيندي ۽ زاريون ڪندي مون خداوند پنهنجي خدا جا
طالبو ٿيندا. 5 هو ‡صيئون جو رستو پڇا ڪندا ۽ اوڏانهن پنهنجو
رخ رکندا. هو اتي اچي مون خداوند سان هڪ دائمي عهد ڪندا،
جنهن کي هو ڪڏهن بہ نہ وساريندا.
6 منهنجي قوم ڀٽڪيل رڍن وانگر ٿي پيئي آهي. انهن جي ڌنارن
کين گمراهہ ڪري ڇڏيو آهي، تہ جيئن هو جبلن تي ڀٽڪندا وتن.
اهي جبلن ۽ ٽڪرين تي رلندا ٿا وتن ۽ ڪانئن پنهنجي آرام جي جاءِ
جو رستو ئي وسري ويو آهي. 7 هو جن جن کي بہ هٿ پئي آيا آهن
تن سڀني هنن کي پئي ڳڙڪايو آهي. سندن اهي دشمن چون ٿا تہ
'اسين قصوروار ناهيون. هو انهيءَ ڪري تباهہ ٿيا آهن، جو هنن
خداوند جو گناهہ ڪيو آهي، جيڪو سندن امن وَ خوشحاليءَ جي جاءِ
۽ سندن ابن ڏاڏن جي اميد هو.'
8 اي بني اسرائيل وارؤ! بابل منجهان ڀڄي ٻاهر ٿيو. هائو، بابلين
جي ملڪ منجهان انهيءَ ٻڪر وانگر جلدي نڪري وڃو، جيڪو ڪنهن
جي انتظار ڪرڻ کان سواءِ ڌڻ جي اڳيان نڪري هلندو ويندو آهي.
9 چالاءِجو ڏسو، آءٌ اتر وارن ملڪن مان وڏين وڏين قومن جو هڪڙو
جٿو اڀاري بابل تي چاڙهي آڻيندس. هو ان جي سامهون صفون ٻڌي
بيهندا ۽ انهيءَ تي قبضو ڪري وٺندا. هنن جا تيرانداز ايترا تہ ماهر

*لونڊڙيون ڪوڙائي ٻُچي ڏاڙهي رکن ٿا: بيابان ۾ رهڻ وارا پنهنجي معبودن جي تعظيم خاطر پنهنجي لونڊڙين جا وار ڪوڙائيندا هئا. بني اسرائيل لاءِ غير قومن واري انهيءَ رسم جي منع هئي، ڏسو لاوي سرشتو 27:19.

†مردوڪ: هي بابلين جو وڏو معبود هو. اصلي عبرانيءَ ۾ انهيءَ ديوتا لاءِ ''بيل'' بہ لکيل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ''مالڪ.''

‡صيئون: يعني اهو پاڪ جبل جنهن تي يروشلم شهر اڏيل هو.

1:50–64:51 يس 13:1–23:14، 47:1–15   8:50 مڪا 4:18

هوندا، جو سندن هڪڙو بہ تير نہ گسندو. 10 سو بابل لٽجي ويندو ۽
انهيءَ جا سڀ لٽيندڙ مالامال ٿي ويندا. اهو مون خداوند جو فرمان
آهي."

## بابل جو زوال

11 خداوند فرمائي ٿو تہ
"اي بابل جا رهاڪؤ! اوهين ڏاڍا سرها ۽ خوش ٿا ٿيو،
اي منهنجي قوم کي لٽڻ وارؤ!
اوهين اَنُ لتاڙيندڙ ڳاين وانگر ٽپا ٿا ڏيو.
اوهين متل گهوڙن وانگر هٽڪار ٿا ڪريو.
12 پر هاڻي اوهان جي قوم تمام خوار خراب ٿيندي.
اها قومن منجهہ سڀني کان حقير ڪئي ويندي،
۽ اوهان جو ملڪ بيابان، خشڪ زمين ۽ رڃ ٿي ويندو.
13 خداوند جي ڪاوڙ ڪري اُهو وري آباد نہ ٿيندو،
بلڪ صفا ويران ٿي ويندو.
بابل وٽان لنگهندڙ ماڻهو انهيءَ کي ڏسي عجب ۾ پئجي ويندا
۽ ان تي آيل سڀيئي آفتون ڏسي دهلجي ويندا.

14 اي تيراندازؤ!
اوهين سڀ بابل جي چوڌاري صفون ٻڌي بيهو.
مٿس تير وسايو ۽ ڪوبہ تير باقي بچائي نہ رکو،
ڇالاءِجو بابل وارن مون خداوند جو گناهہ ڪيو آهي.
15 مٿن هر طرف کان هڪلون ڪريو،
انهن جا ڪوٽ قلعا ڀڃو ۽ ڀتيون ڊاهي پٽ ڪريو،
تڏهن هو اچي پيش پوندا.
بيشڪ اهو مون خداوند جو بدلو آهي،
سو اوهين بہ ڪانئن بدلو وٺو،
۽ جيئن هنن ٻين سان ڪيو آهي تيئن اوهين بہ ساڻن ڪريو.
16 بابل ۾ ٻج پوکيندڙن توڙي لابارو ڪندڙن کي
سڄي ملڪ مان ڇٽ ڪري ڇڏيو،
انهيءَ لاءِ تہ منجهس ڪو فصل ئي نہ ٿئي.
ظالم جي تلوار جي ڊپ کان هنن مان هر ڪو پرديسي
پنهنجي پنهنجي قوم ڏانهن موٽ ڪندو.
هائو، هر ڪو پنهنجي پنهنجي ملڪ ڏانهن ڀڄي ويندو."

## بني اسرائيل جي واپسي

17 بني اسرائيل وارا ٽٽڪيل رڍن جي ڌڻ وانگر آهن، جنهن جو
پيڇو ڪري شينهن ڪيس ڇڙوڇڙ ڪري ڇڏيو آهي. پهرين اشور جو
شهنشاهہ بني اسرائيل کي ڳڙڪائي ويو ۽ بعد ۾ بابل جي بادشاهہ
نبوڪدنضر انهن جا هڏا بہ چٻاڙي ڇڏيا. 18 تنهنڪري قادرِمطلق
خداوند، بني اسرائيل جو خدا فرمائي ٿو تہ "ڏسو، آءٌ بابل جي
بادشاهہ ۽ سندس ملڪ کي اهڙي ئي سزا ڏيندس، جهڙي مون اشور
جي شهنشاهہ کي ڏني هئي. 19 پر آءٌ بني اسرائيل کي سندن وطن ۾
موٽائي آڻيندس. پوءِ هو ڪرمل جبل ۽ بسن جي سرسبز علائقن جا
فصل پيا کائيندا، بلڪ افرائيم ۽ گلعاد جي علائقن ۾ هو خوشحالي
پيا ماڻيندا. 20 انهن ڏينهن ۾ اسرائيل توڙي يهوداہ وارن ۾ ڪو
گناهہ ڳولهيو بہ نہ لڀندو، ڇالاءِجو آءٌ انهن مان جن کي باقي بچائي
وٺندس، تن جو هر گناهہ ۽ هر خطا معاف ڪري ڇڏيندس. اهو مون
خداوند جو فرمان آهي."

## بابل خلاف خدا جو فيصلو

21 خداوند بابل جي دشمنن کي فرمائي ٿو تہ
"بابل ملڪ جي مراتايم ۽ فقود جي علائقن تي حملو ڪريو،
انهن جي رهاڪن کي قتل ڪري بلڪل ناس ڪري ڇڏيو،
جيئن مون اوهان کي حڪم ڏنو آهي تيئن ئي ڪريو.

22 اي بابل وارؤ! اوهان جي ملڪ ۾
جنگ ۽ وڏي تباهيءَ جو شور مچي ويندو.
23 ڏسڻ وارا چوندا تہ
'سڄي دنيا کي ڀڃڻ وارو هٿوڙو
ڪيئن نہ پاڻ ڀڄي ٽڪرا ٽڪرا ٿي پيو آهي!
ڏسو، بابل ملڪ ڪيئن نہ دنيا ۾
عبرت جي جاءِ بڻجي ويو آهي!'
24 مون خداوند اوهان جي لاءِ ڪوڙڪي اڏي هئي،
جنهن ۾ اوهين ڦاٿا آهيو،
۽ انهيءَ جي اوهان کي خبر ئي نہ پئي.
هائو، مون اوهان کي اٽي ڦاسايو آهي،
ڇالاءِجو اوهان مون خداوند خلاف اٿي کڙا ٿيا هئا.
25 مون خداوند پنهنجي اسلح خاني جا در کوليا آهن،
۽ پنهنجي غضب جا هٿيار ڪڍي آندا اٿم،
ڇالاءِجو مون خداوند، قادرِمطلق خدا کي
اوهان بابلين جي ملڪ ۾ هڪ ڪم ڪرڻو آهي.

26 اي بابل جا دشمنؤ!
اوهين هر طرف کان اچي بابل تي حملو ڪريو.
ان جي اناج جا گدام ڀڃي خالي ڪريو.
ملڪ کي ڊاهي ويران ڊڙا ڪري ڇڏيو.
هائو، ان کي لٽي ڦري بلڪل ناس ڪري ڇڏيو،
جيئن منجهس ڪابہ شيءِ باقي نہ بچي.
27 ان جي سڀني جوڌن جوانن کي ڏاندن جيان کهي ڇڏيو.
ويل آهي انهن لاءِ!
ڇالاءِجو انهن جي سزا جو ڏينهن اچي پهتو آهي."

28 بابل جا جيڪي ماڻهو ڀڄي اچي يروشلم ۾ پناهه وٺندا سي
ٻڌائيندا تہ خداوند خدا ڪيئن نہ بابلين کان پنهنجو وير ورتو آهي
جن سندس هيڪل کي تباهہ ڪيو هو.
29 خداوند فرمائي ٿو تہ
”اي بابل جا دشمنؤ! نہ رڳو ماهر تيراندازن،
بلڪ هر تيرڪمان ڇڪيندڙ کي
بابل سان وڙهڻ لاءِ اُٺي کڏ ڪريو.
بابل شهر جي چوڌاري گهيرو ڪري ويهو،
۽ ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي ڀڄي نڪرڻ نہ ڏيو.
جهڙا هنن ڪم ڪيا آهن، تهڙي ئي کين سزا ڏيو،
هائو، جيئن پاڻ ڪيو اٿائون، تيئن ئي ساڻن ڪريو.
ڇالاءِجو هن مون بني اسرائيل جي پاڪ معبود سان
سينو ساهيو آهي.
30 تنهنڪري آءٌ خداوند فرمايان ٿو تہ
بابل جا جوان مرد پنهنجي شهر جي گهٽين ۾ ماريا ويندا،
هائو، ان جا سڀ جنگي جوڌا انهيءَ ڏينهن ماريا ويندا.“

31 خداوند قادرِمطلق خدا فرمائي ٿو تہ
”اي بابل جا مغرور رهاڪؤ! ياد رکو،
آءٌ اوهان جي خلاف آهيان،
اوهان جي بربادي‌ءَ جو ڏينهن اچي پهتو آهي،
۽ هاڻي اوهان کي سزا ڏني ويندي.
32 اي مغرور قوم وارؤ!
آءٌ اوهان کي اهڙو تہ برباد ڪري ڇڏيندس،
جو ڪوبہ اوهان جي مدد نہ ڪندو.
آءٌ اوهان جي شهرن ۾ اهڙي باهہ ٻاري ڇڏيندس،
جيڪا اوهان جي آس‌پاس وارين سڀني شين کي
ساڙي ڇٽ ڪري ڇڏيندي.
33 اوهان اسرائيل وارن توڙي يهوداہ وارن تي ظلم ڪيو آهي.
اوهين انهن کي قيد ڪري قابو ڪيو ويٺا آهيو،
۽ کين آزاد ڪونہ ٿا ڪريو.
34 پر ياد رکو، انهن جو ڇڏائيندڙ تمام زورآور آهي،
۽ اهو آءٌ قادرِمطلق خداوند آهيان.
آءٌ انهن جو پوريءَ طرح بچاءُ ڪندس.
آءٌ انهن کي سندن وطن ۾ امن وَ سلامتي بخشيندس،
پر اوهان بابل وارن جي ننڊ حرام ڪري ڇڏيندس.

35 آءٌ خداوند اوهان بابلين خلاف
هڪڙي اهڙي تلوار ڪڍي ڪندس،
جنهن کان اوهين،
اوهان جا امير توڙي ڏاها ماڻهو بہ بچي ڪين سگهندا.
36 آءٌ اوهان جي ڪوڙين اڳڪٿي ڪندڙن تي بہ
اها تلوار ڪڍي ڪندس،
جنهن مان ثابت ٿيندو تہ اهي بي‌وقوف آهن.
اوهان جا بهادر مرد بہ انهيءَ تلوار کان بچي نہ سگهندا،
۽ منجهن خوف وَ هراس ڦهلجي ويندو.
37 اوهان جي گهوڙن توڙي جنگي گهوڙي گاڏين تي بہ
آءٌ تلوار ڪڍي ڪندس.
اوهان جا ڌارين قومن وارا سمورا اتحادي بہ
انهيءَ کان بچي نہ سگهندا،
بلڪ اهي عورتن وانگر ڏڄڻا ٿي پوندا.
منهنجي انهيءَ تلوار کان اوهان جا خزانا بہ بچي نہ سگهندا،
بلڪ اهي لٽجي ڦرجي ويندا.
38 آءٌ اوهان جي ندين تي بہ اها تلوار ڪڍي ڪندس،
تہ انهن جو پاڻي سڪي ويندو.
آءٌ اهو سڀ انهيءَ ڪري ڪندس
جو اوهان جو ملڪ بت‌پرستيءَ وارو ملڪ آهي،
۽ اوهين پنهنجي انهن هيبتناڪ بتن جا ديوانا بڻجي ويا آهيو.

39 سو رڻپٽ جا جانور ۽ گدڙ اچي بابل ملڪ ۾ رهندا ۽ اهو ڇپرن
جي رهڻ جي جاءِ ٿي پوندو. اوهان جو ملڪ وري ڪڏهن بہ آباد نہ
ٿيندو. هائو، انهيءَ ۾ هميشہ لاءِ ڪوبہ ماڻهو ڪونہ رهندو. 40 جيئن
اڳي مون سدوم ۽ عموراہ ۽ ان جي آس‌پاس وارن شهرن کي اجاڙي
نابود ڪري ڇڏيو هو، تيئن بابل ۾ بہ ڪو ماڻهو ڪونہ رهندو. هائو،
اتي ڪوبہ آدمزاد اچي نہ ٽڪندو. اهو مون خداوند جو فرمان آهي.

41 ڏسو، ڏرتيءَ جي ڇيڙي کان
هڪڙي وڏي قوم ۽ ڪيترن ئي بادشاهن کي اٿاريو پيو وڃي،
يعني اتر واري ملڪ کان هڪ لشڪر اچي ٿو.
42 اهي تيرڪمانن ۽ تلوارن سان مسلح آهن.
اهي ظالم آهن ۽ منجهن ڪوبہ رحم ڪونهي.
جڏهن هو گهوڙن تي سوار ٿي اوهان سان وڙهڻ لاءِ اچن ٿا،
تڏهن سندن لشڪر جو آواز ائين ٿو لڳي،
جيئن سمنڊ گجگوڙ ڪندو هجي.
اي بابل وارؤ! اهي جنگي جوڌا
اوهان سان جنگ ڪرڻ لاءِ هٿيار ٻڌي اچن پيا.

43 بابل جي بادشاهہ هنن جي هاڪ ٻڌي آهي،

ان ڪري سندس ڍڍر ڍرا ٿي پيا آهن.
کيس ذهني پريشانيءَ اچي وڪوڙيو آهي
۽ ويم ڪندڙ عورت جيان سورن اچي ورايو اٿس.

44 جهڙيءَ طرح شينهن اردن درياءَ وارن گهاٽن ٻيلن مان نڪري
ساون چراگاهن ڏي چڙهي ايندو آهي، تهڙيءَ طرح آءٌ بہ اچي بابلين
کي اک ڇنڀ ۾ سندن شهر مان ڀڄائي ڪيندس. پوءِ جنهن کي
آءٌ چونڊي ڪيندس، تنهن کي ان ملڪ تي بادشاهي ڪرڻ لاءِ مقرر
ڪندس. ڇالاءِجو ڪير مون جهڙو آهي ۽ ڪير مون کي للڪاري
سگهي ٿو؟ ڪهڙو حڪمران منهنجي آڏو اچي سگهي ٿو؟
45 تنهنڪري مون خداوند بابل شهر ۾ رهڻ وارن بلڪ بابل ملڪ
جي سڀني رهاڪن خلاف جيڪي رٿيو آهي سو ٻڌو. اوهان جا ٻارڙا
اوهان مان ائين ڇڪي ڪڍيا ويندا جيئن ڪنهن ڌڻ مان رڍن جا ٻچا
گهلي ڪڍبا آهن. يقيناً ائين ئي ٿيندو، جنهن کي ڏسي اوهان مان
هر ڪنهن کي دهشت وٺي ويندي. 46 بابل جي تباهيءَ جو شور ٻڌي
سڄي ڌرتي ڏڪي ويندي. اتي جي رهاڪن جي رڙين جو آواز دنيا
جي سڀني قومن تائين ٻڌو ويندو."

## بابل تي اچڻ واري سزا

51 1 خداوند فرمائي ٿو تہ
"ياد رکو، بابل ملڪ ۽ ان جا سڀ رهاڪو
جيڪي منهنجا مخالف آهن،
تن تي آءٌ طوفاني هوا جيان
تباهي مچائيندڙ لشڪر آڻڻ وارو آهيان.
2 هائو، آءٌ بابل ڏانهن اهي ڌاريون قومون موڪليندس،
جيڪي ان کي ائين اُڏائي ڇڏينديون،
جيئن هوا ڪک ڪانا اڏائي ڇڏيندي آهي.
جڏهن اها مصيبت مٿس ايندي،
تڏهن اهي قومون کيس چئني طرفن کان وڪوڙي ڇڏينديون،
۽ ملڪ کي ويران ڪري ڇڏينديون.

3 اي تباهي مچائيندڙ لشڪرؤ!
اوهين بابل جي تيراندازن کي ايتري بہ مهلت نہ ڏيو،
جو اهي پنهنجا تيرڪمان ڇڪي سگهن،
يا وري هٿيار ٻڌي اٿي سگهن.
اوهين ان جي جنگي جوڌن کي جيئرو نہ ڇڏيو،
بلڪ انهن جو سڄو لشڪر بلڪل ناس ڪري ڇڏيو.
4 هو پنهنجي شهر جي گهٽين ۾
زخمن کان چور ۽ قتل ٿيا پيا هوندا.
5 مون بني اسرائيل جي پاڪ معبود، قادرِمطلق خداوند،
نہ اسرائيل وارن کي ڇڏي ڏنو آهي ۽ نہ وري يهوداہ وارن کي،
جيتوڻيڪ هنن پنهنجي ملڪن کي
منهنجي خلاف ڏوهن سان ڀري ڇڏيو آهي.
6 سو اي بني اسرائيل وارؤ!
اوهين بابل منجهان نڪري ڀڄي وڃو،
۽ پنهنجيون جانيون بچايو.
اوهين بابلين جي گناهن جي سزا ۾ شريڪ ٿي
پاڻ کي برباد نہ ڪريو.
ڇالاءِجو وقت اچي ويو آهي جو آءٌ خداوند ڪانئن وير وٺان،
جنهن جي هو لائق آهن."

7 بابل خداوند جي هٿ ۾ مئي جي هڪڙي سوني پيالي مثل رهيو
آهي، جنهن مان مئي پي سڄيءَ دنيا وارا مست ٿي پيا آهن. هائو،
قومن ان مئي مان پٽي پيتو آهي، تنهنڪري اهي ديوانيون ٿي پيون
آهن. 8 پر هاڻي اهو پيالو اوچتو ڪري ٽڪرا ٽڪرا ٿيڻ وارو آهي. پوءِ
خداوند ڌارين قومن کي چوندو تہ "ڀلي اوهين ان جي لاءِ واءِويلا
مچايو ۽ ان جي زخمن لاءِ ملم هٿ ڪريو تہ من هو ڇٽي چڱو ڀلو
ٿئي." 9 پر اهي چوندا تہ "اسان بابل جا زخم ڇٽائڻ جي ڪوشش
ڪئي، پر ان جا زخم ڇٽي نہ سگهيا. سو ڇڏي ڏيوس. هلو تہ اسين
پنهنجي پنهنجي وطن موٽي هلون، ڇاڪاڻتہ بابلين جي سزا چوٽ
چڙهي ويئي آهي."
10 سو اي بني اسرائيل وارؤ! ائين ڪرڻ سان خداوند اسان کي
بيڏوهي ثابت ڪيو آهي، تنهنڪري اچو تہ هلون ۽ هلي يروشلم ۾
ٻڌايون تہ خداوند اسان جي خدا ڇا ڪيو آهي.
11 خداوند مادئين جي بادشاهن کي اُڀاريو آهي، انهيءَ لاءِ تہ اهي
بابل کي ناس ڪري ڇڏين. ائين خداوند پنهنجي هيڪل جي بربادي‌ءَ
جو بدلو وٺندو. سو انهن جا سپهہسالار پنهنجي لشڪر کي حڪم ٿا
ڏين تہ "تير تکا ڪريو، ڍالون ڪٽي سوگهيون ڪريو. 12 بابل جي ڀتين
جي سامهون حملي لاءِ جهنڊو کڙو ڪريو. پهري واريون چونڪيون
مضبوط ڪريو، تاڙ رکندڙ مقرر ڪريو، حملي لاءِ لڪي ويهڻ جون
جايون تيار ڪريو."
بيشڪ خداوند پنهنجو مقصد ضرور پورو ڪندو، جيڪو هن بابل
وارن جي خلاف رٿيو آهي. 13 بابل ملڪ جنهن ۾ بيشمار نديون
ٿيون وهن ۽ جيڪو خزانن سان مالامال آهي، سو پنهنجي پڄاڻيءَ
کي پهچي ويو آهي ۽ سندس حياتيءَ جي تند ڪٽجڻ واري آهي.
14 قادرِمطلق خداوند پنهنجي ذات جو قسم کڻي چيو آهي تہ "يقيناً
آءٌ ماڪڙ جي ڪٽڪن جيان گهڻا ئي لشڪر آڻيندس جيڪي بابل تي
حملو ڪري انهيءَ کي شڪست ڏيندا ۽ فتح جا نعرا هڻندا."

51:7 مڪا 17:2–4، 18:3 51:9 مڪا 18:5 51:13 مڪا 17:1

## خداوند جي واکاڻ جو گيت
(يرمياه 10:12–16)

15 خداوند پنهنجي قدرت سان زمين جوڙي آهي،
هن پنهنجي حڪمت سان دنيا خلقي آهي،
۽ پنهنجي دانائيءَ سان آسمان تاڻي ڇڏيا اٿس.
16 هن جي هڪل تي
آسمان جي مٿان واري پاڻيءَ ۾ گجگوڙ ٿئي ٿي.
هو ڌرتيءَ جي ڇيڙن کان ڪڪر اٿاري ٿو.
هو مينهن سان گڏ کنوڻ موڪلي ٿو،
۽ پنهنجن گدامن مان هوا اُماڻي ٿو.
17 اهو ڏسندي هر بت‌پرست ماڻهو بي‌سمجهه
۽ اڻڄاڻ ثابت ٿئي ٿو.
هر سونارو پنهنجي اُڪريل مورت جي ڪري نااميد ٿئي ٿو،
ڇوته سندس اُڪريل مورتيون دوکو آهن،
جن ۾ ساهه ئي ڪونهي.
18 اهي مورتيون باطل ۽ ٺڳيءَ جو ناهه آهن،
جڏهن انهن جي سزا جو وقت ايندو
تڏهن اُهي ناس ٿي وينديون.
19 يعقوب جو خدا، جنهن جو نالو قادرِمطلق خداوند آهي
سو انهن جهڙو ناهي،
ڇالاءِجو هو هر شيءِ جو خالق آهي
۽ بني اسرائيل قوم کي
هن پنهنجي ملڪيت ٿيڻ لاءِ چونڊيو آهي.

## خداوند جو هٿوڙو

20 خداوند چوي ٿو ته
”اي بابل! تون منهنجو هٿوڙو هئين،
تنهنجي ذريعي مون قومن کي پيچي پورا پورا ڪري ڇڏيو.
هائو، تون جنگ جي لاءِ منهنجو هٿيار هئين،
تنهنجي ذريعي مون بادشاهتون ناس ڪري ڇڏيون.
21 تنهنجي ذريعي مون گهوڙن ۽ سوارن کي
ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو،
تنهنجي ذريعي مون جنگي گهوڙي گاڏين،
۽ گاڏيون هلائيندڙن کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو.
22 تنهنجي ذريعي مون مردن ۽ عورتن کي
ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو،
تنهنجي ذريعي مون پوڙهن توڙي جوانن کي
ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو،
تنهنجي ذريعي مون ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي
ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو.
23 تنهنجي ذريعي مون ڌنارن ۽ سندن ڌڻن کي
ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو،
تنهنجي ذريعي مون هارين ۽ سندن ڏاندن کي
ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو،
تنهنجي ذريعي مون سردارن ۽ حاڪمن کي
ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو.“

## بابل جي سزا

24 خداوند فرمائي ٿو ته ”آءٌ بابل ملڪ ۽ ان جي سيني رهاڪن
کي اوهان جي ڏسندي انهن سيني ڪمن جي سزا ڏيندس جيڪي هنن
يروشلم ۾ ڪيا هئا.

25 اي بابل! تون جبل جيان مضبوط لڳندو هئين،
ڇالاءِجو تون سيني قومن کي چيپاڙي ناس ڪندو هئين.
پر آءٌ خداوند تنهنجي خلاف آهيان.
آءٌ تو کي پڪڙي گهلي ڪٽي پٽ تي اڇلائيندس،
۽ تو کي ساڙي رک ڪري ڇڏيندس.
26 ايتري قدر جو تنهنجي ڍير مان ڪوبه پٿر جاءِ ٺاهڻ
يا پيڙهه جو پٿر رکڻ لاءِ ڪڏهن به ڪونه کنيو ويندو.
بلڪ آءٌ خداوند چوان ٿو ته تون هميشه جي لاءِ ويران رهندين.
27 اي سيني قومن وارؤ!
اوهين انهيءَ ملڪ تي حملي لاءِ هڪڙو جهنڊو کڙو ڪريو.
پنهنجين قومن منجهه نفيل وڄائي،
انهن کي بابل جي خلاف جنگ لاءِ تيار ڪريو.
هن سان وڙهڻ لاءِ اراراط،
مِني ۽ اشڪناز جي بادشاهتن جي لشڪرن کي سڏي گڏ ڪريو.
هن سان وڙهڻ لاءِ هڪڙو سپهه‌سالار مقرر ڪريو.
ماڪڙ جي ڪٽڪن جيان گهوڙن وارا لشڪر مٿس چاڙهي آڻيو.
28 مادئين جي بادشاهن کي ٻڌايو وڃي ته
اهي پنهنجن سالارن ۽ سندن سيني نائبن کي تيار ڪن،
۽ انهن سيني ملڪن کي پڻ، جن تي هو حڪمران آهن،
انهيءَ لاءِ ته سيپيئي قومون وڙهڻ لاءِ تيار ٿي وڃن.

29 جيئن ته بابل جي خلاف
مون خداوند جو هر ارادو قائم آهي،
انهيءَ لاءِ ته بابل جي ملڪ کي اهڙو ويران ڪري ڇڏيان،
جو منجهس ڪوبه رهڻ وارو نه هجي،

---

51:16 پيد 1:6–8

تنهنڪري زمين ڪنبي ٿي ۽ ڏڏي ٿي.
30 بابل جا بهادر ڊڄي جنگ ڪرڻ کان پنهنجي هٿ ڪري ويا آهن،
۽ وڃي پنهنجن قلعن ۾ لڪا آهن.
هو پنهنجي همت هاري عورتن جهڙا ڊڄڻا ٿي پيا آهن.
هوڏانهن دشمن سندن شهرن جي ڪوٽن جا دروازا پچن ٿا،
۽ شهرن اندر گهڙي هر گهر کي باهه ٿا ڏين.
31 هر طرف کان قاصدن پٺيان قاصد ڊوڙندا ٿا اچن،
انهيءَ لاءِ ته بابل جي بادشاهه کي ٻڌائين ته
سندس سڄي شهر تي قبضو ٿي ويو آهي.
32 ايتري قدر جو ندين جي گهاٽن تي به قبضا ٿي ويا آهن.
ڍوري وارن ٻوڙن کي باهيون ڏنيون ويون آهن،
۽ پوري لشڪر ۾ هراس پئجي ويو آهي.
33 بابل شهر وارا اناج جي انهيءَ ول وانگر آهن،
جنهن کي سندن دشمن ڳاهي ناس ڪرڻ وارا آهن،
هائو، انهن جي لٽڻ جو وقت اچي پهتو آهي.
اهو مون قادرِمطلق خداوند، بني اسرائيل جي خدا جو فرمان آهي.“

34 بيشڪ بابل جي بادشاهه نبوڪدنضر
يروشلم جي مال متاع سان پنهنجو پيٽ ڀري،
يروشلم کي سڪٽو ڀانڊو بڻائي ڇڏيو آهي،
بلڪ انهيءَ کي ڀڃي ڀورا ڀورا ڪري ڇڏيو اٿائين.
هو يروشلم کي ڳڙڪائي ويو،
هائو، هو انهيءَ کي اژدها بلا وانگر ڳهي ويو.
35 هاڻ ڀلي يروشلم جا رهاڪو چون ته
”جيڪو ظلم اسان تي ٿيو آهي،
سو شل بابل وارن جي سر تي پوي.“
هائو، صيئون جبل جا رهاڪو ڀل ائين چون ته
”اسان جو خون شل بابلين جي ڳچيءَ ۾ پوي.“

## يروشلم وارن کي خدا جي مدد

36 سو خداوند فرمائي ٿو ته
”هاڻ، اي يروشلم وارؤ!
آءٌ اوهان جي طرفداري ڪندس ۽ اوهان جو بدلو وٺندس.
آءٌ بابل جا چشما سڪائي ڇڏيندس،
۽ ان جا درياءَ خشڪ ڪري ڇڏيندس.
37 پوءِ بابل ويران ڊڙا بڻجي ويندو.
هائو، اهو گدڙن جي جُوءِ بڻبو.
اهو هڪ اهڙي جاءِ بڻجي ويندو،
جتي ڪوبه رهڻ وارو نه هوندو.
انهيءَ کي ڏسي ماڻهو دهلجي ويندا ۽ حيرت جو اظهار ڪندا.
38 جيتوڻيڪ هن وقت بابل وارا
پاڻ کي شينهن سمجهي گجگوڙ ٿا ڪن،
۽ اُهي شينهن جي ٻچن وانگر گرڪندا ٿا وتن،
39 پر جڏهن سندن پيٽ ۾ بک جي باهه ڀڙڪندي،
تڏهن آءٌ هنن جي اهڙي مهماني ڪندس،
جو سزا جو شراب پيئاري پيئاري کين مست ڪندس،
انهيءَ لاءِ ته هنن کي ايڏو ته نشو چڙهي وڃي،
جو هو هميشه واري ننڊ سمهي پون ۽ وري نه جاڳن.
40 هائو، ان حالت ۾ آءٌ هنن کي رڍن ۽ ٻڪرين وانگر
ڪوس گهر ڏانهن وٺي ايندس.
اهو مون خداوند جو فرمان آهي.“

## بابل جي بدقسمتي

41 خداوند فرمائي ٿو ته
”جنهن بابل جي واڪاڻ جا سڄيءَ دنيا ۾ چرچا پيا هلن،
سو بابل ڪيئن نه قبضي هيٺ اچي ويندو!
هائو، بابل قومن منجهه ڪيئن نه عبرت جو سبب بڻجي پوندو!
42 دشمن لشڪر بابل تي هڪ سمنڊ جيان اٿلي پوندا،
۽ گجندڙ ڇولين وانگر بابلين کي ٻوڙي ناس ڪري ڇڏيندا.
43 ان جا شهر عبرت جو سبب بڻجي ويندا.
اهي هڪ اهڙي خشڪ زمين ۽ رڻپٽ ٿي ويندا،
جتي ڪوبه انسان نه رهندو هجي،
۽ نه وري اتان ڪو لنگهي سگهندو هجي.
44 آءٌ بابل وارن جي *مردوڪ ديوتا کي سزا ڏيندس،
۽ جيڪو به مال پنهنجي پوڄارين جي وسيلي
لٽي ڦري هو ڳهي ويو هو،
سو آءٌ ڪائنس اوڳاڇرائيندس.
اڳتي قومون هن جي پوڄا ڪرڻ ڇڏي ڏينديون.

بابل جا ڪوٽ ڪرڻ وارا آهن.
45 سو اي منهنجي قوم! اوهين انهيءَ منجهان نڪري وڃو،
ڀڄي پنهنجا سر بچايو.
مون خداوند جي غضبناڪ ڪاوڙ کان ڀڄي پري ٿيو.
46 هر سال مختلف افواهه پيا هلندا آهن ته
ملڪ ۾ ظلم هلندو رهي ٿو،
يا هڪڙو حاڪم ٻئي سان مقابلو ڪري ٿو.
پر اوهين همت نه هاريو،
نه وري ملڪ ۾ هليل انهن افواهن جي ڪري ڪو ڊپ ڪريو.

*مردوڪ: هي بابلين جو وڏو معبود هو. اصلي عبرانيءَ ۾ ”بيل“ لکيل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ”مالڪ“.

47 چالاءِجو اُهو وقت يقيناً اچڻ وارو آهي،
جڏهن آءٌ بابل جي بتن کي سزا ڏيندس.
بابل جو سڄو ملڪ خوار خراب ٿيندو،
۽ ان جا سمورا ماڻهو ماريا ويندا.
48 جڏهن اتر کان تباهي مچائيندڙ لشڪر
بابل تي اچي ڪڙڪندو،
تڏهن آسمان توڙي زمين ۽ جيڪي انهن ۾ آهي،
سي سڀ انهيءَ ڪري خوشيءَ وچان راڳ ڳائيندا.
49 هائو، جهڙيءَ طرح بابل
سڄيءَ دنيا جي ماڻهن ۾ موت وجهي ڇڏيو هو،
تهڙيءَ طرح هاڻ بابل جي ماڻهن ۾ به موت پوندو،
چالاءِجو هنن ڪيترائي بني اسرائيل ماري ڇڏيا آهن.
اهو مون خداوند جو فرمان آهي.“

## بابل ۾ رهندڙ يهوداه وارن لاءِ خداوند جو پيغام

50 خداوند فرمائي ٿو ته
”اي يهوداه وارؤ! اوهين جيڪي يروشلم جي بربادي‌ءَ وقت
موت کان بچي پري پري نڪري ويا هئا،
سي بابل مان نڪري وڃو، دير نه ڪريو.
اوهين مون خداوند کي ياد رکو ۽ يروشلم کي نه وساريو.
51 چالاءِجو اوهين پاڻ چئو ٿا ته
’اسان ذليل ٿيا آهيون،
چاڪاڻته اسان جي بي‌عزتي ڪئي ويئي آهي.
جيئن ته ڌاريا خداوند جي مقدس هيڪل اندر گهڙي ويا آهن،
تنهنڪري شرم کان اسان جا ڪنڌ جهڪيل آهن.‘
52 ٻڌو، اهي ڏينهن اچن ٿا،
جڏهن آءٌ خداوند بابل جي بتن کي سزا ڏيندس،
۽ سندن سڄي ملڪ ۾ زخمين جي ڪنجهڪار پئجي ويندي.
53 توڙي جو بابل ڪٽي آسمان تائين پهچي وڃي،
۽ پنهنجن اوچن قلعن کي مضبوط ڪري،
ته به آءٌ تباهي مچائيندڙ لشڪر مٿس چاڙهي آڻيندس.
اهو مون خداوند جو فرمان آهي.“

## بابل جي مڪمل تباهي

54 خداوند فرمائي ٿو ته
”بابل شهر مان دانهن جو،
بلڪ سڄي بابل ملڪ مان وڏي تباهيءَ جو آواز ٿو ٻڌجي.
55 چالاءِجو مون خداوند بابل تي تباهي آندي آهي.
دشمن سمنڊ جي ڇولين وانگر
گجگوڙ ڪندي مٿن اچي ڪڙڪيا آهن.
سندن گجگوڙ جو آواز
بابلين جي گوڙ شور تي غالب اچي ويو آهي.
56 هڪ تباهي مچائيندڙ لشڪر بابل تي ڪاهي آيو آهي.
بابل جا جنگي جوڌا پڪڙيا ويا آهن،
۽ انهن جا جنگي هٿيار ڀڃي ٽڪرا ٽڪرا ڪيا ويا آهن.
بيشڪ آءٌ خداوند بدلو وٺندڙ خدا پورو پورو بدلو ٿو وٺان.
57 آءٌ بابل جي سردارن، ڏاهن، حاڪمن، سپهه‌سالارن
۽ جنگي جوڌن کي سزا جو شراب پيئاري پيئاري مست ڪندس،
انهيءَ لاءِ ته هنن کي ايڏو ته نشو چڙهي وڃي،
جو هو هميشه واري ننڊ سمهي پون ۽ وري نه جاڳن.
اُهو آءٌ بادشاهه ٿو فرمايان،
جنهن جو نالو قادرِمطلق خداوند آهي.
58 ڏسو، بابل جي ڪوٽ جون ٿلهيون ڀتيون ڊهي پونديون،
۽ ان جا اوچا دروازا ساڙي رک ڪيا ويندا.
اهڙيءَ طرح ان قوم جو پورهيو اجايو ثابت ٿيندو،
چالاءِجو اهو سڀ ڪجهه باهه جي شعلن ۾ اڏامي ويندو.
اهو مون قادرِمطلق خداوند جو فرمان آهي.“

## يرمياه نبيءَ جو بابل ڏانهن پيغام موڪلڻ

59 مون يرمياه هي پيغام سراياه ولد نيرياه ولد محسياه کي ان وقت
ڏنو، جڏهن هو يهوداه جي بادشاهه صدقياه سان سندس بادشاهيءَ
جي چوٿين سال بابل ڏانهن پئي ويو. سراياه بادشاهه جو خاص
خدمتگار هو. 60 مون هي سڀ مصيبتون، جيڪي بابل تي اچڻيون
هيون سي چمڙي جي هڪڙي ويڙهوٽي ۾ لکي ڇڏيون هيون. ان کان
علاوه بابل جي بنسبت ٻيون سڀ ڳالهيون پڻ ان ۾ لکيون ويون هيون.
61 مون سراياه کي چيو ته ”جڏهن تون بابل ۾ پهچين تڏهن ياد رک،
اهي سڀ ڳالهيون ڏاڍيان پڙهي ٻڌائجانءِ. 62 پوءِ دعا گهرجانءِ ته ’اي
خداوند! تو ئي چيو آهي ته تون هن شهر کي تباهه ڪندين، انهيءَ
لاءِ ته ڪو انسان توڙي حيوان انهيءَ ۾ نه رهي، بلڪ اهو هميشه لاءِ
ويران رهي.‘ 63 چمڙي جي ويڙهوٽي کي پوريءَ طرح پڙهڻ کان پوءِ
تون انهيءَ سان هڪڙو پٿر ٻڌي ان کي فرات نديءَ ۾ اڇلائي ڇڏجانءِ.
64 پوءِ هي لفظ چئجانءِ ته ’بابل به ائين ئي ٻڏي ويندو ۽ وري نه
نڪرندو، چاڪاڻته خداوند انهيءَ تي مصيبت آڻڻ وارو آهي.‘“
يرمياه نبيءَ جو گفتگو هتي پورو ٿيو.

---

48:51 مڪا 20:18   49:51 مڪا 24:18   64–63:51 مڪا 21:18

## *يروشلم جو زوال
(2.بادشاهہ 24:18–25:7)

52 ①جڏهن صدقياه يهوداه جو بادشاهہ بڻيو تڏهن سندس عمر
ايڪيهہ سال هئي. هن يروشلم ۾ اٽڪل يارهن سال حڪومت
ڪئي. سندس ماءُ جو نالو حموطل هو، جيڪا لبناه شهر واري يرمياه
جي ڌيءَ هئي. ②هن يهويقيم وانگر اُهي ئي ڪم ڪيا جيڪي خداوند
جي نظر ۾ بُرا هئا. ③خداوند جي غضب جي ڪري ئي يروشلم وارن
بلڪ سڄي يهوداه وارن جو اهڙو حال ٿيو ۽ آخرڪار خداوند انهن کي
پنهنجي حضور مان تڙي ڇڏيو.
اهو هيئن ٿيو جو صدقياه بابل جي بادشاهہ نبوڪدنضر جي خلاف
بغاوت ڪئي. ④سو صدقياه جي بادشاهيءَ جي نائين سال، ڏهين
مهيني جي ڏهين تاريخ تي بابل جو بادشاهہ نبوڪدنضر پنهنجو سڄو
لشڪر وٺي يروشلم تي ڪاهي آيو. هن يروشلم جي ٻاهران پنهنجا
خيما کوڙيا ۽ شهر جي چوڌاري مورچا تعمير ڪرايائين. ⑤اهڙيءَ
طرح صدقياه بادشاهہ جي بادشاهيءَ جي يارهين سال تائين يروشلم
شهر گهيري هيٺ رهيو.
⑥پوءِ شهر ۾ اهڙو تہ سخت ڏڪار اچي پيو جو ماڻهن جي کائڻ
لاءِ کاڌو ئي نہ رهيو، تڏهن ساڳئي سال چوٿين مهيني جي نائين
تاريخ تي ⑦بابل وارن هڪڙي هنڌان شهر جي پٽ پٽي. تنهن وقت
جنگي جوڌا ان دروازي منجهان پڄي ٻاهر نڪري ويا جيڪو بادشاهہ
جي باغ جي پرسان گهٽيءَ ۾ هو، جڏهن تہ بابل وارا شهر جو گهيرو
ڪيو بيٺا هئا. اهي اردن ماٿريءَ وارو رستو وٺي ڀڄڻ لڳا. ⑧پر
بابل جو لشڪر صدقياه بادشاهہ جي پٺيان پيو ۽ يريحو جي ميدان
۾ وڃي پهتس. صدقياه جو سڄو لشڪر هن کي ڇڏي هيڏي هوڏي
ٽڙي پکڙي ويو. ⑨سو بادشاهہ کي پڪڙي وڌائون.
پوءِ صدقياه بادشاهہ کي حمات علائقي جي ربلہ شهر ۾ بابل جي
بادشاهہ وٽ پيش ڪيو ويو، جتي هن سندس سزا جو اعلان ڪيو.
⑩اتي ربلہ ۾ صدقياه بادشاهہ جي پٽن کي بابل جي بادشاهہ سندس
اکين اڳيان قتل ڪرايو. هن يهوداه جي سڀني عملدارن کي پڻ قتل
ڪرايو. ⑪پوءِ هن صدقياه جون اکيون ڪڍرايون ۽ کيس زنجيرن ۾
ٻڌائي بابل ڏانهن کڻي ويو، جتي هن کيس سندس مرڻ گهڙيءَ تائين
قيد ۾ رکيو.

## هيڪل جي بربادي
(2.بادشاهہ 25:8–17)

⑫بابل جي بادشاهہ نبوڪدنضر جي بادشاهيءَ جي اوڻيهين سال،
پنجين مهيني جي ڏهين تاريخ تي نبوزرادان جيڪو شاهي محافظن
جو سالار هو ۽ بابل جي بادشاهہ جو عملدار هو، سو يروشلم ۾
داخل ٿيو. ⑬هن خداوند جو هيڪل، شاهي محل ۽ يروشلم جا سمورا
مکيہ گهر يعني مکيہ ماڻهن جا سڀ گهر باهہ ڏياري ساڙائي ڇڏيا.
⑭بابل جو سارو لشڪر جيڪو شاهي محافظ دستي جي سالار سان
گڏ هو، تنهن شهر جي چوڌاري واريون سڀ پٽيون ڊاهي ڇڏيون.
⑮تڏهن شهر ۾ جيڪي ماڻهو باقي بچيا هئا ۽ جيڪي بابل جي
بادشاهہ ڏانهن پناهہ وٺڻ لاءِ نڪتا هئا، تن کان علاوه باقي رهيل
ڪاريگرن کي بہ سالار نبوزرادان قيد ڪري وٺي ويو. ⑯نبوزرادان
انهيءَ ملڪ جي ڪن تمام غريبن کي اتي ئي ڇڏي ڏنو تہ جيئن ٻلي
انگورن جي باغن ۽ ٻنين جي سنڀال ڪن.
⑰پتل جا ٿنڀا، پتل جون ريڙهيون ۽ پتل جو حوض جيڪي خداوند
جي گهر ۾ هئا، سي سڀ بابل وارن ڀڃي ڀورا ڀورا ڪري ڇڏيا ۽
انهن جو سڀ پتل بابل ڏانهن کڻي ويا. ⑱قربان‌گاهہ جي رک کڻڻ
لاءِ تغاريون، ڪوڏاريون، ڦلن لاهڻ لاءِ چمٽا، رت کڻڻ لاءِ رڪابيون،
لوبان‌دان ۽ پتل جا ٻيا سڀ ٿانوَ جيڪي هيڪل جي خدمت ۾ ڪم
ايندا هئا سي سڀ پڻ هو کڻي ويا. ⑲ان کان علاوه سون ۽ چانديءَ
جون ٿهيل شيون جن ۾ پياليون، پيالا، ٽانڊن رکڻ لاءِ منگالا، رک
لاءِ تغاريون، شمعدان، لوبان‌دان ۽ اوتڻ واري قربانيءَ جا پيالا شامل
هئا، سي سڀ پڻ شاهي محافظن جو سالار کڻائي ويو.
⑳پتل جا ٻئي ٿنڀا، وڏو حوض، ٻارهن پتل جا ڍڳا، جيڪي حوض
جي هيٺان هئا ۽ ريڙهيون، اهي سڀ سليمان بادشاهہ خداوند جي گهر
لاءِ پتل مان ٺهرايا هئا ۽ انهن جو پتل تورڻ کان ٻاهر هو. ㉑ٻنهي
ٿنڀن جي اوچائي ارڙهن ارڙهن هٿ هئي ۽ انهن جو گهيرو ٻارهن
ٻارهن هٿ هو. هر هڪ ٿنڀي جي گولائيءَ جي ٿولهہ چار آڱر هئي
۽ اهو اندران پورو هو. ㉒هر هڪ ٿنڀي جي مٿان پتل جو ڇٽ ٺهيل
هو، جنهن جي اوچائي پنج هٿ هئي. ان ڇٽ تي چوڌاري پتل جي
ڄاري ٺهيل هئي، جنهن ۾ پتل جا ڏاڙهون لڳل هئا. ٻئي ٿنڀي تي بہ
اهڙيون ساڳيون شيون ۽ ڏاڙهون هئا. ㉓ان ڄاريءَ جي چوڌاري ڪل
ڏاڙهن جو تعداد هڪ سؤ هو، جڏهن تہ ڇئني پاسن تي سلسليوار
ڇهانوي ڏاڙهون لڳل هئا.

---

*يروشلم جو زوال: هن ڪتاب جو هي آخري باب يرمياه نبيءَ جي يروشلم جي تباهيءَ بابت ڪيل اڳڪٿيءَ جي پوري ٿيڻ جو تواريخي بيان آهي، جڏهن تہ يرمياه نبيءَ جو ڳالهائڻ باب 51 جي پڇاڙيءَ ۾ پورو ٿيل آهي.

52:4 حز 24:2   52:7 حز 33:21   52:11 حز 12:13   52:13 1.با 9:8   52:17–23 1.با 7:15–47

## يهوداه وارن جو قيد ٿي وڃڻ
(2.بادشاهه 25:18–21)

24 بابلي سالار نبوزرادان سردار ڪاهن سراياه، نائب ڪاهن صفنياه
۽ دربانن جي ٽن نگرانن کي قيد ڪري پنهنجي ملڪ وٺي ويو. 25 شهر
وارن مان هن لشڪر جي سپهه‌سالار ۽ ستن شاهي صلاحڪارن کي
پڻ قيد ڪري ورتو. لشڪر جي سپهه‌سالار جو منشي، جيڪو ملڪ
جي ماڻهن کي ڀرتي ڪندو هو ۽ ملڪ جا سٺ مکيه ماڻهو، جيڪي
شهر ۾ هٿ آيس تن سڀني کي پڻ هو قيد ڪري وٺي ويو. 26 بابلي
سالار نبوزرادان انهن سڀني کي قيد ڪري حمات علائقي جي ربله
شهر ۾ بابل جي بادشاهه وٽ آڻي پيش ڪيو. 27 بابل جي بادشاهه
انهيءَ شهر ۾ هنن کي مارائي ڇڏيو.
اهڙيءَ طرح يهوداه وارا قيد ٿي پنهنجي ملڪ کان جلاوطن ڪيا
ويا. 28 جن ماڻهن کي نبوڪدنضر قيد ڪري وٺي ويو، تن جو شمار
هن طرح آهي: سندس بادشاهيءَ جي ستين سال ٽي هزار ٽيويهه
ماڻهو، 29 سندس بادشاهيءَ جي ارڙهين سال يروشلم مان اٺ سؤ
ٻٽيهه ماڻهو، 30 سندس بادشاهيءَ جي ٽيويهين سال شاهي محافظن
جي سالار نبوزرادان جي ذريعي ست سؤ پنجيتاليهه ماڻهو. جيڪي
جلاوطن ڪيا ويا سي جملي چار هزار ڇهه سؤ ماڻهو هئا.

## يهوياڪين جو آزاد ٿيڻ
(2.بادشاهه 25:27–30)

31 يهوداه جي بادشاهه يهوياڪين جي قيد ٿي وڃڻ جي ستٽيهين
سال، ٻارهين مهيني جي پنجويهين تاريخ تي بابل جي بادشاهه
اويل مروڊڪ ولد نبوڪدنضر پنهنجي بادشاهيءَ جي پهرين سال ۾
يهوداه جي بادشاهه يهوياڪين کي قيد مان آزاد ڪيو. 32 هن ساڻس
مهربانيءَ وارو سلوڪ ڪيو ۽ ساڻس گڏ قيد ٿيل ٻين بادشاهن کان
وڌيڪ مان مرتبو ڏنائينس. 33 سو يهوياڪين قيدين وارا ڪپڙا بدلايا
۽ پنهنجي سڄي حياتي بابل جي بادشاهه سان گڏ سندس دسترخوان
تي کائيندو رهيو. 34 جيستائين يهوياڪين جيئرو هو، تيستائين کيس
بابل جي بادشاهه وٽان هميشه روزمره جو مقرر خرچ پڪو ملندو رهيو.

# زاريون

## يروشلم بابت مرثيا

### تعارف

”زاريون“ نالي هن مقدس ڪتاب ۾ پنج مرثيا آهن، جن ۾ سن 586 قبل مسيح ۾ يروشلم جي تباهيءَ تي سوڳ ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ بربادي آئي ۽ جلاوطني ٿي. ڪتاب جو گهڻو حصو گريہ وَ زاريءَ وارو هوندي بہ هن ڪتاب ۾ خدا تي ڀروسو ۽ مستقبل جي اميد آهي. اهي مرثيا يهودي پنهنجي ساليانہ روزن ۽ ماتمي ڏينهن تي عبادت ڪرڻ مهل چوندا آهن، تہ جيئن سن 586 قبل مسيح ۾ ٿيل قومي تباهيءَ جو ذڪر بيان ڪيو وڃي.

هن ڪتاب جي اصل عبراني متن ۾ پنجن ئي مرثين جي هر آيت جي شروعات حروف تهجيءَ جي پهرين کان آخري اکر تائين سلسليوار ٿئي ٿي. عبراني حروف تهجيءَ ۾ ڪل ٻاويهہ اکر آهن، جنهن ڪري ٽئين مرثيي کان سواءِ هر مرثيي ۾ ٻاويهہ ٻاويهہ آيتون ڏنل آهن. ٽئين مرثيي ۾ ڪجهہ فرق آهي، جنهن ۾ هر ٽن ٽن آيتن جي شروعات ۾ عبراني حروف تهجيءَ جا سلسليوار اکر ڏنا ويا آهن، تنهنڪري انهيءَ مرثيي ۾ ڪل ڇاهٺ آيتون آهن. پر هن ترجمي ۾ اهو طريقو نہ رکيو ويو آهي.

### سِٽاءُ


يروشلم تي ارمان 1:1–22
يروشلم جي سزا 1:2–22
سزا ۾ خداوند آڏو فرياد 1:3–66
يروشلم جي گهيري ۽ بربادي جو بيان 1:4–22
رحم لاءِ يروشلم وارن جي دعا 1:5–22


---

### يروشلم تي ارمان

1 ¹ آه! يروشلم جي وسندي
ڪڏهن تہ ماڻهن سان ڀريل هوندي هئي،
پر هاڻ اها ڪيڏي نہ خالي ۽ ويران ٿي پيئي آهي!
اها وسندي، جيڪا قومن ۾ عظمت رکندي هئي،
سا ڪيئن نہ رن‌زال جهڙي ٿي پيئي آهي!
هائو، جيڪا ملڪن ۾ شهزاديءَ جي درجي تي هئي،
سا ڪيئن نہ ٻانهين وانگر مجبور ٿي پيئي آهي!
² اها هر رات زاروزار روئي ٿي،
۽ سندس ڳلن تان ڳوڙها وهندا ٿا رهن.
هن جي ناجائز چاهڻ وارن مان ڪوبہ ناهي،
جيڪو کيس دلاسو ڏئي.
سندس سڀني دوستن ساڻس دغا ڪئي آهي،
۽ سندس دشمن ٿي پيا آهن.
³ وسنديءَ جي سڀني ماڻهن
يعني يهوداہ وارن قبضي هيٺ اچي ڪري
ڏک ۽ تڪليفون سٺيون ۽ پوءِ جلاوطن ڪيا ويا آهن.
هو غير قومن منجهہ ڏکي زندگي پيا گهارين،
۽ کين ڪو اهڙو گهر نہ ٿو ملي جتي هو آرام سان رهي سگهن.
هر طرف کين دشمن ئي دشمن نظر پيا اچن،
۽ اتان ڀڄي نڪرڻ جو کين ڪو رستو ئي نہ ٿو ملي.

⁴ صيئون جبل جا رستا ويران پيا آهن،
۽ يروشلم شهر جا دروازا سڃا لڳا پيا آهن،
ڇالاءِجو هاڻي ڪوبہ ماڻهو عبادت ڪرڻ لاءِ
هيڪل ڏانهن نہ ٿو اچي،
بلڪ وڏن ڏينهن تي بہ ڪو ڪونہ ٿو اچي.
سو ڪاهن ٿڌا ساهہ پيا ڀرين،
۽ شهر جون نوجوان ڇوڪريون ڏک ۾ آهن.
هائو، صيئون جي سڄي وسندي غمگين آهي.
⁵ دشمن هاڻي شهر تي حڪمران آهن،

۽ اهي امن وَ سلامتيءَ سان پيا گذارين.
بيشڪ يروشلم جي گهڻن گناهن سبب،
خداوند انهيءَ کي سزا ڏني آهي.
شهر جي رهاڪن کي قيدي بڻائي جلاوطن ڪيو ويو آهي.

6 پياري يروشلم جو سڄو شان وَ شوڪت،
ماضيءَ جو قصو بڻجي چڪو آهي.
انهيءَ جا اڳواڻ اهڙن هرڻن وانگر ٿي پيا آهن،
جن لاءِ ڪوبہ چراگاهہ ڪونہ آهي.
سو اهي بک وگهي ايتري قدر پاهہ ٿي پيا آهن،
جو شڪارين کان توڙي جو هو جان بچائڻ لاءِ
ڀڄڻ چاهين تہ بہ ڀڄي نہ ٿا سگهن.
7 يروشلم جي وسندي انهن ڏينهن کي ياد پيئي ڪري،
جڏهن اها خوشحال هئي.
پر هاڻي اها ڏکن ۾ وڪوڙجي ويئي آهي.
ان جي رهاڪن تي دشمنن قبضو ڪري کين جلاوطن ڪيو آهي.
هاڻي اتي ڪوبہ ڪونهي جيڪو سندس مدد ڪري،
۽ مخالف سندس بربادي‌ءَ تي ٺٺ ڏيئي رهيا آهن.
8 يروشلم جي وسندي اگهاڙي ٿي پيئي آهي،
۽ اڳ جيڪي ماڻهو ڪيس عزت ڏيندا هئا
سي هاڻي ڪيس ڌڪارين ٿا.
سو اها هاڻ آهون ڀريندي رهي ٿي،
۽ پنهنجو منهن ڍڪي ٿي.
اها انهيءَ ڪري خوار خراب ٿي آهي،
ڇالاءِجو هن سخت گناهہ ڪيو آهي.
9 جيتوڻيڪ سندس دامن گناهن جي گندگيءَ سان ڀريل هو،
پر تڏهن بہ هن کي پنهنجي انجام بابت ڪو فڪر ڪونہ هو.

پر هاڻ اها وسندي نهايت هيبتناڪ نموني سان
هيٺ ڪيرائي ويئي آهي.
ڪيس دلاسي ڏيڻ وارو ڪوبہ ڪونهي،
توڙي جو هوءَ دانهون ڪري چوي ٿي تہ
”اي خداوند! آءٌ مصيبت ۾ آهيان، منهنجي مدد ڪر.
ڇالاءِجو دشمن مون تي غالب پئجي ويا آهن.“
10 هن جي دشمنن ساڻس زوري ڪئي آهي،
جو سندس سموري خزاني تي پنهنجا هٿ ڊگهيريا اٿن.
بلڪ جن غير قوم وارن بابت خداوند حڪم فرمايو هو تہ
کين بني اسرائيل قوم جي فردن ۾ هرگز شامل نہ ڪيو وڃي،
سي هاڻ تہ ڪليو ڪلايو سندس مقدس هيڪل ۾ گهڙي آيا آهن.

11 وسنديءَ جو هر ڪو ماڻهو آهون ڀريندي
ڪاڌي جي ڳولا ڪندو پيو وتي.
اهي پنهنجون قيمتي شيون بہ
مانيءَ جي چند ٽڪرن لاءِ ڏيو ڇڏين،
انهيءَ لاءِ تہ جيئن پنهنجي حياتي بچائي سگهن.

سو يروشلم جي وسندي خداوند کي پڪاري ٿي تہ
”اي خداوند! مون تي نگاهہ ڪري ڏس تہ
آءٌ ڪيتري نہ ذليل بڻجي ويئي آهيان!“
12 هائو، اها هر واٽهڙوءَ کي پڪاري چوي ٿي تہ
”اي واٽهڙؤ! ڏسو، ڇا اوهان جي نظر ۾ هي ڪجهہ بہ ناهي؟
غور سان ڏسو تہ جيڪو ڏک مون کي رسايو ويو آهي،
تنهن جهڙو ڪنهن ٻئي جو ڏک آهي ڇا؟
هائو، اهو ئي ڏک،
جيڪو خداوند پنهنجي سخت قهر واري وقت مون کي رسايو.
13 هُن آسمان منجهان اهڙي باهہ موڪلي،
جنهن منهنجي هڏين کي بہ ساڙي ڇڏيو.
مون کي ڦندي ۾ ڦاسائي زمين تي ڪيرائي ڇڏيو اٿس.
مون کي اهڙي عذاب ۾ وجهي ڇڏيو اٿس،
جيڪو منهنجي جان ئي نہ ٿو ڇڏي.
14 هن منهنجي گناهن کي پاڃاريءَ جيان،
منهنجي ڳچيءَ ۾ وجهي ڇڏيو آهي.
انهن گناهن جو وزن ايترو تہ ڳرو آهي،
جو آءٌ بلڪل نستي ٿي پيئي آهيان.
هائو، ڌڻيءَ مون کي زورآور دشمنن جي حوالي ڪيو آهي،
جن جي مقابلي ڪرڻ جي مون ۾ سگهہ ئي ڪانهي.
15 پروردگار منهنجي سيني بهادر سپاهين کان
منهن موڙي ڇڏيو آهي،
۽ منهنجي انهن جنگي جوڌن کي ڇٽڻ لاءِ
هڪڙو وڏو لشڪر موڪليو اٿس.
آءٌ يهوداه جي پياري ۾ پياري وسندي هيس،
پر ڌڻيءَ مون کي ائين لتاڙي ڇڏيو آهي،
جيئن ڇيچڙي ۾ انگورن کي لتاڙبو آهي.

16 اهو ئي سبب آهي جو آءٌ روئان رڙان پيئي ۽
منهنجي اکين مان ڳوڙها بس ئي نہ ٿا ڪن.
ڪوبہ اهڙو ڪونهي جيڪو مون کي دلاسو ڏئي،
نڪي وري ڪو همٿائڻ وارو ئي آهي.
دشمنن مون تي فتح حاصل ڪري

---

10:1 شر 3:23

منهنجي رهاڪن کي برباد ڪري ڇڏيو آهي.
17 ڏسو، آءٌ هر هڪ جي اڳيان پنهنجا هٿ ڊگھيڙيان ٿي،
پر ڪوبہ دلاسو ڏيڻ وارو ڪونهي.
اٿلندو آس‌پاس وارين سڀني قومن کي
خداوند منهنجي سڀني ماڻهن جي خلاف ڪري ڇڏيو آهي.
آءٌ انهن جي نظرن ۾ پليت ٿي ويئي آهيان.
18 تنهن هوندي بہ خداوند عادل آهي.
مون ئي سندس حڪمن جي نافرماني ڪئي هئي،
جنهن جي مون کي سزا ملي رهي آهي.

هاڻي اي دنيا جا سڀيئي رهاڪؤ!
منهنجي ٻڌو ۽ منهنجي مصيبتن تي غور ڪريو.
منهنجون ڪنواريون ڇوڪريون توڙي جوان مرد
قيد ڪري جلاوطن ڪيا ويا آهن.
19 مون پنهنجي *چاهيندڙن کي مدد لاءِ سڏيو،
پر هنن مون سان دغا ڪئي.
منهنجا بڪايل ڪاهن توڙي اڳواڻ بہ مون ۾
ٽڪر ڳيي جي ڳولها ڪندي ڪندي موت جي منهن ۾ هليا ويا.

20 اي خداوند! ڏس، مون تنهنجي خلاف بغاوت ڪئي،
جنهن ڪري منهنجي گھرن اندر موت ئي موت،
۽ ٻاهر منهنجي ماڻهن جو قتلام ڪيو پيو وڃي.
آءٌ ڪيڏي نہ تڪليف ۾ آهيان.
منهنجي آنڊن ۾ وٽ ٽا پون، منهنجي دل ڏڪويل آهي،
۽ آءٌ ڏاڍي پشيمان آهيان.

21 هر ڪو ماڻهو منهنجون آهون تہ ٻڌي ٿو،
پر اهڙو ڪوبہ ڪونهي جيڪو مون کي دلاسو ڏئي.
اٿلندو مون تي تنهنجي آندل مصيبت بابت ٻڌي
منهنجا دشمن خوش ٿا ٿين.
سو اي خداوند! جيئن تو واعدو فرمايو آهي،
تيئن تون جلدي مون وانگر انهن کي بہ سزا ڏي.
22 شل هنن جون بڇڙايون تو کان ڳجهيون نہ رهن!
منهنجي سمورن گناهن جي ڪري
جهڙي سزا تو مون کي ڏني آهي،
تهڙي انهن کي بہ ڏي.

سچ پچ تہ آءٌ اهڙي مايوس ٿي پيئي آهيان،
جو منهنجون آهون رڪجن ئي نہ ٿيون.“

## يروشلم لاءِ خداوند جي سزا

2
1 آه! پروردگار پنهنجي غضب وچان،
پياري †صيئون کان ڪيڏي نہ سخت نفرت ٿو ڪري.
جيتوڻيڪ اهو بني اسرائيل جي عظمت،
۽ پروردگار جي پنهنجي آرام جي جاءِ هو،
تنهن هوندي بہ ڏٺيءَ انهيءَ جي شان وَ شوڪت کي
پنهنجي غضب وچان
آسمان کان زمين تي اڇلائي ڇڏيو.
2 آه! پروردگار اسان بني يعقوب جي سڀني رهڻ وارين جاين کي
ڪيڏو نہ ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيو،
۽ مٿن ڪو رحم نہ ڪيو اٿس.
هائو، هن پنهنجي قهر وچان
پياري يهوداہ ملڪ جا سمورا قلعي وارا شهر
ڪيرائي برباد ڪري ڇڏيا آهن.
هن سڄي بادشاهت ۽ سندس حڪمرانن کي
خاڪ ۾ ملائي ذليل ڪري ڇڏيو آهي.
3 پروردگار ايترو تہ شديد غضب ۾ هو،
جو هن بني اسرائيل جي سڄيءَ طاقت کي
نيست وَ نابود ڪري ڇڏيو.
هائو، جڏهن مٿن دشمنن حملو ڪيو،
تڏهن هن سندن ڪابہ مدد ڪانہ ڪئي.
ڏٺيءَ ڀڙڪندڙ باهہ جيان،
بني يعقوب کي چئني پاسن کان ساڙي رک ڪري ڇڏيو.
4 هن تيرانداز دشمن وانگر حملو ڪري
پنهنجي طاقت سان اسان جي پيارن کي قتل ڪري ڇڏيو.
هن اسان جي وطن تي پنهنجو قهر باهہ جيان نازل ڪيو.
هائو، هن سڄي پياري صيئون کي تباهہ وَ برباد ڪري ڇڏيو.
5 پروردگار دشمن بڻجي ويو آهي،
۽ اسان جي ملڪ کي بلڪل برباد ڪري ڇڏيو اٿس.
هائو، هن اسان جا سڀيئي محلات ۽ قلعا ناس ڪري ڇڏيا آهن.
هن يهوداہ جي پياري ملڪ ۾
اهڙو تہ ماتم ۽ روڄ راڙو وجهي ڇڏيو آهي،
جيڪو ختم نہ ٿو ٿي سگهي.
6 هن پنهنجو هيڪل، جتي سندس ئي عبادت ڪئي ويندي هئي،
تنهن کي ڊاهي ائين پَٽ ڪري ڇڏيو،
جيئن ڪنهن باغ مان جهوپڙي ڊاهي پَٽ ڪئي وڃي.
تنهنڪري پياري صيئون ۾

---

*چاهيندڙن: هن مان مراد اتحادي ملڪ ورتي وڃي ٿي.

†صيئون: يعني يروشلم شهر. صيئون جبل تي يروشلم شهر اڏيل هو.

عيدون ۽ سبت جا ڏينهن نه ٿا ملهايا وڃن.
هن پنهنجي قهر ۽ غضب وچان،
بادشاهه توڙي ڪاهنن کي ڌڪاري ڇڏيو آهي.
7 پروردگار پنهنجي قربان‌گاهه کان نفرت ڪري ٿو،
بلڪ پنهنجي سچي مقدس هيڪل کان منهن موڙي ڇڏيو اٿس.
هن هيڪل جا در ۽ پيتيون دشمنن جي حوالي ڪري ڇڏيا آهن.
هاڻي اهي فاتح هيڪل ۾ وڏو گوڙ شور ڪري رهيا آهن،
جتي ڪڏهن دل وَ جان سان عبادت ڪئي ويندي هئي.
8 خداوند پياري صيئون جي ڪوٽن کي
ڪيرائڻ لاءِ پڪو ارادو ڪري ڇڏيو هو.
هن انهن ڪوٽن جي مڪمل تباهيءَ لاءِ اهڙي رٿ رٿي،
جو انهيءَ مطابق سيئي ٿُلهه توڙي پيتيون ڪري چٽ ٿي ويون.
9 صيئون جا دروازا به هيٺ ڪري ڌرتيءَ ۾ دٻجي ويا آهن،
۽ سندن تالا هڻڻ وارا گز ڀڄي ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويا آهن.
صيئون جا سيئي رهنمائي ڪندڙ گم ٿي ويا آهن.
بادشاهه ۽ شهر جا امير غير قومن ۾ جلاوطن ڪيا ويا آهن،
شريعت جي تعليم ڏيڻ لاءِ ڪوبه ڪونهي،
۽ نبين کي خداوند جي طرفان ڪا رويا ڪا نه ٿي ملي.

10 پياري يروشلم جا سيئي ماڻهو،
پوڙها مرد توڙي نوجوان ڇوڪريون،
ڌرتيءَ تي خاڪ ۾ ماٺ ڪيو ويٺا آهن.
اهي پنهنجي مٿن ۾ مٽي ٿا وجهن،
۽ پنهنجي بدن تي ڪٿا ڍڪيا اٿائون.
اهي ايترو ته بي‌حال ٿي پيا آهن جو
سندن مٿا وڃي زمين سان لڳا آهن.
11 آه! پنهنجيءَ قوم جي ماڻهن جي ناس ٿيڻ ڪري،
ڏک وچان آءٌ دل هاري ويٺو آهيان!
منهنجون اکيون لڙڪ وهائي وهائي ساڻيون ٿي پيون آهن،
۽ منهنجا آندا وٽ پيا کائين.
منهنجي قوم جا ٻار ۽ کير پياڪ
شهر جي گهٽين ۾ بي‌هوش پيا آهن.
12 ڇالاءِجو اهي ننڍڙا ٻار پنهنجي مائن کان کاڌو ۽ کير گهرن ٿا،
پر نه ملڻ ڪري اهي ساڻا ٿي ائين ڪري پيا آهن،
جيئن ڪو زخمي سپاهي گهٽيءَ ۾ پيو هجي.
اهڙيءَ طرح انهن ٻارڙن جو پنهنجي مائرن جي جهوليءَ ۾
آهستي آهستي ساهه نڪريو ٿو وڃي.

13 اي منهنجا پيارا صيئون! اي منهنجا شهر يروشلم!
آءٌ تنهنجي تباهيءَ جو ڪهڙو مثال ڏيان؟
آءٌ ڪهڙي واقعي سان ڀيٽ ڪري تو کي دلاسو ڏيان؟
ڇالاءِجو تو جهڙيون تڪليفون ته
ڪڏهن به ڪنهن ڪونه سٺيون هونديون.
سمنڊ جيان تنهنجي مصيبت جي به ڪا حد ئي ڪانهي.
آه! تنهنجو بچاءُ ڪهڙيءَ به طرح ٿي نه ٿو سگهي!
14 تنهنجي نبي سڏائيندڙن تو سان دوکو ڪري
ڪوڙيون رويائون ۽ غلط پيغام ٻڌايا.
کين تو کي تنبيهه ڪرڻ گهربي هئي،
ته جيئن تون بدڪارين کان پري رهي ڪري
اهڙي خوشحال ۽ صحيح سلامت رهين
جهڙي اڳين زماني ۾ هئينءَ.
پر هنن تو کي ڪوڙيون ۽ گمراهه ڪندڙ ڳالهيون ڪري ٻڌايون.

15 هاڻ اي پيارا يروشلم!
تو وٽان لنگهندڙ سيئي ماڻهو
ڪنڌ لوڏي تو تي ٺٺوليون ٿا ڪن.
اهي طعنا هڻندي ۽ تنهنجي بربادي‌ءَ تي کلندي چون ٿا ته
”ڇا هي اهو ئي شهر نه آهي،
جنهن کي ماڻهو تمام سهڻو شهر،
۽ دنيا جو فخر ڪري سڏيندا هئا؟“
16 تنهنجا سڀ دشمن تو تي ٿڪار ٿا ڪن،
۽ ڪتن وانگر تو تي گُرڪن ٿا.
اهي ڏند ڪرٽي چون ٿا ته
”اڄ اهو ڏينهن اچي ويو آهي،
جنهن جا اسين طلبگار هئاسين،
ته اسان پنهنجي اکين سان انهيءَ شهر جي بربادي ڏسون.
بلڪ اسان پاڻ انهيءَ کي ڳڙڪائي ڇڏيو آهي.“
17 بيشڪ اهو جيڪي ڪجهه ٿيو آهي،
تنهن بابت خداوند اڳ ۾ ئي آگاهه ڪري ڇڏيو هو.
هائو، هن پنهنجي انهيءَ قول کي پورو ڪري ڏيکاريو،
جيڪو هن قديم زماني ۾ فرمايو هو.
هن بنا ڪنهن رحم جي تو کي برباد ڪري ڇڏيو،
۽ تنهنجي دشمنن کي تو تي خوش ٿيڻ ڏنو.
هن تنهنجي مخالفن جي لشڪرن جي طاقت کي وڌائي ڇڏيو.

18 اي پياري صيئون جا ڪوٽ!
تون پروردگار آڏو دل جي گهراين سان فرياد ڪر.
رات ڏينهن تنهنجا لڙڪ نديءَ وانگر وهندا رهن.

15:2 زب 2:48، 2:50

هائو، ٻنا رڪجڻ جي
تنهنجي اکين مان لڙڪ سدائين وهندا رهن.
19 اُٿ سجاڳ ٿيءُ، سڄي رات جاڳي
پروردگار کي مدد لاءِ ٻاڏائيندو رهه.
هائو، رب آڏو پنهنجيءَ دل جا سڀيئي سور کولي بيان ڪر.
جيڪي باقي بچي ويل تو اندر موجود آهن،
تن جي حياتي بچائڻ لاءِ خداوند کان رحم جي دعا گهر.
سندن ٻار شهر جي هر گهٽيءَ ۾ بک وگهي پيا مرن.

20 يروشلم جي وسندي دانهون ڪندي چوي ٿي ته
”اي خداوند! غور ويچار ڪري ڏس
ته تو اڳ به ڪنهن تي اهڙو عذاب نازل ڪيو آهي؟
ايتري قدر جو مائرون پنهنجي پيارن ٻارڙن جا لاش پيون کائين،
۽ ڪاهن توڙي نبي تنهنجي پنهنجي هيڪل ۾ قتل ڪيا پيا وڃن.
21 منهنجا ماڻهو جوان توڙي پوڙها گهٽين ۾ مئا پيا آهن.
هائو، تنهنجي ڪاوڙ جي ڪري منهنجا جوان مرد توڙي عورتون
تلوار سان قتل ڪيا ويا آهن.
تو انهن جو ڪوس ڪرايو آهي،
۽ مٿن ڪوبه رحم نه ڪيو اٿيئي.
22 اي خداوند! جڏهن تون ڪاوڙيل هئين،
تڏهن تو منهنجي دشمنن کي
منهنجي چوڌاري ائين آڻي گڏ ڪيو،
جيئن ڪنهن کي دعوت جو سڏ ڏبو آهي.
دشمنن منهنجي رهاڪن کي قتل ڪري ڇڏيو.
هائو، منهنجي انهن ٻارڙن کي
جن کي مون ڏاڍي لاڏ ڪوڏ سان پالي وڏو ڪيو هو.
انهيءَ ڏينهن ڪوبه بچي نه سگهيو.“

## سزا ۽ خداوند آڏو فرياد

3 1 آءٌ به انهن ماڻهن مان آهيان،
جن تي خدا پنهنجي غضبناڪ لٺ سان عذاب نازل ڪيو.
2 هن مون کي ڀوڙائي ڀوڙائي اهڙي اونداهي هنڌ پهچايو،
جتي روشني داخل ٿي ئي نه ٿي سگهي.
3 آءٌ به انهن ماڻهن مان آهيان،
جن کي بنا ڪنهن ساهيءَ جي خدا بار بار سزا ڏيندو رهي ٿو.
4 خدا منهنجي بدن جو ماس ۽ چمڙي ڳاري ڇڏيا آهن،
۽ منهنجا هڏ گڏ ڀڃي ڇڏيا اٿس.

5 هن مون تي حملو ڪري
مون کي سخت مشڪلاتن جي گهيري ۾ آڻي ڇڏيو آهي.
6 جيڪي گهڻي مدت کان مري ويا آهن،
تن وانگر هن مون کي اونداهيءَ ۾ بند رکيو آهي.
7 خدا مون کي زنجيرن ۾ جڪڙي ڇڏيو آهي،
آءٌ هڪ اهڙي قيديءَ جيان آهيان،
جنهن کي نڪري ڀڄي وڃڻ جي ڪا اميد ڪانهي.
8 توڙي جو آءٌ دانهون ڪندي ڪيس مدد لاءِ پڪاريان ٿو،
تڏهن به هو منهنجي دعائن تي ڪو ڌيان نه ٿو ڏئي.
9 منهنجي هر ڪوشش ناڪام ٿي وڃي ٿي.
هائو، خدا وڏا وڏا پٿر رکي
منهنجون راهون بند ڪري ڇڏيون آهن.

10 هن رڇ وانگر منهنجي تاڙ ۾ ويهي،
هائو، شينهن وانگر ڳجهيءَ جڳهه مان نڪري
مون تي حملو ڪيو.
11 هن مون کي منهنجي راهه تان گهلي
چيري ڦاڙي ڇڏي ڏنو آهي.

12 هن پنهنجو تيرڪمان ڇڪي
مون کي پنهنجي تيرن جو نشانو بڻائي ڇڏيو.
13 هن پنهنجي ترڪش جي تيرن سان،
منهنجي اندر کي پروڻ ڪري ڇڏيو آهي.

14 سڀيئي ماڻهو مون تي کل ٺٺولي پيا ڪن.
سڄو ڏينهن هر ڪو مون سان چرچو مسخري ڪندو پيو رهي.
15 خدا منهنجي زندگيءَ ۾ ڏک ئي ڏک ڏيئي ڇڏيا آهن.
هائو، هن منهنجي زندگي زهر بڻائي ڇڏي آهي.
16 خدا مون کي خاڪ ۾ ليٽارايو آهي،
بلڪ پٿريلي زمين تي منهن پر اڇلائي ڇڏيو اٿس
جنهن ڪري منهنجا ڏند ڀڄي پيا آهن.
17 هاڻ مون کي امن وَ سلامتي جي ڪا اميد نه رهي آهي،
۽ مون کان وسري ويو آهي ته خوشحالي ڇا ٿيندي آهي.

18 سو مون سمجهي ڇڏيو آهي ته
منهنجي جيڪا اميد خداوند ۾ قائم وَ دائم هئي،
سا بلڪل ختم ٿي وئي آهي.
19 پنهنجي مشڪلاتن ۽ بي‌گهر هجڻ تي سوچڻ سان
ايترو ته ڏک ٿو ٿئي جو ڄڻ ته آءٌ زهريلو ٻاٽي ٿو پيئان.
20 بلڪ آءٌ انهن سيني ڳالهين بابت هميشه سوچيندو ٿو رهان،
تنهنڪري منهنجي دل سدائين اداس پيئي رهي.

21 تنهن هوندي به جڏهن آءٌ خدا جي باري ۾
هيءَ ڳالهه ياد ڪريان ٿو،

تڏهن مون ۾ آس ۽ اميد وري موٽيو اچي.
22 خداوند جي شفقت ابدي آهي،
۽ سندس رحم ڪرڻ ڪڏهن بہ بند نہ ٿو ٿئي.

23 جيئن روزانو نئين سر صبح جو تازگي هوندي آهي
تيئن ئي سندس شفقت قائم وَ دائم آهي.
بيشڪ خداوند جي وفا ڪيڏي نہ گهڻي آهي!

24 سو منهنجي دل چوي ٿي تہ
جيئن تہ خداوند پنهنجي لاءِ مون کي وقف ڪري ڇڏيو آهي،
تنهنڪري منهنجي اميد آسرو انهيءَ ۾ ئي آهي.
25 جيڪي خداوند تي توڪل ٿا رکن ۽ سندس ئي طالبو آهن،
تن سڀني تي هو ڏاڍو مهربان آهي.
26 اسان لاءِ اهو ڪافي آهي جو اسين صبر سان انتظار ڪريون.
ڇالاءِجو خداوند ئي اسان کي مصيبتن کان بچائيندو.

27 بلڪ انسان لاءِ اها ڳالهہ بهتر آهي،
جو هو پنهنجي جوانيءَ جي ڏينهن ۾ ئي صبر ڪرڻ سکي.
28 جڏهن جوانيءَ ۾ مشڪلاتون اچن،
تڏهن بجاءِ ٻين کي ٻڌائڻ جي خاموشيءَ سان صبر ڪري.
29 هن کي ٻاڏائيندي زمين تائين منهن جهڪائڻ گهرجي،
تہ من اميد آسري جي ڪا صورت نڪري.
30 توڙي جو جوانيءَ جي ڏينهن ۾ ڳلن تي چماٽون هنيون وڃن،
يا بيعزت ڪيو وڃي،
تہ بہ هن کي اهو سڀ ڪجهہ برداشت ڪرڻ گهرجي.

31 پروردگار اسان کان هميشہ لاءِ منهن نہ موڙيندو.
32 جيتوڻيڪ هو اسان کي گهڻا ئي ڏک ڏئي ٿو،
پر پوءِ پنهنجي واعدي وفائي ڪندي هو رحم بہ ڪري ٿو.
33 پروردگار ڏک ڏيڻ پسند نہ ٿو ڪري،
نڪي هو انسان کي ايذائڻ ٿو چاهي.

34 پروردگار چاهي ٿو تہ
قيد ۾ اسان کي روحاني اذيتون ڏنيون وڃن ٿيون.
35 خدا تعاليٰ کي اهو بہ معلوم آهي تہ
اسان جي حق‌تلفي ڪئي ٿي وڃي.
36 هو اهو بہ ڏسي ٿو تہ
عدالت ۾ انصاف کي بگاڙيو ٿو وڃي.

37 هاڻ ڀلا پروردگار جي مرضيءَ کان سواءِ،
ڪنهن کي طاقت آهي جو اهو سڀ ڪجهہ ڪري سگهي؟
38 نيڪي هجي توڙي بدي،
سڀ خدا تعاليٰ جي حڪم سان ئي ٿئي ٿو.
39 هاڻ جڏهن تہ اسان جي جيئري ئي اسان کي
پنهنجي گناهن جي سزا ملي ٿي،
تہ پوءِ ڇو اسين شڪايت ڪريون؟

40 انهيءَ جي بجاءِ اچو تہ
اسين پنهنجي چال چلت بابت سوچ ويچار ڪريون،
۽ پوءِ وري خداوند آڏو توبهہ‌تائب ٿيون.
41 اچو تہ اسين پنهنجي دل جي گهراين سان
خدا جي حضور ۾
دعا لاءِ آسمان ڏانهن هٿ کڻي چئون تہ
42 ”اي خداوند! بيشڪ اسان گناهہ ڪندي
تنهنجي خلاف بغاوت ڪئي،
۽ تو اسان کي معافي نہ ڏني.
43 تو اسان جي پنيان پئي اسان کي قتل ڪري ڇڏيو.
تو پنهنجي غضب وچان اسان تي قياس نہ ڪيو.
44 تو پاڻ کي ڪڪرن پنيان لڪائي ڇڏيو،
انهيءَ لاءِ تہ اسان جون دعائون تو تائين نہ پهچي سگهن.
45 تو ٻين قومن منجهہ
اسان کي گند ڪچري جهڙو ڪنو ڪري ڇڏيو.
46 اسين پنهنجي سڀني دشمنن آڏو،
بيعزت ۽ ڪل ٺٺوليءَ جو سبب بڻياسين.

47 اسان تي مصيبت ۽ تباهي نازل ڪئي ويئي،
۽ اسان خوف ۽ دهشت ۾ زندگي پيا گذاريون.“

48 آءٌ وڏيڪ ٻاڏائيندي چوان ٿو تہ
اي خداوند! منهنجي اکين مان پاڻيءَ جون نديون ٿيون وهن،
ڇالاءِجو منهنجي قوم وارا تباهہ وَ برباد ٿي رهيا آهن.
49 تيستائين لڳاتار وهندڙ واهيءَ جيان،
منهنجي اکين مان سدائين لڙڪ وهندا رهندا،
50 جيستائين تون خداوند عرش عظيم کان هيٺ نهاري
اسان جي مدد ڪرين.
51 جڏهن آءٌ ڏسان ٿو تہ يروشلم جي عورتن سان ڇا ٿو ٿئي،
تڏهن منهنجي دل غم سان پرجيو وڃي.

52 جيڪي بنا ڪنهن سبب جي منهنجا دشمن بڻيا،
تن مون کي پکين وانگر شڪار ڪيو.
53 هنن مون کي جيئرو ئي اونهي کوهہ ۾ اڇلائي ڇڏيو،
۽ انهيءَ جي منهن کي پٿر سان بند ڪري ڇڏيو.

54 پاڻي منهنجي سر کان مٿي ايترو تہ چڙهي ويو آهي،
جو آءٌ سمجهان ٿو تہ هاڻ آءٌ ٻڏي مرڻ وارو آهيان.

55 سو اي خداوند!
کوهہ جي تري مان آءٌ تنهنجو نالو وٺي پڪاريان ٿو.
56 تون منهنجون دانهون ٻڌڻ کان پنهنجو منهن نہ موڙ،
پر اچي منهنجي مدد ڪر ۽ مون کي بچاءِ.

57 اڄ ئي منهنجو فرياد ٻڌ،
۽ ويجهو اچي مون کي دلاسو ڏيئي چئُہ تہ ”گهبراءِ نہ.“
58 هائو، اي پروردگار! تون مون کي اچي ڇڏاءِ،
۽ منهنجي حياتي بچائي وٺ.

59 اي خداوند! تون مون تي ظلم ٿيندي ڏسين ٿو.
هاڻي تون منهنجي حق ۾ فيصلو ڏي.
60 جيڪي بہ سازشون هنن وير وٺڻ لاءِ جوڙيون آهن،
تن سڀني تي غور ڪر.
61 هائو، اي خداوند! جيڪي ملامتون اهي مون تي ڪن ٿا،
۽ جيڪي بڇڙائيءَ وارا منصوبا اهي منهنجي خلاف جوڙين ٿا،
سي سڀ تون ڄاڻين ٿو.
62 اهي مون کي گهٽ وڌ پيا ڳالهائين،
۽ سڄو ڏينهن پاڻ ۾ منهنجي خلاف سازشون پيا جوڙين.
63 صبح کان وٺي رات تائين اٿندي ويهندي
اهي مون تي ٺوڪ ٺٺولين وارا راڳ ڳائين ٿا.

64 سو اي خداوند! اهي جيڪي ڪجهہ ڪن ٿا،
تنهن موجب کين سزا ڏي.
65 هائو، تون انهن تي ملامت ڪر.
۽ کين غمن ۾ مبتلا ڪري ڇڏ.
66 اي خداوند! پنهنجي غضب وچان سندن پيڇو ڪندي
روءِزمين تان سندن نالو نشان ئي مٽائي ڇڏ.

## يروشلم جي گهيري ۽ بربادي‌ءَ جو بيان

4
1 آہ! ڪيئن نہ چمڪندڙ سون جهڪو ٿي ويو آهي!
هائو، تمام نج سون ڪيئن نہ چمڪ وڃائي وينو آهي!
قيمتي هيرا جواهر ڪيئن نہ گهٽين ۾ ٽڙيا پکڙيا پيا آهن!
2 آہ! صيئون جا رهاڪو،
جيڪي تمام نج سون کان بہ وڌ هئا،
سي ڪيئن نہ هاڻ
ڪنڀر جي هٿان ٺهيل ٺڪر جي ٿانون جهڙا ٿي پيا آهن.

3 بگهڙ جهڙو جانور بہ
پنهنجن ٻچن کي ڇاتيءَ سان لائي پنهنجو کير پيئاري ٿو،
پر منهنجي قوم جي ماڻهن کي بياباني شتر مرغ وانگر
پنهنجي ٻارڙن تي بہ رحم ڪونہ ٿو اچي.
4 گهڻيءَ اڃ سبب کير پياڪ ٻارڙن جي زبان
سندن تارونءَ سان وڃي لڳي آهي.
ننڍا ٻارڙا مانيءَ ڳيهي لاءِ پيا رڙن،
پر ڪو مانيءَ جو ٽڪرو بہ سندن وات ۾ نہ ٿو وجهي.
5 جيڪي ڪڏهن عمدا طعام کائيندا هئا،
سي هاڻي گهٽين ۾ بک پيا مرندا وتن.
جيڪي عمدين پوشاڪن ۾ پلجي وڏا ٿيا،
سي هاڻي گند جي ڍيرن مان ٽڪر ڳيهو پيا ڳولهين.

6 منهنجي قوم وارن کي سندن گناهن جي سزا
سدوم وارن جي سزا کان بہ وڌيڪ ڏني ويئي آهي.
انهن جي شهر کي تہ هڪ پل ۾ ئي اونڌو ڪيو ويو هو،
۽ ڪو انساني دشمن انهيءَ تي چڙهائي ڪري نہ آيو هو.
7 يروشلم جا اڳواڻ برف کان وڌيڪ شفاف،
۽ کير کان وڌيڪ اڇا هئا.
سندن بدن لعلن کان وڌيڪ ڳاڙها هئا،
۽ هو نيلم کان وڌيڪ تجليدار هئا.
8 پر هاڻي سندن شڪليون
ڏامر کان بہ وڌيڪ ڪاريون ٿي ويون آهن،
۽ ڪوبہ کين سڃاڻي نہ ٿو سگهي.
هنن جي کل سندن هڏين کي چنبڙي پيئي آهي،
۽ ڪومائجي سڪي ڪاٺيءَ جهڙي ٿي پيئي آهي.
9 سياڳا هئا اهي جيڪي جنگ ۾ قتل ٿي ويا.
ويل آهي انهن باقي بچيلن لاءِ!
جيڪي بک وگهي آهستي آهستي مريو وڃن ٿا،
ڇالاءِجو کين کاڌو نہ ملڻ ڪري اهي سڙندا ڳرندا پيا وڃن.
10 منهنجي قوم تي آيل مصيبت
ماڻهن ۾ اهڙي تہ وحشت وجهي ڇڏي،
جو مامتا رکندڙ عورتن بہ پنهنجي ٻارڙن کي
پنهنجن هٿن سان اوٻاري خوراڪ ٿي بڻايو.

11 خداوند پنهنجي قهر وچان،
ايترو تہ سخت غضب نازل ڪيو،

4:6 پيد 19:24    4:10 شر 28:57، حز 5:10

جو سڄي يروشلم شهر کي
ان جي بنيادن تائين ساڙي رک ڪري ڇڏيائين.
12 غير قوم جي ڪنهن بہ بادشاهہ
توڙي دنيا جي ڪنهن بہ رهاڪوءَ کي اهو يقين ئي نہ ٿي آيو،
تہ ڪو حملو ڪندڙ دشمن
يروشلم جا دروازا ٽپي شهر اندر گهڙي سگهندو.
13 يروشلم کي اها سزا
نبي سڏائيندڙن ۽ ڪاهنن جي بدڪارين جي ڪري ملي،
جن بيگناهہ ماڻهن جو رت وهرايو هو.
14 سو اهي نبي سڏائيندڙ ۽ ڪاهن
انڌن وانگر گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ ٿاڦوڙا هڻندا رهيا.
اهي رت ۾ ٻڏي ايترا تہ پليت ٿي ويا،
جو ڪنهن بہ ڪين پنهنجي ڪپڙن کي هٿ لائڻ نہ ٿي ڏنو.
15 يروشلم وارن رڙيون ڪري ڪين چيو ٿي تہ
”پري ٿيو، اي پليتؤ! پري ٿيو.
اسان کي هٿ نہ لايو، اوهين ناپاڪ آهيو.“
پوءِ اهي اتان نڪري ڪري مختلف قومن ۾ رلندا رهن ٿا،
ڇالاءِ جو ڪوبہ ماڻهو ڪين پاڻ وٽ رهڻ نہ ٿو ڏئي.
16 خداوند پنهنجي غضب وچان
نبي سڏائيندڙن ۽ ڪاهنن کي ڪٿو ڪٿو ڪري ڇڏيو آهي.
هو هاڻي سندن ڪا بہ سار نہ ٿو لهي.
بلڪ هو اسان جي ڪاهنن کي ڪا عزت نہ ٿو ڏئي،
نڪي اسان جي اڳواڻن جو ڪو لحاظ ٿو رکي.

17 اسان اهڙيءَ قوم جو انتظار ڪندا رهياسين،
جيڪا اسان جي ڪا مدد ڪري نہ ٿي سگهي.
هائو، اسان جون اکيون انهن جي مدد لاءِ
نهاري نهاري ٿڪجي پيون،
پر انهن اسان جي ڪا مدد نہ ڪئي.
18 دشمن اسان جي ڪڍ لڳا ٿي وتيا،
سو اسين گهٽين ۾ بہ گهمي ڦري نہ ٿي سگهياسين.
اسان جا ڏينهن اچي پورا ٿيا هئا،
هائو، اسان جي پڄاڙي اچي پهتي هئي.
19 اسان جو پيڇو ڪندڙ دشمن
بازن جي اُڏام کان بہ وڌيڪ تکا هئا.
هنن جبلن تي بہ اسان جو پيڇو ڪيو،
۽ بيابان ۾ اسان جي تاڙ ۾ ويٺا هئا.
20 اسان جي بچاءَ جي اميد،
يعني خداوند جي چونڊيل بادشاهہ کي بہ
هنن پنهنجي ڦندي ۾ ڦاسائي وڌو،
جنهن بابت اسين چوندا هئاسين تہ
هو اسان کي هر حملي ڪندڙ کان محفوظ رکندو.

21 ڀلي کِلو، اي پيارا ادوم وارؤ!
هائو، عُوض جا رهاڪؤ! اوهين ڀلي خوش ٿيو.
پر اوهان تي بہ مصيبت جو وقت اچڻ وارو آهي.
اوهين بہ سزا جو اهو پيالو پي مدهوش ٿي ويندا،
۽ اگهاڙا ڪيا ويندا.
22 اي پياري صيئون جا رهاڪؤ!
اوهان جي بدڪاريءَ جي سزا اچي پوري ٿي آهي.
خداوند هاڻ جلد اوهان کي جلاوطنيءَ کان موٽائي
پنهنجي وطن ۾ آڻيندو.
پر اي ادوم جا رهاڪؤ!
خداوند اوهان جا گناهہ کولي ظاهر ڪري
اوهان کي انهن بدڪارين جي سزا ڏيندو.

## رحم لاءِ يروشلم وارن جي دعا

5 1 اي اسان جا خداوند!
اسان تي جيڪي مصيبتون آيون، تن تي تون غور ڪر.
اسان تي نظر ڪري ڏس تہ
ڪيئن نہ اسان کي خوار خراب ڪيو پيو وڃي.
2 تنهنجي طرفان ڏنل ميراث تي ڌارين قبضو ڪيو آهي،
۽ اسان جي گهرن ۾ بہ ڌاريا ماڻهو ٿا رهن.
3 اسان جي پيئرن کي ماري اسان کي يتيم ڪيو ويو آهي،
۽ هاڻي اسان جون مائرون بيسهارا رنن زالن جيان آهن.

4 اسين پاڻي بہ ملهہ جو ٿا پيئون،
۽ ڪاٺيون بہ بها سان وٺي ٻاريون ٿا.
5 اسين ڏينهن رات لوڙيون ٿا ۽ ڪوبہ آرام ڪونہ اٿئون،
تنهنڪري ڏاڍا ٿڪجي پيا آهيون.
6 اسان جيئري رهڻ ۽ ڪاڌي حاصل ڪرڻ لاءِ مجبور ٿي
مصرين ۽ اشورين ڏانهن معاهدي لاءِ پنهنجو هٿ ڊگهيريون ٿا.

7 اسان جي ابن ڏاڏن گناهہ ڪيا، پر اهي مري کپي ويا.
هاڻ انهن جي گناهن جي سزا اسان کي ڀوڳڻي ٿي پوي.
8 جيڪي اسان تي حڪمراني ٿا ڪن،
سي ڪنهن ٻئي جا غلام آهن،
۽ اسان کي سندن هٿان ڇڏائڻ وارو ڪوبہ ڪونهي.
9 بيابان جي ڏڪار واري حالت ۾ رهندي
اسين موت جي منهن ۾ وڃي ڪاڌو حاصل ڪريون ٿا.
10 بک جي ساڙيندڙ باهہ سبب،
اسان جي کل تئي جهڙي ڪاري ٿي وئي آهي.

11 صيئون ۾ توڙي سڄي يهوداہ ملڪ ۾،
اسان جي زالن ۽ ڌيئرن کي بي‌حرمت ڪيو ويو آهي.
12 اسان جي حڪمرانن جا هٿ ٻڌي کين ٽنگيو ويو آهي،
۽ اسان جي بزرگن سان شرمناڪ سلوڪ ڪيو ٿو وڃي.
13 اسان جي نوجوانن کان غلامن وانگر پٿر پيهايا ٿا وڃن.
۽ اسان جي ٻارن کان ڪاٺين جو ايترو تہ ڳرو بار کڻايو ٿو وڃي
جو اهي ٿاٻڙجي ٿا ڪرن.

14 اسان جي اڳواڻن کي شهر جي دروازي وٽ ويهي
فيصلا ڪرڻ کان روڪيو ويو آهي،
۽ اسان جي نوجوانن مان ڳائڻ وڄائڻ ختم ٿي ويو آهي.
15 اسان جي دلين مان خوشيون ختم ٿي ويون آهن،
۽ اسان جو ناچ روڄ راڙي ۾ بدلجي ويو آهي.
16 اسان جي حڪمراني اسان کان کسي ويئي آهي.
اسان جي اهڙي حالت اسان جي گناهن جي ڪري ٿي آهي.
ڪاش! اسان جي قوم گناهہ نہ ڪري ها!
17 انهيءَ ڪري اسان جون دليون ڏاڍيون غمگين آهن،
۽ اسان جي اکين اڳيان ڏنڌ ڇانئجي ويو آهي.
18 *صيئون جبل ايترو تہ ويران ۽ کنڊر بڻجي ويو آهي،
جو انهيءَ تي لومڙيون پيون گهمن ڦرن.

19 پر تون اي خداوند!
هميشہ هميشہ تائين حڪمران رهندين.
هائو، تنهنجو تخت پيڙهي بہ پيڙهي قائم رهندو.
20 پوءِ تو اسان کي هيتري وقت کان ڇو وساري ڇڏيو آهي؟
ڇو تو وڏي عرصي کان اسان کي ڇڏي ڏنو آهي؟

21 اي خداوند! تون اسان تي رحم ڪري
وري اسان کي پنهنجو ڪر.
تون اڳي وانگر اسان کي پنهنجون نعمتون وري عطا ڪر.
22 پلا ڇا تون اسان کان ايتري قدر ناراض ٿي
اسان کي هميشہ جي لاءِ ٺڪرائي ڇڏيندين؟

*صيئون جبل: يروشلم ۾ انهيءَ جبل تي خداوند جو هيڪل اڏيل هو، جيڪو خداوند جي موجودگيءَ جو نشان هو. پر پوءِ بابلي فوج انهيءَ کي ڊاهي ڇڏيو.

# حزقي ايل

## حزقي ايل نبيءَ جو ڪتاب

### تعارف

”حزقي ايل“ نالي هي مقدس ڪتاب انهيءَ نبيءَ جي نالي سان منسوب آهي، جيڪو انهن ڏينهن ۾ جلاوطن طور بابل ۾ رهندو هو، جڏهن سن 586 قبل مسيح ۾ يروشلم تي تباهي نازل ٿي. هن جو پيغام بابل ۾ جلاوطن ٿيلن سان گڏوگڏ انهن لاءِ به هو جيڪي يروشلم شهر ۾ رهجي ويا هئا.

حضرت حزقي ايل جي هن مقدس ڪتاب جا مکيه ڇهه حصا آهن: 1. نبي ٿيڻ لاءِ خدا جو حزقي ايل کي سڏڻ. 2. يروشلم جي ايندڙ تباهي وَ بربادي‌ءَ جي باري ۾ خدا جي فيصلي کان ماڻهن کي خبردار ڪرڻ. 3. انهن مختلف غير قومن لاءِ سزا بابت خداوند جا پيغام، جن بني اسرائيل جي ماڻهن کي ستايو ۽ ڪين گمراهه ڪيو. 4. يروشلم جي تباهيءَ کان پوءِ بني اسرائيل لاءِ امن وَ سلامتيءَ جو پيغام ۽ سني مستقبل جو واعدو. 5. ياجوج جي خلاف پيغام. 6. هيڪل جي نئين تجمل جي باري ۾ رويا ۽ قوم ۾ زمين جي نئين سر ورهاست بابت ٻڌائڻ.

حضرت حزقي ايل هڪ پختي عقيدي ۽ وڏيءَ سوچ وارو ماڻهو هو. هن تي اڪثر ڳالهيون رويا جي صورت ۾ نازل ٿينديون هيون. هن عملي طور نشانيون ڏيکارڻ جي صورت ۾ ماڻهن کي ڪيترائي پيغام ٻڌايا. حزقي ايل جو گهڻو زور انهيءَ ڳالهه تي هو ته دل ۽ روح کي تازو رکيو وڃي ۽ قوم جو هر فرد پنهنجي ڪيل گناهه جي ذميواري قبول ڪري. هن قوم لاءِ نئين سر بحاليءَ جي اميد جي به اڳڪٿي ڪئي. هڪ ڪاهن توڙي نبيءَ طور سندس گهڻو ڌيان هيڪل ۽ پاڪائيءَ جي ضرورت تي هو.

### سِٽاءُ


حضرت حزقي ايل جو سڏ 1:1—27:3

يروشلم جي تباهيءَ جي باري ۾ پيغام 1:4—27:24

غير قومن لاءِ خدا جو فيصلو 1:25—32:32

خدا جو پنهنجيءَ قوم بني اسرائيل لاءِ واعدو 1:33—28:37

ياجوج خلاف پيغام 1:38—29:39

هيڪل جي نئين تجمل ۽ زمين جي نئين سر ورهاست بابت رويا 1:40—35:48


---

### خداوند جو حزقي ايل کي نبي چونڊڻ
(1:1—27:3)

### خدا جو تخت

1 ① *ٽيهين سال جي چوٿين مهيني جي پنجين تاريخ تي آءٌ
حزقي ايل ڪاهن ولد بُوزي بابل ملڪ جي ڪبار نهر جي ڪناري
ٻين يهوداه وارن سان گڏ جلاوطن هوس. اتي اوچتو مون ڏٺو ته
آسمان کلي پيو ۽ انهيءَ ڏينهن کان وٺي خدا مون کي رويائون ڏيکارڻ
شروع ڪيون.
② يهوداه جي بادشاهه يهوياڪين جي بابل ملڪ ۾ جلاوطنيءَ جي
پنجين سال، مهيني جي پنجين ڏينهن، ③ ڪبار نهر جي ڪناري تي
خداوند مون سان ڳالهايو ۽ سندس قدرت مون تي وڏي زور سان نازل
ٿي. ④ مون مٿي ڪٽي نهاريو ته چا ڏسان ته اتر طرف کان هڪڙو وڏو

*ٽيهين سال جي چوٿين مهيني جي پنجين تاريخ: انهيءَ تاريخ جي وضاحت ٿيل نه آهي. پر گهڻو ڪري اهي شروعاتي رويائون يهوداه وارن جي پهرين جلاوطنيءَ (سن 597 قبل مسيح) کان پوءِ ۽ ٻي جلاوطنيءَ (سن 587 قبل مسيح) کان اڳ ۾ ڏٺل هيون.

1:1 مڪا 11:19 2:1 2.با 24:10—16، 2.توا 36:9—10

طوفان پيو اچي. ڏٺم تہ هڪڙي وڏي ڪڪر مان وچ چمڪي رهي
هئي ۽ انهيءَ جي چوڌاري آسمان مان تجلا ٿي نڪتا. تڏهن جتي
وچ چمڪي رهي هئي، انهيءَ جي وچ مان چمڪندڙ پتل جهڙي هڪ
شيءِ ظاهر ٿي 5 ۽ انهيءَ شيءِ مان چار ساهوارا مخلوق ڏسڻ ۾ آيا،
جيڪي انساني صورت جهڙا هئا. 6 انهن مان هر هڪ کي چار منهن
۽ چار پر هئا. 7 انهن جون ٽنگون سڌيون هيون ۽ سندن پيرن جون
ترِيون ڳابي جي کرن جهڙيون هيون. اهي مخلوق چمڪندڙ پتل وانگر
پئي چمڪيا. 8 انهن مان هر هڪ کي چار منهن ۽ چار پر هئا. ان
کان علاوه انهن جي چئني پاسن تي سندن پرن جي هيٺان انساني هٿ
بہ نظر ٿي آيا. 9 انهن چئني جا ٻہ ٻہ پر پکڙيل هئا ۽ هڪ ٻئي سان
اهڙيءَ طرح پاڻ ۾ ڳنڍيل هئا، جو انهن هڪڙو چوڪنڊو ناهيو ٿي ۽
گڏجي هڪ ٿي هليا ٿي ۽ ڪين منهن ڦيرڻ جي ضرورت ڪانہ ٿي پئي.
10 انهن چئني ساهوارن مان هر هڪ کي مختلف قسم جا چار منهن
هئا. انهن جو اڳ وارو منهن انسان جهڙو ۽ ساڄي پاسي وارو منهن
شينهن جهڙو هو. انهن جو کاٻي پاسي وارو منهن ڍاند جهڙو ۽ پٺيان
وارو منهن عقاب جهڙو هو. 11 انهن ساهوارن جا ٻہ ٻہ پر پکڙيل
هئا، جن جون چوٽيون ٻئي ساهواري جي پرن سان مليل هيون ۽ سندن
باقي ٻن ٻن پرن سندن بدن کي ٿي ڍڪيو. 12 انهن مان هر ڪو اڳتي
سڌو ڏسي رهيو هو. سو جيڏانهن انهن جي هلڻ جي مرضي پئي ٿي،
تيڏانهن هو گڏجي بغير ڪنڌ ڦيرڻ جي ويا پئي. 13 انهن ساهوارن
مان باهہ جا ٽانڊا يا اولانبا هڪ ٻئي ڏانهن اهڙيءَ طرح چمڪندي
ڏسڻ ۾ ٿي آيا جو ڄڻ وچ جا شعلا چمڪو ڏيئي رهيا هجن. 14 اهي
ساهوارا وچ جي تجليءَ وانگر هيڏانهن هوڏانهن پئي ٿيا.
15 اجا آءٌ انهن چئني ساهوارن کي ڏسي ئي رهيو هوس تہ ڇا ڏسان
تہ هر هڪ ساهواري جي پرسان هڪ هڪ ڦيٿو زمين تي لڳو. 16 اهي
چار ئي ڦيٿا بلڪل هڪجهڙا هئا ۽ قيمتي پٿر جيان چمڪي رهيا هئا.
انهن جي بناوٽ اهڙي هئي ڄڻ تہ هر هڪ ڦيٿي جي وچ ۾ ٻيو ڦيٿو
پيل هجي. 17 اهي ڦيٿا بنا مڙڻ جي هر طرف ڏانهن هلي ٿي سگهيا.
18 انهن جا پاٽا اوچا ۽ اچرج جهڙا هئا. انهن چئني ڦيٿن جي پاٽن
۾ چوڌاري اکيون ئي اکيون هيون. 19 جڏهن اهي ساهوارا هليا ٿي،
تڏهن اهي ڦيٿا سندن پاسن کان ٿي هليا. جڏهن اهي ساهوارا زمين
تان مٿي ٿي ويا ٿي، تڏهن ڦيٿا بہ مٿي کڄيو ٿي ويا. 20 ساهوارن
جي دل جيڏانهن چاهيو ٿي، اوڏانهن هو وڃي ٿي سگهيا ۽ ڦيٿا بہ
انهن سان گڏ ٿي ويا، ڇالاءِجو ڦيٿا انهن ساهوارن جي ضابطي ۾
هئا. 21 تنهنڪري جڏهن هو هليا ٿي تہ ڦيٿا بہ ٿي هليا ۽ جڏهن هو
بيٺا ٿي تہ ڦيٿا بہ بيهي ٿي رهيا. زمين تان مٿي وڃڻ جي صورت
۾ ڦيٿا بہ ساڻن گڏ کڄي ٿي ويا، ڇالاءِجو ڦيٿا انهن ساهوارن جي
ضابطي ۾ هئا.
22 انهن ساهوارن جي مٿن جي مٿان چمڪندڙ بلور جهڙو گنبذ
ڏسڻ ۾ ٿي آيو، جيڪو انهن جي مٿان پکڙيل هو. 23 انهيءَ گنبذ جي
هيٺان اهي ساهوارا بيٺا هئا ۽ سندن پاسي وارا ٻہ ٻہ پر سڌا هڪ
ٻئي جي پرن سان مليل هئا، ۽ ٻين ٻن ٻن پرن سان سندن بدن ڍڪيل
هو. 24 جڏهن اهي ساهوارا هليا ٿي تڏهن انهن جي پرن جو آواز ائين
ٻڌڻ ۾ ٿي آيو، جيئن سمنڊ جي گجگوڙ، يا جيئن وڏي لشڪر جو
گوڙ شور، يا جيئن قادرِمطلق خدا جو آواز. وري جڏهن اهي بيٺا ٿي
تڏهن انهن پنهنجا پر پنهنجي بدن سان وڪوڙي ٿي ڇڏيا. 25 انهيءَ
گنبذ مٿان جيڪو انهن ساهوارن جي مٿان هو، اوچتو هڪڙو آواز ٻڌڻ
۾ آيو. 26 انهيءَ گنبذ جي مٿان هڪڙي شيءِ ڏسڻ ۾ ٿي آئي، جيڪا
نيلم جي پٿر جي ٺهيل تخت جهڙي هئي. انهيءَ تخت جهڙي شيءِ
جي مٿان هڪڙي انساني صورت جهڙي هستي ويٺل ڏسڻ ۾ ٿي آئي.
27 انهيءَ جي چيلهہ کان وٺي مٿي واري صورت باهہ ۾ چمڪندڙ
پتل جهڙي هئي ۽ سندس چيلهہ کان وٺي هيٺ واري صورت باهہ
جي شعلي جهڙي هئي. انهيءَ جي چوڌاري روشنائي ئي روشنائي
هئي، 28 جيڪا اهڙي رنگدار ٿي ڏسڻ ۾ آئي جهڙا اندلٺ جا رنگ.
خداوند جي انهيءَ جلوي جي تجلي ڏسي آءٌ حزقي‌ايل منهن پر
زمين تي سجدي ۾ ڪري پيس. تڏهن مون هڪڙو آواز ٻڌو جيئن ڪو
ڳالهائي رهيو هجي.

## حزقي‌ايل جو پيغام پهچائڻ لاءِ مقرر ٿيڻ

2 1 اهو آواز مون حزقي‌ايل سان مخاطب ٿيو تہ ”اي آدمزاد!
پنهنجي پيرن تي اٿي بيهہ تہ آءٌ تو سان ڳالهايان.“ 2 جڏهن
هن مون سان ڳالهايو تڏهن خدا جو روح مون ۾ داخل ٿيو، جنهن مون
کي پيرن پر اٿاري بيهاريو. تڏهن اهو آواز وري مون سان مخاطب ٿيو
تہ 3 ”اي آدمزاد! آءٌ تو کي بني اسرائيل لاءِ ٿو مقرر ڪريان. هائو،
آءٌ تو کي انهيءَ باغي قوم لاءِ مقرر ٿو ڪريان، جيڪا مون کان ڦري
ويئي آهي. هنن ۽ سندن ابن ڏاڏن اڄ ڏينهن تائين منهنجي نافرماني
پئي ڪئي آهي. 4 اهي گستاخ ۽ ضدي آهن. پر مون خداوند خدا تو
کي انهيءَ لاءِ چونڊيو آهي تہ تون وڃي انهن کي منهنجو پيغام ٻڌاءِ.
5 جيئن تہ اهي باغي آهن، سو تنهنجون ڳالهيون ٻڌن يا نہ، پر گهٽ
۾ گهٽ هو ايترو تہ ڄاڻي وٺندا تہ منجهن ڪو نبي اچي ويو آهي.
6 اي آدمزاد! تون انهن کان نہ ڊڄ، نڪي سندن ڳالهين کان ڪو
خوف ڪر. جيتوڻيڪ اهي تنهنجي چوڌاري ڪنڊن ۽ ڪانڊيرن وانگر
آهن جو ڄڻ تہ تون وڇُن جي وچ ۾ آهين، تہ بہ تون انهن باغين
جي ڳالهين کان نہ ڊڄ، نڪي انهن جي چهرن کان ڪو خوف ڪاءُ.
7 سو تون منهنجيون چيل ڳالهيون انهن کي ٻڌاءِ، پوءِ هو اهي ٻڌن
يا نہ، ڇالاءِجو اهي تہ آهن ئي باغي.

---

5:1 مڪا 6:4   10:1 حز 14:10، مڪا 7:4   13:1 مڪا 5:4   15:1–21 حز 9:10–13   18:1 مڪا 8:4   22:1 مڪا 6:4
24:1 مڪا 15:1، 6:19   26:1 حز 1:10، مڪا 4:2–3   27:1 حز 2:8

8 پر اي آدمزاد! جيڪي آءٌ تو کي چوان ٿو، سو تون ٻڌ. تون هنن
باغين وانگر باغي نہ ٿيءُ، بلڪ پنهنجو وات کول ۽ جيڪي آءٌ تو
کي ڏيان ٿو سو تون کاءُ.“ 9 پوءِ جڏهن مون نهاري ڏٺو تہ ڇا ڏسان
تہ هڪڙو هٿ مون ڏانهن وڌيو ۽ ڏٺم تہ انهيءَ ۾ هڪڙو چمڙي جو
ويڙهوٽو هو. 10 اهو ويڙهوٽو کولي منهنجي آڏو رکيو ويو، جنهن جي
ٻنهي پاسن تي گهڻو ڪجهہ لکيل هو. هائو، انهيءَ ۾ آه وَ زاري،
روڄ راڙو ۽ ڏک جا لفظ لکيل هئا.

3 1 تڏهن خدا مون کي فرمايو تہ ”اي آدمزاد! پنهنجي اڳيان
رکيل ويڙهوٽو تون کائي ڇڏ، پوءِ وڃي بني اسرائيل جي ماڻهن
سان ڳالهاءِ.“ 2 سو مون پنهنجو وات کوليو تہ هن اهو ويڙهوٽو
منهنجي وات ۾ وڌو. 3 هن فرمايو تہ ”اي آدمزاد! هي ويڙهوٽو جو
آءٌ تو کي ڏيان ٿو، تنهن سان تون پنهنجو پيٽ ڀر.“ تڏهن مون اهو
کاڌو. اهو ويڙهوٽو منهنجي وات کي اهڙو تہ مٺو لڳو جهڙي ماکي.
4 پوءِ هن مون کي فرمايو تہ ”اي آدمزاد! تون بني اسرائيل جي
ماڻهن وٽ وڃ ۽ جيڪي ڳالهيون آءٌ تو کي چوان ٿو سي ئي وڃي
انهن کي ٻڌاءِ. 5 آءٌ تو کي ڪنهن ڌاريءَ يا مشڪل ٻوليءَ واري قوم
لاءِ ڪونہ ٿو مقرر ڪريان، بلڪ بني اسرائيل لاءِ ٿو مقرر ڪريان.
6 جيڪڏهن آءٌ تو کي انهن وڏين قومن ڏانهن موڪليان، جن جون
ٻوليون ڌاريون ۽ مختلف آهن ۽ جيڪي تون سمجهي نہ ٿو سگهين،
تڏهن بہ اهي تنهنجون ڳالهيون ضرور ٻڌندا. 7 پر بني اسرائيل مان
ڪوبہ تنهنجي ڪين ٻڌندو، ڇالاءِجو اهي منهنجي ڳالهہ ٻڌڻ ئي
نہ ٿا گهرن. سڀيئي بني اسرائيل گستاخ ۽ ضدي آهن. 8 ڏس، هاڻي
آءٌ تو کي اهڙو ضدي ۽ سخت دل ڪندس، جهڙا اهي آهن. 9 آءٌ تو
کي اهڙو تہ پختو بڻائيندس، جهڙو ٽڪر. آءٌ تو کي اهڙو تہ سخت
بڻائيندس، جهڙو هيرو. سو تون انهن باغي ماڻهن کان بلڪل نہ ڊڄ.“
10 خداوند مون کي وري فرمايو تہ ”اي آدمزاد! جيڪي ڳالهيون آءٌ
تو کي ٻڌايان سي ڌيان سان ٻڌ ۽ انهن کي پنهنجيءَ دل ۾ جاءِ ڏي.
11 تون روانو ٿيءُ ۽ انهن جلاوطنن کي، يعني پنهنجي قوم جي ماڻهن
کي وڃي مون خداوند خدا جو فرمان ٻڌاءِ، پوءِ ڀلي اهي ٻڌن يا نہ.“
12 پوءِ خدا جو روح مون کي مٿي کڻي هليو، تڏهن مون پنهنجي
پٺيان هڪڙي وڏي گجگوڙ وارو آواز ٻڌو، جنهن چيو تہ ”مٿي آسمان
۾ خداوند جي جلال جي واکاڻ ڪريو.“ 13 انهيءَ سان گڏوگڏ انهن
ساهوارن جي پرن جي هڪ ٻئي سان لڳڻ جو ۽ ڦيٿن جو ايڏو تہ وڏو
گوڙ ٻڌڻ ۾ آيو، جيئن زلزلي جو آواز هجي. 14 جڏهن خداوند جو روح
مون کي مٿي کڻي هليو، تڏهن خدا جي قدرت وڏي زور سان مون تي
نازل ٿي. آءٌ تلخيءَ ۽ پنهنجي اندر جي جوش ۾ هليو ويس. 15 تنهن
کان پوءِ آءٌ ڪبار نهر جي ڀرسان تل‌ابيت شهر ۾ رهندڙ جلاوطنن وٽ
موٽي آيس. آءٌ ستن ڏينهن تائين اتي پنهنجي ڏتل ۽ ٻڏل ڳالهين تي
سڪتي ۾ ويٺو رهيس.

## حزقي ايل جو نگهبان طور مقرر ٿيڻ
(حزقي ايل 33:1–9)

16 ستن ڏينهن گذرڻ کان پوءِ خداوند مون کي فرمايو تہ 17 ”اي
آدمزاد! مون تو کي بني اسرائيل قوم جو نگهبان بڻايو آهي. سو
جيڪي آءٌ چوان ٿو سو ٻڌ ۽ منهنجي طرفان هنن کي خبردار ڪر.
18 جيڪڏهن آءٌ تو کي بدڪارن لاءِ چوان تہ ’اهي ضرور مرندا،‘ پر
جي تون انهن کي خبردار نہ ڪرين ۽ نڪي ڪين تاڪيد ڪرين جو هو
بدڪاريءَ واري رستي کان باز رهندي پنهنجي حياتي بچائي وٺن،
تڏهن اهي بدڪار تہ پنهنجي بڇڙائيءَ جي ڪري مرندا، پر انهن
جي خون جو ذميوار آءٌ تو کي بڻائيندس. 19 پر جيڪڏهن تو انهن
بدڪارن کي خبردار ڪري ڇڏيو، تنهن هوندي بہ هو پنهنجي شرارت
۽ بڇڙائيءَ کان باز نہ آيا، تہ پوءِ هو ضرور پنهنجي بدڪاريءَ جي
ڪري مرندا، مگر تنهنجي جان بچي ويندي.
20 وري جيڪڏهن سچار ماڻهو پنهنجي سچائيءَ کان ڦري وڃي
بڇڙائيءَ ۾ پوندا، تہ آءٌ ڪين اهڙين مشڪل حالتن ۾ وجهندس جو
اهي مري کپي ويندا. پر جيڪڏهن تو هنن کي خبردار نہ ڪيو تہ
هو پنهنجي بڇڙاين جي ڪري مرندا. آءٌ سندن ڪيل سچائيءَ وارن
ڪمن کي بہ وساري ڇڏيندس. مگر انهن جي خون جو ذميوار آءٌ تو
کي بڻائيندس. 21 پر جيڪڏهن تو انهن سچار ماڻهن کي خبردار ڪيو
۽ انهن تنهنجي نصيحت تي عمل ڪندي گناهہ نہ ڪيا، تہ پوءِ هو
ضرور جيئرا رهندا ۽ تنهنجي جان بہ بچي ويندي.“

## حزقي ايل جو گونگو ٿي پوڻ

22 پوءِ خداوند جو طاقتور هٿ مون پنهنجي مٿان محسوس ڪيو،
جنهن مون کي فرمايو تہ ”اُٿ، نڪري ماٿريءَ ڏانهن وڃ، تہ اتي آءٌ
تو سان ڳالهائيندس.“ 23 تڏهن آءٌ هڪدم اٿيس ۽ نڪري ماٿريءَ ۾
آيس. اتي مون کي خداوند جي جلوي جي تجلي ڏسڻ ۾ آئي، جهڙي
مون ڪبار نهر جي ڪناري تي ڏٺي هئي. تڏهن آءٌ زمين تي منهن
ڀر سجدي ۾ ڪري پيس. 24 پر خدا جو روح مون ۾ گهڙي آيو ۽
مون کي اٿاري پيرن ڀر بيهاريائين. تڏهن خداوند مون کي فرمايو تہ
”موٽي پنهنجي گهر وڃ، ۽ اتي پنهنجو پاڻ کي نظربند ڪري ڇڏ.
25 بلڪ ڏس، اي آدمزاد! تو کي رسين سان ٻڌي بند ڪيو ويندو ۽ تون
ٻاهر ماڻهن منجهہ وڃي نہ سگهندين. 26 آءٌ تنهنجي زبان تنهنجي
تارونءَ سان چنبڙائي ڇڏيندس، جنهن ڪري تون گونگو ٿي پوندين ۽
هنن باغي ماڻهن کي خبردار ڪرڻ جي لائق نہ رهندين. 27 پوءِ جڏهن
آءٌ تو سان وري ڳالهائيندس، تڏهن تو کي ڳالهائڻ جي طاقت عطا
ڪندس. پوءِ تون هنن کي مون خداوند خدا جو فرمان ٻڌائج. انهن

10–9:2 مڪا 1:5 3–1:3 مڪا 10–9:10

مان ڪي تہ اهو ٻڌندا پر ڪي ٻڌڻ کان انڪار ڪندا، ڇالاءِجو اهي
باغي قوم وارا آهن."

## يروشلم جي تباهيءَ جا پيغام
(27:24–1:4)

### بابل ۾ جلاوطنن لاءِ يروشلم جي پيهر گهيري بابت نشانيون

4 1 خداوند فرمايو تہ "اي حزقي‌ايل، آدم جو اولاد! تون هڪڙي
سر ڪڻ ۽ اها پنهنجي اڳيان رک، ۽ مٿس يروشلم شهر جو نقشو
ڪڍ. 2 پوءِ انهيءَ شهر جي چوڌاري گهيرو ڏيکار جنهن ۾ مورچا،
مٽيءَ جا دِڪا، لشڪرگاهہ جا تنبو ۽ ڦاٽڪ ڀڃڻ واريون مشينون بيهار.
3 پوءِ تون لوهہ جو هڪڙو تئو ڪڻ. اهو تئو پنهنجي ۽ سر تي نقش
ڪيل شهر جي وچ تي لوهہ جي ديوار طور کڙو ڪر. تون پنهنجون
نظرون شهر ڏانهن کُپائج، تہ جيئن شهر گهيري هيٺ محسوس ٿئي.
بيشڪ تون ئي انهيءَ کي گهيرو ڪرڻ وارو ٿيندين. اهو سڀ ڪجهہ
بني اسرائيل قوم لاءِ هڪڙي تنبيهہ هوندو.
4-5 تنهن کان پوءِ تون پنهنجي کاٻي پاسي تي ليٽي پئج ۽ اتي
ٽي سؤ نوي ڏينهن تائين بني اسرائيل جي گناهن جي سزا جي نشان
طور پيو رهج. اهڙيءَ طرح تون بني اسرائيل قوم جا گناهہ ڄڻ تہ
پاڻ تي کڻندين ۽ تون سندن گناهن جي سزا لاءِ هر هڪ سال جي
پٺيان هڪ هڪ ڏينهن ليٽيو رهندين. 6 جڏهن تون اهي ڏينهن پورا
ڪرين، تڏهن وري پنهنجي ساڄي پاسي تي ليٽي پئج ۽ يهوداہ وارن
جي گناهن جي سزا جي نشان طور چاليهہ ڏينهن تائين اتي پيو رهج.
تون سندن گناهن جي سزا لاءِ هر هڪ سال جي پٺيان هڪ هڪ ڏينهن
ليٽيو رهندين.
7 انهيءَ دوران تون پنهنجون اکيون يروشلم جي گهيري ڏانهن
کُپائج ۽ شهر مٿان پنهنجي مک لوڏي انهيءَ جي خلاف مون خداوند
جو پيغام ٻڌائج. 8 آءٌ تو کي ٻڌي ڇڏيندس، انهيءَ لاءِ تہ تون پاسو
ورائي نہ سگهين، جيستائين شهر جي گهيري جا مقرر ڏينهن پورا
ٿي نہ وڃن."
9 خداوند مون کي وڌيڪ فرمايو تہ "هاڻي تون پنهنجي لاءِ ڪجهہ
ڪڻڪ، جوَ، چونرا، مهريءَ جي دال، ٻاجهري ۽ ڇيٽو ڪڻ. روزانو
انهن سڀني جي اٽي کي ٿانوَ ۾ ملائي پنهنجي لاءِ ماني پچائج. جيترا
ڏينهن تون کاٻي پاسي تي ليٽيو رهندين، يعني ٽي سؤ نوي ڏينهن اها
ئي پيو کائج. 10 تو کي هر روز رڳو اڍائي سؤ گرامن جي وزن جيتري
هڪڙي ماني مقرر وقت تي کائڻ جي اجازت هوندي ۽ انهيءَ کان
وڌيڪ نہ کائيندين. 11 تو کي پاڻي مقرر وقت تي ماپي پيئڻو پوندو،
يعني هر روز رڳو ٻہ گلاس، انهيءَ کان وڌيڪ نہ پيئندين. 12 تون
ماڻهن جي سڪل ڪاڪوس جي باهہ ٻاري سڀني جي اڳيان انهيءَ
تي پنهنجي کائڻ لاءِ ماني پچائيندين. 13 اهڙيءَ طرح بني اسرائيل
پنهنجي ناپاڪ ماني انهن قومن جي وچ ۾ کائيندا، جن وٽ آءٌ کين
هڪالي ڇڏيندس."
14 تڏهن مون وراڻيو تہ "نہ، اي خداوند خدا! مون ڪڏهن بہ پاڻ
کي ناپاڪ ٿيڻ نہ ڏنو آهي. ننڍي هوندي کان وٺي هن وقت تائين
مون ڪڏهن بہ ڪنهن مئل جانور جو گوشت نہ کاڌو آهي، پوءِ اهو
پاڻيهي مئو هجي يا جانورن ان کي چيريو ڦاڙيو هجي. ڪوبہ پليت
کاڌو مون هرگز نہ کاڌو آهي." 15 تنهن تي خداوند مون کي فرمايو
تہ "ٺيڪ آهي، آءٌ تو کي انساني گندگيءَ جي بدران ڳئونءَ جي ڇيڻن
مان باهہ ٻاري انهيءَ تي پنهنجي ماني پچائڻ جي اجازت ٿو ڏيان."
16 خداوند مون کي انهيءَ مثال جي سمجهاڻي هيئن ڏني تہ "اي
آدمزاد! ڏس، آءٌ باقي بچيل يروشلم وارن کان فاقا ڪيائيندس. هنن
وٽ ايترو تہ ٿورو کاڌو ۽ ايترو تہ ٿورو پاڻي هوندو جو اهي حيران وَ
پريشان ۽ نااميد ٿي ويندا. 17 انهيءَ لاءِ تہ اهي کاڌي پيتي جا محتاج
ٻڻجي هڪ ٻئي ڏانهن حيراني ۽ پريشانيءَ سان ڏسن ۽ پنهنجن گناهن
جي سزا ۾ آهستي آهستي ڳرندا سڙندا وڃن."

### يروشلم تي ايندڙ تباهيءَ لاءِ وارن جو مثال

5 1 خداوند وڌيڪ فرمايو تہ "اي حزقي‌ايل، آدم جو اولاد! تون
هڪڙي تکي تلوار ڪڻ ۽ حجام جي پاڪيءَ وانگر انهيءَ سان
پنهنجي مٿي ۽ ڏاڙهيءَ جا وار ڪوڙ. پوءِ انهن وارن کي تارازيءَ
۾ توري ٽي حصا ڪر. 2 انهن جو پهريون حصو گهيري جي انهن
ڏينهن جي پوري ٿيڻ کان پوءِ سر تي نڪتل شهر جي نقشي جي
وچ ۾ باهہ سان ساڙي ڇڏ. ٻيو حصو کڻي شهر جي چوڌاري هيڏي
هوڏي پکيڙي انهن وارن کي تلوار سان ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏ. وارن
جي آخري ٽئين حصي کي تون هوا ۾ پکيڙي ڇڏ، تن وارن يعني
ماڻهن جو آءٌ تلوار کڻي پيڇو ڪندس. 3 انهن وارن مان ڪي ٿورا
کڻي پنهنجي دامن ۾ ٻڌي ڇڏ. 4 وري انهن مان ڪجهہ وار ڪڍي
باهہ ۾ اڇلائي ساڙي ڇڏ. انهن مان هڪ اهڙي باهہ نڪرندي جيڪا
بني اسرائيل جي پوري قوم ۾ ڦهلجي ويندي."
5 تڏهن خداوند خدا مون کي سمجهايو تہ "ڏس، هيءَ نقشي واري
سر اهو ئي يروشلم آهي، جنهن کي مون ٻين سمورن ملڪن ۽ قومن
کان وڌيڪ رتبو عطا ڪيو. 6 پر يروشلم وارن منهنجي حڪمن ۽
منهنجي شريعت خلاف بغاوت ڪئي ۽ پاڻ کي ٻين قومن ۽ آس‌پاس
وارن ملڪن کان وڌيڪ بدڪار ثابت ڪيو. هنن منهنجي حڪمن کي
رد ڪيو ۽ منهنجي شريعت تي هلڻ کان انڪار ڪيائون.
7 تنهنڪري اي يروشلم وارؤ! ٻڌو، آءٌ خداوند خدا چوان ٿو تہ
اوهين پنهنجي آس‌پاس وارين قومن کان وڌيڪ فسادي ٿي ويا آهيو
۽ منهنجي حڪمن تي نہ هليا آهيو ۽ نڪي منهنجي قاعدن قانونن
تي عمل ڪيو اٿوَ، بلڪ اوهان تہ پنهنجي آس‌پاس وارين قومن جي
قاعدن قانونن تي بہ نہ هليا آهيو. 8 تنهنڪري آءٌ خداوند خدا اوهان

ڪي ٻڌائي ٿو ڇڏيان تہ آءٌ اوهان جي خلاف اٿي ڪڙو ٿيو آهيان ۽ اوهان
ڪي سزا ڏيندس. اوهان جي آس‌پاس واريون سموريون قومون اهو سڀ
ڪجهہ ڏسنديون. 9 اوهان جي سڀني ڪراهت جهڙن ڪمن جي ڪري
آءٌ باقي بچيل يروشلم وارن تي اهڙي خوفناڪ سزا آڻيندس، جيڪا مون
نہ ڪڏهن اڳ آندي آهي، نہ ئي وري اڳتي ڪڏهن آڻيندس. 10 هائو،
آءٌ يروشلم شهر ۾ اهڙي تہ بک وجهندس جو والدين پنهنجي ٻارن
کي کائيندا ۽ ٻار پنهنجي والدين کي. جيڪي انهيءَ سزا کان بچي
ويندا، تن سڀني کي آءٌ چئني طرفن ڏانهن ڪٽو ڪٽو ڪري ڇڏيندس.
11 آءٌ خداوند جيئرو خدا قسم کڻي چوان ٿو تہ جيئن تہ اوهان
پنهنجي سڀني ڪراهت جهڙين شين سان ۽ پنهنجي سڀني نفرت
جهڙن ڪمن سان منهنجي مقدس هيڪل جي بي‌حرمتي ڪئي آهي،
تنهنڪري آءٌ بہ بنا ڪنهن درگذر يا رحم ڪرڻ جي اوهان کي وڍي
ڪيرائي ڇڏيندس. 12 باقي بچيل يروشلم وارن جو ٽن مان هڪ حصو
شهر ۾ وبا ۽ ڏڪار سبب مري کپي ويندو، ٻيو حصو شهر جي
ٻاهران تلوار سان قتل ڪيو ويندو ۽ باقي ٽئين حصي کي آءٌ چئني
پاسن ڏانهن ڪٽو ڪٽو ڪري ڇڏيندس، ۽ تلوار کڻي انهن جو پيڇو
ڪندس. 13 اهڙيءَ طرح منهنجو غضب پورو ٿيندو ۽ آءٌ پنهنجو غصو
انهن تي ڇنڊيندس، پوءِ مون کي آرام ملندو. هائو، جڏهن آءٌ مٿن
پنهنجو قهر پورو ڪندس، تڏهن سڀيئي ڄاڻي وٺندا تہ مون خداوند
اهو سڀ ڪجهہ پنهنجي غيرت وچان ڪيو هو.
14 تنهن کان سواءِ آءٌ اوهان جي شهر کي ويران ڪري ڇڏيندس ۽
آس‌پاس واريون قومون ۽ اتان لنگهندڙ هر ماڻهو اهو ڏسي اوهان تي
ملامت ڪندو. 15 اهڙيءَ طرح جڏهن آءٌ قهر ۽ غضب وچان ۽ سخت
ملامت سان باقي بچيل يروشلم وارن کي سزا ڏيندس، تڏهن انهن
جي آس‌پاس واريون سڀيئي قومون ڊڄي وينديون. اهي انهن ڏانهن
ڪراهت، طعني، عبرت ۽ هيبت وچان ڏسنديون. اهو آءٌ خداوند ٿو
فرمايان.
16 آءٌ باقي بچيل يروشلم وارن جو رزق بند ڪري ڇڏيندس، سو
اهي بکن وگهي پيا مرندا. اهي بک جي اهڙي تڪليف محسوس
ڪندا، ڄڻڪ انهن کي ناس ڪرڻ لاءِ تکا تير هلايا ويا هجن. 17 اي
يروشلم شهر! آءٌ تنهنجي رهاڪن کي مارڻ لاءِ ڏڪار ۽ جهنگلي
جانور موڪليندس ۽ ڪين ناس ڪرڻ لاءِ تو ۾ وبا، خونريزي ۽ جنگ
موڪليندس. اهو مون خداوند جو فرمان آهي.“

## بت‌پرستيءَ جي ڪري بني اسرائيل کي ننڊڻ

6 1 خداوند مون کي فرمايو تہ 2 ”اي حزقي ايل، آدم جو اولاد!
تون پنهنجو منهن بني اسرائيل جي ملڪ جي جبلن ڏانهن ڪر
۽ انهن کي منهنجو هي پيغام ٻڌاءِ تہ 3 ’اي جبل ۽ ٽڪريون! اي
برساتي نهرون ۽ ماٿريون! اوهين ٻڌو. آءٌ خداوند اوهان جي خلاف
ٿيڻ وارو آهيان، آءٌ اوهان جي انهن سڀني جاين کي جنگ دوران
ٻيجي پورا پورا ڪري ڇڏيندس، جتي ڌارين معبودن جي پوڄا ڪئي
ٿي وڃي. 4 اوهان جون قربان‌گاهون ڊاهيون وينديون ۽ اوهان جون
لوبان ساڙڻ واريون قربان‌گاهون پڻ پورا پورا ڪيون وينديون. آءٌ بتن
جي پوڄا ڪرڻ وارن سڀني کي سندن بتن جي اڳيان ماري اڇلائي
ڇڏيندس. 5 هائو، آءٌ اوهان جي رهاڪن جا لاش سندن بتن اڳيان
اڇلائي ڇڏيندس ۽ انهن جا هڏا سندن قربان‌گاهن جي چوڌاري پکيڙي
ڇڏيندس. 6 آءٌ بني اسرائيل جي سڀني شهرن ۽ ٽڪرن تي ٺهيل
سندن پوڄا گهرن کي ويران ڪري ڇڏيندس. هائو، نہ رڳو سندن بت،
قربان‌گاهون ۽ لوبان ساڙڻ واريون قربان‌گاهون، بلڪ هنن جي ٺاهيل
هر شيءِ کي آءٌ تباهہ وَ برباد ڪري ڇڏيندس. 7 سڄي ملڪ ۾ جتي
ڪٿي ماڻهو قتل ڪيا ويندا ۽ جيڪي باقي بچندا سي ڄاڻي وٺندا تہ
آءٌ ئي خداوند آهيان.
8 تنهن هوندي بہ آءٌ انهن مان ڪجهہ ماڻهن کي قتل ٿيڻ کان
بچائيندس ۽ کين ٻين قومن ۽ ملڪن ۾ ڇڙوڇڙ ڪري ڇڏيندس،
9 جتي اهي جلاوطن ٿي رهندا. پوءِ جڏهن هو منهنجي باري ۾
سوچيندا تہ محسوس ڪندا تہ هنن مون سان بي‌وفائي ڪندي ۽ بتن
جي پوڄا ڪندي منهنجي بي‌حرمتي ڪئي آهي. تڏهن اهي پنهنجي
ڪيل ڪراهت جهڙن ڪمن سبب پاڻ کان نفرت ڪرڻ لڳندا. 10 هو
ڄاڻي وٺندا تہ آءٌ ئي خداوند آهيان، ۽ مون کين جيڪي تنبيهون ڪيون
هيون سي خالي دڙڪا نہ هئا.‘“
11 پوءِ خداوند خدا فرمايو تہ ”اي حزقي ايل! پنهنجي هٿ تي هٿ
هڻ ۽ پنهنجو پير زمين تي هڻ، ۽ شوڪارو پري چئُہ تہ ’افسوس آهي
بني اسرائيل تي جيڪي ڪراهت جهڙا ڪم ڪن ٿا، ڇالاءِجو اهي سڀ
جنگ، ڏڪار ۽ موتمار بيماريءَ سان ماريا ويندا.‘ 12 بيشڪ جيڪي
پري آهن سي وبا سان ماريا ويندا ۽ جيڪي ويجهو آهن سي جنگ ۾
ماريا ويندا. باقي جيڪي بچندا سي ڏڪار سان ماريا ويندا. اهڙيءَ
طرح آءٌ پنهنجو غضب انهن تي پورو ڪندس. 13 پوءِ انهن ماڻهن جا
لاش هر انهيءَ جاءِ تي پيا هوندا جتي هو پنهنجي بتن لاءِ خوشبودار
نذرانا پيش ڪندا هئا. هائو، اهي اتي سندن قربان‌گاهن جي چوڌاري
توڙي سندن بتن جي وچ ۾ پيا هوندا، يعني سندن سڀني ٽڪرين تي
ٺهيل پوڄا گهرن ۾، سڀني جبلن جي چوٽين تي، هر سائي وڻ ۽
شاهہ‌بلوط جي وڻ هيٺ. تڏهن سڄي بني اسرائيل قوم ڄاڻي وٺندي
تہ آءٌ ئي خداوند آهيان. 14 هائو، آءٌ هنن تي پنهنجو هٿ ڪڻندس، ۽
ڏکڻ ۾ بيابان کان وٺي اتر ۾ دبلا شهر تائين سندن سڀني رهڻ وارن
هنڌن کي ويران ۽ غيرآباد ڪري ڇڏيندس. پوءِ هو ڄاڻي وٺندا تہ آءٌ
ئي خداوند آهيان.“

---

10:5 زار 10:4   17:5 مڪا 8:6

## بابلين جي وسيلي بني اسرائيل جي ملڪ جي پڄاڻي

7
1 خداوند مون کي فرمايو تہ 2 ”اي حزقي ايل، آدم جو اولاد!
تون بني اسرائيل کي مون خداوند جو هي فرمان ٻڌائي ڇڏ تہ
’اوهان جو ملڪ جلد ئي پنهنجي پڄاڻيءَ تي پهچندو.
هائو، سڄو ملڪ برباد ٿيڻ وارو آهي.
3 اي بني اسرائيل!
هاڻي آءٌ اوهان جي ملڪ تي پنهنجو غضب نازل ڪري
انهيءَ جي پڄاڻي ڪندس.
هائو، اوهان جي روش موجب اوهان جي عدالت ڪندس.
آءٌ اوهان جي سيني ڪراهت جهڙن ڪمن جي سزا
اوهان جي ملڪ تي آڻيندس.
4 آءٌ اوهان سان هرگز درگذر نہ ڪندس،
نڪي اوهان تي ڪو رحم ڪندس.
بلڪ اوهان جي ڪيل بڇڙن ڪمن جي ڪري
آءٌ اوهان جي ملڪ کي سزا ڏيندس،
تڏهن اوهين ڄاڻي وٺندا تہ آءٌ ئي خداوند آهيان.

5 اي پنهنجي ملڪ ۾ باقي بچيل رهاڪؤ!
آءٌ خداوند ئي فرمايان ٿو تہ ياد رکو،
اوهان جي ملڪ تي مصيبت مٿان مصيبت اچڻ واري آهي،
6 پڄاڻي بلڪل اچي پهتي آهي،
هائو، اوهان جي ملڪ مٿان اچي ڪڙڪي آهي.
ڏسو، اها اچي ويئي آهي.
7 اوهان جي پڄاڻيءَ جو وقت ويجهو آهي.
هائو، اهو ڏينهن اچي پهتو آهي،
جڏهن جبلن تي بت‌پرستيءَ جون خوشيون نہ ملهايون وينديون،
بلڪ اتي رڳو جنگ جا نعرا ٻڌا ويندا.

8 هاڻي عنقريب آءٌ پنهنجو قهر اوهان تي نازل ڪندس،
۽ پنهنجو غضب اوهان تي پورو ڪندس.
آءٌ اوهان جي روش موجب اوهان جي عدالت ڪندس،
۽ اوهان جي سيني ڪراهت جهڙن ڪمن جي
اوهان کي سزا ڏيندس.
9 اوهان جا گناهہ اهڙا تہ ڪراهت جهڙا آهن جو
آءٌ اوهان سان هرگز درگذر نہ ڪندس،
نڪي اوهان تي ڪو رحم ڪندس،
بلڪ آءٌ اوهان کي اوهان جي روش موجب سزا ڏيندس.
تڏهن اوهين ڄاڻي وٺندا تہ آءٌ ئي خداوند آهيان،
جنهن اوهان کي اها سزا ڏني آهي.

10 ڏسو، اهو ڏينهن اچڻ وارو آهي،
هائو، اهو ڏينهن اچي پهتو آهي.
اوهان جي بدبختي اچي اوهان جي دروازي تي بيٺي آهي،
ڇالاءِ‌جو ظلم جي انتها ٿي چڪي آهي،
۽ مغروري چوٽ چڙهي ويئي آهي.
11 ظلم جي وڌڻ سان هر قسم جي بدڪاري وڌي ويئي آهي.
سو اوهان مان ڪوبہ انهيءَ جي سزا مان بچي نہ نڪرندو.
نہ اوهان جا ڪٽنب قبيلا رهندا، نہ مال وَ دولت،
نہ ئي وري اوهان جو شان وَ شوڪت رهندو.
12 وقت اچي پهتو آهي،
اهو ڏينهن ويجهو ايندو پيو وڃي.
سو نہ خريد ڪندڙ خوشي ڪري، نہ وڪڻندڙ غمگين ٿئي،
ڇالاءِ‌جو مون خدا جو غضب
سيني تي هڪجهڙو اچي ڪڙڪندو.
13 بيشڪ وڪڻندڙ کي سڄي زندگيءَ ۾
اها شيءِ واپس ڪرڻ جو موقعو ئي نہ ملندو.
منهنجو اهو فيصلو سيني لاءِ آهي،
۽ انهيءَ ۾ ڪا بہ تبديلي ڪانہ ايندي.
هائو، ڪوبہ بدڪار ماڻهو سزا کان بچي نہ سگهندو.

14 جنگ جو توتارو وڄي رهيو آهي،
۽ سڀ هٿيار موجود آهن.
پر اوهان مان اهڙو ڪوبہ ڪونهي
جيڪو جنگ لاءِ ٻاهر نڪري اچي،
ڇالاءِ‌جو منهنجو غضب سيني تي هڪجهڙو اچي ڪڙڪندو.
15 شهر کان ٻاهر جنگ جو خطرو آهي،
۽ شهر اندر وبا ۽ ڏڪار آهي.
جيڪي بہ شهر کان ٻاهر نڪرندا سي جنگ ۾ ماريا ويندا،
۽ جيڪي بہ شهر ۾ آهن تن کي
ڏڪار ۽ موتمار وبا ماري ناس ڪري ڇڏيندي.
16 تڏهن جيڪي انهن مان ڀڄي نڪرندا،
سي بچي تہ ويندا،
پر ماٿريءَ جي انهن ڪبوترن وانگر هوندا،
جيڪي ڊپ وچان جبلن تي نڪري ويا هجن،
۽ اتي اهي ماڻهو پنهنجي بدڪاريءَ جي ڪري پيا روئندا رڙندا.
17–18 انهن جا هٿ ڏڪڻ لڳندا،
۽ سندن گوڏا ٿڙڪڻ لڳندا،
ڇالاءِ‌جو مٿن دهشت ڇائنجي ويئي آهي.
اهي ڏڪ وچان ڪتا ڍڪيندا،
۽ پنهنجا مٿا ۽ ڏاڙهيون ڪوڙي ڇڏيندا،
ڇالاءِ‌جو اهي سڀيئي خوار خراب ۽ ذليل ٿي ويا آهن.

19 اهي پنهنجو سون ۽ چاندي گند ڪچري جيان
گهٽين ۾ اڇلائي ڇڏيندا،
ڇالاءِجو جڏهن آءٌ خداوند مٿن پنهنجو غضب نازل ڪندس،
تڏهن سندن اهو سون توڙي چاندي کين بچائي نہ سگهندا،
نڪي سندن خواهشن کي اهي پورو ڪري سگهندا،
۽ نہ ئي وري سندن پيٽ ئي ڀري سگهندا،
ڇالاءِجو اهي ئي شيون سندن گناهہ جو باعث بڻيون آهن.
20 اهو هيئن ٿيو جو هنن پنهنجي سون ۽ چانديءَ مان
خوبصورت زيور جوڙايا ۽ انهن تي فخر ڪرڻ لڳا.
پوءِ هنن وڏيڪ ڪراهت جهڙا هي ڪم ڪيا
جو انهيءَ سون ۽ چانديءَ مان نفرت جهڙيون مورتيون جوڙايون.
تنهنڪري آءٌ سندن اها دولت هنن لاءِ حرام ڪري ڇڏيندس.

21 هائو، اي پنهنجي ملڪ ۾ رهڻ وارؤ!
آءٌ خداوند فرمايان ٿو تہ
دنيا جي بدڪار ماڻهن هٿان آءٌ اوهان کي لُٽائي ڦرائي ڇڏيندس،
۽ اوهان جي دولت ڌارين کي مالِغنيمت طور ڏيئي ڇڏيندس،
جنهن جي ڪري اها ناپاڪ ٿي ويندي.
22 اهي ڦورو مون لاءِ وقف ٿيل هيڪل ۾
گهڙي اچي انهيءَ کي پليت ڪندا،
پر آءٌ ان تي ڪو ڌيان نہ ڏيندس.

23 اهو انهيءَ ڪري ٿيندو جو ملڪ ۾ گناهہ وڌي ويا آهن،
هائو، هر هنڌ ظلم ئي ظلم لڳو پيو آهي،
۽ ناحق ماڻهو ماريا ٿا وڃن.
24 تنهنڪري آءٌ سڀني ظالم غير قومن مان
وڏيڪ ظالم قوم کي هتي آڻيندس،
جيڪي اوهان جي گهرن جا مالڪ ٿيندا.
آءٌ انهن ظالمن جي هٿان
اوهان جي پوڄا گهرن کي پليت ڪرائي ڇڏيندس.
اهڙيءَ طرح آءٌ اوهان جي طاقتورن جو غرور ٽوڙي ڇڏيندس.

25 اوهان جي مٿان دهشت ڇانئجي ويندي.
سو اوهين پريشانيءَ وچان هيڏانهن هوڏانهن پيا ڀوڙندا،
پر اوهان کي ڪٿي بہ ڪا پناهہ نہ ملندي.
26 اوهان تي مصيبت مٿان مصيبت اچي ڪڙڪندي،
۽ ظالمن جي حملن بابت افواهن مٿان افواهہ پيا ايندا.
تڏهن ماڻهو منهنجي پيغام لاءِ نبين کي عرض ڪندا،
پر ڪين ڪا تسلي نہ ملندي.
بلڪ ڪاهن منهنجي شريعت جي تعليم بہ ڏيئي نہ سگهندا،
نڪي بزرگ صلاح مصلحت ڏيڻ جي لائق رهندا.
27 اوهان جو بادشاهہ ۽ امير آسرو لاهي ويهندا،
۽ نااميديءَ وچان پيا روئندا رڙندا،
جڏهن تہ رعيت خوف وچان پيئي ڏڪندي.
آءٌ سڀني کي سندن روش مطابق سزا ڏيندس،
هائو، آءٌ اهڙا فيصلا ڪندس،
جهڙا اوهان ٻين جا فيصلا ڪيا آهن.
تڏهن سڀيئي ڄاڻي وٺندا تہ آءٌ ئي خداوند آهيان.‘ “

## يروشلم ۾ بتپرستيءَ بابت حزقي ايل جو رويا ڏسڻ

8 1 اسان جي جلاوطنيءَ جي ڇهين سال، ڇهين مهيني جي پنجين
تاريخ تي جڏهن آءٌ پنهنجي گهر ۾ ويٺو هوس ۽ يهوداہ جا
جلاوطن اڳواڻ بہ منهنجي اڳيان ويٺا هئا، تڏهن اوچتو خداوند خدا
جي قدرت وڏي زور سان اُتي منهنجي مٿان نازل ٿي. 2 مون اکيون
کڻي نهاريو تہ رويا ۾ ڏٺم تہ ٻاهہ جي شڪل واري هڪڙي انساني
صورت بيٺي آهي. انهيءَ جو چيلهہ کان هيٺ وارو حصو ٻاهہ جهڙو
هو ۽ چيلهہ کان مٿي وارو حصو چمڪندڙ پتل جهڙو هوس. 3 هن
هٿ جهڙي ڪا شيءِ ڊگهيڙي منهنجي مٿي جي وارن جي هڪڙي چڳ
پڪڙي. تڏهن انهيءَ عجيب رويا ۾ خدا جو روح مون کي مٿي هوا ۾
بلنديءَ تي کڻي ويو ۽ پوءِ يروشلم جي ڪوٽ جي اندرين اتر واري
دروازي وٽ آڻي لاٿائين، جتي هڪڙي مورتي کوڙيل هئي، جنهن
خداوند کي غيرت ڏياري غضبناڪ بڻايو هو. 4 اتي مون تجليدار
روشني ڏٺي، جنهن مان بني اسرائيل جي خدا جو جلوو ظاهر ٿي ٿيو،
جيئن مون اڳ رويا ۾ ڪبار نهر جي ڀرسان ميدان منجهہ ڏٺو هو.
5 تڏهن خدا مون کي فرمايو تہ ”اي حزقي ايل، آدم جو اولاد!
پنهنجون اکيون کڻي اتر طرف نهار.“ سو جڏهن مون مڙي ڪري اتر
طرف ڏانهن نهاريو تہ ڇا ڏسان تہ دروازي جي لنگهہ وٽ جتي اها
مورتي کوڙيل آهي جنهن خدا کي غيرت ڏياري هئي، تنهن جي هڪ
قربانگاهہ بہ آهي. 6 تڏهن خدا مون کي فرمايو تہ ”اي آدمزاد! تون
ڏسين ٿو تہ ڇا ٿي رهيو آهي؟ ڏس، بني اسرائيل منهنجي مقدس
هيڪل کي ڇڏي هتي ڪهڙا نہ ڪراهت وارا ڪم ٿا ڪن! پر تون اڃا
بہ کين انهيءَ کان بہ وڌيڪ ڪراهت جهڙا ڪم ڪندي ڏسندين.“
7 پوءِ هن مون کي هيڪل جي ٻاهرين اڱڻ جي دروازي وٽ آندو،
جتي مون نهاريو تہ ڀت ۾ هڪڙو سوراخ نظر آيو. 8 پوءِ هن مون کي
فرمايو تہ ”اي آدمزاد! هاڻي تون هتان ڀت کوٽ.“ جڏهن مون ڀت
کوٽي تہ ڇا ڏسان تہ اتي هڪڙو ڪمرو آهي. 9 تڏهن هن مون کي
فرمايو تہ ”انهيءَ ڀت کان اندر لنگهي وڃي ڏس تہ هو اتي ڪهڙا
نہ ڪراهت جهڙا ڪم ڪن ٿا.“ 10 سو آءٌ اندر گهڙي ويس ۽ جيئن

2:8 حز 1:27 4:8 حز 1:28

ئي نهاريم تہ ڇا ڏسان تہ اتي هر قسم جي سرندڙ جيتن ۽ ناپاڪ
حيوانن، يعني انھن سمورن مڪروھہ ديوتائن جون شڪليون چوڌاري
ڀتين تي نقش ٿيل آهن جن جا بني اسرائيل پوڄاري بڻيا هئا. 11 اتي
بني اسرائيل جي اڳواڻن مان ستر ڄڻا انھن بتن جي سامهون بيٺا هئا
۽ يازنياہ ولد سافن انھن جي وچ ۾ بيٺو هو. انھن سڀني جي هٿن
۾ لوبانداڻ هئا، جن مان لوبان جو خوشبودار دونھون مٿي پئي اٿيو.
12 تڏهن خدا مون کان پڇيو تہ ”اي حزقي ايل! اي آدمزاد! ڏس تہ
بني اسرائيل جا اڳواڻ ڳجهہ ڳوهہ ۾ ڇا ڇا ڪن! اهي سڀ پنھنجي
پنھنجي مورتين جي مخصوص جاين اڳيان انھن جي پوڄا ٿا ڪن.
اهي بهانو بڻائي چون ٿا تہ ’خداوند اسان کي نہ ٿو ڏسي، ڇالاءِجو
هو اسان جي ملڪ کي ڇڏي هليو ويو آهي.‘“ 13 پوءِ خداوند مون
کي فرمايو تہ ”تون انھيءَ کان بہ وڌيڪ ڪراهت جهڙا ڪم ڏسندين،
جيڪي بني اسرائيل ڪن ٿا.“

14 پوءِ هو مون کي پنھنجي هيڪل جي اتر طرف واري دروازي
وٽ وٺي آيو. مون ڏٺو تہ اتي عورتن *تموز ديوتا جي موت تي
ويٺي ماتم ڪيو. 15 تڏهن هن مون کي فرمايو تہ ”اي آدمزاد! تو
اهو سڀ ڪجهہ ڏٺو؟ بلڪ تون انھيءَ کان بہ وڌيڪ ڪراهت جهڙا
ڪم ڏسندين.“ 16 پوءِ هو مون کي پنھنجي هيڪل جي اندرين اڱڻ
۾ وٺي آيو. ڇا ڏسان تہ اتي خداوند جي هيڪل جي دروازي وٽ،
ورانڊي ۽ قربان‌گاهہ جي وچ ۾ اٽڪل پنجويهہ ماڻهو بيٺا آهن، جن
جون پٺيون خداوند جي هيڪل ڏانھن هيون ۽ سندن منھن اوڀر طرف
هئا. اهڙيءَ طرح هنن اڀرندڙ سج جي پوڄا ٿي ڪئي.

17 تڏهن خداوند مون کي فرمايو تہ ”اي آدمزاد! تو اهو سڀ ڪجهہ
ڏٺو؟ يهوداہ وارن جي نظر ۾ تہ اهي معمولي ڳالهيون آهن جو هو
هتي ڪراهت وارا ڪم ڪن ٿا ۽ سڄي ملڪ ۾ ظلم وَ زبردستي
برپا ڪري ڇڏي اٿن. پر هاڻي انھن ڪمن کان وڌيڪ ڪيئن نہ هو
منھنجي هيءَ بي‌حرمتي ڪري مون کي چڙ ٿا ڏيارين ۽ مون کي
وري غضبناڪ ڪيو اٿائون. 18 تنھنڪري آءٌ بہ ساڻن قهر واري هلت
ڪندس. آءٌ هنن سان هرگز درگذر نہ ڪندس، نڪي مٿن ڪو رحم
ڪندس، بلڪ توڙي جو هو وڏيون رڙيون ڪري مون آڏو فرياد ڪندا
تہ بہ آءٌ مٿن ڪو ڌيان ڪونہ ڏيندس.“

## يروشلم وارن ۾ قتلام

9 1 پوءِ مون وڏي آواز ۾ خداوند جي هڪل ٻڌي تہ ”اي اوهين!
جن کي يروشلم شهر جي بربادي‌ءَ لاءِ چونڊيو ويو آهي، سڀ
شهر ڏانھن هليا اچو. اوهين پنھنجا موتمار هٿيار پاڻ سان کنيو اچو.“
2 تڏهن مون ڏٺو تہ هيڪل جي اتر طرف واري ٻاهرين دروازي کان
ڇهہ ماڻهو هڪدم اچي حاضر ٿيا، جن مان هر هڪ کي موتمار هٿيار
هٿ ۾ هو. انھن جي وچ ۾ هڪڙو ماڻهو عمدي سٽيءَ جي پوشاڪ
پهريل هو، جنھن جي چيلهہ سان ڪاتبن وارو قلمدان ٻڌل هو. اهي
سڀ اندر لنگهي آيا ۽ ساڙڻ وارين قربانين جي پتل واري قربان‌گاهہ
جي پاسي ۾ اچي بيٺا.

3 تڏهن مون ڏٺو تہ بني اسرائيل جي خدا جي موجودگيءَ واري
تجليدار روشني، جيڪا مقدس ترين جاءِ ۾ †پردار آسماني مخلوق
مٿان هئي، سا اتان نڪري هيڪل جي دروازي وٽ آئي. پوءِ خداوند
انھيءَ عمدي سٽيءَ واري پوشاڪ پهريل ماڻهوءَ کي سڏيو، جنھن
کي ڪاتبن وارو قلمدان چيلهہ سان ٻڌل هو. 4 خداوند کيس فرمايو
تہ ”تون يروشلم جي سڄي شهر وچان لنگهي وڃ ۽ انھن ماڻھن
جي پيشانيءَ تي نشان ڪر، جيڪي شهر ۾ ڪراهت جهڙن ڪمن ٿيڻ
ڪري دانهون ڪن ٿا ۽ روئن رڙن ٿا.“ 5 پوءِ مون ٻڌو تہ خداوند ٻين
ڇهن ماڻھن کي فرمايو تہ ”اوهين هن جي پٺيان شهر وچان لنگهي
وڃو ۽ قتلام ڪريو. اوهين ڪنھن کي بہ نہ ڇڏيو، نڪي ڪنھن
تي ڪو رحم ڪريو. 6 پوڙهن توڙي نوجوانن، مردن توڙي عورتن،
والدين توڙي سندن ٻارن، سڀني کي ماري فنا ڪري ڇڏيو. پر جنھن
ماڻهوءَ جي پيشانيءَ تي نشان هجي تنھن کي هٿ بہ نہ لائجو. اوهين
شروعات هتان منھنجي هيڪل کان ئي ڪريو.“ سو هنن شروعات
انھن اڳواڻن کان ئي ڪئي جيڪي اتي هيڪل ۾ بيٺا هئا.

7 خدا کين وڌيڪ فرمايو تہ ”هيڪل جي اڱڻ ۾ لاشن جا ڍير
ڪري منھنجي هيڪل کي ناپاڪ ڪري ڇڏيو. نڪرو جلدي ڪريو.“
تڏهن هو نڪري ويا ۽ شهر ۾ ڪوس شروع ڪري ڏنائون.

8 هاڻي جڏهن هنن ماڻهو پئي ماريا تڏهن آءٌ اڪيلو وڃي بچيس.
پوءِ آءٌ منھن ڀر سجدي ۾ ڪريس ۽ دانهون ڪري چوڻ لڳس تہ
”هاءِ! اي خداوند خدا! تون يروشلم تي پنھنجو قهر نازل ڪري
اسرائيل ۽ يهوداہ ملڪن جي باقي رهيل سڀني ماڻھن کي بہ ناس
ڪري ڇڏيندين ڇا؟“ 9 تڏهن خداوند وراڻيو تہ ”يهوداہ وارن، بلڪ
سڄي بني اسرائيل جو گناهہ تمام وڏو آهي. هنن پنھنجي ملڪ کي
خونن سان ڀري ڇڏيو آهي ۽ يروشلم شهر کي تہ هنن بي‌انصافي ۽
ظلم جو ڳڙهہ بڻائي ڇڏيو آهي. هو سمجهن ٿا تہ آءٌ خداوند سندن
ملڪ کي ڇڏي هليو ويو آهيان، ۽ اهو بہ سمجهن ٿا تہ هو جيڪي
ڪجهہ ڪن ٿا تنھن جي مون کي خبر نہ ٿي پوي. 10 سو آءٌ ڪائنن

*تموز ديوتا: هي هڪڙو ديوتا هو جنھن جي باري ۾ اهو عقيدو هو تہ سياري جي موسم ۾ جڏهن سائو گاهہ سڙي وڃي ٿو تہ هو بہ انھيءَ سان گڏ مري وڃي ٿو. پوءِ وري جڏهن بهار جي موسم ۾ سائو گاهہ ڦٽي نڪري ٿو تہ تموز ديوتا بہ وري جيئرو ٿئي ٿو. عورتون تموز ديوتا جي موت تي ماتم ڪنديون هيون.

†پردار آسماني مخلوق: هيڪل جي مقدس ترين جاءِ ۾ عهد واري صندوق جي مٿان پردار آسماني مخلوق جا بہ مجسما هئا جن جي وچ ۾ قادرِمطلق خداوند تخت‌نشين سمجهيو ويندو هو. پر هتي حقيقي پردار آسماني مخلوقات آهن جيڪي رويا ۾ ڏسڻ ۾ اچن ٿا.

4:9 مڪا 3:7، 4:9، 1:14

هرگز درگذر نہ ڪندس، نڪي مٿن ڪو رحم ڪندس، بلڪ آءٌ ساڻن
اهو ئي ڪجهہ ڪندس جيڪي هنن ٻين سان ڪيو آهي.“
11 پوءِ مون ڏٺو تہ جنهن ماڻهوءَ کي عمدي سٽيءَ جي پوشاڪ
پهريل هئي ۽ سندس چيلهہ سان قلمدان ٻڌل هو، سو موٽي آيو ۽
خداوند کي اچي اطلاع ڏنائين تہ ”جيئن تو حڪم ڏنو هو، تيئن مون
ڪري ڇڏيو آهي.“

## خداوند جي جلوي جو هيڪل تان هٽي وڃڻ

10 1 پوءِ جڏهن مون نهاريو تہ ڇا ڏسان تہ انهن چئني *پردار
آسماني مخلوق جي مٿان واري گنبذ تي نيلم جي پٿر جهڙي
هڪڙي شيءِ ڏسڻ ۾ آئي، جنهن جي بناوٽ تخت جهڙي هئي.
2 تڏهن خداوند عمدي سٽيءَ واري پوشاڪ پهريل ماڻهوءَ کي فرمايو
تہ ”تون پردار آسماني مخلوق جي هيٺان ڦرندڙ ڦيٿن جي وچان اندر
گهڙي وڃ ۽ پردار آسماني مخلوق جي وچ ۾ جيڪي ٽانڊا آهن، تن مان
ٻئي مٺيون ڀري کڻي اچ ۽ اهي يروشلم شهر جي مٿان هيڏي هوڏي
اڇلائي ڇڏ.“ تڏهن اهو ماڻهو منهنجي ڏسندي اندر گهڙي ويو.
3 جنهن وقت هو اندر ويو، تنهن وقت پردار آسماني مخلوقات هيڪل
جي ڏاکڻي پاسي بيٺل هئا. تڏهن هڪڙو ڪڪر اندرين اڱڻ ۾ ڇانئجي
ويو. 4 ان وقت خداوند جي موجودگيءَ واري تجليدار روشني پردار
آسماني مخلوق تان مٿي کڄي ويئي ۽ هيڪل جي دروازي وٽ اچي
بيٺي. تڏهن سڄو هيڪل ڪڪر سان ڀرجي ويو ۽ سندس پهريون اڱڻ
خداوند جي جلوي جي روشنيءَ سان منور ٿي ويو. 5 پردار آسماني
مخلوق جي پرن جو آواز ايڏو تہ وڏو هو جو جڻ قادرِمطلق خدا جي
ڳالهائڻ جو آواز هجي. اهو آواز ٻاهرين اڱڻ تائين ٻڌڻ ۾ پئي آيو.
6 جڏهن خداوند عمدي سٽيءَ جي پوشاڪ پهريل ماڻهوءَ کي اهو
حڪم ڏنو تہ هو پردار آسماني مخلوق هيٺان ڦرندڙ ڦيٿن جي وچان
گهڙي ٽانڊا کڻي اچي، تڏهن هو اندر گهڙي هڪڙي ڦيٿي جي پرسان
وڃي بيٺو. 7 ان وقت چئني پردار آسماني مخلوقات مان هڪڙي
پنهنجو هٿ ڊگهيڙي وچ ۾ ٻرندڙ باهہ مان ڪجهہ ٽانڊا کڻي انهيءَ
ماڻهوءَ جي هٿن تي رکيا. هو اهي ٽانڊا کڻي ٻاهر نڪري آيو.
8 مون نهاري ڏٺو تہ انهن چئني پردار آسماني مخلوقات جي وچ
۾ سندن پرن هيٺان مون کي انساني هٿ نظر آيا. 9 مون اهو بہ ڏٺو
تہ انهن مخلوقات جي پرسان چار ڦيٿا هئا، هر هڪ جي پاسي ۾ هڪ
هڪ ڦيٿو هو. اهي ڦيٿا قيمتي پٿر جيان چمڪي رهيا هئا 10 ۽ سڀيئي
بلڪل هڪجهڙا هئا. ائين ٿي لڳو جڻ هر ڦيٿي منجهہ ٻيو ڦيٿو پيل
هجي. 11 اهي ڦيٿا هلڻ وقت چئني پاسن ڏانهن هلي ٿي سگهيا.
هلندي وقت اهي مڙيا نہ ٿي، بلڪ جنهن پاسي انهن مخلوقات جو
منهن ٿيو پئي تنهن پاسي ڏانهن اهي سڌا هليا ٿي ۽ هلندي مڙيا نہ
ٿي. 12 مون اهو بہ ڏٺو تہ پردار آسماني مخلوق مان هر هڪ جو سڄو
بدن، سندن پٺا، هٿ، پر ۽ انهن جا ڦيٿا چوڌاري اکين سان ڀريل هئا.
13 مون هڪڙو آواز ٻڌو، جنهن انهن ڦيٿن کي ”چرخو“ ڪري سڏيو.
14 هر هڪ مخلوق کي چار منهن هئا. سندن پهريون منهن ڍڳي
جهڙو هو، ٻيو انسان جهڙو، ٽيون شينهن جهڙو ۽ چوٿون عقاب جهڙو
هو. 15 اهي پردار آسماني مخلوقات بلڪل اهي ساڳيا ئي ساهوارا
هئا، جيڪي مون ڪبار نهر جي پرسان ڏٺا هئا. جڏهن اهي مٿي بلند
ٿي ٿيا، 16 تڏهن انهن جي هلڻ سان سندن ڦيٿا بہ انهن سان گڏ ٿي
هليا. جڏهن انهن زمين کان مٿي چڙهڻ لاءِ پنهنجا پر بلند ٿي ڪيا،
تڏهن ڦيٿا بہ انهن جي پاسي کان ٿي ڦريا. 17 جڏهن اهي بيٺا ٿي
تڏهن ڦيٿا بہ بيهي ٿي رهيا. جڏهن اهي مٿي چڙهيا ٿي تڏهن ڦيٿا بہ
انهن سان گڏ مٿي چڙهيا ٿي، ڇالاءِجو اهي ڦيٿا انهن ساهوارن جي
ضابطي ۾ هئا.
18 پوءِ خداوند جي موجودگيءَ واري تجليدار روشني هيڪل جي
دروازي تان بلند ٿي ۽ وڃي پردار آسماني مخلوق جي مٿان واري جاءِ
تي بيٺي. 19 تڏهن انهن پنهنجا پر پکيڙيا ۽ منهنجي ڏسندي ئي اهي
زمين تان مٿي چڙهي ويا ۽ سندن ڦيٿا بہ انهن سان گڏ مٿي چڙهيا.
پوءِ اهي هيڪل جي اڀرندي پاسي واري دروازي جي لنگهہ وٽ وڃي
بيٺا ۽ بني اسرائيل جي خدا جي موجودگيءَ واري تجليدار روشني
انهن جي مٿان هئي.
20 مون انهن مخلوقات کي سڃاڻي ورتو. اهي بلڪل ساڳيا ئي هئا
جن کي مون ڪبار نهر جي ڪناري تي بني اسرائيل جي خدا جي جلوي
هيٺان بيٺل ڏٺو هو. 21 انهن مان هر هڪ کي چار چار منهن ۽ چار چار
پر هئا. انهن جي پرن هيٺان ماڻهن جي هٿن جهڙا هٿ هئا. 22 انهن جا
منهن بلڪل اهڙا ئي هئا، جهڙا مون ڪبار نهر جي ڪناري تي ڏٺا هئا
۽ پاڻ بہ بلڪل اهي ساڳيا ئي هئا. اهي سڀ جو سڀ سڌا ٿي هليا.

## بدڪار اڳواڻن لاءِ سزا

11 1 پوءِ خدا جي روح مون حزقي‌ايل کي مٿي کڻي هيڪل
جي اڀرندي واري دروازي وٽ آندو. اتي دروازي جي لنگهہ
وٽ مون کي پنجويهہ ماڻهو ڏسڻ ۾ آيا، جن ۾ قوم جا بہ اڳواڻ
يازنياه ولد عزور ۽ فلطياه ولد بناياه پڻ شامل هئا. 2 خداوند مون
کي فرمايو تہ ”اي حزقي‌ايل، آدم جو اولاد! هي اهي ماڻهو آهن،
جيڪي بدڪاريءَ جون رٿون ٿا رٿين ۽ هن شهر ۾ بڇڙيون صلاحون
ٿا ڏين. 3 اهي چون ٿا تہ ’اسين جلد ئي وري گهرن کي اڏينداسين.
هي شهر ديگ مثل آهي ۽ اسين انهيءَ ۾ گوشت مثل آهيون. پر
گهٽ ۾ گهٽ اها ديگ اسان کي سڌي باهہ کان محفوظ رکي ٿي.‘

*پردار آسماني مخلوق: ڏسو 15:1 جنهن ۾ پردار آسماني مخلوق جي بيان ۾ ”چئن ساهوارن“ جو ذڪر ڪيل آهي.

1:10 حز 26:1، مڪا 2:4 2:10 مڪا 5:8 13–9:10 حز 21–15:1 12:10 مڪا 8:4 14:10 حز 10:1، مڪا 7:4

4 تنهنڪري هاڻي تون انهن جي خلاف منهنجو پيغام ٻڌائي ڇڏ.
هائو، اي آدمزاد! تون ڪين ٻڌائي ڇڏ."
5 پوءِ خداوند جو روح مون تي نازل ٿيو ۽ خداوند ماڻهن ڪي
سندس هي پيغام ٻڌائڻ جو حڪم فرمايو ته "اي بني اسرائيل! اوهين
جيڪي ڪجهه چئو ٿا ۽ جيڪي به منصوبا دلين ۾ جوڙيو ٿا سي سڀ
آءٌ ڄاڻان ٿو. 6 اوهان هن شهر ۾ ايترا ته خون ڪيا آهن جو شهر
جون گهٽيون لاشن سان ڀرجي ويون آهن. 7 تنهنڪري آءٌ خداوند خدا
چوان ٿو ته هي شهر بيشڪ اها ديڳ آهي، پر اوهان جن کي قتل
ڪري سڄي شهر ۾ لاشن جا ڍير ڪري ڇڏيا آهن، سي ئي اُنهيءَ
محفوظ گوشت مثل آهن جيڪو ديڳ ۾ آهي، پر اوهين نه. آءٌ ته
اوهان کي هن شهر کان ڪڍي ٻاهر اڇلائي ڇڏيندس. 8 جيئن ته
اوهين جنگ کان ڊڄو ٿا، سو مون خداوند جو اهو فرمان آهي ته آءٌ
جنگي لشڪر ئي اوهان تي چاڙهي آڻيندس. 9 آءٌ اوهان کي هن شهر
مان تڙي ڪيندس ۽ ڌارين جي حوالي ڪندس. آءٌ اوهان جي قتلام
جو فيصلو ڪري چڪو آهيان. 10 سو اوهين پنهنجي ئي ملڪ اندر
جنگ ۾ قتل ڪيا ويندا. پوءِ هر ڪو ڄاڻي وٺندو ته آءٌ ئي خداوند
آهيان. 11 هي شهر ديڳ بڻجي اوهان جي حفاظت نه ڪندو، نه ئي
وري اوهين انهيءَ ۾ گوشت بڻجي محفوظ ٿيندا، بلڪ اوهان جي
خلاف منهنجو قتلام وارو فيصلو بني اسرائيل جي ملڪ جي حدن
اندر ئي پورو ٿي ويندو. 12 تڏهن اوهين ڄاڻي وٺندا ته آءٌ ئي خداوند
آهيان، جنهن جي حڪمن تي اوهين نه هليا آهيو، نڪي منهنجي
قاعدن قانونن جي تعميل ڪئي اٿوَ، بلڪ اوهان ته پنهنجي آس‌پاس
وارين قومن جي قاعدن قانونن تي ئي عمل ڪيو آهي."
13 پوءِ جڏهن مون خداوند جو اهو پيغام پئي ٻڌايو، تڏهن اوچتو
فلطياه ولد بناياه ڪري مري ويو. سو آءٌ منهن ڀر ڪري پيس ۽ وڏي
آواز سان پڪاري چيم ته "هاءِ! اي خداوند! تون بني اسرائيل جي
باقي بچيلن کي به ختم ڪري ڇڏيندين ڇا؟"

## جلاوطنن سان خدا جو واعدو

14 خداوند مون کي فرمايو ته 15 "اي حزقي‌ايل، آدم جو اولاد!
يروشلم شهر جا رهڻ وارا دعويٰ ٿا ڪن ته تون ۽ تنهنجا مٽ مائٽ،
۽ ٻيا بني اسرائيل جيڪي بابل ڏانهن جلاوطن ٿيل آهن سي مون
خداوند جي حضور مان تڙيا ويا آهن. اهي اها به دعويٰ ڪن ٿا ته
هاڻي ورثي ۾ مليل ملڪ رڳو انهن کي ئي ڏنو ويو آهي. 16 پر تون
جلاوطن ٿيلن کي مون خداوند خدا جو هي پيغام ٻڌاءِ ته 'جيتوڻيڪ
مون ئي اوهان کي ڏورانهين قومن ۾ موڪلي ڇڏيو آهي ۽ ڌارين
ملڪن ۾ پکيڙي ڇڏيو اٿم، تڏهن به جن جن ملڪن ۾ اوهين ويا
آهيو اتي ڪنهن حد تائين اوهين منهنجي عبادت ڪري سگهو ٿا،
ڇالاءِجو آءٌ اوهان سان گڏ موجود آهيان. 17 اوهين جن جن ملڪن ۾
پکيڙيا ويا آهيو، آءٌ اوهان کي اتان ڪڍي پنهنجي ملڪ ۾ آڻيندس
جيڪو وري اوهان جو ورثو ٿيندو. 18 جڏهن اوهين اتي موٽي ايندا،
تڏهن سموريون بت‌پرستيءَ جون گنديون ۽ ڪراهت جهڙيون شيون
ملڪ مان ڪڍي ڇڏيندا. 19 آءٌ اوهان کي هڪڙي نئين دل ۽ نئون
ذهن عطا ڪندس. هائو، آءٌ اوهان جي بدن مان اها ضدي دل ڪڍي
ڇڏيندس ۽ اوهان کي هڪڙي مڪمل فرمانبردار دل عطا ڪندس.
20 پوءِ اوهين منهنجي قاعدن تي هلندا ۽ دل وَ جان سان منهنجي
حڪمن تي عمل ڪندا. تڏهن اوهين حقيقت ۾ منهنجي قوم هوندا ۽
آءٌ اوهان جو خدا هوندس. 21 پر جن جي دل پنهنجن گندن ۽ ڪراهت
جهڙن بتن جي پوڄا ڪرڻ ڏانهن مائل آهي، تن کي آءٌ سندن افعالن
موجب ئي سزا ڏيندس. اهو مون خداوند جو فرمان آهي.'"

## خداوند جي جلوي جو يروشلم تان هٽي وڃڻ

22 خداوند جي ڳالهائڻ کان پوءِ پردار آسماني مخلوق پنهنجا پر
پکيڙي اڏامڻ شروع ڪيو ۽ ڦيٿا به ساڻن گڏ هئا. بني اسرائيل جي
خدا جي موجودگيءَ واري تجليدار روشني به سندن مٿان هئي. 23 پوءِ
خداوند جي موجودگيءَ واري تجليدار روشني يروشلم شهر کي ڇڏي
رواني ٿي ۽ يروشلم جي اڀرندي پاسي واري زيتون نالي جبل ڏانهن
هلي ويئي. 24 پوءِ خداوند جي روح مون کي مٿي کڻي موٽائي آڻي بابل
۾ جلاوطنن وٽ لاٿو. تڏهن جيڪا رويا آءٌ ڏسي رهيو هوس سا پوري
ٿي. 25 پوءِ مون جلاوطن ٿيلن کي خداوند جون اهي سڀئي ڳالهيون
بيان ڪري ٻڌايون، جيڪي رويا ۾ مون کي ڏيکاريون ويون هيون.

## جلاوطن ٿيل نبيءَ جو مثال

12 1 خداوند مون کي فرمايو ته 2 "اي حزقي‌ايل، آدم جو
اولاد! تون اهڙي جلاوطن ٿيل باغي قوم جي وچ ۾ ٿو رهين،
جن کي اکيون ته آهن پر اهي منهنجا ڪم ڏسن ڪونه ٿا، ڪين ڪن
ته آهن پر اهي منهنجو پيغام ٻڌن ڪونه ٿا، ڇالاءِجو اهي باغي
آهن. 3 تنهنڪري اي آدمزاد! تون ڏينهن ڏٺي جو هنن جي ڏسندي
جلاوطن ٿيڻ جي مثال طور پنهنجو سامان تيار ڪر ۽ هنن جي ڏسندي
اتان ٻئي هنڌ هليو وڃ. تڏهن اهي باغي شايد سمجهي وٺن ته اهو
مون خداوند جو پيغام آهي. 4–6 هائو، تون ڏينهن ڏٺي جو هنن
جي اکين اڳيان پنهنجو سامان ڪڍي ٻڌ، جيئن جلاوطنيءَ جو سامان
ڪڍي ٻڌبو آهي. پوءِ شام جي وقت هنن جي ڏسندي پنهنجي گهر
جي ٻاهرين ڀت ۾ سوراخ ڪري ڇڏ ۽ انهيءَ مان سامان ڪڍي ٻاهر
رک. سج لهڻ کان پوءِ هنن جي ڏسندي اهو سامان پنهنجي ڪلهي
تي رکي روانو ٿي وڃ. تون پنهنجو منهن ڍڪي روانو ٿيءُ، انهيءَ
لاءِ ته تون اهو شهر نه ڏسين جنهن مان تون نڪري رهيو آهين. پوءِ
جيئن شهر نيڪالي ڏنل ماڻهو روانا ٿيندا آهن تيئن ئي تون شهر مان

نڪري وڃ. اهڙيءَ طرح تون جيڪي ڪجهہ ڪندين، سو بني اسرائيل
لاءِ هڪڙي تنبيهہ هوندو.“
7 مون ائين ئي ڪيو، جيئن خداوند مون کي حڪم ڏنو هو. مون
ڏينهن ڏٺي جو پنهنجو سامان ڪڍي ٻاهر آندو، جيئن ڪو جلاوطنيءَ
وقت ڪڍندو آهي. شام جي وقت مون پنهنجي هٿن سان پٽ ۾ سوراخ
ڪڍي انهيءَ مان سامان ٻاهر ڪڍي رکيم ۽ سج لهڻ کان پوءِ سڀني
ماڻهن جي ڏسندي اهو پنهنجي ڪلهي تي رکي روانو ٿي ويس.
8 ٻئي ڏينهن صبح جو خداوند مون کي فرمايو تہ 9 ”اي
حزقي ايل، آدم جو اولاد! هاڻي جڏهن تہ بني اسرائيل جا اهي باغي
ماڻهو تو کان پڇي رهيا آهن تہ ’تون هي ڇا پيو ڪرين؟‘ 10 تڏهن
تون انهن کي چئُہ تہ ’اهو خداوند خدا جي طرفان يروشلم جي
بادشاهہ ۽ اتي رهندڙ بني اسرائيل بابت هڪڙو پيغام آهي. 11 جيڪي
ڪجهہ مون ڪيو آهي سو اوهان لاءِ هڪڙي نشاني آهي تہ باقي
بچيل يروشلم وارن سان بہ ائين ئي ڪيو ويندو، ڪين شهر نيڪالي
ملندي ۽ اهي پڻ جلاوطن ڪيا ويندا. 12 انهن جو بادشاهہ سج لهڻ
کان پوءِ ڪلهي تي پنهنجو سامان کڻي پٽ جي انهيءَ سوراخ مان
نڪري روانو ٿيندو جيڪو هن لاءِ کوٽيو ويندو. هو پنهنجو منهن
ڍڪي روانو ٿيندو، انهيءَ لاءِ تہ اهو ملڪ نہ ڏسي سگهي جنهن
مان هو روانو ٿي رهيو آهي. 13 خداوند هن تي پنهنجو ڄار اڇلائي
انهيءَ ۾ کيس ڦاسائيندو. پوءِ هو کيس بابل شهر ڏانهن وٺي ويندو.
جيتوڻيڪ هو اتي ئي مري ويندو تہ بہ هو انهيءَ شهر کي ڏسي نہ
سگهندو. 14 خداوند سندس آس‌پاس وارن سڀني مددگارن ۽ سندس
سڀني درٻارين ۽ لشڪرن کي چئني طرفن ڏانهن ڪٽو ڪٽو ڪري
ڇڏيندو ۽ ماڻهو تلوار کڻي مارڻ لاءِ سندن پٺيان لڳائي ڇڏيندو.
15 جڏهن انهن کي ٻين قومن ۽ ڌارين ملڪن ۾ ڪٽو ڪٽو ڪيو ويندو،
تڏهن هو ڄاڻي وٺندا تہ خداوند ئي خدا آهي. 16 پر هو انهن ماڻهن
مان ڪن ٿورن کي جنگ، ڏڪار ۽ وبا کان بچائي وٺندو، انهيءَ لاءِ
تہ هو جن جن قومن ۾ وڃن اتي ڪين پنهنجي سڀني ڪراهت جهڙن
ڪمن جو بيان ڪري ٻڌائين. تڏهن سڀيئي ڄاڻي وٺندا تہ خداوند ئي
خدا آهي جنهن اهو سڀ ڪجهہ ڪيو آهي.‘“

## ڏڪندڙ ۽ ڏڪندڙ نبيءَ جو مثال

17 خداوند مون کي فرمايو تہ 18 ”اي حزقي ايل، آدم جو اولاد!
تون ڏڪندي ماني کاءُ ۽ ڪنبندي ۽ ڏڪندي پاڻي پيءُ. 19 تون بني
اسرائيل جا ماڻهو جيڪي تو سان گڏ هتي بابل ۾ جلاوطن آهن، تن
کي ٻڌائي ڇڏ تہ يروشلم جا اهي رهاڪو جيڪي اڃا تائين سندن
ملڪ ۾ رهن ٿا، تن بابت آءٌ خداوند خدا چوان ٿو تہ هو خوف ۽
دهشت ۾ کائيندا پيئندا، ڇالاءِجو سندن ملڪ پنهنجي رهاڪن جي
ظلم جي بدلي لٽجي ڦرجي خالي ٿي ويندو. 20 جيڪي شهر ماڻهن
سان آباد آهن سي تباهہ وَ برباد ڪيا ويندا ۽ ملڪ ويران ٿي ويندو.
پوءِ سڀيئي ڄاڻي وٺندا تہ آءٌ ئي خداوند آهيان.“

## سزا جي پيغام جي پوري ٿيڻ جو وقت ويجهو آهي

21 خداوند مون کي فرمايو تہ 22 ”اي حزقي ايل، آدم جو اولاد! بني
اسرائيل ڇو اها چوڻي دهرائيندا ٿا رهن تہ ’ڏينهن تہ گذرندا پيا وڃن
۽ ڪابہ اڳڪٿي پوري نہ ٿي ٿئي؟‘ 23 تنهنڪري هاڻي تون انهن کي
ٻڌائي ڇڏ تہ مون خداوند خدا جو فرمان آهي تہ آءٌ اها چوڻي ختم
ڪرائي ڇڏيندس. اها اڳتي وري بني اسرائيل ۾ پهاڪي طور ڪم
نہ ايندي. انهيءَ جي بدران تون کين چئُہ تہ ’اهي ڏينهن اچي پهتا
آهن جو هر اڳڪٿي سچي ثابت ٿيندي.‘
24 هاڻي اڳتي بني اسرائيل قوم ۾ ڪا بہ ڪوڙي رويا نہ ڏٺي
ويندي، نڪي وري ماڻهن کي خوش ڪندڙ ڪا غيبداني ڪئي ويندي.
25 پر ڏس، آءٌ خداوند آهيان ۽ جيڪو بہ پنهنجو پيغام ڏيندس سو
ضرور پورو ٿيندو. انهيءَ جي پوري ڪرڻ ۾ هاڻي ڪا بہ دير نہ
ٿيندي. هائو، اي باغي قوم وارؤ! جيڪو بہ پيغام آءٌ موڪليندس،
تنهن تي اوهان جي ئي حياتيءَ جي ڏينهن ۾ عمل ٿي ويندو. اهو
مون خداوند جو فرمان آهي.“
26 خداوند وري مون کي فرمايو تہ 27 ”اي حزقي ايل! بني اسرائيل
تو کي چون ٿا تہ جيڪي رويائون ۽ پيغام تون ٻڌائين ٿو سي
الائي گهڻن ڏينهن بعد، بلڪ ڪيتري عرصي کان پوءِ پورا ٿيندا.
28 تنهنڪري تون انهن کي مون خداوند جو هي پيغام ٻڌائي ڇڏ تہ
منهنجي ڪنهن بہ ڳالهہ ۾ هاڻي دير ڪانہ ٿيندي، بلڪ جيڪا ڳالهہ
مون ڪئي آهي سا جلد پوري ٿيندي. اهو مون خداوند خدا جو فرمان
آهي.“

## نبي سڏائيندڙن خلاف پيغام

13 1 خداوند مون کي فرمايو تہ 2 ”اي حزقي ايل! آدم جو
اولاد! بني اسرائيل جي نبي سڏائيندڙن خلاف منهنجو هي
پيغام ٻڌاءِ. هائو، انهن جي خلاف اڳڪٿي ڪر، جيڪي پنهنجي دل
مان ڳالهيون ٺاهي اڳڪٿيون ٿا ڪن. کين چئُہ تہ اهي مون خداوند جو
هي ڪلام ٻڌن. 3 آءٌ خداوند خدا فرمايان ٿو تہ ويل آهي انهن احمق
نبي سڏائيندڙن لاءِ! جيڪي پنهنجيءَ دل جي پيروي ڪن ٿا ۽ ڪابہ
رويا ڪين ڏٺي اٿائون. 4 بني اسرائيل جا نبي سڏائيندڙ انهن لومڙين
جيان بيڪار آهن جيڪي تباهہ ٿيل شهر جي ويران جاين ۾ شڪار
لاءِ رلن ٿيون. 5 اهي بني اسرائيل جي بچاءَ لاءِ ڪوٽ جي مرمت
نہ ٿا ڪن يعني اهي کين گناهہ ڪرڻ کان خبردار نہ ٿا ڪن، نڪي
وري انهن جي طرفان ڀڳل ٽٽل ڀتين تي ٿا بيهن يعني مون خداوند
آڏو اهي نہ ٿا پڪارين تہ جيئن منهنجي عدالت واري ڏينهن بني

13:12 2.با 7:25، ير 11:52

اسرائيل جيئرا رهي سگهن. 6 سندن رويائون ڪوڙيون آهن ۽ سندن
غيبداني ٺڳيءَ جو ناهه آهي. اهي دعويٰ ٿا ڪن تہ اهي مون خداوند
جو پيغام ٿا ٻڌائين، جڏهن تہ مون هنن کي موڪليو ئي ڪونهي.
پوءِ بہ هو بني اسرائيل کي اهو آسرو ٿا ڏين تہ آءٌ سندن ڳالهہ پوري
ڪندس. 7 پر آءٌ انهن کي ٻڌايان ٿو تہ ’اي نبي سڏائيندڙؤ! اوهان
جون رويائون ڪوڙيون آهن ۽ اوهان جي غيبداني ٺڳيءَ جو ناهہ آهي.
اوهين ماڻهن کي چئو ٿا تہ اهو مون خداوند جو ڪلام آهي، جڏهن
تہ مون اوهان سان ڳالهايو ئي ڪينهي.‘

8 آءٌ ڪين وڏيڪ فرمايان ٿو تہ ’اي نبي سڏائيندڙؤ! ياد رکو، جيئن
تہ اوهان ڪوڙيون ڳالهيون ڪيون آهن ۽ ڪوڙيون رويائون ٻڌايون
اٿوَ، تنهنڪري آءٌ خداوند خدا اوهان جي خلاف آهيان. 9 اوهان جي
ڪوڙين رويائن ۽ گمراهہ ڪندڙ اڳڪٿين جي ڪري آءٌ اوهان کي سزا
ڏيڻ وارو آهيان. اوهين منهنجي قوم جي وڏن جي ٽولي ۾ شامل نہ
هوندا، نڪي اوهان جا نالا بني اسرائيل جي گهراڻن ۾ ليکيا ويندا
۽ نہ ئي وري ڪڏهن اوهين جلاوطنيءَ کان پنهنجي وطن ۾ موٽي
ايندا. تڏهن اوهين ڄاڻي وٺندا تہ آءٌ ئي خداوند آهيان.

10 اوهان منهنجي قوم کي ائين چئي گمراهہ ڪيو آهي تہ سڀ
ڪجهہ ٺيڪ آهي. جڏهن تہ ڪجهہ بہ ٺيڪ نہ آهي. اهو سڀ ائين
آهي جيئن منهنجي قوم ڪچين پڪل سرن جي ڀت ٺاهي هجي ۽
اوهان اچي انهيءَ ڀت کي *گاري سان ليپو ڏيئي ڇڏيو هجي تہ جيئن
اها مضبوط ڏسڻ ۾ اچي، جڏهن تہ اصل ۾ ائين نہ آهي. 11 سو اي
ڀت کي گارو هڻڻ وارؤ! ٻڌي ڇڏيو تہ اها ڀت ڪيئن بچندي؟ جڏهن
تمام سخت برساتون وسنديون ۽ وڏا وڏا ڳڙا پوندا ۽ طوفاني هوائون
ان کي ڪيرائي وجهنديون، 12 تڏهن هر ڪو اوهان کان نہ پڇندو ڇا
تہ ”اوهان جي لڳايل گاري کان پوءِ بہ ڀت ڇو ڪري؟“

13 آءٌ خداوند خدا فرمايان ٿو تہ اهو بلڪل ائين ئي ٿيندو. اها ڀت
يروشلم شهر آهي، جنهن کي آءٌ پنهنجي غضب وچان سخت طوفان
موڪلي ۽ پنهنجي قهر مان تمام زوردار برساتون ۽ غضبناڪ ڳڙا
موڪلي ڀجي ڊٽ ڪري ڇڏيندس. 14 اهڙيءَ طرح جنهن شهر جي
رهاڪن جا گناهہ اوهان لڪائڻ جي ڪوشش ڪئي، تنهن کي آءٌ ڀجي
ڪيرائي ڇڏيندس، ايتري قدر جو انهيءَ جا بنياد ظاهر ٿي پوندا. اهو
اوچتو ئي ڊهي پوندو ۽ انهيءَ جي هيٺان اچي اوهين سڀ مري ڊٽ
ٿي ويندا. تڏهن اوهين سڀيئي ڄاڻي وٺندا تہ آءٌ ئي خداوند آهيان.‘

15 اهڙيءَ طرح آءٌ انهيءَ ڀت تي ۽ انهيءَ کي ڪچي گاري سان
لنبڻ وارن تي پنهنجو قهر نازل ڪندس. پوءِ آءٌ اعلان ڪندس تہ
’نہ اها ڀت رهي آهي ۽ نہ وري انهيءَ کي لنبڻ وارا، 16 هائو،
بني اسرائيل جا اهي سڀ نبي سڏائيندڙ جيڪي يروشلم جي باري ۾
اڳڪٿيون ڪندا هئا ۽ ان جي خير وَ سلامتيءَ جون ڪوڙيون رويائون
ٻڌائيندا هئا، جيتوڻيڪ سلامتي تہ هئي ئي ڪونہ.‘ اهو مون خداوند
خدا جو فرمان آهي.“

## جادوگرياڻين خلاف پيغام

17 خداوند فرمايو تہ ”اي حزقي ايل، آدم جو اولاد! تون پنهنجي
قوم جي انهن عورتن ڏانهن ڌيان ڏي، جيڪي پنهنجي دلين مان
ڳالهيون ٺاهي اڳڪٿيون ٿيون ڪن. تون انهن جي خلاف 18 مون
خداوند خدا جو هي پيغام ٻڌاءِ تہ ’ويل آهي اوهان عورتن لاءِ! جيڪي
هر ڪنهن هٿ جي وينٽيءَ لاءِ جادوءَ وارو تعويذ ٿيون سبو ۽ هر ڪنهن
مٿي لاءِ جادوءَ وارو رومال ٿيون ٺاهيو، انهيءَ لاءِ تہ اهي ماڻهو ڀين
ماڻهن کي شڪار ڪن. اوهين منهنجي قوم جي ماڻهن جو شڪار
ڪرائي پنهنجو مقصد حاصل ڪنديون رهنديون ڇا؟ 19 اوهان جَوَن جي
چند مُٺين ۽ مانيءَ جي چند ٽُڪرن حاصل ڪرڻ خاطر منهنجي قوم
آڏو منهنجي بي‌حرمتي ڪئي آهي. اوهان انهن جانين کي مارڻ جون
اڳڪٿيون ٿيون ڪريو جيڪي مرڻ جي لائق نہ آهن ۽ انهن جانين کي
بچائڻ جون اڳڪٿيون ٿيون ڪريو جيڪي بچائڻ جي لائق نہ آهن. سو
اوهين منهنجي قوم کي ڪوڙيون ڳالهيون ٻڌايو ٿيون ۽ اهي اوهان
جي ڳالهين تي يقين ٿا ڪن. 20 هاڻي ڏسو، آءٌ خداوند خدا اوهان جي
انهن تعويذن کان نفرت ٿو ڪريان جن سان اوهين جانين جو شڪار
ٿيون ڪريو. آءٌ اهي اوهان جي ٻانهن تان ڇني ڦاڙي ڇڏيندس ۽ انهن
جانين کي آزاد ڪري ڇڏيندس جن جو اوهين شڪار ٿيون ڪريو.
21 آءٌ اوهان جا رومال بہ ڦاڙي ڇڏيندس ۽ پنهنجي قوم کي اوهان
جي هٿن کان ڇڏائيندس. پوءِ اهي جانيون اوهان جي هٿن جو شڪار
نہ ٿينديون. تڏهن اوهين ڄاڻي وٺنديون تہ آءٌ ئي خداوند آهيان.

22 اوهان پنهنجن ڪوڙن سان سچارن جون دليون ٽوڙي وڌيون آهن،
جيتوڻيڪ آءٌ انهن جو غمگين ٿيڻ نہ ٿو چاهيان. ان کان علاوه اوهان
بدڪارن جا هٿ مضبوط ڪيا آهن، جنهن جي ڪري اهي خراب
رستي کان باز اچي پنهنجي جان نہ ٿا بچائين. 23 تنهنڪري هاڻي
اوهين وڌيڪ ڪوڙيون رويائون ڪڏهن بہ نہ ٻڌائي سگهنديون، نڪي
گمراهہ ڪندڙ اڳڪٿيون ئي ڪري سگهنديون، ڇالاءِجو آءٌ پنهنجي
قوم کي اوهان جي هٿن کان ڇڏائيندس. پوءِ اوهين ڄاڻي وٺنديون تہ
آءٌ ئي خداوند آهيان.‘“

## بت‌پرستن لاءِ سزا

14 1 تنهن کان پوءِ بني اسرائيل جي اڳواڻن مان ڪي خداوند
جي مرضي معلوم ڪرڻ لاءِ مون وٽ آيا. 2 تڏهن خداوند
مون کي فرمايو تہ 3 ”اي حزقي ايل، آدم جو اولاد! هنن ماڻهن بتن
جي پوڄا شروع ڪري ڇڏي آهي، جنهن جي ڪري هو وڏيڪ گناهن

*گارو: عبراني ٻوليءَ ۾ هن لفظ جو اچار ٻئي لفظ جي اچار سان ملندڙ جلندڙ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ”بيڪار“.

10:13 ير 14:6، 11:8

۾ غرق ٿيندا پيا وڃن. ڇا اهي اجا به ائين سمجهن ٿا ته آءٌ کين ڪو
جواب ڏيندس؟
4 تنهنڪري تون هنن سان ڳالهاءِ ۽ کين مون خداوند خدا جو هي
پيغام ٻڌاءِ ته بني اسرائيل قوم مان جيڪي به ماڻهو بتن جي پوڄا
ڪندي گناهن ۾ غرق ٿيندا ٿا وڃن ۽ پوءِ به اهي نبيءَ وٽ مون
کان صلاح مشورو گهرڻ لاءِ ٿا اچن ته اهي ياد رکن آءٌ خداوند خود
انهن کي سندن گهڻي بت‌پرستيءَ جي گناهه مطابق جواب ڏيندس.
5 اهي بتن جي پوڄا ڪري مون کان ڌار ٿي ويا آهن. سو آءٌ سندن
بت‌پرستيءَ جي دلي خواهش مطابق کين سزا ڏيندس.
6 تنهنڪري هاڻي اي حزقي‌ايل! تون سڄي بني اسرائيل کي مون
خداوند خدا جو هي پيغام ٻڌاءِ ته ’اوهين توبهه‌تائب ٿيو ۽ پنهنجي
ڪراهت جهڙن بتن کان منهن موڙي ڇڏيو. 7 جڏهن اوهان جي قوم
بني اسرائيل مان ڪو ماڻهو يا بني اسرائيل جي ملڪ ۾ رهندڙ ڌارين
مان ڪو به مون کي ڇڏي بتن جي پوڄا ڪندي وڌيڪ گناهن ۾ غرق
ٿيندو ٿو وڃي ۽ پوءِ به هو نبيءَ وٽ اچي ٿو ته جيئن انهيءَ جي
معرفت مون کان پڇا ڪري، تڏهن انهيءَ کي آءٌ خداوند پاڻ جواب
ڏيندس. 8 جواب هي آهي ته آءٌ انهيءَ جي خلاف ٿي بيهندس
۽ انهيءَ کي عبرت جو نشان ۽ هڪڙو پهاڪو بڻائي ڇڏيندس. آءٌ
پنهنجي قوم منجهان سندس نالو نشان مٽائي ڇڏيندس. پوءِ اوهان
مان هر ڪو ڄاڻي وٺندو ته آءٌ ئي خداوند آهيان.
9 جيڪڏهن ڪو نبي سڏائيندڙ گمراهه ٿي ڪري ڪوڙو پيغام ڏئي
ٿو، ته ائين چيو ويندو ته مون خداوند ئي انهيءَ کي گمراهيءَ ۾
وڌو آهي. سو آءٌ انهيءَ تي پنهنجو هٿ ڪڻندس ۽ پنهنجي قوم
بني اسرائيل منجهان ڪيس ڪڍي ڇڏيندس. 10 پوءِ اهو نبي سڏائيندڙ
توڙي ڪانئس سوال پڇندڙ ٻيئي پنهنجي بدڪاريءَ جي سزا ڀوڳيندا،
ڇالاءِجو نبي سڏائيندڙ جو گناهه به اوترو ئي هوندو جيترو ڪانئس
سوال پڇڻ واري جو. 11 آءٌ اهو سڀ انهيءَ لاءِ ڪندس ته جيئن
اوهين بني اسرائيل اڳتي وري مون کان گمراهه نه ٿي وڃو ۽ نه وري
پنهنجي گناهن جي گهڻائيءَ ڪري پليت ٿيو. سو مون آڏو توبهه‌تائب
ٿيو، تڏهن اوهين منهنجي قوم هوندا ۽ آءٌ اوهان جو خدا هوندس.‘
اهو مون خداوند خدا جو فرمان آهي.“

## يروشلم مٿان ڇئن وڏين آفتن جي اچڻ جو پيغام

12 خداوند مون کي فرمايو ته 13 ”اي حزقي‌ايل، آدم جو اولاد!
فرض ڪر ته ڪا قوم مون کي ڇڏي گناهه ٿي ڪري ۽ آءٌ کين سزا
ڏيندي سندن فصل تباهه ٿو ڪريان ۽ منجهن ڏڪار ٿو موڪليان ۽
انهن جا ماڻهو توڙي جانور ماري ٿو ڇڏيان. 14 پوءِ جيتوڻيڪ هي ٽي
ماڻهو نوح، *دانيال ۽ ايوب انهن سان گڏ رهندا هجن، تڏهن به انهن
جي نيڪي رڳو انهن ٽن کي ئي بچائي سگهندي، ٻين کي نه. اهو
مون خداوند جو فرمان آهي.
15 يا فرض ڪر ته آءٌ ڪنهن قوم کي سزا ڏيڻ لاءِ منجهن خونخوار
جهنگلي جانور موڪليان، جيڪي سندن ماڻهن کي چيري ڦاڙي سندن
ملڪ ويران ڪري ڇڏين، ايتري قدر جو انهن جانورن جي ڪري ڪو به
انهيءَ ملڪ مان لنگهي نه سگهي. 16 تڏهن به آءٌ خداوند جيئرو خدا
قسم کڻي چوان ٿو ته جيتوڻيڪ اهي ٽيئي ماڻهو انهيءَ قوم سان
رهندا هجن ته به اهي پنهنجي ٻارن کي به بچائي نه سگهندا. هو
رڳو پاڻ بچي ويندا، باقي سارو ملڪ ويران ٿي ويندو.
17 يا جيڪڏهن آءٌ انهيءَ ملڪ تي جنگ موڪليان ۽ موتمار هٿيارن
سان انهيءَ ملڪ جي انسانن توڙي حيوانن کي قتل ڪرائي ڇڏيان،
18 تڏهن به آءٌ خداوند جيئرو خدا قسم کڻي چوان ٿو ته جيتوڻيڪ اهي
ٽيئي ماڻهو انهيءَ ملڪ ۾ رهندا هجن ته به اهي پنهنجن ٻارن کي
به بچائي نه سگهندا. هو رڳو پاڻ ئي بچي سگهندا.
19 يا فرض ڪر ته آءٌ انهيءَ ملڪ ۾ وبا موڪليان ۽ خونريزيءَ
وسيلي ملڪ تي پنهنجو قهر نازل ڪريان، انهيءَ لاءِ ته انهيءَ
ملڪ جي انسانن توڙي حيوانن کي ماري ڇٽ ڪري ڇڏيان. 20 تڏهن
جيڪڏهن نوح، دانيال ۽ ايوب به انهيءَ ملڪ ۾ رهندا هجن ته به
آءٌ خداوند جيئرو خدا قسم کڻي چوان ٿو ته اهي پنهنجن ٻارن مان
ڪنهن هڪ کي به بچائي نه سگهندا. اهي پنهنجي نيڪيءَ جي
ڪري رڳو پنهنجي ئي جان بچائي سگهندا.
21 سو هاڻ آءٌ خداوند فرمايان ٿو ته آءٌ پنهنجون اهي چار ئي وڏيون
آفتون يعني جنگ، ڏڪار، خونخوار جهنگلي جانور ۽ وبا يروشلم تي
نازل ڪندس، انهيءَ لاءِ ته اتي جي انسانن توڙي حيوانن کي ماري
ڇٽ ڪريان ۽ پوءِ بني اسرائيل ملڪ جو حال ڪيڏو نه وڌيڪ خراب
هوندو! 22 انهيءَ هوندي به يروشلم جي رهاڪن مان ڪي باقي بچندا،
جيڪي پنهنجي ملڪ مان جلاوطن ٿي اوهان وٽ ايندا. اي حزقي‌ايل!
جڏهن توهين انهن جي چال چلت ۽ بڇڙا ڪم ڏسندا تڏهن ڄاڻي وٺندا
ته مون يروشلم تي اهي آفتون ۽ مصيبتون نازل ڪري ڪيڏو نه صحيح
ڪم ڪيو آهي. 23 هائو، جڏهن اوهين انهن جا طور طريقا ۽ افعال
ڏسندا تڏهن اوهان کي معلوم ٿيندو ته مون انهن سان جيڪي ڪجهه
ڪيو آهي سو بي‌سبب نه ڪيو اٿم. اهو مون خداوند جو فرمان آهي.“

## بي‌ڦل انگورن جي ول جو مثال

15 1 خداوند مون کي فرمايو ته
2 ”اي حزقي‌ايل، آدم جو اولاد!
انگورن جي ول ڪهڙي ڪم جي آهي؟
اها ٻيلي جي وڻن جي برابر ته نه آهي،

*دانيال: هي ماڻهو دانيال نبي نه آهي، پر گهڻو ڪري ڪنعاني لکتن ۾ هڪڙو شخص آهي جيڪو نيڪ زندگي گذارڻ ڪري مشهور هو.

14:14 پيد 6:9–10، ايو 1:1،5،8    21:14 مڪا 6:8

نکي سندس ڏانديون ڪنهن وڻ جي ڪاٺ جهڙيون آهن.
3 چالاءِ جو انهيءَ ۾ ڪا اهڙي ڪاٺي ڪانهي،
جنهن مان ڪا ڪم جهڙي شيءِ جوڙي سگهجي.
انهيءَ مان ڪا ڪلي بہ نہ ٿي ٺاهي سگهجي،
جنهن تي ڪو ٿانءُ ئي ٽنگي سگهجي.
4 ڏس، جيڪڏهن انهيءَ کي ٻرڻ لاءِ باهہ ۾ اڇلايو وڃي،
۽ پوءِ جڏهن باهہ انهيءَ جي ٻنهي ڇيڙن کي ساڙي ڇڏي
۽ انهيءَ جو وچون حصو ڪجهہ بچي وڃي،
تڏهن اها ڪنهن ڪم جي لائق رهي ٿي ڇا؟
5 ياد رک، جڏهن اها سڄي ساري هئي،
تڏهن بہ ڪنهن ڪم جي لائق نہ هئي.
هاڻي جڏهن باهہ انهيءَ جي گهڻي حصي کي ساڙي ڇڏيو آهي
۽ ڪجهہ بچي وئي آهي،
تڏهن ويتر اها وڌيڪ بيڪار ٿي وئي آهي.

6 انهيءَ مثال جو مقصد آءٌ خداوند خدا سمجهايان ٿو تہ جهڙيءَ
طرح انگورن جي ول ٻيلي جي ٻين وڻن جي ڪاٺ جي ڀيٽ ۾ بيڪار
آهي، ۽ رڳو باهہ ۾ ساڙي وڃي ٿي، تهڙيءَ طرح آءٌ يروشلم جي
رهاڪن کي بہ باهہ جي حوالي ڪري ڇڏيندس. 7 هائو، آءٌ انهن کي
سزا ڏيندس. انهن مان ڪي *باهہ مان نڪري ڀڄي ويا پر هاڻي باهہ
کين ساڙي رک ڪري ڇڏيندي. جڏهن آءٌ انهن کي سزا ڏيندس تڏهن
اوهين ڄاڻي وٺندا تہ آءٌ ئي خداوند آهيان. 8 جيئن تہ هنن مون کي
ڇڏي ڏنو آهي، تنهنڪري آءٌ سندن ملڪ کي ويران ڪري ڇڏيندس.
اهو مون خداوند خدا جو فرمان آهي.“

## يروشلم هڪ بيوفا زال مثل

16 1 خداوند وري مون کي فرمايو تہ 2 ”اي حزقي ايل، آدم
جو اولاد! تون يروشلم جي وسنديءَ کي ٻڌائي ڇڏ تہ انهيءَ
ڪهڙا ڪهڙا ڪراهت جهڙا ڪم ڪيا آهن. 3 تون يروشلم کي مون
خداوند جو هي پيغام ٻڌاءِ تہ ’اي يروشلم جي وسندي! تنهنجو ڄائي
ڄم جو وطن ڪنعان ملڪ آهي. تنهنجو پيءُ †اموري هو ۽ تنهنجي
ماءُ حتي هئي. 4 تنهنجي ڄمڻ جو احوال هن طرح آهي جو جنهن
ڏينهن تون ڄائي هئينءَ، تنهن ڏينهن ڪنهن بہ تنهنجو ناڙو نہ وڍيو،
نکي ڪنهن تو کي غسل ڪرائي صاف ڪيو. نکي ڪنهن تنهنجي
بدن کي ‡لوڻ سان مهٽيو ۽ نہ وري ڪنهن تو کي ڪپڙي ۾ ويڙهيو.
5 ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي تو تي ايترو قياس بہ نہ پيو جو انهن ڪمن
مان ڪو هڪڙو ئي تنهنجي لاءِ ڪري ۽ تو لاءِ ڪا شفقت ڏيکاري.
بلڪ جنهن ڏينهن تون ڄائي هئينءَ، انهيءَ ڏينهن ئي تنهنجو بدن
اهڙو نفرت جهڙو هو جو تو کي ڪليل ميدان ۾ ڪٽي اڇلايو هئائون.
6 پوءِ جڏهن آءٌ تو وٽان اچي لنگهيس ۽ تو کي تنهنجي ڄم
جي رت ۾ ليٽڙندي ڏٺم، تڏهن جيتوڻيڪ تون ڄم جي رت ۾ ٻڏل
هئينءَ تہ بہ تو کي مرڻ نہ ڏنم، بلڪ تو کي چيم تہ ”جيئري رهہ
7 ۽ جهنگ جي ٻوٽن وانگر وڌندي رهہ.“ سو تون وڌي بالغ ٿيينءَ.
تنهنجون ڇاتيون اُڀرڻ لڳيون ۽ تنهنجو بدن پرجي ويو. پر پوءِ بہ تون
اگهاڙي ۽ ننگي ئي رهينءَ.
8 پوءِ وري جڏهن آءٌ تو وٽان لنگهيس تہ تو ڏانهن نهاريم ۽ ڏٺم
تہ تنهنجي عمر عشق جي عمر کي اچي پهتي آهي. سو مون پنهنجي
چادر تو تي وڌي ۽ تنهنجي اوگهڙ ڍڪيم. هائو، مون خداوند تو سان
قسم کڻي عهد اقرار ڪيو ۽ تون منهنجي ٿي وئينءَ. 9 پوءِ مون تو
کي پاڻيءَ سان وهنجاري تنهنجي بدن تي لڳل رت ڇڳيءَ طرح ڌوئي
صاف ڪئي ۽ تو کي زيتون جو تيل مکيم. 10 مون تو کي سهڻي ڀرت
وارا ڪپڙا بہ ڍڪايا ۽ عمدي چمڙي جي جتي بہ پارايم، عمدي سٽيءَ
جي ڪپڙي جو پٽو تنهنجي مٿي سان ٻڌم ۽ تو کي قيمتي ڪپڙي جي
چادر ڍڪايم. 11 مون تو کي زيورن سان سينگاريو. تنهنجي هٿن ۾
ڪنگڻ ۽ ڳچيءَ ۾ هار پارايم. 12 تنهنجي نڪ ۾ نٿ وڌم ۽ تنهنجي
ڪنن ۾ واليون پارايم ۽ تنهنجي مٿي تي هڪڙو سهڻو تاج رکيم.
13 اهڙيءَ طرح تو کي سون ۽ چانديءَ سان سينگاريم. تو هميشہ
عمدي ۽ قيمتي ڪپڙي جي پوشاڪ پاتي، جنهن تي ڀرت جو ڪم ٿيل
هو. تو عمدي ميدي واري ماني، ماکي ۽ زيتون جو تيل پئي کاڌو.
تون ڄڻ تہ ڪا شهزادي ٿي پئينءَ جيڪا تمام خوبصورت هجي.
14 تنهنجي حسن جي هاڪ ٻين قومن تائين وڃي پهتي. مون خداوند
پنهنجي شان وَ شوڪت مان تو کي اهڙو حسنِ ڪامل بخشيو.
15 پر تو پنهنجي خوبصورتيءَ جو ناجائز فائدو ورتو ۽ پنهنجي
مشهوريءَ جي وسيلي زناڪاري ڪرڻ لڳينءَ. تون پاڻ وٽان لنگهندڙ
هر واٽهڙوءَ سان ٿي سمهينءَ ۽ انهيءَ جي ٿي وئينءَ ٿي. 16 تو
پنهنجي ڪپڙن مان ڪجهہ ڪپڙا پوچا وارين جاين کي سينگارڻ لاءِ
استعمال ڪيا ۽ اتي ڪسبياڻيءَ وانگر تو اهڙي تہ زناڪاري ڪرائي
جو اهڙي نہ ڪڏهن ٿي آهي ۽ نہ ٿيندي. 17 تو منهنجا ڏنل سون
۽ چانديءَ جا سهڻا زيور ڪڍي انهن مان پنهنجي لاءِ مردن جون
مورتيون جوڙايون ۽ انهن سان زناڪاري ڪئي. 18 تو پنهنجا ڀرت
وارا ڪپڙا ڪڍي انهن مورتين کي ڍڪايا ۽ منهنجو ڏنل زيتون جو
تيل ۽ لوبان کڻي وڃي انهن اڳيان رکيو. 19 جيڪو کاڌو مون تو کي
ڏنو هو، يعني اهو ميدو، زيتون جو تيل ۽ ماکي جيڪي آءٌ تو کي
کارائيندو هوس، سي بہ تو خوشبو واري قربانيءَ طور انهن بتن آڏو

*باهہ مان نڪري ڀڄي ويا: گهڻو ڪري باهہ جنهن مان ماڻهو نڪري ڀڄي ويا، تنهن جو مقصد بابل جي بادشاهہ نبوڪدنضر جي يروشلم تي سن 596 قبل مسيح ۾ قبضو ڪرڻ آهي. ايندڙ باهہ گهڻو ڪري انهيءَ واقعي جي اڳڪٿي آهي جڏهن نبوڪدنضر سن 586 قبل مسيح ۾ يروشلم کي برباد ڪيو هو.

†اموري ۽ حتي: بني اسرائيل هنن قومن کي بدڪردار ۽ بتپرست سمجهندا هئا.

‡لوڻ سان مهٽيو: گهڻو ڪري انهيءَ زماني ۾ نئين ڄاول ٻار کي لوڻ ۽ زيتون جي تيل سان مهٽيو ويندو هو.

وجي رکيا. مون خداوند اهو سڀ ڪجهہ پئي ڏٺو. 20 تنهن ڪان سواءِ
تو پنهنجا اهي پٽ ۽ ڌيئر جيڪي تو کي مون مان پيدا ٿيا هئا، سي
وٺي وجي تو انهن بتن آڏو قربان ڪري ڇڏيا تہ جيئن اهي کين کائي
ڇڏين. تنهنجون زناڪاريون ڪي گهٽ هيون ڇا، 21 جو تو منهنجي
ٻارن کي بہ کهي ڇڏيو ۽ کين باهہ ۾ ساڙي بتن آڏو قربان ڪيو؟
22 ڪسبياڻيءَ طور پنهنجي ڪراهت جهڙي زندگي گذارڻ دوران تو
ڪڏهن هڪڙو دفعو بہ پنهنجي ننڍپڻ کي ياد نہ ڪيو، جڏهن تون
ننگي ۽ اگهاڙي پيئي هئينءَ ۽ ڄم جي رت ۾ پئي ليٽڙينءَ.'''

## يروشلم جي ڪسبياڻيءَ واري زندگي

23 خداوند خدا فرمايو تہ ''ويل آهي تو لاءِ ويل! اي يروشلم جي
وسندي! تو نہ رڳو اهي سڀ بڇڙا ڪم ڪيا، 24 بلڪ تو هر گهٽيءَ
جي چونڪ تي اهڙيون جايون ٺاهيون جتي تون بتن جي پوڄا ڪرين ۽
زناڪاري ڪرين. 25 هائو، هر رستي جي چونڪ ۾ تو بتن جي پوڄا
لاءِ جاءِ ٺهرائي ۽ پنهنجي خوبصورتيءَ کي مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏيئہ،
جو جيڪو ٿي لنگهيو تنهن جي لاءِ تو ٽنگون ٿي ٽيڙيون ۽ زناڪاريءَ
۾ ڏينهون ڏينهن وڌندي رهينءَ. 26 تو پنهنجي مصري يارن سان بہ
زناڪاري ڪئي جيڪي تو سان سمهڻ لاءِ هميشہ آتا رهندا هئا.
اهڙيءَ طرح تو زناڪاري وڌائي مون کي غصو ڏياريو.

27 تنهنڪري ڏس، تو کي سزا ڏيڻ لاءِ مون پنهنجو هٿ تو تي
کنيو آهي ۽ پنهنجي برڪتن مان تنهنجو حصو ختم ڪيو اٿم. مون
تو کي انهن فلستين جي حوالي ڪري ڇڏيو آهي، جيڪي تو کان
نفرت ٿا ڪن ۽ تنهنجي زناڪاريءَ وارن ڪمن کان بيزار آهن.

28 جيئن تہ زناڪاريءَ مان تنهنجو ڍءُ ئي نہ ٿي ٿيو سو تو اشورين
سان بہ زناڪاري ڪئي. هائو، تو انهن سان بہ بدڪاري ڪئي پر
تڏهن بہ تنهنجو ڍءُ نہ ٿيو. 29 تنهن کان سواءِ تو تجارت ڪندڙ بابلين
سان بہ پنهنجي زناڪاري وڌائي ڇڏي. تڏهن انهن مان بہ تنهنجو
ڍءُ نہ ٿيو.''

30 اهو ئي سبب آهي جو خداوند خدا فرمائي ٿو تہ ''تون اهي
سڀ ڪم ڪري ٿي ڇڏين جيڪي هڪ بيحيا ڪيريءَ جا ڪم آهن.
تنهنڪري مون کي تو تي سخت ڪاوڙ آهي. 31 تو هر گهٽيءَ ۾ اهڙيون
جايون جوڙيون آهن، جتي بتن جي پوڄا ۽ زناڪاري ڪئي اٿيئي. پر
پوءِ بہ تون انهيءَ ڪيريءَ جهڙي بہ ناهين جيڪا پنهنجي اجرت
وٺي ٿي. 32 اي زناڪار عورت! تون پنهنجي مڙس جي بدران ڌارين
کي قبول ٿي ڪرين. 33 سڀيئي ڪيريون ماڻهن کان اجرت وٺن ٿيون،
پر تون پنهنجي سڀني يارن کي بخششون ۽ رشوتون ڏيئي لالچائين
ٿي تہ جيئن اهي هر طرف کان تو وٽ اچي تو سان زنا ڪن. 34 سو
تون زناڪاريءَ ۾ ٻين عورتن جهڙي ناهين، ڇالاءِجو زناڪاريءَ لاءِ
ڪوبہ ماڻهو پاڻيهي تنهنجي پٺيان لڳي نہ ٿو اچي، بلڪ تون انهن
کي خرچي ٿي ڏئين، انهن کان خرچي وٺين نہ ٿي. تنهنڪري تون
عجيب قسم جي زناڪار آهين.''

## يروشلم لاءِ سزا

35 خداوند فرمائي ٿو تہ ''سو اي ڪيري، يروشلم جي وسندي!
منهنجي ڳالهہ ٻڌ. 36 آءٌ خداوند خدا چوان ٿو تہ تون پنهنجي آس‌پاس
وارن يارن پٺيان وڃي ڪپڙا لاهي هڪڙي ڪيريءَ وانگر ساڻن
زناڪاري ڪرڻ لاءِ آتي آهين. تو پنهنجي ڪراهت جهڙن بتن جي
پوڄا پڻ ڪئي آهي ۽ پنهنجيءَ ئي اولاد کي انهن جي آڏو قربان ڪري
سندن رت وهايو اٿيئي. 37 ڏس، انهيءَ جي بدلي آءٌ تنهنجا اهي سڀ
يار جن تو سان مزا پئي ماڻيا، هائو، اهي سڀ جن کي تو پيار پئي ڪيو
آهي ۽ اهي سڀ بہ جن کي تو پئي ڌڪاريو آهي، سي آڻي گڏ ڪندس.
آءٌ انهن کي هر طرف کان آڻي تنهنجي خلاف گڏ ڪندس. هنن جي
اڳيان آءٌ تنهنجي اوگهڙ ظاهر ڪندس، انهيءَ لاءِ تہ ڀلي تہ اهي تو
کي پوريءَ طرح اگهاڙو ڏسن. 38 آءٌ تو تي اهڙي فتويٰ جاري ڪندس،
جهڙي ڪنهن زناڪار ۽ خون وهائيندڙ عورت تي جاري ڪئي ويندي
آهي. آءٌ پنهنجي غصي ۽ غيرت سببان تو کي موت جي سزا ڏيندس.
39 اهو سڀ ڪجهہ تڏهن ٿيندو جڏهن آءٌ تو کي تنهنجي يارن جي
هٿن ۾ ڏيئي ڇڏيندس. هو تنهنجي زناڪاريءَ وارين جاين ۽ بتن جي
پوڄا وارن هنڌن کي ڊاهي پورا پورا ڪري ڇڏيندا. اهي تنهنجا ڪپڙا
لاهي ڪٽي ويندا ۽ تنهنجا سهڻا زيور کسي وٺندا. هائو، هو تو کي
خالي هٿئين ۽ بلڪل اگهاڙو ڪري ڇڏي ويندا. 40 هو تو تي ماڻهن جا
ميڙ آڻي تو کي سنگسار ڪري ماريندا ۽ تنهنجي لاش کي پنهنجي
تلوارن سان ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيندا. 41 هو تنهنجي گهرن کي باهہ
ڏيئي ساڙي ڇڏيندا ۽ *عورتن جا ميڙ پنهنجي اکين سان تو کي سزا
ڪائيندي ڏسندا. پوءِ تون زناڪاري ڪري نہ سگهندينءَ ۽ نہ وري
اڳتي پنهنجي يارن کي خرچي ڏيئي سگهندينءَ. 42 تڏهن ئي منهنجو
قهر تو تي ڍرو ٿيندو ۽ منهنجي غيرت ماٺي ٿيندي. ائين آءٌ ماٺ
ڪندس ۽ تو تي وڌيڪ ڪاوڙ نہ ڪندس. 43 تو اهي ڏينهن وساري
ڇڏيا آهن تہ ڪيئن نہ مون تنهنجي پرورش ڪئي جڏهن تون اڃا
ننڍپڻ ۾ هئينءَ، پر تو پنهنجي سڀني ڪمن سان مون کي ڪاوڙائي
ڇڏيو آهي. تنهنڪري ياد رک، آءٌ خداوند خدا چوان ٿو تہ آءٌ بہ
تنهنجي چال چلت جي سزا تنهنجي ئي سر تي آڻيندس.''

## جهڙي ماءُ تهڙي ڌيءُ

خداوند فرمائي ٿو تہ ''اي يروشلم جي وسندي! ڇا تو پنهنجي
سڀني ڪراهت جهڙن ڪمن کان علاوه زناڪاري پڻ نہ ڪئي آهي؟
44 ماڻهو تو بابت هي پهاڪو ڪم آڻيندا تہ 'جهڙي ماءُ تهڙي ڌيءَ.'
45 تون سچ‌پچ پنهنجي انهيءَ ماءُ جي ڌيءَ آهين، جنهن پنهنجي

*عورتن جا ميڙ: يعني ٻيون قومون.

مڙس ۽ پنهنجي اولاد کان نفرت ٿي ڪئي. هائو، تون پنهنجي انهن
ڀينرن جي ڀيڻ آهين، جن پنهنجي مڙسن ۽ پنهنجي اولاد کي ڌڪاريو
ٿي. ڄڻ تہ تنهنجي ماءُ *حتي هئي ۽ تنهنجو پيءُ اموري هو.
46 تنهنجي †وڏي ڀيڻ سامريہ جي وسندي هئي، جيڪا پنهنجي
پسگردائيءَ جي ڳوٺن سميت تنهنجي اتر طرف هئي. تنهنجي ننڍي
ڀيڻ سدوم جي وسندي هئي، جيڪا پنهنجي پسگردائيءَ جي ڳوٺن
سميت تنهنجي ڏکڻ طرف هئي. 47 تون نہ رڳو انهن جي راهہ تي
هلي آهين ۽ نہ فقط انهن جهڙا بڇڙا ڪم ڪيا اٿيئي، بلڪ تو تہ
پنهنجي سڀني ڪمن ۾ هنن کان بہ وڌيڪ بڇڙائي ڪري ڪانئڻ گوءِ
ڪٽي ويئي آهين. 48 آءٌ خداوند جيئرو خدا قسم کڻي چوان ٿو تہ
تنهنجي ڀيڻ سدوم جي وسنديءَ ۽ سندس ڳوٺن بہ اهڙي بڇڙائي نہ
ڪئي هئي جهڙي تو ۽ تنهنجي ڳوٺن ڪئي آهي. 49 ڏس، تنهنجي
ڀيڻ سدوم جي وسنديءَ ۽ سندس ڳوٺن جو قصور اهو هو جو ڪين
انهيءَ ڳالهہ جو غرور هو تہ ڪين کائڻ لاءِ جهجهي خوراڪ ۽ عيش
وَ آرام هو، پر هنن مسڪينن ۽ محتاجن جي دستگيري نہ ٿي ڪئي.
50 اهي مغرور ۽ هٺيليون هيون ۽ اهڙا ڪم ڪنديون هيون جن کان
مون کي نفرت هئي. تنهنڪري مون انهن کي تباهہ ڪري ڇڏيو،
جنهن بابت تون چڱيءَ طرح ڄاڻين ٿي.
51 سامريہ جي وسنديءَ تہ تنهنجي گناهن جي اڌ جيترا بہ گناهہ
نہ ڪيا هئا. تون ڪراهت جي ڪمن ڪرڻ ۾ انهن ٻنهي کان گوءِ
ڪٽي ويئي آهين. تنهنجي بڇڙن ڪمن جي ڀيٽ ۾ تنهنجي ٻنهي
ڀينرن ڄڻ تہ ڪجهہ ڪيو ئي نہ هو. 52 تنهنجي ڀينرن جي گناهن
کان تنهنجا گناهہ وڌيڪ ڪراهت جهڙا آهن. سو اهي تو کان گهٽ
قصوروار آهن. تنهنڪري تون پنهنجي سزا جي پاڻ ذميوار آهين. سو
تون ذليل ۽ خوار خراب ٿيندينءَ، ڇالاءِ جو تنهنجي بڇڙن ڪمن جي
نسبت تنهنجي ڀينرن ڄڻ تہ ڪجهہ ڪيو ئي ڪونہ هو."

## سدوم ۽ سامريہ جي بحالي

53–55 خداوند يروشلم کي فرمائي ٿو تہ "اي يروشلم جي وسندي!
تنهنجين ڀينرن سدوم ۽ سامريہ جي وسندين ۽ سندن آس‌پاس وارن
ڳوٺن جي اڳوڻي خوشحالي وري بحال ٿيندي. انهيءَ وقت تون ذليل
وَ خوار ٿيڻ ڪري پنهنجي ٻنهي ڀينرن جي لاءِ تسليءَ جو باعث
بڻبينءَ، ڇالاءِ جو هنن جا گناهہ تو کان گهٽ آهن. تنهن هوندي بہ
جڏهن تنهنجي ڀينرن سدوم ۽ سامريہ جي اڳئين خوشحالي وري
بحال ٿيندي، تڏهن تون بہ پنهنجي آس‌پاس وارن ڳوٺن سميت اڳوڻي
خوشحاليءَ تي بحال ٿيندينءَ. 56 ڇا تون اڳي پنهنجي مغروريءَ وارن
ڏينهن ۾ پنهنجي ڀيڻ سدوم جي وسنديءَ جي خواريءَ جو ذڪر ٺٺوڪ
طور نہ ڪندي هئينءَ؟ 57 اهو سڀ ڪجهہ تنهنجي بڇڙائي ظاهر ٿيڻ
کان اڳ ٿيو. پر هاڻي تون بہ انهيءَ جهڙي ٿي پيئي آهين. تنهنڪري
هاڻي تنهنجون آس‌پاس واريون سڀ قومون، ادومين ۽ فلستين سميت
تو تي ملامت ٿيون ڪن ۽ تو کي ڌڪارين ٿيون. 58 سو تو کي پنهنجي
بدڪارين ۽ ڪراهت جهڙن ڪمن جي سزا ضرور ملندي. اهو مون
خداوند جو فرمان آهي."

## خداوند جو يروشلم سان واعدو

59 خداوند خدا فرمائي ٿو تہ "اي يروشلم جي وسندي! آءٌ تو سان
اهڙو ئي هلندس، جنهن جي تون لائق آهين، ڇالاءِ جو تو پنهنجي
قسم کي حقير ڄاڻيندي عهد کي ٽوڙي ڇڏيو آهي. 60 انهيءَ هوندي
بہ مون کي پنهنجو اهو عهد ياد آهي، جيڪو مون تنهنجي جوانيءَ
جي ڏينهن ۾ تو سان ڪيو هو. آءٌ انهيءَ عهد کي هميشہ تائين قائم
رکندس. 61 جڏهن تون پنهنجي وڏي ۽ ننڍي ٻنهي ڀينرن سان وري
ملندينءَ، تڏهن تون پنهنجي روش کي ياد ڪري شرمسار ٿيندينءَ. آءٌ
اهي تو کي ڌيئرون ڪري عطا ڪندس، پر اهو سڀ ڪجهہ منهنجي
انهيءَ عهد اقرار جو حصو نہ هوندو. 62 آءٌ تو سان پنهنجو عهد
اقرار نئين سر قائم ڪندس، تڏهن تون ڄاڻي وٺندينءَ تہ آءٌ ئي خداوند
آهيان. 63 آءٌ تنهنجون ڪيل سڀيئي بدڪاريون معاف ڪري ڇڏيندس.
پر تون اهي ياد ڪري پشيمان ٿيندينءَ ۽ شرم وچان وري اڳتي پنهنجو
وات نہ کوليندينءَ. اهو مون خداوند جو فرمان آهي."

## ٻن عقابن ۽ ول جو مثال

17 1 خداوند مون کي فرمايو تہ 2 "اي حزقي‌ايل، آدم جو
اولاد! بني اسرائيل کي هڪڙي نصيحت واري آکاڻي مثال
طور ٻڌاءِ. 3 کين مون خداوند خدا جو هي فرمان ٻڌاءِ تہ

هڪڙو وڏو عقاب،
جنهن کي وڏا پر ۽ ڊگهيون کنيڙاٽيون هيون،
سو پنهنجي خوبصورت کنڀن سان اڏامندو
لبنان جي جبلن تي آيو،
۽ ديال جي وڻ جي چوٽيءَ واري ٽاري ڀڃي ڇڏيائين.
4 اها کڻي هو سوداگرن جي ملڪ ۾ ويو
۽ سندن هڪڙي شهر ۾ اٽي رکيائين.
5 پوءِ هن اسرائيل ملڪ مان ٻج بہ کنيو ۽ اهو اٽي
جهجهي پاڻيءَ جي ڪناري واري زرخيز ٻنيءَ ۾ پوکيائين،

*اموري ۽ حتي: ڏسو 16:3.

†وڏي ڀيڻ سامريہ ۽ ننڍي ڀيڻ سدوم: جيتوڻيڪ سدوم شهر سامريہ شهر کان تمام آڳاٽو هو، پر سامريہ اسرائيل ملڪ جي گاديءَ جو هنڌ هجڻ ڪري وڌيڪ اهميت وارو هو، تنهنڪري سامريہ کي وڏي ڀيڻ ڪيو ويو آهي.

59:16 شر 27:11–26

تہ جيئن بيد جي وڻ وانگر 6 اهو ٻج اپري.
اهو هڪڙي ننڍي قد واري انگورن جي ول ٿي پيو.
پوءِ انهيءَ ول پنهنجون شاخون
عقاب ڏانهن وڌايون ۽ هيٺ پاڙ هنيائين.
انهيءَ کي تمام گهڻيون ٽاريون ۽ پنَ هئا.

7 اتي ٻي هڪڙو ٻيو وڏو عقاب پڻ رهندو هو،
جنهن کي وڏا وڏا پر ۽ گهڻا کنڀ هئا.
هاڻي ڇا ڏسان! تہ انهيءَ انگورن جي ول
پنهنجي ٻاريءَ کي ڇڏي
پنهنجون پاڙون انهيءَ عقاب ڏانهن ورايون،
۽ پنهنجون ٽاريون انهيءَ ڏانهن وڌايائين،
انهيءَ اميد سان تہ اهو کيس وڌيڪ پاڻي مهيا ڪري.
8 پر انگورن جي اها ول اڳ ۾ ئي
جهجهي پاڻيءَ جي پر واري زرخيز پٽيءَ ۾ لڳائي ويئي هئي،
تانتہ انهيءَ ۾ گهڻيون ٽاريون نڪرن ۽ اها جهجهو ڦر جهلي،
۽ منجهس عمدا انگور پيدا ٿين.

9 هاڻي اي حزقي‌ايل! مون کي ٻڌاءِ تہ
ڇا تون سمجهين ٿو تہ اها انگورن جي ول سرسبز رهندي؟
ڇا پهريون عقاب انهيءَ جون پاڙون پٽي
۽ انهيءَ جو ميوو وڍي نہ اڇلائيندو؟
اهو عقاب انهيءَ لاءِ ائين ڪندو
تہ جيئن اها ول ڪومائجي وڃي،
۽ سندس سپيئي تازا نڪرندڙ پن سڪي سڙي وڃن.
انهيءَ کي پاڙن کان پٽي ڪڍڻ لاءِ وڏيءَ طاقت
يا گهڻن ماڻهن جي ضرورت نہ پوندي.
10 بيشڪ انهيءَ ول کي پوکيو تہ ويو آهي،
پر ڇا اها سرسبز بہ رهندي؟
ڇا جهولو لڳڻ سان ئي اها بلڪل سڪي سڙي نہ ويندي؟
هائو، اها تہ پنهنجي ٻاريءَ ۾ ئي ڪومائجي ويندي."

## ڏنل مثال جي سمجهاڻي

11 خداوند مون کي فرمايو تہ 12 "اي حزقي‌ايل! هاڻي تون انهيءَ
باغي قوم کان پڇ تہ 'ڇا اوهين انهن ڳالهين جي معنيٰ نہ ٿا
سمجهو؟' هنن کي چئُہ تہ 'ڏسو، بابل جو بادشاهہ يروشلم تي
چڙهائي ڪري آيو ۽ اتي جي بادشاهہ ۽ سندس اميرن کي گرفتار
ڪري پاڻ سان گڏ بابل ڏانهن وٺي ويو. 13 هن يهوداہ جي بادشاهي
گهراڻي جي هڪڙي ماڻهوءَ کي چونڊي ڪڍيو ۽ انهيءَ سان عهد
اقرار ڪري ڪانئس وفاداريءَ جو قسم ورتائين. هو ملڪ جي وڏن
اڳواڻن کي بہ پاڻ سان گڏ وٺي ويو. 14 انهيءَ لاءِ تہ اها بادشاهت
حقير ٿي وڃي ۽ وري پنهنجو ڪنڌ مٿي ڪڻي نہ سگهي، پر ساڻس
ڪيل عهد اقرار تي هلندي قائم رهي. 15 پر يهوداہ جي بادشاهہ
ساڻس بغاوت ڪئي ۽ پنهنجا ايلچي مصر ڏانهن موڪليائين تہ هو
کيس گهوڙا ۽ وڏو لشڪر ڏياري موڪلي. ڇا اهو بادشاهہ ڪامياب
ٿيندو؟ ڇا هو اهڙا ڪم ڪري بابل جي بادشاهہ کان بچي ويندو؟ ڇا
هو عهد اقرار ٽوڙي سزا کان بچي سگهندو؟
16 آءٌ خداوند جيئرو خدا قسم کڻي چوان ٿو تہ يقيناً جنهن بادشاهہ
انهيءَ کي يهوداہ جو بادشاهہ بڻايو ۽ جنهن جي قسم کي هن حقير
ڄاتو ۽ سندس عهد اقرار کي هن ٽوڙيو، تنهن جي ملڪ بابل ۾ ئي
هو مرندو. 17 پر جڏهن بابل وارا يهوداہ جي شهرن تي حملو ڪندي
مٿيءَ جا دِڪا ٺاهيندا ۽ مورچا اڏيندا، انهيءَ لاءِ تہ يهوداہ جي ماڻهن
کي ماري ڇڏين، تڏهن *فرعون پنهنجي وڏي لشڪر ۽ ماڻهن جي
وڏي انبوہ هوندي بہ جنگ ۾ يهوداہ جي مدد ڪري نہ سگهندو.
18 جيئن تہ يهوداہ جي بادشاهہ پاڻ قسم کي حقير ڄاتو ۽ عهد اقرار
ٽوڙيو، تنهنڪري هو سزا کان بچي ڪين سگهندو.
19 تنهنڪري آءٌ خداوند جيئرو خدا قسم کڻي چوان ٿو تہ جيئن تہ
هن منهنجو نالو وٺي قسم کنيو هو ۽ عهد اقرار ڪيو هئائين. پر
هاڻي جڏهن هن اهو قسم ٽوڙي منهنجي نالي کي حقير ڄاتو آهي سو
آءٌ هن کي سندس ڪيل ڪم جي سزا ضرور ڏيندس. 20 آءٌ پنهنجو
ڄار مٿس اڇلائي کيس ڦندي ۾ ڦاسائيندس. آءٌ کيس گهلي بابل ۾
وٺي ايندس ۽ اتي سزا ڏيندومانس، ڇالاءِجو هن مون سان بي‌وفائي
ڪئي. 21 هن جا بهترين سپاهي جنگ ۾ مارجي ويندا ۽ باقي بچي
ويل چئني طرفن ڏانهن ٽڙي پکڙي پڇي ويندا. تڏهن اوهين ڄاڻي
وٺندا تہ اهو مون خداوند جو ئي فرمان آهي.'"

## بني اسرائيل جي بادشاهت جي بحاليءَ جي اميد

22 خداوند خدا فرمائي ٿو تہ
"آءٌ ڪنهن ڏينهن ديگهي ديال جي وڻ
جي مٿاهين چوٽيءَ مان هڪ ٽاري وڍي ڪٽندس.
هائو، انهيءَ وڻ جي چوٽيءَ وارين ننڍين ٽارين مان
آءٌ هڪڙي سنهڙي ٽاري وڍي انهيءَ جبل تي پوکيندس،
23 جيڪو بني اسرائيل جي ملڪ جو مٿاهون ۽ بلند جبل آهي.
اها ٽاري شاخون ڪيندي ۽ ڦر جهليندي
۽ ديال جو هڪ عاليشان وڻ ٿي پوندي.
انهيءَ ۾ هر قسم جا پکي اچي رهندا

*فرعون: هي مصر ملڪ جي بادشاهن جو لقب هو، وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو "خاص لفظن جي سمجهاڻي".

15–12:17 2.با 24:15–20، 2.توا 36:10–13

۽ ان جي ٽارين جي ڇانوَ ۾ پناهہ وٺندا.
24 ٻيلي جا سڀ وڻ ڄاڻي وٺندا تہ آءٌ ئي خداوند آهيان.
آءٌ ئي آهيان جيڪو بلند وڻن کي هيٺ ڪيرائي ٿو ڇڏيان
۽ ننڍن وڻن کي وڏائي وڏو ٿو ڪريان.
آءٌ ئي آهيان جيڪو سائي وڻ کي سڪائي ٿو ڇڏيان
۽ سڪل وڻ کي سائو ڪري ٿو ڇڏيان.
اهو مون خداوند جو فرمان آهي،
۽ اهو سڀ ڪجهہ آءٌ ئي ڪري ڏيکاريندس.“

## جيڪو گناهہ ڪندو سو ئي لوڙيندو

18 1 خداوند مون حزقي ايل کي اهو پيغام ڏنو تہ 2 ”اي بني
اسرائيل! اوهين پنهنجي ملڪ تي آيل مصيبت بابت اها پراڻي
چوڻي ڇو استعمال پيا ڪريو تہ ’ڪٽا انگور ڪاڏا ابن ڏاڏن، ڏند ڪٽا
ٿي پيا وري سندن اولاد جا‘؟ 3 پر هاڻي آءٌ خداوند جيئرو خدا قسم
کڻي چوان ٿو تہ اها چوڻي اڳتي وري اوهان ۾ ٻڌڻ ۾ نہ ايندي.
4 ياد رکو، اوهان جون سڀ جانيون منهنجون آهن، جهڙي والدين
جي جان تهڙي اولاد جي جان. جيڪا جان گناهہ ڪندي سا ئي موت
جي سزا لوڙيندي.
5 فرض ڪريو تہ اوهان مان ڪو ماڻهو سچار هجي ۽ هميشہ
انصاف ۽ سچائيءَ وارا ڪم ڪندو هجي. 6 هن ڪڏهن بہ بتن تي
قربان ڪيل گوشت نہ کاڌو هجي ۽ نڪي بني اسرائيل وارن بتن جي
پوڄا ڪئي هجي. هن پنهنجي پاڙيسريءَ جي زال جي بي حرمتي نہ
ڪئي هجي ۽ نہ وري ڪنهن عورت جي حيض واري وقت ۾ ساڻس
ستو هجي. 7 هن ڪنهن تي ظلم نہ ڪيو هجي، بلڪ قرضدار کي
سندس گروي رکيل شيءِ بہ موٽائي ڏني هجي. هن ڪنهن کي بہ
زور زبردستيءَ سان لٽيو ڦريو نہ هجي، بلڪ بکايلن کي پنهنجي
مانيءَ مان ڏنو هجي ۽ اگهاڙن کي ڪپڙا ڍڪايا هجن. 8 هن ڪڏهن
بہ وياج تي پيسا نہ ڏنا هجن. اهو بڇڙائيءَ کان پري رهيو هجي ۽
ماڻهن جي وچ ۾ صحيح انصاف ڪندو هجي. 9 اهو منهنجي قاعدن
قانونن تي هليو هجي ۽ منهنجي حڪمن تي عمل ڪندي سچائيءَ
واري هلت هلندو رهيو هجي. اهو ئي سچار ٿانهو آهي ۽ آءٌ خداوند
خدا واعدو ٿو ڪريان تہ اهو مرندو ڪونہ پر جيئرو رهندو.
10 پر انهيءَ ماڻهوءَ جو ڪو پٽ جيڪڏهن ڌاڙيل يا خوني هجي
۽ هن انهن گناهن مان سڀئي گناهہ ڪيا هجن 11 جيڪي سندس
پيءُ ڪڏهن نہ ڪيا هئا، جيئن تہ بتن آڏو پيش ڪيل قربانيون کائڻ،
پنهنجيءَ زال کان سواءِ ٻي ڪنهن عورت سان زنا ڪرڻ، 12 مسڪينن
۽ محتاجن تي ظلم ڪرڻ، زور ۽ زبردستيءَ سان ڦر مار ڪرڻ، ماڻهن
جون گروي رکيل شيون کين موٽائي نہ ڏيڻ، بتن جي پوڄا ۽ ٻيا
ڪراهت جهڙا ڪم ڪرڻ، 13 ۽ وياج تي پيسا ڏيڻ، تہ پوءِ ڇا اهو
ماڻهو جيئرو رهي سگهندو؟ نہ، اهو هرگز جيئرو نہ رهندو. ھائو،
جنهن اهي سڀ ڪراهت جهڙا ڪم ڪيا آهن، سو ضرور لوڙيندو ۽
اهو پنهنجي خون جو پاڻ ذميوار هوندو.
14 پر فرض ڪريو تہ انهيءَ گنهگار شخص کي هڪ اهڙو پٽ پيدا
ٿئي ٿو جيڪو پنهنجي پيءُ جي ڪيل سڀني گناهن کي ڏسي بيزار
ٿئي ٿو ۽ پيءُ جهڙا ڪم نہ ٿو ڪري. 15 هو بني اسرائيل وارن بتن
جي پوڄا نہ ٿو ڪري، نہ وري انهن بتن آڏو ڪيل قربانيون کائي
ٿو. اهو پنهنجيءَ زال کان سواءِ ٻي ڪنهن بہ عورت سان زنا نہ
ٿو ڪري. 16 اهو نہ ڪنهن تي ظلم ٿو ڪري ۽ نہ وري ڪنهن کان
اوڌر جي بدلي شيون گروي رکي ٿو. اهو ڪنهن کان زور زبردستي
ڦرلُٽ نہ ٿو ڪري. اهو بکايلن کي پنهنجي کاڌي مان کارائي ٿو
۽ اگهاڙن کي ڪپڙا ڍڪائي ٿو. 17 اهو بڇڙائيءَ کان باز رهي ٿو ۽
وياج نہ ٿو کائي. بلڪ اهو منهنجي حڪمن کي مڃي ٿو ۽ منهنجي
قاعدن قانونن تي عمل ٿو ڪري. اهو پنهنجي پيءُ جي گناهن جي
ڪري نہ لوڙيندو ۽ ضرور جيئرو رهندو. 18 باقي سندس پيءُ، جنهن
بي رحميءَ سان ظلم ڪيا، پنهنجي قوم وارن کي زور زبردستيءَ سان
ڦريو ۽ پنهنجي قوم ۾ نيڪوڪار نہ رهيو، سو پنهنجي بدڪاريءَ
جي ڪري ضرور لوڙيندو.
19 انهيءَ هوندي بہ اوهين پڇو ٿا تہ ’ائين ڪيئن ٿو ٿي سگهي
جو اولاد پنهنجي والدين جي گناهن جي سزا نہ لوڙي!‘ انهيءَ جو
جواب هي آهي تہ جيڪڏهن اولاد مان ڪو انصاف ۽ سچائيءَ وارا
ڪم ڪري ٿو ۽ منهنجي سڀني قاعدن قانونن کي مڃيندي انهن
تي عمل ڪري ٿو تہ اهو ضرور جيئرو رهندو ۽ والدين جي ڪري
نہ لوڙيندو. 20 رڳو اهو ئي ماڻهو سزا لوڙيندو جيڪو گناهہ ڪري
ٿو. نڪي اولاد والدين جي گناهن جي سزا لوڙيندو ۽ نہ وري والدين
اولاد جي گناهن جي. نيڪ ماڻهوءَ کي سندس نيڪيءَ جو اجر ملندو
۽ بدڪار ماڻهوءَ کي سندس ڪيل بڇڙائين جي سزا ملندي.
21 پر جيڪڏهن ڪو بدڪار ماڻهو پنهنجي سڀني گناهن کان باز
ايندو ۽ توبهہ تائب ٿيندو ۽ منهنجي سڀني قاعدن قانونن کي مڃيندي
انهن تي انصاف ۽ سچائيءَ سان عمل ڪندو تہ اهو ضرور جيئرو
رهندو ۽ لوڙيندو نہ. 22 انهيءَ جا سموارا گناهہ معاف ڪيا ويندا ۽
جيڪا نيڪي هو ڪندو تنهن جي ڪري هو جيئرو رهندو. 23 ڇا اوهين
سمجهو ٿا تہ آءٌ خداوند خدا بدڪارن کي موت جي سزا ڏيندي خوش
ٿو ٿيان؟ نہ، هرگز نہ، بلڪ منهنجي خوشي تہ انهيءَ ۾ آهي تہ هو
پنهنجي بري راهہ کان باز اچي ۽ جيئرو رهي.
24 پر جيڪڏهن ڪو سچار ماڻهو پنهنجي سچائيءَ کان ڦري وڃي
ٿو ۽ گناهہ ڪري ٿو ۽ اُهي سڀ ڪراهت جهڙا ڪم ڪري ٿو جيڪي
بدڪار ماڻهو ڪندا آهن، تڏهن ڇا اهو جيئرو رهندو؟ نہ، هرگز نہ،

2:18 ير 29:31 6:18 لاو 19:18، 20 7:18 شر 10:24–13 8:18 لاو 36:25–37 9:18 لاو 5:18 20:18 شر 16:24

بلڪ هن جيڪي به سچائيءَ جا ڪم ڪيا هوندا سي وساريا ويندا.
هو پنهنجي نافرمانيءَ ۽ ڪيل گناهن جي ڪري ضرور لوڙيندو.
25 انهيءَ هوندي به اوهين شڪايت ٿا ڪريو ته ’پروردگار جيڪي
ڪجهه اسان سان ڪري ٿو سو درست نه آهي.‘ پر هاڻي اي بني
اسرائيل! اوهين جيڪي منهنجي ڪيل ڪمن کي درست نه ٿا سمجهو،
سي ٻڌو، اوهان جا ته پنهنجا ئي عمل درست نه آهن. 26 جڏهن ڪو
سچار ماڻهو پنهنجي سچائيءَ کان ڦري گناهه ڪرڻ لڳي ٿو، تڏهن
هو پنهنجي ڪيل گناهن جي ڪري ئي لوڙيندو. 27 وري جڏهن ڪو
بدڪار ماڻهو پنهنجي ڪيل بڇڙاين کان توبهه‌تائب ٿئي ٿو ۽ منهنجي
قاعدن قانونن کي مڃيندي انهن تي عمل ڪري ٿو، تڏهن اهو پنهنجي
موت جي سزا کان بچي وڃي ٿو. 28 جيئن ته هو سوچي سمجهي
پنهنجي سڀني ڪيل گناهن کان توبهه‌تائب ٿئي ٿو، تنهنڪري هو
يقيناً جيئرو رهندو ۽ موت جي سزا نه لوڙيندو. 29 انهيءَ هوندي به
اوهين ڪيئن ٿا چئو ته ’پروردگار جيڪي ڪجهه اسان سان ڪري ٿو
سو درست نه آهي‘؟ سو اي بني اسرائيل! منهنجو اهو عمل ڪيئن
درست ناهي؟ جڏهن ته اوهان جا پنهنجا عمل ئي غلط آهن.
30 هاڻي، اي بني اسرائيل! آءٌ خداوند خدا اوهان کي ٻڌايان ٿو ته آءٌ
اوهان مان هر هڪ کي سندس عملن موجب بدلو ڏيندس. تنهنڪري
اوهين توبهه‌تائب ٿيو ۽ پنهنجي گناهن کان باز اچو، انهيءَ لاءِ ته
اوهان جي بڇڙائي اوهان جي بربادئ جو سبب نه بڻجي. 31 جن
گناهن ڪرڻ ڪري اوهين گنهگار بڻيا آهيو، تن سڀني کان پاڻ کي
پري رکو. اوهين پنهنجي سوچ بدلائي نئين دل ۽ نئون ذهن پيدا
ڪريو. اي بني اسرائيل! ڇو اوهين مرڻ ٿا گهرو؟ 32 مون خداوند خدا
کي ڪنهن جي به مرڻ تي خوشي ڪانه ٿي ٿئي، تنهنڪري پنهنجي
گناهن کان توبهه‌تائب ٿيو ته جيئن جيئرا رهي سگهو.“

## يهوداه ملڪ جي بادشاهن بابت مرثيو

19 1 خداوند مون کي فرمايو ته ”اي حزقي‌ايل! تون بني
اسرائيل جي ٻن بادشاهن تي هي مرثيو ڳائيندي چُئه ته
2 ’اي بادشاهه! تنهنجي *ماءُ ڪيڏي نه دلير شينهڻ هئي!
جنهن جوان شينهنِ جي وچ ۾ رهي پنهنجي ٻچن کي پاليو.
3 انهيءَ پنهنجي ٻچن مان هڪڙي کي پالي وڏو ڪيو،
۽ شڪار ڪرڻ سيکاريائينس.
اهو جوان ٿي ماڻهن کي ڳڙڪائڻ لڳو.
4 جڏهن قومن انهيءَ بابت ٻڌو،
ته هنن هڪ کڏ کوٽي انهيءَ ۾ اٽي کيس ڦاسايو.
پوءِ هو کيس لوهي ڪنڍا وجهي گهلي †مصر ملڪ ۾ وٺي ويا.
5 انهيءَ ٻچي جي ماءُ ان جي موٽڻ جو انتظار ڪندي رهي،
پر جڏهن ان جي موٽڻ جي ڪا اميد نه رهيس،
تڏهن هن پنهنجي ٻچن مان هڪڙي ٻئي کي پالي وڏو ڪيو،
جيڪو وڏو ٿي هڪ طاقتور شينهن بڻيو.
6 اهو ٻين شينهن سان گڏ شڪار ڪرڻ لڳو،
۽ اهڙو طاقتور ٿي پيو جو ماڻهن کي ڳڙڪائڻ لڳو.
7 هن ڪيئي قلعا تباهه ڪيا ۽ شهرن کي برباد ڪري ڇڏيو،
هن جي گجگوڙ وارو آواز ٻڌي،
ملڪ جو هر ڪو رهاڪو ڏڪي ويندو هو.
8 تڏهن قومون انهيءَ کي مارڻ لاءِ گڏ ٿيڻ لڳيون.
هائو، هر طرف کان ماڻهو اچي گڏ ٿيا.
هنن پنهنجا شڪاري ڄار مٿس اڇلايا،
۽ انهيءَ کي پنهنجي ڦندي ۾ ڦاسائي وڌائون.
9 پوءِ هنن انهيءَ کي لوهي ڪنڍا وجهي جڪڙي بند ڪيو،
۽ بابل جي بادشاهه وٽ ڪڍي ويس.
هنن اتي ان کي هڪڙي قلعي ۾ بند ڪري ڇڏيو،
انهيءَ لاءِ ته ان جي گجگوڙ جو آواز
بني اسرائيل جي جبلن تي وري ٻڌڻ ۾ نه اچي.

10 اي بادشاهه!
تنهنجي ماءُ انگورن جي انهيءَ ول جهڙي هئي،
جيڪا پاڻيءَ جي پر سان پوکي وئي هئي.
جهجهي پاڻيءَ جي ڪري اها گهڻين ٽارين واري ٿي پيئي،
۽ تمام گهڻو ڦر جهليائين.
11 ان جون شاخون ايتريون ته مضبوط ٿيون جو
انهن مان بادشاهن جي حڪمرانيءَ واريون شاهي لٺيون بڻيون.
گهاٽين شاخن جي وچ ۾ انهيءَ ول جو ٿُڙ بلند ٿيو،
ايتري قدر جو اها ول بلنديءَ
۽ ٽارين جي گهاٽائيءَ سان نهايت اوچي ڏسڻ ۾ ٿي آئي.

12 پر غضب وچان انهيءَ ول کي پاڙان پٽي ڪڍيو ويو،
۽ ڪٽي زمين تي اڇلائي وئي.
جهولي ان جو ميوو سڪائي ڇڏيو،
۽ انهيءَ جون مضبوط شاخون ڀڃي پيون ۽ سڪي ويون،
۽ باهه انهن کي ساڙي رک ڪري ڇڏيو.
13 پوءِ هاڻي انهيءَ ول کي بيابان ۾،
هڪڙي خشڪ ۽ ٿوٽ زمين ۾ پوکيو ويو آهي.
14 ان جي هڪڙي شاخ کي باهه لڳي،

*ماءُ: ماءُ مان مراد گهڻو ڪري بني اسرائيل قوم يا دائود بادشاهه جو شاهي گهراڻو آهي.

†مصر ملڪ ۾: بادشاهي هلائڻ جي ٽن مهينن اندر سن 609 قبل مسيح ۾ يهوداه ملڪ جي بادشاهه يهوآخز کي گرفتار ڪري مصر ملڪ ۾ آڻي جلاوطن ڪيو ويو هو. ڏسو 2 بادشاهه 23:24.

جنهن انهيءَ ول جو ميوو ۽ سڀ شاخون ساڙي ڇڏيون.
جنهنڪري هاڻي انهيءَ ۾ ڪابہ مضبوط شاخ نہ رهي آهي،
جيڪا حڪمرانيءَ واري شاهي لٺ بڻجي سگهي.‘ ’’

هي اهو مرثيو آهي،
جيڪو وري وري ڳايو ٿو وڃي.

## بني اسرائيل جو بغاوت جاري رکڻ

20 1 اسان جي جلاوطنيءَ جي ستين سال پنجين مهيني جي
ڏهين تاريخ تي بني اسرائيل جا ڪي جلاوطن اڳواڻ خداوند
جي مرضي معلوم ڪرڻ لاءِ منهنجي اڳيان اچي ويٺا. 2 تڏهن خداوند
مون کي فرمايو تہ 3 ”اي حزقي‌ايل، آدم جو اولاد! بني اسرائيل
جي اڳواڻن کي مون خداوند خدا جو هي پيغام ٻڌائي ڇڏ تہ ’اوهين
جيڪي منهنجي مرضي معلوم ڪرڻ آيا آهيو، سي ياد رکو تہ آءٌ
خداوند جيئرو خدا قسم کڻي چوان ٿو تہ اوهين منهنجي اڳيان ڪجي
نہ سگهندا.‘ 4 اي آدم جو اولاد! تون هنن کي سندن سزا جو سبب
ٻڌائي ڇڏ ۽ سندن ابن ڏاڏن جا ڪيل ڪراهت جهڙا ڪم ڪين ياد ڏيار.
5 انهن کي مون خداوند خدا جو هي پيغام ٻڌاءِ تہ گهڻو اڳي مون
بني اسرائيل کي پنهنجي قوم ٿيڻ لاءِ چونڊي ڪڍيو هو. مون مصر
ملڪ ۾ انهن تي پاڻ کي ظاهر ڪيو هو ۽ قسم کڻي ساڻن واعدو ڪيو
هوم تہ آءٌ خداوند هنن جو ۽ سندن اولاد جو خدا هوندس. 6 مون
اهو بہ قسم کنيو هو تہ آءٌ کين مصر ملڪ مان ڪڍي انهيءَ ملڪ
۾ آڻيندس، جيڪو مون اڳ ۾ ئي هنن لاءِ چونڊي ڇڏيو هو، جتي
آسودگي ۽ خوشحالي آهي ۽ جيڪو سڀني کان شاندار ملڪ آهي.
7 مون کين چيو هو تہ ’اوهان مان هر ڪو انهن ڪراهت جهڙن بتن
کي ڪڍي اڇلائي ڇڏي جن کي اوهين چاهيو ٿا. اوهين مصر جي بتن
جي پوڄا ڪرڻ سان پاڻ کي پليت نہ ڪريو، ڇالاءِجو آءٌ خداوند ئي
اوهان جو خدا آهيان.‘ 8 پر هو مون کان ڦري ويا ۽ منهنجي ڳالهہ
ٻڌڻ کان انڪار ڪيائون. هنن مان ڪنهن بہ انهن ڪراهت جهڙن بتن
کي ڪڍي نہ اڇلايو، جن کي هنن چاهيو ٿي، نہ وري هنن مصر جي
بتن جي پوڄا ئي ڇڏي. تڏهن مون ارادو ڪيو تہ مصر ۾ ئي بني
اسرائيل تي پنهنجو غضب نازل ڪريان. 9 پر مون پنهنجي نالي جي
خاطر ائين نہ ڪيو، انهيءَ لاءِ تہ انهن قومن جي نظر ۾ منهنجي
نالي جي بي‌ادبي نہ ٿئي، جن قومن جي وچ ۾ هو رهيا ٿي. انهن
قومن جي آڏو مون پنهنجو پاڻ کي ظاهر ڪندي بني اسرائيل سان
واعدو ڪيو هو تہ آءٌ کين مصر مان ڪڍي ايندس.
10 سو مون انهن کي مصر ملڪ مان ڪڍي بيابان ۾ آندو. 11 مون
انهن کي پنهنجا قاعدا قانون ٻڌايا ۽ پنهنجن حڪمن کان آگاهہ ڪيم.
جيڪڏهن ڪو انهن تي عمل ڪري ٿو تہ اهو ئي جيئرو رهي سگهي
ٿو. 12 انهيءَ کان علاوه مون هنن لاءِ پنهنجي سبت جا ڏينهن بہ
مقرر ڪيا، انهيءَ لاءِ تہ اهي منهنجي ۽ سندن وچ ۾ هڪڙي نشاني
رهن، تان‌تہ هو ڄاڻي وٺن تہ اهو آءٌ ئي خداوند آهيان جنهن کين پاڻ
لاءِ مخصوص ڪيو آهي.
13 پر بني اسرائيل قوم بيابان ۾ ئي منهنجي خلاف بغاوت ڪئي.
هو منهنجي قاعدن قانونن تي نہ هليا ۽ منهنجي حڪمن کي ڇڏي
ڏنائون، جن تي عمل ڪرڻ سان انسان جيئرو رهي ٿي سگهيو. هنن
منهنجي سبت وارن ڏينهن جي بہ تمام گهڻي بي‌حرمتي ڪئي. تڏهن
مون فيصلو ڪيو تہ آءٌ بيابان ۾ ئي بني اسرائيل تي پنهنجو غضب
نازل ڪريان، تان‌تہ اهي ڇٽ ٿي وڃن. 14 پر مون پنهنجي نالي جي
خاطر ائين نہ ڪيو، انهيءَ لاءِ تہ انهن قومن جي آڏو منهنجي نالي
جي بي‌ادبي نہ ٿئي، جن قومن جي ڏسندي آءٌ هنن کي مصر ملڪ
مان ٻاهر ڪڍي آيو هوس. 15 انهيءَ جي بدران مون بيابان ۾ پڪو
پَهُہ ڪري ڇڏيو تہ آءٌ کين انهيءَ ملڪ ۾ نہ وٺي ويندس، جيڪو
مون انهن کي عطا ڪيو هو، جنهن ۾ آسودگيءَ ۽ خوشحالي آهي ۽
جيڪو سڀني کان شاندار ملڪ آهي. 16 مون اهو انهيءَ ڪري ڪيو
جو هنن منهنجي حڪمن کي رد ڪري ڇڏيو ۽ منهنجي قاعدن قانونن
تي نہ هليا ۽ منهنجي سبت وارن ڏينهن جي بي‌حرمتي ڪيائون،
ڇالاءِجو هنن پنهنجي بتن جي پوڄا کي وڌيڪ پسند ڪيو.
17 انهيءَ هوندي بہ مون پنهنجيءَ دل ۾ هنن لاءِ شفقت رکي.
سو مون اهو فيصلو ڪيو تہ آءٌ کين بيابان ۾ نہ ماريان. 18 انهيءَ
جي بدران مون بيابان ۾ سندن نوجوان نسل کي خبردار ڪري چيو تہ
’اوهين پنهنجن ابن ڏاڏن جي قاعدن قانونن تي نہ هلو، نڪي سندن
ريتن رسمن تي عمل ڪريو ۽ نہ وري انهن جي بتن جي پوڄا ڪري
پاڻ کي پليت ڪريو. 19 ياد رکو، آءٌ خداوند اوهان جو خدا آهيان.
سو اوهين منهنجي ئي قاعدن قانونن تي هلو ۽ منهنجي حڪمن کي
مڃيندي انهن تي عمل ڪريو. 20 اوهين منهنجي سبت جي ڏينهن
جو احترام ڪريو. اهي اوهان جي ۽ منهنجي وچ ۾ هڪڙي نشاني
آهن، انهيءَ لاءِ تہ اوهين ڄاڻي وٺو تہ آءٌ خداوند ئي اوهان جو
خدا آهيان.‘ 21 پر سندن نوجوان نسل بہ مون سان بغاوت ڪئي.
هو منهنجي قاعدن قانونن تي نہ هليا، نڪي منهنجي حڪمن کي
مڃيندي انهن تي عمل ڪيائون، جن تي جيڪڏهن ڪو انسان عمل
ڪري تہ جيئرو رهي ٿو سگهي. هنن منهنجي سبت جي ڏينهن جي
بي‌حرمتي ڪئي. تڏهن مون فيصلو ڪيو تہ انهن تي پنهنجو قهر
۽ غضب نازل ڪري بيابان ۾ ئي کين ڇٽ ڪري ڇڏيان. 22 انهيءَ
هوندي بہ مون پنهنجو هٿ روڪيو ۽ پنهنجي نالي جي خاطر ائين
نہ ڪيم، انهيءَ لاءِ تہ انهن قومن جي نظر ۾ منهنجي نالي جي
بي‌ادبي نہ ٿئي، جن قومن جي ڏسندي آءٌ بني اسرائيل کي مصر ملڪ
مان ٻاهر ڪڍي آيو هوس. 23 تڏهن مون بيابان ۾ قسم کڻي انهن کي

20:5–6 خر 6:2–8   20:11،13 لاو 18:5   20:12 خر 31:13–17   20:15 ڳا 14:26–35   20:23 لاو 26:33

ٻڌائي ڇڏيو تہ ’آءٌ اوهان کي غير قومن ۾ ڇڙوڇڙ ڪري ڇڏيندس.‘
24 مون اهو قسم انهيءَ ڪري کنيو جو هنن منهنجي حڪمن جي
تعميل نہ ڪئي، بلڪ منهنجي قاعدن قانونن کي رد ڪري ڇڏيائون.
هنن منهنجي سبت جي ڏينهن جي بي‌حرمتي ڪئي ۽ پنهنجن ابن
ڏاڏن جي ٺاهيل بتن جي پوڄا ڪندا رهيا.
25 سو مون انهن کي ڇڏي ڏنو تہ ڀلي اهڙن قاعدن قانونن ۽ ريتن
رسمن تي عمل ڪن جيڪي چڱيون نہ هيون ۽ جيڪي کين موت جي
منهن ۾ وٺي ٿي ويون. 26 مون کين ڇڏي ڏنو تہ ڀلي فضول قربانيون
ڪندا رهن، جن ۾ سندن پهريتن پٽن کي باهہ ۾ قربان ڪرڻ بہ شامل
هو، تان‌تہ آءٌ هنن کي برباد ڪري ڇڏيان، پوءِ هو ڄاڻي وٺندا تہ آءٌ
ئي خداوند آهيان.
27 تنهنڪري اي حزقي‌ايل، آدم جو اولاد! هاڻي بني اسرائيل وارن
کي مون خداوند خدا جو هي پيغام ٻڌائي ڇڏ تہ انهن جي ابن
ڏاڏن مون سان وري ٻيهر بہ بي‌وفائي ڪري منهنجي بي‌ادبي ڪئي.
28 جڏهن مون هنن کي انهيءَ ملڪ ۾ آندو، جنهن جي ڏيڻ جو مون
ساڻن واعدو ڪيو هو، تڏهن هنن هر ٽڪر تي ۽ هر گهاٽي اوچي وڻ
هيٺ غير معبودن جي پوڄا ڪئي. اتي هنن لوبان ساڙيو ۽ اوتڻ واريون
قربانيون پڻ پيش ڪيون. هائو، هنن پنهنجون قربانيون ۽ نذرانا پيش
ڪري مون کي غضب ڏياريو. 29 تڏهن مون هنن کي چيو تہ ’اوهان
جون اهي ٽڪر تي ٺهيل جايون ڇا لاءِ آهن، جيڏانهن اوهين وڃو ٿا؟‘
هنن انهن جاين کي *’باماه‘ سڏيو ۽ اڄ تائين انهن کي ائين سڏيو
ويندو آهي.
30 تنهنڪري هاڻي تون بني اسرائيل کي مون خداوند جو هي پيغام
ٻڌاءِ تہ ’ڇو اوهين بہ پنهنجي ابن ڏاڏن واري راهہ تي هلندي پاڻ
کي گنهگار ڪيو آهي؟ ڇو هنن جي ڪراهت جهڙن ڪمن پٺيان لڳي
اوهين بہ بدڪار بڻجي ويا آهيو؟ 31 بلڪ اڄ ڏينهن تائين اوهين بتن
تي پنهنجا نذرانا پيش ڪندي ۽ پنهنجي ٻارن کي باهہ ۾ قربان
ڪندي انهن ئي بتن جي ڪري پاڻ کي پليت ڪندا رهيا آهيو. تڏهن
بہ اي بني اسرائيل جا اڳواڻؤ! اوهين وري بہ مون کان پڇڻ لاءِ ڇو
هلي آيا آهيو؟ آءٌ خداوند جيئرو خدا قسم کڻي چوان ٿو تہ اوهين
منهنجي اڳيان ڪجهہ نہ سگهندا.‘“

## بني اسرائيل خدا جي ضابطي هيٺ

32 خداوند وڌيڪ فرمايو تہ ”اي بني اسرائيل! جيڪو خيال اوهان
جي دلين ۾ پيدا ٿئي ٿو سو ڪڏهن بہ پورو نہ ٿيندو. اوهين سوچو
ٿا تہ ’اسين بہ غير قومن ۽ ٻين ملڪن ۾ رهندڙ قبيلن جي ريتن
رسمن تي هلي ڪاٺ ۽ پٿر جي بندگي ڪنداسين.‘ پر ائين ڪڏهن
نہ ٿيندو. 33 آءٌ خداوند جيئرو خدا قسم کڻي چوان ٿو تہ پنهنجي
زورآور هٿ ۽ وڏيءَ قدرت سان پنهنجو قهر نازل ڪندي آءٌ اوهان
تي حڪمراني ڪندس. 34 منهنجو قهر تڏهن نازل ٿيندو جڏهن آءٌ
پنهنجي زورآور هٿ ۽ وڏيءَ قدرت سان اوهان کي قومن منجهان
ڪڍي ايندس. هائو، جن ملڪن ۾ اوهين ڇڙوڇڙ ڪيا ويا هئا، اتان
آڻي اوهان کي گڏ ڪندس. 35 آءٌ اوهان کي هڪڙي بيابان ۾ آڻيندس،
جنهن جي چوڌاري قومن جو گهيرو هوندو. اتي آءٌ اوهان جي روبرو
اوهان جي سزا ٻڌائيندس. 36 جيئن مون اوهان جي ابن ڏاڏن کي مصر
ملڪ جي بيابان ۾ سزا ٻڌائي هئي، تيئن آءٌ خداوند خدا اوهان کي
بہ ٻڌائيندس. 37 آءٌ اوهان کي سختيءَ سان پنهنجي ضابطي هيٺ
رکندس ۽ پنهنجي عهد تي اوهان کان عمل ڪرائيندس. آءٌ نيڪن کي
بدڪارن مان ائين چونڊي ڪيندس، جيئن ڪو ڌنار پنهنجي ڌڻ مان
چونڊ ڪندو آهي. 38 هائو، آءٌ اوهان منجهان باغين ۽ گنهگارن کي
ڪڍي ڌار ڪندس. جنهن ملڪ ۾ اهي هاڻي رهن ٿا اتان کين ٻاهر
ڪڍي ڇڏيندس، پر انهن کي آءٌ سندن وطن بني اسرائيل جي ملڪ ۾
داخل ٿيڻ نہ ڏيندس. تڏهن اوهين ڄاڻي وٺندا تہ آءٌ ئي خداوند آهيان.
39 سو هاڻ اي بني اسرائيل! جيڪڏهن منهنجي ٻڌڻ نہ ٿا چاهيو تہ
پوءِ ڀلي وڃو ۽ وڃي پنهنجن بتن جي پوڄا ڪندي سندن آڏو نذرانا
پيش ڪريو جنهن ڪم ڪرڻ ڪري منهنجي پاڪ نالي جي بي‌ادبي
ٿي ٿئي. پر آءٌ اوهان کي خبردار ٿو ڪريان تہ اوهان کي انهيءَ ڪم
کان آءٌ جلد باز آڻيندس. 40 جڏهن اهو ڏينهن ايندو تڏهن هر ڪو
بني اسرائيل سندس ملڪ ۾ يروشلم شهر جي مٿاهين جاءِ يعني
منهنجي پاڪ جبل تي مون خداوند خدا جي بندگي ڪندو. اتي آءٌ
اوهان سان راضي هوندس ۽ اوهان منهنجي قائدن قانونن موجب مون
لاءِ مخصوص قربانيون ۽ بهترين نذرانا پيش ڪندا جيڪي آءٌ قبول
ڪندس. 41 جڏهن آءٌ اوهان کي غير قومن مان ڪڍي وطن آڻيندس ۽
جن ملڪن ۾ اوهين ٽڙي پکڙي ويا هئا، تن مان آڻي گڏ ڪندس، تڏهن
آءٌ خوشبوءِ واريون قربانيون قبول ڪندس ۽ اوهان سان راضي ٿيندس.
پوءِ ڌرتيءَ جي هر قوم ڏسندي تہ آءٌ ڪيترو نہ پاڪ ۽ عظيم آهيان.
42 جڏهن آءٌ اوهان کي بني اسرائيل جي سرزمين ۾ يعني انهيءَ ملڪ
۾ آڻيندس جنهن جي ڏيڻ جو مون اوهان جي ابن ڏاڏن سان واعدو
ڪيو هو، تڏهن اوهين ڄاڻي وٺندا تہ آءٌ ئي خداوند آهيان. 43 پوءِ اتي
اوهين پنهنجي بڇڙائيءَ واري روش ۽ پنهنجا ڪيل ڪراهت وارا ڪم
ياد ڪري پنهنجو پاڻ کان نفرت ڪندا، ڇالاءِجو انهن سيني بدڪارين
جي ڪري اوهين پليت ٿيا هئا. 44 اي بني اسرائيل! آءٌ اوهان جي بڇڙي
روش ۽ اوهان جي بدڪارين مطابق اوهان سان سلوڪ نہ ڪندس،
بلڪ پنهنجي نالي جي خاطر اوهان کي سڌاريندس. تڏهن اوهين ڄاڻي
وٺندا تہ آءٌ ئي خداوند آهيان. اهو مون خداوند خدا جو فرمان آهي.“

*باماه: هن لفظ جو اچار عبراني ٻوليءَ جي ان لفظ جي اچار سان ملندڙ جلندڙ آهي جنهن جي معنيٰ آهي ”اوهين وڃو ٿا“. جڏهن تہ باماه جي معنيٰ ”مٿاهينءَ جاءِ وارو پوڄا گهر“ آهي.

## ڏکڻ ۾ باهہ

45 خداوند مون کي فرمايو تہ 46 ”اي حزقي ايل، آدم جو اولاد!
پنهنجو منهن ڏکڻ ڏانهن ڪري انهيءَ سان مخاطب ٿيءُ ۽ *ڏکڻ
جي ميدان واري ٻيلي خلاف اڳڪٿي ڪر. 47 ڏکڻ واري ٻيلي کي مون
خداوند خدا جو هي پيغام ٻڌاءِ تہ ’ياد رک، آءٌ تو منجهہ اهڙي باهہ
ٻاري ڪائيندس جيڪا تنهنجي سڪن توڙي ساون وڻن کي بہ ساڙي ڇٽ
ڪري ڇڏيندي. ڪوبہ انهيءَ کي وسائي ڪونہ سگهندو ۽ ڏکڻ کان
اتر تائين هر انسان جو منهن انهيءَ باهہ سان لهسجي ويندو. 48 هر
بشر ڄاڻي وٺندو تہ اها باهہ مون خداوند ٻاري ڪائي آهي، جيڪا وسامي
نہ ٿي سگهي.‘“ 49 تڏهن مون عرض ڪندي چيو تہ ”هاءِ! اي خداوند
خدا! مون کان اهو ڪم نہ ڪراءِ، ڇالاءِجو اڳي ئي هر ڪو شڪايت
پيو ڪري تہ مون اهڙن مثالن سان ڪين منجهائي ڇڏيو آهي.“

## خداوند جي تلوار

21 1 خداوند مون کي فرمايو تہ 2 ”اي حزقي ايل، آدم جو
اولاد! پنهنجو منهن يروشلم ڏانهن ڪر ۽ اتان جي رهاڪن
کي مقدس هيڪل خلاف پيغام ٻڌاءِ. بلڪ بني اسرائيل جي سڄي
ملڪ کي خبردار ڪر تہ 3 ’ياد رک، آءٌ خداوند خدا تنهنجي خلاف
آهيان. آءٌ پنهنجي تلوار مياڻ مان ڪڍندس. پوءِ تو منجهہ رهندڙ
بدڪارن توڙي سچارن کي قتل ڪري ڇڏيندس. 4 منهنجي تلوار
ڏکڻ کان اتر تائين سڀني انسانن مٿان وهندي، ڇالاءِجو آءٌ تو منجهہ
رهندڙ بدڪارن توڙي سچارن کي قتل ڪري ڇڏيندس. 5 تڏهن هر
ڪو ڄاڻي وٺندو تہ مون خداوند پنهنجي تلوار مياڻ مان ڪڍي آهي،
جيڪا هاڻ موٽي مياڻ ۾ نہ ويندي.‘

6 تنهنڪري اي حزقي ايل! آهون ۽ دانهون ڪر، هائو، ڏک ۽
صدمي وچان آهون دانهون ڪر، جيئن هر ڪو تو کي ڏسي. 7 جڏهن
تو سان گڏ رهندڙ جلاوطن تو کان پڇن تہ ’تون ڇو ٿو آهون دانهون
ڪرين؟‘ تڏهن کين ٻڌائي ڇڏج تہ انهيءَ اچڻ واري خوفناڪ خبر جي
ڪري تون آهون دانهون ٿو ڪرين، جنهن جي ٻڌڻ سان سندن دليون
خوف وچان ڌڙڪڻ ڇڏي ڏينديون، ڏيڍر ڏرا ٿي پوندن ۽ گوڏا ڏکڻ
لڳندن. هائو، سندن همت بلڪل هارجي ويندي. ڏس، اها گهڙي
اچڻ واري آهي بلڪ اچي پهتي آهي. اهو مون خداوند خدا جو فرمان
آهي.“

8 خداوند مون کي فرمايو تہ 9 ”اي حزقي ايل، آدم جو اولاد!
مون خداوند خدا جو هي پيغام ٻڌاءِ تہ
تلوار، هائو، تلوار تکي ڪري چمڪائي ويئي آهي.
10 اها تلوار انهيءَ لاءِ تکي ڪئي ويئي آهي تہ
وڏو ڪوس ڪري.
اها انهيءَ لاءِ چمڪائي ويئي آهي تہ وڄ وانگر چمڪي.

پوءِ منهنجي پٽ يهوداہ جي شاهي لٺ ۾
ڪابہ خوشي نہ رهندي.
ڇالاءِجو تلوار اهڙي هر ڪنهن لٺ کي حقير ٿي سمجهي.
11 تلوار انهيءَ لاءِ چمڪائي ويئي آهي،
تہ جيئن قاتل جي هٿ ۾ ڏني وڃي.
هائو، اها تکي ڪئي ويئي آهي ۽ چمڪائي ويئي آهي،
انهيءَ لاءِ تہ قاتل ڪوس وجهڻ لاءِ تيار رهي.
12 اي حزقي ايل! ڏک وچان آهون ۽ دانهون ڪر،
ڇالاءِجو اها تلوار منهنجيءَ قوم
۽ سندس سڀني اڳواڻن لاءِ ڪڍي ويئي آهي.
هائو، اهي منهنجي باقي بچيل قوم وارن سان گڏ
قتل ٿيڻ وارا آهن.
تنهنڪري تون گوڏن تي هٿ هڻي واءِويلا ڪر.
13 آءٌ پنهنجيءَ قوم کي آزمائي رهيو آهيان.
جيڪڏهن اها تلوار يهوداہ جي شاهي گهراڻي کي
حقير سمجهي ناس ڪري ڇڏي،
تہ پوءِ هو ڇا ڪري سگهندا؟

14 تنهنڪري اي حزقي ايل، آدم جو اولاد!
منهنجو اهو پيغام ٻڌاءِ،
بلڪ تاڙيون وڄائي جنگ شروع ڪراءِ.
منهنجي اها تلوار وري وري پيئي حملو ڪندي،
جيڪا فتح ڪندڙ، دهشت ڏياريندڙ
۽ ماڻهن ۾ ڪوس وجهندڙ تلوار آهي.
15 اهي پنهنجي همت بلڪل هاري ويهندا،
۽ خوف وچان ٿاٻڙجڻ لڳندا،
ڇالاءِجو منهنجي ڪوس وجهندڙ تلوار
سندن شهر جي هر دروازي تي وڄ جيان چمڪندي
۽ قتل ڪرڻ لاءِ تيار هوندي.
16 اها تلوار ساڄي توڙي کاٻي پاسي وڍيندي ويندي.
هائو، اڳيان توڙي پٺيان جيڏانهن بہ انهيءَ جو منهن ٿيندو،
قتلام ڪندي ويندي.
17 آءٌ ڪاوڙ ۾ پنهنجا هٿ هڻندس
جيستائين منهنجو غضب ڍرو ٿئي.
اهو مون خداوند جو فرمان آهي.“

*ڏکڻ جي ميدان واري ٻيلي: جيئن تہ حزقي ايل اتر واري بابل ملڪ ۾ جلاوطن هو، سو هن يهوداہ ملڪ ڏانهن منهن ڪيو جيڪو ڏکڻ ۾ هو. ڏسو 2:21 پڙ.

## بابل جي بادشاهہ جو تلوار کڻي جنگ لاءِ تيار ٿيڻ

18 خداوند مون کي فرمايو تہ 19 ”اي حزقي ايل، آدم جو اولاد!
هڪڙو نقشو ٺاهہ جنهن ۾ بابل جي بادشاهہ جو تلوار سميت ٻاهر
نڪرڻ جو رستو نشان طور ڏيکار. پر اڳتي هلي انهيءَ مان ٻن رستن
جي نڪرڻ جو نشان ڏيکار. هڪڙو رستو هڪڙي شهر ڏانهن وڃي ۽
ٻيو رستو ٻئي شهر ڏانهن وڃي. انهن شهرن جي نالن جون تختيون
لڳل بہ ڏيکار. 20 جن مان هڪڙو رستو بني عمون جي گاديءَ واري
شهر ربہ ڏانهن ويندڙ هجي ۽ ٻيو رستو يهوداہ جي ڪوٽ واري شهر
يروشلم ڏانهن ويندڙ هجي. 21 انهيءَ کان پوءِ تون جلاوطن ڪيلن
کي سمجهاءِ تہ هاڻي جڏهن بابل جو بادشاهہ تلوار سميت انهيءَ
نشان ڏيکاريل ٻہ واٽي تي اچي بيهندو، تڏهن هو ڦال وجهندو تہ
ڪهڙي رستي سان وڃي. ان لاءِ هو پنهنجا تير لوڏيندو، پنهنجي
بتن سان صلاح مشورو ڪندو ۽ قرباني ڪيل جانورن جي جيري کي
آزمائيندو. 22 پوءِ چا ٿيندو جو ڦال ۾ هن جي ساڄي هٿ ۾ تير ايندو
جنهن تي يروشلم لاءِ نشان لکيل هوندو. تڏهن هو هڪدم اشارو
ڏيندو تہ جنگ جو نعرو هنيو وڃي، يروشلم شهر جي پٽين تائين مٽيءَ
جا دِڪا ٻڌا وڃن، مورچا ٺاهيا وڃن، دروازن ڀڃڻ واريون مشينون
لڳايون وڃن ۽ ماڻهن کي قتل ڪيو وڃي. 23 يروشلم وارا بابل سان
ڪنيل قسم جي ڪري يقين نہ ڪندا تہ ڦال وجهڻ جو اهڙو نتيجو
نڪرندو. پر بابل جي بادشاهہ جي تلوار کين سندن ڪيل گناهن واري
راهہ ياد ڏياريندي ۽ اهي بابلين جي قبضي هيٺ اچي ويندا.
24 اي حزقي ايل! تون يروشلم جي ماڻهن ۽ سندن اڳواڻن جي خلاف
مون خداوند خدا جو هي فرمان ٻڌاءِ تہ ’اوهان جي بدڪاري ثابت
ٿي آهي ۽ اوهان جي خطاڪاري ظاهر ٿي پيئي آهي. ايتري قدر جو
اوهين جيڪي ڪجهہ ڪريو ٿا سا بدڪاري آهي ۽ انهيءَ مان ظاهر
ٿئي ٿو تہ اوهين ڪيڏا نہ گنهگار آهيو. هائو، اوهين ڏوهاري آهيو،
تنهنڪري اوهان کي قيدي بڻائي دشمنن جي حوالي ڪيو ويندو.

25 اي بڇڙا ۽ پليت اسرائيل جا *بادشاهہ!
تنهنجو ڏينهن،
هائو، تنهنجي آخري سزا جو ڏينهن اچي پهتو آهي.
26 آءٌ خداوند خدا تو کي حڪم ٿو ڏيان تہ
تون هاڻي پنهنجي شاهي پڳ ۽ تاج لاهي ڇڏ،
ڇالاءِجو هر شيءِ بدلجي ويندي.
جيڪي پست آهن تن کي بلند ڪيو ويندو
۽ جيڪي بلند آهن تن کي پست ڪيو ويندو.
27 برٻادي، برٻادي، هائو، آءٌ يروشلم کي برٻاد ڪري ڇڏيندس.
پر اهو تڏهن ٿيندو جڏهن اهو شخص ايندو،
جنهن کي مون سزا ڏيڻ لاءِ چونڊيو آهي.
پوءِ آءٌ اهو شهر سندس حوالي ڪندس.‘“

## خداوند جي تلوار يعني عمونين لاءِ سزا

28 خداوند مون کي فرمايو تہ ”اي حزقي ايل، آدم جو اولاد!
عمونين جيڪا بني اسرائيل جي بيعزتي ڪئي آهي، تنهن کي
ننديندي کين مون خداوند جو هي پيغام ٻڌاءِ تہ
’تلوار، هائو، تلوار مياڻ مان ڪڍي وئي آهي.
اها ڪوس لاءِ تيار آهي.
انهيءَ کي چمڪائي تيار ڪيو ويو آهي
تہ جيئن اها وڄ جي چمڪاٽ وانگر تيزيءَ سان قتلام ڪري.
29 اي بدڪار ۽ پليت عمونيؤ!
اوهين ڪوڙيون رويائون ٻڌايو ٿا
۽ ڪوڙين اڳڪٿين تي يقين ٿا ڪريو.
اوهان جي سزا جو ڏينهن اچي ويجهو پهتو آهي
جڏهن منهنجي تلوار اوهان ۾ ڪوس وجهندي.‘“

## خدا جي تلوار يعني بابلين لاءِ سزا

30 خداوند فرمائي ٿو تہ
”اي تلوار! تون هاڻي پنهنجي مياڻ ۾ وڃي پئُہ.
آءٌ تنهنجي ڄمڻ واري هنڌ،
تنهنجي وطن ۾ ئي تو کي سزا ڏيندس.
31 آءٌ تو تي پنهنجو غضب نازل ڪندس،
۽ پنهنجي قهر جي باهہ تو تي ڀڙڪائيندس.
آءٌ تو کي ظالم ماڻهن جي هٿن ۾ ڏيئي ڇڏيندس،
جيڪي ماري ڇٽ ڪرڻ ۾ ماهر آهن.
32 تون باهہ جو کاڄ بڻبينءَ،
۽ تنهنجو رت تنهنجي ڌرتيءَ تي ئي وهايو ويندو.
پوءِ تنهنجو نالو نشان بہ نہ رهندو.
اهو مون خداوند جو فرمان آهي.“

## يروشلم وارن جا گناهہ

22 1 خداوند مون کي فرمايو تہ 2 ”اي حزقي ايل، آدم جو
اولاد! ڇا تون يروشلم کي سندن سزا ٻڌائڻ لاءِ تيار آهين؟
ڇا تون انهيءَ خوني شهر کي سندس خلاف فيصلو ٻڌائيندين؟ تون
انهيءَ کي سندس ڪراهت وارا ڪم ياد ڏيار. 3 انهيءَ شهر کي
مون خداوند خدا جو هي پيغام ٻڌاءِ تہ ’اي يروشلم! تو ۾ گهڻن ئي

*يعني بادشاهہ صدقياہ. ڏسو يرمياہ 39:1–7.

28:21–32 ير 49:1–6، حز 25:1–7، عا 1:3–15، صف 2:8–11

ماڻهن جي خونريزي ڪئي وئي آهي ۽ بتن جي پوڄا ڪئي ويئي آهن.
تنهنڪري جلد ئي تو کي سزا ڏني ويندي. 4 جيڪو خون تو ۾ وهايو
ويو آهي تنهن جي ڪري تون ڏوهاري ٺهريو آهين ۽ تو ۾ ناهيل بتن
جي ڪري تون پليت ٿي پيو آهين. ائين تو پنهنجا ڏينهن آڻي ويجها
ڪيا آهن ۽ پنهنجي پڇاڙيءَ تي اچي پهتو آهين. تنهنڪري آءٌ تو کي
اهڙو بڻائيندس جنهن تي ٻيون قومون ۽ سڀيئي ملڪ ملامت ۽ کل
ٺٺوليون ڪندا. 5 اي بدنام ۽ فساد سان ڀريل شهر! جيڪي ٻه تو
کي ويجها يا پري آهن سي تو تي ٺٺوليون ڪندا.
6 ڏس، اي يروشلم! بني اسرائيل جا سمورا اڳواڻ پنهنجي پنهنجي
طاقت آهر تو منجهه رت وهائڻ ۾ مشغول آهن. 7 تو منجهه ڪوبه
ماڻهو پنهنجي ماءُپيءُ جي عزت نه ٿو ڪري. تو ۾ رهندڙ ڌارين سان
ناحق زبردستي ڪئي ٿي وڃي ۽ يتيمن ۽ رنن‌زالن کي ستايو ٿو وڃي.
8 تو ۾ منهنجي مقدس جاين لاءِ ڪو احترام نه رهيو آهي ۽ منهنجي
سبت وارن ڏينهن جي بي‌ادبي ڪئي ٿي وڃي. 9 تنهنجي رهاڪن
مان ڪي چغلخوري ڪندي خون ٿا ڪرائين ۽ بتن تي قرباني ڪيل
کاڌو ٿا کائين ۽ زناڪاري ۽ بدفعلي پيا ڪن. 10 ماڻهو پنهنجي پيءُ
جي زال سان زناڪاري ٿا ڪن ۽ حيض وارين عورتن سان زبردستيءَ
ٿا سمهن. 11 ان کان سواءِ تو منجهه ڪي پاڙيسرين جي زالن سان
بدڪاري ٿا ڪن ۽ ڪي وري پنهنجي ننهن توڙي پنهنجي ماٽيلين
ڀينرن سان زناڪاري ڪري کين پليت ڪري ٿا ڇڏين. 12 تو منجهه
رشوت وٺي ماڻهن جو خون وهايو وڃي ٿو ۽ وڏو وياج ۽ ناجائز منافعو
ورتو وڃي ٿو. لالچ وچان ظلم زبردستيءَ سان پنهنجي پاڙيسرين کي
لٽيو ڦريو وڃي ٿو. مطلب ته منهنجي حڪمن جي انحرافي ڪندي
تنهنجي رهاڪن مون خداوند خدا کي بلڪل وساري ڇڏيو آهي.
13 تنهنڪري ياد رک، تو ۾ جيڪا لٽ ڦر ۽ خونريزي ڪئي ٿي
وڃي، تنهن جي ڪري آءٌ تو تي پنهنجي غضب وچان هٿ ڪٽيندس.
14 جڏهن آءٌ تو کان حساب وٺندس تڏهن ڇا تو ۾ ڪا همت هوندي
يا تنهنجي ٻانهن ۾ ڪا طاقت هوندي؟ اهو مون خداوند جو فرمان
آهي جيڪو آءٌ پورو ڪري ڏيکاريندس. 15 آءٌ تنهنجي رهاڪن کي هر
ملڪ ۽ هر قوم ۾ ڪٽو ڪٽو ڪري ڇڏيندس. آءٌ تنهنجي پليتي تو
مان بلڪل صاف ڪري ڇڏيندس. 16 تون ٻين قومن جي نظر ۾ ذليل
ٿي ويندين، تڏهن تون ڄاڻي وٺندين ته آءٌ ئي خداوند آهيان.''

## خدا جو غضب ڪوريءَ مثل

17 خداوند فرمايو ته 18 ''اي حزقي‌ايل، آدم جو اولاد! بني اسرائيل
قوم منهنجي اڳيان بيڪار آهي. هائو، اهي سڀ جو سڀ چانديءَ
کي صاف ڪرڻ کان پوءِ، ڪوري ۾ باقي بچيل ميرُ ٽامي، قلعي،
لوهه ۽ شيهي جيان آهن. 19-20 سو هاڻي آءٌ خداوند خدا کين ٻڌايان
ٿو ته 'اوهين سڀ بيڪار ميرُ ٿي پيا آهيو. تنهنڪري ڏسو، جهڙيءَ
طرح چانديءَ، ٽامي، لوهه، شيهي يا قلعيءَ جي ڌاتوءَ کي ڪوري
۾ گڏ ڪيو ويندو آهي ۽ پوءِ انهن تي باهه ڦوڪي ويندي آهي ته
جيئن اهي پگهري وڃن، تهڙيءَ ئي طرح آءٌ پنهنجي غضب وچان
اوهان بني اسرائيل کي يروشلم منجهه گڏ ڪري ڌاتوءَ جيان پگهاري
ڇڏيندس. 21 هائو، آءٌ اوهان سڀني کي گڏ ڪندس ۽ پنهنجي غضب
جي باهه اوهان تي ڦوڪيندس، انهيءَ لاءِ ته اوهان کي پگهاري پاڻي
ڪري ڇڏيان. 22 جيئن چاندي ڪوري ۾ پگهرندي آهي تيئن اوهين به
يروشلم ۾ پگهري ويندا. تڏهن اوهان کي معلوم ٿي ويندو ته مون
خداوند اوهان تي پنهنجو غضب نازل ڪيو آهي.' ''

## بني اسرائيل جي اڳواڻن جا گناهه

23 خداوند وري مون کي فرمايو ته 24 ''اي حزقي‌ايل، آدم جو
اولاد! يروشلم جي رهاڪن کي ٻڌائي ڇڏ ته سندن ملڪ گناهن سان
ڀرجي ويو آهي، تنهنڪري آءٌ پنهنجي غضب وچان سندن ملڪ تي
مينهن ڪونه وسائيندس. 25 ملڪ جي اڳواڻن جي فتنه‌انگيزي ڀيئي
هلي. اهي گجندڙ شينهن جيان آهن جيڪو پنهنجي شڪار کي چيري
ڦاڙي ٿو ڇڏي. هو ماڻهن کي ڳهيو ٿا ڇڏين ۽ سندن مال متاع ۽
قيمتي شيون ڦري لٽي ٿا ڇڏين. هنن مڙسن کي قتل ڪري رنن‌زالن
جو تعداد وڌائي ڇڏيو آهي. 26 ملڪ جي ڪاهنن منهنجي شريعت
جي انحرافي ڪئي آهي ۽ منهنجي مخصوص شين کي ناپاڪ ڪيو
اٿائون. هنن مخصوص ۽ عام شين ۾ ڪوبه فرق نه رکيو آهي،
نڪي حلال ۽ حرام ۾ فرق رکڻ جي ڪا تعليم ڏني اٿائون، بلڪ هنن
منهنجي سبت جي ڏينهن جو به ڪو لحاظ نه رکيو آهي. ائين ڪرڻ
ڪري منهنجي قوم منهنجي بي‌حرمتي ٿي ڪري. 27 بني اسرائيل
جا اڳواڻ چير ڦاڙ ڪندڙ بگهڙن وانگر آهن، جيڪي ماڻهن کي زخم
ٿا رسائين يا کين ماري ٿا ڇڏين. ائين ڪرڻ سان اهي اڳواڻ ناجائز
فائدو حاصل ڪن ٿا. 28 بني اسرائيل جا نبي سڏائيندڙ ماڻهن کي
ڪوڙيون رويائون ٻڌائي اڳواڻن جي گناهن کي گاري جي ليپي جيان
ٿا ڍڪين. انهن جي غيبداني ٺڳيءَ جو ناهه آهي جڏهن اهي چون ٿا
ته 'اهو خداوند خدا جو پيغام آهي،' جڏهن ته مون ساڻن ڪجهه
ڳالهايو ئي ڪونهي. 29 بني اسرائيل جي ماڻهن پاڻ به ظلم ۽ ڦرمار
مچائي ڇڏي آهي. هائو، اهي غريبن ۽ محتاجن کي ستائين ٿا ۽ انهن
سان گڏ رهندڙ ڌارين سان ناحق زبردستي ٿا ڪن.
30 مون انهن منجهه ڪنهن اهڙي ماڻهوءَ جي ڳهٽي ڳولها ڪئي،
جيڪو ڪوٽ جي مرمت ڪري يعني اهو کين گناهه ڪرڻ کان خبردار
ڪري يا وري ڀڳل ٽٽل ڀت تي ڪٽي بيهي يعني اهو مون خداوند آڏو
ڀڪاري ته جيئن منهنجي قوم منهنجي ايندڙ غضب کان محفوظ

---

7:22 خر 20:12، 21:22–22، شر 16:5، 17:24  8:22 لاو 30:19، 2:26  10:22–11 لاو 7:18–20
12:22 خر 25:22، 8:23، لاو 25:36–37، شر 19:16، 19:23  26:22 لاو 10:10

رهي سگهي ۽ برباد نہ ٿئي، پر مون کي منجهن اهڙو ڪوبہ نہ مليو.
31 تنهنڪري آءٌ پنهنجي ڪاوڙ انهن تي چنبيندس ۽ پنهنجي غضب
جي باهہ سان کين ساڙي رک ڪري ڇڏيندس. آءٌ سندن عمل سندن
ئي سر تي آڻيندس. اهو مون خداوند خدا جو فرمان آهي.“

## سامريہ ۽ يروشلم شهر ٻن گنهگار ڀينرن جي مثل

23 1 خداوند مون کي فرمايو تہ 2 ”اي حزقي ايل، آدم جو
اولاد! هيءَ ڪهاڻي ٻڌ، ڪنهن زماني ۾ هڪڙيون ٻہ ڀينرون
هيون. 3 اهي مصر ۾ رهنديون هيون ۽ جڏهن اهي نوجوان ٿيون تہ
هنن زناڪاري ڪئي ۽ ڪسبياڻيون بڻيون. اتي هنن پنهنجي بدن کي
ٻين جي حوالي ڪيو ۽ سندن ڪنوارپڻو باقي نہ رهيو. 4 انهن مان
وڏيءَ جو نالو *اهولہ هو ۽ ننڍيءَ ڀيڻ جو نالو †اهوليبہ هو. اهي
ٻئي مون سان پرڻيون ۽ منهنجا ٻار ڄڻيائون. انهن مان اهولہ جو
مثال سامريہ سان ۽ اهوليبہ جو مثال يروشلم سان ٿو ڏجي.

5 اهولہ جيتوڻيڪ مون سان پرڻي پر پوءِ بہ زناڪاري جاري رکندي
آئي ۽ پنهنجي اشوري يارن سان رنگ رليون ملهائڻ لاءِ آتي هئي.
انهن ماڻهن مان ڪي جنگي سپاهي هئا 6 جن جون ورديون آسماني
رنگ جي عمدن ڪپڙن مان ٺهيل هيون، ۽ ڪي نواب، حاڪم ۽
شهسوار هئا. اهي سڀ دلپسند جوان مرد هئا. 7 هن اشور جي
انهن سڀني چونڊ مردن سان زناڪاري ڪئي ۽ پنهنجي انهن سڀني
محبوبن جي ڪراهت جهڙن بتن جي پوڄا پڻ ڪيائين. 8 ڪسبياڻيءَ
وارا جيڪي ڪم هن مصر ۾ شروع ڪيا هئا، سي پوءِ بہ اڳتي هلي
ڪندي رهي. نوجوانيءَ کان وٺي هن پاڻ سان زنا ڪرائي ۽ پنهنجي
بدن کي ٻين جي حوالي ڪندي رهي، جيڪي ساڻس خوب نفساني
خواهشون پوريون ڪندا رهيا.

9 تنهنڪري مون هن کي سندس انهن اشوري يارن جي حوالي
ڪري ڇڏيو، جن کي هوءَ تمام گهڻو چاهيندي هئي. 10 پوءِ انهن کيس
اگهاڙو ڪري ڪڍي ڇڏيو ۽ هن کان سندس پٽ ۽ ڌيئرون کسي تلوار
سان قتل ڪري ڇڏيائونس. اهڙيءَ طرح هوءَ عورتن ۾ هڪڙو پهاڪو
بڻجي ويئي ۽ اهي هر هنڌ ڪيس مليل سزا جو ذڪر ڪرڻ لڳيون.

11 جيتوڻيڪ سندس ڀيڻ اهوليبہ اهو سڀ ڪجهہ ڏٺو پئي، پر پوءِ
بہ هوءَ شهوتپرستيءَ ۾ پنهنجي ڀيڻ کان بہ وڌيڪ خراب ٿي ويئي
۽ ڪانئس وڌيڪ زناڪاري ڪرايائين. 12 هوءَ پنهنجي اشوري يارن
سان رنگ رليون ملهائڻ لاءِ آتي هئي. انهن ماڻهن مان ڪي نواب،
حاڪم ۽ شهسوار هئا، ۽ ڪي جنگي سپاهي هئا جن جون ورديون
عمدن ڪپڙن مان ٺهيل هيون. اهي سڀ دلپسند جوان مرد هئا. 13 مون
ڏٺو تہ اها پنهنجي ڀيڻ جي نقشِقدم تي هلي بلڪل ئي پليت ٿي
پئي. 14‑15 هوءَ پنهنجي زناڪاريءَ ۾ وڌندي ويئي. هن بابل جي
اڳواڻن ۽ اعليٰ عملدارن جي انهن تصويرن ۾ ڪشش محسوس ڪئي،
جيڪي ڳاڙهي رنگ سان ڀتين تي چاپيل هيون. انهن جي چيلهين
تي ڪمربند ٻڌل هئا ۽ سندن جنگي ٽوپن مٿان پٽڪا ٻڌل هئا. 16 هوءَ
انهن کي ڏسڻ سان مٿن موهت ٿي پيئي ۽ بابل ۾ هنن ڏانهن قاصد
موڪليائين. 17 سو بابل جا رهاڪو وٽس آيا ۽ اچي سندس شهوتي
بستري تي چڙهي ساڻس زنا ڪيائون. پر جڏهن هوءَ ساڻن زنا ڪرائي
پليت ٿي ويئي، تڏهن هوءَ ڪانئن بيزار ٿي پيئي. 18 اهڙيءَ طرح هن
جي زناڪاري ۽ اوگهڙ سڀني جي اڳيان ظاهر ٿي پيئي. تڏهن آءٌ
ڪانئس بيزار ٿي ويس جيئن سندس ڀيڻ کان بيزار ٿي ويو هوس.
19 انهيءَ هوندي بہ هن مصر ملڪ ۾ جيڪي ڪجريءَ وارا ڪسب
ڪيا هئا تن جوانيءَ وارن ڏينهن کي ياد ڪندي پنهنجون زناڪاريون
وڌائيندي ويئي. 20 سو هوءَ پنهنجي انهن يارن تي مرڻ لڳي جيڪي
گڏهن ۽ گهوڙن جيان مست زناڪار هئا.

21 بيشڪ، اي اهوليبہ! اهڙيءَ طرح تو پنهنجي شهوتپرستيءَ
وارن ڏينهن کي وري وري دهرائڻ جي ڪوشش ڪئي، جڏهن تو
پنهنجي بدن کي مصرين جي حوالي ڪيو هو ۽ تنهنجو ڪنوارپڻو
باقي نہ رهيو هو.“

## ننڍي ڀيڻ يعني يروشلم لاءِ سزا

22 خداوند خدا فرمايو تہ ”سو اي اهوليبہ! ياد رک، آءٌ تنهنجي
انهن يارن کي تنهنجي خلاف اٿاري کڙو ڪندس، جن کان تون بيزار
ٿي ويئي آهين. اهي اچي چئني طرفن کان تنهنجو گهيرو ڪندا.
23 هائو، آءٌ بابل وارن قبيلن فقود، شوع ۽ قوع سان گڏ سڀني بابلين
کي ۽ سڀني اشورين کي تو مٿان چاڙهي آڻيندس. اهي سڀ جو سڀ
دلپسند جوان مرد، نواب،حاڪم، اڳواڻ ۽ وڏي رتبي وارا شهسوار
آهن. 24 اهي جنگي گهوڙي گاڏين ۽ هٿيارن سان ڀريل گاڏين سان
هڪڙو وڏو لشڪر وٺي اتر کان تو تي حملو ڪرڻ ايندا. اهي ڍال ۽
سپر سوڌو جنگي ٽوپ پايو تنهنجو اچي گهيرو ڪندا. آءٌ تو کي هنن
جي حوالي ڪري ڇڏيندس جيڪي تو کي پنهنجي پنهنجي قانونن
موجب سزا ڏيندا. 25 آءٌ پنهنجي غيرت سببان تنهنجو مخالف بڻجي
ويندس. اهي تو سان ڏاڍي سختيءَ سان پيش ايندا. اهي تنهنجو نڪ
۽ ڪن وڍي ڇڏيندا ۽ تنهنجي پٽن ۽ ڌيئرن کي قتل ڪري ڇڏيندا.
هائو، اهي تنهنجا پٽ ۽ ڌيئر تو کان کسي کين جيئرو باهہ ۾ ساڙي
ڇڏيندا. 26 اهي تنهنجا ڪپڙا لاهي ۽ تنهنجا سهڻا زيور کسي تو
کي اگهاڙو ڪري ڇڏيندا. 27 اهڙيءَ طرح آءٌ تنهنجي شهوتپرستيءَ
۽ زناڪاري جيڪا تون مصر ملڪ کان ڪندي آئي آهين، سا تو کان
بلڪل ڇڏائي ڇڏيندس، ايتري قدر جو تون وري انهن ڏانهن اکيون
کڻي بہ نہ ڏسندينءَ، نہ ئي وري مصر کي ياد ڪندينءَ.

*اهولہ: هن نالي جي عبراني ٻوليءَ ۾ معنيٰ آهي ”هن ۾ پاڪ جاءِ“.

†اهوليبہ: هن نالي جي عبراني ٻوليءَ ۾ معنيٰ آهي ”هن ۾ منهنجي پاڪ جاءِ“.

28 ياد رک، آءٌ خداوند خدا تو کي انهن جي هٿن ۾ ڏيئي ڇڏيندس،
جن کان تو کي نفرت آهي، بلڪ انهن جي هٿن ۾ جن کان تون بيزار
آهين. 29 هو بہ تو سان نفرت وارو سلوڪ ڪندا ۽ تنهنجو محنت
سان ڪمايل سمورو ڦل تو کان کسي ويندا. هو تو کي صفا اگهاڙو
ڪري ڇڏي ويندا، تڏهن تنهنجي سخت بدڪاري، شهوت‌پرستي ۽
تنهنجون زناڪاريون سيني جي اڳيان ظاهر ٿي پونديون. 30 اهي سڀ
ڳالهيون تو سان ضرور ڪيون وينديون، ڇالاءِجو تون ڪسبياڻيءَ
جيان پنهنجي يارن يعني غير قومن جي پٺيان لڳي آهين ۽ انهن جي
بتن جي پوڄا ڪندي پاڻ کي پليت ڪيو اٿيئي. 31 تون پنهنجي ڀيڻ
اهولہ يعني سامريہ جي نقشِ‌قدم تي هلندي رهي آهين، تنهنڪري
آءٌ تو کي بہ تنهنجي ڀيڻ وارو سزا جو پيالو پيئاريندس. 32 هائو،
مون خداوند خدا جو هي فرمان آهي تہ

تون پنهنجي ڀيڻ جي وڏي ۽ اونهي پيالي مان پيئندينءَ،
جيڪو منهنجي غضب سان ڀريل آهي،
۽ انهيءَ ۾ گهڻو ئي ڪجهہ سمايل آهي.
تڏهن تو تي کل ٺٺولي ڪندي تنهنجي بي‌عزتي ڪئي ويندي،
33 تون نشي ۽ ڏک سان ڀرجي ويندينءَ،
ڇالاءِجو تنهنجي ڀيڻ وارو اهو پيالو
خوفناڪ بربادي‌ءَ سان ڀريل آهي.
34 تون اهو سڄو پي ويندينءَ ۽ ذرو بہ نہ بچائيندينءَ.
بلڪ انهيءَ پيالي کي ڀڃي ڀورا ڀورا ڪري ڇڏيندينءَ،
۽ افسوس وچان انهيءَ جي ٽڪرن سان
تون پنهنجون ڇاتيون ڇڻيندينءَ.
اهو مون خداوند خدا جو فرمان آهي.

35 جيئن تہ مون خداوند خدا کي تو بلڪل وساري ڇڏيو آهي، بلڪ
پنهنجي پٺيءَ پويان اڇلائي ڇڏيو اٿيئي، تنهنڪري تو کي پنهنجي
شهوت‌پرستيءَ ۽ زناڪاريءَ جي سزا ڀوڳڻي پوندي.“

## ٻنهي ڀينرن يعني سامريہ ۽ يروشلم لاءِ سزا

36 خداوند مون کي وڌيڪ فرمايو تہ ”اي حزقي‌ايل، آدم جو اولاد!
ڇا تون ٻنهي ڀينرن اهولہ ۽ اهوليبہ خلاف فيصلو ٻڌائيندين؟ تہ پوءِ
انهن کي اهي ڪراهت جهڙا ڪم ياد ڏيار، جيڪي هنن ڪيا آهن.
37 هنن زناڪاري ۽ خونريزي ڪئي آهي. زناڪاري اها جو هنن پنهنجي
بتن جي پوڄا ڪئي آهي ۽ خونريزي اها تہ هنن مون مان ڄڻيل ٻارن
کي پنهنجي بتن آڏو قربان ڪيو تہ جيئن نذراني طور کاڌا وڃن. 38-
39 هنن نہ رڳو اهو سڀ ڪجهہ ڪيو آهي، بلڪ ساڳئي وقت هنن
منهنجي عبادت واري مقدس هيڪل کي بہ اهڙيءَ طرح پليت ڪيو
جو هنن پنهنجي ٻارن کي پنهنجي بتن تي قربان ڪرڻ کان پوءِ اهڙي
ئي حالت ۾ منهنجي عبادت واري جاءِ ۾ داخل ٿيون. ساڳئي نموني
منهنجي سبت جي ڏينهن جي بہ بي‌حرمتي ڪئي اٿائون. هاڻي ڏس،
اهڙيءَ حالت منهنجي گهر جي ٿيڻ گهرجي ڇا؟ 40 تنهن کان سواءِ
هنن قاصد موڪلي پري کان ماڻهن کي سڏايو تانتہ هو اچي ساڻن
زناڪاري ڪن. هائو ڏس، اهي اچي پهتا. تڏهن انهن ٻنهي ڀينرن
غسل ڪيو، اکين ۾ ڪجل وڌو ۽ پاڻ کي زيورن سان سينگاريائون.
41 پوءِ اهي هڪڙي عمدي پلنگ تي چڙهي ويٺيون. سندن اڳيان عمدين
شين سان سجايل هڪڙي ميز رکيل هئي. هنن انهيءَ تي منهنجي لاءِ
مخصوص ٿيل لوبان ۽ زيتون جو تيل آڻي رکيو. 42 انهن وٽ هميشہ
عام عياش ماڻهن جو ميڙ ۽ گوڙ شور هوندو هو جيڪي بيابان کان
گهرايل شرابي هئا. انهن ماڻهن ٻنهي ڀينرن کي هٿن ۾ ڪنگڻ پارايا
۽ سندن مٿي تي سهڻا تاج رکيائون. 43 تڏهن مون سوچيو تہ ڇا اهي
عياش ماڻهو بہ هنن سان زناڪاري ڪرڻ لاءِ ساڻن سمهندا، جڏهن
تہ اهي عورتون زناڪاري ڪندي ڪندي اچي پوڙهيون ٿيون آهن؟
44 تنهن هوندي بہ انهن ماڻهن ٻنهي فاحشہ ڀينرن اهولہ ۽ اهوليبہ
سان زناڪاري ڪئي، جيئن ماڻهو ڪنهن ڪڃريءَ سان ڪندا آهن.
45 پر سچار ماڻهو انهن تي اها ئي فتويٰ جاري ڪندا، جيڪا زناڪار
۽ خوني عورتن تي جاري ڪئي ويندي آهي، ڇالاءِجو بيشڪ اهي
ٻيئي زناڪار آهن ۽ سندن هٿ خون ۾ رنگيل آهن.
46 تنهنڪري هنن بابت مون خداوند خدا جو اهو ئي فرمان آهي
تہ آءٌ هنن تي هڪڙو اهڙو لشڪر چاڙهي آڻيندس، جيڪو انهن ٻنهي
کي ڌڪائي ڇڏيندو ۽ ڪين لٽيندو ڦريندو. 47 اهو لشڪر انهن کي
سنگسار ڪندو ۽ پنهنجي تلوارن سان ڪين قتل ڪري ڇڏيندو. هو
سندن پٽن ۽ ڌيئرن کي بہ ڪهي ڇڏيندا ۽ سندن گهر ساڙي رک
ڪري ڇڏيندا.
48 اهڙيءَ طرح آءٌ ملڪ مان شهوت‌پرستي جي پاڙ پٽي ڇڏيندس.
انهن ٻنهي ڀينرن اهولہ ۽ اهوليبہ کي ڏسندي ٻيون بہ سڀيئي عورتون
عبرت حاصل ڪنديون ۽ هنن وانگر بدڪاري نہ ڪنديون. 49 انهن
ٻنهي ڀينرن کي شهوت‌پرستيءَ ۽ بتن جي پوڄا وارن گناهن جي سزا
ضرور ملندي. تڏهن هر ڪو ڄاڻي وٺندو تہ آءٌ ئي خداوند خدا آهيان.“

## ديڳڙي جو مثال

24 1 اسان جي بابل ڏانهن جلاوطنيءَ جي نائين سال، ڏهين
مهيني جي ڏهين تاريخ تي خداوند وري مون کي فرمايو تہ
2 ”اي حزقي‌ايل، آدم جو اولاد! تون هيءُ ڏينهن لکي ڇڏ. هائو،
اجوڪي ڏينهن جي تاريخ لکي ڇڏ، ڇالاءِجو بلڪل *اج ئي بابل
جو بادشاهہ يروشلم شهر کي وري ٻيهر گهيرو ڪرڻ لاءِ چڙهائي

*اج ئي: اهو ڏينهن گهڻو ڪري 15 جنوري، سن 588 قبل مسيح آهي، جيڪو بابل جي بادشاهہ جي ٻهرين چڙهائيءَ کان اٺ سال ڏهہ مهينا ڏهہ ڏينهن پوءِ آهي.

2:24 2.با 25:1، ير 52:4

ڪري ٿو. 3 سو تون منهنجي باغيءَ قوم کي بابل جي بادشاهہ جي
چڙهائيءَ جي باري ۾ مون خداوند خدا جو هي پيغام مثال طور ٻڌاءِ تہ
ديڳڙو چاڙهہ.
هائو، ديڳڙي ۾ پاڻي وجهي، انهيءَ کي باهہ تي رک.
4-5 انهيءَ ۾ گوشت وجهڻ لاءِ
ڌڻ مان کي عمديون رڍون چونڊي ڪيج،
جن جي گوشت جا سٺا سٺا ٽڪرا،
يعني ران ۽ ڪلهي جا ٽڪرا،
۽ هڏين وارا چونڊ ٽڪرا گڏي ديڳڙو پري ڇڏ.
ديڳڙي جي هيٺان ڪاٺين جو ڍير ڪري ڇڏ،
۽ گوشت جي ٽڪرن کي خوب ڪاڙهہ،
ايتري قدر جو انهيءَ جون هڏيون بہ ڳري وڃن.

6 سو آءٌ خداوند خدا چوان ٿو تہ
ويل آهي انهيءَ خوني شهر يروشلم لاءِ!
يعني گندگي لڳل انهيءَ ديڳڙي لاءِ،
جنهن مان گندگي لاٿي ئي نہ ويئي آهي.
سو گوشت جا سڀيئي ٽڪرا ديڳڙي مان ڪڍي ٻاهر ڦٽو ڪر،
۽ ڪنهن بہ هڪڙي ٽڪر کي خاص سمجهي پوئتي نہ بچاءِ.
7 يروشلم جي ماڻهن شهر ۾ بي‌گناهن جو رت وهايو آهي،
بلڪ ڪليل ٽُڪرَ تي انهن رت وهايو جيڪا اجا ظاهر پئي آهي.
هنن رت کي ڍڪڻ لاءِ ڪا بہ ڪوشش نہ ڪئي آهي.
8 سو مون بہ انهيءَ رت کي ڪليل ٽَڪرَ تي رهڻ ڏنو،
انهيءَ لاءِ تہ اهو ڍڪجي نہ وڃي،
جيستائين مٿن منهنجو غضب نازل ڪيو وڃي
۽ ڪائنن بدلو ورتو وڃي.

9 آءٌ خداوند خدا انهيءَ خوني شهر کي هاڻي سزا ڏيندس،
آءٌ خود ڪاٺين جي انهيءَ ڍڳ کي اجا وڌائيندس.
10 تنهنڪري آءٌ وڌيڪ ڪاٺيون گڏ ٿو ڪريان،
باهہ جو مچ ٿو ٻاريان،
تہ جيئن گوشت چڱيءَ طرح رنڌجي وڃي،
شورو سڪي وڃي ۽ هڏيون بہ ڳري وڃن.
11 پوءِ آءٌ انهيءَ ديڳڙي کي اجا بہ ٽانڊن تي رکي ڇڏيندس،
تہ جيئن اهو وڌيڪ گرم ٿئي ۽ سندس پٽل سڙي،
۽ گندگي پگهرجي سڙي ڪپي وڃي.
12 ڇالاءِجو ڪنهن بہ طريقي سان
ان جي بدڪاريءَ واري گندگي سخت باهہ کان سواءِ
ختم ٿي نہ ٿي سگهي،
تنهنڪري اهو ديگڙو سخت باهہ تي رکيو ويو.
13 اي يروشلم وارؤ! ديڳڙي جي اها گندگي
اوهان جي گهٽي زناڪاري ۽ بدڪاري آهي.
مون اوهان کي پاڪ صاف ڪرڻ چاهيو،
تہ بہ اوهين پاڪ صاف نہ ٿيا.
هاڻي اوهين ڪڏهن بہ پنهنجي گندگيءَ کان صاف نہ ٿيندا،
جيستائين آءٌ پنهنجو قهر اوهان تي پوريءَ طرح نازل نہ ڪريان.

14 آءٌ خداوند چوان ٿو تہ اهو وقت اچي پهتو آهي ۽ آءٌ ائين ڪري
ڏيکاريندس. آءٌ اوهان يروشلم جي ماڻهن تي ڪو رحم نہ ڪندس،
نڪي آءٌ اوهان کي سزا ڏيڻ وارو ارادو بدلائيندس. اوهين پنهنجي
ڪيل گناهن جي سزا ضرور ڀوڳيندا. اهو مون خداوند خدا جو فرمان
آهي.”

## حزقي ايل جي زال جي وفات

15 خداوند مون کي فرمايو تہ 16 ”اي حزقي ايل، آدم جو اولاد!
ڏس، آءٌ هڪڙي ڌڪ سان تنهنجي دل جي پياري تو کان کسي
وٺندس، پر انهيءَ لاءِ نہ تون ڪو سوڳ ڪجانءِ ۽ نڪي روئي ڳوڙها
ڳاڙجانءِ. 17 مئل جي لاءِ آهستگيءَ سان ڀيو آهون ڀرجانءِ، روڄ راڙو
نہ ڪجانءِ، نڪي پنهنجي مٿي تان پٽڪو يا وري پيرن مان جتي لاهي
ڇڏجانءِ، نڪي ڏک ظاهر ڪرڻ لاءِ پنهنجي چهري کي ڍڪجانءِ ۽
نہ وري روئڻ پٽڻ وارن جي ڪاڌي مان ڪجهہ کائجانءِ.”
18 ٻئي ڏينهن صبح جو آءٌ هميشہ جيان گهر کان ٻاهر نڪري ماڻهن
سان ڳالهائيندو رهيس ۽ انهيءَ ئي ڏينهن شام جو منهنجي زال فوت
ٿي ويئي. تڏهن مون اهو ئي ڪجهہ ڪيو جنهن جو خداوند مون کي
حڪم ڏنو هو. 19 ٻئي ڏينهن جڏهن ماڻهن اهو سڀ ڏٺو تڏهن مون کان
پڇيائون تہ ”تون پنهنجيءَ زال لاءِ ڇو نہ ٿو روئين رڙين؟ ان مان اسين
ڇا سمجهون؟” 20 مون کين وراڻيو تہ ”مون تي خداوند جو ڪلام
نازل ٿيو آهي تہ 21 آءٌ اوهان جلاوطن بني اسرائيل وارن کي خداوند
خدا جو هي پيغام ٻڌايان تہ ’ياد رکو، منهنجو مقدس هيڪل جنهن
کي اوهين پنهنجي سلامتيءَ جو سهارو ٿا سمجهو ۽ جيڪو اوهان
جي دل جو پيارو آهي ۽ جنهن تي اوهين فخر ٿا ڪريو، تنهن کي آءٌ
پليت ڪرائي ڇڏيندس. آءٌ اوهان جي پٽن ۽ ڌيئرن کي جنگ ۾ مارائي
ڇڏيندس، جيڪي اوهان پٺيان يروشلم ۾ ڇڏي آيا آهيو. 22 پوءِ اوهين
ائين ئي ڪندا جيئن مون خداوند حزقي ايل کي حڪم ڏنو آهي. اوهين
پنهنجو ڏک ظاهر نہ ڪندا يعني اوهين پنهنجو منهن نہ ڍڪيندا ۽
نڪي روئڻ پٽڻ وارن جي مانيءَ مان ڪجهہ کائيندا. 23 اوهان جا
پٽڪا اوهان جي مٿن تي ٻڌل هوندا ۽ اوهان جون جتيون اوهان جي
پيرن ۾ هونديون. اوهين نہ روئندا ۽ نڪي رڙندا، بلڪ اوهين پنهنجي
بدڪارين جي ڪري ڳٽيءَ ۾ ڀيا ڳرندا ۽ هڪ ٻئي ڏانهن نهاري
آهون ڀيا ڀريندا. 24 سو حزقي ايل اوهان لاءِ هڪڙو نشان آهي. جڏهن
يروشلم ۾ ائين ٿيندو تڏهن اوهين بہ سڀ ڪجهہ ائين ئي ڪندا جيئن
حزقي ايل ڪيو آهي. پوءِ اوهين ڄاڻي وٺندا تہ آءٌ ئي خداوند آهيان.‘

(25) خداوند مون کي وڌيڪ فرمايو تہ ’اي حزقي ايل! ڏس، آءٌ هيڪل
کي برباد ڪري ڇڏيندس. اهو هيڪل جيڪو سندن سلامتيءَ جو
سهارو، شان وَ شوڪت، دل جو پيارو ۽ سندن فخر آهي. آءٌ انهن کان
سندن پٽ ۽ ڌيئرون بہ کسي وٺندس. (26) تڏهن ڪي ماڻهو شهر مان
بچي ويندا ۽ تو وٽ اچي پهچندا. اهي تو کي ٻڌائيندا تہ يروشلم
۾ ڇا وهيو واپريو آهي. (27) تڏهن انهيءَ ڏينهن وري تو کي ڳالهائڻ
جي سگهہ ملندي ۽ تون وڌيڪ *گونگو نہ رهندين. اهڙيءَ طرح تون
هنن لاءِ هڪڙو نشان ٿيندين ۽ پوءِ هو ڄاڻي وٺندا تہ آءٌ ئي خداوند
آهيان.‘“

## خداوند جا قومن جي خلاف تباهيءَ جا پيغام
(32:32–1:25)

### †عمونين جي خلاف پيغام

25 (1) خداوند مون کي فرمايو تہ (2) ”اي حزقي ايل، آدم جو
اولاد! عمونين ڏانهن ڌيان ڏي ۽ سندن خلاف اڳڪٿي ڪر.
(3) کين مون خداوند خدا جو هي پيغام ٻڌاءِ تہ ’اي عمونيؤ! جنهن
وقت مقدس هيڪل کي پليت ڪيو ويو، بني اسرائيل جي ملڪ کي
ويران ڪيو ويو ۽ يهوداہ وارن کي جلاوطن ڪيو ويو، تنهن وقت اوهان
”واه واه“ چئي خوشيون ملهايون. (4) تنهنڪري هاڻي آءٌ اوهان جي
ملڪ کي اڀرندي جي بيابان وارن قبيلن جي حوالي ڪري ڇڏيندس،
انهيءَ لاءِ تہ اهي اچي اوهان جي ملڪ تي قبضو ڪن ۽ اوهان جي
ملڪ ۾ پنهنجا خيما کوڙي رهي پون. اهي اوهان جي ملڪ جا ميوا
کائيندا ۽ کير پيئندا. (5) آءٌ اوهان جي گاديءَ واري شهر ربہ کي اٺن
جي چراگاهہ بڻائيندس ۽ اوهان جي سڄي عمون ملڪ کي رڍن جي
چراگاهہ ڪري ڇڏيندس. پوءِ اوهين ڄاڻي وٺندا تہ آءٌ ئي خداوند
آهيان. (6) اوهان بني اسرائيل سان ايتري تہ سخت نفرت ڏيکاري آهي
جو انهن جي ملڪ جي بربادي‌ءَ تي تاڙيون وڄائي خوشيءَ مان ٽپا
ڏنا اٿوَ ۽ دل وَ جان سان جشن ملهايا اٿوَ. (7) تنهنڪري ياد رکو، آءٌ
اوهان تي پنهنجو هٿ کڻي اوهان کي دشمنن جي حوالي ڪندس،
جيڪي اوهان کي لٽيندا ڦريندا. آءٌ اوهان کي پوريءَ طرح برباد ڪري
ڇڏيندس، ايتري قدر جو اڳتي اوهين ڪا قوم نہ رهندا، نڪي وري
اوهان جو پنهنجو ڪو ملڪ ئي رهندو. هائو، آءٌ اوهان کي ناس ڪري
ڇڏيندس، تڏهن اوهين ڄاڻي وٺندا تہ اهو سڀ ڪجهہ مون خداوند
ئي ڪيو آهي.‘“

### موآبين جي خلاف پيغام

(8) خداوند خدا وڌيڪ فرمايو تہ ”اي حزقي ايل! جيئن تہ موآب جي
ماڻهن طعنا هڻي چيو آهي تہ ’واه! يهوداہ وارا بہ تہ عام قومن
وانگر ٿي ويا آهن!‘ (9) تنهنڪري ڏس، آءٌ موآب ملڪ جي اولهہ طرف
واري سرحد دشمنن جي حملي لاءِ کولي ڇڏيندس، انهيءَ لاءِ تہ
انهيءَ سرحد جا شهر توڙي ملڪ جا ٻيا شاندار شهر بيت‌يسيموت،
بعل‌معون ۽ قريتائم بہ ناس ٿي وڃن. (10) ٻئي پاسي آءٌ موآب ملڪ
کي اڀرندي جي بيابان وارن ساڳين قبيلن جي حوالي ڪري ڇڏيندس،
جيئن عمونين کي سندن حوالي ڪندس، جن جو نالو نشان ئي قومن
۾ نہ رهندو. (11) جڏهن آءٌ موآبين کي سزا ڏيندس، تڏهن اهي ڄاڻي
وٺندا تہ آءٌ ئي خداوند آهيان.“

### ادومين جي خلاف پيغام

(12) خداوند خدا وڌيڪ فرمايو تہ ”اي حزقي ايل! ادوم جي ماڻهن
وڏي بڇڙائي ڪري يهوداہ وارن کان وير ورتو. هائو، انهن کائنئن
بدلو وٺي هڪڙو وڏو گناهہ ڪيو آهي. (13) تنهنڪري آءٌ خداوند خدا
ادومين کي بہ سزا ڏيندس ۽ انهن جي ملڪ ۾ رهندڙ هر انسان توڙي
حيوان کي ناس ڪري ڇڏيندس. آءٌ تيمان شهر کان وٺي ددان شهر
تائين انهيءَ ملڪ کي ويران ڪري ڇڏيندس ۽ ماڻهن کي جنگ ۾
مارائي ڇڏيندس. (14) آءٌ پنهنجي قوم بني اسرائيل جي هٿان ادومين
کان پنهنجو بدلو وٺندس. اهي منهنجي قهر ۽ غضب موجب ادومين
سان سلوڪ ڪندا. تڏهن ادوم وارن کي معلوم ٿي ويندو تہ منهنجو
انتقام ڇا ٿيندو آهي. اهو مون خداوند خدا جو فرمان آهي.“

### فلستين جي خلاف پيغام

(15) خداوند خدا وڌيڪ فرمايو تہ ”اي حزقي ايل! فلستين عداوت
رکندي يهوداہ وارن کان بدلو وٺڻ لاءِ هر وقت کين ناس ڪرڻ جي
ڪوشش پئي ڪئي آهي. (16) تنهنڪري هاڻي آءٌ خداوند خدا اعلان ٿو
ڪريان تہ آءٌ انهن تي حملو ڪري اتان جي سڀني ماڻهن کي ماري
ڇڏيندس. ڪريتي قبيلي کان وٺي سمنڊ جي ڪناري وارن ماڻهن
تائين، سڀئي فلستي ناس ٿي ويندا. (17) آءٌ پنهنجي سخت قهر وچان
کين سزا ڏيندس ۽ کائنئن سخت انتقام وٺندس. هائو، آءٌ جڏهن

*گونگو نہ رهندين: ڏسو 3:25–27 هنن آيتن ۾ خداوند جو حزقي ايل کي گونگو ڪرڻ بيان ڪيل آهي.

†عمون، موآب ۽ ادوم: اهي علائقا بني اسرائيل جي اسرائيل ۽ يهوداہ ملڪن جي اوڀر ۾ هئا.

7–1:25 ير 1:49–6، حز 28:21–32، عا 1:13–15، صف 2:8–11    11–8:25 يس 1:15–14:16، 25:10–12، ير 48:1–47، عا 2:1–3، صف 2:8–11
14–12:25 يس 5:34–17، 63:1–6، ير 49:7–22، حز 35:1–15، عا 1:11–12، عبد 1:14، ملا 1:2–5
17–14:25 يس 29:14–31، ير 47:1–7، يوا 3:4–8، عا 1:6–8، صف 2:4–7، زڪ 9:5–7

پنهنجو غضب نازل ڪري ڪانئن بدلو وٺندس، تڏهن اهي ڄاڻي وٺندا
ته آءٌ ئي خداوند آهيان.“

## پونوچ سمنڊ جي ٻيٽ واري شهر صور جي خلاف پيغام

26 1 اسان جي جلاوطنيءَ جي يارهين سال، *مهيني جي پهرين
تاريخ خداوند مون کي فرمايو ته 2 ”اي حزقي ايل، آدم جو
اولاد! ٻيٽ واري شهر صور جي ماڻهن يروشلم جي شڪست تي
خوشي ملهائيندي ڳايو آهي ته
’واه واه! يروشلم کي ڍاهي ڪيرايو ويو آهي!
جيڪو قومن جي واپار جو مرڪز هو،
سو ويران ٿي ويو آهي.
هاڻي اسان جو شهر صور وڌي ويندو،
ڇالاءِجو اڳتي اُنهيءَ شهر جا واپاري اسان ڏانهن ايندا.‘

3 تنهنڪري آءٌ خداوند خدا چوان ٿو ته
’ياد رک، اي صور شهر!
آءٌ تنهنجي خلاف آهيان.
آءٌ گهڻين ئي قومن کي تو تي چاڙهي آڻيندس،
۽ اهي سمنڊ جي ڇولين وانگر چڙهي تو تي حملو ڪندا.
4 اهي تنهنجا ڪوٽ ڪيرائي وجهندا،
۽ تنهنجا ٿُلهه ڍاهي ڇڏيندا.
آءٌ تنهنجو باقي بچيل ڍير به ڪٽائي ڇڏيندس،
۽ تو کي اگهاڙو ٽڪر ڪري ڇڏيندس.
5 تون سمنڊ جي وچ ۾ هڪ اهڙو ٻيٽ بڻجي ويندين،
جتي مهاڻا پنهنجا ڄار سڪائيندا.
اهو مون خداوند خدا جو فرمان آهي.

هائو، اي صور شهر!
تو کي قومون پيون لٽينديون ڦرينديون،
6 ۽ جيڪي تنهنجي سامهون سمنڊ جي ڪناري وارا ڳوٺ آهن،
تن جي رهاڪن کي به قتل ڪيو ويندو.
پوءِ تون ڄاڻي وٺندين ته آءٌ ئي خداوند آهيان.‘

7 آءٌ خداوند خدا صور شهر کي وڌيڪ چوان ٿو ته
’ياد رک، آءٌ اهو شهنشاهه، بابل جو بادشاهه نبوڪدنضر،
اتر طرفان تو تي چاڙهي آڻيندس.
سندس لشڪر ۾ گهوڙا، جنگي گهوڙي گاڏيون، گهوڙي سوار،
۽ تمام گهڻا جنگي جوڌا هوندا.
8 پهريائين اهو تنهنجي آس‌پاس
سمنڊ جي ڪناري وارن شهرن تي حملو ڪندو،
۽ اتي رهندڙ ماڻهن کي قتل ڪرائي ڇڏيندو.
پوءِ اهو تنهنجي ڪوٽ وارين ڀتين آڏو،
مٽيءَ جا دِڪا ٺهرائي مورچا اڏيندو،
۽ تو تي حملو ڪرڻ لاءِ پنهنجي لشڪر جون ڍالون
مضبوط ڀت جيان ڪٽيون ڪرائيندو.
9 هو تنهنجي ڀتين کي ڀڃڻ لاءِ مشينون بيهاريندو،
۽ پهريدارن جي ٿُلهن کي لوهي سيخن سان ڍهرائي ڇڏيندو.
10 هن وٽ ايترا ته گهڻا گهوڙا هوندا
جو انهن جي سنبن مان اڏامندڙ مٽي تو کي ڍڪي ڇڏيندي.
جيئن ماڻهو ڀت ڀڃي شهر ۾ گهڙندا آهن،
تيئن هو تنهنجي دروازن مان اندر گهڙي ايندو،
۽ سندس گهوڙي سوارن، گاڏن ۽ جنگي گهوڙي گاڏين
جي ڌڌڪي سان تنهنجون ڀتيون لڏي وينديون.
11 هن جي لشڪر جا گهوڙا
تنهنجون سڀيئي گهٽيون لتاڙي ڇڏيندا.
هن جا جنگي جوڌا تنهنجي رهاڪن کي قتل ڪري ڇڏيندا،
۽ تنهنجي مضبوط ٿنڀن کي ڍاهي ڪيرائي ڇڏيندا.
12 تنهنجا اهي دشمن تنهنجي دولت لٽيندا،
۽ واپار وارو مال ڦري کڻي ويندا.
هو تنهنجون ڀتيون ڀڃي ڇڏيندا،
۽ تنهنجا خوبصورت گهر ڍاهي ناس ڪري ڇڏيندا.
پوءِ هو تنهنجو ڪاٺ توڙي پٿر،
بلڪ تنهنجا ڍير ئي کڻي وڃي سمنڊ ۾ اڇلائي ڇڏيندا.
13 آءٌ تو ۾ ڳائڻ جو آواز بند ڪرائي ڇڏيندس،
۽ تنهنجي تار وارن سازن جو آواز اڳتي وري ٻڌڻ ۾ نه ايندو.
14 آءٌ تو کي اگهاڙو ٽڪر ڪري ڇڏيندس،
جتي مهاڻا پنهنجا ڄار سڪائيندا.
تو کي وري ڪڏهن به نه اڏيو ويندو.‘
اهو مون خداوند خدا جو فرمان آهي.“
15 خداوند خدا فرمايو ته ”اي صور شهر! جڏهن تو تي فتح حاصل
ڪئي ويندي تڏهن تو اندر جيڪا خونريزي جاري هوندي ۽ جيڪي
زخمي پيا دانهون ڪندا ۽ تڙپندا هوندا، تن جو آواز ٻڌي آس‌پاس
ٻيٽن ۽ ڪناري وارا ماڻهو ڏڪي ويندا. 16 ساموندي ملڪن جا سڀيئي
بادشاهه پنهنجن تختن تان هيٺ لهي ايندا ۽ پنهنجي شاهي قبا

*مهيني جي پهرين تاريخ: اصلي عبراني مواد ۾ مهيني جو نالو لکيل نه آهي.

26:1–28:19 يس 23:1–18، يوا 3:4–8، عا 9:1–10، زڪ 9:1–14، مت 21:11–22، لو 10:13–14 26:13 مڪا 18:22
26:16–18 مڪا 18:9–10

ءِ پرت پريل پوشاڪ لاهي ڇڏيندا. پوءِ هو ڏڪندي هيٺ خاڪ تي
ويهي رهندا. تنهنجي شڪست جي خبر ٻڌي ڪين اهڙو تہ صدمو
وٺي ويندو، جو اهي خوف وچان پيا ڏڪندا رهندا. 17 هو تو تي مرثيو
ڳائيندي چوندا تہ
'هاءِ! هاءِ! سمنڊ جي ٻيٽ وارو عظيم شهر،
ڪيئن نہ ناس ٿي ويو آهي!
جنهن جي ماڻهن جي ڪڏهن تہ
سامونڊي ڪناري تي واپاري حڪمراني هئي،
۽ آس‌پاس وارن ملڪن جو هر هڪ ماڻهو ڪانئن ڊڄندو هو.
18 پر هاڻي اهو شهر صور تباهہ وَ برباد ٿي ويو آهي،
۽ آس‌پاس ٻيٽن ۽ ڪناري وارا ماڻهو
انهيءَ جي تباهي ڏسي دهشت وچان پيا ڏڪن.

19 بيشڪ، اي صور شهر! آءٌ خداوند خدا تو کي اهڙو ويران ڪري
ڇڏيندس، جيئن ٻيا برباد ٿيل شهر. آءٌ تو تي تباهيءَ واريون سامونڊي
ڇوليون چاڙهي آڻيندس جيڪي تو کي ٻوڙي ڇڏينديون. 20 تڏهن آءٌ تو
کي هيٺ پاتال ۾ لاهي ڇڏيندس، جتي تون قديم زماني جي ماڻهن ۽
گهڻو اڳي ناس ٿي ويل شهرن سان وڃي گڏبين. تون وري ڪڏهن بہ
متي اچي آباد نہ ٿيندين ۽ جيئرن جي دنيا ۾ تو لاءِ ڪابہ جاءِ ڪانہ
هوندي. 21 آءٌ تنهنجي پڇاڙي ڏاڍي ڀيانڪ ڪندس، ايتري قدر جو
تون بلڪل نابود ٿي ويندين. ماڻهو تو کي ڏسڻ لاءِ ايندا پر تون ڪين
ڪڏهن بہ ڪونہ لڀندين.' اهو مون خداوند خدا جو فرمان آهي."

## صور شهر جي *ايندڙ بربادي‌ءَ لاءِ مرثيو

27 1 خداوند مون کي فرمايو تہ 2 "اي حزقي‌ايل، آدم جو
اولاد! تون صور شهر تي مرثيو ڳاءِ. 3 اهو صور شهر
جيڪو ٻونوچ سمنڊ جي لنگهن وٽ قائم آهي ۽ گهڻن ئي سامونڊي
ملڪن لاءِ تجارت‌گاهہ آهي، تنهن جي ايندڙ بربادي‌ءَ بابت ڪيس مون
خداوند خدا جو فرمان ٻڌاءِ تہ
'اي صور شهر! تون ٻٽاڪ هڻي چيو آهي تہ
"آءٌ حسن ۾ ڪامل آهيان."
4 بيشڪ، تون سمنڊ مٿان قائم هئين،
۽ تنهنجي اڏيندڙن تو کي خوبصورت جهاز جهڙو ٺاهيو هو.
5 هنن تنهنجا سڀ ٻاهريان تختا
حرمون جبل جي صنوبر وڻ جي ڪاٺ مان جوڙايا هئا.
تنهنجو ڪوهو جوڙڻ لاءِ
هنن لبنان مان ديال وڻ جو ڪاٺ آندو هو.
6 تنهنجا ونجهہ هنن بسن علائقي جي
شاهہ‌بلوط وڻ جي ڪاٺ مان جوڙايا هئا،
۽ هنن قبرص ٻيٽ مان شمشاد جو ڪاٺ آڻي
تنهنجا اندريان مٿيان تختا ٺاهيا هئا جن تي عاج جڙايو هئائون.
7 تنهنجو سِڙهہ
سنهي عمدي سٽيءَ جي پرت پريل ڪپڙي جو هو،
جيڪو مصر مان آندو ويو هو،
انهيءَ لاءِ تہ اهو تنهنجي واسطي جهنڊي جو ڪم ڏئي.
تنهنجو شاميانو
عمدي ڪپڙي جو ۽ آسماني ۽ واڱڻائي رنگ جو هو،
جيڪو قبرص ٻيٽ مان آندو ويو هو.
8 تنهنجا ونجهہ هلائڻ وارا
صيدا ۽ ارود شهرن جا رهاڪو هئا.
اي صور! تنهنجا پنهنجا ڏاها ماڻهو تنهنجا ناکئا هئا.
9 گِبال شهر جا تجربيڪار ماڻهو ۽ اتي جا ڏاها ماڻهو
تنهنجي سار سنڀال رکندا هئا،
۽ تو ۾ پيل سوراخن جي مرمت ڪندا هئا.
سمنڊ جا سڀ جهاز ۽ انهن جا خلاصي تو وٽ ايندا هئا،
انهيءَ لاءِ تہ تنهنجي واسطي تجارت جو ڪم ڪن.
10 فارس، لود ۽ لبيا جا ماڻهو
تنهنجي لشڪر جا بهادر سپاهي هئا.
انهن جي ڍالن ۽ جنگي ٽوپن جي ڏسڻ سان
تنهنجو شان وَ شوڪت وڌيو پئي.
11 ارود جا ماڻهو تنهنجي لشڪرن سان گڏ
چوڌاري تنهنجي پٽين تي پهرو ڏيندا هئا،
۽ گماد جا ماڻهو تنهنجي ٽُلهن تي پهرو ڏيندا هئا.
هنن چوڌاري تنهنجي پٽين تي پنهنجا هٿيار ٽنگي ڇڏيا هئا،
جنهن سان تنهنجو حسن ڪامل ٿي پيو هو.

12 تون واپار جو هڪڙو وڏو مرڪز هئين،
۽ هر طرح جي مال جي تو وٽ گهڻائي هئي.
تنهنڪري ترسيس جا واپاري تنهنجي بازارن ۾
چاندي، لوهہ، قلعي ۽ شيهو آڻي واپار ڪندا هئا.
13 توبل، مسڪ ۽ يونان وارن واپارين بہ
تو سان تجارت ٿي ڪئي.
هو واپار لاءِ ٻانها ٻانهيون ۽ پتل جا ٿانوَ تو وٽ آڻيندا هئا.
14 بيت‌تگرماه وارا تنهنجي بازارن ۾ گهوڙا ۽ خچر آڻيندا هئا.
15 رودِس جي ٻيٽ جا ماڻهو بہ تنهنجا واپاري هئا.
ان کان علاوه سامونڊي ڪناري واريون گهڻيون قومون

---

*ايندڙ بربادي‌ءَ: اها بربادي حزقي‌ايل جي دور ۾ نہ ٿي بلڪ اٽڪل اڍائي سؤ سال بعد ۾ ٿي.

21:26 مڪا 21:18

تنهنجي شين جي بدلي ۾
آبنوس جو ڪاٺ ۽ عاج تو وٽ آڻينديون هيون.
16 تو وٽ دستڪاريءَ جو بہ واپار گھڻو ٿيندو هو.
تنهنڪري ادوم وارا تو وٽ زمرد، واڱڻائي ڪپڙو،
چڪندوزي ڪم، سنهي وٽيل سٽيءَ جو عمدو ڪپڙو،
مرجان ۽ لعل آڻيندا هئا.
17 يهوداه ۽ اسرائيل ملڪن جا رهاڪو پڻ
تو سان واپار ڪندا هئا.
هو تنهنجي شين جي بدلي ۾ پنهنجي عمدي ڪڻڪ ۽ ٻيو اناج،
ماکي، زيتون جو تيل ۽ سرهاڻ تو وٽ آڻيندا هئا.
18 آران جي شهر دمشق وارا بہ
تنهنجي گھڻين ڪاريگريءَ جي شين،
۽ هر طرح جي مال جي گھڻائيءَ سبب تو سان واپار ڪندا هئا.
هو تنهنجي شين جي بدلي حلبون ڳوٺ جو شراب، اڇي پشم،
19 اوزال جي مئي جا دِرم، گھڙيل لوهہ ۽ مصالحا بہ
تنهنجي بازارن ۾ آڻيندا هئا.
20 ددان شهر جا ماڻهو گھوڙي جي پٺيءَ تي رکڻ وارا گدا آڻي
تنهنجي بازارن ۾ واپار ڪندا هئا.
21 عرب ۽ قيدار علائقن جا سڀ سردار واپار ۾ تنهنجا ساٿي هئا،
۽ رڍون ۽ ٻڪريون آڻي تو سان واپار ڪندا هئا.
22 شبا ملڪ ۽ رعماه علائقي جا واپاري
هر قسم جون عمديون خوشبودار شيون،
مختلف قسمن جا قيمتي پٿر،
۽ سون ڏيئي تنهنجو مال خريد ڪندا هئا.
23 شبا جي واپارين کان علاوه
حاران، ڪنہ، عدن، اشور ۽ ڪلمد شهرن جا واپاري پڻ
تو سان واپار ڪندا هئا.
24 اهي ڪمخواب جا عمدا ڪپڙا،
آسماني چڪندوزيءَ جي ڪم سان ڀريل جُبا،
۽ ٻيون قيمتي پوشاڪون، رنگين غاليچا ۽ مضبوط رسا
تنهنجي بازارن ۾ واپار لاءِ آڻيندا هئا.
25 ترسيس جا وڏا جهاز
تنهنجي تجارتي مال لاءِ استعمال ٿيندا هئا.

اي صور! تون سمنڊ ۾ انهيءَ جهاز جيان هئين،
جيڪو ڀاري مال سان ڀريل هجي.
26 تنهنجي ونجهہ هلائڻ وارن تو کي اونهي پاڻيءَ ۾ آندو آهي.
پر اوڀر کان گھلندڙ واءُ تو کي وچ سمنڊ ۾ ڀڃي وڌو آهي.
27 سو تنهنجو مال متاع، تنهنجو تجارت وارو سامان،
تنهنجا وانجهي توڙي ناکئان،
تنهنجي مرمت ڪندڙ توڙي مال جا سوداگر،
تو ۾ موجود سڀ جنگي جوڌا،
هائو، اهو پورو ٽولو جيڪو تو ۾ موجود هو،
سي سڀيئي تنهنجي بربادي‌ءَ واري ڏينهن سمنڊ ۾ ٻڏي ويا.
28 تنهنجي ٻڏندڙ ناکئاين جون رڙيون ٻڌندي
ڪناري وارا سڀ ماڻهو خوف وچان ڏڪن ٿا.
29 ٻين جهازن جا سڀيئي وانجهي توڙي خلاصي ۽ سمورا ناکئان
پنهنجن جهازن مان نڪري خشڪيءَ تي اچي بيٺا آهن.
30 اهي وڏي آواز سان تنهنجي اهڙي حال تي
زاروزار روئي رهيا آهن.
هنن پنهنجن مٿن ۾ خاڪ وڌي آهي،
۽ مٽيءَ ۾ ليٽڙيون پيا پائين.
31 تنهنجي ڪري هنن وار ڪوڙايا آهن،
۽ پنهنجي چيلهہ تي ڪٿا ٻڌا اٿائون.
هو تنهنجي ارمان ۾ درد وچان
روئندي رڙندي تو لاءِ ڏاڍو ماتم ٿا ڪن.

32 هو واءِويلا ڪندي تو تي هي مرثيو ڳائيندي چون ٿا تہ
”هاءِ! اي صور شهر! هاءِ! اهڙو ڪير آهي
جيئن تون سمنڊ جي وچ ۾ هڪ مناري جيان بيٺو هئين؟
33 اي صور! جڏهن تنهنجو تجارت وارو مال
سمنڊ جي رستي سان ايندو ويندو هو،
تڏهن تنهنجي انهيءَ مال سان
گھڻيون ئي قومون مالا مال ٿي ٿيون.
تو پنهنجي جهجهي دولت ۽ تجارتي مال جي گھڻائيءَ سان
دنيا جي بادشاهن کي دولتمند بڻائي ڇڏيو.
34 مگر هاڻ پاڻيءَ جي زور تو کي اونهي سمنڊ ۾ ڀڃي وڌو آهي.
سو تو سان گڏ تنهنجو تجارت وارو مال،
۽ ماڻهن جا ٽولا بہ غرق ٿي ويا آهن.“

35 آس‌پاس ٻيٽن وارا توڙي ڪناري وارا سڀيئي ماڻهو
اهو ڏسي دهلجي ويا آهن.
سندن بادشاهن کي ڏاڍو خوف وٺي ويو آهي،
۽ منهن هيڊو ٿي ويو اٿن.
36 ساري دنيا جا سوداگر تو تي افسوس وچان شوڪارا ٿا ڀرين.
تون سيني لاءِ عبرت جي نشاني بڻيو آهين،
۽ هاڻي ابد تائين تون فنا ٿي رهندين.“

---

36–25:27 مڪا 18:11–19

## صور جي بادشاهه خلاف پيغام

28 ① خداوند مون کي فرمايو تہ ② ”اي حزقي ايل، آدم جو
اولاد! صور جي بادشاهه کي مون خداوند خدا جو هيءُ
پيغام ٻڌاءِ تہ
’جيئن تہ تنهنجي دل تڪبر سان ڀرجي ويئي آهي،
تڏهن ئي تو چيو آهي تہ
”آءٌ خدا آهيان ۽ سمنڊ جي وچ ۾
پنهنجي خدائي تخت تي ويٺو آهيان.“
هائو، تون پنهنجيءَ دل ۾ پاڻ کي خدا ٿو سمجهين،
جڏهن تہ تون خدا نہ پر رڳو فاني انسان آهين.
③ تون سمجهين ٿو تہ تون *دانيال کان بہ وڌيڪ داناءُ آهين،
۽ اهڙو ڪوبہ ڳجهہ ناهي جيڪو تو کان لڪل هجي.
④ ڇالاءِجو تو پنهنجيءَ ڏاهپ ۽ سمجهہ سان
پنهنجي لاءِ مال ملڪيت هٿ ڪيو آهي،
۽ سون ۽ چانديءَ سان پنهنجا خزانا ڀري ڇڏيا اٿيئي.
⑤ وڏيءَ ڏاهپ سان واپار ڪندي تو پنهنجي دولت کي وڌايو آهي.
تنهنجي انهيءَ دولت جي ڪري
تنهنجيءَ دل ۾ ڪيڏو نہ تڪبر اچي ويو آهي!
⑥ انهيءَ ڪري آءٌ خداوند خدا تو بابت چوان ٿو تہ
جيئن تہ تون پنهنجيءَ دل ۾ پاڻ کي خدا ٿو سمجهين،
⑦ سو ياد رک، آءٌ تو تي اهڙا ڌاريا ماڻهو چاڙهي آڻيندس،
جيڪي قومن ۾ نهايت هيبتناڪ آهن.
هو تنهنجو هنرمنديءَ واري واپار سان اڏيل شاندار شهر
تباهہ وَ برباد ڪري ڇڏيندا.
⑧ اتي ئي سمنڊ جي وچ ۾،
اهي تو کي تلوار سان ماري پاتال ۾ غرق ڪري ڇڏيندا.
⑨ جڏهن تنهنجا قاتل تو آڏو اچي بيهندا
تہ پوءِ تون اڃا پاڻ کي خدا سڏائيندين؟
جڏهن تہ تنهنجا قاتل ڄاڻن ٿا تہ
تون خدا نہ بلڪ رڳو هڪڙو فاني انسان آهين.
⑩ تون ڌارين ماڻهن جي هٿان ڪتي جي موت مرندين،
ڇالاءِجو مون خداوند خدا جو تو لاءِ اهو ئي فرمان آهي.‘“

## صور جي بادشاهه لاءِ مرثيو

⑪ خداوند وڌيڪ مون کي فرمايو تہ ⑫ ”اي حزقي ايل، آدم جو
اولاد! صور جي بادشاهه لاءِ هي مرثيو ڳاءِ. هائو، چوينس تہ هن
لاءِ آءٌ خداوند خدا هيئن ٿو فرمايان تہ

’اي صور جا بادشاهہ!
تون ڪڏهن ڪماليت ۾ يڪتا ۽ حسن ۾ ڪامل هئين،
⑬ تون منهنجي باغِ عدن ۾ رهندو هئين.
هر قسم جا قيمتي پٿر تنهنجي پوشاڪ جي زينت لاءِ،
يعني لعل، پکراج ۽ هيرا، فيروزا، سليماني پٿر ۽ زبرجد،
نيلم، زمرد ۽ شبچراغ چونڊيا ويا هئا.
انهن سڀني کي سون ۾ ٻڙي جيان جڙي ٺاهي
تنهنجي پيدائش واري ڏينهن ئي تيار ڪيا ويا هئا.
⑭ مون تو کي پنهنجي پاڪ جبل تي،
چونڊيل پردار آسماني مخلوق جي حفاظت ۾ رکيو،
جتي تون آتشي پٿرن جي وچ ۾ گهمندو هئين.

⑮ بيشڪ تون پنهنجي پيدائش جي ڏينهن کان ئي
منهنجو مڪمل فرمانبردار هئين،
پر بعد ۾ تو بدڪاريءَ وارا ڪم ڪرڻ شروع ڪيا.
⑯ تون ٻين قومن سان گهڻو واپار ڪندي
ظلم سان ڀرجي ويو آهين.
هائو، ظلم ۽ بدڪاريءَ سان ڀرجي تو گناهہ ڪري وڌو.
سو مون تو کي پليت ڄاڻي پنهنجي جبل تان اڇلائي ڇڏيو،
۽ جيڪا پردار آسماني مخلوق تنهنجي حفاظت ڪندي هئي،
تنهن تو کي ڀڄائي آتشي پٿرن کان دور ڪري ڇڏيو.
⑰ تون پنهنجي حسن جي ڪري ئي مغرور ٿي وئين.
هائو، تنهنجي سونهن تنهنجي ڏاهپ کي بگاڙي ڇڏيو.
تنهنڪري ئي مون تو کي ڌرتيءَ تي اڇلائي ڇڏيو،
۽ ٻين بادشاهن جي آڏو تو کي ذليل وَ خوار ڪيو اٿم.
⑱ تو پنهنجي گهڻي بدڪاريءَ ۽ واپار ۾ بي ايمانيءَ جي ڪري،
پنهنجي مذهبي پاڪ جاين کي بہ پليت ڪري ڇڏيو آهي.
تنهنڪري مون تنهنجي شهر کي
باهہ ڏيئي ساڙي رک ڪري ڇڏيو آهي.
هاڻي جتي تنهنجو شهر اڏيل هو،
اتي هر ڪنهن کي رڳو رک ئي رک ڏسڻ ۾ ٿي اچي.
⑲ ٻين قومن مان جيڪي ماڻهو تو کي سڃاڻين ٿا،
سي تنهنجو اهو حال ڏسي دهلجي ويا آهن.
تون ٻين لاءِ عبرت جو نشان بڻجي ويو آهين،
۽ وري ابد تائين نابود ئي رهندين.‘“

*دانيال: هي ماڻهو دانيال نبي نہ آهي، پر گهڻو ڪري ڪنعاني لکتن ۾ هڪڙو شخص آهي جيڪو نيڪ زندگي گذارڻ ڪري مشهور هو.

## يونوچ سمنڊ جي ڪناري
## واري صيدا شهر جي خلاف پيغام

20 خداوند وري مون کي فرمايو تہ 21 ”اي حزقي ايل، آدم جو اولاد!
صيدا شهر ڏانهن پنهنجو رخ ڪري ان جي خلاف اڳڪٿي ڪر. 22 تون
شهر جي رهاڪن کي مون خداوند خدا جو هي پيغام ٻڌاءِ تہ
’اي صيدا وارؤ! آءٌ اوهان جي خلاف آهيان.
آءٌ اوهان کي سزا ڏيئي پنهنجو جلال ۽ پاڪيزگي ظاهر ڪندس.
هائو، ان وقت ماڻهو ڄاڻي وٺندا تہ آءٌ ئي خداوند آهيان.
23 آءٌ اوهان جي شهر ۾ وبا موڪليندس.
آءٌ هڪ قاتل لشڪر پڻ آڻيندس، جيڪو شهر ۾ هر طرف کان
حملا ڪندي گهٽين ۾ خونريزي ڪندو.
تڏهن هر ڪو ڄاڻي وٺندو تہ آءٌ ئي خداوند آهيان.‘“

## بني اسرائيل لاءِ برڪتون

24 خداوند فرمايو تہ ”جڏهن اهي اڳڪٿيون پوريون ٿينديون، تڏهن
هي قومون جيڪي بني اسرائيل جي آس‌پاس آهن ۽ جيڪي ڪائن
حقارت ٿا ڪن، سي وري ڪڏهن بہ بني اسرائيل لاءِ چڀندڙ ڪنڊو يا
ايذائيندڙ ڪانڊيرو ڪونہ رهنديون. پوءِ هر ڪو ڄاڻي وٺندو تہ خداوند
خدا آءٌ ئي آهيان.“
25 خداوند خدا وڌيڪ فرمايو تہ ”جن قومن ۾ بني اسرائيل ڪٽو
ڪٽو ٿي ويا آهن، تن مان جڏهن آءٌ کين آڻي گڏ ڪندس، تڏهن آءٌ
قومن جي روبرو هنن کان پنهنجي پاڪيزگي ظاهر ڪرائيندس. پوءِ
بني اسرائيل پنهنجي انهيءَ ملڪ ۾ رهندا، جيڪو مون پنهنجي
ٻانهي يعقوب کي عطا ڪيو هو. 26 انهيءَ ملڪ ۾ هو سلامتيءَ
سان رهندا، گهر جوڙيندا ۽ انگورن جا باغ لڳائيندا. هائو، جڏهن آءٌ
سندن آس‌پاس وارا سڀيئي ماڻهو جيڪي ڪائن حقارت ڪندا هئا، تن
کي سزا ڏيندس، تڏهن اهي امن امان ۾ پيا گذاريندا. پوءِ هو ڄاڻي
وٺندا تہ آءٌ ئي خداوند سندن خدا آهيان.“

## مصر جي خلاف ست اڳڪٿيون
(29:1–32:32)

(پهرين اڳڪٿي: مصر جي طاقت کي ختم ڪرڻ)

29 1 اسان جي جلاوطنيءَ جي ڏهين سال، ڏهين مهيني
جي ٻارهين تاريخ تي خداوند مون کي فرمايو تہ 2 ”اي
حزقي ايل، آدم جو اولاد! هاڻي تون پنهنجو رخ مصر جي بادشاهہ
فرعون ڏانهن ڪر، ۽ هن جي ۽ سندس سڄي ملڪ مصر جي خلاف
اڳڪٿي ڪر. 3 تون کيس مون خداوند خدا جو هي پيغام ٻڌاءِ تہ
’اي مصر جا بادشاهہ فرعون! تون هڪڙي وڏي اجگر بلا آهين،
جيڪو نيل نديءَ جي وهڪرن ۾ ليٽندي ٻٽاڪون ٿو هڻين تہ
”نيل ندي منهنجي آهي ۽ مون اها پنهنجي لاءِ بڻائي آهي.“
سو ياد رک، آءٌ تنهنجي خلاف آهيان.
4 آءٌ تنهنجي ڄاڙين ۾ ڪنڍيون اٽڪائيندس،
۽ تنهنجي چلرن تي تنهنجيءَ نديءَ جون مڇيون چنبڙائيندس.
جڏهن آءٌ تنهنجي دريائن مان گهلي تو کي ٻاهر ڪيندس،
تڏهن اهي سڀ مڇيون تنهنجي چلرن تي چنبڙيل هونديون.
5 آءٌ تو کي ۽ تنهنجي دريائن جي سڀني مڇين کي ماري
بيابان ۾ اڇلائي ڇڏيندس.
تون کليل ميدان ۾ پيو هوندين ۽ تو کي دفن نہ ڪيو ويندو.
آءٌ تو کي جهنگلي حيوانن ۽ پکين جو کاڄ بڻائيندس.
6 تڏهن مصر جا سڀيئي رهاڪو ڄاڻي وٺندا
تہ آءٌ ئي خداوند آهيان.

تون بني اسرائيل قوم لاءِ رڳو ڪانن جي لٺ مثل آهين،
7 ڇالاءِجو هنن جڏهن تو کي هٿ ۾ ٿي جهليو،
تڏهن تون ٽٽي ٿي پئين ۽ سندن ڪلها زخمي ڪري ٿي وڌءِ.
جيئن ڪانن جي لٺ پڇي ٽڪرا ٽڪرا ٿي وڃي ٿي،
۽ ٽيڪ ڏيڻ واري جي چيلهہ ڪمزور ٿي لڏي وڃي ٿي.
تيئن ئي جڏهن هنن تو تي ٽيڪ ٿي ڏني،
تڏهن تو هنن جي ڪا بہ مدد نہ ٿي ڪئي.

8 سو اي مصر جا بادشاهہ! ياد رک، آءٌ خداوند خدا تو تي حملي
لاءِ لشڪرن کي موڪليندس، جيڪي تنهنجي ماڻهن توڙي جانورن
کي ماري ڇڏيندا. 9 ايتري قدر جو تنهنجو ملڪ ويران ۽ اجڙيل بيابان
ٿي ويندو، تڏهن سڀيئي ڄاڻي وٺندا تہ آءٌ ئي خداوند آهيان.
جيئن تہ تو دعويٰ ڪئي آهي تہ نيل ندي تنهنجي آهي ۽ تو انهيءَ
کي بڻايو آهي، 10 تنهنڪري هاڻي ياد رک، آءٌ تنهنجي ۽ تنهنجي نيل
نديءَ جي وهڪرن جي خلاف آهيان. آءٌ مصر ملڪ کي اتر ۾ مگدال
قلعي کان وٺي ڏکڻ ۾ اسوان شهر تائين بلڪ اجا بہ اڳتي *سوڊان
جي سرحد تائين بلڪل سڃ ۽ ويران ڪري ڇڏيندس. 11 چاليهن سالن
تائين انهيءَ علائقي ۾ ڪوبہ رهڻ وارو نہ هوندو، بلڪ اتان ڪوبہ
انسان توڙي حيوان ڪونہ لنگهندو. 12 هائو، آءٌ مصر کي سڀني کان
وڌيڪ ويران ملڪ بڻائي ڇڏيندس ۽ انهيءَ جا شهر چاليهن سالن
تائين ٻين برباد ٿيل شهرن کان وڌيڪ اجڙيل رهندا. ان کان علاوه آءٌ

*سوڊان: عبرانيءَ ۾ ”ڪُوش“ لکيل آهي. انهن ڏينهن ۾ هي علائقو موجوده ايٿوپيا ۽ سوڊان ملڪن جي ڪجھ حصي تي مشتمل هو، جيڪو مصر جي ڏکڻ طرف آهي.

28:20–26 يوا 3:4–8، زڪ 9:1–2، مت 11:21–22، لو 10:13–14   29:1–32:32 يس 19:1–25، ير 46:2–26   29:6 يس 36:6

مصر جي ماڻهن کي ٻين قومن ۾ ڪٺو ڪٺو ڪري ڇڏيندس ۽ کين
دربدر ڪري ڇڏيندس.
13 چاليهن سالن جي گذرڻ کان پوءِ آءٌ خداوند خدا مصرين کي
انهن ملڪن مان موٽائي آڻيندس، جن ملڪن ۾ کين ٽيڙي پکيڙي
ڇڏيو هوم. 14 اهي وري پنهنجي وطن جي ڏاکڻي حصي جي فتروس
نالي علائقي ۾ اچي آباد ٿيندا. پر اتي سندن بادشاهت تمام ڪمزور
هوندي. 15 سندن بادشاهت ٻين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ خسيس هوندي ۽
وري ڪڏهن به ٻين قومن تي حڪومت ڪرڻ جي طاقت نه رکندي،
ڇالاءِجو آءٌ انهيءَ کي اهڙو ته پست ڪري ڇڏيندس، جو اهي وري
ڪڏهن به ٻين قومن تي حڪومت هلائي نه سگهندا. 16 بني اسرائيل
وري ڪڏهن به انهن تي نه ڀاڙيندا. حقيقت ۾ جڏهن اهي ياد ڪندا
ته مصرين سان ڇا ڇا وهيو واپريو، تڏهن مڃيندا ته هنن مصرين
ڏانهن مدد لاءِ واجهائي وڏي بڇڙائي ڪئي هئي. پوءِ هو ڄاڻي وٺندا
ته آءٌ ئي خداوند آهيان.'"

(ٻي اڳڪٿي: نبوڪدنضر جو مصر تي قبضو ڪرڻ)

17 اسان جي جلاوطنيءَ جي ستاويهين سال، پهرين مهيني جي
پهرين تاريخ تي خداوند مون کي فرمايو ته 18 "اي حزقي ايل، آدم جو
اولاد! بابل جي بادشاهه نبوڪدنضر صور شهر تي اچي حملو ڪيو ۽
گهڻي وقت تائين گهيرو ڪري ويهي رهيو. هن پنهنجي لشڪر جي
سپاهين کان ايترو ته ڳرو وزن کڻايو جو انهن جا مٿا گسي گسي گنجا
ٿي ويا ۽ سندن ڪلها ڇلجي زخمي ٿي پيا. پر انهيءَ جي باوجود به
نبوڪدنضر ۽ سندس لشڪر کي لٽ ڦر جو مال هٿ اچي نه سگهيو.
19 تنهنڪري هاڻي آءٌ خداوند خدا مصر جو ملڪ بابل جي بادشاهه
نبوڪدنضر جي حوالي ڪري ڇڏيندس. هو مصر جو قيمتي خزانو
لٽي ڦري کڻي ويندو ۽ اهو خزانو پنهنجي لشڪر کي سندن محنت
جي اجرت طور ورهائي ڏيندو. 20 آءٌ مصر جو ملڪ هن کي ۽ سندس
لشڪر کي صور جي عيوض طور ڏيندس، ڇالاءِجو سندن صور تي
حملو منهنجي مرضيءَ سان ئي هو. اهو مون خداوند خدا جو فرمان
آهي.
21 اي حزقي ايل! جنهن ڏينهن مصر ملڪ کي شڪست ملندي،
تنهن ڏينهن آءٌ بني اسرائيل قوم کي مضبوط ڪندس ۽ هنن سان
ڳالهائڻ جي تو کي طاقت عطا ڪندس. تڏهن اهي ڄاڻي وٺندا ته آءٌ
ئي خداوند آهيان."

(ٽين اڳڪٿي: خدا جو مصر تي قهر نازل ڪرڻ)

30 1 خداوند مون کي فرمايو ته 2 "اي حزقي ايل، آدم جو
اولاد! اڳڪٿي ڪندي اعلان ڪر ته آءٌ خداوند خدا هيئن ٿو
فرمايان ته
'اي مصر وارؤ! روئو ۽ رڙيون ڪريو،
ڇالاءِجو دهشت وارو ڏينهن اچي رهيو آهي.
3 هائو، مون خداوند جو اهو ڏينهن ويجهو اچي پهتو آهي،
جڏهن آءٌ اوهان کي سزا ڏيندس.
اهو هڪڙو اونداهو ۽ سڀني قومن لاءِ مصيبتن جو وقت هوندو.
4 انهيءَ ڏينهن مصر ملڪ تي تلوار اچي ڪڙڪندي،
۽ ملڪ ۾ قتلام ٿيندو.
انهيءَ جا بنياد ڊاهيا ويندا ۽ خزانا لٽيا ويندا.
بلڪ سوڊان ملڪ وارا به سخت مصيبت ۾ پئجي ويندا.
5 سوڊان، لبيا، لود، ڪُوب ۽ ٻين قومن جا ڪرايي وارا سپاهي،
بلڪ بني اسرائيل جا ڪي ماڻهو پڻ ان جنگ ۾ ماريا ويندا.
6 هائو، مصر ملڪ جا مددگار ماري ڪيرايا ويندا،
۽ مصر جي طاقت جو غرور ٽوڙيو ويندو.
آءٌ خداوند خدا چوان ٿو ته سندس سڄي ملڪ
اتر ۾ مگدال کان وٺي ڏکڻ ۾ اسوان شهر تائين
ڪيترائي ماڻهو قتل ڪيا ويندا.
7 دنيا ۾ جيڪي ملڪ ويران ٿي ويا آهن،
تن کان مصر وڌيڪ ويران ٿي ويندو.
انهيءَ جا شهر ٻين ڊٺل شهرن کان وڌيڪ اجڙي ويندا.
8 آءٌ مصر ملڪ ۾ اهڙي باهه ڀڙڪائيندس،
جو انهيءَ جا سڀ مددگار ماريا ويندا،
تڏهن سڀيئي ڄاڻي وٺندا ته آءٌ ئي خداوند آهيان.

9 جڏهن اهو ڏينهن ايندو، تڏهن آءٌ سوڊان وارن ڏانهن به
پنهنجا قاصد جهازن ۾ موڪليندس،
جيڪي مصر جي تباهيءَ جو اعلان ڪندا.
هو سمجهن ٿا ته مصر جي هجڻ سان امن وَ سلامتيءَ ۾ آهن،
پر مصر جي بربادي‌ءَ جو اعلان ٻڌي اهي ڌهلجي ويندا.
ڏسو، اهو وقت ويجهو ٿي رهيو آهي.

10-11 آءٌ خداوند خدا بابل جي بادشاهه نبوڪدنضر جو لشڪر،
جيڪو ٻين قومن کان وڌيڪ هيبتناڪ آهي،
تنهن کي مصر ملڪ جي تباهيءَ لاءِ موڪليندس.
اهي پنهنجون تلوارون ڪڍي
مصر جي ڪيترن ئي ماڻهن کي نابود ڪري ڇڏيندا،
۽ هر هنڌ لاشن جا ڍير لڳائي ڇڏيندا.
12 آءٌ نيل نديءَ کي سڪائي ڇڏيندس،
۽ ملڪ بڇڙن ماڻهن جي حوالي ڪري ڇڏيندس.
آءٌ ملڪ کي توڙي انهيءَ ۾ جيڪي ڪجهه آهي،
سو سڀ ڌارين کان ويران ڪرائي ڇڏيندس.
اهو مون خداوند جو فرمان آهي.'"
13-16 خداوند خدا فرمايو ته
"آءٌ مصر ۾ اهڙي باهه ڀڙڪائيندس،

جو سڄي ملڪ ۾ دهشت ڦهلجي ويندي،
۽ ملڪ جو ڪوبہ حڪمران باقي نہ رهندو.
آءٌ مصر جي وڏي شهر نوف تي روز روشن مصيبت آڻيندس،
هائو،انهيءَ کي بتن ۽ مورتين سميت نابود ڪري ڇڏيندس.
آءٌ فتروس جو علائقو اجاڙي ڇڏيندس،
۽ ضعن شهر ۾ باهہ لڳائي ڇڏيندس.
آءٌ وڏي شهر نوآمون کي بہ سزا ڏيندس،
انهيءَ جو قلعو ڀڃي ڇڏيندس،
۽ اتان جي ماڻهن کي قتل ڪرائي ڇڏيندس.
سين شهر جيڪو مصر جو مضبوط قلعو آهي،
تنهن تي آءٌ پنهنجو قهر نازل ڪري
اتان جي ماڻهن کي وڏي مصيبت ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندس.
17 آون ۽ فيبست شهرن جا نوجوان
تلوار جي ڌار سان قتل ڪيا ويندا،
۽ ٻنهي شهرن جي باقي بچيل ماڻهن کي

آءٌ قيد ڪرائي جلاوطن ڪري ڇڏيندس.
18 جڏهن آءٌ تحفنحيس شهر ۾
مصر جي حڪمرانيءَ جي ڀاڃاري ڀڃي ڇڏيندس،
تڏهن انهيءَ جو طاقت وارو فخر مٽجي ويندو،
۽ سندس رهاڪو قيد ڪري جلاوطن ڪيا ويندا.
ان وقت تحفنحيس شهر تي ڏينهن اونداهو ٿي ويندو،
بلڪ سڄي ملڪ تي اونداهہ ڪڪر ڇانئجي ويندا.
19 اهڙيءَ طرح آءٌ مصر ملڪ کي سزا ڏيندس.
پوءِ اهي ڄاڻي وٺندا تہ آءٌ ئي خداوند آهيان.“

(چوٿين اڳڪٿي: مصر جي بادشاهہ جون ٻانهون ڀڃڻ)

20 اسان جي جلاوطنيءَ جي يارهين سال، پهرين مهيني جي ستين
تاريخ تي خداوند مون کي فرمايو تہ 21 ”اي حزقي‌ايل، آدم جو اولاد!
مون مصر جي بادشاهہ فرعون کي شڪست ڏني آهي. هائو، مون
هن جي ٻانهن ڀڃي ڇڏي آهي. ڏس، هاڻي ڪوبہ ناهي جيڪو سندس
ٻانهن کي جوڙي ملم پٽي ڪري ۽ پٽيون ٻڌيس، تہ جيئن اها وري
تلوار جهلڻ جهڙي طاقت وٺي. 22 سو هاڻي آءٌ خداوند خدا چوان ٿو تہ
ڏس، آءٌ مصر جي بادشاهہ جي خلاف آهيان. آءٌ سندس ٻيئي ٻانهون،
يعني جيڪا سڄي اٿس سا بہ ۽ جيڪا اڳي ئي ڀڳل اٿس، تنهن کي
بہ وري ڀڃي ڇڏيندس. آءٌ سندس هٿ مان تلوار ڪيرائي وجهندس
تہ جيئن هو اڳتي جنگ ڪرڻ جي لائق نہ رهي. 23 مصرين کي آءٌ
ٻين قومن ۾ ڪٽو ڪٽو ڪري ڇڏيندس ۽ ڪين دربدر ڪري ڇڏيندس.
24 آءٌ بابل جي بادشاهہ جون ٻانهون مضبوط ڪندس ۽ پنهنجي
تلوار سندس هٿ ۾ ڏيندس. پر فرعون جون ٻانهون آءٌ ڀڃي ڇڏيندس،
ايتري قدر جو هو پنهنجي دشمن جي اڳيان ائين دانهون ڪوڪون
ڪندو جيئن ڪو زخمي مرڻ جي ويجهو هوندي دانهون ڪندو آهي.
25 بيشڪ جڏهن آءٌ کيس ڪمزور ڪندس ۽ بابل جي بادشاهہ جون
ٻانهون مضبوط ڪري سندس هٿ ۾ پنهنجي تلوار ڏيندس، تڏهن
اهو مصر ۾ قتلام ڪندو. 26 پوءِ آءٌ مصرين کي ٻين قومن ۾ ڪٽو
ڪٽو ڪري ڇڏيندس ۽ ڪين دربدر ڪري ڇڏيندس. تڏهن سڀيئي ڄاڻي
وٺندا تہ آءٌ ئي خداوند آهيان.“

(پنجين اڳڪٿي: مصر ديال جي وڻ مثل)

31 1 جلاوطنيءَ جي يارهين سال، ٽئين مهيني جي پهرين تاريخ
تي خداوند مون کي فرمايو تہ 2 ”اي حزقي‌ايل، آدم جو
اولاد! تون مصر جي بادشاهہ فرعون ۽ سندس ماڻهن کي منهنجو
هي پيغام ٻڌاءِ تہ
‘اي مصر وارؤ! اوهين ڪيترا نہ زورآور آهيو!
آءٌ اوهان کي ڪنهن سان ڀيٽيان؟
3 ڏسو، اوهين لبناني ديال جي انهيءَ وڻ وانگر آهيو
جنهن جون ٽاريون تمام سهڻيون هيون،
جن جي ڪري اهو ڏاڍي ڇانوَ ڪندڙ هو.
انهيءَ جو قد ايڏو تہ وڏو هو
جو سندس چوٽي وڃي آسمان سان ٿي لڳي.
4 انهيءَ کي ايترو تہ جهجهو پاڻي ٿي مليو،
جو اهو اونهي پاڙ هڻي وڏو ٿي ويو.
جنهن جاءِ تي اهو لڳايو ويو هو،
تنهن جي چوڌاري نهرون ٿي وهيون.
سندس پرسان جيڪي نهريون وهي رهيون هيون،
تن ٻيلي جي ٻين وڻن کي بہ سيراب ٿي ڪيو.
5 جهجهي پاڻيءَ ملڻ ڪري
اهو ديال جو وڻ ٻيلي جي سيني وڻن کان قد ۾ وڏي ويو،
۽ سندس ٽاريون ٿلهيون ۽ ڊگهيون ٿي ويون.
6 سيني پکين انهيءَ جي ٽارين ۾ اچي پنهنجا آکيرا ٺاهيا،
سيني جهنگلي جانورن بہ ٽارين هيٺ اچي پنهنجا ٻچا ڄڻيا،
۽ سڀيئي قومون اچي ان مضبوط وڻ جي ڇانوَ ۾ رهڻ لڳيون.

7 اهڙيءَ طرح اهو وڻ پنهنجي بلنديءَ،
۽ ڊگهين ٽارين جي ڪري ڏاڍو سهڻو ٿي لڳو،
ڇالاءِ جو انهيءَ جون پاڙون پاڻيءَ جي بلڪل ويجهو هيون.
8 مون خدا جي باغ وارا ديال جا وڻ بہ

---

31:8 پيد 2:9

انهيءَ وڻ جهڙا نہ هئا.
سِرو ۽ شاهبلوط جا وڻ بہ ان جي ٽارين کان ننڍا هئا.
مطلب تہ منهنجي باغِ عدن جا وڻ بہ
انهيءَ جهڙا خوبصورت نہ هئا.
9 مون ٽارين جي گهاٽائيءَ جي وسيلي
انهيءَ کي ايترو تہ سهڻو بڻايو هو،
جو منهنجي باغِ عدن ۾ جيڪي بہ وڻ هئا،
تن سڀني انهيءَ سان ريس ٿي ڪئي.

10 سو هاڻي آءٌ خداوند خدا اوهان کي انهيءَ وڻ جي مستقبل جي
باري ۾ ٻڌايان ٿو. جيئن تہ اهو نهايت قداور ٿي ويو آهي ۽ پنهنجي
چوٽي وچي آسمان تائين پهچائي ڇڏي اٿائين، تنهنڪري انهيءَ جي
دل ۾ تڪبر اچي ويو آهي. 11 انهي بدڪاريءَ جي ڪري آءٌ ڪيس
ڪڍي ڇڏيندس ۽ ٻين قومن مان هڪڙي زورآور حاڪم جي حوالي
ڪري ڇڏيندس. اهو ئي ساڻس مناسب هلت ڪندو. 12 انهيءَ حاڪم
جا ماڻهو ٻين قومن کان وڌيڪ هيبتناڪ آهن جيڪي انهيءَ وڻ کي
وڍي هيٺ اڇلائي ڇڏيندا ۽ سندس ٽاريون جبلن تي ۽ سڀني ماٿرين
جي مٿان ڪري پونديون. ان وڻ جا ڏار ملڪ جي سڀني نهرن جي
پرسان ڀڳا ويندا ۽ روءِزمين جون سموريون قومون انهيءَ جي ڇانوَ
مان نڪري ڪيس ڇڏي هليون وينديون. 13 پوءِ سڀئي پکي انهيءَ
ڪريل وڻ تي اچي ويهندا ۽ سڀئي جهنگلي جانور انهيءَ جي ٽارين
جي مٿان پيا گهمندا. 14 اهو سڀ ڪجهہ انهن ٻين قومن لاءِ اهڙي
تاڪيد ٿيندو جيڪي جهجهي پاڻيءَ جي پرسان بيٺل وڻ مثل آهن تہ
جيئن اهي مغرور ٿي پنهنجي چوٽي آسمان تائين بلند نہ ڪن. هائو،
پاڻيءَ تي پرورش وٺندڙ ڪوبہ وڻ پنهنجي بلنديءَ تي وڏائي نہ ڪري،
ڇالاءِجو هر ڪنهن کي ضرور مرڻو آهي. سڀ بني آدم فاني آهن ۽
پاتال ۾ وڃي پوندا آهن. سو اهي بہ مري وڃي قبر ۾ پوندا.
15 جنهن ڏينهن اهو وڻ جيڪو مصر جي مثل آهي هيٺ پاتال ۾
ڪيرايو ويندو، تنهن ڏينهن آءٌ خداوند خدا دنيا ۾ ماتم وجهندس.
هائو، آءٌ انهيءَ کي اونهي پاڻيءَ ۾ ٻوڙي ڇڏيندس. آءٌ ندين کي
روڪي ڇڏيندس ۽ پاڻيءَ جو وهڪرو بيهاري ڇڏيندس. ان وڻ جي
ڪرڻ ڪري آءٌ لبنان جي جبلن تي اونداهي نازل ڪندس ۽ ٻيلي جا سڀ
وڻ سڪي سڙي ويندا. 16 جڏهن آءٌ هن کي ٻين فاني انسانن جيان پاتال
۾ اڇلائي ڇڏيندس، تڏهن هن جي ڪرڻ جي ڌڏڪي جي آواز سان
قومون ڪنبي وينديون. اتي پاتال ۾ *باغ عدن جا سڀئي وڻ ۽ لبنان
جا چونڊيل ۽ تمام چڱا وڻ جيڪي اڳي پاڻيءَ تي پلندا هئا، سي سڀ
هن جي پاتال ۾ اچي پوڻ تي خوش ٿيندا. 17 جيڪي قومون انهيءَ وڻ
جي ڇانوَ هيٺ رهنديون هيون، سي بہ ساڻس گڏ هيٺ پاتال ۾ اچي
پونديون ۽ انهن سان گڏ رهنديون جيڪي تلوار سان ماريا ويا هئا.
18 سو اي مصر جا بادشاهہ! اهي سڀ ڳالهيون تو سان ۽ تنهنجي
ماڻهن سان ٿينديون. تون ڪنهن وقت باغِ عدن جي سڀني وڻن کان
وڌيڪ بلند ۽ مضبوط وڻ هئين، پر هاڻي تون عدن جي باغ وارن
وڻن سان گڏ پاتال ۾ لاٿو ويندين. هائو، تون اڻطهريلن ۽ تلوار سان
ماريلن سان گڏ وڃي پوندين. اهو مون خداوند جو فرمان آهي.‘”

(ڇهين اڳڪٿي: مصر جو بادشاهہ هڪڙي اجگر بلا مثل)

32 1 جلاوطنيءَ جي ٻارهين سال، ٻارهين مهيني جي پهرين
تاريخ تي خداوند مون کي فرمايو تہ 2 ”اي حزقي ايل، آدم
جو اولاد! مصر جي بادشاهہ لاءِ تون هي مرثيو پڙهندي منهنجي
طرفان ڪيس پيغام ڏي تہ
’اي فرعون! تون پنهنجو پاڻ کي قومن منجهہ
هڪڙي شينهن مثل ٿو سمجهين،
پر تون نيل نديءَ جي هڪڙي اجگر بلا مثل آهين،
جيڪا ندين ۾ پيئي ٿاڦوڙا هڻي.
تون ندين جي پاڻيءَ کي پيرن سان ولوڙي ميرو ٿو ڪرين.
3 سو ٻڌي ڇڏ تہ
آءٌ خداوند خدا تو تي پنهنجو ڄار اڇلائي تو کي ڦاسائيندس.
پوءِ ٻين قومن هٿان تو کي گهلائي ڪناري تي ڪڍي آڻيندس.
4 آءٌ تو کي خشڪيءَ تي آڻي مارائي ڇڏيندس،
۽ تنهنجو لاش ڪليل ميدان تي اڇلائي ڇڏيندس.
پوءِ آءٌ سڀئي پکي ۽ جانور تو تي ڇڏيندس،
جيڪي سڀ تنهنجو ماس کائي ڍءُ ڪندا.
5 آءٌ تنهنجي باقي بچيل ڳريل سڙيل ڍونڍ سان
جبلن ۽ ماٿرين کي ڀري ڇڏيندس.
6 تنهنجي ملڪ جي سڄي ڌرتيءَ کي ويندي جبلن تائين
آءٌ تنهنجي رت جو ريج ڏيئي ڇڏيندس،
۽ ان جون سڀ نهرون تنهنجي خون سان ڀريل پيون وهنديون.
7 جڏهن آءٌ تو کي نابود ڪندس،
تڏهن آسمان کي ڪڪرن سان ڍڪي ڇڏيندس.
هائو، آءٌ تارن جي روشنيءَ کي ڍڪي ڇڏيندس،
سج بہ ڪڪرن سان ڍڪجي ويندو،
۽ ڏسندي ڏسندي چنڊ جي روشنائي بہ نظر نہ ايندي.
8 آءٌ آسمان جي سڀني چمڪندڙ تارن کي
تو مٿان اونداهو ڪري ڇڏيندس.
هائو، آءٌ تنهنجي ملڪ تي اونداهي آڻيندس.

*باغِ عدن ۽ لبنان جا وڻ: انهيءَ مان مراد اهي قومون آهن جيڪي اڳ ۾ پاتال ۾ پيل آهن.

7:32 يس 10:13، مت 29:24، مر 13:24–25، لو 25:21، مڪا 12:6–13، 12:8

اهو مون خداوند خدا جو فرمان آهي.

9 جڏهن آءٌ تنهنجي برباديءَ جو
تنهنجي اڻڏٺل ملڪن ۾ اعلان ڪرائيندس،
تڏهن تنهنجو حال ٻڌي گهڻين قومن کي هيبت وٺي ويندي.
10 جڏهن آءٌ انهن جي آڏو تو تي پنهنجي تلوار چمڪائيندس،
تڏهن گهڻيون ئي قومون تو تي حيران ٿي وينديون،
بلڪ سندن بادشاهن جي به لونءَ ڪانڊارجي ويندي.
هائو، اهي تنهنجي ڪِرڻ واري ڏينهن تي
هر گهڙيءَ پيا ڏڪندا ۽ ڪنبندا،
متان انهن کي به نه قتل ڪيو وڃي.

11 اي مصر جا بادشاهه! هن پيغام جو مطلب سمجهي وٺ.
آءٌ خداوند خدا بابل جي بادشاهه کي تو مٿان چاڙهي آڻيندس.
12 آءٌ تنهنجي لشڪر کي اهڙن زورآورن جي هٿان مارائيندس،
جيڪي سڀني قومن کان وڌيڪ هيبتناڪ آهن.
اهي تنهنجي ملڪ جي مغروريءَ کي ٽوڙي ڇڏيندا،
۽ تنهنجي لشڪر کي نيست وَ نابود ڪري ڇڏيندا.
13 آءٌ تنهنجي نهرن جي پرسان
چرندڙ ڍورن ڍڳن کي ڪهائي ڇڏيندس.
پوءِ نه ڪنهن انسان جو پير،
۽ نه وري ڪنهن جانور جو کُر پاڻيءَ کي ميرو ڪندو.
14 تڏهن نهرن جو پاڻي صاف ٿي ويندو،
۽ درياءَ مائا ٿي وهندا.
اهو مون خداوند خدا جو فرمان آهي.
15 جڏهن آءٌ مصر کي ويران ۽ سنسان ڪندس،
۽ اتي رهڻ وارن کي فنا ڪري ڇڏيندس،
تڏهن هر ڪو ڄاڻي وٺندو ته آءٌ ئي خداوند آهيان.

16 اهو ئي مرثيو آهي جنهن سان ماتم ڪيو ويندو.
هائو، ٻين قومن جون عورتون مصر،
ٽوڙي ان جي سڀني رهاڪن جي موت تي
اهو مرثيو چوندي ماتم ڪنديون.
اهو مون خداوند خدا جو فرمان آهي.''

(ستين اڳڪٿي: مصر جي دردناڪ پڇاڙي)

17 جلاوطنيءَ جي ٻارهين سال، پهرين مهيني جي پندرهين تاريخ
تي خداوند مون کي فرمايو ته 18 ''اي حزقي‌ايل، آدم جو اولاد! تون
مصر وارن لاءِ واءِويلا ڪر، ڇالاءِجو آءٌ انهيءَ پيغام وسيلي ڪين
طاقتور ماڻهن سان گڏ ماري پاتال ۾ اڇلائيندس جتي هو مئلن سان
گڏ هوندا. 19 تون کين چئُه ته

'اي پاڻ کي ٻين کان وڌيڪ حسين سمجهندڙ مصر وارؤ!
اوهين هاڻي پاتال ۾ اڻطهريلن سان گڏ وڃي پوندا.
20 اهو طئي ٿيل آهي ته اوهان کي به
ٻين قتل ٿيلن وانگر جنگ ۾ قتل ڪيو ويندو.
اوهان سڀني کي قتل ڪرڻ جي لاءِ تلوار تيار آهي.
21 بهادر فوجي سالار ۽ اوهان جون اتحادي قومون
جيڪي اڳي جنگ ۾ مارجي وڃي پاتال ۾ پيون آهن،
سي اوهان جو وڏو آڌرڀاءُ ڪري چونديون ته
''واه واه! هي به اڻطهريلن
۽ قتل ٿي ويلن سان گڏ اچي پاتال ۾ پيا آهن.'''

22-23 اشور جو بادشاهه به اتي پاتال ۾ آهي ۽ سندس سپاهين جون
قبرون انهيءَ جي چوڌاري آهن. اهي ڪڏهن ته جيئرن جي دنيا ۾
دهشت ڦهلائي ڇڏيندا هئا، پر هاڻي اهي سڀ پاڻ جنگ ۾ مارجي
ويا آهن ۽ پاتال جي تري ۾ وڃي پيا آهن.
24-25 عيلام جو بادشاهه به اتي آهي ۽ سندس سپاهين جون قبرون
به انهيءَ جي چوڌاري آهن. اهي پنهنجي دشمنن ۾ دهشت ڦهلائي
ڇڏيندا هئا. پر هاڻي اهي اڻطهريل جي حالت ۾ پاتال جي تري ۾
وڃي پيا آهن ۽ جنگ ۾ قتل ٿي ويلن سان گڏ ذليل وَ خوار آهن.
26 مسڪتوبل جو بادشاهه به اتي آهي ۽ سندس سپاهين جون
قبرون به سندس چوڌاري آهن. اهي سڀيئي اڻطهريل دنيا ۾ دهشت
ڦهلائيندا هئا، پر هاڻي جنگ ۾ مارجي وڃي پاتال ۾ پيا آهن. 27 هنن
کي پراڻي زماني جي بهادرن وانگر عزت ۽ احترام سان نه دفنايو
ويو. انهن بهادرن کي سندن جنگي هٿيارن سان دفنايو ويندو هو.
سندن تلوارون سندن مٿن هيٺان ۽ ڍالون سندن سيني مٿان رکيون
وينديون هيون، ڇالاءِجو اهي دنيا ۾ پنهنجي بهادريءَ سبب دهشت
جو باعث هئا.
28 سو مصرين کي به ڇٽيو ويندو ۽ انهن کي به جنگ ۾ ماريل
ٻين اڻطهريلن سان گڏ پاتال جي تري ۾ وڌو ويندو.
29 ادوم جا بادشاهه ۽ امير به ٻين قتل ٿيلن وانگر اتي پاتال ۾
وڌا ويندا. اهي طاقتور هئڻ جي باوجود جنگ ۾ ماريا ويندا ۽ ٻين
اڻطهريلن سان گڏ هوندا. 30 اتر جا سڀيئي حاڪم ٽوڙي سڀيئي
صيدوني پڻ پاتال ۾ وڌا ويندا. ڏهڪاءُ وجهندڙ هئڻ جي باوجود اهي
اڻطهريل به اتي وڃي پوندا. هو ٻين جنگ ۾ مارجي ويلن سان گڏ
ذليل وَ خوار هوندا. 31 جڏهن مصر جو بادشاهه فرعون پاتال ۾ انهن
سڀني کي اتي پوندي ڏسندو، تڏهن ڪيس پنهنجي ۽ پنهنجي لشڪر
جي باري ۾ اها تسلي ٿيندي ته نه رڳو اهي ئي جنگ ۾ قتل ٿي
وڃي پاتال ۾ پيا آهن، پر ٻين سان به ائين ئي ٿيو آهي.
32 ڪنهن زماني ۾ مون خداوند ئي فرعون جي هٿان سڄي جهان
جي ماڻهن ۾ ڏهڪاءُ وڌو هو. پر هاڻي هو ۽ سندس لشڪر وارا قتل

ڪيا ويندا ۽ ڪين اڻطهريلن ۽ ٻين جنگ ۾ مارجي ويلن سان گڏ
پاتال ۾ وڌو ويندو. اهو مون خداوند خدا جو فرمان آهي.“

## خداوند جو پنهنجيءَ قوم سان واعدو
(29:39–1:33)

## خدا جو حزقي ايل کي نگهبان مقرر ڪرڻ
(حزقي ايل 3:16–21)

33 1 خداوند مون کي فرمايو ته 2 ”اي حزقي ايل، آدم جو
اولاد! پنهنجي قوم جي ماڻهن کي ٻڌائي ڇڏ ته فرض
ڪريو ته آءٌ خداوند ڪنهن ملڪ تي سندن دشمن چاڙهي آڻيان، ۽
انهيءَ ملڪ وارا پاڻ منجهان ڪنهن ماڻهوءَ کي پنهنجو نگهبان
مقرر ڪن. 3 پوءِ اهو نگهبان جڏهن دشمنن کي ويجهو ايندي ڏسندو
تڏهن ماڻهن کي خبردار ڪرڻ لاءِ نفيل وڄائيندو. 4 جيڪڏهن ڪو
ماڻهو انهيءَ نفيل جو آواز ٻڌي خبردار نه ٿئي ۽ دشمن اچي ڪيس
قتل ڪري ڇڏين ته اهو پنهنجي قتل جو پاڻ ذميوار هوندو. 5 جيڪو
نفيل جو آواز ٻڌي به هوشيار نه ٿيو، تنهن جو خون سندس ئي سر
تي هوندو. پر جيڪڏهن هو هوشيار ٿئي ها ته پنهنجي جان بچائي
وٺي ها. 6 پر فرض ڪريو ته انهيءَ نگهباني ڪندڙ شخص دشمنن
کي ايندو ڏسي نفيل نه وڄائي ۽ ماڻهن کي خبردار نه ڪيو. پوءِ
جيڪڏهن دشمنن اچي انهن مان ڪنهن هڪ کي به قتل ڪري ڇڏيو،
توڙي جو اهو پنهنجي بدڪاريءَ جي ڪري قتل ٿيو، تنهن هوندي به
آءٌ خداوند انهيءَ جي خون جو ذميوار انهيءَ نگهبان کي ٺهرائيندس.
7 هاڻي اي حزقي ايل! مون تو کي بني اسرائيل قوم جو نگهبان
بڻايو آهي. سو جيڪي آءٌ چوان ٿو سو ٻڌ ۽ منهنجي طرفان هنن کي
خبردار ڪر. 8 جيڪڏهن آءٌ بدڪارن لاءِ چوان ته اهي پنهنجي گناهن
جي ڪري ضرور مرندا، تڏهن ضروري آهي ته تون انهن کي خبردار
ڪر ته جيئن هو گناهن واري راهه کان هٽي وڃن. پر جيڪڏهن تون
انهن کي خبردار نه ڪندين ته پوءِ انهن جي موت جي ذميواري
تنهنجي مٿان هوندي. 9 جيڪڏهن تو انهن بدڪار ماڻهن کي خبردار
ڪيو ته جيئن اهي بڇڙائيءَ کان توبهه‌تائب ٿين، پر اهي توبهه‌تائب
نه ٿيا ته اهي پنهنجي بدڪاريءَ جي ڪري ماريا ويندا، مگر تنهنجي
جان بچي ويندي.“

## انفرادي ذميواري

10 خداوند مون کي فرمايو ته ”اي حزقي ايل، آدم جو اولاد! بني
اسرائيل قوم وارا شڪايت ٿا ڪن ته ’اسان جي گناهن جي مليل سزا
اسان جي برداشت ڪرڻ کان ٻاهر آهي. اسان کي بچي وڃڻ جي ڪا
اميد نه رهي آهي.‘ 11 سو تون کين ٻڌائي ڇڏ ته آءٌ خداوند جيئرو
خدا پنهنجو قسم کڻي چوان ٿو ته مون کي بدڪارن جي موت مان
ڪا خوشي حاصل نه ٿي ٿئي، بلڪ مون کي انهيءَ ڳالهه مان خوشي
ٿئي ٿي ته اهي پنهنجي بڇڙاين کان باز اچن ۽ جيئرا رهن. سو اي
بني اسرائيل! توبهه ڪريو. هائو، مون آڏو توبهه‌تائب ٿيو ۽ پنهنجي
بڇڙاين کان باز اچو. ڀلا اوهين مرڻ ڇو ٿا گهرو؟
12 اي حزقي ايل! پنهنجي قوم جي ماڻهن کي ٻڌائي ڇڏ ته
جيڪڏهن سچار ڦري وڃي بدڪاريءَ وارو ڪم ڪن ته سندن اڳين
سچائي کين سزا کان بچائي نه سگهندي. وري بدڪار ماڻهو جڏهن
پنهنجي بڇڙائيءَ کان توبهه‌تائب ٿيندو ته سندس اڳي واري بدڪاري
هن جي موت جو سبب نه بڻبي. پر سچار ماڻهو جڏهن ڦري وڃي
گناهه ڪرڻ لڳندو ته جيئرو نه رهندو. 13 فرض ڪريو ته آءٌ سچار
ماڻهوءَ کي چوان ته ’تون ضرور جيئرو رهندين،‘ پر پوءِ هو پنهنجي
انهيءَ سچائيءَ تي ئي ناز ڪندي گناهه ڪرڻ شروع ڪري ٿو.
تڏهن انهيءَ جا سچائيءَ وارا سمورا ڪم وساريا ويندا ۽ هو انهيءَ
بدڪاريءَ واري ڪم جي ڪري ضرور مرندو. 14 وري فرض ڪريو
ته آءٌ ڪنهن بدڪار کي چوان ته ’تون ضرور مرندين،‘ پر پوءِ هو
پنهنجي گناهن کان توبهه‌تائب ٿي عدل ۽ انصاف موجب زندگي
گذاري ٿو. 15 مثال طور اهو بدڪار پاڻ وٽ گروي رکيل شيون موٽائي
ڏئي ٿو ۽ چورايل مال مالڪن کي موٽائي ڏئي ٿو. هائو، جيڪڏهن
بدڪار گناهه جي ڪمن کان ڌڪي ڪري باز اچي ٿو ۽ منهنجي شريعت
تي ٿو هلي ته اهو مرندو نه، بلڪ ضرور جيئرو رهندو. 16 جيڪي به
گناهه هن اڳ ۾ ڪيا هوندا، سي سڀ آءٌ کيس معاف ڪري ڇڏيندس
۽ کيس جيئرو رکندس، ڇالاءِجو هن حق ۽ سچ جو رستو اختيار ڪيو
آهي.
17 اي حزقي ايل! انهيءَ جي باوجود تنهنجا ماڻهو چون ٿا ته
’پروردگار جيڪي ڪجهه اسان سان ڪري ٿو سو درست نه آهي.‘
جڏهن ته هو پاڻ صحيح رستي کان هٽي ويا آهن. 18 جيڪڏهن ڪو
سچار ماڻهو پنهنجي سچائيءَ کان ڦري وڃي ٿو ۽ گناهه ڪرڻ لڳي
ٿو، تڏهن پنهنجي گناهن جي ڪري هو ضرور مرندو. 19 جيڪڏهن ڪو
بدڪار ماڻهو پنهنجي بدڪارين کي ڇڏي حق ۽ سچ جو رستو اختيار
ڪري ٿو، تڏهن هو پنهنجي نيڪ ڪمن ڪري ضرور جيئرو رهندو.
20 انهيءَ جي باوجود بني اسرائيل چون ٿا ته ’پروردگار جيڪي ڪجهه
اسان سان ڪري ٿو سو درست نه آهي.‘ سو اي حزقي ايل! کين ٻڌائي
ڇڏ ته اهي جيڪي ڪجهه ڪن ٿا تنهن موجب آءٌ کين اجر ڏيندس.“

## يروشلم تي قبضي جي خبر

21 اسان جي جلاوطنيءَ جي ٻارهين سال، ڏهين مهيني جي پنجين
تاريخ تي مون وٽ هڪڙو ماڻهو آيو جيڪو يروشلم کان ڀڄي نڪتو

15:33 شر 10:24–13    21:33 2.با 25:3–10، ير 39:2–8، 52:4–14

هو، تنهن مون کي ٻڌايو تہ شهر تي بابل وارن جو قبضو ٿي ويو
آهي. 22 انهيءَ ماڻهوءَ جي اچڻ کان هڪ ڏينهن اڳ شام جي وقت
مون تي خداوند جي قدرت وڏي زور سان نازل ٿي هئي، جنهن جي
ڪري ٻئي ڏينهن صبح جو جڏهن اهو ماڻهو مون وٽ آيو، تڏهن آءٌ
*گونگو نہ رهيو هوس. هائو، خداوند مون کي ڳالهائڻ جي طاقت
وري عطا ڪري ڇڏي هئي.

## بني اسرائيل جي ملڪ ۾ باقي رهجي ويلن جا گناهہ

23 خداوند مون کي فرمايو تہ 24 ”اي حزقي ايل، آدم جو اولاد!
اسرائيل ملڪ جي ويران ٿيل شهرن ۾ رهڻ وارا ماڻهو چوندا ٿا وتن
تہ ’ابراهيم رڳو هڪڙو شخص هو، جنهن کي خداوند هي سڄو ملڪ
ميراث طور ڏيئي ڇڏيو هو، جڏهن تہ اسين هاڻي تمام گهڻا آهيون.
سو اهو ملڪ اسان جو ئي آهي.‘ 25 سو اي حزقي ايل! تون انهن کي
منهنجو هي پيغام ٻڌائي ڇڏ تہ ’اي باقي بچي ويل رهاڪؤ! اوهين
ڪيئن ٿا چئو تہ هي ملڪ اوهان جو آهي؟ جڏهن تہ اوهين اجا تائين
انهيءَ ملڪ ۾ رت سميت گوشت کائو ٿا، بتن جي پوڄا ٿا ڪريو ۽
خونريزي ڪندا ٿا رهو. 26 اوهين رڳو پنهنجي تلوار تي ڀروسو ڪندي
ڪراهت جهڙا ڪم ٿا ڪريو ۽ زناڪاري ٿا ڪريو. پوءِ بہ اوهين ڪيئن
دعويٰ ٿا ڪريو تہ اهو ملڪ اوهان جو آهي؟
27 آءٌ خداوند جيئرو خدا قسم کڻي چوان ٿو تہ اوهين جيڪي ويران
ٿيل شهرن ۾ رهو ٿا تن کي آءٌ جنگ ۾ مارائي ڇڏيندس، جيڪي
ٻهراڙين ۾ رهو ٿا تن کي آءٌ جهنگلي جانورن جي حوالي ڪندس
تہ جيئن اهي اوهان کي ڳڙڪائي ڇڏين، جيڪي مضبوط قلعن ۽
غارن ۾ رهو ٿا، تن کي آءٌ موتمار بيماريءَ سان ماري ڇڏيندس.
28 آءٌ هن ملڪ کي سڄ ۽ ويران ڪري ڇڏيندس ۽ اوهان جي طاقت
جو غرور خاڪ ۾ ملائي ڇڏيندس. بني اسرائيل جي ملڪ جو جابلو
علائقو اهڙو تہ ويران ڪري ڇڏيندس جو ڪوبہ انهيءَ علائقي مان
نہ لنگهندو. 29 جڏهن آءٌ اوهان جي ڪيل سڀني ڪراهت جهڙن ڪمن
جي ڪري ملڪ کي سڄ ۽ ويران ڪري ڇڏيندس، تڏهن اوهين ڄاڻي
وٺندا تہ آءٌ ئي خداوند آهيان.‘ “

## حزقي ايل نبيءَ جي پيغام جو نتيجو

30 خداوند فرمايو تہ ”اي حزقي ايل، آدم جو اولاد! في الحال تہ
تنهنجي قوم جا ماڻهو جڏهن شهر جي گهٽين ۾ يا پنهنجي گهرن
جي دروازن وٽ گڏجن ٿا تہ تنهنجي باري ۾ ٿا ڳالهائين. اهي هڪ
ٻئي کي چون ٿا تہ ’هلو تہ حزقي ايل کان هلي پڇون تہ اڄ خداوند ڇا
فرمايو آهي.‘ 31 سو اهي سڀ ٽولا ٽولا ٿي تو وٽ اچن ٿا ۽ تنهنجون
ڳالهيون ٻڌن ٿا. پر هو تنهنجي ٻڌايل ڳالهين تي عمل نہ ٿا ڪن.
اهي هميشہ شهوتپرستيءَ جون ڳالهيون ڪندا ٿا رهن ۽ ٺڳيءَ
ذريعي پيسا ڪمائڻ لاءِ ڪوشش ڪندا رهن ٿا. 32 ڏس، تون هنن
لاءِ رڳو هڪڙي اهڙي ڳائڻي جيان آهين، جيڪو سريلي آواز ۽ وڄندڙ
ساز سان شهوتپرستيءَ وارا راڳ ڳائيندو هجي. سو هو تنهنجون
ڳالهيون تہ ٻڌن ٿا پر انهن تي عمل نہ ٿا ڪن. 33 پر جڏهن سزا بابت
تنهنجون اڳڪٿيون پوريون ٿينديون، هائو، اهي سڀئي ضرور پوريون
ٿينديون، تڏهن اهي ڄاڻي وٺندا تہ منجهن ڪو نبي موجود آهي.“

## بني اسرائيل جي اڳواڻ بابت ڌنارن جو مثال

34 1 خداوند مون کي فرمايو تہ 2 ”اي حزقي ايل، آدم جو
اولاد! بني اسرائيل جي اڳواڻن جي خلاف اڳڪٿي ڪر. ڪين
مون خداوند خدا جو هي پيغام ٻڌاءِ تہ ’اي اڳواڻؤ! ويل آهي اوهان
لاءِ! جيڪي بني اسرائيل لاءِ ڌنار مثل آهيو. اوهين رڳو پنهنجا پيٽ ٿا
پاليو، جڏهن تہ ڌنارن جو ڪم رڍن ٻڪرين جو پيٽ پالڻ ۽ سنڀال ڪرڻ
آهي. 3 اوهين رڍن ٻڪرين جو کير تہ پيئو ٿا، انهن جي اُن مان پنهنجا
ڪپڙا تہ ٺاهيو ٿا ۽ انهن مان ٿلهيون متاريون رڍون ٻڪريون کائڻ لاءِ
تہ ڪُهو ٿا. پر ڌڻ جي سنڀال نہ ٿا ڪريو. 4 اوهان ڪڏهن بہ ضعيفن
کي طاقت نہ ڏني آهي، نڪي بيمارن کي ڇٽائي ڇڱو ڀلو ڪيو اٿوَ،
نہ وري ڀڳل عضون کي ٻڌي سڄو ڪيو اٿوَ. اوهان ڀٽڪي ويلن کي
موٽائي نہ آندو آهي، نڪي گم ٿي ويلن کي ڳولهي لڌو اٿوَ، بلڪ
اوهان تہ زور ۽ زبردستيءَ سان مٿن حڪم پئي هلايو آهي. 5 جيئن تہ
رڍن ٻڪرين جي سار سنڀال لهڻ وارو ڪوبہ ڌنار ڪونہ هو، تنهنڪري
اهي چئني طرفن ڏانهن ٽڙي پکڙي ويون ۽ جهنگلي جانورن انهن کي
ماري پنهنجو کاڄ بڻائي ڇڏيو. 6 سو منهنجون رڍون ٻڪريون هر
پهاڙ ۽ اوچي ٽڪر تي رلنديون رهيون. هائو، منهنجون رڍون ٻڪريون
سڄيءَ دنيا ۾ ڪٿو ڪٿو ٿي ويون. مگر اهڙو ڪوبہ ڪونہ هو جيڪو
انهن کي ڳولهي يا ڀنيان پئي ڪين هٿ ڪري.
7 تنهنڪري هاڻي اي بني اسرائيل جا اڳواڻؤ! ٻڌو تہ آءٌ خداوند
خدا اوهان جي لاءِ ڇا ٿو چوان. 8–9 منهنجون رڍون ٻڪريون شڪار
ٿي ويون آهن ۽ سڀني جهنگلي جانورن جي خوراڪ بڻيون آهن، ڇوتہ
اوهان مان ڪوبہ انهن جي سار سنڀال لهڻ وارو ڪونهي، نڪي ڪو
گم ٿيل رڍن ٻڪرين کي ڳولهي ٿو. اوهان منهنجي رڍن ٻڪرين کي
چارڻ بدران پنهنجا ڍڍ پئي ڀريا آهن. سو اي اوهين! جن کي ڌنار
جي ذميواري ڏني وئي هئي، تن کي آءٌ خداوند جيئرو خدا قسم کڻي
چوان ٿو تہ 10 ياد رکو، هاڻي آءٌ اوهان جي خلاف آهيان. آءٌ اوهان کان
حساب وٺندس ۽ پنهنجون رڍون ٻڪريون ڇڪي موٽائيندس ۽ وري

*گونگو: ڏسو حزقي ايل 26:3 جنهن ۾ لکيل آهي تہ خداوند حزقي ايل نبيءَ کي گونگو بڻائي ڇڏيو هو، ۽ ڏسو 24:25–27 جنهن ۾ حزقي ايل جي وري ڳالهائڻ جي اڳڪٿي ٿيل آهي.

25:33 لاو 16–10:17 5:34 ڳا 17:27، 1.با 17:22، مت 36:9، مر 34:6

ڪڏهن بہ اوهان کي انهن جو ڌنار ٿيڻ نہ ڏيندس، نڪي اوهين اڳتي
انهن مان پنهنجا ڍِڍ ڀريندا. هائو، آءٌ اوهان کان پنهنجو ڌڻ ڇڏائي
وٺندس، انهيءَ لاءِ تہ اڳتي اهي اوهان جي خوراڪ نہ بڻجن. اهو
مون خداوند خدا جو فرمان آهي.‘ ”

## خداوند چڱو ڌنار

11 خداوند خدا وڌيڪ فرمايو تہ ”آءٌ پاڻ پنهنجي رڍن ٻڪرين کي
ڳولهي لهندس ۽ پاڻ انهن جي سار سنڀال ڪندس. 12 هائو، آءٌ بلڪل
اهڙيءَ طرح سندن سار سنڀال لهندس جيئن ڪو ڌنار پنهنجي ٽڙي
پکڙي ويل رڍن ٻڪرين کي وري آڻي گڏ ڪندو آهي. آءٌ پنهنجي رڍن
ٻڪرين کي انهن سڀني جاين تان آڻي وري گڏ ڪندس، جن جاين
ڏانهن اهي *اونداهي ۽ مصيبت واري ڏينهن ڇڙوڇڙ ٿي ويون هيون.
13 آءٌ انهن کي غير قومن ۽ ٻين ملڪن مان ڪڍي آڻي سندن وطن
۾ آباد ڪندس. آءٌ انهن جو ڌنار ٿيندس ۽ ڪين سندن ملڪ جي
جابلو علائقن ۾، ندين وٽ، ۽ سڀني سرسبز چراگاهن ۾ چاريندس.
14 هائو، آءٌ انهن کي سٺن چراگاهن ۾ چاريندس. انهن جو واڙو سندن
ملڪ جي مٿاهن جبلن تي هوندو، جتي اهي سرسبز چراگاهن ۾ سائي
گاهہ تي آرام سان پيون چرنديون. 15 آءٌ خداوند خدا پاڻ پنهنجين
رڍن ٻڪرين جو ڌنار ٿيندس ۽ ڪين سلامتيءَ واريءَ جاءِ ۾ رکندس.
16 آءٌ پنهنجي گم ٿي ويل رڍن ٻڪرين کي ڳولهي لهندس ۽ ڌڻ
مان نڪري ويلن کي موٽائي آڻيندس. آءٌ عضوي ڀڳل رڍن ٻڪرين جا
عضوا ٻڌي ٺيڪ ڪندس، ۽ بيمارن ۽ ڪمزورن کي چٽائي چڱو ڀلو
ڪندس. مگر جيڪي ٻين جي حصي جو گاهہ کائي ٿلهيون متاريون
۽ زورآور ٿيون هونديون تن کي کُهي ڇڏيندس، ڇالاءِجو آءٌ سدائين
انصاف ڪندڙ آهيان.

17 سو هاڻي اي منهنجا ڌڻ! جيڪو بہ تڪرار تو منجهہ رڍن ٻڪرين
۾ ٿئي، تن جو آءٌ خداوند خدا پاڻ انصاف ڪندس. اي زورآور ۽
ٿلهي متاري رڍ ۽ ٻڪري! 18 ڇا اوهين انهيءَ ڳالهہ کي خسيس ٿيون
سمجهو، جو اوهين بهترين چراگاهہ مان گاهہ چرو ٿيون ۽ ڏءُ ڪرڻ
بعد باقي گاهہ کي پنهنجي پيرن هيٺان لتاڙي خراب ٿيون ڪريو؟
اوهين پاڻ تہ صاف پاڻي پي ڏءُ ٿيون ڪريو ۽ باقي بچيل پاڻيءَ کي
پنهنجي پيرن سان لتاڙي خراب ڪري ٿيون ڇڏيو؟ 19 ڏسو، منهنجي
ٻين رڍن ٻڪرين کي اوهان جو لتاڙيل گاهہ کائڻو ٿو پوي ۽ اوهان جو
پيرن سان ڪنو ڪيل پاڻي پيئڻو ٿو پوي.

20 تنهنڪري آءٌ خداوند خدا، هائو، آءٌ ئي اوهان ٿلهين متارين
زورآور ۽ ڏٻرين رڍن ٻڪرين جي وچ ۾ انصاف ڪندس. 21 جيئن تہ
اوهين سڀيئي ڪمزورن کي پاسا ۽ ڪلها هڻي ڌڪا ٿيون ڏيو ۽ سڀني
بيمارن کي پنهنجا سڱ هڻي پري پري تائين ڀڄائي ٿيون ڪڍو. 22 پر
آءٌ پنهنجي ڌڻ کي بچائيندس ۽ انهن کي اڳتي شڪار ٿيڻ نہ ڏيندس.
آءٌ پنهنجي رڍن ٻڪرين جي هر هڪ تڪرار کي انصاف سان نبيريندس.
23 آءٌ پنهنجي ٻانهي دائود جي گهراڻي مان هڪڙو ڌنار اوهان تي
مقرر ڪندس، جيڪو منهنجي ڌڻ جي چڱيءَ طرح سار سنڀال ڪندو.
24 اهو ئي اوهان جو حاڪم هوندو ۽ آءٌ خداوند ئي اوهان جو خدا
هوندس. اهو مون خداوند جو فرمان آهي.“

25 خداوند وڌيڪ فرمايو تہ ”بني اسرائيل منهنجون رڍون ٻڪريون
آهن ۽ آءٌ قسم کڻي ساڻن واعدو ٿو ڪريان تہ اهي پنهنجي ملڪ
۾ امن وَ سلامتيءَ سان زندگي گذاريندا. آءٌ بيابان ۽ ٻيلي مان هر
جهنگلي جانور کي ختم ڪري ڇڏيندس، سو منهنجون اهي رڍون
ٻڪريون بي‌خوف ٿي سلامتيءَ سان پيون رهنديون. 26 آءٌ منداٿنو
مينهن موڪلي پنهنجي پاڪ جبل جي چوڌاري زمين بلڪ سڀني جاين
کي پنهنجي برڪتن سان نوازيندس. هائو، زمين تي برڪتون ئي
برڪتون ٿي وينديون. 27 پوءِ وڻن ۾ ميوو ٿيندو ۽ ٻنين ۾ فصل ٿيندا.
آءٌ بني اسرائيل کي غلاميءَ جي پاڃاريءَ مان آزاد ڪندس ۽ جيڪي
هنن کان خدمت چاڪري وٺندا هئا، تن جي هٿان ڪين ڇڏائي سندن
وطن ۾ امن وَ سلامتيءَ سان رهائيندس. تڏهن هو ڄاڻي وٺندا تہ آءٌ
ئي خداوند آهيان. 28 پوءِ جهنگلي جانور وري منهنجي ڌڻ کي ماري
نہ کائيندا. هائو، اڳتي اهي غير قومون ڪڏهن بہ منهنجي قوم کي
پنهنجو شڪار نہ بڻائينديون. بلڪ هو امن وَ سلامتيءَ سان گذاريندا
۽ ڪوبہ ڪين نہ ڊيڄاريندو. 29 آءٌ سندن ٻنين ۾ تمام جهجها فصل
اپائيندس، تنهنڪري هو وري ڪڏهن بہ ڏڪار سبب نہ مرندا ۽ نہ
وري غير قومن جا ڪي طعنا سهندا. 30 پوءِ هر ڪو ڄاڻي وٺندو تہ
بني اسرائيل منهنجي قوم آهي ۽ آءٌ خداوند ئي سندس خدا ۽ حفاظت
ڪرڻ وارو آهيان. اهو منهنجو واعدو آهي. 31 هائو، اهي انسان ئي
منهنجو ڌڻ آهن جن جي آءٌ سار سنڀال ٿو ڪريان ۽ آءٌ ئي سندن خدا
آهيان. اهو مون خداوند جو فرمان آهي.“

## ادوم جي خلاف پيغام

35 1 خداوند مون کي فرمايو تہ 2 ”اي حزقي‌ايل، آدم جو
اولاد! پنهنجو رخ ادوم جي جابلو ملڪ ڏانهن ڪر ۽ انهيءَ
ملڪ جي ماڻهن جي خلاف اڳڪٿي ڪندي 3 مون خداوند خدا جو
هي پيغام ٻڌاءِ تہ

’اي ادوم ملڪ وارؤ!
ٻڌي ڇڏيو تہ آءٌ خداوند اوهان جي خلاف آهيان.
آءٌ اوهان جي ملڪ تي هٿ کڻندس،
۽ انهيءَ کي سڃ ۽ ويران ڪري ڇڏيندس.
4 آءٌ اوهان جا شهر اجاڙي ڇڏيندس،
۽ ملڪ کي برباد ڪري ڇڏيندس.

*اونداهي ۽ مصيبت واري ڏينهن: يعني اهو وقت جڏهن بابلين يروشلم شهر تي چاڙهائي ڪري ان کي تباهہ وَ برباد ڪيو هو.

پوءِ اوهين ڄاڻي وٺندا ته آءٌ ئي خداوند آهيان.

5 اوهين بني اسرائيل سان شروع کان ئي دشمني رکندا پيا اچو.
جڏهن اهي سندن مصيبت جي ڏينهن ۾ بدڪاريءَ سبب ٻين جي هٿان
تباهه ۽ برباد پئي ٿيا ۽ منجهن قتلام ۽ خونريزي ڪئي ٿي ويئي، تڏهن
اوهان ساڻن ڏوڪو ڪندي انهن جي ڪا مدد نه ڪئي. 6 تنهنڪري
آءٌ خداوند جيئرو خدا قسم کڻي چوان ٿو ته جيئن ته اوهان جو اهو
ڏوهه قتلام ڪندڙن جي ڏوهه ۾ ليکيو ويو آهي، سو اوهين به خون
جا ئي سزاوار ٿيندا. هائو، خوني اوهان جي پٺيان پوندا جنهنڪري
اوهان جو به خون وهايو ويندو. 7 بلڪ جيڪو به اوهان جي جابلو
ملڪ مان گذرندو تنهن کي به آءٌ قتل ڪرائيندس. اهڙيءَ طرح ادوم
سڄ ۽ ويران ٿي ويندو. 8 آءٌ اوهان جي جابلو علائقي کي قتل ٿي ويلن
جي لاشن سان ڀري ڇڏيندس. هائو، آءٌ اوهان جي ٽڪرين، ماٿرين ۽
سيني نهرن ۾ تلوار سان ڪٺلن کي ڪيرائي وجهندس. 9 آءٌ اوهان
جي ملڪ کي هميشه لاءِ ويران ڪري ڇڏيندس ۽ اوهان جا شهر وري
آباد نه ٿيندا. تڏهن اوهين ڄاڻي وٺندا ته آءٌ ئي خداوند آهيان.
10 اوهان چيو آهي ته ”اسين يهوداه ۽ اسرائيل وارن جي ٻنهي
ملڪن تي قبضو ڪنداسين ته جيئن اسين ئي انهن جا مالڪ ٿيون.“
توڙي جو اهي ملڪ مون خداوند جا ئي آهن. 11 تنهنڪري آءٌ خداوند
جيئرو خدا قسم کڻي ٿو چوان ته آءٌ اوهان جي انهيءَ نفرت ۽ حسد
مطابق اوهان سان پيش ايندس، جهڙيءَ طرح اوهان پنهنجي دشمنيءَ
جي ڪري هنن سان پيش آيا آهيو. جڏهن آءٌ اوهان سان اهڙي ئي
نموني پيش ايندس تڏهن بني اسرائيل ڄاڻي وٺندا ته آءٌ ئي اوهان کي
سزا ٿو ڏيان. 12 پوءِ اوهين به ڄاڻي وٺندا ته آءٌ ئي خداوند آهيان.
بني اسرائيل جي ملڪ جي جابلو علائقن بابت اوهان جيڪا بڪواس
ڪئي آهي ته ”هاڻي اهو ملڪ اهڙيءَ حالت ۾ آهي جو اسان کيس
آسانيءَ سان ڳهي سگهون ٿا.“ اهو سڀ ڪجهه مون خداوند ٻڌو
آهي. 13 اوهان پاڻ پنهنجي واتان پاڻ کي پڏايو آهي ۽ مون سان
گستاخي ڪئي اٿوَ. هائو، اوهان منهنجي خلاف گهڻي ئي بڪواس
ڪئي آهي، جيڪا سڄي مون ٻڌي آهي. 14 سو آءٌ خداوند خدا چوان
ٿو ته آءٌ اوهان کي برباد ڪري ڇڏيندس ۽ اوهان جي بربادي تي
سڄي دنيا خوشيون ملهائيندي. 15 اوهان ته بني اسرائيل جي ميراث
واري ملڪ جي برباد ٿيڻ تي خوشيون ملهايون هيون. پر هاڻي اي
ادوم وارؤ! انهيءَ ڪري آءٌ اوهان کان بدلو وٺندس ۽ اوهان جي سعير
جبلن بلڪ ساري ادوم ملڪ کي بلڪل ئي ويران ڪري ڇڏيندس.
تڏهن بني اسرائيل ڄاڻي وٺندا ته آءٌ ئي خداوند آهيان.“

## بني اسرائيل جي ملڪ تي خدا جون برڪتون

36 1-2 خداوند وڌيڪ فرمايو ته ”اي حزقي ايل، آدم جو اولاد!
دشمن ٻٽاڪ هڻي چون ٿا ته ’واهه واهه! هاڻي بني اسرائيل
جي ملڪ جا قديم جبل اسان جا آهن.‘ 3 تنهنڪري تون اڳڪٿي
ڪندي انهن جبلن کي مون خداوند خدا جو هي پيغام ٻڌاءِ ته ’اي
بني اسرائيل جي ملڪ جا جبلؤ! آس‌پاس وارين قومن جيڪي جنگ
جي تباهيءَ کان بچي ويون هيون، تن اوهان تي قبضو ڪري هر
طرف کان اوهان کي ناس ڪري ڇڏيو آهي ۽ اوهان کي ويران ڪيو
اٿائون. انهيءَ ڪري ماڻهو هر هنڌ اوهان بابت گهٽ وڌ ڳالهائين پيا
۽ اوهان تي ڪل ٺٺولي ڪئي ٿي وڃي. 4 تنهنڪري اي بني اسرائيل
جا جبلؤ! مون خداوند خدا جو ڪلام ٻڌو. آس‌پاس وارين قومن ملڪ
جي ٽڪرين، نهرن، ماٿرين، وحشتناڪ ويران جاين ۽ غير آباد شهرن
سميت اوهان تي قبضو ڪري اوهان کي ٺٺوليءَ جهڙو بڻايو آهي.
انهن قومن بابت آءٌ خداوند خدا جيڪي ڪجهه چوان ٿو 5 سو آءٌ
پنهنجي سخت غيرت وچان ڳالهايان ٿو، انهن غير قومن، خاص طور
سڄي ادوم ملڪ جي خلاف. ڇالاءِجو هنن پنهنجي اندر جي نفرت
۽ حسد وچان خوش ٿي ڪري منهنجي سرزمين کي پنهنجي ملڪيت
بڻائي ڇڏيو آهي، ڄڻ ته اهو هنن لاءِ لٽ جو مال آهي.‘
6 تنهنڪري اي حزقي ايل! تون بني اسرائيل جي ملڪ بابت اڳڪٿي
ڪندي جبلن، ٽڪرين، نهرن ۽ ماٿرين کي مون خداوند خدا جو هي
پيغام ٻڌاءِ ته ’ڏسو، جيئن ته اوهان غير قومن جا گهڻا ئي طعنا
پنهنجي سر تي سَٺا آهن، تنهنڪري آءٌ پنهنجي سخت غيرت وچان
انهن قومن جي خلاف ڳالهايان ٿو. 7 آءٌ خداوند خدا قسم کڻي چوان
ٿو ته اوهان جي آس‌پاس واريون اهي غير قومون خود ذليل ۽ خوار
ڪيون وينديون.
8 پر اي بني اسرائيل جا جبلؤ! اوهان جا سڪل وڻ وري ساوا ٿيندا
۽ ميوو جهليندا. منهنجي قوم جا ماڻهو اوهان جي وڻن جو ميوو
کائيندا ڇالاءِجو اهي جلد ئي پنهنجي وطن ورڻ وارا آهن. 9 ڏسو، آءٌ
اوهان جي پاسي آهيان ۽ اوهان جي زرخيز زمين تي هر ڪاهرائيندس،
پوک ڪرائيندس ۽ پوري سار سنڀال لهندس. 10 آءٌ اوهان تي بني
اسرائيل جي سڄي قوم کي گهڻو وڌائيندس. ملڪ جا ويران شهر
وري اڏايا ويندا ۽ اهي آباد ٿيندا. 11 آءٌ اوهان تي انسان توڙي جانور
گهڻي انداز ۾ وڌائيندس. اهي گهڻا ٿيندا ۽ وڌندا ويجهندا. آءٌ اوهان
کي اڳي وانگر وري آباد ڪندس، بلڪ اڳي کان به وڌيڪ اوهان تي
احسان ڪندس. تڏهن اوهين ڄاڻي وٺندا ته آءٌ ئي خداوند آهيان.
12-13 هائو، اي بني اسرائيل جا جبلؤ! آءٌ پنهنجي قوم موٽائي آڻي
وري اوهان تي آباد ڪندس. اهي وري اوهان تي قبضو ڪري اوهان
کي پنهنجي ملڪيت بڻائيندا. سچ پچ ته اوهان جي زمين ”آدمخور“
سڏي ٿي وڃي، ڇالاءِجو اوهان تي منهنجي قوم جا ٻار بک وگهي
مري ويا آهن. پر هاڻي اڳتي اوهان جي زمين تي ڪڏهن به مصيبت
نه ايندي جو هنن جا ٻار بک وگهي مري وڃن. 14 آءٌ خداوند خدا
واعدو ٿو ڪريان ته اڳتي وري اوهان کي ”آدمخور“ نه سڏيو ويندو
۽ اوهان تي بني اسرائيل قوم جا ٻار ماريا نه ويندا. 15 اڳتي وري
ڪڏهن به اوهان کي غير قومن جا طعنا سهڻا نه پوندا، نکي اوهان
جي سر تي انهن جي ملامت پوندي. هائو، اوهان تي اڳتي وري

کڏهن بہ منهنجي قوم جا پار نہ ماريا ويندا. اهو مون خداوند خدا
جو فرمان آهي.''

## خدا جي نالي خاطر بني اسرائيل جي نئين سر بحالي

16 خداوند مون کي فرمايو تہ 17 "اي حزقي ايل، آدم جو اولاد!
جڏهن بني اسرائيل جا ماڻهو پنهنجي ملڪ ۾ رهندا هئا، تڏهن هنن
پنهنجي هلت چلت ۽ بدڪارين سان انهيءَ کي پليت ڪري ڇڏيو. هنن
جي روش منهنجي اڳيان اهڙي پليت هئي جهڙي حيض واري عورت
جي پليتي. 18 هنن انهيءَ ملڪ ۾ خونريزي ۽ بتن جي پوڄا ڪري ملڪ
کي تمام گهڻو پليت ڪري ڇڏيو. تڏهن مون ڪاوڙ ۾ اچي پنهنجي
قوم وارن کي سزا ڏني. 19 مون هنن کي ٻين قومن ۾ ڪٿو ڪٿو ڪري
ڇڏيو ۽ اهي دنيا ۾ دربدر ٿي ويا. مون هنن جي چال چلت ۽ افعالن
موجب کين سزا ڏني. 20 پر منهنجي سزا جو نتيجو اهو نڪتو جو هو
جتي بہ ويا اتي منهنجي نالي جي بيحرمتي ڪئي ويئي، ڇالاءِجو
هنن کي ڏسي غير قوم وارن ائين ٿي چيو تہ 'هي خداوند جا ماڻهو
آهن پوءِ بہ کين پنهنجي وطن مان نڪرڻو پيو آهي؟' 21 تنهنڪري مون
کي پنهنجي پاڪ نالي جي باري ۾ افسوس ٿيو، جو بني اسرائيل جتي
بہ ويا، اُتي غير قومن منجهہ منهنجي نالي جي بيحرمتي ڪئي وئي.
22 تنهنڪري اي حزقي ايل! تون بني اسرائيل کي مون خداوند خدا
جو هي پيغام ٻڌاءِ تہ 'هاڻي آءٌ جيڪي ڪجهہ ڪرڻ وارو آهيان، سو
اي بني اسرائيل! اوهان جي خاطر نہ بلڪ پنهنجي پاڪ نالي جي
خاطر ڪريان ٿو، جنهن جي اوهان جي ڪري انهن غير قومن منجهہ
بيحرمتي ٿي آهي، جن ۾ اوهين رهو ٿا. 23 سو آءٌ پنهنجي انهيءَ
عظيم نالي، جنهن جي اوهان جي ڪري غير قومن منجهہ بيحرمتي
ٿي آهي، تنهن جي پاڪيزگي ثابت ڪري ڏيکاريندس. هائو، جڏهن
آءٌ اوهان کي وري بحال ڪري پنهنجي پاڪيزگي ظاهر ڪندس،
تڏهن اهي ڄاڻي وٺندا تہ آءٌ ئي خداوند آهيان. اهو مون خداوند خدا
جو فرمان آهي. 24 آءٌ اوهان کي هر قوم ۽ هر ملڪ منجهان ڪڍي
موٽائي آڻي اوهان جي وطن ۾ آباد ڪندس. 25 آءٌ اوهان تي صاف
پاڻي ڇٽڪاريندس، جنهن سان اوهين پاڪ صاف ٿي ويندا. هائو،
آءٌ اوهان کي اوهان جي سڀني بتن کان بلڪ هر قسم جي گندگيءَ
کان پاڪ ڪري ڇڏيندس. 26 آءٌ اوهان کي نئين دل عطا ڪندس ۽
اوهان جي اندر ۾ نئون ذهن وجهندس. هائو، آءٌ اوهان جي بدن مان
اها ضدي دل ڪڍي ڇڏيندس ۽ اوهان کي هڪڙي مڪمل فرمانبردار
دل عطا ڪندس. 27 آءٌ پنهنجو روح اوهان منجهہ وجهندس ۽ اوهان
کان پنهنجي قاعدن قانونن جي پيروي ڪرائيندس. هائو، پوءِ اوهين
منهنجي حڪمن جي تابعداري ڪندي انهن تي عمل ڪندا. 28 پوءِ
اوهين وري انهيءَ ملڪ ۾ رهندا، جيڪو مون اوهان جي ابن ڏاڏن
کي عطا ڪيو هو. اوهين منهنجي قوم هوندا ۽ آءٌ اوهان جو خدا
هوندس. 29 آءٌ اوهان کي هر قسم جي پليتيءَ کان پري رکندس. آءٌ
اناج کي حڪم ڪندس تہ اهو اوهان جي ٻنين ۾ تمام گهڻي انداز
۾ پيدا ٿئي، انهيءَ لاءِ تہ اوهان ۾ وري ڪڏهن ڏڪار نہ پوي.
30 هائو، غير قومن آڏو اوهان کي ڪاڏو نہ هڻڻ واري شرمندگي ڏسڻي
نہ پوندي، ڇالاءِجو اوهان جا وڻ ميوي سان ڀرپور هوندا ۽ اوهان جون
ٻنيون جهجها فصل اُپائينديون.
31 پوءِ اوهان پنهنجي اڳين بري هلت، بڇڙائي، بدڪاري ۽ ڪراهت
جهڙن ڪمن کي ياد ڪري ڏاڍو شرمسار ۽ پشيمان ٿيندا. 32 پر اي
بني اسرائيل! ياد رکو تہ آءٌ هي سڀ ڪجهہ اوهان جي خاطر نہ پر
پنهنجي نالي جي خاطر ڪندس. سو اوهان کي پنهنجي ڪيل ڪمن
جي ڪري شرمندگي ۽ بيعزتي برداشت ڪرڻي پوندي ڇالاءِجو اوهان
منهنجي خلاف گناهہ ڪيو آهي.''
33 خداوند خدا وڌيڪ فرمايو تہ "اي بني اسرائيل! جڏهن آءٌ اوهان
کي اوهان جي سڀني گناهن کان پاڪ صاف ڪندس، تڏهن اوهين
پنهنجي ويران ٿيل شهرن کي وري اڏيندا ۽ انهن ۾ رهڻ لڳندا. 34 پوءِ
اها ويران زمين جيڪا سڀني لنگهندڙن جي نظر ۾ هڪڙو بيابان هئي،
سا وري پوک هيٺ اچي ويندي. 35 تڏهن هر ڪو ڏسي چوندو تہ 'واهہ!
جيڪا زمين ويران هئي، سا هاڻي ڪيئن نہ عدن جي باغ جهڙي ٿي
پيئي آهي، ۽ جيڪي شهر اجڙيل، ويران ۽ ناس ٿيل هئا، سي هاڻي
ڪيئن نہ ڪوٽن وارا ۽ آباد شهر ٿي ويا آهن.' 36 تڏهن اوهان جي
آس پاس واريون قومون جيڪي جنگ مان بچي ويل هونديون، سي
ڄاڻي وٺنديون تہ مون خداوند ئي ناس ٿيل شهرن کي وري اڏايو آهي
۽ ويران ٿيل زمين کي وري آباد ڪيو اٿم. اهو مون خداوند جو واعدو
آهي تہ آءٌ اهو سڀ ڪجهہ ڪندس، هائو، ضرور ڪندس."
37 خداوند خدا وڌيڪ فرمايو تہ "آءٌ وري اوهان بني اسرائيل قوم
وارن جون دعائون ٻڌندس ۽ اوهان جي قوم کي ايترو تہ وڌائيندس
جو اوهين رڍن جي وڏي ڌڻ وانگر ٿي ويندا. 38 جيڪي شهر هاڻي
ويران پيا آهن، سي ماڻهن سان ايترا تہ ڀرجي ويندا جيترو يروشلم
شهر عيدن تي خداوند لاءِ مخصوص ڪيل رڍن سان ڀرجي ويندو هو.
پوءِ اوهين ڄاڻي وٺندا تہ آءٌ ئي خداوند آهيان."

## سڪل هڏين جي جيئري ٿيڻ بابت رويا

37 1 هڪڙي دفعي مون حزقي ايل تي خداوند جي قدرت وڏي
زور سان نازل ٿي. هن جي روح مون کي کڻي هڪڙي اهڙي
ماٿريءَ ۾ آڻي لاٿو، جيڪا انساني هڏين سان ڀري پيئي هئي. 2 هن
مون کي ماٿريءَ ۾ چوڌاري گهمايو ڦيرايو ۽ مون ڏٺو تہ هڏيون
تمام گهڻيون پيون هيون ۽ اهي سڀيئي بلڪل سڪل هيون. 3 خداوند
مون کي فرمايو تہ "اي حزقي ايل، آدم جو اولاد! انهن هڏين مان
وري زنده انسان ٿهي سگهن ٿا يا نہ؟" مون وراڻيو تہ "اي خداوند

17:36 لاو 19:15–24 26:36–28 حز 19:11–20

خدا! اهو تون ئي ڄاڻين ٿو.“ 4 تڏهن هن وري مون کي فرمايو ته
”تون انهن سڪل هڏين کي مون خداوند خدا جو هي پيغام ٻڌاءِ ته
5 ’ڏسو، اي سڪل هڏيون! آءٌ خداوند خدا اوهان ۾ ساهه وجهندس
ته اوهين وري زنده انسان ٿي پونديون. 6 هائو، آءٌ اوهان تي نسون
لڳائي ماس چاڙهيندس ۽ اوهان کي کل سان ڍڪي ڇڏيندس. پوءِ
اوهان ۾ ساهه وجهندس ته اوهين زنده انسان ٿي پونديون ۽ ڄاڻي
وٺنديون ته آءٌ ئي خداوند آهيان.‘ “

7 سو جيئن مون کي حڪم مليو تيئن ئي مون اهو پيغام پهچايو.
اجا آءٌ ڳالهائي ئي رهيو هوس ته مون کي کڙڪن جو آواز ٻڌڻ ۾
آيو. ڇا ڏسان ته هڏين ۾ چرپر پئجي ويئي ۽ اهي هڪ ٻئي سان اچي
ڳنڍجڻ لڳيون. 8 منهنجي ڏسندي ئي انهن تي نسون لڳي ويون،
ماس چاڙهيو ويو ۽ مٿان کل ڍڪجي ويئي. پر اجا انهن ۾ ساهه ڪونه
پيو هو.

9 تڏهن خداوند مون کي فرمايو ته ”اي حزقي‌ايل! هاڻي هوا کي
مون خداوند خدا جو هي حڪم ٻڌاءِ ته ’اي هوا! هر طرف کان
گهلندي اچ ۽ هنن قتل ٿيل لاشن ۾ ساهه وجهه ته اهي وري زنده
ٿي پون.‘ “ 10 سو جيئن مون کي حڪم مليو هو تيئن ئي مون ڪيو.
انهن لاشن ۾ ساهه پئجي ويو ۽ اهي زنده انسان ٿي پيا. پوءِ هو
هڪڙي تمام وڏي لشڪر جي صورت ۾ پيرن پر اٿي بيٺا.

11 تڏهن خداوند مون کي فرمايو ته ”اي حزقي‌ايل، آدم جو اولاد!
بني اسرائيل جا ماڻهو انهن مئل هڏين مثل آهن. اهي شڪايت ڪندي
چون ٿا ته ’اسان جون هڏيون سڪي ويون آهن ۽ اسان جي ڪا اميد
باقي نه رهي آهي. اسين ته بلڪل فنا ٿي ويا آهيون.‘ 12 تنهنڪري
تون هنن کي مون خداوند خدا جو هي پيغام ٻڌاءِ ته ’ڏسو، اي
منهنجي قوم وارؤ! آءٌ اوهان سان واعدو ٿو ڪريان ته اوهان جون
قبرون کوليندس ۽ انهن مان اوهان کي ٻاهر ڪڍندس. آءٌ اوهان کي
موٽائي اوهان جي وطن ۾ آڻيندس. 13 اي منهنجي قوم وارؤ! جڏهن
اهو سڀ ڪجهه ٿيندو تڏهن اوهين مڃي وٺندا ته آءٌ ئي خداوند
آهيان. 14 آءٌ پنهنجو روح اوهان ۾ وجهندس ۽ اوهين وري زنده ٿي
پوندا. آءٌ اوهان کي پنهنجي ئي وطن ۾ آباد ڪندس، تڏهن اوهين
ڄاڻي وٺندا ته مون خداوند جيڪو واعدو ڪيو هو سو پورو ڪيو اٿم.
اهو مون خداوند خدا جو فرمان آهي.‘ “

## يهوداه وارن ۽ اسرائيل وارن جو وري هڪ ٿيڻ

15 خداوند مون کي فرمايو ته 16 ”اي حزقي‌ايل، آدم جو اولاد! تون
هڪڙي ڪاٺي کڻ ۽ انهيءَ تي هي لفظ لک ’يهوداه جي بادشاهت‘.
پوءِ وري ٻي ڪاٺي کڻ ۽ انهيءَ تي هي لفظ لک ’اسرائيل جي
بادشاهت‘. 17 پوءِ انهن ٻنهي ڪاٺين کي هڪ ٻئي سان گڏي پنهنجي
هٿ ۾ جهل، جيئن اهي هڪڙي ئي ڪاٺي ڏسڻ ۾ اچن. 18 جڏهن
تنهنجي قوم جا ماڻهو تو کان پڇن ته ’اسان کي ٻڌاءِ ته انهيءَ جو
ڇا مطلب آهي؟‘ 19 تڏهن تون کين مون خداوند خدا جو هي پيغام
ٻڌائج ته ’آءٌ اسرائيل جي شاهي لٺ ۽ يهوداه جي شاهي لٺ ٻنهي
کي پاڻ ۾ ملائي گڏ ڪري ڇڏيندس. آءٌ انهن ٻنهي کي پنهنجي هٿ
۾ جهليندس ته اهي گڏجي هڪ ٿي وينديون.‘

20 تون اهي ٻئي ڪاٺيون پنهنجي هٿ ۾ اهڙيءَ طرح جهل جو اهي
هر ڪنهن کي هڪ ڏسڻ ۾ اچن. 21 پوءِ انهن ماڻهن کي مون خداوند
خدا جو هي پيغام ٻڌاءِ ته ’ڏسو، بني اسرائيل جا ماڻهو جيڪي هاڻي
غير قومن جي ملڪن ۾ رهن ٿا، تن سڀني کي آءٌ اتان ڪڍي سندن
وطن ۾ آڻي آباد ڪندس. 22 آءٌ انهن کي سندن ملڪ ۾، سندن ئي
جبلن منجهه گڏي هڪڙي ئي قوم بڻائيندس. انهن سڀني تي هڪڙو
ئي بادشاهه حڪومت ڪندو. پوءِ اهي وري ڪڏهن به ٻن قومن يا
ٻن بادشاهتن جي صورت ۾ ورهائجي نه ويندا. 23 پوءِ اهي بتن جي
پوڄا، ڪراهت جهڙن ڪمن ۽ ڪنهن به بدڪاريءَ سان پنهنجو پاڻ
کي ڪڏهن به پليت نه ڪندا. آءٌ سندن گناهه ڌوئي کين پاڪ صاف
ڪري ڇڏيندس ۽ هر انهيءَ شيءِ کان انهن کي پري رکندس، جيڪا
کين پليت ڪري. اهڙيءَ طرح هو منهنجي قوم هوندا ۽ آءٌ سندن
خدا هوندس. 24 منهنجي ٻانهي دائود جي گهراڻي مان ڪو هڪڙو
سندن بادشاهه ٿيندو، جيڪو سڀني تي چڱي ڌنار وانگر حڪمراني
ڪندو. اهي منهنجي حڪمن تي هلندا ۽ منهنجي قاعدن قانونن جي
تابعداري ڪندي انهن تي عمل ڪندا. 25 هو انهيءَ ملڪ ۾ آباد
ٿيندا، جيڪو مون پنهنجي ٻانهي يعقوب کي عطا ڪيو هو ۽ جنهن
۾ سندن ابا ڏاڏا رهندا هئا. سو هو گهڻين ئي پيڙهين تائين انهيءَ
ملڪ ۾ رهندا. منهنجي ٻانهي دائود جي گهراڻي مان بادشاهه به
هميشه مٿن حڪمراني ڪندا رهندا. 26 تنهن کان سواءِ آءٌ هنن سان
هميشه واري سلامتيءَ جو عهد اقرار ڪندس. آءٌ کين انهيءَ ملڪ
۾ آباد ڪندس ۽ سندن اولاد کي گهڻو وڌائيندس ۽ پنهنجي مقدس
هيڪل کي سندن ئي ملڪ ۾ هميشه جي لاءِ قائم ڪندس. 27 سو
آءٌ انهن منجهه رهندس ۽ اهي منهنجي قوم هوندا ۽ آءٌ ئي سندن
خدا هوندس. 28 جڏهن منهنجو مقدس هيڪل هميشه جي لاءِ انهن
جي وچ ۾ رهندو، تڏهن غير قومون ڄاڻي وٺنديون ته مون خداوند
ئي بني اسرائيل کي پنهنجي قوم ٿيڻ لاءِ چونڊيو آهي.‘ “

## ماجوج علائقي جو حڪمرانِ اعليٰ ياجوج

38 1 خداوند مون کي فرمايو ته 2 ”اي حزقي‌ايل، آدم جو
اولاد! مسڪ ۽ توبل قومن جي حڪمرانِ اعليٰ ياجوج خلاف
تون اڳڪٿي ڪر، جيڪو ماجوج جي علائقي ۾ رهي ٿو. هائو، تون
کيس ٻڌائيندي 3 مون خداوند خدا جو هي فرمان ٻڌاءِ ته ’ياد رک، اي
مسڪ ۽ توبل جا حڪمرانِ اعليٰ ياجوج! آءٌ تنهنجي خلاف آهيان. 4 آءٌ

10:37 مڪا 11:11 24:37 حز 24:34 27:37 2.ڪر 16:6، مڪا 3:21 2:38 مڪا 8:20

تو کي پنهنجي قبضي ۾ ڪري تنهنجي ڄاڙين ۾ ڪنڊا وجهي جنگ
ڪرڻ لاءِ تنهنجي علائقي مان گهلي ٻاهر ڪيندس. تنهنجي وڏي
لشڪر ۾ گهڻا ئي جنگي جوڌا، گهوڙا ۽ گهوڙي سوار هوندا جيڪي
سڀيئي هٿياربند هوندا ۽ وٽن سپرون، ڍالون ۽ تلوارون هونديون، تن
سڀني کي آءٌ گهلي ٻاهر ڪيندس. 5 انهن سان گڏ فارس، *سوڊان
۽ لبيا جي ماڻهن کي به گهلي ڪيندس، جيڪي سڀيئي سپربردار
۽ جنگي ٽوپ پهريل هوندا. 6 انهن کان علاوه گمر ملڪ توڙي اتر
جي ڏورانهن علائقن مان بيت‌تگرماه جا سڀيئي ويڙهاڪو، مطلب ته
تو سان گڏ گهڻين قومن کي آءٌ گهلي ٻاهر ڪيندس. 7 سو تون تيار
رهه. هائو، تون پاڻ کي ۽ پاڻ سان گڏ پنهنجن سمورن ٽولن کي
جيڪي تو وٽ اچي گڏ ٿيا هوندا، تن سڀني کي تيار رک. هائو، تون
کين پنهنجي ضابطي ۾ رکي انتظار ڪر.
8 ڪجهه سالن کان پوءِ آءٌ تو کي بني اسرائيل جي انهيءَ ملڪ
تي چڙهائي ڪرڻ جو حڪم ڏيندس، جيڪو جنگ جي ڪري تباهه
ٿي ويو هو. انهيءَ ملڪ کي گهڻي وقت لاءِ برباد ڪيو ويو هو.
انهيءَ ملڪ جا ماڻهو جيڪي ڪنهن وقت جلاوطن ٿي گهڻين غير
قومن منجهه رهندا آيا آهن، سي پنهنجي وطن ۾ اچي آباد ٿيندا.
هائو، اهي سڀيئي بني اسرائيل امن وَ سلامتيءَ سان پنهنجي ملڪ
جي جابلو علائقن ۾ رهندا. 9 مگر تون ۽ تنهنجا وڏا لشڪر ٻين
قومن سان گڏجي خوفناڪ طوفان وانگر اچي انهن مٿان ڪڙڪندا ۽
ڪڪرن وانگر انهيءَ ملڪ مٿان ڇانئجي ويندا.‘”
10 خداوند ياجوج کي اهو به فرمائي ٿو ته ”جڏهن اهو ڏينهن ايندو
تڏهن آءٌ ڄاڻان ٿو ته تون پنهنجيءَ دل ۾ هڪڙو برو منصوبو رٿيندين.
11–12 تون چوندين ته ’آءٌ انهيءَ ڪمزور ملڪ تي چڙهائي ڪندس،
جتي جا ماڻهو امن وَ سلامتيءَ سان رهن ٿا ۽ کين پنهنجا ڍور ڍڳا
۽ مال ملڪيت آهي. انهن جي شهرن کي نه ڪوٽ قلعا آهن، نڪي
وري دروازا ۽ گز. آءٌ انهن شهرن جي ماڻهن کي لٽيندس ۽ ڦريندس.
اهي شهر ڪنهن وقت ڀڙن جو ڍير هئا ۽ اتان جا ماڻهو غير قومن
۾ جلاوطن ٿي ويا هئا. پر پوءِ اهي پنهنجي ملڪ ۾ موٽي اچي
آباد ٿيا، جيڪو سڄي دنيا ۾ خاص اهميت رکي ٿو.‘
13 اي ياجوج! شبا ۽ ددان شهرن جا ماڻهو ۽ اسپين ملڪ جي شهرن
جا سوداگر تو کي چوندا ته ’واه واه! تون ته لٽ جو مال هٿ ڪرڻ
آيو آهين. هائو، تو پنهنجا لشڪر گڏ ڪري انهيءَ لاءِ اچي حملو
ڪيو آهي ته انهيءَ ملڪ مان سون چاندي، ڍور ڍڳا، مال ملڪيت ۽
ٻيو گهڻو لٽ جو مال هٿ ڪرين.‘
14 تنهنڪري اي حزقي ايل، آدم جو اولاد! تون ياجوج کي مون
خداوند خدا جو هي پيغام ٻڌاءِ ته ’جڏهن منهنجي قوم بني اسرائيل
امن وَ سلامتيءَ سان رهڻ لڳندي، تڏهن تو کي اها خبر پوندي.
15 تنهنڪري تون پنهنجي اتر وارن ڏورانهن علائقن کان هلندين ۽ تو
سان گڏ گهڻين ئي قومن جا وڏا ٽولا هوندا ۽ اهي گڏجي هڪ وڏو
لشڪر ٿي پوندا. اهي سڀيئي گهوڙن تي سوار هوندا. 16 تون منهنجي
قوم بني اسرائيل تي چڙهائي ڪري ايندين ۽ ملڪ مٿان ڪڪرن وانگر
ڇانئجي ويندين. اهو سڀ ڪجهه اڳتي هلي ٿيندو. اي ياجوج! آءٌ تو
کي پنهنجي انهيءَ ملڪ تي چاڙهي آڻيندس، انهيءَ لاءِ ته ڌرتيءَ
جي هر قوم تنهنجي انهن ڪمن مان ڄاڻي وٺي ته مون خداوند ئي
پنهنجي پاڪيزگي ظاهر ڪرڻ لاءِ ائين ڪيو آهي. 17 گهڻو اڳي مون
پنهنجي نبين جي معرفت بني اسرائيل کي خبردار ڪيو هو ته ڪجهه
عرصي بعد آءٌ سندن دشمن لشڪرن کي مٿن چاڙهي آڻيندس. سو
اي ياجوج! سندن اهو دشمن تون ئي آهين ۽ اهو ڏينهن به اچڻ وارو
آهي.‘ اهو مون خداوند خدا جو فرمان آهي.”

## ياجوج تي خدا جو قهر نازل ٿيڻ

18 خداوند خدا فرمايو ته ”اي حزقي ايل! انهيءَ ڏينهن تي جڏهن
ياجوج بني اسرائيل مٿان چڙهائي ڪري ايندو، تڏهن آءٌ نهايت
غضبناڪ ٿي ويندس. 19 آءٌ پنهنجي غيرت ۽ قهر وچان اهڙو ته
خوفناڪ زلزلو موڪليندس جيڪو سڄي ملڪ کي لوڏي ڇڏيندو.
20 ايتري قدر جو ڌرتيءَ جو هر ساهوارو، هائو، مڇيون، پکي،
جهنگلي جانور ۽ سرندڙ جيت توڙي هر انسان خوف وچان ڏڪڻ
لڳندا. جبل پهاڙ هيٺ ڪري پوندا، اڀيون ٽڪريون توڙي شهرن جا
قلعا اچي هيٺ ڦهڪو ڪندا. 21 آءٌ خداوند خدا بني اسرائيل جي سڀني
جبلن تان ياجوج مٿان جنگ نازل ڪندس. ياجوج جي فوج ايڏي ته
دهلجي ويندي جو اهي هڪ ٻئي مٿان تلوار هلائيندا. 22 پوءِ آءٌ موتمار
بيماري، خونريزي، سخت طوفاني برسات ۽ وڏن ڳڙن جي وسڪاري
سان ياجوج ۽ سندس لشڪر کي سزا ڏيندس. آءٌ ياجوج، سندس
لشڪر ۽ ساڻس گڏ جيڪي گهڻيون قومون هونديون، تن تي باهه ۽
گندرف وسائيندس. 23 اهڙيءَ طرح آءٌ پنهنجي عظمت ۽ پاڪيزگي
ظاهر ڪندس. آءٌ گهڻين قومن سان اهڙي نموني پيش ايندس جو اهي
ڄاڻي وٺندا ته آءٌ ئي خداوند آهيان.”

## ياجوج جي شڪست

39 1 خداوند فرمائي ٿو ته ”اي حزقي ايل، آدم جو اولاد! ياجوج
خلاف اڳڪٿي ڪندي کيس مون خداوند خدا جو هي پيغام
ٻڌاءِ ته ’اي ياجوج، مسڪ ۽ توبل قومن جا حڪمرانِ اعليٰ! ياد رک،
آءٌ تنهنجي خلاف آهيان. 2 آءٌ تو کي پنهنجي قبضي هيٺ آڻيندس.
هائو، آءٌ تو کي اتر جي ڏورانهن علائقن کان گهليندو بني اسرائيل
جي جابلو علائقن تي چاڙهي آڻيندس. 3 پر آءٌ ڌڪ هڻي تنهنجي
کاٻي هٿ مان تيرڪمان ۽ ساڄي هٿ مان تير ڪيرائي وجهندس. 4–
5 تون پنهنجي سڄي لشڪر ۽ اتحادي قومن سميت بني اسرائيل جي

*سوڊان: عبرانيءَ ۾ ”ڪُوش“ لکيل آهي. انهن ڏينهن ۾ هي علائقو موجوده ايٿوپيا ۽ سوڊان ملڪن جي ڪجهه حصي تي مشتمل هو، جيڪو مصر جي ڏکڻ طرف آهي.

جابلو علائقن ۾ ماريو ويندين. اوهان جا لاش کلئي ميدان ۾ پيل
هوندا جتي پکي ۽ جهنگلي جانور اوهان جو ماس کائي ويندا. اهو
مون خداوند خدا جو فرمان آهي.'“
⑥ خداوند وڌيڪ فرمايو تہ ”بلڪ آءٌ ماجوج جي ملڪ تي ۽ پونچ
سمنڊ جي پيٽن ۽ ڪناري وارن سلامتيءَ سان رهندڙ ماڻهن تي باهہ
نازل ڪندس، تڏهن هر ڪو ڄاڻي وٺندو تہ آءٌ ئي خداوند آهيان. ⑦ آءٌ
پنهنجي قوم بني اسرائيل جي وچ ۾ پنهنجي پاڪ نالي کي پڌرو
ڪندس ۽ وري اڳتي پنهنجي پاڪ نالي جي بي‌ادبي ٿيڻ نہ ڏيندس،
تڏهن قومون ڄاڻي وٺنديون تہ آءٌ ئي خداوند، بني اسرائيل جو پاڪ
خدا آهيان. ⑧ بيشڪ اهو ڏينهن ضرور ايندو، جڏهن اهي ڳالهيون
پوريون ٿينديون، جن بابت مون خداوند خدا فرمايو آهي. ⑨ جڏهن اهو
ڏينهن ايندو، تڏهن بني اسرائيل جي شهرن جا رهاڪو ٻاهر نڪري
پنهنجي مري ويل دشمنن جا هٿيار گڏ ڪندا. هو ايتريون تہ سپرون،
ڍالون، تيرڪمان، تير، ڀالا ۽ نيزا گڏ ڪندا جو انهن کي ستن سالن
تائين باهہ ۾ ٻارڻ جي ڪم آڻيندا رهندا. ⑩ ايتري قدر جو هنن کي
جهنگ مان ڪاٺ ڪاٽي آڻڻ نہ پوندي، نڪي ٻيلن مان ڪو وڻ وڍڻو
پوندو، ڇالاءِ جو هو انهن هٿيارن کي ئي باهہ ۾ ٻارڻ جي ڪم آڻيندا
رهندا. هو انهن کي ئي لٽيندا ۽ ڦريندا جن کين لٽيو ۽ ڦريو هو. اهو
مون خداوند خدا جو فرمان آهي.“

## ياجوج جو دفن ٿيڻ

⑪ خداوند فرمائي ٿو تہ ”اي حزقي‌ايل! ياجوج کي تباهہ وَ برباد
ڪرڻ کان پوءِ آءٌ بني اسرائيل جي ملڪ ۾ سمنڊ جي اڀرندي پاسي
عباريم ماٿريءَ ۾ سندن دفن ٿيڻ لاءِ هڪ جاءِ چونڊيندس. اتي
ياجوج کي سندس سڄي لشڪر سميت دفن ڪيو ويندو، جنهن ڪري
اتان لنگهندڙن جو رستو بند ٿي ويندو. پوءِ انهيءَ ماٿريءَ جو نالو
'ياجوجي لشڪر جي ماٿري' پئجي ويندو. ⑫ بني اسرائيل قوم وارا
ستن مهينن تائين انهن جي لاشن کي دفنائيندا رهندا، انهيءَ لاءِ تہ
پنهنجي ملڪ کي پاڪ صاف ڪري ڇڏين. ⑬ هائو، منهنجي فتح
واري انهيءَ ڏينهن تي ملڪ جا سڀيئي ماڻهو انهن کي دفن ڪرڻ
۾ لڳي ويندا، جنهن ڪري اهي عزت وارا ليکيا ويندا. ⑭ انهن
ستن مهينن جي پوري ٿيڻ تائين ماڻهن جو هڪڙو ٽولو چونڊي ڪڍيو
ويندو، جيڪو پوري ملڪ ۾ دفن ٿيڻ کان رهجي ويل ڪاهہ ڪندڙن
جي لاشن کي دفن ڪرڻ جي ڪم ۾ مشغول ٿي ويندو، انهيءَ لاءِ
تہ ملڪ کي بلڪل پاڪ صاف ڪري ڇڏجي. ⑮ جڏهن اهي ملڪ مان
لنگهندا، تڏهن منجهائن ڪنهن کي بہ جيڪڏهن ڪنهن انسان جي
هڏي ڏسڻ ۾ ايندي تہ هو ان جي ڀرسان هڪڙو نشان ڪڙو ڪندو،
انهيءَ لاءِ تہ جڏهن قبرون کوٽي دفن ڪرڻ وارا اچن تہ هو انهيءَ
کي اتي ياجوج جي لشڪر واري ماٿريءَ ۾ دفنائي ڇڏين. ⑯ انهيءَ
ماٿريءَ جي ڀرسان واري شهر تي نالو ئي 'لشڪر' پئجي ويندو.
تنهن کان پوءِ ملڪ وري پاڪ صاف ٿي پوندو.“
⑰ خداوند خدا مون کي فرمايو تہ ”اي حزقي‌ايل، آدم جو اولاد!
انهيءَ جنگ لاءِ تون سڀني پکين کي سڏائجانءِ، بلڪ سڀني جهنگلي
جانورن کي بہ. هائو، کين سڏائجانءِ تہ جيئن اهي چئني طرفن کان
اچي اها قرباني کائين جيڪا آءٌ هنن لاءِ تيار پيو ڪريان. اها بني
اسرائيل جي جابلو علائقن ۾ هڪڙي وڏي دعوت هوندي، جنهن ۾
هو ماس کائيندا ۽ رت پيئندا. ⑱ اهي سپاهين جي لاشن کي کائيندا
۽ دنيا جي حڪمرانن جو رت پيئندا، ڇالاءِ جو انهن سڀني کي ڪُتو
ويندو جيڪي بسن علائقي جي ٿلهين متارين رڍن ٻڪرين ۽ ڍورن ڍڳن
وانگر آهن. ⑲ جڏهن آءٌ انهن ماڻهن کي قربانيءَ طور ڪُهندس، تڏهن
پکي ۽ جانور انهن جو پسنديده ماس ايستائين پيا کائيندا جيستائين
اهي ڪائي سگهن ۽ سندن رت ايستائين پيا پيئندا جيستائين پي ڪري
مست ٿين. ⑳ اهي منهنجي دسترخان تي گهوڙن، گهوڙي سوارن،
بهادر سپاهين ۽ سڀني جنگي جوڌن جو ماس ايستائين پيا کائيندا
جيستائين اهي ڪائي ڍءُ ڪن. اهو مون خداوند خدا جو فرمان آهي.“

## بني اسرائيل جي بحالي

㉑ خداوند فرمايو تہ ”جڏهن آءٌ ياجوج جي لشڪر کي سزا ڏيندس،
هائو، جڏهن آءٌ پنهنجي ڪيل فيصلي تي پنهنجي قدرت سان عمل
ڪري ڏيکاريندس، تڏهن دنيا جي سڀني قومن آڏو منهنجي عظمت
ظاهر ٿي پوندي. ㉒ انهيءَ کان پوءِ اڳتي لاءِ بني اسرائيل ڄاڻي
وٺندا تہ آءٌ ئي خداوند سندن خدا آهيان. ㉓ پوءِ غير قومن وارا ڄاڻي
وٺندا تہ ڇا جي ڪري مون بني اسرائيل کان منهن موڙي ڇڏيو هو
۽ کين سندن دشمنن جي هٿن ۾ ڏيئي ڇڏيو هوم، جن مان ڪن کي
جنگ ۾ قتل ڪيو ويو ۽ ڪن کي جلاوطن ڪيو ويو هو. اهو سڀ
ڪجهہ انهيءَ ڪري ٿيو جو بني اسرائيل نافرمان ٿي بدڪاري ڪئي
۽ منهنجي خلاف گناهہ ڪيا هئا. ㉔ هائو، مون کين سندن بدڪارين
۽ پليت ڪمن جي ڪري جوڳي سزا ڏني ۽ کين ڇڏي ڏنم.
㉕ پر هاڻي آءٌ خداوند خدا سڄي بني اسرائيل قوم تي رحم ڪندس.
هائو، آءٌ يعقوب جي اولاد جي خوشحالي وري بحال ڪندس ۽ اهڙيءَ
طرح پنهنجي پاڪ نالي جي عظمت کي ضرور قائم رکندس. ㉖ تنهن
کان پوءِ هو پنهنجي وطن ۾ امن وَ سلامتيءَ سان رهندا ۽ کين ڪوبہ
ڪو نہ ڊيڄاريندو. مگر ان وقت هو ڏاڍا شرمندا ٿيندا، جڏهن کين
پنهنجا بڇڙائيءَ وارا ڪم ۽ منهنجي نالي جي بي‌ادبي ياد ايندي.
㉗ جڏهن آءٌ بني اسرائيل کي غير قومن ۽ دشمن ملڪن مان موٽائي
سندن وطن ۾ آڻيندس، تڏهن گهڻين ئي قومن آڏو منهنجي پاڪيزگي
ظاهر ٿيندي. ㉘ پوءِ منهنجي قوم وارا ڄاڻي وٺندا تہ آءٌ ئي خداوند
سندن خدا آهيان، جنهن کين غير قومن ۾ جلاوطن بڻائي موڪليو

39:17–20 مڪا 19:17–18

هو ۽ هاڻي وري ڪين پاڻ سندن وطن ۾ آڻي آباد ڪيو اٿم ۽ ڪوبہ
هڪڙو پوئتي نہ ڇڏيو اٿم. 29 آءٌ بني اسرائيل ڪان اڳتي ڪڏهن بہ
منهن نہ موڙيندس، ڇالاءِجو آءٌ پنهنجو روح انهيءَ قوم تي نازل
ڪندس. اهو مون خداوند جو فرمان آهي."

## هيڪل جي مستقبل بابت رويا
(35:48–1:40)


### حزقي ايل جو رويا وسيلي يروشلم ۾ آندو وڃڻ

40 1 اسان جي جلاوطنيءَ جي پنجويهين سال پهرين مهيني
جي ڏهين تاريخ تي، جيڪو يروشلم شهر جي زوال جو
چوڏهون سال هو، خداوند جي قدرت مون تي وڏي زور سان نازل ٿي.
2 خدا مون کي رويا ۾ بني اسرائيل جي ملڪ ۾ وٺي ويو ۽ مون کي
هڪڙي تمام وڏي جبل تي لاٿائين. مون ڏکڻ پاسي پنهنجي اڳيان
ڪجھہ عمارتون ڏٺيون جيڪي انهيءَ جبل تي هڪڙي شهر وانگر
ڏسڻ ۾ ٿي آيون. 3 هو مون کي اجا ويجهو وٺي ويو تہ ڇا ڏسان تہ
اتي هڪڙو ماڻهو آهي، جنهن جو چهرو پتل جيان پئي چمڪيو. مون
ڏٺو تہ انهيءَ جي هٿ ۾ ماپ ڪرڻ لاءِ هڪڙي سڻيءَ جي ڏوري ۽
ڪانو هو ۽ هو انهن عمارتن جي ٻاهرين لنگهہ وٽ بيٺو هو. 4 انهيءَ
ماڻهوءَ مون کي چيو تہ "اي حزقي ايل، آدم جو اولاد! ڪن ڏيئي ٻڌ
۽ جيڪي بہ آءٌ تو کي ڏيکاريان ٿو، تنهن تي دل وَ جان سان ڌيان
ڏي، ڇالاءِجو انهيءَ لاءِ ئي تو کي هتي آندو ويو آهي. سو جيڪي
ڪجھہ تون ڏسين سو بني اسرائيل کي بيان ڪري ٻڌائج."


### هيڪل جي چوديواري ۾ ايرندي پاسي وارو ٻاهريون لنگهہ

5 تڏهن مون پهرين شيءِ جيڪا ڏٺي سا هيڪل جي چوديواري
واري ٻاهرين پٽ هئي، جيڪا سيني عمارتن جي چوڌاري ڏنل هئي.
انهيءَ ماڻهوءَ جي هٿ ۾ ماپڻ جو جيڪو ڪانو هو سو ٽي ميٽر ڊگهو
هو، جنهن سان هن پٽ جي ماپ ورتي تہ اها ٽي ميٽر اوچي ۽ ٽي
ميٽر ويڪري هئي. 6 پوءِ هو وري انهيءَ لنگهہ وٽ آيو، جنهن جو
منهن ايرندي پاسي هو. هو انهيءَ جي ڏاڪڻ تي چڙهيو ۽ دروازي
جي چانئٺ ماپيائين، جنهن جي ويڪر ٽي ميٽر هئي. 7 انهيءَ جي
پويان لنگهہ جي ٻنهي پاسن تي پهريدارن لاءِ هڪ ٻئي جي سامهون
ٽي ٽي ڪمرا ٺهيل هئا. هر هڪ ڪمرو چورس هو، جنهن جي هر
پاسي جي ماپ ٽي ميٽر هئي ۽ انهن ڪمرن جي وچ ۾ اڍائي اڍائي
ميٽرن جي وڇوٽي هئي. اڳتي هلي لنگهہ ۾ اندرئين پاسي واري هڪ
ٻي چانئٺ هئي جيڪا بہ ٽي ميٽر ويڪري هئي. انهيءَ ڪان اڳتي

### حزقي ايل جي رويا ۾ ڏنل مقدس هيڪل جو نقشو



مقدس هيڪل


مقدس هيڪل جي ٻاهرين ٽنهي لنگهن
جو تفصيلي نقشو

هڪڙو هال هو جنهن جي ٻي پاسي تي هيڪل جي ٻاهرين اڱڻ ۾
داخل ٿيڻ وارو دروازو هو. 8-10 انهيءَ هال جي اندرين چانئٺ ڪان
وٺي ان دروازي تائين ويڪر چار ميٽر هئي ۽ دروازي جون ٻانهيون
هڪ ميٽر ويڪريون هيون. اهڙيءَ طرح انهن ٻانهين جون پٽيون بہ
هڪ هڪ ميٽر ويڪريون هيون.
11 پوءِ انهيءَ ماڻهوءَ موٽي اچي ٻاهر ڪان اندر داخل ٿيڻ واري
دروازي جي ماپ ڪئي تہ انهيءَ جي ويڪر پنج ميٽر هئي ۽ دروازي
ڪان لنگهہ جي اندر واري ويڪر ساڍا ڇهہ ميٽر هئي. 12 لنگهہ جي
اندران ٻنهي پاسن ۾ پهريدارن لاءِ ٺهيل ٽن ٽن ڪمرن مان هر هڪ
جي اڳيان اڌ ميٽر اوچا ۽ اڌ ميٽر ويڪرا ڊِڪا ٺهيل هئا. 13 انهن
ڪمرن مان ٻہ ٻہ ڪمرا هڪ ٻئي جي آمهون سامهون هئا. سو هن

2:40 مڪا 10:21  3:40 مڪا 15:21–1:11  20:42–5:40 ا.با 1:6–38، 2.توا 1:3–9

ھڪڙي ڪمري جي پٺ واري پيٽ کان وٺي سامھون واري ڪمري
جي پٺ واري پيٽ تائين ماپ ڪئي، جيڪا ساڍا ٻارھن ميٽر ٿي.
ھن اھا ماپ ڇت کان ڪئي. 14 تڏھن انھيءَ ماڻھوءَ ھال ۽ ٻاھرين
اڱڻ جي وچ واري دروازي جي ٿانھين جي اوچائي ماپي جيڪا ٽيھہ
ميٽر ھئي. انھيءَ سڄي اپرندي لنگھہ جي جاءِ جي ٽنھي پاسن کان
ھيڪل جو ٻاھريون اڱڻ ھو. 15 ٻاھر کان اندر داخل ٿيڻ واري دروازي
کان ويندي ٻاھرين اڱڻ تائين سڄي لنگھہ جي ڊيگھہ پنجويھہ ميٽر
ھئي. 16 لنگھہ جي ڪمرن، ھال ۽ دروازن جي سيني اندرين پيٽين
۾ ننڍڙيون دريون لڳل ھيون. دروازن جي چوڪائين جي ٿانھين تي
کجيءَ جي وڻ جون تصويرون بہ ڇاپيل ھيون.

## ھيڪل جو ٻاھريون اڱڻ

17 تنھن کان پوءِ اھو ماڻھو مون کي ھيڪل جي ٻاھرين اڱڻ ۾ وٺي
ويو. اتي ڇا ڏسان تہ ٻاھرين پيٽ جي اندرين پاسي ۾ چئني طرفن
تي ٽيھہ ڪمرا ٺھيل آھن. انھن ڪمرن جي اڳيان سندن دروازن وٽ
اڱڻ جي چوڌاري پٿرن سان فرش ٻڌل ھو. 18 انھيءَ فرش جي ويڪر
لنگھہ جي آخري ڇيڙي تائين ھئي. ھيڪل جي چوديواريءَ جي اندر
مون اندريون اڱڻ بہ ڏٺو جيڪو ٻاھرين اڱڻ کان مٿاھينءَ تي ھو.
19 ٻاھرين اڱڻ جي اوڀر واري لنگھہ جي سامھون اندرين اڱڻ جو
لنگھہ بہ ھو. پوءِ انھيءَ ماڻھوءَ ٻنھي لنگھن جي وچ واري ماپ
ڪئي تہ اھا پنجاھہ ميٽر ھئي.

## ھيڪل جي ٻاھرين اڱڻ جو اتر وارو لنگھہ

پوءِ اھو ماڻھو مون کي ٻاھرين اڱڻ مان ئي اتر پاسي واري ٻاھرين
لنگھہ وٽ وٺي ويو. 20 تڏھن انھيءَ ماڻھوءَ ان لنگھہ جي بہ ماپ
ڪئي، 21 جنھن جي ماپ اپرندي واري لنگھہ جي ماپ جيتري ھئي.
ساڳي نموني لنگھہ جي اندر ٻنھي پاسن تي پھريدارن لاءِ ٽي ٽي
ڪمرا، ڪمرن جون وچوٽي واريون پيٽيون ۽ ھال بہ ساڳي ماپ جا
ٺھيل ھئا. ان لنگھہ جي ماپ بہ ساڳي نموني ھئي يعني ڊيگھہ
پنجويھہ ميٽر ۽ ويڪر ساڍا ٻارھن ميٽر. 22 انھيءَ جو ھال ۽ دريون
بہ بلڪل اپرندي واري لنگھہ وانگر ھيون. کجيءَ جي وڻ جون
تصويرون بہ ائين ئي ڇاپيل ھيون. ساڳي نموني لنگھہ تائين پھچڻ
لاءِ ست ڏاڪا بہ ٺھيل ھئا ۽ ھال بلڪل آخر ۾ ھو جتان ٻاھرين
اڱڻ ۾ وڃڻ جو دروازو ھو. 23 ٻاھرين اڱڻ جي ان اتر واري لنگھہ
جي سامھون اندرين اڱڻ جو لنگھہ بہ ھو. پوءِ انھيءَ ماڻھوءَ ٻنھي
لنگھن جي وچ واري ماپ ڪئي تہ اھا بہ پنجاھہ ميٽر ھئي.

## ھيڪل جي ٻاھرين اڱڻ جو ڏکڻ وارو لنگھہ

24 پوءِ اھو ماڻھو مون کي ڏکڻ طرف وٺي ھليو. ڇا ڏسان تہ ڏکڻ
واري پاسي بہ ھڪڙو لنگھہ ھو. ھن ان جي ماپ ڪئي تہ اھا بہ
ٻين لنگھن جي ماپ جيتري ھئي. 25 ان لنگھہ اندر ساڳي نموني
دريون لڳل ھيون. ان لنگھہ جي ماپ بہ ساڳي ئي ھئي يعني ڊيگھہ
پنجويھہ ميٽر ۽ ويڪر ساڍا ٻارھن ميٽر. 26 ساڳي نموني لنگھہ تائين
پھچڻ لاءِ ست ڏاڪا بہ ٺھيل ھئا ۽ ھال بلڪل آخر ۾ ھو جتان
ٻاھرين اڱڻ ۾ وڃڻ جو دروازو ھو. ٻين لنگھن وانگر دروازن جي
چوڪائين جي ٿانھين تي کجيءَ جي وڻ جون تصويرون بہ ڇاپيل
ھيون. 27 ٻاھرين اڱڻ جي ان ڏکڻ واري لنگھہ جي سامھون اندرين
اڱڻ جو لنگھہ بہ ھو. پوءِ انھيءَ ماڻھوءَ ٻنھي لنگھن جي وچ واري
ماپ ڪئي تہ اھا بہ پنجاھہ ميٽر ھئي.

## ھيڪل جي اندرين اڱڻ جو ڏاکڻو لنگھہ

28 پوءِ اسين ٻاھرين اڱڻ کان اندرين اڱڻ جي ڏاکڻي لنگھہ وٽ
آياسين. انھيءَ ماڻھو ان لنگھہ جي ماپ ورتي تہ اھا بہ ٻاھرينءَ
پيٽ وارن لنگھن جي ماپ جيتري ھئي. 29–30 پھريدارن جي ڪمرا،
سيئي پيٽيون، ھال ۽ دريون بہ ساڳي ئي ماپ جون ھيون. ٻين لنگھن
وانگر ھن لنگھہ جي بہ ڊيگھہ پنجويھہ ميٽر ۽ ويڪر ساڍا ٻارھن
ميٽر ھئي. 31 پر ھن لنگھہ وارو ھال آخر جي بجاءِ اڳ ۾ ھو ۽
ٻاھرين پيٽ جي لنگھہ جي ھال جي آمھون سامھون ھو. ان لنگھہ
جي چوڪائين جي ٿانھين تي بہ کجيءَ جي وڻ جون تصويرون ڇاپيل
ھيون. ٻاھرين اڱڻ کان ھن لنگھہ تي چڙھڻ لاءِ اٺ ڏاڪا ٺھيل ھئا.

## ھيڪل جي اندرين اڱڻ جو اپرندو لنگھہ

32 پوءِ اھو ماڻھو مون کي اندرين اڱڻ جي اپرندي لنگھہ وٽ وٺي
آيو. ھن ان لنگھہ جي ماپ ورتي، جيڪا بہ ٻين لنگھن جي ماپ
جيتري ھئي. 33 پھريدارن جا ڪمرا، سيئي پيٽيون، ھال ۽ دريون بہ
ساڳي ئي ماپ جون ھيون. ٻين لنگھن وانگر ھن لنگھہ جي بہ ڊيگھہ
پنجويھہ ميٽر ۽ ويڪر ساڍا ٻارھن ميٽر ھئي. 34 اندرين اڱڻ جي
ڏاکڻي لنگھہ وانگر ھن لنگھہ وارو ھال بہ آخر جي بجاءِ اڳ ۾ ھو
۽ ٻاھرين پيٽ جي لنگھہ جي ھال جي آمھون سامھون ھو. ان لنگھہ
جي چوڪائين جي ٿانھين تي بہ کجيءَ جي وڻ جون تصويرون ڇاپيل
ھيون. ٻاھرين اڱڻ کان ھن لنگھہ تي چڙھڻ لاءِ بہ اٺ ڏاڪا ٺھيل ھئا.

## ھيڪل جي اندرين اڱڻ جو اتر وارو لنگھہ

35 پوءِ اھو ماڻھو مون کي اندرين اڱڻ جي اتر واري لنگھہ وٽ
وٺي آيو. ھن ان لنگھہ جي ماپ ورتي، جيڪا بہ ٻين لنگھن جي ماپ
جيتري ھئي. 36 پھريدارن جا ڪمرا، سيئي پيٽيون، ھال ۽ دريون بہ
ساڳي ئي ماپ جون ھيون. ٻين لنگھن وانگر ھن لنگھہ جي بہ ڊيگھہ
پنجويھہ ميٽر ۽ ويڪر ساڍا ٻارھن ميٽر ھئي. 37 اندرين اڱڻ جي ڏاکڻي
۽ اپرندي لنگھن وانگر ھن لنگھہ وارو ھال بہ آخر جي بجاءِ اڳ ۾ ھو
۽ ٻاھرين پيٽ جي لنگھہ جي ھال جي آمھون سامھون ھو. ان لنگھہ
جي چوڪائين جي ٿانھين تي بہ کجيءَ جي وڻ جون تصويرون ڇاپيل
ھيون. ٻاھرين اڱڻ کان ھن لنگھہ تي چڙھڻ لاءِ بہ اٺ ڏاڪا ٺھيل ھئا.

## اندرين اڱڻ جي اتر واري لنگھه وٽ جانورن جي قربانيءَ وارا ڪمرا

38 اندرين اڱڻ جي اتر واري لنگھه جي شروع ۾ هال جي لڳولڳ
هڪڙو ڪمرو ٺهيل هو جيڪو هال ۾ ئي کليو. اتي انهن ڪُل جانورن
کي ڌوتو ويندو هو جيڪي قربانيءَ طور ساڙڻ لاءِ پيش ڪيا ويندا هئا.
39 انهيءَ ڪمري ۾ چار ميزون رکيل هيون، ٻه ڪمري جي هڪڙي
پاسي ۽ ٻه ٻئي پاسي. انهن ميزن تي قربانين لاءِ جانور ذبح ڪيا
ويندا هئا، يعني ساڙڻ واريون قربانيون ۽ اهي قربانيون جن جي وسيلي
ماڻهن جا گناهه معاف ڪيا وڃن ته جيئن اهي پاڪ ٿين. 40 انهيءَ
ڪمري جي ٻاهران اتر طرف ٻاهرين اڱڻ ۾ لنگھه وٽ چار ٻيون ميزون
رکيل هيون، ٻه هڪڙي پاسي ۽ ٻه ٻئي پاسي. 41 ڪل ملائي جملي
اٺ ميزون هيون، چار ڪمري جي اندر ۽ چار ٻاهرين اڱڻ ۾. انهن
سڀني تي قربانيءَ لاءِ پيش ٿيندڙ جانورن کي ذبح ڪيو ويندو هو.
42 انهن ميزن مان چار ميزون جيڪي ساڙڻ وارين قربانين لاءِ هيون سي
تراشيل پٿر جون ٺهيل هيون. انهن جي اوچائي اڌ ميٽر ۽ مٿين سطح
مُنو ميٽر چورس هئي. اهي ميزون ذبح ڪرڻ وارن جانورن کي ڪُهڻ
وارا اوزار رکڻ لاءِ هيون. 43 انهن ميزن مان هر هڪ جي چوڌاري
ڪنارن تي چئن آڱرين جيتري ويڪري ڪناري لڳل هئي. قربانيءَ لاءِ
پيش ڪيو ويندڙ سمورو گوشت انهن ميزن تي رکيو ويندو هو.
44 پوءِ وري اهو ماڻهو مون کي هيڪل جي اندرين اڱڻ ۾ وٺي
آيو. اتي مون ٻه ڪمرا ڏٺا جن جا دروازا اندرين اڱڻ ڏانهن ٿي
کليا. هڪڙو ڪمرو اتر واري لنگھه جي پرسان هو جنهن جو رخ ڏکڻ
ڏانهن هو ۽ ٻيو ڏکڻ واري لنگھه جي پرسان هو، جنهن جو رخ اتر
ڏانهن هو. 45 انهيءَ ماڻهوءَ مون کي ٻڌايو ته جنهن ڪمري جو رخ
ڏکڻ ڏانهن آهي سو هيڪل ۾ خدمت ڪندڙ ڪاهنن جي لاءِ آهي.
46 جنهن ڪمري جو رخ اتر طرف آهي سو قربان‌گاهه جي خدمت
ڪندڙ ڪاهنن جي لاءِ آهي. اهي سڀ ڪاهن صدوق جو اولاد آهن.
لاوي قبيلي جي رڳو انهن ئي ڪاهنن کي خداوند جي حضور ۾ وڃي
خدمت ڪرڻ جي اجازت آهي.

## هيڪل جي عمارت ۽ اندريون اڱڻ

47 انهيءَ ماڻهوءَ اندرين اڱڻ جي ماپ ڪئي، جيڪو پنجاهه ميٽر
ڊگھو ۽ پنجاهه ميٽر ويڪرو چورس هو. اندرين اڱڻ جي اولهه ۾
هيڪل جي عمارت هئي ۽ انهيءَ جي آڏو اندرين اڱڻ ۾ قربان‌گاهه
هئي. 48 پوءِ اهو ماڻهو مون کي هيڪل جي عمارت جي داخل ٿيڻ
واري ڪمري ۾ وٺي آيو. هن انهيءَ جي دروازي جي ماپ ڪئي ته
اهو اڍائي ميٽر ٿلهو ۽ ست ميٽر ويڪرو هو. ان جون پٽيون ٻنهي طرفن
کان ڏيڍ ڏيڍ ميٽر ويڪريون هيون. 49 داخل ٿيڻ وارو سڄو ڪمرو ڏهه
ميٽر ڊگھو ۽ ڇهه ميٽر ويڪرو هو. اندرين اڱڻ کان ڪمري ۾ داخل
ٿيڻ لاءِ ڏهه ڏاڪا ٺهيل هئا. ان جي دروازي جي ٻنهي پاسن تي ٻه
ٿنڀا ٺهيل هئا.

41 1 پوءِ اهو ماڻهو مون کي هيڪل جي عمارت جي وچين
ڪمري يعني مقدس جاءِ ۾ وٺي آيو. هن انهيءَ جي دروازي
جي ماپ ڪئي، جيڪو ٽي ميٽر ٿلهو 2 ۽ پنج ميٽر ويڪرو هو. ان
جون پٽيون ٻنهي طرفن کان اڍائي اڍائي ميٽر ويڪريون هيون. هن
انهيءَ ڪمري جي به ماپ ڪئي جيڪو ويهه ميٽر ڊگھو ۽ ڏهه ميٽر
ويڪرو هو.
3 پوءِ هو پاڻ بلڪل اندرين ڪمري ۾ ويو. هن انهيءَ ڪمري جي
دروازي جي ماپ ڪئي، جيڪو هڪ ميٽر ٿلهو ۽ ٽي ميٽر ويڪرو
هو. ان جون پٽيون ٻنهي طرفن کان ساڍا ٽي ساڍا ٽي ميٽر ويڪريون
هيون. 4 هن انهيءَ ڪمري جي به ماپ ورتي، ته اهو ڏهن ميٽرن
وارو چورس ڪمرو هو. پوءِ هن مون کي چيو ته ”هيءَ مقدس ترين
جاءِ آهي.“

## هيڪل جي عمارت جا ٻنهي پاسن وارا ڪمرا

5 پوءِ انهيءَ ماڻهوءَ هيڪل جي عمارت جي پٽ جي ٿولهه ماپي،
جيڪا ٽي ميٽر هئي. انهيءَ پٽ وٽ عمارت جي ٽن پاسن تي ڪمرا
ٺهيل هئا جن مان هر هڪ جي ويڪر ٻه ميٽر هئي. 6 انهن ٽنهين
پاسي وارن ڪمرن جي مٿان ٻه ٻيون منزلون به ٺهيل هيون ۽ هر منزل
۾ ٽيهه ڪمرا ٺهيل هئا. انهن منزلن لاءِ انهيءَ عمارت جي پٽ ۾
ٽيڪون لڳل هيون انهيءَ لاءِ ته منزلون هيڪل جي عمارت جي پٽ ۾
لڳل نه هجن. 7 مٿين منزل وارا ڪمرا وچين منزل وارن ڪمرن کان
وڌيڪ ڪشادا هئا ۽ وچين منزل وارا ڪمرا هيٺين منزل وارن ڪمرن
کان وڌيڪ ڪشادا هئا. سو اهڙيءَ طرح عمارت جي مٿين واري ماپ
هيٺين واري ماپ کان وڌيڪ هئي.
8 مون ڏٺو ته هيڪل جي عمارت ۽ سندس پاسن وارن ڪمرن جا
بنياد اوچي ٿلهي تي ٺهيل هئا. اهو ٿلهو عمارت جي چوڌاري به هو ۽
سندس اوچائي ٽي ميٽر هئي. 9-11 پاسن وارن ڪمرن جي ٻاهرين پٽ
جي ٿولهه اڍائي ميٽر هئي ۽ پٽ کان ٿلهي جي ڇيڙي تائين باقي ڇڏيل
ڪشادي جاءِ پڻ اڍائي ميٽر هئي. ڪمرن جا دروازا انهيءَ ڪشادي
جاءِ ڏانهن ٿي کليا. هڪڙو دروازو اتر ڏانهن هو ته ٻيو ڏکڻ ڏانهن.
اڳيئن پاسي کان سواءِ هيڪل جي عمارت جي ٿلهي جي ڇيڙي کان
اندرين اڱڻ جي چوڌاري وارن ڪمرن تائين واري ماپ ڏهه ميٽر هئي.
12 مون هڪڙي ٻي عمارت به ٺهيل ڏٺي، جيڪا هيڪل جي عمارت
جي اولهه طرف ۽ هيڪل جي چوديواريءَ جي پٽ تائين هئي. انهيءَ
عمارت جي اندرين پاسي واري ڊيگھه اتر کان ڏکڻ تائين پنجيتاليهه

46:40 2 سمـ 17:8

ميٽر ۽ ويڪر پنجٽيهه ميٽر هئي ۽ سندس پٿيون چوڏاري اڍائي ميٽر
ٿلهيون هيون.

## اندرين اڱڻ جي ڊيگهه جي ماپ

13 انهيءَ ماڻهوءَ هيڪل جي عمارت جي ٻاهرين پاسي جي ماپ
ڪئي، جنهن جي ڊيگهه پنجاهه ميٽر هئي. هيڪل جي اولاهين پاسي
واري عمارت ۽ سندس پٿين جي ڪل ڊيگهه وچ واري خالي ڇڏيل
جاءِ سميت پنجاهه ميٽر هئي. 14 هيڪل جي اڳيان اڱڻ جي ڊيگهه
پڻ پنجاهه ميٽر هئي.
15 آخر ۾ هن الهندي پاسي واري عمارت جي اتر ڏکڻ واري ڊيگهه
پٿين جي ڪانسن سميت ماپي جيڪا پنجاهه ميٽر هئي.

## هيڪل جي عمارت جو اندريون تفصيل

هيڪل جي عمارت جي داخل ٿيڻ واري ڪمري ۽ مقدس جاءِ تي
ڪاٺ لڳل هو. 16 يعني دروازن جي چوڪاٺين، ڪليل درين ۽ تاڪن
وارين درين تي ڪاٺ لڳل هو. هر هڪ دريءَ جي تري ڪان سواءِ ٽن
پاسن تي ٽن تَهن وارا ڪاٺ جا فريم لڳل هئا. انهن ٻنهي ڪمرن
جي سيني پٿين تي فرش ڪان درين تائين ڪاٺ لڳل هو. 17–18 هيڪل
جي عمارت جون اندريون پٿيون سردرن ڪان ٻه مٿي تائين توڙي
ٻاهريون سڀيئي پٿيون چوڏاري پردار آسماني مخلوق جي مجسمن ۽
کجيءَ جي وڻن جي تصويرن سان پوريءَ طرح سينگاريل هيون. هر
پردار آسماني مخلوق ڪان پوءِ هڪ هڪ کجيءَ جو وڻ هو ۽ هر پردار
آسماني مخلوق کي ٻه ٻه منهن هئا. 19 هر هڪ مخلوق جو انساني
منهن هڪڙي پاسي واري کجيءَ جي وڻ ڏانهن هو ۽ ان جو شينهن
وارو منهن ٻئي پاسي واري کجيءَ جي وڻ ڏانهن هو. سڄي عمارت
جا اندريان چار ئي پاسا 20 فرش ڪان وٺي دروازن جي سردرن ڪان
ٻه مٿي تائين اهڙيءَ طرح سينگاريل هئا. 21 هيڪل جي عمارت جي
مقدس جاءِ جي دروازي جي چوڪاٺ چورس هئي.

## ڪاٺ جي ٺهيل قربان‌گاهه

مقدس ترين جاءِ جي دروازي جي اڳيان مقدس جاءِ ۾ ڪا اهڙي
شيءِ رکيل هئي، 22 جيڪا ڪاٺ جي ٺهيل قربان‌گاهه ڏسڻ ۾ ٿي
آئي. اها ڏيڍ ميٽر اوچي ۽ هڪ ميٽر چورس هئي. انهيءَ جا ڪُنڊن
وارا ٿنڀا، پاوا ۽ پاسا سڀيئي ڪاٺ جا ٺهيل هئا. انهيءَ ماڻهوءَ مون
کي ٻڌايو ته ”هيءَ اها ميز آهي جيڪا خداوند جي حضور ۾ رکيل
هوندي آهي.“

## هيڪل جي عمارت جا دروازا

23 هيڪل جي مقدس جاءِ جي دروازي جي چوڪاٺ تي ۽ مقدس
ترين جاءِ جي دروازي جي چوڪاٺ تي تاڪ لڳل هئا. 24 هر هڪ
چوڪاٺ تي ٻه ٻه تاڪ لڳل هئا، جيڪي وچ مان ڪولي سگهجن پيا.
25 مقدس جاءِ جي دروازي جي تاڪن تي پردار آسماني مخلوق جا
مجسما ۽ کجيءَ جا وڻ سينگاريل هئا، جهڙيءَ طرح پٿين تي چاپيل
هئا. داخل ٿيڻ واري ڪمري جي دروازي جي ٻاهران ڪاٺ جي ڇٽي
ٺهيل هئي. 26 انهيءَ ڪمري جي پاسن وارين ٻاهرين پٿين ۾ دريون
هيون ۽ کجيءَ جي وڻن جون تصويرون ٻه چاپيل هيون. عمارت جي
پاسن وارن ڪمرن جي اڳيان ٻه اهڙيءَ طرح ڇٽيون ٺهيل هيون.

## هيڪل جي عمارت جي ڀر واريون ٻه عمارتون

42 1 پوءِ اهو ماڻهو مون کي هيڪل جي عمارت جي اتر پاسي
واپس ٻاهرين اڱڻ ۾ وٺي آيو جتي هڪ عمارت ٺهيل هئي.
اها عمارت هيڪل جي الهندي پاسي واري عمارت جي اتر طرف هئي
۽ ڪانئس پري نه هئي. 2 انهيءَ عمارت جو اتر وارو پاسو پنجاهه
ميٽر ڊگهو هو ۽ عمارت جي ويڪر پنجويهه ميٽر هئي. 3 سو انهيءَ
عمارت جي ڏکڻ پاسي هيڪل جي ڀرسان واري ڏهه ميٽر ويڪري
خالي جاءِ ٻه هئي ۽ اتر پاسي ٻاهرين اڱڻ وارو فرش هو. اها عمارت
ٽن طبقن تي ٺهيل هئي، جنهن جو هر هڪ طبقو هڪ ٻئي ڪان مٿي
۽ پوئتي هو. 4–6 مٿئين ٽئين طبقي وارا ڪمرا هيٺين ٻن طبقن وارن
ڪمرن ڪان وڌيڪ سوڙها هئا، ڇالاءِجو هيٺين ۽ وچين طبقن جي
ڪري مٿئين طبقي لاءِ ايتري جڳهه ڪانه هئي. اهو انهيءَ ڪري هو
جو انهيءَ عمارت کي ٽي طبقا هئا ۽ ڪيس ٿنڀا نه هئا جيئن هيڪل
جي چوديواري جي ٻين عمارتن کي هئا.
انهيءَ عمارت جي اترئين پاسي تي ڪمرن جا دروازا هئا، جن جي
اڳيان پنج ميٽر ويڪري ۽ پنجاهه ميٽر ڊگهي گهٽي هئي. 7 انهيءَ
گهٽيءَ جي پاسي تي دروازن جي سامهون هڪ ڀت هئي جيڪا ٻاهرين
اڱڻ وٽ رکيو پنجويهه ميٽر ڊگهي هئي، 8 ڇالاءِجو اهي ڪمرا جيڪي
ٻاهرين اڱڻ ۾ الهندي پاسي ٺهيل هئا، تن جي ڊيگهه پنجويهه ميٽر
هئي. سو گهٽيءَ جي ڀرسان انهن ڪمرن ۽ ڀت جي گڏيل ڊيگهه
عمارت جيتري هئي يعني پنجاهه ميٽر. 9–10 گهٽيءَ جي اوڀر طرف
جتان ڀت جي شروعات پئي ٿي، اتي انهيءَ عمارت جي ڪمرن ڏانهن
وڃڻ لاءِ، ٻاهرين اڱڻ وٽ چاڙهي هئي.
هيڪل جي ڏکڻ طرف ساڳي ئي طرح هڪ ٻي عمارت ٺهيل هئي،
جيڪا هيڪل جي الهندي پاسي واري عمارت جي ڏکڻ طرف هئي ۽
ڪانئس پري نه هئي. پر انهيءَ عمارت جو رخ اتر واري عمارت جي
ابتڙ هو. 11 انهيءَ عمارت جي اڳيان واري گهٽي ۽ دروازا ٻه بلڪل
ساڳي ئي طرح ٺهيل هئا. بلڪ انهيءَ عمارت جي ماپ ۽ نمونو ٻه
هڪجهڙو هو. 12 ساڳي ئي طرح گهٽيءَ جي اوڀر طرف جتان ڀت جي
شروعات پئي ٿي، اتي انهيءَ عمارت جي ڪمرن ڏانهن وڃڻ لاءِ،
ٻاهرين اڱڻ وٽ چاڙهي هئي.
13 پوءِ انهيءَ ماڻهوءَ مون کي ٻڌايو ته ”هيڪل جي اتر ۽ ڏکڻ
پاسي وارا اهي ڪمرا خداوند جي خدمت لاءِ ئي مخصوص آهن.
انهن ڪمرن ۾ خداوند جا چونڊيل ڪاهن قربانين جون اهي شيون

کائيندا جيڪي خداوند لاءِ ئي مخصوص آهن. اناج جون قربانيون،
گناهن کان پاڪ ٿيڻ واسطي قربانيون ۽ قصور جي تلافيءَ واسطي
قربانيون به اتي ئي رکيون وينديون، ڇالاءِجو اهي سڀ قربانيون
رڳو خداوند لاءِ مخصوص آهن. 14 جڏهن ڪاهن هيڪل جي اندرين
اڱڻ مان نڪري وڃڻ چاهين، تڏهن انهن کي خداوند جي خدمت لاءِ
مخصوص پوشاڪون لاهي انهن ڪمرن ۾ رکڻيون پونديون. پوءِ هو
عام ڪپڙا پائي ٻاهرين اڱڻ ۾ ٻين ماڻهن جي ويجهو وڃي سگهندا."

## هيڪل جي چوديواريءَ جي سڄي ايراضيءَ جي ماپ


15 هاڻي جڏهن انهيءَ ماڻهوءَ هيڪل جي اندرين اڱڻ جي ايراضي
ماپي بس ڪئي، تڏهن هو مون کي ٻاهرين اڱڻ جي اوڀر پاسي واري
لنگهه کان ٻاهر وٺي آيو ۽ هيڪل جي چوديواريءَ جي سڄي ايراضيءَ
جي ماپ ورتائين. 16 هن ماپ وارو ڪانو کڻي هيڪل جي چوديواريءَ
جو اوڀرندي وارو پاسو ماپيو، جيڪو به سؤ پنجاهه ميٽر هو. 17–19 پوءِ
هن اتر، ڏکڻ ۽ اولهه طرف وارن پاسن جي ماپ ڪئي، جيڪا هر
پاسي کان هڪ جيتري يعني به سؤ پنجاهه ميٽر هئي. 20 سو هيڪل
جي چوديواريءَ جي چئني پاسن جون پٽيون ڊيگهه توڙي ويڪر ۾ به
سؤ پنجاهه ميٽر چورس هيون. انهيءَ پٽ خداوند لاءِ مخصوص جاءِ
کي عام جاين کان ڌار ٿي ڪيو.

## هيڪل ڏانهن خداوند جي واپسي

43 1 پوءِ اهو ماڻهو مون کي ٻاهرين اڱڻ جي انهيءَ لنگهه وٽ
وٺي آيو، جنهن جو منهن اوڀرندي پاسي هو. 2 جيئن ئي مون
نهاريو ته مون کي بني اسرائيل جي خدا جو جلوو اوڀرندي پاسي کان
ايندو نظر آيو. خدا جي اچڻ جو آواز سمنڊ جي گجگوڙ جيان ٻڌڻ ۾
آيو. ڌرتي سندس جلوي جي تجليءَ سان چمڪڻ لڳي. 3 هيءَ رويا
بلڪل انهيءَ رويا وانگر هئي، جيڪا مون انهيءَ وقت ڏٺي هئي جڏهن
خداوند يروشلم کي برباد ڪرڻ لاءِ آيو هو ۽ انهيءَ رويا وانگر پڻ هئي
جيڪا مون ڪبار نهر جي ڪناري تي ڏٺي هئي. تڏهن مون هڪدم
پنهنجو سر زمين تي رکي سجدو ڪيو. 4 خداوند جي تجلي انهيءَ
اوڀرندي دروازي مان هيڪل جي چوديواريءَ کان اندر گهڙي ويئي.
5 تڏهن خداوند جي روح مون کي مٿي کنيو ۽ آڻي اندرين اڱڻ ۾
لاٿائين، جتي آءٌ ڇا ڏسان ته هيڪل جي عمارت خداوند جي تجليءَ
سان پرجي ويئي آهي. 6 اهو ساڳيو ماڻهو جنهن ماپ ڪئي سو
منهنجي پاسي ۾ بيٺو هو، تڏهن مون هيڪل جي عمارت جي اندران
خداوند جو آواز ٻڌو، جنهن مون کي فرمايو ته 7 "اي حزقي‌ايل، آدم
جو اولاد! ڏس، هي هيڪل ڌرتيءَ تي منهنجو تخت‌گاهه آهي جتي آءٌ
هميشه جي لاءِ بني اسرائيل جي وچ ۾ رهي حڪمراني ڪندس. هاڻي
اڳتي بني اسرائيل منهنجي پاڪ نالي جي وري ڪڏهن به بي‌حرمتي نه
ڪندا. يعني نڪي اهي ۽ نڪي سندن بادشاهه غير معبودن جي پوڄا
ڪندا ۽ نه وري بادشاهن جي مري وڃڻ کان پوءِ سندن يادگاريءَ لاءِ
مقبرا ٺاهيا ويندا. 8 بلڪ بني اسرائيل جي بادشاهن پنهنجا محلات
منهنجي هيڪل جي ايترو ته ويجهو ڪري جوڙايا جو هنن جي ۽
منهنجي هيڪل جي وچ ۾ رڳو هڪڙي پٽ هئي ۽ هنن جي محلاتن
جا دروازا منهنجي هيڪل ۾ ٿي کليا. هائو، هنن ڪراهت جهڙا ڪم
ڪري منهنجي نالي جي بي‌حرمتي ڪئي، تنهنڪري مون پنهنجو
غضب نازل ڪري کين فنا ڪري ڇڏيو. 9 پر جيڪڏهن هاڻي بني
اسرائيل ۽ سندن بادشاهه غير معبودن جي پوڄا ڪرڻ ڇڏي ڏين ۽
پنهنجي مري ويل بادشاهن جا يادگار منهنجي هيڪل مان هٽائي
ڇڏين، تڏهن آءٌ هميشه جي لاءِ انهن منجهه رهندس.
10 سو اي حزقي‌ايل، آدم جو اولاد! تون بني اسرائيل کي منهنجي
هيڪل بابت ٻڌائي ڇڏ ته جيئن اهي هيڪل جي ماپ ڪري پنهنجي
ڪيل گناهن تي شرمسار ٿي ڪري پشيمان ٿين. 11 پوءِ جيڪڏهن اهي
پنهنجي ڪئي تي پشيمان ٿين، تڏهن کين هيڪل جو نقشو سمجهاءِ.
انهيءَ جي ترتيب، انهيءَ ۾ اچڻ ۽ وڃڻ جا لنگهه ۽ انهيءَ جي
پوري شڪل، هر ڪنهن شيءِ جي انتظام ۽ هيڪل ۾ خدمت ڪرڻ
لاءِ قاعدن قانونن بابت انهن کي سمجهاءِ. انهن سڀني ڳالهين جو
نقشو ٺاهي انهن جي اڳيان رک ته جيئن اهي پوري انتظام کي سمجهي
سگهن ۽ منهنجي سڀني حڪمن ۽ قاعدن قانونن تي عمل ڪن.
12 هن هيڪل جا هي قاعدا قانون تون بني اسرائيل کي ٻڌاءِ جن
تي عمل ڪرڻ سان جبل جي چوٽيءَ تي ٺهيل هيڪل جي چوديواريءَ
جي سڄي ايراضي منهنجي لاءِ ئي مخصوص ۽ پاڪ رهندي. ياد
رک، هي ئي منهنجي گهر جا قاعدا قانون آهن."

## اندرين اڱڻ جي قربان‌گاهه
## کي مخصوص ڪرڻ جا قاعدا قانون

13 جهڙي نموني سڄي هيڪل جي ماپ ڪئي وئي هئي انهيءَ
ساڳي پيماني مطابق قربان‌گاهه جون ماپون به هن ريت آهن.




حزقي‌ايل جي رويا ۾ ڏٺل قربان‌گاهه جو نقشو

(حزقي‌ايل 43:13)

43:2 حز 10:3–4،18–19، 11:22–23، مڪا 15:1    43:3 حز 1:1–3، 3:15، 8:1–11:25    43:13–17 خر 27:1–2، 2.توا 4:1

قربان‌گاهہ جي بنياد جي چوڏاري نالي ٺهيل هئي، جيڪا اڌ ميٽر
اونهي ۽ اڌ ميٽر ويڪري هئي. انهيءَ ناليءَ جي چوڌاري ميٽر جي
چوٿين حصي جيتري اوچي ڪناري ٺهيل هئي. قربان‌گاهہ جي بنياد
کان وٺي چوٽيءَ تائين ماپ هن ريت آهي. 14 قربان‌گاهہ جو پهريون
حصو بنياد کان هڪ ميٽر اوچو هو. قربان‌گاهہ جو ٻيو حصو پهرين
حصي جي ڪناري کان چوڌاري اڌ ميٽر اندر هو ۽ انهيءَ جي اوچائي
ٻہ ميٽر هئي. انهيءَ کان پوءِ وارو حصو پڻ ٻئي حصي جي ڪناري
کان چوڌاري اڌ ميٽر اندر هو. 15 هي بلڪل مٿيون حصو هو جنهن تي
قربانيون ساڙيون وينديون هيون، سو پڻ ٻہ ميٽر اوچو هو. انهيءَ جي
چئني ڪنڊن تي سڱ ٺهيل هئا جيڪي مٿئين حصي جي ڪناري کان
وڌيڪ اوچا هئا. 16 قربان‌گاهہ جي مٿئين حصي جو مٿاڇرو جيڪو
آتشدان هو سو چورس هو ۽ ان جي چئني پاسن جي ماپ ڇهہ ڇهہ
ميٽر هئي. 17 قربان‌گاهہ جو وچون حصو پڻ چورس هو ۽ ان جي
چئني پاسن جي ماپ ست ست ميٽر هئي. ان جي ٻاهران چوڌاري
چيڙن وٽ ڪناري ٺهيل هئي جنهن جي ويڪر ميٽر جو چوٿون حصو
هئي. جڏهن تہ قربان‌گاهہ جي بنياد وٽ جيڪا نالي هئي سا اڌ ميٽر
اونهي هئي. قربان‌گاهہ جي مٿئين حصي تائين چڙهڻ لاءِ اڀرندي
طرف کان ڏاڪا ٺهيل هئا.

18 خداوند خدا مون کي فرمايو تہ ”اي حزقي‌ايل، آدم جو اولاد!
جڏهن قربان‌گاهہ تعمير ٿي وڃي تڏهن جيڪي قاعدا قانون آهن ڪيس
وقف ڪرڻ لاءِ تو کي هاڻي ٻڌايان ٿو، تن تي تون عمل ڪراءِ. تنهن
کان پوءِ اها قربان‌گاهہ ساڙڻ واريون قربانيون پيش ٿيڻ لاءِ ۽ قرباني
ڪيل جانورن جو رت ڇٽڪارڻ لاءِ مخصوص ٿيندي. 19 جيڪي ڪاهن
مون پنهنجي حضور ۾ حاضر رهي خدمت ڪرڻ لاءِ چونڊيا آهن،
سي لاوي قبيلي مان صدوق جي نسل وارا آهن. سو قربان‌گاهہ جي
وقف ڪرڻ وقت تون کين هڪڙو وهڙو ڏجانءِ جيڪو انهن لاءِ گناهن
کان پاڪ ٿيڻ واسطي قربان ڪيو وڃي. 20 انهيءَ وهڙي جي رت
مان ڪجهہ کڻي قربان‌گاهہ جي چئني ڪنڊن وارن سڱن تي، وچين
حصي جي چئني ڪنڊن ۽ چوڌاري واري ڪناري تي ڇٽڪاريو وڃي.
اهڙيءَ طرح اها قربان‌گاهہ پاڪ ٿي ويندي ۽ انهيءَ ۾ ڪابہ پليتي نہ
رهندي. 21 پوءِ انهيءَ ڪُنل وهڙي کي کڻي هيڪل جي چوديواريءَ
کان ٻاهر مقرر ڪيل جاءِ تي ساڙيو وڃي. 22 ٻئي ڏينهن هڪڙو بي‌عيب
ڇيلو آڻي گناهن کان پاڪ ٿيڻ واسطي قربانيءَ طور پيش ڪيو وڃي.
انهيءَ جي رت سان قربان‌گاهہ کي بلڪل ساڳئي نموني پاڪ ڪيو
وڃي جيئن وهڙي جي رت سان پاڪ ڪيو ويو هو. 23 جڏهن قربان‌گاهہ
پاڪ ٿي وڃي تڏهن هڪڙو ٻيو بي‌عيب وهڙو ۽ هڪڙو بي‌عيب گهٽو
آڻي قربان ڪيا وڃن. 24 جڏهن اهي جانور منهنجي حضور ۾ ذبح
ڪيا وڃن تڏهن ڪاهن انهن تي لوڻ ڇٽين ۽ پوءِ اهي مون خداوند
جي حضور ۾ ساڙڻ واري قربانيءَ طور پيش ڪن. 25 پوءِ لڳاتار ستن
ڏينهن تائين روزانو هڪڙو ڇيلو، هڪڙو وهڙو ۽ هڪڙو گهٽو جيڪي
سڀ بي‌عيب هجن سي گناهن کان پاڪ ٿيڻ واسطي قربانيءَ طور پيش
ڪيا وڃن. 26 اهڙيءَ طرح ستن ڏينهن تائين ڪاهن قربانيون ڪندي
قربان‌گاهہ کي پاڪ ڪري منهنجي لاءِ مخصوص ڪن. 27 جڏهن
اهي ست ڏينهن پورا ٿي وڃن، تڏهن اٺين ڏينهن کان ڪاهن ٻين
ماڻهن جي لاءِ ساڙڻ واريون قربانيون ۽ سلامتيءَ واسطي قربانيون
پيش ڪرڻ شروع ڪن. تڏهن آءٌ اوهان سڀني بني اسرائيل وارن تي
راضي ٿيندس. اهو مون خداوند خدا جو فرمان آهي.“

## اڀرندي لنگهہ جو بند رهڻ

44 1 پوءِ اهو ماڻهو مون کي موٽائي هيڪل جي چوديواريءَ
جي اوپر طرف واري ٻاهرين لنگهہ وٽ وٺي آيو، جيڪو بند
پيو هو. 2 تڏهن خداوند مون کي فرمايو تہ ”هي لنگهہ بند رهندو
۽ ڪڏهن بہ نہ کلندو. هائو، ڪنهن بہ انسان کي انهيءَ مان اچڻ
وڃڻ جي اجازت نہ هوندي، ڇالاءِ‌جو آءٌ خداوند، بني اسرائيل جو خدا
انهيءَ منجهان داخل ٿيو آهيان. سو اهو بند رهندو. 3 تنهن هوندي
بہ وقت جي حڪمران کي منهنجي حضور ۾ نذرانو ڪيل قربانيءَ
واري ماني کائڻ لاءِ انهيءَ لنگهہ ۾ اچڻ گهرجي. پر هو رڳو ٻاهرين
اڳڻ کان هن لنگهہ واري هال وٽان اچي وڃي سگهي ٿو.“

## هيڪل ۾ داخل ٿيڻ لاءِ قاعدا قانون

4 تنهن کان پوءِ اهو ماڻهو مون کي اتر واري لنگهہ کان هيڪل
جي عمارت جي اڳيان وٺي آيو. مون جيئن ئي نهاريو تہ ڇا ڏسان
تہ خداوند جو هيڪل خداوند جي تجليءَ سان ڀريو پيو آهي. تڏهن آءٌ
هڪدم منهن ڀر سجدي ۾ ڪري پيس. 5 خداوند مون کي فرمايو تہ
”اي حزقي‌ايل، آدم جو اولاد! ڌيان ڏي. جيڪي ڪجهہ آءٌ خداوند
پنهنجي هيڪل جي ريتن رسمن ۽ قاعدن قانونن بابت ٻڌايان ٿو سو
سڀ ڪن ڏيئي ٻڌ ۽ اکيون کولي ڏس. تون ذهن ۾ رک تہ ڪير ڪير
منهنجي هيڪل جي چوديواريءَ اندر اچي وڃي سگهي ٿو ۽ ڪنهن
ڪنهن کي اچڻ وڃڻ جي اجازت نہ آهي.

6 تون بني اسرائيل جي فسادي قوم کي مون خداوند خدا جو
هي فرمان ٻڌائي ڇڏ تہ ’اي بني اسرائيل! اوهان جا ڪراهت جهڙا
ڪم حد کان وڌي ويا آهن. 7 ڇالاءِ‌جو اوهان منهنجي لاءِ پيش
ڪيل خوراڪ يعني قربانين واري چربي ۽ رت پيش ڪرڻ وقت پاڻ
سان گڏ مون کي نہ مڃيندڙ اڻ‌طهريلن ماڻهن کي منهنجي مقدس
هيڪل جي چوديواريءَ اندر وٺي آڻي منهنجي هيڪل کي پليت ڪيو
آهي. اوهان پنهنجا اهڙا ڪراهت جهڙا ڪم ڪري منهنجي عهد کي
ٽوڙي ڇڏيو آهي. 8 اوهان منهنجي هيڪل جي خدمت جون سڀئي
ذميواريون پوريون ڪرڻ لاءِ صحيح بندوبست نہ ڪيو. پر انهيءَ جي

27:43 خر 35:29–37    2:44 حز 4:43

بجاءِ اوهان منهنجي هيڪل جي خدمت لاءِ غير واسطيدار ماڻهن کي
مقرر ڪيو آهي. 9 سو مون خداوند خدا جو حڪم آهي تہ هاڻي اڳتي
ڪوبہ مون کي نہ مڃيندڙ اڻطهريل ماڻهو منهنجي هيڪل ۾ داخل
ٿي نہ سگھندو. هائو، بني اسرائيل منجھہ رهندڙ اهڙو ڪوبہ ڌاريو
ماڻهو هيڪل ۾ داخل ٿي نہ سگھندو.‘‘

## لاوين لاءِ سزا

10 خداوند مون کي وڌيڪ فرمايو تہ ”لاوين کي ئي منهنجي هيڪل
۾ خدمت ڪرڻي آهي. پر ڪي لاوي مون کي ڇڏي ٻين بني اسرائيل
وارن سان گڏجي گمراھہ ٿي بتن جي پوڄا ڪرڻ لڳا، تن لاوين کي
آءٌ سندن بدڪاريءَ جي سزا ضرور ڏيندس. 11 انهيءَ هوندي بہ هو
مقرر حد تائين منهنجي مقدس هيڪل جا خدمتگار ٿي رهندا. هو
هيڪل جي لنگھن جي نگھباني ڪندا ۽ هيڪل جي خدمت چاڪريءَ
جو ڪم بہ ڪندا. هو ماڻهن جي پاران ساڙڻ واريون قربانيون ۽ ٻيون
ذبح ڪرڻ واريون قربانيون بہ ڪهندا ۽ انهن ماڻهن جي خدمت ڪرڻ
لاءِ هيڪل وٽ حاضر رهندا. 12 جيئن تہ گذريل وقت ۾ لاوي بني
اسرائيل جي بتن جي پوڄا ڪرڻ ۾ سندن رهنمائي ڪندا رهيا، جنهن
ڪري هو بني اسرائيل قوم کي بدڪاريءَ ڏانهن وٺي ويا، تنهنڪري
آءٌ خداوند خدا انهن کي سزا ضرور ڏيندس. 13 اها سزا هيءَ آهي جو
آئينده اهي ڪاهن بڻجي منهنجي خدمت ڪرڻ لاءِ منهنجي حضور
۾ نہ اچن، نڪي هو منهنجي هيڪل ۾ پاڪ توڙي پاڪ ترين شيون
جيڪي مون خداوند لاءِ مخصوص آهن، تن جي ويجهو اچن. اهڙيءَ
طرح اهي سندن بڇڙائيءَ ۽ ڪراهت جهڙن ڪمن جي ڪري ذليل ۽
خوار ٿيندا. اها ئي انهن لاءِ سزا آهي. 14 تنهن هوندي بہ آءٌ هنن کي
هيڪل جي سار سنڀال ۽ انهيءَ جي هر طرح جي خدمت چاڪريءَ ۽
ٻيو جيڪي ڪجهہ ڪرڻو هوندو تنهن لاءِ مقرر ڪندس.“

## ڪاهن لاءِ قاعدا قانون

15 خداوند خدا فرمايو تہ ”لاوي قبيلي مان صدوق ڪاهن جي
نسل وارا ئي ڪاهن جي حيثيت ۾ منهنجي خدمت چاڪري ڪرڻ لاءِ
منهنجي ويجهو ايندا. اهي ئي منهنجي حضور ۾ حاضر رهي قربانين
جي چربي ۽ رت پيش ڪندا، ڇالاءِجو جڏهن بني اسرائيل مون کان
ڦري ويا هئا، تڏهن اهي ئي منهنجي مقدس هيڪل جي وفاداريءَ
سان سار سنڀال ڪندا رهيا. 16 رڳو اهي ئي منهنجي هيڪل جي
عمارت ۾ داخل ٿيندا، منهنجي قربانگاھہ تي قربانيون پيش ڪندا
۽ هيڪل اندر منهنجي لاءِ مقرر ڪيل ڪم پورا ڪندا.
17–18 جڏهن اهي لنگھن وٽان هيڪل جي اندرين اڱڻ ۾ خدمت
ڪرڻ لاءِ داخل ٿين، تڏهن رڳو سنهي وٽيل سڻيءَ وارا عمدا ڪپڙا
پهريل هجن تہ جيئن ڪين پگھر نہ اچي. اندرين اڱڻ ۾ توڙي هيڪل
جي عمارت ۾ اهي ڪوبہ اوني ڪپڙو نہ پائين، نڪي پنهنجي چيلهہ
سان ڪا بہ شيءِ ٻڌن. هنن کي مٿي تي سنهي وٽيل سڻيءَ جي عمدي
ڪپڙي جا پٽڪا ٻڌل هجن ۽ هيٺ ساڳي ئي ڪپڙي جون شلوارون
پهريل هجن. 19 جڏهن هو نڪري ٻاهرين اڱڻ ۾ عام ماڻهن وٽ اچن،
تڏهن جن ڪپڙن ۾ هنن خدمت ٿي ڪئي سي لاهي هيڪل جي ڪمرن
۾ رکن ۽ ٻيا ڪپڙا پائين، انهيءَ لاءِ تہ متان ڪو عام ماڻهو سندن
مخصوص پوشاڪ کي ڇُهي پاڻ تي مون خداوند جو غضب آڻي.
20 ڪاهن نڪي پنهنجا مٿا ڪُوڙائين ۽ نہ ئي وري وارن کي وڌو
ٿيڻ ڏين، بلڪ هو پنهنجي مٿي جي وارن کي رڳو ڪترائين. 21 ڪاهن
اندرين اڱڻ ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ ڪابہ نشي واري شيءِ نہ واپرائين.
22 هو نڪي ڪنهن رنڊل سان ۽ نہ وري ڪنهن طلاق ڏنل عورت سان
شادي ڪن، بلڪ هو بني اسرائيل جي نسل مان ڪنوارين ڇوڪرين
سان شادي ڪن، يا وري انهيءَ رنڊل سان شادي ڪن جيڪا ڪنهن
ڪاهن جي رنڊل هجي.
23 ڪاهن کي گهرجي تہ هو منهنجي قوم کي مخصوص شين
۽ عام شين جي وچ ۾ ۽ پاڪ ۽ ناپاڪ شين جي وچ ۾ فرق ڪرڻ
سيکارين. 24 جڏهن ڪو جهڳڙو کڙو ٿئي تڏهن ڪاهن منصف ٿين
۽ منهنجي شريعت مطابق انصاف ڪن. هو منهنجي سڀني مقرر
ڪيل عيدن تي منهنجي شريعت ۽ قاعدن قانون تي عمل ڪرائين ۽
منهنجي سبت جي ڏينهن جي بيحرمتي ٿيڻ نہ ڏين.
25 ڪاهن کي گهرجي تہ هو ڪنهن بہ مئل ماڻهوءَ کي ڇهي پاڻ
کي پليت نہ ڪن. البت هو رڳو پنهنجي پيءُ، ماءُ، پٽ، ڌيءُ، ڀاءُ
يا ڪنواري ڀيڻ جي لاءِ پاڻ کي ناپاڪ ڪري سگهن ٿا. 26 جيڪڏهن
ڪو ان طرح ناپاڪ ٿي پيو هجي تہ هو پهريائين پاڻ کي پاڪ ڪري
۽ پوءِ ستن ڏينهن تائين انتظار ڪري. 27 تنهن کان پوءِ جڏهن هو
خدمت ڪرڻ لاءِ هيڪل جي اندرين اڱڻ ۾ داخل ٿيڻ وڃي، تڏهن هو
پهريائين پنهنجي لاءِ گناهن کان پاڪ ٿيڻ واسطي قرباني پيش ڪري.
پوءِ هو ٻيهر ڪاهن طور هيڪل جي عمارت ۾ منهنجي خدمت ڪري
سگهي ٿو. اهو مون خداوند خدا جو فرمان آهي.
28 جيڪو ملڪ مون بني اسرائيل کي ورثي طور ڏنو آهي، تنهن
مان ڪاهن کي ڪا بہ ميراث نہ ڏني ويندي، آءٌ ئي انهن لاءِ
سڀ ڪجهہ آهيان. هائو، بني اسرائيل ۾ ڪين ڪهانيت کان سواءِ
ڪوبہ ٻيو حصو ڪونہ ڏنو ويندو، آءٌ پاڻ سندن لاءِ سڀ ڪجهہ
آهيان. 29 سندن خوراڪ لاءِ ڪين اناج جي قربانين، گناهن کان پاڪ
ٿيڻ واسطي قربانين ۽ قصور جي تلافيءَ واسطي قربانين مان حصو
ملندو. انهيءَ کان علاوه بني اسرائيل ۾ جيڪي بہ شيون مون لاءِ
وقف ڪيون وينديون سي هنن جون ٿينديون. 30 هر فصل جي پيداوار

44:17–18 خر 28:39–43، لاو 16:4 44:19 لاو 16:23 44:20 لاو 21:5 44:21 لاو 10:9 44:22 لاو 21:7،13–14
44:23 لاو 10:10 44:25 لاو 21:1–4 44:28 گا 18:20 44:29–30 گا 18:8–19

جو پهريون حصو ڪاهنن جو هوندو. ان ڪان سواءِ هر نذراني جو
پهريون حصو ڪاهنن کي ملندو ۽ هر دفعي اناج جي پچايل شين مان
پهريون حصو به ڪاهنن کي ڏنو ويندو، ته جيئن بني اسرائيل قوم
تي برڪت نازل ٿئي. 31 ڪاهن اهڙي ڪنهن به پکيءَ يا جانور جو
گوشت نه کائيندا جيڪو پنهنجو پاڻ مري ويو هجي يا ڪنهن جانور
انهيءَ کي ماريو هجي."

## خداوند لاءِ زمين جو وقف ڪيل حصو

45 1 خداوند فرمايو ته "جڏهن بني اسرائيل جي ٻارهن قبيلن
۾ سندن ملڪ جي زمين ورهائي وڃي، تڏهن زمين جو
هڪڙو حصو پاڪ نذراني طور مون خداوند جي لاءِ وقف ڪيو وڃي،
جنهن جي ڊيگهه اوله کان اوڀر طرف ساڍا ٻارهن ڪلوميٽر ۽ ويڪر
ڏکڻ کان اتر طرف ڏهه ڪلوميٽر هجي. اها سڄي ايراضي مون
لاءِ مخصوص هوندي. 2 انهيءَ ايراضيءَ ۾ مقدس هيڪل جي لاءِ
هڪڙو چورس ٽڪرو هوندو، جيڪو ٻه سؤ پنجاهه ميٽر ڊگهو ۽ ٻه
سؤ پنجاهه ميٽر ويڪرو هوندو. انهيءَ جي چوڌاري پنجويهه ميٽر
ويڪرو کليل ميدان هوندو. 3 انهيءَ مخصوص ڪيل ايراضيءَ جو
ڏکڻ وارو اڌ جيڪو ڊيگهه ۾ ساڍا ٻارهن ڪلوميٽر ۽ ويڪر ۾ پنج
ڪلوميٽر ماپ جو هوندو، سو مقدس هيڪل لاءِ وقف هوندو، جنهن
ڪري اهو حصو سڀني کان وڌيڪ پاڪ هوندو. 4 زمين جو اهو وقف
ڪيل حصو انهن ڪاهنن جي لاءِ هوندو جيڪي هيڪل جا خدمتگار
هوندا ۽ مون خداوند جي حضور ۾ خدمت ڪرڻ لاءِ حاضر رهندا.
اهو حصو سندن گهرن لاءِ هوندو ۽ هيڪل واري ايراضيءَ جو حصو
هوندو. 5 مون لاءِ مخصوص ٿيل زمين جو ٻيو اتر وارو حصو جيڪو
پڻ ساڍا ٻارهن ڪلوميٽر ڊگهو ۽ پنج ڪلوميٽر ويڪرو هوندو، سو
هيڪل جي لاوي خدمتگارن لاءِ وقف هوندو، جتي اهي پنهنجا ڳوٺ
ٺاهي انهن ۾ رهندا.
6 انهيءَ کان علاوه مون لاءِ مخصوص انهيءَ ايراضيءَ سان
لڳولڳ ڏکڻ طرف هڪڙو ٻيو حصو مقرر ڪيو ويندو، جيڪو ساڍا
ٻارهن ڪلوميٽر اوله کان اوڀر طرف ڊگهو ۽ اڍائي ڪلوميٽر ڏکڻ
کان اتر طرف ويڪرو هوندو. انهيءَ تي شهر اڏايو ويندو جنهن ۾
بني اسرائيل جي هر قبيلي جو ڪو به ماڻهو رهي سگهندو."

## حڪمران لاءِ وقف ڪيل زمين

7 خداوند وڌيڪ فرمايو ته "جيڪا زمين منهنجي لاءِ مخصوص
ٿيل ايراضيءَ ۽ شهر جي لاءِ وقف ٿيل حصي جي الهندي ۽ اڀرندي
پاسي تي هوندي سا بني اسرائيل جي حڪمران جي هوندي. حڪمران
جي زمين جي حد اولاهين طرف ڀونوچ سمنڊ تائين ۽ اڀرندي طرف
اردن درياءَ تائين هوندي. 8 انهيءَ جو مطلب هي آهي ته وچ واري
مخصوص ايراضيءَ ۽ شهر واري حصي کان سواءِ حڪمران جي
زمين وارو حصو ملڪ جي اوڀرندي سرحد کان الهندي سرحد تائين
ايترو ڊگهو هوندو جيترو هر قبيلي کي ڏنل حصو هوندو. اها زمين
بني اسرائيل جي ملڪ جي هر حڪمران جي هوندي. سو اهي اڳتي
منهنجي قوم کان زمين ڪسي وري ظلم نه ڪندا ۽ سڀني ماڻهن کي
سندن ملڪ اندر ڏنل علائقن ۾ امن ۽ سلامتيءَ سان رهڻ ڏيندا."

## حڪمران لاءِ مقرر قاعدا قانون

9 خداوند خدا فرمايو ته "اي بني اسرائيل جا حڪمرانؤ! اوهين گهڻا
گناهه ڪري چڪا آهيو. هاڻي اوهين ظلم ۽ ڦرلٽ ڇڏي ڏيو ۽ عدل ۽
انصاف ڪريو. اوهين منهنجي قوم کي وري ڪڏهن به پنهنجي وطن
مان نڪرڻ تي مجبور نه ڪريو. اهو مون خداوند خدا جو فرمان آهي.
10 سو جڏهن بني اسرائيل پنهنجي وطن ۾ موٽي ايندا، تڏهن
حڪمران اهڙا قاعدا قانون جوڙين جن مطابق ايمانداريءَ سان ماپ ۽
تور ڪئي وڃي. 11 خشڪ شيون ماپڻ وارو ماپو ايفه، پاٿياٿ واريون
شيون ماپڻ واري ماپي بٿ جي برابر هئڻ گهرجي. انهن جي ماپ
جو معيار *خومر مطابق هن طرح هجي:
1 خومر برابر 10 ايفه برابر 10 بٿ.
12 مقرر ڪيل وزن وارا ماپا هن طرح هجن:
20 جيره برابر 1 †شيڪل
60 شيڪل برابر 1 مانه.
13 ماڻهو پنهنجا نذرانا خداوند جي حضور ۾ هن ريت پيش ڪن:
ڪڻڪ جي پيداوار مان سٺهون حصو.
جَون جي پيداوار مان سٺهون حصو.
14 زيتون جي تيل جي پيداوار مان سئوٺو حصو.
زيتون جي تيل جي ماپ بٿ مطابق هجي جيڪو هن طرح آهي:
10 بٿ برابر 1 خومر برابر 1 ڪر.
15 ماڻهن جا جيڪي ڏڻ سرسبز چراگاهن ۾ آهن تن جي هر ٻه سؤ
رڍن مان هڪڙو گهيٽو نذراني طور پيش ڪيو وڃي. اهي نذرانا اناج
جي قربانين، ساڙيون ويندڙ قربانين ۽ سلامتيءَ جي قربانين لاءِ ڏنا
وڃن ته جيئن انهن جا گناهه معاف ڪيا وڃن. اهو مون خداوند خدا
جو فرمان آهي.

*خومر: حزقي‌ايل نبيءَ جي دور ۾ خشڪ ۽ پاٿياٿ واريون شيون ماپي جي حساب سان ڪٿيون ويندڙيون هيون. خومر هڪ ماپ جو پئمانو هو جنهن ۾ اٽڪل هڪ سؤ اسي ليٽر پوندا هئا.

†شيڪل: حزقي‌ايل نبيءَ جي دور ۾ شيڪل هيڪل جو مقرر ڪيل سڪو هو جنهن جو وزن اٽڪل ساڍا يارهن گرام جي برابر هو.

31:44 لاو 22:8 10:45 لاو 19:36

16 ملڪ جا سڀيئي ماڻهو بني اسرائيل جي ان وقت جي حڪمران
وٽ اهي نذرانا ڪٺي اچن. 17 پوءِ انهيءَ حڪمران جو اهو فرض ٿيندو
تہ هر عيد، نئين چنڊ ۽ هر سبت جي موقعي تي بلڪ بني اسرائيل
قوم جي سڀني مقرر ڏينهن تي ساڙڻ واريون قربانيون، اناج جون
قربانيون ۽ اوتڻ واريون قربانيون مهيا ڪري. تنهن کان علاوه بني
اسرائيل قوم جي گناهن جي ڪفاري لاءِ هن کي گناهن کان پاڪ
ٿيڻ واسطي قربانيون، اناج جون قربانيون، ساڙڻ واريون قربانيون ۽
سلامتيءَ جون قربانيون مهيا ڪرڻيون پونديون.“

## عيدون

(خروج 12:1–20، لاوي سرشتو 23:33–43)

18 خداوند فرمايو تہ ”اي بني اسرائيل! نئين سر بحاليءَ کان پوءِ
هر سال پهرين مهيني جي پهرين تاريخ تي هڪڙو بي‌عيب وهڙو قربان
ڪري مقدس هيڪل کي پاڪ ڪيو وڃي. 19 ڪاهن انهيءَ پاڪ ٿيڻ
واري قربانيءَ جو ڪجهہ رت کڻي هيڪل جي عمارت جي سردرن
تي، قربان‌گاهہ جي چئني ڪنڊن تي ۽ اندرين اڱڻ جي لنگهن وارن
اندرين سردرن تي لڳائي. 20 وري ساڳئي مهيني جي ستين تاريخ تي
بہ ساڳيءَ طرح ڪيو وڃي، انهيءَ لاءِ تہ متان ڪنهن جي خطا وچان
يا اڻڄاڻائيءَ ۾ ڪو گناهہ ٿيو هجي. اهڙيءَ طرح هيڪل کي پاڪ
ڪيو وڃي.

21 هر سال پهرين مهيني جي چوڏهين تاريخ کان ستن ڏينهن تائين
عيد فسح ملهائي وڃي. انهن ستن ڏينهن تائين اوهين جيڪا ماني
کائيندا تنهن ۾ خمير بلڪل نہ هجي. 22 عيد فسح جي پهرين ڏينهن
تي حڪمران پنهنجي ۽ ملڪ جي سڀني ماڻهن جي گناهہ واسطي
قربانيءَ طور هڪڙو ڏڳو پيش ڪري. 23 ان کان علاوه عيد فسح جي
ستن ئي ڏينهن تي هو روزانو ست بي‌عيب ڏڳا ۽ ست گهٽا مون
خداوند کي خوش ڪرڻ لاءِ ساڙڻ واري قربانيءَ طور پيش ڪري.
هو هر روز هڪڙو ٻڪر گناهہ کان پاڪ ٿيڻ واسطي قربانيءَ لاءِ پڻ
پيش ڪري. 24 قربانيءَ لاءِ پيش ٿيندڙ هر ڏڳي ۽ هر گهٽي سان گڏ
هو اٺ ڪلوگرام اناج ۽ ٽي ليٽر زيتون جو تيل پيش ڪري.

25 تنبن واري عيد جيڪا هر سال ستين مهيني جي پندرهين تاريخ
کان ستن ڏينهن تائين ملهائي ويندي آهي، تنهن تي بہ حڪمران هر
روز ايترا ئي جانور پاڪ ٿيڻ واسطي قربانيءَ ۽ ساڙڻ واري قربانيءَ
طور پيش ڪري جيترا عيد فسح تي قربان ڪيا وڃن. ساڳيءَ طرح
اناج ۽ زيتون جي تيل جو بہ ساڳي ئي مقدار ۾ قربانيءَ سان گڏ
پيش ڪيو وڃي.“

## هيڪل جي لنگهن بابت قاعدا قانون

46 1 خداوند فرمايو تہ ”اي بني اسرائيل! هيڪل جي اندرين
اڱڻ جي اڀرندي طرف وارو لنگهہ ڪم ڪار وارا ڇهہ ئي
ڏينهن بند رهڻ گهرجي. پر سبت جي ڏينهن تي توڙي نئين چنڊ واري
ڏينهن تي اهو لنگهہ بني اسرائيل جي حڪمران لاءِ کوليو وڃي.
2 حڪمران هيڪل جي ٻاهرين اڱڻ کان هن لنگهہ جي هال ۾ داخل
ٿئي ۽ لنگهہ جي اندرين دروازي جي چائنٺ وٽ بيهو رهي. ڪاهن
هن جي طرفان ساڙڻ واريون قربانيون ۽ سلامتيءَ واريون قربانيون
پيش ڪن. تڏهن حڪمران دروازي جي چائنٺ وٽ مون کي سجدو
ڪري ۽ پوءِ هو واپس ٻاهر هليو وڃي. اهو لنگهہ شام تائين کليل
رهي. 3 هر سبت جي ڏينهن تي ۽ نئين چنڊ تي بني اسرائيل جا ماڻهو
بہ ساڳي وقت انهيءَ اندرين اڱڻ جي اڀرندي لنگهہ جي ٻاهران اچي
مون خداوند جي حضور ۾ حاضر ٿي سجدو ڪن.

4 جيڪي قربانيون حڪمران سبت جي ڏينهن تي خداوند جي حضور
۾ پيش ڪندو سي هي آهن. ڪيس ساڙي ويندڙ قربانيءَ لاءِ ڇهہ
بي‌عيب گهيٽا ۽ هڪڙو بي‌عيب گهٽو پيش ڪرڻو پوندو. 5 گهٽي
سان گڏ اناج جي قربانيءَ طور ڪيس اٺ ڪلوگرام اناج پيش ڪرڻو
پوندو ۽ هر هڪ گهيٽي سان گڏ اناج جي قربانيءَ طور جيترو ڏيڻ
چاهي اوترو پيش ڪري. اناج جي هر قربانيءَ سان گڏ هو ٽي ليٽر
زيتون جو تيل پيش ڪري. 6 جيڪي قربانيون حڪمران نئين چنڊ جي
ڏينهن تي خداوند جي حضور ۾ پيش ڪندو سي هي آهن. ڪيس
هڪڙو وهڙو، ڇهہ گهيٽا ۽ هڪڙو گهٽو پيش ڪرڻو پوندو، جيڪي
سڀ بي‌عيب هجن. 7 هو وهڙي ۽ گهٽي سان گڏ اناج جي قربانيءَ
طور اٺ ڪلوگرام اناج پيش ڪندو ۽ گهيٽن سان گڏ اناج جي قربانيءَ
طور جيترو ڏيڻ چاهي اوترو پيش ڪري. اناج جي هر قربانيءَ سان
گڏ هو ٽي ليٽر زيتون جو تيل پيش ڪري. 8 حڪمران جڏهن سڀيئي
قربانيون پيش ڪري چڪو هجي تڏهن جيئن اهو اڀرندي لنگهہ ۾
داخل ٿيو هو تيئن ئي واپس لنگهہ جي هال کان ٻاهر هليو وڃي ۽
اندرين اڱڻ ۾ نہ اچي.

9 جڏهن ملڪ جو عوام مقرر ڪيل عيدن تي مون خداوند آڏو
سجدو ڪرڻ لاءِ هيڪل جي ٻاهرين اڱڻ ۾ اچي تہ پوءِ انهن مان
جيڪي اتر واري ٻاهرين لنگهہ کان اندر آيا هجن سي سجدي ڪرڻ
کان پوءِ ڏکڻ واري ٻاهرين لنگهہ کان ٻاهر نڪري وڃن ۽ جيڪي
ڏکڻ واري ٻاهرين لنگهہ کان اندر آيا هجن، سي اتر واري ٻاهرين
لنگهہ کان ٻاهر نڪري وڃن. مطلب تہ جيڪو جنهن لنگهہ کان اندر
آيو هجي سو ساڳئي لنگهہ کان ٻاهر نہ نڪري وڃي بلڪ پنهنجي
سامهون واري لنگهہ کان ٻاهر نڪري هليو وڃي. 10 سندن حڪمران
بہ ساڻن گڏ هيڪل ۾ داخل ٿئي ۽ واپسيءَ وقت ساڻن گڏ نڪري وڃي.

---

21:45 خر 12:1–20، گا 16:28–25    25:45 لاو 23:33–36، گا 12:29–38

⑪ سيني مقرر عيدن ۽ وڏن ڏينهن تي اناج جي قربانيءَ طور وهڙي
توڙي گهٽي سان گڏ اٺ ڪلوگرام اناج پيش ڪيو وڃي، جڏهن تہ
گهيٽن سان گڏ مرضيءَ مطابق اناج ڏنو وڃي. هر اناج جي قربانيءَ
سان گڏ ٽي ليٽر زيتون جو تيل پيش ڪيو وڃي.
⑫ ملڪ جو حڪمران جڏهن بہ منهنجي حضور ۾ پنهنجي مرضيءَ
سان قربانيءَ طور ساڙڻ واري قرباني يا سلامتيءَ جي قرباني پيش
ڪرڻ چاهي، تڏهن هن لاءِ اندرين اڱڻ جي اڀرندي پاسي وارو لنگهہ
کوليو وڃي. هو پنهنجون اهي قربانيون اهڙيءَ طرح پيش ڪري جيئن
سبت جي ڏينهن تي پيش ڪندو هجي. تنهن کان پوءِ هو موٽي وڃي
۽ سندس ٻاهر نڪرڻ سان ئي لنگهہ بند ڪيو وڃي.“

## روزانو واري قرباني

⑬ خداوند فرمايو تہ ”اي بني اسرائيل! وڏن ڏينهن کان علاوه هر
روز مون خداوند جي لاءِ ساڙڻ واري قربانيءَ طور هڪ سال جو
هڪڙو بي‌عيب گهيٽو پيش ڪيو وڃي. اها قرباني روزانو صبح جو
پيش ڪئي وڃي. ⑭ انهيءَ سان گڏ هر روز اناج جي قربانيءَ طور
ڏيڍ ڪلوگرام ميدو بہ پيش ڪيو وڃي ۽ انهيءَ ميدي کي ڳوهڻ
لاءِ هڪ ليٽر زيتون جو تيل پيش ڪيو وڃي. مون خداوند لاءِ اناج
جي قرباني پيش ڪرڻ جو هميشہ لاءِ اهو ئي قاعدو هوندو. ⑮ هائو،
اهڙيءَ ئي طرح هر روز اها قرباني هميشہ جي لاءِ پيش ڪئي وڃي.“

## حڪمران لاءِ وقف ڪيل زمين بابت قاعدا قانون

⑯ خداوند خدا فرمائي ٿو تہ ”جيڪڏهن ڪو حڪمران پنهنجي پٽن
مان ڪنهن کي پنهنجي لاءِ وقف ڪيل زمين مان ڪو ٽڪرو بخشش
طور ڏئي ٿو تہ اهو سندس پٽن جو ٿيندو. ⑰ پر جيڪڏهن هو پنهنجي
انهيءَ زمين مان پنهنجي ڪنهن خدمتگار کي ڪو ٽڪرو بخشش طور
ڏئي ٿو تہ اهو*بحاليءَ جي سال تائين انهيءَ خدمتگار جو رهندو.
پوءِ وري اهو ٽڪرو حڪمران جو ٿي ويندو ۽ سندس اها زمين سندس
پٽن کي ميراث ٿي ملندي.
⑱ حڪمران جيڪو ورثو پنهنجي پٽن کي ڏيڻ چاهي، سو خود
سندس لاءِ وقف ڪيل زمين مان ئي هجي. ائين نہ ٿئي جو هو
رعيت کي سندن موروثي زمين کان بي‌دخل ڪري سندن اهو ورثو
پاڻ حاصل ڪري. اهو انهيءَ لاءِ آهي تہ منهنجي قوم مان ڪوبہ
ماڻهو پنهنجي موروثي زمين کان بي‌دخل نہ ڪيو وڃي.“

## هيڪل جا بورچيخانا

⑲ پوءِ جنهن ماڻهوءَ مون حزقي‌ايل کي هيڪل جي عمارتن جي
ماپ ڪري ڏيکاري هئي سو مون کي ٻاهرين اڱڻ جي اترئين پاسي
اولهہ واري انهيءَ گهٽيءَ ۾ وٺي آيو جيڪا خداوند جي خدمت لاءِ
مخصوص ڪمرن جي اڳيان هئي، جن جو منهن اتر طرف هو. اتي
چا ڏسان تہ گهٽيءَ جي اولهہ پاسي هڪڙي خالي جاءِ پيل آهي.
⑳ انهيءَ ماڻهوءَ مون کي ٻڌايو تہ ”هيءَ اها جاءِ آهي، جتي ڪاهن
قصور جي تلافيءَ واسطي قربانين ۽ گناهن کان پاڪ ٿيڻ واسطي
قربانين جو گوشت رڌيندا ۽ اناج جي قربانين مان مانيون پچائيندا.
اها جاءِ هتي انهيءَ ڪري آهي تہ جيئن ڪابہ پاڪ شيءِ ٻاهرين اڱڻ
تائين نہ ڪٽي وڃجي، متان انهيءَ جي ڪري عام ماڻهن تي خداوند
جو غضب نازل ٿئي.“
㉑ پوءِ هو مون کي واپس ٻاهرين اڱڻ ۾ وٺي آيو ۽ اڱڻ جون چار
ئي ڪنڊون مون کي گهمايائين. مون ڏٺو تہ انهيءَ اڱڻ جي هر هڪ
ڪنڊ تي هڪ جدا اڱڻ ٺهيل آهي. ㉒ انهن چئني ڪنڊن وارن ننڍن
اڱڻن مان هر هڪ جي ڊيگهہ ويهہ ميٽر ۽ ويڪر پندرهن ميٽر هئي ۽
اهي سڀ هڪ ئي ماپ جا هئا. ㉓ هر هڪ اڱڻ جي چوڌاري پٿرن جي
پٽ ٺهيل هئي ۽ انهيءَ پٽ سان لڳولڳ چوڌاري رڌڻ لاءِ چلهيون
ٺهيل هيون. ㉔ انهيءَ ماڻهوءَ مون کي ٻڌايو تہ ”هي اهي چلهيون
آهن جتي هيڪل جا لاوي خدمتگار ماڻهن جي پيش ڪيل قربانين جو
گوشت پچائيندا.“

## هيڪل جي عمارت مان وهندڙ چشمو

47 ① پوءِ انهيءَ ماڻهوءَ مون حزقي‌ايل کي موٽائي هيڪل جي
عمارت جي دروازي وٽ آندو. اتي چا ڏسان تہ انهيءَ
دروازي جي چائنٺ هيٺان ڏکڻ واري پاسي کان چشمي جو پاڻي نڪري
هيڪل جي اڳيان اڀيان اوڀر طرف ڏانهن وهندي قربانگاهہ جي ڏکڻ
کان ٿيندو اڳتي وهندو ٿي ويو. ② تڏهن اهو ماڻهو مون کي هيڪل
جي چوديواريءَ جي اتر واري لنگهہ کان ٻاهر وٺي آيو ۽ ٻاهرين
رستي کان ڦيرائي هيڪل جي چوديواريءَ جي اوڀر واري لنگهہ وٽ
آندائين. اتي چا ڏسان تہ انهيءَ لنگهہ جي ڏاکڻي پاسي کان پاڻيءَ
جي هڪڙي ننڍي واهي وهي رهي آهي. ③ پوءِ اهو ماڻهو اوڀر طرف
هلندي ماپ واري ڪاني سان وهندڙ واهيءَ جي ماپ وٺندو هليو. هن
پنج سؤ ميٽر ماپڻ کان پوءِ مون کي پاڻيءَ مان لنگهڻ لاءِ چيو. مون
ڏٺو تہ اتي پاڻي رڳو منهنجي پيرن جي مُرن تائين ٿي پهتو. ④ پوءِ
هن وري پنج سؤ ميٽر ٻيا ماپ ڪيا ۽ مون کي پاڻيءَ مان لنگهڻ

*بحاليءَ جي سال: بني اسرائيل لاءِ خداوند جو اهو حڪم هو تہ هر پنجاهين سال هر ڪو پنهنجي موروثي زمين مان وڪائل ملڪيت جو اچي پاڻ مالڪ ٿيندو ۽ هر وڪائل شخص موٽي پنهنجي خاندان ۾ ايندو، انهيءَ سال کي بحاليءَ جو سال سڏيو ٿي ويو. ڏسو لاوي سرشتو 25:8–55.

17:46 لاو 10:25   19:46 حز 42:6–10   1:47 زڪ 14:8، يو 38:7، مڪا 1:22

لاءِ چيائين. اتي پاڻي منهنجي گوڏن تائين ٿي پهتو. ساڳيءَ طرح
هن پنج سؤ ميٽر ٻيا ماپيا ۽ مون کي پاڻيءَ مان لنگهڻ لاءِ چيائين.
اتي پاڻي منهنجي چيلهه تائين ٿي پهتو. 5 تنهن کان پوءِ هن پنج
سؤ ميٽر وري ٻيا ماپيا، جتي اها واهي نديءَ بڻجي گهٽي اونهي ٿي
ويئي هئي، جنهن مان آءٌ لنگهي نه سگهيس. اها ايتري ته اونهي
هئي جو ترڻ کان سواءِ انهيءَ مان لنگهي نه پيو سگهجي. 6 تڏهن
انهيءَ ماڻهوءَ مون کي چيو ته ”اي حزقي ايل، آدم جو اولاد! جيڪي
تون ڏسين ٿو تنهن تي ڌيان ڏي.“

پوءِ اهو ماڻهو مون کي پاڻيءَ مان ڪڍي نديءَ جي ڪناري تي
وٺي آيو. 7 جڏهن آءٌ موٽي ڪناري تي آيس ته ڇا ڏسان ته نديءَ جي
ٻنهي طرفن وارن ڪنارن تي تمام گهڻا وڻ بيٺل آهن. 8 تڏهن هن
مون کي ٻڌايو ته ”هي پاڻي بني اسرائيل جي ملڪ جي اڀرندي علائقي
ڏانهن وهندي هيٺ اردن جي ماٿريءَ ۾ لهي وڃي ٿو، جتان اهو کاري
سمنڊ ۾ وڃي پوي ٿو. جڏهن اهو سمنڊ ۾ ڪري ٿو ته انهيءَ جي
کاري پاڻيءَ کي مٺو ڪري ڇڏي ٿو. 9 سو ائين ئي ٿيندو جو جتان
به هيءَ ندي وهندي، اتي زندگي بخشيندي. هر ساهوارو انهيءَ مان
زندگي حاصل ڪندو ۽ ان ۾ تمام گهڻيون مڇيون ٿينديون. انهيءَ
سان کاري سمنڊ جو پاڻي ايترو ته مٺو ٿي ويندو جو 10 عين‌گديءَ
جي چشمي کان وٺي عين‌عجليم جي چشمي تائين کاري سمنڊ جي
ٻنهي ڪنارن تي مڇي مارڻ وارا بيٺا مڇي پيا ماريندا ۽ ڪنارن تي
سڪائڻ لاءِ جيڏانهن تيڏانهن سندن ڄار پکيڙيل هوندا. انهيءَ سمنڊ
جون مڇيون به وڏي ڀونوچ سمنڊ جي مڇين وانگر قسمين قسمين
جون ۽ تمام گهڻيون هونديون. 11 تنهن هوندي به کاري سمنڊ جي
ڪناري وارا هيٺاهان ڍورا ۽ تلاءَ مٺا نه هوندا، انهيءَ لاءِ ته انهن
مان لوڻ حاصل ڪيو وڃي.

12 نديءَ جي ٻنهي پاسن وارن ڪنارن تي هر قسم جا ميويدار وڻ
اڀري ايندا، جن جا نه پن ڪومائبا ۽ نه وري انهن جو ميوو کُٽندو.
اهي هر مهيني تازو ڦر جهليندا، ڇالاءِجو انهن کي ملندڙ پاڻي مقدس
هيڪل کان وهي اچي ٿو. سو نه رڳو انهن جو ميوو کاڌو ويندو،
بلڪ انهن جا پن به بيمار ماڻهن جي شفا جي ڪم ايندا.“

## بني اسرائيل جي ملڪ جون سرحدون

13-14 خداوند خدا بني اسرائيل جي ماڻهن کي فرمايو ته ”مون
اوهان جي ابن ڏاڏن سان واعدو ڪيو هو ته اهو ملڪ سندن اولاد کي
ميراث طور عطا ڪندس. سو جڏهن اوهان بني اسرائيل جي ٻارهن
قبيلن ۾ هي ملڪ ورهايو وڃي تڏهن انهيءَ کي هڪ جيترن حصن ۾
ورهايو وڃي، جڏهن ته *بني يوسف جي قبيلي کي ٻه حصا ڏنا وڃن.
ملڪ جون سرحدون هن ريت هونديون. 15 اتر پاسي واري سرحد
ڀونوچ سمنڊ کان وٺي اوڀر ڏانهن حتلون شهر جي رستي حمات لڪ
کان ويندي صداد شهر تائين، 16 اتان بيروتي ۽ سبريم شهرن ڏانهن،
جيڪي دمشق جي بادشاهت ۽ حمات جي بادشاهت جي علائقن جي
وچ ۾ آهن، ويندي حصرهتيڪون تائين هوندي، جيڪو حوران علائقي
جي سرحد تي آهي. 17 سو اتر واري سرحد ڀونوچ سمنڊ کان اوڀر
طرف حصرعينان شهر تائين هوندي، جتان اتر طرف دمشق ۽ حمات
جا علائقا آهن.

18 اڀرندي پاسي واري سرحد حوران ۽ دمشق جي وچ واري هنڌ کان
ڏکڻ طرف ويندي اردن درياءَ تائين پهچندي. اتان اردن درياءُ خود
سرحد ٿيندو جنهن جي اوڀر ۾ گلعاد علائقو ۽ اولهه ۾ بني اسرائيل
جو ملڪ آهي. سو اڀرندي پاسي واري سرحد اتر واري حد کان وٺي
کاري سمنڊ کان گذرندي ڏکڻ طرف تمر نالي جاءِ تائين هوندي.

19 ڏکڻ پاسي واري سرحد تمر کان وٺي ڏکڻ اولهه ۾ مريباه قادش
جي چشمي تائين ۽ پوءِ مصر جي سرحد سان ويندي اتر اولهه ۾
ڀونوچ سمنڊ تائين هوندي.

20 الهندي پاسي واري سرحد ڀونوچ سمنڊ جو ڪنارو هوندي، جيڪا
اتر طرف حمات لڪ جي اولهه پاسي تائين هوندي.

21 اهو ئي ملڪ آهي جيڪو اوهين پاڻ ۾ بني اسرائيل جي قبيلن
مطابق ورهائيندا. 22 ان کان علاوه جيڪي ڌاريا اوهان منجهه هميشه
لاءِ اچي رهن ٿا کي ۽ سندن اولاد کي اوهين پنهنجي پنهنجي ورثي
واري علائقي مان حصو ورهائي ڏجو. اهي اوهان جي لاءِ بني اسرائيل
جي ٻين هم‌وطنن وانگر هوندا. اوهين بني اسرائيل جي قبيلن منجهه
انهن جو حصو پاڻ ۾ ڪٺا وجهي ميراث طور ورهائجو. 23 جيڪو
ڌاريو جنهن قبيلي ۾ رهندو هجي، اوهين ڪيس اتي ئي ورثو ڏجو.
اهو مون خداوند خدا جو فرمان آهي.“

## قبيلن ۾ ملڪ جي اترئين علائقي جي ورهاست

48 1-7 خداوند فرمايو ته ”هر هڪ قبيلي کي ملڪ مان
پنهنجو پنهنجو حصو ملندو، جيڪو اڀرندي سرحد کان
ويندي الهندي پاسي ڀونوچ سمنڊ تائين هوندو. انهن حصن جي
ورهاست بني اسرائيل جي ملڪ جي اتر پاسي واري سرحد کان شروع
ٿيندي، جيڪا ڀونوچ سمنڊ کان وٺي حتلون شهر جي رستي سان
حمات لڪ کان ويندي حصرعينان شهر تائين هوندي، ۽ جنهن جي
اتر ۾ دمشق ۽ حمات جا علائقا آهن. ملڪ جي اترئين علائقي ۾
جن قبيلن کي حصا ڏنا ويندا سي اتر واري سرحد کان ڏکڻ طرف
ويندي ملڪ جي وچ واري حصي تائين هن ترتيب سان مقرر آهن:
دان، آشر، نفتالي، منسي، افرائيم، روبن ۽ يهوداه.“

*بني يوسف جي قبيلي کي ٻه حصا: حضرت يوسف جي ٻن پٽن منسي ۽ افرائيم مان ٻه الڳ الڳ قبيلا ليکيا ويا.

## ملڪ جو وچ وارو وقف ڪيل حصو

8 خداوند فرمايو تہ ”ملڪ جو وچ وارو حصو جيڪو يھوداہ واري
علائقي جي ڏکڻ طرف ھوندو، تنھن کي اوھين وقف ڪري ڇڏجو.
انھيءَ جي ويڪر اتر کان ڏکڻ تائين ساڍا ٻارھن ڪلوميٽر ھوندي ۽
ڊيگھہ ملڪ جي اوڀر کان اولھہ تائين ايتري ماپ جي ھوندي جيتري
قبيلن کي ورھايل حصي جي ھوندي. ھيڪل انھيءَ حصي جي وچ
۾ ھوندو. 9 انھيءَ حصي جي وچ واري ايراضي مون خداوند لاءِ
مخصوص ھوندي، جنھن جي ڊيگھہ اولھہ کان اوڀر طرف ساڍا
ٻارھن ڪلوميٽر ۽ ويڪر اتر کان ڏکڻ طرف ڏھہ ڪلوميٽر ھوندي.
10 آءٌ خداوند پنھنجي انھيءَ مخصوص ٿيل ايراضيءَ جو ڏکڻ وارو
اڌ حصو ڪاھنن لاءِ وقف ڪندس. اوڀر کان اولھہ طرف سندن حصو
ساڍا ٻارھن ڪلوميٽر ڊگھو ھوندو ۽ اتر کان ڏکڻ طرف انھيءَ جي
ويڪر پنج ڪلوميٽر ھوندي. منھنجو ھيڪل انھيءَ حصي جي وچ ۾
ھوندو. 11 اھو وقف ٿيل حصو رڳو انھن مخصوص ٿيل ڪاھنن لاءِ
ھوندو، جيڪي صدوق جي نسل مان آھن، ڇالاءِجو اھي سچائيءَ
سان منھنجي خدمت ڪندا رھيا ۽ گمراھہ نہ ٿيا، جڏھن تہ لاوي ۽
ٻيا بني اسرائيل گمراھہ ٿي ويا ھئا. 12 سو ملڪ ۾ مون لاءِ مخصوص
ٿيل ايراضيءَ مان اھو حصو انھن ڪاھنن لاءِ وقف ھوندو، ۽ اھو
پاڪ ترين حصو ھوندو. 13 ڪاھنن جي انھيءَ حصي سان لڳولڳ
اتر طرف لاوين جو حصو ھوندو، جنھن جي ڊيگھہ اوڀر کان اولھہ
طرف ساڍا ٻارھن ڪلوميٽر ۽ ويڪر اتر کان ڏکڻ طرف پنج ڪلوميٽر
ھوندي. 14 انھيءَ حصي مان لاوي ڪو ٽڪرو وڪڻي نہ سگھندا، نہ
ئي مٽا سٽا ڪري سگھندا ۽ نڪي وري انھيءَ زمين کي ڪنھن ٻئي
جي حوالي ڪري سگھندا، ڇالاءِجو اھا خاص زمين مون خداوند لاءِ
مخصوص ھوندي.

15 باقي جيڪو حصو منھنجي لاءِ مخصوص ٿيل ايراضيءَ جي
ڏکڻ ۾ ھوندو، جنھن جي ڊيگھہ اولھہ کان اوڀر طرف ساڍا ٻارھن
ڪلوميٽر ۽ ويڪر اتر کان ڏکڻ طرف اڍائي ڪلوميٽر ھوندي، سو مون
لاءِ مخصوص نہ ھوندو. اھو بني اسرائيل جي عام ماڻھن جي رھڻ
لاءِ ھوندو، جنھن جي وچ ۾ ھڪڙو شھر ھوندو ۽ ان جي ٻنھي پاسن
کان سرسبز ٻنيون ھونديون. 16 شھر جي ايراضي چورس ھوندي،
جنھن جي ھر پاسي جي ماپ سوا ٻہ ڪلوميٽر ھوندي. 17 شھر جي
چوڌاري خالي ميدان ھوندو، جنھن جي ويڪر ھر پاسي کان ھڪ سؤ
پنجويھہ ميٽر ھوندي. 18 شھر جي اولھہ ۽ اوڀر ۾ باقي ڇڏيل زمين،
جيڪا مون لاءِ مخصوص ٿيل ايراضيءَ جي ڏکڻ پاسي ھوندي ۽
جنھن جي ماپ اولھہ توڙي اوڀر طرف پنج ڪلوميٽر ڊيگھہ ۽ اڍائي
ڪلوميٽر ويڪر ھوندي، سا شھر جي ماڻھن لاءِ پوک ڪرڻ واسطي
ھوندي. 19 پوءِ اھي شھر وارا بني اسرائيل جي ڪھڙي بہ قبيلي سان
تعلق رکندا ھجن، سي سڀ انھيءَ حصي تي پوک ڪري سگھندا.
20 سو ملڪ ۾ وقف ڪيل حصي جي وچ واري پوري ايراضي ساڍا
ٻارھن ڪلوميٽر ڊگھي ۽ ساڍا ٻارھن ڪلوميٽر ويڪري يعني چورس
ھوندي. انھيءَ ۾ مون لاءِ مخصوص ٿيل ايراضي ۽ شھر ۽ ان جي
آسپاس جون ٻنيون شامل ھونديون. 21–22 اھا ايراضي جنھن ۾ ھيڪل،
ڪاھنن جو حصو، لاوين جو حصو ۽ شھر شامل ھوندو، تنھن جي
اولھہ ۽ اوڀر پاسي واري زمين حڪمران جي ھوندي. اھا زمين جيڪا
وچ واري ايراضيءَ جي ٻنھي پاسن تي ھوندي، سا بہ اتر کان ڏکڻ
طرف ساڍا ٻارھن ڪلوميٽر ويڪري ھوندي، ۽ اولھہ توڙي اوڀر پاسي
ڏانھن ملڪ جي ٻنھي پاسي سرحدن تائين وڃي لڳندي. ٻنھي پاسن
کان حڪمران واري زمين ۽ وچ واري ايراضيءَ جي گڏيل حصي جي
اتر پاسي تي يھوداہ قبيلي جو حصو ۽ ڏکڻ پاسي تي بنيامين قبيلي
جو حصو ھوندو.“

## قبيلن ۾ ملڪ جي ڏاکڻي علائقي جي ورھاست

23–27 خداوند فرمايو تہ ”انھيءَ وقف ڪيل وچ واري حصي کان
وٺي ملڪ جي ڏاکڻي سرحد تائين، باقي ٻين قبيلن کي جيڪي حصا
ڏنا ويندا سي ھن ترتيب سان مقرر آھن: بنيامين، شمعون، اِسڪار،
زبولون ۽ گد. ھر ڪنھن جو حصو اڀرندي سرحد کان ويندي الھندي
پاسي ڀونوچ سمنڊ تائين ھوندو. 28 گد جي حصي جي ڏکڻ پاسي
ملڪ جي سرحد ھوندي. اھا سرحد تمر کان وٺي ڏکڻ اولھہ ۾ مريباہ
قادش جي چشمي تائين ۽ پوءِ مصر جي سرحد سان ويندي اتر اولھہ
۾ ڀونوچ سمنڊ تائين ھوندي. 29 سو اھڙي نموني سان اوھين ملڪ جي
ورھاست ڪجو. بني اسرائيل جي ھر قبيلي لاءِ اھڙيءَ طرح الڳ الڳ
حصو ميراث طور ورھايو وڃي. اھو مون خداوند جو فرمان آھي.“

## شھر جا دروازا

30–34 شھر جي چوڌاري جيڪا ڀت ھوندي تنھن جي ھر پاسي واري
ڀت جي ماپ سوا ٻہ ڪلوميٽر ھوندي ۽ ھر ھڪ ڀت ۾ ٽي ٽي دروازا
ھوندا. اھڙيءَ طرح شھر کي ڪل ٻارھن دروازا ھوندا. انھن سڀني
دروازن کي بني اسرائيل جي ٻارھن ئي قبيلن جا نالا ڏنل ھوندا. اتر
پاسي واري ڀت ۾ روبن، يھوداہ ۽ لاويءَ جي نالن جا دروازا ھوندا.
اوڀر پاسي واري ڀت ۾ يوسف، بنيامين ۽ دان جي نالن جا دروازا
ھوندا. ڏکڻ پاسي واري ڀت ۾ شمعون، اِسڪار ۽ زبولون جي نالن
جا دروازا ھوندا. الھندي پاسي واري ڀت ۾ گد، آشر ۽ نفتاليءَ جي
نالن جا دروازا ھوندا. 35 شھر جي چئني پاسن واري ڀت جي جملي
ڊيگھہ نوَ ڪلوميٽر ھوندي. انھيءَ ڏينھن کان شھر کي ھن نالي
سان سڏيو ويندو تہ ”خداوند ھتي رھي ٿو.“

48:30–34 مڪا 21:12–13

# دانيال

## دانيال نبيءَ جو ڪتاب

### تعارف

"دانيال" نالي هي مقدس ڪتاب انهيءَ عرصي دوران لکيو ويو، جڏهن يهودي خدا کي نہ مڃيندڙ هڪڙي بادشاهه جي ظلم وَ ستم جي چڪيءَ ۾ پيسجي رهيا هئا. ڪتاب جو ليکڪ روئيائن ۽ واقعن جون ڳالهيون ٻڌائيندي پنهنجي يهودي قوم وارن کي انهيءَ اميد بابت همٿائيندو رهي ٿو تہ خدا نيٺ ظالم کي ختم ڪندو ۽ پنهنجي ماڻهن جي حاڪميت بحال ڪندو.

هن ڪتاب جا ٻہ مکيہ حصا آهن. پهرين حصي ۾ حضرت دانيال ۽ سندس ڪن ساٿين جون ڳالهيون لکيل آهن، جيڪي جلاوطن ڪيا ويا هئا. خدا تي پنهنجي مڪمل ڀروسي ۽ فرمانبرداريءَ جي ڪري دشمنن جي سازشن کان بچي ڪري انهن شاندار ڪاميابي حاصل ڪئي. هي ڳالهيون انهيءَ وقت ٿيون جڏهن بابل جي شهنشاهت ۽ پوءِ فارس جي شهنشاهت هئي.

ٻئي حصي ۾ انهن روئيائن جو ذڪر آهي، جيڪي حضرت دانيال ڏٺيون ۽ جن ۾ خدا جي ماڻهن جي ڪاميابين ۽ گهڻين ئي شهنشاهتن جي پڇاڙين جون نشانيون آهن، جن جي شروعات بابل کان ٿي. انهن روئيائن ۾ خدا کي نہ مڃيندڙن جي خاتمي ۽ خدا جي ماڻهن جي سوڀ جو ذڪر پڻ آهي.

### سِتاءُ


دانيال نبي ۽ سندس ساٿي 1:1–28:6
دانيال نبيءَ جون روئيائون 1:7–45:11
1. چار جانور 1:7–28
2. گهٽو ۽ ٻڪر 1:8–27:9
3. خدا جو پيغام آڻيندڙ فرشتو 1:10–45:11
پڇاڙيءَ جو وقت 1:12–13


---

### دانيال نبيءَ ۽ سندس ساٿين جا واقعا
(1:1–28:6)

### دانيال ۽ سندس ساٿي بابل شهر ۾

1 1 يهوداه جي بادشاهه يهويقيم جي بادشاهيءَ جي ٽئين سال،
بابل جو بادشاهه نبوڪدنضر سندس شاهي شهر يروشلم تي
چڙهائي ڪري آيو ۽ انهيءَ کي اچي گهيرو ڪيائين. 2 پروردگار
بادشاهه يهويقيم کي نبوڪدنضر جي هٿان گرفتار ڪرايو ۽ انهيءَ
سان گڏ پنهنجي هيڪل جا چوندڙ ٿانوَ بہ هن جي هٿ ۾ ڏيئي ڇڏيائين.
نبوڪدنضر اهي ساڻ کڻي بابل ملڪ ۾ پنهنجي معبود جي بت‌خاني
۾ آيو، جتي هن اهي ٿانوَ بت‌خاني جي خزاني ۾ رکي ڇڏيا.
3 پوءِ بادشاهه پنهنجي محل جي داروغي اسپنز کي حڪم ڏنو
تہ "ڪجهڙي آندل بني اسرائيل منجهان سندن شاهي نسل ۽ اميرن جا
ڪي نوجوان وچي چوندي ڪر. 4 اهي نوجوان اهڙا هجن، جن ۾
ڪوبہ عيب نہ هجي، بلڪ اهي خوبصورت، هر قسم جي ڏاهپ ۾
هوشيار، علم ۾ قابل ۽ حڪمت سمجهندا هجن، يعني انهن ۾ اهڙي
لياقت هجي جو ڪين شاهي محل ۾ خدمت لاءِ مقرر ڪجي. پوءِ تون

---

1:1 2.با 1:24، 2.توا 36:5–7 2:1–4 2.با 20:17–18، 24:10–16، 2.توا 36:10، يس 39:7–8

انهن کي *بابل جي رملين جي ٻولي لکڻ پڙهڻ سيکار.“ 5 تڏهن
بادشاهہ انهن جي لاءِ شاهي خوراڪ ۽ شاهي مئي مان روزانو لاءِ
حصو مقرر ڪيو. انهن کي ٽن سالن تائين تربيت حاصل ڪرڻي هئي،
تنهن کان پوءِ کين بادشاهہ جي خدمت ڪرڻي هئي.
6 انهن چونڊي ڪيلن ۾ بني يهوداه قبيلي جا دانيال، حنانياه،
ميسايل ۽ عزرياه پڻ شامل هئا. 7 محل جي داروغي انهن جا نالا
بدلائي نوان نالا رکيا. دانيال جو بيلطشضر، حنانياه جو سدرڪ،
ميسايل جو ميسڪ ۽ عزرياه جو عبدنجو نالو رکيائين.
8 دانيال پنهنجيءَ دل ۾ اهو پڪو ارادو ڪيو تہ هو شاهي خوراڪ
کائڻ سان ۽ شاهي مئي پيئڻ سان پاڻ کي پليت نہ ڪندو. تنهنڪري
هن محل جي داروغي کي عرض ڪيو تہ کيس اجازت ڏني وڃي
تہ هو پاڻ کي اهڙي ناپاڪيءَ کان بچائي رکي. 9 خدا محل جي
داروغي جي دل ۾ دانيال لاءِ رحم ۽ همدردي وجهي ڇڏي. 10 تنهن
هوندي بہ محل جي داروغي دانيال کي چيو تہ ”منهنجي آقا بادشاهہ
اوهان جي لاءِ اهو کاڌو پيتو مقرر ڪري ڇڏيو آهي. سو آءٌ ڊڄان
ٿو تہ جيڪڏهن هو تو کي تنهنجي همعمر جوانن کان لٽل ڏسندو
تہ تنهنجي ڪري منهنجي سسي لهرائي ڇڏيندو.“ 11 تڏهن محل
جي داروغي جنهن ناظر کي دانيال، حنانياه، ميسايل ۽ عزرياه تي
مقرر ڪيو هو، تنهن کي دانيال چيو تہ 12 ”آءٌ توهان کي عرض ٿو
ڪريان تہ ڏهن ڏينهن تائين اسان پنهنجي خادمن کي کائڻ لاءِ سادو
کاڌو ۽ پيئڻ لاءِ رڳو پاڻي ڏيئي آزمائي ڏسو. 13 پوءِ توهان اسان جون
شڪليون انهن نوجوانن جي شڪلين سان ڀيٽي ڏسجو جيڪي شاهي
طعام ٿا کائين، تنهن بعد جيئن توهان مناسب سمجهو تيئن پنهنجي
ٻانهن سان سلوڪ ڪجو.“ 14 تڏهن هن سندن اها ڳالهہ مڃي ۽ ڏهن
ڏينهن تائين کين آزمايائين. 15 انهن ڏهن ڏينهن گذرڻ کان پوءِ هنن
جون شڪليون وڌيڪ رونقدار ۽ سندن بدن وڌيڪ صحتمند ڏسڻ ۾
آيا، بنسبت انهن نوجوانن جي جن شاهي طعام پئي کاڌا. 16 تڏهن ان
ناظر اها شاهي خوراڪ ۽ مئي جيڪا سندن کائڻ پيئڻ لاءِ مقرر هئي،
سا اڳتي لاءِ بہ بند ڪري ڇڏي ۽ کين رڳو سادو کاڌو ڏيڻ لڳو.
17 هاڻ خدا انهن چئني نوجوانن کي هر قسم جي علم وَ ادب ۾
مهارت ۽ ڏاهپ عطا ڪئي. هن دانيال کي سڀني رويائن ۽ خوابن
جي سمجهہ پڻ عطا ڪئي. 18 جڏهن بادشاهہ نبوڪدنضر جي حڪم
مطابق انهن سڀني چونڊيل نوجوانن جي تربيت جو وقت اچي پورو
ٿيو، تڏهن محل جي داروغي کين بادشاهہ جي حضور ۾ آڻي حاضر
ڪيو. 19 بادشاهہ جڏهن انهن نوجوانن سان گفتگو ڪيو تہ سڀني
مان دانيال، حنانياه، ميسايل ۽ عزرياه جهڙو ڪيس ٻيو ڪوبہ ڏسڻ ۾
ڪونہ آيو. تنهنڪري اهي بادشاهہ جي درٻار ۾ حاضر رهڻ لاءِ مقرر
ٿيا. 20 ڏاهپ ۽ دانائيءَ جي جيڪا بہ ڳالهہ بادشاهہ هنن کان پڇي،
تنهن ۾ هن انهن کي پنهنجي پوري بادشاهت جي سڀني جادوگرن ۽
نجومين کان ڏهہ ڀيرا وڌيڪ بهتر لڌو. 21 ان طرح دانيال نبوڪدنضر
جي شاهي درٻار ۾ ايستائين رهيو، جيستائين ان ملڪ بابل تي فارس
ملڪ جي شهنشاهہ خورس فتح حاصل نہ ڪئي.

## نبوڪدنضر جو مورتيءَ وارو خواب

2 1 پنهنجي بادشاهيءَ جي ٻئي سال، بادشاهہ نبوڪدنضر کو
اهڙو خواب لهڻ لڳو جو سندس دل پريشان رهڻ لڳي ۽ ننڊ
ڦٽي ويس. 2 تڏهن بادشاهہ حڪم ڪيو تہ جادوگرن، نجومين، فال
وجهندڙن ۽ سندن اڳواڻن رملين کي سڏيو وڃي، انهيءَ لاءِ تہ اهي
سندس خواب جو تعبير ڪن. جڏهن اهي سڀ بادشاهہ جي حضور
۾ اچي حاضر ٿيا، 3 تڏهن بادشاهہ انهن کي چيو تہ ”مون هڪڙو
خواب لڌو آهي. هاڻ جيستائين انهيءَ خواب جو تعبير معلوم نہ ٿو
ٿئي تيستائين منهنجي دل پريشان آهي.“ 4 تڏهن رملين بادشاهہ کي
چيو تہ ”†اي بادشاهہ! سدا سلامت رهو. اوهين پنهنجي ٻانهن کي
اهو خواب ٻڌايو، تہ اسين انهيءَ جو تعبير بيان ڪريون.“ 5 بادشاهہ
رملين کي ورندي ڏيئي چيو تہ ”مون فيصلو ڪري ڇڏيو آهي تہ
جيڪڏهن اوهين پاڻ مون کي اهو خواب ۽ انهيءَ جو تعبير نہ ٻڌائيندا،
تہ اوهان سڀني کي وڍائي ٽڪرا ٽڪرا ڪرائي ڇڏيندس ۽ اوهان جا
گهر ويران ڊڙا ڪرائي ڇڏيندس. 6 پر جي اوهين مون کي اهو خواب
۽ انهيءَ جو تعبير ٻڌائيندا، تہ آءٌ اوهان کي تحفا، انعام ۽ وڏي عزت
عطا ڪندس. سو هاڻي اوهين مون کي اهو خواب ۽ انهيءَ جو تعبير
ٻڌايو.“
7 هنن ٻيو ڀيرو عرض ڪندي چيو تہ ”بادشاهہ سلامت پنهنجي
ٻانهن کي رڳو اهو خواب ٻڌائي، تہ پوءِ اسين انهيءَ جو تعبير بيان
ڪريون.“ 8 پر بادشاهہ چيو تہ ”پڪ سان اوهين نٽايو ٿا ۽ وڌيڪ وقت
انهيءَ ڪري وٺڻ ٿا گهرو، جو ڄاڻو ٿا تہ مون فيصلو ڪري ڇڏيو
آهي تہ 9 جيڪڏهن اوهين مون کي اهو خواب نہ ٻڌائيندا، تہ اوهان
سڀني لاءِ فقط اها ئي سزا آهي. اوهان منهنجي آڏو ڪوڙ ۽ ٺڳيءَ
جون ڳالهيون ڪندو رهڻ جي تياري ڪئي آهي، تہ جيئن پلي وقت
ٽري وڃي. تنهنڪري اوهين ضرور مون کي خواب ٻڌايو، تہ جيئن
مون کي خبر پوي تہ اوهين انهيءَ جو تعبير بہ بيان ڪري سگهندا.“
10 رملين بادشاهہ کي ورندي ڏيئي عرض ڪيو تہ ”روءِ زمين تي اهڙو
ڪوبہ ماڻهو ڪونهي جيڪو بادشاهہ کي اها ڳالهہ ٻڌائي سگهي.

*بابل جي رملين: اصلي عبرانيءَ ۾ هتي لفظ ”ڪلدي“ لکيل آهي، جيڪو اڪثر ڪري بابلين جي ٻئي نالي طور استعمال ڪيو ويندو هو. پر دانيال جي ڪتاب ۾ اهو انهن عالمن ۽ بادشاهہ جي صلاحڪارن لاءِ استعمال ڪيو ويو ٿو، جيڪي جادوگريءَ ۽ رمل ۾ ماهر سمجهيا ويندا هئا.

†اي بادشاهہ!: هتان 4:2 کان 28:7 تائين وارو متن بابل جي سرڪاري ٻولي اراميءَ ۾ لکيل آهن، باقي سڀ عبرانيءَ ۾ لکيل آهي.

2:2 پيد 8:41

ڪنهن بہ بادشاهہ، پوءِ اهو ڪيڏو بہ وڏو ۽ طاقتور ڇو نہ هجي،
تنهن اهڙي ڳالهہ ڪنهن بہ جادوگر يا نجوميءَ يا رمليءَ کان ڪڏهن
بہ ڪين پڇي آهي. 11 جيڪا ڳالهہ بادشاهہ پڇي ٿو سا تمام مشڪل
ڳالهہ آهي. اهڙو ڪوبہ انسان ڪونهي جيڪو بادشاهہ جي اڳيان
اها بيان ڪري سگهي، سواءِ معبودن جي، جيڪي انسان سان گڏ نہ
ٿا رهن.“ 12 انهيءَ ڳالهہ تي بادشاهہ ايڏو تہ ڇڙي پيو جو سخت
ڪاوڙ وچان حڪم ڪيائين تہ ”بابل جي سيني عالمن کي قتل ڪيو
وڃي.“ 13 اهڙيءَ طرح اهو حڪم جاري ٿي ويو تہ ”عالمن کي قتل
ڪيو وڃي.“ تڏهن دانيال ۽ سندس ٽنهي ساٿين جي بہ ڳولها ٿيڻ
لڳي، تہ جيئن ڪين بہ قتل ڪيو وڃي.

## خدا جو دانيال کي تعبير ٻڌائڻ

14 تڏهن دانيال نهايت سمجهہ ۽ سياڻپ سان شاهي پهريدارن جي
سالار اريوڪ سان ڳالهايو، جيڪو بابل جي عالمن کي قتل ڪرڻ لاءِ
نڪتو هو. 15 هن اريوڪ کان پڇيو تہ ”بادشاهہ اهڙو سخت حڪم
ڇو جاري ڪيو آهي؟“ تڏهن اريوڪ دانيال کي ساري حقيقت بيان
ڪري ٻڌائي. 16 تنهن تي دانيال بادشاهہ کان ڪجهہ مهلت ورتي،
انهيءَ لاءِ تہ جيئن هو سندس حضور ۾ تعبير بيان ڪري سگهي.
17 پوءِ دانيال پنهنجي گهر ويو ۽ پنهنجي سنگتين حنانياہ، ميسايل
۽ عزرياہ کي اهو احوال ٻڌايائين. 18 هن ڪين تاڪيد ڪيو تہ هو عرش
عظيم واري خدا کي انهيءَ راز جي باري ۾ رحم لاءِ ٻاڏائين، تہ
جيئن دانيال ۽ سندس سنگتي بابل جي ٻين عالمن سميت قتل ٿيڻ کان
بچي وڃن. 19 تڏهن انهيءَ ئي رات رويا ۾ دانيال تي اهو راز کوليو
ويو ۽ دانيال عرش عظيم واري خدا جي واکاڻ ڪندي 20 چيو تہ

”شل خدا جو نالو ازل کان وٺي ابد تائين سڳورو هجي،
ڇالاءِجو اهو ئي حڪمت ۽ قدرت وارو آهي.
21 هو ئي وقتن کي ڦيري ڇڏي ٿو ۽ زمانا تبديل ٿو ڪري،
هو ئي بادشاهن کي قائم ٿو ڪري ۽ ڪين معزول پڻ ڪري ٿو،
هو ئي ڏاهن کي ڏاهپ ۽ عقلمندن کي ڄاڻ عطا ڪري ٿو.
22 جيڪي ڳالهيون اونهيون ۽ ڳجهيون آهن،
تن کي هو ئي ظاهر ڪري ٿو.
جيڪي ڪجهہ بہ اوندهہ ۾ آهي تنهن کي هو ڄاڻي ٿو،
ڇوجو وٽس ئي سوجهرو آهي.

23 اي منهنجي ابن ڏاڏن جا خدا!
آءٌ تنهنجو شڪر ۽ واکاڻ ٿو ڪريان،
ڇوجو تو مون کي ڏاهپ ۽ سگهہ عطا ڪئي آهي.
اسان جيڪي تو کان چاهيو سو ئي تو مون کي ٻڌائي ڇڏيو،
هائو، بادشاهہ وارو پورو معاملو تو اسان تي ظاهر ڪيو آهي.“

## دانيال جو بادشاهہ کي سندس خواب ۽ تعبير ٻڌائڻ

24 تنهن بعد دانيال اريوڪ وٽ ويو، جنهن کي بادشاهہ بابل جي
عالمن کي قتل ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيو هو. دانيال وڃي هن کي چيو تہ
”بابل جي عالمن کي نہ ماراءِ، بلڪ مون کي بادشاهہ جي حضور
۾ وٺي هل تہ آءٌ ڪيس تعبير ٻڌايان.“
25 تڏهن اريوڪ هڪدم دانيال کي بادشاهہ جي حضور ۾ وٺي آيو ۽
بادشاهہ کي چيائين تہ ”يهوداہ ملڪ کان پڪڙي آندل ماڻهن مان مون
هڪڙو ماڻهو لڌو آهي، جيڪو بادشاهہ سلامت کي تعبير ٻڌائيندو.“
26 دانيال، جنهن کي بابل ۾ بيلطشضر جي نالي سان سڏيو ويندو
هو تنهن کان بادشاهہ پڇيو تہ ”ڇا تون سچپچ مون کي اهو خواب،
جيڪو مون ڏٺو آهي ۽ انهيءَ جو تعبير ٻڌائي سگهندين؟“ 27 دانيال
بادشاهہ جي خدمت ۾ عرض ڪيو تہ ”جيڪو راز بادشاهہ سلامت
پڇيو آهي، سو عالم توڙي نجومي، جادوگر توڙي فال وجهندڙ توهان
کي بلڪل ٻڌائي نہ سگهندا. 28 پر عرش تي هڪ خدا آهي، جيڪو
ڳُجهين ڳالهين کي ظاهر ٿو ڪري، تنهن ئي توهان بادشاهہ سلامت
کي اها ڳالهہ ڄاڻائي آهي تہ ايندڙ وقت ۾ ڇا ٿيندو. هاڻي آءٌ توهان
کي توهان جو خواب يعني اها رويا جيڪا توهان پنهنجي پلنگ تي
سمهندي ڏٺي، سا ٻڌايان ٿو.
29 اي بادشاهہ! سدا سلامت رهو. جڏهن توهان پلنگ تي ستل
هئا، تڏهن توهان جي دل ۾ مستقبل جا خيال ڊوڙايا ويا. ان وقت خدا
جيڪو ڳُجهن کي کوليندڙ آهي، تنهن توهان کي خواب ۾ ڄاڻايو تہ
ايندڙ وقت ۾ ڇا ڇا ٿيندو. 30 هاڻ مون تي اهو راز انهيءَ لاءِ ظاهر
نہ ڪيو ويو آهي تہ آءٌ ڪو ٻين جيئرن ماڻهن کان وڌيڪ سياڻو آهيان،
بلڪ انهيءَ لاءِ تہ توهان کي انهيءَ جو تعبير ٻڌايو وڃي ۽ توهان
پنهنجي دل جي خيالن کي چڱيءَ طرح سمجهي سگهو.
31 اي بادشاهہ! سدا سلامت رهو. توهان پنهنجي رويا ۾ ڏٺو تہ
هڪڙي وڏي مورتي آهي، جيڪا توهان جي اڳيان بيٺي آهي. اها مورتي
تمام قداور، بيحد تجليدار ۽ هيبتناڪ هئي. 32 انهيءَ مورتيءَ جو
مٿو نج سون جو هو، انهيءَ جو سينو ۽ ٻانهون چانديءَ جون هيون ۽
انهيءَ جو پيٽ ۽ رانون پتل جون هيون. 33 انهيءَ جون ٽنگون لوهہ
جون ۽ پير ڪجهہ لوهہ جا ۽ ڪجهہ ٺڪر جا هئا. 34 جڏهن توهان
انهيءَ کي ڏٺو پئي، تڏهن اوچتو هڪڙو وڏو پٿر انساني هٿ لڳڻ کان
سواءِ ٽڪر مان ٽٽي نڪتو ۽ انهيءَ مورتيءَ جي پيرن تي اچي ڪريو،
جيڪي لوهہ ۽ ٺڪر جا هئا ۽ انهن کي پڃي پورا پورا ڪري ڇڏيائين.
35 تڏهن هڪدم انهيءَ لوهہ، ٺڪر، پتل، چانديءَ ۽ سون کي اهڙو
پڃي پورا پورا ڪيو ويو جيئن اونهاري جي موسم جي اَن ڳاهڻ واري
پڙ جو ٻُهہ هوندو آهي. پوءِ واءُ انهن کي ائين اڏائي ويئي جو انهن
جو ذرو ئي ڪونہ رهيو. پر جيڪو پٿر انهيءَ مورتيءَ کي اچي لڳو
هو سو ايڏو تہ وڏو جبل ٿي پيو جو روءِزمين کي ڀري ڇڏيائين.

36 اهو ئي توهان جو خواب هو ۽ هاڻي آءٌ بادشاهه جي حضور ۾
انهيءَ جو تعبير بيان ڪندس. 37 اي بادشاهه سلامت! توهين بادشاهن
جا بہ بادشاهه آهيو، جنهن کي عرش عظيم واري خدا شهنشاهي
۽ اختياري، طاقت ۽ عظمت عطا ڪئي آهي. 38 ڌرتيءَ تي رهندڙ
سمورن انسانن ۽ سڀني جانورن توڙي پکين تي هن توهان کي حاڪم
مقرر ڪيو آهي، پوءِ اهي ڪٿي ڪٿي بہ رهندا هجن. سو توهين
ئي اهو سون جو مٿو آهيو. 39 توهان کان پوءِ هڪڙي ٻي شهنشاهت
چانديءَ مثل ٿيندي، جيڪا توهان جي شهنشاهت کان ڪمتر هوندي.
انهيءَ کان پوءِ ٽين شهنشاهت پتل مثل ٿيندي، جيڪا ساري ڌرتيءَ
تي حڪومت ڪندي. 40 انهيءَ کان پوءِ چوٿين شهنشاهت ٿيندي،
جيڪا لوهہ جهڙي مضبوط هوندي. جهڙيءَ طرح لوهہ سڀني شين
کي ڀڃي ڀورا ڀورا ٿو ڪري ۽ انهن کي چيچي ٿو ڇڏي، تهڙيءَ طرح
اها شهنشاهت بہ ٻين سڀني شهنشاهتن کي ڀڃي ڀورا ڀورا ڪري
چيچي ڇڏيندي. 41 جهڙيءَ طرح توهان ڏٺو تہ مورتيءَ جا پير ۽ پيرن
جون آڱريون ڪجهہ ٺڪر جون ۽ ڪجهہ لوهہ جون هيون، تيئن اها بہ
ورهايل شهنشاهت هوندي. تنهن هوندي بہ انهيءَ ۾ ڪجهہ لوهہ
جهڙي مضبوطي هوندي، ڇوتہ ٺڪر سان لوهہ گڏيل هو. 42 جيئن
تہ پيرن جون آڱريون ڪجهہ لوهہ جون ۽ ڪجهہ ٺڪر جون هيون،
تنهن جو مطلب آهي تہ اها شهنشاهت بہ ڪجهہ زور واري ۽ ڪجهہ
ڪمزور هوندي. 43 جيئن توهان ڏٺو تہ لوهہ ٺڪر سان گڏيل هو،
تنهن جو مطلب آهي تہ انهيءَ جي حڪمرانن جو تخم پاڻ ۾ گڏجي
سڏجي تہ ويندو، پر اهي هڪٻئي سان ملي هڪ ٿي نہ سگهندا،
جيئن لوهہ ۽ ٺڪر هڪٻئي سان ملي هڪ ٿي نہ ٿا سگهن.
44–45 توهان پنهنجي خواب ۾ اهو بہ ڏٺو تہ انساني هٿ لڳڻ کان
سواءِ هڪ پٿر ٽڪر مان ٽٽي نڪتو. انهيءَ پٿر لوهہ، پتل، ٺڪر،
چانديءَ ۽ سون کي ڀڃي ڀورا ڀورا ڪري ڇڏيو. انهيءَ جو مطلب
هي آهي تہ انهن ئي حڪمرانن جي ڏينهن ۾ عرش عظيم وارو خدا
هڪڙي اهڙي بادشاهت قائم ڪندو، جيڪا ڪڏهن بہ ناس نہ ٿيندي.
نڪي انهيءَ جي حڪمراني ڪنهن ٻيءَ قوم جي حوالي ڪئي ويندي.
اٿلندو اها ٻين سڀني شهنشاهتن کي ڀڃي ڀورا ڀورا ڪري ناس ڪندي
۽ پاڻ هميشہ لاءِ قائم رهندي.
سو اي بادشاهه! ائين ڪرڻ سان عظيم خدا توهان کي اهو ڪجهہ
ڏيکاريو آهي، جيڪو ايندڙ وقت ۾ ٿيندو. توهان اهو ئي خواب ڏٺو
آهي ۽ ائين ئي ٿيڻو آهي.“

## بادشاهه جو دانيال کي نوازڻ

46 تڏهن بادشاهه نبوڪدنضر منهن ڀر ڪري دانيال آڏو سجدو ڪيو
۽ حڪم ڏنائين تہ ”هن کي نذرانو ڏنو وڃي ۽ سندس آڏو لوبان
ساڙيو وڃي.“ 47 پوءِ بادشاهه دانيال کي چيو تہ ”بيشڪ تنهنجو خدا
سڀني معبودن جو بہ معبود، بادشاهن جو ڌڻي ۽ ڳُجهن جو ظاهر
ڪندڙ آهي، تڏهن ئي تہ تو انهيءَ راز کي کولي ڇڏيو آهي.“ 48 پوءِ
بادشاهه دانيال کي وڏي عزت ڏني ۽ کيس گهڻيئي وڏا وڏا تحفا
ڏنائين. کيس بابل جي سڄي پرڳڻي تي حڪمران مقرر ڪيائين ۽ بابل
جي سڀني عالمن جو اڳواڻ بڻايائينس. 49 تڏهن دانيال جي عرض ڪرڻ
تي بادشاهه سدرڪ، ميسڪ ۽ عبدنجو کي بابل جي پرڳڻي تي ڪمن
ڪارين تي مقرر ڪيو. پر دانيال پاڻ بادشاهه جي درٻار ۾ ئي رهيو.

## نبوڪدنضر جو سوني مورتيءَ کي سجدو ڪرائڻ

3 1 بادشاهه نبوڪدنضر سون جي هڪڙي مورتي ٺهرائي، جنهن
جي اوچائي ستاويهہ ميٽر ۽ ويڪر ٽي ميٽر هئي. هن انهيءَ
کي بابل جي پرڳڻي ۾ دورا نالي ميدان ۾ کڙو ڪرايو. 2 تنهن کان
پوءِ بادشاهه نبوڪدنضر ملڪ جي والين، نوابن، نائبن، صلاحڪارن،
خزانچين، ججن، مفتين ۽ پرڳڻي جي ٻين سڀني عملدارن کي گهرايو،
تہ جيئن اهي انهيءَ مورتيءَ جي وقف ڪرڻ جي رسم تي حاضر رهن.
3 سو جڏهن اهي سڀ انهيءَ مورتيءَ جي اڳيان اچي بيٺا، 4 تڏهن
هڪڙي منادي ڪرڻ واري وڏي واڪي اعلان ڪندي چيو تہ ”اي
سموريون قومون ۽ قبيلؤ، بلڪ سڀ مختلف ٻوليون ڳالهائڻ وارؤ!
اوهان کي حڪم ٿو ڏجي تہ 5 جنهن وقت اوهين شرناءِ، بانسري،
سُرندي، سارنگيءَ ۽ دنبوري سان گڏ باقي ٻين قسمن جي سازن جو
آواز ٻڌو، تڏهن بادشاهه نبوڪدنضر جي کڙي ڪيل سوني مورتيءَ
کي سجدو ڪجو. 6 جيڪو بہ ماڻهو سجدو نہ ڪندو، تہ انهيءَ کي
ان وقت ئي ڀڙڪندڙ باهہ جي ڪوري ۾ اڇلايو ويندو.“ 7 سو جڏهن
انهن سازن جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو، تڏهن سموريون قومون ۽ قبيلا، بلڪ
سڀ مختلف ٻوليون ڳالهائڻ وارا بادشاهه نبوڪدنضر جي کڙي ڪيل
سوني مورتيءَ کي سجدو ڪرڻ لڳا.

## دانيال جي دوستن جي نافرماني

8 انهيءَ ئي وقت ڪجهہ رملين بادشاهه نبوڪدنضر جي ويجهو
اچي يهودين تي چغلي هڻندي 9 کيس چيو تہ ”اي بادشاهه! سدا
سلامت رهو. 10 جڏهن تہ توهان اهو حڪم جاري ڪيو آهي تہ ’جيڪو
ماڻهو شرناءِ، بانسري، سُرندي، سارنگيءَ ۽ دنبوري سان گڏ باقي
ٻين قسمن جي سازن جو آواز ٻڌي، سو انهيءَ سوني مورتيءَ کي
سجدو ڪري. 11 پر جيڪو سجدو نہ ڪندو، تنهن کي ڀڙڪندڙ باهہ
جي ڪوري ۾ اڇلايو ويندو.‘ 12 هاڻي، اي بادشاهه سلامت! ڪي
يهودي ماڻهو آهن، جن کي توهان بابل پرڳڻي جي ڪمن ڪارين تي
مقرر ڪيو آهي، يعني سدرڪ، ميسڪ ۽ عبدنجو، تن توهان جي
حڪم جي ڪا پرواهہ ڪانہ ڪئي آهي. هو توهان جي معبودن جي
پوڄا نہ ٿا ڪن، نہ ئي انهيءَ سوني مورتيءَ کي سجدو ٿا ڪن،
جيڪا توهان کڙي ڪرائي بيهاري آهي.“
13 تڏهن بادشاهه نبوڪدنضر سخت ڪاوڙ ۽ جوش مان حڪم ڏنو
تہ ”سدرڪ، ميسڪ ۽ عبدنجو کي حاضر ڪيو وڃي.“ سو انهن
تنهي کي بادشاهه جي حضور ۾ آندو ويو. 14 بادشاهه انهن کي

مخاطب ٿي چيو تہ ”ڇا اهو سچ آهي تہ اوهين ڄاڻي‌واڻي منهنجي
معبودن جي پوڄا نہ ٿا ڪريو ۽ نہ وري انهيءَ سوني مورتيءَ کي
سجدو ٿا ڪريو، جنهن کي مون کڙو ڪرائي بيهاريو آهي؟ 15 هاڻي
ٻڌو، جيڪڏهن اوهين هينئر بہ آماده آهيو تہ انهن سڀني قسمن جي
سازن جو آواز ٻڌڻ سان هن سوني مورتيءَ کي سجدو ڪريو تہ چڱو،
پر جي اوهان ائين نہ ڪيو تہ هن ئي گهڙيءَ اوهان کي ٻرڪندڙ باهہ
جي ڪوري ۾ اڇلايو ويندو. پوءِ اَءُ ڏسندس تہ اهو ڪهڙو معبود
آهي، جيڪو اوهان کي منهنجي هٿان ڇڏائي ٿو.“ 16 تڏهن سدرڪ،
ميسڪ ۽ عبدنجو بادشاهہ کي ورندي ڏيئي چيو تہ ”اي بادشاهہ
سلامت! انهيءَ ڳالهہ بابت اسين پنهنجي بچاءَ ۾ ڪجهہ بہ نہ
ڳالهائينداسين. 17 باقي، اي بادشاهہ! اسان جو خدا، جنهن جي ئي
اسين عبادت ٿا ڪريون، سو جيڪڏهن اسان کي ٻرڪندڙ باهہ جي
ڪوري مان بچائڻ چاهيندو تہ اسين توهان جي هٿان بچي نڪرنداسين.
18 پر جي نہ، تہ بہ اي بادشاهہ! توهان کي خبر هجي تہ اسين توهان
جي معبودن جي پوڄا هرگز نہ ڪنداسين، نڪي وري توهان جي کڙي
ڪرايل انهيءَ سوني مورتيءَ کي ئي سجدو ڪنداسين.“

## دانيال جي دوستن کي سزا ملڻ

19 تڏهن بادشاهہ نبوڪدنضر ڏاڍو ڪاوڙيو ۽ سدرڪ، ميسڪ ۽
عبدنجو جي خلاف غصي وچان سندس منهن ڳاڙهو ٿي ويو. سو هن
حڪم ڏنو تہ ”ڪوري کي جيترو اڳ ۾ تپايو ويندو هو، تنهن کان هن
کي ستوڻو وڌيڪ تپايو وڃي.“ 20 پوءِ هن پنهنجي لشڪر جي ڪن
طاقتور پهلوانن کي حڪم ڏنو تہ ”هنن ٽنهي کي ٻڌي ٻرڪندڙ باهہ
جي انهيءَ ڪوري ۾ اڇلايو.“ 21 تڏهن انهن ٽنهي کي سندن چادرن،
قميصن، پڳن ۽ ٻين ڪپڙن سميت ٻڌي، ٻرڪندڙ باهہ جي ڪوري
۾ اڇلائي ڇڏيائون. 22 جيئن تہ بادشاهہ جي سخت تاڪيدي حڪم
موجب ڪوري جي تپش تمام تيز هئي، تنهنڪري سدرڪ، ميسڪ ۽
عبدنجو کي ڪوري جي ويجهو کڻي ايندڙ پهلوانن کي انهيءَ تپش
ساڙي ختم ڪري ڇڏيو. 23 جڏهن تہ اهي ٽيئي ٻڌل شخص ٻرڪندڙ
باهہ جي وچ ۾ وڃي ڪريا.
24 تڏهن اوچتو بادشاهہ نبوڪدنضر حيرت وچان هڪدم ٽپو ڏيئي
اٿي کڙو ٿيو ۽ پنهنجي مشيرن کان پڇڻ لڳو تہ ”ڇا اسان باهہ ۾ ٽن
ماڻهن کي ٻڌي ڪين اڇلايو هو؟“ هنن ڪيس ورندي ڏيندي چيو تہ
”بيشڪ، اي بادشاهہ سلامت! ائين ئي ٿيو هو.“ 25 سو بادشاهہ ڪين
وري چيو تہ ”ڏسو، اَءُ باهہ جي وچ ۾ چئن ماڻهن کي کليل ڏسان
پيو، جيڪي گهمندا ڦرندا ٿا وتن ۽ انهن کي ڪو ايذاءُ بہ ڪونہ رسيو
آهي، جڏهن تہ چوٿين ماڻهوءَ جي شڪل معبودن جهڙي ٿي ڏسجي.“

## ٽنهين دوستن جي آزادي ۽ ترقي

26 پوءِ بادشاهہ نبوڪدنضر ٻرڪندڙ باهہ جي ڪوري جي منهن وٽ
ويجهو اچي پڪاري چيو تہ ”اي سدرڪ، ميسڪ ۽ عبدنجو، خدا
تعاليٰ جا ٻانهؤ! ٻاهر نڪري اچو.“ تڏهن اهي ٽيئي باهہ منجهان
نڪري ٻاهر آيا. 27 ان وقت سڀ والي، نواب، نائب ۽ بادشاهہ جا مشير
اچي گڏ ٿيا ۽ ڏٺائون تہ هنن جي جسمن تي باهہ ڪوبہ اثر نہ ڪيو
هو. هنن جو ڪو وار بہ نہ سڙيو هو، نڪي سندن پوشاڪ کي ئي ڪو
ٺُپ آيو هو، نہ ئي وري انهن مان باهہ جي سڙڻ جي ڪا بوءِ ٿي آئي.
28 تڏهن بادشاهہ نبوڪدنضر چوڻ لڳو تہ ”سدرڪ، ميسڪ ۽
عبدنجو جي خدا جي شل واکاڻ هجي، جنهن پنهنجو ملائڪ موڪلي
پنهنجن ٻانهن کي بچائي ورتو آهي. هنن مٿس توڪل رکي مون
بادشاهہ جي حڪم کي ٺُڏي ڇڏيو ۽ پنهنجون جانيون فدا ڪرڻ
قبوليائون. هنن هي سڀ انهيءَ لاءِ ڪيو تہ جيئن پنهنجي خدا کان
سواءِ ڪنهن ٻئي معبود کي سجدو ڪري انهيءَ جي پوڄا نہ ڪن.
29 تنهنڪري اَءُ هي حڪم ٿو جاري ڪريان تہ ڪنهن بہ قوم ۽ قبيلي
توڙي مختلف ٻوليءَ وارو جيڪڏهن سدرڪ، ميسڪ ۽ عبدنجو جي
خدا جي باري ۾ گهٽ وڌ ڳالهائي تہ انهيءَ کي وڍي ٽڪرا ٽڪرا
ڪيو وڃي ۽ انهيءَ جي گهر کي ڊاهي ويران ڊڙو ڪيو وڃي. ان جو
سبب هي آهي جو ٻيو ڪوبہ اهڙو معبود ڪونهي جيڪو هن طرح
بچائي ٿو سگهي.“
30 پوءِ سدرڪ، ميسڪ ۽ عبدنجو کي ترقي ڏيئي بادشاهہ بابل جي
پرڳڻي ۾ بحال ڪيو.

## نبوڪدنضر جو وڏي وڻ وارو خواب

4 1 بادشاهہ نبوڪدنضر سڄيءَ دنيا جي قومن ۽ قبيلن توڙي
مختلف ٻوليون ڳالهائڻ وارن سڀني ڏانهن هي پيغام موڪليو
تہ ”اي روءِزمين جا رهاڪؤ! شل اوهان تي گهڻي کان گهڻي سلامتي
هجي. 2 اَءُ مناسب ٿو ڄاڻان تہ اهي نشانيون ۽ عجيب ڪم اوهان
کي بيان ڪري ٻڌايان، جيڪي خدا تعاليٰ مون لاءِ ڪيا آهن.

3 خدا جون نشانيون ڪيڏيون نہ عظيم آهن!
بيشڪ سندس عجيب ڪم ڪيڏا نہ زبردست آهن!
هن جي بادشاهت ابدي بادشاهت آهي،
هائو، هن جي حاڪميت پيڙهي بہ پيڙهي قائم وَ دائم آهي.

4 اَءُ نبوڪدنضر پنهنجي محلات ۾ آرام ۽ سک سان گذاري رهيو
هوس. 5 تڏهن هڪ رات پنهنجي پلنگ تي ستي مون هڪڙو خواب
لڌو، جنهن مون کي ڊيڄاري ڇڏيو. منهنجي ذهن ۾ ايندڙ انهيءَ
رويا وارن خيالن مون کي بيحد پريشان ڪري ڇڏيو. 6 تنهنڪري
مون حڪم ڪيو تہ بابل جا سڀ عالم آڻي منهنجي اڳيان حاضر ڪيا
وڃن، تان‌تہ اهي مون کي منهنجي خواب جو تعبير ٻڌائين. 7 تڏهن
جادوگر، نجومي، رملي ۽ فال وجهندڙ اچي حاضر ٿيا. مون انهن
کي پنهنجو خواب ٻڌايو، مگر اهي مون کي ان جو تعبير ٻڌائي نہ
سگهيا. 8 نيٺ دانيال منهنجي اڳيان آيو، جنهن جو نالو بابل ملڪ

۾ منهنجي معبود جي نالي پٺيان بيلطشضر رکيل آهي. دانيال ۾
پاڪ معبودن جو روح آهي. مون کيس پنهنجو خواب ٻڌائيندي چيو
تہ 9 ’اي بيلطشضر، جادوگرن جا سردار! مون کي خبر آهي تہ تو
۾ پاڪ معبودن جو روح آهي ۽ ڪابہ راز جي ڳالهہ تنهنجي لاءِ
مشڪل نہ آهي. سو جيڪو خواب مون لڌو آهي، سو ٻڌ ۽ انهيءَ
جو تعبير مون کي ٻڌاءِ.

10 جڏهن آءٌ پنهنجي پلنگ تي ستل هوس تڏهن مون رويا ۾ ڏٺو تہ
ڌرتيءَ جي بلڪل ئي وچ تي تمام اوچو هڪ وڻ بيٺل هو.
11 ڏسندي ڏسندي اهو مضبوط ٿيندو ايترو تہ وڌندو ويو،
جو ان جي چوٽي وڃي آسمان کي پهتي.
پوءِ اهو پوري ڌرتيءَ تي سڀڪنهن هنڌ ڏسڻ ۾ ٿي آيو.
12 انهيءَ جا پن سهڻا هئا ۽ منجهس ايترو تہ جهجهو ڦر هو،
جو پوريءَ دنيا کي انهيءَ مان کاڌو ٿي مليو.
جانورن ان جي هيٺان پناهہ ٿي ورتي،
۽ پکين ان ۾ آکيرا ٿي ٺاهيا،
سڀني ساهوارن جو انهيءَ تي ئي گذران هو.

13 مون رويا ۾ اهو بہ ڏٺو تہ هڪڙو پاڪ نگهبان آسمان مان هيٺ
لهي آيو. 14 هن وڏي آواز سان پڪاري چيو تہ
”هن وڻ کي وڍي ڪيرايو وڃي،
۽ انهيءَ جون ٽاريون وڍيون وڃن.
انهيءَ جا پن ڇاڻيا وڃن ۽ ميوو ڪٽو ڪٽو ڪيو وڃي.
ڀل ان جي هيٺان جانور ڀڄي وڃن،
۽ انهيءَ مان پکي اڏامي وڃن.
15 پر انهيءَ جو ٿُڙ پاڙن سميت زمين ۾ ئي لڳل رهڻ ڏيو.
اهو لوهہ ۽ پتل جي پٽ سان ٻڌي
ٻنيءَ جي سائي گاهہ ۾ رهڻ ڏيو.

پوءِ ڀلي آسمان مان ڪرندڙ ماڪ *انهيءَ شخص کي آلو ڪري،
ڀلي تہ انهيءَ جو حصو حيوانن سان گڏ جهنگ ئي ٿئي،
16 ڇالاءِجو هُن جي انساني سوچ بدلجي حيواني ٿيندي،
ايستائين جو هن جي مٿان ستن سالن جو عرصو گذري ويندو.
17 آسماني نگهبانن جي اها ئي فتويٰ آهي،
هائو، پاڪن جي طرفان اهو ئي فيصلو ٻڌايو وڃي ٿو،
انهيءَ لاءِ تہ هر ساهوارو اها ڳالهہ قبول ڪري،
تہ ماڻهن جي بادشاهت تي خدا تعاليٰ ئي حڪمراني ڪري ٿو.
هو جنهن کي چاهي بادشاهت عطا ڪري ٿو،
پوءِ اهو بلڪل ادنيٰ ماڻهو ئي ڪٿي چو نہ هجي.“

18 اهو ئي خواب آهي، جيڪو مون نبوڪدنضر بادشاهہ ڏٺو آهي.
هاڻي اي بيلطشضر! انهيءَ جو تعبير بيان ڪر، ڇالاءِجو منهنجي
بادشاهت جو ڪوبہ عالم انهيءَ جو تعبير ٻڌائي نہ ٿو سگهي. رڳو
تون ئي ٻڌائي سگهين ٿو، ڇوجو تو ۾ پاڪ معبودن جو روح آهي.‘ “

## دانيال جو تعبير ٻڌائڻ

19 تڏهن دانيال عرف بيلطشضر گهڙي کن تائين پريشان ٿي ويو
۽ ڳڻتين ۾ پئجي ويو. تنهن تي بادشاهہ چيس تہ ”اي بيلطشضر!
انهيءَ خواب ۽ ان جي تعبير ڪان تون پريشان نہ ٿيءُ.“ بيلطشضر
کيس وراڻيو تہ ”اي منهنجا آقا! ڪاش، اهو خواب توهان جي ويرين
لاءِ هجي ها ۽ ان جو تعبير توهان جي دشمنن لاءِ. 20 خواب ۾ توهان
هڪڙو وڻ ڏٺو، جيڪو مضبوط ٿيندو ايترو تہ وڌندو ويو جو ان جي
چوٽي وڃي آسمان سان لڳي ۽ جيڪو ساري ڌرتيءَ تي ڏسڻ ۾ پئي
آيو، 21 جنهن جا پن سهڻا هئا، جنهن جو ڦر جهجهو هو ۽ سڀني جو
گذران انهيءَ تي هو، جنهن جي هيٺان جهنگ جا جانور ٿي رهيا ۽
جنهن جي ٽارين تي پکين جا آکيرا هئا.
22 اي بادشاهہ سلامت! اهو وڻ توهين ئي آهيو، جيڪي وڏي
مضبوط ٿيا آهيو. توهان جي عظمت وڏي آسمان سان وڃي لڳي آهي
۽ توهان جي حاڪميت ڌرتيءَ جي آخري ڇيڙي تائين وڃي پهتي آهي.
23 انهيءَ ڪان علاوه هڪ پاڪ نگهبان کي توهان آسمان مان هيٺ
لهندي ڏٺو، جنهن چيو تہ ’هن وڻ کي وڍي ڪيرايو وڃي ۽ انهيءَ
کي ناس ڪيو وڃي. پر انهيءَ جي ٿُڙ کي ان جي پاڙن سميت زمين
۾ ئي لڳل ڇڏيو وڃي. اهو لوهہ ۽ پتل جي پٽ سان ٻڌل ڀلي ٻنيءَ
جي سائي گاهہ ۾ پيو هجي. هائو، ڀلي تہ اهو شخص آسمان مان
ڪرندڙ ماڪ سان آلو ٿيندو رهي ۽ ڀلي تہ حيوانن سان گڏ جهنگ
ئي سندس حصو ٿئي، ايستائين جو مٿس ست سال گذري وڃن.‘
24 سو اي بادشاهہ! انهيءَ جو تعبير ۽ خدا تعاليٰ جو اهو فيصلو،
جيڪو منهنجي آقا بادشاهہ جي باري ۾ ڪيو ويو آهي سو هي آهي.
25 ماڻهو توهان کي انساني معاشري مان هڪالي ڪيندا ۽ توهان جو
رهڻ جهنگ جي جانورن سان ٿيندو. توهين ڍڳن وانگر گاهہ چرندا ۽
آسمان مان ڪرندڙ ماڪ سان پسندا رهندا. ائين توهان تي ست سال
گذري ويندا، ايستائين جو توهين قبول ڪريو تہ ماڻهن جي بادشاهت
تي خدا تعاليٰ ئي حڪمراني ڪري ٿو. هو جنهن کي چاهي تنهن کي
حاڪميت عطا ڪري ٿو. 26 پر خواب ۾ هي حڪم بہ ڏنو ويو تہ
انهيءَ وڻ جي ٿُڙ کي پاڙن سميت لڳل ڇڏي ڏنو وڃي. انهيءَ حڪم
مان مراد اها آهي تہ جڏهن توهين قبول ڪندا تہ حڪومت عرش
واري خدا جي ئي آهي، تڏهن توهان کي توهان جي بادشاهت تي
وري قائم ڪيو ويندو. 27 تنهنڪري اي بادشاهہ! شل توهان منهنجي
صلاح قبول ڪريو ۽ پنهنجي گناهن کي حق تي هلڻ سان ۽ پنهنجي

*انهيءَ شخص: مٿين جملي ۾ ٿُڙ جو اشارو هڪ شخص ڏانهن آهي.

خطائن کي مظلومن تي رحم ڪرڻ سان پري ڪريو. شايد انهيءَ
ڪري توهين اڳتي خوشحال گذاريندا رهو.“

## خواب جو پورو ٿيڻ

28 اها سڄي حالت بادشاهہ نبوڪدنضر تي هن طرح ٿي گذري جو
29 هڪڙي ئي سال گذرڻ کان پوءِ جڏهن هو بابل ۾ پنهنجي شاهي
محل جي ڇت تي پيئي گهميو، 30 تڏهن چوڻ لڳو تہ ”ڇا هي اهو
عظيم بابل شهر ناهي، جيڪو مون ئي پنهنجي اختياريءَ جي طاقت
سان جوڙايو آهي، انهيءَ لاءِ تہ اهو منهنجي گاديءَ جو شهر ۽
منهنجي شان وَ شوڪت جو نمونو ٿئي؟“ 31 اها ڳالهہ اڃا بادشاهہ
جي زبان تي ئي هئي تہ آسمان مان هڪڙو آواز آيو، جنهن چيو تہ ”اي
بادشاهہ نبوڪدنضر! تو کي چيو ٿو وڃي تہ بادشاهي تنهنجي هٿان
هاڻي جو هاڻي نڪري ويئي آهي. 32 ماڻهو تو کي انساني معاشري مان
هڪالي ڪڍندا ۽ تون جهنگلي جانورن سان وڃي رهندين. تون ڍڳن
وانگر گاهہ چرندين ۽ ائين تو تي ست سال گذري ويندا، ايستائين جو
تون قبول ڪرين تہ ماڻهن جي بادشاهت تي خدا تعاليٰ ئي حڪمراني
ڪري ٿو. هو جنهن کي چاهي تنهن کي حاڪميت عطا ڪري ٿو.“
33 انهيءَ ئي گهڙيءَ اها ڳالهہ نبوڪدنضر تي اچي پوري ٿي جو
ماڻهن کيس انساني معاشري مان هڪالي ڪڍيو. پوءِ هو ڍڳن وانگر
گاهہ چرندو رهيو ۽ هن جو بدن آسمان مان ڪرندڙ ماڪ سان پسندو
رهيو. انهيءَ وقت دوران هن جا وار عقاب جي کنڀن وانگر ۽ هن جا
ننهن پکين جي چنبن جيان وڌي ويا.

## نبوڪدنضر جو بحال ٿيڻ ۽ خدا جي واکاڻ ڪرڻ

34 پنهنجو پيغام پورو ڪندي نبوڪدنضر ٻڌايو تہ ”انهن مقرر
ڪيل ڏينهن جي گذرڻ کان پوءِ جڏهن مون پنهنجون اکيون عرش
عظيم ڏانهن کنيون تہ منهنجي سمجهہ مون منجهہ موٽي آئي. سو
خدا تعاليٰ، جيڪو هميشہ زنده رهندڙ آهي، تنهن جي تعظيم ۽ شڪر
ادا ڪندي مون سندس واکاڻ ڪئي تہ

خدا جي حاڪميت ابدي حاڪميت آهي،
هائو، هن جي بادشاهت پيڙهي بہ پيڙهي قائم وَ دائم آهي.
35 ڌرتيءَ جو هر ڪو باشندو هن جي آڏو ڪين جهڙو آهي،
آسماني مخلوق هجي توڙي ڌرتيءَ وارا،
تن سان هو جيئن چاهي تيئن ڪري ٿو.
ڪوبہ ناهي جيڪو سندس هٿ روڪي سگهي،
نڪي وري ڪو اهڙو آهي،
جيڪو هن کان پڇي تہ ’تون هي ڇا ٿو ڪرين پيو؟‘

36 سو انهيءَ ئي وقت منهنجي سمجهہ مون منجهہ موٽي آئي.
منهنجي بادشاهت جو شان وَ شوڪت، منهنجو رعب ۽ حشمت مون
۾ موٽي آيا. منهنجا مشير ۽ امير وري مون سان اچي گڏيا. مون
کي پنهنجي بادشاهت تي بحال ڪيو ويو ۽ منهنجي عظمت اڳي کان
بہ گهڻو وڌي ويئي.

37 تنهنڪري هاڻي، آءٌ نبوڪدنضر چوان ٿو تہ
عرش واري بادشاهہ جي واکاڻ ۽ تعريف هجي،
آءٌ عرش واري بادشاهہ کي تعظيم ٿو ڏيان،
هو پنهنجي سڀني ڪمن ۾ صحيح آهي،
سندس راهون انصاف واريون آهن.
هنيلا ماڻهو جيڪي هٺ تي هلن ٿا،
تن جو هٺ ڀڃڻ جي هو قدرت رکي ٿو.“

## *بيلشضر جي دعوت دوران خدائي لکت

5 1 بيلشضر بادشاهہ پنهنجي هڪ هزار اميرن جي وڏي دعوت
ڪئي ۽ انهن سان گڏجي مئي پيتائين. 2 مئي پيئندي پيئندي
نشي ۾ بيلشضر حڪم ڪيو تہ سون ۽ چانديءَ جا جيڪي ٿانوَ سندس
پيءُ نبوڪدنضر يروشلم جي هيڪل مان ڪڍي آندا هئا، سي وٺي
آندا وڃن تہ جيئن بادشاهہ پاڻ، سندس امير، سندس زالون ۽ سريتون
انهن ۾ مئي پيئن. 3 تڏهن اهي سونا ٿانوَ آڻي حاضر ڪيا ويا، جن
۾ انهن سڀني مئي پيتي. 4 هو مئي پيئڻ سان گڏ سون، چانديءَ،
پتل، لوهہ، ڪاٺ ۽ پٿر مان ٺهيل پنهنجي معبودن جي تعريف ۽
واکاڻ ڪندا ٿي رهيا.
5 تڏهن اوچتو هڪ انساني هٿ ظاهر ٿيو، جنهن جون آڱريون
شمعدان جي روشنيءَ ۾ بادشاهہ جي محل جي ڀت تي ڳچ مٿان
ڪجهہ لکڻ لڳيون. بادشاهہ انهيءَ هٿ کي لکندي ڏسي ورتو.
6 تڏهن خوف وچان بادشاهہ جي منهن جو رنگ ڦري ويو ۽ سندس
خيالن کيس ايترو تہ پريشان ڪري ڇڏيو، جو سندس ڍڍر ڍرا ٿي پيا
۽ گوڏا هڪٻئي سان ٺهڪڻ لڳس. 7 پوءِ بادشاهہ رڙ ڪري چيو تہ
”نجومين، رملين ۽ فال وجهڻ وارن کي گهرايو وڃي.“ جڏهن اهي
اچي حاضر ٿيا تہ بادشاهہ بابل جي انهن عالمن کي چيو تہ ”جيڪو
هيءَ لکت پڙهي، انهيءَ جو مطلب مون کي سمجهائيندو، تنهن کي
شاهي خلعت ملندي ۽ سونو هار سندس ڳچيءَ ۾ وجهبو ۽ انهيءَ کي
بادشاهت ۾ ٽئين نمبر تي حڪمران بڻايو ويندو.“ 8 تڏهن بادشاهہ
جا عالم اڳتي ايندا ويا، پر اهي سڀيئي اها لکت پڙهي بادشاهہ کي
انهيءَ جو مطلب سمجهائي نہ سگهيا. 9 تنهن تي بادشاهہ بيلشضر
اڃا بہ وڌيڪ فڪرمند ٿيو ۽ سندس منهن جو رنگ ويتر ڦري ويو.
سندس امير پڻ پريشانيءَ ۾ پئجي ويا.

*بيلشضر: هي بابل جي هڪ بادشاهہ جو نالو آهي، جڏهن تہ دانيال جي بابلي نالي ’بيلطشضر‘ سان ملندڙ آهي.

10 بادشاهہ ۽ اميرن جي ڳالهين جو آواز ٻڌي، بادشاهہ جي ماءُ
ملڪہ دعوت واريءَ جاءِ ۾ آئي ۽ چيائين تہ ”اي بادشاهہ! سدا
سلامت رهين. تون پريشان نہ ٿيءُ، نڪي ڪو ڊپ ڪر. 11 تنهنجي
بادشاهت ۾ هڪ اهڙو شخص موجود آهي، جنهن ۾ پاڪ معبودن
جو روح آهي. تنهنجي پيءُ جي ڏينهن ۾ هن منجهہ نور، سمجهہ ۽
ڏاهپ، بلڪ معبودن جي ڏاهپ ڏٺي ويئي. تنهنجي پيءُ نبوڪدنضر
هن کي جادوگرن، نجومين، رملين ۽ فال وجهڻ وارن جو سردار
مقرر ڪيو هو، 12 چالاءِجو دانيال نالي انهيءَ شخص ۾، جنهن
کي بادشاهہ نبوڪدنضر ’بيلطشضر‘ جو نالو ڏنو هو، غير معمولي
خوبيون هيون. منجهس خوابن جو تعبير ڪرڻ جو علم ۽ سمجهہ،
ڳُجهن کي بيان ڪرڻ ۽ مشڪل مسئلن کي حل ڪرڻ جي صلاحيت
پڻ هئي. سو هاڻي دانيال کي گهراءِ، هو ئي تو کي انهيءَ لکت جو
مطلب ٻڌائيندو.“

## دانيال جو لکت جو مطلب ٻڌائڻ

13 تڏهن دانيال کي بادشاهہ جي حضور ۾ آندو ويو. بادشاهہ دانيال
کي مخاطب ٿي چيو تہ ”مون ٻڌو آهي تہ تون اهو ئي دانيال آهين،
جيڪو يهوداہ ملڪ جي انهن يهودين منجهان هڪ آهين، جن کي
منهنجي پيءُ پڪڙي آندو هو؟ 14 مون کي معلوم ٿيو آهي تہ تو ۾
معبودن جو روح آهي ۽ تو ۾ نور، سمجهہ ۽ نهايت گهڻي ڏاهپ
موجود آهي. 15 هاڻ عالمن ۽ نجومين کي آڻي مون آڏو حاضر ڪيو
اٿن انهيءَ لاءِ تہ اهي هن پت واري لکت پڙهي مون کي انهيءَ جو
مطلب سمجهائين، پر هو ائين نہ ڪري سگهيا آهن. 16 مگر مون تو
بابت ٻڌو آهي تہ تون تعبير ڪرڻ ۽ مشڪل مسئلن کي حل ڪرڻ جي
صلاحيت رکين ٿو. هاڻي جيڪڏهن تون هيءَ لکت پڙهي انهيءَ جو
مطلب مون کي سمجهائيندين، تہ پوءِ تو کي شاهي خلعت ڍڪائبي،
تنهنجي ڳچيءَ ۾ سونو هار وجهبو ۽ تون بادشاهت ۾ ٽئين نمبر تي
حاڪم ٿيندين.“
17 تڏهن دانيال بادشاهہ کي ورندي ڏيئي چيو تہ ”تنهنجا انعام تو
کي ئي نيبهہ هجن، يا اهي ڪنهن ٻئي کي ڏيئي ڇڏ. تنهن هوندي
بہ آءٌ اها لکت تو بادشاهہ کي پڙهي ٿو ٻڌايان ۽ انهيءَ جو مطلب بہ
سمجهايان ٿو. 18 اي بادشاهہ! خدا تعاليٰ تنهنجي پيءُ نبوڪدنضر
کي بادشاهي، عظمت، عزت ۽ حشمت عطا ڪئي هئي. 19 خدا جي
انهيءَ ڏنل عظمت جي ڪري سڀ قومون ۽ قبيلا توڙي مختلف ٻوليون
ڳالهائيندڙ ڪانئس ڊڄندا ۽ ڏڪندا هئا. هو جنهن کي چاهيندو هو
تنهن کي مارائي ڇڏيندو هو، جنهن کي چاهيندو هو تنهن کي جيئرو
رکندو هو. هو جنهن کي چاهيندو هو تنهن کي سرفراز ڪندو هو،
جنهن کي چاهيندو هو تنهن کي ڪيرائي ڇڏيندو هو. 20 پر جڏهن
سندس دل تڪبر وچان سخت ٿي ويئي ۽ هو هٺيلو ٿي هلڻ لڳو، تڏهن
کيس شاهي تخت تان لاٿو ويو ۽ سندس شان وَ شوڪت کانئس کسي
ويئي. 21 هن کي انسانن منجهان هڪالي ڪڍيو ويو ۽ سندس انساني
سوچ بدلائي جانورن جهڙي ڪئي ويئي. هو گورخرن سان گڏ رهڻ
لڳو ۽ ڍورن وانگر گاهہ کائيندو هو ۽ سندس بدن آسمان مان ڪرندڙ
ماڪ سان پسيل رهندو هو. اهو تيستائين ٿيندو رهيو جيستائين هن
قبول نہ ڪيو تہ ماڻهن جي بادشاهت تي خدا تعاليٰ ئي حڪمراني
ڪري ٿو ۽ جنهن کي هو چاهي تنهن کي انهيءَ تي ويهاري ٿو.
22 پر اي بيلشضر! تون جيڪو سندس اولاد آهين، انهن سڀني
ڳالهين کان واقف هوندي بہ تو پنهنجيءَ دل ۾ عاجزي نہ آندي آهي.
23 اٿلندو عرش عظيم جي مالڪ آڏو تو پاڻ کي مٿاهون بڻايو آهي.
ايتري قدر جو سندس هيڪل جا ٿانوَ تو پاڻ وٽ گهرايا ۽ تو، تنهنجي
اميرن، تنهنجين زالن ۽ سريتن انهن ۾ مئي پيتي آهي. انهيءَ کان
علاوہ تو چانديءَ، سون، پتل، لوهہ، ڪاٺ ۽ پٿر جي انهن بتن جي
واکاڻ ڪئي، جيڪي نہ ڏسن ٿا، نہ ٻڌن ٿا ۽ نڪي ڪجهہ ڄاڻين
ٿا. پر جنهن خدا جي هٿ ۾ تنهنجو ساهہ آهي ۽ جنهن جي قبضي
۾ تنهنجون سموريون راهون آهن، تنهن جي وڏائي تو بيان نہ ڪئي
آهي. 24 تنهنڪري ئي وٽانئس اهو هٿ موڪليو ويو، جنهن سان اها
لکت لکي ويئي.
25 پت تي جيڪي لفظ لکيل آهن يعني ’ڳڻپ، ڳڻپ، تور،
ورهاست،‘ 26 تن جو مطلب هي آهي. ’ڳڻپ، ڳڻپ‘ يعني خدا
تنهنجي بادشاهيءَ جا ڏينهن ڳڻي ڇڏيا آهن ۽ انهن کي آڻي پورو
ڪيو اٿس. 27 ’تور‘ يعني تون تارازيءَ ۾ توريو ويو آهين ۽ وزن ۾
گهٽ نڪتو آهين. 28 ’ورهاست‘ يعني تنهنجي بادشاهت ورهائجي
ويئي آهي ۽ اها مادئين ۽ فارسين کي ڏني ويئي آهي.“
29 تڏهن بيلشضر جي حڪم سان دانيال کي شاهي خلعت پهرائي
ويئي ۽ سون جو هار سندس ڳچيءَ ۾ وڌو ويو. ان کان سواءِ هن
بابت اعلان ڪيو ويو تہ هو بادشاهت جو ٽيون نمبر حاڪم شمار ڪيو
وڃي. 30 سو بابلين جي انهيءَ بادشاهہ بيلشضر کي ساڳيءَ رات ئي
قتل ڪيو ويو. 31 تڏهن دارا مادئيءَ کي بادشاهت ملي ويئي، جنهن
جي عمر ٻاهٺ سال هئي.

## دانيال جي خلاف سازش

6 1 بادشاهہ دارا فيصلو ڪيو تہ هو پنهنجي سلطنت تي هڪ
سؤ ويهہ والي مقرر ڪري، جيڪي سڀني علائقن تي حڪومت
ڪن. 2 ان کان علاوہ بادشاهہ پاڻ کي نقصان کان بچائڻ لاءِ دانيال
۽ ٻن ٻين ماڻهن کي انهن والين مٿان وزير مقرر ڪيو، تہ جيئن
اهي سندن ڪمن تي نگراني ڪن. 3 جيئن تہ دانيال ۾ غير معمولي
روحاني نعمت هئي، سو هو انهن وزيرن ۽ والين کان گوءِ کڻي ويو.
تنهنڪري بادشاهہ ارادو ڪيو تہ هو دانيال کي سڄي سلطنت جي

29:5 پيد 42:41

مٿان مقرر ڪري. 4 تڏهن وزير ۽ والي موقعي جي تاڙ ۾ رهڻ لڳا،
تہ جيئن حڪمرانيءَ جي نسبت ۾ دانيال جو ڪو قصور هٿ ڪن. پر
هو اهڙو ڪوبہ قصور هٿ ڪري نہ سگهيا، ڇالاءِجو دانيال ديانتدار
هو ۽ منجهس ڪابہ گهٽتائي يا غفلت ڪين هئي. 5 تڏهن انهن
ماڻهن پاڻ ۾ صلاح ڪئي تہ ”اسين هن ماڻهوءَ دانيال جو ڪوبہ
قصور لهي نہ سگهنداسين، البت سندس مذهب جي نسبت ۾ ڪيس
قصوروار ٺهرائي سگهنداسين.“
6 سو اهي وزير ۽ والي هڪ سازش سٽي بادشاهہ دارا جي حضور
۾ اچي گڏ ٿيا ۽ ڪيس چيائون تہ ”اي بادشاهہ! سدا سلامت رهو.
7 ملڪ جي سڀني وزيرن، نائبن ۽ والين، مشيرن ۽ سردارن پاڻ ۾
گڏجي صلاح ڪئي آهي تہ هڪڙو شاهي حڪم جاري ڪري قانون
بڻايو وڃي تہ ٽيهن ڏينهن تائين جيڪڏهن ڪوبہ ماڻهو بادشاهہ کان
سواءِ ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ کي يا ڪنهن معبود کي ڪو سوال ڪندو تہ
انهيءَ کي شينهَن جي ڏر ۾ وڌو ويندو. 8 هاڻي اي بادشاهہ! اهڙو
حڪم لکت ۾ جاري ڪريو ۽ انهيءَ لکيل حڪم تي صحيح ڪريو، تہ
جيئن انهيءَ کي تبديل ڪري نہ سگهجي ۽ اهو اسان مادئين ۽ فارسين
جي تبديل نہ ٿيندڙ قاعدي مطابق بلڪل قائم وَ دائم ٿي وڃي.“
9 سو بادشاهہ دارا انهيءَ لکيل حڪم ۽ قانون تي صحيح ڪئي.

## دانيال شينهَن جي ڏر ۾

10 جڏهن دانيال کي خبر پيئي تہ انهيءَ لکيل حڪم تي صحيح
ٿي ويئي آهي، تڏهن هو پنهنجي گهر هليو آيو. سندس ماڙيءَ جي
ڪمري کي يروشلم جي طرف کان کليل جارا هئا، جتي هن هميشہ
جيان ڏينهن ۾ ٽي ڀيرا گوڏن ڀر ويهي پنهنجي خدا جو شڪر بجا آندو
۽ ڪانئس دعا گهري. 11 تڏهن پنهنجي سازش مطابق انهن ماڻهن
اچي دانيال کي سندس خدا آڏو سوال ڪندي ڏٺو. 12 پوءِ هو بادشاهہ
جي حضور ۾ آيا ۽ سندس لکيل حڪم بابت کيس چوڻ لڳا تہ ”اي
بادشاهہ! ڇا اوهان اهڙي حڪم تي صحيح نہ ڪئي آهي تہ ٽيهن
ڏينهن تائين جيڪڏهن ڪوبہ ماڻهو اوهان بادشاهہ کان سواءِ ڪنهن
ٻئي ماڻهوءَ کي يا ڪنهن معبود کي سوال ڪندو تہ انهيءَ کي
شينهَن جي ڏر ۾ وڌو ويندو؟“ بادشاهہ جواب ڏيندي چيو تہ ”اها
ڳالهہ سچي آهي. هي مادئين ۽ فارسين جي قاعدي مطابق آهي،
جيڪو بلڪل قائم وَ دائم آهي.“
13 تڏهن هنن بادشاهہ کي ٻڌايو تہ ”اي بادشاهہ! اهو دانيال جيڪو
يهوداه ملڪ کان پڪڙي آندلن مان آهي، سو نہ اوهان جي پرواهہ ٿو
رکي نہ وري اوهان جي صحيح ڪيل حڪم جي، بلڪ هو ڏينهن ۾
ٽي دفعا پنهنجي معبود کان دعا گهري ٿو.“ 14 جڏهن بادشاهہ اهي
ڳالهيون ٻڌيون، تڏهن ڪيس ڏاڍو رنج پهتو. هن دل ۾ ارادو ڪيو تہ
دانيال کي بچائي، سو سج لٿي تائين هو کيس بچائڻ جي ڪوشش
ڪندو رهيو.
15 تنهن تي اهي ماڻهو بادشاهہ جي اڳيان وري اچي مڙيا ۽ ڪيس
چوڻ لڳا تہ ”اي بادشاهہ! اوهين ڄاڻو ٿا تہ مادئين ۽ فارسين جو اهو
قاعدو آهي تہ جيڪو لکيل حڪم يا قانون بادشاهہ جاري ڪيو هجي،
سو هرگز تبديل نہ ٿو ٿئي.“ 16 تڏهن بادشاهہ جي حڪم تي دانيال
کي وٺي آڻي شينهَن جي ڏر ۾ وڌو ويو. تنهن هوندي بہ بادشاهہ
دانيال کي مخاطب ٿي چيو تہ ”شال تنهنجو خدا، جنهن جي ئي
تون هميشہ عبادت ٿو ڪرين، سو تو کي بچائي.“ 17 پوءِ هڪڙو پٿر
آڻي ڏر جي منهن تي رکيو ويو، جنهن تي بادشاهہ ۽ سندس اميرن
پنهنجي پنهنجي مُهر هنئي، انهيءَ لاءِ تہ دانيال کي ڪوبہ ڇڏائي
نہ سگهي. 18 تنهن کان پوءِ بادشاهہ پنهنجي محل ۾ ويو ۽ سڄي
رات فاقو ڪڍيائين. هن پنهنجي آڏو ڪابہ وندر واري شيءِ آڻڻ نہ
ڏني ۽ سندس ننڊ اڏامي ويئي.

## خدا جو دانيال کي بچائڻ

19 تڏهن بادشاهہ دارا ٻاڪ ڦٽيءَ مهل اٿيو ۽ تڪڙو تڪڙو شينهَن
جي ڏر ڏانهن ويو. 20 جڏهن هو ڏر وٽ پهتو تڏهن ڏک ڀريئي آواز
مان دانيال کي پڪاري چيائين تہ ”اي دانيال، زنده خدا جا ٻانها!
پنهنجي جنهن خدا جي تون هميشہ عبادت ڪندو آهين، سو تو کي
شينهَن کان بچائي سگهيو آهي يا نہ؟“ 21 تڏهن دانيال بادشاهہ کي
ورندي ڏيئي چيو تہ ”اي بادشاهہ! سدا سلامت رهو. 22 منهنجي
خدا پنهنجو ملائڪ موڪلي شينهَن جا وات بند ڪري ڇڏيا آهن.
انهن مون کي ڪوبہ نقصان نہ رسايو آهي، ڇالاءِجو خدا جي آڏو
آءٌ بيگناهہ ٺهرايو ويس. ساڳيءَ طرح اي بادشاهہ! مون توهان جي
آڏو بہ ڪو خطا جهڙو ڪم ڪونہ ڪيو آهي.“
23 تڏهن بادشاهہ جي خوشيءَ جي ڪا حد نہ رهي. پوءِ هن حڪم
ڪيو تہ ”دانيال کي ڪڍي ٻاهر آڻيو.“ سو دانيال کي ڏر مان ڪڍي
ٻاهر آندو ويو. ڪيس ڪنهن بہ قسم جو نقصان نہ رسيو هو، ڇالاءِجو
هن پنهنجي خدا تي ڀروسو ڪيو هو. 24 پوءِ بادشاهہ جي حڪم تي
انهن ماڻهن کي آندو ويو، جن دانيال تي تهمت هنئي هئي. انهن کي
سندن زالن ۽ ٻارن ٻچن سميت ڪٺي شينهَن جي ڏر ۾ وڌو ويو. پوءِ
انهيءَ کان اڳ جو اهي ڏر جي تري تائين پهچن، شينهَن مٿن حملو
ڪري ڪين چيري ڦاڙي ڇڏيو ۽ سندن هڏگڏ ڀڃي ڇڏيائون.
25 انهيءَ کان پوءِ بادشاهہ دارا سڄيءَ دنيا ۾ رهندڙ سڀني قومن
۽ قبيلن توڙي مختلف ٻوليون ڳالهائڻ وارن ڏانهن هي خط لکيو تہ
”شل اوهان تي گهڻي کان گهڻي سلامتي هجي. 26 آءٌ هي حڪم
جاري ٿو ڪريان تہ منهنجي سلطنت جي هر حصي ۾ ماڻهو دانيال
جي خدا جي حضور ڊڄن ۽ سندس تعظيم ڪن.

هو ئي زنده ۽ ابد تائين قائم وَ دائم رهندڙ خدا آهي.
هن جي بادشاهت اهڙي آهي، جيڪا ڪڏهن بہ ناس نہ ٿيندي،
هائو، سندس بادشاهي پيڙهي بہ پيڙهي هلندي رهندي.

27 هو ئي ڇڏائڻ وارو ۽ بچائڻ وارو آهي،
هو ئي زمين ۽ آسمان تي عجيب ڪم ۽ معجزا ڏيکاري ٿو.
هن ئي دانيال کي شينهن جي چنبن کان بچايو آهي.“

28 اهڙيءَ طرح نہ رڳو دارا جي بادشاهت دوران، بلڪ خورس
فارسيءَ جي بادشاهت دوران پڻ ڪاميابي دانيال جا قدم چمندي
رهي.

## دانيال نبيءَ جون رويائون
(7:1–12:13)

## چئن جانورن واري رويا

7 1 بابل جي بادشاهہ بيلشضر جي شهنشاهيءَ جي پهرين سال
آءٌ دانيال هڪ رات پنهنجي بستري تي ستو پيو هوس تہ مون
هڪ رويا ڏٺي. پوءِ مون اها رويا لکي ڇڏي، جنهن جو خلاصو هن
طرح آهي.
2 رويا ۾ آءٌ ڇا ڏسان تہ چئني طرفن کان آسماني هوائون وڏي
سمنڊ تي اچي ڪڙڪيون. 3 تڏهن چار وڏا جانور، جيڪي هڪٻئي
کان مختلف هئا، سي سمنڊ مان نڪري آيا.
4 پهريون جانور شينهن جهڙو هو، مگر کيس عقاب جهڙا پر هئا،
جيڪي منهنجي ڏسندي پٽي ڪڍيا ويا. پوءِ کيس زمين کان
مٿي کڻي انسان وانگر ٻن پيرن تي بيهاريو ويو ۽ کيس انساني سوچ
ڏني ويئي.
5 ٻيو جانور ڏٺم تہ رڇ جهڙو هو، جيڪو پوين پيرن پر جهڪي
ڪر ڪنيو بيٺو هو. سندس وات ۾ ٽي پاسريون هيون. کيس چيو ويو
تہ ”اٿ ۽ خوب گوشت کاءُ.“
6 تنهن کان پوءِ مون ٽيون جانور ڏٺو، جيڪو چيتي جهڙو هو. پر
انهيءَ جي پٺيءَ تي پکيءَ جي پرن جهڙا چار پر هئا ۽ کيس چار مٿا
پڻ هئا. انهيءَ کي حڪمراني ڪرڻ جو اختيار ڏنو ويو.
7 انهيءَ کان پوءِ پنهنجي انهيءَ رويا ۾ مون چوٿون جانور ڏٺو،
جيڪو خوفناڪ، بلڪ تمام هيبتناڪ هو. هو نهايت مضبوط هو ۽
کيس لوهہ جا وڏا وڏا ڏند هئا. هو شڪار کي چيري ٽڪرا ٽڪرا ڪري
ڳڙڪائي ٿي ويو ۽ باقي جيڪي بچيو ٿي تنهن کي پنهنجي پيرن هيٺان
لتاڙي ٿي ڇڏيائين. اهو اڳين جانورن کان انهيءَ ڳالهہ ۾ مختلف هو
جو انهيءَ کي ڏهہ سڱ هئا. 8 جڏهن آءٌ انهن سڱن کي غور سان
نهاري رهيو هوس تہ ڇا ڏسان تہ انهن جي وچان هڪڙو ٻيو ننڍو سڱ
نڪتو، جنهن پهرين ڏهن سڱن مان ٽي سڱ پاڙان پٽي ڪڍيا. وري
جو ڏسان تہ انهيءَ ننڍي سڱ ۾ ماڻهن جي اکين جهڙيون اکيون ۽
هڪڙو وات بہ هو، جنهن مان تڪبر واريون ڳالهيون ٿي نڪتيون.
9 منهنجي ڏسندي ڏسندي هيئن ٿيو جو
هڪدم تخت وڇايا ويا،
۽ هڪ ازلي هستي اچي پنهنجي تخت تي ويٺي.
ان جي پوشاڪ نوراني هئي،
۽ سندس مٿي جا وار اڇا کير جهڙا هئا.
ان جو تخت باهہ جي شعلي جيان هو،
جنهن جا ڦيٿا ٻرندڙ باهہ جيان هئا.
10 سندس حضور مان تجلو
باهہ واري نهر جي صورت ۾ وهي ٿي نڪتو.
هزارين هزار، بلڪ لکين لک ماڻهو،
خدمت چاڪريءَ لاءِ سندس حضور ۾ بيٺا هئا.
تڏهن عدالت شروع ٿي ويئي ۽ ڪتاب کوليا ويا.

11 تڏهن آءٌ ڏسي ئي رهيو هوس تہ انهيءَ سڱ جي تڪبر وارين
ڳالهين جي ڪري انهيءَ چوٿين جانور کي قتل ڪيو ويو. سندس
مڙهہ کي ٻرندڙ باهہ ۾ اڇلائي ناس ڪيو ويو. 12 باقي جيڪي ٻيا
جانور هئا تن کان بہ اختياري کسي ويئي، تنهن هوندي بہ انهن جي
حياتيءَ جو هڪڙو عرصو مقرر ڪيو ويو.
13 مون پنهنجي هن رويا ۾ وڌيڪ ڏٺو تہ
آدمزاد جهڙو هڪ شخص آسمان جي ڪڪرن سان گڏ آيو.
اهو ازلي هستيءَ وٽ اچي پهتو تہ
کيس انهيءَ جي حضور ۾ آندو ويو.
14 پوءِ اختياريءَ ۽ عظمت سان گڏ
بادشاهي سندس حوالي ڪئي ويئي،
تانتہ سڀيئي قومون ۽ قبيلا توڙي مختلف ٻوليون ڳالهائڻ وارا،
انهيءَ جي تعظيم ۽ احترام ڪن.
انهيءَ جي بادشاهي دائمي آهي ۽ فنا ٿيڻ واري ناهي،
هائو، ان جي حاڪميت کي ڪڏهن بہ ڪو زوال نہ ايندو.

## رويا جي سمجهاڻي

15 رويا ۾ اهي ڳالهيون ڏسندي آءٌ دانيال پريشان ٿي ويس ۽ مون
کي بيقراري وٺي ويئي. 16 تڏهن آءٌ انهيءَ هستيءَ جي خدمت ۾
بيٺلن مان هڪڙي ڏانهن وڌي ويس ۽ انهن سڀني ڳالهين جي حقيقت
پڇي مانس. سو هن مون کي انهن جو مطلب سمجهايو. 17 هن ٻڌايو
تہ ”هي چار وڏا جانور چار شهنشاهتون آهن، جيڪي هڪٻئي پٺيان
زمين تي برپا ٿينديون. 18 پر پوءِ خدا تعاليٰ جي چونڊيل ٻندن کي ئي

3:7 مڪا 1:13، 8:17 6–4:7 مڪا 2:13 7:7 مڪا 3:12، 1:13 8:7 مڪا 13:5–6 9:7 مڪا 4:20، 14:1
10:7 مڪا 11:5، 12:20 13:7 مت 24:30، 26:64، مر 13:26، 14:62، لو 21:27، مڪا 1:7،13، 14:14 14:7 مڪا 11:15 18:7 مڪا 22:5

اها بادشاهي ملندي ۽ اهي سدائين بلڪ هميشه هميشه تائين انهيءَ
جا مالڪ رهندا.“
19 تڏهن مون انهيءَ چوٿين جانور جي حقيقت معلوم ڪرڻ جي
خواهش ڪئي، جيڪو ٻين سڀني کان مختلف ۽ نهايت هيبتناڪ هو.
انهيءَ جا ڏند لوهه جا ۽ ننهن پتل جا هئا. اهو شڪار کي چيري
ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڳڙڪائي ٿي ويو ۽ جيڪي باقي بچيس ٿي، تنهن
کي پيرن هيٺان لتاڙي ٿي ڇڏيائين. 20 مون انهن ڏهن سڱن جي به
حقيقت معلوم ڪرڻ چاهي، جيڪي سندس مٿي تي هئا ۽ انهيءَ
ٻئي سڱ بابت به، جيڪو پوءِ نڪري آيو هو ۽ جنهن تي سڱ پٽي
ڪيا هئا، يعني اهو سڱ جنهن ۾ اکيون ۽ وات هو ۽ جنهن تڪبر
واريون ڳالهيون ٿي ڪيون. اهو ٻين سڱن کان وڌيڪ رُعبدار ڏسڻ
۾ ٿي آيو. 21 مون ڏٺو هو ته انهيءَ سڱ چونڊيل بندن سان جنگ
ٿي ڪئي ۽ انهن تي غالب ٿي آيو. 22 اهو سڀ تيستائين ٿيندو رهيو
جيستائين اها ازلي هستي آئي ۽ پنهنجي چونڊيل بندن جي حق ۾
اچي فيصلو ڏنائين. سو اهو وقت اچي پهتو جڏهن انهن چونڊيل بندن
کي بادشاهيءَ جو مالڪ بڻايو ويو.
23 تڏهن مون دانيال کي وڌيڪ سمجهايو ويو ته ”اهو چوٿون جانور
دنيا ۾ چوٿين شهنشاهت ٿيندي، جيڪا ٻين شهنشاهتن کان مختلف
هوندي. اها سڄيءَ دنيا کي لتاڙي پيچي پورا پورا ڪري ڇڏيندي ۽
انهيءَ کي ڳهي ويندي. 24 باقي اهي ڏهه سڱ، سي ڏهه بادشاهه
آهن، جيڪي انهيءَ شهنشاهت ۾ هڪٻئي پٺيان اٿي کڙا ٿيندا. تڏهن
هڪڙو ٻيو بادشاهه اٿندو، جيڪو انهن اڳين کان مختلف هوندو ۽ انهن
مان ٽن بادشاهن کي شڪست ڏيندو. 25 اهو خدا تعاليٰ جي خلاف
ڳالهيون ڪندو ۽ خدا تعاليٰ جي چونڊيل بندن کي ايذائيندو. هو عيد
جي ڏينهن ۽ شريعت کي ڦيرائڻ جي ڪوشش ڪندو. ائين خدا جي
قوم ساڍن ٽن سالن تائين انهيءَ جي هٿ ۾ ڏني ويندي. 26 پوءِ عدالت
ٿيندي ۽ ڪائنس حڪومت کسي ويندي، ايستائين جو ڪيس پوريءَ
طرح نيست وَ نابود ڪيو ويندو. 27 تڏهن ڌرتيءَ جي سڀني بادشاهتن
جي حڪومت، سلطنت ۽ شان وَ شوڪت خدا تعاليٰ جي انهن چونڊيل
بندن کي ڏني ويندي. سندن شهنشاهت دائمي شهنشاهت هوندي ۽
ٻيون سموريون حڪومتون انهن جي خدمت چاڪري ۽ فرمانبرداري
ڪنديون.“
28 اهي ئي ڳالهيون هيون جيڪي مون رويا ۾ ڏٺيون ۽ ٻڌيون، جڏهن
ته انهن کي مون پنهنجي دل ۾ ئي سانڍي رکيو. باقي مون دانيال
کي منهنجي خيالن ڏاڍو بيقرار ڪري ڇڏيو ۽ خوف وچان منهنجي
منهن جو رنگ ڦٽي ويو.

## گهٽي ۽ ٻڪر واري رويا

8 1 بادشاهه بيلشضر جي شهنشاهيءَ جي ٽئين سال مون دانيال
هڪڙي ٻي رويا ڏٺي. 2 هن رويا ۾ مون پاڻ کي بابل جي عيلام
صوبي جي گاديءَ ۽ ڪوٽ واري شهر سوسن جي پرسان اُولائي واهه
وٽ بيٺل ڏٺو.
3 اکيون کڻي ڏٺم ته واهه وٽ هڪڙو گهٽو بيٺو هو، جنهن کي
ٻه سڱ هئا. هونئن ته سندس ٻئي سڱ ڊگها هئا، پر پوءِ نڪتل
سڱ ٻئي کان وڌيڪ ڊگهو ٿي ويو. 4 مون ڏٺو ته گهٽو اولهه، اتر ۽
ڏکڻ طرف ٽڪر هڻي رهيو هو. سندس آڏو ڪوبه جانور بيهي نه ٿي
سگهيو، نڪي وري ڪو ڪائنس ڇڏائي ٿي سگهيو. هن کي جيئن ٿي
وڻيو تيئن ٿي ڪيائين، ايتري قدر جو هو پنهنجي طاقت جو وڌيڪ
اظهار ڪندو رهيو.
5 اڃا مون انهيءَ تي ويچار ئي پئي ڪيو ته ڇا ڏسان ته هڪڙو
ٻڪر جنهن جي اکين جي وچ تي هڪڙو ڊگهو سڱ هو، سو اولهه
طرف کان ساري ڌرتيءَ جي سطح تان ايترو ته تيزيءَ سان ڊوڪيندو
ٿي آيو، جو سندس پيرن زمين کي به نه ٿي ڇهيو. 6 هو پنهنجي
طاقت جي جوش مان واهه جي ڪناري تي بيٺل انهيءَ ٻن سڱن واري
گهٽي تي حملي ڪرڻ لاءِ ڊوڪيندو آيو. 7 گهٽي جي ويجهو اچي
هن تمام گهڻي ڪاوڙ مان ڪيس اهڙو ته ٽڪر هنيو جو ان جا ٻئي
سڱ ڀڄي پيا. گهٽي ۾ ايتري طاقت نه هئي جو هو سندس مقابلو
ڪري سگهي، سو ٻڪر ڪيس زمين تي ڪيرائي وڌو ۽ مٿان چڙهي
لتاڙڻ لڳس. اهڙو ڪوبه ڪونه هو جيڪو گهٽي کي هن کان ڇڏائي.
8 پوءِ اهو ٻڪر پنهنجي طاقت جو وڌيڪ اظهار ڪندو رهيو، پر
جڏهن هو تمام زوراور ٿي ويو، تڏهن سندس وڏو سڱ ڀڄي پيو ۽
انهيءَ جي جاءِ تي چار ڊگها سڱ چئني طرفن ڏانهن نڪري آيا.
9 انهن مان هڪڙي منجهان هڪ ننڍڙو سڱ نڪتو، جيڪو وڌي
تمام وڏو ٿيو ۽ ان جو رخ ڏکڻ ۽ اوڀر طرف ۽ *شانائتي ملڪ ڏانهن
پڻ هو. 10 اهو اڃا به وڌندو ويو ۽ وڃي آسمان جي لشڪر تائين
پهتو. هن انهن مان ڪن تارن کي هيٺ زمين تي ڪيرائي وڌو ۽ ڪين
لتاڙي ڇڏيائين. 11 اهو اهڙو ته وڏو ٿي ويو جو آسمان جي لشڪر جي
حاڪم جي مقابل ٿي بيٺو. سندس روزانو وارين قربانين کي بند ڪري
ڇڏيائين ۽ سندس مقدس هيڪل کي پليت ڪري ڇڏيائين. 12 ان سڱ
اهو آسماني لشڪر پنهنجي قبضي ۾ ڪيو ۽ روزانو وارين قربانين
جي جاءِ تي پليتي رکيائين. شريعت واري راهه کي هن ڌاهي ڦٽو
ڪيو. ڪيس جيئن ٿي وڻيو تيئن ٿي ڪيائين ۽ ڪامياب پئي رهيو.
13 پوءِ مون هڪڙي ملائڪ کي ٻئي کان پڇندي ٻڌو ته ”ڪيستائين
روزانو وارين قربانين جي جاءِ تي بربادي آڻيندڙ پليتي رکي ويندي؟

*شانائتي ملڪ: يعني بني اسرائيل جو پنهنجو ملڪ.

21:7 مڪا 7:13 — 22:7 مڪا 4:20 — 24:7 مڪا 12:17 — 25:7 مڪا 14:12، 13:5–6 — 27:7 مڪا 4:20، 5:22 — 10:8 مڪا 4:12

۽ کيستائين مقدس هيڪل ۽ آسماني لشڪر کي لتاڙيو ويندو، جن
جو بيان هن رويا ۾ اچي ٿو؟" 14 هن کيس وراڻيو تہ "روزانو صبح ۽
شام ٻنهي وقتن تي ٻہ هزار ٽي سؤ قربانين ڏيڻ جي عرصي تائين،
جيڪي نہ ڏنيون وينديون. انهيءَ کان پوءِ اهو مقدس هيڪل پاڪ
صاف ٿيندو."

## جبرائيل جو رويا بابت سمجهائڻ

15 انهيءَ رويا جي آخر ۾ جڏهن آءٌ دانيال انهيءَ جي مطلب سمجهڻ
جي فڪر ۾ هوس تہ اوچتو انساني صورت ۾ ڪو منهنجي سامهون
اچي بيٺو. 16 پوءِ مون اُولائي واهہ طرفان هڪڙو انساني آواز ٻڌو،
جنهن وڏي سڏ چيو تہ "اي جبرائيل! هن شخص کي انهيءَ رويا جو
مطلب سمجهاءِ." 17 تنهن تي هو وڏي انهيءَ هنڌ آيو جتي آءٌ بيٺو
هوس. سندس ويجهو اچڻ تي آءٌ ڊڄي ويس ۽ منهن ڀر ڪري پيس.
تڏهن هن مون کي چيو تہ "اي آدمزاد! سمجهي ڇڏ تہ اهو رويا
آخري زماني بابت آهي." 18 جڏهن هو اهو ڳالهائي رهيو هو، تڏهن
آءٌ گهري ننڊ جي حالت ۾ منهن ڀر زمين تي ڪريو پيو هوس. سو
هن مون کي وٺي سڌو ڪري بيهاريو. 19 پوءِ مون کي چوڻ لڳو تہ
"ٻڌ، آءٌ تو کي ٻڌايان ٿو تہ خدا جي غضب واري انهيءَ زماني جي
آخر ۾ ڇا ڇا ٿيندو، جنهن جي پڄاڻيءَ جو وقت مقرر ٿيل آهي.
20 رويا ۾ ڏٺل گهيٽي جي ٻن سڱن مان مراد مادئي ۽ فارس
ملڪن جا ٻہ بادشاهہ آهن. 21 جڏهن تہ ٻڪر مان مراد يونان جي
شهنشاهت آهي ۽ وڏو سڱ جيڪو هن جي ٻنهي اکين جي وچ ۾
آهي، سو شهنشاهت جو *پهريون بادشاهہ آهي. 22 انهيءَ سڱ جي
ڀڄي پوڻ بعد ان جي جاءِ تي جيڪي ٻيا چار سڱ نڪري بيٺا هئا،
سي اهي چار بادشاهتون آهن جيڪي انهيءَ شهنشاهت جي ٽٽڻ بعد
اٿي قائم ٿينديون. پر اهي پهرين شهنشاهت جهڙيون مضبوط نہ
هونديون. 23 انهن بادشاهتن جي آخري وقت ۾ جڏهن گنهگار ماڻهو
پنهنجي بڇڙائيءَ ۾ انتها ڪري چڪا هوندا، تڏهن هڪڙو بادشاهہ
اٿي کڙو ٿيندو، جيڪو بدمزاج هوندو ۽ سازشن سٽڻ ۾ ماهر هوندو.
24 هو وڏيءَ طاقت وارو ٿيندو، مگر پنهنجي شخصي لياقت سان نہ.
هو عجيب طرح سان بربادي ڪندو ۽ جيڪي ڪجهہ ڪندو تنهن ۾
ڪامياب ٿيندو. هو زور وارن، بلڪ خدا جي چونڊيل بندن کي بہ ناس
ڪندو. 25 جيئن تہ هو بيحد چالاڪ هوندو، سو پنهنجي ٺڳيءَ وارين
اٽڪلن ۾ ڪامياب ٿيندو. هو پنهنجيءَ دل ۾ پاڻ کي وڏو سمجهندو
۽ گهڻن ئي ماڻهن کي سندن بيخبريءَ ۾ ناس ڪري ڇڏيندو. ايتري
قدر جو هو حاڪمِ اعليٰ خدا جي خلاف پڻ اٿي کڙو ٿيندو. پر انهيءَ
کي انساني هٿ لائڻ کان سواءِ ئي تباهہ ڪيو ويندو. 26 صبح ۽ شام
وارين قربانين جي باري ۾ جيڪي ڪجهہ رويا ۾ ٻڌايو ويو آهي،
سو سچ آهي. پر تون انهيءَ رويا کي في‌الحال راز ۾ رک، ڇالاءِجو
انهيءَ جي پوري ٿيڻ ۾ اڃا گهڻو وقت پيو آهي."
27 تڏهن آءٌ دانيال ساڻو ٿي پيس ۽ ڪيترن ئي ڏينهن تائين بيمار
پيو هوس. پوءِ نيڪ ٿيڻ تي اٿي بادشاهہ جي ڪمن ڪارين کي لڳي
ويس. انهيءَ رويا سبب آءٌ پريشان هوس، ڇوجو اها سمجهہ کان ئي
ٻاهر هئي.

## دانيال جو پنهنجي قوم لاءِ دعا گهرڻ

9 1 دارا بن اخسويرس، جيڪو مادئين جي نسل مان هو، سو
بابلين جي ملڪ تي بادشاهہ مقرر ٿيو. 2 سندس بادشاهيءَ جي
پهرين سال، مون دانيال پاڪ لکتن جو مطالعو ڪندي يرمياہ نبيءَ
جي ذريعي مليل خداوند جي ڪلام مان ڄاتي ورتو تہ "يروشلم جي
ويراني ستر سالن تائين رهندي." 3 سو مون پنهنجو منهن خداوند
خدا ڏانهن ڪيو، انهيءَ لاءِ تہ سندس راضپي لاءِ روزو رکي، کٿو
ڍڪي ۽ خاڪ تي ويهي ڪانئس دعا گهران ۽ ڪيس منٿ ڪريان.
4 سو مون پنهنجي قوم جا ڏوهہ قبول ڪندي خداوند پنهنجي خدا
کي عرض ڪيو تہ "اي رب، عظيم ۽ هيبتناڪ خدا! تون پنهنجي
فرمانبردارن ۽ محبت رکڻ وارن سان پنهنجي عهد ۽ لافاني شفقت
کي قائم رکين ٿو. 5 اي پروردگار! بيشڪ اسان گناهہ ڪيو آهي،
ڏنگي هلت هليا آهيون ۽ برائيءَ جا ڪم ڪيا اٿئون. اسان بغاوت
ڪئي آهي ۽ تنهنجي قاعدن قانونن کان منهن موڙيو اٿئون. 6 اسان
تنهنجي بندن يعني انهن نبين جي ڳالهہ نہ مڃي آهي، جن اسان
جي بادشاهن، اسان جي سردارن، اسان جي ابن ڏاڏن توڙي ملڪ جي
سڀني ماڻهن کي تنهنجو ڪلام ٻڌايو.
7 اي پروردگار! تون ئي واعدي جو سچار آهين، پر اسين تو سان
ڪيل عهد سان بي‌وفائي ڪري خوار خراب ٿيا آهيون، جيئن اڄوڪي
ڏينهن ظاهر آهي. هائو، اسين يروشلم سميت سڄي يهوداہ جا
رهاڪو، بلڪ ساري بني اسرائيل وارا خوار خراب آهيون، جن کي تو
ويجهن توڙي پري وارن ملڪن ۾ هڪالي ڇڏيو آهي. 8 اي خداوند!
اسين، اسان جا بادشاهہ، اسان جا سردار ۽ اسان جا ابا ڏاڏا شرمسار
آهيون، ڇالاءِجو اسان تنهنجو گناهہ ڪيو آهي. 9 جڏهن بہ اسين
تو کان باغي ٿيا آهيون، تڏهن اي پروردگار، اسان جا خدا! تون اسان
تي رحم ڪندڙ ۽ اسان کي معافي ڏيندڙ ثابت ٿيو آهين. 10 اسان
تو خداوند پنهنجي خدا جو حڪم نہ مڃيو آهي، جو اسان تنهنجي
انهيءَ شريعت تي عمل نہ ڪيو آهي، جيڪا تو پنهنجي بندن، يعني
نبين جي معرفت اسان کي ڏني. 11 هائو، اسان سڄي بني اسرائيل
وارن تنهنجي شريعت جي حد پڪي آهي ۽ تنهنجي فرمانبرداريءَ جو
انڪار ڪندي ڦري ٻئي پاسي ٿيا آهيون. تنهنڪري تنهنجي اها قسم

*پهريون بادشاهہ: يوناني شهنشاهت جو اهو پهريون بادشاهہ گهڻو ڪري "سڪندر اعظم" هو.

16:8 لو 1:19–26 2:9 ير 25:11، 29:10 11:9 شر 27:9–26، 28:17–68

واري لعنت اسان تي اچي پيئي آهي، جيڪا تنهنجي ٻانهي موسيٰ جي
شريعت ۾ لکيل آهي، ڇالاءِ جو اسان تنهنجو گناهه ڪيو آهي. 12 تو
اسان جي خلاف ۽ اسان جي حاڪمن جي خلاف جيڪي به فرمايو
هو، سو اسان تي هڪڙي وڏي آفت آڻڻ سان صحيح ثابت ڪيو آهي،
ڇالاءِ جو جيڪو ڪم يروشلم ۾ ڪيو ويو آهي، سو ساري جهان ۾
ٻيو ڪٿي به ڪين ٿيو آهي. 13 جيئن موسيٰ جي شريعت ۾ لکيل
آهي، تيئن ئي هيءَ ساري آفت اسان تي نازل ٿي آهي. انهيءَ هوندي
به اسان تو خداوند پنهنجي خدا جي رضامندي نه چاهي، جو اسين
پنهنجي بدڪارين کان باز اچون ها ۽ تنهنجي ابدي سچائيءَ ڏانهن
ڌيان ڏريون ها. 14 تو خداوند پنهنجي چوڪسيءَ جي نظر رکندي
اسان تي اها آفت نازل ڪئي آهي، ڇالاءِ جو تون خداوند اسان جو خدا
پنهنجي سڀني ڪمن ۾ جيڪي تون ڪرين ٿو سچار آهين. پر اسان
ئي تنهنجي فرمانبرداري نه ڪئي آهي.
15 هاڻي اي پروردگار، اسان جا خدا! تو اسان پنهنجي قوم کي
زورآور هٿ سان مصر ملڪ مان ڪڍي آندو ۽ پنهنجو نالو قائم ڪيو،
جيڪو اڄ تائين قائم آهي. پر اسان گناهه ڪيو آهي ۽ ڏنگي هلت
هليا آهيون. 16 اي رب! آءٌ تو کي منٿ ٿو ڪريان ته پنهنجي سچائيءَ
سان ڪيل ڪمن موجب، پنهنجي ڪاوڙ، پنهنجو قهر يروشلم جي
شهر تان يعني پنهنجي پاڪ جبل صيئون تان ٽاري ڇڏ، ڇالاءِ جو اسان
جي گناهن ۽ اسان جي ابن ڏاڏن جي بدڪارين جي ڪري يروشلم ۽
تنهنجي قوم پنهنجي سڀني آس‌پاس وارن جي طعنن جو سبب بڻي
آهي. 17 تنهنڪري هاڻي، اي اسان جا خدا! پنهنجي ٻانهي جي دعا ۽
منٿ ٻڌ. اي پروردگار! تون پنهنجي ئي واسطي، پنهنجي انهيءَ اجڙي
ويل مقدس هيڪل تي مِهر جي نظر ڪر. 18 اي منهنجا خدا! پنهنجو
ڪن ڏيئي ٻڌ، پنهنجون اکيون کولي اسان، يعني پنهنجي انهيءَ شهر
جي رهاڪن جي بربادي ڏس، جيڪو تنهنجي نالي پٺيان ٿو سڏجي.
اسين پنهنجا عرض تنهنجي وڏي رحمت جي ڪري تنهنجي حضور
۾ پيش ٿا ڪريون، انهيءَ لاءِ نه ته اسين ان جي لائق آهيون. 19 اي
پروردگار! ٻڌ، اي رب! معافي ڏي، اي ڌڻي! اسان جي ٻڌ ۽ ڪجهه
ڪر. اي منهنجا خدا! پنهنجي نالي جي خاطر دير نه ڪر، ڇالاءِ جو
تنهنجو شهر ۽ تنهنجي قوم تنهنجي ئي نالي پٺيان ٿا سڏجن.“

## جبرائيل جو يرمياه نبيءَ جي اڳڪٿيءَ بابت کولي سمجهائڻ

20 مون دانيال اهو سڀ ڳالهايو پئي ۽ دعا گهري پنهنجا ۽ پنهنجي
قوم بني اسرائيل جا گناهه قبول پئي ڪيا ۽ پنهنجي خدا جي پاڪ
شهر يروشلم جي بحاليءَ واسطي، خداوند پنهنجي خدا جي حضور
عرض پئي ڪيم. 21 هائو، اجا مون دعا ئي پئي گهري ته اهو ئي
شخص جبرائيل، جنهن کي مون اڳ رويا ۾ ڏٺو هو، سو اٽڪل شام
جي قربانيءَ واري وقت تيزيءَ سان اڏامندو مون وٽ آيو. 22 هن
مون کي چيو ته ”اي دانيال! آءٌ هن وقت انهيءَ لاءِ آيو آهيان ته
تو کي *ستر سالن واري اڳڪٿيءَ جو مطلب سمجهايان. 23 تنهنجي
دعا گهرڻ جي شروع ۾ ئي اهو حڪم جاري ٿيو، جيڪو آءٌ تو کي
ٻڌائڻ آيو آهيان، ڇالاءِ جو تون خدا کي ڏاڍو پيارو آهين. تنهنڪري
هاڻي تون غور سان ٻڌ ۽ انهيءَ اڳڪٿيءَ کي سمجهه. 24 تنهنجي
قوم بني اسرائيل ۽ تنهنجي پاڪ شهر يروشلم لاءِ ستر دفعا ستن
ستن سالن جو مدو مقرر ٿيو آهي. جيئن انهيءَ عرصي ۾ منجهائن
خطاڪاري ۽ گناهه ختم ٿي وڃن، هائو، ڪائنن بدڪاري دور ٿي
وڃي. دائمي سچائي قائم ٿئي، تان‌ته رويا ۽ اڳڪٿي سچا ثابت ٿين
۽ هيڪل کي مسح ڪري مخصوص ڪيو وڃي. 25 تنهنڪري ڄاڻي
وٺ ۽ سمجهي ڇڏ ته يروشلم کي وري اڏڻ ۽ آباد ڪرڻ واري حڪم
جاري ٿيڻ کان وٺي، مسح ڪري چونڊيل بادشاهه جي اچڻ تائين ست
دفعا ست ست سال ٿيندا. پوءِ ٻاهٺ دفعا ستن ستن سالن تائين شهر
اندر گهٽيون ۽ قلعي جي چوڌاري حفاظتي کاهيون ٺاهيون وينديون،
جيتوڻيڪ اهي مصيبت جا ڏينهن هوندا. 26 انهيءَ مدي جي آخر ۾
هڪڙو ڌاريو حڪمران ڪاهه ڪري ايندو، جنهن جو لشڪر شهر ۽
انهيءَ مقدس هيڪل کي طوفان وانگر ناس ڪري ڇڏيندو. پوءِ انهن
ٻاهٺ دفعا ستن ستن سالن جي پڄاڙيءَ تائين جنگ هلندي رهندي،
جنهن ۾ اهو چونڊيل بادشاهه قتل ڪيو ويندو ۽ سندس پٺيان ڪو
بادشاهي ڪرڻ وارو نه رهندو. خدا جي طرفان اها بربادي مقرر ڪيل
آهي. 27 اهو ڌاريو حڪمران آخري هڪڙن ستن سالن جي لاءِ گهڻن
ئي ماڻهن سان مضبوط عهد اقرار ڪندو. انهيءَ مدي جي اڌ وقت
گذرڻ تي هو هيڪل ۾ قرباني ۽ نذرانو بند ڪرائي ڇڏيندو ۽ هيڪل
اندر †بربادي آڻيندڙ مڪروهه شيءِ رکي ويندي، ايستائين جو انهيءَ
شيءِ جي رکندڙ تي مقرر ڪيل غضب اچي نازل ٿيندو.“

## فرشتي جو ظاهر ٿيڻ

10 1 فارس جي بادشاهه خورس جي شهنشاهيءَ جي ٽئين سال
مون دانيال عرف بيلطشضر تي هڪڙي ڳالهه ظاهر ڪئي
وئي. اها ڳالهه سچي ته هئي پر اهڙي ڳجهي هئي جو سمجهه ۾ نه
ٿي آئي، تنهنڪري رويا جي ذريعي اها هن ريت مون کي سمجهائي
وئي.
2 انهن ڏينهن ۾ مون دانيال پورن ٽن هفتن تائين سوڳ پئي ڪيو.
3 انهيءَ سوڳ دوران مون نڪي دل گهريو طعام کاڌو، نه گوشت

---

*ستر سالن واري اڳڪٿيءَ: ڏسو دانيال 9:2.

†بربادي آڻيندڙ مڪروهه شيءِ: هن مان مراد هڪ غير قوم جي معبود جو اهو بت يا اها قربان‌گاهه آهي، جيڪا 167 قبل مسيح ۾ هيڪل اندر رکي وئي هئي.

9:21 دان 8:17،18 9:27 دان 11:31، 12:11، مت 24:15، مر 13:14

يا مئي چپن تي رکيم ۽ نہ ئي وري ڪڏهن مون پاڻ کي تيل مکيو،
جيستائين اهي ٽي هفتا پورا نہ ٿيا. 4 سال جي *پهرين مهيني جي
چوويهين تاريخ تي جڏهن آءٌ وڏي ندي دجلہ جي ڪناري تي بيٺو
هوس، 5 تڏهن مون اکيون کڻي نهاريو تہ ڇا ڏسان تہ سنهي وٽيل
سڻيءَ جا ڪپڙا پاتل هڪڙي هستي بيٺي آهي، جنهن جي چيلهہ سان
نج سون جو ڪمربند ٻڌل هو. 6 هن جو بدن هيري جهڙو تجليدار
هو ۽ منهن وڄ جي شعلي جيان چمڪندڙ هوس. سندس اکيون ٻرندڙ
مشعلن جهڙيون هيون ۽ سندس ٻانهون ۽ پير چمڪندڙ پتل جهڙا هئا.
هن جي ڳالهائڻ جو آواز وڏي انبوہ جي گوڙ جهڙو هو. 7 رڳو مون
دانيال ئي اها رويا ڏٺي، جڏهن تہ جيڪي ماڻهو مون سان گڏ هئا تن
اها رويا نہ ڏٺي. پر انهن کي ايتري تہ سخت ڏڪڻي وٺي ويئي جو
پاڻ کي لڪائڻ لاءِ وٺي ڀڳا. 8 اهڙيءَ طرح آءٌ اڪيلو رهجي ويس ۽
اها حيرت‌انگيز رويا ڏسي پريشان ٿي ويس، منهنجي منهن جو رت
ڇڏائي ويو ۽ مون ۾ ڪا طاقت ڪانہ رهي. 9 مون انهيءَ هستيءَ
جي ڳالهائڻ جو آواز ٻڌو ۽ اهو ٻڌندي ئي آءٌ منهن ڀر زمين تي ڪري
پيس ۽ مون کي گهري ننڊ وٺي ويئي.

10 پر پوءِ هڪڙي هٿ مون کي ڇهيو ۽ منهنجي ڏڪندي ڏڪندي
مون کي منهنجي گوڏن ۽ هٿن جي ترين تي اُٿاري ويهاريو. 11 تڏهن
انهيءَ هستيءَ مون کي چيو تہ ”اي دانيال، بيحد پيارا شخص! اٿي
سنئون ٿي بيهہ، آءٌ تو ڏانهن موڪليو ويو آهيان. سو هاڻي جيڪي
ڳالهيون آءٌ تو کي ٻڌايان ٿو سي سمجهي وٺ.“ جڏهن هن مون کي
ائين چيو تڏهن آءٌ ڏڪندو اُٿي بيٺس. 12 پوءِ هن مون کي چيو تہ
”اي دانيال! ڊڄ نہ، چالاءِ جو پهرين ئي ڏينهن، جڏهن تو پنهنجيءَ
دل ۾ ارادو ڪيو تہ انهيءَ ڳجهہ واري ڳالهہ جي سمجهہ حاصل
ڪرين، جنهن لاءِ تو پنهنجي خدا جي آڏو پاڻ کي نماڻو ڪيو، تڏهن
کان وٺي تنهنجي دعا ٻڌي ويئي ۽ آءٌ تنهنجي دعا جي ڪري ئي
موڪليو ويو آهيان. 13 پر †فارس ملڪ جي محافظ فرشتي ايڪيهن
ڏينهن تائين منهنجو مقابلو ڪيو. مگر ميڪائيل جيڪو وڏن فرشتن
مان هڪ آهي، تنهن اچي منهنجي مدد ڪئي، ڇوتہ آءٌ اتي فارس
جي محافظ فرشتي وٽ روڪجي ويو هوس. 14 هاڻي آءٌ تو کي اهو
سمجهائڻ آيو آهيان تہ ايندڙ ڏينهن ۾ تنهنجيءَ قوم تي ڇا گذرندو،
ڇالاءِ جو هيءَ رويا مستقبل جي باري ۾ ئي آهي.“

15 جڏهن هو مون سان ڳالهائي رهيو هو، تڏهن آءٌ پنهنجون نظرون
جهڪائي ڌرتيءَ ۾ هٽي بيٺو رهيس ۽ ڳالهائي ڪين ٿي سگهيس.
16 تڏهن ڇا ڏسان تہ آدمزاد جهڙي هڪڙي شخص اچي منهنجي چپن
کي ڇهيو تہ آءٌ ڳالهائڻ جهڙو ٿيس ۽ جيڪو فرشتو منهنجي اڳيان
بيٺو هو تنهن سان ڳالهائيندي کيس چيم تہ ”اي منهنجا آقا! هن
رويا جي ڏسڻ سبب ايتري تہ تڪليف ٿي اٿم جو ڄڻ تہ ويم جهڙن
سورن اچي ورتو آهي ۽ مون ۾ ڪا طاقت ڪانہ رهي آهي. 17 تڏهن
هي ٻانهو تو آقا سان ڪيئن ڳالهائي ٿو سگهي؟ هائو، مون ۾ بلڪل
طاقت ڪانہ رهي آهي، بلڪ ساهہ ئي ڇڏائي ويو اٿم.“ 18 تڏهن
انهيءَ آدمزاد جهڙي شخص وري بہ مون کي ڇهيو ۽ مون کي طاقت
بخشيائين. 19 پوءِ مون کي چيائين تہ ”اي بيحد پيارا شخص! ڊڄ
نہ، شل تون سلامت رهين، هاڻي مضبوط ۽ همت وارو ٿيءُ.“ هن
جڏهن مون کي ائين چيو تہ مون ۾ طاقت اچي ويئي. سو کيس چيم
تہ ”جيئن تہ توهان مون کي طاقت عطا ڪئي آهي، سو هاڻي ڀلي
منهنجو آقا مون سان ڳالهائي.“

20–21 تڏهن منهنجي اڳيان بيٺل هستيءَ مون کي چيو تہ ”ڇا تو
کي خبر آهي تہ آءٌ تو وٽ ڇالاءِ آيو آهيان؟ آءٌ تو وٽ انهيءَ لاءِ آيو
آهيان تہ تو تي اها ڳالهہ ظاهر ڪريان جيڪا ’حق جو ڪتاب‘ ۾
لکيل آهي. پر ڏس، مون کي فارس جي محافظ فرشتي سان وڙهڻ
لاءِ جلد ئي موٽي وڃڻو آهي ۽ منهنجي اتان نڪرڻ سان ئي يونان
جو محافظ فرشتو اچي مون تي حملو ڪندو. جڏهن تہ اوهان بني
اسرائيل جي محافظ فرشتي ميڪائيل کان سواءِ ٻيو ڪوبہ ڪونهي

11 جيڪو هنن جي خلاف منهنجي ڀر ڪٽي. 1 جهڙيءَ طرح
اڳ ۾ دارا مادئيءَ جي بادشاهيءَ جي پهرين سال ميڪائيل
جو ساٿ ڏيڻ ۽ کيس زور وٺائڻ لاءِ آءٌ ئي اُٿي کڙو ٿيو هوس.“

## مصر ۽ شام جون بادشاهتون

2 پوءِ انهيءَ هستيءَ مون دانيال کي چيو تہ ”هاڻي آءٌ تو کي
انهيءَ ڳجهہ واري ڳالهہ جي حقيقت ٻڌايان ٿو. سو ٻڌ، فارس ۾
اڃا ٽن بادشاهن جي حڪومت اچڻي آهي ۽ ان بعد چوٿون بادشاهہ
ٿيندو، جيڪو انهن سڀني کان وڌيڪ دولتمند هوندو. هو دولت ۽
طاقت ۾ ايترو تہ وڌي ويندو، جو پوري شهنشاهت کي يونان جي
بادشاهت خلاف اٿاري کڙو ڪندو. 3 پوءِ هڪڙو ‡زبردست شهنشاهہ
اُٿي کڙو ٿيندو، جيڪو گهڻين ئي بادشاهتن تي حڪومت ڪندو ۽ جيئن
وڻندس تيئن ڪندو. 4 پر جڏهن هو اوج تي پهچندو، تڏهن سندس
شهنشاهت جون پاڙون پٽجي وينديون ۽ اها ٽڪرا ٽڪرا ٿي چئن حصن
۾ ورهائجي ويندي. انهيءَ مان ڪوبہ حصو سندس اولاد کي نہ

*پهرين مهيني: هي يهودي سال جو پهريون مهينو هو، جنهن کي ”نيسان“ چئبو هو. انهيءَ مهيني ۾ عيد فصح ۽ بيخميري مانين جي عيد ملهائي ويندي هئي.

†فارس ملڪ جي محافظ فرشتي: هن رويا ۾ اهو تصور ڏنو ويو آهي تہ هر ملڪ ۽ قوم جي حفاظت لاءِ الڳ الڳ محافظ فرشتا هوندا آهن، جيڪي پڻ ملڪي فوجن وانگر ان ملڪ ۽ قوم جي حفاظت لاءِ پاڻ ۾ جنگ ڪندا آهن.

‡زبردست شهنشاهہ: هي گهڻو ڪري ”سڪندر اعظم“ ڏانهن اشارو آهي.

5:10–6 مڪا 1:13–15، 18:2، 12:19 13:10، 21 مڪا 7:12

ملندو، بلڪ اهي سڀ حصا ٻين جي حوالي ٿيندا. انهن حصن جي
حشمت سندس حڪومت جهڙي نه رهندي.

5 پوءِ مصر جو بادشاهه زور وٺندو. پر سندس فوجي سالارن
مان هڪڙو سالار ساڻس بغاوت ڪري انهيءَ کان به وڏيڪ زور
وارو ٿيندو ۽ ڪانئس وڏي علائقي کي شام جي بادشاهت ۾ شامل
ڪري مٿس حڪومت ڪندو. 6 ڪن سالن گذرڻ کان پوءِ مصر جو
بادشاهه شام جي بادشاهه سان اتحاد ڪندو ۽ انهيءَ کي پنهنجي
ڌيءَ پرڻائي ڏيندو. پر اهو اتحاد جٽاءُ نه ڪندو، ڇوته اها عورت
پنهنجي مڙس، ٻارن ۽ ساڻس گڏ آيل خدمتگارن سميت قتل ڪئي
ويندي ۽ ان بادشاهه جو نسل ئي ختم ٿي ويندو. 7 انهيءَ کان پوءِ
مصر ۾ انهيءَ عورت جي خاندان منجهان هڪڙو پنهنجي پيءُ جي
جاءِ تي مصر جو بادشاهه ٿيندو. هو شام جي بادشاهه جي لشڪر
تي حملو ڪندو ۽ سندس قلعي ۾ گهڙي کيس شڪست ڏيندو. 8 هو
انهن جي معبودن جا بت ۽ پلٽيل مورتيون ۽ ڪين نذر ڪيل سون ۽
چانديءَ جا ٿانوَ مالِغنيمت طور پاڻ سان مصر کڻي ويندو. ڪجهه
سالن تائين سانت ۾ رهڻ کان پوءِ 9 شام جو بادشاهه مصر ملڪ تي
ڪاهه ڪري ايندو، پر پويان پير ڪري پنهنجي ملڪ موٽي ويندو.

10 هن کان پوءِ شام جي بادشاهيءَ تي ايندڙ سندس پٽ به جنگ لاءِ
تياري ڪندي وڏا لشڪر گڏ ڪندا رهندا. انهن مان هڪڙو زبردست
ٻوڏ وانگر مصر تي ڪاهي ايندو ۽ جنگ ڪندي ڪندي شاهي قلعي
تائين پهچي ويندو. 11 تڏهن مصر جو بادشاهه ڏاڍو ڪاوڙبو ۽ نڪري
اچي شام واري بادشاهه سان وڙهندو ۽ انهيءَ جي وڏي ڪٽڪ کي
شڪست ڏيئي هٽ ڪندو. 12 انهيءَ وڏي ڪٽڪ کي شڪست ڏيڻ
سان مصر جي بادشاهه جي دل ۾ مغروري اچي ويندي. پر جيتوڻيڪ
هو لکين سپاهين کي قتل ڪندو، تنهن هوندي به سندس حاصل
ڪيل فتح مڪمل نه هوندي، 13 ڇالاءِجو شام جو بادشاهه موٽي وڃي
وري اڳي کان به وڏو لشڪر گڏ ڪندو. ڪجهه سالن جي عرصي
کان پوءِ هو هڪڙي وڏي لشڪر کي پوريءَ طرح مسلح ڪري مصر
تي وري اچي ڪاهه ڪندو. 14 انهن ڏينهن ۾ گهڻا ئي ماڻهو مصر
جي بادشاهه خلاف اُٿي کڙا ٿيندا ۽ تنهنجيءَ قوم بني اسرائيل جا
ڪي فسادي ماڻهو به اٿندا، تانته سندن رويا پوري ٿئي. پر اهي
ناڪام ٿيندا. 15 پوءِ شام جو بادشاهه ڪاهه ڪري ايندو ۽ شهر جي
ديوار سان لڳولڳ دِڪا ٻڌي هڪ مضبوط قلعي واري شهر کي هٿ
ڪري وٺندو. مصر جا سپاهي جنگ جاري رکي نه سگهندا، بلڪ
انهن جي چونڊ جوانن ۾ به مقابلي جي طاقت نه هوندي. 16 ڪاهه
ڪري ايندڙ شام جي بادشاهه کي جيئن وڻندو تيئن ڪندو، ڪوبه
انهيءَ جي سامهون بيهي نه سگهندو. هو انهيءَ *شانائتي ملڪ ۾
رهي پوندو ۽ انهيءَ کي تباهه ڪرڻ جي سگهه رکندو.

17 شام جو بادشاهه اهو ارادو ڪندو ته پنهنجي بادشاهت جي
انهيءَ حشمت کي پوريءَ طرح قائم رکي. ان لاءِ هو مصر جي
بادشاهه سان اتحاد ڪندو ۽ کيس پنهنجي ڌيءَ پرڻائيندو، تانته اها
سندس بادشاهيءَ جي تباهيءَ جو سبب بڻجي. پر سندس اها تدبير
ڪامياب نه ٿيندي ۽ کيس ڪو فائدو نه ٿيندو. 18 تنهن کان پوءِ هو
سامونڊي علائقي وارين قومن ڏانهن رخ ڪندو ۽ انهن مان گهڻين
تي فتح حاصل ڪندو. پر ٻئي ملڪ جو هڪڙو فوجي سالار کيس
شڪست ڏيئي هن جو غرور ٽوڙي ڇڏيندو. هائو، هو شام جي بادشاهه
کي سندس غرور جو مزو چکائيندو. 19 تڏهن شام جو بادشاهه موٽي
پنهنجي ئي ملڪ جي قلعن ۾ وڃي پناهه وٺندو، پر کيس پوريءَ
طرح شڪست ملندي ۽ سندس خاتمو ٿي ويندو.

20 پوءِ هن جي جاءِ تي هڪڙو ٻيو بادشاهه اٿندو، جيڪو پنهنجي
شاهي دٻدٻي کي قائم رکڻ لاءِ پوري شهنشاهت مان محصول اُڳاڙڻ
واسطي هڪڙو عملدار موڪليندو. پر انهيءَ بادشاهه کي ٿوري
عرصي ۾ بنا ڪنهن جنگ جي ماٺ ميٺ ۾ ماري چٽ ڪيو ويندو."

## شام جو نيچ بادشاهه

21 انهيءَ هستيءَ مون دانيال کي وڌيڪ چيو ته "انهيءَ بادشاهه
جي جاءِ تي هڪڙو نيچ ماڻهو شام جو بادشاهه بڻبو، جيڪو بادشاهيءَ
جو حقدار نه هوندو. پر اهو اوچتو ئي اوچتو اچي ويندو ۽ چالبازيءَ
سان بادشاهيءَ تي قبضو ڪري وٺندو. 22 هو زبردست لشڪرن کي
پنهنجي اڳيان ٻُهاري نيست وَ نابود ڪري ڇڏيندو، ايتري قدر جو
مقدس هيڪل جي سردار ڪاهن کي به نه ڇڏيندو. 23 هو ٻين قومن
سان معاهدن جي آڙ ۾ دغابازي ڪندو ۽ ٿورن ئي ماڻهن جي مدد سان
مضبوط کان مضبوط ٿيندو ويندو. 24 هو پنهنجي ملڪ جي آس‌پاس
وارن شاهوڪار علائقن تي اوچتو ئي اوچتو ڪاهه ڪري ويندو ۽ اهو
ڪجهه ڪندو جيڪو هن جي ابن ڏاڏن مان ڪوبه ڪري نه سگهيو
هوندو. هو پنهنجن ۾ لُٽ ڦُر جو مال ۽ ٻيو مال‌متاع ورهائيندو ۽
مضبوط قلعن جي خلاف رٿون رٿيندو. مگر اها ڳالهه رڳو ٿوري
عرصي تائين هلندي.

25 هو وڏي طاقت ۽ همت جهلي هڪڙو وڏو لشڪر ساڻ ڪري مصر
جي بادشاهه سان وڙهڻ لاءِ اٿندو. مصر جو بادشاهه به نهايت وڏي
۽ زور واري لشڪر سان جنگ ڪرڻ لاءِ نڪري ايندو. پر مصر جو
بادشاهه بيهي نه سگهندو، ڇالاءِجو هن جي خلاف سازشون جوڙيون
ويون هونديون. 26 هائو، جيڪي سندس نمڪ کائيندا هوندا، سي ئي
کيس اهڙو برباد ڪندا جو سندس گهڻا ئي سپاهي قتل ٿي ويندا.
اهڙيءَ طرح سندس لشڪر ٻُهارجي ويندو. 27 باقي هنن ٻنهي بادشاهن
جي دل ٻچڙائيءَ ڏانهن راغب هوندي. هو هڪڙي ئي دسترخوان تي
ويهي هڪٻئي سان ڪوڙ ڳالهائيندا. پر انهن کي ڪوبه فائدو نه

*شانائتي ملڪ: يعني بني اسرائيل جو پنهنجو ملڪ.

ٿيندو، ڇالاءِجو ايندڙ وقت ۾ ٿيڻ وارين ڳالهين جو خدا اڳ ئي
وقت مقرر ڪري ڇڏيو آهي. 28 تنهن بعد شام جو بادشاهه گهڻو ئي
مالِغنيمت ڪٺي پنهنجي ملڪ ڏانهن موٽندو. پر جيئن ته هن جي دل
انهيءَ عهد جي خلاف هوندي، جيڪو خدا ۽ سندس قوم جي وچ ۾
ٿيل آهي، سو بني اسرائيل جي ملڪ وٽان گذرندي جيئن وٽندس تيئن
ڪين نقصان پهچائيندو ويندو.

29 پوءِ مقرر ٿيل وقت تي هو وري مصر تي حملو ڪرڻ نڪرندو،
پر جيئن اڳي ڪامياب ٿيو هو تيئن هاڻي نه ٿيندو. 30 ڇالاءِجو رومي
لشڪر سامونڊي جهازن ۾ چڙهي سندس مقابلي لاءِ نڪري ايندا،
تنهنڪري هو دل هاري ويهندو. تڏهن هو موٽندي اها ڪاوڙ خدا
۽ سندس قوم جي وچ ۾ ٿيل عهد تي ڇنڊيندو، جڏهن ته انهن
ماڻهن جي پاسخاطري ڪندو جيڪي انهيءَ عهد کان ڦري ويا هوندا.
31 سو هو مقدس هيڪل ۾ پنهنجي فوج بيهاري بني اسرائيل جي
انهيءَ پناهه‌گاهه جي بي‌حرمتي ڪندو. هو روزانو واريون قربانيون
بند ڪري ڇڏيندو ۽ *بربادي آڻيندڙ مڪروهه شيءِ اتي رکندو. 32 جن
انهيءَ عهد جي خلاف‌ورزي ڪئي هوندي، تن کي هو چالبازيءَ سان
پاڻ ڏانهن ڦيرائي آڻيندو. پر جيڪي ماڻهو پنهنجي خدا کي سڃاڻين
ٿا، سي ثابت‌قدم رهندي سندس مقابلو ڪندا. 33 انهن ۾ جيڪي
ڏاها اڳواڻ هوندا، سي گهڻن ئي ماڻهن کي سمجهائيندا. پر ڪجهه
عرصي تائين انهن اڳواڻن مان ڪن کي باهه ڏيئي يا تلوار سان قتل
ڪيو ويندو، يا ڪن کي قيد ڪيو ويندو يا ڦُريو لٽيو ويندو. 34 انهن
ثابت‌قدم رهڻ وارن کي سندن مصيبت واري وقت ۾ ٿورا گهڻا ماڻهو
اچي ٽيڪو ڏيندا، پر انهن ۾ گهڻا ئي مطلبي ماڻهو هوندا. 35 بيشڪ
انهن ڏاهن اڳواڻن منجهان ڪي ماريا ويندا. پر ان جو نتيجو اهو
نڪرندو جو اهي ثابت‌قدم رهڻ وارا سڌريل ۽ پاڪ صاف ٿي ويندا،
ايستائين جو ايندڙ وقت ۾ ٿيڻ واريون ڳالهيون پوريون ٿين، جن جو
خدا اڳ ئي وقت مقرر ڪري ڇڏيو آهي.

36 سو شام جي بادشاهه کي جيئن وڻندو تيئن ڪندو. هو پاڻ کي
پڏائيندو ۽ هر معبود کان پاڻ کي وڏو چوائيندو ۽ تڪبر وچان معبودن
جي معبود خدا بابت ڪفر بڪندو. هو تيستائين ڪامياب رهندو،
جيستائين مٿس خدا جو غضب اچي نه ڪڙڪي. بيشڪ جيڪي مقرر
ڪيو ويو آهي، سو ضرور ٿيندو. 37 اهو بادشاهه نه پنهنجي ابن
ڏاڏن جي معبودن ڏانهن ۽ نڪي †عورتن جي وڻندڙ معبود ڏانهن ڪو
ڌيان ڏيندو. هائو، هو ڪنهن به معبود جو لحاظ نه ڪندو، بلڪ هو
پنهنجو پاڻ کي ئي سڀني کان مٿاهون ڪندو. 38 تنهن هوندي به هو
قلعن جي معبود کي تعظيم ڏيندو. هائو، جنهن معبود کي سندس ابا
ڏاڏا به نه سڃاڻيندا هوندا، تنهن کي هو سون، چاندي، هيرا جواهر
۽ قيمتي شيون نذرانو ڏيئي سندس احترام ڪندو. 39 انهيءَ ڌارئي
معبود جو نالو استعمال ڪندي هو پنهنجي قلعن جي حفاظت ڪندو.
جيڪي انهيءَ معبود کي مڃيندا، تن جي عزت هو گهڻي وڌائيندو ۽
ڪين گهڻن مٿان حاڪم مقرر ڪندو ۽ انعام طور ڪين زمين ورهائي
ڏيندو.

40 شام جو بادشاهه جنهن جي پڇاڙيءَ وارو وقت اچي پهچڻ
وارو ٿيندو، تنهن سان مصر جو بادشاهه اچي ٽڪرائبو. پر شام
جو بادشاهه واچوڙي وانگر جنگي گهوڙي گاڏين، گهوڙي سوارن ۽
سامونڊي جهازن سان نه رڳو مٿس اچي ڪڙڪندو، بلڪ ٻين ملڪن
۾ به داخل ٿيندو ۽ ٻوڏ وانگر انهن سڀني کي ٻوڙيندو ويندو. 41 هو
‡شانائتي ملڪ ۾ به گهڙندو ۽ لکين ماڻهن کي قتل ڪري ڇڏيندو.
پر ¶ادوم ۽ موآب ملڪ، بلڪ بني عمون جا مکيه ماڻهو پڻ سندس
هٿان بچي نڪرندا. 42 جڏهن هو ٻين ملڪن تي هٿ ڪڻندو، تڏهن مصر
جو ملڪ به ڪين بچي سگهندو. 43 هو مصر جي سون ۽ چانديءَ
جي خزانن، بلڪ سڀني قيمتي شين تي قبضو ڪري وٺندو. لبيا وارا
توڙي §سوڊاني پڻ سندس تابعدار ٿيندا. 44 پر اوڀر ۽ اتر کان ايندڙ
اطلاع ڪيس پريشان ڪري ڇڏيندا. تڏهن هو ڏاڍي ڪاوڙ مان گهڻن
ئي کي نيست وَ نابود ڪرڻ لاءِ اوڏانهن روانو ٿيندو. 45 هو يونوچ
سمنڊ ۽ شان واري **مقدس جبل صيئون جي وچ تي پنهنجا شاهي
خيما کوڙيندو. پر نيٺ سندس خاتمو ٿيندو ۽ ڪوبه سندس مدد ڪرڻ
وارو نه هوندو.”

## پڇاڙيءَ جو وقت

12 1 مون دانيال کي انهيءَ هستيءَ وڌيڪ چيو ته “انهيءَ
وقت وڏو فرشتو ميڪائيل، جيڪو تنهنجي قوم جي حفاظت
ٿو ڪري سو اٿي ڪڙو ٿيندو. اهو وقت اهڙو ته مصيبتن جو هوندو
جيڪو قومن جي شروعات کان وٺي ان وقت تائين اڳ ۾ ڪڏهن نه
آيو هوندو. انهيءَ ئي وقت تنهنجي قوم ڇوٽڪارو حاصل ڪندي،

*بربادي آڻيندڙ مڪروهه شيءِ: ڏسو دانيال 27:9 جو پيرايو.

†عورتن جي وڻندڙ معبود: گهڻو ڪري هي ٻارن توڙي فصل جي زرخيزيءَ جو ديوتا هو. ٿي سگهي ٿو ته هي بابلين جو تموز ديوتا هجي. ڏسو حزقي‌ايل 14:8.

‡شانائتي ملڪ: يعني بني اسرائيل جو پنهنجو ملڪ.

¶ادوم، موآب ۽ عمون: اهي علائقا اسرائيل ملڪ جي اوڀر ۾ هئا.

§سوڊاني: عبرانيءَ ۾ “ڪُوشي” لکيل آهي، انهن ڏينهن ۾ هنن ماڻهن جو علائقو موجوده ايٿوپيا ۽ سوڊان ملڪن جي ڪجھ حصي تي مشتمل هو.

**مقدس جبل صيئون: اهو جبل، جنهن تي يروشلم ۾ مقدس هيڪل ٺهيل هو.

31:11 دان 27:9، 11:12، مت 15:24، مر 14:13 36:11 2.تس 2:3–4، مڪا 5:13–6 1:12 مت 21:24، مر 19:13، مڪا 14:7، 7:12

هائو، اهي سڀيئي جن جا نالا خدا جي ڪتاب ۾ لکيل آهن. 2 جيڪي
مٽيءَ ۾ وڃي ستا آهن، تن مان گھڻا ئي وري جاڳي اٿندا. انهن
مان ڪن کي دائمي حياتي ملندي، ته ڪي وري هميشه جي ذلت وَ
خواريءَ ۾ وڃي ڪرندا.

3 ڏاها ماڻهو آسمان جي نور جيان چمڪندا،
جن جي ڪوشش سان گھڻيئي سچائيءَ جي پاسي آيا هوندا.
اهي ڏاها ماڻهو هميشه هميشه لاءِ تارن وانگر پيا چمڪندا.

4 هاڻي اي دانيال! انهن رويائن وارين ڳالهين جي ڪتاب کي بند
ڪري رک ۽ پڇاڙيءَ واري وقت تائين مٿس مُهر هڻي ڇڏ. انهيءَ
دوران گھڻا ئي ماڻهو انهن ڳالهين کي سمجھڻ لاءِ پيا اجائي ڊڪ
ڊوڙ ڪندا.”
5 تڏهن مون دانيال نهاريو ته ٻيا ڏسان ته ٻه شخص پيا ٻه بيٺا
آهن، هڪڙو درياءَ جي اورين ڪناري تي ۽ ٻيو پرين ڪناري تي.
6 جيڪا هستي سنهي وڻيل سٽيءَ جا ڪپڙا پايو درياءَ جي مٿاهين
پاسي تي بيٺي هئي، تنهن کان هڪڙي پڇيو ته “هنن عجيب ڪمن
جي پڇاڙيءَ ۾ ڪيترو عرصو باقي آهي؟” 7 تڏهن انهيءَ هستيءَ
پنهنجو ساڄو ۽ کاٻو ٻئي هٿ آسمان ڏانهن ڪنيا ۽ مون ٻڌو ته هن
هميشه جيئري رهندڙ خدا جو قسم کڻي چيو ته “اهو عرصو *ساڍن
ٽن سالن تائين هوندو. خدا جي قوم جو زور ڀڃي پورا ٽيڻ تي اهي
سڀ ڳالهيون پوريون ٿي وينديون.”
8 مون ٻڌو ته سهي، پر سمجھي نه سگھيس. سو مون انهيءَ
هستيءَ کان پڇيو ته “اي منهنجا سائين! هنن ڳالهين جو آخر ڪهڙو
نتيجو نڪرندو؟” 9 هن چيو ته “اي دانيال! انهن ڳالهين کي ڇڏي
ڏي، ڇالاءِجو انهن ڳالهين جو ڪتاب هاڻي بند ٿي ويو آهي ۽ پڇاڙيءَ
جي وقت تائين انهيءَ تي مُهر لڳي ويئي آهي. 10 ڏاها ماڻهو ئي
انهن ڳالهين کي سمجھي ويندا. هائو، گھڻا ئي ماڻهو پاڪ ۽ صاف
ڪيا ۽ سڌاريا ويندا. پر بڇڙن مان ڪوبه انهن ڳالهين کي ڪين
سمجھندو. هائو، بڇڙا بڇڙائيءَ جا ئي ڪم ڪندا رهندا.
11 جڏهن هيڪل ۾ روزانو واريون قربانيون بند ڪيون وينديون ۽
†برباديءَ آڻيندڙ مڪروهه شيءِ اتي رکي ويندي، تنهن وقت کان وٺي
‡هڪ هزار ٻه سؤ نوي ڏينهن ٿيندا. 12 سو هاڻي سڀاڳا آهن اهي،
جيڪي هڪ هزار ٽي سؤ پنجٽيهن ڏينهن تائين ثابت‌قدم رهندا.
13 سو اي دانيال! تون انهن ڳالهين کي ڇڏي ڏي ۽ پنهنجي ڏينهن
پوري ٿيڻ تائين ثابت‌قدم رهه. ڇالاءِجو جيتوڻيڪ تون وڃي آرامي
ٿيندين، تڏهن به زمانن جي پڇاڙيءَ تي پنهنجي اجر حاصل ڪرڻ لاءِ
اُٿي کڙو ٿيندين.”

*ساڍن ٽن سالن تائين: ڏسو دانيال 7:25 پڻ.
†برباديءَ آڻيندڙ مڪروهه شيءِ: ڏسو دانيال 9:27 جو پيرايو.
‡هڪ هزار ٻه سؤ نوي ڏينهن: هي انهن ساڍن ٽن سالن جي عرصي ڏانهن اشارو آهي، جنهن جو ذڪر دانيال 7:25 ۽ 12:7 ۾ ڪيو ويو آهي.

12:2 يس 26:19، مت 25:46، يو 5:29 12:4 مڪا 22:10 12:7 مڪا 10:5، 12:14 12:10 مڪا 22:11
12:11 دان 9:27، 11:31، مت 24:15، مر 13:14